# هڪ سؤ عظيم ڪتاب

ايڊيٽر: جان ڪيننگ



سنڌيڪار: محمد احمد منصور عباسي

سنڌي ادبي بورڊ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# هڪ سؤ عظيم ڪتاب

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هڪ سؤ عظيم ڪتاب

ايڊيٽر

جان ڪيننگ

سنڌيڪار

محمد احمد منصور عباسي

سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو، سنڌ

2012ع

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[ڪتاب جا سمورا حق واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن]

ڇاپو پهريون سال 2012ع تعداد 1000

هن ڪتاب جي ڪنهن به حصي کي، ناشر کان اڳواٽ حاصل ڪيل اجازت کانسواءِ، اليڪٽرانڪ يا ٻئي ڪنهن به طريقي جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم شامل آهن، استعمال نٿو ڪري سگهجي.

هيءُ ڪتاب بورڊ طرفان تيار ڪيل اشاعتي رٿا موجب سنڌ حڪومت جي ساليانيِ ترقياتي پروگرام تحت خصوصي طور شايع ڪيو پيو وڃي. ڪتاب جي اشاعت لاءِ مالي وسيلا سنڌ حڪومت طرفان مالي سال 06-2005ع جي بجيٽ مان فراهم ڪيا ويا.

قيمت: ست سؤ روپيا
(Price. Rs: 700- 00)

خريداريءَ لاءِ رابطو:
سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422)
Email: sindhiab@yaboo.com
www. Sindhiadabiboard.org

ڇاپڻ: ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڇپائيندڙ پاران

هيءُ ڪتاب يورپ جي جاڪوڙي ايڊيٽر جان ڪيننگ جي ڪتاب (100 Great Books) جو سنڌي ترجمو آهي. هِن ڪتاب ۾ يورپ جي نامور ليکڪن جي مختلف موضوعن تي لکيل هڪ سؤ عظيم ڪتابن کي يڪجا ڪري انهن جو تعارف لکيو ويو آهي. جنهن ۾ ناول، تاريخ، فلسفو، نفسيات، مذهب، زولاجي، مضمون، حياتيات، تمثيل، طنز، سياسيات، اقتصاديات، سماجيات ۽ سفرناما وغيره شامل آهن.

ڪتاب جي اهميت کي مدنظر رکندي بورڊ جي پبليڪيشن ڪاميٽيءَ طرفان هِن ڪتاب جو سنڌي ۾ ترجمو ڪرائڻ جو فيصلو رٿيو ويو ۽ اِهو ڪم محمد احمد منصور عباسي صاحب جن کي سونپيو ويو. جنهن وڏيءَ محنت سان هِن ڪتاب جو سولي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري بورڊ جي حوالي ڪيو.

سنڌي ٻوليءَ جي هِن نوجوان سنڌيڪار پرڏيهي ادب جي هِن معياري لکڻيءَ کي انتهائي سهڻي انداز ۾ سنڌي لفظن جو ويس پهرائي سنڌي ادب ۾ ترجمي جي اهميت ۾ اضافو ڪيو آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇاپيندي آئون سُرهائي محسوس ڪري رهيو آهيان. جنهن لاءِ آئون جناب مخدوم جميل الزمان صاحب چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ، جو تهدل سان شڪر گذار آهيان، جنهن پنهنجي مفيد مشورن سان منهنجي رهنمائي ڪري اشاعتي مرحلي کي آسان ڪيو.

اميد آهي ته، اسان جو هيءُ پيار پريو پورهيو پڙهندڙن ادب سان دلچسپي رکندڙن وٽ مانُ لهندو.

20- رجب المرجب 1433هه

11- جون 2012ع

**الهڏتو وگهيو**

سيڪريٽري

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


1. اگھيو ڪائو ڪچ ............ 11
2. تعارف ............ 13
3. ايڊيٽر جو نوٽ ............ 15
4. ايليڊ ............ 17
5. هيرو ڊوٽس جي تاريخ ............ 26
6. پيلو پونيشيائي جنگ جي تاريخ ............ 34
7. ڀڳوت گيتا ............ 45
8. افلاطون جا مڪالما ............ 53
9. ارسطو جو اخلاقيات ............ 62
10. اينيڊ ............ 70
11. پلوٽارڪ جو لائيوز ............ 79
12. پراڻو عهدنامو ............ 87
13. نئون عهدنامو ............ 96
14. قرآن ............ 103
15. ڊوائين ڪاميڊي ............ 110
16. ڪينٽربري ٽيلز ............ 118
17. يوٽوپيا ............ 126
18. دي پرنس ............ 134
19. گارگنٽئا اينڊ پينٽاگروئيل ............ 142
20. مانٽين جا ايسيز Montaigne's Essays ............ 149
21. ڊان ڪئگزاٽ ............ 158
22. لاروشفو ڪالڊ جا مقولا ............ 168
23. پيراڊائيز لاسٽ ............ 175
24. دي پلگرمس پراگريس ............ 182
25. الف ليليٰ ............ 192
26. رابسن ڪروسو ڊينيئل ڊيفو ............ 200


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| 27. | ڳليورس ٽريولز | 209 |
| 28. | ٽام جونز | 217 |
| 29. | دي ايج آف لوئي | 225 |
| 30. | سماجي معاهدو | 234 |
| 31. | دي وڪار آف ويڪ فيلڊ | 242 |
| 32. | دي ويلٿ آف نيشنز | 250 |
| 33. | رومي سلطنت جو زوال ۽ خاتمو | 257 |
| 34. | تنقيد عقل محض | 264 |
| 35. | سموئيل جانسن جي سوانح | 274 |
| 36. | عورت جي حقن جو بچاءُ | 282 |
| 37. | آبادي جي اصول بابت مقالو | 290 |
| 38. | پرائيڊ اينڊ پريجوڊس | 297 |
| 39. | اِوان هو | 308 |
| 40. | سيموئيل پيپيز جي ڊائري | 316 |
| 41. | اسڪارليٽ اينڊ بليڪ | 325 |
| 42. | نوٽري ڊيم ڊي پيرس | 333 |
| 43. | اولڊ گورياٽ | 343 |
| 44. | فرانسي انقلاب | 353 |
| 45. | ڊيڊ سولز | 361 |
| 46. | ٽي بندوقچي | 370 |
| 47. | وينٽي فيئر | 378 |
| 48. | جين آئير | 386 |
| 49. | وُدرنگ هائيٽس | 396 |
| 50. | دي هسٽري آف انگلينڊ | 405 |
| 51. | ڊيوڊ ڪاپر فيلڊ | 413 |
| 52. | دي اسڪارليٽ ليٽر | 423 |
| 53. | موبي ڊڪ | 433 |
| 54. | لاوينگرو | 442 |
| 55. | مادام بووري | 450 |


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| 56. | بارچيسٽر ٽاورز | 458 |
| 57. | آن لبرٽي | 468 |
| 58. | اوريجن آف اسپيشيز | 476 |
| 59. | دي مِل آن دي فلاس | 484 |
| 60. | دي ڪلوئيسٽر ائنڊ دي هرٿ | 492 |
| 61. | فادرز ائنڊ سنز | 500 |
| 62. | وار ائنڊ پيس | 509 |
| 63. | ايلس ايڊوينچرز اِن ونڊرلينڊ | 518 |
| 64. | ڪيپيٽل | 527 |
| 65. | لورنا ڊُون | 535 |
| 66. | رائونڊ دي ورلڊ اِن ايٽي ڊيز | 544 |
| 67. | ائڊوينچرز آف ٽام ساوير | 553 |
| 68. | ڪرامازوف پائر | 562 |
| 69. | پيئر ايٽ جين | 571 |
| 70. | دي گولڊن بف | 580 |
| 71. | ٽيس آف دي ڊي اربروائيلس | 588 |
| 72. | دي انٽر پريٽيشن آف ڊريمز | 597 |
| 73. | ڪِم | 607 |
| 74. | ٽائفون | 616 |
| 75. | دي فور سائيٽ ساگا | 624 |
| 76. | دي هسٽري آف مسٽر پولي | 633 |
| 77. | سنز ائنڊ لوَرز | 643 |
| 78. | رميمبرنس آف ٿنگس پاسٽ | 652 |
| 79. | دي ريولٽ آف دي اينجلز | 660 |
| 80. | دي ٽائون ليبرر | 669 |
| 81. | يولائسس | 677 |
| 82. | ايريئل | 685 |
| 83. | دي ميجڪ مائونٽين | 695 |
| 84. | دي گريٽ گيٽس باء | 704 |


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

.85 اين اميريڪين ٽرئجدي............ 713
.86 اِف اِٽ ڊاءِ............ 722
.87 ٽو دي لائيٽ هائوس............ 733
.88 دي سائونڊ ائنڊ دي فيوري............ 743
.89 اي فيئر ويل ٽو آرمس ............ 752
.90 آل ڪئائيٽ آن دي ويسٽرن فرنٽ............ 760
.91 گڊباءِ ٽو آل دئٽ............ 767
.92 ماءِ ارلي لائيف............ 772
.93 ڪيڪس ائنڊ ايل............ 780
.94 دي ناٽ آف وائيپرز............ 790
.95 بريو نيو ورلڊ............ 799
.96 دي سيون پلرز آف وزڊم............ 807
.97 برائيٽن راڪ ............ 816
.98 دي گريپس آف راٿ............ 824
.99 1984 ............ 832
.100 دي ڪون- ٽڪي ايڪسپيڊيشن............ 841
.101 دي ماسٽرز............ 848
.102 دي اليگزينڊريا ڪئارٽيٽ............ 856
.103 ڊاڪٽر زواگو............ 867


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اڳيون ڪائو ڪچ

ڪجھ ماڻھن کي لدني علم حاصل ٿيندو آھي تہ ڪي ڏاھا ۽ داناءُ ماڻھو پنھنجي ذھني صلاحيتن جي آڌار تي ڪائنات جا اسرار ڳولھي لھندا آھن. پر ماڻھن جي اڪثريت علم ۾ اضافي لاءِ ڪتابن جو سھارو ٺي ونندي آھي. ھر ڪو ماڻھو پنھنجي ذوق ۽ دلچسپيءَ کي سامھون رکندي مذھب، فلسفي، نفسيات، تاريخ، مضمون، سوانح توڙي ناول جا ڪتاب پڙھندو آھي. ھِن ڪتاب کي ڪتابن جو ڪتاب چئي سگھبو جو انھيءَ ۾ انھن مڙني موضوعن بابت مغربي دنيا ۾ لکيل وڏن ڪتابن جو تعارف، تبصرو يا خلاصو ڏنل آھي. اھڙي طرح پڙھندڙ ھڪ ئي جلد ۾ ھڪ سؤ ڪتابن کان واقفيت حاصل ڪري وٺي ٿو.

ڪتاب جو ايڊيٽر جان ڪيننگ ھڪ جاکوڙي ماڻھو ھو جنھن انھيءَ سلسلي جا جملي اوڻيھ ڪتاب تيار ڪيا، جنھن ۾ 100 Great Adventures ۽ 100 Great Kings, Queens and Rulers وغيره شامل آھن. ھِن ڪتاب جي منڍ ۾ ڏنل پنھنجي نوٽ ۾ جيتوڻيڪ اھي ٿي ڳالھيون ڄاڻائي ڇڏيون آھن جن جي آڌار تي ڪنھن ڪتاب کي ھن مجموعي ۾ شامل ڪيو اٿائين ۽ جيتوڻيڪ اھا ڳالھہ بہ ڄاڻائي ڇڏي اٿائين تہ ڪجھ جاين تي سندس پسند ناپسند کي بہ عمل دخل ھو. پر انھيءَ ھوندي بہ اسين انھي ڳالھہ جو واڌارو ضرور ڪنداسين تہ ھن مجموعي لاءِ ڪتابن جي چونڊ دوران سندس لاڙو ناول ڏانھن وڌيڪ رھيو جو ڪتاب جو ٽيھي ليکي فقط چوٿون حصو نان فڪشن (Non fiction) ڪتابن لاءِ مخصوص آھي.

اصل ڪتاب بابت ھيءَ ڳالھہ بہ واضح ڪري ڇڏجي تہ ڪتاب ۾ جملي 19 ماڻھن جا ليک شامل آھن، جن مان اي.رائسٽن پائيڪ جا سڀ کان وڌيڪ يعني 20 ليک آھن. پوءِ رچرڊ گريگوري جا 16، رونالڊسيٽ جا 13، ايڊورڊ ڪروفٽ جا 12 ۽ لارينس ولسن جا 7 ليک آھن. لکندڙن جي ايتري ڪثرت سبب مواد ۾ ھم آھنگي نہ رھي آھي ۽ باريڪ بين پڙھندڙ اھا ڳالھہ نوٽ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري ويندو ته ڪجهه ڪتابن بابت ليک تمام روان، دلچسپ ۽ جاندار آهن ته ڪجهه ليک تمام بوجهل ۽ ٻُسا لڳن ٿا.

هِن مجموعي ۾ شامل ڪتابن جي مقبوليت جو هڪ اهڃاڻ اهو به آهي ته انهن مان پندرهن جي لڳ ڀڳ ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿي چڪا آهن. اردو ۾ ته تمام گهڻا ترجمو ٿي چڪا هوندا. خود هن ڪتاب جو اردو ترجمو ڪجهه ورهيه اڳ منهنجي نظر مان گذريو هو.

هتي پڙهندڙن جي ڄاڻ لاءِ اهو به ٻڌائيندا هلون ته مغرب ۾ عظيم ڪتابن جي فهرستن سان شغف ڪو نئون نه آهي. انسائيڪلوپيڊيا برٽانيڪا ڇپائيندڙ اداري پاران به گريٽ بڪس جي هڪ لسٽ ترتيب ڏنل آهي ۽ اهي هڪ ئي فارميٽ ۾ ڇپيل به آهن. وري اسان سنڌين پاران ٿالهي وٽي تان لاٿل هڪ دانشور اي ڪي بروهي پنهنجي ڪتاب Adventure in Self Expression جي آخر ۾ اهڙن 64 ڪتابن جي هڪ فهرست ڏني آهي جن هن تي اثر وڌو هو. انهيءَ مان هڪ ڪانٽ جو "تنقيد عقل محض" ۽ ٻيو ٽالسٽاءِ جو "وار ائنڊ پيس" هن مجموعي ۾ به شامل آهن.

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پاران ڪجهه ورهيه اڳ تيار ڪيل ترجمن واري اسڪيم ۾ شامل هو. اهو جولاءِ 2010ع ۾ ترجمي لاءِ منهنجي حوالي ڪيو ويو. منهنجي ڀاءُ مسعود حسب معمول ڀال ڀلائيندي لياقت ميموريل لائبريري ڪراچي مان ڪتاب جي فوٽو ڪاپي حاصل ڪري موڪلي ۽ ترجمي دوران به ڪجهه جاين تي ڪي مفيد اشارا ڏنا. انهي لاءِ آءٌ سندس ممنون آهيان.

بورڊ جي سيڪريٽري جناب الهڏتو وگهيو صاحب ڪم جي عمومي نگراني ڪئي ۽ ترجمي دوران توڙ ٻوءِ بورڊ جو پبليڪيشن آفيسر مانوارو سڪندر علي شاهه صاحب ۽ سندس معاون محمد رفيق جمالي صاحب مون سان رابطي ۾ رهيا. انهي لاءِ هو بجا طور شڪريي جا مستحق آهن.

**محمد احمد منصور عباسي**

12 ـ ربيع الاول 1433هه
5 ـ فيبروري 2012ع

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تعارف

مون کي منڍ ۾ ئي هيءَ ڳالهه واضح ڪرڻ گهرجي تہ "هڪ سؤ عظيم ڪتاب" جي هِن جلد لاءِ ڪتابن جي نالن جي سهيڙ جو ڪم مون اڪيلي سر نہ ڪيو آهي. پر فهرست تي نظر وجهڻ سان مون کي نالن جي جيڪا زبري لسٽ نظر اچي ٿي انهي سان مون کي اختلاف بہ نہ جهڙو آهي. جيڪڏهن ڪنهن کي ڪجهہ اهڙن ڪتابن جي مختصر لسٽ ڏيڻ جو چيو وڃي جن مختلف اندازن ۾ يورپ ۽ سموري دنيا جي ثقافتي حساسيت جي صورتگري ڪئي آهي تہ هو شايد ٻن کان بهتر ڪا گائيڊ پيش نہ ڪري سگهندو. اها ڳالهه آهي تہ زنده ليکڪن بابت ايترو سولائي سان ڪو فيصلو نہ ٿو ڏئي سگهجي، پر عظيم مرحومن جا ڪتاب سندن ذات جا ڪرتا لڳاتار خارج ڪندا رهن ٿا.

يورپي ذهني سفر جي هِن جدول سان دوبدو ٿيڻ واقعي هڪ سبق آموز تجربو آهي. ماڻهو سوچي سگهي ٿو تہ ڇا اهڙو بہ ڪو ماڻهو هوندو جنهن اهي سڀ ڪتاب پڙهيا هوندا. هائو! بلاشڪ اهڙا ڪي ماڻهو هوندا. پر بدقسمتي سان آءُ انهي مسرور گروهہ ۾ شامل نہ آهيان. جيڪڏهن پڙهائي جي رٿيل پروگرام ۾ سفر ۽ مهم جوئيون رخنو نہ وجهن ها تہ ڪجهہ وڌيڪ سونجهڙائي سان ڪيترائي ڪتاب پڙهجي سگهيا پئي. مون ارسطو بابت ايترو ايمانداريءَ سان نہ لکيو آهي جنهن جو هو حقدار آهي. منهنجي ملٽن ڏانهن عدم ميلان سبب بہ مون هن سان خطرناڪ حد تائين ناانصافي ڪئي آهي. انهيءَ جو سبب اهو آهي تہ منهنجي ان ۾ دلچسپي پيدا نہ ٿي سگهندي آهي. هو مون کي بور ڪندو آهي. انهيءَ جي باوجود بہ آءُ اقرار ڪريان ٿو تہ جيڪڏهن بين الاقوامي ادبي ڏاهپ جو هي ستارن جو نقشو (Star map

مون کي ٺاهڻو پوي ها تہ آءٌ پنهنجي عدم ميلان کي هڪ پاسي رکي ڇڏيان ها ۽ پنهنجي چونڊ جو بنياد زمانن کان پيدا ٿيل عالمانہ راءِ جي اجتماع کي بڻايان ها. ملٽن منهنجي لاءِ پلي ڪٽي ڪيترو بہ ٿڪائيندڙ ڇو نہ هجي پر عظيم آهي ۽ سندس ڪم روشني جو سرچشمو آهي.

اها ڳالهہ واضح آهي تہ ايتري وڏي پيماني تي سهيڙ جو ڪم انسائيڪوپيڊيائي حدن تي پهچڻ کانسواءِ جامع نہ ٿي سگهي ها. تنهن ڪري انهي رٿا تي جيڪي پابنديون لاڳو ڪيون ويون آهن انهن کي مد نظر رکندي هن تي تنقيد ڪئي وڃي. پر انهن حدن ۾ رهندي اهو اختصار ۽ درستگي سان هڪ بنيادي خاڪو مهيا ڪري ٿو جنهن کي عام ماڻهوءَ جو تهذيب ۽ ثقافت بابت درسي ڪتاب چئي سگهجي ٿو. گڏوگڏ ڪتاب کي موجوده دور جي پڙهندڙ جي تجسس کي تيز ڪرڻ جو ڪم بہ ڪرڻ گهرجي.

**لارينس ڊريل**

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ايڊيٽر جو نوٽ

هڪ عظيم ڪتاب ڇا کي ٿو چئجي؟ مون پنهنجي چونڊ لاءِ ٽي اصول ڪم آندا آهن: پهريون، نمايان ادبي اهميت ٻيون، علم جي مختلف شاخن ۾ تمام اعليٰ درجي جو اصلي فڪر. ٽيون، گهري روحاني بصيرت. هِتي هُتي ورلي ئي ڪو شاهڪار انهن ٽن طبقن ۾ اعليٰ ترين معيار تي پهچي ٿو. ٽنهي طبقن ۾ اعليٰ معيار تي ته اڃا ڪو ڇڏو پاڌو ئي پهچي ٿو. انهن مان اڪثريت انهن ٽنهي طبقن مان ڪنهن هڪ ۾ تمام نمايان مثال جي آهي. (ڪنهن ڪتاب پاران "بيسٽ سيلر" جو درجو حاصل ڪرڻ کي هن ڪتاب ۾ شامل ڪرڻ جي لحاظ کان اهميت نه ڏني وئي آهي.)

اهي ڳالهيون ذهن ۾ رکندي مون پنهنجي لسٽ کي نه فقط زمان ۽ مڪان پر احاطي جي لحاظ کان به وڌ ۾ وڌ وسيع ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اهڙيءَ طرح ناول، تاريخ، فلسفو نفسيات، مذهب، زولاجي، مضمون، حياتيات، تمثيل، طنز سياسيات، اقتصاديات، سماجيات ۽ سفر ناما سڀني کي جاءِ ملي وئي آهي.

مون پنهنجي دائري مان ڊرامن ۽ نظمن جي ڪتابن کي ڄاڻي واڻي خارج ڪيو آهي. پر مون به حد بنديون پاڻ ئي لاڳو ڪيون آهن.

پهرئين ته شامل ڪيو ويندڙ ڪتابن جو تعداد هو. جيڪڏهن ڪتابن جو تعداد هڪ سؤ کان چڱو وڌي به وڃي ها ته به آءٌ مجبوراً وڏي اهميت وارن ڪتابن کي به خارج ڪريان ها. مون کي چڱيءَ طرح خبر آهي ته مون ڪهڙيون شيون شامل نه ڪيون آهن. جڏهن ڪا اهڙي سهيڙ عمل ۾ ايندي آهي جنهن کي عملي طور عالمي ادبي شارٽ لسٽ چئي سگهجي ته انهيءَ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ مقابلو تمام سخت ٿي سگهي ٿو ۽ جڏهن گهٽ وڌ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

برابر اهميت وارن ڪتابن جي چونڊ جو مسئلو سامهون آيو جيئن عام رواجي طور ٿيندو آهي تہ مون بہ انهي ڪتاب جي چونڊ ڪئي جنهن لاءِ مون کي ذاتي ترجيح هئي.

ڪڏهن ڪڏهن تہ خود مواد بہ مسئلو ٿي پيدا ڪيو. مثلاً "پرنسيپيا ميٿ مٿيڪا" يا "دي جنرل ٿيوري آف رليٽيوٽي" جي اهميت بابت تہ ڪو شڪ شبهو نٿو ٿي سگهي، پر منهنجي خيال ۾ تہ اهي ڪتاب عام ماڻهن آڏو پيش نہ ٿا ڪري سگهجن. تنهن ڪري انهن کي هن ڪتاب ۾ جاءِ نہ ڏني وئي آهي.

هاڻي جيڪي ڪتاب شامل ڪيا ويا آهن، انهن بابت ڪجھ ڳالهيون: ڪتي ڪتي ائين ڏسڻ ۾ ايندو تہ پڙهندڙ کي پنهنجي پئسن جو واڌو مُلهہ ملي رهيو آهي. چاڪاڻ تہ ڪجھ جاين تي هڪ باب ۾ هڪ کان وڌيڪ ڪتابن بابت بيان اچي وڃي ٿو. جتي بہ جلد گڏجي هڪ فني طور جامع شيءِ ناهين ٿا، اتي مون ائين ڪيو آهي.

ڪتاب لکت ۾ اچڻ جي لحاظ کان زماني ترتيب ۾ آهن ۽ پوءِ وري انهن جي ڇپائي هيٺ اچڻ کي مدنظر رکيو ويو آهي. فقط پراڻو عهدنامو انهي قاعدي کان هٽيل آهي جنهن ۾ مون سوچيو تہ منطقي تقاضا مطابق انهي کي سلسلي کان هٽي نئين عهدنامي کان اڳ ۾ رکيو وڃي.

**جان ڪيننگ**

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هڪ سؤ عظيم ڪتاب

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ضم ٿي ويون جيڪا امن امان جي لحاظ کان تہ وڌيڪ پر شان و شوڪت جي لحاظ کان گهٽ هئي. اڳ ۾ جنهن حڪومت جي حيثيت اميرن جي ڪانفيڊريسي جي هوندي هئي جنهن ۾ هڪ وڏو سردار سيني جو غير متنازع اڳواڻ هوندو هو انهي جي جاءِ تي اهڙي اشرافيہ (Aristocracy) اچي وئي جنهن ۾ سڀ امير برابر هئا. مختصر طور چئجي تہ بادشاهي نظام جي جاءِ تي اشرافيہ نظام اچي ويو.

چمڪدار مستقبل نہ پر شاندار ماضي تي نظر رکيو ايندڙ زوال پذير حڪمران طبقي جو اهو پس منظر اهو سمجهڻ جي ڪليد مهيا ڪري ٿو تہ اوائلي عوامي گيتن مان ايليڊ ۽ اوڊيسي ڪيئن پروان چڙهيا هوندا.

وطن ڇڏي آيل اخائي امير جيڪي آيونيا ۾ پنهنجي زندگي مان ڀرپور مزا ماڻي رهيا هئا اهي اڃا پنهنجن لوڪ گيتن ۽ شاعري کي سيني سان لڳايو ويٺا هئا. پر انهن گيتن جي مواد کي هاڻي تبديل ٿيڻو هو ڇاڪاڻ تہ هاڻي ٻڌندڙن تي غير اتساهڪ حال يا ناخوشگوار ويجهي ماضي جي گيتن اثر نہ پئي وڌو. انهن پنهنجن روايتي هيرن جي ڪارنامن ۽ انهن ڏينهن جا گيت ٻڌڻ پئي گهريا جڏهن انهن جا مهم جو ابا ڏاڏا سندن دنيا جا حاڪم هئا.

شاعري ڳائڻ جو هنر هڪ نسل کان ٻي نسل تائين منتقل ٿيندو رهيو ۽ اهڙي طرح بهادري جي ڪارنامن جي دور بابت مختصر گيتن جو هڪ مجموعو تيار ٿي ويو. پر ٻہ خاص موضوع انهن ٻڌندڙن کي خاص طور پسند ايندا هئا جيڪي شاندار ماضي جي يادن تي پروان چڙهيا هئا. (1) ٽراءِ جو محاصرو جيڪو سندن بهادري جا ڪارناما سرانجام ڏيندڙ ابن ڏاڏن جي شهرت ۽ ناموري جو اعليٰ ترين اظهار هو ۽ (2) انهن جي ابن ڏاڏن جون ٻاهرين ملڪن ۾ رولا ڪيون جيڪي هو فاتح ڊوريائين جي سبب ڪرڻ تي مجبور ٿيا هئا. هر سٺي گهراڻي ۾ ڇاول آيونيائي ٽروجن جنگ ۽ ان جي انجام کان واقف هو. پر اهڙو زبردست موضوع ننڍڙن گيتن جي شڪل ۾ شايان شان نموني بيان ٿي نہ ٿي سگهيو. موضوع جي عظمت هڪ اهڙي بياني نظم کي وجود ۾ آندو جنهن خام مواد طور تہ انهيءَ داستان کي ڪتب آندو پر انهيءَ ۾ رزميي واري طوالت تي پهچندي ٻنهي دلپسند موضوعن کي تاريخي حقيقت کان تمام گهٽي شان شوڪت ڏني ڇڏي هيستائين روايتي چارڻ ۽ شعر گو بہ وڌيڪ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باشعور ۽ حساس فنڪار جي روپ ۾ اچي چڪو هو ۽ ان وٽ ايتري باريڪ بيني اچي چُڪي هئي جو هن روايتي ڳالھ جي هڪ اهم واقعي جي چوگرد هڪ تصوراتي منڊ منڊي جڙيو.

اهڙي طرح ايليڊ ـ جنهن جي لغوي معني آهي ايليان (ٽراءِ جي گادي جو هنڌ) بابت نظم ـ محاصري جي فقط هڪ رخ يعني اڪليز جي ڪاوڙ کي بحث هيٺ آڻي ٿو. انهي جي شروعات قيدي عورت بابت تڪرار سان ٿئي ٿي جنهن ۾ هڪ پاسي سڀ کان وڏو اخائي ويڙهاڪ اڪليز آهي ۽ ٻئي پاسي اگاميمنان انهي اخائي فوج جو ڪمانڊر انچيف آهي جيڪا نون ورهين کان ايليان جو محاصرو ڪيو بيٺي آهي. انهي محاصري جو مقصد اگاميمنان جي ڀاءُ مينيلاس جي زال هيلين کي ٽروجن بادشاهه پريام جي پٽ پيرس جي چنبي مان آزاد ڪرائڻو هو.

اگاميمنان اپالو جي پادري ڪريسيس کي ڪاوڙائي وڌو هو ڇاڪاڻ جو هن سندس ڌيءَ کي پنگ عيوض آزاد ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. اها هاڻ اگاميمنان جي ٻانهي هئي. ڪريسيس اپالو کي يونانين کي سيکت ڏيڻ جي درخواست ڪئي ۽ ديوتائن انهن جي مٿان ويا موڪلي ڇڏي. اڪليز هڪ مجلس ڪوٺائي جنهن ۾ هڪ ڏاهي اهو فيصلو ڏنو تہ ڇوڪري پنهنجي پيءُ کي واپس ڪئي وڃي ۽ اپالو لاءِ ڪا ڀيٽا ڏني وڃي. اگاميمنان انهي تي بيدليءَ سان راضي ٿيو پر وري انهي ڳالھ جو پلئہ هيئن پاڙيائين جو اڪليز جي وهاريل ٻانهي بريزيز کي پاڻ وٽ رکي ڇڏيائين.

اڪليز انهي تي ڪاوڙجي ماٺ ميٺ ۾ پنهنجي تمبوءَ ۾ ويو هليو ۽ جنگ ۾ حصو وٺڻ کان نابري واري ڇڏيائين. هن پوءِ پنهنجي آسماني ماءُ ٿيٽس کي عرضداشت ڪئي جنهن ديوتائن جي حاڪم زيوس کي پنهنجي پٽ جو پلاند ڪرڻ تي آماده ڪيو. پهرئين حصي جو تت اهو آهي.

اگاميمنان خواب ڏٺو تہ هو اينڌڙ حملي ۾ ٽراءِ تي قبضو ڪري ويندو ۽ انهي کان پنهنجن جرنيلن کي بہ آگاه ڪري ڇڏيائين. پر انهي کان اڳ هن محاصري لاءِ پنهنجي سپاهہ جي جوش جذبي جو امتحان وٺڻ جو فيصلو ڪيو ۽ سپاهين آڏو بہ ڳالهيون رکيون تہ ڇا هو ٽراءِ فتح ڪرڻ گهرن ٿا يا بنا دير گهر وڃڻ چاهين ٿا. هو اهو ڏسي ڪنبي ويو تہ سندس ماڻهن ڪل خوشي سان واپسي جون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تياريون شروع ڪري ڇڏيون آهن. سندس خواب بہ زيوس طرفان هڪ اٽڪل هئي جيئن سندس غرور ۽ آڪڙ کي حدن ۾ رکي سگهجي (حصو ٻيون). هن حصي ۾ يوناني ۽ ٽروجن فوجن جي تفصيلي فهرست بہ پيش ڪئي وئي آهي ۽ سمجهيو وڃي ٿو تہ اهو هومر پاران نہ پر پڻئين دور ۾ ٻئي ڪنهن پاران ٽيل اضافو آهي.

هاڻي ٻئي فوجون هڪ ٻئي ڏانهن وڌيون (حصو ٽيون) پر ٽروجن ڊر مان پيرس ۽ هيڪٽر جي ڏنل انهي تجويز تي لڙائي رڪجي وئي تہ پيرس ۽ مينيلاس دوبدو لڙائي ڪري معاملي جو فيصلو ڪن. جيڪڏهن پيرس کٽي وڃي تہ هو يلي هيلين کي پاڻ وٽ رکي ۽ يوناني واپس موٽي وڃن. پر جيڪڏهن مينيلاس کٽي وڃي تہ هيلين ۽ سندس سموري ملڪيت يونانين جي حوالي ڪئي وڃي ۽ صلح ڪيو وڃي. پيرس وڙهيو ۽ مينيلاس هٿان شڪست کاڌائين پر محبت جي ديوي ايفروڊائيٽ کيس بچائي ورتو ۽ کيس ٽراءِ ڏانهن موٽائي وئي.

انهي دوبدو لڙائي کانپوءِ پيدا ٿيل صلح ختم ٿي ويو (حصو چوٿون) ۽ اگاميمنان پنهنجي فوج جي جنگي تياري جو معائنو ڪري رهيو هو جو هن جو ڊيوميڊيز سان جهيڙو ٿي پيو. هن ٽروجنس سان موتمار معرڪي ۾ پاڻ کي نمايان ڪري ڏيکاريو هو ۽ ايفروڊائيٽ ديوي جڏهن پنهنجي پٽ کي بچائي وٺي وڃي رهي هئي تہ ان کي بہ وڃي ورتو هئائين. انهي کان سواءِ اينياس (جنهن کي اڳتي هلي ورجل لافاني ڪيو) ۽ ايريز ديوتا کي بہ ورتو هئائين جڏهن هو ٽروجنس جي مدد لاءِ ڊوڪي آيو هو. (حصو پنجون) هيڪٽر هاڻي پنهنجي ماءُ هيڪوبا کي عرض ڪيو تہ هو ايٿينا ديوي کي چئي ٽروجنس جي حمايت ۾ وچ ۾ اچڻ جو چئي (حصو ڇهون) هيڪ ۽ ايليان ۾ هيلين سان ڳالهايو ۽ پيرس ڏانهن هنگامي پيغام موڪليو تہ هو هٿيار بند ٿي پيش قدمي شروع ڪري آخر ڪار هڪ دل ڀڄائيندڙ ٽڪري ۾ هيڪٽر پنهنجي زال اينڊرو ميخ ۽ پٽ ايسٽيناڪس سان اهڙي ماٺهو جي انداز ۾ ڳالهي ٿو جنهن کي خبر هجي تہ سندس ڏينهن پورا ٿي چڪا آهن. ستين حصي ۾ هيڪٽر ۽ پيرس جنگ جي ميدان ڏانهن موٽن ٿا ۽ هيڪٽر يونانين کي للڪار ڪري ٿو تہ ڀل ڪير بہ اچي هن سان دوبدو مقابلو ڪري لشڪر انهي مقابلي لاءِ سڀ کان طاقتور اجيڪس جي چونڊ ڪئي. مقابلو بنا نتيجي ختم ٿي ويو پر پوائنٽن جي لحاظ کان اجيڪس کٽي ويو. انهي کان پوءِ وري صلح ٿي ويو جنهن

دوران ٽروجنس اها تجويز ڏني ته پيرس کي هيلن انهيءَ شرط سان پاڻ وٽ رکڻ جي اجازت ڏني وڃي ته هو سندس سموري ملڪيت تان دستبردار ٿي وڃي. امن جي انهي تجويز کي يونانين حقارت سان رد ڪري ڇڏيو.

هاڻي زيوس ٽروجنس جي پاسي ڏانهن لتوءِ بين سيني ديوتائن کي لڙائي ۾ ڪنهن به قسم جو حصو وٺڻ کان روڪي ڇڏيائين (حصو اٺون). سموري ڏينهن جي لڙائي کان پوءِ يوناني پنهنجي ڪئمپ ۾ ويا هليا. اگاميمنان ڏاڍو دلشڪستو ٿي پيو پر نيسٽر جي صلاح تي اجيڪس ۽ اوڊيسيس کي اڪليز ڏانهن اها آڇ ڏئي موڪليائين ته گذريل سڀ ڳالهيون وساري ۽ معاف ڪري ٿا ڇڏيون. ڪمانڊر انچيف کي اها اميد هئي ته هو پنهنجي سڀ کان وڏي ويڙهاڪ کي ريهي ريبي، سندس رکيل ٻانهي بريزيز واپس ڪري جنگ ۾ واپس آڻي وٺندو ۽ سندس بيعزتي جي تلافي طور قيمتي سوکڙيون پاکڙيون ۽ پنهنجي ڌي جو سڱ ڏيڻ جي پڻ آڇ ڪيائين پر اڪليز صلح جي انهن سيني ڪوشش کي حقارت سان ٺڪرائي ڇڏيو (حصو نائون).

اگاميمنان لاڳيتو پريشان رهڻ لڳو هو ۽ ننڊ به نه ايندي هئس. هن هاڻي پنهنجن سيني اڳواڻن جو اجلاس ڪوٺايو. نيسٽر اها صلاح ڏني ته ٽروجنس جي پوزيشن جو پتو لڳائڻ لاءِ به جاسوس موڪليا وڃن. ڊيوميڊيز فوراً پاڻ کي انهي ڪم لاءِ پيش ڪيو ۽ درخواست ڪيائين ته اوڊيسيس هن سان گڏجي هلي. انهن پنهنجي پُرخطر گشت دوران هڪ ٽروجن جاسوس گرفتار ڪري ورتو جنهن کان کين خبر پئي ته ٽروجن فوج کي ٿيبيس مان ڪمڪ پهچي وئي آهي. دلير يوناني ڪمانڊوز اوندهه جو فائدو وٺندي ڪمڪ تي حملو ڪري ڏنو انهن جي اڳواڻ ۽ ٻارنهن ٻين ماڻهن کي قتل ڪري انهن جي گهوڙن تي قبضو ڪري يوناني ڪيمپ ڏانهن موٽي آيا (حصو ڏهون).

ٻئي صبح جو (حصو يارهون) يوناني فوج وري پيش قدمي ڪئي ۽ ٽروجن به اچي لڙائي ۾ شامل ٿيا. اگاميمنان، ڊيوميڊيز ۽ اوڊيسيس زخمي ٿي پيا. يوناني ڪيمپ ۾ ويا هليا. آخرڪار اڪليز جو ضمير سجاڳ ٿيو ۽ هن پنهنجي پياري دوست پيٽروڪلس کي نيسٽر جي ڪيمپ ۾ زخمين جو تعداد ڏسڻ لاءِ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موڪليو. نيستر اڪليز جي ضد جون ڏاڍيون ميارون ڏنيون ۽ پيٽروڪلس کي عرض ڪيو تہ هو کيس انهي ڳالهہ تي آماده ڪري تہ هو گهٽ ۾ گهٽ پنهنجا ماڻهو تہ معرڪي ۾ موڪلي ۽ پنهنجي دوست کي زره بڪتر بہ پهرائي جيئن ٽروجنس سمجهن تہ اڪيلز جنگ ۾ اچي ويو آهي.

انهي دوران ٽروجنس يوناني ڪئمپ تي حملو ڪري ڏنو ۽ هيڪٽر انهي جي پهرئين دفاعي لائين ٽوڙي (حصو ٻارهون) انهن کي سندن ڪناري تي بيٺل جهازن ڏانهن ڌڪي ڇڏيو. اتي وري اجيڪس هيڪٽر جي رستي روڪ ڪيون بيٺو هو (حصو تيرهون). زيوس اِدا جبل تان لڙائي ڏسي رهيو هو تہ هيرا کيس لولي ڏئي سمهاري ڇڏيو ۽ ٽروجنس پنهنجي آسماني مددگار ڪانسواءِ يوناني صفن مان ڌڪجي ٻاهر ٿي ويا. (حصو چوڏهون) هيڪٽر کي اجيڪس ڌڪ هڻي بيهوش ڪري ڇڏيو. هاڻي زيوس کي ٽروجنس جي خطري جو ادراڪ ٿئي ٿو ۽ اپالو کي حڪم ڪري ٿو تہ هيڪٽر کي هوش ۾ آڻي جيئن نئين سر حملو ٿي سگهي. يوناني وري پنهنجن جهازن ڏانهن ڌڪجي وڃن ٿا (حصو پندرهون) ۽ شڪست جي ويجهو ڏسجن ٿا جو پيٽروڪلس جلدي واپس وڃي ٿو. جيئن اڪليز کان ربهي ربهي سندس زره بڪتر وٺي سگهي. پيٽروڪلس هاڻي ڏهن ماڻهن جي طاقت سان وڙهندي يونانين کي ٽروجنس کي پٺتي ڌڪڻ ۾ مدد ڏئي ٿو پر هو بيوقوفي ڪندي ٽروجنس جي پٺيان انهن جي شهر پناه تائين هليو وڃي ٿو. اتان اپولو خود کيس ڌڪي پٺتي ڪري ٿو ڇڏي ۽ ان کان هٿيار بہ ڦري ٿو وٺي. پوءِ هيڪٽر وچ ۾ پئي کيس قتل ڪري ان جي لاش تان اڪليز جي زره بڪتر لاهي پاڻ پائي ٿو ڇڏي يوناني ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان پيٽروڪلس جو لاش حاصل ڪري وٺن ٿا ۽ مرندا ڍهندا ڪئمپ ڏانهن پنيان پير ڪن ٿا. ڪڏهن هڪ ڌر جي سرسي ٿئي ٿي تہ ڪڏهن ٻي ڌر جي اهڙي طرح سورهين ۽ سترهين حصن ۾ اهو احوال آهي ۽ اينڊڙ ارڙهين حصي ۾ اڪليز جي هوش ۾ اچڻ جو بيان آهي جيڪو پنهنجي پياري پيٽروڪلس جي موت تي ڏک ۾ جڙ تہ چريو ٿي ويو آهي ۽ سندس ماءُ ٿيٽس کي سمنڊ مان ظاهر ٿي کيس تسلي ڏيڻي پوي ٿي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي پٺيان لڳو رهي ٿو. آخرڪار هو پلٽو ڪائي بيهي رهي ٿو ۽ اڪليز تي مرڻ مارائڻ وارو آخري حملو ڪري ٿو ۽ موتمار زخم ڪائي ڪري پوي ٿو. هو مرندي مرندي اڪليز کي اها التجا ڪري وڃي ٿو ته سندس لاش دفن ڪرڻ لاءِ هن جي پيءُ پريام جي حوالي ڪيو وڃي. پر سندس التجا کي ڌڪار سان رد ڪيو وڃي ٿو. اڪليز هيڪٽر جي لاش کي پنهنجي گاڏي جي ڦيٽي سان ٻڌي ڪيمپ ڏانهن گهليندو وڃي ٿو. عالم پناه تي بيٺل ٽروجنس اهو نظارو پنهنجين اکين سان ڏسن ٿا انهن ۾ هيڪٽر جي ڏال اينڊبرو ميخ بہ شامل هئي جنهن کي اها بہ خبر نہ هئي تہ سندس مڙس شهر کان ٻاهر هو. (حصو ٻاويهون).

انهي رات پيٽروڪلس جو روح اڪليز کي عرضداشت ڪري ٿو تہ هو ڪيس جلدي دفنائي جيئن هو Hades ۾ داخل ٿي سگهي. ٻئي ڏينهن تدفين جو نهايت مڪمل انتظام ڪيو وڃي ٿو. جنهن ۾ ٻارنهن جنگي قيدي چتا تي ساڙيا وڃن ٿا_ هومر جي سموري مجموعي ۾ انساني قرباني جو اهو واحد مثال آهي_ ۽ هر قسم جي ورزشي ڪرتبن جا مقابلا ڪيا وڃن ٿا. (حصو ٽيويهون). اڪليز انهن تدفيني راندين جي صدارت ڪري ٿو ۽ انعام ورهائي ٿو. هيڪٽر جو لاش ٻارنهن ڏينهن تائين روزانو پيٽروڪلس جي مقبري جي چوڌاري اعزاز سان گهمايو وڃي ٿو آخرڪار ديوتا وچ ۾ پوڻ جو فيصلو ڪن ٿا جيئن لاش کي ڳرڻ ۽ پڃڻ پرڻ کان بچائي سگهجي. پريام رات جو يوناني ڪيمپ ۾ وڃي اڪليز کي ٻاڏائي ٿو تہ هو ڪيس فديي طور ٻاڻ وٺ رکي سندس پٽ جي لاش کي آزاد ڪري. اڪليز کي ٽيٽس اها عرضداشت قبول ڪرڻ تي قائل ٿي ڪري ۽ هو انهي پير مرد جو همدرديءَ سان آڌرڀاءُ ڪري ٿو. هيڪٽر جي تدفين بابت اشاري سان رزميي جو اختتام ٿئي ٿو.

ايليڊ جي اهميت وارن حصن ۾ پهريون آهي جنهن ۾ عمل لاءِ تحرڪ مهيا ڪيل آهي، ٻيو نائون آهي جنهن ۾ اڪليز صلح جي سچي آڇ کي ٺڏي ٻاڻ کي غلط ثابت ڪري ٿو. جيتوڻيڪ شروعات ۾ ڪيس اگاميمنان سان وڙهڻ ۾ ڪو مُنهن نہ پيو ڏئي سگهجي. انهي کان پوءِ سورهون حصو اهم آهي جنهن ۾ اڪليز جي اجائي ضد سبب سندس سڀ کان پيارو دوست مري وڃي ٿو. ورِي ٻاويهون

حصو اهم آهي جنهن ۾ هيڪٽر جي تذليل ڪئي وڃي ٿي. اها ڳالهه لازماً ذهن ۾ رکي وڃي ته رزميي جا ڪردار جيتوڻيڪ ڪي جذباتي تخليقون نه پر حقيقي آهن پر انهن جو قد ڪاٺ عام رواجي ڪان وڏو آهي. اڪليز ۽ هيڪٽر کي رومانوي رنگ نه ڏنو ويو آهي. هيلن جنهن کي اڳتي هلي ادبي جنسي علامت ٺيٽو هو انهي کي هومر ڪا جنسي ڪشش نه ڏني آهي. اهڙي طرح شاعر پنهنجن ڪردارن جي جانشينن يعني آيوني يوناني جي حڪمرانن جي شان و شوڪت ۾ اضافو ڪيو. پر سندس بهادر ڪردارن جي تصوير ڪشي ۾ اها ڳالهه به هر وقت ذهن ۾ رکي وئي آهي ته اهي بهرحال انسان ئي آهن ۽ موت جي سامهون بيوس ٿي وڃن ٿا.

سڀ ڪان وڏيڪ اها ڳالهه ته بيانيي جي سادگي ۽ يڪ ساريکي، واقعن جي رفتار ۽ شعر جو مجموعي حسن ۽ جمال ايليڊ کي اعليٰ ترين حيثيت ڏياري انهي کي دنيا جي عظيم ترين ادبي ذخيرن مان هڪ ڪري ٿا ڇڏين.

# 2. هيرو ڊوٽس جي تاريخ

جنهن شخص کي تاريخ جو ابو سڏيو وڃي ٿو اهو هڪ يوناني هو. درحقيقت هو خود يونان نه پر هڪ اهڙي يوناني شهر ۾ ڄائو هو جيڪي تنهن دور ۾ ايشيا مائنر جي ساموندي ڪنارن تي پکڙيل هئا. سندس نالو هيرو ڊوٽس ۽ سندس ڄمڻ جو هنڌ هيليڪارنس هو. هو 490 ۽ 480 ق.م جي وچ ۾ پيدا ٿيو. اهو دور انهن ٻن ڪاهن جي وچ وارو آهي جيڪي يوناني سرزمين تي ايرانين ڪيون هيون ۽ جن بابت اڳتي هلي ڪيس پنهنجي تاريخ ۾ بيان ڏيڻو هو.

هو جنهن وقت پيدا ٿيو تڏهن هيليڪارنس ايرانين پاران فتح ڪيل هڪ يوناني ڪالوني هو ۽ ايرانين پاران فتح ڪيل اهڙين ڪالونين پاران پنهنجي آزادي ٻيهر حاصل ڪرڻ جون ڪوششون ئي ايراني سلطنت سان جوٽيل عظيم جنگين جو اهم ڪارڻ هيون. جڏهن 480 ق.م ۾ ايراني شهنشاهه زرڪسيز جي وڏين فوجين جي پسپائي جي نتيجي ۾ اهي يوناني شهر آزاد ٿيا ته اتي سياسي عدم استحڪام جو هڪ دور شروع ٿي ويو ۽ هيرو ڊوٽس تڏهن اڃا نوجوان ئي هو جو ڪيس مجبوراً پنهنجو وطن ڇڏڻو پيو. جيئن ته سندس ڪٽنب هوندي سوندي وارو هو تنهن ڪري هن وٽ سفر ڪرڻ جا وسيلا موجود هئا ۽ هو ڪيترا ورهيه اوير يونوچ جي علائقن، مصر، فلسطين وبندي ميسوپوٽيميا تائين سفر ڪندو رهيو.

تنهن وقت شايد سندس ذهن ۾ اهو هو ته هو ايران سان عظيم جنگ جي تاريخ لکندو پر اڳتي هلي هن پنهنجي رٿا کي وڌائي ڇڏيو ۽ پيو دفعو مصر جو دورو ڪيائين ۽ ذڪرڻ طرف اسوان تائين لهي ويو اولهه ۾ سائرينائڪا تائين ويو هليو ۽ وڏي همٿ ڪري ڪاري سمنڊ جي علائقي تائين ويو هليو جتي هو يوناني ڪالونين ۽ سٿيائي وحشين جي قبيلن سان ڀڻ رابطي ۾ آيو. هو هڪ کان وڌيڪ دفعا ايٿنس ويو جتي عظيم اٿينائي مدبر پيريڪلس سان واقفيت پيدا ڪيائين ۽ چيو وڃي ٿو ته 446 ق.م ۾ پنهنجي تاريخ جو هڪ ٽڪرو عوامي ميڙ ۾ پڙهي ٻڌايو هئائين ۽ ڪيس سرڪاري خزاني مان 10 ٽيليٽ (تقريباً 2000 پائونڊ) انعام به پيش ڪيو ويو هو.

هو پنهنجي زندگي جي آخري ورهين ۾ ڏکڻ اٽلي ۾ ٿُرائي جي يوناني ڪالوني ۾ رهڻ لڳو پر ائين نہ ٿو ڏسڻ ۾ اچي تہ هو ڪڏهن روم يا ٻئي ڪنهن ايٽرسڪن شهر ويو هو. سندس ڪتاب ۾ 429 ق.م کان پوءِ جي ڪنهن بہ واقعي جو ذڪر نہ آهي ۽ سمجهيو وڃي ٿو تہ هو انهي کان چار يا پنج ورهيہ پوءِ فوت ٿي ويو آهي.

سندس زندگي جو وڏو حصو سفر ۾ گذريو ۽ هن پنهنجن سفرن جو وڏو حصو پنهنجي تاريخ لاءِ ڪيو هو. جيئن اڳ ۾ بہ ٻڌايو ويو آهي هن ڪي پنهنجي موضوع کي عظيم جنگ کان اڳتي وڌائڻ جو ڪو ارادو نہ هو پر جيئن جيئن وقت گذرندو ويو تہ هن اهو فيصلو ڪيو تہ هو تاريخ، جاگرافي، نسلي جاگرافي، مذهب، سماجي ريتن رسمن وغيره بابت بہ جيڪا معلومات هٿ ڪري اها پنهنجي تذڪري ۾ شامل ڪندو وڃي. انهي جي نتيجي ۾ قديم دور جو هڪ انتهائي غيرمعمولي شاهڪار منظر تي اچي ويو. هو جيئن تہ پنهنجي لقب "تاريخ جي ابي" جو مڪمل طور حقدار آهي ساڳئي طرح کيس جاگرافي جو ابو بہ ڪوٺي سگهجي ٿو. ظاهر آهي تہ هو تمام پُڇ پُڇ ڪندڙ طبيعت جو مالڪ هو ۽ جيڪا بہ ڳالهہ سندس ڪن تي پئي ٿي اها هن لاءِ ڪارآمد هئي. اهو ڪتاب يوناني ٻولي جي انهي آيونيائي لهجي ۾ لکيل آهي جيڪو ايشيا مائينر جي الهندن ڪنارن تي آباد يوناني ڪالونين ۾ ڳالهايو ويندو هو. انهي جو اسلوب بلڪل سادو صاف ۽ وڻندڙ آهي.

اها حقيقت آهي تہ هيرو ڊوٽس کان اڳ بہ يوناني تاريخ نويس موجود هئا ڪجهہ ليکڪن جاگرافيائي بيان بہ لکيا آهن تہ ڪجهہ ليکڪن لوڪ پسند قصا ڪهاڻيون بہ ٻڌائيون آهن پر اهو سندس ئي اعزاز آهي جو هن اهي ٽئي عنصر پنهنجي تحرير ۾ جمع ڪيا آهن. اها ڳالهہ سندس پهرئين ڪتاب مان چٽي طرح ظاهر ٿئي ٿي جنهن کي هن Clio, the muse of history جو نالو ڏنو آهي.

ڪتاب هن بيان سان شروع ٿئي ٿو تہ هي انهن ڳالهين جو بيان آهي جيڪي هيليڪارنس جو هيروڊوٽس دريافت ڪري سگهيو آهي ۽ هي بيان انهي ڪري ڪيو ويو آهي جيئن يوناني ۽ وحشين (يعني سڀني غير يونانين) پاران سرانجام ڏنل عظيم حيرت انگيز ڪم ماڻهن کان وسري نہ وڃن. پوءِ ايشيا مائينر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي وچولي حصي ۾ لبيا ۾ بادشاهت قائم ٿيڻ بابت هڪ ڏکھو بيان اچي ٿو. انهي کان پوءِ ايراني شهنشاه سائرس پاران انهي جو تختو اونڌو ڪرڻ بابت ڊرامائي تفصيل ڏنو ويو آهي. انهي تاريخي حصي ۾ ايرانين پاران آيونيا ۾ يوناني ڪالونين جي فتح ۽ آخرڪار سائرس جو تختو اونڌو ٿيڻ ۽ مساجيتا سان جنگ ۾ سندس قتل جو بيان به شامل آهي. مساجيتا ڪيسپين سمنڊ جي پسگردائي ۾ رهندڙ هڪ وحشي قبيلو هو.

تاريخي (يا خود ساخته تاريخي) مواد سان ڪيترين ئي بهترين آکاڻيون به گڏ وچڙ لڳيون پيون آهن. اهي آکاڻيون جيتوڻيڪ دلچسپ ۽ وڻندڙ ته آهن پر اهي اينتريون ڪارآمد نه آهن جيترا اهي پيراگراف جن ۾ هيرودوٽس پنهنجي بيان ۾ شامل ٿي ويندڙ ڪيترين ئي قومن جون عادتون اطوار ۽ ريتون رسمون بيان ڪري ٿو.

سڀ کان پهريائين لدبائي اچن ٿا. انهن ماڻهن جون ريتون رسمون بلڪل يونانين جهڙيون آهن سواءِ انهي جي جو اهي پنهنجين ڌيئرن جي پرورش ۽ پالنا اهڙي طرح ڪن ٿا جيئن اهي وڏيون ٿي طوائف ٿين. اهي سڀ کان پهريان ماڻهو هئا جن سون ۽ چاندي جا سڪا ناهيا ۽ سڀ کان پهريان واپاري به اهي ئي هئا. انهن ئي چڪن ۽ هڏين سان کيڏيون ويندڙ رانديون ايجاد ڪيون. بال وارين رانديين جا ڪيترا قسم به انهن ايجاد ڪيا. انهن اهي ڪم اهڙي دور ۾ ڪيا جڏهن انهن جي ملڪ ۾ شديد ڏڪار هو ۽ انهن کي ڪجه نه ڪجه ڪرڻو هو جيئن وقت گذري سگهي ۽ انهن کان بک جا وڏ به وسري سگهن.

پوءِ ايرانين جو بيان آهي. "منهنجي پنهنجي علم مطابق ايرانين جون ريتون رسمون هن ريت آهن. اهي يونانين وانگر ديوتائن جون مورتيون، قربانگاه ۽ مندر نه ٿا ناهين پر اوچن جبلن جي چوٽين تي سڀ کان اعليٰ خدا لاءِ قربانيون رکن ٿا. سالگرهن کي ضيافتن ذريعي ملهايو ويجي ٿو. اهي پورو سارو کائين ٿا پر بنيادي کاڌ خوراڪ بجاءِ عمدين ۽ نفيس کاڌي جي شين ڏانهن رغبت اٿن. اهي شراب جا گهڻا عادي آهن. انهن وٽ اهو ڏاڍو سمجه پريو قاعدو موجود آهي ته جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو نشي جي حالت ۾ ڪو واعدو اقرار ڪيو هجي ته هو انهي جي پاسداري ڪرڻ جو ايستائين پابند نه آهي جيستائين هو ان جي هوش ۾ اچڻ وقت

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توثيق نہ ٿو ڪري انهن کي جيتريون زالون وٽن رکي سگهن ٿا ۽ گڏوگڏ جيترين داشتائن جو خرچ پري سگهن اهي بہ رکي سگهن ٿا. اهي پنهنجن وڏن ڪٽنبن تي فخر ڪندا آهن ۽ پنهنجي اولاد جي تعليم لاءِ وڏيون تڪليفون وٺندا آهن. اهي پنهنجن معاملن ۾ بلڪل سڌا سنوان هوندا آهن ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ کي تمام بيعزتي جي ڳالهہ سمجهندا آهن. هيروڊوٽس جن بہ قومن کان واقف آهي ايراني انهن مان سڀ کان وڌيڪ ٻين قومن جون اهڙيون ريتون رسمون اپنائي ويندا آهن جن کي هو ڪاپي ڪرڻ جي قابل سمجهندا آهن.

هيروڊوٽس جيڪي بہ شهر ڏٺا انهن مان سڀ کان وڌيڪ اهميت وارو شايد بابل هو ۽ هو انهي بابت بيان ڏاڍي پرجوش نموني ڏئي ٿو. شهر جي پسگردائي وارو علائقو ايترو تہ زرخيز هو جو هو انهي بابت سموري چاڻ بيان ڪرڻ کان انهي ڪري پاسو ڪري ٿو جو متان متس ڪير اعتبار ئي نہ ڪري جيستائين اتان جي ماڻهن جو تعلق آهي اهي سوٽي ڪپڙي جون ڊگهيون صدريون ۽ انهن جي هيٺان اوني قميصون پهريندا هئا، وار ننڍا رکندا هئا ۽ وٽندڙ خوشبوئن سان پنهنجي جسم کي سٽيو رکندا هئا. هر ماڻهو کي پنهنجي ذاتي مُهر هوندي هئي ۽ هر هڪ هٿ ۾ هڪ ڊگهو عصا کڻندو هو جنهن جي چوٽي تي صوف، گلاب، عقاب يا اهڙي ڪنهن شي جي شبيهہ نهيل هوندي هئي. هو بابل جي زندگي جي فقط هڪ ڳالهہ کي شرمناڪ سمجهي ٿو. اتان جي هر مقامي عورت کان تقاضا ڪئي ويندي هئي تہ اها پنهنجي زندگي ۾ هڪ دفعو محبت جي ديوي ميلتا (Mylitta) جي مندر ۾ وڃي جسم فروش طور ويهي ۽ ايستائين پنهنجي گهر نہ واپس موٽي جيستائين ڪو اجنبي ان سان ملي ڪو چاندي جو سڪو ان جي جهول ۾ نہ وجهي.

هيروڊوٽس جي ڪتاب جي ٻئين حصي ۾ گهٽي پاڳي مصر جو تفصيلي احوال ڏنل آهي. هو انهي ملڪ کان گهڻو واقف هو. هن لکيو آهي تہ "هن ملڪ ۾ ٻئي ڪنهن بہ ملڪ کان وڌيڪ عجائبات آهن. اهوئي سبب آهي جو هن ملڪ جي بيان کي گهٽي جاءِ ڏيڻ گهرجي. ملڪ جي نہ فقط آبهوا نرالي آهي پر نيل درياء تہ اڃا وڌيڪ نرالو آهي جنهن تي هن ملڪ ۽ هتان جي ماڻهن جو دارومدار آهي." هو مصر جي ماڻهن جي ايجادي ذهن ۽ اتان جي ڪيلينڊر جي بہ ڏاڍي تعريف ڪري ٿو. هو انهن جي مذهب ۾ گهري دلچسپي جو ذڪر ڪري ٿو ۽ اها

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ جيڪڏهن ايراني ڪامياب ٿين ها تہ سياسي جمهوريت ۽ فڪري آزادي جي ميدانن ۾ يونانيين جا تجربا ڪڏهن بہ عمل ۾ نہ اچي سگهن ٿا.

دارا انهيءَ ڏچڪي تي ڪاوڙجي يوناني رياست خلاف هڪ اجا وڏيڪ سگهاري مهم جي رٿابندي ڪئي پر تياريون اجا پوريون ئي نہ ٿيون هيون جو هو فوت ٿي ويو. سندس پٽ زرڪسيز سندس جانشين ٿيو جنهن ڪاهہ جي پاڻ اڳواڻي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. دره دانيال تي هڪ عظيم الشان فوج گڏ ٿي. هيروڊوٽس جي بقول فقط زميني فوج جو انگ ٿي سترهن لک سپاهي هو ۽ انهن ياران يورپ ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ زرڪسيز انهن جو معائنو ڪيو. هيروڊوٽس اسان کي ٻڌائي ٿو تہ جڏهن شهنشاهہ جي ذهن ۾ اها ڳالهہ آئي تہ هڪ سو ورهيہ پوءِ انهن مان ڪير بہ زنده نہ رهندو تہ هو روئي پيو. وڏيڪ اهو تہ هن هيلسپانٽ کي ڪوڙا هڻائڻ جو حڪم ڏنو ڇاڪاڻ تہ هڪ سخت طوفان سندس ٻيڙن کي نقصان پهچايو هو. يورپ ڏانهن ٽپڻ جي مقرر ڏينهن تي "جڏهن سج ابري مٿي ٿيو تہ زرڪسيز هڪ سوني پيالي مان ڪجه شراب سمنڊ ۾ هاريو ۽ سج ديوتا کان دعا گهريائين تہ شال ڪابہ طاقت کيس يورپ کي ان جي آخري حدن تائين فتح ڪرڻ کان نہ روڪي. هن دعا گهرڻ کان پوءِ پيالو هيلسپانٽ ۾ اڇلائي ڇڏيو ۽ انهي سان گڏوگڏ هڪ سون جو وٽو ۽ هڪ ايراني تلوار بہ سمنڊ ۾ اڇلائي ڇڏي پر مون کي اها ڳالهہ سمجه ۾ نہ ٿي اچي تہ هن اهي شيون سمنڊ ۾ پيتا طور اڇلايون هيون يا هن جيئن تہ سمنڊ کي ڪوڙا هڻائي سندس بيعزتي ڪئي هئي ۽ هاڻي کيس پڇتاءُ ٿيو هو ۽ ان جي تلافي طور هن اهي شيون سوکڙيءَ طور ڏنيون هيون. اهڙي طرح اهو طاقتور لشڪر ايشيا مان يورپ ۾ داخل ٿيو ۽ هيروڊوٽس فوجي دستن ۽ انهن جي ساز سامان جو جيڪو بيان ڏنو آهي انهن مان ظاهر آهي تہ اهي ڳالهيون کيس اکين ڏٺن شاهدن کان ئي مليون هونديون.

هراول دستي ۾ ڏهہ هزار ايراني شهسوار هئا جن جي مٿي تي تاج پهريل هئا. سينن تي لوهي ٿالهيون لڳل هئن ۽ ويڪريون شلواروں پهريل هئن. ٻئي ڏينهن هڪ گڏوچڙ لشڪر آيو جنهن ۾ ايراني حڪومت جي سيني قومن جا ماڻهو شامل هئا. ميد جي ماڻهن کي ايراني طرز جون پوشاڪون هيون. اسيرائين کي پتل جا ٽوپلا پهريل هئا. بخترين کي پڳون هيون. سٿين کي نوڪردار ٽوپ ۽ شلواروں

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ زرڪسيز گهڻو ڪجھ ڏسي چڪو هو ۽ جنگ جي هڻ هٽان پنهنجن سپهه سالارن جي هٿ ۾ ڇڏي ايشيا واپس وڃو هليو.

هيروڊوٽس پنهنجي ڪتاب جي نائين ۽ آخري حصي ۾ بيان ڪري ٿو ته ڪجھ سالن جي عرصي ۾ انهن کي به شڪست اچي وئي ۽ اصلي فوج جو فقط هڪ حصو ئي دره دانيال واپس ٽپڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهيو فتحمند يوناني انهن جو پيڇو ڪندا آيا ۽ هيروڊوٽس جي تاريخ به انهي بيان تي پڄاڻي تي پهچي ٿي ته يونانين ايرانين جي يورپ جي سرزمين تي آخري نڪاڻي سيستوس جي شهر تي به قبضو ڪري ورتو. اهڙي طرح اهي ايراني جنگيون جن بابت هيروڊوٽس وڏي شان مان ۽ وطني حب جي جذبي سان بيان ڏنو آهي، سي پڄاڻي تي پهتيون ۽ يورپ کي نجات ملي وئي. ڇاڪاڻ ته پوءِ به جيتوڻيڪ يونانين ۽ ايرانين ۾ ڊگهي عرصي تائين ڇڪتاڻ هلندي رهي پر پوءِ يوناني ئي اڳرائي ڪندا رهيا.

عظيم جنگيون مورخن کي بيمثال موقعا فراهم ڪنديون آهن ۽ هيروڊوٽس لاءِ هي ڳالھ چئي سگهجي ٿي ته اها چوٽي هن تي مڪمل طور سچي ثابت ٿئي ٿي. سيني عظيم مورخن وانگر هن به اها ڳالھ محسوس ڪئي ٿي ته هو ٻن قومن جي وچ ۾ تڪرار نه پر شهنشاهتن جي وچ ۾ ٽڪراءُ ۽ ٻن متضاد حڪومتي سرشتن، ٻن متضاد تهذيبن ۽ ثقافتن جي وچ ۾ مقابلي جو بيان ڏئي رهيو هو.

سندس سموري طويل بيان مان اسان کي هر هنڌ سندس اهو مضبوط عقيدو جهلڪندو نظر اچي ٿو ته هر لڙائي مٿان قدرتي مڪافات عمل جو روح ڦيرا ڏيندو رهي ٿو ۽ قدرت يا ديوتائن طرفان عمل ۾ آندل هڪ اخلاقي قانون به موجود آهي جنهن جي خلاف ورزي زرڪسيز جهڙي طاقتور ۽ مٿي ڦريل بادشاھ کي به ڪو فائدو نه ٿي ڏئي.

# 3. پيلو پونيشائي جنگ جي تاريخ

## ــ ٿيوسيڊائڊز ــ

تنقيدي تاريخ جي بانيڪارابي ٿيوسيڊائيڊز بابت اسان کي اينترو ئي معلوم آهي جيترو هن پاڻ اسان کي ٻڌايو آهي ۽ اهو تمام ٿورو آهي. اها ڳالهه به نوٽ ڪرڻ جهڙي آهي ته هڪ عظيم لافاني يوناني ڏاهي جا ڪلاسيڪل دور ۾ ئي ڪيترا نقال پيدا ٿيا پر ڪيس ڪو به سوانح نگار نه مليو.

هو ادب، آرٽ ۽ فڪر جي سونهري دور يعني 470 ۽ 460 ق.م جي وچ ۾ پيدا ٿيو. اها ايسڪائيلس، سوفوڪليز، يوريپائيڊز، ارسٽوفينز هيروڊوٽس ۽ سقراط جي صدي آهي. پر History of Peloponnesian war جنهن ٿيوسيڊائيڊز کي يوناني ادبيات جي عبادت گاهه ۾ جاءِ ونرائي ڏني آهي انهي ۾ انهن پُر عظمت هم عصرن جي ڪارنامن جو ڪو ذڪر ئي نه آهي. انهي جو سبب اهو آهي ته ٿيوسيڊائيڊز پاڻ کي اهڙين ننڍڙين رياستن جي وچ ۾ جنگين جا واقعا محفوظ ڪرڻ تائين وقف رکيو جيڪي ايراضي ۽ آدمشماري جي لحاظ کان برطانيا جي اڪثر ڪائونٽين کان به ننڍيون هيون. هو چند اهڙن شهرن جي اڳواڻن ۽ اتان جي حالتن جي تبديلي ۾ تمام گهڻو مصروف رهيو جيڪي لنڊن جي پسگردائي وارن علائقن کان به وڏا نه آهن.

پر هڪ مورخ طور سندس عظمت جو سبب اهو آهي ته سندس پڙهندڙ فوراً سندس اسلوب ۽ انداز جي منڊ ۾ منڊ جي وڃي ٿو ۽ جڻ ته کيس اهو يقين ٿي وڃي ٿو ته هو خود به واقعن ۾ شرڪت ڪري رهيو آهي. انهي جو سبب اهو آهي ته ٿيوسيڊائيڊز حالتن جي ڊرامائي انداز ۾ تبديلي جي اهڙي تاريخ ترتيب ڏني آهي جنهن ۾ هو خود اٿيو وينو هو ۽ زندگي گذاري هئائين. هن کي جيتوڻيڪ ڪجه تڪرن تي جنگ کان پوءِ نظرثاني ڪرڻ جو موقعو مليو هو پر درحقيقت هو جڏهن انهي جي واقعن جي تاريخ لکي رهيو هو ته خود کيس به خبر نه هئي ته قصي جو انجام ڪهڙو ٿيندو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنگ جڏهن 431 ق.م ۾ پيڙڪي پئي تہ ٿيوسيڊائڊز جي چمار 30 کان 40 ورهين جي وچ ۾ هئي. انهي جنگ ۾ هڪ پاسي ايٿنز ۽ اتحادي ۽ ٻئي پاسي اسپارٽا ۽ سندس اتحادي هئا. ستاويهہ ورهيہ هلندڙ انهي جنگ جي ٻئي سال ۾ ايٿنز کي هڪ ويا تباهہ ڪري ڇڏيو. ٿيوسيڊائيڊز پاڻ انهي جو شڪار ٿيو پر پوءِ مڪمل طور صحتياب ٿي ويو ۽ 424 ق.م ۾ کيس اٿينائي ساموندي ٻيڙي جي ڪمان ڏني وئي. پر هو ساموندي حڪمت ڪار طور ناڪام ثابت ٿيو. سندس ٻيڙي کي اسپين جي براسيڊاز شڪست ڏئي ڇڏي. ٿيوسيڊائڊز کي ايٿنز واپس گهرائي مٿس مقدمو هلائي جلاوطني جي سزا ڏني وئي. اها جلاوطني ايٿينز جي مڪمل شڪست ۽ 404 ق.م ۾ صلح ٿيڻ تائين جاري رهي.

سندس 27 سالہ جلاوطني بابت فقط اها ڳالهہ معلوم آهي تہ هو پيلو پونيشيا جي ڪيترين ئي جنگ ۾ شريڪ رياستن ۾ وڃي پنهنجي تاريخ لاءِ مواد گڏ ڪندو رهيو. اهو ڪتاب اٺن حصن ۾ ترتيب ڏنل آهي ۽ 411 ق.م ۾ يعني جنگ ختم ٿيڻ کان 6 يا 7 ورهيہ اڳ پورو ٿئي ٿو. ويندي اهو بہ انومان ڪيو ويو آهي تہ مورخ ڪنهن پُرتشدد واقعي ۾ مئو آهي ڇاڪاڻ تہ سندس لکت اوچتو هڪ پيراگراف جي اڌ ۾ ختم ٿي وڃي ٿي. انهي تاريخ کي فقط جنگ جي واقعن جو سن وار تذڪرو نہ ٿو ڪوني سگهجي. اهو پنهنجي دور بابت سياسي رهنما ڪتاب پڻ آهي جنهن ۾ جمهوريت ۽ شهنشاهيت جي خوبين بابت مقالا آهن. سياسي اڳواڻن واتان ڪرايل تقريرون آهن جن ۾ انهي دور جي اهم مسئلن تي بحث ٿيل آهي تہ جنگ کي ڪڏهن برحق قرار ڏئي سگهجي ٿو؟ ڇا مفاهمت ذريعي ڪيل صلح غير مشروط طور آڻ مڃڻ کان بهتر آهي؟ ۽ ڪنهن جمهوري حڪومت ۾ رضاڪارانہ فوجي خدمت يا جبري فوجي نوڪري مان ڪنهن کي ترجيح ڏجي؟

ويهين صدي جو شاگرد ڪتاب ۾ شامل ڪيترن بحثن جي پنهنجي دور جي وڏن بحث مباحثن سان هڪجهڙائي محسوس ڪرڻ کان سواءِ نہ رهي سگهندو. ٿيوسيڊائيڊز واقعي جي بيان دوران پاڻ وچ ۾ نہ ٿو اچي. قصو خود بخود بيان ٿيندو هلي ٿو. هو فقط واقعا بيان ڪري ٿو پوءِ ڊرامي جي اداڪارن کي وچ ۾ آڻي ٿو جيئن انهن جيئن صورتحال ڏٺي آهي ائين پاڻ بيان ڪن. مورخ پنهنجا رايا ڪڏهن بہ وچ ۾ نہ ٿو ٺنبي پر سندس رايا انهن تقريرن جي ذريعي بيان ٿيل آهن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪي هميشه ساڳئي اسلوب ۾ آهن. هو اها وضاحت ڪري ٿو ڇڏي ته: ”مون مقررن ڪان اهو ئي چورايو آهي جنهن جي منهنجي خيال ۾ موقعي تقاضا ڪئي ٿي.“

اسپارٽا ۽ ايٿنز پاڻ تي ڪاهه ڪندڙ ايران خلاف ٻين يوناني رياستن جي اڳواڻي ڪئي هئي ۽ ٻئين ڪاهه ۾ هڪ دور اهڙو به آيو هو (ميراٿون 490) جڏهن ايٿنز اڪيلو بيٺو هو. سندس مثال مان طاقت ونندي ٻيون رياستون به متحد ٿي ويون ۽ ايرانين کي آخرڪار 480 ۾ تڙي ڪڍيو ويو. خطرو ٽري وڃڻ ڪانپوءِ اسپارٽا ايٿنز کي پنهنجو اڳواڻ مڃيندي فاتح اتحاد مان جدا ٿي ويو ۽ اهوئي ٿيو جيڪو ٿيڻو هو يعني اٿينائي سلطنت وجود ۾ اچي وئي. ايٿنز جي اقتصادي طاقت وڌڻ سان ڪيترين وڏين رياستن کي بي آرامي محسوس ٿيڻ لڳي ڇاڪاڻ ته انهي سان ڪجه رياستون سموري يوناني سرزمين کي خطرو پيدا ٿيندو رهيون هيون. اسپارٽا ۽ ايٿنز وچ ۾ 30 ورهين واري امن جي معاهدي سان اهو خطرو ٽري ويو ڇاڪاڻ ته پوءِ ايٿنز يونان جي سرزمين تان توجه هٽائي ٻين ٻيٽن ۽ سامونڊي ڪناري وارن شهرن ۾ پنهنجي طاقت وڌائڻ ڏانهن متوجه ٿي ويو. انهن علائقن ۾ شهرن کي هو پنهنجي سامونڊي حاڪميت سان ڪنٽرول ڪري سگهيو ٿي.

ايٿنز اهڙي طرح ڊيلين ليگ (Delian league) جو اڳواڻ ٿي ويو جنهن ۾ ڪيترين ئي يوناني رياستن وري ڪنهن ايراني ڪاهه خلاف دفاع لاءِ اتحاد ڪندي اهو حلف کنيو هو ته اهي ڪڏهن به اتحاد مان ڌار نه ٿينديون. پر جڏهن ڪجه رياستون انهي اتحاد مان ڌار ٿيون ته ايٿنز انهن کي پنهنجو مطيع ڪري ڇڏيو. اڪثر رياستون ليگ جي خزاني ۾ حصو ڏينديون هيون. حصي جي رقم ايٿنز طي ڪندو هو. خزاني جو ڪنٽرول به ان جي هٿن ۾ هوندو هو. ايٿنز جلد ئي يونان جو مذهبي ۽ فڪري مرڪز ٿي ويو. هڪ اڳواڻي هيٺ اتحاد جي اها ڪوشش يونان ۾ نئين ڳالهه هئي ۽ اسپارٽا ۽ يونان جي قديم قائم ٿيل سياسي ادارن لاءِ هاڃيڪار هئي.

پيلو پونيشيائي رياستون خاص طور ڪورنٿ (Corinth) ايٿنز جي وڌندڙ اهميت کي حسد جي نظر سان ڏسي رهيون هيون. انهن پيلوپونيشيائي اتحاد

جي اڳواڻي جي واڳ ونڻ لاءِ اسپارٽا تي زور پريو. انهي اتحاد 431 ق.م ۾ ايٿنز خلاف جنگ جو اعلان ڪري ڇڏيو.

ٿيوسيڊائيڊز جيڪي واقعا بيان ڪيا آهن انهن جو مختصر ترين پس منظر اهو آهي. هو ڪورنٿي نمائندي جي واتان اسپارٽا ۽ ايٿنز جي پاليسي ۽ مزاج جي پيٽ ڪري ٿو. انهي دوران هو اسپارٽا کي جنگ تي اياري ٿو:

”اٿينائي انقلابي ذهن رکندڙ آهن ۽ انهن جي رٿائن جي هڪ خصوصيت سوچ توڙي عمل جي ڦُڙتي آهي جڏهن تہ توهان جي خاص ڳالهہ اها آهي تہ توهان وٽ جيڪو ڪجهہ آهي توهان کي اهو پاڻ وٽ رکڻ جي طاقت آهي. انهي سان گڏوگڏ توهان ۾ ايجادي صلاحيت جي کوٽ آهي ۽ جڏهن توهان کي عمل ڪرڻ تي زور پريو وڃي ٿو تڏهن بہ توهان گهٽو اڳتي نہ ٿا وڌو. اُهي پنهنجي طاقت کان وڏيڪ مهم جوءِ پنهنجي سوچ سمجهہ کان وڏيڪ هُوڙهہ آهن ۽ خطري جي حالت ۾ دل ۽ دماغ جاءِ هوندو اٿن. توهان جو طريقو اهو آهي تہ توهان پنهنجي سگهہ کان بہ گهٽ ڪوشش ڪريو ٿا. جنهن ڳالهہ کي توهان جي سوچ ۽ عقل صحيح سمجهي ٿو انهي تي بہ اعتبار نہ ٿا ڪريو ۽ اهو سمجهندا رهو ٿا تہ توهان جي خطرن جي ڪا پڇاڙي ڪانهي.

انهن ۾ چُستي ۽ ڦڙتي آهي. توهان ڪم کي پيا ٽاريندا آهيو. اهي ڪڏهن بہ پنهنجي ملڪ، وطن ۽ گهر ۾ نہ هوندا آهن توهان انهن کان پري ئي نہ ٿيندا آهيو. اهي انهي اميد تي پنهنجا گهر ۽ ملڪ وطن ڇڏي ويندا آهن تہ اهي پنهنجي مقبوضات ۾ واڌارو ڪندا ۽ توهان پيا ڊڄندا آهيو تہ ڪنهن نئين مهم جوئي سان جيڪو ڪجهہ هٿ ۾ آهي انهي کي نہ ڪو نقصان پهچي. اهي ڪنهن بہ ڪاميابي ۽ فتحمندي کي توڙ رسائڻ ۾ دير نہ ڪندا آهن ۽ ڪنهن ڏچڪي مان بہ جلدي اثر نہ وٺندا آهن. اهي بنا ڪنهن اُلڪي جي پنهنجا جسم پنهنجي ملڪ جي مفاد لاءِ ڪم آڻيندا آهن. اهي وڏي ڪوشش ڪري پنهنجي ذهن ۽ سوچ کي پنهنجي ملڪ لاءِ ڪم آڻيندا آهن. جيڪڏهن ڪا رٿا عمل ۾ اچڻ کان رهجي ويندي آهي تہ اهي انهي کي وڏو نقصان سمجهندا آهن. اهي جيڪڏهن ڪنهن ڪوشش ۾ ناڪام ٿيندا آهن تہ اهي نيون اميدون قائم ڪري انهي ڪوشش جي ناڪامي جو ازالو ڪندا آهن. ٻئي ڪنهن بہ قوم جي ابتڙ اهي سمجهندا آهن تہ

اميد ڪرڻ جو مطلب آهي تہ اها شي حاصل ٿي ويندي ساڳئي طرح اهي ڪنهن سوچ کي عمل ۾ آڻڻ ۾ بہ ڏاڍي تڪڙ ڪندا آهن.

"اهڙي طرح اهي پنهنجي سموري حياتي تڪليفن ۽ خطرن ۾ رهي محنت مشقت ڪندا رهندا آهن. انهن کي زندگي مان مزا ماڻڻ جو موقعو ورلي ئي ملندو آهي. اهي سدائين ڪجه نہ ڪجه حاصل ڪرڻ ۾ مصروف هوندا آهن. انهن وٽ موڪل جو بہ اهو ئي تصور آهي تہ وقت ۽ موقعي جي تقاضا مطابق ڪم ڪيو وڃي. انهن جي نظر ۾ بي عملي ۽ سُستي کان محنت مشقت وارو ڏنڊو ڀاڳ وارو آهي. مختصر طور اهو چئي سگهجي ٿو تہ انهن جي دنيا ۾ اچڻ جو مقصد اهو آهي تہ هو نہ پاڻ آرام ڪن ۽ نہ ٻئي ڪنهن کي آرام ڪرڻ ڏين."

(ٻين جنگ عظيم کان اڳ واري ڇڪتاڻ جن ماڻهن کي ياد هوندي انهن مان اڪثريت هن کي 1939ع ۾ نازي جرمني خلاف برطانوي پارليامينٽ ۾ ڪيل ڪا تقرير سمجهي سگهي ٿي).

پوءِ وري ڪورنٿي نمائندو اسپارٽا جو تجزيو هنن لفظن ۾ ڪري ٿو:

توهان جي مخالف ايٿنز جو اهو حال آهي. انهي هوندي بہ توهان لاسيڊيمونيائيو! اجا دير پيا ڪريو. توهان جو اصول اهو آهي تہ ٻين سان چڱائي واري هلت ڪريو ۽ ٻين کي نقصان نہ ڏيندي پنهنجن مفادن جي حفاظت ڪريو. توهان اها ڳالهہ نہ ٿا سمجهو تہ ماڻهن کي امن ۽ سلامتي فقط پنهنجي طاقت کي انصاف سان ڪم آڻڻ سان نہ پر اها ڳالهہ واضح ڪرڻ سان ملندي آهي تہ اهي ٻئي ڪنهن کي پاڻ سان ناانصافي ڪرڻ نہ ڏيندا. هنن جي ڀيٽ ۾ توهان جا طور طريقا پراڻي فيشن جا آهن. ادب ۽ فن وانگر سياست جي ميدان ۾ بہ نئين ۽ جديد شين کي پراڻين کان وڌيڪ اهميت ملي ٿي. ماٺ ميٺ واري دور ۾ قدامت پرستي ۽ روايتي طريقا بهتر هوندا آهن پر ماڻهو جڏهن مجبوري وچان ڪنهن نئين صورتحال کي منهن ڏيندا آهن تہ انهن کي نوان طريقا اختيار ڪرڻا پوندا آهن. اهڙي طرح ايٿنز جو وسيع تجربو ڪيس ايجاد ۽ اختراع جي راهن تي توهان کان اڳتي وٺي ويو آهي...."

ٿيوسيڊائيڊيز ايٿنز تي سلطنت گيري جي الزام جو دفاع ڪندي چوي ٿو تہ اٿينائي گورنرن هيئان ڪي بہ صوبا نہ هئا ۽ ٻين رياستن جي ادارن ۾ بہ ڪا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مداخلت نہ ڪئي ويندي هئي. پر حقيقت اها آهي تہ 2000 ورهيہ اڳ بہ جنگ جا ڪارڻ اُهي ئي هئا جيڪي ويهين صدي ۾ آهن. ايٿنز جنگ کان بچڻ ٿي چاهيو. اسپارٽا بہ جنگ نہ ٿي چاهي. پر ايٿنز جو تجارتي حريف جنهن کي اولهہ ۾ ڪالونيون هيون. پيلوپونيز ۽ باقي يونان جي وچ ۾ ڳچي ڊرتي تي قابض هو ۽ ٻنهي سمنڊن تائين پهچ هئس انهي کي سيني پاسن کان اٿينائي مقابلي کان خوف محسوس ٿيڻ لڳو. تنهن ڪري هن ڇڪتاڻ پيدا ڪرڻ شروع ڪئي ۽ ڇڪتاڻ خوف ۽ بي اعتمادي کي جنم ڏيندي آهي.

انهي جي نتيجي ۾ ٻن قسمن جي يونان ۾ ٽڪراء پيدا ٿيو. هڪ پاسي سگهارو توانو ۽ ايجادي ذهن وارو انقلابي هو تہ ٻئي پاسي محتاط آهستي چُرپر ڪندڙ ۽ قدامت پرست۔ ٿيوسيڊائيڊز چئن ماڻهن جي ڪردارن جو تجزيو ڪندي انهن اختلافن کي منظر تي آڻي ٿو. اهي چار ماڻهو۔ ٿيمسٽو ڪليز (ٻين ايراني جنگ جو اٿينائي هيرو)، پيريڪلين بريسيڊاس ۽ السيبياڊز هئا.

مورخ کي جنگ جي فني رخن بابت بہ گهري دلچسپي هئي مثال طور هو ڳرن هٿيارن سان روايتي زميني جنگ جي اوٽاين کان بہ واقف هو. يوناني سپاهي بنيادي طور ڳڙمي آبادگار هئا جيڪي پنهنجين ٻنين کان گهڻو پري نہ ٿي وڃي سگهيا. اٿينانين کي اهو بہ فائدو هو تہ هو پنهنجي ضرورت آهر سموريون غذائي شيون خريد ڪري سگهيا ٿي. ٿيوسيڊائيڊز ٻين اهڙن فوجي مسئلن جو بہ جائزو ورتو آهي جيڪي هر دور ۾ فوجي ڪپتانن ۽ بادشاهن کي منجهائيندا رهيا آهن جهڙوڪ: محاصري واري جنگ جون دشواريون ۽ ڪناري تي موجود دشمن خلاف سامونڊي جهازن مان فوج لاهڻ.

پر جديد ذهن جي هن ۾ مکيہ دلچسپي سندس تقريرون آهن جن کي هو رياستن جي سرڪردن ماڻهن جي جذبن ۽ محرڪن کي واضح ڪرڻ لاءِ ڪم آڻي ٿو. درحقيقت هو پاڻ انهي ڳالهہ جو ڪليو ڪلايو اظهار ڪري ٿو تہ سندس تاريخ لکڻ جو هڪ اهم مقصد جنگ جي دور ۾ انساني روح جو اڀياس هو. سندس انهي حاصلات جو عروج يقيناً پيريڪليز جي اها "تدفيني تقرير" آهي. جيڪا هو جنگ ۾ ڪم آيل ماڻهن جي پهرئين عوامي تدفين جي موقعي تي گڏ ٿيل اٿينائين جي سامهون ڪري ٿو.

ٿورو انهي واقعي جي منظر کي ذهن ۾ آڻيو. سموري رياست جي آبادي پنهنجن مُردن کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ گڏ ٿي آهي. مئلن جا هڏا ٽن ڏينهن تائين هڪ ڍڪيل چبوتري تي رکيا رهيا. انهي دوران ڪير به انهن جي پاسي ۾ ويهي انهن کي پيتا طور ڏنل ڪا به شي رکي سگهيو ٿي. ٽئين ڏينهن انهن کي صنوبر جي ڏهن تابوتن ۾ رکيو ويو هرهڪ قبيلي لاءِ هڪ تابوت هوءِ هر ويڙهاڪ جا هڏا پنهنجي پنهنجي قبيلي واري تابوت ۾ هئا: انهن کي پوءِ گاڏين تي رکي قبرستان ڏانهن نيو ويو. مردن جي جسمن کي ڍڪڻ لاءِ ڪم ايندڙ چادر سان ويڙهيل هڪ خالي ڏولي انهن لاءِ ڪنئي وئي جن جا گم ٿي ويل جسم هٿ نه اچي سگهيا هئا. قبرن جي پرسان مئلن جون زائفائون گڏ ٿي پار ڪيڍي روئي رهيون هيون. آخرڪار جڏهن تابوت زمين ۾ لاٿا ويا ته پيريڪلز انهي موقعي لاءِ خاص طور ناهيل هڪ ٿلهي تي چڙهي بيٺو جيئن سندس آواز ميڙ ۾ پري تائين پهچي سگهي.

ٿيوسيڊائيڊز پاران سندس زباني ادا ڪيل لفظ صدين کان زمين جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙجي ويا آهن. اهي ڪنهن به انسان جي ذهن ۾ آيل عاليشان ڪلام ۾ شامل آهن. هتي پيريڪلز جا آزاد جمهوريت جي آدرش بابت چيل لفظ پيش ڪجن ٿا.

"اسان جي آئين جو نالو انهي ڪري جمهوريت رکيو ويو آهي جو اها فقط چند ماڻهن نه پر ڪيترن ئي ماڻهن جي هٿن ۾ آهي. اسان جا قانون سڀني ماڻهن کي پنهنجي ذاتي تڪرارن ۾ برابر جو انصاف مهيا ڪن ٿا ۽ اسان جي عام راءِ حاصلات جي هر شعبي ۾ ذهانت جو آڌرياءُ ۽ احترام ڪري ٿي. اهو ڪم ڪنهن فرقيوارانئي سبب جي ڪري نه پر فقط عمدگي جي بنياد تي ڪيو وڃي ٿو. ۽ اسين جيئن پنهنجي عوامي زندگي ۾ هر ڪنهن کي برابر جا موقعا ڏيون ٿا تيئن اسين هڪ ٻئي سان روزاني زندگي جي لاڳاپن ۾ ساڳئي جذبي کي ڪار فرما رکون ٿا. جيڪڏهن اسان جو ڪو پاڙيسري پنهنجي انداز ۾ زندگي مان لطف ماڻي ٿو ته اسين هن سان ڪو ساڙ نه ٿا ڪريون نه ئي هن لاءِ ڪي ڪروڌ ڀريا لفظ ڪتب آڻيون ٿا. اسين اهڙن ننڍڙن ننڍڙن نيچ ڪمن کان پڻ پاسو ڪريون ٿا جيڪي جيتوڻيڪ پنهنجي پٺيان ڪو نشان نه ٿا ڇڏين پر جيڪڏهن ڪير انهن کي نوٽ ڪري ته هو ان کي ڪاوڙائي سگهن ٿا. اسين پنهنجن شخصي لڳ لاڳاپن ۾

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيتوٽيڪ ڪليل ۽ دوستاڻو انداز رکندا آهيون پر اسان عوامي ڪمن ۾ سختي سان قانون جي دائري اندر رهندا آهيون. اسين عزت احترام جي پابندين کي قبول ڪندا آهيون. جيڪو اختيار رکندو آهي انهي جي ۽ قانون جي تابعداري ڪندا آهيون. اسين خاص طور انهن جي فرمانبرداري ڪندا آهيون جيڪي مظلومن کي تحفظ ڏيندا آهن ۽ انهن اڻ لکيل قانونن جو به احترام ڪندا آهيون جن جي لتاڙ ڪرڻ سان لازماً لڄي ٿيڻو پوندو آهي. هو حب الوطني بابت چوي ٿو:

پنهنجون اکيون ايٿنز جي عظمت تي ڄمائي رکو ڇاڪاڻ ته اها هر روز توهان جي سامهون رهي ٿي انهي سان عشق ڪريو ۽ جڏهن توهان انهي جي عظمت محسوس ڪريو ته اها ڳالهه ياد رکو ته اها عظمت ماڻهن همٿ، پنهنجي فرض جي ڄاڻ ۽ معرڪن ۾ عزت ۽ غيرت جي احساس سان حاصل ڪئي هئي. اهڙا ماڻهو جيڪڏهن ڪنهن به تڪليف ۾ مات کائي ويندا هئا ته هنن کي اها ڳالهه قطعي پسند نه هوندي هئي ته پنهنجي شهر کي پنهنجين خدمتن کان محروم ڪري ڇڏين. پر هو انهي جي سر تي پنهنجيون جانيون گهوري ڇڏيندا هئا. اهڙي طرح انهن دولت مشترڪ (Common Wealth) لاءِ پنهنجا جسم ڏئي اهڙي تعريف ۽ واکاڻ حاصل ڪئي جيڪا ڪڏهن به ختم نه ٿيندي ۽ انهي سان گڏوگڏ انهن کي اهڙا عاليشان مقبرا مليا جن ۾ انهن جا فاني جسم دفن ٿيل نه آهن پر ڪين انسانن جي ذهنن ۾ جايون مليون آهن جتي سندن عظمت جي ياد هميشه تازي رهي ٿي ۽ موقعي جي مناسبت سان ماڻهن کي ڪلام يا عمل لاءِ اڀاريندي رهي ٿي. سموري ڌرتي مشهور معروف ماڻهن لاءِ مقبري جي حيثيت رکي ٿي ۽ انهن جو داستان نه فقط انهن جي لوح مزار تي اڪريل رهي ٿو پر ڪنهن ظاهر نظر ايندڙ علامت کان سواءِ ٻين ماڻهن جي زندگين جي خام مال ۾ اڻڄي ڌورانهن ديسن ۾ به زنده رهي ٿو.

پر پيريڪلز جيڪو شايد هر دور جو قابل ترين جمهوري اڳواڻ رهيو آهي انهي کي به پاڻ جهڙن ٻين ڪيترن ماڻهن وانگر عام راءِ جي ڦير گهير کي منهن ڏيڻو هو. ائٿينائين جي آدمشماري وبائن ۾ گهٽ ٿي وڃڻ ۽ دشمن ٻاران سندن زمينون تباهه ڪرڻ کان پوءِ انهن جي پيريڪلز خلاف ڪاوڙ ۾ اضافو ٿي ويو ۽ هن جيتوٽيڪ انهن کي اسپارٽا کي امن جي عرضداشت ڪرڻ کان ڦيرائڻ جي ڪوشش ڪئي پر انهن سندس پاليسيءَ کي لغام ڏئي ڇڏيو ۽ شروعاتي ڏچڪن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان پوءِ مٿس ڳرا ڏنڊ هنيا. هن جا پنهنجا ٻه پٽ پليگ ۾ مري ويا ۽ هو پاڻ جنگ شروع ٿيڻ کان اڍائي ورهيه پوءِ فوت ٿي ويو. سندس پاليسي جي دوراندیشي سندس وفات کان پوءِ ئي ظاهر ٿي.

هن اٿينائين تي زور پريو هو ته هو انتظار واري راند کيڏن. پنهنجون سموريون اميدون پنهنجي سامونڊي فوج سان وابسته رکن. ڪي به نوان علائقا فتح ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪن ۽ ڪنهن به امڪاني حملي خلاف پنهنجي شهر جو دفاع مضبوط ڪن. پر سندس وفات کان پوءِ اٿينائين بلڪل ابتڙ ڪم ڪيا. ٿيوسيڊائيڊز لکي ٿو ته: "هنن ذاتي عزم ارادن ۽ مفادن جي ڪري اهڙيون رٿائون هٿ ۾ ڪنيون جيڪي جيڪڏهن ڪامياب ٿين ها ته به فردن جي عزت ۽ فائدي جي راهه هموار ڪن ها پر ناڪام ٿيڻ سان جنگ ۾ رڌل ملڪ تي تباهي آڻين ها."

مؤرخ اٿينائين جي شڪست جي ڪارڻن جو تجزيو ڪندي هڪ جاءِ تي لکي ٿو: (ظاهر آهي ته اهو 404 ۾ جنگ جي پڄاڻي تي ڀڄڻ کان پوءِ لکيو ويو هو).

پيريڪلز پنهنجي منصب، صلاحيت ۽ عام مشهور ساک سبب عوام کي ڪنٽرول ڪري سگهيو ٿي، هو انهن جي اڳواڻي هيٺ هلڻ بجاءِ انهن جي اڳواڻي ڪري سگهيو ٿي: جيئن ته هن ڪڏهن به نامناسب ذريعن جي مدد سان طاقت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪئي هئي، تنهن ڪري کيس هنن جي خوشامد ڪرڻ جي به ڪا ضرورت نه هئي. ان جي ابتڙ ملڪ ۾ سندس ايتري ته ناماچاري هئي جو هو انهن سان اختلاف رکي انهن جي ڪاوڙ کي به منهن ڏئي سگهيو ٿي. هو انهن کي بي وقتائتو ۽ گستاخاڻي انداز ۾ خوش ٿيڻ تي واتان هڪ لفظ ڪيئي انهن کي ڏيڄاري به سگهيو ٿي. وري جيڪڏهن اهي ڪنهن اجائي خوف ۾ ونجي ٿي ويا ته هو فوراً انهن جو اعتماد بحال ڪرائي سگهيو ٿي...... سندس جانشينن ۾ صورتحال ساڳئي نه رهي. انهن مان سڀئي حيثيت ۾ هڪ ٻئي جي برابر هئا ۽ جيئن ته هر هڪ بالادستي لاءِ ڪوششون ڪري رهيو هو تنهن ڪري آخر ۾ صورتحال وڃي اها ٿي جو انهن رياست جي هلي چلي جا معاملا به عوام جي مرضي تي ڇڏي ڏنا. اهڙي صورتحال ۾ ائين ئي ٿيو جيئن ڪنهن عظيم شهنشاهي رياست ۾ ٿيندو آهي يعني انهي غلطين جي هڪ مجموعي کي جنم ڏنو...."

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيريڪلز هڪ امير گهراڻي جو فرد هو فيلسوفن ۽ سائنسدانن جو دوست هو. هن جون ۽ انهن جون دلچسپيون ساڳيون هيون. سندس جانشين مختلف پس منظرن مان آيل هئا. هڪ سٽي جو واپاري هو ته ٻيو رڍن جو واپار ڪندو هو. پوءِ ڪليون (Cleon) منظر تي آيو جيڪو ڪلون رڱيندو هو. هو جيتوڻيڪ مضبوط ارادي جو مالڪ ۽ بنيادي طور ايماندار هو پر نه ڪا تعليم ۽ نه ئي ڪي آدرشي خيال هئس. سندس اڳواڻي ۾ شهنشاهيت جو اٿينائي تصور وحشانيت جو شڪار ٿي ويو.

جنگ جي ڏهين سال ايمفيپولس لڙائي ۾ ڪليون ۽ عظيم اسپارٽائي جرنيل بريسيڊاس جي موت سان هڪ اهڙو امن جو معاهدو ٿيو جيڪو درحقيقت ايٿنز لاءِ فتح جي برابر هو ڇاڪاڻ ته انهي معاهدي جي شقن هيٺ هر ڌر کي جنگ ۾ هٿان وڃايل علائقا واپس موٽي مليا. امن جي معاهدي کان فوراً پوءِ ايٿنز ۽ اسپارٽا ۾ 50 ورهين لاءِ هڪ اتحاد جو معاهدو ٿيو. پر انهن سيني ڳالهين جي باوجود به امن واپس موٽي نه آيو. اسپارٽا جا اتحادي اهو محسوس ڪرڻ لڳا ته انهن سان دغا ٿي آهي ۽ ٻن سپ کان وڌن اتحادين ڪورنٿ ۽ بيوٽيا معاهدي کي تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو "رياستن جي مختلف ميڙن اتحادن کي مضبوط ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. جنگ ۾ صلح جون پارٽيون سموري يونان ۾ پکڙجي ويون ايٿنز ۾ جنگ پارٽي جي اڳواڻي السيبياڊز پئي ڪئي جنهن نوان اتحاد ناهيا جن ذريعي 418 ق.م ۾ اسپارٽا سان نئين سر جنگ جي شروعات ٿي. انهي ئي تاريخ کان اٿينائي سلطنت ۽ انهي لاءِ ڪم جي محرڪن کي آخري شڪست ملي وئي.

تاريخ جو ڇهون ۽ ستون حصو بنيادي طرح سسلي ۾ ايٿنز جي تباه ڪن مهم بابت آهي. ٿيوسيڊائڊز هڪ عظيم الشان مهم جي ناڪامي جي بيان ۾ پنهنجن طاقتن جي عروج تي پهچي ٿو. انهي مهم جي ناڪامي جو سبب ملڪ ۾ موجود سياستدانن ۽ ملڪ کان ٻاهر جرنيلن جون وڏيون غلطيون هيون. سيراڪيوز ۾ اٿينائي فوج جي پسپائي ۽ تباهي کان پوءِ سمنڊن تي سندس بالادستي جو دور ختم ٿي ويو سندس اتحادين بغاوت ڪري ڇڏي ۽ ايران اسپارٽا جي مدد ڪرڻ لڳو. انهي جي باوجود به ايٿنز 404 ق.م تائين وڙهندو آيو. پوءِ سندس سامونڊي ڪمانڊرن جي انتهائي غفلت جي سبب سندس بحري ٻيڙو تباه ٿي ويو ۽ اسپارٽا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دره دانيال کي بند ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندي ايٿنز مان سموري درآمد بند ڪندي شهر کي بکون ماري آڻ مڃڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو.

تاريخ جي انين ۾ آخري باب ۾ جنگ کي 411 ق.م تائين پهچايو ويو آهي ۽ انهي کي عام طور سڀ کان گهٽ دلچسپ سمجهيو ويجي ٿو. صاف ظاهر ٿئي ٿو تہ مورخ انهي تي نظرثاني نہ ڪئي آهي ۽ اهو هڪ جملي جي اڌ ۾ پڄاڻي تي پهچي ٿو. سندس شاهڪار ڪتاب جي ذڪر کي ختم ڪرڻ جو شايد مناسب ترين طريقو اهو آهي تہ انهي مان تاريخي تحقيق جا اهي لازوال اصول پيش ڪجن جيڪي ٿيوسيڊائيڊز 2400 سال اڳ وضع ڪيا هئا:

اڪثر ماڻهن پاران روايتن (پلي سندن پنهنجي ملڪ جون ئي هجن) کي منهن ڏيڻ جو اهو هڪ ئي طريقو آهي تہ اهي انهن کي ڪنهن تنقيدي ڇڪاس مان گذارڻ کان سواءِ ئي قبول ڪري ڇڏيندا آهن. اڪثر ماڻهن لاءِ سچ جي ڳولها تمام سولي هوندي آهي ۽ اهي بنا دير پنهنجي سامهون ايندڙ ڳالهہ کي قبول ڪري وٺندا آهن.

مورخ کي شاعرن جي مبالغہ آميز تخيل کان گمراهہ نہ ٿيڻ گهرجي نہ ئي انهن کي تذڪره نويسن جي قصن کان گمراهہ ٿيڻ گهرجي جيڪي سچ ڳالهائڻ بجاءِ فقط ڪنن کي خوش ڪرڻ چاهيندا آهن. هو انهن جي بيانن جي ڇڪاس نہ تو ڪري سگهي ۽ اڪثر حقيقتون زمانا گذرڻ کان پوءِ رومانس جي دائري ۾ داخل ٿي وڃن ٿيون. وقت جي ايتري وٿي هئڻ جي صورت ۾ ڪيس لازماً اهو طي ڪرڻ گهرجي تہ هو فقط اهڙن نتيجن تي ئي مطمئن ٿيندو جن جو بنياد دستياب ٿي سگهندڙ سڀ کان چٽي ثبوت تي هجي.

"مون جنگ جي واقعن بابت ڪنهن اتفاقي مشاهدي يا پنهنجي ڪنهن تخيل مطابق ڪجه بہ نہ ڳالهايو آهي. مون فقط اهي ئي ڳالهيون بيان ڪيون آهن جيڪي يا تہ مون پاڻ اکين ڏٺيون آهن يا اهڙن ماڻهن کان ٻڌيون آهن جن بابت مون تمام ڏيان سان پڇا ڳاڇا ڪئي آهي....

"منهنجي تاريخ ڪجه گهڙين جي نمائشي شي نہ پر هڪ دائمي ملڪيت آهي"

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 4. ڀڳوت گيتا

ڀڳوت گيتا لڳ ڀڳ ٻن هزار ورهين کان هندن جي پاڪ ڪتابن مان سڀ کان وڌيڪ مانوس ڪتاب آهي انهي نالي جو مطلب آهي "مالڪ جو گيت" (The Song of the Lord) ۽ اهو ڪتاب مهاڀارت جو هڪ حصو آهي. مهاڀارت قديم انڊيا مان اسان کي ملندڙ ٻن عظيم رزميه داستانن مان وڌيڪ اوائلي ۽ وڌيڪ ڊگهو آهي. پر اهو مهاڀارت جو تمام ننڍڙو حصو آهي ڇاڪاڻ ته مهاڀارت دنيا جو سڀ کان ڊگهو شعري مجموعو آهي. اهو هومر جي ايليڊ ۽ اوڊيسي جي گڏيل ڊيگهه کان ٻه ستوڻ تي وڏو آهي جڏهن ته گيتا (ڀڳوت گيتا کي اڪثر انهيء مختصر نالي سان سڏيو ويندو آهي) نئين عهدنامي ۾ سينٽ جان جي صحيفي جيترو ڊگهو آهي.

انڊيا جي سموري ادبي ذخيري وانگر انهيء جو ليکڪ به گمنام آهي پر اهو لازماً ڪو برهمڻ هوندو. انهي, ذات ۾ تعليم, ثقافت ۽ مذهبي بصيرت وارا ماڻهو هوندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن اهو به چيو ويندو اهي ته اهو ڪنهن وئش جو ڪم آهي. پر اهڙو ماڻهو جيڪڏهن ڪو تي گذريو آهي ته به اهو انهي وڏي رزميي جو مرتب هوندو جنهن ۾ گيتا سمايل آهي. انهي جي سن بابت رايا ڌاڌا متضاد آهن. هڪ ٻيڙهي يا ايترو عرصو اڳ عام طور اهو چيو ويندو هو ته اهو ننڍڙو ڪتاب عيسوي سن جي شروعات کان پوءِ لکيو ويو آهي ۽ ڪجه اهڙا ماڻهو به هئا جيڪي اهو سمجهندا هئا ته اهي انهي ۾ موجود ڪجه سٽن مان عيسائي تعليمات يا اثرن جو ڪجه پتو لڳائي سگهن ٿا. پر هاڻي اڪثر عالمن جو اهو رايو آهي ته اهو بيڪي طرح عيسائي دور کان اڳ جو آهي. مثال طور فيلسوف مدبر ڊاڪٽر سروپالي راڌا ڪرشنن جيڪو هاڻي انڊيا جو صدر آهي اهو پنهنجي گيتا جي ترجمي ۾ لکي ٿو ته انهي کي غالباً پنجين صدي قبل مسيح ۾ رکي سگهجي ٿو البته اهو ٿي سگهي ٿو ته متن ۾ ڪيترائي واڌارا پوءِ به ٿيا هجن.

گيتا هيئت جي لحاظ کان ڊرامائي نظم آهي. اهو ڪنهن حد تائين بائيبل جي Book of Job يا افلاطون جي مڪالمات جي مشابه آهي. انهي ۾ مکيه

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهائيندڙ ڪرشن ڪتاب جي نالي "مالڪ جو گيت" وارو "مالڪ" آهي. هائي ڪتاب بابت شروعات اتان ٿي ڪجي تہ نظم شروع ٿيڻ وقت ڪرشن، ارجن نالي هڪ نوجوان انڊيائي شهزادي جو ڪوچوان آهي. اهو سندس سوٽ آهي. سندس ڳالهہ ٻولهہ اهڙي گاڏي ۾ ٿئي ٿي جنهن کي جنگ ۾ حصو وٺڻ لاءِ تيار ڪيو ويو آهي. پر نظم جو سلسلو اڳتي وڌڻ سان آهستي آهستي ڪرشن جي اصليت ظاهر ٿيندي وڃي ٿي تان جو آخرڪار هو پاڻ کي هڪ ديوتا جي روپ ۾ ظاهر ڪري ٿو.

گيتا جو تفصيلي جائزو وٺڻ کان اڳ اسان کي ڪجھ ڳالهيون انهي عظيم رزميہ بابت ڄاڻڻ گهرجن جن جو اهو حصو آهي.

مهاڀارت جو مطلب آهي، "ڀارتن جي عظيم لڙائي" ۽ انهي ۾ ٻن مشهور هندستاني شهزادن جي ڪٽنبن جي وچ ۾ جنگ جو احوال ڏنل آهي. اهي ٻئي ڪٽنب اها دعوي ڪندا هئا تہ اهي ٻئي ڀارت نالي هڪ داستانوي بادشاھ جي نسل مان هئا. انهن جو ملڪ اتر انڊيا ۾ هستينا پور جو وسيع پٽ هو جتي انهن جي گهراڻي جي سربراھ جي بادشاهي هئي. نظم جي شروعات وقت بادشاھ جي ڀاران سندس ٻہ ڀائيٽيا ڌريترشترا ۽ پانڊو حڪومت هلائيندا هئا. انهن مان پهريون نابين هو تنهن ڪري کيس حڪومت هلائڻ جي اهل نہ ڀئي سمجهيو ويو. اهي جڏهن پختي عمر جا ٿيا تہ انهن مان پانڊو بادشاھ ٿيو پر ڪجھ وقت کان پوءِ هماليہ جي جبلن ۾ وڃي اڪيلائي ۾ گوشہ نشين ٿيو ۽ اتي ئي فوت ٿي ويو پوءِ پنهنجي نابيني باوجود بہ پنهنجي واري تي ڌريترشترا بادشاھ ٿيو. هو هڪ سو پٽن جو پيءُ هو جيڪي سڀ هڪ ماءُ مان هئا. انهن کي عام طور ڪورو شهزادا چيو وڃي ٿو. اهي سڀ بڇڙا هئا. انهن مان سڀ کان وڏو دريوڌنا تہ سڀ کان وڌيڪ خراب هو. هو وڏو دلير، چالاڪ ۽ بدنيت هو. بادشاھ پانڊو کي پنهنجين ٻن زالن مان پنج پٽ هئا ۽ پانڊو شهزادا ايترا ئي ڀلا هئا جيترا سندن سوٽ گندا هئا. انهن جو چاچو ڌريترشترا انهن تي ڏاڍو مهربان هوندو هو انهن جي پرورش پالنا پنهنجن پٽ سان گڏ ڪئي هئائين ۽ اهو ارادو ڏيکاريندو هو تہ هو جڏهن وڏا ٿيندا تہ هو انهن کي بادشاهي مان حصو ڏيندو. پانڊو شهزادن مان سڀ کان سنئو ارجن هو. اهو عمر ۾ وچون هو ۽ اهو ئي مهاڀارت جو اصل هيرو آهي. کيس بي ڊپوءِ بهادري وارو نوجوان ڪري پيش ڪيو وڃي ٿو جيڪو سخي ۽ نرم دل هوءِ جلد ئي ڪهل کائي ويندو هو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهي سوٽ شهزادا عمر ۾ وڌندا ويا ته انهن ۾ حسد ۽ دشمني به وڌندي وئي. آخرڪار چالاڪ دريوڌنا اتڪلون ڪري پاندو پائرن کي بادشاهي جي حق مان خارج ڪري ڇڏيو ۽ انهن سان اهڙو ته خراب ورتاءُ ڪيو ويو جو انهن وٽ پنهنجن سوٽن خلاف هٿيار کڻڻ کان سواءِ ڪا واهه ئي نه بچي. اتي اسين پنجين باب يا پروان جي پڄاڻي تي پهچون ٿا. اهو مهاڀارت جو فني اصطلاح آهي. اسان کي ڇهين باب ۾ ڀڳوت گيتا نظر اچي ٿي.

جنگ جو اعلان ٿي ويو آهي ۽ ڪورن ۽ پانڊون جا ٻه مد مقابل لشڪر جنگي صف بندي ۾ بيٺا آهن. جنگ جو هنڌ ڪرڪ شيترا جو وسيع ميدان آهي. اهو دهلي جي جديد شهر جي پسگردائي ۾ آهي. شهزادو ارجن پنهنجي جنگي رٿ ۾ ويٺو آهي ۽ ڪرشن سندس پرسان بيٺو آهي. نظم مان اسان کي اها ڳالهه سمجهه ۾ اچي ٿي ته ڪرشن جيئن ته سيني شهزادن جو ويجهو مائٽ آهي تنهن ڪري هن ڪنهن به ڌر پاران هٿيار کڻڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي. پر هو انهي ڳالهه تي راضي ٿيو آهي ته هو ارجن جو ڪوچوان ٿيندو ۽ صلاح مشوري ذريعي سندس معاونت ڪندو. هاڻي هر ڳالهه تيار آهي. نغارا وڄي رهيا آهن. هزارين ماڻهو اپ ڌاريندڙ نعرا هڻي رهيا آهن ۽ سج جي روشني ۾ هٿيار تجلا ڏئي رهيا آهن. سيني جون اکيون ارجن تي کتل آهن جو پانڊو لشڪر جي اڳواڻ طور لڙائي شروع ڪرائڻ سندس ذميواري آهي. ۽ انهي تمام اهم گهڙي ۾ هو هٻڪي وڃي ٿو.

هو جڏهن حملي جو حڪم ڏيڻ تي هو ته سندس دل کي جهٻو اچي ويو. (هو سوچي ٿو ته) فقط چند منٽن ۾ بنهي پاسن جا ڪيترائي جوڌا جوان موت جون اڏيتون سهندي مٽي ۾ پيا ڦٿڪندا ۽ اهي به سندس انهي فائدي لاءِ ته شايد هن جي تخت تي پهچڻ جو دڳ نهي پوي. انهيءَ سوچ سان هن ۾ وڏي هلچل مچي وڃي ٿي ۽ هو اوچتو پنهنجي ڪوچوان ڏانهن منهن ڪري ٿو (انهي بابت هاڻي ڪيس پڪ آهي ته هو سندس سوٽ آهي) ۽ کيس التجا ڪري ٿو ته هو کيس ٻڌائي ته کيس ڇا ڪرڻ گهرجي.

ڀڳوت گيتا جا ڪيترائي انگريزي ترجما آهن پر انهن مان سڀ کان مشهور نامياري مستشرق ۽ اديب سر ايڊون آرنلڊ پاران ڪيل آهي. اهو 1885ع ۾ The song Celestrial جي نالي سان ڇپيو آهي ۽ هڪ کان وڌيڪ ڀيرڙهيون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهي ڪي ساهہ سان سانديبنديون پيون اچن. هيٺيون اقتباس سندس بنا قافيہ ترجمي مان ورتل آهي.

ارجن. ڪرشن! منهنجي خيال ۾ هتي وهائڻ آيا آهن پنهنجو مشترڪ خون! سامهون منهنجن متن مائٽن جو ميڙ آهي منهنجن عضون ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي. منهنجي وات ۾ منهنجي زبان خشڪ ٿي وئي آهي. هڪ ڏُرڪي سان منهنجو جسم لڏي ويو آهي ۽ منهنجا وار خوف وچان ڇمڪي رهيا آهن. منهنجي ڪمزور هٿ مان ديوتائن واري ڪمان ڇڏائجي رهي آهي.

بخار ۾ منهنجي ڪل سڙي رهي آهي

آءُ بيهي بہ ڪونہ ٿو سگهان.

مون ۾ موجود زندگي لڳي ٿو تہ تڙپي رهي آهي ۽ بي ساهي ٿيندي پئي وڃي مون کي پنهنجي سامهون روڄ راڙي ۽ غم افسوس کان سواءِ ڪجھ بہ نظر نہ ٿو اچي.

اي ڪرشن! هي چڱي ڳالهہ نہ آهي

هڪٻئي جو خون وهائڻ مان ڪا بہ چڱائي نہ ايندي

ڏسو! آءُ اهڙي فتح ۽ بالادستي، دولت ۽ سهوليت کان نفرت ڪريان ٿو.

جيڪي اهڙي افسوسناڪ طريقي سان حاصل ڪيون وڃون هجن.

اهي جيڪڏهن غلطي تي آهن تہ ڇا ٿي پيو (نوجوان شهزادي جي ڳالهہ جاري آهي) اهي ڏاڏا، ابا، پٽ، هي ڀائر، سهرا، سالا، هي وڏڙا ۽ هي دوست يار ڇا ٿي پيو جيڪڏهن اهي ايترائي غلط آهن جيترو اسان کي سمجهڻ جو حق آهي؟ حرص ۽ ڪاوڙ انهن کي ايترو انڌو ڪري ڇڏيو آهي جو انهن کي اها ڳالهہ سمجھ ۾ ئي نہ ٿي اچي تہ پنهنجن ئي متن مائٽن ۽ عزيزن سان جنگ ڪرڻ ۽ انهن کي ڪُهڻ ڪيترو نہ غلط ڪم آهي. پر اسان جي ئي ڳالهہ آهي. "اسين جيڪي ڏوهہ کي سمجهون ٿا ۽ شرم محسوس ڪريون ٿا...... اسين جيڪڏهن پنهنجن متن مائٽن ۽ دوستن کي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان جو هي انفرادي انساني روح (ڪرشن پنهنجي وضاحت جاري رکي ٿو) ڪڏهن به لاموجود نه ٿو ٿئي. اهو تباه نه ٿو ٿي سگهي. اهو نه ڄاڻو آهي نه ڪڏهن مري سگهي ٿو. انهي ۾ ڪو به تير گهڙي نه ٿو سگهي. ڪو به شعلو انهي کي ڳڙڪائي نه ٿو سگهي، ڪو به پاڻي انهي کي لوڙهي نه ٿو سگهي، ڪا به ساڙيندڙ هوا انهي کي خشڪ نه ٿي ڪري سگهي. اهو ابدي آهي، سمجه ۾ نه ٿو اچي سگهي ۽ نه ٿي انهيءَ تي موت اچي سگهي ٿو. پوءِ پلا ڪنهن انسان کي مارڻ يا خود مري وڃڻ بابت ايتري چوپچو ڇو ڪجي؟ قتل ڪرڻ ۾ ته فقط جسم جي شموليت ٿئي ٿي: روح بلڪل اهڙي طرح بئي جسم ۾ وسيرو ڪرڻ وڃي ٿو هليو جيئن ڪو ماڻهو نوان ڪپڙا ڪٺي پراڻا ۽ ڳريل ڪپڙا رکي ڇڏيندو آهي.

ڄم جي پڄاڻي موت آهي ۽ موت جي پڄاڻي نئون جنم آهي. اهي سڀ ڳالهيون اڳ ۾ طي ٿيل آهن ۽ اسان پاران انهن شين بابت ڳڻتي ڪرڻ جو ڪو ذري برابر به سبب نه آهي. دلير ماڻهو جو ڪم هي آهي ته هو پنهنجي ڪم ڪان واقف هجي ۽ پوءِ اهو سٺي نموني ۽ ايمانداري سان سرانجام ڏيڻ جي ڪوشش ڪري ۽ هو اهو ڪم فقط انهي ڪري سرانجام ڏئي ته اهو سندس ذمو آهي. هو اهو ڪم انهي مان ڪجه حاصل ڪرڻ جي اميد ۾ نه ڪري. جيستائين ارجن جو تعلق آهي ڪيس انهي ڳالهه جو فيصلو ڪرڻ ۾ ڪا به ڏکيائي نه هجڻ گهرجي ها ته سندس ڪم ڪهڙو آهي. هو هندن جي ويڙهاڪ ذات ڪترين مان آهي ۽ هو جيڪڏهن پنهنجي تلوار اڇلائي ڇڏي ها ته سندس دوست يار به اهو سمجهن ها ته هن ڪنهن اعليٰ اصول لاءِ نه پر خوف سبب اهو ڪم ڪيو آهي. تنهن ڪري پلي ته هو اٿي کڙو ٿئي، لڙائي لاءِ پنهنجا بازو تيار ڪري ۽ اڳي هلي جيت ٿئي يا هار فائدو ٿئي يا نقصان انهي لاءِ هو پنهنجي دل کي تيار ڪري.

هي ڀڳوت گيتا جي اعليٰ تعليمات مان سڀ ڪان شروعاتي آهي ته هو انهي ذات جي اصولن مطابق عمل ڪري جنهن ۾ هو پيدا ٿيو آهي. هو جيڪڏهن کتري آهي ته کيس جنگ ۾ حصو وٺڻ ۽ دليري سان وڙهڻ لاءِ تيار ۽ پرجوش رهڻ گهرجي. هو جيڪڏهن برهمڻ آهي ته پاڪ ڪتاب پڙهڻ ۽ انهن جي تشريح ڪرڻ هن جو فرض آهي. هو جيڪڏهن وئش آهي ته کيس واپاري ۽ ڪڙمي طور پنهنجو ڪم ڪرڻ گهرجي. هو جيڪڏهن سڀ ڪان ادنيٰ ذات شودرن ۾ پيدا ٿيو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي ته به ڪيس دل نه لاهڻ گهرجي ۽ سڀ ڪان نيچ ڏنڏن ۾ به وس آهر سنو ڪم ڪرڻ گهرجي.

گيتا جي ٻين عظيم تعليم ڪرشن جي شخصيت ۾ ويڙهيل آهي. داستان ۾ ڪرشن کي هيستائين گوشت پوست جو انسان ۽ ارجن جو سوٽ ۽ سندس سائي شهزادن جو سوٽ ڪري ظاهر ڪيو ويو آهي. پر هندو مذهب ۾ ڪرشن وشنو جو هڪ اوتار آهي. وشنو هندو تمورتي جو هڪ وڏو ديوتا آهي جنهن جا ٻيا ٻه ديوتا برهما ۽ شيوا آهن. پر ڳالهه اتي پوري نه ٿي ٿئي. جيئن جيئن نظم اڳتي وڌندو وڃي ٿو تيئن ڪرشن جو درجو وڌندو وڃي ٿو ايستائين جو هو نه فقط هڪ ديوتا جي روپ ۾ ظهور پذير ٿئي ٿو نه ئي وشنو جو جنم ڌاري ٿو نه ئي خود وشنو ٿئي ٿو پر خود برهما يعني ابدي ديوتا بڻجي پوي ٿو.

پر اهو گيتا جي تعليمات جو فقط هڪ حصو آهي. سموري ڳالهه جو روح اهو آهي ته هيءُ عظيم آسماني حقيقت، هيءُ ديوتائن جو ديوتا هي برهما، اهڙو ديوتا آهي جنهن جي ويجهو ٿيڻو آهي جنهن کي پنهنجي قريب ڪرڻو آهي. جنهن جي پوڄا ڪئي وڃڻي آهي ۽ وڌي ڳالهه اها ته جنهن سان اهڙي جذباتي محبت ڪئي وڃڻي آهي جهڙي ڪنهن مرد کي ڪنهن عورت سان يا جهڙي ڪنهن عورت کي ڪنهن مرد سان هوندي آهي. اهڙي طرح اسين گيتا جي آخري پيغام تائين پهچون ٿا. اهو پيغام ڪرشن پاران ارجن لاءِ چيل آهي پر بيشمار ويساه ڪندڙ روحن انهي کي اهڙي طرح هيئن سان هنڊايو آهي جڻ ته اهو انهن تي وحي ٿي لٿو آهي.

منهنجو آخري لفظ ٻڌ! منهنجو سڀ کان آخرين مطلب سمجهه! مون کي پنهنجي دل ڏي! مون سان چاهت رک! منهنجي خدمت ڪر! مون ۾ ويساهه کي چنبڙي پئو مون سان محبت ڪر، منهنجي عزت ڪر، آءُ واعدو ڪريان ٿو ته تون مون ڏانهن ايندين. چاڪاڻ ته تون مون کي ڏاڍو پيارو آهين. مون ڏانهن اڪيلو اُڏامي اچ مون کي پنهنجي اڪيلي پناهگاه بڻاءِ آءُ تنهنجي روح کي انهي جي سمورن گناهن کان آزاد ڪندس دل نه لاهه

اهڙي طرح اهو عظيم فيلسوفاڻو مذهبي مڪالمو آخرڪار پڇاڙي تي پهچي ٿو ۽ ٻئي فوجون وڙهڻ ۽ مرڻ مارائڻ لاءِ آزاد ٿي وڃن ٿيون. پانڊو پائر فتحمند ٿين ٿا پر رزميي جي پڇاڙي انهي تي ٿئي ٿي جو پانڊو پائر پنهنجي ڪٽنبل بادشاهت تان دستبردار ٿي آسمان ڏانهن وڃن ٿا هليا. پر اهي سڀ ڳالهيون مقابلتاً ايتري اهميت نه ٿيون رکن: انهي قديم نظم جي اصل اهميت انهي جي متن جي افسانوي ۽ اچرج ۾ شامل ننڍڙي حصي جي آهي. يعني سيني فرضن کان ذات جي ذميدارين جو درجو بلند ڪرڻ ۽ ڀڳتي (انساني روپ ۾ ظاهر ٿيل خدا جي محبت) جي تلقين اهي ڀڳوت گيتا جا اهڙا ٻه عظيم نظريا آهن جيڪي هندن جي روحاني ورثي ۾ سمائجي ويا آهن.

"مون کي ڀڳوت گيتا مان اهڙي آٿت ملندي آهي" مهاتما گانڌي لکيو هو "جيڪا مون کي جبل واري خطبي ۾ به نه ملندي آهي. جڏهن نااميدي منهنجي اکين ۾ اکيون وجهي بيهندي آهي ۽ مون کي اميد جو هڪ ڪرڻو به نظر نه ايندو آهي ته آءٌ ڀڳوت گيتا ڏانهن موٽندو آهيان. مون هِتي هُتي ڪو بيت نظر اچي ويندو آهي ۽ آءٌ وڏن حادثن ۾ به فوراً مسڪرائڻ لڳندو آهيان.

## 5. افلاطون جا مڪالما

مغربي فلسفي جو ابو افلاطون چوندو هو تہ هو ٽن ڳالهين جي ڪري خدا جو شڪر گذار آهي: هڪ تہ هو غلام نہ پر آزاد انسان طور پيدا ٿيو آهي. ٻيون تہ هو ڪو وحشي نہ پر يوناني ٿي پيدا ٿيو آهي ۽ ٽيون تہ هو سقراط جي دور ۾ زندگي ٿو گذاري. هو نہ فقط هڪ آزاد انسان طور پيدا ٿيو هو پر هو وڏگهراڻو هو. سندس پيءُ جو نالو ارسٽون هو ۽ هو ايٿنز جي داستانوي باني ڪارن جي خاندان مان هو جڏهن تہ هو ماءُ جي طرفان بہ ڪيترن ئي دولتمند ۽ مشهور اٿينائين جو مائٽ هو. سمجهيو وڃي ٿو تہ هن افلاطون جو نالو پنهنجن ويڪرن ڪلهن جي سبب اختيار ڪيو هو.

افلاطون جواني جي شروعاتي ڏينهن ۾ شاعر ۽ دانشور هئڻ سان گڏوگڏ عام راءِ مطابق، هڪ وڏو ملهہ پهلوان بہ هو ۽ هن سپاهي طور بہ ڪم ڪيو هو. انهي دور جي سڀني يونانين وانگر راندين روندين، ورزشي ڪرتب بازين، ناچ ۽ گهوڙي سواري ذريعي جسم جي نشوونما سان گڏوگڏ سوچ ۽ فڪر جي ورزش بہ ٿيندي رهي ۽ انهي فيلسوف اهڙي گوشہ نشيني واري ۽ پڙهاڪو زندگي نہ گذاري جيڪا موجوده دور ۾ دانشورن کي عام زندگي جي ڪمن ڪارين لاءِ ناموزون بڻائي ٿي ڇڏي

افلاطون جو سمورو فلسفو مڪالمات ۾ بيان ٿيل آهي ۽ ڪيترن ئي شروعاتي مڪالمن مان اهڙو انداز بکي رهيو آهي جڻ انهن گسن گهٽين ۾ اتفاقي طور شروع ٿي پوندڙ ڳالهہ ٻولهہ مان جنم ورتو آهي. ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ افلاطون جي فلسفي جي اوسر روزاني زندگي مان ٿي آهي ۽ اهائي هن جي هڪ وڏي دلچسپي واري ڳالهہ آهي. فلسفي جو هي ابو ۽ سرچشمو پنهنجن نظرين جي وسعت جي لحاظ کان بيمثال هئڻ سان گڏوگڏ پنهنجي تحرير جي قائل ڪندڙ حسن جي لحاظ کان بہ بينظير آهي. چيو وڃي ٿو تہ افلاطون سقراط سان ملاقات کان پوءِ پنهنجا نظم ساري ڇڏيا ۽ هن پنهنجي "رياست" (Republic) ۾ بہ شاعرن خلاف شديد راءِ رکي آهي انهيءَ هوندي بہ هو پاڻ شاعر ٿيڻ کان رهي نہ سگهيو. هن ايٿنز ۾ فيلسوفن جي نئين جماعت سوفسطائين تي بہ حملا ڪيا جيڪي هر ڳالهہ جو نئين سر جائزو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وٺي رهيا هئا ۽ ماڻهن کي اها سکيا ڏئي رهيا هئا تہ انهن پراڻن نظرين جو ڪو لحاظ نہ ڪن جن تي شهر جو بنياد رکيو ويو هو. انهن سوفسطائين جون شاندار تقريرون ۽ پُر فهم تضاد ماڻهن کي انهن ڏانهن ڇڪي وٺندا هئا. پر افلاطون وٽ بہ ڪيترين ئي خاصيتون هونديون هيون جن کي هو پنهنجن دشمنن خلاف ڪم آڻيندو هو.

افلاطون کي بہ هر روايتي يوناني وانگر اهڙن باوقار بحث مباحثن سان محبت هوندي هئي جيڪي تلوار بازي جي ڪنهن معرڪي وانگر ڪيا ويندا هئا. اهو عين ممڪن آهي تہ هو هڪ عظيم ترين سوفسطائي ٿي پوي ها يا اهو بہ ٿي سگهيو پئي تہ هو پنهنجين صلاحيتن ۽ سماجي واسطن کي سياست ۾ ڪم آڻي ها پر هن سقراط سان دوستي سبب ائين نہ ڪيو پر انهي جو خاص سبب اٿينائين پاران سقراط کي رد ڪرڻ ۽ سقراط پاران زهر پي پنهنجو موت آڻڻ هو. سقراط جي موت سبب افلاطون جي دل ۾ اٿينائين ۽ اٿينائي جمهوريت خلاف نفرت پيدا ٿي پئي. انهي واقعي کيس روحاني طور جلاوطن ڪري ڇڏيو ۽ حقيقت آهي تہ هو سقراط جي وفات کان پوءِ ڪجھ عرصي لاءِ جسماني طور بہ جلاوطن ٿيو ۽ ميگرا ۾ وڃي رهيو. انهي واقعي هن ۾ سوفسطائين جي ڪوڙي چالاڪي خلاف شديد نفرت پيدا ڪئي. پر سڀني ڳالهين کان وڌيڪ انهي واقعي هن کي اهڙي ارادي جي پختگي ڏني جنهن ذريعي هو شين جي ماهيت جي ڇڪاس جو پنهنجو عظيم ڪم ڪري سگهيو.

سقراط افلاطون جي ابتڙ هو. هو عام ماڻهن جو ساٿي ۽ هڪ اهڙو غريب راهب هو جنهن جي پيچا ۽ آڏي پيچا تي ٻڌل تعليم اهڙي شاعري، فصاحت بلاغت ۽ مابعد الطبيعات کي ڪلڻ هاب ڪري ڇڏينديون هيون جن جو وڏگهراڻو افلاطون ماهر هو. سقراط سدائين اها ڳالهہ چوندو رهندو هو تہ هن جي ڏاهپ اها آهي جو بيا ماڻهو سمجهن ٿا تہ هو ڪجھ ڳالهيون پڪي پختي طرح سمجهن ٿا جڏهن تہ کيس خبر آهي تہ هو نہ ٿو ڄاڻي. هو ماڻهن کان تمام سادا سوال پڇندو رهندو هو ۽ ٻولي ۽ اشارا ۽ تشبيهون عام ماڻهن وارا ڪتب آڻيندو هو افلاطون جي ڪم بابت چئي سگهجي ٿو تہ اهو سقراط جي اهڙي سادي اخلاقي تعليم آهي جنهن کي پنهنجي دور جي تمام ذهين انسان پاڻ سمجهي پوءِ نئين سر بيان ڪيو آهي. افلاطون جو بيو ڪم اهو آهي جو هن سقراط سان والهانہ لڳاءَ رکندڙ شاگرد هوندي پنهنجي دور جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فيشني دنيا جي ذهني صلاحيتن کي محفوظ رکيو. افلاطون جي ڪم ۾ تمام تڪميل تي پهتل ۽ تمام شاندار فڪر جي اهڙي گهڻ رخي ڪشش آهي جنهن سان شديد اخلاقي سوچ به شامل ٿي وڃي ٿي. سقراط افلاطون کي اندروني ويساهه ۽ اعتقاد ڏنو.

سقراط ۽ افلاطون يونان جي عظيم دور ۾ پنهنجي زندگي گذاري پر انهن جي شهر ايٿنز لاءِ اهو سياسي زوال جو دور هو. ايٿنز جو عظيم دور ايرانين جي يونان مان نيڪالي کان پوءِ وارو دور آهي جنهن ۾ ايٿنز جي ساموندي سلطنت جو بنياد پيو ۽ انهي ۾ 466 ق.م کان 428 ق.م تائين پيريڪلز جي ڏکهي حڪمرانيءَ وارو اٿينائي جمهوريت جو دور به اچي وڃي ٿو جنهن دوران شهر جي بيمثال سونهن سوڀيا سان نئين سر تعمير ٿي. ايسڪائليس، سوفوڪليز ۽ يوريپائيڊز جهڙا عظيم ڊراما نگار به انهي دور ۾ ٿي گذريا. هيروڊوٽس ايٿنز ۾ پنهنجي تاريخ جو هڪ باب پڙهي ٻڌائڻ به انهي دور ۾ آيو ۽ اناگزاگورس سائنسي فلڪيات جي الف-ب به انهي دور ۾ پڙهائي.

ايٿنز ۽ اسپارٽا وچ ۾ پيلوپونيشيائي جنگ جيڪا پيريڪلز جي وفات کان اڳ شروع ٿي اها شروعات ۾ ته ايٿنز جي حق ۾ هلي پر آخرڪار اهو جنگ ۾ مات کائي ويو انهي جو مکيه سبب اهو هو جو انهي سِسليءَ کي فتح ڪرڻ جي هاجيڪار مهم ۾ پاڻ کي گهٽو بکيڙي ڇڏيو. افلاطون جڏهن 405 ق.م ۾ 22 ورهين جو هو ته ايجسپوٽومي وٽ اسپارٽائين ايٿنز جو آخري بحري بيڙو تباه ڪري ڇڏيو. ايٿنز جي سمنڊ تي حڪمراني هٿ ۽ اسپارٽا وارا خشڪي جا حاڪم هوندا هئا. ايٿنز جون ڊگهيون ديوارون (Long Walls) تباه ٿي ويون ايٿنز تي ڪجهه وقت لاءِ ٽيهه جابر (Thirty Tyrants) نالي اشرافيه حڪومت ڪئي. ڪريٽياس نالي افلاطون جو هڪ مائٽ انهن جو اڳواڻ هو. پر شهر سياسي طور جيتوڻيڪ زوال جو شڪار هو پر اهو اقتصادي طور جلد ئي بحال ٿي ويو ۽ ايٿنز جيتوڻيڪ جنگ ۾ شڪست کاڌي هئي پر اهو جلد ئي يوناني ڏاهپ ۽ تهذيب جو مرڪز ٿي ويو ۽ هڪ دفعو ٻيهر جمهوريه به ٿي ويو.

اهو جيتوڻيڪ سوال جواب ۽ تفتيش جو دور هو پر انهي ۾ اٿينائين واري اها اندروني وحدت نه هئي جيڪا پيريڪلز جي حڪمراني وارن عظيم ورهين

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي خاص نشاني هئي. سقراط کي موت جي سزا ڏني وئي (درحقيقت سزا رسمي قسم جي هئي ۽ سقراط تي الزام هٽنڌڙ اهو تي چاهيو تہ هو فقط شهر ڇڏي وڃي). سقراط جي سزا بہ قدامت پرستن ۽ سندس دشمن سوفسطائين ۾ هڪ عجيب اتحاد جو نتيجو هئي. قدامت پرستن جو رايو هو تہ سندس نظريا ماڻهن کي ديوتائن ۽ شهر جي ادارن ۾ ويساهہ کان ڦيرائي رهيا هئا. ۽ سوفسطائي تہ اهڙا نئين قسم جا چالاڪ ماڻهو هئا جن کي نہ ديوتائن نہ ئي شهر جي ادارن ۾ ڪو ويساهہ هو. حقيقت ۾ ايٿنز ۾ هر طرف وگوڙ هو ۽ سقراط جي موت کان پوءِ افلاطون ۽ زينو فون سپاهي فيلسوف جيڪو پڻ سقراط جو چيلو هو هڪ بهتر سياسي آدرش طور اسپارٽا ڏانهن متوجه ٿيا. اها ڳالهہ سمجه ۾ اچڻ جوڳي تہ هئي پر ڏاڍي عجيب هئي ڇاڪاڻ تہ فڪري طور تي اسپارٽا وٽ ڏيڻ لاءِ ڪجه بہ نہ هو.

افلاطون جو اهو ڪم سمجه ۾ اچڻ جوڳو هو ڇاڪاڻ تہ ڪيس اسپارٽا ۾ اهڙي هر لحاظ کان سگهاري رياست جو عڪس نظر اچي پيو جنهن ۾ بهترين ماڻهن جي موت جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل سياسي قوت ۽ فڪري بي راهہ روي جو وجود نہ هو. رياست نالي افلاطون جي هڪ سڀ کان اوائلي مڪالمي ۾ هن پنهنجي آدرشي رياست جا چٽ چٽيا آهن جيڪا حقيقت ۾ هوبهو اسپارٽا جهڙي تہ نہ هئي پر ٻنهي ۾ هڪ جهڙايون هيون. افلاطون جي آدرشي رياست اجتماعيت پرست يا ڪميونسٽ لاڙا رکندڙ آهي جنهن جو آدرش شهرين جي مادي ڀلائي جو حصول نہ پر انهن کي غربت توڙي شخصي عزم ارادي جي اٿهوند ذريعي خوش رکڻو آهي. حقيقت ۾ افلاطون پنهنجي مرڻ کان اڳ انهي راءِ جو تي ڄڪو هو تہ خانگي ملڪيت کي ختم ڪرڻ عملي طور ممڪن نہ آهي پر هن زمين ۽ موڙيءَ جو ملڪيت جو حق فرد نہ پر ڪٽنب کي ڏنو هو.

اهو ڪميونزم جو هڪ وڏگهراڻو ۽ آدرشي قسم هو جنهن ۾ فيلسوف حاڪم هئا ۽ قانون جي نظر ۾ مرد ۽ عورتون برابر هئا ۽ ٻنهي کي ساڳئي تعليم جو حق حاصل هو. شاعرن ۽ قياسي مفڪرن کي انهي رياست مان نيڪالي مليل هئي. انهي ڪتاب کي نقط عجوبي کان وڌيڪ حيثيت اها ڳالهہ ڏئي ٿي تہ انهي ۾ ذهن جي اهميت تي زور ڏنو ويو آهي ۽ اهو امڪان ڏيکاريو ويو آهي تہ سوچ ۽ فڪر ذريعي سماجي ۽ سياسي بيمارين جو علاج ٿي سگهي ٿو. اسان جي دور ۾

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مارڪسٽ افلاطون تي جمهوريت جي دشمن طور (اهو تہ هو هئو) حملا ڪندا رهيا آهن ۽ مٿس ڪنهن لحاظ کان جديد ڪاربوريٽ يا فاشسٽي رياست جو ابو هئڻ جي حيثيت ۾ بہ جهلون ٽيندڙيون رهن ٿيون.

البت اسان کي افلاطون جي سياسي ڪمن ۾ فرانسي انقلاب جي اصولن يا اهڙن محرڪن جي ڪابہ ميجنا نہ ٿي نظر اچي جن يورپ ۾ آزاد راءِ کي ايڏريو آهي. پر افلاطون پاڻ کي اهڙي ڪنهن بہ ڏاڍ جي حڪومت يا ڊڪٽيٽرشپ جو دشمن ڪري ڏيکاريو آهي جيڪا سندس خيال مطابق جمهوريت جي غلط استعمال ۽ جمهوريت پاران ماڻهن کي پنهنجون ضرورتون نہ ڏئي سگهڻ سبب پيدا ٿئي ٿي.

مڪالمن جو انداز حيرت انگيز طور هر هنڌ ساڳيو آهي انهي ۾ ڪنهن اهم نظريي جي سوالن جوابن وسيلي اوک ڊوک ڪئي وڃي ٿي، يا مڪالمو ڪنهن عام موضوع تي ڪيترين ئي تقريرن جو روپ وٺي بيهي ٿو.

ڪيترن ئي مڪالمن ۾ ڪو نتيجو بہ نہ ٿو ظاهر ٿئي. اهڙي طرح Loches نالي مڪالمي ۾ سقراط هڪ جرنيل، هڪ سپاهي ۽ هڪ عام شهري سان دليري بابت ڳالهائي ٿو پر آخر ۾ انهي بابت ڪو بہ فيصلو نہ ٿو ڪيو وڃي تہ ڇا دليري ڪا ذهني ڪوشش آهي يا ڪو حيواني جذبو آهي. لائسس (Lysces) نالي هڪ تمام دلچسپ ۽ مختصر مڪالمي ۾ سقراط اسڪول مان موٽندڙ ٻن ڇوڪرن سان دوستي، ماءُ پيءُ ۽ انهن جي ٻارن سان ورتاءُ ۽ انهن جي اختيار بابت ڳالهائي ٿو آخر ۾ هو انهي ڳالهہ بابت ڪو فيصلو نہ ٿا ڪري سگهن تہ دوستي ڇا آهي. پر انهي جي باوجود بہ هن مڪالمي مان اهو اهم افلاطوني نظريو منظر تي اچي ٿو تہ جيڪا شيءِ نہ بد آهي نہ چڱي اها بدي جي موجودگي سبب چڱائي کي پسند ڪري ٿي.

پروٽاگوراس (هڪ مشهور ۽ تمام ذهين سوفسطائي جي نالي پٺيان) نالي هڪ زوردار مڪالمي ۾ سقراط ۽ پروٽاگوراس کي علم جي ماهيت بابت بحث مباحثو ڪندي ڏيکاريو ويو آهي. پروٽاگوراس جيتوڻيڪ اضافيت جو قائل (relativist) آهي تہ بہ اسين کيس هن مڪالمي ۾ ڪيترن لحاظن کان سقراط بجاءِ افلاطون جي ڏاهپ جي ماهيت بابت سوچ جي ويجهو ڏسون ٿا. انهي هوندي بہ مڪالمي مان تمام لطيف طريقي سان پهچايل آخري تاثر اهو ٿو ملي تہ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پروٽاگوراس هڪ ڪوڙو پيغامبر آهي. چاڪاڻ ته هو پنهنجي حاصلات مان مطمئن رهندڙ هڪ اهڙو شخص آهي جيڪو سدائين ماڻهن ۾ مقبول ٿيڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ سقراط پاران پڇيل ذکين سوالن کان بچڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

فائيڊرس نالي مڪالمو سهڻن بابت بحث لاءِ وقف ٿيل آهي. انهي ۾ سقراط ۽ سندس دوست فائيڊرس ايٿنز جي ٻاهران ڳوٺاڻي علائقي ۾ چهل قدمي ڪندا وڻن جي هڪ جهڳٽي ۾ صنوبر جي هڪ وڻ هيٺان ويهي رهن ٿا. سقراط فائيڊرس کي هڪ وڏي سوفسطائي جو هڪ مقالو پڙهڻ تي آماده ڪري ٿو. فائيڊرس انهي کي ڏاڍو پسند ڪندو هو ۽ انهي جو هڪ مقالو پنهنجي چوغي هيٺان ڪڇي آيو هو. انهي مقالي مطابق ڪنهن نوجوان کي دوستي ۽ صلاحڪار طور اهڙي ماڻهو کي ترجيح ڏيڻ گهرجي جنهن کي هن سان عشق ۽ محبت نه هجي. چاڪاڻ ته ممڪن آهي ته عاشق شڪي مزاج هجي. پنهنجو فائدو چاهي ۽ سندس رويو غير عقلي هجي. انهي کان پوءِ سقراط ساڳئي موضوع تي هڪ اڻا سٺي تقرير ڪري ٿو يعني هو صلاحڪار طور ڪنهن عاشق کي قبول ڪرڻ جي نظريي خلاف ڳالهائي ٿو. پر سقراط ڏاڍي ڊرامائي انداز ۾ ڳالهه ختم ڪري ٿو ۽ چوي ٿو ته هن محبت جي ديوتا ايروس جي شان ۾ گستاخي ڪئي آهي. هو هڪ ٽئين تقرير ۾ انهي موضوع کي اڳتي وڌائي ٿو ته محبت روح جي هڪ حالت آهي ۽ محبت جو جذبو هڪ لحاظ کان حسن مطلق جي يادگيري آهي جيڪا خدا طرفان روح ۾ وڌي وئي آهي ته ٻئي لحاظ کان فقط انساني خواهش آهي. اهڙي طرح محبت انسان کي سچ ۽ ڏاهپ جو رستو ڏيکاري سگهي ٿي ۽ ٽنهن ڪري انهي کي ٻين سڀني احساسن تي ترجيح ڏني وڃي آهي ۽ انهي کي ڪڏهن به رد ڪرڻو نه آهي جيئن سوفسطائين جي مقالي مان تاثر ملي ٿو.

اها تقرير افلاطون جي سموري مجموعي ۾ تمام تخيلاتي ۽ تمام طاقتور آهي. پر سقراط انهي کان پوءِ به مطمئن نه آهي. انهن سڀني تقريرن ۾ هڪ اهڙي ڳالهه آهي جيڪا سچ نه پر فصاحت ۽ بلاغت سان واسطو رکي ٿي. انسانن کي عظيم موضوعن تي تقريرون ڪرڻ کان اڳ ڏاڍو اونهائي ۾ وڃڻ گهرجي. جيئن ته فطرت انسانن جي ذهنن ۾ ڏاهپ جي محبت رکي ڇڏي آهي پر انهي تائين پهچڻ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تمام ذڪيو ڪم آهي ۽ انهي تائين اهڙين تقريرن جي ذريعي تہ ڪڏهن بہ نہ تو پهچي سگهجي جيڪي انسان ٻڌندا رهيا آهن. سقراط ۽ فائيڊرس ياران وٽن جو جهڳتو ڇڏڻ کان اڳ سقراط جهنگ جي ديوتائن کان دعا گهري:

اي پيارا پان (pan) ۽ هتي رهندڙ ٻيا سيئي ديوتائو! مون کي اندروني طور سهڻو ڪريو ۽ منهنجين سمورين خارجي شين کي منهنجي اندر سان هم آهنگ ڪريو. مون کي اهڙو ٻڌائي ڇڏيو جو آءٌ فقط عقلمند ۽ ڏاهن ماڻهن کي ئي امير ۽ شاهوڪار سمجهان ۽ منهنجي دولت ايتري هجي جيتري چڱائي ۾ ڪم اچي سگهي. اي فائيڊرس ڇا اسان کي اجا وڌيڪ ڪنهن شي جي ضرورت آهي؟ مون پنهنجي لاءِ جيڪا دعا گهري آهي اها منهنجي لاءِ ڪافي آهي.

تمام وڏي ڪلاسيڪي عالم ۽ افلاطون جي مترجم جوويٽ (Jowett) لکيو آهي: "تمام نظرين ويندي عيسائي مذهب جي نطرين جا بہ بنيادي خيال افلاطون ۾ ڏسي سگهجن ٿا." اها ڳالهہ نہ فقط نظرين پر لاڙن جي لحاظ کان بہ درست آهي. افلاطون کي طبعي سائنس ۾ في نفسہ ڪا دلچسپي نہ هئي. ڊيموڪريٽس نالي سندس هڪ همعصر اهو شخص آهي جنهن سڀ کان پهريان ايٽم بابت ڪجهہ ڳالهايو. پر هن فصاحت بلاغت بجاءِ حساب، ڳڻپ ۽ تجربي جي وڪالت ڪئي آهي. هو ديوتائن بابت وهمي ۽ الهياتي تصورن ۽ انهي وقت جي مروج ديومالا (mytheology) جي خلاف هو پر انساني روح بابت پنهنجن حتمي تصورن کي بيان ڪرڻ لاءِ هن ڪيترين ئي يوناني روايتون بہ ڪم آنديون آهن. افلاطون جي خيالن مان ڪيترائي صوفياڻا مڪتب فڪر ۽ روحانياتي فلسفيانا نظام پروان چڙهيا آهن انهي هوندي بہ افلاطون جي بنيادي حيثيت علم کي يڪجاءِ ڪندڙ ۽ واضح شروعاتي اصولن جي ڳولهائو ۽ انهن جي وضاحت ڪندڙ واري آهي. افلاطون پنهنجي دور جي ڪيترن ئي عظيم نظرين کي پاڻ ۾ جذب ڪيو ۽ انهن کي اظهار ڏنو انهن کي پنهنجي گمناميءَ مان ٻاهر ڪڍي انهن کي انهن سان منسوب مبالغي ۽ داستانن کان آزاد ڪرايو ۽ انهن جو تعلق انسان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذات جي عمومي مشاهدي سان جوڙيو. تنهن ڪري افلاطون جي فلسفي جو فقط سرسري انداز ۾ تت ئي پيش ڪري سگهجي ٿو.

افلاطون جو فلسفو انهي لحاظ کان بنيادي طور اخلاقي فلسفو آهي جو سندس خيال ۾ انسان انهي لاءِ پيدا ٿيو آهي جيئن پنهنجي تڪميل ڪري سگهي ۽ اها تڪميل گهٽ يا وڌ هن دنيا ۾ ئي حاصل ڪئي ويٺي آهي. انسان قانون کي ورلي ئي سمجهي سگهيو آهي ۽ انهي تي فقط ڪڏهن اٽپوري نظر ئي وجهي وني ٿو پر اهو ئي سبب آهي جو هو سدائين اهو محسوس ڪندو رهي ٿو ته هن ۾ ڪنهن شي جي کوٽ آهي. هو جيڪڏهن پنهنجي وجود جي انهي قانون کي سمجهي ها ۽ انهي جي پوئواري ڪري ها ته هو مڪمل طور خوش هجي ها. درحقيقت اها ڳالهه اخلاقيات جي عيسائي تصور کان بلڪل مختلف آهي جنهن ۾ اهو نظريو سمايل آهي ته انسان کي پنهنجي ادني فطرت کي فتح ڪرڻو آهي ۽ اهو آسمان جي بادشاهت کي هن دنيا جو نه ٿو سمجهي. افلاطون مطابق انسان جو انهي کان برتر ڪو فرض ئي نه آهي ته هو پاڻ کي تڪميل جي سکيا سان وابسته ڪري تڪميل جي ڳولها سندس فطرت سان واسطو رکي ٿي. اهو ڪو اخلاقي امر نه آهي اها ته انساني فطرت جي سمجه پري ۽ متوازن نشوونما جو هڪ ضروري شرط آهي. چڱائي انهي ڪري چڱائي آهي جو اها صحتمند ۽ سونهن پري آهي، انصاف انهي ڪري چڱو آهي جو ناانصافي غير مربوط غير متوازن ۽ بدصورت آهي.

افلاطون کي فيلسوف طور سڀ کان اهم حيثيت پنهنجي وحدت (Unity) جي تصور جي سبب آهي. هن کي پڪ هئي ته سچ ۽ چڱائي جو وجود آهي ۽ اهي هڪٻئي کان ڌار نه ٿا ٿي سگهن ۽ اهو ته نيڪي جو دارومدار علم تي آهي. چڱائي، سچ ۽ حسن جي انهي وحدت جي بنياد تي افلاطون جو رايو هو ته سيئي فن جهڙوڪ موسيقي، ادب، شاعري، فن تعمير، فصاحت، سياست ۽ دستڪارين کي لازماً اخلاقي فلسفي جي تابع هئڻ گهرجي ۽ انهن جو قدر به ايستائين آهي جيستائين اهي انهي جي خدمت ڪن. دنيا ۾ ڪوڙو فن تعمير، ڪوڙي شاعري ڪوڙو ادب وغيره به آهن جيڪي انسان کي مڪمل جي حاصلات کان پري رکن ٿا ۽ کيس بي علم ۽ نامڪمل بڻائين ٿا. حقيقت ۾ افلاطون جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نظريي ۽ عيسائيت جي نظريي ۾ ڪيترين ئي هڪ جهڙايون آهن. پر هي اهڙو نظريو آهي جنهن جو بنياد خدا ۽ انسان ذات جي نجات ڏهندي ۾ عقيدي بجاءِ انسان ۽ روح بابت عقلي نقطهٔ نظر تي آهي. پر اهڙا ماڻهو بہ جيڪي نہ ئي وحدت جو افلاطوني نظريو قبول ڪري سگهن ٿا ۽ نہ ئي انهن ڪي يسوع مسيح جون تعليمات قبول آهن اهي بہ افلاطون کان بي نياز نہ ٿا ٿي سگهن. هو سدائين اهڙو انسان ٿي موجود رهندو جنهن تمام غير محسوس طريقي سان، تمام مستقل مزاجي سان ۽ تمام وڏنڊڙ نموني ۾ ۽ تمام تفصيل سان انسان جي فطرت ۽ انسان جي روح بابت بحث ڪيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 6. ارسطو جو اخلاقيات

قديم دنيا جي ليکڪن مان جن جا ڪتاب اسان تائين پهتا آهن انهن مان ارسطو شايد سڀ کان اهم آهي. افلاطون شايد وڌيڪ مشهور آهي پر افلاطون جي تحريرن جو اڪثر حصو مبهم آهي. ان جي برعڪس ارسطو جا پير مضبوطي سان زمين تي کُتل هئا. هن نظرين بجاءِ حقيقتن کي ترجيح ڏني ۽ هن جو رايو هو تہ تجربا ڪري ڏسڻ سان وقت ضايع نہ ٿو ٿئي. دنيا هن لاءِ بہ ايتري ئي پراسرار هئي جيتري افلاطون لاءِ پر ڪيس ان جي اسرارن ۾ هڪ للڪار نظر آئي. هن ڳولها ڦولها ڪرڻ چاهي ٿي ۽ سندس ذهن ۽ فڪر جو دائرو بہ ڏاڍو وسيع هو. هن پانت پانت جي موضوعن تي لکيو آهي. منطق ۽ فلسفو فطري تاريخ ۽ جاگرافي، نفسيات، علم بدن ۽ تشريح الاعضاء طبعيات ۽ فلڪيات، سياسيات ۽ اخلاقيات ڪو بہ موضوع سندس دائري کان ٻاهر نہ آهي. سندس تحريرن جو وڏو حصو گم ٿي ويو آهي ۽ باقي بچيل تحريرن جي وڏي حصي کي جديد سائنس جي دريافتن غير درست قرار ڏنو آهي. پر هن خاص طور هڪ ميدان ۾ جيڪو ڪجھ چيو آهي انهي کي اڄا تائين سوچ ۽ بحث جي قابل سمجهيو وڃي ٿو. اهو اخلاقيات جو ميدان آهي.

بظاهر ڏسجي تہ اها ڳالھ ڪجھ اڇرج جهڙي آهي ڇاڪاڻ تہ ارسطو جنهن دنيا ۾ رهيو هو اها اسان جي دنيا کان ڏاڍي مختلف هئي. هو جيتوڻيڪ يوناني هو پر اٿينائي نہ هو. هو (384 ق.م ۾) استيجرا ۾ ڄائو هو. اها مقدونيا جي حدن ۾ هڪ يوناني ڪالوني آهي. هو طب سان لاڳاپيل ماڻهو جو پٽ هو جيڪو مقدونيائي بادشاه جو فزيشن-ان-آرڊنري مقرر ٿيل هو. پر جلد ئي سندس ٻيءُ گذاري ويو ۽ هو سترهن ورهين جي ڄمار ۾ ايٿنز ويو هليو جتي شاگرد طور افلاطون جي مشهور اڪيڊمي ۾ داخل ٿيو. هو ويهن ورهين تائين افلاطون سان گڏ رهيو ۽ پوءِ سندس استاد جي وفات تي مختلف شهرن ۾ پڙهائيندو رهيو ايستائين جو 343 ق.م ۾ مقدونيہ جي بادشاه فلپ پاران سندس پٽ جو اتاليق ٿيڻ جي آڇ قبول ڪيائين. اهو پٽ مستقبل جو سڪندر اعظم هو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳي ٿو ته سڪندر ۽ سندس پٽ ارسطو جو وڏو قدر ڪيو ۽ طبعي سائنس ۾ سندس اپياس جي دل کولي پنيرائي ڪئي. انهي سائنسر ڏانهن لاڙو کيس پيءُ کان ورثي ۾ مليو هو. پر جڏهن سڪندر ايشيا فتح ڪرڻ جي مهم تي نڪري ويو ته ارسطو ايٿنز موٽي ويو ۽ اتي لائشيم نالي وڻن جي هڪ جهڳٽي ۾ فلسفي جو هڪ اسڪول هلائڻ لڳو. اهو پوءِ هلندڙ ڦرندڙ (Peripatetic) اسڪول جي نالي سان سڃاتو وڃڻ لڳو. انهي ڪري جو ارسطو کي پنهنجن شاگردن سان ڳالهائيندي گهمڻ جي عادت هوندي هئي. سڪندر جي وفات کان پوءِ ارسطو کي نون حڪمرانن جي خوشنودي حاصل نه رهي ۽ هو ڪاري سمنڊ جي ڪناري (chalcis) ۾ گوشه نشين ٿي ويو ۽ جلد ئي پوءِ (322 ق.م ۾) فوت ٿي ويو.

انهن ننڍڙين شهري رياستن واري دنيا ۾ سياسي اقتصادي ۽ سماجي ۽ مذهبي حالتون جينوٽيڪ اسان جي دنيا کان مختلف هيون پر ارسطو کي سڄي زندگي بابت ڳالهائيندي جيڪي مسئلا درپيش ايندا هئا.. اخلاقيات جي دائره ڪار ۾ به گهڻي قدر اهي ئي ڳالهيون آهن . اهي انهن کان گهڻو مختلف نه هئا جيڪي اسان کي اڄ درپيش اچن ٿا. اهو ئي سبب آهي جو سندس انهي موضوع تي لکيل تحريرن ۾ هڪ دائمي ڪشش آهي. اهي ٻن مقالن تي مشتمل آهن. انهن مان وڏيڪ اهم Nickomackean Ethics آهي. نڪوماڪس ارسطو جي هڪ داشته مان پٽ جو نالو آهي ۽ سمجهيو وڃي ٿو ته اهو ڪتاب هن ڏانهن مخاطب ٿي لکيل آهي يا شايد ته هن اهو پنهنجي پيءُ جي وفات کان پوءِ ايڊٽ ڪيو آهي. ٻيو مقالو Eudemian ethics جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. يوڊيمس ارسطو جو هڪ شاگرد هو. سمجهيو وڃي ٿو ته اهو هن ايڊٽ ڪيو آهي. ڪجهه عالمن جو رايو آهي ته يوڊيمس کي انهي جو ليکڪ سمجهي سگهجي ٿو.

ارسطو فلسفي بابت پنهنجين سڀني تحريرن ۾ پاڻ کي teleologist ظاهر ڪري ٿو يعني هو زير بحث ڳالهين جي تعبير مقصد يا غايت جي لحاظ کان ڪري ٿو. انهي ڳالهه جو چٽو ثبوت سندس نڪوماڪين ايٿڪس جي پهرئين بيان مان ئي ملي ٿو. "هرفن ۽ هر سائنس" اهو انهن لفظن سان شروع ٿئي ٿو "۽ ساڳئي طرح هراخلاقي انتخاب بابت سمجهيو وڃي ٿو ته انهن جو مقصد ڪا چڱائي هوندو آهي. اها چڱائي ڪهڙي آهي انهي جو دارومدار لاڳاپيل شين تي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندو آهي. ڪجھ ڪم فقط انهي لاءِ ڪيا ويندا آهن جو اهي ڪنهن مقصد تائين پهچائيندا آهن. يا انهن مان ڪو نتيجو ملندو آهي. جڏهن نہ ڪجھ ڪم انهي لاءِ ڪيا ويندا آهن جو خود اهي گهربل هوندا آهن. پر اها ڳالھ پڪي طرح واضح آهي تہ اهڙي ڪا ڳالھ لازماً هئڻ گهرجي جنهن کي مکيہ چڱائي (Chief Good) يعني سڀني ڳالهين مان سٺي ڳالھ چئي سگهجي. جيستائين انسانن جو تعلق آهي اهو مقصد انسان جي ڀلائي هئڻ گهرجي.

هاڻي اهو ڏسڻو آهي تہ اها مکيہ چڱائي ڪهڙي آهي؟ هاڻي انهي ڳالھ تي چڱو اتفاق راءِ آهي تہ اها مکيہ چڱائي cudaimonia آهي. اهو يوناني لفظ آهي جنهن جي عام طور معنيٰ خوشي (happiness) ڪئي ويندي آهي جيتوڻيڪ انهي جي ممڪن طور بهتر معنيٰ ڀلائي يا بهبود ٿيندي وڌيڪ عام لفظ ڪتب آڻبو تہ (ارسطو چوي ٿو) عام ماڻهو ۽ چند مهذب ماڻهو انهي کي خوشي جي نالي سان سڏين ٿا. ۽ اهي ”چڱي انداز ۾ رهڻ“ ۽ ”چڱا ڪم ڪرڻ“ کي ”خوش رهڻ جي هم معنيٰ سمجهن ٿا. پر ماڻهن ۾ انهي خوشي جي ماهيت بابت اختلاف آهي ۽ عام ماڻهو انهي جي تشريح ۾ عقلمندن سان يڪراء نہ آهن. ڇاڪاڻ تہ ڪجھ ماڻهو چون ٿا تہ اهي اهڙيون شيون آهن جيڪي ظاهر ڏسڻ ۾ اچن ٿيون يا محسوس ڪري سگهجن ٿيون جهڙوڪ خوشي، دولت يا عزت. حقيقت ۾ اها ڪڏهن ڪا شي تہ ڪڏهن ڪا شيءِ هوندي آهي. چو جو ساڳيو ماڻهو انهي بابت جدا جدا ڳالھ پيو ڪندو آهي. هو جڏهن بيمار هوندو آهي تہ انهي کي صحت چوندو آهي. جڏهن غريب هوندو آهي تہ انهي کي دولت سڏيندو آهي ۽ عام ماڻهو پنهنجي لاعلمي کي ذهن ۾ رکندي انهن ماڻهن کي پسند ڪندا آهن جيڪي وڏيون وڏيون ۽ انهن کي سمجھ ۾ نہ ايندڙ ڳالهيون ڪندا آهن.

اهي سڀ رايا ايترا تہ هڪبئي کان مختلف آهن جو اسين انهي نتيجي تي پهچي سگهون ٿا تہ خوشي کي مکيہ چڱائي چوڻ هڪ عام رواجي ڳالھ آهي ۽ اسين جنهن ڳالھ جي تلاش ۾ آهيون اها گهٽي واضح ۽ چٽي شيءِ آهي. درحقيقت انهي جي اصل ماهيت ڇا آهي ”هاڻي اهو مقصد تڏهن سولائي سان حاصل ڪري سگهجي ٿو جڏهن اسين اهو دريافت ڪري وٺون تہ انسان جو ڪم ڪهڙو آهي.“ ڇاڪاڻ تہ سنگ تراش يا ٻئي ڪنهن بہ قسم جو دستڪار يا اجا وڌيڪ عام انداز ۾

ڳالهائيندي چئجي ته اهي سڀ ماڻهو جيڪي ڪنهن قسم جو ڪم ڪن ٿا يا ڪنهن راهه تي هلن ٿا انهن بابت سمجهيو وڃي ٿو ته انهن جي مکيه چڱائي يا عمدگي انهن جي ڪم ۾ هوندي آهي. ساڳئي طرح ڏسڻ ۾ ايندو ته جيڪڏهن ڪنهن ڪم جو تعلق انسان سان آهي ته مکيه چڱائي به انسان ۾ هوندي "جيڪڏهن ڪنهن قسم جو ڪم آهي... پر اهو فرض ڪرڻ بلڪل غير واجبي هوندو ته "جڏهن ته واڍي ۽ موچي جا ڪجهه ڪم آهن پر انسان کي انسان جي حيثيت ۾ ڪو ڪم نه آهي. ڪيس فطرت طرفان بغير ڪم جي ڇڏيو ويو آهي."

هاڻي انهي کي ڇا ٿو چئي سگهجي؟ انهي کي فقط زندگي ته نه ٿو ڪوٺي سگهجي. ڇاڪاڻ ته اها ڳالهه ته هن ۾ ۽ ٻوٽن سبزين ۾ به مشترڪ آهي." نه ئي انهي کي احساس واري زندگي ڪوٺي سگهجي ٿو ڇاڪاڻ ته اها ڳالهه ته گهوڙن ڍڳن وبندي هر هڪ جانور ۾ به آهي." اها لازماً اهڙي ڳالهه هئڻ گهرجي جنهن جو بلڪل خاص طور انسان سان تعلق هئڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته سندس امتيازي خوبي سوچ ۽ تميز جي سگهه آهي. اهڙي طرح اسين ارسطو جي انهي نتيجي تي پهچون ٿا ته انسان جي چڱائي جو مطلب آهي. "عمدگي جي حاصلات ۾ روح جي ڪارگذاري يا عمدگي ۾ جيڪڏهن ڪا درجي بندي ٿي سگهي ٿي ته بهترين ۽ سڀ کان مڪمل عمدگي."

ارسطو مکيه چڱائي جي انهي اڻ چٽي خاڪي پيش ڪرڻ کان پوءِ فڪري ۽ اخلاقي خانن ۾ انساني عمدگي جو تجزيو ڪرڻ ڏانهن وڌي ٿو. هو انهي جي وصف اهڙي حالت جي صورت ۾ ڪري ٿو جنهن ۾ انسان چاڻي واڻي ڪا چونڊ ڪري ٿو هو پنهنجو عقل ڪتب آڻيندي انتهائن جي وچ مان اهڙي طرح ڪا چونڊ ڪري ٿو "جيئن عملي ڏاهپ وارو ڪو ماڻهو ڪو فيصلو ڪندو آهي." اتان اسين ارسطو جي نظام جي سڀ کان مشهور خصوصيت يعني (Doctrine of the Mean) تي پهچون ٿا.

نيڪي هڪ وچ واري حالت آهي. هو دليل ڏئي ٿو ته: "اها ٻن غلطي وارين حالتن جي وچ واري حالت آهي. هڪ پاسي تمام وڌاءُ آهي ۽ ٻئي پاسي غلطي آهي. انهي جو سبب اهو آهي جو هڪ پاسي واري غلط حالت نيڪي کان گُهٽي ٿي پوي ۽ ٻئي پاسي واري حالت نيڪي کان وڌي ٿي وڃي. هو پوءِ سندس چواڻي مکيه

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيڪين جي هڪ فهرست يا جدول ناهي ٿو ۽ پوءِ ڏيکاري ٿو تہ انهن مان هر هڪ ڪيئن گهٽي وڌيڪ ۽ گهٽي گهٽ ڪان وچ تي آهي. جرئت ۽ دليري هوڙيائي ۽ بزدلي جي وچ واري حالت آهي. خودڪفايت اسراف ۽ تمام گهٽ خرچ جي وچ واري حالت آهي. نماڻائي تشدد ۽ پاڻ کي ذليل ڪرڻ جي وچ واري حالت آهي. ارسطو جنهن ڳالهہ کي سولي خوشگواريت ڪوٺي ٿو اها باندر ۽ مسخري جي اداڪاري جي وچ واري حالت آهي. دوستاڻو رويو رکندڙ ماڻهو خوشامدي ۽ ويڙهاڪ جي وچ واري "خوش باش اعتدال" واري حالت تي هلندو آهي.

نيڪي جي انهن رُخن کي ايندڙ ٽن حصن ۾ تفصيل سان بحث هيٺ آندو ويو آهي. شروعات دليري سان ٿئي ٿي ڪجه اهڙيون ڳالهيون بہ آهن جن ڪان بلڪل مناسب نمونې بهادر سڏيو ويندڙ ماڻهو بہ ڊڄي سگهي ٿو. مثلاً انهن مان هڪ بيعزتي آهي. پر ڪيس ڪنهن بہ حالت ۾ غربت، بيماري يا ويندي موت ڪان بہ نہ ڊڄڻ گهرجي. موت اهڙي ڳالهہ آهي جنهن ڪان اڪثر ماڻهو تمام گهڻو ڊڄن ٿا. "چاڪاڻ تہ اهو سيني ڳالهين جي پڇاڙي آهي ۽ مئل ماڻهو چڱائي توڙي برائي ڪنهن بہ ڳالهہ جي قابل نہ هوندو آهي. ڪنهن سچي بهادر ماڻهو کي جنگ يا ٻي ڪنهن اوچتي هنگامي حالت ۾ باعزت موت ڪان ڪو بہ ڊپ نہ ٿيندو آهي نہ ئي اهڙي ماڻهو کي ڊڄڻو چئي سگهجي ٿو جيڪو پنهنجي زال يا ٻارن جي بيعزتي ڪان خوف محسوس ڪري غربت، محبت جي ڏک يا ٻئي ڪنهن ايذائيندڙ شي ڪان فرار لاءِ موت قبولڻ ڪنهن دلير ماڻهو نہ پر بزدل جو ڪم هوندو آهي" چاڪاڻ تہ ڪنهن بامشقت ڪم ڪان ڀڄڻ بزدلي ڪان سواءِ ڪجه بہ نہ آهي.

پوءِ اهو ماڻهو اچي ٿو جنهن ڪائڻ پيئڻ ۽ جنسي صحبت جهڙين لذتن ۾ ضبط نفس حاصل ڪري ورتو آهي. هو انهن سيني ڳالهين ۾ وچ واري رستي تي هلڻ جي ڪوشش ڪري ٿو يعني هو اهي لذتون وچٿري انداز ۾ ماڻي ٿو نہ گهربل انداز ڪان وڌيڪ ۽ نہ ئي نامناسب وقتن تي. جيڪي شيون صحت ۽ جسم جي بهتري لاءِ ڪارآمد آهن ۽ وٺندڙ بہ آهن هو اهي وچٿري انداز ۾ وٺندو. مڪمل ضبط نفس وارو ماڻهو مختصر طور چئجي تہ: "پنهنجي خواهشن کي صحيح عقل جي رهنمائي مطابق ضابطي ۾ رکي ٿو. وري ڪليل هٿ واري ماڻهو جي بيان ۾ ڪجه صفحا آيل آهن. جيڪو مناسب شين لاءِ مناسب انداز ۾ پئسا ڏيندو ۽ خرچ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندو. هو وڏين توڙي ننڍين شين تي هڪ جهڙي انداز ۾ خرچ ڪندو ۽ اهي سڀ ڪم پاڻ کي راحت ڏيڻ لاءِ ڪندو.“ انهي کان پوءِ اسين شاندار ماڻهو جي تصوير تي پهچون ٿا. لرسطو جو اهو بيان بلاشڪ ايٿنز جي وڏگهراڻن. مشهوري جي متلاشي خرچائن جي مشاهدي تي ٻڌل آهي. ”شاندار ماڻهو جا خرچ تمام وڏا ۽ نهڪندڙ آهن: چاڪاڻ ته سندس ڪم ڪار به اهڙا ئي هوندا آهن. ڪنهن به ڪم ۾ هن جي سوچ اها هوندي ته اهو ڪيترن پئسن ۾ نه پر ڪهڙي طرح تمام سهڻي ۽ نهڪندڙ نموني ۾ ٿئي ٿو. هن کي جيڪي به ادائيگيون ڪرڻيون پونديون انهن کي عزت لائق ڪوٺيو ويندو جهڙوڪ ديوتائن لاءِ باسيل نذر نياز انهن جي مندرن تي ڪرايل آرائشي ڪم. قربانيون ۽ ساڳئي طرح هر اهو ڪم جنهن جو خدا سان واسطو آهي ۽ اهڙا سڀ عوامي معاملا جن جو شانائتي حوصلي مندي سان تعلق آهي...... شاندار ماڻهو جي اها خصوصيت آهي ته هو هر ڪم شاندار نموني ڪندو آهي.

هاڻي آهستي ڇُرپر ڪندڙ ڳري آواز وارو ۽ ڳالهه ٻولهه جي مصنوعي انداز وارو“ ماڻهو منظر تي اچي ٿو. هو وڏي ذهن وارو ماڻهو آهي ۽ ارسطو انهي بابت جيڪو ڪجهه چوي ٿو اهو مڪمل يوناني انداز ۾ آهي. ٻين ڪيترين ڳالهين سان گڏوگڏ اسان کي ٻڌايو وڃي ٿو ته ”هو اهڙو ماڻهو نه آهي جيڪو ننڍڙا خطرا کڻي نه ئي هو پاڻ خطرن کي دعوت ڏئي ٿو ڇاڪاڻ ته هو تمام ٿورين ڳالهين کي ڪا اهميت ڏئي ٿو پر هو تمام وڏا وڏا خطرا سر تي کڻي ٿو ۽ هو جڏهن نڪري پوي ٿو ته هو پنهنجي سر جو سانگو به نه ٿو ڪري ڇاڪاڻ ته ڪيس خبر آهي ته ڪڏهن اهڙيون حالتون پيدا ٿي پون ٿيون جن ۾ زنده رهڻ ڪا اهميت نه رکندو آهي.“ هو اهڙي قسم جو ماڻهو آهي جيڪو ٻين تي مهربانيون ڪندو آهي پر کيس ٻين کان فائدا وٺڻ کان شرم ٿيندو آهي. ڇاڪاڻ ته هڪ ۾ کيس برتري جو احساس ملندو آهي ۽ ٻئين ڪم مان کيس شرمندگيءَ جو احساس ٿيندو. ۽ وڏي ذهن واري ماڻهو جي اها به خصوصيت هوندي آهي ته هو وڏي مرتبي وارن يا پلي پاڳ وارن ماڻهن سان شان شوڪت سان ملندو آهي پر وچئين طبقي جي ماڻهن سان ميٺ محبت سان ملندو آهي. ڇاڪاڻ ته گهٽ درجي وارن ماڻهن سان طاقت ۽ حيثيت واري هلت رکڻ ڪميڻائپ ۽ بيهودگي ٿيندي ۽ انهي جو مطلب ڪمزورن آڏو طاقت جي نمائش هوندي هن بابت هڪ وڏيڪ ڳالهه

ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته: هو اهڙي قسم جو ماڻهو آهي جيڪو فائدي مند سهڻيون ۽ بي لاڀ شيون. ڪير انهن کي بي ڪار به ڪوني سگهي ٿو. حاصل ڪرڻ کي اهميت ڏيندو آهي.

مجموعي طور ارسطو جو وڏي ذهن وارو ماڻهو ارڙهين صدي جي انگريز معزز ماڻهو جو هڪ مثالي نمونو ٿي سگهيو ٿي جيڪو تصويرون تامي جا ٿانو ۽ نفيس چيني جا ٿانو فقط انهي ڪري گڏ ڪندو هو جو اهي اميرن جي ڪم جون شيون هونديون هيون.

وٽندڙ ڪردار جي هڪ حصي طور انصاف جي تجزيي لاءِ هڪ مڪمل حصو (پنجون) وقف ٿيل آهي. انصاف جي مناسب ڄاڻ هئڻ يعني اهو ڄاڻڻ ته اهو ڇا آهي ۽ اهو ڪيئن لاڳو ٿيڻ گهرجي جي هر اهو يوناني شهري حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو جنهن کي پنهنجي شهريت تي فخر هوندو هو ڇاڪاڻ ته ڪيس ڪهڙي به وقت جيوري جو ميمبر ٿيڻ يا عوامي عدالتن ۽ اسيمبلين ۾ ٿيا ڪڙ ٿيڻ لاءِ گهرائي سگهجي پيو. ارسطو انصاف جا ٽي قسم بيان ڪيا آهن: هڪ ورهاستي (Distributive) جنهن ۾ اهو فيصلو ڪيو ويندو آهي ته ورهائي ويندڙ شي مان ڪنهن ماڻهو جو مناسب حصو ڪيترو ٿيندو ٻيو اصلاحي (Corrective): يعني قانوني عدالتن جو انصاف ۽ ٽيون تجارتي (Commercial) جنهن تحت واپاري ڏيتيون ليتيون ٿين ٿيون. ڪتاب جي باقي حصي ۾ (جملي ڏهه حصا آهن) انهن مختلف موضوعن جون وضاحتون آهن جيڪي اڳيئي بحث هيٺ اچي چڪا آهن.

"اسين انهن موضوعن تي پنهنجي مختصر انداز ۾ ڪافي ڳالهائي چڪا آهيون" ارسطو آخر ۾ چوي ٿو. پر چڱي زندگي جو اهو مسئلو بحث ذريعي طي نه ٿي سگهيو آهي. اهو زنده رهڻو آهي. "جنهن کي چڱو ٿيڻو آهي انهي لاءِ ضروري آهي ته ان جي سٺي ماحول ۾ پرورش ٿي هجي ۽ هو سٺي جاءِ ۾ رهيو هجي. پوءِ هو سٺن ادارن هيٺ رهيو هجي ۽ هن ڪڏهن به نبيچ ۽ ذليل ڪم نه ڪيا هجن. اهي مقصد فقط اهي ماڻهو ئي حاصل ڪري سگهن ٿا جيڪي ڪنهن رهنما عقل (Guiding Intellect) جي اصولن مطابق هليا هجن ۽ انهن جي پٺ تي طاقت به هجي. ٻين لفظن ۾ اخلاقيات کي سياست بابت ڳالهائڻ کان سواءِ بحث هيٺ آڻي ۽ طي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري ٿي نہ تہ سگهجي ۽ درحقيقت نڪوماڪي اخلاقيات سڏو ارسطو جي سياسيات (Politics) ڏانهن وٺي وڃي ٿي. هاڻي اسين مکيہ چڱائي بابت انهي پهرئين بيان ڏانهن وڃون ٿا. ارسطو جي ذهن ۾ عقلي ماڻهو(Rational Man) جو هميشہ جيڪو تصور هو انهي لاءِ مکيہ چڱائي اهڙي زندگي آهي جيڪا خوشگوار وچ جي اصول تي هلندي عقل مطابق اهڙي حالت يا سماج ۾ گذاري وڃي جهڙي يونانين پنهنجي ڏاهپ جي عروج واري دور ۾ پنهنجي لاءِ حاصل ڪئي هئي.

# 7. اينيڊ

## ـــ ورجل (VERGIL) ـــ

اينيڊ ڪلاسيڪي روم جو سڀ کان عظيم جنگ نامو آهي ۽ انهي کي 19 ق.م ۾ ورجل جي وفات کان پوءِ شهنشاهه آگسٽس جي حڪم تي ڇپجڻ کان وٺي هڪ ادبي شاهڪار مڃيو وڃي ٿو. قديم روم جي همٿ ۽ بهادري ۽ عزت ۽ وقار جي آدرشن کي لازوال ڪرڻ لاءِ لکيل اهو شاندار جنگ نامو هڪ شرميلي، نماڻي ۽ زنانو انداز رکندڙ ذات ڏٺي لکيو هو. انهي ڳوناٺي زندگيءَ بابت شعر لکي مشهوري ماڻي هئي ۽ کيس جنگي شان شوڪت سان ڪو به لڳاءُ نه هو.

پبلئس ورجيلئس مارو (Publius Virgilius Maro) منتوا جي ويجهو 15 آڪٽوبر 70 ق.م تي آگسٽس جي پيدائش کان ست ورهيه اڳ جائو هو. هن کي عالماڻي تعليم ملي هئي پر انهي وقت ۾ رومي دنيا جا بنياد لوڏي ڇڏيندڙ گهرو لڙاين جي سلسلي سندس خاموش مطالعي ۾ رخنو وجهي ڇڏيو هو ۽ انهن گهرو لڙاين ۾ سيزر ۽ پومپي جي وچ ۾ ۽ آڪيٽوين ۽ اينٽوني جي وچ وارا تڪرار اهم آهن.

جڏهن آڪٽيوين روم جي غير متنازع حاڪم طور منظر تي آيو ۽ انهي جي نتيجي ۾ فوجن جي ڇُرپر ختم ٿي وئي ته ملڪ واپس ايندڙ فوجين جي آباد ڪاري لاءِ زمينن جي سرڪاري حق ۾ ضبطي ضروري ٿي پئي. آڪٽيوين انهي مقصد لاءِ ورجل جي ذاتي جاگير سميت منتوا جي ڪيترن ئي علائقن تي قبضو ڪري ورتو. اها زمين جنهن سپاهي کي ڏني وئي انهي ڏاڍي بيدردي سان شاعر کي نيڪالي ڏئي ڇڏي ۽ کيس ماري ڇڏڻ جون به ڌمڪيون ڏيڻ لڳو. انهي سان اهڙي شخص جي حوصله افزائي ته بلڪل نه ٿي سگهي هوندي جنهن کي اڳتي هلي فوجي ڪارنامن جا گيت ڳائڻا هئا. ميسيناس جيڪو ادب ۽ فن جو وڏو سرپرست هو انهي آڪٽيوين کي سفارش ڪئي ۽ شاعر جي ميراث کيس واپس ملي. جڏهن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ورجل جا The Eclogues نالي ديهي زندگي بابت گيت آڪٽيوين جي حلقي ۾ پڙهيا ويا تہ هو روم جو سڀ کان وڏو عام مقبول شاعر ٿي پيو.

آڪٽيوين جيئن ئي شهنشاهہ آگسٽس جي نالي سان تخت تي ويٺو تہ هن اهو طي ڪري ڇڏيو تہ هو جهڙي قسم جي روم جي تخليق چاهي ٿو انهي کي هومر جي معيار جهڙي شاعري مان اتساهہ ملڻ گهرجي. اهڙي طرح آگسٽس جي حاصلات جي چوگرد ڦرندڙ قومي جنگ نامو تصنيف ڪرڻ جي رٿا کان هربا صلاحيت شاعر باخبر ٿي ويو. انهي تجويز کي هٿ ۾ کڻڻ لاءِ گهربل علمي گهرائي ۽ فني طاقت فقط هڪ ماڻهو وٽ هئي ۽ اهو هو ورجل. هن پنهنجي زندگي جا آخري يارنهن ورهيہ اينيڊ لاءِ وقف ڪري ڇڏيا. هو اڳ ۾ نثر ۾ لکندو هو ۽ پوءِ جڏهن موڊ ٿيندو هوس تہ ان کي شعر ۾ آڻيندو ويندو هو. اهڙي طرح هو انهي جي حصن بابت بہ ڪنهن خاص ترتيب مطابق نہ هليو. اهڙي طرح هو آهستي آهستي لکندو ويندو هو ۽ ڪڏهن تہ اڳ ۾ لکيل ڳالهيون بہ وسري وينديون هئس. سندس ڪم ۾ بعضي بعضي جيڪي بي ربطيون نظر اچن ٿيون انهن جو سبب بہ اهو ئي آهي. انهن اوڻاين ۽ ڪجھ اڻپورين سٽن مان اهو اشارو ملي ٿو تہ هو ايترو وقت جيئرو نہ رهي سگهيو جو سموري اينيڊ تي نظرثاني ڪري ۽ ان جي وڌيڪ ناهہ نوهہ ڪري سگهي. حقيقت اها آهي تہ هو انهي مان ايترو تہ غير مطمئن هو جو مرڻ وقت سندس اها خواهش هئي تہ انهي کي جيڪر ساڙي ڇڏجي.

ورجل بہ انهي واقعي مان پنهنجو موضوع چونڊيو جنهن کي هومر لازوال بڻائي ويو هو يعني ٽراءِ جو محاصرو پر اطالويءَ جي آڪاٽي جو بنياد اهو داستان آهي جنهن مطابق ٽروجان جو پناهگير اينياس ۽ سندس پيروڪارن جو جٿو مغرب ۾ پهچي ٿو. ورجل جي نظرن ۾ اينياس هڪ عام انسان ۽ روايتي جنگنامي جي هيرو کان گهڻو وڌيڪ هو. هو روم جي عظمت ۽ هڪ لحاظ کان خود شهنشاهہ آگسٽس هو يعني تنهن وقت جي معلوم دنيا جي سڀ کان وڏي طاقت جي اميدن ۽ تقدير جو عملي روپ.

شايد شاعر جي حساس ۽ نازڪ طبيعت جي سبب هن لاءِ پنهنجي تخليق ۾ پنهنجي برتر انسان (Super man) جي ڪردار جي ڳولها تمام ڏکيو ڪم هو ۽ سندس سڀ کان وڏا مداح بہ اها ڳالهہ تسليم ڪن ٿا تہ اينياس جو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪردار سندس تصنيف ۾ سڀ کان ظاهر ڪمزوري آهي. انهي ڪي روم جي آدرش جو هڪ نمونو هئڻ گهربو هو پر هڪ سگهاري شخص جي لحاظ کان پنهنجن پيروڪارن جي واڪاڻ توڙي پنهنجن دشمنن جي داد جي معيار تي پورو نہ ٿو لهي. ورجل لڳي ٿو تہ پنهنجي آڪاٽي ۾ محبت جو عنصر شامل ڪرڻ بہ ضروري سمجهيو پر هو ڊيڊو (Dido) جو ڪردار اهڙي دردوندي سان پيش ڪري ٿو جو هيرو پاران انهي سان سندس ورتاءُ پڙهندڙ جي دل ۾ لازماً بيزاريءَ ناپسنديدگي جو احساس پيدا ڪندو.

وينس ديوي جي پٽ اينياس ڪي ڪتاب جي پهرئين حصي ۾ سسلي کان اٽلي جي ساموندي ڪناري ڏانهن سندس سفر دوران پيش ڪيو وڃي ٿو. سندس ڪنور دشمن جونو (Juno) نالي ديوي هوائن جي ديوتا آيولس کي انهي ڳالهہ تي آماده ڪري ٿي تہ هو طوفان آڻي آفريقا جي ساموندي ڪناري ڏانهن ويندڙ ٽروجن جي ٻيڙي کي تيڙي پکيڙي ڇڏي. وينس، نيپچون ديوتا کي وچ ۾ پوڻ تي راضي ڪري وٺي ٿي ۽ هو طوفان کي مانو ڪري ڇڏي ٿو پر انهي کان اڳ ٽروجن جا ٽي ساموندي جهاز ٻڏي وڃن ٿا ۽ باقي بچيل ٻيڙي جو عملو آفريقي ڪناري تي مختلف جاين تي لهي وڃي ٿو. اينياس اڪيٽز (Fidus Achates) جيڪو صدين کان وفاداري جو مثال بڻجي ويو آهي، نالي پنهنجي وفادار پيروڪار سان خشڪي جو رخ ڪري ٿو ۽ روم جي سڀ کان وڏي ۽ پراڻي دشمن ڪارٿيج وٽ پهچي وڃي ٿو. رستي ۾ سندس ماءُ ڪيس ڄڻاءُ ڏئي ٿي تہ اتي هڪ نئين آبادي جي اڳواڻ ڊيڊو نالي ٽائر جي هڪ بيواه شهزادي آهي جيڪا پنهنجي مڙس جي قتل کان پوءِ پنهنجي شهر مان ڀڄي وئي آهي ۽ پنهنجن پيروڪارن جي هڪ مضبوط جٿي جي مدد سان هڪ نئين بادشاهت قائم ڪرڻ جي ڪوشش ۾ آهي. پر ڊيڊو اينياس جو گرم جوشي سان آڌرڀاءُ ڪري ٿي ۽ سندس مان ۾ ڏنل ضيافت ۾ ڪيس چوي ٿي تہ هو ٽراءِ جي شڪست کان پوءِ پنهنجي رولاڪين جو داستان ٻڌائي. اينياس اها آڇ قبول ڪري ٿو ۽ (ٻئين حصي ۾) ٻڌائي ٿو تہ ڪيئن نہ سندس ماءُ کيس خبردار ڪيو هو تہ هو پنهنجي ڪٽنب ۽ گهريلو ديوتائن کي گڏ ڪري ٽراءِ جي بدنصيب شهر جي يونانين جي هٿن ۾ هليو وڃڻ کان اڳ انهي مان نڪري وڃي. پوءِ پيدا ٿيل مونجهاري ۾ سندس گهرواري ڪريوسا (Cruesa) هن کان جدا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي وئي. هن ٻاران سندس زال جي ڳولها دوران سندس ملاقات ان جي روح سان ٿي وئي جنهن کيس ٻڌايو ته اٽلي ۾ مستقل طور رهڻ سندس مقدر ۾ لکيل آهي.

هو ٽئين حصي ۾ به پنهنجي آڪاڻي جاري رکندي ٻڌائي ٿو ته ڪيئن نه هن ۽ ٻين پناهگيرن گڏجي هڪ ٻيڙو ٺاهيو ۽ ايندڙ سال جي بهار جي موسم ۾ سڙهه چوڙي روانا ٿي ويا. اهي جڏهن ٿريس جي سامونڊي ڪناري جي ويجهو پهتا ته اينياس جي هڪ قتل ٿيل مائٽ پولي ڊورس انهن کي ڊيڄاري ڀڄائي ڇڏيو ۽ پوءِ انهن ڊيلوس ڏانهن رخ رکيو جتي انهن کي اپالو جي فال گهر مان ٻڌايو ويو ته اهي پنهنجو قديم مادر وطن حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن. اينياس جو پيءُ سمجهي ويو ته فال مان مليل مشوري مان مراد ڪريٽ آهي پر پيناٽيس اينياس کي قائل ڪري ورتو ته انهي جو مطلب اٽلي آهي. اهڙي طرح اهي اٽلي ڏانهن روانا ٿيا پر هڪ طوفان جڻ ته انهن کي اچي هارپيز جي هٿن ۾ اڇلايو. انهن وري رستو بدلايو ۽ ايپيروس جي ڪناري اچي پهتا اتي اهي هيلينس سان مليا جيڪا هاڻي اينڊرو ماڪ سان پرڻيل هئي. هيلينس اپالو کان الهام جي ذريعي انهن تي زور ڀريو ته هو سسلي کي ڦيرو ڏئي اٽلي جي الهندي ڪناري جو رخ رکن. اهي سسلي جي اُلهندي آخري حصي وٽ اچي پهتا ۽ سيارو اتي گذارڻ جو فيصلو ڪيائون. اتي ئي اينياس جو پيءُ اينچائيس فوت ٿي ويو.

اها آڪاڻي ڊيڊو جي دل تي اثر ڪري ٿي ۽ کيس اينياس سان شديد محبت ٿي وڃي ٿي. (حصو چوٿون) پوءِ هوءَ وينس جي سهڪار سان اينياس سان هڪ قسم جي شادي ڪري ٿي. پر اينياس کي مرڪيوري خبردار ڪري ٿو ته افريقا سندس قسمت ۾ لکيل ناهي ۽ هو لڪي ڇپي پنهنجن سفرن تي نڪري وڃڻ جي ڪوشش ڪري ٿو پر ڊيڊو کيس ڳولهي وٺي ٿي ۽ تمام پر زور لفظن ۾ کيس اتي رهي پوڻ جي درخواست ڪري ٿي. پر هو کيس قائل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي وڃي ٿي ۽ دلشڪستي ٿي فوت ٿي وڃي ٿي. اينياس پنهنجن ٻيڙن جا سڙهه چوڙيندي سندس چکيا تي نظر وجهي ٿو. (حصو پنجون) هي حصو تدفيني کيلن جي بيان لاءِ وقف ٿيل آهي. اهڙي طرح اهو هومر جي جنگنامي واري روايت جي پابندي ڪندي نظر اچي ٿو. کيلن دوران جونو ٽروجن جي عورتن سان ڳالهائيندي ڳالهائيندي انهن کان اينياس جا جهاز سازائي ٿي ڇڏي اهڙي طرح سندس چار

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهاز ضايع ٿي وڃن ٿا پر هو ڪنهن نہ ڪنهن طرح پنهنجي سفر جي آخري حصي تي هلي پوي ٿو ۽ پنهنجن پيروڪارن مان جيڪي گهڻ طاقت وارا آهن انهن کي سسلي ۾ نئون شهر پڏڻ لاءِ ڇڏي وڃي ٿو. هو رستي تي سبائيل (Sibylc) سان ملي ٿو جيڪا پيغامبرانہ جوش ۾ هئي ۽ اڳڪٿي ڪيائين تہ هو هڪ نئين هيلن لاءِ اٽلي ۾ جنگيون جوٽيندو. هو ڪيس صلاح ڏئي ٿي تہ هو زمين کان هيٺاهين دنيا ۾ لهي وڃي ۽ سڀ کان اڳ سونهري ٽاري (Golden Bough) ڳولهي. ڇاڪاڻ تہ زنده ماڻهن ٻاران مئل روحن جي نڪاڻي Hades ۾ وڃڻ جو فقط اهو ئي اجازت نامو آهي. اينياس کي ٽاري هٿ اچڻ کان پوءِ سبائيل کيس اسٽيڪس (Styx) مان ٽپائي ايليشائي ميدانن (Elysian Fields) ۾ وٺي وڃي ٿي جتي هو پنهنجي پيءُ جي روح سان ملي ٿو. اتي بہ هو ايندڙ دور جي رومين جي روحن جون قطارون ڏسي ٿو جيڪي جُوڻ متجڻ جي انتظار ۾ هئا. انهن ۾ اگسٽس جو روح بہ هو.

انهي حصي مان خاص طور جتي هو اينچائسس جي ذريعي اينياس کي هڪ فلسفي جي سمجهاڻي ڏئي ٿو ورجل جي پنهنجن مذهبي نظرين تي بہ ڪجهہ روشني پوي ٿي. انهي ۾ هڪ روح سموري دنيا ۾ انهن ۾ موجود سڀني جاندار شين کي زندگي ڏئي ٿو. اهو جيتوڻيڪ الوهي اصليت رکندڙ آهي پر سندس آسپاس موجود ناپاڪ ڪندڙ مواد سندس راهہ ۾ رڪاوٽ وجهي ٿو ڇڏي اهڙي طرح اهو دليل ڏنو وڃي ٿو تہ انسان جو روح جيتوڻيڪ الوهي اصليت رکندڙ آهي پر انهي کي گندا جذبا رکڻ جي پڻ صلاحيت آهي. آلوده روح کي صاف ڪرڻ ضروري آهي تنهن ڪري انهي کي هڪ قسم جي برزخ ۾ ڏکوئيندڙ صفائي جي عمل مان گذرڻ ضروري آهي. فقط چند منتخب روح ئي ڏوهن کان اهڙي طرح آجا هوندا آهن جو انهن جون رولاڪيون پڄاڻي تي پهچي وينديون آهن ۽ اهي هميشہ لاءِ ايليشم (Elysium) ۾ رهندا آهن. اڪثر روحن کي دنيا ۾ جوڻ مٽائي ٻين جسمن ۾ اچڻو پوندو ۽ اهي پهريان ليٿ (Lethe) جو پاڻي پيئندا جيڪو انهن جي ذهنن تان ماضي جي ياد ميساري ڇڏيندو. اينيڊ جو اهو حصو اوڊيسي جي يارهين حصي ۾ اوڊيئس جي هيڊيز (Hades) وڃڻ جو هڪ بهترين اُلٿو آهي ۽ انهي تي جنگ نامي جو پهريون اڌ پڄاڻي تي پهچي ٿو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صاف نظر اچي ٿو تہ نظم جو پيون اڌ ورجل جي ذوق مطابق نہ هو. چاڪاڻ تہ ڪيترين جاين خاص طور جنگ نامي لاءِ اُتر لڙائي وارن منظرن ۾ سندس طبيعت صحيح نموني نہ ٿي کُلي. هو جنگ جي خونريزي جا منظر بيان ڪرڻ وقت فني لحاظ کان بلڪل ڪمزور نظر اچي ٿو ۽ موت جو درد بيان ڪرڻ وقت پنهنجي بهترين انداز ۾ نظر اچي ٿو پر مجموعي طور سندس شاعري تمام بهترين تخيل ۽ تشبيهن سان سينگاريل نظر اچي ٿي. اينياس آخرڪار (ستين حصي ۾) پنهنجي مستقبل ۾ آباد ٿيڻ واري منظر تي پهچي ٿو. هو ۽ سندس پيروڪار ليٽيم جي بادشاهت ۾ پهچن ٿا. انهي تي ليٽيئس جي حڪومت هئي. سندس ڌيءُ ليونيا تي رتولي جو شهزادو عاشق هو. پر ليٽينس کي ڪنهن اها اڳ ڪٿي ڪري ڇڏي هئي تہ اها پنهنجي ملڪ جي ڪنهن رهواسيءَ سان شادي نہ ڪندي ۽ جڏهن اينياس بادشاه کان سندس ملڪ ۾ رهڻ جي اجازت گهري تہ کيس احساس ٿي ويو تہ سمنڊ پار کان آيل هن سردار جي روپ ۾ کيس ليوينيا جي قسمت ۾ لکيل وَر ملي ويو آهي. پر سندس راڻي اماتا ترنس کي ترجيح ٿي ڏني. جونو ديوي هڪ دفعو ٻيهر وچ ۾ پوي ٿي ۽ جلد ئي سموري بادشاهت مان ٻاهرين ڪاهہ ڪندڙن کي نيڪالي ڏيڻ جا آواز اٿڻ لڳن ٿا.

اهو حصو اطالوي فوجين جي فهرست سان ختم ٿئي ٿو. اينيڊ ۾ ڪم آيل هومر واري جنگ نامي جي اها ٻي خصوصيت آهي. (ڏسو ايليڊ جي ٻئين حصي ۾ جهازن جو تفصيل).

اينياس هاڻي (حصو اٺون) مستقبل جي روم شهر جي هنڌ جو دورو ڪري ٿو ۽ ٽائبر جو ديوتا کيس خواب ۾ ٻڌائي ٿو تہ کيس آرڪيڊيا جي ايواندر کان مدد وٺڻ گهرجي جيڪو اڳي ئي اتي رهندڙ آهي. هو جيڪڏهن سمنڊ جي ڪناري تي اڇي سور مادي ٽيهن ٻچڙن سان گڏ ڏسي تہ کيس سمجهڻ گهرجي تہ سندس خواب پورو ٿيندو. اينياس کي سور نظر اچي ٿي ۽ محسوس ڪري ٿو تہ سوڻ سندس فائدي ۾ آهن. هو سڄهہ ڪٽي پيلاٽين ٽڪري جي ٻاهران هڪ آبادي وٽ پهچي ٿو. قديم روم جو شهر اتي هوندو هو. اتي هرڪيوليس جو جشن ملهائجي رهيو هو. ايواندر ۽ ان جو پٽ پالاس سندس دل کولي آڌرڀاءُ ڪن ٿا ۽ کيس هرڪيوليس لاءِ ٿيندڙ رسمن ۾ شريڪ ٿيڻ جي آڇ ڪن ٿا.

انهي دوران اولمپس تي بہ گهڻي سرگرمي ٿيندي رهي ٿي. وينس پنهنجي سڀ خطائون معاف ڪندڙ مڙس ولڪن (اهو اينياس جو آسماني پيءُ نہ آهي) کي آماده ڪري ٿي تہ هو سندس پٽ لاءِ آسماني زره بڪتر تيار ڪري ڍال تي روم جي تاريخ جي پيش گوئي ڪندڙ منظرن جو هڪ سلسلو چٽيل آهي. جيڪو ايڪٽيم جي لڙائي تي ختم ٿئي ٿو (31 ق.م ۾ وڙهيل قديم تاريخ جي اها هڪ فيصلائتي جنگ آهي جيڪا آوڪيٽوين ۽ اينٽوني ۽ قلو پطره ۾ لڳي هئي. انهي ۾ آوڪيٽوين فاتح ٿيو هو). ورجل انهي تڪري ۾ هومر پاران اڪليز جي هٿيارن جي ڏنل بيان جو تتبع ڪري ٿو.)

هاڻي ورجل اينياس جي غير حاضري ۾ ليٽيم ۾ ٿيل سيني واقعن کي ورجائي ٿو. (حصو نائون) ٽرنس ٽروجن جي ڪيمپ تي حملو ڪري ڏنو ۽ سندس لنگر انداز ٿيل جهازن کي باهہ ڏئي ڇڏي نيپچون انهن جهازن کي جل پرين ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. ٽروجن اينياس جي پٺيان ڇڏيل حڪم جي پوئواري ڪندي پنهنجي ڪيمپ جي پٺين اندر رهيا. نيسس ۽ سندس دوست يوريالس رٽولي جي صفن تائين پهچڻ جي ڪوشش ۾ اڳتي وڌيا جيئن اينياس کي حملي کان خبردار ڪري سگهن. (ايلياڊ ۾ اوڊيسيس ۽ ڊيوميڊيز دشمن جي ڪيمپ جي جاسوسي ڪرڻ لاءِ ساڳئي نموني پنهنجي ڪيمپ ڇڏي نڪرن ٿا). اهي مارجي وڃن ٿا ۽ ٻئي ڏينهن ٽرنس پنهنجو شديد حملو ڪري ٿو جنهن سان پٺيون پڇي پون ٿيون. پر ٽرنس اڪيلو رهجي وڃي ٿو ۽ پاڻ سان زندگي بچائي پڇي وڃي ٿو.

هاڻي اولمپس جا ديوتا فيصلو ڪن ٿا تہ جيئن تہ جنگ فيصلائتي مرحلي ۾ پهچڻ واري آهي تنهن ڪري ڪائونسل ڪوٺائڻ جو وقت اچي ويو آهي. جونو ۽ وينس جي وچ ۾ بحث مباحثي کان پوءِ (حصو ڏهون) جوپيٽر اهو فيصلو ڏئي ٿو تہ آخرين فتح جو معاملو قسمت تي ڇڏيو وڃي. اينياس پنهنجن پيروڪارن ڏانهن واپسي جي سفر ۾ ايٽرسڪن فوج جي اڳواڻي ۾ اچي ٿو ۽ پنهنجن نباءِ هيٺ آيل ٽروجنن جي مدد لاءِ عين وقت تي پهچي ٿو. هڪ چٽي لڙائي کان پوءِ رٽولين کي شڪست اچي ٿي پر پالاس (ايوانڊر جو پٽ) جيڪو اينياس سان اچي مليو هو اهو ٽرنس هٿان مارجي وڃي ٿو. يارهين حصي ۾ مردن کي دفن ڪرڻ لاءِ امن جو بيان اچي ٿو. اينياس اها آڇ ڪري ٿو تہ هو جنگ جو فيصلو ڪرڻ لاءِ ٽرنس سان

دويدو مقابلو ڪري پر سندس دشمن نئين سر عام لڙائي کي ترجيح ڏئي ٿو ۽ وري اينياس ۽ سندس لشڪر سوپارو ٿئي ٿو.

آخري حصو (ٻارهون) وري صلح جي بيان سان شروع ٿئي ٿو. اهو انهي شرط تي ڪيو ويو هو ته ٽرنس اينياس جي اڪيلي سر دويدو مقابلي جي آڇ قبول ڪندو. اماتا راڻي اڪيلي سر مقابلي جي سخت خلاف آهي ۽ ٽرنس جي ڀيڻ رٽولين کي انهي ڳالهه تي آماده ڪري ٿي ته هو امن جي ڀڃڪڙي ڪري اينياس کي ناڪام ڪن. پوءِ اينياس کي هڪ جهڙپ ۾ غداري ڪندي تير هڻي زخمي ڪيو وڃي ٿو پر وينس ڦٽ ڇُٽائڻ ۾ طبيب جي مدد ڪري ٿو. اينياس وري لڙائي ۾ شامل ٿئي ٿو ۽ سندس پيروڪار لاطينين جا پير اکيڙي ڇڏين ٿا. راڻي اماتا آپگهات ڪري ڇڏي ٿي ۽ ٽرنس آخرڪار اڪيلي سر دويدو مقابلي ۾ اينياس جي سامهون اچي ٿو. انهي مقابلي ۾ ديوتائن طرفان تمام گهٽي مداخلت ٿئي ٿي پر آخر ۾ ٽرنس مقابلي جي قابل نه ٿو رهي. هو اينياس کي جان بخشي جو عرض ڪري ٿو پر جڏهن اينياس اهو محسوس ڪري ٿو ته سندس حريف کي مقتول پالاس جو پٽو ڪاميابي جي نشاني طور ٻڌل آهي ته هو فوراً کيس قتل ڪري ڇڏي ٿو.

اهڙي طرح جنگ نامو پڄاڻي تي پهچي ٿو. جيتوڻيڪ اينياس جون مهم جوئيون اينيڊ لاءِ پلاٽ مهيا ڪن ٿيون پر اڳوڻي روم جي عظمت ۽ جولين گهراڻي جي قسمت جي ڦير ڪي- جنهن جو شهنشاه اگستس به هڪ فرد هو- ڏاڍي مهارت سان انهي ۾ شامل ڪيو ويو آهي. سيزرن جي عظيم گهراڻي کي ڏاڍي پابوه سان اينياس جو جانشين قرار ڏنو ويو آهي ۽ ڏيڊو- انهي علائقي جي راڻي جنهن کي اڳتي هلي ڪارٿيج ٺيڻو هو- جي دربار ۾ سندس اڳتي هلي رومين ۽ ڪارٿيجن ۾ پيدا ٿيندڙ رقابت ڏانهن چٽو اشارو آهن. اها رقابت روم جي حاڪم نسل جي سوڀ تي ختم ٿيڻي هئي.

ورجل ۽ سندس عظيم يوناني بانيڪار هومر ۾ ڀيٽ اڻ ٽر آهي. پر حقيقت ۾ لاطيني شاعر جا علمي مداح انهي ڀيٽ کي پسند نه ٿا ڪن. انهن جو دليل اهو آهي ته هومر اهڙن ماڻهن لاءِ شاعري ڪئي جيڪي تمام وڏي معيار مطابق جنگ نامي کان واقف هئا ۽ سندس شاعري پڙهڻ لاءِ نه پر ٻڌڻ لاءِ هئي. اها ڳالهه به

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صحيح آهي تہ هومر جو سماج نسبتاً غير پيچيده هو ۽ هن عالمن ۽ ڪافي پڙهيل لکيل ماڻهن لاءِ شاعري ڪئي هئي. بهرحال انهي ڳالهہ ۾ ڪو شڪ شبهو نہ آهي تہ اينيڊ جون شاعراڻيون خوبيون ايليڊ کان گهٽيون گهٽ آهن جنهن ۾ ايليڊ جهڙي مقصد جي وحدت ۽ فن جي هم آهنگي نہ آهي نہ ئي ان ۾ اهڙي صداقت ۽ سادگي آهي.

شايد تہ ڪو نقل پلي ڪيتري نہ مهارت سان ڇو نہ ٺهيل هجي انهي ۾ ڪڏهن بہ پر عظمت اصل جهڙي تازگي نہ ٿي اچي سگهي.

# 8. پلوٽارڪ جولائيوز
# (Plutarch's Lives)

اهو شخص جنهن کان شيڪسپيئر ۽ مانٽين سميت ڪيترن ماڻهن پنهنجي قديم تاريخ سکي اهو 46ع جي لڳ ڀڳ ڄائو ۽ پنهنجي زندگي جو وڏو عرصو ڪائرونيا نالي هڪ نسبتاً غير مشهور شهر ۾ گذاريائين. اهو بوئيشيا جو گادي جو هنڌ به نه هو ۽ يونان جي عظمت جي ڏينهن ۾ اٿان جي غير اهم علائقن مان هڪ هو. پلوٽارڪ ڪيترو وقت پنهنجي شهر جو آرڪن يعني هڪ مکيه جج ٿي رهيو. هو ايٿنز ۾ امونيئس فيلسوف وٽ پڙهيو. هن هڪ دفعو مصر جو سفر پڻ ڪيو ۽ زندگي ۾ اڳتي هلي 45 ورهيه عمر ٿيڻ کان اڳ شايد پنهنجي آبائي شهر جي ڪنهن ڪم سانگي روم به ويو ۽ اتي ليڪچر ڏنائين. انهي ذريعي هن جي روم جي ڪجھ دانشورن سان دوستي ٿي. هن شادي ڪئي ۽ پنج ٻار ٿيس ۽ ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته هڪ ڳوٺائي معزز ۽ پڙهيل لکيل ماڻهو جي حيثيت ۾ چڱي خوش زندگي گذاريائين.

سندس تحريرن ۾ خاص طور سندس Moralia مان- جيڪو سندس زندگي دوران هر قسم جي واقعن بابت ويچارن ۾ مضمونن جو مجموعو آهي. اسان کي سندس ڪردار بابت ڪافي ڄاڻ ملي ٿي. هن کي ماڻهن. ماڻهن سان لاڳاپيل هر ڳالهه ۾ انهن جي مالي معاملن بابت ڏاڍي هورا ڪورا هوندي هئي. هو هر ڳالهه تي اعتبار ڪري ويهندو هو ۽ سندس جمالياتي حس ان کان اهڙين ڳالهين تي به يقين ڪرائي ويهندي هئي جن جي جيڪڏهن تصديق نه ٿي سگهي ته به انهن ۾ سٺي منظر ڪشي ٿيل هوندي هئي ۽ اطالوين چواڻي انهن جو بنياد چڱو هوندو هو. هو سياست ۾ قدامت پرست خيالن جو حامل هو ۽ ڪيس اها ڳالهه پسند هوندي هئي ته ماڻهن جي اٿي ويهڻ ۾ شان مان ۽ ڪجھ ضابطو هجي. هو اسان کي ٻڌائي ٿو ته ڪيئن نه هو هڪ دفعو روم ۾ ڪنهن موضوع تي ليڪچر ڏئي رهيو هو ته حاضرين ۾ رسٽيڪس نالي ڪنهن ماڻهو وٽ هڪ سپاهي شهنشاه ڊوميشن جو خط کڻي

جي وڏي حصي ۾ سلطنت تي ويسپاسين، ٽيٽوس، نروا، ڊوميشين، تراجان ۽ 117ع ۾ پلوٽارڪ جي وفات کان 3 ورهيه اڳ هيڊرين جهڙن نسبتاً سٺن ۽ برجستن شهنشاهن جي حڪومت رهي.

پلوٽارڪ جيتوڻيڪ يوناني هو پر هن رومي سلطنت جو شهري هئڻ جي حيثيت ۾ ڪا به گهٽائي محسوس نه ڪئي ۽ سياست ۽ سماج بابت سندس پختي سوچ اميد افزا هوندي هئي. زندگي گذارڻ لاءِ اهو هڪ سٺو وقت هو. هن کي ويساهه هو ته يونانين پاران وڏي يونانيائي رياست قائم نه ڪري سگهڻ جو هڪ لازمي نتيجو رومي غلبو آهي. يونان جو دور ختم ٿي ويو هو انهي جي آبادي گهٽجي وئي هئي ۽ به صديون اڳ ڪورنٿ جي محاصري وقت اهو آخرڪار پنهنجي آزادي تان هٿ کڻي ويٺو. پلوٽارڪ فليمينس جي حياتي جي احوال ۾ يوناني سياست جي اوڻاين بابت لکي ٿو:

ميراٿون ۾ حاصل ٿيل سوڀ سلاميس جي سامونڊي لڙائي پليٽائي ۽ ٿرموپولا جي لڙاين ۽ يوريميڊون ۾ سيمون جي ڪارنامن کي ڇڏي يونان پنهنجين سمورين لڙاين ۾ نقصان ڪاڏو ۽ پاڻ کي غلام بڻايو. سندس پاران ڪڙا ڪيل فتح جا سيئي يادگار ۽ نشان هن لاءِ لڄ ۽ تڪليف جو سبب ٿيا ۽ سندس عظيم شخصن جي غلطين ۽ هوڙياڻپ سبب اهي سيئي ويران ۽ تباهه ٿي ويا.

انهي جي باوجود به پلوٽارڪ جي خيال ۾ يونان تي روم جو غلبو ڪا دکدائڪ ڳالهه نه هئي. ڪنهن وڏي ۽ مضبوط سلطنت سان واسطو هئڻ چڱي ڳالهه هئي. يوناني زبان ۽ يوناني رسم رواج روم جي حڪمران طبقي جي تعليم جو اڻٽٽ حصو هئا ۽ يونانين کي رومي سلطنت ۾ موجوده اصطلاح مطابق پهرئين درجي وارن شهرين جي حيثيت حاصل هئي.

پلو ٽارڪ جو ارادو هو ته هو The Parallel Lives ڪتاب جو پورو عنوان اهو آهي- جي ذريعي يونان جي عظمت خود پنهنجي دور ۽ ايندڙ نسلن جي آڏو رکندو.

اڪثر يونانين ۽ رومين جي زندگين جي احوالن جي هڪٻئي سان ڀيٽ ڪئي وئي آهي. انهي جو مطلب اهو ڪڏهن به نه هو ته رومين کي گهٽ ڪري يوناني سورمن جي واکاڻ ڪئي وڃي پر انهي جو اصل مقصد اهو ڏيکارڻ هو ته پنهنجي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان رستو ملندو وچي جنهن ۾ مائنوٽار ٽاڙ ۾ ويٺو هو. پر ٿيسئيس جي دنيا ۽ ٿامي جي دور بابت پلوٽارڪ کي ايتري بہ خبر نہ هئي جيتري موجوده دور ۾ آهي. پر انهي جي باوجود پلوٽارڪ پنجين صدي ق.م ۾ ٿي گذريل سائمون جي زندگي جي احوال ۾ لکي ٿو تہ ايرانين سان جنگ کان پوءِ ڊيلفي جي فال گهر مان اٿينائين کي هدايو ويو هو تہ هو اسڪائروس مان ٿيسئيس جا هڏا واپس آڻين. سائمون اهو بيٽ فتح ڪري ورتو ۽ خدائي الهام ذريعي هڏا دريافت ڪري ورتا. هن ڏٺو تہ هڪ باز هڪ قسم جي دڙي تي پنهنجي چهنب هڻي رهيو هو ۽ هن جڏهن پنهنجن سپاهين کي دڙو کوٽڻ جو حڪم ڏنو تہ انهن کي هڪ تمام وڏو تابوت نظر آيو ۽ انهي جي پرسان ٽامي جي تلوار ۽ گرز رکيل هئا.

پلوٽارڪ جي حياتين جي احوال مان سڀ کان بهترين ڳولهڻ ـ يعني جن ۾ تمام گهڻي دلچسپي ٿي سگهي ۽ اهي پڙهڻ وٽان هجن ـ تمام ڏکيو ڪم آهي ڇاڪاڻ تہ اهي سڀئي عجيب غريب حڪايتن، واقعن ۽ پلوٽارڪ جي اهڙن مشاهدن سان ڀريل آهن جن کي وساري نہ ٿو سگهجي. اڪثر ماڻهو انهي ڳالهہ تي متفق ٿيندا تہ سيزر ۽ مارڪ اينٽوني السيبياڊز پيريڪلز ۽ نيسياس جي حياتين جا احوال تمام دلچسپ آهن. پلوٽارڪ، قلوپطره بابت اينٽوني جي حياتي ۾ لکي ٿو:

افلاطون چئن قسمن جي خوشامد بابت لکيو آهي پر هن وٽ هڪ هزار هيون. ڪير بہ ويندي شيڪسپيئر بہ اينٽوني ۽ قلوپطره ۾ قلوپطره جي فطرت ۽ ڪشش بابت انهي کان سٺو بيان نہ ڪري سگهيو آهي جهڙو ڪائرونيا جو اخلاق جو درس ڏيندڙ ڪري ويو آهي تہ:

انبوهہ ڪري ايندڙ مصيبتون جيڪي اينٽوني تي اچي پئي سگهيون. اينٽوني جڏهن سمجهي وٺي ٿو تہ هو سونهن سوپيا، شان شوڪت ۽ حاضر جوابي ۾ قلوپطره جو مقابلو نہ ٿو ڪري سگهي تہ هو تمام خراب فقري بازي تي لهي اچي ٿو. هو بہ اهو محسوس ڪندي تہ هو ڪنهن درباري کان وڌيڪ هڪ سپاهي آهي تہ هو بہ ڪنهن قسم جي هٻڪ يا رک رکاءِ کان سواءِ ساڳئي انداز ۾ جواب ڏئي ٿي:

سندس حقيقي حسن بابت چيو وڃي ٿو تہ اهو ايترو خاص نہ هو جو ڪنهن جي ان سان ڀيٽ نہ ڪري سگهجي. يا هو اهڙي نہ هئي جو ڪو ماڻهو ان کي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏسڻ سان ان جي حسن جي تاب نہ جهلي سگهي. پر توهان جيڪڏهن هن سان گڏ رهندا هجو تہ سندس موجودگي جو احساس، سندس شخصيت جي ڪشش ۽ انهي سان گڏوگڏ سندس گفتگو جي ڪشش ۽ سندس سموري اٿي ويهي ۽ ڳالهہ ٻولهہ جو انداز ڪو جادوئي اثر رکندڙ هوندا هئا. فقط سندس آواز جو پڙلاءُ ئي دل کي خوشي سان پري ڇڏيندو هو ۽ هو جڻ تہ ڪنهن گهڻ تاري ساز وانگر هڪ ٻولي مان ٻي ٻولي ڳالهائڻ لڳندي هئي.

جيڪڏهن ڪنهن کي ليکڪ طور پلوٽارڪ جي فقط ڪنهن هڪ خصوصيت جي چونڊ ڪرڻي پوي تہ اها سندس دلچسپ ۽ جوش سان پري ڇڏيندڙ تفصيل ڏيڻ ۾ مهارت آهي. هو پيريڪلز جي حياتي جي احوال ۾ خوشحال ايٿنز ۾ نهيل نين عمارتن جي حسن بابت راءِ ڏيندي لکي ٿو.

اهڙيون عمارتون تعمير ٿينديون ويون جيڪي سائيز جي لحاظ کان بہ متاثر ڪندڙ هيون تہ انهن جي نقشي جي سونهن بہ بيمثال هئي جو تہ ڪاريگر بہ پنهنجي ڪاريگري جو حسن ڏيکارڻ ۾ وڌي ڪوشش ڪندا هئا. وري انهن بابت تمام اچرج ۾ وجهندڙ ڳالهہ اها هئي جو اهي تمام جلدي نهي تيار ٿي ويون هيون. پر حقيقت اها آهي تہ اها سموري رٿا فقط هڪ شخص جي انتظام جي عروج واري دور ۾ زير عمل آئي هئي. هر عمارت ۾ اهڙو حسن هوندو هو جيڪو انهي جي وجود ۾ اچڻ سان ئي احترام لائق لڳندو هو ۽ ساڳئي وقت انهن مان اهڙي جواني سان ڀرپور قوت بکندي نظر ايندي هئي جنهن سبب اهي اج بہ ائين نظر اچن ٿيون جڻ هاڻي نهيون آهن. پيريڪلز جي انهن ڪمن مٿان هڪ دائمي تازگي ڦيرا ڏيندي رهي ٿي ۽ انهن کي وقت جي لمس کان اهڙي طرح محفوظ رکيو اٿائين جڻ تہ انهن ۾ جواني جو ڪو روح ۽ ڪا دائمي حياتيت ڦوڪي وئي آهي.

ايٿنز ۽ اسپارٽا جي وچ ۾ پيلوپونيشيائي جنگ دوران اٿينائين جي سيراڪيوز ڏانهن واحد پيش قدمي دوران انهي فوج تي جيڪا مصيبت آئي انهن جي خبر شهر ۾ پهچڻ سان جيڪا مايوسي ۽ نراس جي حالت پيدا ڪئي ٿيوسيڊائيڊز انهي جو ڏاڍو بيمثال بيان ڏنو آهي. پلوٽارڪ انهي واقعي بابت هيٺئن لکيو آهي:

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن اها دهشت ناڪ خبر پهريون دفعو ايٿنز پهتي ته ڇيو وڃي ٿو ته ماڻهن کي انهي تي اعتبار نه پئي آيو. انهي جو هڪ سبب ته اها خبر آٽيندڙ پيغامبر هو. حالتن مان ائين ظاهر ٿئي ٿو ته ڪو اجنبي ماڻهو پيرائيوس ۾ اچي هڪ حجام جي ڪرسي تي ويهي انهي موضوع بابت ائين ڳالهائڻ لڳو ڄڻ ته اها ڪا عام رواجي خبر هجي. حجام انهي جي ڳالهه ٻڌي ۽ انهي کان اڳ جو اهو مسافر ڪنهن ٻئي کي اها ڳالهه ٻڌائي هو تمام تيز ڊوڙندو شهر ۾ ڪاهي پيو ۽ خاص ججن وٽ پهچي هڙ تڪڙ ۾ سموري ڳالهه ٻڌائي ڇڏيائين. فطري ڳالهه آهي ته انهي سان تمام گهڻي مايوسي پيدا ٿي انهي کان پوءِ وڏو هل هنگامو مچي ويو. انهي تي ججن بنا دير اسيمبلي جو اجلاس ڪوٺايو ۽ حجام کي پنهنجي سامهون آڻايو. هن کان جڏهن آڏي پڇا ڪئي وئي ته هن اها ڳالهه ڪيئن ٻڌي ۽ هو جڏهن ڪو اطمينان بخش جواب نه ڏئي سگهيو ته کيس افواهه پکيڙيندڙ ۽ عوام کي ايارينديندڙ قرار ڏئي سزا ڏني وئي. کيس ڦيٿن سان ٻڌي مٿس ايستائين سخت تشدد ڪيو ويو جيستائين پيغامبرن اچي انهي تباهي جي مڪمل تفصيلن سان خبر ڏني.

پلوتارڪ جي انهن انساني عجوبن جا اڻڳڻ مثال پيش ڪري سگهجن ٿا. کيس شايد بلڪل واضح شين کان سواءِ بي هر ڳالهه بيان ڪرڻ ۾ دلچسپي آهي ۽ هو نين شين ۽ غير معمولي ايجادن ۾ محبت جي لحاظ کان هڪ سچو يوناني آهي.

پلوٽارڪ جو تاريخ بابت نظريو ڪٿهن ڪٿهن ڇيو ويندو آهي ته ڪنهن اخلاق جي پرچارڪ جو آهي. اها ڳالهه درست آهي ته هن پنهنجي Parallel Lives ۾ پنهنجن سورمن جي چڱاين ۽ برائين جي پيٽ ڪئي آهي. هو پيريڪلز جي حياتي جي احوال جي شروع ۾ لکي ٿو ته هن عمل جي ميدان ۾ رهندڙ ماڻهن جي حياتين جو احوال ڏيڻ جي چونڊ ڪئي آهي ڇاڪاڻ ته هو سمجهي ٿو ته شاعرن ۽ مصورن جي حياتين جي پيٽ ۾ اهڙن ماڻهن جون حياتيون چڱائي کي سمجهڻ ۽ انهي جي تمنا ڪرڻ لاءِ وڌيڪ اياريندڙ ٿيون. پر ليکڪ جي راءِ مطابق کيس انسان دوست (Humanist) ڪوٺڻ وڌيڪ بهتر آهي. کيس ٻئي ڪنهن به ڳالهه کان وڌيڪ عظيم ماڻهن جي ڪردار ۾ دلچسپي آهي ۽ ٻي اسٽيئر ڊي لا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وگيري جي هڪ فقري مطابق سندس سڀ سورما "تاريخ ۾ پنهنجو مقام ملڻ جي اوسيئڙي ۾ آهن." هو انهن تي ٿي پنهنجي توجهه مرڪوز رکي ٿو ۽ رقم طراز آهي:

جيئن پورٽريٽ جا مصور جسم جي ٻين حصن جي ڀيٽ ۾ منهن جون لڪيرون ۽ نقش وڌيڪ چٽائي سان ڏيکاريندا آهن ڇاڪاڻ ته انهي مان مجموعي سيرت نظر ايندي آهي تيئن مون کي به انسانن جي روح جي نشانين ۽ علامتن تي خاص توجهه ڏيڻ جي اجازت ڏني وڃي ۽ آءٌ جڏهن انهن ڳالهين ذريعي انهن جي حياتين جا چٽ چٽڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو ته سگهي ٿو ته آءٌ وڌيڪ اهم معاملا ۽ وڏين جنگين جا احوال ٻين لاءِ ڇڏي ڏيان.

اهو ڪتاب هڪ تمام ذهين ماڻهو جي زندگي ۾ عمومي دلچسپي جي عڪاسي ڪري ٿو جنهن ۾ مافوق الفطرت ڳالهين کان وٺي انهن ڳالهين جو بيان پڻ آيل اهي ته مختلف ڪردارن جو ٻيئسي ۽ دولت بابت رويو ڪهڙو آهي. گڏوگڏ اهو ڪتاب انهي سوچ جي تائيد پڻ مهيا ڪري ٿو ته ماڻهن ۾ اها صلاحيت آهي ته اهي عظيم تي سگهن ٿا، پاڻ کي پاڻ جهڙن ٻين ماڻهن کان جدا ڪري سگهن ٿا ۽ تاريخ ۾ چڱائي يا برائي جو نشان ٿي سگهن ٿا. پلوٽارڪ کنهن به مورخ لاءِ هڪ قيمتي ماخذ جي حيثيت رکي ٿو ۽ هو بجا طور قديم دنيا جو سڀ کان مقبول عام مورخ آهي. هو جج جي حيثيت ۾ پنهنجي احترام ۽ هڪ ڪٽنب جي سربراهه هئڻ سان گڏ هڪ اهڙو بن ديوتا آهي جيڪو پنهنجي بانسري وڄائيندي اسان کي دعوت ڏئي رهيو آهي ته اسين هن جي پٺيان انساني روح جي اونداهي جهنگ ۾ هلون جيڪو عجيب غريب مخلوقات، حيواني خواهشن ۽ سرور بخشيندڙ اڌ ٻڌل آوازن سان ڀريل آهي. هن جي حيثيت تاريخ جي رهنما کان وڌيڪ هڪ اهڙي تحرڪ جي آهي جيڪو پاڻ کي ماضي ۾ گم ڪري ڇڏڻ تي اپاري ٿو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 9. پراڻو عهدنامو

هڪ سو سال اڳ جيڪڏهن بائيبل کي دنيا جي وڏن ڪتابن مان هڪ چئجي ها ته عام ماڻهن کي اها ڳالهه عجيب لڳي ها ۽ انهي کي مقدس شين جي شان ۾ گستاخي جي لڳ ڀڳ برابر سمجهيو وڃي ها. انهي کي "ڪتاب" يا "مقدس صحيفا" چيو ويندو هو جيڪو ڪتاب پيدائش کان آخري ڪتاب Book of Revelation تائين خدا جي طرفان الهام ٿيل هو ۽ جيڪو نئين عهدنامي تي پڄاڻي تي پهچي ٿو. گرجا گهر وڃڻ جي عادت سبب ماڻهو بائيبل جي ٽڪرن سان تمام مانوس هوندا هئا. بائيبل جو گهر ۾ دور لازمي هوندو هو ۽ سلطنت جي نوڪري جي سلسلي ۾ گهر کان ٻاهر ويندڙ نوجوانن کي به والدين اهو ڏيندا هئا ۽ ان کي پابندي سان پڙهڻ جو تاڪيد ڪندا هئا. ٻرندڙ ٻوٽو جنهن مان خدا ابراهيم سان ڪلام ڪيو هو يوسف ۽ سندس گهڻ رنگو ڪوٽ، دائود ٻاران Saul جي سامهون بربط وڄائڻ ۽ جالوت کي قتل ڪرڻ: انگريز ماڻهو ٻين داستانن يا ٻاهرين ماخذن جي تاريخ جي ٽڪرن کان وڌيڪ پراڻي عهدنامي جي انهن روايتن سان مانوس هئا.

نئين عهدنامي جي پيٽ ۾ پراڻي عهدنامي ۾ عيسائيت جو پيغام جينوٽيڪ ايترو سنئون سڌو نه آهي پر انهي کي اسان جا ابا ڏاڏا نئين عهدنامي وانگر ئي خدا جو ڪلام سمجهندا هئا. انهي کي پروٽيسٽنٽ ملڪن ۾ خاص طور عزت جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هو ڇاڪاڻ ته اتي ماڻهو پنهنجي ذهن ۽ شعور مطابق انهي جي تشريح ڪري سگهندا هئا. اها ڳالهه انگلينڊ تي سڀ کان وڌيڪ صادق اچي ٿي جتي بائيبل جا سڀ کان پهريان ڪيل مڪمل ترجما جيڪي ڇپائيءَ هيٺ آيا ۽ اهي وڏي ادبي اهميت رکن ٿا. انهن ۾ ٽائنڊيل ۽ مائيلزڪورڊيل جا ترجما اهم آهن. هينري انين جي دور ۾ سهيڙيل ڪرينر جو Prayer Book به اهميت رکي ٿو. انگريز ٽيوڊر گهراڻي جي سموري دور ۾ انهي کان پوءِ به شديد مذهبي جوش جذبي سان پڙهيل رهيا ۽ نه فقط شديد Puritans پر سموري قوم بائيبل کي ائين

جيڪڏهن عالمي معاملن تي سياسي اثر وجهڻ جي حوالي سان پرکيو وڃي ته عبراني ڪنهن به لحاظ کان دنيا جي اهم قومن ۾ شامل نه هئا. لڳ ڀڳ 1900 ق.م ڌاران سامي قبيلن جو هڪ ننڍڙو گروهه ابراهيم نالي هڪ سردار جي اڳواڻي ۾ ميسوپوٽيميا جي شهر ڪلده جي اُرنالي ڳوٺ مان اولهه طرف ڪنعان يا فلسطين ڏانهن لڏي ويو. بائيبل جي آکاڻي مان خبر پوي ٿي ته ڪنعان ۾ ابراهيم جا پونير ڏڪار مان سخت متاثر ٿيا ۽ آهستي آهستي مصر لڏي ويا اتي انهن سان تيستائين مهرباني وارو سلوڪ ٿيندو رهيو جيستائين اتي "هڪ بادشاهه پيدا ٿيو جنهن کي اسرائيل بابت ڪا خبر نه هئي" ۽ انهن کي غلام بڻائي مختلف قسم جي تعميراتي ڪمن ۾ هنيو ويو. جن بادشاهن شايد يوسف سان مهرباني جو سلوڪ ڪيو هوندو اهي شايد Hyksos يا ريڍار بادشاهه (Shepherd kings) هئا جيڪي پاڻ سامي هئا ۽ ڪاميابي سان مصر تي ڪاهه ڪئي هئائون. انهن کي اهو احساس هجي ها ته اسرائيلي سندن هم وطن آهن. ۽ جنهن فرعون انهن کي غلام بڻائڻ جي شروعات ڪئي اهو شايد رعمسيس پيون هو جنهن هڪ مقامي گهراڻي جي حڪمراني جو بنياد وڌو هو.

تقريباً 1100 _ 1300 ق.م ڌاران عبراني غلام، موسيٰ نالي مصر ۾ پيدا ٿيل هڪ عبرانيءَ جي اڳواڻي ۾ مصر مان ڀڄي نڪتا. اسرائيلي ريگستان مان هڪ اڻ سڌي رستي ذريعي چاڪاڻ ته غزا واري تڪڙي رستي ۽ ساموندي ڪناري تي سخت پهرو هو. ڪير ۽ ماکي جي سرزمين ڪنعان موٽي آيا جيڪا انهن جي ابن ڏاڏن چار سو ورهيه اڳ ڇڏي هئي. هاڻي اسرائيلين جو انگ به وڌي ويو ۽ انهن پنهنجو هڪ بادشاهه چونڊيو. انهن پاران ڪنعان ۾ مضبوطي حاصل ڪرڻ جي ڪهاڻي تشدد، چالاڪي ۽ حرفت سان ڀريل آهي. ڪنهن زمين تي وڏي عرصي کان آباد، تعداد ۾ وڌيڪ ۽ وڌيڪ تهذيب يافته پاڙيسرين سان جهيڙيندڙ قبيلن جي ڪنهن ننڍڙي ۽ پنهنجي حيثيت کان واقف گروهه جون اهي لازمي خصوصيتون هونديون آهن. اهو قومي وجود جي بقا جي هڪ خونخوار جدوجهد جو داستان آهي. اسرائيلين تي اوائلي پيغمبرن جهڙوڪ جوشوعا (Joshua) حڪمراني ڪئي هئي. اهو موسيٰ جو جانشين هو. اسرائيلين فلسطينين سان سخت ڇڪتاڻ دوران

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجا بادشاهه چونڊيا. انهن مان پهريون ساؤل (Saul) پيون جيسي گهراڻي جو دائود هو. انهي داستان جون ٻاڙون هاڻي مضبوطي سان تاريخ ۾ ڪتل آهن.

هاڻي تاريخ جي سلسلي کي ڪجهه دير لاءِ روڪي انهي اهم حقيقت کي زير غور آندو وڃي ته تاريخ طور پراڻي عهدنامي جي ڪهڙي حيثيت آهي. جڏهن راڻي وڪٽوريا تخت نشين ٿي ته ماڻهن جو عام ويساهه اهو هوندو هو ته دنيا 4004 ق.م ۾ تخليق ٿي هئي. پراڻي دور وانگر تڏهن به سادو ذهن رکندڙ ماڻهن کي پراڻي عهدنامي جي ڳالهه بلڪل تزءِ هوبهو تاريخ لڳندي هئي. پر انهي صدي جي پڇاڙي وقت جڏهن جيالاجسٽن ۽ طبعياتدانن جي ڪم طبعي دنيا بابت انسان جي علم ۾ وسعت آڻڻ شروع ڪئي ته بائيبل کي تاريخي لحاظ کان حڪايت يا لوڪ ادب سمجهيو وڃڻ لڳو. عيسائي انهي کي جيتوڻيڪ خدا طرفان الهام ٿيل پر بنيادي طور داستانوي اصل رکندڙ سمجهندا هئا. پوءِ جڏهن اڳتي هلي عالمن بابل ۽ اسيريا جي ڪيونيفارم (چيٽيءَ جي شڪل جهڙي) لکتن جي معنيٰ ڳولهي لڌي ته پراڻي عهدنامي جي وڏي حصي جي تاريخي حيثيت بابت شڪ شبها ختم ٿي ويا. گذريل 50 ورهين دوران آثار قديمه جي ماهرن پاران وچ اوير ۽ مصر بابت ڪيترين نئي دريافتون ڪرڻ کان پوءِ انهي دعويٰ کي وڌ کان وڌ مجتا ملندي پئي وڃي ته پراڻي عهدنامي جي سموري آکاڻي هڪ ڪارائتو تاريخي رڪارڊ آهي. مثال طور هاڻي ابراهيم جي آکاڻي کي لوڪ ادب کان وڌيڪ اهميت ڏني پئي وڃي جاڪاڻ ته 1930ع واري ڏهاڪي دوران مرڪندڙ منهن وارن ماري (Mari) بادشاهن جي حڪم هيٺ هلندڙ اموري بادشاهت جي دريافتن هارون ۽ نئور جهڙا شهر منظر تي آندا آهن. انهن جو بائيبل ۾ ذڪر آهي پر اهي آثار قديمه وارن کي هٿ اچڻ کان اڳ ڪير به انهن کان واقف نه هو. مصر مان خروج جي ڪيترن ئي واقعن جو بنياد هاڻي پڪي پختي حقيقت تي بيٺل ڏيکاريو ويو آهي. ساڳئي طرح جيريڪو نالي هڪ وڏي شهر تي قبضو پراڻي عهدنامي جو هڪ وڏو واقعو آهي. انهي شهر جون ڀتيون جوشوعا جي نفير جي آوازن تي ڪري پيون هيون. آثار قديمه جو علم جيتوڻيڪ انهي معجزي جي پٺ ڀرائي نه ٿو ڪري پر دريافتن مان هڪ قلعي بند شهر ظاهر ٿيو آهي جيڪو شايد دنيا ۾ سڀ کان قديم آهي ۽ جڏهن اسرائيلي انهي ۾ آيا اهو

تڏهن به هزار ورهيه پراڻو هو. گذريل 30 ورهين تائين سمجهيو ويندو هو ته جيريڪو جو بائيبل کان سواءِ ڪٿي به ذڪر ٿيل نه آهي.

لڳ ڀڳ هڪ هزار قبل مسيح جي دور تائين به پنجين صدي جي يونانين لاءِ تاريخ جو مطلب گهڻي حد تائين داستانوي سورما هوندا هئا. تراءِ شهر جي محاصري جي تاريخ 1200 ق.م جي لڳ ڀڳ آهي. پر بادشاهه دائود چڱي مستند تاريخي شخصيت آهي. جنهن 1000 کان 961 ق.م تائين حڪومت ڪئي.

دائود جو جانشين سليمان ٿيو جنهن جي دور ۾ اسرائيل جي ننڍڙي بادشاهت ۾ واڌويجهه ٿي ۽ اها شاهوڪار ٿي. پر سليمان جي شاه خرچين ۽ ڳرا ٽيڪس مڙهڻ سبب هن کان عوامي حمايت کسجي وئي ۽ 922 ق.م ۾ سندس وفات وقت بادشاهت ٻن حصن ۾ ورهائجي وئي. انهن مان اترين حصي کي اسرائيل يا فرائيم ۽ ننڍي ڏاکڻين حصي کي جُدا سڏيو ويو. اهو گهڻي ڀاڱي هڪ سڌو جابلو علائقو آهي جنهن جو گادي جو هنڌ يروشلم هو. سليمان جي وفات کان جلد ئي پوءِ بائيبل کي يڪجاءِ ڪيو وڃڻ لڳو. آخري دور جي پيغمبرن کان سواءِ بائيبل جي ليکڪن جا نالا معلوم ڪرڻ جو ڪو ذريعو نه رهيو آهي. اها روايت جنهن مطابق حضرت موسيٰ بائيبل جي شروعاتي پنجن ڪتابن جو ليکڪ آهي ۽ جن کي يهودي توريت يا Law جي نالي سان سڏين ٿا انهي جي درست هئڻ جو امڪان نه آهي. بائيبل جا شروعاتي حقيقي خالق اهي پادري يا عالم آهن جن نائين صدي قبل مسيح ۾ روايتي تحريرن کي گڏ ڪرڻ شروع ڪيو. اهڙي هڪ گروپ کي J ماخذ جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. انهي جو سبب اهو آهي جو خدا جي نالي جي لاءِ جهوواهه يا جهويهه جو لفظ ڪتب آندو ويو آهي. انهي ماخذ جو هنڌ جُدا هو. انهي کان ڪجهه پوءِ جي ماخذ کي E سڏيو وڃي ٿو. انهي ۾ خدا لاءِ الوهيم جي لفظ جي استعمال کي ترجيح ڏني وئي آهي. انهي ماخذ جا عالم اسرائيل جي اترئين بادشاهت ۾ رهندا هئا. هڪ پٺئين دور جو ماخذ به آهي جنهن J ۽ E ٻنهي جي ڪمن کي ڪم آندو ۽ هڪ ٻيو پادرين (Priestly) جو ماخذ به آهي جنهن پنجين صدي ۾ مختلف رڪاردن کي گڏ ڪيو ۽ انهن ۾ تصحيح ڪئي.

سن 721 ق.م ۾ اسرائيل تي اسيرين جو غلبو ٿي ويو جيڪي پنهنجي تور مدتي فوجي سلطنت قائم ڪري رهيا هئا. وچ اوير جو اڪثر علائقو انهي هيٺ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڇي ٿي ويو ۽ جڏهن تقريباً 140 ورهيه پوءِ اسيريا به ڪيترين سلطنتن وانگر زوال جو شڪار ٿي وئي ته جدا جي بادشاهه بابل فتح ڪري ورتي ۽ يروشلم تباهه ٿي ويو. پوءِ ميدن ۽ ايرانين جي سلطنت جو دور آيو جنهن بابل کي شڪست ڏئي ڇڏي ۽ عظيم بادشاهه سائرس يهودين کي يروشلم واپس وڃڻ ۽ شهر کي نئين سر تعمير ڪرڻ ۽ پنهنجي بادشاهت جو نئين سر پايو وجهڻ جي اجازت ڏني. اهڙي طرح پنجين ۽ چوٿين صدين دوران, مثال طور ايٿنز جي سونهري دور دوران عبراني قوم وري پنهنجي سرزمين تي آباد ٿي وئي. انهي کي پوءِ جيتوڻيڪ 334 ق.م ۾ سڪندراعظم فتح ڪري ورتو پر عبراني طرز زندگي ۽ روايتن کي شروع ۾ يونانين کان ڪو به خوف خطرو نه هو. پر پوءِ جڏهن سڪندر جي سلطنت سندس جرنيلن ۾ ورهائجي وئي ته پوءِ يهودي مذهب ۾ به دخل ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. مڪابيز (Maccabees) جي دور ۾ عبرانين لڳ ڀڳ هڪ صدي جيترو عرصو پنهنجي آزادي وري حاصل ڪري ورتي ايستائين جو 65 ق.م ڌاران تخت حاصل ڪرڻ لاءِ حريف ڌڙن ۾ ٿيندڙ جهيڙن سبب روم کي دخل اندازي جو موقعو ملي ويو. يهودين جي روم خلاف 70 عيسوي ۾ آخري عظيم بغاوت جي نتيجي ۾ يروشلم وارو عبادت گاهه تباهه ٿي ويو ۽ يهودي سموري دنيا ۾ ٽڙي پکڙي ويا. پوءِ دنيا ۾ ڪٿي به يهودي رياست جو وجود نه رهيو ايستائين جو 1947ع ۾ موجوده اسرائيل جي رياست وجود ۾ آئي.

عبرانين جي تاريخ خاص طور انهي تي انهي جي تقريباً 2000 ق.م ڌاران شروع ٿيڻ کان موجوده دور تائين نظر وجهڻ سان جيتوڻيڪ ڪافي ڊرامائي ۽ متاثر ڪندڙ لڳي ٿي پر انهي جي عيسائي دنيا ۾ مشهور ٿيڻ جا شايد ٻه بنيادي سبب هئا. پهريون اهو ته عيسائي مذهب ۾ پراڻو عهدنامو يسوع مسيح جي پيغام سان گڏ نئين عهدنامي کان اڳ آيل آهي. يهودي نقطه نظر کان عيسائيت خود هڪ مرتد فرقو آهي پر اهو تمام وڏي ويجهي ويو آهي. سينٽ اينڊريو يونيورسٽي ۾ عبراني ۽ پراڻي عهدنامي جي ليڪچرار ۽ پراڻي عهدنامي بابت هڪ فڪر انگيز ڪتاب جي مصنف لکيو آهي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن. عام ماڻهن جي حالت اها آهي ته اهي اڪثر انهيءَ ميثاق مان ڪنڌ ڪڍائڻ ۽ مصر واپس وڃڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا آهن جتي اهي 1300 ق.م ۾ هنا جيئن اهي بعل جي پوڄا ڪري سگهن يا نين ريتن رسمن کي ڇڏي يونان جي ڏينهن وانگر پنهنجي آسپاس وڏيڪ مهذب ماڻهن وانگر اٿي ويهي سگهن. پر اهي پنهنجي قسمت مان جان آجي نه ٿا ڪرائي سگهن جيڪا اها آهي ته اهي خدا ۽ سندس ميثاق کان پري نه ٿا پڃي سگهن.

پراڻي عهدنامي جي اصل هئڻ جو هڪ ثبوت جنهن انهي کي عالمي مجتنا ڏياري آهي اهو تصور آهي ته خدا فقط هڪ آهي. اهو چڱائي جو خدا آهي ۽ اهو ئي سموري دنيا جو خدا اهي. قديم دنيا جي بين خدائن جي ابتڙ جن جو تعلق فقط پنهنجن پوڄارين سان هوندو هو جهوواهه يهودين جي ملڪيت نه آهي. عبرانين کي بار بار وڏين تڪليفن کان پوءِ اها ڳالهه سمجھ ۾ ايندي رهي آهي ته جهوواهه چڱاين جو خدا آهي جيڪو باهه ۾ ساڙيل پيتائن ۽ ويندي دعائن کي به ايستائين پسند نه ٿو ڪري جيستائين انهن ۾ روح نه هجي.

ٿ ۽ توهان جڏهن پنهنجا هٿ اڳيان پکيڙيندو ته آءٌ توهان کان پنهنجيون اکيون لڪائي ڇڏيندس هائو! توهان جڏهن ڪيتريون ئي التجائون پيا ڪنداو ته به آءٌ نه ٻڌندس ايسياح چيو.

عبرانين جو خدا ڪو قبيلائي خدا نه پر سمورن انسانن جو خدا آهي. عبراني پاڻ کي پادرين جي قوم ۽ اهڙا چونڊيل ماڻهو سمجهن ٿا جن خدا سان اهڙو ميثاق ڪيو آهي جنهن جي ذريعي اهي خدا کان وڏا فائدا وٺن ٿا ۽ انهن تي بين ماڻهن جي پيٽ ۾ مصيبتون به وڌيون اچن ٿيون ۽ اها ڳالهه سندس تاريخ مان به ثابت آهي. پراڻو عهدنامو هڪ قوم جي خدا سان تعلق جي تاريخ آهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو يوناني ادب جي ڪتابن مان پراڻي عهدنامي جي ڊيگهه جيترو مجموعو ناهيندو جنهن ۾ هومر، هيرودوٽس، ٿيوسيڊائيڊز ايسڪائيلس، سوفوڪليز يوريپائيڊز افلاطون ۽ ارسطو جي ڪمن مان ٽڪرا شامل ڪندو ته اهو پنهنجي تخيلاتي ۽ فڪري ڪشش جي لحاظ کان پراڻي عهدنامي کان وڌيڪ متنوع

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندو. حقيقت اها آهي تہ عبراني نہ ئي تخيلاتي ذهن جا مالڪ هئا نہ ئي انهن کي فلسفي سان ڪو لڳاءُ هو. اهي هڪ جذباتي ۽ عملي نسل جا ماڻهو هئا ۽ انهن جا ليکڪ ڪجهہ بہ لکڻ وقت زندگي جي فقط هڪ رخ يعني انسان جي خالق سان تعلق تي پنهنجي توجہ مرڪوز رکندا هئا. پر انهي ڪوتاهہ نظريءَ ئي سندن ڏاهپ سمايل هئي. ڇو تہ زندگي جو اهو رخ ئي اهڙو آهي جنهن کي ڪو بيوقوف ئي اهو ڇئي نظر انداز ڪري سگهي ٿو تہ ڪنهن بہ خدا جو ڪو وجود نہ آهي. حقيقت اها آهي تہ اهو ئي زندگي جو سڀ کان ڳوڙهو سوال آهي ۽ پراڻو عهدنامو هڪ اڻ سڌريل قوم جي حاصلات جي رڪارڊ جي صورت ۾ سيني ڪتابن ۾ تمام ڳوڙهو ڪتاب آهي.

ﵘ

# 10. نئون عهدنامو

عيسائيت جي دنيا ۾ اچڻ کان ڪيترا ورهيه پوءِ به جنهن مذهب يهودين جي هڪ فرقي طور شروعات ڪئي هئي انهي جي پيروڪارن وٽ يهودين سان گڏيل صحيفن کان سواءِ پنهنجو جدا مذهبي ڪتاب نه هو. انهن وٽ جدا مذهبي ڪتاب هئڻ جو ڪو سبب به نه هو. ڇاڪاڻ ته انهن مان ڪيترن نه فقط يسوع مسيح کي زنده ڏٺو هو ۽ ان جون ڳالهيون ٻڌيون هيون پر انهن کي پڪو ويساهه هو ته هو جلد ئي عظمت جي بادلن تي جنت مان انهن وٽ واپس ايندو ۽ زمين تي خداوند جي ٻچڙن لاءِ امن ۽ خوشي جو هڪ نئون نظام ۽ نئون دور شروع ڪندو.

پر جيئن جيئن سندس واپسي ۾ دير ٿيندي وئي ۽ سالن پنيان سال گذرڻ سان انهي فرقي ۾ شامل ٿيندڙن- يهودين توڙي غير يهودين- جو انگ پڻ وڌندو ويو. انهن مان گهٽن کي يسوع مسيح بابت ڪا ذاتي ڄاڻ نه هئي ۽ انهن جا يسوع مسيح جي حوارين (Apostles) سان رابطا به گهٽ هئا. عيسائي عقيدي ۽ عمل بابت مستند بيانن جي ضرورت به روز بروز واضح ٿيندي وئي ۽ اهڙي طرح ادب جو هڪ اهڙو ذخيرو وجود ۾ اچي ويو جيڪو 50 ورهين جي عرصي دوران ڪيترن ئي اهڙن ليکڪن لکيو هو جن جو مزاج، پس منظر ۽ نقطه نظر هڪ ٻئي کان گهڻو مختلف هو ۽ انهن جو لکڻ جو انداز ۽ لکڻ جا سبب به گهڻا مختلف هئا. انهي ادبي ذخيري کي چونڊ، ڇنڊڇاڻ ۽ نئين پيش ڪش جي هڪ ڊگهي عمل مان گذارڻ کان پوءِ آخرڪار نئين عهدنامي جو نالو ڏنو ويو.

لفظ عهدنامو (Testament) لاطيني زبان مان آيل آهي ۽ اهو هڪ يوناني لفظ جو ترجمو آهي جنهن جو مطلب آهي ميثاق. بائيبل ۾ خدا جي پنهنجن ماڻهن سان خاص تعلق کي عام طور ميثاق (Covenant) جي لفظ سان بيان ڪيو ويو آهي. پهريون ميثاق پراڻي عهدنامي جو مستقل موضوع آهي. پر اهو غير موثر ثابت ٿيو ۽ پوءِ يسوع مسيح جي ظهور، وفات ۽ وفات کان پوءِ نئين سر زنده ٿيڻ جي ذريعي هڪ نئون ميثاق عمل ۾ آندو ويو. عيسائي عقيدي مطابق ٻئي ميثاق اڻ ٽٽ طور هڪ ٻئي سان جُڙيل آهن ۽ انهن مان هڪ ٻئي ڏانهن ان جي عروجي حد طور

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خبردار ڪرڻ جي ضرورت هئي. اها گهٽي حد تائين پڪ آهي ته پال جا سڀ کان اوائلي خط اهي هئا جيڪي ٿياسالونيڪا جي عيسائين کي مخاطب ٿي لکيا ويا هئا. اهو اُهو وڏو يوناني شهر (جديد سالونيڪا) آهي جتي پال ۽ سيلاس سان يهودين طرفان اپاريل نوجوانن تمام خراب ورتاءُ ڪيو هو. ٿيسالونيائين ڏانهن لکيل پهرئين خط تي عام طور 52ع جو سن لکيل هوندو آهي. پر پيون خط اهڙا سوال پيدا ڪري ٿو جن جا جواب ڏيڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. فرض ڪيو وڃي ٿو ته پال تقريباً ساڳئي وقت ايشيا مائينر جي پٽن ۾ گيلاشيا ۾ ظاهر ٿيل عيسائين جي هڪ ننڍڙي گروهه ڏانهن به خط لکيو هو. ٻه يا ٽي ورهيه پوءِ ڪورنٿ جي عيسائين ڏانهن خط موڪليا ويا ۽ رومين ڏانهن لکيل خط جو سن 57ع يا 58ع ٿي سگهي ٿو. پال جي باقي خطن بابت اهو سمجهيو وڃي ٿو ته اهي پال پاران روم ۾ رياست جو قيدي ٿي پهچڻ کان پوءِ لکيا ويا هئا. پر اهو ڪم ڪڏهن ٿيو (سن 60، 61 يا 62ع) هو اتي پنهنجي مسواڙ تي ورتل گهر ۾ ڪيترو عرصو رهيو ۽ هو آخرڪار ڪڏهن شهيد ٿيو انهن ڳالهين جو ڪو حتمي فيصلو نه ٿو ٿي سگهي.

نئين عهدنامي ۾ ڪجهه ٻيا خط به آهن جيڪي پيٽر، جيمس، جيمس جي ڀاءُ جوڊ ۽ جان ڏانهن منسوب ڪيا ويندا آهن. ڪجهه عالم انهي راءِ جا به آهن ته جيمس وارو حصو نئين عهدنامي جو سڀ کان شروعاتي حصن مان هڪ ٿي سگهي ٿو يا ممڪن آهي ته اهو پال جي خطن کان به اڳاٽو هجي پر ڪجهه ٻين عالمن جو اهو رايو آهي ته اهو پوءِ جي دور جو آهي ۽ شايد ٻين صدي جي شروع واري دور جو آهي. مٿي ذڪر ڪيل ٻيا خط به انهي دور سان منسوب ڪيا ويا آهن. عبراني (Hebrews) وارو ڪتاب اهڙا سوال سامهون آڻي ٿو جن جو جواب نه ٿو ڏئي سگهجي.

خط يوناني ٻولي جي مٿي ذڪر ڪيل هڪ خاص قسم ۾ لکيا ويا هئا. اهي پيپيرس جي پنج انچ ويڪرين نَو انچ ڊگهين شيٽن تي لکيا ويا هئا (قديم دور ۾ لکڻ لاءِ ڪم ايندڙ ڪاغذ کي پيپيرس چيو ويندو هو. اهو سنهڙين فتيلن جي صورت ۾ ڪٽي پوءِ زور ڏئي هڪ ٻئي سان گڏايو ويندو هو) جيئن ته رومي سلطنت ۾ عام ماڻهن لاءِ پوسٽ جي سهوليت نه هوندي هئي تنهن ڪري انهن کي ڪنهن اعتبار جوڳي پيغامبر جي ٿيلهي ۾ وجهي هٿو هٿ موڪليو ويندو هو. اهي اتي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وصول ٿيڻ کان پوءِ عيسائين جي اجتماعن ۾ بار بار پڙهيا ويندا هئا انهن بابت ڳالهايو ويندو هو ۽ انهن جي تشريح ڪئي ويندي هئي ۽ وڏي پيماني تي پکيڙ لاءِ انهن جا نقل ناهيا ويندا هئا.

جڏهن اهي خط سموري عيسائي دنيا ۾ پکڙجي رهيا هئا ته نئين عهدنامي بابت وڌيڪ اهم ۽ وڌيڪ دلچسپ ادب جو ذخيرو وجود ۾ اچي رهيو هو. انهن کي gospels سڏيو وڃي ٿو. اهي يسوع مسيح جي حياتي، تعليمات، وفات ۽ نئين سر زنده ٿيڻ جي خوش خبرين بابت چار بيان آهن.

انهن چئن مختصر سوانح عمرين وانگر دنيا جي ٻئي ڪنهن به ڪتاب جو اهڙي باريڪ بيني سان جائزو نه ورتو ويو آهي. نه ئي ٻئي ڪنهن ڪتاب جون انهن وانگر تشريحون ڪري، انهن تي تبصرا لکيا ويا آهن. نه ئي انهن وانگر ٻئي ڪنهن ڪتاب بابت ايترا بحث تڪرار ٿيا آهن ته انهن مان سڀ کان اڳ ڪهڙو آيو؟ ڪنهن حصي جو ليکڪ ڪير آهي؟ انهي جي تحرير دوران ڪهڙا اصلي ماخذ ڪم آندا ويا؟ ڇا اهي سيئي شروع ۾ ئي يوناني ۾ لکيا ويا هئا يا انهن جو ڪجھ حصو آرمائي زبان ۾ لکيو ويو هو جيڪا زباني روايت جي ٻولي هئي؟ انهن ۽ ٻين فڪري موضوعن تي پورا ڪتب خانا لکيا ويا آهن.

يسوع مسيح پاڻ ڪجھ به نه لکيو هو يا گهٽ ۾ گهٽ جيتري قدر اسان کي خبر آهي ۽ ڪجھ وقت تائين سندس شاگردن به سندس قول يا فعل بابت ڪو بيان تحرير ۾ آڻڻ جي ضرورت محسوس نه ڪئي. اهڙي ماڻهو جي سوانح عمري ڇو لکجي جيڪو جلد ئي انهن جي وچ ۾ واپس اچڻو هو؟ پر پوءِ يسوع مسيح جي قول ۽ فعل بابت ڪو مستند بيان لکڻ جي ضرورت سيني مڃي ورتي ۽ دستياب جاڻ ۾ موجود خال پرڻ لاءِ قدم کنيا ويا. انهي ڳالھ تي سيني جو اتفاق آهي ته يسوع مسيح جي زندگي جو احوال ٻڌائيندڙ پهريون دستاويز فلسطين ۾ 50ع جي لڳ ڀڳ لکيو ويو. سمجهيو وڃي ٿو ته اهي بنيادي طور يسوع مسيح جي قولن جو مجموعو آهن. ۽ اهي جيئن سندس وات مان نڪتا ۽ ماڻهن جيئن ٻڌا تيئن ياد ڪري ڇڏيا. اهي شايد ته آرامي زبان ۾ لکيا ويا هئا. انهي مفروضا دستاويز کي عام طور Q جي نالي سان سڃاتو ويندو آهي جيڪو Quellc جي مختصر صورت آهي. ڪئيل جرمن زبان ۾ ماخذ کي چيو ويندو آهي. اهو انهي ڪري جو انهيءَ کي ميٿيو ۽ لوقا جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انجيل ۾ مشترڪ مواد جي وڏي حصي جو ماخذ سمجهيو ويندو آهي. پر ڇئن موجود Gospels مان سڀ کان پراڻو Mark کي سمجهيو ويندو آهي. روايتي طور انهي جو بنياد پيٽر جي يادگيرين تي سمجهيو ويندو آهي. اهو ڇئني مان سڀ کان ننڍو آهي. اهو اصل ۾ ڪجهه وڌو هو پر ڪو اتفاق ٿي پيو جو آخري هڪ ورق يا ڪجهه ورق ڦاٽي پيا ۽ بيان جو سلسلو جملي جي وچ ۾ ٽٽي پوي ٿو. جيستائين انهي جي سن جو تعلق آهي ته اهو شايد 65ع ۽ 75ع جي وچ ۾ لکيو ويو. لوقا ۽ ميٿو ڪجهه پوءِ اندازاً بالترتيب 85ع- 80ع ۽ 90ع- 85ع جا آهن. پر بائيبل جا اهي اسڪالر جيڪي نئين عهدنامي جي اصل ۾ آرامي زبان ۾ هئڻ واري نظريي ڏانهن مائل آهن اهي ڇئني Gospels جو وقت 70ع کان اڳ وارو ٻڌائين ٿا. انهي سال يروشلم تي رومين ٽيٽس جي دور ۾ قبضو ڪيو ۽ ان کي تباهه ۽ برباد ڪيو.

پهريان ٽي Gospels پنهنجين بنيادي ڳالهين ۾ ايتري قدر هڪجهڙا آهن جو انهن کي Synoptics جو نالو ڏنو ويو آهي. اهو اصطلاح يوناني لفظن مان ورتو ويو آهي جنهن جي معنيٰ آهي "جن ڳالهين کي هڪ گڏيل موضوع هيٺ جمع ڪري سگهجي." پر سينٽ جان جو Gospel ٻين کان تمام مختلف آهي. انهي ۾ اهڙا مسئلا پيش ڪيل آهن جيڪي حل ٿيڻ کان انڪار ٿا ڪن. چوٿين Gospel ۽ باقي ٽن ۾ ايترا ته اختلاف آهن جو ڪجهه عالمن اهو فيصلو ڪيو آهي ته تاريخ طور انهي تي اعتبار نه ڪيو وڃي جيتوڻيڪ مذهبي لحاظ کان انهي جي تمام وڏي اهميت آهي.

گاسپل کان پوءِ نئين عهدنامي ۾ خاص تاريخ جو فقط هڪ ڪتاب Acts of the Apostles آهي. چيو وڃي ٿو ته اهو اهڙي ماڻهو طرفان لکيو ويو آهي جنهن اها رٿ رٿي هئي ته هو "يسوع مسيح جيڪو ڪجهه سيکاريو هو ۽ ڪيو هو انهي بابت هڪ مقالو" تيار ڪندو. انهي جو مصنف سينٽ ليوڪ کي سمجهيو وڃي ٿو. اهو گرجا گهر بابت پهريون تاريخي ڪتاب آهي. اهو تقريباً ٽيهن ورهين جي دور جو احاطو ڪري ٿو ۽ انهي جو سن شايد ته پهرئين صدي عيسوي جي آخر ڌاران 85ع جي لڳ ڀڳ آهي. انهي جو بيان خود 62ع ڌاران ختم ٿئي ٿو.

انهي مجموعي جو آخري ڪتاب The Revelation of Saint John the Divine آهي. انهي کي مختصر طور Revelation چيو ويندو آهي. نئين

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عهدنامي ۾ دنيا جي خاتمي بابت تحريرن جو اهو واحد مثال آهي ۽ انهي ۾ واقعي اهڙو مواد شامل آهي جنهن کي ”ڍڪيل“ (Covered) چئي سگهجي ٿو يعني اهڙو مواد جيڪو جيترو دلچسپ آهي اوترو پراسرار پڻ آهي. انهي جي تعبير ۽ تشريح ۾ قياس آرائيون آلائي ڪتان جو ڪتان وچي پهتيون آهن. پر سڀ کان سادي وضاحت اها آهي ته ڪتاب ۾ شامل خوفناڪ اڳڪٿيون ڪنهن يهودي ليکڪ جي شديد نفرت جي عڪاسي ڪن ٿيون جنهن کي رومي سلطنت جي عنقريب ٿيندڙ زوال ۾ انهي جي ڪنڊرن تي هڪ نئين جنت ۽ هڪ نئين ڌرتي جي قائم ٿيڻ جا آثار نظر آيا. اهڙي حالت ۾ ڪتاب جو سن نيرو جي دور حڪومت ۾ يا ڪٿي چئجي ته 65ع جي لڳ ڀڳ ڳڻائي سگهجي ٿو. ٻين لفظن ۾ اهو دور ڊوميشين جي دور کان 30 ورهيه پوءِ جو ٿي سگهي ٿو.

بلڪل اوائلي عيسائين وٽ پراڻي عهدنامي کان سواءِ ٻي ڪابه بائيبل نه هوندي هئي ۽ اهي اها يهودين سان گڏ ڪتب آڻيندا هئا ۽ اها ڳالهه فرض ڪري سگهجي ٿي ته انهن جي ليکڪن کي اها ڳالهه وهم گمان ۾ ئي نه هوندي ته اهي ڪنهن نئين عهدنامي جي تشڪيل ۾ ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. البت ٻين صدي جي اڳتي وڌڻ سان اسانکي نئين عهدنامي جي تحريرن جي مجموعي جا آثار نظر اچي سگهن ٿا. شروعات ۾ 27 کان وڌيڪ ڪتاب گردش ۾ هئا پر ڪيئن ثابتين يا مذهبي لحاظ کان قابل قبول نه هئڻ جي سبب آهستي آهستي اهو انگ گهٽبو ويو. گاسپل به چئن کان وڌيڪ هئا جن مان هر هڪ لاءِ اها دعويٰ هئي ته اهي يسوع مسيح جي حوارين (Apostles) جا لکيل آهن. پر اسان کي معلوم چئن Gospel جي واضح برتري سبب اهي نئين عهدنامي ۾ شامل ٿي ويا جڏهن ته انهن جي حريفن کي بلڪل خارج ڪيو ويو. اڳتي هلي چوٿين صدي عيسوي جي آخر ۾ سينٽ جيروم ۽ سينٽ آگسٽائين جي اثر هيٺ هپو ۽ ڪارٿيج جي ڪليسائي مجلسن ۾ نئين عهدنامي جي هڪ مجموعي بابت اتفاق راءِ ٿيو (397ع).

نئين عهدنامي جي ڪنهن به حصي جي موجود سڀ کان پراڻي ڪاپي ٻين صدي جي ڪوڊيڪس (يعني ويڙهو [roll] نه پر ڪتاب) جي هڪ ننڍڙي پيپيرس جو ٽڪرو آهي. انهي تي سينٽ جان جي گاسپل جون ڪجھ سٽون آهن. اهو هاڻي مانچيسٽر جي ري لينڊس لائبريري ۾ آهي. انهيءَ مان ظاهر ٿئي ٿو ته

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عيسائي سڀ کان پهريان ماڻهو هئا جن پيپيرس ڪوڊيڪس استعمال ۾ آندا. انهي مان اهو به نتيجو اخذ ڪيو ويو آهي ته انهن اهو چاهيو ٿي ته اهي چار ئي گاسپل جدا جدا ويڙهن (rolls) بجاءِ يڪجاءِ پڙهي سگهن. نئين عهدنامي جا 3000 کان وڌيڪ يوناني مخطوطا موجود آهن ۽ انهي تعداد ۾ هر سال اضافو ٿيندو پيو وڃي. انهن مان ڪجھ مخطوطن کي Uncials چيو وڃي ٿو. انهي جو سبب اهو آهي جو اهي وڏن اکرن (Capital Letters) ۾ لکيل آهن ۽ لفظن جي وچ ۾ ڪو به خال نہ آهي. انهن مان سڀ کان اوائلي ۽ سڀ کان وڌيڪ اهميت وارا هي چار آهن: ڪوڊيڪس سنائيٽيڪس (چوٿين صدي) ڪوڊيڪس اليگزربنڊبينس (پنجين صدي). اهي ٻئي لنڊن جي برٽش ميوزيم ۾ محفوظ آهن: روم ۾ ڪوڊيڪس ويٽيڪانس (چوٿين صدي) ۽ ڪوڊيڪس بيزائي (ڇهين صدي) ڪيمبرج ۾ محفوظ آهن. انهن مان ڪوڊيڪس سنائيٽيڪس ۾ نئين عهدنامي جو سمورو متن موجود آهي. وري ڪجھ اهڙن مخطوطن جو به وڏو انگ موجود آهي جن کي Cursives چيو وڃي ٿو. انهي جو سبب اهو آهي جو اهي صاف ۽ روان هٿ اکرن ۾ لکيل آهن.

نئين عهدنامي جي مخطوطن سان گڏوگڏ شروعاتي دور جي عيسائي ليکڪن جي تحريرن ۾ ڪيترائي اقتباس بہ موجود آهن. انهن مان اهو اندازو هڻڻ ممڪن آهي تہ انهن ليکڪن جي دور ۾ نئين عهدنامي جو ڪهڙو متن استعمال ٿيندو هو. نئين عهدنامي جا لاطيني، مسيرياٿي، قبطي ۽ ٻين زبانن ۾ ڪيترائي ترجما پڻ موجود آهن. انهن مان ڪجھ اسانجن سڀ کان اوائلي مخطوطن کان به اڳ ڪيا ويا هئا.

اسڪالر صدين کان نئين عهدنامي جي متن جي انهن شاهدن جو اڀياس ۾ پيٽ ڪندا رهيا آهن ۽ اهو ڪم اڃا بہ جاري آهي. ڪيترائي اختلاف بہ ڳولهي لڌا ويا آهن پر انهن مان اڪثريت جي اهميت تمام گهٽ آهي. مجموعي طور اسين انهي راءِ ۾ مڪمل طور حق بجانب آهيون تہ نئين عهدنامي جي مجيل متن ۾ اسان وٽ انهي ڳالهہ جو مستند رڪارڊ موجود آهي تہ بلڪل اوائلي دور جا عيسائي ڪهڙين ڳالهين کي "يسوع مسيح جو پلارو ڪلام" سمجهي پرچار ڪندا هئا ۽ انهن تي عمل ڪندا هئا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 11. قرآن

جڏهن مڪي جي ماڻهن مُحَمَّد ﷺ کي چيو تہ هو پنهنجي خدائي مِشن جي ثبوت طور ڪو معجزو ڪري ڏيکاري تہ هن وڏي دليري ۽ اعتماد سان انهي ڪتاب ڏانهن اشارو ڪيو جيڪو سندس نظرداري هيٺ ترتيب ۾ اچي رهيو هو (هو چوندو هو تہ) اهڙو حيرت انگيز اهڙي بهترين ۽ سهڻي ٻولي ۾ لکيل ۽ اهڙا شاندار ۽ تمام اونها مذهبي سچ بيان ڪندڙ ڪتاب ڪنهن عام ماڻهو جو لکيل نہ ٿو ٿي سگهي. سندس جهڙي ڪنهن اڻ پڙهيل ماڻهو جو تہ ڪڏهن بہ نہ. اهو واقعي هڪ معجزو هو معجزن جو معجزو يعني جنت مان آيل ڪتاب.

انهي ڪتاب کي اسين عام زبان ۾ قرآن سڏيندا آهيون. اهو عربي لفظ آهي جنهن جي معنيٰ پڙهڻ، ليڪچر يا تلاوت يا شايد اهڙي شي جنهن کي پڙهڻ گهرجي. اهو ڪتاب 13 صدين کان وڌيڪ عرصي کان دنيا جي هڪ وڏي مذهب ـ جنهن کي انهي جي پرچار ڪندڙ پيغمبر جي نالي پٺيان مُحَمَّد ﷺ نزم چيو وڃي ٿو ـ جو مقدس ڪتاب (جيڪڏهن توهان چاهيو تہ بائيبل) رهيو آهي. مُحَمَّد ﷺ پنهنجي مذهب لاءِ اسلام جو نالو چونڊيو هو. تنهن ڪري اسان لاءِ بہ بهتر آهي تہ اسين اهو ڪتب آڻيون. اسلام لفظ جي معنيٰ آهي خدايا الله جي مرضي آڏو سر جهڪائڻ.

جيڪي ماڻهو اسلام قبول ڪن ٿا ـ اهي نسل انساني جو هڪ تمام وڏو حصو آهن خاص طور آفريقا ۽ ايشيا ۾ ـ انهن کي عام طور محمدي سڏيو ويندو آهي پر اهي پاڻ مسلم مسلمان جي اصطلاح کي ترجيح ڏين ٿا. اهو لفظ اسلام وانگر ساڳئي عربي پاڙ مان نڪتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي ايمان آڻيندڙ يا اهو شخص جنهن الله آڏو سر جهڪايو هجي. اهي انهي اصطلاح کي انهي ڪري ترجيح ڏين ٿا جو اهي سمجهن ٿا تہ محمدي مان اهو مطلب نڪري ٿو تہ اهي مُحَمَّد ﷺ جي پوڄا ڪن ٿا بلڪل ساڳئي طرح جيئن عيسائي يسوع مسيح جي پوڄا ڪن ٿا. پر اها ڳالهہ بلڪل غلط آهي مسلمان مُحَمَّد ﷺ جي پوڄا نہ ٿا ڪن جيتوڻيڪ اهي هن جي تمام گهڻي عزت ۽ احترام ڪن ٿا ۽ ڪيس الله جو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آخري نبي سمجهن ٿا جنهن کي الله طرفان انسانن کي سنڌس پيغام پهچائڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو هو. مسلمانن جي بنيادي عقيدي مان سڀ کان مختصر، سڀ کان سادو ۽ سڀ کان زوردار بيان هي آهي: الله کان سواءِ ڪو به معبود نه آهي ۽ مُحَمَّد ﷺ الله جو رسول آهي.

اچا وڌيڪ غلطي تي ٻڌل بيان جيڪو ڪڏهن ڪڏهن ڏنو ويندو آهي اهو هي آهي ته مُحَمَّد ﷺ خود قرآن لکيو هو. مسلمانن جي نظر ۾ اهو تمام صريح گناهه آهي ڇاڪاڻ ته اهو انهن جو پڪو ايمان آهي ته قرآن خود الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن جو به لکيل نه آهي. مسلمانن جو عقيدو آهي ته قرآن جو سڀ کان اصلي نسخو وقت جي شروعات کان وٺي هڪ وڏي تختي تي جنت ۾ الله جي تخت جي پرسان رکيل هو. انهي جو هڪ ڪاغذ تي لکيل، ريشم جو جلد ٻڌل ۽ سون ۽ جواهرن سان سينگاريل نقل جبرائيل جنت مان کڻي ڪيترائي ڀيرا مُحَمَّد ﷺ کي ڏيکاريو هو. هو سال ۾ عام طور هڪ دفعو اهو نقل مُحَمَّد ﷺ کي ڏيکاريندو هو پر سندس نبوت جي آخري سال ۾ ٻه دفعا ڏيکاريو هئائين. سمجهيو وڃي ٿو ته جبرائيل موقعي جي مناسبت سان قرآن جا ٽڪرا مُحَمَّد ﷺ کي پڙهي ٻڌائيندو رهيو. اهو سلسلو 23 ورهيه هليو ۽ مُحَمَّد ﷺ اهي ڪاتبن کي پڙهي ٻڌائيندو هو جيڪي اهي ٻڌي لکندا ويندا هئا يا ياد ڪندا ويندا هئا.

مُحَمَّد ﷺ قرآن کي هڪ معجزو سڏيو هو ۽ انهي جي مذهبي اهميت کان بلڪل جدا، هڪ لحاظ کان اهو واقعي معجزو آهي. اهو عربي جي تمام نج ۽ تمام ڪلاسيڪي انداز ۾ لکيل آهي ۽ انهي جي منظر تي اچڻ کان اڳ عربي ۾ ڪجهه جنگي گيتن ۽ محبت جي غزلن کان سواءِ عملي طور ٻيو ڪجهه به نه هو. جيئن ته قرآن عربي ٻولي ۾ لکيل آهي تنهن ڪري عربي دنيا جي تمام وڌيڪ ڪتب اينلڊ ٻولين مان هڪ ٿي وئي آهي. جيڪا مکيه يا مددي زبان طور نه فقط عربستان پر ٻين ڪيترن ئي ملڪن ۾ پڻ ڳالهائي وڃي ٿي. مسلمان جتي به هجن اتر آفريقا ۽ مشرق قريبه نائيجيريا، مڊگاسڪر، زنجبار ۽ ٻين ڪيترن علائقن ۾ اتي عام طور قرآن ئي تعليم، قانون سياسي نظام ۽ پڻ مذهب جو بنياد هوندو آهي هر جاءِ جا مسلمان انهي کي روزاني زندگي جي هر رخ ۾ مڪمل طور اعتبار جوڳو ۽ مستند رهبر مڃيندا آهن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو درحقيقت ڪو تمام وڏو ڪتاب نہ آهي. اهو نئين عهدنامي جي لڳ ڀڳ ٽي ڀاڱي چار حصي جيترو آهي. هڪ مسلمان شمارياتدان مطابق انهي ۾ جملي 77,639 لفظ آهن. هڪ ٻئي ڳڻپ موجب لفظن جو تعداد 77,934 آهي، ڪنهن ماڻهو تہ اکر بہ ڳڻيا آهن جو تعداد 323,015 آهي.

بائيبل وانگر قرآن بہ سورتن ۽ آيتن ۾ ورهايل آهي. سورتن جو انگ 114 آهي جيڪي ڊيگهہ جي لحاظ کان تمام مختلف آهن. انهن جي ترتيب عام طور ڊيگهہ جي لحاظ کان آهي. سڀ کان ڊگهيون سورتون منڍ ۾ رکيل آهن. پر جيڪڏهن زماني ترتيب اختيار ڪئي وڃي ها تہ سورتن جي ترتيب بلڪل ابتي ٿي وڃي ها. ڇاڪاڻ تہ بنيادي طور سڀ کان مختصر سورتون مُحَمَّد ﷺ جي نبوت جي بلڪل اوائلي دور سان تعلق رکن ٿيون جڏهن مُحَمَّد ﷺ مڪي ۾ هو ۽ ڊگهيون صورتون انهي دور سان تعلق رکن ٿيون جڏهن مُحَمَّد ﷺ مڪو ڇڏي مديني ۾ رهائش اختيار ڪئي هئي.

هڪ اهم ڳالهہ انهي عام اصول ۾ شامل نہ آهي: قرآن جي سڀ کان شروعاتي سورت ننڍين سورتن مان هڪ آهي. انهي ۾ فقط ڇهہ سٽون آهن. اها مسلمانن جي Lord's Prayer آهي ۽ مسلمان اها هر روز ڪيترائي دفعا ورجائيندا آهن. انهي کي فاتحہ چيو ويندو آهي (يعني مهاڳ، تعارف يا شروعات). هيٺ انهي جو J.M. Rod Well جو ترجمو ڏجي ٿو.

تعريف خدا لاءِ آهي، جيڪو جهانن جو مالڪ آهي،
ٻاجهارو ۽ رحم ڪندڙ آهي.
فيصلي جي ڏينهن جو بادشاهہ آهي.
اسين فقط تنهنجي ئي عبادت ڪريون ٿا ۽
فقط تو آڏو ئي مدد لاءِ ٻاڏايون ٿا.
اسان کي سڌي رستي تي هلاءِ
انهن ماڻهن جو رستو جن تي تون مهربان آهين.
انهن ماڻهن جو رستو نہ جن کان تون ڪاوڙيل آهين.
نہ ئي انهن جو جيڪي گمراهہ آهن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو مرڪزي موضوع قرآن جي شروعات ۾ ساڳي طرح پڇائي آهي. قرآن جو اهڙو ڪو به صفحو نه آهي جنهن ۾ هڪ خدا جي طاقت ۽ شوڪت، چڱائي ۽ پابوه پري مهرباني، ڪهل ۽ پڻ قهر جو ذڪر نه ڪيو ويو آهي. هتي سورت 2 مان اقتباس پيش ڪجي ٿو (اها تمام ڊگهين سورتن مان هڪ آهي جنهن جو ڪجه حصو مڪي ۽ ڪجه حصو مدنيي ۾ نازل ٿيو).

الله! انهي کان سواءِ ڪو به خدا نه آهي. حَيُّ ۽ قَيُّوم.

هن کي نه ٿي جهونتو اچي ٿو نه ٿي ننڊ.

جيڪو ڪجه آسمان ۽ زمين ۾ آهي اهو هن جو ئي آهي.

هن جي اجازت کان سواءِ ڪير هن وٽ سفارش ڪندو؟

هو اهو سڀ ڪجه ڄاڻي ٿو جيڪو گذري ويو ۽ جيڪو ايندو.

هو جيڪو ڪجه ڄاڻي ٿو انسان اهو تيستائين نه ٿا سمجهي سگهن جيستائين هو نه چاهي.

سندس تخت آسمان ۽ زمين تي حاوي آهي.

انهن جي حفاظت هن لاءِ ڪو به ڏکيو ڪم نه آهي.

هو عليّ ۽ عظيم آهي.

وري سورت 112 سڀ کان ننڍي آهي ۽ قرآن جي لڳ ڀڳ پڇاڙي ۾ آهي.

چئه خدا هڪ آهي، ابدي خدا.

هن نه ڪنهن کي ڄڻيو آهي. نه ئي هو ڪنهن مان ڄائو آهي.

۽ ڪو به هن جهڙو نه آهي.

قرآن ۾ Apostle's Creed جو سڀ کان ويجهو مثال سورت 4 ۾ آهي.

"اي سچا مومنو خدا ۽ سندس رسول تي ايمان آڻيو ۽ ان ڪتاب تي ايمان آڻيو جيڪو هن پنهنجي پيغمبر تي نازل ڪيو آهي ۽ انهن ڪتابن تي ايمان آڻيو جيڪي هن اڳ ۾ نازل ڪيا آهن ۽ جيڪو خدا، سندس ملائڪن، سندس ڪتاب، سندس رسولن ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان نه ٿو آڻي اهو سچ کان تمام گهڻو گمراه ٿي ويو آهي." قرآن جي انهي ۽ ٻين ڪيترن ٽڪرن مان اها ڳالهه ظاهر ٿئي ٿي ته محمد ﷺ اهو نه سمجهندو هو ته هو ڪنهن نئين مذهب جو پرچار ڪري رهيو آهي پر اهو ته ڪيس الله پاران انهي ڪم تي مقرر ڪيو ويو هو ته انهي هڪ ۽ اڪيلي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مذهب جي پاڪيزگي بحال ڪرائي جيڪو آدم ۽ ابراهيم ۽ سندس جانشين پيغمبرن تي نازل ڪيو ويو هو ۽ جيڪو وقت گذرڻ سان بگڙجي ويو هو.

اهڙن 28 ماڻهن جو قرآن ۾ نالي سان ذڪر آهي جن تي الله طرفان وحي نازل ٿي هئي. انهن مان 18 پراڻي ۽ 3 (زڪريا، عيسيٰ ۽ جان دي بيپٽسٽ) نئين عهدنامي مان کنيا ويا آهن. پيغمبرن مان سڀ کان آخري مُحَمَّد ﷺ آهي. هو انهي سموري سلسلي جي مهر آهي. ”جيڪو ڪلام الله پنهنجي پيغمبر يعني محمد ﷺ تي نازل ڪيو هو اهو قرآن آهي ۽ جيڪو ڪلام اڳ ۾ نازل ٿيو هو انهي ۾ يهودين جي توريت يا Pentateuch، دائود جو زبور ۽ نئين عهدنامي ۾ شامل Gospel of Jesus شامل آهن. اهي سڀئي خدا جي ڪلام جو حصو آهن پر اهو ڪتاب جنهن ۾ مڪمل سچ ڏنو ويو آهي اهو قرآن آهي. اهو وحي ٿيل ڪتابن مان سڀ کان آخري آهي“ انهي ۾ ڪيترن تڪرن مان اها ڳالهه واضح ٿئي ٿي ته مُحَمَّد ﷺ کي بائيبل جي چڱي خاصي ڄاڻ هئي جيڪا هن شايد ته انهن يهودين ۽ عيسائين کان ورتي هئي جن سان هو شام ۽ پنهنجي وطن جي ڀين ويجهن ڳوٺن ۽ شهرن ڏانهن پنهنجن تجارتي سفرن دوران تعلق ۾ آيو هو.

قرآن ۾ ملائڪن جو اڪثر ذڪر ٿيل آهي. انهن جو گهر جنت آهي جتي هو الله جي تخت کي جهلي بيٺا آهن ۽ لاڳيتو سندس عبادت ڪندا رهن ٿا. اهي سندس پيغامبرن طور به ڪم ڪن ٿا ۽ سندس حڪم احڪام ڪڏهن وقت بوقت زمين تي ايندا رهن ٿا. هڪ سڀ کان اهم ملائڪ جبرائيل آهي جنهن جي ذمي مُحَمَّد ﷺ تي قرآن نازل ڪرڻ جو ڪم هو.

پيو موضوع جنهن کي قرآن ۾ گهڻي جاءِ ڏني وئي آهي اهو آهي فيصلي جو ڏينهن. اهڙي قسم جا ڪيترائي اقتباس پيش ڪري سگهجن ٿا پر هتي جارج سيل پاران 1734ع ۾ ڪيل قرآن جي ترجمي مان ٽڪرو ڏجي ٿو. سيل هڪ انگريزي مستشرق هو ۽ سندس پاران ڪيل ترجمو خاص طور انهي ۾ ڏنل ”ابتدائي بحث“ ۽ ڊگهن حاشين جي ڪري اهميت رکي ٿو.

”جڏهن سج ويڙهيو ويندو ۽ جڏهن ستارا ڪري پوندا ۽ جڏهن جبل هلايا ويندا ۽ جڏهن ڏهن مهينن جي ڏِڪين ڏاچين کي ماڻهو نظر انداز ڪري ڇڏيندا ۽ جڏهن جهنگ جا جانور گڏ ڪيا ويندا ۽ جڏهن سمنڊ ٽهڪندا ۽ جڏهن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روح وري سندس جسمن سان گڏيا ويندا ۽ جڏهن زنده دفن ڪيل ڇوڪريءَ کان پڇيو ويندو تہ ڪيس ڪهڙي ڏوهہ ۾ قتل ڪيو ويو هو. (اهو عربن پاران اڻ گهربل ڇوڪرين کي ناس ڪرڻ جي پراڻي مشرڪ دور جي رسم ڏانهن اشارو آهي) ۽ جڏهن ڪتاب کوليا ويندا ۽ جڏهن آسمان کي هٽايو ويندو ۽ جڏهن دوزخ تمام شدت سان ٻرندو ۽ جڏهن بهشت ويجهو آندو ويندو، هر روح کي خبر پئجي ويندي تہ هن ڇا آندو آهي. (سورت 81)

"اسان هر ماڻهو جو نصيب سندس ڪنڌ سان ٻڌي ڇڏيو آهي ۽ اسين قيامت جي ڏينهن هن جي آڏو اهڙو ڪتاب پيش ڪنداسين جنهن ۾ سندس عمل لکيا ويندا. اهو سندس آڏو کولي رکيو ويندو ۽ ملائڪ کيس چوندا تہ "پنهنجو ڪتاب پڙهہ هن ڏينهن تنهنجو پنهنجو روح تنهنجي خلاف پورو حساب ڪنڌڙ ثي بيهندو (سورت 17)

جيڪي ماڻهو انصاف جي ڪرسي جي سامهون پيش ٿيندا انهن کي "ساڄي هٿ جي ساٿين (ساڄي هٿ جا ساٿي ڪيترا نہ خوش هوندا) ۽ کاٻي هٿ جي ساٿين (کاٻي هٿ وارا ساٿي ڪيترا نہ تڪليف ۾ هوندا) ۾ ورهايو ويندو. پهرئين قسم وارا اهي هوندا "جيڪي خدا جي ويجهو هوندا" اهي خوشي جي باغن ۾ رهندا...... اهي سون ۽ قيمتي جواهرن سان سينگاريل ديوانن تي آهليا پيا هوندا...... نوجوان ڇوڪرا جڳہ پيالا ۽ شراب جا وهندڙ جام کنيو انهن جي خدمت ۾ پيا گهمندا. اهو شراب پي نہ انهن کي مٿي ۾ سور ٿيندو نہ انهن جي عقل ۾ ڪو رخنو پوندو...... ۽ اتي اهڙيون پوريون حورون انهن سان گڏ هونديون جن جون وڏيون ڪاريون اکيون سپين ۾ پيل موتين سان مشابہ هونديون. واقعي اسان جنت جون حورون هڪ خاص تخليق سان ناهيون آهن ۽ اسان انهن کي ڪنوارو ناهيو آهي. اهي پنهنجن مڙسن کي پياريون آهن. انهن جي برابر عمر جون آهن. اهي ساڄي هٿ جي ساٿين جي خوشي لاءِ آهن...... پر کاٻي هٿ جا ساٿي ساڙيندڙ هوا ۽ ٽهڪندڙ پاڻي ۾ ڪاري دونهين جي ڇانو هيٺ رهندا. جيڪو نہ ٿڌو هوندو نہ وڻندڙ انهن هن کان اڳ زمين تي زندگي جا مزا ماڻيا هئا ۽ ضد ڪري تمام گندي بڇڙائي ۾ رهيا هئا. (سورت 56)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قرآن جو تعلق جيتوڻيڪ بنيادي مول متن سان آهي پر اسلام جي مکيه عملن- نماز صدقو روزو زندگي ۾ هڪ دفعو حج- جو به ذڪر ڪيو ويو آهي ۽ حڪم ڏنو ويو آهي. آخر ۾ انهي بابت به ڪجهه لفظ ضروري آهن ته قرآن جي سهيڙ ڪيئن ٿي. لڳي ٿو ته باضابطه طور بڌائڻ جو ڪو به طريقو نه هوندو هو. نبي ﷺ جيئن پنهنجي غنودگي واري حالت ۾ جيڪي لفظ زبان مان ڪيندو ويندو هو اهي ڪنهن به دستياب شي (ڪپڙي ۽ چمڙا جا ٽڪر, اٺن جي ڪلهي جون هڏيون کجين جا ڦرها, ڪاٺ جا ٽڪر) تي لکيا ويندا هئا. پوءِ اهي شيون بنا ڪنهن سليقي جي ڪنهن صندوق يا ٻي ڪنهن شي ۾ رکيون ويندڙيون هيون. ڪيتريون ئي سورتون ته منڍائين لکيون ئي نه ويون هيون اُهي بيئل ماڻهن ياد ڪري ڇڏيون هيون.

اڳتي هلي جڏهن نبي ﷺ فوت ٿي ويو ۽ وحي جو سلسلو بند ٿي ويو ته هن جي چيل ڳالهين جو رڪارڊ رکڻ جي ضرورت صحيح نموني محسوس ٿيڻ لڳي. سندس هٿ اکرن ۾ ته ڪابه شي موجود نه هئي. مسلمانن ۾ سندس پهرئين جانشين ۽ سندس دوست ابوبڪر جي شروعاتي ڪمن مان هڪ اهو هو جو هن مُحَمَّد ﷺ جي ڪاتب رهندڙ نوجوان کي حڪم ڏنو ته هو انهن مختلف شين جو مجموعو هٿ ڪري ۽ انهن کي ڪنهن قسم جي ترتيب ۾ آڻي. پوءِ انهن کي نقل ڪيو ويو ۽ جيڪو ڪجهه ماڻهن کي ياد هو اهو به انهن ۾ شامل ڪيو ويو.

پوءِ لڳ ڀڳ 650ع ۾ يعني مُحَمَّد ﷺ جي وفات کان پوءِ تقريباً 20 ورهيه پوءِ هڪ نئون ڇاپو تيار ڪيو ويو. انهي کي اڳتي هلي بلڪل معياري تسليم ڪيو وڃڻ لڳو. انهي ڇاپي جا ٽي صاف نقل تيار ڪرايا ويا ۽ انهن مان هڪ هڪ دمشق, بصري ۽ ڪوفي جي فوجي ڪيمپن ڏانهن موڪليو ويو. اهي شهر عظيم نئين مسلمان سلطنت جي گادي جي هنڌن طور اڏيا ويا هئا. جڏهن ته اصل نقل مديني ۾ انهي مسجد ۾ محفوظ ڪيو ويو جنهن ۾ محمد ﷺ دفن ٿيل آهي. قرآن جا پوءِ جا سيئي مسودا انهن چئن مان ڪنهن هڪ تان اتاريل آهن. انهي ڳالهه ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته "بهترين ڪتاب" ۾- مسلمان قرآن کي انهي نالي سان سڏيندا آهن- اسان کي مُحَمَّد ﷺ جا اهي ئي لفظ ملندا جيڪي هن ڪيترين صدين اڳ هڪ عظيم الله جي پيغمبر يا رسول ﷺ جي حيثيت ۾ اچاريا هئا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 12. ڊوائين ڪاميڊي

## ـــ ڏانتي اليگهيري ـــ

جيڪڏهن وچئين دور جي ادب جي زماني لاءِ ڪا حد مقرر ڪري سگهجي ٿي تہ ڏانتي جي ڊوائين ڪاميڊي لاءِ چئي سگهجي ٿو تہ انهي دور کي شاندار عروج تي آڻي پهچائي تي پهچايو. انهيءَ ۾ رومي سلطنت دوران فڪر ۽ عمل جي ميدان ۾ حاصل ڪيل سڀ کان بهترين ۽ سڀ کان عظيم شين کي هڪ نئين حياتي ڏئي انهن کي شاعرانہ جوش ۽ جذبي سان سينگاريو ويو آهي. ادب جي منظر نامي کي سونهن بخشيندڙ سيني عظيم شخصيتن منجهان ڏانتي شيڪسپيئر سان ڪلهو ڪلهي ۾ هڻي بيٺل آهي. خوش قسمتي سان شيڪسپيئر وانگر زندگي جي تفصيلات جي کوٽ واري ڳالهہ ڏانتي تي لاڳو نہ ٿي ٿئي. هو دنيا جي هڪ سڀ کان عجيب ۽ سڀ کان سهڻي محبت جي داستان جي سورمي طور اسان آڏو ظاهر ٿئي ٿو.

ڏانتي 1265ع ۾ فلارينس ۾ ڄائو. هو هڪ قديم پر خراب حالتن واري ڪٽنب ۾ ڄائو هن 1289ع ۾ ڪيمپالڊينو جي لڙائي ۾ فلارينس جي گهوڙيسوار فوج ۾ بہ نوڪري ڪئي هئي. هن 1295ع کان پوءِ سياسي زندگي ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو ۽ 1300ع ۾ ٻن مهينن لاءِ فلارينسي جمهوريہ ۾ چيف مئجسٽريسي جو رڪن بہ ٿي رهيو.

انهي وقت فلارينس سياسي ڦوٽ جو شڪار هو. ڏانتي آئيني جماعت جي حمايت ڪئي ٿي. جنهن پوپ جي مداخلت جي مزاحمت ڪئي ٿي. هو آڪٽوبر 1301ع ۾ ٻن ٻين ماڻهن سان گڏجي هڪ وفد ۾ پوپ بونيفيس اٺين وٽ ويو جيئن کيس چارلس آف ويلوئيس کي ٽسڪيني ڏانهن ٽياڪڙ طور موڪلڻ کان باز رکي. ڏانتي جي غير موجودگي ۾ چارلس فلارينس ۾ داخل ٿي ويو ۽ ان کانپوءِ ڏانتي جي پارٽي جي عام مخالفت شروع ٿي وئي. ڏانتي کي بدعنواني جي ڪوڙي الزام هيٺ گرفتار ڪيو ويو ۽ 27 جنوري 1302ع جي هڪ فرمان تحت مٿس ڳرو ڏنڊ وڌو ويو ۽ کيس بہ سال جلاوطني جي سزا ڏني وئي ۽ هميشہ هميشہ لاءِ عوامي

عهدن لاءِ نااهل قرار ڏنو ويو. 10 مارچ جي هڪ ٻئي فرمان ذريعي هن لاءِ اها سزا تجويز ڪئي وئي ته هو جيڪڏهن حڪمران پارٽي کي هٿ اچي ته کيس جيئري ساڙيو وڃي.

شروعات ۾ ڏانتي پنهنجن ساٿين جي انهي رٿا ۾ شريڪ ٿيو ته هٿيارن جي زور تي فلارينس ۾ داخل ٿجي پر پوءِ جلد ئي انهن کان ڌار ٿي ويو ۽ "هڪ سچي زيارتي" وانگر اتر ۽ وچ اٽلي ۾ رولاڪيون ڪندو رهيو. اينڊراڻن ورهين دوران هن لاطيني ۾ ڪيترائي ليک لکيا.

لڪسمبرگ جي هينري جي 1310ع ۾ مقدس رومي سلطنت جي شهنشاهه طور چونڊجڻ سان ڏانتي سرگرم سياست ۾ واپس اچي ويو پر ٻه ورهيه پوءِ هينري جي وفات سان ڏانتي جون سموريون اميدون ٽٽي پيون ۽ 1315ع ۾ جيتوڻيڪ سيني جلاوطن ماڻهن لاءِ عام معافي جو اعلان ڪيو ويو پر ڏانتي انهي بنياد تي فلارينس واپس اچڻ کان انڪار ڪيو ته جن ڳالهين تحت عام معافي ڏني وئي آهي انهن ۾ سندس بيگناهي کي تسليم نه ڪيو ويو آهي. هن جڏهن فلارينس اچڻ جي سرڪاري حڪمن کي پٺي ڏني ته کيس وري موت جي سزا ٻڌائي وئي انهي سان عملي طور کيس دائمي جلاوطني جي سزا اچي وئي.

هن 1292ع ۾ Vita nouva (نئين زندگي) لکي هڪ شاعر طور مشهوري حاصل ڪري ورتي هئي. وائتا نووا نثري پيرايي ۾ هلندڙ گيتن جو مجموعو آهي جنهن ۾ بيٽرس لاءِ سندس محبت صوفياڻي انداز ۾ بيان ٿيل آهي. اهو هڪ "حيرت انگيز رويا" جي اشاري ۽ انهي واعدي تي پڄاڻي تي پهچي ٿو ته "هن بابت اهڙيون ڳالهيون ڪيون وينديون جيڪي ڪنهن عورت بابت نه چيون ويون آهن". سندس جلاوطني جي آخري دور ۾ هن ڊوائين ڪاميڊي ۾ پنهنجي واعدي کي عملي شڪل ڏيڻ شروع ڪئي اهو هن 1321ع ۾ پنهنجي وفات کان چند مهينا اڳ پورو ڪيو.

ڏانتي بيٽرس سان پهريون دفعو نون ورهين جي ڄمار ۾ مليو هو ۽ تڏهن هو به ساڳئي عمر جي هئي. بارن پاڻ ۾ ڪا ڳالهه ٻولهه نه ڪئي پر ڏانتي چوي ٿو ته "انهي ڏينهن کان وٺي محبت منهنجي دل تي حڪمراني ڪرڻ لڳي". شاعر پيو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دفعو ڪيس نو ورهيه گذرڻ کان پوءِ ڏٺو. هن کي سفيد پوشاڪ پهريل هئي ۽ هو وڏي چمار جي ٻن عورتن سان گڏ فلارينس جي هڪ گهٽي ۾ وڃي رهي هئي.

هنن وري به ڪجھ نه ڳالهايو پر "هن پنهنجون اکيون انهي طرف ڪيون جنهن طرف آءُ تمام لچارو ٿيو بيٺو هوس ۽ هن پنهنجي خاموش خوش اخلاقي سان اهڙي ته پاڪيزه انداز ۾ مونکي سلام ڪيو جو مون اُتي جو انتي محسوس ڪيو ته آءُ خوشي ۽ اطمينان جون سرحدون ڏسي رهيو آهيان. هن پنهنجي سموري زندگي دوران بيٽرس کي وري فقط هڪ دفعو ڏٺو.

بيٽرس- جنهن جي بائيس پورٽيناري طور نشاندهي ڪئي وئي آهي تنهن- شادي ڪئي ۽ 35 ورهين جي چمار ۾ فوت ٿي ويئي. ڊانٽي سندس وفات جو ٻڌي هي لفظ لکيا: "آءُ جڏهن پنهنجي روح جي ڀرپور خوشي جي دور مان نڪتس ته غم ۽ ڏک منهنجي وجود ۾ اهڙي طرح داخل ٿي ويو جو ڪنهن به دم دلاسي مان مون کي ڪو به فائدو نه پئي ٿيو."

وائٽانووا بيٽرس جي وفات کان به ورهيه پوءِ منظر تي آيو. هن جنهن سال دنيا جي ڪنهن به ٻولي ۾ لکيل گيتن مان بهترين گيتن ۾ بيٽرس لاءِ پنهنجي جذبن جو اظهار ڪيو انهيءَ ئي سال فلارينس جي هڪ معزز خاندان جي عورت گيماڊو ناٽي سان شادي ڪيائين انهي مان کيس ٻه پٽ ۽ ٻه ڌيئر ڄاوا.

هن ٻاران 1292ع کان وٺي ڊوائين ڪاميڊي لکڻ جي وچ واري دور ۾ ڪا به شاعري نه ڪرڻ جو ذميوار سندس سياسي مشڪلاتن کي قرار ڏئي سگهجي ٿو. هن جيستائين سياسي منظرنامي تي اثرانداز ٿيڻ جي اميد ڇڏي نه ڇڏي تيستائين سندس ذهن آزاد نه ٿي سگهيو ۽ هو بيٽرس لاءِ پنهنجي محبت جي اتساهڪ جذبي ڏانهن پوءِ ئي متوجه ٿي سگهيو.

ڊوائين ڪاميڊي جنت، دوزخ ۽ برزخ (purgatory) جو بيان آهي. جيڪڏهن انهي جي ظاهري لفظن جو مطلب ورتو وڃي ته اهو موت کانپوءِ انسان جي روح جي حالت بابت هڪ خواب آهي. پر حقيقت ۾ اهو انهي کان گهڻو وڌيڪ آهي. اهو هڪ تمثيل آهي جنهن ۾ انسان کي روحاني بصيرت ۽ رهنمائي جي ضرورت کي بيان ڪيو ويو آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاعر پاران هڪ اونداهي ٻيلي ۾ رستي تان ڀٽڪي وڃڻ کان پوءِ هن جي ملاقات قديم روم جي عظيم شاعر ورجل سان ٿئي ٿي، جنهن جي اينيڊ ۾ پڻ انسان جي موت کان پوءِ زندگي بابت غير عيسائي نقطئہ نظر کان هڪ خواب پيش ڪيو ويو آهي. ورجل هن کي دوزخ جا عذاب ڏيکارڻ جو واعدو ڪري ٿو ۽ ڪيس جهنم جي دروازي ڏانهن وٺي وڃي ٿو جنهن جي مٿان هي لفظ نقش ٿيل آهن: هن ۾ داخل ٿيڻ وارؤ سڀني اميدن کان دستبردار ٿيو.“

هو ٻئي ٻرپرو دوزخ جي پڌر ۾ پهچن ٿا. اهو هڪ اونداهون پٽ آهي جتي خود غرضن ۽ سُستن جي روحن کي ڏينهو ڏنگ پيا ٿا هڻن ۽ اهي هميشہ لاءِ هڪ ڦڙڪندڙ جهنڊي پٺيان ڊوڙندا رهن ٿا.

اهي اهو پٽ ٽپڻ کان پوءِ اچيرون ندي وٽ پهچن ٿا. اها غم جي ندي آهي. اتي ڪارون (charon) نالي هڪ سخت گير پوڙهو ٻيڙيا تو جنهن جون اکيون جڻ تہ ٻرندڙ ڦيٿا آهن— ليلاٿيندڙن جي ميڙن کي ٻئي پر ٽپائي رهيو آهي. ٻئي پر تي روح Limbo ۾ داخل ٿين ٿا. اهو دوزخ جو ٻهريون دائرو آهي.

ڊانٽي کي لمبو ۾ وڏن غير عيسائين جا روح نظر اچن ٿا. اهي پنهنجين زندگين ۾ جيتوڻيڪ وڏي شان مان وارا هئا پر هاڻي هتي انهي ڪري واڙيا پيا هئا جو انهن کي بپتسمو ڏنل نہ هو. انهن ۾ هوريس، اووڊ ۽ هومر جهڙا عظيم ڪلاسيڪي شاعر بہ شامل آهن جيڪي پاڻ جهڙي هڪ شاعر جي حيثيت ۾ ڊانٽي جو آڌرڀاءُ ڪن ٿا.

پوءِ ورجل ڊانٽي کي دوزخ جي ٻئي دائري ڏانهن وٺي وڃي ٿو. جنهن جي دروازي تي ماڻهو جي منهن سان هڪ تمام وڏو ڪتو چوڪيدار بيٺو آهي. اهو مائنوس (Minoss) يعني دوزخي جج آهي.

هتي گذريل دور جي مشهور خطاڪار عاشقن کي سزا ملي رهي آهي. هڪ تمام تيز هوا انهن کي هيڏانهن هوڏانهن اچلائي رهي آهي.

> هاڻي وري افسوسناڪ روڄ راڙو بڌڻ ۾ پيو اچي. هاڻي آءٌ اتي
> اچي پهتو آهيان جتي ڪيترائي واويلا جا آواز منهنجن ڪنن
> سان ٽڪرائجي رهيا آهن. آءٌ اهڙي جاءِ تي پهتو آهيان جتي
> ڪابہ روشني، نہ آهي، ڦوڪارن ۽ شوڪارن جو اهڙو تيز آواز

آهن. پيلي ڪان اڳتي تتل واريءَ جو هڪ خالي پٽ آهي جتي سخت گير ماڻهو شعلن جي سنهي ۽ مسلسل ڦوهاري هيٺ بيٺا آهن.

رت جي نديءَ جي ڪناري تي هلندي ٻئي شاعر هڪ اهڙي هنڌ پهچن ٿا جتي اها ندي هڪ آبشار جي صورت ۾ ساموندي نار ۾ ڪري ٿي. هتي ورجل ڄاڻي ٿو سندرو پاڻي ۾ اڇلائي ٿو ۽ جيريون ديو فوراً تري انهن وٽ پهچي ٿو. اهي انهي تي سوار ٿين ٿا ۽ دوزخ جي اٺين دائري وٽ پهچن ٿا جتي ورغلائيندڙ خوشامدي ۽ ڪوڙا نبي مختلف قسمن جو سزائون ڀوڳي رهيا آهن. منافقن، چورن، ٺڳ صلاحڪارن ۽ ڦوٽ وجهندڙن جي علائقي مان هڪ ماڻهو جنهن انگلينڊ جي بادشاهه هينري اٺين خلاف بغاوت ڪئي هئي- پنهنجي وڍيل منڍي وارن منجهان جهلي ڄاڻي سان ڳالهائي ٿو. اتان هو نائين دائري وٽ پهچن ٿا.

اتي هڪ وڏي نفير جو گجگوڙ جهڙو آواز انهن جي ڪنن سان ٽڪرائجي ٿو ۽ انهن کي سڀ ڪان هيٺاهين کڏ جي ڪناري تي ٽي ديو بيٺل نظر اچن ٿا. انهن مان هڪ انٽائيوس انهن کي کڏ جي تري ۾ ويهاري ٿو. اهو دائمي برف جو سمنڊ آهي جنهن ۾ تڪليف ۾ ورتلن جون شڪليون عنبر ۾ مکين وانگر نظر اچن ٿيون.

اتان اهي دوزخ جي اونهائين تائين پهچن ٿا. انهي جو نالو جديڪا آهي. اها دغابازن جي جاء آهي. انهي جي بلڪل وچ ۾ شيطان بيٺو آهي. هو پنهنجين وڏين ڄاڙين ۾ ٽن ڏوهارين کي چٻاڙي رهيو آهي ۽ ٻهنجن چمڙي جهڙن وڏن پرن مان هڪ اهڙي برفاني ٿڌي هوا ڪيڏي رهيو آهي جيڪا سموري سمنڊ کي ڄمائي ٿي ڇڏي

شاعر، شيطان جي پرسان گذرنديءَ هڪ ڏکي اتانهين رستي تان گذرن ٿا:
ايستائين جو غار جي گول منهن مان بهشت جون سهڻيون
بتيون..... اسان جي اکين آڏو ظاهر ٿيڻ لڳيون..... پوءِ ٻاهر
نڪرندي اسان کي وري ستارا نظر اچڻ لڳا.

آخرڪار اهي برزخ جي ٽڪري پرسان ٻاهر نڪري آيا. ڄاڻي وچئين دور جي ٻين ليکڪن جي بر خلاف برزخ کي ڪليل هوا ۾ رکيو آهي. انهي جي ٽڪرين جي ايڪيرن پاسن جي چوڌاري ست دائرا آهن جن مان هر هڪ ستن موتمار گناهن (Seven deadly sins) مان هڪ هڪ لاءِ خاص ٿيل آهي. هيٺين

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽن سطحن ۾ روح جي گناهن جي سزا ملندي آهي. چوٿين سطح ۾ سُستي جي جيڪو روح ۾ جسم ٻنهي جو ڏوهه آهي. مٿين ٽن سطحن ۾ جسم جي گناهن جي سزا ملندي آهي.

اهي انهن سطحن مان گذرندي زميني جنت (Earthly paradise) ۾ داخل ٿيا اتي ڊانتي کي صوفياڻو جلوس نظر آيو جيڪو چرچ جي فتحمند مارچ جي علامت آهي. انهي جلوس جي آخر ۾ بيٽرس هڪ گاڏيءَ تي ظاهر ٿئي ٿي. هو هڪ سو ملائڪن جي گهيري ۾ آهي. جيڪي گيت ڳائي ۽ گل پکيڙي رهيا آهن. هن کي ڳاڙهن، سفيد ۽ ساون روحاني رنگن جي پوشاڪ پهريل اهي. سندس مٿي تي زيتون جي پنن جو تاج آهي. جيڪو ڏاهپ ۽ امن جي علامت آهي. هو جڏهن ظاهر ٿئي ٿي تہ ورجل غائب ٿي وڃي ٿو جيئن Limbo ڏانهن واپس وڃي سگهي. هو پنهنجي شاعر ساٿي کي دوزخ ۽ برزخ گهمائڻ لاءِ اتان ئي آيو هو.

ڊوائين ڪاميڊي جو Paradise نالي ٽيون حصو انهي جو شاندار عروج آهي. هاڻي بيٽرس ڊانتي جي رهنما ٿئي ٿي ۽ هو ان سان گڏ انهن نون آسمانن مان گذري ٿو جيڪي اسان جي پنهنجي زمين جي چوڌاري گردش ڪندڙ دائرا آهن. هو انهن مان هلندو آخر ساڪن دائري، خدا جي مسڪن (Abode of God) تائين پهچي ٿو. سڀ ڪان هيٺيان اٺ آسمان زمين تان نظر ايندا آهن. انهن جي مٿان شفاف آسمان آهي جيڪو پنهنجي چُرپر جي ذريعي ٻين سيني جي روزاني گردش کي هلائي ٿو. اتان فطرت جي شروعات ٿئي ٿي. اتان ئي وقت (Time) حرڪت (Motion) ۽ دنيا جي بندوبست کي هلائڻ لاءِ سيني آسماني اثرن جي شروعات ٿئي ٿي.

انهي کان مٿي، رويا جي عروجي نقطي تي خدائي محبت جو لامحدود ۽ ساڪن سمنڊ آهي جتي خدا ولين ۽ ملائڪن کي پنهنجي جوهر جي رويا (Vision of His essence) سان نوازي ٿو.

ڊانتي جي ٻراڻن شارحن سندس الهيات، سندس مابعد الطبيعات ۽ سندس علامت نگاري تي وڏو زور ڏنو آهي. هنن ڪيس هڪ عظيم شاعر طور نہ پر هڪ جادوگر طور ڏنو آهي جنهن جي شعرن مان اهي فالون ڪيندا هئا. اهڙو هڪ شارح چوي ٿو تہ بيٽرس چرچ جي علامت آهي. ٻئي مطابق هو خدا جي محبت جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جسماني شڪل آهي. اسين هن جديد دور ۾ انهي ڪي اهڙي انداز ۾ ته نه ٿا ڏسي سگهون پر اها ڳالهه انهي جي سچي عظمت ۾ ڪا کوٽ نه ٿي ڪري

ڊوائين ڪاميڊي درحقيقت ٻن دورن جي وچ ۾ هڪ پل آهي. انهي ۾ نيڪي جي بنياد طور عقيدي بجاءِ اخلاقيات جو جيڪو تصور ڏنل آهي اهو انسان دوستي (Humanism) جي جديد نظرين جو پيشرو آهي. سڀ کان وڏي اها ڳالهه ته اهو هڪ عاليشان ۽ سگهارو نظم آهي ۽ لاثاني خوشين ۽ غمن جو هڪ اهڙو داستان آهي جنهن جو دنيا جي ادب ۾ ڪو ثاني يا مثال نه آهي.

ᏅᏕᏤ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 13. ڪينٽربري ٽيلز

## — جافري چاسر —

ڪيترين صدين اڳ اپريل مهيني جي هڪ صبح جو زيارتين (Pilgrims) جو هڪ ٽولو سائوٿ ورڪ جي ٽابرڊ ان (Tabard Inn) مان ڪينٽربري وڃڻ لاءِ نڪتو. اسان کي اها ڳالهه فرض نه ڪري وٺڻ گهرجي ته اهي جيئن ته زيارتي هئا تنهن ڪري اهي خاص طور وڏا مذهبي ماڻهو هوندا. وچٿين دور ۾ زيارتي سفر – ۽ زير بحث سال 1380ع کان 1390ع جي وچ وارو ڪو آهي – ڪي روزاني زندگي جي يڪسانيت وارن ڪمن ڪارين ۾ هڪ وٽندڙ وقفو سمجهيو ويندو هو. اهو نيون جايون ڏسڻ نون ماڻهن سان ملڻ اوپاريون لهورايون ڪرڻ ۽ اعليٰ ۽ ادنيٰ زندگي جون ڳالهيون هڪٻئي کي ٻڌڻ ۾ ۽ ٻڌائڻ جو موقعو هوندو هو. ملڪ ۾ ۽ ملڪ کان ٻاهر زيارتين جي ڪشش لاءِ ڪيترين ئي مزارون هونديون هيون پر انگلينڊ ۾ سڀ کان مشهور ڪينٽربري هوندو هو جتي وڏي ديول ۾ ٿامس اي بيڪيٽ – سينٽ ٿامس آف ڪينٽربري – جو مقبرو هوندو هو. اهو انهي هنڌ جي بلڪل ويجهو هوندو هو جتي 1170ع ۾ بادشاهه هينري جي چئن سردارن کيس بيدردي سان قتل ڪيو هو.

انهن زيارتن جي سفرن لاءِ سال جي مندن مان بهار کي سڀ کان وڌيڪ پسند ڪيو ويندو هو جو تڏهن سڀ روڊ ۽ پيچرا سياري جي پاڻين ۽ برفن کان پوءِ هلڻ جهڙا ٿي ويندا هئا. تنهن ڪري اسين تصور جي اک سان ڏسي سگهون ٿا ته اهي پنهنجن ڪک کانن جي بسترن تان صبح جو اٿيا آهن، سادين سودين شين سان هٿ منهن ڌوتا اٿائون ۽ ماني ۽ شراب سان سويري نيرن ڪئي اٿائون. انهن مردن ۽ عورتن کي انگريزن جي داستان جي ذخيري ۾ زيارتين جو سڀ کان مشهور ٽولو ٿيڻو آهي. گهوڙن جي سنبن جو ٺهڪو طنبيلي ۾ زنجيرن جي کڙ کڙ ٻڌڻ ۾ اچي پئي. سائيسن جون رڙيون "هائو هائو "سڀ خير آ" ۽ هر شي سنڀالي ڪٽجو" جا آواز به اچڻ پيا جڏهن ته سراء جو مالڪ شراب جا گلاس ڪنيو ۽ ڳوٺڙي ۾ سڪا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڙڪائيندو هيڏانهن هوڏانهن اچي وڃي رهيو آهي. اتي ئي ڪٽي پسمنظر ۾ جافري چاسر نالي هڪ ڪپڙي لتي ٺاهوڪو ۽ آسودو نظر ايندڙ همراهه بيٺو آهي هو پنهنجي ذهن جي اک ۾ اهي سڀ ڳالهيون محفوظ ڪندو پيو وڃي ته هي ماڻهو ڪير آهن. اهي ڪنهن سان مشابهت رکن ٿا ۽ اهي ڪهڙي قسم کي آڪاٽي هڏائي سگهن ٿا. هو جڏهن گهر پهچندو ته اهي سڀ ڳالهيون چمڙي جي صاف تختي تي لکي رکندو ۽ سندس "Canterbury Tales" هميشه لاءِ سندس ياد تازي رکنديون. هڪ رات اٹ 29 مختلف قسمن جا ماڻهو تبارڊ ۾ پهتا هئا. اها سري (Surrey) جي جهنگلن ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ آخري سراءِ هئي هن سمهڻ کان اڳ هر هڪ سان ڳالهه ٻولهه ڪئي هئي ۽ انهن جي هلت چلت ۽ حيثيت کان واقفيت حاصل ڪئي هئائين. هن جيڪا معلومات گڏ ڪئي آهي هو انهي مان ڪجهه Prologue ۾ ٻڌائي ٿو. اسان جي (انگريزي) ادب ۾ پرولاگ جي حيثيت ايڊورڊ ٽئين جي دور واري انگلينڊ ۾ نظر ايندڙ انساني ڪرداري نمونن (Types) جي هڪ پورٽريٽ گيلري واري آهي. هو سڀ کان پهرئين وچئين طبقي جو هڪ ماڻهو پيش ڪري ٿو ۽ انهي جو بهترين مثال پيش ڪري ٿو.

> اهو هڪ سورمو سردار (Knight) ۽ نهايت قابل شخص هو.
> هن جڏهن کان پهريون دفعو شهسواري شروع ڪئي هئي
> تڏهن کان کيس دليري ۽ همت، سچ ۽ غيرت، آزادي ۽ خوش
> خلقي سان پيار هو.
> هو پنهنجي آقا جي حلقي ۾ پوري عزت جي لائق هو ۽ ڪير به
> ماڻهو گهوڙيسواري ۾ هن کان اڳتي نه ويو هو.

هو اسپين، اتر آفريڪا ۽ مصر ۾ موئرن (مسلمانن لاءِ عيسائين جو لفظ سنڌيڪار) ۽ ترڪي ۾ ٻين ٻي ديني سان پندرهن لڙاين ۾ وڙهيو هو ۽ تلوار بازي جي ڪيترن ئي مقابلن ۾ ثابت قدم رهيو هو.

❋

هو تمام مڪمل معزز سورمو سردار هو. هاڻي توهان کي سندس پوشاڪ جي بابت ٻڌائجي ته سندس وهٽ چڱو خاصو پلو هو پر سندس ظاهري شڪل خاص سٺي نه هئي. سندس زره بڪتر تي ڪيترائي نشان لڳل هئا جاڪاڻ ته هن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن زيارتي سفر جو ارادو ڪيو هو تڏهن پنهنجي ساموندي سفر تان تازو موٽيو هو.

هن سان گڏ سندس پٽ به هو. هو هڪ نوجوان معزز هو. هو
عاشق مزاج ۽ مضبوط جسم وارو ڪنوارو هو سندس وار ۽
گهنڊيدار هئا ۽ منهنجو اندازو آهي ته سندس عمر 20 ورهيه
هئي

❋

هو جيتوڻيڪ ايتري ننڍڙي عمر جو هو پر هن ملڪ کان ٻاهر فرانس جي جنگين ۾ ڀرپور ورتو هو ۽ پنهنجي شايان شان ڪارناما سرانجام ڏنا هئائين جيئن پنهنجي معشوق جي عنايتن جو حقدار ٿي سگهي

❋

سندس پوشاڪ تي ائين پرت پريل هوندو هو جيئن هو ڪا
چوڪري هجي. هو تازن سفيد ۽ ڳاڙهن گلن سان پريو پيو
هوندو هو. هو سمورو ڏينهن پيو ڳائيندو ۽ بانسري وڄائيندو هو.
هو اهڙو تازو ۽ صاف سترو لڳندو هو جيئن مئي جو مهينو.

ان کان پوءِ آبادگار فوجي جو وارو اچي ٿو. هن کي سائي رنگ جو ڪوٽ ۽ ٽوپلو پهريل آهي ۽ ڪمر بند ۾ تيرن جي مياڻ لڳل اٿس. سندس مٿو گول ۽ ڪوبي جهڙو آهي سندس منهن هيڊو آهي سندس هٿيار سٺا آهن. مضبوط ڪمان. تلوار ۽ ڍال اٿس ۽ پالي جي ڇهنب جهڙو تکو سهڻو خنجر اٿس. پوءِ انهي سنگت مان هڪ خاتون جو وارو اچي ٿو. سندس تصوير ڪشي به ڏاڍي سهڻي انداز ۾ ٿيل آهي. هو ڏاڍي سادي سودي، لڄاري ۽ ماٺهن سان گهٽ ملندڙ جلندڙ آهي. هو مٺ ڏارڻ (Prioress) آهي انهي پاڻ سان گڏ پنهنجي هڪ نن (Nun) ۽ ٽي پادرياڻيون آنديون آهن. سندس نالو مادام انگلينٽائين آهي:

❋

هو ڊوائين سروس (divine srevice) ڏاڍي سهڻي انداز ۾
ڳائيندي هئي سندس نڪ مان آواز ڏاڍي سهڻي انداز ۾
نڪرندو هو. هو فرينچ به ڏاڍي مٺي ۽ وڻندڙ آواز ۾ ڳالهائيندي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي. اسٽريٽ فورڊ ايٽ بوو جي اسڪول ۾ پڙهڻ کان پوءِ
پيرس جي فرينچ هن لاءِ نامعلوم نہ هئي. ڪائڻ مهل ڪو گرهہ
سنڌس وات مان نہ هيٺ ڪرندو هو ۽ نہ ئي سنڌس آڱريون پوڙ
۾ آليون ٿينديون هيون.

سنڌس طبيعت ڏاڍي وڻندڙ هوندي هئي هوءَ پاڻ بہ خوش مزاجي کي پسند ڪندي هئي ۽ ڪيس پنهنجي حيثيت تي وڏائي نہ هوندي هئي. هو اينتري تہ نرم دل هوندي هئي جو هو جيڪڏهن ڪو ڪوئو ڪوڙڪي ۾ ڦاسي مئل يا زخمي ٿيل ڏسندي هئي تہ روئڻ لڳندي هئي. هاڻي اسان کي پڌايو ٿو وڃي تہ سنڌس شڪل صورت ڪيئن هوندي هئي.

*

سنڌس نڪ سڌو هوندو هو ۽ سنڌس اکيون شيشي جهڙيون
اڇيون هونديون هيون. سنڌس ڳول وات. ننڍرو نرم ۽ ڳاڙهو
هوندو هو سنڌس پيشاني بہ بلاشڪ تہ صاف هوندي هئي.

هو سئو نهڪندڙ چوغو پهربندي هئي ۽ سنڌس ٻانهن ۾ ڪوڏين جي ڪڙن جون جوڙيون هونديون هيون. انهن مان هڪ مان سونو بروچ لڙڪي رهيو هو جنهن تي انگريزي اکر "Λ" ۽ "محبت هر شي تي حاوي ٿي وڃي ٿي" جا لفظ اڪريل هئا.

پوءِ هڪ راهب جي تصوير اچي ٿي پر اها ڪا اينتري وڻندڙ نہ آهي. اهو "سئو پادري" ٻين ڳالهين کان وڌيڪ راند روند ۽ شيل شڪار جو شوقين هو سنڌس طنبيلي ۾ سنا سنا گهوڙا هوندا هئا ۽ سهن جي شڪار لاءِ پکين جهڙا تيز تازي ڪتا هوندا هئس. هن جو مٿو بلڪل گنجو هوندو هو ۽ سنڌس منهن اٿين لڳندو هو چڻ انهي تي تازو تيل جو مک ڏنل هجي ۽ سنڌس ننڍڙيون چمڪندڙ اکيون ڦرنديون رهنديون هيون. پوءِ آزاد منش ۽ خوش گذاريندڙ عيسائي جو وارو اچي ٿو. عورتون ڪيس ڏاڍو پسند ڪنديون هيون. سنڌس گلو بند چاقن ۽ پئسن سان پريل رهندو هو جيئن سهڻين عورتن کي ڏيڻ لاءِ ڪم اچي سگهن ۽ هن پنهنجي خرچ تي پنهنجين ڪيترين ئي نوجوان عورتن جي شادي جو بندوبست ڪيو هو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ هڪ واپاري جو بيان اچي ٿو. اهو هڪ قابل شخص هو. سندس ڏاڙهي کي وچان سينڊ نڪتل هئي ۽ سندس مٿي تي سمور جي ٽوپي هئي. هو چڱي طرح گهوڙيسواري ڪري سگهندو هو ۽ چڱو خوشحال ڏسڻ ۾ ايندو هو. آڪسفورڊ جي شاگرد جي ظاهري شڪل ڏاڍي مختلف هوندي هئي.

❋

اتي آڪسفورڊ جو هڪ ڪلارڪ به هو. سندس گهوڙو بلڪل ڏبرو هو ۽ آءٌ خاطري ڪرايان ٿو ته هو بلڪل ٿلهو نه هو. سندس چوغو تمام پراڻو ٿي ڳري ويو هو. جيئن ته هن جو ڌيان هن دنيا جي ڳالهين ڏانهن بلڪل نه هو تنهن ڪري هن چرچ مان ڪو به وظيفو يا ڪو عهدو نه ورتو هو.

❋

هو پنهنجي پلنگ جي مٿان ڪان سهڻين پوشاڪن، طنبورن ۽ سازن بجاءِ ارسطو ۽ سندس فلسفي بابت ڪارن ۽ ڳاڙهن جلدن وارن ويهن ڪتابن کي ترجيح ڏئي ها.

پوءِ وري هڪ سارجنٽ آف لا جي تصوير ڪشي ٿيل آهي. ڪيس هر قانون ياد هوندو هو ۽ هو هر وقت مصروف ڏسڻ ۾ ايندو هو. انهيءَ کان پوءِ هڪ ڳاڙهي رنگ ۽ ڪجهه جهڙي اڇي ڏاڙهي وارو غير خانداني زميندار (Franklin) اچي ٿو. هو صبح جو اٿڻ سان سپ کان اڳ شراب جي گلاس کي ترجيح ڏيندو آهي ۽ سندس دسترخوان سدائين سنين شين سان ڀريل هوندو آهي. انهيءَ کانپوءِ بزاز واڍو ڪوري نيرولي ۽ غاليچا ناهيندڙ اچن ٿا. انهن سڀني جو ڪاروبار سٺو جميل آهي ۽ اهي سڀ ڪائونٽي جي ڪائونسل جا ميمبر ٿيڻ جا اهل آهن. پوءِ هڪ بورچي اچي ٿو جيڪو روسٽ، سجي ۽ فراءِ سميت هر قسم جا سوپ ناهي سگهندو هو ۽ بيڪريءَ جون شيون به سٺيون ناهي سگهندو هو. هو مڪئي جي اٽي جو حلوو ته تمام بهترين ناهيندو هو. انهي کان پوءِ هڪ طبيب آيو جيڪو هر مرض جو سبب ڄاڻندو هو ۽ تمام سٺي نموني علاج ڪندو هو. پر اسان کي انهن ماڻهن سان وقت نه گذارڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته هاڻي اهڙي شخصيت اچي ٿي جنهن جي ڪردار جي تصوير ڪشي چاسر تمام سگهاري نموني ڪئي آهي. هو تمام بي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اخلاق، وات ڦاٽوڙپ ۽ نسوانيت جو تمام اهم مثال آهي. هوءَ Wife of bath جي نالي سان سڃاتي وڃي ٿي.

❋

باٿ جي پر ۾ هڪ چڱي زال ويٺي هئي. پر افسوس جو هو ڪجهه ٻوڙي هئي. آچر جي ڏينهن سندس مٿي تي رهندڙ رومال تمام سهڻا ۽ نفيس هوندا هئا ۽ آءٌ سمجهان ٿو ته اهي ڏهن پائونڊن کان گهٽ قيمت جا نه هوندا. سندس جوراب تمام سٺي تيز ڳاڙهي رنگ جا هوندا هئا ۽ سندس جوتا بلڪل نوان ۽ تيل ڏنل هوندا هئا. سندس منهن جو رنگ ڳاڙهو ۽ سهڻو هوندو هو ۽ انهي مان بهادري پئي پکندي هئي. هو سموري زندگي هڪ باحيثيت عورت رهي.

زيارتي سفر تي نڪرندڙ هو به ڪهڙي نه عجيب عورت هئي. هوءَ ٽي دفعا يروشلم وئي هئي ۽ روم ۽ اسپين ۾ سينٽ جيمس جي درگاه تي ۽ ڪولون ۽ بولونيا به وئي هئي. هو ڪا حسين جميل عورت نه هئي، سندس ڏند ڪجهه وڏا هئا پر هو آرام سان گهوڙيسواري ڪري ويندي هئي ۽ ڪيس محبت ۽ ان جي حادثن ۽ انهي جي علاج بابت سيڪا ڄاڻ هئي.

هاڻي ڪنهن جو وارو آهي؟ هاڻي هڪ ننڍڙي شهر جي گرجا گهر جو پادري اچي ٿو. هو جيتوڻيڪ غريب هو پر سوچ ۽ عمل جي لحاظ کان امير هو ۽ ڏاڍو پڙهيل لکيل هو. هن جي سماجي طور ڪا حيثيت نه هئي ڇاڪاڻ ته سندس دوست ساٿي به هڪ هر هاري هوندو هو. اهو سندس ڀاءُ هو. پر هو به ساڳئي حيثيت وارو ماڻهو هو. هو سدائين پنهنجي ذمي واجب الادا رقمون بروقت ادا ڪندو هو ۽ هر ڪنهن جي سهڪار لاءِ تيار رهندو هو.“ جيڪڏهن ڪم سندس وس ۾ هوندو هو ته بنا ڪنهن اجوري جي يسوع مسيح خاطر ڪندو هو.“ انهن ماڻهن ۾ هڪ سرڪاري بيلف، چڪي وارو ڪليسائي عدالت جو هڪ عملدار، معافي نامه وڪڻندڙ (Pardonor) (گرجا گهر جي اختيارين پاران معافي ناما وڪڻندڙ، سمجهيو ويندو هو ته انهن جي ڪري ڪيل گناهه معاف ٿي وڃن ٿا). رسد جو داروغو ۽ آءٌ خود شامل هئاسين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهي رات جڏهن سڀئي گڏجي ويٺا ۽ دير سان تمام سٺي ماني کائي ويٺا ته ميزبان۔ سندس نالو هينري بيلي هو۔ سڀ ڪان اڳ انهن کي اهڙي سٺي گڏجاڻي تي مبارڪ ڏني ۽ پوءِ اها تجويز ڏني ته هر ماڻهو به آکاڻيون ٻڌائي. هڪ ڪينٽربري ڏانهن ويندي ۽ ٻي واپس ايندي ۽ جيڪو به مرد يا عورت سڀ کان سٺي آکاڻي ٻڌائي ان کي ٻيا سڀ ماڻهو تبارڊ ۾ ٻيهر گڏ ٿيڻ وقت پنهنجي خرچ تي ماني کارائين. انهي تجويز جي ساراه ٿي ۽ ميزبان اهو ڪم رضا خوشي سان پنهنجي سر تي کنيو ته هو زيارتين سان گڏجي ويندو ۽ انهي ڳالهه جو به پاڻ فيصلو ڪندو. انهي تي به ٻيا سڀ متفق ٿيا ۽ پوءِ سڀ وڃي آرامي ٿيا ۽ صبح جو ڪڪڙن جي ٻانگ وقت سجاڳ ٿيا. انهن جو پهريون ڊاهو هڪ به ميل اڳتي ٿامس جي کوهه وٽ ٿئي ها. جتي اهي پنهنجن وهٽن جا تنگ ڪشين ها هنان ناهي رکن ها ۽ وهٽن کي پاڻي پيئارين ها. اسين سمجهي سگهون ٿا ته اهي هر ڊاهي تي ۽ پوءِ رات جو جڏهن ڪنهن سراء ۾ لهندا هوندا ته آکاڻي ٻڌائيندڙ جي چوڌاري گڏ ٿيندا هوندا.

جيئن ته انهي سات ۾ ٽيهن جي لڳ ڀڳ ماڻهو هئا تنهن ڪري جملي 60 آکاڻيون ٿيون ها پر انهي نظم ۾ فقط 23 آکاڻيون آهن. ڪينٽرن زيارتين جهڙوڪ هاري ۽ آبادگار فوجي ڪا به ڳالهه نه ٻڌائي.

چاسر جيڪڏهن پاڻ ڪي آکاڻيون ناهيون هونديون ته انهن جو تعداد به ٿورو هوندو. شيڪسپيئر وانگر هو به ٻين ماخذن مان اوڌر کڻڻ تي راضي رهيو. "سورمي سردار جي ڳالهه" بوڪيشيو جي هڪ آکاڻي جي هڪ مختصر شڪل آهي ۽ پوءِ جي به ڪيترين ڳالهين لاءِ بوڪيشيو جي ڊيڪا ميرون مان مواد کنيو ويو آهي. ڇڪي واري ۽ سرڪاري بيلف پاران ٻڌايل ڳالهيون جن کي چاسر طوائفن جون آکاڻيون چوي ٿو انهن جو ڪجهه سلسلو فرانس جي منظوم مزاحيه داستانن سان ملي ٿو پر چاسر انهن جي ظاهر ظهور بي شائستگي کي ختم ڪرڻ لاءِ انهن ۾ خوش مزاجي جو ڪجهه عنصر شامل ڪري ڇڏيو آهي. ڇڪي واري جي آکاڻي جي سورمي اليسن هڪ خاص طور دلپسند تخليق آهي. ارڙهن ورهين جي ڇمار واري انهي زال جو جسم نور وانگر لطيف ۽ لسو هو. سندس اکيون آلوچن جهڙو ڪاريون هيون ۽ سندس وات پال رکيل صوفن جهڙو مٺو هو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ مجموعي ۾ شامل سيني ڳالهين مان سڀ کان اهم بات جي زال جي آکاڻي آهي ۽ انهي جي اهميت جو سبب زال ٻاران ٻڌايل خود آکاڻي نه پر انهي جو ڏگهو مهاڳ آهي. انهي کي انگريزي ادب جي سڀ کان ڀهرئين آتم ڪهاڻي چيو وڃي ٿو ۽ انهي ۾ هڪ اهڙي جوان، گرم ۽ پر جذبات عورت جو ڪردار پيش ڪيو ويو آهي جنهن جي پنيان هر مرد لڳو پيو آهي ۽ هو به اهو نه ٿي ڏسي ته "اهو بندرو آهي يا ڏگهو ڪارو آهي يا پورو يا غريب آهي بس مون کي چاهي ٿو."

جيئن جيئن زيارتي پنهنجي منزل جي ويجهو پهچندا ٿي ويا ته ڳالهه پنيان ڳالهه جو سلسلو به هلندو ٿي رهيو. آخرڪار اهي ڪينٽربري پهتا ۽ ورندي صبح جو اهي ديول ۾ سينٽ جي مقبري ڏانهن وڌندڙ انبوهه ۾ شامل ٿي ويا. اتي انهن پوڄائون ڪيون. نذر نياز رکيا ۽ تبرڪات خريد ڪيا. انهي کان پوءِ اهي سراءِ ۾ واپس ويا. چڱي طرح شراب پيتائون ۽ جيئن ئي باک ڦٽي ته واپسيءَ جو سفر شروع ڪيائون.

اهي سڀ ڳالهيون 600 ورهيه اڳ ٿي گذريون هيون ۽ چاسر جي دور کان 150 ورهيه پوءِ به هلنديون رهيون. پوءِ رفارميشن جو دور آيو. شهيد جو مقبرو (Martyr's Tomb) پڃي ان جي بيحرمتي ڪئي وئي ۽ زيارتي اچڻ بند ٿي ويا. پر زيارتين جي وات تي ٻڌايل آکاڻين کي ڪير به ختم نه ڪري سگهيو. ڪينٽربري ٽيلز انگريزي شاعري جي بهار جي دور جا هميشه زنده رهندڙ ۽ قيمتي يادگار آهن.

# 14. يوٽوپيا

## ـــ سر ٿامس مور ـــ

انسانن جيڪي بہ خيالي شهر اڏيا آهن انهن مان سڀ کان مشهور جو بيان انگريز اسڪالر ۽ مدبر سر ٿامس مور ٻاران سورهين صدي جي شروعات ۾ لکيل هڪ ننڍڙي ڪتاب ۾ آيل آهي. انهيءَ جو نالو يوٽوپيا (Utopia) آهي ۽ اهو ايترو تہ مشهور آهي جو تڏهن کان وٺي اهڙي قسم جي سڀني خيالي رياستن کي يوٽوپيا سڏيو ويندو آهي.

اهو لفظ بہ هڪ مرڪب آهي. اهو ٻن يوناني لفظن Ou معنيٰ نہ ۽ topos معنيٰ جاءِ هنڌ مان ٺهيل آهي. اهڙي طرح انهي جي لفظي معنيٰ ٿي ڪٿي بہ نہ اهو لفظ مور خود ايجاد ڪيو هو ۽ اهو انهي حقيقت جي يادگيري ڏياري ٿو تہ هو علم جي احياءَ جي دور جي اهڙين تمام مشهور شخصيتن مان هڪ هو جن وچئين دور جي ڊگهي رات کان پوءِ يونان ۽ روم جي قديم ڪلاسيڪي تهذيبن جي نئين سر دريافت مان اتساهہ ورتو هو.

مور جنهن وقت اهو ڪتاب لکيو تڏهن هو عمر جي 30 ۽ 40 ورهين جي وچ ۾ هو. هو لنڊن ۾ مان پڙهيل بئريسٽر هو. سندس اصيلن جو حلقو وسيع هو ۽ هو هائوس آف ڪامنز جو ميمبر پڻ هو. ڪيس 1515ع ۾ لوڪنٽريز (هالينڊ بيلجيئم ۽ لڪسمبرگ جو گڏيل نالو۔ سنڌيڪار) ڏانهن سفير ڪري موڪليو ويو ۽ واپار جو نئون معاهدو ڪرڻ جو ڪم بہ کيس سونپيو ويو. هو فلينڊرز ۾ هو جو يوٽوپيا جو خيال سندس ذهن ۾ آيو. انگلينڊ واپس پهچي سندس ڪم پايہ تڪميل تي پهچي ويو ۽ هن لاطيني ۾ اهو ڪتاب لکيو اهو پوءِ 1516ع ۾ لووين ۾ ڇپيو ۽ جلد ئي انگلينڊ ۾ انهي جون ڪاپيون وڪري لاءِ پهچي ويون. انهيءَ جو پهريون انگريزي ترجمو 1551ع ۾ ڇپيو. ٿامس مور روم جي پوپ جي جاءِ تي هينري انين کي انگلش چرچ جو سربراهہ مڃڻ کان انڪار ڪيو تہ کيس ٿاور هل تي موت جي سزا ڏني وئي. اها ڳالهہ انگريزي ترجمو ڇپجڻ کان سورهن ورهيہ پوءِ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي آهي. انگريزي ترجمو رالف رابنسن نالي ڪنهن ماڻهو ڪيو هو اهو ڪنهن وقت ڪورپس ڪرسٽي ڪاليج ۾ فيلو رهيو هو. رابنسن پنهنجي ترجمي ۾ بهترين چاشني دار ٽيوڊر جي دور واري انگريزي لکي آهي.

ڪتاب جي شروعاتي جملن مان اسان کي اهو تاثر ملي ٿو ته مور انيٽورپ ۾ انتظار جون گهڙيون ڪاٽي رهيو هو ڇاڪاڻ ته واپاري معاهدي لاءِ ٽينڊڙ مذاڪرات جي رفتار تمام آهستي هئي. خوش قسمتي سان هن شهر ۾ ڪي سٺا دوست ناهي ورتا هئا ۽ انهن ۾ پيٽر گائيلس نالي هڪ شخص به هو. انهي جي ڳالهه ٻولهه ۾ گفتگو ايتري وڻندڙ ۽ خوشگوار هئي جو مور کي جو پنهنجي اباڻي وطن، پنهنجي زال ۽ پنهنجن ٻارن کي ڏسڻ جي شديد تانگهه لڳي پئي هئي جن کان ڌار ٿئي کيس چار مهينا ٿي ويا هئا، اها گهٽجي ماني ۾ گهٽ ٿي وئي. هو هڪ ڏينهن صبح جو گرجا گهر مان Divine service ٻڌي واپس اچي رهيا هئا ته پيٽر ٿي کيس ڪنهن اجنبي بابت ٻڌايو "جنهن جي عمر چڱي وڏي هئي. منهن اس ۾ ڪارائيل هوس، ڏاڙهي ڏگهي هئس ۽ ڪلهن تي سادي نموني هڪ چوغو پيل هوس جنهن کي مون سندس پوشاڪ مان فوراً سڃاڻي ورتو ته هو سامونڊي آهي. انهي شخص جو نالو رافائيل هائيٿ لوڊي هو ۽ اڳتي هلي خبر پئي ته هو جيتوڻيڪ سامونڊي نه هو پر پورچوگالي هو ۽ آمريگو ويسپيوسي جي آمريڪا ڏانهن آخري سفر ۾ هن سان گڏ هو. هو 24 ماڻهن جي انهيءَ جٿي مان به هڪ هو جن کي سندن پنهنجي درخواست تي برازيل جي سامونڊي ڪناري جي ويجهو ناهيل هڪ قلعي ۾ ڇڏيو ويو هو. دريافتن جي هڪ دور کان پوءِ هو هڪ پورچوگالي جهاز ۾ يورپ واپس پهچي ويو. انهيءَ ڊگهي ۽ خطرن سان پريل سفر دوران ئي (مور اسان کي ائين ٿو ٻڌائي پر درحقيقت آڪاٽي سندس پنهنجي خيالي ايجاد هئي) هن يوٽوپيا جو بيٽ ڏٺو هو. اهو خط استوا جي ڏکڻ ۾ ڪنهن جاءِ تي واقع هو ۽ هو اتان جي ماڻهن سان پنجن ورهين جو عرصو گڏ رهيو هو.

مور پنهنجي نئين واقف مان ڏاڍو خوش ٿيو ۽ تنهي ماڻهن پاران گڏجي سندس رهائش تي وڃڻ بابت ڏاڍي سٺي تصوير ڪشي ڪئي وئي آهي. "۽ اتي منهنجي باغ ۾ هڪ ساوڻ ٻوٽن سان ڍڪيل بينچ تي اسين ٽئي ڳالهائڻ ويهي رهياسين. انهن ڪلاڪ ٻن ٽائين انگلينڊ جي سماجي ۽ اقتصادي حالتن بابت

سڀ يوٽوپيائي هڪ جهڙا ڪپڙا پهريندا آهن. هائو باقي مردن ۽ عورتن ۽ پرڻيلن ۽ ڪنوارن جي لباس ۾ ڪجھ فرق هوندو آهي. اهي سياري توڙي اونهاري ۾ ساڳئي قسم جا ڪپڙا پهريندا آهن ۽ هر هڪ ڪٽنب پنهنجا ڪپڙا پاڻ ٺاهيندو آهي. اهي ڪم ۾ چمڙي يا جانورن جي کل جي پوشاڪ پهريندا آهن. اها پوشاڪ ستن ورهين جو چوڙ ڏيندي آهي. اهي جڏهن ڏينهن جو ڪم ڪار ختم ڪندا آهن ته پنهنجي مٿان هڪ ڏگهو چوغو وجهي ڇڏيندا آهن جيڪو بي سادي پوشاڪ لڪائي ڇڏيندو آهي. سموري ٻيٽ ۾ اهي چوغا هڪ ئي رنگ يعني اُن جي رنگ جا ٺهيندا آهن."

يوٽوپيا ۾ مردن توڙي عورتن کي فرمن توڙي ڪنهن هٿ جي هنر يا ڌنڌي ۾ ڪم ڪرڻو پوندو آهي. روزانو ڪم جو وقت ڇهه ڪلاڪ آهي. صبح جو ٽي ڪلاڪ، وري ٻه ڪلاڪ مانيءَ جو وقفو ۽ ٽي ڪلاڪ شام جو. اهي سڀ رات جو اٺين وڳي سمهي پوندا آهن ۽ اٺ ڪلاڪ ننڊ ڪندا اهن. باقي وقت انهن جو پنهنجو هوندو آهي پر اهو به انهن کي اجايو وڃائڻو نه هوندو آهي. اتي ڪيترائي تعليمي ليڪچر ٿيندا آهن. انهن ۾ شرڪت ڪرڻ کي همٿايو ويندو آهي ۽ باغن ۾ به سدائين ڪو نه ڪو ڪم هوندو آهي. اهي موسيقي يا بي ڪنهن سٺي صحتمند سرگرمي جي مشق ڪندا آهن ۽ انهن وٽ شطرنج سان ملندڙ جلندڙ ٻه رانديون به هونديون آهن پر اهي جُڪي يا اهڙي ڪنهن بيوقوفائي ۽ نقصان ڪار راند کان واقف نه آهن. شڪار ۽ بازداريءَ کي به تمام سختي سان ننديو وڃي ٿو.

جيڪڏهن ڪير انهي ڳالھ تي ويهي بحث ڪري ته ڏينهن ۾ ڇهه ڪلاڪ ڪم ناڪافي آهي ته اها ڳالھ ٻڌائي ڇڏجي ته يوتوپيا ۾ هر ماڻهو ڪم ڪندو آهي اتي غريب ماڻهن جي محنت تي پلجندڙ ڪي به امير ماڻهو نه آهن نه ئي ڪي سُست گهرياتي، نه بي هنر رولو نه واندا پادري، راهب ۽ درويش. نه ڏنڊا مشٽا پينو فقير ۽ نه آڪڙ باز ٻتاڪي ۽ سڀ کان وڏي ڳالھ ته هر عورت کي به ڪم هوندو آهي ۽ "عورتون سموري آبادي جو اڌ آهن".

هاڻي ثابت ٿيو ته ڇهن ڪلاڪن جو ڏينهن ناڪافي ته نه پر اهو ڪڏهن ڪڏهن تمام ڏگهو ٿي پوندو آهي ۽ پوءِ مئجسٽريٽ پڙها ڏياري حڪم ڏيندا آهن ته "ماڻهو ڪم کي گهٽ ڪلاڪ ڏيندا." انهي جو سبب اهو آهي ته انهن کي غير ضروري محنت ۾ ڪو فائدو نظر نه ٿو اچي. اهي ڪمن ڪارين کي اهڙي طرح

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ترتيب ڏيڻ جي ڪوشش ڪندا آهن جيئن شهرين وٽ اهڙو گهڻو وقت بچي جنهن ۾ انهن کي ذهني آزادي حاصل هجي. ڇاڪاڻ ته اهي سمجهن ٿا ته هن زندگي ۾ سهوليت جو دارومدار به انهي ڳالهه تي آهي.

سڀني زندگي جو اهو پهريون يوٽوپيائي قاعدو آهي. ٻيو قاعدو اهو آهي ته ”اهڙي ڪنهن به قسم جي ممنوعه لذت بابت سوچيو به نه جنهن مان ڪو نقصان به نه پهچي.

يوٽوپيا ۾ گذر اوقات لاءِ گهربل هر ضروري شي گڏيل ملڪيت ۾ هوندي آهي. مارڪيٽن ۾ وڏا گدام ٺهيل هوندا آهن جتي سموري ملڪ جي پيداوار ذخيرو ڪئي ويندي آهي ۽ جيڪڏهن ڪنهن شهر کي ڪنهن شي جي ضرورت هجي ته کيس فقط اتي وڃي اها شي گهرڻي پوندي آهي. ساڳئي طرح هر شي گڏ ڪتب آندي ويندي آهي. اتي گهريلو زندگي جو تصور به گهٽ آهي. هر ڳالهه سڀني جي سامهون ڪئي ويندي آهي. ماني وڏن Dining rooms ۾ کاڌي ويندي آهي. جتي نوجوان تمام توجه سان پنهنجن وڏن کي ماني کارائيندا آهن. مرد بينچ تي ويهندا آهن جنهن جو منهن پٽ ڏانهن هوندو آهي. عورتون وري انهن جي پٺيان ويهنديون آهن. رڌ پچاء جو ڪم عورتون ڪنديون آهن پر ٽڪائيندڙ محنت وارو ڪم ۽ نيچ ڪم غلام ڪندا آهن.“

هاڻي اسين انهن جي شادي جي رواجن ڏانهن اچون ٿا. ”اهي زالون ۽ مڙس چونڊڻ لاءِ هڪ اهڙي رواج تي هلن ٿا جيڪو“ مور لکي ٿو ”اسان کي ڏاڍو احمقاڻو لڳو. ٿيندو ائين آهي جو ڪا ڳنڀير ۽ ايماندار عورت، ڪنهن ڪنواري يا بيوه عورت کي اگهاڙو ڪري ان سان شادي جي خواهشمند آڏو پيش ڪندي آهي. ساڳئي طرح هوشيار ۽ سياڻو مرد شادي جي خواهشمند مرد کي اگهاڙو ڪري ڪنهن عورت جي آڏو پيش ڪندو آهي. انهي رواج بابت ٻڌي اسين ڏاڍا کلياسين پر ٻئي طرف وري اهي ٻين قومن جي انهي بيوقوفاڻي هلت تي ڏاڍو حيرت جو اظهار ڪندا آهن ته اهي ڪو گهوڙو خريد ڪرڻ مهل ته جنهن ۾ ڪجهه پئسن جي ڳالهه هوندي آهي، ڏاڍا محتاط ٿيندا آهن ته اهو بلڪل اگهاڙو هجي ۽ ان تان سيپ سنج ۽ هنا لٿل هجن ته متان ان جي هيٺان ڪو ڦٽ يا ڦٽ نه لڪل هجي پر اهي زال چونڊڻ وقت جيڪا اڳتي هلي انهن جي سموري زندگي انهن لاءِ خوشي يا ڏک جو باعث ٿيندي، بلڪل بي احتياطي ٿا ڪن. عورت جو سمورو جسم ڪپڙن ۾

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏڪيل هوندو آهي ممڪن آهي انهن جي هيٺان ڪو اهڙو خراب عيب لڪل هجي جو انهي سبب مرد جي زال ۾ ڪا به دلچسپي نه رهي ۽ پوءِ جدائي جي راهه ۾ به قانون رڪاوٽ هجي.

شادي کان پوءِ حرامڪاري ڪرڻ جي صورت ۾ طلاق جي اجازت آهي. يا پنهي زال مڙسن مان ڪنهن جي چال چلت ناقابل برداشت حد تائين بگڙيل هجي تڏهن به طلاق جي موڪل آهي پر ڪنهن مڙس کي اها اجازت نه آهي ته هو فقط انهي ڪري پنهنجي زال کي پاسي ڪري ڇڏي ته سندس جسم ۾ ڪا خرابي ٿي پئي آهي. انهن وٽ رضا مندي سان طلاق جو رستو به آهي جو جڏهن مرد ۽ عورت پاڻ ۾ راضپي سان نه ٿا رهي سگهن ۽ پنهي کي ڪو اهڙو ماڻهو ملي ويو آهي. جنهن سان انهن کي اميد آهي ته هو وڏيڪ خاموشي ۽ خوشي سان رهي سگهندا.

يوٽوپيائين وٽ قانون تمام ٿورڙا ۽ وڪيل ته بنهه نه آهن. اسڪالرن کي وڏي عزت ڏني ويندي آهي ۽ حڪيمن طبيبن کي ڪتي به گهٽي عزت نه ڏني ويندي آهي. هر شهر ۾ چار اسپتالون آهن. اهي اينٽربون وڏيون، اينٽربون وبڪريون ۽ اينٽربون ته وسيع آهن جو اهي ننڍڙن شهرن جو ڏيک ڏينديون آهن. انهن ۾ اينٽرو ته سٺو عملو مقرر ٿيل آهي ۽ اهي اينٽربون ته آرامده آهن جو بيمار ماڻهو گهر ۾ رهي علاج ڪرائڻ بجاءِ ايڏانهن وڃڻ کي ترجيح ڏيندو. جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو کي ڪو لاعلاج مرض آهي ۽ سندس زندگي درد ۽ پيڙا سان پريل آهي ته هو پنهنجي مرضي سان موت سان همڪنار ٿي سگهي ٿو باقي بين حالتن ۾ آپگهات کي سختي سان ننديو ويندو آهي.

پڙهندڙ کي ڪتاب ۾ انهي کان وڏيڪ ڪابه ڳالهه نه کٽڪندي ته جنگ جي عظمتن کي ڪابه اهميت نه ڏني وئي آهي. يوٽوپيا جا رهواسي جنگ يا لڙائي کي، تمام وحشياڻي ڳالهه سمجهي انهي کان سخت نفرت ڪن ٿا ۽ وڏي ڪوشش ڪري انهي کان پاند بچائين ٿا. جيڪڏهن انهن مٿان جنگ زوري مڙهي وڃي ٿي ته اهي کٽڻ جي وڏي ڪوشش ڪن ٿا پر انهي لاءِ اهي اهڙا طريقا اختيار ڪن ٿا جن کي اڪثر ماڻهو ناواجب ۽ غير شاناڻا سمجهندا.

يوٽوپيائين جي هڪ بي خصوصيت قيمتي ڌاتن ڏانهن انهن جو روبو آهي. اهي لوهه کي تمام گهڻي اهميت ڏين ٿا ڇاڪاڻ ته اهو گهڻين ئي جاين تي ڪتب اچي ٿو. اهي ڪاڏي پيتي لاءِ مٽي يا شيشي جا ٿانو ڪتب آڻين ٿا پر اهي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سون ۽ چاندي مان عام طور ڪاڪوس پيشاب ڪرڻ جا ٿانو ۽ ٻيا اهڙا ٿانو ناهين ٿا جيڪي تمام نيچ ڪارجن ۾ ڪتب اچن ٿا. اهي پنهنجن قيدين ۽ خطاڪارن کي ٻڌڻ لاءِ جيڪي زنجير ۽ ڪڙيون ڪتب آڻين ٿا اهي به سون يا چاندي جون ٺهيل آهن. انهي مان ڏسي سگهبو ته اهي ڪيئن نه سوچ ويچار ڪري اهڙين شين کي ننندا ۽ بدنامي سان وابسته ڪن ٿا جن کي ٻيا ماڻهو تمام گهٽي اهميت ڏين ٿا.

مور يوٽوپيائين جي مذهب بابت به گهٽيون ڳالهيون ڪيون آهن. "ڪجهه ماڻهو سج ديوتا، ڪجه چنڊ ديوتا ته ڪجه ڪنهن ٻئي گرهه جي ديوتا جي پوڄا ڪن ٿا. پر ماڻهن جو سڀ کان ذهين ۽ اڪثريت وارو حصو اهو عقيدو رکي ٿو ته ڪا اڻ ڄاتل خدائي طاقت آهي جيڪا ابدي آهي، سمجه کان ماورا آهي، جنهن جي سمجهاڻي نه ٿي ڏئي سگهجي ۽ جيڪو انسانن جي عقل جي گنجائش ۽ پهچ کان گهڻومٿي آهي جيڪو پنهنجي جسماني وڏائي نه پر چڱائي ۽ طاقت جي لحاظ کان سموري دنيا تي محيط آهي. هو انهي کي سڀني جو ابو ڪوٺين ٿا."

يوٽوپيائين جا گرجا گهر تمام سهڻا آهن. نه فقط انهن جي ڪاريگري تمام بهترين ۽ عجيب غريب آهي پر اهي تمام وڏا ۽ وسيع پڻ آهن (اهي جيئن ته تمام ٿورا آهن تنهن ڪري انهن جو وڏو هئڻ ضروري آهي) جيئن انهن ۾ تمام گهڻا ماڻهو سمائجي سگهن. اهي هر مهيني جي پهرئين ۽ آخري تاريخ ۽ هر سال جي آخري ڏينهن انهن گر جا گهرن ۾ گڏ ٿين ٿا. خدا جا شڪرانا بجا آڻين ٿا ۽ دعائون گهرن ٿا ته ايندڙ وقت ۾ به انهن جو ڀاڳ ڀلو رهي. اهي ڪو به زنده جانور قرباني طور ذبح نه ٿا ڪن نه ٿي هنن جو اهو عقيدو آهي ته جنهن خدا جانورن کي زنده رهڻ لاءِ حياتي ڏني آهي اهو رت ۽ ڪوس ڏسي خوش ٿيندو. اهي موسيقائي اوزارن جي سنگت سان ڀڄن ڳائين ٿا ۽ پادرين سان گڏجي پوڄا پاٺ ڪن ٿا. هڪ وڌيڪ ڳالهه جو ذڪر ضروري آهي. انهن جو هڪ قديم قانون اهو آهي ته: جيڪڏهن ڪو شخص پنهنجي مذهب جي قائم رهڻ بابت عقل جو استعمال ڪندو ته ان تي ڪو به الزام نه هنيو ويندو."

اها ڳالهه رڪارڊ تي آڻڻ ڪيتري نه افسوسناڪ آهي ته مور تيهه سال پوءِ جڏهن لارڊ چانسلر ٿيو ته پنهنجو يوٽوپيائين وارو رواداري وارو لاڙو مڪمل طور وساري ڇڏيائين ۽ پاڻ کي هڪ ظالم ۽ وڏو سزائون ڏيندڙ ثابت ڪيائين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر انٽيورپ جي هڪ باغ ۾ وينٽل ماڻهن تي خوفناڪ مستقبل جا ڪي ٻه پاڇا نه ٿا پون. اهي ڪيترين صديون اڳ سفر تان موٽيل سياح ڪان انهي رياست بابت ڳالهيون ٻڌي رهيا آهن: جيڪا سچ پچ ته منهنجي خيال ۾ نه فقط سڀ ڪان بهترين آهي پر اهائي حقي واجبي طور پاڻ تي دولت مشترڪ ( common wealth) يا عوامي ڀلائي واري رياست جي نالي جي دعويدار ٿي سگهي ٿي. "انهن کي اتي وينٽي ڪيترا ڪلاڪ ٿي ويا آهن. بلاشڪ ته وينٽي وينٽي انهن جا سَنڌَ سُڪي ويا آهن ۽ شايد ته گاهه به ڪومائجي ويو آهي ۽ پوءِ اهي رات جي ماني لاءِ گهر ۾ داخل ٿين ٿا.

ꕥ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رڪندڙ ڪو شخص موجود نہ آهي. تعارف طور هڪ وڏيڪ ڳالهہ بہ ٻڌائي ڇڏڻ گهرجي: هن ڪتاب کي هي پڪي پختي حيثيت بہ مليل آهي تہ اهو مغرب جي سياسي فڪر جي تاريخ ۾ پهريون اهم ڪتاب آهي.

ميڪياولي اهو ڪتاب 1513ع ۾ جمهوريہ فلارينس جي چيف سيڪريٽري جي اهم عهدي تان هٽڻ کان ڪجهہ وقت پوءِ لکيو. هن وٽ اهو عهدو 1498ع کان هو. هن انهي سال عظيم رفارمر سوونارولا کي اقتدار تان لهنديءَ پيازا ڊيلا سائنوريا کي جيئرو باهہ ۾ سڙندي ڏٺو هو. هو اهو واقعو ڪڏهن بہ وساري نہ سگهيو هو. هن پنهنجن آقائن يعني Counil of Ten جي ڏاڍي قابليت سان خدمت ڪئي هئي ۽ ڪيس ڪيترن ئي سفارتي منصبن تي بہ موڪليو ويو هو. پوءِ فلارينس ۾ ميڊيچي گهراڻو اقتدار ۾ اچي ويو. ميڪياولي کي رياست خلاف سازش جي الزام ۾ گرفتار ڪيو ويو ۽ مٿس تشدد ڪيو ويو تہ ڪيس سازش جي رٿا بابت جيڪا بہ ڄاڻ هجي اها ٻڌائي پر هو انهي ڳالهہ تي سختي سان قائم رهيو تہ اهڙي ڪابہ رٿا نہ هئي. آخرڪار ڪيس ماٺ ميٺ ۾ نجي زندگي گذارڻ جي موڪل ڏني وئي. پر هو اجا پنهنجو قلم ڪتب آڻي سگهيو ٿي ۽ هن پنهنجي ڪيريئر جي انهي سڀ کان غمگين دور ۾ اهو ڪتاب لکيو جنهن سندس نالي کي دوام بخشيو آهي. هن انهي ڪتاب جو خيال دل ۾ اچڻ بابت پنهنجي دوست فرانسيسڪو وٽوري کي جيڪو احوال ڏنو آهي اهو هتي پيش ڪجي ٿو:

"آءُ پنهنجي گذريل بدنصيبي واري دور کان پوءِ خاموش دهقاني زندگي گذاري رهيو آهيان ۽ جيڪڏهن ڳاڻيٽو ڪجي تہ مون پورا 20 ڏينهن بہ فلارينس ۾ نہ گذاريا آهن. مون سيپٽمبر جو مهينو هيڙها (پکي) ڦاسائڻ ۾ گذاريو پر مهيني جي آخر ۾ انهي ٽڪائيندڙ وندر مان بہ مون کي فائدو نہ مليو. آءُ صبح جو سج اڀرڻ سان اٿندو آهيان ۽ ڪاٺيون وڍيندڙن سان وقت گذارڻ لاءِ ڪنهن ويجهي جهنگ ۾ هليو ويندو آهيان. انهن وٽ مون کي ٻڌائڻ لاءِ سدائين ڪنهن نہ ڪنهن پنهنجي پراڻي مصيبت جو احوال موجود هوندو آهي. پوءِ آءُ رستي جي پڪ سان ٺهيل شراب خاني ۾ ويندو هليو آهيان ۽ ايندڙن ويندڙن سان ڪچهري ڪندو آهيان. انهن کان انهن جاين ماڳن جون ڳالهيون پڇندو آهيان جتان هو آيا هوندا آهن. آءُ مختلف ڳالهيون ٻڌندو آهيان ۽ انسان ذات جا مختلف مزاج ۽ خيال نوٽ ڪندو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهيان. آءٌ اتي عام طور ميزبان، هڪ ڪاسائي، هڪ چڪي وارو ۽ ڪجھ سرون وجھندڙ ڏسندو آهيان. آءٌ سمورو ڏينهن انهن جهنگلين سان رلمل لڳو پيو هوندو آهيان ۽ پتي ۽ چڪي راند وينو ڪيڏندو آهيان. اهي رانديون هزار جهيڙن جهڳڙن کي جنم ڏينديون آهن ۽ انهن ۾ گار گند به گهٽي ٿيندي آهي. اسين عام طور ٽڪي پئسي تي به هٿين پئجي ويندا آهيون ۽ اسان جون دانهون سان ڪيسيانو ۾ به ٻڌي سگهبيون آهن......

اها ڪا وڻندڙ تصوير ته نه آهي خاص طور پڪي ڦاسائڻ ۽ جهنگلين سان ويهي پتي راند ڪرڻ پر انهي کان پوءِ چڱيون ڳالهيون اچڻيون هيون "آءٌ رات ٿيڻ سان گهر موٽي ايندو آهيان ۽ لکڻ جي ڪمري ۾ هليو ويندو آهيان. آءٌ ڪمري جي دروازي وٽ ئي مٽي ۽ گپ هاڻا ڳوڻاٽا ڪپڙا لاهي پنهنجو درباري لباس پهريندو آهيان. ۽ پوءِ قديم ماڻهن جي قديم دربارن ۾ داخل ٿي ويندو آهيان. اهي منهنجو دل سان آڌرڀاءُ ڪندا آهن ۽ اتان مون کي اهڙي غذا ملندي آهي جيڪا فقط منهنجي ئي هوندي آهي. آءٌ جڻ ته انهيءَ لاءِ ئي پيدا ٿيو هوس. مون کي انهن سان ڪچهري ڪرڻ ۽ انهن کان انهن جي عملن پنيان محرڪ جذبن بابت جاڻ وٺڻ ۾ ڪا به لڄ نه ٿيندي اهي. اهي ماڻهو مون کي ڏاڍي سادگي سان جواب ڏيندا آهن. ۽ چئن ڪلاڪن جي عرصي تائين مون کي ڪا به ٿڪاوٽ نه ٿيندي آهي، ڪا به پريشاني ياد نه رهندي آهي. غربت جو ڪو به خوف نه رهندو آهي. موت جو خوف ختم ٿي ويندو آهي مطلب ته منهنجو سمورو وجود انهن ۾ محو ٿي ويندو آهي...... مون انهن قابل ماڻهن سان ڳالهه ٻولهه مان جيڪو ڪجھ حاصل ڪيو آهي اهو تحرير ۾ آڻيندو ويو آهيان ۽ هڪ ڪتابڙو لکيو اٿم...... جنهن ۾ رياست جي ماهيت تي بحث ڪندي لکيو اٿم ته اها ڪيترين جنسن (species) تي مشتمل هوندي آهي، اهي ڪيئن حاصل ڪبيون آهن ۽ اهي ڪيئن برقرار رکبيون آهن ۽ اهي ڪيئن هٿان هليون وينديون آهن.

ڪتاب جي شروعاتي پاڱي جي وڏي حصي ۾ نشاة ثانيه واري دور جي اٽلي ۾ سياسي حالتن جو بيان ڏنل آهي ۽ اهو خاص طور سياسي تاريخ جي شاگردن لاءِ دلچسپيءَ جو باعث ٿيندو. اسان جي موجوده مقصد لاءِ اسان کي فقط اهو ڄاڻڻ جي ضرورت آهي ته انهي وقت جي اٽلي کي فقط جاگرافيائي اظهار کان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏيڪ ڪا حيثيت حاصل نہ هئي. سمورو ملڪ ڪيترين ئي ننڍين رياستن يا City states ۾ ورهايل هو. انهي سان گڏوگڏ پاپاءِ روم جي وسيع دنياوي عملداري بہ موجود هئي. انهن ننڍين رياستن پنهنجين رقابتن، جهيڙن تڪرارن ۾ روز روز جي جنگين سبب ملڪ کي متحد ٿيڻ نہ ڏنو هو ۽ اهو فرانس ۽ اسپين جي زور ونندڙ قومي بادشاهن جي مقابلي ۾ ڪمزور ٿيندو پئي ويو. اسين هاڻي حڪومت جي هلي چلي جي اصولن (mechanics) کان رياست ڪاري جي ميڪيا ولي اصولن ڏانهن رخ ڪريون ٿا.

اسين سڀ کان بدنام باب جو سڀ کان پهريون ذڪر ڪريون ٿا. انهي جو نالو خود اهميت سان ڀريل آهي يعني "شهزادن کي ڪهڙي طرح واعدو پاڙڻ گهرجي." ڪو بہ سياسي مفڪر انهي موضوع تي اخلاقي درستگي جي اعليٰ معيار ڏانهن مائل ڏسبو آهي. پر ميڪيا ولي ائين نہ ٿو ڪري. هو لکي ٿو: "اها تمام ساراه جوڳي ڳالهہ آهي جو ڪو شهزادو پنهنجو واعدو پاڙي پر اسان جي دور جو تجربو گهٽي پاڳي اهو ٿو ٻڌائي تہ حقيقت ۾ انهن شهزادن ئي وڏا وڏا ڪارناما ڪيا آهن جن واعدو پاڙڻ کي تمام گهٽ اهميت ڏني آهي. انهي جي برخلاف انهن تہ پنهنجي چالاڪي سان ماڻهن جا ماشا ڦيرائي ڇڏيا آهن ۽ آخرڪار انهن ماڻهن تي غالب ٿي ويا آهن جن چڱي هلت هلندي انهن تي اعتبار ڪيو آهي." هو اڳتي لکي ٿو تہ "صحيح معنيٰ ۾ اهل حاڪم کي پاڻ ۾ شينهن ۽ لومڙي جون خاصيتون گڏ ڪرڻ گهرجن. ڪيس شينهن وانگر بهادر ۽ لومڙي وانگر چالاڪ ٿيڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. فقط شينهن وانگر ٿيڻ ڪافي نہ آهي. چالاڪڻ تہ شينهن کي پاڻ کي ڄارن کان بچائڻ نہ ايندو آهي نہ ئي فقط لومڙي جهڙو ٿيڻ ڪافي آهي ڇو تہ لومڙيون پاڻ کي بگهڙ کان بچائي نہ سگهنديون آهن جيڪي ماڻهو فقط شينهن جهڙو ٿيڻ گهرندا آهن، هو تو ڪ طور چوي ٿو تہ: انهن کي هي ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ ايندي آهي.....

"تنهن ڪري جڏهن ڪودور انديش حاڪم سمجهي تہ واعدو پاڙڻ سندس مفادن جي خلاف آهي تہ کيس ائين نہ ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن سڀ انسان يڪسان طور سٺا هجن ها تہ اهو اصول سٺو نہ هجي ها پر جيئن تہ اهي سمورا خراب آهن ۽ توهان سان ڪيل واعدو نہ پاڙيندا تہ توهان بہ انهن سان ڪيل واعدو پاڙڻ لاءِ پابند نہ آهيو. ۽ واعدو پورو نہ ڪرڻ لاءِ مناسب سببن جي بہ ڪڏهن کوٽ نہ

هوندي آهي. آءُ انهي بابت جديد دور جا ڪيترائي مثال ڏئي سگهان ٿو پر آءُ فقط هڪ تي اڪتفا ڪندس. پوپ اليگزينڊر ڇهين جو ڪم ئي ماڻهن کي دوکو ڏيڻ هوندو هو. انهي کان سواءِ ٻي ڪا ڳالهه سندس ذهن ۾ ئي نه هوندي هئي ۽ ڪيس، ائين ڪرڻ جو سدائين ڪونه ڪو ڏِڳ ملي ويندو هو. تہ بہ هو سدائين ڪامياب رهيو ڇاڪاڻ تہ کيس انساني سيرت جي انهيءَ رخ بابت پوري ڄاڻ هئي.

هڪ ڏاهي شهزادي کي لازماً وڏو بناوٽي هئڻ گهرجي. کيس پنهنجن اصل ارادن کي لڪائڻ جو فن اچڻ گهرجي. کيس ڪوشش ڪري ظاهري طور نيڪوڪار، مهربان ۽ مخلص نظر اچڻ گهرجي پر کيس انهيءَ لاءِ بہ تيار هئڻ گهرجي تہ جڏهن رياست جو وجود بچائڻ لاءِ ضروري هجي تہ اهو وعدو نہ پاڙي ۽ نيڪوڪاري، انسانيت ۽ دين جي اصولن خلاف ڪم ڪري. ماڻهن جو عام رواجي ميڙ ظاهري شڪل صورت ڏسي فيصلو ڪندو آهي. اهم ڳالهه ڪامياب ٿيڻ آهي ۽ جيڪڏهن ڪو شهزادو ڪاميابي حاصل ڪري وجي ٿو تہ سڀ ماڻهو سندس واکاڻ ڪندا پلي هن پنهنجي ڪاميابي ڪهڙي بہ طريقي سان حاصل ڪئي هجي.

هڪ ٻيو باب جنهن تي بہ تمام گهڻي تنقيد ٿي آهي انهي جو نالو آهي، "ظلم ۽ رحمدلي ۽ محبوب هجڻ ۽ خوفناڪ هجڻ مان ڪهڙي ڳالهه بهتر آهي." ڪو بہ شهزادو (اسان کي ٻڌايو وڃي ٿو) جيتوڻيڪ سپاويڪ طور اهو چاهيندو آهي تہ کيس ظالم نہ پر مهربان سمجهيو وڃي پر جيڪڏهن سندس قدمن سان سندس رعايا محفوظ ۽ خوش رهي ٿي تہ کيس ظلم جو الزام سر تي کڻڻ کان عار نہ ڪرڻ گهرجي. هو اهڙي شهزادي کان گهڻو مهربان ليکيو ويندو جيڪو تمام گهڻي نرمي سبب وڳوڙ پيدا ٿيڻ ڏئي ٿو جن مان قتل ۽ خون، لٽ مار ۽ تباهي جنم وٺن ٿا. اهي ڳالهيون تہ سڀني شهرين کي متاثر ڪن ٿيون جڏهن تہ ڪنهن ظالم شهزادي جي حڪم تي ڏنل سزائون تہ ڪجھ فردن کي متاثر ڪن ٿيون. اهو بہ سمجهي سگهجي ٿو تہ ڪو فاتح ظالم ٿي.هوندو پر هن لاءِ بہ سٺي صلاح اها هوندي تہ هو پنهنجا سمورا ظالمانا ڪم هڪ وقت ڪري ڇڏي ۽ اهي روز روز نہ ڪري

جيستائين اهو سوال آهي تہ اها ڳالهہ بهتر آهي تہ ماڻهو محبت ڪن يا ڊڄن تہ ميڪياولي جو جواب اهو آهي تہ ڪو بہ دانشمند حڪمران اهي ٻئي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهيون حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو. پر جيئن ته ڪڏهن ڪڏهن اهي ڳالهيون حاصل ڪرڻ ڏکيو ٿي پوندو آهي تنهنڪري "محفوظ طريقو اهو آهي ته ماڻهو توهان کان ڊڄن بجاءِ انهي جي جو محبت ڪن". ڇاڪاڻ ته ماڻهو ته خودغرض آهن ۽ عين ممڪن آهي ته جڏهن اها ڳالهه سندن مقصدن جي موافق هوندي ته اهي حاڪم ڏانهن پنهنجن فرضن کان غافل ٿي ويندا". پر سزا جي خوف کان ڊپ سدائين برقرار رهندو آهي ۽ ڪڏهن به ختم نه ٿيندو آهي". پر ڪنهن شهزادي کي انهي ڪم ۾ حد کان وڌيڪ نه وڃڻ گهرجي. هن جو مقصد اهو هئڻ گهرجي ته ماڻهو هن سان نفرت نه ڪن پر فقط ڊپ رکن ۽ اها ڳالهه تڏهن حاصل ٿيندي جڏهن هو عوام جي ملڪيتن ۽ عورتن ۾ دخل اندازي ڪرڻ کان پاسو ڪندو. جيڪڏهن عوام ۾ نامقبول ڪم ڪرڻا هجن ته هو پنهنجن هٿن سان فقط عنايتون ڪندو رهي ۽ سوکڙيون ڏيندو رهي.

ڪيترن ماڻهن جو اهو خيال آهي (ميڪاولي هڪ هئي باب ۾ چوي ٿو) ته عقلمند شهزادي کي جيڪڏهن ڪو موقعو هٿ اچي وڃي ته ڪيس دشمني پيدا ڪرڻ گهرجي جيئن انهي کي ختم ڪري هو پنهنجي عظمت ۾ اضافو ڪري سگهي. ساڳئي طرح هو غير ملڪي دشمنن کي به ڇاٽي واٽي چوڪون ڏئي وري جنگ ۾ انهن تي حاوي ٿي به پنهنجي شهرت وڌائي سگهي ٿو.

ميڪياولي جي نوٽ بڪ تان ورتل هي ڪجه چوٽيون آهن ۽ انهن کي پڙهڻ کان پوءِ انهي ڳالهه جو اندازو هئڻ مشڪل نه آهي انهن ميڪياولي جهڙن ماڻهن جي ذهنن ۾ ڪيتري نه ناپسنديدگي پيدا ڪئي هوندي پر صورتحال وڌيڪ خراب انهي ڪري ٿي آهي جو ميڪياولي پنهنجي نظريي جي وضاحت لاءِ هڪ اهڙي شهزادي جي تصوير پيش ڪئي آهي جنهن کي هو تقليد جي تمام وڌيڪ قابل سمجهي ٿو ۽ اها تصوير هئي ڪنهن نه پر خود سيسار بورگيا ( Cesare Borgia) جي آهي جيڪو نشاة ثانيه جي سموري دور جو هڪ تمام بدمعاش شخص آهي. "ڪنهن به نئين شهزادي لاءِ مون کي سندس عملن جي تقليد کان بهتر مثال بيو ڪونه ٿو ملي (هو لکي ٿو) ۽ جيڪڏهن سندس قدم ڪاميابي سان همڪنار نه ٿيا ته انهي جو سبب سندس پاران ڪا غلطي نه هئي پر انهي جو سبب قسمت جي نحوست هئي... سندس سيني عملن جو جائزو وٺڻ کان پوءِ مون کي انهن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ڪا بہ ڳالھ قابل الزام نہ ٿي نظر اچي انهي جي برعڪس آءٌ پاڻ کي مجبور ٿو سمجهان تہ هن کي اهڙي مثال طور پيش ڪريان جنهن جي اهي سڀ ماڻهو پيروي ڪن جن پنهنجي نصيب يا هٿيارن جي زور تي عظمت حاصل ڪئي آهي......“

انهي ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ جيڪو ماڻهو اهڙي بي اصول بدمعاش بابت اهڙي تعريفي انداز ۾ لکي سگهي ٿو تہ هو پاڻ بہ مشڪوڪ ليکيو ويندو "اسان کي خبر نہ ٿي پوي تہ ادبي تاريخ ۾ ڪو نالو ميڪيا ولي جهڙو قابل نفرت ٿي سگهي ٿو". اسين وري ميڪاولي جي تحرير مان اقتباس پيش ڪريون ٿا. انهن ڳالهين جي باوجود بہ ميڪياولي بذات خود“ اهڙو ماڻهو هو جيڪو پنهنجي عام هلي چلي ۾ سڌو سنئون ۽ معزز ماڻهو هو ۽ اخلاقيات بابت سندس خيال بہ سندس آسپاس ماڻهن کان بهتري ڏانهن مائل هوندا هئا ۽ جنهن جي فقط هڪ خطا اها هئي تہ هن انهي دور جا ڪجھ عام مروج اصول اختيار ڪري انهن کي بيءِ ڪنهن بہ ليڪڪ کان وڌيڪ چٽائي سان ترتيب ڏنو ۽ وڌيڪ زور سان انهن جو اظهار ڪيو.

معاملي بابت صداقت اها آهي جيئن اڳ ۾ بہ ٻڌايو ويو آهي تہ ميڪيا ولي هڪ حقيقت پسند (realist) هو. هو تمام سچو محب وطن هو. سندس زندگي جا بهترين سال فلارينس جي رياست جي سچي خدمت ۾ گذريا هئا ۽ هن انهي کان وڌيڪ بيءِ ڪنهن ڳالھ جي گهر نہ ڪئي هئي تہ هن جنهن نظام حڪومت کي هلائڻ ۾ مدد ڪئي هئي انهي کي هلڻ ۽ وڌڻ ويجهڻ ڏنو وڃي. پر ڪيس خبر هئي تہ اهو ممڪن نہ هو. قتل و غارت ۽ تباهي جي ماحول ۾ ننڍڙين شهري رياستن جو دور تيزي سان پڄاڻي تي پهچي رهيو هو. اهڙي حالت ۾ ڪنهن عقلمند ماڻهو کي ڪهڙو ڏگ وٺڻ گهرجي ها؟ هن کي ڪنهن شهزادي جي حڪومت کان سواءِ امن امان ۽ قانون جي بالادستي قائم ٿيڻ جو ڪو بيو رستو نظر نہ ٿي آيو جيڪو طاقتور بہ هجي ۽ ٿي سگهي تہ روشن خيال بہ هجي. پر سڀني ڳالهين کان وڌيڪ طاقتور رهجي.

اها ڳالھ سندس اختتامي لفظن مان بلڪل چٽي ٿي وڃي ٿي. اها هڪ ميڊيچي شهزادي کي مخاطب ٿي چيل نصيحت آهي. اهو ننڍڙو ڪتاب منسوب بہ انهي ڏانهن ٿيل آهي ۽ اهو ڪتاب لکيو بہ سندس رهنمائي ۽ همت افزائي لاءِ ويو هو. "تنهنجي نامور گهراڻي کي“ هو تاڪيد ڪري ٿو. "اٽلي کي وحشين جي غلبي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاٽ آزاد ڪرائڻ جو ڪم هٿ ۾ کڻڻ گهرجي.“ هو ٻاهرين حملي آورن خاص طور فرانس کي انهي نالي سان سڏي ٿو. شال تون همٿ ۽ بهادري سان اهو ڪم هٿ ۾ کڻين جيئن تنهنجي جهنڊي هيٺان اسان جو وطن وڏي ويجهي سگهي...“ اهڙي طرح اهو شخص جنهن ڪنهن وقت پنهنجون اميدون سيسار بورگيا سان وابسته ڪيون هيون انهي هڪ متحد ۽ آزاد اٽلي لاءِ مازيني ۽ گيريبالڊي کي رستو ڏيکاريو.

ꕥ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڻڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهي. هن ليک ۾ آيل اقتباس ارڪو هارٽ جي ترجمي تان ورتل آهن.

گارگينٽئا اصل ۾ فرانسي لوڪ ادب ۾ هڪ ديو جو نالو هو ۽ رابلي جي ناول جو گارنٽئا به ساڳئي طرح هڪ ديو آهي جيڪو تمام وڏي جسم وارن ماء پيء گرينگو زيئر ۽ گارگاميل مان پيدا ٿيو هو. هن جو جنم به عجيب نموني ٿيو هو. هو پنهنجي ماء جي کاٻي ڪن مان دنيا ۾ آيو هو ۽ هن جمڻ سان پيئن ٻارن وانگر "اوئان، اوئان" جا آواز نه پر وڏي آواز ۾ "ڪجهه پيئاريو ڪجهه پيئاريو ڪجهه پيئاريو" جون دانهون ڪيون هيون جڻ هو سموري دنيا کي پاڻ سان گڏ پيئڻ جي دعوت ڏئي رهيو هو". هو جسم ۾ ايترو ته وڏو هو جو سندس غذا لاءِ ضروري کير جو وڏو مقدار مهيا ڪرڻ لاءِ 17,903 ڏڳيون رکيون ويون ۽ سندس پوشاڪ ناهڻ لاءِ ڪيترن ئي قسمن جو سوين وال ڪپڙو گهربل هوندو هو.

هن کي ٽن کان پنجن ورهين جي ڄمار تائين پنهنجي پيء جي حڪم تي سموري مروج ڳالهين جي تعليم ملي ۽ هن اهو وقت پنهنجي ملڪ جي پيين ٻارن وانگر پيئڻ، کائڻ ۽ سمهڻ، کائڻ، سمهڻ ۽ پيئڻ ۽ سمهڻ، پيئڻ ۽ کائڻ ۾ گذاريو." هو مٽي ۽ گپ چڪ ۾ پيو ليٽڙيون پائيندو هو بوٽ جي ڪڙي وارو حصو پير تي چاڙهڻ کان سواءِ پيو گهمندو هو قميص جي ٻانهن سان نڪ صاف ڪندو هو. پنهنجي سليپر ۾ پيئڻ جي شي وجهي پيو ان مان پيئندو هو لاٽون سان پنهنجا ڏند پيو تيز ڪندو هو ٻوڙ سان پنهنجا هٿ ڌوئي ڇڏيندو هو ۽ پيالي سان پنهنجن وارن کي ڦڻي پيو ڏيندو هو. هو ڪڏهن ڪڏهن ماني کان سواءِ ئي پنهنجو ڪيڪ کائي ڇڏيندو هو کلندي کلندي چڪ هٽي وٺندو هو ۽ چڪ هٽندي کلي پوندو هو. هو پيا به ڪيترائي اهڙا ڪم ڪندو هو جن جو ذڪر ڪرڻ شائستگي جي خلاف ٿيندو ۽ پر اهي اهڙي قسم جا ڪم آهن جن جي سبب رابلي ٻولي (Rabelaisian) جا ڪيترائي لفظ ڊڪشنري ۾ شامل ٿي ويا آهن.

انهي سگهاري نوجوان جهنگلي جي تعليم جي بيان لاءِ به ڪيترائي باب وقف ڪيا ويا آهن ۽ انهن کي وچئين دور جي پس مانده اسڪولن تي هڪ طنز سمجهيو وڃي ٿو. آخر ۾ سندس پيءُ اهو محسوس ڪيو ته هو جيتوڻيڪ محنت سان پڙهي ٿو ۽ پنهنجو سمورو وقت تعليم تي ڏئي ٿو ته به کيس ڪو فائدو نه ٿيو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي ۽ پر اجا خراب ڳالهه اها ٿي آهي ته هو انهي تعليم سان بيوقوف، سادو واتڙو ۽ احمق ٿي پيو آهي. تنهن ڪري ڪيس اسڪولي استادن وٽان اٿاريو ويو جن جي چاڻ ۽ علم وحشانيت کان سواءِ ڪجھ به نه هئي. پوءِ ڪيس پيرس موڪليو ويو جتي حالتون گهٽيون بهتر هيون. اتي شاگرد نه فقط ڪتابن پر عملي ڪم ذريعي به سکيا وٺندا هئا ۽ نه فقط سرڪاري ليڪچر ٻڌندا هئا پر پردا غاليچا وڪرو ڪندڙن، ڪورين، گهڙي سازن، پرنٽرن، سونارن ۽ ٻين هنرمندن جا ڪارخانا به وڃي ڏسندا هئا ۽ دوا فروشن، دواسازن ۽ سنياسين جي دڪانن تي به ويندا هئا.

گارگنتئا اهڙي طرح نظرداري هيٺ رهندي پنهنجي تعليم جو سلسلو جاري رکيو ۽ جيئن توهان پاڻ سمجهي سگهو ٿا ته هو پنهنجي عمر جي نوجوان وانگر هوش ڀريل سمجهه ۽ لڳاتار نظم ضبط سان روز بروز ترقي ڪندو ويو. اهي ڳالهيون شروع ۾ جيتوڻيڪ ڪجهه ڏکيون هيون پر ڪجهه وقت پوءِ ايتريون ته خوشگوار، ايتريون ته سوليون ۽ ايتريون ته وڻندڙ ٿي پيون جو اهي ڪنهن اسڪالر جو تعليمي ڪورس نه پر ڪنهن بادشاهه جي وندر ورونهه ٿي پيون. اهڙي قسم جي تڪري مان اسان کي انسان دوست تحريڪ جي تمام بهترين ۽ تمام اعليٰ خيالن جو اظهار ملي ٿو.

گارگنتئا کي پنهنجي پيءُ پيرس مان واپس گهرائي ورتو جو هو پائڪروچول نالي پاڙيسري بادشاهه سان جنگ ۾ مصروف ٿي ويو هو. انهي جنگ جو تمام تفصيل ۽ طوالت سان بيان ڏنو ويو آهي ۽ رابلي گارگنتئا جي ڏرواري مکيه سورمي جي تصوير ڪشي ڏاڍي خوشي سان ڪري ٿو. اهو فريار جان نالي هڪ رنگين مزاج ۽ تمام بدنام مذهبي ماڻهو هو. آخرڪار پائڪروچول کي شڪست آئي ۽ امن امان بحال ٿي ويو. پوءِ گارگنتئا هڪ خانقاه قائم ڪرڻ ۾ لڳي ويو جنهن جو وڏو پادري (Abbot) شايد فريار جان مقرر ٿئي. اهو تازي پچائي تي پهتل جنگ ۾ سندس مهارت جو انعام هجي ها.

انهي Abbcy of thelema جو بيان ڪتاب جي تمام باتفصيل ادبي تڪرن مان هڪ آهي. صاف ظاهر آهي ته رابلي جو ارادو ڪنهن اهڙي شي بيان ڪرڻ جو هو جيڪا انهن خانقاهن کان هر لحاظ کان ابتڙ هجي جن کان هو تمام گهڻو واقف هو. هاڻي سڀ کان اڳ اها ڳالهه ته "گارگنتئا لکي ٿو توهان پنهنجي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خانقاه جي چوگرد پٽ هر گز نہ ناهيو ڇاڪاڻ تہ سيني خانقاهن کي مضبوط پٿيون هونديون آهن ۽ اهي ڪوٽ اندر اچي وينديون آهن...... ۽ جيئن تہ پيون سموريون خانقاهون چوديواري اندر هونديون آهن ۽ اتي وقت جو ڪلاڪن جي حساب سان شيڊول ٺهيل هوندو آهي. تنهن ڪري اهو فيصلو ڪيو ويو تہ هن نئين عمارت ۾ ڪو گھڙيال ۽ ڊائل نہ هوندو ۽ موقعي ۽ مهل جي مناسبت سان وقت گذرندو ويندو ڇاڪاڻ تہ گارگنتئا چيو تہ منهنجي خيال ۾ وقت جو سڀ کان وڏو زيان وقت جو حساب ڪرڻ ۾ آهي. انهي مان ڪهڙو فائدو ٿو ملي؟ دنيا ۾ انهي کان وڌيڪ ڪو بيعقلي جو ڪم ٿي ئي نہ ٿو سگهي جو پنهنجا ڪم ڪار پنهنجي مرضي ۽ فيصلي بجاءِ ڪنهن گھنڊ جي آواز تي ڪجن.

ڪجھ اجا غير معمولي تڪرا بہ اڳتي اچن ٿا. انهن مان هڪ هي آهي: جيئن تہ ڪنهن بہ مذهبي فرقي ۾ داخل ٿيندڙ مردن توڙي عورتن کي آزمائشي سال گذرڻ کان پوءِ پنهنجي زندگي جا سمورا ڏينهن اتي گذارڻ تي مجبور ڪيو ويندو آهي تنهن ڪري اهو فرمان جاري ڪيو ويو تہ هن خانقاه ۾ داخل ٿيندڙ مردن توڙي عورتن کي مڪمل اجازت هوندي تہ اهي جڏهن بہ بهتر سمجهن پنهنجي رضا خوشي سان خانقاه ڇڏي هليا وڃن.“ بئي جاءِ تي آهي: جيئن تہ مذهبي مرد ۽ عورتون عام طور ٽن قسمن جا حلف کڻندا آهن تہ اهي پاڪ دامن رهندا، غريب رهندا ۽ فرمانبردر رهندا پر اهو قانون ناهيو ويو ۽ طي ڪيو ويو تہ هن خانقاه ۾ اهي عزت آبرو سان شادي ڪري سگهن ٿا، اهي پئسو پائي رکي سگهن ٿا ۽ آزادي سان ڪنهن جي تابعداري ڪرڻ کان سواءِ رهي سگهن ٿا. خود انهي جي عمارت بہ هڪ شاهي محل هئي. انهي ۾ ساز سامان تمام آرامده رکيل هو ۽ اتان جي رهواسين کي بہ خانقاهي سلسلن وارا سادا ۽ بي زيبا ڪپڙا نہ پر تمام تيز رنگن وارا فيشني ڪپڙا پهريل هئا.

انهي نئين خانقاه جا قاعدا قانون ڪهڙا هئا؟ انهن کي فقط انهي هڪ قانون جي پيروي ڪرڻي هئي تہ: جيڪو وڻيو اهو ڪريو. انهن جي سموري زندگي قاعدن قانونن ۽ ضابطن ۾ نہ پر پنهنجي مرضي ۽ خوشي مطابق گذرندي هئي. اهي ڪائڻ پيئڻ، ڪم ڪار ڪرڻ ۽ سمهڻ جا ڪم بہ پنهنجي مرضي سان ڪندا هئا. انهن کي ڪير بہ ننڊ مان اٿاريندو نہ هو نہ ئي ڪير انهن کي کائڻ پيئڻ يا ڪم ڪار

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ تي مجبور ڪندو هو. اهي سڀ ڳالهيون گارگنٽئا رائج ڪيون هيون." ۽ اسين جيڪڏهن سوچيون ته هن اهو ڪم ڇو ڪيو هو ته انهي جو جواب هي آهي ته "سڀ انسان آزاد آهن. سٺن ماءِ پيءُ جي اولاد آهن. انهن جي پرورش ۽ پالنا سٺي ٿي آهي ۽ اهي معززن جي صحبت ۾ اٿيا ويٺا آهن ۽ انهن ۾ اهڙي فطري جبلت ۽ ترغيب موجود آهي جيڪا انهن کي نيڪي جي ڪمن تي اپاري ٿي ۽ انهن کي برائي کان پري ڪري ٿي. انهيءَ کي عزت چئبو آهي. انهن ساڳين ئي ماڻهن جي پرورش جڏهن نيچ قسم جي ماتحتي ۽ روڪ ٽوڪ هيٺ ٿيندي آهي ته اهي انهيءَ شاناٿي مزاج کان ڦري ويندا آهن. جنهن سبب اڳ ۾ انهن جو نيڪي ڏانهن لاڙو هوندو هو ۽ جنهن جي مدد سان اهي غلامي جون زنجيرون ڀڃي لاهي ڇڏيندا هئا. اها ڳالهه انسان جي مزاج موافق آهي ته هو منع ٿيل ڳالهين جون سڌون ڪندو آهي ۽ جيڪي شيون وٽس نه هونديون آهن اهي حاصل ڪرڻ جون تمنائون ڪندو آهي.

هِي ڪتاب ۾ اسان کي پينٽاگروئيل سان متعارف ڪرايو ويو آهي. اهو سموري ڪتاب جو مکيه هيرو آهي. اها 484 جي دور جي ڳالهه آهي جو گارگنٽئا کي پنهنجي بديبڪ نالي زال مان پينٽاگروئيل پٽ ڄائو. سندس زال يوٽوپيا ملڪ ۾ (سر ٿامس مور جي يوٽوپيا ڏانهن هڪ دلچسپ اشارو جيڪو چاليهه ورهيه اڳ لاطيني ۾ ڇپيو هو) اماروٽس جي بادشاهه جي ڌي هئي. اهو ٻار ايترو حيرت انگيز طور وڏو ۽ ٿلهو متارو هو جو سندس ماءُ ڪيس جنم ڏيڻ دوران فوت ٿي وئي. هن کان اڳ ۾ سندس پيءُ وانگر هو به جڏهن چڱي وڏي عمر جو ٿيو ته ڪيس پيرس يونيورسٽي موڪليو ويو جتي هو تمام محنت سان پڙهيو ۽ ان مان لاڀ به حاصل ڪيائين ڇو ته سندس سمجهه تمام بهترين هئي ۽ عقل ۽ دماغ به سٺا هئس.

پينٽاگروئيل پيرس ۾ رهندي پينرج Panurge سان واقفيت پيدا ڪئي. انهي جو بيان ڏيندي رابلي کي ضرور حقيقي زندگي جو ڪو هل هنگامو ڪندڙ بي پرواهه نوجوان ذهن ۾ هوندو. پينرج نه تمام ڏکوڻو نه تمام بندرو پر وچولي قد جو مالڪ هو. سندس نڪ ڪنهن ٻاڪي جي هٿيي وانگر ڪنهن حد تائين باز جي چهنب جهڙو هو. هن جي عمر تڏهن 35 ورهيه يا ان جي لڳ ڀڳ هئي. هو تمام دلير ۽ همٿ وارو هو هن ۾ فقط اها خامي هئي ته هو ڪجهه شهوت پرست هو ۽

سپاويڪ طور هڪ اهڙي مرض ۾ ورتل هو جنهن کي انهي وقت پئسي جي کوٽ چيو ويندو هو. اها جيتوڻيڪ تمام وڏي ڏک جي ڳالهه آهي. پر ضرورت جي وقت انهي تي حاوي ٿيڻ جا هن وٽ 63 طريقا هئا. انهن مان تمام عزت وارو ۽ تمام عام رواجي طريقو چوري ڪرڻ لڪ چپ ۾ ڪنهن جي شي ڪڍي وٺڻ ۽ هلندي ڦرندي ڪنهن جو ذرو پرزو ڪٽي وٺڻ هو. هو تمام گندو شهوتي ۽ بدمعاش هو. انهي سان گڏوگڏ وڏو نڳم شرابي، هنگامي باز رولو ۽ تمام بدچلن ۽ بدڪار شخص پڻ هو. پر پين ڳالهين ۾ هو جڻ ته دنيا جو سڀ کان وڏيڪ نيڪوڪار شخص هو. پر انهي هوندي به هو ڪا نه ڪا ست ستيندو رهندو هو ۽ چوڪيدارن ۽ پوليس عملدارن خلاف ڪا شرارت سوچيندو رهندو هو.

ٽئين حصي جو نالو جيتوڻيڪ پينٽاگروئيل جا سورميائي ڪارناما ۽ چوٽيون" آهي پر انهي جو گهڻي ڀاڱي تعلق انهي ڏاڍي دلچسپ بدمعاش جي قولن ۽ فعلن ۽ خاص طور پينرج جي شادي ڪرڻ جي پڪي ارادي سان آهي. پوءِ چوٿين ۽ پنجين حصي ۾ (اهي ارڪوهارٽ نه پر پيٽرلي موتي پاران 1694ع ترجمو ٿيل آهن. هن ترجمو ايترو مزي سان نه ڪيو آهي. اسان کي ٻڌايل آهي ته پينٽاگروئيل، پينرج ۽ سندن دوست ڪيئن Oracle of holy bottle (پاڪ شيشي جو فال گهر) ڏسڻ لاءِ سفر تي نڪرن ٿا. اهي مسافر پنهنجي سفر ۾ ڪيترن ئي عجيب ماڻهن ۽ مهم جوئن سان ملن ٿا ۽ اها مجيبل ڳالهه لڳي ٿي ته انهي بيان جو دارومدار آرڪٽڪ ۾ لهي پوندڙ انهن دريافتي سفر ڪندڙن پاران آندل قصن تي آهي جيڪي انڊيا ڏانهن اتر اولهه وارو رستو ڳولڻ ويا هئا. اهي آخرڪار بتين جي سرزمين (Land of Lanterns) تي پهتا جتي انهن کي هڪ عبادتگاهه جي تهه خاني ۾ مقدس شيشو ڏيکاريو ويو جيڪو جپسم جي هڪ چشمي تي بيٺو هو. پينٽاگروئيل ۽ پينرج مزار جي نگران معزز پادرڻ بڪبڪ (Bacbuc) جي هدايتن تي ڏيان سان هلندي فال گهرجي آڏو هي سوال رکيو: "شيشا! تنهنجي پراسرار اونهائي ۾ ڏهه هزار ڳجهه دفن آهن. آءُ پُرغور ڪنن سان اوسيئڙي ۾ آهيان. منهنجي ذهن کي سڪون ڏي ۽ منهنجي نصيب بابت اڳڪٿي ڪر. انهيءَ کان بنا دير پوءِ ٽرنڪ (Trinc) جو لفظ ٻڌڻ ۾ آيو. جنهن جي بڪبڪ وضاحت ڪئي ته اهو لفظ دنيا جون سڀ قومون سمجهنديون ۽ ڪتب آڻينديون آهن ۽ اهو شراب ڏانهن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اشارو ڪري ٿو. پينرج ڪنهن پراسرار سبب جي ڪري سمجهي ويو تہ اهو لفظ سندس شادي جي اجازت آهي ۽ انهي تي آڪاٽي پڄاڻي تي پهچي ٿي.

گارگنتئا ۽ پينٽاگروئيل جي پنجن حصن مان فقط پهرين ٻن جي سبب رابيلائيزين (Rabclaisian) جو اصطلاح نهيو آهي. جنهن جي لغات ۾ وضاحت هن طرح ڏنل آهي: تمام گهڻو ڀُر مزاح تمام وڏو وات ڦاٽوڙو گندي نموني ۾ ناشائستہ رابلي کي واقعي منهن تي چٽي ڏيڻ ۾ مزو ايندو هو ۽ هن انهي کي ٻيو ڪو نالو ڏيڻ کان بہ انڪار ڪري ڇڏيو. هن جي مکيہ دلچسپي انساني جانور جي سرگرمين، کائڻ، پيئڻ، جنمڻ ۽ هضم جي عمل ۾ هئي. سندس مزاح بنيادي طور جنس ۽ اخراجي نظام سان لاڳاپيل آهي. انهي ۾ ڪوشڪ نہ آهي تہ هو سگهاري جسم جو مالڪ هو ۽ سندس مزاح بہ هن وانگر کهرو ۽ لطافت کان خالي آهي هو مردن ۽ عورتن جي محبت جي معاملن ۾ ڪل جهڙين نمائشن تي ڏاڍو کلندو هو ۽ بدڪار عورتن کي ڪل ڀوڳ لاءِ تمام وڻندڙ ڳالهه سمجهندو هو. هو عورتن کي تمام گهٽ نظر سان ڏسندو هو ۽ چوندو هو تہ اهي واقعي ڪارآمد آهن پر فقط تمام بنيادي مقصدن لاءِ. پر اها ڳالهه تمام ضرور مڃڻ گهرجي تہ هن جي تحرير ۾ اسٽرن جهڙي لڪيل ناشائستگي يا گندي ذهن واري مذهبي ڍين سئفٽ واري چٽي اگهاڙپ بہ نہ آهي.

انگريزي زبان ۾ هڪ ٻيو لفظ آڻڻ جو ذميوار رابلي آهي. اهو آهي پينٽاگروئيلزم. هو ڪتاب جي چوٿين حصي جي مهاڳ ۾ انهي جي وصف هيئن ٿو ڪري: اها مقدر ۽ قسمت جي ڏڪار ۾ پڪل ذهن جي هڪ قسم جي خوشي آهي. اها وصف هن تي منڊي جي ٽڪ وانگر ٺهڪي اچي ٿي. هو پهريون ۽ سڀ کان اهم پينٽاگروئيليائي هو. هو جڏهن دنيا جي مسئلن تي نظر وجهندو هو تہ پنهنجي آسپاس رهندڙ ماڻهن جي عجيب حرڪتن تي خوش ٿيڻ کان سواءِ نہ رهي سگهندو هو پر هو ساڳئي وقت هٽ جي ناهن ۽ ڪوڙن منجهان همٿ ۽ بهادري جي ٻڪي ٻاڙ ۽ انساني قدر و قيمت کي بہ پرکي وٺندو هو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 17. مانتين جا ايسيز

## __Montaignc's Essays __

جن نوجوانن کي امتحانن لاءِ مانتين پڙهڻو پوندو آهي انهن کي سندس Essays هڪ اهڙو بي فائدي ڪتاب لڳندو آهي جيڪو جيتوڻيڪ ڏاهپ ڀريل ڳالهين سان ڀريل آهي پر اهي هاڻي عام رواجي ٿي ويون آهن ۽ اهو ته اهو ڪتاب لاطيني ۽ يوناني ٻولي جي ليکڪن جي اقتباسن سان ڀريل آهي. انهيءَ ۾ ڪو شڪ نه آهي ته مانتين پهريون شخص هو جنهن مجيل اعتقادن بابت سوال اٿاريا (سندس رهنما قول هو: مون کي ڪهڙين ڳالهين جي واقعي خبر آهي) انهيءَ ۾ ڪو شڪ نه آهي ته ڪيس تمام گهڻي ذهني آزادي هئي. هو پنهنجي دور ۾ روشن خيال هو. هن تشدد جي مخالفت ۾ شدت سان لکيو اسپينين پاران ميڪسيڪو ۽ ڪيوبا ۾ ظلمن تي انهن جي نندا ڪيائين ۽ پڻ انساني جسم جي وڍ ٽڪ جو دفاع ڪيائين. پر انهن سيني ڳالهين جو اهو مطلب نه آهي ته Essays مان اسان کي موجوده دور ۾ گهڻو ڪجھ ملي سگهي ٿو. ڪجھ ناميارن ليکڪن اهو به چيو آهي ته Essays وڏي عمر جي ماڻهن لاءِ آهن. مثال طور مانتين جي هڪ مداح اينڊريو لينگ لکيو آهي: ”هو مردن جو ليکڪ آهي، عورتن جو نه. هو ٿڪل ٽٽل ماڻهو جو ليکڪ آهي تازي توانائي جو نه. اسين سڀ هن ڏانهن رخ ڪريون ٿا پر درحقيقت دير سان. آخرڪار اسين سندس تختنا لڳل ڪتبخاني ۾ آرام ڪريون ٿا“. اهڙي طرح هڪ اهڙي وڏي عمر جي گوشه نشين ماڻهو جي تصوير سامهون اچي ٿي جيڪو گهوڙي گاڏين ۽ انساني فخر ۽ غرور کان ٻارن جي تعليم بابت سوچ ويچار ڪندو رهي ٿو. سندس ڳالهيون ڏاهپ ڀرين چوڻين ۽ عجيب واقعن سان ڀريل آهن. بلاشڪ ته هو پنهنجن اندازن ۾ ڪنهن حد تائين دليري کان ڪم وٺي ٿو پر هن وٽ اهڙي نسل کي چوڻ لاءِ گهڻو ڪجھ نه آهي جيڪو Out lines of History، فرائيڊ جي نفسيات ۽ سارتر کان وٺي نوجوان آمريڪي ناول نگارن تائين لکڙ هضم پٿر هضم ڪيون ويٺو آهي.

نوجوانن جي اها ڳالهه بلڪل درست آهي تہ اهي جيڪو ڪجه پڙهن انهي ڪي ڪا جوش ۾ آڻيندڙ معنيٰ ضرور هئڻ گهرجي. اهو مفروضو بہ بلڪل غلط آهي تہ انهن کي Essays جي ليکڪ وٽ فقط شاناتا ۽ وڻندڙ ڏاها ملندا. اينڊريولينگ جي مٿي ڏنل جملن مان هيءَ ننڍڙي ڳالهه نوٽ ڪرڻ جهڙي آهي تہ: "آخر ۾ اسين سندس تختا لڳل ڪتب خاني ۾ آرام ڪندا آهيون". مانتين هڪ خوشحال ماڻهو هو ۽ بورڊو جي ويجهو ڊور ڊون ندي تي هڪ شاندار محل ۾ رهندو هو. پر هن پنهنجا Essays ڪنهن تختا لڳل ڪتب خاني ۾ نہ لکيا هئا. اهي تہ هن هڪ اهڙي اونداهي ڪمري ۾ لکيا هئا جيڪو ڪتابن جي ميرن ستن سان پريو پيو هوندو هو. اهو ڪمرو هڪ اهڙيميناري ۾ هو جيڪو محل کان بلڪل جدا هو ۽ هو گهڻو ڪري سمهندو بہ انهي ۾ هو ۽ پيريءَ ۾ تہ پنهنجو گهڻو وقت انهي ۾ گذاريائين وبندي عشاء رباني واريون دعائون بہ اڪيلو ٻڌندو هو. مانتين کي اڪيلائپ پسند هوندي هئي ۽ لکيو اٿائين: دنيا ۾ سموري مصيبت انهي ڪري آهي جو ماڻهو ڪجه ڪلاڪن لاءِ پنهنجي منهن اڪيلو نہ ٿو تي سگهي.

پر مانتين طبيعت جي لحاظ کان ڪڏهن بہ گوشہ نشين نہ هو. انهي جي ابتڙ کيس ماڻهن جي مجلس ۽ ڳالهه ٻولهه وڻندي هئي. هو بي اختيار پوڳ چرچو ڪري وٺندو هو. (پر سندس طبيعت ڪڏهن ماسو تہ ڪڏهن سير هوندي هئي......) طبيعت تي اهو رنگ گهڻو ڪري ماليخوليا جي سبب چڙهندو آهي. هو بہ انهي جو مريض هو. نہ ئي هن ڪا ٻين کان الڳ ٿلڳ ۽ محفوظ زندگي گذاري هئي. هو 1533ع ۾ پيدا ٿيو. سندس پيءُ پيري آءِ ڪئيم ڊي مانتين اها ڳالهه سامهون رکي سندس پرورش ڪئي هئي تہ کيس ڪنهن بہ جهل پل ۽ نظم ضبط کان بچائيندو ۽ کيس آزاديءَ سان ۽ سندس سياء مطابق وڌڻ ويجهڻ ڏيندو. هن جو اهو بہ ارادو هو تہ هو کيس هڪ اسڪالر ۽ عقلمند ماڻهو ڪندو مانتين کي موسيقي جي آواز تي ننڊ مان اٿاريو ويندو هو ۽ کيس اهڙو ڪوبہ ڪم ڪرڻ تي مجبور نہ ڪيو ويندو هو جيڪو هو ڪرڻ نہ چاهيندو هجي. کيس محل جي پرسان واري ڳوٺ مان بہ هاري ڏنا ويا هئا جيئن هو هر قسم جي ماڻهن کي سمجهي سگهي. هن سان ڇهن ورهين جي ڄمار تائين لاطيني کان سواءِ ٻي ڪنهن بہ ٻولي ۾ گفتگو نہ ڪئي وئي جيئن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اها سندس پهرئين زبان ٿي سگهي. وبندي سندس ماءُ پيءُ کي چڱي لاطيني سکڻي پئي جيئن اهي پنهنجي ٻار سان ڳالهائي سگهن.

اهو روشن خيال ۽ خبطي پيءُ به عجيب قسم جو ماڻهو هو. اهو ڪنهن اهڙي ڪٽنب جي پٺين نسل جو مخصوص نمونو هو جيڪو امير ٿي دنيا ۾ مٿاهين طبقي ۾ اچي ويندو آهي. مانتين جو ڏاڏو بورڊو جي هڪ واپاري گهراڻي جو آخري ۽ سڀ کان ڪامياب فرد هو. اهي ٻين شين سان گڏوگڏ Herrings مڇيون پڻ وڪڻندا هئا. هن جڏهن محل خريد ڪيو ته علائقي جي هيٺاهين درجي وارن اميرن سان تعلق جو حق به حاصل ڪري ورتو. اهو حق سندس پوٽي کي ڏاڍو دلپسند هوندو هو. مائيڪل ڊمانتين به وولٽيئر وانگر وڏ ماڻهپيءُ جو شان ڏيکارڻ جي مرض کان خالي نه هو ۽ هن آئي ڪئيم وارو خانداني نالو به پنهنجي نالي مان خارج ڪري ڇڏيو هو جو انهي مان هنرمندن ۽ ڪاريگرن واري بوءِ ايندي هئي. اها ڳالهه به دلچسپي کان خالي نه آهي ته مانتين Essays جي متن ۾ پنهنجي ذات جي باري ۾ ته تمام گهڻو لکيو آهي پر انهن ۾ سندس اسپيني يهودي نسل واري ماءُ اينتونيٽ ڊيلوپيس جو ذڪر ئي نه آهي. اچا وڌيڪ عجيب ڳالهه اها آهي ته سندس ماءُ هن جي وفات کان پوءِ به زنده هئي.

مائيڪل ڊمانتين کي بورڊو ۾ College de Guyenne ۾ پڙهڻ لاءِ موڪليو ويو. اهو انهيءَ وقت يورپ جو هڪ بهترين اسڪول ليکيو ويندو هو. اتان جي تعليم جو اهم موضوع لاطيني زبان هو ۽ هو ٿوري وقت ۾ ئي لاطيني زبان جي ڄاڻ ۾ پنهنجن پروفيسرن جي برابر ٿي ويو. اسڪول ڇڏڻ کان پوءِ هو پنهنجي پيءُ جي پيروي ڪندي پنهنجي صوبي جي گادي جي هنڌ پيري جيو ۾ اسٽيٽ مئجسٽريٽ ٿي ويو. هو ڪيترائي دفعا پيرس ويو جتي شاهي دربار ۾ به ڪيس گهرايو ويو. انهي دور ۾ هن ڪيترائي معاشقا به ڪيا ۽ هن جي Efiennce de la Boetic سان به دوستي ٿي. اهو هڪ ذهين نوجوان هو ۽ مانتين وانگر پيري گورڊ ۾ پيدا ٿيو هو. انهي جي وفات تي سندس دوست کي ڏاڍو صدمو رسيو هو.

مانتين جي سموري زندگي ۾ فرانس شدت پسند ڪيٿولڪن ۽ فرانسي پروٽيسٽنٽن (هيوجيناٽس) ۾ اختلافن جو شڪار رهيو. انهي دوران ڪيٿولڪن جو اڳواڻ ڊيوڪ آف گائس هو. اهي اختلاف ۽ تڪرار هلندي هلندي ڪڏهن ڪڏهن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهرو لڙائي جي صورت ۾ اختيار ڪري ويندا هئا. پوءِ وري فرانسي بادشاهت وچ ۾ پئي صلح ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندي هئي. مانتين ڪيٿولڪ هو. سندس ٻيءَ جي روشن خيالي ايتري حد تائين وڌيڪ هئي جو هن هڪ ڀاءُ ۽ هڪ ڀيڻ پاران پروٽيسٽنٽ ٿيڻ تي ٻه ڪو اعتراض نه ڪيو. ۽ هن جو تعلق بادشاهه جي پارٽي سان هو. هو ته چارلس نائين ۽ هينري ٽيئن جو دوست هو. هينري ٽئين کي پوءِ هڪ يسوعي پادري قتل ڪري ڇڏيو جو هن ڊيوڪ آف گائيس کي قتل ڪرايو هو. مانتين 1572ع ۾ سينٽ بارٿولوميو جي قتلام کان پوءِ ڊيوڪ آف گائيس ۽ هينري آف نيوار ۾ ٺاهه ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي. هينري آف نيوار پروٽيسٽنٽن جو اڳواڻ هو.

مانتين پنهنجي علائقي ۾ شاهي پارٽي جي اڳواڻ طور وقفي وقفي سان پر ڏاڍي شدت سان سرگرم رهندو هو. شاهي پارٽي ٻنهي پاسن جي شدت پسندن سان وڙهندي هئي. هو 1581ع ۾ جرمني، سئٽزرلينڊ ۽ اٽلي جي 17 مهينن جي سفر کان پوءِ واپس آيو. انهي سفر جي پڇاڙي تي هو روم ۾ ڪجهه وقت ترسيو هو. واپس اچڻ تي کيس خبر پئي ته بادشاهه کيس بورڊيو جو ميئر مقرر ڪري ڇڏيو هو. اهو جيتوڻيڪ شاهپرستن جو شهر هو پر ڪيٿولڪ ليگ ۽ پروٽيسٽنٽن ٻنهي کان خطري ۾ هو. هن اهو عهدو ٻن مُدن لاءِ مجموعي طور چار ورهيه ۽ وڏي ڪاميابي سان هلايو. سندس عهدي جي مُدي جي آخري سال دوران شهر جا اڌ رهواسي پليگ ۾ مري ختم ٿي ويا ۽ اوڻيهين صدي جي ليکڪن مانتين تي انهي ڳالهه تي چڱا چوهه ڇنڊيا آهن ته هو ميئر طور پنهنجيون ذميواريون پنهنجي جانشين کي ڏئي شهر جي مرڪز کان ٻاهر رهڻ لڳو هو. مانتين غير ضروري خطرن کان پاسو ڪرڻ ۾ يقين رکندو هو. پليگ 1586ع ۾ ڪاسٽيلون جي شهر ۾ ۽ سندس محل جي بلڪل ويجهو پهچي وئي ۽ هن ۽ سندس ڪٽنب کي ڇهه مهينا ڳوٺن ۾ گاڏين ۾ گذارڻا پيا.

سندس Essays جا پهريان ٽي جلد پيرس ۾ 1588ع ۾ ڇپيا. اهو اسپيني آرماڊا وارو سال آهي انهي ئي سال مانتين پيرس ويو جو هينري آف نيوار طرفان ڪجهه اهم ڪم سندس حوالي ڪيا ويا. هو هينري ٽئين جي قتل کان پوءِ شاهي دربار مان ويو هليو ۽ هينري چوٿين ڪنگ آف نيوار پاران فرانس جو بادشاهه ٿيڻ کان پوءِ 1591ع ۾ فوت ٿي ويو. پر انهيءَ کان اڳ هينري ليگ کان پيرس جو قبضو ڇڏائي ورتو هو ۽

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجو اهو مشهور بيان ڏئي ڇڏيو هئائين ته: "پيرس عشاء رباني جي هڪ دعا لهي" (Paris was worth a Mass) مانتين اهڙي ڳالهه کي پسنديدگي جي نظر سان ڏسي ها. مانتين پاران هينري آف نيوار کي لکيل ڪيترن ئي خطن مان مانتين هڪ وات ڏاتوڙي صلاحڪار جي ڪردار ۾ ظاهر ٿئي ٿو جهڙي طرح Essays مان سندس ماء کي نيڪالي مليل آهي تهڙي طرح اهي پڙهڻ سان ڪنهن کي به اهو اندازو نه ٿيندو ته ليکڪ عظيم واقعن ۾ ڪو حصو ورتو هو. اهي يادگيرين جا ڪتاب نه آهن.

مانتين پاران پنهنجي مينار ۾ الڳ ٿلڳ رهڻ ۽ نسبتاً وڏي عمر ۾ به تڪڙا تڪڙا سفر ڪرڻ (هو 59 ورهين جي ڄمار ۾ فوت ٿيو) شادي ۽ پنهنجي گهراڻي جي ذميوارين کان بچڻ جو ذريعو هئا. هن کي پنهنجي شادي مان 6 ٻار هئا. "انهن مان به ٻا ٽي ويم دوران مري ويا". هن ڏاڍي عام رواجي نموني لکيو آهي. ۽ ڇهن ٻارن مان فقط هڪ ڌيءَ ــ انهي سان به سندس ڪا ذهني هم آهنگي نه هئي ــ بلوغت جي عمر تائين زنده رهي. شادي هن لکيو آهي. "هڪ سودو آهي جيڪو ڪرڻ ۾ ته آزادي آهي پر انهي کي جاري رکڻ ۾ ڪيترين ئي رڪاوٽون ۽ مجبوريون آهن جنهن جو دارومدار اسان جي خواهش نه پر ٻين ڳالهين تي آهي." هن اهو به لکيو آهي ته: "آءٌ ذميوارين ۾ ٻارن کي ڪلهن تان لاهي اڇلائڻ جو اينترو ته شوقين آهيان جو مون ڪڏهن ته احسان فراموشي، گستاخين ۽ بيعزتين کي به فائديمند سمجهيو آهي.... ڪنهن پاران زيادتي ٿيڻ تي آءٌ سمجهندو آهيان ته منهنجي جان ڇٽي ۽ منهنجو قرض ادا ٿي ويو." منهنجي نظر ۾، هو لکي ٿو "ويجهي مٽي ماٽي نقصن کي گهٽ نه ٿي ڪري پر اڃا وڌائي ٿي. هن کي گهريلو ذميدارين کان نفرت هوندي هئي ۽ هن اڪثر جاين تي لکيو آهي ته هن زندگي ۾ سندس مکيه مقصد زندگي کي آرام ۽ سڪون سان گذارڻ آهي. سورهين صدي ۾ ڪنهن گهر جي سربراهه جون ذميواريون اڄ جي دور کان وڌيڪ هونديون هيون جو تڏهن زندگي گذارڻ جو گهڻو دارومدار مقامي بندوبست تي هوندو هو.

مانتين کي پنهنجي پيءُ کان هڪ وڏي دولت ورثي ۾ ملي هئي جنهن ۾ اضافي جي هن ڪڏهن به ڪوشش نه ڪئي. هو فقط انهي تي مطمئن رهيو ته انهي کي جلدي ڪائي ختم نه ڪري ڇڏجي "توهان گهر ۾". هو لکي ٿو "هر شي جو تمام گهرائي سان جائزو پيا وٺندا آهيون. توهان جي فراست توهان کي تڪليف ڏيندي آهي. آءٌ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

امتحان ۾ سوال جواب کان پاسو ڪندو آهيان ته به آءٌ ڪنهن اهڙي ڳالهه يا مسئلي ۾ پئجي وڃڻ کان بچي نه سگهندو آهيان جنهن کي آءٌ پسند نه ڪندو هجان." هو تنهن ڪري سفر کي پسند ڪندو هو ۽ اڪثر وڏن يا ننڍين سفرن تي هليو ويندو هو. ڪيس سفر ۾ فقط اها خامي نظر ايندي هئي جو انهي تي خرچ ايندو هو. هو سفر کي فقط انهي ڪري پسند نه ڪندو هو جو اهو ڪيس پنهنجي ڪٽنب کان جدا ڪندو هو پر انهي ڪري به جو هو سمجهندو هو ته انهي ۾ هميشه اهو فائدو آهي ته جو انهي ذريعي ماڻهو خراب حالت مان غير يقيني حالت ۾ وڃي ٿو هليو ۽ هو پنهنجي مرضي سان جيڪي نيون نيون واقفيتون پيدا ڪندو هو اهي ڪيس پنهنجي ۽ اوڙي پاڙي جي عام رواجي واقفيت کان بهتر لڳنديون هيون. فطرت اسان کي دنيا ۾ آزاد موڪليو آهي ۽ اسين پاڻ کي ڪجھ محدود علائقن ۾ قيد ٿا ڪري ڇڏيون." هو پاڻ کي پوليندين جي به ابتروئي ويجهو سمجهندو هو جيترو فرانسين جي ۽ هو جڏهن ملڪ کان ٻاهر هوندو هو ۽ جڏهن ڪنهن هوٽل ۾ هن کان پڇيو ويندو هو ته ڇا فرانسي طريقي مطابق ماني پيش ڪئي وڃي ته هو انهيءَ ڳالهه تي کلي ڏيندو هو ۽ سڌو انهي ٽيبل هليو ويندو هو جيڪا غير ملڪين سان پريل هوندي هئي.

مانتين جا Essays نه يادگيريون آهن نه ئي "اعتراف" آهن. ڪيترا ليکڪ جڏهن پنهنجي باري ۾ لکندا آهن ته يا ته پنهنجي ذات ۽ عملن کي حق بجانب ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪندا آهن يا اهو اعتراف ڪندا اهن ته اهي پنهنجي ماضي مان ناخوش آهن ۽ پاڻ کي ٻين ماڻهن لاءِ عزتدار ڇتاءِ ڏيندڙ جي روپ ۾ پيش ڪندا آهن. مانتين ائين نه آهي. مانتين انهي مفروضي کان شروعات ڪري ٿو ته اسان مان سيني کي پاڻ کان سواءِ ٻي ڪا به شي دلچسپ نه ٿي لڳي ۽ هر هڪ ماڻهو اهو ٿو سمجهي ته سندس ايياس جو موضوع اهو هئڻ گهرجي جيڪو هن پاڻ محسوس ڪيو آهي يا سندس تجربي ۾ آيو آهي.

مانتين کي عام طور سڀ انسان ۽ هو خود پاڻ تبديل ٿيندڙ ۽ غير مستقل نظر آيا. مانتين جنهن ڳالهه کي انسان جي تڪليفن جو مکيه سبب سمجهي ٿو اها هي آهي ته هن اهڙا نظام ڪڙا ڪري ڇڏيا آهن جيئن پاڻ کي حق بجانب ثابت ڪري سگهي يا پاڻ کي ڪنهن رستي تي هلائڻ لاءِ مجبور ڪري سگهي. مانتين جو خيال هو ته ڪيس پنهنجي چوڌاري نظر ايندڙ سهپ ۽ ظلم انهي مان جنم وٺن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿا ۽ اهي ٻئي ڳالهيون ئي تڏهن توڙي اڄ جي زندگي جون نمايان خصوصيتون آهن.

مانتين جا Essays ڊيگهہ جي لحاظ کان بہ مختلف آهن. ڪجھ هڪ يا ٻن صفحن تي آهن تہ هڪ 300 صفحن تي بہ آهي. جيئن "Apology of Raymond de Sebond" انهي سوچ جي غلطي تي ٻڌل هئڻ بابت گهڻو ڪري تمام دلچسپ ويچارن جو هڪ سلسلو آهي تہ سچ ۽ صداقت ڪنهن مخصوص عقيدي يا هلت چلت جي ڪنهن خاص طريقي ۾ سمايل آهي. مانتين ڪي جيڪڏهن ڪي مذهبي عقيدا هئا تہ انهن جو اختصار Vanity نالي سندس ڊگهي مضمون جي آخر ۾ ڏنل آهي.

هو ڊيلفي جي فال گهر هتان انهن ماڻهن جي ننڊا ڪرائي ٿو جيڪي سمجهن ٿا تہ اهي سموري عالم کي پنهنجي احاطي ۾ آڻي سگهن ٿا ۽ جيڪي پنهنجن ذهنن کي اجاين مفروضن ۾ وڃائيندا ٿا وتن.

"اي انسان! توکان سواءِ هر شي سڀ کان اڳ پنهنجو اڀياس ڪري ٿي ۽ پوءِ پنهنجي ضرورتن مطابق پنهنجين محنتن مشقتن ۽ خواهشن جون حدون مقرر ڪري ٿي. تون سموري ڪائنات جو احاطو ڪرين ٿو پر تو جهڙي خالي ۽ گهرجائو شي ڪابہ نہ آهي. تون اهڙو محقق آهين جنهن وٽ علم نہ آهي، تون اهڙو مئجسٽريٽ آهين جنهن جي ڪا عملداري نہ آهي يا ڪٺي چئجي تہ تون سرڪس جو مسخرو آهين."

هو Experience نالي پنهنجي آخري مضمون ۾ زندگي بابت پنهنجي هاڪاري نظريي جو تت پيش ڪري ٿو:

"اها انتها درجي جي ڪماليت ۽ جڻ تہ ڪو خدائي عمل آهي جو اسين پنهنجي حق تي هئڻ مان مسرور ٿيڻ سکون. اسين ٻين شين کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا ڇاڪاڻ تہ اسان کي پنهنجي ڪارج جي خبر نہ آهي ۽ نہ ئي اسين اهو ڄاڻون ٿا تہ اسان جي اندر ۾ ڇا آهي. اسان ٻاران ڏاڪڻين تي لهڻ چڙهڻ مان ڪو بہ فائدو نہ آهي ۽ اسين جيڪڏهن دنيا جي سڀ کان مٿاهين تخت تي ويٺا هجون تہ بہ اسين پنهنجي مقعد تي ئي ويٺل هونداسين."

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو وڏيڪ اهو به چئي ٿو ته سندس خيال مطابق سڀ ڪان سهڻيون زندگيون اهي آهن جيڪي عام انساني اسلوب سان مطابقت رکنديون هجن انهن ۾ نظم ضبط هجي پر ان ۾ ڪا انوکائپ نه هجي. هن جو خيال هو ته پيرسني ڪجھ وڏيڪ لطافت واري سلوڪ جي تقاضا ڪري ٿي ۽ انهي کي خدا جي سپرد ڪرڻ گهرجي جيڪو صحت ۽ ڏاهپ جو محافظ آهي پر اها ڏاهپ خوش خرم ۽ ميل جول رکندڙ آهي.

"اپولوجي فار ريمنڊ ڊي سيبانڊ" هڪ اسپيني ديني عالم جي ڪم جي تشريح آهي جيڪو سمجهندو هو ته خدا جي ماهيت کي عقل ذريعي سمجهي سگهجي ٿو مانتين بظاهر انهي نظريي کي تسليم ڪندي درحقيقت هڪ وڏو دفتر ڪٺي جمع ڪيو آهي جنهن ۾ انسان جي ڪمزوري، انسان جي بي ادبي ۽ هٺ ۽ انسان جي نااهلي ثابت ڪئي آهي ۽ اها به اهڙي انسان جي جيڪو پنهنجي رهنمائي لاءِ نظام ۽ قاعدا قانون جوڙي ٿو. مانتين جو مشهور شڪ بنيادي طور مذهبي عالمن ۽ فيلسوفن جي دعوائن تي لاڳو ٿئي ٿو. بهرحال مانتين پاڻ سموري عمر ڪيٿولڪ فرقي تي عمل پيرا رهيو ۽ سندس اهو عقيدو رهيو ته عقيدي ۽ عمل جي سوالن جا جواب ڳولهڻ احمقاڻي ڳالهه آهي ۽ اهو ته ڏاهو ماڻهو پنهنجي ملڪ جي قاعدن قانونن پٺاندر بلڪل اهڙي طرح زندگي گذاري ٿو جيئن هو پنهنجي بادشاهه ۽ حڪومت جي نوڪري ڪري ٿو ۽ اهي ٻئي ڪم ڪنهن غلامي کان سواءِ اهڙي هوشيار ماڻهو جي ذهني تحفظات سميت ڪري ٿو جيڪو ڪنهن دوکي يا فريب ۾ آيل نه هجي. هن جي خيال ۾ آخرين حقيقتن بابت مغز ماري ڪرڻ ضروري نه آهي. زندگي ۾ ڪي ٻيون وڏيڪ اهميت واريون ڳالهيون به آهن.

ڪو به ماڻهو هن عظيم انسان جي زندگي ڏانهن رويي کي پسند يا ناپسند ڪري سگهي ٿو پر انهي سان Essays جي ڪشش ۾ ڪا گهٽي تبديلي نه ٿي اچي. شيڪسپيئر جهڙا عظيم ذهن جن مانتين جو فلوريو پاران ٿيل انگريزي ترجمو پڙهيو اهي سندس سوچ مان گهڻا متاثر ٿيا. مانتين پنهنجن فڪري مخالفن کي به موهي وجهي ٿو ۽ انهن لاءِ دلچسپي جو باعث آهي ڇو ته هڪ ته Essays سني عقيدي ۽ ايمانداري جو مظهر آهن ۽ ٻيو ته ٻئي ڪنهن به ڪتاب ۾ انسان جي مشڪل صورتحال جي اهڙي حقيقي تصوير نه ٿي ملي. اهڙا نوجوان جيڪي اهڙين سوچن ۽ عادتن جي باري ۾ ڄاڻڻ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بابت فڪرمند هجن جن بابت سماج عام طور چپ نہ چوريندو آهي انهن کي اهڙيون ڳالهيون مانتين جي Essays جي شروعات ۾ ئي ملي وينديون البت ڪجھ مضمونن جي عنوانن مان صحيح اندازو نہ ٿو ٿئي: اهڙو هڪ مضمون جنهن جو نالو آهي " On the Verses of Vergil" انهي ۾ گھڻو ڪري مانتين جا محبت ۽ جنس بابت خيال تمام بي تڪلفي سان بيان ٿيل آهن. جڏهن تہ " On the powers of the Imagination" جيڪڏهن وڪٽوريائي دور ۾ اصلي صورت ۾ ظاهر ٿئي ها تہ انهي جي وڏي حصي تي پابندي جي قينچي لڳي وڃي ها. مجموعي طور چئجي تہ مانتين جا Essays انهن ٻن يا ٽن ڪتابن مان هڪ آهن- انهن مان پيپيز جو جرنل بہ هڪ آهي- جن ۾ انسان پاڻ کي اتين پيش ڪري ٿو جيئن هو آهي. مانتين لکي ٿو تہ عوام جي احترام ئي کيس پاڻ کي مڪمل طور اگھاڙو ڏيکارڻ کان روڪيو. انهي مخصوص سوچ جي مطابق هو ڪتاب جي شروعات ئي هنن لفظن سان ڪري ٿو تہ هن مستي ڪاهلي ۾ ويهي پنا ڪارا ڪيا آهن جيئن سندس دوست کيس ياد ڪري سگھن:

هتي منهنجون خاميون جاندار نموني ۽ منهنجي فطري شڪل ۾ پڙهڻ ۾ اينديون. سو اي پڙهندڙ! منهنجي ڪتاب جو موضوع آءٌ خود آهيان ۽ توهان پاران اهڙي اجائي عنوان تي پنهنجو فارغ وقت وڃائڻ بي عقلي جو ڪم ٿيندو. تنهن ڪري الوداع

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 18. ڊان ڪئگزاٽ

## ـــ مگئيل ڊي سروانٽيس ـــ

ڪجھ وقت اڳ لامانچي جي ڪنهن ڳوٺ ۾ جنهن جو آءٌ نالو ڪڻڻ نہ ٿو گهران هڪ معزز ماڻهو رهندو هو. هو اهڙن معززن مان هو جن وٽ سدائين هڪ نيزو هڪ قديمي ڍال ۽ شڪار لاءِ هڪ نبل گهوڙو ۽ هڪ ڪتو رهندو هو.

اهي لفظ هڪ اسپيني سپاهي سترهين صدي جي شروعات وقت لکيا هئا. اهو ماڻهو هڪ لڙائي ۾ معذور ٿي پيو هو ۽ انهي شخص ڪُل وقتي ليکڪ ٿيڻ کان اڳ هڪ تمام پُرجوش زندگي گذاري هئي. هُو جنهن معزز شخص بابت لکي ٿو اهو چڱي حد تائين هن سان مشابهت رکندڙ آهي.

پنجاھ ورهين جي لڳ ڀڳ مضبوط هڏڪاٺ, سنهي جسم سنهي مُنهن, تمام سوير اٿندڙ ۽ شڪار جي شوقين انهي اسپيني ماڻهو جي آکاڻي دنيا جي عظيم ترين آکاڻين مان هڪ آهي. انهي کان پوءِ لکيل هر ناول انهي جي مثال جي ڪنهن نہ ڪنهن نموني ۾ پيروي ڪئي آهي. هي اهڙي قسم جو ڪتاب آهي جنهن کي ڪو بہ شخص ڪنهن بہ وقت کٽي وڏي خوشي سان هڪ بہ باب پڙهي سگهي ٿو. ڊان ڪئگزاٽ ــ اسپيني معزز پاڻ کي انهي نالي سان سڏي ٿو ـ سموري فڪشن جي ذخيري ۾ تمام درد انگيز تمام ڪل جوڳن ۽ تمام وڻندڙ ڪردارن مان هڪ آهي. مٿئين جملي ۾ "سموري فڪشن" بجاءِ "سموري تاريخ" بہ چئي سگهجي ٿو ڇاڪاڻ تہ انهيءَ لاٽين جهڙي جاڙي واري, سنهي ڊگهي ۽ جملي سورمي (Knight) جا ڪل جهڙا ڪارناما ـ اهو پهريون ماڻهو هو جنهن پن چڪين تي نيزا اُلاريا ـ ايتري حد تائين زندگي جو حصو لڳن ٿا جو ڪيس ڪنهن ڪاوڙيل گتي وال ٻاران نائيٽ(Knight) جي عهدي ئي فائز ڪرڻ جو تصور ڪرڻ بہ ايترو ئي سولو لڳي ٿو جيترو لارينس ٻاران عربي پوشاڪ پهري ترڪن کي شڪست ڏيڻ لاءِ نڪري پوڻ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻي ڪتاب جي مُنڍ ڪان شروعات ٿا ڪريون. اسپيني معزز جنهن جو ڪٽنب جو نالو سروانٽيس مطابق "ڪيگزادا يا ڪئيسادا هو پر انهي نقطي تي ليکڪن ۾ اختلاف آهي" هن پنهنجي ننڍڙي جاگير جي نگهباني جي دوران گهڻو وقت اهڙا ڪتاب پڙهڻ ۾ گذاريو هو جن ۾ اهڙن ماڻهن جو احوال هوندو آهي جيڪي بهادري جا ڪارناما ڏيکارڻ لاءِ موقعن جي تلاش ۾ هوندا آهن. سر وانٽيس اسان کي ٻڌائي ٿو ته ڪيس اهڙي قسم جا عشقيہ ٽڪرا ڏاڍا وڻندا هئا جن ۾ هن انداز ۾ لکيل هوندو هو: "تو پاران منهنجي واجبي روشن کي غير واجبي انداز ۾ ڏسڻ سبب منهنجو واجبي انداز ايترو تہ ڪمزور ٿي وڃي ٿو جو آءٌ واجبي انداز ۾ تنهنجي حسن جي شڪايت ڪريان ٿو". هو لفظن جي حسن سان جوش ۾ پرجي ويندو هو.

اهڙي طرح، اسان جي سورمي وقت اچڻ تي اهو فيصلو ڪيو تہ ڪيس هاڻي سورميائي ڪارنامن جي تلاش ۾ نڪرڻ گهرجي. هاڻي هو چمڪندڙ زره بڪتر زيب تن ڪري پلي گهوڙي تي سوار ٿي سموري دنيا ۾ ڪارنامن جي ڳولها ۾ نڪري پوندو. غلط ڪمن کي درست ڪندو ۽ مصيبت ۾ آيل نوجوان ڇوڪرين جي مدد ڪندو. هن هڪ پراڻي زره هٿ ڪئي، ان کي وڏي محنت سان صاف ڪيو ان تان جيتري ڪٽ لاهي سگهيو ٿي سا لاٿائين ۽ پوءِ انهي ۾ گهڙي ويو. اها هن تي فِٽ پوري بيٺي. انهي جي ٽوپلي ۾ فقط اکين جو ڍڪ نہ هو. پر اهو هن وڏي محنت ڪري هڪ گتي مان ناهي ورتو. پر پوءِ اهو ڏسڻ لاءِ تہ ڇا اهو ايترو مضبوط آهي جو تلوار جو ڌڪ جهلي ويندو هن پنهنجي تلوار ڪڍي ۽ انهي کي ٻہ ڌڪ هنيا. جيڪا شي نهڻ ۾ هڪ هفتو لڳو هو اها ٻهرئين ڌڪ ۾ پرزا پرزا ٿي پئي".

هن وري ٻيو ڍڪ ناهيو ۽ انهي کي لوهہ جي سنهين پٽين سان مضبوط ڪيائين ۽ وڏي دانشمندي سان وڌيڪ ڪنهن ڇڪاس کان پاسو ڪيائين ( پر جلدي ئي پوءِ خود ٽوپلو بہ تبديل ٿي ويو ۽ ان جي جاءِ تي ڏاڍو ڪل جهڙو حجام جو هڪ چمڪندڙ پيالو اچي ويو). پوءِ هو پنهنجي گهوڙي لاءِ هنو ناهڻ ۾ مصروف ٿي ويو.

هن انهي رحم جوڳي وهٽ کي ــ اسان ٻهرئين پيراگراف ۾ جنهن کي نبل گهوڙو سڏيو آهي، اهو فقط کل ۽ هڏا لڳ پيو هو روسينانٽ جو نالو فقط انهي ڪري

ڏنو هو جو انهي لفظ جو آواز ڪيس وڻندو هو. سندس پنهنجو لقب اڳتي هلي سر ڀان ڪئگزات (جو ته اهو ڪئگزابا يا ڪئيسابا کان ٻڌڻ ۾ سٺو لڳو) لامانچا ٿيڻو هو. اهو واقعي ڏاڍو شاندار نالو هو: ڀان ڪئگزات ڊي لامانچا.

پوءِ هن کي سورمن وانگر هڪ سهڻي عورت جي ضرورت هئي جنهن سان پيار ۾ دل لڳي ڪري سگهجي. هن پنهنجي عمر ۾ انهي مسئلي کي گهڻو ڏيان نه ڏنو هو پر هاڻي کيس هڪ اهڙي ڳالهه ياد آئي جيڪا مناسب ٿي پئي سگهي. اها ٻني تي ڪم ڪندڙ هڪ سگهي جسم واري ڇوڪري هئي جنهن کي هو ڪنهن وقت پسنديدگي جي نگاه سان ڏسندو هو (پر اها ڳالهه کيس ٻڌائڻ جي تڪليف نه ڪئي هئائين) هن انهي کي اهڙو بهترين نالو ڏنو جيڪو هو ڪنهن سهڻي ڇوڪري لاءِ ايجاد ڪري سگهيو ٿي: "ڊلسينا ڊيل ٽوبوسو".

پوءِ هو پنهنجي ڪتب ۾ ڪنهن کي به ٻڌائڻ کان سواءِ روانو ٿي ويو. نه پاڙيسريءَ کي، نه گهر جي نگهبان کي نه ماليءَ جي ڇوڪري کي. اهو جولاءِ جو هڪ پگهر ڪيندڙ گرم ڏينهن هو.

هن اجا زره بڪتر ۾ پگهرجڻ شروع ٿي مس ڪيو هو جو کيس دهشت جي هڪ لهر سان اها ڳالهه ياد آئي ته هن کي ته اجا سورمي جو خطاب ئي نه مليو آهي.

انهيءَ ڪم ۾ جيتوڻيڪ ٻين جي مدد ۽ سهڪار گهربل هوندو آهي پر هن اهو ڪم پنهنجي مڪمل اطمينان مطابق سرانجام ڏئي ورتو. هو انهي شام هڪ سراءِ ۾ اچي پهتو جنهن بابت ڏاڍي سهوليت سان فيصلو ڪري ورتائين ته اها هڪ قلعو آهي. انهي جي ٻاهران ڪجه آوارا عورتون ويٺيون هيون. هن انهن کي سهڻيون عورتون ڄڻي ڪيڪاريو- سر وانٽيس ٻڌائي ٿو ته اهو لقب انهن جي ڏنڊي تي ٺهڪي نه ٿي آيو- ۽ ڏوڪيندو اندر ويو هليو. اتي عجيب ڪل جوڳا ڪم ڪندي هڪ شام گذارڻ کان پوءِ اتان جي مالڪ کيس جلد ئي سورمي جو خطاب ڏئي ڇڏيو جيئن اهڙي ڏکيائيون پيدا ڪندڙ مهمان کان جند ڇڏائي سگهجي. اتي هن ٻن خچر سوارن سان ڏاڍي ڪل جهڙي لڙائي ڪري ورتي جيڪا هن ڪتاب ۾ آيل ٻين لڙاين جي ابتڙ کٽي به ورتي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو آخرڪار سورمو ٿي ويو ۽ فخر ۾ پيرجي ويو. پوءِ ڏاڍي تيز رفتاري سان هڪ مهم پٺيان ٻي مهم دربيش اچڻ لڳي. سپ ڪان ڀهريون هن ڏنو ته هڪ ماڻهو پنهنجي غلام کي لڪڻ هڻي رهيو هو. هن کيس اها ڌمڪي ڏئي انهي ڪم کان باز رکيو ته هو پنهنجو گرز انهي کي ٽنبي ڇڏيندو. هن انهي حاصلات مان مطمئن ٿي روسينانٽ کي اڙي هنئي ۽ انهن کي پٺيان ڇڏي پاڻ اڳتي ويو هليو. انهي ماڻهو ڇوڪري کي ٻيو دفعو وڻ سان ٻڌو ۽ کيس لڪڻ هڻي هڻي مرڻ جهڙو ڪري ڇڏيائين پر تيستائين دلير ڪنگزات پاڻ کي انهي ڳالهه تي مبارڪون ڏيندو ميلن جا ميل اڳتي نڪري ويو هو ته هن ڀهريون غلط ڪم درست ڪيو آهي.

پوءِ هو هڪ چوواٽي تي واپارين جي هڪ ٽولي سان اچي مليو. هو جئين ئي سندس آواز ٻڌڻ جيترو ويجها پهتا ته بيوقوف رڙ ڪئي. "سموري دنيا هڪ جاءِ تي بيهي رهي جيسيڪڏهن سموري دنيا اها ڳالهه نه ٿي مڃي ته سموري دنيا ۾ لامانچا جي راڻي بيمثال ڊلسينا ڊيل توبوسو کان وڌيڪ ڪا سهڻي عورت نه آهي".

واپارين کي انهي ۾ ڪو شڪ شبهو نه رهيو ته اهو ڪو دماغ ڦريل شخص آهي ۽ اهي مٿس چٿرون ڪرڻ تي هيا. پوءِ انهن مان هڪ کيس چيڙائڻ جو فيصلو ڪيو ۽ هن کي چيو ته ڇا اها بيمثال خاتون اينتري ئي سهڻي آهي جيتري هو چوي ٿو.

اها ڳالهه ڪنگزات جي برداشت کان ٻاهر هئي. هن پنهنجو نيزو اڀيو ڪيو ۽ جنهن ماڻهو اهي لفظ چيا هئا انهي تي اينتري ڪاوڙ ۾ وٺي لُوهه ڪيائين جو روسينانٽ جيسيڪڏهن خوش قسمتي سان ٿاٻو کائي روڊ تي ڪري نه پوي ها ته انهي گستاخ واپاري جو حال ڏاڍو خراب ٿئي ها.

پر روسينانٽ ڪري پئي. اسان جو سورمو بي ٻارو مددگار ٽنبڻ وانگر ليٽڙيون پائيندو ويو. هو پنهنجي ساز سامان جي بار سبب اٿي به نه پيو سگهي پر اتان به دانهون ڪندو ٿي رهيو ته: "اڙي ڪمينؤ بيهو ته سهي! اها منهنجي غلطي نه آهي پر منهنجي گهوڙي جي آهي جو آءٌ هت پيو آهيان."

پوءِ واپاري ۾ انهن جا خچر سوار پڳا نه پر سندس نيزي کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري کيس ائين ڪُٽڻ لڳا جيئن ڪڻڪ کي ڇڪي ۾ ڪٽبو آهي پوءِ به دلير سورمو ڌمڪين جا ڏوڙيا لايون آيو.

ڪئگزات انهي ناڪام ڪارنامي کان پوءِ به نه مڙيو ۽ اهو سوچي پاڻ کي ۽ پانزا کي تسلي ڏنائين ته آخري لمحي ۾ ڪنهن بدروح ديون کي پن چڪيون ڪري ڇڏيو هو جيئن هو انهن کي فتح ڪرڻ جي اعزاز کان ڪيس محروم رکي سگهي.

پوءِ اهي اڳتي روانا ٿيا. انهن هڪ ڪلاڪ جي اندر هڪ بدنصيب عورت کي ڪجھ معصوم پادرين کان آزاد ڪرايو جيڪي هڪ گاڏي ۾ انهي سان گڏ سفر ڪري رهيا هئا. انهن انهي ڀنل عورت تي زور ڀريو ته هؤ ايل ٽوبوسو هلي ۽ پاڻ کي سهڻي ۽ بيمثال ڊلسينا آڏو پيش ڪري انهن هن مثان اهو به واضح ڪري ڇڏيو ته هن کي ڊلسينا جي صدقي پادرين کان آزاد ڪرايو ويو هو. انهي عورت انهي زره پوش چريي جي درخواست قبول ڪري ورتي. بهرحال اسان کي اهو نه ٻڌايو ويو آهي ته هن انهن جو ڪيستائين سات ڏنو ڇاڪاڻ ته اها ڏاڍي ڏکي ثابت ٿئي ها جو ڊلسينا جو ڪو وجود ئي نه هو.

هڪ جي پٺيان ٻي مهم درپيش ايندي رهي ٿي پر تقريباً سيني ۾ ڪئگزات هار کائي ٿو پر هو تمام تورين حالتن ۾ پنهنجي شڪست کان واقف ٿئي ٿو. سندس پٺين ڏکهي مهم ڪيترا باب اڳتي هلي پڄاڻي تي پهچي ٿي جنهن ۾ هو هڪ ٻي عورت کي بچائڻ جي تمام ناڪام ڪوشش ڪري ٿو (اها جيئن ته هڪ مجسمو هئي تنهن ڪري اها پهرئين کان اجا گهڻ فڪرمند آهي) پوءِ اهي ٻئي ويڙهاڪ ڦٽجي رت ڳاڙيندا هڪ ٻهه جي گاڏي تي واپس روانا ٿين ٿا ۽ انهن جا سواري جا وهٽ انهن جي پٺيان ٿا اچن. سانچو پانزا جي زال ڪاوڙ ۾ پڇي ٿي؟ توکي انهي مصاحبي مان ڪهڙو فائدو مليو؟ منهنجي لاءِ ڀڙو آندئي؟ ٻارن لاءِ ڪي سنا بوٽ آندئي؟ پر سانچو ته تجربي کان سواءِ ڪجهه نه آندو آهي هن کان انهي سفر ۾ پيش آيل ڏکيائون وسري ويون آهن ۽ هو وڏي جوش سان چوي ٿو: "دنيا ۾ ڪنهن ايماندار ماڻهو لاءِ ڪنهن سورمي جو مصاحب ٿيڻ کان سٺي ڳالهه ڪا آهي ئي ڪا نه!

پر اها پڄاڻي ته نه ٿي ٿي سگهي. سروانٽيس جي تخيل مان هڪ مڪمل ٻيو حصو به آيو اهي جنهن ۾ اسان جي سورمي جي ٽئين ۽ آخري سفر جو احوال وڏيڪ تفصيل سان ۽ وڏيڪ ڪل جوڳي نموني ڏنل آهي. انهي جي ڏيگهه پهرين ٻن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سفرن جي مجموعي ڏيگهه کان وڌيڪ آهي. هتي انهن غير معمولي مهن جو بيان ڏيڻ جي جاءِ نہ آهي. جيڪي استاد ڪئگزيانا جي پُر امن موت تي پڄاڻي تي پهتيون. هو مرندي مرندي انهي حقيقت کان بہ واقف ٿي ويو تہ هو سورمو نہ آهي. هو پنهنجي وصيت ۾ انهي ننڍڙي ماڻهو کي ڪجه شيون ڏيڻ جي وصيت ڪري ويو. اها وصيت لکرائڻ وقت سانچو پانزا سندس بستري پر سان بيٺو روئي رهيو هو. آءُ جڏهن چريو هوس تہ کيس هڪ ٻيٽ جي گورنري منهنجي وسيلي ملي هئي. هاڻي آءُ جڏهن پنهنجي هوش حواس ۾ آهيان تہ جيڪڏهن منهنجو وس هلي ها تہ کيس ڪنهن ملڪ جي بادشاهت ڏيان ها. ڇاڪاڻ تہ سندس طبيعت جي سادگي ۽ ڪردار جي سچائي انهي جون حقدار آهن.“

• هن پنهنجي جاگير جنهن ڀاڻيجي جي حوالي ڪرڻ جي وصيت ڪئي انهي بابت لکيائين: کيس ڪنهن اهڙي ماڻهو سان شادي ڪرڻ گهرجي جنهن بابت کيس پڪي پختي ثابتي هجي تہ هو سورميائي ۽ جوانجوان مرديءَ بابت لکيل ڪتابن جي نالي کان بہ واقف نہ آهي.“

انهي مزاحيہ ناول جو ليکڪ. ميگئيل ڊي سر وانٽيس 9_ آڪٽوبر 1547ع تي ڄائو. هو هڪ غريب اسپيني طبيب ۽ دواساز هو. هن کي پنهنجي شعبي جي پوري ڄاڻ بہ نہ هئي ۽ ڪنن کان بہ بلڪل ٻوڙو هو ۽ قرض خواهن کان بچڻ لاءِ سدائين رهائش مٽائيندو رهندو هو. پر اهو ڪٽنب 1566ع ۾ ڪجه پاڻيرو ٿيو تہ مئڊرڊ ۾ رهي پيو.

ميگئيل 21 ورهين جي ڄمار ۾ انهي دور جي رواج مطابق فلپ ٻئين جي زال ازابيل ڊي ويلوئي جي وفات تي ڪجه بيت لکيا جيڪي پسند ڪيا ويا. هو هاڻي هڪ ڪامياب ليکڪ ٿي پئي سگهيو جو هو ڪينٽرائي سفر ڪري چڪو هو ۽ سندس پنهنجي خاندان جون عجيب غريب مهمون کيس سموري زندگي لکڻ لاءِ مواد ڏئي ڇڏين ها. پر هڪ بدقسمتي ٿي پئي جو هو هڪ اڪيلي سر دوبدو لڙائي (duel) ۾ ڦاسي پيو. ۽ نتيجو اهو ٿيو جو کيس اسپين مان ڀڄي وڃڻو پيو. وري اسان کي هن بابت تڏهن خبر پوي ٿي جڏهن هو روم ۾ خانگي سپاهي ٿئي ٿو. هڪ سال پوءِ 1571ع ۾ هو ليپانٽو جي وڏي سامونڊي لڙائي ۾ حصو وٺندي نظر اچي ٿو. انهي ۾ هو تمام گهڻو زخمي ٿي پيو ۽ سندس کاٻو هٿ بيڪار ٿي پيو. ڪجه وقت

پوءِ اسپين واپس اچڻ جي موڪل ملڻ کان پوءِ هو پيڙي ذريعي اچي رهيو هو ۽ نيپلز مان نڪتي ڪيس هڪ ٻه ڏينهن ٿيا هئا جو سندس پيڙي تي باربري جي ساموندي ڌورن قبضو ڪري ورتو. اهي ڪيس الجيريا ڪٽي ويا ۽ قيد ۾ رکڻ کان پوءِ غلام طور وڪڻي ڇڏيائون. اتي هو پنج سال رهيو ۽ ٻه ڀيرا فرار ٿيڻ جي ڪوشش ۾ مدد ڏيڻ ۾ وڏي بهادري جو مظاهرو ڪري ٿو.

سر وانٽيس کي آخرڪار پنگ جي رقم ڀري آزاد ڪرايو ويو. پنگ جي رقم جو ڪجهه حصو سندس ڪٽنب پريو جن سالن کان ٽڪو ٽڪو ڪري بچت ڪئي هئي ۽ باقي ڪجهه حصو همدرد راهبن ڀري گهربل رقم پوري ڪئي. هو 1580ع جي سرءُ جي منڌ ۾ 33 ورهين جي ڄمار ۾ اسپين ۾ پنهنجي غربت جي ماريل ڪٽنب ۾ واپس آيو. انهن ڪيس هڪ بدليل شخص جي روپ ۾ ڏٺو. هن جي حالت اهڙي هئي جيئن ڪو سپاهي جنگين کان پوءِ گهر پهچندو آهي. هو هاڻي اڳي جهڙو ڏيک ويک جو شوقين نوجوان نه رهيو هو. پر هو ته ڪو ڪارائتو شخص به نه رهيو هو. ڪنهن کي به سندس چاهت نه رهي هئي.

هن ورڻي بيت لکڻ شروع ڪيا ۽ پورچوگال ۽ حيرت انگيز طور تي الجيريا ويو. هن ڪيترائي ڊراما لکيا جن مان ڪجهه باقي رهجي ويا آهن ۽ 38 ورهين جي ڄمار ۾ شادي ڪيائين پر ڪيترن ليکڪن وانگر هن لاءِ به فقط قلم جي سهاري زنده رهڻ مشڪل ٿي پيو ۽ ڪيس پيا هر قسم جا ڪم ڪرڻا پيا. هن ساموندي آرماڙ لاءِ رسد مهيا ڪرڻ ۾ معاونت جو ڪم به ڪيو. انهي ڪم ڪيس عوام ۾ تمام نامقبول ڪيو. هو پنهنجي پيءُ وانگر غريب کان غريب تر ٿيندو ويو ۽ پنهنجي پوءِ جي تخليق سانچو پانزا وانگر اهي خواب ڏسڻ لڳو ته ڪيس جيڪڏهن ڪنهن اسپيني بيٽ جي گورنري نه ته گهٽ ۾ گهٽ انهن مان ڪنهن تي ڪا نوڪري ڏني وڃي. هو بار بار درخواستون ڏيندو رهيو پر ڪيس انڪار ٿيندو رهيو.

هو انهن سمورين دلبرداشگين دوران_ جن ۾ ٻه دفعا قيد ٿيڻ جا دور به شامل آهن_ ڊان ڪئڱزات ڊي لاماچا تي ڪم ڪندو رهيو ۽ جيڪا به بدنصيبي سندس سر تي آئي يا سندس ذهن ۾ اميد جو جيڪو به نئون ڪرڻو آيو هو انهي کي لکندو ويو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب جو ٻيو حصو 1605ع ۾ منظر تي آيو ۽ فوراً تمام مقبول ٿي ويو ۽ انگريزي سميت ڪيترين ٻولين ۾ ترجمو ٿي ويو. ڊان ڪئگزاٽ ۽ سانچو پانزا راتورات حقيقي فرد ٿي ويا ۽ هر ماڻهو انهن کان واقف ٿي ويو.

هو پنهنجو لکڻ جو ڪم جاري رکيو آيو. هن ڪيترائي ڊراما، افسانا ۽ نظم لکيا. پوءِ هن پنهنجي زندگي جي آخري سال ۾ ڊان ڪئگزاٽ جو شاندار ٻيون حصو ڇپرايو جيڪو به پهرئين وانگر تمام ڪامياب ٿيو ۽ اهو اڪثر نقادن جي نظر ۾ پنهنجي حصن مان تمام بهتر آهي.

پر ميگئيل سر وانٽيس سوربود پنهنجي سورميائي تخليق وانگر بدنصيب ثابت ٿيو ۽ سموري يورپ ۾ ڄاتل سڃاتل هوندي ۽ مان ملڻ جي باوجود هو 23اپريل 1616ع تي غريبي حال ۾ فوت ٿي ويو.

البت سندس ڪتاب باقي رهيو آهي ۽ هڪ شاندار يادگار طور هميشه باقي رهندو. اهو جينوٽيڪ هڪ مهماتي داستان آهي پر ڪردارن ۽ پس منظرن جي جهڙي گوناگوني انهي ۾ آهي اهڙي عملي طور اهڙي ڪنهن داستان ۾ نه آهي. انهي جي صفحن تي ايندڙ هر شخص جو تمام ڏيان سان، تمام خوش طبعي سان ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته تمام دل ڇهائيندڙ انداز ۾ ذڪر ڪيو ويجي ٿو. ڊلسينا ڊيل ٽوبو تائين جو بيان ساڳئي انداز ۾ ڏنل آهي.

پس منظر به تمام وڻندڙ آهي ۽ ڪتاب ۾ سورهين صدي واري اسپين جي رسم رواج، هلت چلت ۽ طبقاتي جوڙجڪ بابت اسان کي جيڪو تفصيلي احوال ڏنل آهي فقط انهن جي بنياد تي اهو هڪ شاهڪار ليکجڻ ۾ اچي ها.

ڪتاب طنز سان به لبالب ڀريل آهي. انهي ۾ هلڪڙي اشاري کان وٺي موتمار ڏڪين تائين سڀ ڳالهيون اچي وڃن ٿيون. انهي هوندي به ڪتاب کي سماجي تنقيد جو مثال نه ٿو ڳڻي سگهجي. سر وانٽيس مختلف فردن تي چٽرون ڪري تمام خوش ٿيندو هو. پر انهي ۾ بحيثيت هڪ طبقي جي ڪنهن جي عمومي طور نندا نه ڪئي وئي آهي نه سرڪاري ادارن جي نه چرچ جي نه ئي عدالت انصاف جي. سر وانٽيس شين کي اهڙي نظر سان ڏسي ٿو جيئن اهي سندس سامهون اچن ٿيون. هو انهيءَ تي مطمئن آهي ته هو انهن شين کي سادو سودو ٻڌائي اسان جي سوچ ويچار لاءِ پيش ڪري ٿو ڇڏي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهي ڪتاب جا ڪيترائي انگريزي ترجما ٿيا آهن. اسپيني ٻولي ۾ ڇپجڻ کان ترت پوءِ سڀ کان پهريون شيلٽن جو ترجمو آيو پر 1950ع ۾ پينگئين بڪس پاران جي. ايم. ڪوهين جو ڇپايل ترجمو سڀ کان بهترين آهي. پر اها ڳالهه ڪنهن جي به ڪيل ترجمي ۾ ٿي پنجاه جي لڳ ڀڳ ترجمو ٿيل ٻولين مان ڪهڙي به ٻولي ۾ پڙهي وڃي درد انگيز شڪل وارو سورمو ٿي سندس نئيڙو مصاحب تخليقي ادب جي سموري خزاني جا سڀ کان دلچسپ ڪردار رهن ٿا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سطحي طور اها ڳالهه جيتوڻيڪ حيرت انگيز لڳي سگهي ٿي ته اهو فرانسي وڏ گهراڻو جنهن جي زندگي جو وڏو حصو شاهي دربار ۾ بي مقصد سازشن ۾ تباهه ڪار گهرو لڙاين ۾ گذريو انهي ڳوڙهن مشاهدن جو هڪ اهڙو مجموعو به وجود ۾ آندو هوندو جيڪي انسان ذات لاءِ اڄ به ڪارآمد لڳن ٿا. هو 1613ع ۾ جائو. خانداني روايت ۾ سندس نالو Prince de Marcillac هو لاروشفو ڪالڊ جي نوابن (Dukes) جي وڏي پٽ جو اهو لقب هوندو آهي. هن جي پندرهن ورهين جي ڄمار ۾ لوئي تيرهين جي هڪ بااثر درباري جي ڌيءَ سان شادي ٿي. هينري چوٿين جي انهي ڪجه ڪمزور بادشاهه پٽ ملڪ تي حڪمراني جون واڳون تمام باصلاحيت ڪارڊينل ڊي رشيلو جي هٿن ۾ ڏئي ڇڏيون. نوجوان روشفو ڪالڊ راڻيءَ جي مصاحبن جي ٽولي ۾ شامل ٿي ويو. اها ٽولي سدائين ڪارڊ ينل خلاف سازشون ڪندي رهندي هئي ۽ هڪ دور ۾ اها رٿا به تيار ٿي جنهن مطابق لاروشفو ڪالڊ کي راڻي کي برسلز پهچائي ملڪ ۾ هٿياربند بغاوت کي هوا ڏيڻي هئي. لاروشفو ڪالڊ فرانسي فوج ۾ هڪ سال وڙهڻ کان پوءِ 1635ع ۾ رشيلو خلاف سازشون جاري رکيون ۽ هڪ هفتو باسل جيل ۾ پڻ گذاري آيو. پر انهي جوشيلي نوجوان کي ڪنهن گهڻي اهميت نه ڏني.

راشيلو جڏهن 1642ع ۾ فوت ٿيو ته ڪارڊ ينل مزارين ان جو جانشين ٿيو. پر لاروشفو ڪالڊ صاحب اختيار شخص جو دشمن ئي رهيو. سن 1649ع کان 1653ع تائين Fronde واريون جنگيون عملي طور لاروشفو ڪالڊ سميت وڏن نوابن ياران مزارين کان جان ڇڏائڻ جون ڪوششون هيون. انهن کي شاهي فوج سان وڙهڻ يا اسپينين کان مدد وٺڻ ۾ به ڪو عار نه هو. فرونڊ جي ڏر وارا ڪجه ماڻهو پيرس جي پارليامينٽ جا اتحادي ٿي ويا. اها برطانوي انداز واري ڪا پارليامينٽ نه پر اهڙن وڪيلن ۽ معززن جو مجموعو هئي جن کي بادشاهه ۽ خاص طور مزارين کان انهي ڪري ساڙهو جو انهن هنن جي رعايتن تي ڌاڙو هنيو هو. انهن کي مرڪزي حڪومت کان ساڙهو.

لاروشفو ڪالڊ پين ماڻهن وانگر گهٽ ۾ گهٽ به دفعا وفاداريون مٽايون. هو جڏهن پنهنجي پارٽي مٽائي مزارين طرف آيو ته به ڪيس ائين نه لڳو ته ڪو مزارين سندس صلاحيتن کي صحيح نموني پرکي ورتو آهي. جنگ هلندي هڪ شديد

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معرڪي ۾ جڏهن بادشاھ جي چاچي ڊيوڪ آف آليئنز پيرس جي توب جو منهن بادشاھ جي فوج ڏانهن ڪيو تہ لاروشفو ڪالڊ کي مٿي ۾ ڌڪ لڳي ويو ۽ ذري گهٽ سندس نظر ختم ٿي وئي. انگريزن جي گهرو ويڙھ جي ابتڙ Fronds جا ڪي بہ اصول نہ هئا ۽ واڳون اجا مزارين جي هٿن ۾ ٿي هيون جو انهن جو زور ختم ٿي ويو.

لاروشفو ڪالڊ جو بيٺ 1650ع ۾ فوت ٿي ويو. پوءِ هن 1656ع ۾ شاهي دربار ۾ پنهنجي جاءِ ٺاهي ورتي. تڏهن نوجوان بادشاھ لوئي چوڏهين جو ستارو عروج تي هو. پوءِ هو 1680ع ۾ پنهنجي وفات تائين پيرس ۾ يا پوئيٽو ۾ پنهنجين زمينن تي پر امن زندگي گذاريندو رهيو. نئين بادشاھ جي دربار ۾ کيس وڳوڙن واري گذريل دور جي معزز نشاني سمجهيو ويندو هو ۽ هو اجا جيتوڻيڪ نسبتاً جوان هو تہ بہ لڳندو هو تہ کيس سياست ۾ سرگرم ڪردار ادا ڪرڻ جي ڪا خواهش نہ هئي. مادام ڊي لا فائيٽي سندس بهترين دوست هئي. سندس ناول La princesses de Charles ۾ لاروشفو ڪالڊ جي صلاح مشوري جو گهڻو عمل دخل هو. لاروشفو ڪالڊ هن توڙي مادام ڊي سيبيل جي ديوان خاني ۾ موليئر ٻئالو ۽ ڪانيل جهڙن ليکڪن سان گهڻو وقت گڏ گذاريو. هو بوسيو جو دوست هو ۽ مقولن جي تمام پُر جوش مداحن مان لافونٽين بہ هڪ هو. لاروشفو ڪارلڊ جي متحرڪ زندگي بابت اهو ئي چئي سگهبو تہ هو ايترو ذهين ۽ باصلاحيت هو جو رياست جي معاملن ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهيو ٿي پر ڪنهن ثانوي درجي واري شخصيت کان مٿي اڀرڻ سندس نصيب ۾ نہ هو.

لاروشفو ڪالڊ جي هڪ تمام ذهين دشمن پال گونڊي ڪارڊينل ڊي ريٽز سندس تمام دلچسپ لفظن ۾ تصوير ڪشي هيٺن ڪئي آهي: لاروشفو ڪالڊ جي شخصيت مان سدائين "مون کي خبر نہ آهي" جي تاثر جو اظهار ٿيندو هو. هو ڪڏهن بہ هڪ فيصلي تي قائم نہ رهي سگهندو هو. هو جيتوڻيڪ هر لحاظ کان هڪ سپاهي هو پر سندس شخصيت ۾ جنگي اڳواڻ ٿيڻ جا ڪي بہ جزا نہ هئا. هو جيتوڻيڪ سموري عمر پارٽين سان واڳيل رهيو پر سندس فطرت ۾ پارٽين سان وفاداري نہ هئي. ڪاروباري معاملن ۾ بہ سندس انداز هميشہ ڪنهن حد تائين معذرت خواهاڻو ئي رهيو. لڳي ٿو تہ ائين ڪرڻ سندس ضرورت بہ هئي. هو پنهنجي ڳالهہ کي ختم ڪندي چوي ٿو تہ انهن سڀني ڳالهين تي جڏهن سندس مقولن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(Maxims) کي آڏو رکندي غور ڪيو وڃي ٿو ته اهو احساس ٿئي ٿو ته هو جيڪڏهن پنهنجين صلاحيتن جو صحيح نموني ادراڪ ڪري ها ۽ پاڻ کي پنهنجي صدي جو سڀ کان قابل درباري ڪرڻ تائين محدود رکي ها ته تمام بهتر ٿئي ها وري سندس مقولن مان اها ڳالهه به ظاهر ٿئي ٿي ته ڪيس چڱائي ۾ ڪو اعتبار نه هو ۽ اها سندس عادت هوندي هئي ۽ هو جيترو جلدي ڪنهن ڳنڀير معاملي ۾ ٽپي پوندو هو ايترو جلدي انهي مان ٻاهر به نڪري ويندو هو. اها ڪا وڏنڊڙ تصوير ڪشي نه آهي. پر لارشفو ڪالڊ جيئن ته زندگي ۾ ڪو ڪامياب ڪردار ادا نه ڪري سگهيو ته انهي مان ڪيس ڪارڊينل سميت انسانن جي ذهنن کي پڙهڻ جي اهڙي بصيرت ملي وئي جنهن کي ڪاميابي ڪنهن نموني ڪتب نه آڻي سگهي ها.

لاروشفو ڪالڊ پنهنجن Maxims ۾ جنهن بنيادي ويچاريا پنهنجي مشاهدي ۾ آيل ڳالهه ڏانهن بار بار موٽي ٿو اها هي آهي ته انساني عملن ۾ ذاتي مفاد (Self_ interest) کي تمام گهڻي اهميت حاصل آهي. سيني چڱائين جو رُخ ذاتي مفاد ڏانهن ائين آهي جئين دريائن جو سمنڊ ڏانهن آهي. هو لکي ٿو ۽ هو انهي سوچ کان پوءِ هن نتيجي تي پهچي ٿو ته انسان جن ڳالهين کي نيڪيون ۽ چڱايون سڏين ٿا اهي درحقيقت تمام گڏيل سڏيل خصوصيتون آهن جن ۾ سندس چوڻ مطابق برايون چڱاين جو اهڙي طرح حصو آهن جيئن زهر دوائن جو حصو آهي. ڪيترن ئي مقولن ۾ رحم، وچترائي ۽ انصاف جي محبت جهڙين نام نهاد نيڪين جو تجزيو ڪري انهن مفادن کي منظر تي آندو ويو آهي جيڪي انهن مان هر هڪ نيڪي کي اپنائڻ ۽ انهي تي عمل ڪرڻ جي راهه هموار ڪن ٿا. ايئن هو انصاف جي محبت بابت لکي ٿو: انصاف سان محبت جي حيثيت عام طور انهي کان وڌيڪ ڪجھ نه هوندي آهي ته جيڪي شيون ماڻهو جي مليڪت ۾ هونديون آهن ڪيس انهن کي وڃائڻ جو خوف هوندو آهي. انهي ڪري ئي اسين پنهنجن پاڙيسرين جي مفادن جو احترام ڪندا آهيون ۽ انهي ڪري ئي اسين وڏي ڪوشش ڪري انهن کي نقصان پهچائڻ کان پاسو ڪندا آهيون هو اڳتي لکي ٿو: ماڻهو ناانصافي تي ڪنهن فطري ناپسنديدگي سبب آگر نه ڪڙندا آهن پر انهي جو سبب اهو هوندو آهي ته انهن مان ڪين به نقصان پهچي سگهندو آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن کي احسان مندي جي احساس ۾ به ذاتي مفاد وڏو ڪردار ادا ڪندي نظر اچي ٿو. هو لکي ٿو ته سڀ کان وڏي ڳالهه ته اهو هوندو ئي اٽليپ آهي. فخر جي احساس کي احسان مندي ناپسند هوندي آهي ۽ ذاتي مفاد کي ڪجھ ڏيڻ پسند نه هوندو اهي. احسان مندي جو اظهار ڪندڙ ماڻهن جي اڪثريت ۾ انهي جو سبب اهو مضبوط ۽ لڪيل خواهش هوندي آهي ته انهن کي اجا وڌيڪ فائدا ملن.

ذاتي مفاد ڪيتري حد تائين گهٽين ئي نام نهاد نيڪين کي تباه ڪري ٿو يا انهن مٿان حاوي ٿي وڃي ٿو. انهي جي شدت جي هڪ سخت تجزيي کان پوءِ لاروشفو ڪالڊ جا خيال اهڙن احساسن جي اچاترائي طرف مڙي وڃن ٿا جن ۾ لڳي ٿو ته ذاتي مفاد ڪو وڏو ڪردار ادا نه ٿو ڪري جيڪا اسان کي اسانجن دوستن جي بدنصيبين ۾ مڪمل طور ناخوش نه ٿي ڪري اهو مقولو وري هن مشهور مقولي سان ٺهڪي اچي ٿو: اسان سيني کي بين ماڻهن جي بدنصيبين کي سهڻ جي لائق قوت ۽ طاقت هوندي آهي. لاروشفو ڪالڊ رحم ۽ مهرباني جون پاڙون به وڏي حد تائين پنهنجي ذات تي ڪهل ۾ ڏسي ٿو ۽ چوي ٿو ته اسين پنهنجن دوستن کي پاڻ تي ترجيح ڏيندي فقط پنهنجي ذوق ۽ پنهنجي خوشي جي پيروي پيا ڪندا آهيون. هو محبت بابت لکي ٿو: سچي محبت روحن جي نظر اچي وڃڻ وانگر آهي. هر ڪو ماڻهو انهي بابت پيو ڳالهيون ڪندو آهي پر ٿورن ئي ماڻهن کي اها نظر ايندي آهي. محبت ڪيترين ئي سرگرمين ۽ ڪمن تي پنهنجو نالو رکندي آهي. پر انهن ۾ انهي جو ڪردار نالي ماتر هوندو آهي. اسٽينڌال وانگر لاروشفو ڪالڊ کي به اها ڳالهه شدت سان محسوس ٿئي ٿي ته سيني جذبن ۾ اُڏمن وانگر محبت ۾ به غرور ۽ تڪبر وڏو ڪردار ادا ڪري ٿو. هو چوي ٿو ته پيرسن ماڻهو انهي ڪري سٺي صلاح ڏيندا آهن جيئن هو پاڻ کي آئٿت ڏئي سگهن ته اهي ڪو خراب مثال نه ڏئي سگهيا آهن.

تنهن ڪري ڏسڻ ۾ ايندو ته Maxims ۾ اهو رجحان موجود آهي ته اهي سٺين خاصيتن جو تباه ڪن انداز ۾ تجزيو ڪن ٿا ۽ انساني احساسن يا جذبن جي سُٺائي بابت وهمن کي تباه ڪن ٿا. مقولن کي جيتوڻيڪ پنهنجي اسلوب يا جائزي جي اونهائي سبب پسند ڪيو وڃي ٿو پر انهن تي اها تنقيد به ڪئي وڃي ٿي ته انهن ۾ حد کان وڌيڪ سختي ۽ نااميدي آهي. هاڻي اهو چئي سگهجي ٿو ته لاروشفو ڪالڊ اهو ڏيکاريندي ته سيني انساني عملن ۾ برائي يا ذاتي مفاد شامل

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندو آهي. خودپرستي جي مختلف درجن ۾ ڪو فرق نہ ٿو سمجهي. ڪجھ انساني عمل وڏ ۾ وڏ خراب آهن جڏهن تہ ڪجھ انساني عملن لاءِ ابتدائي سنو لاڙو يا احساس موجود هوندو آهي. اهڙي طرح هڪ اهڙو ماڻهو جيڪو پنهنجي سموري زندگي انهي ڪري سٺي ۽ عزت ڀري هلت رکي ٿو جو ڪيس انهي جاڻ مان خوشي ملي ٿي تہ هو سٺو ماڻهو آهي. هو ٿي سگهي ٿو تہ خودپرست هجي پر اهو ماڻهو اهڙي بدمعاش کان تمام گهڻو پلو آهي جنهن جي هلت چلت مان اهو تاثر ملي ٿو تہ چڱائي سنائي ۽ عزت جهڙي ڪا شي ٿي نہ آهي اهو بہ چئي سگهجي ٿو تہ لاروشفو ڪالڊ پنهنجي ڪتاب ۾ سٺي هلت چلت جي عملي اهميت کي ڪا بہ اهميت نہ ڏني آهي.

انهن سيني تنقيدن ۾ انهي حقيقت کي ملنظر نہ رکيو ويو آهي تہ لاروشفو ڪالڊ انسان ذات جي اصلاح جو ڪم هٿ ۾ نہ کنيو هو نہ ئي هن اهو ٻڌايو آهي تہ انسانن جي هلت چلت ڪيئن هئڻ گهرجي. هو تہ فقط اها ڳالهہ رڪارڊ تي آڻي رهيو آهي تہ انسان ۽ سندس هلت چلت ڪهڙي نموني سندس مشاهدي هيٺ آئي آهي. هاڻو سندس تجربا جيڪڏهن بلڪل مخصوص نوعيت جا هجن ها ۽ سندس مشاهدا جيڪڏهن هڪ طرفا هجن ها تہ سندس ڪتاب يا تہ پڙهيو ئي نہ وڃي ها يا فقط ڪو عجوبو سمجهي پڙهيو وڃي ها. پر صورتحال انهي جي بلڪل ابتڙ آهي ۽ سندس ڳالهين کي جيڪڏهن فرد جرم چئي سگهجي ٿو تہ بہ اها اهڙي آهي جنهن کي ڪنهن بہ وقت ٻڌي سگهجي ٿو.

انهي ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ لاروشفو ڪالڊ ياسيت پسند آهي. هو شين جي سٺي بجاءِ خراب رخ ڏسي ٿو. پر هو اهڙو فلسفي يا سيت پسند نہ آهي جيڪو انهي نتيجي تي پهتو هجي تہ حياتي گذارڻ جي جي قابل نہ آهي ۽ بدي نيڪي کان وڌيڪ سگهاري آهي. نہ ئي سندس ياسيت پسندي انسانن کان بي جا نفرت تي ٻڌل هئي جنهن کي مردم بي زاري چئبو آهي. نہ ئي انهي کي اهڙي قسم جو رويو چئي سگهجي ٿو جيڪو اڻ وڻندڙ تجربن مان جنم وٺندو آهي ۽ اهو ڪي ليکڪ فنڪار ۽ حساس ماڻهو وڌيڪ نااميدين کان بچڻ لاءِ پنهنجي دفاع طور اختيار ڪندا آهن. لاروشفو ڪالڊ جي يا سيت پسندي عيسائين واري بہ نہ آهي جيڪي انسان جي فخر ۽ غرور واري احساس جي ناڪار ڪري ڪيس خدا ڏانهن متوجہ ڪندا اهن. لاروشفو ڪالڊ جيتوڻيڪ عيسائي نہ آهي پر هو جيڪڏهن عيسائي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هجي ها تہ انهي سان بہ سندس مشاهدن ۾ شايد ڪا وڏي تبديلي نہ اچي ها ڇاڪاڻ تہ اهي وڏي حد تائين بين عيسائين ۾ خاص طور وڏي ليکڪ پاسڪل جي سوچن سان مشابهت رکن ٿا.

هاڻي اسين پنهنجو رخ انهي سبب کان اهم سچائي ڏانهن ڪريون ٿا تہ Maxims جي پڙهيو وڃڻ جو اهو سبب آهي جو اهي سڌي تجربي مان حاصل ڪيل ويچار آهن. اها ڳالهہ بہ لازماً ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ انهن ڏيان سان گهڙيل مقولن ۾ ڪي ڪتر ۾ پٽر تي ليڪ جهڙا نظريا بيان ٿيل نہ آهن. انهن جي لفظن مان تقريباً هميشہ انهي ڳالهہ جو اظهار ٿيندو آهي تہ لاروشفو ڪالڊ سمجهندو هو تہ هو جن نتيجن تي پهتو آهي ڪجهہ ڳالهيون انهن جي ابتڙ بہ ٿي سگهن ٿيون. خلوص بابت اسان کي هي لفظ ملن ٿا. خلوص دل جو کلڻ آهي. ٿورا ماڻهو ئي انهي جا اهل ٿي سگهندا آهن ۾ جيڪا ڳالهہ عام طور نظر ايندي آهي. اها فقط ماڻهن جو اعتماد حاصل ڪرڻ لاءِ فريب هوندو آهي. پر انهي مان اهو نتيجو نڪري ٿو ۾ لازماً اهو ئي ڪرڻ گهرجي تہ ليکڪ اهو سمجهيو ٿي تہ خلوص جيتوڻيڪ ڪمياب آهي پر انهي جو وجود آهي. لاروشفو ڪالڊ جو محبت جو نظريو بہ تباه ڪار آهي. پر انسان ذات بابت يا سيت پسند سوچ رکندڙ هن شخص ڪجهہ اهڙن خيالن جو اظهار ڪيو آهي جيڪي لازماً ڪنهن خشڪ ۾ شڪي مزاج جا نہ آهن: اهڙو ڪو بہ پوش يا غلاف نہ آهي جيڪو جتي محبت هجي انهي کي گهڻي عرصي تائين لڪائي سگهي ۾ جتي اها موجود نہ هجي انهي کي ظاهر ڪري سگهي. انهي ڳالهہ جو هنن لفظن مان بہ ثبوت ملي ٿو تہ لاروشفو ڪالڊ کي محبت جي وجود ۾ يقين هو: جيڪڏهن اسانجن بين جذبن ۾ اُنهن جي آلائش کان پاڪ ڪنهن محبت جو وجود آهي تہ اها اسانجي دل جي گهراين ۾ لڪيل اهي ۾ اسين پاڻ انهي کي نظر انداز ڪري ڇڏيندا آهيون. اهو هڪ تمام اهم مقولو آهي ڇاڪاڻ تہ انهي مان خبر پوي ٿي تہ لاروشفو ڪالڊ کي چڱاين جي وجود ۾ يقين هو پر هو سمجهندو هو تہ اهي حقيقي ۾ اصلي چڱايون فقط انهي صورت ۾ هونديون جڏهن انهن ۾ بي ساختگي هجي ۾ اهي خود آگاهي جي آرائش کان بہ پاڪ هجن. پر اهو ڪو سنڪي مزاج نقطہ نظر نہ آهي ۾ لاروشفو ڪالڊ جي ڳالهين جو تت بہ اهو ئي آهي.

# 20. پيرڊائيز لاسٽ

## —— جان ملٽن ——

جان ملٽن جيڪڏهن ڪٽي چئجي ته 1640ع ۾ بادشاهه ۽ پارليامينٽ جي وچ ۾ لڳل گهرو ويڙهه جي آخري ڏينهن ۾ فوت ٿئي ها ته ڪيس شايد ڪجهه وٽنڊز گيتن جي ليکڪ طور ياد رکيو وڃي ها. پر جيڪڏهن هو ويهه ورهيه پوءِ چارلس ٻئين جي تخت تي بحالي (Restoration) وقت فوت ٿئي ها ته ڪيس شايد ڪراموبل جي لاطيني زبان جي سيڪريٽري ۽ انهن سگهارن ماڻهن جي شديد حمايتي طور ياد رکيو وڃي ها جن بادشاهت جو تختو اونڌو ڪري بادشاهه کي سرعام ڦاسي ڏئي فوجي آمريت قائم ڪري ڇڏي هئي پر هو 1674ع ۾ فوت ٿيو ۽ اهڙي طرح ڪيس Paradise lost تخليق ڪرڻ جو وقت ملي ويو. انهي کي عام اتفاق راءِ سان انگريزي زبان ۾ شايد سيني زبانن ۾ سڀ کان وڏو ۽ سڀ کان پرشڪوه رزميه نظم مڃيو وڃي ٿو. ملٽن جي شاهڪارن ۾ Paradise Regained ۽ Samson Agonists به گهٽ اهم نه آهن.

هن پنهنجي رزميي جو بنياد جنهن آکاڻي تي رکيو انهي کان هر ڪو واقف آهي: اها دنيا جي قديم ترين آکاڻين مان هڪ آهي ۽ بائيبل جي ڪتاب پيدائش جي شروعاتي بابن ۾ لافاني حسن ۽ شان شوڪت واري ٻولي ۾ محفوظ ٿيل آهي. هو "انسان جي پهرئين نافرماني بابت" کان شروعات ڪري ٿو:

> انسان جي پهرئين نافرماني ۽ انهيءَ پابندي وڌل وڻ جي ميوي
> بابت ڳالهائجي جنهن جي فاني ذائقي هن دنيا ۾ موت ۽ اسان
> جا سڀ غم ۽ ڏک آندا ۽ انهي سان باغ عدن اسان جي هٿن مان
> ويو هليو.

پر اڳتي هلي جلدئي اها ڳالهه واضح ٿي ويندي ته هن کي فقط بائيبل جي آکاڻي کي بي قافيه نظم ۾ نئين سر تحرير نه ڪرڻو آهي. ڇاڪاڻ ته اصل جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهاڻي سادگي ۾ خود ملٽن به ڪا بهتري نه آڻي سگهي ها. نه ئي هن جي ذهن ۾ اجا ڪا وڏيڪ ڳالهه آهي. لکڻ جي پٺيان سندس محرڪ اهو آهي ته:

جيئن آءُ خداوند حَيّ و قَيُّوم جي ذات جو اثبات ڪري سگهان
۽ انسانن کي ٻڌائي سگهان ته خدا جا طور طريقا حق ۽ انصاف
تي ٻڌل آهن.

ڪيترو نه حد کان وڌيڪ پُر اعتماد خيال آهي. پر اسين اها خاطري ڪري سگهون ٿا ته ملٽن جي اها سوچ نه هئي. هن جو ذهن تمام قانون پسند هو ۽ هو اهو سوچڻ کان رهي نه سگهيو هو ته آدم ۽ حوا سان خراب سلوڪ ٿيو آهي. انهن آخر ڪيو ڇا هو؟ انهن بظاهر ته اهوئي ڪيو هو جو انهن منع ٿيل وڻ مان ميوو پٽي ڪاڌو هو ۽ اهو انهن کي سنو لڳو هو! انهي خسيس غلطي سبب انهن کي ڏک ۽ تڪليف ۽ آخرڪار مري وڃڻ جي سزا ڏني وئي هئي. پر ڇا اها غلطي ايتري خسيس هئي؟ لازماً انهي معاملي ۾ انهي کان وڌيڪ بيو ڪجهه به هوندو ۽ ملٽن پنهنجي صحيح ۽ غلط جي احساس کي اهڙي طرح مطمئن ڪري ٿو جو بظاهر هڪ معمولي غلطي کي تمام بچڙو ڏوهه ڪري پيش ڪري ٿو. حقيقت ۾ اها غلطي ايتري معمولي نه هئي. نانگ جي چُرچ تي ٿيل ڪم تمام برتر خدا جي اختيار خلاف وڏي ڏيان سان رٿيل ۽ وڏي مهارت سان عمل هيٺ آندل هڪ بغاوت هئي.

انهي سموري معاملي ۾ بدمعاش جو ڪردار نانگ ادا ڪيو آهي. جنهن کي ملٽن "وڏي دشمن شيطان" جي روپ ۾ پيش ڪيو آهي. ٿي سگهي ٿو ته ڪجه پڙهندڙ اهو پڙهي حيران ٿين ته بائيبل جي ڪتاب پيدائش واري بيان ۾ شيطان جو ڪو ذڪر نه آهي. انهي ڳالهه ۾ ڪيس شامل ڪرڻ وارو ملٽن آهي. علمي ديني توڙي تهذيبي روايت تي اهو ملٽن جو اثر ئي هو جو هاڻي عام طور نانگ کي ئي شيطان سمجهيو وڃي ٿو جيتوڻيڪ بائيبل جي مستند ڇاپي ۾ ته نانگ لفظ جو شروعات وارو اکر S وڏو (Capital) به ڪم آندل نه آهي.

نظم جي متن مان اسان کي اهو تاثر ملي ٿو ته انهي معاملي کان ڪجه وقت اڳ تائين به شيطان کي تمام عزت وارو منصب مليل هو ۽ هو شايد خدا برتر کان پوءِ ٻئين نمبر تي هو. پر خدا جڏهن پنهنجي واحد پٽ لاءِ پنهنجي ترجيح جو اشارو ڏنو ته شيطان آسمانن تي ناپاڪ جنگ شروع ڪري ڏني. انهي جو نتيجو اهو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نڪتو جو هو ۽ ان جا سڀ حمايتي ملائڪ جن خدا مطلق سامهون هٿيار کڻي ان جي حڪم عدولي جي جرئت ڪئي هئي انهن کي:

انهن کي اُماڙي ڏئي لطيف آسمان کان مٿي پر هيٺ اڻ کٽ
تباهي ۽ بربادي ڏانهن اڇلائي ڇڏيو.

هو نون ڏينهن نون راتين تائين ”پنهنجي خوفناڪ جٿي سان گڏ باهه سان پريل کاهي ۾ ليٽڙيو مغلوب ٿيو پيو رهيو. پر انهي جي باوجود به سندس هنيلي هوڏ ۽ پڪي نفرت برقرار رهي.“ پوءِ هو شديد طوفان مان پاڻ ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ۽ پنهنجي آسپاس پنهنجن ساٿين تي نظر وجهندي دليراڻن لفظن سان خوفناڪ خاموشي کي ختم ڪيائين.

نظم جا ڇهه ست صفحا اٿلائڻ کان اڳ ئي اسان کي شيطان سموري منظر نامي تي حاوي نظر اچي ٿو. درحقيقت هو سموري نظم ۾ سموري منظرنامي تي حاوي آهي. ملٽن جي سڀ کان وڏي خبيث جي تصور کي شاعري جي سموري ڪائنات جو سڀ کان وڏو ڪردار ڪوٺيو ويو آهي ۽ انهي ڳالهه ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته شيطان ئي Paradise lost جو مرڪزي ڪردار ۽ هيرو آهي. هن کي ابتري قوت ۽ طاقت آهي جو پنهنجن پيروڪارن ۾ پنهنجي عقيدت ۽ وفاداري جا جذبا پيدا ڪري سگهي ٿو ۽ انهن کي ناقابل تلافي نقصان ۽ تباهي ڏانهن وٺي وڃڻ کان پوءِ به ڪيس اها طاقت آهي جو هو پنهنجن پيروڪارن جي عقيدت برقرار رکي سگهي ٿو. هو جنگ ۾ طاقتور ۽ شڪست ملڻ کان پوءِ به بي ڊپو ۽ بي خوف رهي ٿو. هن کي شديد تڪليف ۽ ايذاءَ پهچڻ کان پوءِ خبر پئجي وئي آهي ته سندس مدمقابل قادر مطلق آهي ته به سندس بي ڊپائي نه ٿي وڃي. هن جي هلت چلت ۽ انداز مان بزدلي ۽ بي همتي جو ذري برابر به اشارو نه ٿو ملي.

جيڪڏهن جنگ جي ميدان ۾ شڪست اچي وئي ته ڇا ٿيو؟
جيڪڏهن اهڙو حوصلو باقي آهي جنهن کي فتح نه ڪري
سگهجي جيڪڏهن انتقام جي سوچ برقرار آهي. دائمي نفرت
باقي آهي ۽ جيڪڏهن ڪڏهن به آڻ نه مڃڻ ۽ هٿيار ڦٽا نه
ڪرڻ جي همٿ باقي آهي ته ڪجھ به نه وڃايو آهي ۽ سڀ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جن کي بهشت جي پٽن برابر سمجهندو ۽ هاڻي بلزيبب انهن کي انهي رتبا کان آگاه ڪري ٿو. هو چوي ٿو ته: "بهشت جيتوڻيڪ بند هوندو پر اها جاءِ شايد دست رس کان ٻاهر نه هوندي. "اها ڳالهه اتي گڏ ٿيل دوزخ جي مصاحبن کي سٺي لڳي ۽ شيطان پنهنجي مخصوص جرئت ۽ بهادري سان اهو خطرناڪ ڪم پاڻ تي لازم ڪري ورتو ته هو "انهي نئين دنيا جي ڳولها ۾ نڪرندو" ۽ انسان ذات جي نسل کي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيندو. هو ڪيترين ئي عجيب غريب مهم جوئين ۽ مقابلن کان پوءِ آخرڪار نئين تخليق ٿيل زمين تي پهچي ٿو بهشت جي پٽ تان ٽپو ڏئي ٿو ۽ حياتي جي وڻ جي ٽارين ۾ هڪ جاءِ تان لڪي ويهي آدم ۽ حوا جي هڪ جهلڪ ڏسي ٿو جيڪي خدا طرفان پوکيل عدن جي باغ ۾ آهن.

هئي تمام شاناعتي شڪل وارا، ڪڙا تڙا ۽ ڊگها ديوتا وانگر سڌا سنوان، پيدائشي شان مان ڪپڙن کان آجي شان شوڪت ۾ سيني جا سردار ڏسڻ ۾ پئي آيا.

آدم جي جسم جو اڳيون حصو وڏو هو اکين مان شان بکي رهيو هو انهن مان اهو ظاهر ٿي رهيو هو جڻ ته اهي سڀ شي تي حاڪم آهن. سندس وارن جون سنبلي چڳون سيند واري جاءِ تان گول هيون مُچن جي صورت ۾ پئي لڙڪيون پر سندس وبڪرن ڪلهن کان هيٺ نه هيون.

حوا جون اڻ سنواريل سونهري چڳون ، ٽڙيل پکڙيل هيون پر گولن جي شڪل ۾ لڏي رهيون هيون. اهي اهڙي طرح بي لباس گهمي ڦري رهيا هئا. پر اهي خدا يا ملائڪن جي نظرن کان اوجهل به نه هئا. ڇاڪاڻ جو انهن انهي کي خراب نه ٿي سمجهيو اهڙي طرح اهي هٿ ۾ هٿ ڏئي گهمندا ٿي رهيا اهو محبت ۾ هڪٻئي سان بغلگير ٿيندڙ سڀ کان حسين جوڙو هو.

پهرين انساني عاشقن جي پنهنجي بهشتي جهڳٽي ۾ اهڙي پرُ سرور بيان پيش ڪرڻ وقت ڇا ملٽن جي ذهن ۾ ايلڊرسگيٽ اسٽريٽ جي بيڊروم ۾ پنهنجي شادي واري رات هئي؟ حواملٽن جي پهرئين زال کان ته تمام مختلف هئي. هوءَ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏهن به ايتري اطاعت گذار نه هئي. هو ته شادي جي ڪجه هفتن کان پوءِ ئي پنهنجن مائٽن ڏانهن پڇي وئي هئي ۽ ڪيترن ورهين تائين واپسي جي واري ئي نه ٿي واريائين. ملٽن انهي تجربي کان پوءِ (مڙس پاران) طلاق ڏيڻ جي وڪالت ۾ هڪ مقالو لکيو هو جنهن مان کيس ناخوشگوار مشهوري ملي هئي. هن پنهنجي پهرئين زال جي وفات کان پوءِ ٻئين ۽ پوءِ ٽيئن شادي ڪئي. سندس ٽئين زال هن کان 30 ورهيه ننڍي هئي ۽ لڳي ٿو ته انهن ٽنهي سان سندس تجربا بلڪل غير اطمينان بخش هئا. شايد ڊاڪٽر جانسن جو اهو الزام غلط نه آهي ته: "ملٽن کي عورتن کان ٿرڪن جهڙي ڪا نفرت هئي. هو انهن کي تابع ۽ حقير وجود سمجهندو هو.... هو سمجهندو هو ته عورتون فقط اطاعت لاءِ خلقيون ويون آهن ۽ مرد فقط بغاوت لاءِ پيدا ڪيا ويا آهن." هن حوا جهڙي زال چاهي ٿي ۽ ميري پاويل سان شادي ڪيائين...

پر هاڻي اسان کي انهي ڊرامي ڏانهن موٽڻ گهرجي جيڪو عدن جي باغ ۾ شروع ٿيڻ وارو آهي جتي آدم ۽ حوا پنهنجي ناتجربي ڪاري سميت شيطان جي سازشن ۽ فريب جي دست رس ۾ آهن. شيطان هاڻي هڪ نانگ جي روپ ۾ سڀ کان اڳ حوا کي پنهنجي بي مثال محبت جون منيون مٺيون ڳالهيون ٻڌائي ٿو ۽ پوءِ کيس ربهي ربهي اهو خدائي ميوو کائڻ تي آماده ڪري ٿو جيڪو اڪين کي سٺو لڳي ٿو جنهن جو ذائقو وات پاڻي پاڻي ٿو ڪري ۽ جيڪو کائڻ سان ماڻهو عقلمند ٿي وڃي ٿو. ۽ هن آدم کي به:

انهي سهڻي دل کي وڻندڙ ميوي جو ڳپل حصو ڏنو هو به پنهنجي
جاڻ کي پني ڏيندي پنهنجي اندر جي آواز تي ڪن نه ڏيندي
عورتائي موهه ۾ موهجي ويو ۽ اهو ميوو کائي ڇڏيائين.

انهي تي "سموري ڌرتي ڪنبي وئي" ۽ "فطرت به درد منجهان هڪ ڪنجه ڪار ڪئي. جيستائين آدم ۽ حوا جو تعلق آهي ته انهن جي سموري معصوميت غائب ٿي وئي". صبح جو انهن جون اکيون کليون ۽ انهن انجير جي وڻن جي پنن مان پنهنجي لاءِ پوش ٺاهيا جيئن پنهنجي ڏوهه ۽ لڄ جي احساس کي لڪائي سگهن.

انهي دوران شيطان پاران بهشت ۾ ڪيل بڇڙي ۽ ڏڪار جهڙي عمل کان سڀ آسمان وارا واقف ٿي وڃن ٿا ۽ عدن مان نيڪالي جي فرمان جو اعلان ٿي وڃي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو. مک ملائڪ ميڪائيل کي فيصلي تي عملدار آمد لاءِ روانو ڪيو وڃي ٿو. اهڙي طرح اهو سگهارو نظم پنهنجي غمناڪ پڄاڻي تي پهچي ٿو:

اهي پنتي نهاريندي بهشت جي اوپر طرف ڏسن ٿا جيڪو
ڪجھ وقت اڳ انهن جو وٽندڙ نڪاڻو هو. انهن کي هڪ ٻرندڙ
امازي سان هڪليو وڃي ٿو انهن جي اکين مان ڪجھ ڳوڙها
ڳڙيا پر انهن اهي جلدي اگهي ڇڏيا سموري دنيا انهن جي اکين
جي آڏو هئي ته جتي وڃن پنهنجي آرام جي جاءِ چونڊين ۽
خدا جي ذات انهن جي رهبر هئي اهي هٿ هٿ ۾ ڏئي ٿڙندڙ ۽
سست قدمن سان عدن مان نڪري پنهنجي اڪيلي راھ تي
هلي پون ٿا.

پيراڊائيز لاسٽ 1667ع ۾ ڇپيو. ملٽن کي شروع ۾ پنج پائونڊ مليا ۽ تيرهن سو ڪاپين جو پهريون ڇاپو وڪرو ٿي وڃڻ تي وري پنج پائونڊ مليا. اڳتي هلي سندس بيوه وڌيڪ 8 پائونڊن جي دعوي تان هٿ کڻي ويئي. ڪتابن ۾ اهي انگ اکر انهي ڪري ڏنا ويا آهن جيئن ڏيکاري سگهجي ته انهي نظم کي شروع ۾ ڪيترو نه گهٽ نظر سان ڏٺو ويو هو. پر ڊاڪٽر جانسن جي چوڻ مطابق "ٻن ورهين ۾ 1300 ڪاپين جو اهڙي حالت ۾ وڪرو جو ايترو ويجهرائي واري دور ۾ ملٽن جي اينتري مخالفت به هجي ۽ نظم جو اسلوب به گهٽ ماڻهن لاءِ نئون ۽ اڻ وڻندڙ هجي اهو ڏاهپ جي عام موجودگي جو هڪ غير معمولي مثال هو. ۽ شروع کان ئي ڊرائيڊن ۽ پوءِ ايڊيسن جهڙن بهترين نقادن دل کولي تعريفون ڪيون. ۽ انهي کان پوءِ هر نسل انهي ڳالھ تي اتفاق ڪيو آهي ته پيراڊائيز لاسٽ ملٽن پاران ڪنهن سٺي ڪتاب جي ڏنل وصف موجب "ڪنهن مهمان روح جو بيش بها زندگي جو خون آهي".

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 21. دي پلگرمس پراگريس
## (The Pilgrim's Progress)
### — جان بنيان —

بنيان جي شاهڪار جي تاريخ جو جيترو وڌيڪ اڀياس ڪجي ٿو اهو ايترو ئي ڪو معجزو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. انهي جو ليکڪ هڪ ناڻارو هوءِ ناناري جو پٽ هو. کيس بلڪل معمولي اسڪولي تعليم کان وڌيڪ ڪا به تعليم نه ملي هئي انهي مان هو فقط لکڻ پڙهڻ سکيو هو. هن اهو ڪتاب قيدخاني ۾ لکيو هو. اختياربن کيس ٻارهن ورهيه انهي ڪري قيد رکيو هو جو هن انگلستان جي ڪليسا جي مخالفت وارن خيالن جي تبليغ ٿي ڪئي. هن جيڪي پيورٽين (Puritan) خيال پيش ڪيا ٿي اهي سماج جي آزاد خيال مزاج جي بلڪل ابتڙ هئا. انهي ڪتاب جي نه ئي اڳواٽ ڪا مشهوري ٿي نه ئي انهي جي وڪري وڌائڻ لاءِ ڪي خاص اپاءُ ورتا ويا. انهي هوندي به انهي جا ڇاپي پٺيان ڇاپا وڪامندا ويا. پهرين ڏهن ورهين ۾ انهي جو وڪرو هڪ لک تي وڃي پهتو ۽ اهو ڪم به اهڙي ملڪ ۾ ٿيو جنهن جي آبادي اڄ جي آبادي جي ڏهين پتي جيتري هئي ۽ انهي جي سادن سودن ماڻهن ۾ ناخواندگي جي شرح به وڌيڪ هئي. وڏي ڳالهه ته انهي جا مُک خريدار به اهي ئي هئا.

نه ئي اها مشهوري ٿوري وقتي ثابت ٿي. ايندڙ اڍائي صدين تائين اهو سڀ کان وڌيڪ وڪامندڙ ڪتاب ٿي رهيو ۽ عام ماڻهو بائيبل کان پوءِ ٻئين نمبر تي انهي جي عزت ڪندا هئا. هاڻي ته اهو 200 کان وڌيڪ غير ملڪي زبانن ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي. پهرئين سو ورهين ۾ انهي جا 160 ڇاپا نڪتا. انهي ڪتاب جي جيتوڻيڪ ڊين سئفٽ ۽ ڊاڪٽر جانسن جهڙن عالمن تعريف ڪئي هئي پر هڪ صدي کان به وڌيڪ عرصي تائين ادبي ذوق جو فيصلو ڪندڙ ماڻهن جي اڪثريت انهي کي نظرانداز ڪندي ۽ حقارت جي نظر سان ڏسندي رهي. پر آخرڪار قوم جي بي ساخته فيصلي جي دانشورن به توثيق ڪري ڇڏي. سائوٿي 1830ع ۾ لکيو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ: عوام جي اڪثريت جي فيصلي جي سمجھ دار ماڻھن توثيق ڪئي آھي. ”اينڊڙ سال ميڪالي، جان بنيان ۽ جان ملٽن کي سترھين صدي جا فقط ٻہ وڏا تخليقي ذھن“ قرار ڏنو. فرائوڊ 1880ع ۾ بنيان کي انگريز اديبن جي صف ۾ شامل ڪيو. برنارڊشا فيصلو ڏنو تہ ھو. ”شيڪسپيئر کان سٺو“ ھو.

ھو آخر ڪھڙي قسم جو ماڻھو ھو؟ سندس ڪتنب ٻارھين صدي کان بيڊ فورڊ شائر جو ھڪ ننڍڙو زميندار ھو. سندس پيءُ جيڪو ٻاڻ کي ٺاٺارو سڌرائيندو ھو اھو پنھنجي رھائشي گھر ۽ ان جي آسپاس نَوَ ايڪڙن زمين جو مالڪ ھو. جان 1628ع جي سرءُ جي مند ۾ ڄائو ۽ کيس 30 نومبر تي ايلسٽو جي گرجا گھر ۾ بپتسمو ڏنو ويو. ھن اوائلي عمر کان ئي پنھنجي پيءُ جي ٺاٺارڪي ڌنڌي ۾ ھٿ ونڊائڻ شروع ڪيو. ھن جي واڌ ويجھ سياسي ۽ مذھبي وڳوڙ واري دور ۾ ٿي. سن 1642ع ۾ پارليامينٽ ۽ چارلس پھرئين ۾ گھرو ويڙھ شروع ٿي وئي. ٻہ ورھيہ پوءِ جان اڃا 16 ورھين جو ھو جو کيس زوريءَ پارليامينٽي فوج ۾ شامل ڪيو ويو. ھن انھيءَ ۾ 1647ع تائين ڪم ڪيو. سندس ڊيوٽي نيوپورٽ پيگنيل جي چانوٽي ۾ ھئي. پوءِ کيس فوجي نوڪري مان فارغ ڪيو ويو ۽ ھو پنھنجي پيءُ جي بني تي واپس موٽي آيو.

ھو ڏگھي قد ۽ وڏين ھڏين وارو نوجوان ھو. ھو راندين روندين، ڳوناٽين وندرن، ناچ، چڪي، شراب ۽ گھوڙي سواري جو شوقين ھو ۽ گڏوگڏ گاريون بہ خوب ڏيندو ھو ۽ قسم بہ کڻندو ھو. پر انھن ڳالھين جي ھيٺان ھڪ لطيف احساس ۽ ڪنھن اڻ ڏٺل جھان بابت پريشان ڪندڙ آگاھي لڪيل ھوندي ھئي. اھي ڳالھيون ڪڏھن ڪڏھن تہ ننڊپڻ ۾ بہ سندس راند روند ۾ رخنو وجھي ڇڏينديون ھيون. ھن پنھنجي ڪتاب Grace Abounding ۾ پنھنجي روحاني آتم ڪھاڻي لکي آھي. اھو ڏاڍو تفصيلي بيان آھي تہ ھن جي بي ديني واري زندگي ۾ ڪيئن رڪاوٽ اچي وئي ۽ ھن پاران روحاني آرام حاصل ڪرڻ کان اڳ سندس روح ڪيتري ڏگھي جدوجھد ڪئي.

ھن ويھن ورھين جي ڄمار ۾ ھڪ آزاد ڪاريگر طور پنھنجو ڪم شروع ڪيو ۽ پھرئين زال ميري سان شادي ڪئي جنھن پاڻ سان گڏ ڪا مال دولت تہ نہ پر بہ ديني ڪتاب آندا. چنچر جي پابندي جي خلاف ورزي خلاف گرجا گھر جي ھڪ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خطبي ڪيس بي آرام ڪري ڇڏيو. وري هن هڪ دفعو گارگند پئي ڪئي ته انهي تي هڪ بدڪار عورت ڪيس جهٽڪيو ته انهي تي به هو ڏاڍو حيران ٿيو. پر سندس زندگي ۾ وڏو ڦيرو تڏهن آيو جڏهن هن بيڊفورڊ شهر جي هڪ گهٽي ۾ ڪجهه غريب، پيوريٽن عورتن کي ڳالهائيندي ٻڌو. اهي پنهنجين دلين ۾ رحم ۽ ڪهل جي جذبي بابت ڳالهائي رهيون هيون. ”مون کي ائين لڳو جڻ ته خوشي ۽ مسرت انهن کان ڳالهرائي رهي هئي“.

اميد ۽ نااميدي جي ڪيترن مرحلن مان گذرڻ کان پوءِ هن انهن عورتن کي ڳولهڻ جو فيصلو ڪيو جن کيس مسٽر گفورڊ نالي پنهنجي پادريءَ سان رابطي ۾ آندو. هو بيڊ فورڊ ۾ سينٽ جان واري علائقي جو پادري هو. نئين قائم ٿيل ڪامن ويلٿ ۾ پاپائي (Papists) ۽ پريليٽائي (Prelatists) فرقن تي پابندي هئي ۽ Prayer Book ممنوع قرار ڏنل هو. تنهن هوندي به ٻين فرقن کي ڇوٽ ڏنل هئي ۽ Presbyterian ۽ Independent فرقي وارن کي ڪيترائي اهڙا چرچ ڏنا ويا هئا جتان اينجليڪن پادرين کي نيڪالي ڏني وئي هئي. بنيان مسٽر گفورڊ جي چرچ جو ميمبر ٿي ويو. هو جڏهن مقامي تبليغي سرشتي ۾ آيو ته هن ۾ تبليغ جو چڱو ڏانءُ پيدا ٿي پيو ۽ ماڻهو ميڙ ڪري سندس خطبو ٻڌڻ ايندا هئا. هن ڪئيڪرن خلاف پمفليٽ به لکڻ شروع ڪيا پر جلد ئي انهي تڪرار مان هٿ ڪڍي ويو ۽ پنهنجي قلم کي بائيبل جي تعليمات جي تشريح لاءِ وقف ڪري ڇڏيائين.

چارلس ٻئين جي سربراهي ۾ بادشاهت جي بحالي کان پوءِ چرچ آف انگلينڊ نئين سر قائم ٿي ويو ۽ بي قاعدي گڏجاڻين ۽ بغير اجازت نامي وارن مبلغن تي پابندي هڻي وئي. بنيان 12 ــ نومبر 1660ع تي جڏهن بيڊ فورڊ کان 13 ميل ڏکڻ ۾ هڪ گڏجاڻي ۾ تبليغ ڪرڻ ويو ته کيس گرفتار ڪري هڪ مقامي جج آڏو پيش ڪيو ويو جنهن کيس بيڊ فورڊ جي جيل ۾ وجهرائي ڇڏيو. هن اهڙو واعدو ڪرڻ کان سختي سان انڪار ڪري ڇڏيو ته هو آزاد ٿيڻ کان پوءِ تبليغ نه ڪندو تنهن ڪري هو ايندڙ 12 ورهين تائين جيل ۾ پيو رهيو. سندس جيلر جو هن سان رويو دوستاڻو هو ۽ انهن ورهين دوران هو ڪڏهن ڪڏهن اتان ڪسڪي ڳجهين گڏجاڻين ۾ تبليغ ڪري ايندو هو. پر گهڻو ڪري سندس دارومدار قلم تي رهيو ۽

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن ڪيترائي پمفليٽ لکيا ۽ 1661ع ۾ پنهنجو پهريون وڏو ڪتاب Grace Abounding ڇپرايائين.

اهو سندس پنهنجي روحاني سفر جو ڏاڍو چٽو احوال هو ته سندس گمراهه جواني جا ڏانهن ڪئين گذريا. سندس اک ڪيئن کلي، شيطان جي حملن خلاف هن ڪيئن نرا سائي ۾ ڪوششون ڪيون ۽ آخرڪار کيس ڪيئن نجات جي پڪ ملي. هڪتاب ۾ ڪو به رک رکاءُ نه آهي نه ئي ڪا ڳالهه لڪائي وئي آهي ۽ ان کي سينٽ آگسٽائين جي ڪتاب Confessions وانگر روحاني تجربن جي عظيم ڪتابن جي صف ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو.

هن جي لکڻ مطابق هن ڏنو ته سندس ذهن سندس تجربن جون تمثيلي شڪليون ناهي رهيو هو. هو نااميدي جي جن ڏيٺين ۾ ڦاسي ٿي پيو کيس جيڪي ڏکيون چاڙهيون چڙهڻيون ٿي پيون، هن ورغلائيندڙ شيطان سان جيڪي جنگيون ٿي جوٽيون، يا هن تي شڪ يا روح جي سُستي ۽ ڪاهلي جا جيڪي حملا ٿي ٿيا، ﺻﻦ کي جيڪي سنا يا خراب صلاحڪار مليا ٿي، هن جن دوستن جي صحبت مان مزا ماڻيا ٿي ۽ جن آزمائشن ۽ تڪليفن ۾ انهن سان شامل رهيو ٿي انهن سيني جون تمثيلون سندس ذهن ۾ نهي رهيون هيون. هو شروع ۾ اهي تخيل بي ڌياني سان لکندو ويندو هو پوءِ کيس انهي موضوع ۾ دلچسپي ٿي وئي ۽ خوشي سان لکڻ جو ڪم شروع ڪيائين چارلس ٻئين جڏهن مارچ 1672ع ۾ Declaration of Indulgence جاري ڪيو ۽ انهي جي نتيجي ۾ هو 12 ورهين جي قيد کان آزاد ٿيو ته پنهنجي تمثيلي ڪهاڻي جو پهريون نامڪمل مسودو به گڏ کنيو آيو.

انهي کان اڳئين سال هو جڏهن اجا سرڪاري طور قيدي هو ته کيس بيڊفورڊ ۾ Independent Church جو پادري مقرر ڪيو ويو. هو هاڻي پنهنجي انهي ڪم ۾ تمام گهڻو سرگرم ٿي ويو. پر فيبروري 1675ع ۾ Declaration of Indulgence واپس ورتو ويو ته سندس گرفتاري جا تازا وارنٽ اچي ويا ۽ هن 18 مهينا قانون کان ڀڄڻ کان پوءِ وڌيڪ 9 مهينا جيل ۾ گذاريا. اتي هن پنهنجي ڪتاب جو پهريون ڇاپو مڪمل ڪيو ۽ پنهنجن دوستن وٽان متضاد صلاحون ملڻ کان پوءِ نيٺ انهي کي ڇپرائڻ جو فيصلو ڪيائين. انهي کي ڇپجڻ جو اجازت نامو 18 فيبروري 1678ع تي مليو. اهو جلد ئي وڪرو ٿي ويو. ساڳئي سال ٻيو ڇاپو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نڪتو ۽ 1679ع ۾ ٿيون ڇاپو آيو. بنيان انهي ۾ ڪجھ اهم واڌارا ڪيا هئا. تڏهن کان وٺي ڪيترن ئي ملڪن ۾ انهي جون لکين ڪاپيون وڪرو ٿي چڪيون آهن. هن 1685ع ۾ ٻئين پارٽ جو واڌارو ڪيو. اها هڪ عيسائي عورت ڪرسٽيانا ۽ سندس ڪٽنب ۽ دوستن جي آکاڻي آهي. اهي به انهي ساڳئي رستي تي سفر ڪن ٿا جنهن تي ياتري(Pilgrim) آسماني شهر ڏانهن ويو هو.

بنيان 1680ع ۾ The life and Death of Mr. Badman ڇپرايو. انهي ۾ هن هڪ خراب زندگي گذاريندڙ شخص جي هيٺاهين ڏانهن ويندڙ سفر جا واقعا بيان ڪيا آهن. اهو تمثيلي انداز ۾ لکيل نہ آهي. اهو حقيقت ۾ پهريون انگريزي ناول آهي ۽ ڪردار جي نشوونما جو احوال آهي. هو 1682ع ۾ The Holy war ۾ وري تمثيل ڏانهن موٽي آيو. انهي ۾ هن هڪ سپاهي طور پنهنجن تجربن کي ڪم آڻيندي اهو بيان ڪيو آهي تہ مينسول جو شهر ڪيئن پنهنجي پهرئين معصوميت مان ڊايابولس جي هٿن ۾ وڃي پيو ۽ ڪيئن عمانوئيل انهي کي بچايو. اهو وري ڊايا بوليائين جي دغا بازي سبب ڪيئن آهستي آهستي دين تان ڦري ويو ۽ آخرڪار ڪيئن وري عمانوئيل انهي کي بچائي ورتو. بنيان پنهنجي زندگي ۾ مجموعي طور نظم ۽ نثر ۾ 40 ۽ 50 جي وچ ۾ ڪتاب ۽ پمفليٽ ڇپرايا ۽ هڪ ٻزن ٻيا ڪتاب ڇڏيا جيڪي سندس وفات کان پوءِ ڇپرايا ويا.

بنيان جڏهن ٻيون دفعو قيد ڪاٽي نڪتو تہ اختيارين کيس ڪا تڪليف نہ ڏني. هو بنا دير جي لنڊن ۾ مشهور ٿي ويو. سندس خطبو ٻڌڻ لاءِ شارٽ نوٽس تي وڏا ميڙ گڏ ٿي ويندا هئا. وچ هفتي ۾ هڪ ٿڌي صبح جو ستين بجي 1200 ماڻهو گڏ ٿي ويا. وري هڪ آچر ڏينهن 3000 ماڻهو هڪ اهڙي جاءِ تي گڏ ٿي ويا جنهن ۾ گنجائش فقط 1500 ماڻهن جي هئي. هو اڻٿڪ نموني پنهنجن تبليغي ڪمن ۾ مصروف رهيو ۽ آخرڪار ريڊنگ ۾ ٻن پيءُ پٽن ۾ صلح ڪرائڻ ويو ۽ موٽيو تہ رستي ۾ تيز مينهن سبب ڏاڍو بيمار ٿيو پيو ۽ 31- آگسٽ 1688ع تي لنڊن ۾ فوت ٿي ويو. کيس بنهل فيلڊز ۾ دفنايو ويو.

پلگرمس پراگريس، جنهن جان بنيان کي انگريز ليکڪن جي پهرئين صف ۾ بيهاريو آهي اهو تمام سادي ۽ سليس انگريزي زبان ۾ لکيل آهي. اهو سادي انگريزي جي تمام بهترين خزاني يعني بائيبل جي Authorized version جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي صلاحن تي هو رستي تان پٽڪي مشڪلاتن ۾ پئجي Wordly Wiseman وڃي ٿو پر عيسائي مبلغ ڪيس بچائي وٺي ٿو. اهڙي طرح هو ننيڙي دروازي وٽ پهچي ٿو ۽ Good will ڪيس سڌي ۽ سوڙهي رستي تي پهچائي ڇڏي ٿو. هو سڀ کان پهريان ترجمان Interpreter جي در تي پهچي ٿو جتي ڪيس تصويرن ۽ مثالن جي مدد سان ڪيترائي سبق پڙهايا وڃن ٿا. پوءِ هو هڪ اهڙي جاءِ تي پهچي ٿو جيڪا ڪجه چاڙهي تي آهي ۽ انهي جي مٿان هڪ صليب رکيل آهي ۽ ٿورو هيٺ تري ۾ هڪ تربت، آهي. اهو منظر ڏسڻ سان بار سندس ڪلهن تان هيٺ ڪري ٽيڙ ڪائيندو تربت ڏانهن ويو هليو اهو اتي ڪري پيو ۽ وري مون کي نظر نه آيو".

هو خوش ٿيندو پنهنجي واٽ تي هلندو رهي ٿو. رستي ۾ کيس Presumption ۽ Simple, Sloth ملن ٿا. اهي ۽ Formalist ۽ Hypocrisy به سندس صلاح تي ڪن نه ٿا ڏين ۽ جلدئي بري انجام تي پهچن ٿا. پوءِ کيس Hill Difficulty تي چڙهڻو پوي ٿو. اتي هو ننڊ پئجي وڃڻ ۽ Roll کي غلط جاءِ تي رکڻ سبب ڏکيائي ۾ اچي وڃي ٿو رول آسماني شهر ۾ داخل ٿيڻ لاءِ سندس ٽڪيٽ هئي ۽ کيس صليب وٽان ملي هئي. هو رات جو دير سان House Beautiful پهچي ٿو. هو اتي تقريباً تي ڏينهن رهي ٿو. اتي Prudence, Piety ۽ charity کيس سکيا ڏين ٿيون. پوءِ هو نجات جي زره بڪتر ويڙهي اتان روانو ٿئي ٿو.

هو اڃا اڳتي Valley of Humiliation ۾ وڃي ٿو. اتي کيس Apollyon للڪاري ٿو. بنيان جيئن ته ڪنهن وقت سپاهي رهيو هو تنهن ڪري لڙائي بابت ڪجه ڄاڻ اٿس. خود شيڪسپيئر به لڙائي بابت اپوليون جهڙي وحشت سان پريل للڪار تخليق نه ڪري سگهيو آهي: "پاڻ کي موت لاءِ تيار ڪر. آءٌ قسم ٿو کڻان ته تون ذري برابر به اڳتي نه وڌي سگهندين. آءٌ اتي جو اتي تنهنجي روح کي هوا ۾ اڏاري ڇڏيندس." انهي کان پوءِ ٿيندڙ شديد لڙائي جو به سگهاري انداز ۾ بيان ڏنل آهي. پوءِ ڪرسچين کي موت جي پاڇي جي ماتري جي خطرن ۽ مشڪلاتن مان رات جي وقت پنهنجو رستو ڳولهڻو پوي ٿو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صبح جو ڪيس پيو زيارتي Faithful ملي وڃي ٿو. هو بہ ڪيس اج تائين سوڙهي رستي تي ڪيس پيش آيل واقعا پڌائي ٿو. پوءِ Talkative اچي انهن سان ملي ٿو. هو پنهنجي چرب زباني وارين مذهبي ڳالهين سان Faithful کي پنهنجي پاسي ڪري وڃي ٿو پر ڪرسچين جيئن تہ انهي شخص کان واقف هو تنهن ڪري هو Faithful کي خبردار ڪري ٿو تہ عام ماڻهو تہ انهي کي ٻاهر صوفي، گهر ۾ شيطان جي نالي سان سڏيندا آهن. فيٿ فل بہ جلدئي تيز سوالن جي ذريعي Talkative جي ڳالهين جي سطحي پڻي کان واقف ٿي وڃي ٿو ۽ هو بہ پوءِ سندن سنگت مان ڌار ٿي وڃي ٿو. اهي هلندا اچي Vanity Fair پهچن ٿا جتي واپارين کي انهن جي ديانداري ناقابل برداشت لڳي ٿي. انهن کي هڪ پڃري ۾ بند ڪري Lord Hate_ Good آڏو فيصلي لاءِ پيش ڪيو وڃي ٿو. بنيان کي انهي واقعي جي منظر ڪشي ۾ مدد لاءِ پنهنجن فيصلن جو گهڻو تجربو حاصل هو. فيٿ فل کي ڏوهي قرار ڏئي مٿس تشدد ڪيو وڃي ٿو ۽ ٽوٽيءَ سان هڏي ساڙيو وڃي ٿو. ڪرسچين کي پوليس جي حوالي ڪيو وڃي ٿو پر هو فرار ٿي وڃي ٿو.

پوءِ هن سان Hopeful اچي ملي ٿو. هو باقي سموري سفر ۾ هن جو ساٿي ٿئي ٿو اهي By_ ends ,Hold_ the_ world ,Money_ love ۽ Save all سان بحث مباحثا ڪن ٿا. اهي ڊيماس جي چانديءَ جي کاڻ ۾ تباهي کي منهن ڏين ٿا. اهي By_ path Meadow جي کولي ۾ اچي وڃن ٿا ۽ Giant Despair انهن کي قيد ڪري Doubting Castle ۾ بند ڪري ڇڏي ٿو. پوءِ ڪرسچين کي Promise نالي پنهنجي ڪنجي ياد اچي وڃي ٿي ۽ هو انهن جا دروازا کولي ٿو. انهي هوندي بہ ٻاهرئين لوهي ڦاٽڪ جو قلف "تمام سخت ٿي ويو هو".

پوءِ هو Delectable Mountains تي پهچن ٿا جتي ريڍار انهن کي صلاحون ڏين ٿا. پوءِ هڪ پاسي واري رستي تان Ignorance اچي ٿي. هن کي پاڻ تي ڏاڍو اعتماد اهي. اهي خوشامدي (Flatterer) جي جار ۾ ڦاسي پون ٿا. Enchanted Ground تي سجاڳ رهن ٿا ۽ Land of Beulah ۾ داخل ٿي وڃن ٿا. اهڙي طرح اهي اونداهي ندي تي پهچن ٿا. هوپفل، ڪرسچين کي اها

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهاڳي پار ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿو ۽ آسماني شهر ۾ Shining ones انهن جو استقبال ڪن ٿا.

پلگرمس پراگريس جي ٻئين حصي ۾ ڪرسچين جي زال ۽ ٻار هڪ نوجوان پاڙيسري مرسي (Mercy) جي ساٿ ۾ هن واري رستي هلي پون ٿا. اهي ترجمان (Interpreter) جي گهر پهچن ٿا. اتي اهي شين ذريعي سبقن ۽ علامتي ٽيبلو جا نوان مجموعا ڏسن ٿا. اتان روانگي تي انهن کي Mr. Great Heart پنهنجو سونهون ۽ محافظ ٿي ملي ٿو.

هل ڊفيڪلٽي تي مٿي چرهندي وڻن جي هڪ جهڳٽي ۾ ڪرسٽينا پنهنجون شراب جون بوتلون ڇڏي وڃي ٿي جيئن ڪرسچين پنهنجو Roll ڇڏي ويو هو. چوٽي تي House Beautiful جي ڦاٽڪ وٽ Grim نالي هڪ ديو شينهن جهليو بيٺو هو پر Great Heart انهي کي تلوار جو ڌڪ هڻي ڪيرائي ڇڏيو. اتي موسيقي سان انهن جو آڌرڀاءُ ڪيو وڃي ٿو ۽ Piety, Prudence ۽ Charity ڪرسٽيانا جي ٽن پٽن کي سوالن جوابن ذريعي عيسائيت جي تعليم ڏين ٿيون. مسٽر برسڪ نالي هڪ شخص مرسي سان محبت جو اظهار ڪري ٿو پر جڏهن ڏسي ٿو ته هو پنهنجو وقت فلاحي ڪمن ۾ خرچ ڪري ٿي ته پنهنجي محبت تان دستبردار ٿي وڃي ٿو. ميٿيو برائي جو ڦل کائي بيمار ٿي پوي ٿو پر ڪرسٽيانا پاران ناهيل هڪ دوا کائي چاق ٿي وڃي ٿو.

انهن کي Valley of Humiliation ڏاڍي سائي سرسبز ۽ وڻندڙ نظر اچي ٿي ۽ اهي موت جي ڀاڄي جي ماٿري مان به خير سان ٽپي وڃن ٿا. حقيقت ۾ انهن جو زيارت جو سفر ڪرسچين جي سفر کان گهڻو خوشگوار ۽ سولو گذري ٿو. رستي ۾ جيتوڻيڪ ديو گڏجن ٿا پر Great Heart انهن کي قتل ڪري ڇڏي ٿو. ڪرسٽيانا جا پٽ شاديون ڪن ٿا ۽ اسين موسيقي ۽ ڊانس بابت به پڙهون ٿا. رستي ۾ اهي هي دوست ساٿي به پاڻ سان گڏ ڪندا وڃن ٿا. Honesty, Feeble mind, Valiant for, Mrs Much Afraid, Despondency, Ready to halt, Stand fast ۽ truth.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙي طرح اهي زيارتي آخر ندي جي ڪناري تي پهچن ٿا ۽ هڪ هڪ ٿيندا پار ٿيندا وڃن ٿا. اڳ ۾ وڏي عمر وارا ٿين ٿا ۽ سڀ کان اڳ ڪرستيانا ٿيپي ٿي. اهي پنيان پنهنجن دوستن لاءِ نياپا ڇڏيندا وڃن ٿا. سيني کان وڌيڪ ڪامياب Valiant for Truth آهي جنهن جا لفظ شايد بنيان جو پنهنجو اقرار آهن.

"آءٌ پنهنجي تلوار انهي کي ڏيندس جيڪو منهنجي زيارتي سفر ۾ ڪامياب ٿيندو ۽ آءٌ پنهنجي همٿ ۽ مهارت انهيءَ کي ڏيندس جيڪو انهن کي وٺڻ جو اهل هوندو. آءٌ پنهنجون نشانيون ۽ ڏکن جا نشان پاڻ سان گڏ کڻي ويندس جيئن اهي منهنجا شاهد بڻجي سگهن. مون هن جون جنگيون لڙيون آهن ۽ هاڻي اهو ئي مون کي صلو ڏيندو.

"اهڙي طرح هو ٽيپي پئي پاسي ٽي ويو ۽ ٻئي طرف هن لاءِ نغارا وڄڻ لڳا.

ଔଷ୍ଠ

# 22. الف ليليٰ

انهي ڪتاب کي ڪڏهن The Arabian Nights ته ڪڏهن The Thousand and one Nights Entertainments جي ڪجھ وڌيڪ درست نالي سان سڏيو ويندو آهي. پر اسين ڪتاب کي ڪهڙي به نالي سان سڃاڻون اهو آکاڻين جي شوقين عوام لاءِ پيش ڪيل سڀ کان مشهور ۽ مقبول ڪتاب آهي.

انهي ڪتاب ۾ شامل سڀ ڪهاڻيون مشرقي آهن جيڪي سڀ کان اڳ عربي ۾ لکيون ويون هيون ۽ اهي يورپ ۾ سڀ کان اڳ هڪ فرانسي زبان ۾ ٿيل ترجمي جي ذريعي مشهور ٿيون. اهو ترجمو انتوئين گالنڊ نالي هڪ فرانسي اسڪالر ارڙهين صدي جي اوائل ۾ ڪيو هو. انهي مشرق ۾ ڏاڍا سير سفر ڪيا هئا ۽ عربي ۽ ٻين مشرقي زبانن تي مڪمل مهارت حاصل هئس. گالنڊ جو ترجمو 1704ع کان 1717ع جي دوران ڪيترن ئي جلدن ۾ آيو ۽ انهي جو تمام گرم جوشي سان آڌرڀاءُ ٿيو. گالنڊ انهن ادبي معززين مان هو جن کي ڪجھ قدر حقارت سان گرب اسٽريٽ جا منشي چيو ويندو آهي. پر وقت گذرڻ سان ٻيا به ۽ تمام سٺا ترجما به ٿيا جيڪي بجا طور مقبول ٿيا. انهن مان سڀ کان مشهور شايد هڪ انگريز سياح ۽ مستشرق سر رچرڊ برٽن جو آهي. اهو سڀ کان اڳ انڊيا ۾ بنارس مان 1885ع ۾ محدود انداز ۾ ڇپيو.

گالنڊ جنهن مخطوطي کي ترجمي لاءِ پنهنجو بنياد بڻايو اهو هن شام ملڪ مان حاصل ڪيو هو ۽ اهو لڳي ٿو ته هڪ سو سال اڳ مصر ۾ لکيو ويو هو. پر انهي ۾ شامل آکاڻيون انهي کان گهڻيون آڳاٽيون آهن. پر اهو ٻڌائڻ ناممڪن آهي ته اهي ڪيتريون آڳاٽيون آهن. انهن بابت سڀ کان اوائلي تذڪرو هڪ قسم جي تاريخي انسائيڪلوپيڊيا ۾ ملي ٿو جيڪو مسعودي نالي هڪ عرب 950ع ۾ لکيو هو. مسعودي مطابق سندس دور جي عربن ۾ ڪيترائي ڪتاب مروج هئا جيڪي انهن وٽ فارسي، هندي، يوناني ۽ ٻين ماخذن مان ترجمي جي صورت ۾ پهتا هئا ۽ انهن مان هڪ جو نالو هزار افساني هو. انهي نالي جو جڏهن فارسي مان عربي ۾

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ترجمو ڪيو تہ انهي جي معنيٰ ٿيندي هڪ هزار آکاڻيون. ڪتاب کي عام مقبول نالو "هڪ هزار ۽ هڪ راتيون" جو ڏنو ويو هو. انهي تي اهو نالو انهي ۾ شامل هڪ آکاڻي تان پيو. اها آکاڻي هڪ ايراني بادشاھ بابت آهي جنهن جي اها عادت هوندي هئي تہ هو شادي جي پهرئين رات زال سان گڏ گذارڻ کان پوءِ انهي کي صبح جو قتل ڪرائي ڇڏيندو هو. انهي ڪهاڻي ۾ اهو ٻڌايل آهي تہ ڪيئن هڪ نوجوان هوشيار شهزادي جيڪا صبح جو قتل ٿيڻي هئي اها ڪيئن شادي جي رات هڪ آکاڻي ٻڌائي قتل کان بچي وئي. ٿيو ائين جو سندس ڪهاڻي صبح جو هڪ اهڙي دلچسپ نقطي تي پهتي جو بادشاھ آکاڻي ٻڌائيندڙ کي وڌيڪ هڪ رات مهلت ڏيڻ تي راضي ٿي ويو جيئن هوءَ اها مڪمل ڪري سگهي. اهڙي طرح اها ڪهاڻي هر رات هلندي رهي ڇاڪاڻ تہ چالاڪ ڇوڪري بادشاھ جي "اڳتي ڇا ٿيندو" بابت ڄاڻڻ جي فطري خواهش کي ڪتب آڻي رهي هئي.

انهي ڪهاڻي کي "مها ڪهاڻي" ڪوٺي سگهجي ٿو ۽ اسان جو مجموعو بہ انهي سان شروع ٿئي ٿو. هتي اسين انهي جو سر رچرڊ برٽن جي ڪجھ عجيب ٻولي ۾ مختصر خاڪو ڏيون ٿا.

گذريل دور ۾ تمام گهڻو وقت اڳي هندوستان ۽ چين جي ٻيٽن ۾ هڪ بادشاهن جو بادشاھ هوندو هو جنهن جو نالو شهريار هو. هن هڪ ڏينهن پنهنجي راڻي ۽ سندس خاص ٻانهين کي ڪجھ سفيد فام غلامن سان وڏي بي وفائي جهڙو ڪم ڪندي ڏسي ورتو. هن کي انهي تي ايترو تہ صدمو پهتو جو هو هوش حواس وڃائي رڙيون ڪرڻ لڳو تہ: "انسان بلڪل اڪيلائي ۾ ئي هن گندي دنيا جي ڪارگذارين کان محفوظ رهي سگهي ٿو! الله جو قسم زندگي هڪ وڏي غلطي کان سواءِ ڪجھ بہ نہ آهي!" پوءِ هو پنهنجي تخت تي ويٺو ۽ پنهنجي وزيراعظم کي گهرايائين. "آءٌ توکي حڪم ڏيان ٿو" هن چيو "تہ منهنجي زال کي وٺي وڃ ۽ ڪيس تلوار جو ڌڪ هڻي ماري ڇڏ ڇاڪاڻ تہ هن سندس واعدي ۽ ايمان جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي." انهي تي وزيراعظم راڻي کي مقتل ڏانهن وٺي ويو ۽ ڪيس قتل ڪري ڇڏيائين. انهي کان پوءِ بادشاھ شهريار پنهنجي حرم سراءِ ۾ ويو ۽ سيني خطاڪار داشتائن ۽ ٻانهين کي قتل ڪري ڇڏيائين. هن پوءِ اهو قسم کڻي ڇڏيو تہ هو جنهن بہ زال سان شادي ڪندو تہ رات جو انهي جي ڪنوارپ ختم ڪرڻ کان پوءِ ڪيس

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صبح جو قتل ڪري ڇڏيندو جيئن سندس عزت محفوظ رهي سگهي. ڇاڪاڻ ته زمين جي تختي تي نه اڳ ۾ ڪا پاڪدامن عورت رهي هئي نه هاڻي آهي. پوءِ شهريار پنهنجي وزير کي حڪم ڪيو ته هو ڪيس انهي رات جي ڪنوار آڻي ڏئي جنهن سان هو رات گذاري انهي تي وزير هڪ امير جي ڌيءُ پيش ڪئي. هو تمام سهڻي ڇوڪري هئي. بادشاهه شام جو هن وٽ ويو ۽ پرهه ڦٽڻ سان وزير کي انهي جو سر قلم ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيائين. وزير سلطان جي ڊپ کان حڪم عدولي نه ڪري سگهيو ۽ ڇوڪريءَ جو سر قلم ڪري ڇڏيائين.

بادشاهه تي ورهيه لڳاتار اهو ڪم ڪندو رهيو. هر رات هڪ دوشيزه سان شادي ڪندو هو ۽ صبح جو ڪيس مارائي ڇڏيندو هو. هاڻي عوام هن خلاف واويلا شروع ڪئي ۽ کيس پٽڻ شروع ڪيو ۽ الله کان دعائون گهرڻ لڳو ته بادشاهه ۽ سندس حڪومت کي تباهه ڪري عورتن پنهنجي سر هاءِ گهوڙا شروع ڪئي. مائرون روئڻ لڳيون ۽ والدين پنهنجون ڌيئرون وٺي ملڪ مان ڀڄڻ لڳا. ايستائين جو شهر ۾ شادي جي عمر جي ڪا نوجوان عورت بچي ئي نه.

هاڻي بادشاهه پنهنجي وزيراعظم کي پنهنجي دستور موجب ڪنواري عورت پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو. هي اهو ئي وزير هو جنهن کي عورتن جا سر قلم ڪرڻ جو حڪم مليل هو. وزير ويو هليو ۽ وڃي ڳولها ڪيائين پر کيس ڪا به ڪنواري عورت نه ملي. تنهن ڪري هو ڏک ۽ پريشاني ۾ گهر آيو. کيس ڊپ هو ته بادشاه کيس مارائي ڇڏيندو. انهي وزير کي شهرزاد ۽ دنيازاد نالي ٻه ڌيئرون هيون. انهن مان وڏيءَ ڪتاب، تاريخون، اڳين بادشاهن جا قصا، ڪهاڻيون، مثال ۽ گذريل دور جي ماڻهن ۽ شين جا احوال پڙهيا هئا. چيو ٿي ويو ته هن قديم قومن ۽ اڳوڻن حڪمرانن جي تاريخن بابت هڪ هزار ڪتاب گڏ ڪيا هئا. هن فلسفي ۽ سائنس، علمن ۽ فنن جو اڀياس ڪيو هو. هوءَ تمام وڻندڙ ۽ خوش اخلاق، عقلمند ۽ حاضر جواب هئي. هن گهڻو پڙهيو هو ۽ سندس تربيت به سٺي انداز ۾ ٿي هئي.

هاڻي انهي ڏينهن هن پنهنجي پيءُ کي چيو "آءٌ توهان کي ايترو بدليل ۽ پريشاني جي بار هيٺ دٻيل ڇو پئي ڏسان؟" پوءِ وزير کيس اهي سڀ ڳالهيون کيس شروع کان آخر تائين ٻڌايون جيڪي هن ۽ بادشاهه جي وچ ۾ ٿيون هيون. انهي تي هن چيو: اي بابا! عورتن جو اهو قتلام آخر ڪيستائين جاري رهندو؟ آءٌ توهان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي پنهنجي ذهن ۾ موجود ڳالهه ٻڌايان جنهن سان ٿي ڏريون تباهي کان بچي سگهن ٿيون؟ "پلي ٻڌاءِ اي منهنجي ڌيءُ!" هن چيو. انهي تي سندس ڌي چيو: "منهنجي مرضي آهي ته توهان منهنجي شادي بادشاهه شهريار سان ڪرايو. پوءِ يا ته منهنجي حياتي بچندي يا آءٌ به مسلمانن جي ڪنوارين ڌيئرن جو فديو ٿي انهن جي توهان ۾ بادشاهه جي هٿن کان نجات جو سبب بڻجنديس." "توتي الله رحم ڪري" وزير شديد ڪاوڙ ۾ رڙ ڪئي. اي ڪم عقل ڇوڪري! پنهنجي زندگي اهڙي خطري ۾ نه وجهه توکي اها همت ڪيئن ٿي آهي جو مون سان اهڙيون ڏاهپ کان وانجهيل ۽ حماقت سان پربل ڳالهيون ٿي ڪرين؟ توکي خبر هئڻ گهرجي ته جنهن کي دنياوي معاملن جو تجربو گهٽ هوندو آهي اهو مصيبت ۾ ڦاسي پوندو آهي..... توهان کي اهو ڪم لازماً ڪرڻو پوندو. هن وچ ۾ ڳالهايو مون کي اهو ڇڱو ڪم ڪرڻ ڏيو. ڇڏيوس ته هو پلي مون کي ماري ڇڏي. آءٌ ٻين جي جان آزاد ڪرائي پاڻ موت قبوليندس." "اي منهنجي ڌيءَ!" هن پڇيو انهي مان توکي ڪيئن فائدو ملندو؟ جڏهن ته تون پنهنجي زندگي تان هٿ کڻي چڪي هوندين؟ انهي تي ڇوڪري ورندي ڏني "اي منهنجا بابا! ائين ضرور ٿيندو. پلي انهي جو ڪهڙو به نتيجو نڪري؟"

هاڻي وزير به واويلا ۽ بحث مباحثي مان بيزار ٿي پيو هو ۽ ڏنائين پئي ته ڇوڪري ڪنهن به ريهڻ ريبڻ ۽ هر ڪائڻ ۾ نه ٿي اچي ته بادشاهه شهريار وٽ ويو ۽ آداب بجا آڻڻ ۽ هن جي سامهون زمين چمڻ کان پوءِ کيس پنهنجي ڌي سان شروع کان وٺي آخر تائين ٿيل بحث کان آگاهه ڪيائين ۽ کيس اهو به ٻڌايائين ته ايندڙ رات هو انهي ڌي کي وٽس آڻڻ گهر ٿو.

انهي تي بادشاهه تمام حيران ٿيو ڇاڪاڻ ته هن وزير جي ڌي لاءِ خاص رعايت ڏئي ڇڏي هئي ته انهي جي بادشاهه سان شادي نه ٿيندي پوءِ وزير کي چيائين! اي منهنجا تمام ديانتدار مشير! اها ڳالهه ڪيئن ٿي؟ توکي خبر آهي ته مون جنتن کي خلقيندڙ ذات جو قسم کنيو آهي ته هن رات کان پوءِ ايندڙ صبح جو آءٌ توکي چوندس ته هن کي وٺي وڃ ۽ کيس قتل ڪري ڇڏ ۽ تون جيڪڏهن انهي کي قتل نه ڪندين ته آءٌ انهي جي بجاءِ توکي قتل ڪري ڇڏيندس." "الله توهان جا درجا بلند ڪري ۽ توهان جي حياتي وڌائي! اي هن دور جا بادشاها!" وزير جواب ڏنو هن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڪو ارادو ڪري ڇڏيو آهي. مون ڪيس اهي سڀ ۽ ٻيون به ڪيتريون ئي ڳالهيون ٻڌايون آهن. پر اها منهنجي ڪابه ڳالهه نه ٿي ٻڌي ۽ سندس اصرار آهي ته هو اينڌڙ رات بادشاهه سلامت سان گڏ گذاريندي. انهي تي شهريار تمام خوش ٿيو ۽ چيائين "اها سٺي ڳالهه آهي. وڃ ۽ ڪيس تيار ڪر ۽ هن رات ڪيس مون وٽ وٺي اچ.

پوءِ شهرزاد پنهنجي ننڍي ڀيڻ دنيا زاد کي چيو: آءٌ جيڪي هدايتون توکي ڏيان ٿي اهي غور سان ٻڌ. آءٌ جڏهن بادشاهه وٽ وينديس ته پنيان توکي گهرائي ونديس. پوءِ تون جڏهن مون وٽ اچين ته مون کي چئجان ادي تون ننڊ نه ڪر، مون کي ڪا نئين، وڻندڙ ۽ دلچسپ اکاڻي ٻڌاءِ جيئن اسين جيڪو وقت سجاڳ آهيون اهو سٺي نموني گذاري سگهون! پوءِ آءٌ توکي هڪ اهڙي ڪهاڻي ٻڌائينديس جيڪا الله چاهيو ته اسان جي نجات جو سبب بڻبي ۽ بادشاه کي پنهنجي خونخوار ريت کان بچائيندي

جڏهن شام ٿي ته وزير پنهنجي ڌي کي وٺي بادشاهه جي حاضري ۾ ويو جيڪو تمام خوش ٿيو. پر جڏهن هو ڇوڪري کي وٺي وڃڻ لڳو ته هن روئڻ شروع ڪيو. انهي تي هن ڇوڪري کان پڇيو: توکي ڪهڙي تڪليف آهي؟ هن وراڻيو "اي منهنجا بادشاه! مون کي هڪ ننڍڙي ڀيڻ آهي. آءٌ انهي کان موڪلائڻ گهران ٿي. انهي تي بادشاهه دنيا زاد کي گهرائي ورتو. هو اچڻ سان پنهنجي ڀيڻ جي ڇاتي کي چنبڙي پئي ۽ پوءِ بستري جي پاسي کان سمهي پئي.

اڌ رات ٿي ته شهرزاد جاڳي ۽ پنهنجي ڀيڻ کي اشارو ڪيائين. هوءَ به اٿي ويني ۽ چوڻ لڳي: مون کي ڪا نئين دلچسپ ۽ وڻندڙ آکاڻي ٻڌاءِ جيئن اسين رات جو باقي وقت گذاري سگهون. "اتفاق سان بادشاهه کي به ننڊ نه پئي آئي ۽ بي آرامي پئي محسوس ڪيائين تنهن ڪري هو به آکاڻي ٻڌڻ جي تجويز تي خوش ٿيو. "چڱو ٻڌا." هن شهرزاد کي چيو. انهي تي شهرزاد خوش ٿي ۽ اهڙي طرح هڪ هزار هڪ راتين مان پهرئين تي هن واپاري ۽ جن جي ڳالهه ٻڌائي.

اها ڪهاڻي اسان تائين ٻهتل سيني ترجمن ۾ سڀ کان اڳ اچي ٿي. انهي جو اختصار ڏجي ٿو: انهي ۾ هڪ امير واپاري جي ڳالهه ٻڌايل آهي جيڪو سفر تي وڃي ٿو ۽ هڪ ڏينهن هن جڏهن هڪ وڻ هيٺان ويهي کارڪون پئي کاڌيون ته انهن جون کوکڙيون پنيءَ پنيان اڇلائيندو پئي ويو. انهن مان ڪجهه وڃي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ خوفناڪ جن جي پٽ جي سيني تي لڳيون ۽ هو بدقسمتي سان مري ويو. انهي تي جن اچي واپاري کي ڌمڪايو تہ هو کيس اُتي جو اتي ماري ڇڏيندو. واپاري کيس عرض ڪيو تہ هو کيس ڪجھ مهلت ڏئي جيئن هو گهر وڃي پنهنجا معاملا درست ڪري سگهي. انهي کان پوءِ هو موٽي ايندو ۽ پنهنجي مقدر کي منهن ڏيندو. جِنُ انهي تي راضي ٿي ويو. انهي کان پوءِ جڏهن واپاري اتي واپس اچي جن جو انتظار ڪري رهيو هو تہ اتي ٽي شيخ اچي پهتا. جن سيني واپاري جي ڳالهہ ٻڌي ۽ سندس بدبختيءَ تي افسوس جو اظهار ڪيو. آخرڪار انهن هڪ رٿ رٿي جنهن سان هو شايد بچي وڃي. آخرڪار جڏهن جن ظاهر ٿيو تہ انهن کيس تجويز ڏني تہ هو ٽئي هڪ هڪ آکاڻي ٻڌائيندا. اها جيڪڏهن کيس وڻي تہ هو انعام طور واپاري جي رت جو ٽيون حصو انهن کي ڏئي. جن انهي تي راضي ٿي ويو. اچا پهرئين ڳالهہ اڌ ۾ هئي جو چالاڪ شهرزاد ڏٺو تہ باک ڦٽي رهي هئي ۽ اتڪل ڪري ماٺ ٿي وئي. سندس ڀيڻ کيس ڳالهہ جاري رکڻ تي زور ڀريو انهي تي هن وراڻي ڏني تہ هو پاڻ ڳالهہ پوري ڪرڻ گهري ٿي پر هو تڏهن پوري ڪندي جڏهن بادشاهہ کيس ايندڙ رات تائين زنده ڇڏي.

اها ڳالهہ ٻڌي بادشاهہ پنهنجي منهن ڳالهايو: "الله جو قسم آءُ کيس ايستائين قتل نہ ڪندس جيستائين آءُ سندس وات مان سندس ڳالهہ جو باقي حصو نہ ٻڌان". پوءِ بادشاهہ ۽ شهرزاد رات جو باقي حصو هڪ ٻئي جي ٻانهن ۾ گذاريو ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو جڏهن وزير محلات ۾ پهتو تہ حيران رهجي ويو ڇو تہ هن کي پڪ هئي تہ سندس ڌي قتل ٿيندي ۽ هن انهي لاءِ ڪفن پڻ آندو هو. هاڻي اهو طريقو شروع ٿيو تہ هر روز هلندو رهيو تان جو شهرزاد مان بادشاهہ کي پٽ ڄائو. تڏهن هن همٿ ڪري بادشاهہ کي پنهنجي اتڪل کان آگاهہ ڪيو. هو سندس ذهانت مان ايترو تہ خوش ٿيو جو سندس جان بخشي ڪري ڇڏيائين ۽ کيس پنهنجي دلپسند زال ڪري ڇڏيائين.

شهرزاد اهي ڪهڙيون آکاڻيون ٻڌايون جو سندس سر سلامت رهيو؟ لڳي ٿو تہ اُهي ڪهاڻيون اهي نہ آهن جيڪي موجوده مجموعي ۾ شامل آهن سواءِ شروع واري ڪهاڻي جي جنهن سان هڪ طريقو نهي پيو. لڳي ٿو تہ اهو مجموعو هڪ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صدي کان ٻي صدي ۾ هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ ۾ تبديل ٿيندو رهيو آهي. انهن جو سهيڙيندڙ پنهنجي ذوق يا سهوليت مطابق ڪي ڪهاڻيون خارج ڪندو ۽ ڪي شامل ڪندو رهيو آهي. اهو سلسلو تڏهن وڃي رڪيو جڏهن گالنڊ جو فرانسي ترجمو ڇپيو. تنهن کان پوءِ سمجهي سگهجي ٿو تہ انهن جو متن حتمي صورت ۾ آيو آهي.

هن مجموعي جون ڪجھ تمام مشهور ڪهاڻيون سڀ کان قديم مخطوطن ۾ ڏسڻ ۾ نہ ٿيون اچن. انهن ۾ علادين ۽ جادوئي ڏيئي ۽ علي بابا ۽ چاليهن چورن جون ڪهاڻيون اچي وڃن ٿيون. هارون الرشيد هڪ حقيقي تاريخي ڪردار آهي جيڪو ڪيترين ئي ڪهاڻين ۾ نظر اچي ٿو. هن 786ع کان 809ع ۾ پنهنجي وفات تائين خليفي جي حيثيت ۾ مسلمان دنيا تي حڪومت ڪئي. در حقيقت اينترين تہ گهڻين ڪهاڻين جو محل وقوع خليفن جي گادي جي هنڌ ۾ آهي جو اهو انومان ڪڍيو ويو آهي تہ انهن جو بنيادي ماخذ ڪهاڻين جو ڪو اهڙو ڪتاب هوندو جيڪو بغداد ۾ انهي جي تمام وڏي خوشحالي جي دور ۾ سهيڙيو ويو هوندو.

الف ليليٰ جي هڪ نمايان خصوصيت انهن جو شهواني رنگ آهي. اهو ئي سبب آهي جو انهن کي مشرق ۾ شائستہ ادب سان لاڳاپيل نہ ٿو سمجهيو وڃي. انهن کي اهڙي قسم جي ڪا شي سمجهيو وڃي ٿو جنهن مان مرد ماڻهو بازار ۾ چانهہ يا قهوو پيئڻ وقت هڪ ٻئي کي ويهي وندرائين. سر رچرڊ برٽن پنهنجي مترجم واري مهاڳ ۾ انهي جي عالمي مقبوليت ۾ انهي رڪاوٽ ڏانهن اشارو ڪيو آهي. هن انهي سادي معصوم ۽ ٻارن جهڙي ناشائستگي ۾ فرق ڪيو آهي جيڪا الجزائر کان جاپان تائين ادنيٰ ۽ اعليٰ طبقي جي عام گفتگو ۾ نظر اچي ٿي. هو انهي کي درگذر جي نظر سان ڏسي ٿو ۽ ڪليل بي حيائي، مذاق ۽ ڪل يورپ کي سختي سان ننديو ٿو.

بهرحال مجموعي طور اسان کي برٽن جي انهي راءِ سان متفق ٿيڻو پوندو تہ الف ليليٰ جو عام رنگ تمام اعليٰ ۽ پاڪ صاف آهي. انهن ۾ موجود عقيدتمندي وارو جوش جذبو گهڻو ڪري شدت پسندي جي نقطي تي پهچي وڃي ٿو. انهن جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيفيت منڍ، گهري، اصلي، نرم، سادي ۽ سچي آهي. ذهني رويو به مضبوط ۽ صحتمند آهي. انهي جون ڪهڙيون به خاميون هجن (هر پڙهندڙ پنهنجي لسٽ ناهيندو) پر عجيب غريب مهم جوئين ۽ ساموندي سفرن، اخلاقي ۽ تاريخي واقعن، جانورن جي آکاڻين، فلسفياڻين ۽ مذهبي بحثن ۽ وڏي محبتي عنصر وارن عشق معاشقي جي آکاڻين جي انهي غير معمولي مشرقي مجموعي نسلن کان وٺي مشرق ۽ مغرب جي پڙهندڙن کي لطف اندوز پئي ڪيو آهي ۽ اعتماد سان اميد ڪري سگهجي ٿي ته اهو ايندڙ نسلن کي به لطف اندوز ڪندو رهندو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 23. رابنسن ڪروسو

## ــ ڊينيئل ڊيفو ــ

لنڊن جي هڪ واپاري جو پٽ ڊينيئل ڊيفو 1660ع ۾ ڄائو ۽ جڏهن پنهنجو لازوال رابنسن ڪروسو لکيائين تڏهن سندس عمر لڳ ڀڳ 60 ورهيه هئي. انهي ڪي سموري دنيا ۾ ويران ٻيٽن وارين آکاڻين ۾ سڀ کان بهترين مڃيو ويجي ٿو. ڪيس نيونگٽن گرين، ۾ ريورنڊ چارلس مورٽن جي مذهبي اختلاف رکندڙ اڪيڊمي ۾ سٺي تعليم ڏني وئي ۽ جينوٽيڪ ڪيس مذهبي نوڪري ۾ موڪلڻ جا سانباها هئا پر هن واپار جي دنيا ۾ داخل ٿيڻ جو فيصلو ڪيو.

هن 24 ورهين جي ڄمار ۾ هڪ امير واپاري جي ڌيءَ سان شادي ڪئي جنهن ڏاج ۾ 3700 پائونڊ آندا. هن هڪ ورهيه جي اندر ئي ڪنهن مهم جوئي جي ڳولها ۾ مون مائوٿ واري بغاوت ۾ حصو ورتو. اتان واپسي تي هو مالي مشڪلاتن ۾ پئجي ويو ۽ ڪجھ عرصو قرضين جي جيل ۾ رهڻ کان پوءِ تل بري ۾ سرن ۽ ٽائيلن جو دڪان کوليائين. پوءِ صحافت ڏانهن ڦرندي هن ڪيترائي پمفليٽ لکيا جن مان هڪ "The Shortest Way with Dissenters" جي سبب هو وري جيل ۾ پئجي ويو.

ڪيترين ئي متفرق شين لکڻ کان پوءِ هن رابنسن ڪروسو لکيو جيڪو فوراً ڪامياب ٿي ويو. انهي کان پوءِ هن ڪيترين ئي ٻين دلچسپ آکاڻيون لکيون.

هو هڪ تمام سرگرم صحافي هو. سندس حافظي مان ڪا به ڳالهه وسرندي نه هئي ۽ سندس اک تمام ننڍيون ڳالهيون به نوٽ ڪري وٺندي هئي. هو پنهنجين سيني آکاڻين کي حقيقت جي تمام ويجهو ڪري ڇڏيندو هو. جيئن رابنسن ڪروسو مان پڻ نظر ايندو هن ڪي هر ڪردار جي اندر ۾ داخل ٿي وڃڻ جو ڏانءُ هو ۽ انهن جي واتان هو پنهنجا بيان ادا ڪرائيندو هو. انهي ڪري ئي

اليگزينڊر پوپ چيو هو تہ: هن جيڪو ڪجهہ لکيو آهي انهن سڀني ۾ ڪانہ ڪا سٺي ڳالهہ موجود هوندي آهي.

ڊيفو جي هٿان مان جيتوڻيڪ تمام گهڻي دولت آئي وئي پر مرڻ وقت هو بلڪل سُڃو هو.

جوان توڙي پوڙهن پڙهندڙن جي اڪثريت لاءِ چئي سگهجي ٿو تہ اصلي ڪهاڻي انهي وقت شروع ٿئي ٿي جڏهن ڪروسو هڪ حادثي جو شڪار سامونڊي جهاز مان اڪيلو بچي ٿو ۽ جيئن تيئن ڪري هڪ اهڙي ٻيٽ تي پهچي ٿو جيڪو اينڊزڙ اناويهن ورهين تائين سندس سموري ڪائنات رهي ٿو. پڙهندڙ انهي کان پوءِ انهي تباه حال پر هٿن سڄي مسافر جي هر اُلڪي، پريشاني توڙي مهم جوئي ۾ شامل رهي ٿو. انهي کان پوءِ هو سندس سمورن جذبن ۾ اڌمن. سندس تمام اندروني خيالن، سندس ڊپن، سندس اميدن، سندس نراسائين، اڪيلائي خلاف سندس اڻ کٽ جنگين، فطري حالتن سان سندس مقابلن واري ڏکيائين ۾ خطرن تي ڪاميابين ۾ آخرڪار انهي ٻيٽ تان نڪرڻ تي سندس بي انتها خوشي ۾ شريڪ رهي ٿو.

ڪروسو ٻيٽ تي پير رکڻ وقت تمام ڊنل آهي. هن وٽ هڪ چاقو تماڪ جي پائيپ ۽ هڪ ڊٻلي ۾ ٿوري تماڪ کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ آهي.

هو جهاز جي ڀڳل ڍانچي ڏانهن تري وڃي ٿو ۽ پاڻ کي هر ڪارآمد شي سان ليس ڪرڻ شروع ڪري ٿو. هو اتان سامان ڪٺي اچڻ لاءِ ٻنڍن جو هڪ تُرهو ناهي ٿو ۽ ان تي سڀ کان پهريان کاڌي پيتي جون شيون رکي ٿو: ماني، چانور، پنير، ڪجهہ ٻاڪرو گوشت ۽ مڪئي. هو ڪيپٽن جي اسٽاڪ مان شراب کٺي ٿو. پوءِ ڪپڙا ۽ اوزار گڏ ڪري ٿو. هو ڏاڍي عقلمندي سان اهو سوچي ٿو تہ ڊڪاٽڪي سامان جي پيتي هن لاءِ سون کان وڌيڪ قيمتي آهي. انهي کان پوءِ هو هٿيارن ۽ بارود ڏانهن توجهہ ڏئي ٿو.

پوءِ هو ڪناري تي موٽي ٿو ۽ پنهنجي علائقي جي تڪڙي چڪاس لاءِ هڪ ٽڪري تي چڙهي وڃي ٿو. اتي هو ڏسي ٿو تہ سمورو ٻيٽ غير آباد آهي. هو پنهنجي پهرين رات لاءِ کوکن ۾ سامان جي آڏ ڏئي هڪ قسم جو جهوپڙو ناهي ٿو.

هو ٻيڙيءَ جهاز ڏانهن بار بار اچي وڃي پنهنجي متفرق سامان ۾ واڌارو ڪندو وڃي ٿو. هن وٽ ڪوڪا، بارود، سڙهن جو ڪپڙو، قينچيون، چارٽ، نوڙ، چاقو، ڪانٽا، پاڪيون، رسيون ۽ ٻيو گهڻو ڪجهه گڏ ٿي ويو آهي.

انهي ڪان پوءِ ڪيس اها اُون ٿئي ٿي ته هو هڪ ننڍي غار جي سامهون هڪ تنبو هڻي. هو انهي پناهه گاهه کي مضبوط ڪلن جي ٻن اڌ گولن ۾ ويڙهي ڇڏي ٿو. هو سمجهي ٿو ته انهي قلعي جي اندر هو آرام سان ننڊ ڪري سگهي ٿو.

هو آهستي آهستي ڏاڍي محنت سان پنهنجي غار کي وڏو ڪندو وڃي ٿو. هو اتان نڪتل مٽي ۽ پٿرن کي هڪ ننڍو ٿلهو ناهڻ لاءِ ڪم آڻي ٿو. هڪ دفعو اوچتو وڄ جي چمڪاٽن سان طوفان آيو ته هن جو ڌيان پنهنجي بارود ڏانهن ويو هليو. تنهن ڪري هن اهو بنا دير جي ننڍڙين ڳوٿرين ۾ دٻلن ۾ ورهائي ڇڏيو.

ٻه هفتا گذرڻ ڪان پوءِ ڪيس خيال آيو ته هو انهي ٻيٽ تي لهڻ جي تاريخ 30 _ سيپٽمبر 1659ع هڪ ٿڙ تي لکي ڇڏي پر پوءِ هو ڏينهن، هفتن ۽ مهينن جو رڪارڊ رکڻ لاءِ ٿڙ تي ڏندا ڪيندو وڃي ٿو.

سندس جهاز تان آندل گڏ وچڙ سامان ۾ قلم، مس، ڪاغذ، ٽي يا چار قطب نما، حسابي اوزار، چارٽ، نيويگيشن جا ڪتاب ۽ ٽي بائيبل آهن. هو جهاز جو ڪتو ۽ ٻه ٻليون به ڪڍي آيو آهي.

هو ڊائري لکڻ شروع ڪري ٿو ۽ هڪ ڏينهن پنهنجي حالت جي هڪ قسم جي بيلينس شيٽ ناهي ٿو. هو انهي ۾ فيلسوفاڻي انداز ۾ لکي ٿو ته هر برائي مان ڪنهن قسم جو فائدو ملي سگهي ٿو. جيتوڻيڪ " هڪ خوفناڪ اڪيلي ٻيٽ" تي اڪيلو آهيان، هو سوچي ٿو "پر آءٌ زنده آهيان ۽ پنهنجي جهاز جي ٻين ماڻهن وانگر ٻڏي مري ته نه ويو آهيان". ۽ جنهن مون کي معجزاتي نموني موت کان بچايو آهي اهو مون کي هتان به ڪڍي سگهي ٿو..

هو زلزلي جي لوڏن ۽ شديد طوفان کي به منهن ڏئي ٿو. انهي کان پوءِ بخار کيس ڪيرائي وجهي ٿو. هو رَم ۾ ٻڏل تماڪ سان پنهنجو علاج ڪري ٿو. پر هو آهستي آهستي پوڄا ڪرڻ به شروع ڪري ٿو. جيتوڻيڪ هو هيستائين ڪو مذهبي ماڻهو نه رهيو آهي. هو زندگي جي اسرار تي سوچ ويچار ڪري ٿو ۽ جهاز تان آندل هڪ بائيبل ڪڍي ٿو ۽ روزانو انهي جو اڀياس ڪري ٿو. بخار ختم ٿيڻ کان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ هن جي دل ۾ اهو ڪم ڪرڻ جي چاهت پيدا ٿئي ٿي جيڪو هن اڳ ۾ ڪڏهن نه ڪيو هو. هو گوڏن ڀر جهڪڻ ۽ پوڄا جي ذريعي مهرباني مڃڻ گهري ٿو.

هن کي جڏهن ٻيٽ تي ڏهه مهينا گذري وڃن ٿا ته هن ۾ ڪجھ همٿ پيدا ٿئي ٿي ته هو ڪجھ ڳولها ڦولها ڪري. هو هڪ اهڙي سرسبز علائقي ۾ پهچي ٿو جتي هر شي سائي آهي ۽ انهي جي وچ ۾ هڪ تازي پاڻي جو چشمو آهي. هو ليما ۽ انگور گڏ ڪندي انهي خيال مان خوشي محسوس ڪري ٿو ته هو سموري ٻيٽ جو حاڪم آهي. اها ماتري ڪيس اينتري ته وڻي وئي جو هو گهڻو وقت اتي گذاري ٿو ۽ اتي پنهنجي لاءِ هڪ قسم جو ننڍڙو وڻن جو جهڳٽو ناهي ٿو ۽ انهي کي ڪجھ فاصلي تي اوچو لوڙهو ڏئي ٿو. هو اهو سوچي پاڻ کي ريجهائي ٿو ته هاڻي هن وٽ سمنڊ ڪناري گهر هئڻ سان گڏوگڏ هڪ ٻهراڙي وارو گهر به آهي. هاڻي سندس حوصلو بلند آهي.

ڪروسو ٻيٽ تي لهڻ جي پنهنجي ٻهرئين سالگرهه تي روزو رکي ٿو ۽ گهڻو وقت پوڄا ۾ گذاري ٿو.

هاڻي ڪيس پاڻ تي گهڻو اعتماد ٿي ويو آهي ۽ ٻيٽ جي هڪ ڪناري کان ٻي ڪناري تائين سروي جي رٿا ناهي ٿو. هو بندوق، ڪهاڙي، ڪتو ۽ چڱو خاصو سيڌو سامان به پاڻ سان گڏ کڻي ٿو. هو جڏهن پرئين پر واري ڪناري تي پهچي ٿو ته ڪيس ڪجھ فاصلي تي زمين نظر اچي ٿي پر سندس خوشي وقتي ثابت ٿئي ٿي ڪيس ڪنهن نامعلوم ڳالهه جو ڊپ ورائي وڃي ٿو ۽ ڪيس اهو به ڊپ ٿئي ٿو ته شايد افق تي نظر ايندڙ ڌرتي تي ڪي وحشي رهندا هجن تنهن ڪري هو پاڻ کي يقين ڏياري ٿو ته چڱو ٿيو جو هو اتي پري وينو آهي.

حقيقت ۾ ڪيس اها ڳالهه ڪُکي ٿي ته سندس مکيه اڏي کان هي پاسو وڌيڪ خوشگوار آهي. چاڪاڻ ته اتي ٻنيون ۽ ٻيلا ۽ گل ۽ گاهه جا ميدان آهن. ٻيلا طوطن سان ڀريا پيا آهن ۽ هو انهن مان هڪ ٻچڙو انهي ارادي سان کڻي ٿو ته هو انهي کي ڳالهائڻ سيکاريندو. انهي کوجنائي سفر ۾ هو هر روز به ميل اڳتي وڌي ٿو ۽ عام طور وڻن ۾ سمهي ٿو. هو ڪميون، ٻينگئن ۽ هر قسم جا پاڻين جا پکي ڏسي ٿو. هو قسمين قسمين کاڌن مان لطف اندوز ٿئي ٿو. ٻاڪرو گوشت، ڪميون، ڪبوتر، انگور ۽ ٻيو افروٽ کائي ٿو. هو پنهنجي سروي ۾ ساموندي ڪناري جي ٻارنهن ميلن

جي چڪاس ڪري ٿو ۽ پنهنجي سفر جي حد جي نشاني طور هڪ لڪڙو ڪوڙي ٿو ڇڏي جيئن ايندڙ سفرن مان انهي مان رهنمائي ملي.

واپسي تي ڪيس هڪ ٻيو پالتو جانور هڪ ٻڪري جو ٻچڙو ملي ٿو. هو انهي لاءِ هڪ پنو ناهي ٿو.

جهاز جي ٻيڙي جي مرمت جي بيسود ڪوشش کان پوءِ هو هڪ ڊونڊي ناهڻ جو ڪم شروع ڪري ٿو. پر انهي ڪم ۾ سندس ارادا تمام وڏا ٿي وڃن ٿا ۽ اها ايتري ته وڏي ۽ ڳري ٿي وڃي ٿي جو هو انهي کي پاڻي ۾ نه ٿو لاهي سگهي.

سال گذرندا ٿا وڃن. سندس ڪپڙا ڳري وڃن ٿا. هو انهن کان سواءِ گذارو ڪري وڃي ها پر ڪيس تيز اس کان بچاءُ جي ضرورت آهي. هو پنهنجي شڪار ڪيل جانورن جي کلن مان جڳاڙ ڪري هڪ ڇٽي ناهي ٿو ۽ ڪنهن قسم جا ڪپڙا به ناهي وٺي ٿو. وري ٿورڪ ڪندي چوي ٿو ته هو جيڪڏهن خراب واڌو آهي ته بدتر درزي آهي. هن جي پاڻ تي ڪلڻ جي صلاحيت به سندس حوصلو بلند رکڻ ۾ مدد ڪري ٿو.

بهرحال سندس واڌڪي ڪم ۾ ايتري بهتري اچي وڃي ٿي جو هو هڪ ننڍي سڙهن واري ڊونڊي ناهي وڃي ٿو.

ڪروسو ڪڏهن به بيڪار نه ٿو ويهي. سدائين ڪانه ڪا شي ناهيندو رهي ٿو. ڪڏهن چڪَ ڪڏهن ٽوڪرا ته ڪڏهن ڪو فرنيچر. هو مڪئي پوکي ٿو پنهنجون شيون ڪفايت سان ڪم آڻي ٿو ۽ چار ذريعي شڪار به ڪري ٿو جو هو سمجهي ٿو ته ڪنهن ڏينهن سندس بارود ختم ٿي ويندو ۽ ڪيس اهو طريقو ئي ڪم ايندو.

پوءِ سندس دلچسپ دريافتي ۽ مهم جوئي جي تاريخ جي وچ ۾ هڪ ڊرامائي لمحو اچي ٿو ۽ هو سمنڊ جي ڪناري تي هڪ انسان جي اگهاڙي پير جو نشان ڏسي ٿو. ڪيس ٻيو ڪو نشان نظر نه ٿو اچي. "آءُ ائين ٻيهي رهيس جيئن نه ڪنهن تي وڄ ڪري پئي هجي يا جيئن مون ڪو جن ڀوت ڏٺو هجي... مون ڪن ڏئي ٻڌو ۽ پنهنجي چوطرف نهاريو مون کي ڪجهه به ٻڌڻ ۾ نه آيو نه ئي مون ڪا شي ڏٺي... آءُ جڏهن پنهنجي قلعي وٽ پهتس... ته مون انهي ڏانهن ائين ڊوڙ وٺي پاتي جيئن نه ڪنهن جي پٺيان ڪو لڳل هجي... مون کي انهي رات ننڊ نه آئي...."

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهي. اهو چگو ٿيو ڇاڪاڻ ته جهاز مان اٺ سامونڊي لٽا جن وٽ ٽي هٿ پير ٻڌل قيدي هئا. جڏهن قيد ڪندڙ جهنگ ۾ ٽڙي پکڙي ويا ته ڪروسو ۽ فرائيڊي قيدين جي ويجها ويا ۽ ڏٺائون ته انهن مان هڪ جهاز جو ڪيپٽن ٻيو فرسٽ ميٽ ۽ هڪ مسافر هو. اهي جهاز تي ٿيل بغاوت جا شڪار هئا. ڪروسو انهن سيني کي هٿيار ڏنا ۽ انهن باغين جي اڳواڻن کي قتل ۽ ٻين کي قيد ڪري ڇڏيو. پر لنگر انداز ٿيل جهاز ۾ اڃا 26 باغي موجود هئا. جڏهن جهاز تان ڪجھ وڌيڪ ماڻهو ڇڪاس لاءِ ڪناري تي آيا ته ڪروسو انهن کي ڪنهن حرفت سان ٻيٽ تي اندروني ويو ۽ ٻين تي ڪنٽرول ٿي ويو. اهڙي طرح سيني باغين کي هڪ هڪ ڪري ٻڌيو ويو ۽ ڪروسو آخرڪار سڄھ ڪٽي انگلينڊ روانو ٿيو هن پنهنجي ڏکھي اڪيلائي جي نشاني طور پنهنجي ٻڪري جي کل جي ٽوپي ڇٽي پنهنجو هڪ طوطو ۽ اسپيني ٻگل جهاز مان هٿ آيل پئسا کنيا. اهي پئسا آخرڪار لڳو تي ته ڪنهن ڪم جا ٿيندا. هو لکي ٿو ته هو ڊسمبر 1686ع ۾ روانو ٿيو. تڏهن ڪيس ٻيٽ تي لٽي 28 ورهيہ 2 مهينا ٿيا هئا. هو ڏکھي سفر کان پوءِ فرائيڊي سان گڏ اهڙي طرح انگلينڊ پهتو جڻ ته هو سموري دنيا لاءِ اجنبي هجي ۽ اتي ڪير هن جو ڪو واقف ٿي نہ هجي."

انهي ڳالھ جي پڪ نہ آهي تہ رابنسن ڪروسو کان وڌيڪ ڪنهن ڪتاب جا ٻين ٻولين ۾ ترجما ٿيا هوندا يا انهي کان وڌيڪ ڇاپا نڪتا هوندا. اهو هڪ نہ ٻي شڪل ۾ ادائي سو سالن کان وڏي شوق سان پڙهيو پيو وڃي. هر پڙهندڙ ڊيفو جي قلم جي جادو ۾ منڊجي وڃي ٿو ڇاڪاڻ تہ جيئن ليکڪ ٻاڻ کي اليگزينڊر سلڪرڪ وانگر ڪري پيش ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو آهي تيئن هر پڙهندڙ بہ ٻاڻ کي رابنسن ڪروسو سمجهي ٿو. اليگزينڊر سلڪرڪ هڪ اسڪاٽلينڊي ماڻهو هو جنهن جو جهاز حادثي جو شڪار ٿي ويو هو ۽ هو هڪ ٻيٽ تي اچي پيو هو. ڊيفو پنهنجي لازوال شاهڪار جو بنياد انهي جي سچن واقعن تي رکيو آهي.

مڪمل ناول جيتوڻيڪ تمام ڏگهو آهي. پر ڊيفو جي سادي ۽ سڌي اسلوب انهي کي پڙهڻ ۾ سولو ڪري ڇڏيو آهي. انهي کان سواءِ جيئن ڪنهن ويران ٻيٽ ۽ اتي ڪنهن انسان پاران فطرت خلاف جنگ ۾ بهترين ڪم ڪرڻ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 24. گُليوورس ٽريولز

## ـــ جو ناٿن سئفٽ ـــ

آکاڻي تمام تڪڙ ۾ اڳتي وڌي ٿي. ماسٽر ليموئيل گليور هڪ صفحي ۾ ئي اسان کي پنهنجو پس منظر ٻڌائي ڇڏيو آهي (هو عمانوئيل ڪاليج ڪيمبرج ۾ پڙهيو. طب پڙهڻ ويو پوءِ هڪ جهاز جو سرجن ٿيو) ۽ پوءِ 4- مئي 1699ع تي ڏاکڻين سمنڊن ڏانهن سفر ڪيائين.

هڪ سو لفظن کان پوءِ نومبر جي مهيني ۾ هڪ ٻاهرئين ملڪ جي سامونڊي ڪناري تي انهن جو جهاز تباهہ ٿي وڃي ٿو. هو آرام ڪرڻ لاءِ پئجي رهي ٿو ۽ "آءٌ جڏهن سجاڳ ٿيس تہ ڏينهن جي روشني پکڙجي پئي هئي. مون اٿڻ جي ڪوشش ڪئي پر آءٌ چري پري نہ سگهيس. آءٌ جيئن تہ پُٺي پر سِتل هوس مون ڏٺو تہ منهنجيون ٽنگون ۽ ٻانهون ٻنهي پاسن کان مضبوطي سان زمين سان ٻڌل هيون ۽ منهنجا ڏگها ۽ گهاٽا وار بہ ساڳئي طرح ٻڌل هئا. ساڳئي طرح مون ڪيترين ئي سنهين رسين پنهنجن بغلن، سٿرن ۽ سموري جسم جي چوڌاري محسوس ڪيون.

"ٿوري دير ۾ مون محسوس ڪيو تہ ڪا زنده شي منهنجي کاٻي ٽنگ تي هلي رهي هئي. اها آهستي آهستي اڳتي وڌندي منهنجي سيني تي هلي آئي ۽ لڳ ڀڳ منهنجي ڪاڏيءَ وٽ اچي بيٺي. آءٌ پنهنجيون اکيون جيترو هيٺ ڪري سگهيس ٿي ڪيم تہ مون کي هڪ انساني مخلوق نظر آئي جيڪا 6 انچن کان بہ مٿي نہ هئي. انهي جي هٿن ۾ تير ڪمان ۽ پٺي تي ترڪش هو. انهي دوران مون محسوس ڪيو تہ ساڳئي قسم جا 40 (مون اهو اندازو هنيو) وڌيڪ ماڻهو پهرئين جي پٺيان پئي آيا. آءٌ تمام حيران هوس ۽ ايترو تہ زور سان رڙ ڪئي جو اهي سيئي خوف ۾ پٺتي وٺي ڀڳا ۽ جيئن مون کي پوءِ خبر پئي انهن مان ڪجھ جو منهنجي پاسن کان هيٺ ٽپا ڏنا هئا تہ ڏک لڳڻ سبب زخمي ٿي پيا هئا. بهرحال اهي جلد ئي واپس آيا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙي طرح ليموئيل گليور پاڻ کي لليپٽ جي زمين تي ڏسي ٿو. ننڍڙا رهواسي هن سان مهرباني سان پيش اچن ٿا. جيتوڻيڪ شروع ۾ کيس قيد ڪيو وڃي ٿو. جلدئي شهنشاهه کيس ڏسڻ اچي ٿو.

”سندس پوشاڪ ڏاڍي سادي ۽ ڪنهن آرائش کان خالي هئي. اها ايشيا ۽ يورپ جي وچ واري ڪنهن طرز جي هئي. پر انهي جي مٿي تي هڪ هلڪو سون جو ٽوپلو هو جيڪو جواهرن سان سينگاريل هو ۽ انهي جي مٿان هڪ کنبي لڳل هو. آءٌ جيڪڏهن رسيون ڇني پاڻ کي آزاد ڪري وٺان ته پنهنجي بچاءَ لاءِ هن جي هٿ ۾ هڪ تلوار هئي. اها تقريباً ٽي انچ ڊگهي هئس. سندس آواز هڪ سنهي ڪِيڪ هئي پر اهو ڏاڍو صاف ۽ چٽو هو“.

گليور شهنشاهه ۽ سموري دربار سان انهن سيني ٻولين ۾ مخاطب ٿئي ٿو جيڪي کيس اچن ٿيون ڊچ، لاطيني، فرانسي، اسپيني، اطالوي پر بيسود. پوءِ شهنشاهه به روانو ٿي وڃي ٿو. ڪيترن ئي ننڍڙن ماڻهن هن تي تير هلايا ته هن تي مقرر حفاظتي جٿي انهن سيني ڏوهارين کي گليور جي حوالي ڪري ڇڏيو جيئن هن کي جيڪا سزا وڻي انهن کي ڏئي“. مون انهن سيني کي پنهنجي ساڄي هٿ ۾ کنيو ۽ انهن مان پنجن کي پنهنجي ڪوٽ جي کيسي ۾ وجهي ڇڏيو ۽ ڇهين ڏانهن ائين منهن ڪري ڏٺو جيئن کيس زنده کائي ويندس. انهي ويچاري ڏاڍي خوفناڪ نموني رڙيون ڪيون ۽ ڪرنل ۽ سندس آفيسر به ڏاڍا پريشان ٿيا خاص طور انهن جڏهن مون کي پنهنجو قلم چاقو ڪڍندي ڏٺو. پر مون انهن کي جلدئي ڊپ مان ڪڍيو ۽ انهي کي آرام سان پٽ تي رکيو ته هو ڊوڙندو پري ويو هليو. مون ٻين سان به ساڳئي هلت ڪئي ۽ انهن کي هڪ هڪ ڪندو کيسي مان ڪڍندو ويس. انهي تي مون ڏٺو ته مون ٻاران انهي مهرباني تي عوام ۽ سپاهي ڏاڍا ٿورائتا ٿيا ۽ منهنجي انهي عمل کي دربار ۾ به منهنجي فائدي ۾ پيش ڪيو ويو.

تنهن کان پوءِ اهو ”جبل ماڻهو“ ـ ننڍڙا ماڻهو کيس انهي نالي سان سڏين ٿا (هو جلدئي انهن جي زبان سکي وٺي ٿو) ـ اتي تمام مقبول ٿي وڃي ٿو. کيس ڪجهه شرطن تي آزادي عطا ڪئي وڃي ٿي انهن مان ڪجهه هي آهن ته هو شهنشاهه جي علائقن مان سندس موڪل کان سواءِ ٻاهر نه ويندو هو اناجي فصلن ۾ نه سمهندو ۽ شهرين کي لتاڙڻ کان بچائڻ لاءِ وڏ ۾ وڏ ڪوشش ڪندو. هو پيغام پهچائڻ جي تيز

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رفتار ذريعي طور بہ پاڻ کي تيار رکندو ۽ شهنشاهہ جيڏانهن بہ پيغام موڪلڻ گهرندو هو پيغامبر ۽ گهوڙو پنهنجي کيسي ۾ کڻي ويندو.

۽ "مٿي بيان ڪيل سيني شرطن جي پوئواري جو حلف کڻڻ سان جبل ماڻهو کي گوشت ۽ شراب جو روزانو ايترو مقدار ملندو جيڪو اسان جي رعايا جي 1728 ماڻهن لاءِ ڪافي هوندو".

گليور انهي ڪان جلدئي پوءِ لليپٽ جي ماڻهن کي بليفسڪو جي بيٽ تي پنهنجن مخالفن جي ڪاهہ کان بچائي ورتو "اهو بيٽ لليپٽ جي اتر ۽ اتر اوڀر ۾ واقع هو ۽ انهي ۽ لليپٽ جي وچ فقط اٺ سو وال سامونڊي پٽي هئي. هو پاڻي ۾ لهي پوي ٿو ۽ اهو ڏسي بليفسڪائي ڏاڍا حيران ٿين ٿا ۽ لليپوٽيائي ڏاڍا خوش ٿين ٿا جو هو دشمن جي ٻيڙي جي ننڍڙن لنگرن جي زنجيرن کي گڏي ڇڪي لليپٽ جي بندر تي وٺي اچي ٿو.

پر اها سموري مهم جوئي جوناٿن سئفٽ (هنن تمام تخيلاتي سفرن جي حقيقي گليور) کي هڪ بهانو مهيا ڪري ٿي جيئن هو اسان کي انسان ذات ۽ دنيا جا معاملا هلائڻ بابت پنهنجا رايا ۽ تجويزون ڏئي سگهي. مثال طور: "اسين جينتوٽيڪ عام طور سزا ۽ انعام کي اهڙيون بہ ٽوٽيون چئون ٿا جن جي چوگرد حڪومتن جو سمورو نظام ڦري ٿو پر آءٌ ڏسان ٿو تہ اها ڳالهہ لليپٽ کان سواءِ ٻيو ڪٿي بہ عمل هيٺ نہ ٿي اچي سگهي. جيڪو شخص بہ انهي ڳالهہ جو جوڳو ثبوت ڏئي سگهي تہ هن 73 مهينا پنهنجي ملڪ جي قانونن جي سختي سان پاسداري ڪئي آهي انهي کي پنهنجي صلاحيت ۽ زندگي جي حيثيت مطابق ڪجه رعايتن جو حق حاصل آهي. ۽ "نوڪرين لاءِ ماڻهو چونڊيندي اهي اعليٰ صلاحيتن بجاءِ اعليٰ اخلاق کي وڌيڪ مد نظر رکن ٿا".

انهن مان هر هڪ تجويز فڪر انگيز آهي. انهن مان ڪيتريون ئي جهڙوڪ ٻالڪ۔ گهر ۽ رهائشي اسڪولن واريون لاڳو بہ ٿي چڪيون آهن. اسين شايد انهي راءِ سان اختلاف ڪري سگهون ٿا تہ "انهن ۾ ناشڪر گذاري کي هڪ وڏو ڏوهہ سمجهيو وڃي ٿو..." پر انهي نظريي ۾ چڱي خاصي حقيقت آهي تہ فراڊ چوري کان وڏو ڏوهہ آهي يا جيڪڏهن ڪنهن کي ناحق سزا ڏني وڃي تہ هن کي پنهنجي وقت جي ضايع ٿيڻ جو چٽوڻ تي بدلو ڏنو وڃي:

پر اهي اخلاقي درس لليپٽ جي زندگي جي خوشين جي بيان سان ايترا تہ مليل جليل آهن جو اسين انهن کي خوشي سان قبول ڪري ٿا وٺون. گليور جڏهن اتان جي ڪجھ حاسد شهرين جي انهي سازش جا تفصيل پڙهي ٿو وٺي تہ مٿس ملڪ سان غداري جو الزام مڙهيو وڃي تہ هو لليپٽ مان هليو وڃي ٿو. هو بليفسڪو ڏانهن پهچي وڃي ٿو.

پر هو اتان بہ جلدئي هڪ ننڍڙي ٻيڙي (لليپوٽيائي يا بليفسڪونيائي معيارن جي لحاظ کان تہ تمام وڏي) ۾ هليو وڃي ٿو. اها ٻيڙي ڪنهن ٻڏل جهاز تان اتي ڌڪجي آئي هئي. هو 500 ننڍڙن ماڻهن کي آماده ڪري ٿو تہ هو ڪيس انهي لاءِ هڪ سڙهہ ناهي ڏين ۽ پوءِ هو هليو وڃي ٿو.

جلدئي هڪ انگريز واپاري جهاز وارا ڪيس پاڻ سان سوار ڪن ٿا. انهي جهاز جو ڪيپٽن ۽ عملو ڪيس ڪو چريو سمجهن ٿا. پر هو جڏهن پنهنجي کيسي مان ڪجھ ننڍڙيون رڍيون ۽ ڍڳيون ڪڍي ٿو تہ اهي محسوس ڪن ٿا تہ هو واقعي ڪو عجيب ملڪ ڏسي آيو آهي.

ڪجھ وقت کان پوءِ اسان جو هيرو هڪ اجا وڌيڪ عجيب صورتحال ڏسي ٿو. هو فقط بہ مهينا پنهنجي زال ۽ ڪٽنب سان گڏ گذاري ٿو ۽ وري سفر تي نڪري پئي ٿو. هو جنهن جهاز تي سفر ڪري ٿو اهو ڪيس هن دفعي هڪ نامعلوم ڪناري تي لاهي ٿو ڇڏي هو ڪجھ ٻين ماڻهن سان جهاز تان لهي ٿو ۽ پوءِ اهو ڏسي حيران ٿي وڃي ٿو تہ هو تمام تڪڙا ٻيڙي ڏانهن ڊوڙندا وڃن ٿا.

هو سوچي ٿو تہ انهن ائين ڇو ڪيو. پوءِ هو ڏسي ٿو تہ هڪ تمام وڏي مخلوق انهن ڏانهن تمام تيزي سان هلندي پئي وڃي پر اسان جا ماڻهو هن کان اڌ ليگ اڳتي هئا ۽ اتي سمنڊ بہ تيز ڇهنب وارن پهڻن سان ڀريل هو تنهن ڪري اهو ديو انهن کي نہ پڄي سگهيو.

اهڙي طرح هو ٿوري دير پوءِ پاڻ کي بروبڊنگ نيگ ۾ انهن ديون جو قيدي ڏسي ٿو. اهي ٻهريان تہ ايتري ننڍڙي مخلوق ڏسي حيرت ۾ ونجي وڃن ٿا پر پوءِ لليپوٽيائين وانگر خوش اخلاقي سان پيش اچن ٿا.

اڳتي هلي اجا اچرج جهڙا ڪم ٿين ٿا. اها ڳالھ بہ دلچسپي کان خالي نہ آهي تہ لليپٽ وانگر بروبڊنگ نيگ ۾ گليور جيڪي وڻ گل، پکي ۽ جانور ڏسي ٿو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهي بلڪل هڪ پيماني مطابق آهن. لليپٽ ۾ رڌ ڪوٺي جي سائيز جيتري آهي ته بروبڊنگ نيگ ۾ ڪنهن جهرڪي کي به پنهي هٿن سان پڪڙڻو پوي ٿو. ”اها جهرڪي جيستائين مون کي ياد آهي انگريزن جي ڦاز کان به ڪجهه وڏي هئي“.

هڪ دفعو وري انگريزن جي زندگي جي خوبين تي گهڻو بحث مباحثو ٿئي ٿو. هو ديون جي بادشاهه کي گولن ناهڻ بابت سمجهائي ٿو ۽ بادشاهه سلامت دهلجي وڃي ٿو. ”مون جڏهن کيس انهن خوفناڪ انجڻين بابت ٻڌايو ته هو خوف ۾ ونجي ويو ته مون جهڙو حقير ۽ غير اهم جيتامڙو اهڙا غير انساني خيال به رکي سگهي ٿو“.

پر گليور وقت گذرڻ سان اهو وٺندڙ ۽ دلڪش ملڪ به ڇڏي وڃي ٿو جتي هن سان ڪنهن ناياب ۽ قيمتي گڏي جهڙو ورتاءُ ٿيندو هو. سندس اتفاقي روانگي بادشاهه توڙي گليور ٻنهي لاءِ پريشان ڪندڙ ثابت ٿئي ٿي پر توهان جڏهن آکاڻي پڙهندا ته توهان کي ڏسڻ ۾ ايندو ته انهي معاملي ۾ ڪجهه به نه پيو ڪري سگهجي.

جلدئي سندس ٻئي سامونڊي سفر تي- ڇاڪاڻ ته ليموئيل گليور ٻن يا ٽن مهينن کان وڌيڪ وقت گهر ۾ رهڻ لاءِ تيار ئي نه آهي- کيس سامونڊي ڌاڙيل پڪڙي وٺن ٿا ۽ هڪ ٻوڏي تي ويهاري ڌڪي ڇڏين ٿا. هو ليوٽيائين جي ملڪ ڏانهن لُڙهي وڃي ٿو جيڪي هوا ۾ ترڻ سگهن ٿا. حقيقت ۾ ته انهن جو پيٽ به ڪنهن ڪکر وانگر ترندو رهي ٿو. هو انهن ماڻهن سان ڪجهه وٺندڙ وقت گذارڻ کان پوءِ اتان به هلي پوي ٿو ۽ ٿورو ٿورو وقت ڪيترين عجيب جاين تان گهمندو جاپان پهچي ٿو. اهو انهن ڏينهن ۾ مشڪل سان لليپٽ جيترو مشهور هو.

پر گليور پنهنجي سڀ کان آخري سامونڊي سفر ۾ اهڙن وجودن سان ملي ٿو جن کان هو سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿئي ٿو. هن اهو سفر 7- سيپٽمبر 1710ع تي پورٽس مائوٿ کان شروع ڪيو. هو هين همس جو لفظ جيتوڻيڪ اچارڻ ۾ تمام ڏکيو آهي. پر انهي بابت ئي هو دل سان تعريفون ڪري ٿو. هو هين همس هر لحاظ کان انسانن کان برتر آهن حقيقت ۾ اهي ياهو نالي انسانن جي هڪ ادنيٰ قسم کي غلام ڪري رکن ٿا“ پر اهي ڏسڻ ۾ گهوڙن جهڙا لڳن ٿا.

گليور پنهنجن غير معمولي سفرن ۾ جن سان به مليو انهن مان هي وجود تمام اعليٰ ۽ برتر هئا. هڪ مهربان استاد سندس سارسنڀال لهي ٿو ۽ ”مون کي ڪلي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دل سان اعتراف ڪرڻ گهرجي ته مون کي جيڪا به ٿوري گهڻي ڄاڻ آهي اها مون کي پنهنجي استاد طرفان ڏنل ليڪچرن مان ملي آهي. مون جڏهن پنهنجي ڪتنب، پنهنجن دوستن، پنهنجي هم وطنن ۽ عمومي طور انسانذات بابت سوچيو پئي ته مون انهن کي ائين پئي ڏٺو جيئن اهي هئا يعني شڪل توڙي مزاج جي لحاظ کان ياهو (Yahoo).

ڪيس آخرڪار ۽ وڏي افسوس سان اهو وٺندڙ ملڪ ڇڏڻو پيو ٿو. ڪجه وڏيڪ مهم جوئين کان پوءِ هو 5 ڊسمبر 1715ع تي انگلينڊ پهچي ٿو. منهنجي زال ۽ منهنجي ڪتنب وڏي حيرت ۽ خوشي سان منهنجو آڌرڀاءُ ڪيو. ڇاڪاڻ ته انهن سمجهي ڇڏيو هو ته آءُ مري ويو آهيان. پر مون کي انهي ڳالهه جو لازماً کلي طرح اعتراف ڪرڻ گهرجي ته آءُ انهن کي ڏسندي ئي نفرت، حقارت ۽ ڏڪار ۾ پرجي ويس.

ڪتاب جي پڇاڙي ائين ٿئي ٿي جو گليور آخرڪار پنهنجي زال کي اها اجازت ڏيڻ شروع ڪري ٿو ته اها هڪ ڊگهي ٽيبل جي سڀ کان پراهين ڪناري تي هن سان گڏ ويهي ماني کائي. "پر جيئن ته ڪنهن ياهو جي بوءِ مون کي مسلسل اڻ وڻندڙ لڳي ٿي تنهن ڪري آءُ پنهنجو نڪ ليونڊر يا تماڪ جي پنن سان بند رکان ٿو."

اها هڪ عجيب ڪهاڻي آهي جنهن مان نتيجو به عجيب ڪڍيو وڃي ٿو. پر جيئن ته اها وڏي جوش ۽ وڏي تخيلاتي قوت سان بيان ڪيل آهي تنهن ڪري انهي 200 ورهين کان به وڌيڪ عرصي تائين پوڙهن ۽ جوانن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي رکيو آهي. انهي مان جيڪڏهن انگريزن ۽ گليور بين جن ماڻهن سان مليو آهي انهن جي رسم رواج تي سندس ويچارن کي ڪڍي ڇڏجي ته اهو ٻارن جي ڪتابن ۾ هڪ ڪلاسڪ شمار ٿئي ٿو (۽ سئفٽ کي ٻارن کان نفرت هوندي هئي) جيڪڏهن انهي کي مڪمل طور پڙهيو وڃي ته اهو انگريزن جي طرز زندگي تي تمام بي رحم ۽ شديد حملن مان هڪ آهي (انگريزن جي طرز زندگي ۾ 200 ورهين ۾ خير ڪا تبديلي آئي آهي).

جوناٿن سئفٽ انگريز نسل جو هو پر 1667ع ۾ ڊبلن ۾ ڄائو هو. هن جي پرورش تمام وڏي غربت ۾ ٿي ۽ لڳي ٿو ته ٻي ڪا سٺي نوڪري نه هئڻ جي سبب

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

27 ورهين جي ڄمار ۾ چرچ جي نوڪري ۾ گهڙيو. هن کي بيلفاسٽ جي ويجهو هڪ ننڍڙو گرجا گهر ڏنو ويو. هن اتي هئڻ دوران ٻه ڪامياب طنزيه لکيا. هڪ The Tale of a Tub ۾ مذهب ۽ تعليم ۾ ڪرپشن تي ڳالهه ٻولهه آهي ۽ ٻئي The Battle of the Books ۾ قديم ۽ جديد علم ۾ تمام آڳاٽي تڪرار بابت بيان آهي. هن جو گهڻو وقت آئرلينڊ (انهي کي هو ناپسند ڪندو هو جيتوڻيڪ پنهنجو ڪم تمام محنت سان ڪندو هو) ۽ انگلينڊ جي وچ ۾ سفر ۾ گذرندو هو. انگلينڊ ۾ هن ايڊيسن، اسٽيل ۽ ڪانگريو جهڙن ادبي ماڻهن جي صحبت ۾ گهڻو وقت گذاريو هو. هن سن 1714ع ۾ اها اميد ئي ختم ڪري ڇڏي ته هو ڪڏهن انگلينڊ ۾ مستقل رهائش اختيار ڪندو ۽ پنهنجا ڏينهن آئرلينڊ ۾ پورا ڪرڻ تي راضي ٿي ويهي رهيو.

هن جو پنهنجي زندگي جو وڏو حصو ٻن عورتن سان تمام پيچيدو تعلق رهيو جن ڏانهن "اسٽيلا" ۽ "ونيسا" جي نالي سان اشارو ڪري ٿو ۽ سندس "Journal to Stelle" مان هو عجيب رنگ ۾ نظر اچي ٿو. سئفٽ اسٽيلا سان تڏهن شادي ڪئي جڏهن سندس عمر 46 ورهيه هئي. پر اها ڳالهه به اهڙي طرح شڪ شبهي واري آهي جهڙي طرح اها ته هو ڪو هن سان ڪڏهن هڪ ڇت هيٺ رهيو به هو. ساڳئي وقت هو ونيسا سان به تمام دلچسپ خط ڪتابت رکندو آيو.

هن جيتوڻيڪ تمام گهڻو لکيو پر انهي جو ٿورو حصو باقي بچيو آهي هن 1726ع ۾ پنهنجو سڀ کان وڌيڪ مشهور ڪتاب "Gulliver's Travels" ڇپرايو. انهي کان هڪ سال اڳ اسٽيلا هڪ ڊگهي بيماري کان پوءِ فوت ٿي وئي. شايد اها ئي ڪو واحد انسان هو جنهن سان هن کي محبت هئي.

هو آهستي آهستي گوشه نشيني اختيار ڪندو ويو. هن کي سدائين اهو خوف هوندو هو ته هو ڪٿي چريو نه ٿي وڃي ۽ اها ڳالهه بغير سبب جي به نه هئي. ڇاڪاڻ ته آهستي آهستي سندس جسماني صلاحيتون ڪم ڇڏينديون ويون ۽ هو 78 ورهين جي ڄمار ۾ چريو ٿي مئو.

سئفٽ انگريزي ادب جي هڪ تمام عجيب ۽ تمام متضاد شخصيت آهي (هڪ ننڍڙو مثال ونجي، پلا جنهن ماڻهو کي ٻارن کان نفرت هجي اهو اهڙو بهترين ٻاراڻو ڪتاب لکي سگهي ٿو؟) ڪنهن ڪامياب ليکڪ کي جيڪا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حيثيت ملندي آهي هن اها سامهون رکندي پاڻ کي ڪامياب ليکڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر انهي جي باوجود به هن پيشہ ور ليکڪ ٿيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. چو تہ انهي سان سماجي طور حيثيت گهٽجي ها. هن جيڪي بيشمار شيون ڇپجڻ لاءِ لکيون هن فقط هڪ دفعو انهن مان ڪنهن جو معاوضو ورتو. هن جي سامهون جيڪو عظيم ۽ ادبي ماڻهو ٿيڻ جو مقصد هو انهي ۾ شادي جي ڪا گنجائش ئي نہ هئي: هن جي استيلا ۽ ونيسا سان عجيب تعلق جو سبب بہ اهو ئي هو.

اهو لازماً چئبو تہ هو ڪو دلڪش ڪردار نہ هو. هائو هو غيرمعمولي صلاحيتن ۽ تمام بهترين مذاق جي طاقت رکندڙ انسان هو. پر اها طاقت وڏي اخلاقي ڪاوڙ سان لاڳاپيل هئي پر هو جنهن وقت Gulliver لکڻ وينو انهي طاقت ۽ ڪاوڙ کي هڪ رستو ملي چڪو هو: هو شروعاتي تحريرن ۾ جنهن انسانيت کي تمام غير اهم ڪري وٺندو هو اها هاڻي ڪو يوڳ نہ رهي هئي.

سندس مونجهارن پرپيل زندگي ۾ عورتن سان هڪ ئي وقت تعلق هئڻ جن مان لڳي ٿو تہ هن کي جسماني طور ڪنهن جي بہ ضرورت نہ هئي. چرچ جي نوڪري ۾ ترقي جي تمنا رکڻ ۽ اتي جيڪي هاري ناري عبادت ڪرڻ ايندا هئا انهن جي خلوص سان مدد ڪرڻ خوش گفتار ۽ ادبي شخصيت ٿيڻ جي ڪوشش ڪرڻ (۽ ڪامياب ٿيڻ) اهڙي طرح آهستي آهستي ختم ٿيندي وئي جو هو 1742ع کان عملي طور پنهنجي هوش ۾ رهيو هو. سندس اها ئي حالت رهي تان جو 19 _ آڪٽوبر 1745ع تي فوت ٿي ويو.

سندس پاران لاطيني ۾ لکيل لوح مزار جيڪا هاڻي سندس مزار تي رکيل آهي اها شايد اهڙي انسان جي ڪارگذاري جو سٺو خلاصو پيش ڪري ٿي جنهن تاريخ جو هڪ تمام دلچسپ ۽ عجيب غريب ڪتاب لکيو:

هتي جوناٿن سفٽ، ڊاڪٽر آف ڊوينٽي جو جسم دفن ٿيل آهي. هتي هاڻي شديد ڪاوڙ سندس دل کي وڍيڪ جلائي نہ سگهندي اي مسافر! وڃ ۽ جيڪڏهن ٿي سگهي تہ انهي جي نقش قدم تي هل جنهن انساني آزادي جي سرواڻي ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 25. ٽام جونز

## __ هينري فيلڊنگ __

ٽام جونز 1749ع ۾ ڇپيو ۽ اهو جيتوڻيڪ ڪهڙي به لحاظ کان پهريون انگريزي ناول نه آهي پر اهو انهي لحاظ کان پهريون آهي جو انهي ۾ تمام وڏي تعداد ۾ ۽ گوناگون ڪردار شامل آهن جن ۾ هاري ناري، ماستر، زميندار، ڀهراڙين جانواب ۽ فيشني طبقي جون عورتون گڏجي انگريزي سماج جي هڪ مڪمل تصوير پيش ڪن ٿيون. اهو پنهنجي دور جو تمام پرجوش ۽ هنگامه خيز بيان آهي. وڏي ڳالهه ته ڪو دڪدائڪ يا مزاحيه انداز به نه ٿو رکي.

ٽام جونز کي ڪير هڪ معزز شاهوڪار ۽ نيڪوڪار انگريز ڳوٺاڻي آل ورٿي جي درجي چائنئنٽ تي رکي ويو هو. هن انهي جي پنهنجي ڀيڻ جي ٻار بليفل سان گڏ پرورش ۽ پالنا ڪئي. ٽام جونز کي اسڪئائروبسٽرن جي ڌيءُ صوفيا ويسٽرن سان محبت ٿي وڃي ٿي. هو شڪار جو شوقين ۽ گوڙ شوڙ ڪندڙ شرابي آهي. ٽام جونز انهي معاشقي جي سبب آل ورٿي جي نظرن مان ڪري پوي ٿو ۽ فوج ۾ شامل ٿيڻ وڃي ٿو. فوج تڏهن 1745ع واري جيڪوبي بغاوت کي منهن ڏئي رهي هئي. هو ڪيترين ئي مهم جوئين کان پوءِ آخرڪار لنڊن پهچي ٿو ۽ اتي به ڪيترائي معاشقا ڪري ٿو ۽ هڪ فيشني عورت سان معاشقي سبب هڪ دوبدو لڙائي ۾ حصو وٺي جيل ۾ پهچي وڃي ٿو. آل ورٿي ڪيس اتان آزاد ڪرائي ٿو ۽ ڪيس پوءِ خبر پوي ٿي ته ٽام ڪو عام رواجي حرامي ٻار نه پر سندس ڀيڻ جو ناجائز پٽ آهي. اهڙي طرح ٽام کي دولت ورثي ۾ ملي ٿي ۽ هو صوفيا سان شادي ڪري ٿو.

بليفل جنهن آل ورٿي کان ٽام بابت ڳالهيون لڪايون هيون انهي جي بيعزتي ٿئي ٿي. ناول جو ڊرامائي انداز بيان ۽ ذيلي پلاٽ اينٽري ته مهارت سان ترتيب ۾ رکيا ويا آهن جو انهي مان اهڙي ٿڪ ۽ بيزاري جو ڪو به احساس نه ٿو لڳي جيڪو انهي دور جي اهڙن ناولن ۾ هوندو آهي. انهن ناولن ۾ انهي بيزاري جو سبب اهو هوندو هو جو انهن ۾ شامل ڪجهه واقعن جي ڪا حقيقي اهميت نه هوندي هئي. پر اها به حقيقت آهي ته ٽام جونز جي فني مهارت جيتوڻيڪ تمام وڏي آهي پر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهي کي ڪنهن عظيم ڪتاب جو درجو ڏيارينديڙ اها ڪا سڀ کان اهم خصوصيت نہ آهي.

ٽام جونز انگريزي طبع زاد ادب ۾ سڀ کان پهريون ۽ شايد واحد هيرو آهي جيڪو نهن کان چوٽي تائين قابل اعتبار لڳي ٿو ۽ جينوٽيڪ سيني لاءِ نہ تہ بہ اڪثر ماڻهن لاءِ تمام وڻندڙ آهي. هو ڏسڻ ۾ سهڻو سگهارو ۽ هوشيار آهي پر هو ڪنهن سٺي دل رکندڙ ذهين نوجوان جي تصور کان گهٽو پري آهي. هن جو جسماني مسرتن جي وهڪري ۾ وهي وڃڻ وارو لاڙو سندس سٺن احساسن کان وڌيڪ سگهارو آهي. ٽام جونز پنهنجي لنڊن واري فيشني ساهيڙي کان پئسا ڏوڪڙ بہ وٺي ٿو. اها هر دور ۾ هڪ عام رواجي ڳالهہ رهي آهي ۽ اوڻيهين صدي جي پيٽ ۾ ارڙهين صدي ۾ انهي جي ننڌا بہ گهٽ ڪئي ويندي هئي. هو هڪ مهم جو ۽ خطرا ڪڻندڙ بہ آهي پر انهي ڳالهہ جو بيان نہ ٿو ملي تہ هن ڪا محنت مشقت بہ ڪئي هئي. باقي ايترو سو آهي تہ هو پنهنجي زندگي وڏ ۾ وڏ دلچسپ نموني گذاريندو هو. هن کي جينوٽيڪ هيروئين صوفيا وارين سان شديد جذباتي لڳاءُ رهيو آهي جنهن سان کيس ننڍي هوندي کان محبت هئي ۽ جنهن سان هو تمام بهترين حالتن ۾ شادي ڪري ٿو انهي جي باوجود بہ ڪا سهڻي عورت ڏسي سندس دل هٿن مان وڃي ٿي هلي. جون مهيني جي هڪ شام جو وڻن جي هڪ جهڳٽي ۾ هلندي جڏهن بلبلون ٻوليون ٻولي رهيون هيون ۽ پر ۾ هڪ ندي وهي رهي هئي تہ سندس دل سندس پياري صوفيا جي محبت سان پرجي وئي. هن کي هٿ ۾ هڪ چاقو هو ۽ هو وڻ تي سندس نالو اُڪرڻ تي هو جو اوچتو سندس نظر هڪ ڳوٺاڻي ڇوڪري تي پئجي وئي. هو انهي سان همبستر ٿيو هو. هو انهي ڇوڪري جي رستي کان پري ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو ۽ هوءَ هن ڏانهن وڌي رهي هئي:

”۽ هو انهن لفظن تي ڇرڪجي پيو ۽ ڪٽي جو ڏنائين تہ سامهون سندس صوفيا نہ نہ ئي ڪا سرڪيشيائي ڇوڪري تمام قيمتي ۽ سهڻا ڪپڙا پهريون بيٺي هئي پر سندس سامهون بينل ڇوڪري کي تمام ٿلهو ۽ ميرو گائون پهريل هو. هن جيئن تہ سچو ڏينهن محنت مشقت ڪئي هئي تنهن ڪري سندس جسم مان هڪ قسم جي تيز بوءِ پئي آئي. سندس هٿ ۾ هڪ ڏانداري هئي. سندس نالو پولي سيگرم هو ڇوڪريءَ سندس ويجهو اچي هڪ مرڪ سان رڙ ڪئي: ”نواب

ڪيو ته: "ٽام جونز اهو آخري ڪتاب هو جنهن ۾ ڪنهن انگريز ناول نگار ڪي ڪنهن انسان جي تصوير ڪشي ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي.

ناول ۾ ٽام جونز جي ڪردار کان سواءِ به ڪيترين اهڙين بهترين ڳالهين آهن جيڪي مختلف ماڻهن لاءِ مختلف درجي جي دلچسپيءَ جو سبب ٿي سگهن ٿيون. فيلڊنگ نه ٿي پڙهندڙن کي ڪي سگهيا نهڪ ڊيارڻ لاءِ ڪا مزاحيه ڳالهه لکي نه ٿي انهي لاءِ ڪنهن تي ڪا چوٽ ۾ چٽر ڪئي ته جيئن انهن کي اندران خالي ۽ چسو ڏيکاري سگهي پر هو جدا جدا حالتن ۾ خود ماڻهن کان ڪي اهڙا ڪم ڪرائيندو هو جو اهي مزاحيه ۽ ڪل جوڳا لڳندا هئا. دلڪش مسٽر جونز ڏانهن هڪ امير ترڪ واپاري جي بيوه زال جو لکيل خط به هڪ ئي وقت ڏاڍو دل کي چهندڙ ۽ حماقت تي ٻڌل آهي. انهي بيوه جي "تمام سٺي صحت، گرم مزاج ۽ چڱي خاصي مذهبي لاڙي". هن لاءِ ٻيو دفعو شادي ڪرڻ ضروري ڪري ڇڏي هئي "سائين.

جڏهن کان مون توهان کي پهريون دفعو ڏٺو آهي مون کي گمان آهي ته منهنجين اکين توهان کي چٽي طرح ٻڌائي ڇڏيو آهي ته توهان به منهنجي خيال کان غافل نه آهيو. حقيقت هي آهي ته توهان جتي ترسيل آهيو اتان جي عورتن منهنجي آڏو توهان جي ڪردار جي تصوير اهڙي انداز ۾ پيش ڪئي آهي ۽ توهان جي نيڪي ۽ سٺائي بابت مون کي ايترين ته ڳالهيون ٻڌايون آهن جو مون کي يقين ٿي ويو آهي ته توهان نه فقط تمام وڻندڙ پر تمام اهل مرد آهيو. مون کي ايتري دولت آهي جيڪا اسان ٻنهي کي خوش رکڻ لاءِ ڪافي آهي پر اها مون کي توهان کان سواءِ خوش نه ٿي رکي سگهي. آءٌ ڄاڻان ٿي ته پنهنجو پاڻ اهڙي طرح حوالي ڪرڻ سان مون تي دنيا طرفان لعنت ملامت ٿيندي پر آءٌ جيترو دنيا کان ڊڄان ٿي انهي کان وڌيڪ توهان سان محبت نه ڪريان ها ته آءٌ پانيان ٿي ته آءٌ اوهان جي لائق نه هجان ها. مون کي فقط هڪ دشواري روڪيو بيٺي آهي ته مون کي خبر پئي آهي ته توهان جو هڪ فيشني عورت سان جوانمرديءَ وارو تعلق آهي. توهان جيڪڏهن سمجهو ته توهان مون کي حاصل ڪرڻ لاءِ انهي جي قرباني ڏئي سگهو ته آءٌ توهان جي آهيان. جيڪڏهن ائين نه ڪري سگهو ته منهنجي ڪمزوري درگذر ڪري ڇڏجو ۽ هن ڳالهه کي منهنجي ۽ توهان جي وچ ۾ هڪ دائمي راز رهڻ ڏجو.

ارابيلاهنٽ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويسٽرن ۾ اتي بيٽل هڪ وڪيل انهي واقعي تي تفصيلي بحث ڪن ٿا. ٽيڪم چوي ٿو ته بليفل پڪي آزاد ڪري عيسائي سوچ مطابق ڪم ڪيو. توهان اها ئي هلت هلو جيڪا توهان خود چاهيو ته توهان سان ڪئي وڃي. نواب جيئن ته هڪ خدا ۾ يقين رکندڙ آهي تنهن ڪري چوي ٿو ته ڪنهن به شي کي قيد ۾ رکڻ فطرت جي قانون جي خلاف آهي چاڪاڻ ته هر شي کي آزاد رهڻ جو حق آهي ۽ اها ڳالهه "شين جي دائمي بهتري" جي اصول جو حصو آهي. فيلسوف پاڻ ۾ تڪرار ڪندا رهن ٿا. جيتوڻيڪ انهن جو انهي ڳالهه تي اتفاق آهي ته بليفل چڱو ڪم ڪيو هو. نرم مزاج آل ورٿي اهو پيش ڪري ٿو ته ٽام پاران پکي کي پيهر پڪڙڻ شايد غلط ڪم هو پر هو ڪيس انهي تي ڪا سزا نه ڏيندو چاڪاڻ ته هن اهو ڪم نيڪي جي جذبي هيٺ ڪيو هو. وڪيل چوي ٿو ته بليفل جيڪڏهن ڪي تتر آزاد ڪري اڏاري ڇڏي ها ته سندس اهو عمل نواب ويسٽرن لاءِ شايد نقصان ڪار هجي ها چاڪاڻ ته اهو به ملڪيت جو حصو هو پر جيئن ته بليفل جيڪو پکي آزاد ڪيو هو اهو گهٽ حيثيت وارو ۽ فقط ٻولينڊڙ پکي هو تنهن ڪري قانون موجب ڪو به ڏوهه نه ٿيو هو. نواب ويسٽرن سنگت کي اهو چئي ڳالهه ڪٽائي ٿو ته هلي شراب جا ڪي جام چاڙهيو ۽ اهو به چوي ٿو ته ماڻهو جيڪو ڪجه چوندا رهيا آهن ڪيس انهي مان هڪ لفظ به سمجهه ۾ نه آيو آهي:

جيڪڏهن آءٌ اها ڳالهه سمجهي وڃان ته منهنجي علم ۾ واڌارو ٿيندو پر توهان مون کي ريهي ريبي مون ڪان اهو ڪم نه ڪرائي سگهنداؤ. توهان ٻنهي مان ڪنهن هڪ به انهي غريب چوڪر جي حمايت ۾ هڪ لفظ به نه ڳالهايو آهي جيڪو واڪاڻ جو حقدار آهي. هن پاران منهنجي ڌيءُ کي خوش ڪرڻ لاءِ پنهنجي جان جوکي ۾ وجهڻ وڏي دل گردي وارو ڪم هو: مون کي ايتري چاڻ آهي جو آءٌ اها ڳالهه سمجهي سگهان ٿو. خير ڇڏيو انهي ڳالهه کي! اچو ته ٽام جي صحت جو جام نوش ڪريون انهي ڪم لاءِ آءٌ چوڪري سان محبت ۾ پيار ڪندو رهندس.

اتي اوچتو اها ڳالهه محسوس ٿئي ٿي ته فيلڊنگ انسان جي ڪردار ۾ سندس اُڌمن جي حقيقت بابت هڪ وڏو فيصلو ڏئي ويو آهي. اهو فيصلو انهي لحاظ کان وڌيڪ پڪو پختو ۽ دل کي ڇهندڙ آهي جو اهو بيڪار ۽ واندن ماڻهن جي هڪ پاراٽي عمل بابت بي مقصد ڳالهه ٻولهه مان فطري طور ڦٽي نڪري ٿو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فيلڊنگ جي ادبيءَ ۾ اعليٰ انساني فطرت بابت گهري ڄاڻ جو سرچشمو سندس سوچ جي وسعت ۽ پڻ سندس زندگي بابت گوناگون تجربو هو. فيلڊنگ 1707ع ۾ شارپهام پارڪ ۾ هڪ وڏگهراڻي سمر سِٽ ڪئنٽب ۾ ڄائو هو. سندس پيءُ ڪرنل فيلڊنگ جو گذر سفر تنگ حالتن ۾ ٿيندو هو. انهي هوندي به هن پنهنجي پٽ کي هالينڊ ۾ ليڊن يونيورسٽي موڪلڻ جو بندوبست ڪري ورتو. پر ڪيس پنهنجي پٽ جون فيون ۽ خرچ جا پئسا ڏيڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي هئي پُرجوش روح رکندڙ هينري فيلڊنگ جينوٽيڪ وڪالت جي تعليم حاصل ڪئي پر ٿيئٽر سان وابسته ٿي ويو ۽ ڪيترائي ڊراما لکيائين ۽ تمام غريبي واري ۽ آزاد ۽ لا اُبالي زندگي گذاريندو هو. هن 28 ورهين جي ڄمار ۾ هڪ ننڍي جائيداد جي مالڪياڻي سان شادي ڪري پنهنجو زندگي جو انداز تبديل ڪري ڇڏيو. هن کي انهي مائي سان والهانه محبت هئي ۽ اها ئي صوفيا جي ڪردار جو منبع آهي. هن کي ساڳئي وقت پنهنجي ماءُ کان به هڪ ننڍي جائيداد ورثي ۾ ملي. پر سندس سموري دولت شهرن جي مضافاتي علائقن ۾ عيشن واري زندگي گذارڻ سبب جلد ئي ختم ٿي وئي ۽ هو پنهنجي زال سان گڏ لنڊن موٽي آيو جتي وري ٿيٽر ۽ صحافت ۾ ڪم ڪرڻ لڳو.

سندس قانون جي تعليم، سندس ڪامن سينس، سندس انسان دوستي ۽ زندگي جي اصلي رخ جي ڄاڻ کيس سرڪار پاران مليل بو اسٽريٽ (Bow Street) ۾ وظيفو وٺندڙ مئجسٽريٽ واري منصب لاءِ تمام مناسب خصوصيتون هيون. انهي منصب سان گڏوگڏ کيس ڪئارٽر سيشنز جي چيئرمئن جو منصب ملڻ سان هو لنڊن ۾ ڪارروايون ڪندڙ خطرناڪ ڌوهاري ٽولن کي سوڙهو ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪرڻ جي قابل ٿي سگهيو هو. هن ڌوهن جو صفايو ڪرڻ جو ڪجهه اڻ وٽندڙ ڪم تمام گهڻي جانفشاني ۽ همٿ سان ڪيو. هن پنهنجي گهر واري جي خادمه ميري ڊينئل سان شادي ڪئي جيڪا سندس پهرئين شادي مان پيدا ٿيل ٻارن جي سارسنڀال لهندي هئي. پر 1751ع ۾ سندس آخري ناول اميليا اچڻ تائين سندس جسماني قوتون ختم ٿيڻ لڳيون هيون جو هڪ ته هن جي جواني عياشين ۾ گذري هئي ۽ ٻيو ته عمر جي وچئين حصي ۾ ليکڪ ۽ مئجسٽريٽ طور به هن ڏاڍي محنت ڪئي هئي. هو 1754ع ۾ پنهنجي صحت جي بحالي لاءِ پنهنجي ڪٽنب سميت سامونڊي جهاز ذريعي لسبن ويو پر انهي ئي سال آڪٽوبر مهيني ۾ فوت ٿي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويو ۽ کيس اسٽريلا جي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو. اهو لسبن شهر جو نيم ديهي مضافاتي علائقو آهي.

فيلڊنگ جو انساني فطرت جا پنهنجي رنگارنگي ۽ گهرائي سان جيڪي چٽ ويهي چٽيا آهن انهن لاءِ خام مال کيس پنهنجي زندگي مان مليو آهي. انگريزي زبان ۾ سڀ کان وڏو ناول ڪهڙو آهي انهي موضوع تي بحث مباحثي جي مشغولي شايد تہ بيسود ثابت ٿيندي پر اها شايد غير دلچسپ نہ هوندي. ٿيڪري جي وينتي فيئر، ڊڪنس جي اوليورٽئسٽ يا بلئڪ هائوس کي ڪيترائي طرفدار ملي سگهن ٿا. ساڳئي طرح جين آسٽن يا ٿامس هارڊي جي ڪمن کي طرفدار ملي سگهن ٿا. هائو! جڏهن ڪنهن هڪ نالي تي ماڻهو يڪراء ٿي ويندا تہ ممڪن آهي تہ ڪير اوچتو پڇي وٺي: ٿام جونز بابت ڇا راءِ آهي؟ "۽ موجود سنگت پنهنجي فيصلي جو ٻيهر جائزو وٺڻ لاءِ مجبور ٿي ويندي. انهي جو سبب اهو آهي تہ ٿام جونز کي ٻين سڀني انگريزي ناولن تي برتري جا ڪيترائي سبب آهن. فيلڊنگ جي تحرير ۾ هڪ آفاقي خصوصيت آهي، هو جنهن دنيا جو بيان ڏئي ٿو انهي تي مڪمل مهارت اٿس، هن وٽ جانبداري ۽ جذباتيت نہ آهي ۽ نہ ئي مختلف طبقن سان تعلق رکندڙ مردن ۽ عورتن کي سمجهڻ جي صلاحيت جي کوٽ آهي. اها صلاحيت اسان کي فقط شيڪسپيئر ۾ نظر اچي ٿي. پر فيلڊنگ وٽ شيڪسپيئر واري اونهي شاعرانہ جذبي جي کوٽ آهي. هن وٽ الميائي (Tragic) عنصر نہ آهي. پر اها حقيقت آهي تہ ٿام جونز جي ڪردارن جي ميڙ مان هر هڪ اهڙي تہ پورڻتا ۽ پختگي سان تخليق ٿيل آهي جيڪو انهن کي هر تنقيد کان محفوظ ڪري ڇڏي ٿو ۽ انهن جي وجود بابت بہ ڪو شڪ شبهو نہ ٿو رهي. هڪ عظيم انگريز نقاد جارج سينٽس بري ٿام جونز بابت هڪ بهترين، خاموش ۽ حتمي تعريفي راءِ هنن لفظن ۾ ڏني آهي: "ٿام جونز هر مرد ۾ يا عورت اهو ئي ڪم ڪري ٿو جيڪو کيس ڪرڻ گهربو هو. انهي مان منهنجو مطلب اخلاقي نقطہ نگاهہ کان نہ آهي جو تہ انهي سان آءُ چرچ ۽ استادن ۽ انهي جي نندا جو نشانو بڻجي ويندس پر منهنجو مطلب اهو آهي تہ ٿام جونز جا ڪردار اهو ئي ڪن ٿا جيڪو انساني فطرت جي امڪانن ۽ عظيم آرٽ جي گهرجن مطابق آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 26. دي ايج آف لوئي XIV

## -- وولٽيئر --

تحريري تاريخ جا ڪيترائي قسم آهن. انهيءَ ۾ مذهبي تاريخ بہ اچي وڃي ٿي. اها عهدنامي قديم ۾ ڏسي سگهجي ٿي. وري "ڪئمبرج ماڊرن هسٽريز" جهڙا ڪتاب بہ آهن جن ۾ هڪ ڪان وڌيڪ اسڪالر هڪ ڪتاب جا جدا جدا ڀاڱا لکندا آهن ۽ انهن جو تعلق ڪنهن خاص دور جي سيني معلوم حقيقتن کي گڏ ڪرڻ ۽ بيان ڪرڻ سان هوندو آهي. انسان ذات عام طور تاريخ کي تمام گهٽي اهميت ڏئي ٿي. پوءِ اها تاريخ مقابلتاً ننڍي پيماني تي هجي جهڙوڪ ٿيوسيڊائيڊز پاران پيلو پونيشيائي جنگ جو احوال آهي يا "ڊڪلائين اينڊ فال آف رومن ايمپائر" وانگر تمام وسيع دائري واري تاريخ هجي جنهن ۾ مورخ جو ڪردار مواد مان تجلا پيو ڏيندو آهي. "تجلا پيو ڏيندو آهي"، جا لفظ بيجا طور ڪتب آيل آهن نہ چاڪاڻ تہ عظيم مورخ پنهنجي موضوع تي ڪو اسلوب مڙهڻ نہ گهرندو آهي. سندس پهريون فرض سچ جي خدمت گذاري ڪرڻ ۽ سندس وڏي ۾ وڏو گناهہ حقيقتن کي غلط نموني بيان ڪرڻ هوندو آهي. انسان ذات ٿيوسيڊائيڊز گبن، سيزر، ٽيسيٽس، فروئيسار (Froissart)، مشلي، ميڪالي ۽ جان گرين کي تمام گهڻو مان ڏئي ٿي چاڪاڻ تہ انهن جا ڪتاب پڙهندي ماڻهو ڪنهن حقيقتون گڏ ڪندڙ ذهن سان نہ پر هڪ عظيم ذهن سان رابطي ۾ هوندو آهي.

هاڻي وولٽيئر جي لوئي چوڏهين جي تاريخ کي شايد دنيا جي عظيم تاريخن ۾ ڳڻي نہ سگهجي پر جيڪڏهن انهي کي خاص طور فقط هڪ تاريخ سمجهيو وڃي تہ اهو پهرئين صف جو ڪتاب آهي. هڪ تہ موضوع ۽ ليکڪ ۾ جيڪا وچوٿي هئڻ گهرجي اها هن ۾ نہ آهي پيو تہ انهي ۾ بيان ٿيل واقعن پٺيان اها گهري سوچ نہ آهي جيڪا ڪنهن تمام عظيم تاريخ جي بنيادي خصوصيت هوندي آهي. وولٽيئر هن ڪتاب ۾ ڪجهہ اهڙو مواد بہ شامل ڪيو آهي جيڪو شايد تہ سچائي تي ٻڌل نہ آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن طرفداري کان بہ ڪم ورتو آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن سنڌس لکت جو دستور آهي ڪيس جيڪا شي نہ ٿي وڻي هو انهي کي حذف ڪري ڇڏڻ کان ئي نہ ٿو ڪيٻائي. پر ڪتاب جي سڀ کان وڏي خوبي اها آهي تہ اهو منڍ کان پڇاڙي تائين جاندار ۽ دلچسپ آهي. اهو تمام گهڻا واقعا ۽ حڪايتون شامل هئڻ سبب تمام پرپور ۽ دلچسپ ٿي پيو آهي. اهي واقعا هن انهن مردن ۽ عورتن کان پڌا هئا جن خود انهن ۾ ڪو ڪردار ادا ڪيو هو.

وولٽيئر جي تاريخ لڳ ڀڳ 1715ع ۾ لوئي چوڏهين جي وفات تي پڄاڻي تي پهچي ٿي. هو پاڻ 1694ع ۾ ڄائو هو ۽ تنهن ڪري مارشل ولارز جهڙن ڪيترن ماڻهن سان واقفيت ڪرڻ جي قابل ٿي سگهيو هو. هو لوئي چوڏهين جي زوال جي ورهين جي چند سٺن جرنيلن مان هڪ هو ۽ ڪيترن ئي ذريعن مان ڪيترائي راز ڪوليندڙ واقعن بابت بہ ڪيس ڄاڻ حاصل ٿي سگهي هئي. وولٽيئر هڪ دفعو چيو هو تہ تاريخ گهڻي ڀاڱي مُئلن سان اٽڪلون ڪري رهي هئي ۽ "توهان جنهن شخص سان زندگي گذاري ئي نہ آهي انهي جو پورٽريٽ ٺاهڻ جي ڪوشش ڪرڻ ڪا وڏي ٻناڪ هٺڻ جي برابر آهي". وولٽيئر جي "The Age of Louis XIV" ڪيترين ئي ڳالهين ۾ ڀرئين تاريخ آهي جنهن ۾ گپ شپ کي ناپسند نہ ڪيو ويو آهي ۽ هي ڳالهہ اسان جي پنهنجي دور جي مزاج جي بہ مطابق آهي تہ انهي ۾ موضوع جلدي تبديل ٿيندا رهن ٿا پر اها شروعاتي مختصر اثر کان پوءِ هميشہ هڪ يادگار اثر ڇڏي ٿي. لوئي چوڏهين جي ننڍي عمر جي دور ۾ لنڊن جي مختصر خاڪي ۾ هڪ بهترين جملي جو مثال ڏئي سگهجي ٿو. انهي ۾ هن ڪراموبل پاران لنڊن تي حڪمراني جو بيان ڏنو آهي: "هن کي هڪ هٿ ۾ بائيبل ۽ ٻئي هٿ ۾ تلوار آهي. هن کي پنهنجي منهن تي مذهب جو نقاب پهريل آهي ۽ هو پنهنجي حڪومت ۾ هڪ عظيم بادشاهہ جي خصوصيتن هيٺان هڪ غاصب جا ڏوهہ لڪايون ويٺو آهي."

وولٽيئر پنهنجي ماءُ پيءُ جو پنجون ٻار هو. سنڌس پيءُ فرانڪوئي آروئي (Francois Arouet) پيرس ۾ قانوني دستاويزن جي تصديق جو ڪم ڪندو هو جڏهن تہ سنڌس ماءُ بابت ڪا گهڻي ڄاڻ نہ آهي. وولٽيئر ستن ورهين جي ڄمار جو هو تہ اها گذاري وئي. پر اها سٺي خاندان جي هئي ۽ نوجوان آروئي کي فيشني طبقي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ بہ هن ئي متعارف ڪرايو هو. وولٽيئر ڪي يسوعين ڪان سٺي تعليم ملي ۽ سترهن ورهين جي ڄمار تائين پهچندي پهچندي هو هڪ ڏنگو ٻار ليکجڻ ۾ اچڻ لڳو هو ۽ هن تڏهن ئي اهو فيصلو ڪري ڇڏيو هو تہ سندس ڪم جو ميدان ادب ٿيندو. هو نوعمري جي زماني ۾ ئي ڪنهن حد تائين بدنام ادبي حلقي ۾ اٿڻ ويهڻ لڳو جنهن ڪان سندس پيءُ کيس پري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. پوءِ ڏچيزڏي مين (Mainc) هڪ ايرندڙ ليکڪ طور سندس سرپرستي ڪئي ۽ هن بظاهر تہ قانون جي تعليم حاصل ڪندي ڪيترائي سياسي هجويہ نظم لکيا. لوئي پندرهين تي ڪيترائي طنزيہ نظم لکيائين. کيس 1718ع ۾ ڪجھ هفتن لاءِ باسل جيل موڪليو ويو. انهي جيل جي رڪارڊ مان خبر پوي ٿي تہ هو تڏهن پاڻ کي اروئي ڊي وولٽيئر سڏائڻ لڳو هو. انهي نالي جي اصليت بابت ڪو پتو نہ آهي جڏهن تہ وولٽيئر پاڻ اها دعوي ڪندو هو تہ اهو سندس ماءُ جي خاندان سان واسطو رکي ٿو.

هن جي سموري زندگي اختيارين سان سندس جهيڙي جو سلسلو هلندو رهيو ۽ هن پاران ڪڏهن بادشاهہ ڪڏهن چرچ تہ ڪڏهن سماج جي ڪا ناقابل معافي بيعزتي ڪرڻ يا انهن تي ڪا چٽر ڪرڻ تي هن جي ڪڏهن عزت افزائي تہ ڪڏهن بيعزتي يا ديس نيڪالي ملندي رهي. فريدرڪ اعظم جي نالي سان مشهور فريدرڪ ٻيون، پُرشيا جو بادشاهہ بہ ڪڏهن سندس دوست تہ ڪڏهن سخت دشمن هوندو هو. سندس ديس نيڪالي وارا دور عملي طور هميشہ ڏاڍا آرام ۾ گذرندا هئا ۽ اهي گهٽو ڪري مختصر هوندا هئا. کيس اوائل نوجواني واري عمر ڪان ئي پئسي دولت ۾ دلچسپي هوندي هئي ۽ هو سٽي بازي يا ٻين ذريعن سان سدائين اها چڱي خاصي هٿ ڪري وٺندو هو. ۽ هو سدائين وڏن عهدن وارا دوست ۽ سرپرست بہ ڳولهي وٺندو هو. سندس رولاڪ زندگي 1778ع ۾ سندس موت تائين جاري رهي. تڏهن هو پنهنجي جلاوطني ڪان آخري دفعو پيرس موٽيو تڏهن سندس خيرخواهہ لوئي چوڏهون تخت تي هو.

هن پنهنجي "لوئي چوڏهين جو دور" لاءِ يادگيريون گڏ ڪرڻ جو ڪم تمام ننڍي عمر ڪان ئي شروع ڪري ڇڏيو هو پر هن ڪتاب لکڻ جو ڪم 1743ع ۽ 1746ع جي وچ ۾ شروع ڪيو. پوءِ بہ اهو پيرس ۾ منظر تي نہ آيو. اهو

بنيادي طور سندس ذهني پختگي جي دور وارو ڪتاب آهي ۽ اهو 1726ع ۽ 1729ع جي وچ ۾ انگليند ڏانهن ڏگهن سفرن کان پوءِ لکيل آهي. انهي عرصي دوران وولتيئر جو ذهن چڱي حد تائين بلوغت تي پهچي چڪو هو. هو انگليند جي سفر کان اڳ فرانس ۾ هڪ هوشيار ڊراما نويس ۽ سياسي شاعر طور تہ اڳيئي مشهور هو پر هو انگليند مان گهڻو ڏاهو ۽ گهڻو دولتمند تي موٽيو. لنڊن ۾ سندس دوستن ۽ واقفڪارن ۾ ڪانگريو پوپ بولنگ بروڪ ۽ وال پول گهراڻي جا ماڻهو شامل هئا ۽ کيس لنڊن سان سهپ، آزاد سوچ ۽ حقيقي آزادي جي ديس طور وڏي محبت ٿي وئي. هن انگليند ۾ رهندي سٽيڊن جي چارلس ٻارهين بابت پنهنجو تاريخي ڪم ڪيو. اهو مخفي طور فرانس ۾ ڇپيو وڃڻو هو.

لوئي چوڏهين جي دور جي سڀ کان وڏي خصوصيت اها آهي تہ اهو فقط واقعن ۽ حڪايتن سان دلچسپ بڻايل ڪا سياسي تاريخ نہ پر هڪ دور جي سچي پچي تصوير آهي. هو لکي ٿو تہ "اسين جيڪو لکڻ چاهيون ٿا، اهو فقط لوئي چوڏهين جي حياتي جو احوال نہ آهي. اسان جي سامهون هڪ وڏو مقصد آهي. اسين ايندڙ نسلن لاءِ فقط هڪ شخص جي عملن جي تصوير ڪشي نہ ڪنداسين پر دنيا جي اڪين آڏو گذريل تمام روشن خيال دور جي ماڻهن جو روح ڏيکاريندا سين. وولتيئر جو رايو هو تہ دنيا ۾ ٻيا ٽي عظيم دور ٿي گذريا هئا: هڪ پيريڪلز جو جنهن ۾ اٿينيائي تهذيب پنهنجي عروج تي پهتي، ٻيو سيزر ۽ آگسٽس سيزر جو ۽ ٽيون اطالوي نشاة ثانيہ جو. هو لوئي چوڏهين جي دور کي تمام اهم سمجهندو هو ڇاڪاڻ تہ فرانس دنيا آڏو نظم ضبط ۽ تهذيب جو اهڙو مثال پيش ڪيو. جنهن ۾ آرٽس ۽ سائنس جي ميدان ۾ وڏي تخليقي سرگرمي بہ شامل رهي. "تَوسو ورهين تائين"، هو لکي ٿو. "فرانس جي ڏاهپ اختلافن ۽ گهرو لڙاين دوران هڪ گوٿڪ حڪومت هيٺ دٻي رهي. تڏهن نہ ڪي ڪو قانون نہ ڪي ڪي مقرر رواج هوندا هئا. اتان جا نواب ۽ سردار ڪنهن بہ نظم ضبط کان آجا هوندا هئا ۽ فقط سستي ڪاهلي يا جنگ کان واقف هوندا هئا. اتان جا پادري جهالت ۽ بي ترتيبي واري زندگي گذاريندا هئا ۽ اتان جي ماڻهن کي ڪو ڏنڊو واپار نہ هوندو هو". جيڪڏهن انهن مرضن کان جان ڇڏائي آهي، جيڪڏهن رياست کي سگهارو ٿيڻو آهي،

جيڪڏهن آرٽس ۾ سائنس کي واڌويجھ وٺي آهي. ”وولٽيئر انهي ڳالھ کي تمام اهميت وارو سمجهي ٿو“. تہ انهيءَ لاءِ يا تہ عوام کي قانون تي ٻڌل آزادي هئڻ گھرجي يا ڪنهن اختلاف کان سواءِ اقتدار اعليٰ جو بول بالا ٿيڻ گھرجي“.

وولٽيئر انهي ڳالھ تي ڏاڍو خوش ٿيندو هو تہ لوئي چوڏهين جي حڪمراني جي نتيجي ۾ فرانسي تهذيب۔ عورتن جون خوابگاهون، عمارتون، سماجي اٿڻي ويهڻي، آرٽس ۾ خاص طور ادب ۾ فوجي تنظيم ۾۔ اهڙو مثال ٿي وئي جنهن جي سموري يورپ پوئواري ڪئي. وولٽيئر سياسي لحاظ کان مطلق بادشاهت تي انگريزي نظام حڪومت کي ترجيح ڏيندو هو پر هڪ مورخ طور جنهن شي ڪيس سڀ کان وڌيڪ متاثر ڪيو اها هي حقيقت هئي تہ لوئي چوڏهين جڏهن۔ هو وڏي عرصي تائين ڪارڊينل مزارين جي اصل حڪمراني هيٺ نالي ماتر حڪمران هو. جهڙي طرح ڪمزور لوئي تيرهين. ريشلو هيٺ حڪمراني ڪئي هئي۔ پنهنجي مٿي فرانس تي حڪمراني ڪرڻ شروع ڪئي تہ هن نظم ضبط ۾ چٽائي جي دور جي شروعات ڪئي.

حڪومت ۾ سماج ۾ انهي نظم ضبط ۾ چٽائي فرانس ۾ ادبي صلاحيت کي ڪيتري قدر هٿي وٺرائي انهي مسئلي بابت ڪير بہ ڪي پڪا اصول نہ ٿو ناهي سگهي. اها پڪ آهي تہ لوئي چوڏهون جنهن تي ڪيتري وقت کان قوم جون اکيون کُتل هيون اهو هڪ سٺي ذوق وارو شخص هو ۽ هن ريسائين ۾ موليئر جهڙن ليکڪن کي سندن سگھارن مخالفن ۽ دشمنن کان بچايو ۽ انهن جي همٿ افزائي ڪئي. جيئن تہ فرانس جي وڏ گهراڻن جي زندگي ورسائي جي دربار جي چوگرد ڦرندي هئي انهي سان هر قسم جي فني پيداوار کي هٿو هٺ وننڊڙ هڪ تمام ذهين، پرجوش ۽ نقاد طبقو پيدا ٿيو جيڪو بلاشڪ تہ صلاحيتن جي واڌويجھ لاءِ تمام سازگار هو. پر جيڪڏهن سماج جي عظيم فنڪارن جي واڌويجھ تي اثرن بابت ڪنهن کي ڪي شڪ شبها هجن بہ تہ بہ انهيءَ ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ لوئي چوڏهين جي دور ۾ اهڙا ماڻهو حيرت انگيز طور تي گهڻا هئا. لوئي چوڏهين جي ڊگهي دور ۾ فقط ادب جي ميدان ۾ ئي تمام گهڻا ماڻهو پيدا ٿيا جن مان فقط چند مشهور ماڻهن جا نالا هي آهن: پاسڪل، ڪارنيل، مادام ڊي لاناٿي، لارو شفوڪالڊ،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بئائلو بوسي، موليئر، ريسائين، لافونتين لابرويئير ۽ سينٽ سائمن. ”لوئي چوڏهين جي دور کان پوءِ فطرت آرام جي حالت ۾ وئي هلي ۽ وڏيڪ ڪي به ذات ڏٽي پيدا نه ڪيائين. اهي لفظ لکندي وولٽيئر جو ذهن جيِن زاڪ روسو جهڙن پنهنجن همعصرن خلاف تعصب کان خالي نه هوندو جيڪي پنهنجي بابت تمام سٺي راءِ رکندا هئا ۽ پاڻ کي عظيم صدي جي ماڻهن جي مٽ سمجهندا هئا.

ڪتاب واقعن ۽ حڪايتن سان ايترو پريل آهي جو پڙهندڙ کي اهو تاثر ملي ٿو ته اهو ڪنهن همعصر پاران لکيل آهي. ڪجه شخصي خاڪن تي وولٽيئر جي ذاتي پسند ناپسند جي ڇاپ لڳل آهي پر اهڙا ٽڪرا به اڪثر شاندار آهن. مثال طور جيمس ٻئين بابت هي ٽڪرو پڙهو جيڪو 1688ع ۾ انگلينڊ مان جلاوطني کان پوءِ موٽيو هو ۽ لوئي چوڏهين هن جو ۽ سندس زال ۽ پٽ جو کلي دل سان آڌرڀاءُ ڪيو هو. ”انهي کان اڳ نه لوئي ايتري سٺي صورتحال ۾ آيو هو نه ئي جيمس انهي کان خراب صورتحال ۾ آيو هو. درٻارن ۽ شهرن جا رهواسي جيڪي ماڻهن جي شهرتن جا فيصلا ڪن ٿا انهن وٽ هن لاءِ ڪا به عزت نه هئي. هو يسوعين کان سواءِ ورلي ئي ڪنهن ماڻهو سان ملندو هو. هو انهن کي ٻڌائيندو هو ته هو پاڻ به هڪ يسوعي آهي ۽ سڀ کان اهم ڳالهه اها آهي ته اها ڳالهه سچ هئي. ڪنهن شهزادي ۾ ايتري نيچائي هئڻ ۽ وري هن جنهن نموني ۾ پنهنجو تاج وڃايو هو انهي سان هو ايترو ته حقير ٿي ويو هو جو درٻارين جي سڀ کان وڏي ونڊر هن بابت گيت ٺاهڻ هوندي هئي. هن کي انگلينڊ مان نيڪالي ڏني وئي ۽ فرانس ۾ سندس اهلون ڪيون ويون. ڪيٿولڪ هئڻ سان به کيس ڪو فائدو نه مليو. لُوووئس جي پاءُ، رهيمز جي آرچ شپ، سينٽ جرمين ۾ پنهنجي ڪمري ۾ وڏي آواز ۾ اها ڳالهه چئي ته: ”اجهو اهو سادڙو پيو وڃي جنهن هڪ عشاء رباني (Mass) عيوض ٽي بادشاهتون وڃائي ڇڏيون. جيمس کي روم مان فقط پيار پاٻوهه ۽ سهٽيون ڳالهيون مليون. ڳالهه ڪنائجي ته انقلاب جي سموري عرصي دوران سندس مذهب کيس ڪو فائدو نه ڏنو. جيمس کي پيرس جي هڪ ننڍڙي انگريزي ڪانوينٽ ۾ بيمارن کي هٿ لائيندي ڏسڻ ته ڪو غيرمعمولي منظر نه هوندو هو.“

ڪتاب ۾ لوئي چوڏهين جي نيڪوڪار پر تمام ذهين آخري داشته مادام ڊي مينٽينن جو به هڪ تمام مختصر خاڪو ڏنل آهي. اها لوئي جي بي جوڙ زال ٿي پر پنهنجي اعليٰ حيثيت مان ڪو به فائدو نه ورتائين. لوئي جي زندگي جي آخري ڏينهن ۾ دربار مان به رونق ختم ٿي وئي. بيمارين سبب بادشاهه جا ڪيترائي وارث مري ويا هئا ۽ اسپيني جانشيني جي جنگ به تمام غلط طرف ۾ هلي هئي. وولٽيئر بادشاهه جي داشته بابت هي تمام بهترين لفظ لکيا آهن: ”مادام ڊي مينٽينن جنهن کي فقط اها ئي ڳڻتي هوندي هئي ته هڪ عظيم بادشاهه سان پنهنجي زندگي جي يڪ رنگي کي ڪيئن برقرار رکي، انهي هڪ ڏينهن پنهنجي ڀاءُ کي چيو ته: آءٌ هتي ڳالهين کي وڌيڪ برداشت نه ٿي ڪري سگهان. جيڪر آءٌ مري وڃان ته چڱو. هن کيس هيءُ جواب ڏنو هو: ته پوءِ ڀلا مڙس طور توکي خود خدا ملڻ جو واعدو ٿيو آهي ڇا؟“

وولٽيئر جنهن دور کي اپٽرو شاندار سمجهندو هو انهي بابت سندس رايا لڳ ڀڳ اهڙا ئي آهن جهڙا موجوده دور جي اڪثر ماڻهن جا آهن. هن فرانسي پروٽيسٽنٽن کي تڪليفون ڏيڻ کي تمام وڏي غلطي سمجهيو ٿي ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه اها ته اهڙي طرح فرانسي پروٽيسٽنٽن جا اهي وڏ گهراڻا اڳواڻ ختم ٿي ويا هئا جيڪي انهن کي سورهين صدي ۾ مليا هئا ۽ اهي مجموعي طور فرانس جا سٺا ۽ جفاڪش شهري ٿيندا ٿي ويا. وولٽيئر جي چوڻ مطابق لوئي چوڏهين کي انهن کي تڪليفون ڏيڻ لاءِ هڪ ته پادرين جي لڳاتار احتجاجن مجبور ڪيو هو ٻيو ته انهي لاءِ يسوعي به کيس سڌا اڻ سڌا اشارا ڏئي رهيا هئا ۽ وري مٿان روم جو دٻاءُ به هو. وولٽيئر جا جنگ جي بي فائدي هئڻ ۽ جنگ جي جنون کان نفرت بابت ويچار به تمام زوردار نمونې پيش ڪيا ويا آهن. وولٽيئر جو ڪيٿولڪ چرچ سان تڪرار جو سڀ کان وڏو سبب اهو هو جو چرچ پاران جنگ جي ننڌا ڪرڻ کان انڪار ڪيو ٿي ويو. هن پادرين بابت لکيو ته: روحن جا بدحال طبيبو! توهان هڪ ڪنڊي جي ايذاء بابت ته ڪلاڪن جا ڪلاڪ زور زور سان ڳالهايو ٿا پر جنهن آزار اسان کي اندران وڍي هڪ هزار ٽڪر ڪري ڇڏيو آهي انهي بابت هڪ لفظ به نه ٿا چئو. اي فلسفيو ۽ اخلاق جا درس ڏيندڙو! پنهنجا ڪتاب ڪٽي ساڙي ڇڏيو... مون کي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت هر هڪ سان مرد توڙي عورت ادنيٰ توڙي اعليٰ سان شائستگي سان پيش ايندو هو. هو پنهنجي سمورين ديدار بازين، داشتائن ۽ شڪار جي چاهه جي باوجود ڪم کي تفريح تي ترجيح ۽ اوليت ڏيندو هو. وولٽيئر لوئي کي سڀ کان اڳ بادشاهه طور سندس بيشي وراثين صلاحيتن جي سبب پسند هو. هو پنهنجي ڪامن سينس جي مدد سان عملي طور هميشه سٺا وزير چونڊيندو هو ۽ هو جيتوڻيڪ انهن کي تمام ڏيان سان ضابطي هيٺ رکندو هو ۽ انهن کي پنهنجين نطرن ۾ تمام وڏو ٿيڻ نه ڏيندو هو ته به هر قسم جي سازشن خلاف انهن جي سچائي سان مدد ڪندو هو. جنهن لوئي چوڏهين "بادشاهه جو ڪم عظيم، معزز ۽ دلپسند آهي". جهڙا لفظ لکيا هئا اهو وولٽيئر جي پنهنجي دل وٽان هو. وولٽيئر لوئي تي جيڪڏهن تنقيد ڪئي آهي ته اها به سندس ڪجه انتهائي وڏين شاهه خرچين سبب خاص طور ورسائي جي محلات تي ڪئي آهي جيڪو هن هڪ وڏي غير آباد زمين جي ٽڪر تي نهرايو هو. وولٽيئر جو خيال هو ته بادشاهه اها رقم لوور ۽ پيرس تي خرچ ڪرڻ کي ترجيح ڏئي ها. هو لوئي بابت لکي ٿو: "اسان جيڪو ڪجه بيان ڪيو آهي انهي مان ظاهر ٿئي ٿو ته اهو بادشاهه عظمت ۽ شان و شوڪت کي پسند ڪندو هو. هن جهڙا عظيم ڪم سرانجام ڏيندڙ شهزادي جون جيڪڏهن عادتون ۽ اطوار سادگي وارا هجن ها ته اهو بادشاهن ۾ پهرئين نمبر تي هجي ها ۽ لوئي چوڏهون پئين نمبر تي هجي ها.

اها هڪ موزون لوح مزار ٿي سگهي ٿي ۽ هڪ اهڙي ڪتاب ۾ ڏنل اڪثر فيصلن سان هم آهنگي رکي ٿي جنهن تي بعضي مبالغه آرايين ۽ جانبدارين جي باوجود سٺي سوچ حاوي آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 27. سماجي معاهدو

## —— جي. جي. روسو——

زان زاڪ روسو جو اهو اعلان ڪيترو نه دليرانو آهي تہ: ”انسان آزاد ڄائو آهي پر هو هر جاءِ تي زنجيرن ۾ آهي!“ هن جڏهن پهريون دفعو اهو ڇپيو هو تہ انهي سان ارڙهين صديءَ واري خود اطمينانيءَ کي لوڏو اچي ويو ۽ اهو تڏهن کان وٺي نوجوانن ۾ پُرامید ماڻهن لاءِ همٿ ۽ اتساهہ جو سبب رهيو آهي. اها ڳالهہ ايتري اهميت نہ ٿي رکي تہ هر نسل جا نقاد انهيءَ ڳالهہ تي زور ڏيندا رهيا آهن تہ اعلان جو پهريون حصو سچ تي ٻڌل نہ آهي ڇاڪاڻ تہ انسان دنيا ۾ اچڻ سان توارث جو وڏو بار کنيو اچن ٿا ۽ جيستائين اعلان جي ٻئين حصي جو تعلق آهي دنيا ۾ اڄ ڪيتريون ئي اهڙيون جايون آهن جتي گهڻو وقت ٿيو آهي تہ زنجير سياسي مشينري جو حصو نہ رهيا آهن. بهرحال، انهي اعلان جا لفظ ڪنن لاءِ وڻندڙ رهيا آهن ۽ اسان جو سياسي فلسفو انهي کان سواءِ ٻُسو لڳي ها.

اهو بيان روسو جي سڀ کان وڌيڪ اثرائتي ڪتاب The Social Contract جي پهرئين صفحي تي نظر ايندو. انهي ڪتاب جو پهريون ڇاپو فرانسي ٻولي ۾ 1762ع ۾ آيو هو. روسو جي عمر تڏهن 50 ورهيہ هئي ۽ هو تڏهن ادبي ڪمن ڪارين جي عروج تي هو. لانوويلا هيلوئيز نالي سندس ناول هڪ ورهيہ اڳ ڇپيو هو ۽ ايملي Le Contract Social کان ڪجھ مهينا پوءِ ڇپيو. پر عام پڙهندڙ ڪيس جنهن ڪتاب جي سبب سڀ کان وڌيڪ سڃاڻي ٿو اهو Confessions آهي ۽ اهو سندس وفات کان ٽي ورهيہ پوءِ 1781ع ۾ ڇپيو. حالانڪ اهو 1765ع ۾ مڪمل ٿي ويو هو. انهن ڪتابياتي تفصيلن کي ڪجھ شخصي بيان سان مڪمل ڪري سگهجي ٿو. هو 1712ع ۾ جنيوا ۾ ڄائو. تڏهن اهو سئس (Swiss) شهر هڪ آزاد رياست هو ۽ فرانسي انقلاب تائين ائين ئي رهيو. اها ڳالهہ خاص طور اهميت واري آهي ڇاڪاڻ تہ سندس سموري سياسي سوچ تي انهيءَ جو رنگ چڙهيل رهيو. سندس پيءُ هڪ گهڙي ساز هو. سندس مزاج

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جذباتي هوءِ عادتون فضول خرچي واريون هئس. زان زاڪ کي تمام اوائلي عمر ۾ ٿي مائٽن جي سنڀال هيٺ ڏنو ويو. ڪيس تيرهن ورهين جي ڄمار ۾ هڪ قانوني دستاويز تصديق ڪندڙ وڪيل وٽ شاگرد ڪري ويهاريو ويو پر هن جلد ئي ڪيس واپس موڪلي ڇڏيو جو ڪيس بلڪل نااهل ٿي سمجهيائين. پوءِ ڪيس هڪ اُڪر جو ڪم ڪندڙ وٽ شاگرد طور ويهاريو ويو. هو ٽن ورهين تائين ڏڙڪا داب سهندو ۽ اڌ بک اڌ ڍؤ تي رهيو. پوءِ 1728ع جي هڪ شام جڏهن سندس عمر 16 ورهيه هئي هو پنهنجن ڪجه نوجوان دوستن سان دير تائين گهر کان ٻاهر رهيو ۽ پوءِ پنهنجي جابر استاد جي ڪاوڙ کي منهن ڏيڻ بجاءِ ڀڄي وڃڻ جو فيصلو ڪيائين. اهڙي طرح سندس اهو رولاڪپن وارو سفر شروع ٿيو جنهن جا احوال هن بنا ڪنهن هٻڪ جي مزا وٺندي پنهنجي ڪتاب Confessions ۾ بيان ڪيا آهن.

سندس اتفاقي واقف ڪارن ۾ هڪ نوجوان عورت به شامل هئي. هو جڏهن پهريون دفعو هن عورت سان مليو ته سندس عمر 28 سال هئي. انهيءَ جو نالو مادام ڊي وارينز هو. اها ڪجه مشڪوڪ ڪردار جي مالڪ هئي ۽ اها ڳالهه به طي نه ٿي سگهي آهي ته ڪيس سارڊينيا جي بادشاهه وٽان جيڪا پينشن ملندي هئي اها باضابط سياسي ايجنٽ طور سرانجام ڏنل خدمتن عيوض هئي يا هڪ جاسوس طور ڪيل ڪمن جو معاوضو هئي. پر هوءَ ڏاڍي سهڻي، هوشيار ۽ پُرجوش طبيعت واري هئي ۽ هن زان زاڪ تي مهذب ڪندڙ اثر وڌو. هن ليڪ آف انيسي تي سندس ديهي محل ۾ ڪنهن قسم جي نوڪري ورتي ۽ ڪيترا سال خادم ۽ عاشق واري ٻنهي حيثيت تي خوش گذاريندو رهيو تان جو هن 1741ع ۾ پيرس ۾ اديب طور پنهنجو مقدر ناهڻ جو فيصلو ڪيو. هن کي اهو ڪم ڏاڍو ڏکيو لڳو جو هن کي جيتوڻيڪ جلد ئي انسائيڪلوپيڊيا لکندڙن جي سوسائٽي ۾ ميمبر طور شامل ڪيو ويو پر سندس طبيعت ۾ ذاتي بغض رکڻ جي عادت سبب هن جا ڪيترائي دشمن ٿي پيا. انهيءَ ۾ ڪو شڪ نه آهي ته سندس مايوسي جو هڪ سبب تنهن وقت سندس پاران اها دريافت هئي ته تهذيب هڪ جڙتو شي ۽ زوال جو سبب آهي ۽ حقيقي معنيٰ ۾ خوش اهو جهنگلي وحشي ماڻهو آهي جيڪو سادي غربت ۽ اوائلي بي علميءَ واري حالت ۾ رهي ٿو.

جيئن اڳ ۾ بيان ڪيو ويو آهي سوشل ڪانٽريڪٽ 1762ع ۾ ڇپيو پر فرانسي حڪومت جي ڪاٽ ڪوٽ کان بچڻ لاءِ اهو پيرس بجاءِ ايمسٽرڊم

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ڇپيو هو. اهو لکڻ وقت سندس ذهن ۾ جيڪي خيال هئا اهي هن هڪ تعارفي نوٽ ۾ لکيا آهن: ”آءُ اها ڳولها ڪرڻ چاهيان ٿو ته ماڻهو جهڙا آهن ۽ قانون جهڙا ناهي سگهجن ٿا ڇا انهيءَ صورت ۾ شهري معاملن لاءِ ڪو انصاف ڀريو ۽ پڪو پختو انتظامي قاعدو جوڙي سگهجي ٿو. اهڙي ڳولها ۾ منهنجي هميشه اها ڪوشش هوندي ته حق ۽ سچ ڪهڙي شي جي اجازت ڏئي ٿو ۽ فائدو ڇا ۾ آهي. انهن ٻنهي ڳالهين کي پاڻ ۾ نهڪائي بيهاريان جيئن انصاف ۽ افاديت ٻئي گڏجي هلي سگهن. مون کان سوال ڪيو ويندو ته ڇا آءُ ڪو شهزادو يا قانون ساز آهيان جو سياست تي لکي رهيو آهيان؟ آءُ انهي جو اهو جواب ٿو ڏيان ته آءُ انهن ٻنهي مان ڪو به نه آهيان ۽ اهو ئي سبب آهي جو آءُ انهي بابت لکي رهيو آهيان. ڇاڪاڻ ته آءُ جيڪڏهن واقعي شهزادو يا قانون ساز هجان ها ته آءُ اهو چوڻ ۾ پنهنجو وقت نه وڃايان ها ته ڇا ڪرڻ گهرجي: آءُ ته ڪم ڪري ڇڏيان ها يا ماٺ ڪري ويهي رهان ها“.

هو اڳتي لکي ٿو: هڪ آزاد رياست ۽ هڪ اهڙي اداري جو ميمبر تي پيدا ٿيندي جيڪو پنهنجي اندر ۾ خودمختيار آهي. آءُ اهو محسوس ڪريان ٿو ته عوامي معاملن ۾ منهنجي آواز جو اثر ڀلي ڪيترو به ڪمزور ڇو نه هجي، انهن بابت ووٽ ڏيڻ جو اختيار مون تي اهو فرض ٿو عائد ڪري ته آءُ انهن بابت پنهنجي ڄاڻ ۾ اضافو ڪريان ۽ آءُ جڏهن به حڪومتن تي غور و فڪر ڪندو آهيان ته منهنجي پنهنجي ملڪ جي آئين کي پسند ڪرڻ جا نوان نوان سبب ڳولهي آءُ خوشي محسوس ڪندو آهيان“.

روسو اهو لکڻ وقت جنيوا جي رياست جو شهري هو جنهن ۾ حڪومت شهرين جي هڪ ننڍڙي ٽولي جي هٿن ۾ هوندي هئي. هو اهو سوچي ڏاڍو خوش ٿيندو هو ته جنيوا قديم يونان ۾ اسپارٽا جي طرز تي هڪ شهري رياست (City State) هو ۽ انهي ۾ ڪو شڪ نه آهي ته هو اها اميد رکندو هو ته سندس پنهنجي ملڪ ۾ سندس ديس واسي انهي خوش نما لفظ کي پسند ڪندا. پر اتي هن کان غلطي ٿي وئي هئي ڇاڪاڻ ته جنيوا جا حڪمران پروٽيسٽنٽ سوچ ۽ عمل جي سخت ترين شڪل جا وڏا حامي هئا ۽ اهي ڪهڙي به حالت ۾ زان زاڪ کي ”وٽنڊڙ اولاد“ تسليم ڪرڻ لاءِ تيار نه هئا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ تمهيد کان پوءِ اسين هن مشهور دعويٰ ڏانهن اچون ٿا ته ”انسان آزاد پيدا ٿيو آهي....“ انهي ٽڪري ۾ اڳتي هلي لکيل آهي: ”ڪيترا ماڻهو اهو سمجهن ٿا ته هو ٻين جا آقا آهن حقيقت ۾ ته اهي ٻين کان وڌا غلام آهن. اها سوچ ڪيئن پيدا ٿي آهي؟ مون کي خبر نه آهي. ڇا انهيءَ کي حق بجانب قرار ڏيڻ لاءِ ڪو دليل موجود آهي؟ آءٌ سمجهان ٿو ته آءٌ انهي سوال جو جواب ڏئي سگهان ٿو. انهيءَ ڳالهه کي جيڪڏهن ڪجهه وڌيڪ وضاحت سان بيان ڪجي ته انهي جو مطلب اهو ٿيندو ته روسو اها ڳالهه سمجهائڻ گهري ٿو ته هو اها ڳالهه نه ٿو دريافت ڪرڻ گهري ته ماڻهو جن حڪومتن جي ماتحت هوندا آهن اهي انهن جي اطاعت ڇو ڪندا آهن. هو اها ڳالهه سمجهڻ چاهي ٿو ته ماڻهن کي انهن حڪومتن جي اطاعت ڇو ڪرڻ گهرجي.

انهيءَ سوال جو سڀ کان اوائلي سماج يعني ڪٽنب (Family) ۾ پيدا ٿيڻ ڏکيو هو. ڪٽنب سماج جو واحد فطري نمونو هو. انهي ۾ ٻار ايستائين پيءُ سان لاڳاپيل رهندا هئا جيستائين انهن کي سندس تحفظ جي ضرورت هوندي هئي. جيئن ئي اها ضرورت ختم ٿي ويندي هئي اهي پنهنجا جدا ڪٽنب ٺاهي وٺندا هئا. سياسي سماجن جي انهيءَ ڀرئين ماڊل ۾ پيءُ حاڪم ۽ ٻار سندس عوام هوندا هئا ۽ جيئن ته اهي سڀ آزاد ۽ برابر ڄمندا هئا تنهن ڪري اهي پنهنجي آزادي تيستائين ٻين کي ڏيندا هئا جيستائين اها ڳالهه انهن لاءِ مناسب هوندي هئي. پر ڪٽنب ۽ رياست ۾ هڪ وڏو فرق آهي. ڪٽنب ۾ پيءُ ٻارن جي سارسنڀال لهندو آهي ته انهي جي موٽ ۾ کيس ٻارن وٽان پيار ملندو آهي پر رياست ۾ حاڪم کان اها اميد نه ٿي ڪري سگهجي, ته هو پنهنجي عوام سان ائين پيار ڪندو جيئن ڪو پيءُ ڪندو آهي. حقيقت ۾ سندس عمل پٺيان اصل محرڪ حڪم هلائڻ مان ملندڙ خوشي هوندو آهي.

ڪنهن رياست جو حڪمران پنهنجي عوام کان انهي ڪري اطاعت جي اميد ڪندو آهي جو هن وٽ طاقت ۽ اختيار هوندو آهي. پر روسو جيڪو ڪجهه چوي ٿو انهي جو مطلب اهو آهي ته طاقت حق ۽ سچ جو معيار نه آهي (Might Does Not Make Right) ”اختيار جنهن وٽ به هجي انهي جي تابعداري ڪريو“. ڪنهن به لحاظ کان ڏسجي ته هيءَ ته اهو ئي ڪم آهي جيڪو اسان سڀ ڪندا آهيون پر تڏهن جڏهن اختيار وارن وٽ اسان کان ائين ڪرائڻ جا ذريعا به

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندا آهن. اها حقيقت ايتري پڌري پٽ پئي آهي جو انهن کي بيان ڪرڻ جي ضرورت ئي نہ آهي. پر انهي ۾ حق ۽ سچ جو ڪو بيان آهي. "هڪ ٻيلي ۾ هڪ ڌاڙيل اوچتو منهنجي سامهون اچي مون کي حيران ڪري ڇڏي ٿو ۽ مون کي مجبور ٿو ڪري تہ آءٌ پنهنجو پرس سندس حوالي ڪري ڇڏيان. جيڪڏهن مون وٽ اهو هن کي نہ ڏيڻ جي ڪا واٽ هجي ها تہ ڇا آءٌ کيس اهو ڏيان ها؟ جيڪڏهن طاقت جو مطلب حق ۽ سچ آهي تہ پوءِ جواب ٽيندو هائو ڇاڪاڻ تہ هن جي هٿ ۾ جيڪو پستول آهي اهو طاقت آهي". پر ڳالهہ وري ورجائجي تہ طاقت حق سچ نہ آهي. اسان کي انهن ئي اختيارن جي تابعداري ڪرڻي آهي جيڪي حق تي ٻڌل هجن.

هاڻي روسو اهو فرض ٿو ڪري تہ اسين سماج جي هڪ اهڙي حالت تي بحث ڪري رهيا آهيون جنهن ۾ "اهي رڪاوٽون جيڪي فطري حالت ۾ انهن جي بقا جي راهہ ۾ حائل آهن". اهي ايتريون وڏيون آهن جو ڪو فرد اڪيلي سر انهن کي منهن نہ ٿو ڏئي سگهي. هاڻي جيئن تہ ماڻهو ڪي نيون طاقتون (Forces) تخليق نہ ٿا ڪري سگهن پر اڳ ۾ ئي وجود رکندڙ طاقتن کي ملائي ۽ انهن کي نئون رخ ڏئي سگهن ٿا تنهن ڪري انهن کي گڏجي هڪ رخ ۾ ڪم ڪرڻ گهرجي. پر هتي اسان کي هڪ ڳنڀير مشڪلات کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. "مسئلو هي آهي تہ جڏهن پاڻ ۾ گڏجڻ جو ڪو اهڙو طريقو ڳولهي لهبو جيڪو هر لاڳاپيل فرد (Associate) جي جان ۽ مال جي انهي سماج جي سموري طاقت سان حفاظت ۽ بچاءُ ڪندو ۽ جڏهن انهي جي ذريعي هر ماڻهو ٻين سان گڏبو تہ ممڪن آهي تہ هو فقط پنهنجي ئي تابعداري ڪري ۽ بلڪل ائين ئي آزاد رهي جيئن ٻين سان گڏجڻ کان اڳ هو.

اهو بنيادي مسئلو آهي ۽ انهي جو حل سماجي معاهدي (Social Contract) جي ذريعي ڏنو ويو آهي. انهيءَ معاهدي جون شقون اهڙي طرح طي ڪيون ويون آهن جو انهن ۾ بلڪل معمولي ڦيرڦار سان بہ اهي غير موثر ۽ بيڪار ٿي وينديون. انهن شقن کي درست پس منظر ۾ سمجهڻ کان پوءِ انهن کي انهي هڪ شق ۾ سمائي سگهجي ٿو تہ هر لاڳاپيل فرد پنهنجا سمورا حق سموري سماج جي حوالي ڪري ڇڏي ڇاڪاڻ تہ جڏهن هر ماڻهو پاڻ کي غير مشروط طور سماج جي حوالي ڪري ڇڏيندو ۽ جڏهن حالتون سڀني جي لاءِ برابر هونديون تہ ڪنهن کي بہ انهن حالتن کي ٻين لاءِ ڏکيو بنائڻ ۾ ڪو فائدو نہ هوندو. وڌيڪ اها ڳالهہ تہ جڏهن

سيڪو پنهنجن حقن کان غير مشروط طور دستبردار ٿيندو ته ڳانڍاپو هر لحاظ کان مڪمل ٿيندو ۽ ڪو به لاڳاپيل فرد ڪنهن به شي جي طلب نه ڪندو. ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن فردن وٽ ڪي حق رهيل هوندا ۽ جيئن ته اهڙو ڪو مشترڪ برتر فرد به نه هوندو جيڪو انهن جو فيصلو ڪري تنهن ڪري هر ڪو جڏهن ڪنهن ڳالهه تي پنهنجو جج پاڻ هوندو ته هو جلدئي سيني ڳالهين ۾ پنهنجو جج پاڻ ٿيڻ جي دعوي ڪندو. فطرت جي حالت تڏهن به جاري هوندي ۽ فردن جو ڳانڍاپو لازماً زور ۽ ڏاڍ وارو يا بيڪار ٿي ويندو. مختصر طور چئجي ته هر ماڻهو پنهنجو پاڻ سيني جي حوالي ڪندي جڻ ته پاڻ کي ڪنهن جي به حوالي نه ٿو ڪري ۽ جيئن ته اهڙو ڪو به ڳانڍاپيل فرد نه هوندو آهي جنهن تي هن کي اهڙا ساڳيائي حق حاصل نه هوندا آهن جهڙا هو پنهنجي ذات جي مٿان بين کي نه ٿو حوالي ڪري ته هو هر اها شي جيڪا هٿان وڃائي ٿو انهي جي برابر بيون شيون حاصل ڪري ٿو ۽ هن وٽ جيڪو ڪجھ آهي انهن جي بقا لاءِ طاقت به حاصل ڪري ٿو. اهڙي طرح جڏهن سماجي معاهدي مان ٻيراء ۽ واڌارا ڪيڍ ڇڏجن ته ان جو بنيادي ڍانچو هي بيهندو: "اسان مان هر هڪ پنهنجي ذات ۽ پنهنجي سموري طاقت کي گڏيل طور عوام جي مرضي (General Will) ماتحت رکي ٿو ۽ موٽ ۾ اسان کي پنهنجي ادارا جاتي حيثيت ۾ ڪُل (Whole) جو هڪ نديڙو حصو ملي ٿو".

اهڙي طرح معاهدي ۾ شامل ماڻهن جي انفرادي شخصيتن جي جاءِ تي هڪ اخلاقي ۽ اجتماعي ادارو آندو وڃي ٿو جيڪو ايترن ئي ميمبرن تي ٻڌل هوندو آهي جيترا اسيمبليءَ ۾ ووٽر هوندا آهن ۽ انهي کي ڳانڍاپي جي انهي عمل ذريعي پنهنجي ٻڌي ۽ اتحاد، پنهنجي مشترڪ ذات يا سڃاڻپ ۽ پنهنجو ارادو (Will) ملندو آهي. سيني انفرادي ميمبرن جي ميلاپ مان ٺهيل انهيءَ اداري انهي عوامي شخصيت (Public Person) کي اڳ ۾ شهر (City) سڏيو ويندو هو ۽ انهي کي رياست (Republic) چيو وڃي ٿو: اهو جڏهن غير سرگرم هوندو آهي ته State سڏيو ويندو آهي ۽ جڏهن سرگرم هوندو آهي ته حاڪم اعليٰ (Sovereign) سڏيو ويندو آهي ۽ ان جي جڏهن پاڻ جهڙن ٻين سان ڀيٽ ڪئي ويندو آهي ته ان رکي Power سڏيو ويندو آهي. جيستائين انهيءَ ۾ ڳانڍاپو رکندڙن جو تعلق آهي ته انهن کي گڏيل طور عوام (People) چيو ويندو آهي. حاڪم اعليٰ جي طاقت ۾

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شريڪ طور انهن کي شهري (Citizen) چيو ويندو آهي ۽ رياست جي قانونن جي ماتحت طور انهن کي محڪوم (Subjects) چيو ويندو آهي

سماجي معاهدي جو نظريو خود روسو جي لفظن ۾ اجهوائين ڏنل آهي. هن اهو نظريو پاڻ ايجاد نہ ڪيو هو. اهو نظريو تہ سماج جو بنياد هڪ اهڙي معاهدي تي آهي جنهن تي عوام ۽ انهن جي حاڪم يا حڪومت متفق ٿيا آهن تہ انهيءَ جون پاڙون وچئين دور جي سياسي فلسفين تائين پهچن ٿيون. ۽ سورهين کان ارڙهين صدين جي وڏين آئيني جدوجهدن ۾ بہ انهيءَ جو اڪثر ذڪر ٿيندو رهندو هو. انهيءَ جو تمام واضح اظهار 1688ع جي ڪانوينشن پارليامينٽ طرفان ڪيل اعلان ۾ بہ ڏسي سگهجي ٿو جنهن ۾ جيمس ٻئين تي الزام مڙهيو ويو هو تہ هن بادشاهہ ۽ عوام جي وچ ۾ ٿيل اصلي معاهدو ٽيجي ڇڏيو هو. پر اها ڳالهہ انگلينڊ ۾ ٿي هئي ۽ جيئن تہ انگريز بادشاهہ کي 1649ع ۾ ڦاهي ڏني وئي هئي تنهن ڪري يورپ جي ٻين ملڪن ۾ اها متفق راءِ هئي تہ سياسي معاملن ۾ انگريزي سوچ ۽ عمل ايترا نج ۽ ايترا سخت آهن جو انهن جي پيروي نہ ٿي ڪري سگهجي. پر روسو جيڪڏهن فرانسي نہ هو تہ هڪ سئو يوروپي تہ بهرحال هو ۽ ڪيس جيڪو ڪجه چوڻو هو اهو هر انهيءَ علائقي ۾ پڙهيو ويو جتي فرانسي زبان سمجهي وئي ٿي. هن جي نظريي سيني ترقي يافتہ ملڪن ۽ خاص طور فرانس ۾ سياسي نظرين جي واڌويجه ۾ تمام گهڻو اثر وڌو. حقيقت ۾ ڪيس 1789ع واري فرانسي انقلاب جو فڪري ابو ڪوٺيو وڃي ٿو. سندس ڪتاب کي انهي انتها پسند جمهوري پارٽي پنهنجي بائيبل طور اختيار ڪيو هو جنهن جو ليڊر رابس پيئر هو.

پر جيئن ٻين عظيم سياسي مفڪرن سان ٿيندو رهيو آهي ماڻهو هن جي ڪتابن جي صفحن ۾ بہ اهي ئي ڳالهيون ڳولهيندا رهيا جيڪي انهن کي گهربل هيون. انهن جيڪي ڳالهيون اتي ڏسڻ جي دعوي ڪئي ٿي حقيقت ۾ انهن جو وڏو حصو اتي موجود نہ هو. روسو مڪمل جمهوريت نواز نہ هو. ۽ سندس اهو نظريو تہ جنرل ول (General Will) رياست جي سمورن ميمبرن جي خواهش کان ڪا جدا شي آهي. اهو ايترو تہ بگڙجي ويو آهي جو انهي مان لوئي نيپولين (نيپولين ٽئين) کان وٺي هٽلر تائين جهڙن ڊڪٽيٽرن کي شہ ملندي رهي آهي. هو عام راءِ جي جاچ جوچ ۽ ان تي بندش جو قائل هو. هن عورتن کي برابر حق ڏيڻ بابت ڪجه سوچيو ئي نہ هو. هو جينوئيڪ مذهبي رواداريءَ ۾ پڪي ايمان جي دعوي ڪندو هو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ بہ اها ڳالهہ بہ ظاهر ظهور چٹي هئائين تہ جيڪي ماڻهو رياست پاران مذهب جي وصف قرار ڏنل نظرين کي کلي عام تسليم ڪرڻ کان پوءِ انهن کان دستبردار ٿيندا تہ رياست انهن کي موت جي سزا ڏيڻ ۾ حق بجانب هوندي. سندس تعليم تي اهي ڪارا چٽا آهن.

هو سندس سموري زندگي عام طور غريب ئي رهيو. گهڻو ڪري سندس ننڊا ٿيندي رهي ۽ ماڻهو هن کان شديد نفرت ڪندا رهيا. ۽ جيڪي ماڻهو ڪيس ڪارائيندا هئا انهن جي هٿن ۾ چڪ هڻڻ تي بہ سندس ضمير کي ڪا ڇهنڊڙي نہ لڳندي هئي. پر اندروني طور هو هڪ نج روح ۽ انقلاب جو اهڙو پروانو هو جنهن کي ڏاڍ کان نفرت هوندي هئي ۽ پاڻ جهڙن ماڻهن تي ڪهل ايندي هئس.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 28. وڪار آف ويڪ فيلڊ

## ـــ اوليور گولڊ سمٿ ـــ

”هڪ صبح جو ”اهي ڊاڪٽر جانسن جا لفظ آهن“، مون کي گولڊ سمٿ جو نياپو مليو ته هو تمام وڏي مصيبت ۾ آهي ۽ مون وٽ اچي به نه ٿو سگهي تنهن ڪري گذارش ڪيائين ته جيترو جلد ٿي سگهي آءُ هن وٽ اچان. مون هن ڏانهن هڪ گِني موڪلي ۽ واعدو ڪيو ته سڌو هن وٽ ٿو اچان. پوءِ آءُ ڪپڙا پهري نڪتس ۽ هن وٽ ويس ۽ ڏٺم ته هو جنهن گهر ۾ مسواڙ تي رهندو هو ان جي مالڪيائيءَ مسواڙ نه ڏيڻ سبب کيس گرفتار ڪرايو هو. انهي تي هو ڏاڍي ڪاوڙ ۾ هو. مون محسوس ڪيو ته هن منهنجي گني متراڻي هئي ۽ پنهنجي سامهون مديرا جي هڪ بوتل ۽ گلاس رکيو ويٺو هو. مون بوتل کي بُجي ڏني. هن کي ٿڌو ٿيڻ جو چيو ۽ هن سان اهڙن وسيلن بابت ڳالهائڻ لڳس جن سان سندس جان آزاد ٿي سگهي. هن پوءِ مون کي ٻڌايو ته هن وٽ هڪ ناول پريس لاءِ تيار آهي جيڪو هن مون کي ڏيکاريو. مون انهي تي نظر وڌي ۽ انهي جي خصوصيتن کي پرکي ورتو. پوءِ آءُ گهر جي مالڪيائي کي جلد ئي موٽي اچڻ جو چئي هڪ ڪُتب فروش وٽ ويس ۽ اهو 60 پائونڊن ۾ وڪرو ڪري آيس. مون پئسا آڻي گولڊسمٿ کي ڏنا جنهن مان هن پنهنجي مسواڙ ڏني پر انهي دوران هو پنهنجي گهر جي مالڪيائي سان زور زور سان ڳالهائيندو به رهيو ته هُن هن سان ڏاڍي خراب هلت ڪئي آهي“.

جيڪو ناول اجهو اهڙي طرح دنيا ۾ آندو ويو انهيءَ جو نالو وڪار آف ويڪفيلڊ (The Vicar Of Wakefield) هو. اهو 1766ع ۾ ڇپيو ۽ ميڪالي جيئن گولڊ سمٿ تي پنهنجي مقالي ۾ لکيو آهي. انهي کي جلد ئي اهڙي شهرت ملي وئي جيڪا تيستائين باقي رهندي جيستائين اسان جي ٻولي باقي آهي.

ڪهاڻي جو هيرو ڊاڪٽر پرمروز آهي. هو اسان کي اها متڪلم جي صيغي ۾ ٻڌائي ٿو ۽ مهاڳ ۾ هن بابت چيو ويو آهي ته هي اهو ماڻهو آهي، ”جنهن جي ذات ۾ دنيا جا ٽي وڏي ۾ وڏا ڪردار جمع آهن يعني هو هڪ پادري آهي. آبادگار

آهي ۽ هڪ ڪنٽنب جو سربراهه ۽ وڏو آهي". هو مزاج جي لحاظ کان ريچڪي ۽ پورالو آهي پر انهيءَ سان گڏوگڏ نيڪوڪار ۽ سٺي دل رکندڙ آهي. مڪمل طور ايماندار ۽ سڌو سنئون آهي. پڪو محب وطن ۽ سٺو دوست آهي. ڪتاب جي پهرئين جملي ۾ ئي اسان کي سندس انهيءَ سوچ کان آگاهه ڪيو ويو آهي ته جيڪو ماڻهو شادي ڪري هڪ وڏو ڪٽنب وجود ۾ آڻي ٿو اهو انهيءَ ماڻهو کان وڌيڪ خدمت ڪري ٿو جيڪو اڪيلو گذاري ٿو ۽ فقط آدمشماريءَ بابت ڳالهيون ڪندو رهي ٿو. تنهن ڪري هن کي پادري ٿئي اڃا هڪ سال ئي مس ٿيو هو جو هو شاديءَ بابت سنجيدگيءَ سان سوچڻ لڳو هو. هن پنهنجي زال جي چونڊ به انهيءَ اصول تي ڪئي هئي جنهن اصول مطابق پنهنجو شادي جو گائون خريد ڪيو هئائين ته انهيءَ جي ٻاهرئين سطح چمڪندڙ نه هجي پر اهو گهڻو چوڙ ڏئي سگهي. سندس زال سٺي سڀاء جي مالڪياڻي هئي ۽ اسان کي ٻڌايو ويو آهي ته هوءَ انگريزي جو ڪهڙو به ڪتاب پڙهي سگهندي هئي ۽ رڌپچاءَ ۽ آچار ناهڻ ۾ ته ڪو هن جو مٽ ئي نه هو.

پادريءَ جي رهڻي ڪهڻي جيتوڻيڪ سادي هوندي هئي پر انهن کي وٽندڙ ڳوناڻي علائقي ۽ سٺي پسگردائي ۾ سٺو گهر هوندو هو. انهن جو گهڻو وقت امير پاڙيسرين وٽ وڃي ملاقاتون ڪرڻ ۽ غريب پاڙيسرين کي تسلي ۽ آٿت ڏيڻ ۾ گذرندو هو. اهي جيئن ته روڊ جي پرسان رهندا هئا تنهن ڪري گهڻو ڪري ڪنهن مسافر يا اجنبي ماڻهو کي دعوت ڏئي وٺي ايندا هئا جيئن هو انهن جي انگور فرنگي واري شراب مان وٽ ڪري سگهي. انهن جي انهيءَ شراب جي ڏاڍي هاڪ هوندي هئي. پادري ڏاڍي خود اطميناني سان اسان کي ٻڌائي ٿو ته: "آءٌ ڪنهن مؤرخ واري صداقت سان چوان ٿو ته مون کي ڪو اهڙو ماڻهو نه ٿو سُجهي جنهن انهيءَ سان وڌ ڪيڪ هجي".

پرم روز ڪٽنب ڇهن پٽن ۽ ٻن ڌيئرن تي مشتمل هو.

جارج سڀ کان وڏو هو. پوءِ اوليويا ۽ صوفيا هيون. انهن کان پوءِ ٽي وڌيڪ ڇوڪرا موسز ڊڪ ۽ بل هئا. "آءٌ جڏهن پنهنجن ننڍڙن ٻارن کي پنهنجي آسپاس ڏسندو هوس ته مون کي جيڪا خوشي ملندي هئي انهيءَ کان انڪار ناممڪن آهي. پر منهنجي زال کي جيڪو فخر ۽ اطمينان ملندو هو اهو ته منهنجن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

احساس ڪان گهڻو وڌيڪ هوندو هو. جڏهن اسان جا ملاقاتي چوندا هئا ته: ”مسز پرم روز آءُ سچ ٿي چوان، تنهنجا ٻار سموري علائقي ۾ بهترين آهن“. هائو! پاڙيسرڻ ”هوءَ جواب ڏيندي هئي“. الله جي جوڙ آهن. سهڻا تڏهن چئبا جڏهن اخلاق پلو هجين. پلو اهو جنهن جا ڪم پلا هجن. ”پوءِ هوءَ پنهنجين ڇوڪرين کي چوندي هئي ته اِهي پنهنجا ڪنڌ مٿي ڪن. اهي بلاشڪ ته ڏاڍيون سهڻيون هيون. ڪهاڻي جي شروعات وقت اوليويا جي عمر لڳ ڀڳ ارڙهن ورهيه هئي ۽ ٻي اننها گهڻي حسن ۽ سونهن جي مالڪ هئي. صوفيا جو منهن مهانڊو اٺندي سان جينٽوٽيڪ ايترو پُرڪشش نه لڳندو هو پر پوءِ اهو گهڻو اثر ڪندو هو. سندس سونهن ڏاڍي دل لپائيندڙ هوندي هئي. ڪو ماڻهو هڪ ڏڪ سان زير ٿي ويندو آهي ته ڪي مسلسل ڏڪن سان مغلوب ٿيندا آهن. اوليويا کي ڪيترن ئي عاشقن جي خواهش هوندي هئي جڏهن ته صوفيا هڪ عاشق هٿ، ڪرڻ گهرندي هئي.

پرم روز ڪٽنب ڪيترن ورهين کان تمام خوش زندگي گذاري رهيو هو. ڊاڪٽر پرم روز جو مشاهرو 35 پائونڊ ساليانو هوندو هو (۽ انهيءَ مان به هو پنهنجي حلقي جي بيواهن ۽ يتيمن لاءِ رقم ڪيندو هو) پر هن کي آمدني جا ڪي خانگي ذريعا به هئا جيڪي انهن جي معمولي گهرجن لاءِ ڪافي هوندا هئا. پوءِ حالتن خراب رُخ اختيار ڪيو ۽ پهرئين ڌڪڪي لاءِ ڊاڪٽر پرم روز ئي ذميوار هو. هو ڏاڍو چيڙاڪ ماڻهو هوندو هو ۽ سندس هڪ خاص اصول اهو هوندو هو ته ڪنهن پادريءَ لاءِ سندس پهرئين زال جي وفات کان پوءِ ۽ ٻي شادي ڪرڻ غير قانوني ڪم هو يا سندس پنهنجن لفظن ۾ ته آءُ هڪ زال ڪرڻ واري اصول تي پڪو رهڻ تي ٻاڻ کي ڏاڍو اهم سمجهندو هوس“. هاڻي سندس پٽ جارج جيڪو آڪسفورڊ پڙهڻ ويو هو ۽ اڳتي هلي ڪو عزت وارو پيشو اختيار ڪري ها انهي مس ارابيلا ولموٽ سان شادي ڪرڻ جو ارادو ڪري چڏيو. اها هڪ پاڙيسري پادريءَ جي ڌي هئي. اها ڏاڍي سهڻي ۽ شاهوڪار هئي ۽ سندس محبت جي ڀرپور موٽ ڏنائين ٿي. پر بدقسمتي سان سندس پيءُ جون اڳ ۾ ٽي زالون مري ويون هيون ۽ هاڻي هو چوٿين زال سان عشق ڪري رهيو هو. هوءِ ڊاڪٽر پرم روز انهي معاملي تي شديد بحث مباحثي ۾ پئجي ويا. ٻئي ڏريون هوش مان نڪري ويون. وري جو اهي خبرون آيون ته ڊاڪٽر پرم روز لنڊن جي هڪ واپاري وٽ جيڪو پئسو سيڙايو هو انهيءَ جو وڏو حصو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نقصان ۾ وڃائجي ويو آهي ۽ هن انهي رقم جو جيڪو حصو پنهنجي پٽ کي شاديءَ جي حصي طور ڏيڻو ڪيو هو اهو بہ نہ ڏئي سگهندو تہ اها سڱابندي جيڪا اڳ ۾ ئي خطري ۾ پئجي وئي هئي انهي جو سلسلو ختم ٿي ويو ۽ جارج کي لنڊن موڪليو ويو تہ پنهنجي ڀاڳ جي ڀاڻ ڳولها ڪري

هاڻي پرمر روز ڪئنٽب کي پنهنجو وٽندڙ گهر ڇڏي هڪ ڏورانهين ڳوٺ ڏانهن وڃڻو پيو. نئين حلقي جي آمدني فقط 15 پائونڊ ساليانو هئي پر پادريءَ هڪ ننڍڙو زمين ٽڪر آباد ڪري انهي ۾ واڌارو ڪرڻ جو ارادو ڪيو. ڪجھ وقت وري سڀ ڳالهيون صحيح ٿي ويون ۽ اسين ميڪالي جي انهيءَ راءِ سان متفق ٿي سگهون ٿا تہ انهن شروعاتي بابن ۾ "ڪاميڊيءَ واري تيزي ۽ چُستي سان گڏوگڏ دهقاني شاعري جو سمورو ميناج موجود آهي".

هاڻي هو جنهن جاءِ تي ويا اتي ننڍڙا آبادگار رهندا هئا. جيڪي پنهنجيون زمينون پاڻ آباد ڪندا هئا ۽ گهڻي شاهوڪاري توڙي غربت ٻنهي کان اڻ واقف هئا. اُهي ڪم ڪار جي ڏينهن ۾ خوشي سان ڪم ڪندا هئا ۽ خوشي جي ڏڻن کي بي ڪاري ۽ خوشي جي وقفن طور ملهائيندا هئا. اهي ڪرسمس تي خدا جي حمد جا گيت ڳائيندا هئا. ويلنتائين جي صبح جو محبوبن ڏانهن گل موڪليندا هئا, گناهن جي اعتراف جي ڏينهن تي ڪيڪ کائيندا هئا. پهرئين اپريل تي پنهنجي مزاح جي حس جو اظهار ڪندا هئا ۽ 29- سيپٽمبر تي حضرت ميڪائيل جي اعزاز جي دعوت ۾ مذهبي عقيدت سان خشڪ ميوا کائيندا هئا. پرمر روز ڪئنٽب جو سڀ کان ويجهو پاڙيسري فليمر بورو هوندو هو. جيڪو پنهنجين صحتمند چوڪرين سان اڪثر انهن وٽ ايندو هو. اتي هڪ نابين شرناءِ وڄائيندڙ بہ رهندو هو جيڪو بہ ڪڏهن ڪڏهن ليئو پائيندو هو. جڏهن روزانو جو ڪم ختم ٿي ويندو هو تہ پادري ۽ سندس زال پنهنجي سادي رهائش جي سامهون هڪ بينچ تي ويهندا هئا ۽ "چانهہ پيئندا هئا يا تہ چوڪريون گٽار تي ويهي ڳائينديون هيون ۽ اهي هڪ ننڍڙي ڪنسرٽ جي شڪل اختيار ڪنديون هيون تہ آءٌ ۽ منهنجي زال لهواري پٽيءَ ۾ چهل قدمي ڪندا هئاسون جيڪا مختلف گلن سان سينگاري پئي هوندي هئي, اسين وڏي خوشي سان پنهنجي ٻارن بابت پيا ڳالهائيندا هئاسين ۽

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تذڙي هير مان لطف اندوز پيا ٿيندا هئاسين جيڪا پنهنجين لهرن تي خوشي ۽ صحت پئي آڻيندي هئي".

گولڊ سمٿ اهڙين وٿندڙ ڳالهين سان تصوير ۾ مناج پيدا ڪئي آهي. نوجوان موسز ۽ سائي رنگ جي عينڪن واري واقعي مان "ڪاميڊي" جي عنصر جو مثال ملي سگهي ٿو. مسز پرمروز پنهنجي مڙس تي زور پريو ته آچر جي ڏينهن تي سنو تاثر پيدا ڪرڻ چڱي ڳالهه ٿيندي ۽ دير سوير ڪيس انهي ڳالهه تي متفق ڪري ورتائين ته هو پنهنجو وڇيرو وڪڻي هڪ گهوڙو خريد ڪن. جنهن تي سوار ٿي عورتون چرچ وڃي سگهن. پوءِ موسز وڇيرو ڪاهي ميلي تي ويو ۽ رات جو موٽيو پر ڪو گهوڙو نه پر هڪ وڏي صندوق گهليندو آيو ۽ چيائين ته انهي ۾ ٻارنهن ڊزن سائي رنگ جون عينڪون آهن. هن ٽن پائونڊن پنجن شلنگن ۾ ٻن پينين ۾ گهوڙو وڪيو هو ۽ ڪنهن چڱي وهٽ جي ڳولها ۾ ميلي واري ميدان ۾ گهمبو پئي جو شڪل صورت مان پادري لڳندڙ هڪ شخص ڪيس هڪ تنبو ۾ اچڻ لاءِ چيو. اتي هو هڪ ٻئي ماڻهو سان مليا جيڪو ڪجه سائي رنگ جي عينڪن تي 20 پائونڊ اڌارا وٺڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. عينڪن جا فريم چاندي جا هئا ۽ اهي چمڙي جي دٻين ۾ بند هئا. هن چيو پئي ته کيس پئسن جي ضرورت هئي ۽ هو عينڪن جي اصل قيمت جي ٽئين حصي تي به اهي وڪرو ڪري ڇڏيندو. "ٻهريون نيڪ مرد جنهن منهنجو دوست هئڻ جي ڏيکاري پئي ڏني انهي مون کي ڪن ۾ پٽڪو ڪيو ته آءٌ اهي خريد ڪريان ۽ مون کي چتاءُ ڏنائين ته اهڙي سٺي آڇ هٿن مان نه وڃايان. مون مسٽر فليم بورو کي گهرايو ۽ انهن هن سان به اهڙي سهٽي نموني ۾ ڳالهايو جيئن مون سان ڳالهايو هئائون ۽ آخرڪار اسين اهي به ڊزن پاڻ ۾ اڌو اڌ ڪري خريد ڪرڻ تي آماده ٿي وياسين". هاڻي فقط چاندي جا فريم ئي پيٽي قيمت تي وڪرو ٿيندا. نوجوان چيو. پر افسوس پادري اگ ۾ ئي ڏسي ورتو هو ته فريم ٽامي جا هئا ۽ انهن مٿان وارنش ٿيل هئي.

به بيا ملاقاتي به هئا جن کي پرمروز ڪٽنب جي قصي ۾ اهم جاءِ حاصل آهي. انهن مان هڪ مسٽر برچل نالي هڪ ماڻهو هو. انهيءَ جي عمر 30 ورهين جي لڳ ڀڳ هئي. هو ڏسڻ ۾ ڪجه قدر سادو لڳندو هو پر ڏاڍو مهذب ۽ پڙهيل لکيل شخص هو. اهي پنهنجي نئين گهر ڏانهن ويندي هن سان واقف ٿيا هئا. درحقيقت

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن انهن کي ڊاڍو پنهنجي زيرِبار ڪري ڇڏيو هو. هو جڏهن هڪ اونهو پاڻي جهاڳي ٽپي رهيا هئا ته هن صوفيا کي ٻڏڻ کان بچايو هو. اتي هڪ ٻي تمام گهڻي جاندار شخصيت به موجود هئي. اهو سندس نوجوان گهر مالڪ اسڪئائر ٿارن هل هو. ڊاڪٽر پرمر روز کي انهي کان خاص طور خبردار ڪيو ويو هو ته ”هو جنس لطيف ڏانهن ايتري حد تائين لاڙو رکي ٿو جو چوڌاري ميلن جي علائقي ۾ ڪنهن ڪڙمي جي ڪا اهڙي ڇوڪري نه هوندي جنهن کي هو پنهنجي دام ۾ ڦاسائڻ ۾ ڪامياب نه ٿيو هوندو ۽ هن سان ٻي وفائي نه ڪئي هوندائين. پر هن پاڻ کي پادريءَ آڏو ايترو ته وٽندڙ ڪري پيش ڪيو جو سادڙي پادريءَ سمجهيو ته ڪيس هروڀرو تمام گهڻو بدنام ڪيو ويو آهي. جڏهن ته مسز پرمر روز هن جي شڪل ۾ اوليويا لاءِ هڪ تمام مناسب مڙس ڏسي رهي هئي. اوليويا به سندس پاران محبت جي اظهار کي خوش دلي سان قبول ڪري رهي هئي. صوفيا وري مسٽر برچل ڏانهن مائل لڳندي هئي. پر هن جڏهن اسڪئائر ٿارن هل ۽ سندس ٻن عورت واقف ڪارين سان پنهنجي شديد نفرت جو اظهار ڪيو ته ڪيس ڏاڍي گستاخي سان پاڻ کان پري ڪيو هو. انهي جو سبب اهو هو جو اسڪئائر ٿارن هل جي واقف ڪار عورتن ليڊي بليرني ۽ مس ڪيرولينا وائليا مينا اميليا پرمر روز ڪٽنب جي ٻن ڇوڪرين کي پاڻ سان گڏ لنڊن وٺي وڃڻ ۽ کين اتي سٺيون نوڪريون وٺرائي ڏيڻ جو واعدو ڪيو هو.

هاڻي برچل رستي مان نڪري ويو ته اسڪئائر ٿارن هل پنهنجا اصلي رنگ ڏيکارڻ شروع ڪيا. هن جو مقصد شادي نه پر دل وندرائڻ هو ۽ هڪ شام جو جڏهن پرمر روز ڪٽنب ٻاهر جي چوڌاري وينو هو ته ننڍڙو ٻڪ ڊوڙندو هيءَ حيرتناڪ خبر کڻي آيو ته: ”منهنجي ڀيڻ لاٽيوي ٻن ماڻهن سان گڏ هڪ وڏي گهوڙي گاڏي ۾ وڃي هلي. انهن مان هڪ کيس مٺيون ڏنيون ۽ چيو پئي ته هو هن لاءِ جان به ڏئي ڇڏيندو. هن زور سان رڙيون پئي ڪيون ۽ واپس اچڻ پئي گهريو پر هن وري کيس مائل ڪيو ۽ گهوڙي گاڏي ۾ وڃي ويٺي ۽ چيائين! ”ابو! بابي ويچاري کي جڏهن منهنجي تباهي جي خبر پوندي ته الائي ڇا ڪندو؟“

ويچاري پيءُ اهو ڪيو جو پنهنجا پستول گهرايائين ۽ رڙيون ڪرڻ لڳو ته: ”آءُ انهي غدار جي پٺيان لڳندس. اهو جيستائين زمين جي تختي تي موجود هوندو آءُ سندس پٺيان هوندس. اهو ڌوڪي باز بدمعاش! آخرڪار سندس هوش

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حواس بحال ٿيا ۽ صبح جو هو "پنهنجي پياري" اوليويا جي پنيان نڪتو پر پستول نہ ڪنيائين.

هو رستي تي بيمار ٿي پيو ۽ ڪجھ هفتا هڪ سراءِ ۾ پيو رهيو. پوءِ هن واپس گهر وڃڻ جو فيصلو ڪيو ۽ رستي ۾ ڪجھ رولاڪ نوجوانن جي ٽولي سان مليو. انهن ۾ سندس پٽ چارج بہ هو. "هڪ فلسفي رولاڪ جي تاريخ" نالي وارو باب جارج پاران پنهنجي قسمت ئاهڻ لاءِ گهر ڇڏڻ کان وٺي انهي ڏينهن تائين ڪيل مهم جوئين تي ٻڌل آهي. سمجهيو وڃي ٿو تہ اهو بيان ڏيڻ لاءِ گولڊ سمٿ گهڻي ڀاڱي پنهنجن تجربن کي ڪم آندو آهي جو نوجواني ۾ هن بہ يورپ جي ڪنڊ ۾ رولاڪيون ڪيون هيون ۽ انهي دوران وٽس پنهنجي بانسري کان سواءِ ٻي ڪا شي خير ڪا هئي.

انهي دلچسپ تفريح کان پوءِ اسين وري پرم روز ڪٽنب جي قصي تي اچون ٿا ۽ اسان کي شايد ميڪالي جي انهي راءِ سان متفق ٿيڻو پوندو تہ ڪهاڻي جي پڇاڙي، ڪهاڻي جي منڍ سان مناسبت نہ ٿي رکي ۽ اسين جيئن پڇاڙي جي ويجها ٿيندا وڃون ٿا تہ اجايون ۽ واهيات ڳالهيون وڌنديون وڃن ٿيون ۽ وٺندڙ ڳالهيون گهٽ کان گهٽ ٿينديون وڃن ٿيون.

پادري کي گهر جي ويجهو پهچڻ تي هڪ سراءِ ۾ اوليويا بيمار نظر اچي ٿي. هو کيس غمگيني واري سوپ سان گڏ گهر وٺي وڃي ٿو. هاڻي وري نيون مصيبتن جو هڪ انبوهہ هن مٿان ڪڙڪي پوي ٿو. هو جيئن تہ پنهنجي مسواڙ نہ ٿو ڏئي سگهي تنهن ڪري سندس ظالم گهر مالڪ ٿارن هل سرڪار کان سندس جانورن جي ضبطي جو حڪم وٺي ٿو اچي ۽ پوءِ پادري کي قرضين جي جيل ۾ وڏو وڃي ٿو. جارج سندس پيءُ کي ورغلائيندڙ کي للڪاري ٿو ۽ ٿارن هل جي هڪ دوست کي شديد زخمي ڪري ٿو ڇڏي انهي تي کيس پيءُ سان گڏ ساڳئي جيل ۾ اچلايو وڃي ٿو. پوءِ اهي خبرون اچن ٿيون تہ صوفيا پڻ کڄي وئي آهي ۽ وري سڀ کان وڏي ڳالهہ اها ٿي ٿئي تہ اوليويا بہ تڪليفن ۽ ڏک سبب فوت ٿي وڃي ٿي. مصيبتن ۽ تڪليفن واري هن باب ۾ فقط هڪ چڱي ڳالهہ اها آهي تہ پادري پاڻ سان گڏ واڙيل قيدين کي آٿت ڏيڻ ۽ انهن کي براين جي رستي تان هٽائڻ لاءِ سخت ڪوششون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري ٿو. هتي انهيءَ دور جي خوفناڪ حد تائين ظالماڻن فوجداري قانونن بابت ڪجھ سخت سوال به اٿاريا ويا آهن.

هاڻي ڦرڪو ڦرڻ شروع ٿئي ٿو. اسڪئائر ٿارن هل جي چاچي سر وليم ٿارن هل ڏانهن لکيل هڪ خط سان اهو نيڪ مرد پادري جي مدد لاءِ اچي ٿو. هو رفاهي ڪمن ڪرڻ سبب ڏاڍو مشهور آهي ۽ پادريءَ کي اهو ڏسي ڏاڍي حيرت ٿئي ٿي ته سر وليم پيو ڪو نه پر مسٽر برچل آهي (پڙهندڙ اها ڳالھ گهڻو اڳ محسوس ڪري ورتي هوندي) جنهن کي ڏاڍي خراب نموني سندس در تان موٽايو ويو هو. پوءِ جارج کي آزادي ملي ٿي. اوليويا حقيقت ۾ مئي نه هئي. هن جي اسڪئائر ٿارن هل سان قانوني طريقي سان شادي ٿئي ٿي (جينوٽيڪ سندس مرضي ئي ڪا هئي) پادري جي دولت جو وڏو حصو دوکيباز واپاري کان واپس ورتو وڃي ٿو ۽ "مسٽر برچل" صوفيا کي کيس ٻچائي وٺي ويندڙن کان آزاد ڪرائي ٿو. جارج پنهنجي ارابيلا سان شادي ڪري ٿو صوفيا ليڊي ٿارن هل بڻجي ٿي ۽ اوليويا کي پنهنجي بدنام مڙس جي دولت مان ٽيون حصو ملي ٿو. "هوءَ کيس اجا به افسوس سان ياد ڪري ٿي" پادري اسان کي ٻڌائي ٿو "۽ هن مون کي ٻڌايو آهي ته هو جڏهن پاڻ ۾ اصلاح آڻيندو ته هن کي به مٿس ڪهل اچي ويندي".

اهڙي طرح اهو ڪتاب جيڪو تمام خوشگوار نموني ۾ شروع ٿيو هو اهو وڻندڙ نموني پڇاڙي تي پهچي ٿو. "جيئن ئي رات جي ماني ختم ٿي ته مون پنهنجي پراڻي روايت موجب گزارش ڪئي ته ٽانو ڪنيا وڃن جيئن آءُ پنهنجي سموري ڪٽنب کي هڪ دفعو وري خوشگوار باهه جي چوگرد ڏسي سگهان. منهنجا ٻه ننڍڙا ٻار پنهنجي گوڏن تي ويٺا هئا پيا سڀ زال مڙس گڏ ويٺا هئا. هاڻي مون کي مرڻ کان اڳ ڪنهن به شي خواهش نه هئي. منهنجون سڀئي چنتائون ختم ٿي ويون هيون. منهنجي خوشي لفظن ۾ بيان ٿيڻ کان وڌيڪ هئي. هاڻي فقط اها ڳالھ بچي هئي ته سٺين حالتن ۾ منهنجو شڪرگذاري جو احساس ڏکين حالتن ۾ منهنجي صبر کان وڌيڪ هئڻ گهرجي.

# 29. ويلٿ آف نيشنز

## ـــ آدم سمٿ (1723 ـ 1790) ـــ

اهو هڪ تمام وڏو ڪتاب آهي. اهو سنهن اکرن ۾ هڪ هزار صفحن تي پکڙيل آهي. اهو هڪ ٻئي لحاظ کان به وڏو آهي. اهو اقتصاديات جي موضوع تي اڄ تائين لکيل سڀ کان اهم ڪتاب آهي. ڪارل مارڪس جو ڪتاب ڪيپيٽل انهي جو ويجهو رقيب ٿي سگهي ٿو ۽ اهو چوڻ به وڌاءُ کان خالي نه هوندو ته آدم سمٿ جيڪڏهن لڳ ڀڳ هڪ صدي اڳ ويلٿ آف نيشنز نه لکي ها ته ڪارل مارڪس به سرمائيداري نظام تي پنهنجي تنقيد نه لکي سگهي ها.

ڪتاب جو جائزو وٺڻ کان اڳ ليکڪ سان ڪجه وقت گذارڻ به شايد فائدي کان خالي نه هوندو. آدم سمٿ اسڪاٽلينڊي هو. هن ۾ اسڪاٽلينڊين واري روايتي هوشياري به تمام گهڻي هئي. اها ڳالهه سندس ڪتاب جي تقريباً هر صفحي مان ظاهر ٿئي ٿي. ڪجه نقادن جو ته اهو به رايو آهي ته اهو ڪتاب فقط ڪو اسڪاٽلينڊي ئي لکي سگهيو ٿي. انهي مان هنن جي ذهن ۾ ڪو حقارت جو پهلو به نه آهي.

هو ڪرڪالڊي جي هڪ ننڍڙي سامونڊي بندرگاهه واري شهر ۾ 1723ع ۾ ڄائو. اهو شهر اسڪاٽلينڊ جي ايرندي سامونڊي ڪناري تي آهي. هو هڪ وڪيل جي منشي جو پٽ هو. سندس پيءُ سندس ڄمڻ کان ڪجه مهينا اڳ فوت ٿي ويو هو. سندس پالنا سندس ماءُ ڪئي هئي. لڳي ٿو ته اها واحد عورت هئي جنهن سان هن ڪڏهن محبت ڪئي هئي. هو شهر جي اسڪول ۾ پڙهيو جتي اسڪاٽلينڊ جي سني روايت موجب "زميندار توڙي مهاڻن ۽ مزدورن جا ٻار هڪ ئي بينچ تي ويهي تعليم پرائيندا هئا. لڳي ٿو ته ڪيس چوڪرائي وهيءَ ۾ ئي انهي ننڍڙي شهر جي صنعتي سرگرمين ۾ گهري دلچسپي پيدا ٿي وئي هئي. هن کي پوءِ آڪسفورڊ جي بيليول ڪاليج لاءِ وظيفو مليو جتي هو ڪجه وقت لاءِ واندو به رهيو. پوءِ ڪيس ايڊنبرگ ۾ انگريزي ادب تي ليڪچرن جو هڪ ڪورس ڏيڻ لاءِ چيو ويو

۽ اهي اينترا ته ڪامياب ٿيا جو کيس 1750ع ۾ گلاسگو يونيورسٽي ۾ مورل فلاسافي جي چيئر جو پروفيسر مقرر ڪيو ويو. هو چوڏهن ورهين تائين پروفيسر ٿي رهيو ۽ پنهنجي باري ۾ نه فقط ڪلاس پر ڪاليج جي پر ۾ واقع مصروف شهر ۾ شاندار تاثر قائم ڪيائين.

ارڙهين صدي جي وچ ۾ گلاسگو هڪ ننڍڙو صوبائي شهر هوندو هو پر 1760ع تائين انهي تماڪ جي مکيه بندر طور برسٽول جي جاءِ والاري ورتي ۽ اُتان جا تماڪ جا ڏنگ واپاري بهترين ڪاروباري شخص ليکيا ويندا هئا. آدم سمٿ انهن سان واقفيت پيدا ڪئي ۽ کيس جڏهن انهن جي هفتي وار ڊائننگ ڪلب ۾ شرڪت جي دعوت ڏني وئي ته هن انهي ۾ پنهنجي تمام عزت افزائي محسوس ڪئي. هن انهن کان ڪاروباري مسئلن بابت تمام گهڻي ڄاڻ ورتي جيڪا سندس ڪتاب لکڻ ۾ تمام ڪارائتي ثابت ٿي. تڏهن هو سمجهندو هوندو ته سندس ڪيريئر شايد پڄاڻي تي پهچي ويو آهي پر پوءِ 1764ع ۾ کيس نوجوان ڊيوڪ آف بڪلاف سان يورپ جي روايتي سفر تي گڏجي وڃڻ جي دعوت ملي. هن اها آڇ قبول ڪئي ۽ ايندڙ ٻن ورهين تائين فرانس ۾ رهيو جتي هو خاص طور پيرس ۾ ادب ۽ سياست جي سرڪردين شخصيتن سان اٿندو ويهندو رهيو. اهو شديد ذهني جوش خروش جو دور هو ۽ آدم سمٿ آسپاس ٿيندڙ بحث مباحثا غور سان ٻڌندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن پاڻ به انهن ۾ بهرو وٺندو هو. سندس واقف ڪارن مان فرانسس ڪئسيني سڀ کان فائدي مند ثابت ٿيو. اهو اقتصادياتي (Economists) جي نالي سان مشهور مفڪرن جي نئين مڪتب فڪر جو مڃيل سربراهه هو.

لڳي ٿو ته تڏهن پوليٽيڪل اڪانامي جي نالي سان مشهور علم تي هڪ ڪتاب لکڻ جو خيال اڳي ئي سندس دماغ ۾ اچي چڪو هو ۽ آخرڪار هو جڏهن ڪرڪالڊي واپس موٽيو ته هن پاڻ کي مڪمل طور اهو لکڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏيو. اهو مارچ 1776ع ۾ An Inquiry Into the Nature and Causes of the wealth of Nations جي نالي سان ڇپيو ۽ اهو جيتوڻيڪ شروع ۾ آهستي آهستي وڪاميو پر پوءِ هلي پيو. آدم سمٿ جي حياتي ۾ انهي جا پنج ڇاپا نڪتا ۽ انهيءَ جا يورپ جي مکيه زبانن ۾ ترجما پڻ ٿيا ۽ انهي جا 1790ع ۾ ايڊنبرگ ۾ سندس وفات کان پوءِ بيشمار ڇاپا نڪري چڪا آهن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اها ڳالهه به بنا هيڪ جي چئي ڇڏجي ته اهو پڙهڻ ۾ ڪو سولو ڪتاب نه آهي. انهي تي مهارت حاصل ڪرڻ ته وبتر ڏکيو ڪم آهي. اقتصاديات جي سنجيده شاگرد لاءِ ته انهي کي منڍ کان شروع ڪرڻ ۽ آهستي آهستي آخري صفحي تائين پهچڻ کان سواءِ ته ڪو چارو ئي نه آهي پر عام پڙهندڙ ته شايد فهرست تي هڪ نظر وجهڻ سان ئي ڪتبي وجهي. انهي جا پنج حصا (Books) ۽ ہتيهه باب آهن ۽ اڪثر باب وري ٽڪرن ضميمن ۽ شقن ۾ ورهايل آهن. عام پڙهندڙ ته انهي ۾ آزمائشي تبي به نه هٽندو جو اهو ڪم ڏاڍو خطرناڪ ثابت ٿيندو ڪيس همتائڻ لاءِ البت اها ڳالهه چئي سگهجي ٿي ته انهي جي مواد کي ڏاڍي سهوليت سان هنن ٽن حصن ۾ ورهائي ۽ پيهر ترتيب ڏئي سگهجي ٿو. (1) برطانيا (۽ ننڍي پيماني تي فرانس ۽ ڪجه ٻين ملڪن) جي اقتصادي نظام جو بيان (2) انساني فطرت جو فلسفو ۽ (3) (گهٽي حد تائين سياسي) لائحہ عمل.

جيستائين پهرئين ڳالهه جو تعلق آهي ته اها ڳالهه ذهن ۾ رکي وجي ته آدم سمٿ اهو ڪتاب صنعتي انقلاب کان اڳ لکيو هو. هن جنهن اقتصادي سرشتي جو بيان ڏنو آهي، اهو هوگارٿ، ڊاڪٽر جانسن ۽ ٽام جونز جي دور وارو آهي. اسان کي انهيءَ جي صفحن ۾ اصلي قديم انگلينڊ جو عڪس نظر اچي ٿو انهيءَ دور جو مخصوص ماحول ۽ ڪم جي رفتار اسان کي ڪتاب ۾ شامل هنن لفظن مان ڏسڻ ۾ ايندي ته: ”رستي تان وڏن ڦيٿن واري گاڏي چيڪاٽ ڪندي اچي رهي آهي. انهي کي اَٺ گهوڙا ڇڪي رهيا آهن ۽ ٻه ماڻهو اها هلائي رهيا آهن ۽ جيڪڏهن سڀ ڳالهيون صحيح نموني هليون ته اها لڳ ڀڳ چار ٽن وزن کڻي لنڊن کان ايڊنبرگ تقريباً ڇهن هفتن ۾ موٽي ايندي“. انهيءَ دنيا ۾ مزور ڇئن کان پنجن شلنگن جي وچ ۾ هفتي ۾ ڪمائيندا هئا ۽ جيئن گولڊ سمٿ هڪ مشهور سٽ ۾ لکيو آهي ته ”نائب پادري سالیانو چاليهه پائونڊ پگهار تي شاهوڪار ٿيندا پيا وڃن. “اسان کي ٻڌايو وڃي ٿو ته چمڙي جا جوتا انگلينڊ ۾ ”زندگي جي ضرورت“ آهن ۽ ڪهڙي به جنس جو غريب ترين ماڻهو به انهن کان سواءِ لڄ محسوس ڪندو پر اسڪاٽلينڊ ۾ مزدور طبقي جون عورتون (مرد نه) پيرين اگهاڙين گهمنديون ڦرنديون هيون. انهي سماج ۾ اسڪاٽلينڊ جا غريب ماڻهو ته فقط جئي جو ڏارو کائي گذارو ڪندا هئا پر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انگلينڊ ۾ قاصائي وارو گوشت ۽ سفيد ماني عام شيون آهن. وري آئرليبڊ ۾ عام ماڻهن جي عام خوراڪ پٽاٽو آهي.

آدم سمٿ جيڪڏهن فقط چند ورهيه پوءِ واري دور ۾ ڪتاب لکي ها ته هو پنهنجن دليلن جي حمايت ۾ فالز آف ڪلائيڊ ۾ مسٽر ڊيل پاران ٺاهيل نين ڪاٽن ملن يا ڪيرون ۾ روبڪ جي لوهه جي ڪارخاني جو ذڪر ضرور ڪري ها پر هن مثال طور ڏيڻ لاءِ ڪوڪا ٺاهڻ جي انهن ڪارخانن جي چونڊ ڪئي آهي جيڪي هن چوڪراٽي وهي ۾ ڪرڪالڊي ۾ ڏٺا هئا. انهي هوندي به اهي مثال ڪيس انهي اقتصادي عمل جي هلت چلت جو لازوال بيان ڏيڻ لاءِ ڪافي هئا جنهن کي هن محنت جي ورهاست (Division of Labour) جو نالو ڏنو (هو اهو نالو ڏيندڙ اوائلي ليڪڪن مان هڪ هو.) محنت جي ورهاست کي اسين اڄڪلهه "اسپيشلائيزيشن" چئي سگهون ٿا.

هائو! اها محنت جي ورهاست به عجيب ڳالهه آهي پر اسان کي اهو سوچڻ جي غلطي نه ڪرڻ گهرجي ته اها انساني ڏاهپ جو ثمر آهي. اهو انساني فطرت جي هڪ خاص لاڙي جو آهستگي سان ۽ بتدريج عمل ۾ ايندڙ نتيجو آهي. اهو لاڙو هڪ شي جي بدلي ۾ ٻي شي متاستا ڪرڻ جو آهي. (ساڳئي صفحي تي ڪجه ستون هيٺ اهو ڏاڍو وڻندڙ ۽ مخصوص انداز جو رايو ڏنل آهي ته هيستائين ڪنهن به ماڻهو ڪنهن ڪتي کي ٻئي ڪتي سان ڪنهن هڏي جي انصاف تي بدل متاستا ڪندي نه ڏٺو آهي.)

اهڙي طرح اسين آدم سمٿ جي انساني فطرت جي فلسفي سان متعارف ٿيون ٿا. اهو تمام گهڻو عملي ۽ حقيقت تي ٻڌل آهي ۽ (تنهن ڪري سندس اڪثر نقاد چون ٿا ته) تمام گهٽ درجي جو آهي. سندس خيال ۾ انسان سدائين اهڙي حالت ۾ آهي جنهن کي اسين "زير تشڪيل" چئي سگهون ٿا. هو اسان جي حالت ۾ بهتري آڻڻ جي خواهش کي ڏاڍي قدر جي نگاهه سان ڏسندي چوي ٿو ته اها خواهش ماءُ جي پيٽ مان اسان سان گڏ اچي ٿي ۽ قبر تائين اسان جو دامن نه ٿي ڇڏي. هن کي پنهنجي سموري زندگي اها ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي ته اهو رويو ڪواڻ وڻندڙ آهي. هو انهي سوچ کي ٺي مڪمل طور رد ڪري ڇڏيندو هو ته انهي ۾ ڪا گهڻتائي جهڙي ڳالهه آهي. ڪو به سمجهدار ماڻهو انهي ڳالهه سان متفق ٿيندو ته

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڳتي هلي ٿيو ته ائين ٿي ها انهن ماڻهن جي ننڍا ڪندو هو جيڪي چوندا هئا ته انهن جي پاران ڪاروبار ڪرڻ جو مقصد نفعي ڪمائڻ کان سواءِ ٻيو ڪجھ آهي. "مون کي ڪڏهن به اها خبر نه پئي آهي ته جيڪي ماڻهو ٻاهريون پنو رکندي چوندا آهن ته اهي عوامي ڀلائي لاءِ ڪاروبار ڪندا آهن انهن پاران ڪا چڱائي ٿي هجي". سندس راءِ ۾ "انسان کي جيتوڻيڪ پنهنجن ڀائرن جي مدد جو تقريباً هميشه موقعو ملندو رهي ٿو پر هن کان اها اميد ڪرڻ اجائي آهي ته هو اهو ڪم فقط سندن خيرخواهي جو مقصد ذهن ۾ رکي ڪري ٿو... اسان کي پنهنجو ڪاڌو پيتو قاصائي، شراب ساز يا بيڪريءَ واري جي خيرخواهيءَ سبب نه پر انهن جي پنهنجي ذاتي مفاد سبب ملي ٿو".

هاڻي ويلٿ اف نيشنز جي مکيه موضوعن مان ٽئين بابت ڪجھ لفظ ته اهو تمام گهٽ عملي اهميت ۽ دلچسپيءَ وارو آهي. انهي کي سندس پاليسي يا لائحه عمل چئي سگهجي ٿو. اهو سندس ڪتاب جي چوٿين حصي (Books) جي وڏي حصي تي نظر ايندو. انهي ۾ اسان کي تجارتي (Mercantile) نظام تي تمام ڊگهو تفصيلي ۽ تمام تنقيدي تجزيو نظر ايندو. اهو نظام سندس دور جي مکيه حڪومتن پاران مجيل نظريي جي حيثيت رکندو هو. انهي نظام جي حامين جو رايو هوندو ته دولت (Wealth) بنيادي طور پئسي (Money) تي ٻڌل آهي ۽ انهي نظام جون حامي حڪومتون وڏيون ڪوششون ڪنديون هيون ته گهريلو صنعتون واڌويجهه وٺن ۽ اهي شين جو وڌ ۾ وڌ مقدار برآمد ڪرڻ کي همٿائينديون هيون ۽ گهٽ ۾ گهٽ شيون درآمد ڪنديون هيون جيئن انهن جي فرق کي روڪ پئسن يا ڪچي سون سان برابر ڪري سگهجي.

آدم سمٿ تجارتي نظام جي حامين جي اثر هيٺ چيو ته

"ملڪن کي اهو سيکاريو ويو آهي ته انهن جو مفاد انهي ۾ آهي ته اهي پنهنجن پاڙيسرين کي ڀاڙ کان پنتي رکن... واپار جنهن کي فردن وانگر ملڪن جي وچ ۾ به فطري طور ٻڌي ۽ دوستي جو سبب هئڻ گهرجي اهو تڪرار ۽ دشمني جو تمام وڏو سبب ٿي پيو آهي". ساڳئي صفحي تي ڪجھ سٽون هيٺ اسان کي هي لفظ ڏسڻ ۾ ايندا. "هر ملڪ ۾ ماڻهن جي وڏي حصي جو مفاد انهي ۾ هوندو آهي ۽ لازماً هئڻ به گهرجي ته انهن کي جنهن شي جي ضرورت هجي اها انهي کان خريد

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪن جيڪو اها سڀ ڪان سستي اگهه تي وڪڻندو هجي؟ ۽ انهي ڪان ڪجهه صفحا اڳ ۾ اهو بحث اچي ٿو ته: جيڪڏهن ڪو ٻاهريون ملڪ اسان کي ڪا شي انهي کان سستي ڏئي ٿو جيتري ۾ اسين اها پاڻ تيار ڪري سگهون ٿا ته بهتر اهو آهي ته اسين پنهنجي صنعتي پيداوار جو ڪجهه حصو ڏئي اها انهن کان خريد ڪريون.

هتي اسين پنهنجي دور جي سڀ کان وڏي اقتصادي مفڪر کي آزاد واپار (Free Trade) جو ڪيس پيش ڪندي ڏسون ٿا. پر اهو آدم سمٿ جي پروگرام جو فقط هڪ حصو آهي. جيڪڏهن سندس سموري پاليسي جو اختصار هڪ لفظ ۾ پيش ڪجي ته اهو هوندو آزادي واپاري جي آزادي هائو! پر اها آزادي هر انهي فرد لاءِ هئڻ گهرجي جنهن جي صلاحيتن ۽ توانائين ۾ ڪنهن نه ڪنهن قسم جون اختياريون رڪاوٽ وجهنديون رهن ٿيون. ڪنهن به ماڻهو کي پنهنجو ڌنڌو چونڊڻ جي آزادي هئڻ گهرجي ۽ جيئن ڪجهه ڪارپوريشنون انهي ڳالهه تي زور ڏين ٿيون ته ڪنهن به ڪم ڌنڌي ۾ داخل ٿيڻ لاءِ ماڻهن کي استاد جي ماتحتي ۾ ڊگهو عرصو ڪم سکڻ گهرجي اها ڳالهه ختم ٿيڻ گهرجي. ڪيس اهو ڏينهن به چڱي طرح ياد هو جڏهن نوجوان جيمس واٽ گلاسگو ۾ اچي ڪاليج جو دروازو کڙڪايو هو ۽ شڪايت ڪئي هئي ته هيمرمين ڪارپوريشن وارن ڪيس اوزار ٺاهڻ جو ڪم شروع ڪرڻ کان منع ڪئي هئي. سندن چوڻ هو ته انهي ڪم جي هڪ هتي انهن وٽ هئي. آدم سمٿ سندس شڪايت تي ڪن ڏنو هو ۽ ڪاليج جي استادن واٽ کي پنهنجي ڪاليج جي حدن ۾ هڪ ورڪشاپ ڏنو جتي وقت گذرڻ سان هن اهڙا تجربا ڪيا جن اڳتي هلي هن پاران اسٽيم انجڻ جي ايجاد جي راهه هموار ڪئي. ماڻهو کي چرپر ڪرڻ جي قابل هئڻ گهرجي ۽ فقط انهي ڪري پنهنجي جنم جي جاءِ سان ٻڌو رهڻ نه گهرجي ته انهي سان چرچ جي اختيارين کي ڪي مسئلا ٿيندا. تنهن ڪري اهڙين سمورين پابندين ۽ رڪاوٽن کي ختم ڪريو! هڪ هتي جو گندو اصول، مرده باد! فطري آزادي جي سادي اصول کي قائم ٿيڻ ڏيو جنهن ۾ جيستائين ڪو شخص انصاف جي اصولن جي ڀڃڪڙي نه ٿو ڪري تيستائين هو پنهنجي انداز ۾ پنهنجو مفاد حاصل ڪرڻ ۾ آزاد هجي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آدم سمٿ جي ڪتاب ۾ بيون بہ ڪيترين ئي ڳالهيون آهن. مثال طور ٽيڪس هڻڻ جا اهي چار اصول (Maxims of Taxation) بہ جڏهن کان آدم سمٿ طي ڪيا آهن تڏهن کان سمجهيو ويجي ٿو تہ هر نائي واري وزير جي اکين آڏو اهي هئڻ گهرجن: (1) رياست جي هر شهري کي حڪومت جي مدد ۾ پنهنجو حصو شامل ڪرڻ گهرجي ۽ اهو هر ماڻهو جي صلاحيتن جي نسبت سان هئڻ گهرجي. (2) هر فرد کي جيترو ٽيڪس ڏيڻو آهي اهو اڳواٽ مقرر هئڻ گهرجي. ائين نہ هجي جو اهو اوڳاڙي جي وقت اختياريون پنهنجي مرضي سان مقرر ڪن. (3) ٽيڪس اهڙي نموني ۾ ورتو وڃي جيڪو ڏيندڙ لاءِ تمام سهوليت وارو هجي. (4) هر ٽيڪس جي شرح ائين مقرر ڪئي وڃي جئين اها عوام کان گهٽ ۾ گهٽ اوڳاڙي ڪري سرڪاري خزاني ۾ جمع ڪري

آدم سمٿ لکيو تہ ڪنهن بہ سماج ۾ سڀ کان وڌيڪ شاهہ خرچ حڪومت هوندي آهي تنهن ڪري انهي کي پنهنجي خرچ تي نظر رکڻ گهرجي ۽ انهن کي يقين ڪرڻ گهرجي تہ عام ماڻهو پنهنجي خرچ تي پاڻ نظر رکندا".

انهن ڪيترين ئي پُر مغز چوڻين جو ذڪر بہ ٿيڻ گهرجي جن کي اقتباسن جي هر ڊڪشنري ۾ جاءِ ملڻ گهرجي. مثال طور: "باغباني جو مزيدار فن"، "ڪاڏي جي خواهش کي انساني معدي جي ٿوري گنجائش محدود ڪري ڇڏيو آهي"، ڪنهن بہ قسم جي سامان مان انسان کي هڪ جاءِ تان ٻي جاءِ پهچائڻ تمام ڏکيو آهي". ۽ "توهان جڏهن ٿورو پئسو حاصل ڪري وٺندا آهيو تہ گهڻو ڪري وڌيڪ حاصل ڪرڻ سولو ڪم هوندو آهي: سڀ کان ڏکيو ڪم ٿورو پئسو حاصل ڪرڻ هوندو آهي". پر اهي سڀ ڳالهيون ثانوي اهميت رکن ٿيون. آدم سمٿ بابت سڀ کان اهم ڳالهہ اها آهي تہ هو پهريون شخص آهي جنهن سرزمين جو نقشو ناهيو ۽ علم اقتصاديات اڄ جنهن منزل تي آهي انهي جي اتي پهچڻ جي راهہ هموار ڪئي.

# 30. رومي سلطنت جو زوال ۽ خاتمو

## ـــ ايڊورڊ گبن ـــ

"مسٽر گبن هي ڇا آهي؟ مؤرخ جڏهن پنهنجي تاريخ جي ڪتاب جو تازو ڪتاب ڊيوڪ آف گلوسيسٽر کي پيش ڪيو ته هن نڙي مان آواز ڪڍيو "وري ٿلهو ڪتاب! مسٽر گبن سدائين ٺپيو ٿو قلم گسائين، ٺپيو ٿو قلم گسائين، ٺپيو ٿو قلم گسائين."

مسٽر گبن شايد مرڪيو هوندو. نواب صاحب به ٺوڳ ڪري ورتو هوندو. شايد ته سندس منهن تي ڪي پريشاني جا آثار به ظاهر ٿيا هوندا پر اهي سندس ننڍڙي ٿلهي منهن تي مشڪل سان ڏسڻ ۾ اچن ها. گهڻو امڪان آهي ته هن ناس جي دٻلي ڪڍي هوندي ۽ هڪ چپٽي ٻري نڪ ۾ ڏني هوندي پر نواب صاحب جي لفظن جي چونڊ مان هن کي پريشاني کان وڌيڪ ٺيو ڪجهه به ٿيو هوندو. "قلم گسائڻ" ايترن ورهين جي محنت لاءِ اهو لفظ چوڻ قطعاً مناسب نه هو. هن بيشمار ڪتابن جا پنا اٿلايا هئا، ڪنهن هڪ نقطي تي لڳاتار سوچ ويچار ڪئي هئي، مناسب لفظ يا فقري لاءِ اٽڪ ڳولها ڪئي هئي، پنهنجي تحرير ۾ حسن پيدا ڪرڻ لاءِ ان ۾ لڳاتار ڦير گهير ڪئي هئي ۽ مواد کي بار بار پڙهي لکيو هو تان جو وڃي اهو پرنٽر وٽ وڃڻ جي لائق ٿيو هو. "ٺپيو ٿو قلم گسائين!" اسين ڪيس ناس جي ٻي چپٽي ڏيندي تصور ڪري سگهون ٿا....

اهو ڪم شروع ڪڏهن ٿيو هو؟ ڪيترا ورهيه اڳ 1751ع جي انهي اونهاري جي مند ۾ جڏهن چوڏهن ورهين جو هڪ ڪمزور ڇوڪرو پنهنجي پيءُ سان گڏ مسٽر هور جي ڳوٺاڻي رهائش گاهه تي ويو هو. سندس پيءُ هڪ امير سيڙپ ڪار هو. انهي پنهنجي سموري دولت ڪنهن مهم جوئي ۾ وڃائي ڇڏي هئي. پر ڪيس ايتري ڊگهي حياتي ملي جو انهي کان به گهڻي دولت حاصل ڪري ورتي هئائين. ڇوڪر کي سموري ايراضي جو چڪر هڻايو ويو ۽ هن هر شي کي متاچري دلچسپي سان ڏٺو پر هن جيئن ڪيترا ورهيه پوءِ پنهنجي آتم ڪهاڻي ۾ لکيو: "آءُ

سٽوئر هيڊ جي حسناڪين مان ايترو خوش نہ ٿيو هوس جيترو لائبريري ۾ ايڪهارڊ جي ”رومن هسٽري“ ڏسي خوش ٿيو هوس. منهنجي نظر ۾ ڪانسٽنٽائين جي جانشينن جا دور حڪومت بلڪل نوان هئا ۽ آءٌ گوٿن پاران ڊينيوب ندي ٽپڻ واري ٽڪري ۾ ايترو تہ محو لڳو پيو هوس جو جڏهن ماني لاءِ گهنٽي وڳي تہ آءٌ پنهنجي فڪري ضيافت تان ڏاڍي بي دليءَ سان اٿيو هوس. ”قديم رومين“ تي انهي ”سرسري نظر“ سندس تجسس کي ”مانو ڪرڻ بجاءِ ويتر اياري ڇڏيو“. هن باٿ جي علائقي ۾ ڪتاب گهرن تي چڙهايون ڪيون ۽ هڪ اهڙو ڪتاب خريد ڪري آيو جنهن ڪيس محمد ۽ سندس مسلمانن کان آگاهہ ڪيو ۽ هو تڏهن کان هڪ کان پوءِ ٻيو ڪتاب ڪٽندو رهيو تان جو هن سورهن ورهين جي ڄمار تائين عربن، ايرانين، تاتارين ۽ ترڪن بابت اهو سڀ ڪجهہ پڙهي ورتو جيڪو انگريزي زبان ۾ پڙهي سگهجي پيو. آڪسفورڊ وڃڻ کان اڳ هن لاطيني ۽ فرانسي ڪتاب پڙهڻ جي شروعات ڪري ڇڏي هئي.

هو چوڏهن مهينا ميگڊالين ۾ رهيو ۽ ”اهي منهنجي زندگيءَ جا تمام بيڪار ۽ بي فائدي ڏينهن ثابت ٿيا. انهي کان پوءِ هو لوسان ۾ هڪ پادريءَ جي گهر ۾ ڪجهہ وقت رهيو ۽ اتان ئي هن جي سهڻي ۽ خوش طبع سوزان ڪرچاڊ (Curchod) سان رومانوي لڳاءَ جي شروعات ٿي پر سندس پيءُ پاران اهڙي جوڙي تي سخت ناپسنديدگي ظاهر ڪرڻ تي اهو تعلق غير رومانوي پڄاڻي تي پهتو ۽ هن ”هڪ پٽ وانگر تابعداري ڪئي ۽ عاشق وانگر ٿڌا ساهہ ڀريندو رهيو“.

هن انگلينڊ ۾ پيٽرس فيلڊ ويجهو بوريٽان ۾ پنهنجي پيءُ جي گهر ۾ آرام سان پير ڄمايا جتي لائبريري سندس خاص عملداري جو علائقو هوندي هئي. هو هيمپشائير مليشيا ۾ دخلڪار ٿيو ۽ اڍائي ورهين تائين جيڪڏهن جوش خروش سان نہ تہ بہ گهربل انداز ۾ ڪيپٽن طور ڪم ڪندو رهيو. اهو وقت بہ مڪمل طور ضايع نہ ٿيو هو جو ”هڪ جديد بٽالين جي نظم ضبط ۽ ارتقائي حالت مان مون کي يوناني ۽ رومي فوجي دستن جي ترتيب سمجهہ ۾ آئي ۽ هيمپشائير گرينيڊيئرز جو ڪيپٽن (پڙهندڙ تہ مسڪرائيندو) رومي سلطنت جي مؤرخ لاءِ بيڪار ثابت نہ ٿيو آهي“. جڏهن فرانس سان جنگ پڄاڻي تي پهتي تہ رجمينٽ کي ختم ڪيو ويو ۽ گبن چينل پار ڪري پيرس ۽ بالآخر روم هليو ويو. 17 آڪٽوبر 1764ع تي آءٌ روم

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ڪيپيٽال (Capitol) جي کنڊرن ۾ وينو هوس جو شهر جي زوال ۽ خاتمي بابت لکڻ جو خيال سڀ کان اڳ منهنجي ذهن ۾ آيو..... "هن ستن ورهين جي محنت کان پوءِ فيبروري 1776ع ۾ The Decline and Fall of the Raman Empire جو پهريون جلد ڇپرايو. انهي جو ملهه هڪ گني رکيو ويو. انهيءَ کي فوراً ڪاميابي ملي وئي". منهنجو ڪتاب هر ٽيبل تي اچي ويو"، هو اسان کي ٻڌائي ٿو "۽ تقريباً هر سينگار ميز تي به اچي ويو. مؤرخ جي انهي دور جي ذوق ۽ فيشن مطابق عزت افزائي ٿيڻ لڳي". هن سئٽزرليند ۾ هڪ دوست سان اقرار ڪيو ته ڪيس مبارڪون ۽ واڌايون ونندي ڏاڍي خوشي محسوس ٿئي ٿي خاص طور نوجوان ۽ سهڻين عورتن کان ملندڙ مبارڪن تي هو ڏاڍو خوش ٿئي ٿو.

پوءِ جا باب جيتوڻيڪ ڪجھ ڏکيا ۽ تمام تفصيلي آهن پر شروعاتي بابن بابت ڪا شڪايت نه ٿي ڪري سگهجي جن ۾ گبن تمام ماهراڻي انداز ۾ انهي اسٽيج جو بيان ڏنو آهي جنهن تي اهو عظيم ڊراما وقوع پذير ٿيڻو هو. "عيسوي سن جي ٻئين صديءَ ۾" هو شروعات ڪري ٿو "روم جي سلطنت زمين جي تمام بهترين حصي ۽ انسان ذات جي تمام مهذب حصي تي ٻڌل هئي". انهيءَ دور ۾ سلطنت جي ايراضي به سڀ کان وسيع هئي. اها اسڪاٽليند ۾ اينٽونٽس جي ديوار کان اٽلس جبل تائين ايٽلانٽڪ سمنڊ کان فرات تائين پکڙيل هئي. هڪ سادي تخميني مطابق انهي جي آدمشماري ٻارهن ڪروڙ هئي. انهي کي "ڪنهن ساڳئي نظام حڪومت هيٺ متحد رهندڙ سڀ کان وڏو سماج چئي سگهجي پيو". انهي جي دفاع ۽ انهي ۾ نظم ضبط قائم ڪرڻ لاءِ ساڍن چئن لکن جي لڳ ڀڳ فوج مقرر هئي.

جيئن گبن بيان ڪيو آهي، اهو وحشانيت جي ٻن دورن جي وچ ۾ هڪ قسم جو سونهري دور هو. "جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو کي دنيا جي تاريخ ۾ ڪو اهڙو دور ٻڌائڻ لاءِ چيو وڃي"، هو لکي ٿو "جنهن ۾ انسان ذات تمام خوش ۽ خوشحال هئي ته هو بنان ڪنهن هٻڪ جي ڊوميشن جي وفات کان ڪموڊس (180ع- 96ع) جي تخت نشيني تائين واري دور جو نالو کڻندو. رومي سلطنت جي وسيع ايراضي تي نيڪي ۽ ڏاهپ جي روشني ۾ مطلق طاقت سان حڪمراني ٿيندي هئي. فوج هڪپٽي پنيان ايندڙ شهنشاهن جي نرم پر سخت ۽ پڪي هٿ هيٺ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندي هئي جن جو ڪردار ۽ اختيار اهڙو هوندو هو جو هر ڪو لازماً انهن جي عزت ڪندو هو. "انٽونين نالي وارا ٻه شهنشاهه اينٽونينس پياس ۽ مارڪوس آريلئس خاص تعريف جا حقدار آهن. انهن جي حڪمراني جو گڏيل دور شايد تاريخ جو واحد دور آهي جنهن ۾ حڪومت جو واحد مقصد تمام گهڻن ماڻهن جي خوشي هو".

پر اها ڳالهه آهي ته اهي بادشاهه جن کي اهو اعزاز ٻه حاصل هو جو انهن پنهنجي هٿان سرانجام ڏنل عام خوشي جي حالت کي ڏسي خوشي ٿي حاصل ڪئي انهن کي اڪثر موقعن تي ڪنهن هڪ ماڻهو جي ڪردار سبب خوشي ۾ آيل رخنو به ياد هوندو. اهو موتمار لمحو ٻه شايد ويجهو اچي رهيو هو جڏهن ڪو چڙواڳ نوجوان يا ڪو ساڙ سڙيو حاڪم انهي مطلق اختيار کي غلط ڪم آڻيندو جيڪو اختيار انهن پنهنجي عوام جي فائدي لاءِ ڪم آندو هو. "۽ اها ڳالهه جلدئي سچي ثابت ٿي. مارڪوس آريليئس کان پوءِ ڪموڊس تخت نشين ٿيو. هو اهڙو شخص هو"، جنهن ۾ انسانيت ۽ چڱائي جو ڪو به جذبو نه هو هن کي پنهنجن شاهي اختيارن ۾ فقط اها ڳالهه پسند هئي ته هو بي روڪ ٽوڪ پنهنجي جسماني بکن جي پورائي ۾ لڳو رهي. "گبن جهڙي خصوصيت سان سندس چٽ چٽيا آهن هو واقعي اهڙو نفرت جهڙو شخص هو پر تخت تي هن کان پوءِ بيا به ڪيترائي بدنام حڪمران آيا. اسين جيئن سندس ڪتاب جا ورق اٿلائيندا ويندا اسين ته اسان کي سندس انهي فيصلي سان متفق ٿيڻو پوندو ته تاريخ انسان ذات جي ڏوهن، حماقتن ۽ بدنصيبين جي داستان کان سواءِ ڪجهه به نه آهي".

اسين جڏهن وحشي قومن مان سڀ کان اهم قوم جي بيان واري باب تي پهچون ٿا ته ڪجهه روشن منظرنامو سامهون اچي ٿو. رومي سلطنت جي سرحدن تي لامارا ڏيندڙ انهن جرمن قبيلن آخرڪار رومي سلطنت جو زوال آندو. بين بابن ۾ گوٿن جي ڪاهن جو احوال ڏنل آهي ۽ گبن جڏهن انهن خونخوار ويڙهاڪن جي سامهون اچي ٿو ته سندس قلم تيزي سان هلڻ لڳي ٿو. انهن جي ئي جنگي نعرن سبب هو گهڻو وقت اڳ بريتن ۾ ڪاڏي جي گهنٽي نه ٻڌي سگهيو هو. نقاد جڏهن اهو وٺندڙ داستان پڙهندي ايسٽائين پهچن ٿا ته تيستائين ته سڀ ڳالهه صحيح لڳي پئي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. پر هاڻي پندرهين ۽ سورهين جهڙا مشهور باب انهن جي سامهون اچن ٿا جن ۾ گبن رومي سلطنت ۾ عيسائي چرچ جي عروج ۽ ترقي جو بيان ڏنو آهي.

هيستائين عيسائيت جي تاريخ کي عام طور پنهنجي جدا خاني ۾ رکيو ويندو هو. ڇو ته اها ڪا اهڙي مقدس شي آهي جنهن کي غير مذهبي حڪومتن، تحريڪن ۽ خود ٻين مذهبن جي تاريخ وانگر بي مروتي سان ۽ تنقيدي انداز ۾ نه پيو پيش ڪري سگهجي. پر گبن انهي ڪم جي سمجهاڻي جو ڪم پاڻ تي لازم ڪري ڇڏيو هو ته رومي دنيا ۾ چرچ چو ۽ ڪهڙن سببن جي ڪري غالب ٿيو. انهي دوران هن جينٽوٽيڪ اها ڳالهه ته مڃي ته "اهو نظريو خود پاڻ مڃائيندڙ هو ۽ انهي نظريي جي خالق جي قدرت به ڪارفرما هئي پر هن نئين مذهب جي تڪڙي واڌويجه جا پنج ثانوي سبب به پيش ڪيا ته (1) عيسائين جو غير لچڪدار ۽ غير رواداري وارو ذوق ۽ شوق (2) هڪ ايندڙ زندگي جو نظريو (3) قديمي چرچ سان ڪرشماتي طاقتون منسوب هئڻ (4) عيسائين جا خالص ۽ سادگي وارا اخلاق ۽ (5) عيسائي رياست جي ٻڌي ۽ اتحاد جنهن جي ذريعي رومي سلطنت جي وچ ۾ آهستي آهستي هڪ آزاد ۽ وڌندڙ ويجهندڙ رياست وجود ۾ اچي وئي.

گبن اها ڳالهه تسليم ڪئي آهي ته انهن ٻنهي اڻ وڻندڙ بابن سبب جيڪا تمام وڏي آنڌ مانڌ ۽ بي چيني پيدا ٿي هئي انهي تي هو تمام حيران ٿي ويو هو. هو پاڻ ارڙهين صدي جي مخصوص خوش اخلاق، با تهذيب ۽ عقلي ذهن رکندڙ پيداوار هو ۽ سندس سموري زندگي ۾ ڪيس اها ڳالهه سمجهه ۾ نه اچي سگهي ته عيسائي چرچ ۽ عيسائيت بابت اهڙي تنقيدي غير جانبداري سان تفتيش ڇو نه ڪجي جيڪا ڪنهن فلسفي ذهن رکندڙ مؤرخ کي فائدو ڏئي.

جيڪڏهن سندس باب موجوده دور ۾ پڙهيا ٿين ها ته شايد ته ڪير به انهن تي حيرت جو اظهار نه ڪري ها. اها ته پڪ آهي ته انهن جي ايتري شدت سان ننڌا ته ڪير نه ڪري ها. خود اها ڳالهه گبن جي طريقه ڪار جي ڪاميابي جو اظهار آهي.

ڪم اڳتي وڌڻ سان گبن کي محسوس ٿيو ته هن انهي لاءِ گهربل صفحن جو صحيح اندازو نه هنيو هو ۽ حقيقت ۾ ڏهه انچ ڊيگهه اٺ انچ ويڪر وارا (ڪئارٽو) ڇهه جلد گهربل هئا. جن مان آخري به 1788ع ۾ ڇپيا. بهرحال اهي

شايد پنهنجي مشهوري ٿيڻ تي خوشي جي ڀيٽ ۾ جلبن کي ڪڏهن به نه لڪائيندس. پر منهنجو فخر جو احساس گهٽجو وقت برقرار نه رهي سگهيو ۽ اهو سوچي منهنجي ذهن تي اداسي ڇانئجي وئي ته آءٌ هڪ پراڻي ۽ دلپسند ساٿي کان هميشه لاءِ ڌار ٿي ويو آهيان ۽ منهنجي تاريخ جو مستقبل جو سن ڀلي ڪهڙو به هجي اها حقيقت آهي ته مؤرخ جي حياتي لازماً مختصر ۽ غيريقيني هوندي آهي“.

مؤرخ کي ته حياتي جا ٻيا ست ورهيه ملي ويا پر تاريخ جي مستقبل جو سن اڃا غير معين آهي. گبن ٻاران قلم رکڻ کان پوءِ تقريباً ٻه سو ورهيه گذري چڪا آهن ۽ انهي شهر ۽ سلطنت بابت به گهڻو ڪجھ دريافت ٿي چڪو آهي جنهن جي پاڳ ۽ نياڳ جو احوال هن بيمثال موهه سان بيان ڪيو آهي“ اسان کي اهي مخطوطا دستياب ٿي چڪا آهن جن تي هن جي نظر ئي نه پئي هئي. اسان آثارن ۽ عمارتن تي اهڙيون اڪرون به ڏٺيون آهن جيڪي هو ڪڏهن به نه پڙهي سگهيو هو ۽ اسان اهڙا ڪنڊر ڳولهي چڪا آهيون جيڪي هو دريافت نه ڪري سگهيو هو. پر انهي شخص يا سندس ڪم جي شهرت ۾ ڪو خاتمو يا زوال نه آيو آهي. گبن سموري دنيا جي مؤرخن ۾ سڀ کان مٿاهين مقام تي ويٺل هو ۽ ويٺل آهي.

# 31. تنقيد عقل محض

## ـ عمانوئيل ڪانٽ ـ

عمانوئيل ڪانٽ 22ـ اپريل 1724ع تي ڪوننگز برگ (هاڻوڪو نالو ڪاليننگراڊ) ۾ جرمني جي انهي علائقي ۾ ڄائو جنهن کي اڳي ايسٽ پروشيا سڏيو ويندو هو. هو هڪ ماهر سنج ساز جو چوٿون نمبر ٻار هو. هو شروعات ۾ جارج هاسپيٽل سان لاڳاپيل هڪ ايليمينٽري اسڪول ۾ پڙهيو ۽ ڪجهه وقت ڪانپوءِ ڪاليجيم فريڊري شيانم ۾ داخل ٿيو. اهو هڪ پروٽيسٽنٽ هاءِ اسڪول هو. اتي هن جلدئي غير معمولي صلاحيتن جو اظهار ڪيو. فريڊري شيانم جيتوڻيڪ هڪ قسم جي مشهوري ماڻي ورتي هئي پر اهو جيڪا عام تعليم ڏئي سگهيو تي انهي جو مقدار ڪو گهڻو نه هو. ڪانٽ ٻاران 1740ع ۾ يونيورسٽي ۾ داخل ٿيڻ سان ئي چئي سگهجي ٿو ته سندس تعليم شروع ٿي. يونيورسٽي ۾ داخلا هڪ سڪيي ستابي چاچي جي مهرباني سان ئي ممڪن ٿي سگهي.

ڪانٽ يونيورسٽي ۾ ڪلاسڪس، فزڪس ۽ رياضي پڙهيو ۽ 1747ع ۾ يونيورسٽي ڇڏڻ کان پوءِ خانگي اتاليق ٿيو. هو 1755ع ۾ ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪرڻ تائين اهو ڪم ڪندو رهيو. سندس مقالو طبعي فلسفي بابت هو جنهن جو عنوان هو "باهه بابت (De Igne)". ڊگري عطا ٿيڻ جي موقعي تي هن لاطيني ٻولي ۾ تقرير ڪئي جنهن جو عنوان هو The Simpler and More fundamental Exposition of Philosophy سندس تقرير ٻڌي فاضل حاضرين کي تمام گهڻو متاثر ڪيو ۽ يونيورسٽي ۾ رياضي، فزڪس ۽ فلسفي ۾ ريڊر جي عهدي جي آڇ ٿيڻ جو هڪ وڏو سبب به اها هئي. هو 1770ع ۾ منطق ۽ مابعد الطبيعات جي پروفيسري وٺڻ تائين انهيءَ عهدي تي رهيو. هو انهي عهدي تي گهڻو وقت رهيو ۽ 1797ع ۾ پيرسني سبب استعفا ڏنائين.

سندس زندگيءَ جا آخري ست سال توڙي انهن کان اڳ وارا ست کان ڪجه وڌيڪ ورهيه گهڙيال جهڙي وقت جي پابندي سان گذريا. وڏي ڳالهه ته سندس سموري زندگي تمام يڪسانيت سان گذري ۽ انهي ۾ ڪي به لاها چاڙها نه آيا. هن سموري زندگي شادي نه ڪئي ۽ ڪڏهن به پنهنجي شهر کان چاليهن ميلن کان وڌيڪ فاصلو پري نه ويو. هو اتي ئي فوت ٿيو.

سندس انهي سائنٽيڪي زندگي جي پيٺ ۾ جنهن کي يڪسانيت پريل ۽ غير دلچسپ چوڻ بيجا نه ٿيندو هن فلسفي جي سائنس تي تمام گهڻو اثر وڌو. هن حقيقت پسندي (ماديت پرستي) ۽ عينيت پسندي (Idealirm) ۾ اتحاد جو ڪو طريقو ڳولهڻ جي ڪوشش ۾ تمام وڏي خدمت سرانجام ڏني. انهن ٻنهي نظامن جا حامي فقط پنهنجي نظام جي ئي صحيح ۽ سچي هئڻ جي دعويٰ ڪندا هئا. حقيقت پسند مادي (matter) ۽ عينيت پسند ذهن (The Ego) کي مطلق (absolute) مڃيندا هئا. حقيقت پسند چوندا هئا ته ذهن جو دارومدار مڪمل طور حواسن جي دنيا تي آهي جڏهن ته عينيت پسند چوندا هئا ته اهو حواسن جي دنيا کان مڪمل طور آزاد آهي. ڪانٽ جيتوڻيڪ اها ڳالهه ته تسليم ڪندو هو ته علم جو مواد اسان کي فقط تجربوئي مهيا ڪري ٿو پر هو انهي ڳالهه تي به زور ڏيندو هو ته ذهن ۾ شروع کان ئي ڪجه خيال (notions) موجود هوندا آهن جن جو دارومدار تجربي تي نه هوندو آهي. اهي تجربي ذريعي مهيا ٿيل مواد تي لاڳو ڪرڻ لاءِ تيار هوندا آهن.

مٿي گذريل پيراگراف فلسفيائي اظهار جي لحاظ کان جيتوڻيڪ سادو سودو آهي پر فلسفي کان ٻاهر جي شاگرد کي اها ڳالهه سمجهائڻ لاءِ ڪافي آهي ته ٻين سڀني سائنسن وانگر فلسفي به پنهنجيون مخصوص اصطلاحون حاصل ڪري ورتيون آهن جن کي فقط انهي ميدان جي اڳوات سکيا ورتل شخص ئي سولائي سان سمجهي سگهي ٿو. جيڪڏهن پنهنجي ڳالهه نه سمجهائي سگهڻ جو واقعي ڪو سنو مثال ڳولهبو ته شايد فلسفي کان سنو مثال نه ڏٺي سگهبو. هيءَ ڳالهه ٻئي ڪنهن سائنس بجاءِ فلسفي ۾ شايد وڌيڪ اهميت رکي ٿي ته سائنسدان اسان سڀني تي اثر وجهندڙ مسئلن (علم ۽ ڏاهپ جي بڻ بنياد) بابت خيالن ۽ نظرين جي اظهار لاءِ اصطلاحن جي هڪ اهڙي رڪاوٽ کڙي ڪري ڇڏي آهي جيڪا عام رواجي ماڻهو کي عملي طور مفڪر کان ڪٽي ٿي ڇڏي مفڪر جڏهن پاڻ کي فلسفي سڏائيندو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي ته سندس ذهن ۾ انهن لفظن جو بلڪل لغوي مطلب يعني ڏاهپ جو سرچشمو هوندو آهي.

بدقسمتي اها آهي ته ٻين اڪثر سائنسي علمن وانگر فلسفي جو شارح به جيڪڏهن ڪي خاص اصطلاح ڪتب نه آڻيندو ته اظهار جي جوڙ ته حل نه ٿيندڙ مونجهارن ۾ ڦاسي ويندو. هن خاص صورتحال ۾ جڏهن مقصد مخصوص فلسفياڻن نظرين کي وڌ ۾ وڌ سولو ڪري پيش ڪرڻ هجي ته انهي لاءِ فلسفي جي مقصدن جو عام مختصر بيان ڏنو ويندو ۽ ڪجھ بنيادي اصطلاحن جي وصف ڏني ويندي جيئن دربيش ايندڙ مونجهارن کان به بچي سگهجي.

فلسفي جو مقصد ڇا آهي؟ فلسفو فڪر جي عام نتيجن ۽ مختلف سائنسي علمن پاران مهيا ڪيل عام نتيجن ۾ هم آهنگي پيدا ڪري سموري دنيا ۽ ڪائنات بابت هڪ متفق نقط نظر پيدا ڪرڻ ۽ سڀني سائنسي علمن پاران اڳواٽ ناهيل مفروضن جي ڇڪاس ڪرڻ چاهي ٿو. تمام آڳاٽي وقت کان وٺي اهڙا انسان موجود رهيا آهن جن کي اهڙي ڇڪاس ڪرڻ ۾ دلچسپي رهي آهي ۽ هر دور ۾ نيون ڇڪاسون ٿينديون رهيون آهن. انهن مان ڪيترائي ڪنهن نه ڪنهن سبب جي ڪري ڪنهن نتيجي تي نه پهتا آهن جيئن هڪ ٻئي عظيم جرمن فلسفي شوپنهار لکيو آهي: ”فلسفو اوچي آلپ جابلو سلسلي تي ويندڙ هڪ پيچرو آهي. انهي تي پهچڻ جو واحد لنگهه هڪ اتاهين رستي تان آهي جنهن تي به تکا پٿر ۽ چيندڙ ڪنڊا پکڙيل آهن. اهو سنسان ويران رستو آهي ۽ ماڻهو جيترو مٿي چڙهندڙ وڃي ٿو اهو ايترو ويران ٿيندو وڃي ٿو. جيڪو به انهي تي هلي انهي کي دل مان خوف خطرو ڪڍي ڇڏڻ گهرجي ۽ دل مضبوط ڪري هر ڳالهه وساري برف مان پنهنجو رستو پاڻ ڪڍڻ گهرجي“.

فلسفو بنيادي طور ٽن وڏن مسئلن يعني سچ، چڱائي ۽ حسن سان بحث ڪري ٿو. سچ بابت اهو هنن سوالن جا جواب ڳولهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو: ڇا ادراڪ (Cognition) جو وجود آهي. [ادراڪ معنيٰ ڄاڻڻ جو عمل يا لياقت يا علم جو هڪ ٽڪرو] سچو دُرست ۽ سموري ڪائنات ۾ لاڳو ادراڪ ڪيئن حاصل ٿئي ٿو؟ انهي جون حدون ڪٿي آهن؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چڱائي بابت اهو هي سوال پڇي ٿو: صحيح ۽ اخلاقي طور درست طرزعمل (conduct) تي ڪهڙا اصول لاڳو ٿين ٿا؟ انساني طرز عمل جا رهنما اصول ڪهڙا آهن ۽ اخلاقن جي پرک جي ڪسوٽي ڪهڙي آهي؟ جڏهن ته حسن بابت اهو پڇي ٿو ته: ڪن به فطري يا فني شين جي جمالياتي طور قيمتي هئڻ يعني حسين هئڻ لاءِ انهن جو ڪهڙن قانونن جي مطابق هئڻ ضروري آهي. حسين جي ڪيفيت ڪهڙي هئڻ گهرجي؟

ڪانٽ انهن سڀني مسئلن جو تفصيلي تجزيو ڪيو ۽ ائين ڪندي هڪ نئين فلسفي جو بنياد وڌو. سندس ٽن عظيم ڪتابن مان سڀ کان پهريون Critique of Pure Reason "تنقيد عقل محض" آهي. انهيءَ ۾ هن انساني علم جي ڪيفيت، حدن ۽ دائري جي تفتيش ڪئي آهي.

ڪانٽ جي فڪري نشونما ـ جنهن جي چٽي سگهجي ٿو ته 1740ع ۾ شروعات ٿي ـ جو شروع ۾ سياوبڪ طور پيين فلسفين جي نظامن تي دارومدار هو. هو 1740ع کان 1760ع تائين بنيادي طور انهي دور جي انهي عام مجيل نظريي ڏانهن مائل رهيو جيڪو ليبنيز ۽ ولف جهڙن عظيم جرمن فلسفين جي ڪتابن ۾ بيان ٿيل آهي. هن نيوٽن جو فطري فلسفو به انهي نظريي سان ملائي ڇڏيو. وري 1760ع کان 1770ع تائين سندس توجه انگريزي فلسفين خاص ڪري لاڪ ۽ هيوم جي فڪر تي رهي. وري جڏهن ڪيس انهن جون ڪمزوريون نظر آيون ته هو انهن جي تجربي (Empirical) فلسفي کان به اڳتي نڪري ويو. [تجربي مان مطلب آهي انهن جي پنهنجي تجربي ذريعي حاصل ڪيل فلسفو]. انهيءَ وقت دوران هن جيڪي ڪيترائي ننڍا ننڍا مقالا لکيا انهن مان اها ڳالهه واضح آهي ته هو روشن خيالي جي جذبي (Spirit of Enlightenment) جي نالي سان سڃاتي ويندڙ انهي دور جي فلسفيائي نظريي ڏانهن تمام گهڻو مائل هو.

انهي وقت اسان جي علم ۽ اسان جي ادراڪ جي بڻ بنياد بابت به هڪ ٻئي سان متضاد نظريا مروج هئا. انهن مان پهريون جان لاڪ جي تجربيت (Empiricism) هو. لاڪ جو خيال هو ته سموري علم ۽ ادراڪ جو سرچشمو تجربو آهي يعني خلقي يا پيدائشي خيالن جهڙي ڪنهن شي جو وجود نه آهي. ڪنهن به شي جي ڄاڻ ۾ اهڙي ڪا به شي شامل نه آهي جيڪا اڳ ۾ حواسن (Senses) جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دائري ۾ نہ آئي هجي. حقيقت اها آهي تہ ڄاڻ (Understanding) تاثرن (impressions) جي پاڻ ۾ ڀيٽ ڪري ٿي، انهن ۾ فرق ڳولهي ٿي ۽ انهن کي هڪ ٻئي سان ملائي ٿي.

ٻيو نظريو ڊيڪارٽ جي عقليت پسندي (Rationalism) هئي. سندس خيال هو تہ سموري ادراڪ جو سرچشمو انساني ذهن يعني ratio يا reason آهي. تنهن ڪري ڪنهن بہ تجربي کان آزاد ٿي خالص فڪر (thought) جي مدد سان ڪنهن بہ سچ کي منظر تي آڻي سگهجي ٿو.

انهن ٻنهي فلسفياڻن نظامن جي تضاد هڪ اهڙي بند گلي ۾ اچي بيهاريو جنهن مان ٻاهر نڪرڻ جو ڪو بہ رستو نظر نہ ٿي آيو. ڇاڪاڻ تہ تجربيت توڙي عقليت پسندي ٻنهي ذريعي مهيا ڪيل حل ڪنهن بہ لحاظ کان مڪمل طور تسلي بخش نظر نہ ٿي آيا. ڪانٽ ذهن ورهين تائين پنهنجيون سموريون ذهني طاقتون ادراڪ جي مسئلي سمجهڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏيون ۽ پوءِ هن 1781ع ۾ پنهنجن خيالن جا نتيجا "تنقيد عقل محض" ۾ پيش ڪيا.

(ڪانٽ هتي عقل (reason) کي سمجهڻ جي لياقت طور ڪتب آندو آهي)

هاڻي جواب طلب سوال اهو آهي تہ: تجربو ۽ سمجهہ (understanding) [جنهن کي ڪانٽ وارو reason چئي سگهجي ٿو] اسان جي ادراڪ ۾ ڪهڙو ڪردار ادا ڪن ٿا. ٻين لفظن ۾ ڇئجي تہ ادراڪ ڇا آهي؟

ڪانٽ جو جواب آهي تہ ادراڪ هڪ لازمي فيصلو (judgement) آهي. يعني هڪ اهڙو فيصلو جيڪو پڪو پختو آهي ۽ انهي ۾ ڪو شڪ شبهو نہ آهي. هر قسم جو ادراڪ فيصلن جي صورت ۾ ظاهر ڪيو ويندو آهي. مثال طور: پاڻي گرم آهي، صندوق ڳري آهي، رات جو اونده ٿيندي آهي وغيره. لفظي اظهار جي صورت ۾ فيصلا اڪثرين ۾ سمايل هوندا آهن.

پر مٿيان سڀ فيصلا تجربي مان حاصل ڪيا ويا آهن ۽ انهي ڪري انهن جو لازمي طور واقع ٿيڻ يا ڪائناتي هئڻ ضروري نہ آهي. توهان جڏهن "هيءُ پاڻي گرم آهي." چئو ٿا تہ توهان کي حقيقت ۾ چوڻ گهربو هو تہ: "هي پاڻي مون کي گرم لڳي ٿو". ڇاڪاڻ تہ جيڪا شي توهان کي گرم لڳي ٿي ممڪن آهي تہ اها ٻئي کي ٿڌي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳي. تنهن ڪري اهي فيصلا شخصي احساس تي ٻڌل آهن (چئجي ته ذاتي آهن). تنهن ڪري اهي نه ئي ڪائناتي آهن نه ئي انهن جو واقع هئڻ ضروري آهي. پر اهي مشروط ۽ ٻين ڳالهين سان منسلڪ (contingent) آهن. جاڪاڻ ته رات سدائين اونداهي نه هوندي آهي نه ئي پاڻي سدائين گرم هوندو آهي.

لازمي ۽ ڪائناتي فيصلا يعني اهڙا فيصلا جن کي سڀ ماڻهو هر وقت سچو ۽ درست مڃين اهي فزڪس، رياضي ۽ جاميٽري ۾ هوندا آهن. "جڏهن هڪ سڌي ليڪ ٻئي سڌي ليڪ سان ملندي ته اهڙي طرح ٺهيل ڪنڊون ٻن ڪنڊن جي برابر هونديون آهن." اهو بيان اهڙي قسم جي فيصلي جو مثال آهي. جاڪاڻ ته انهي کي ڪنهن به تجربي جي حوالي کان سواءِ هر جاءِ تي ۽ شروع کان (a priori) صحيح مڃيو وڃي ٿو. اسان کي اڳواٽ ئي پڪي طور خبر هوندي آهي ته اهو ۽ اهڙا سمورا بيان عالمي طور صحيح هوندا آهن ۽ انهن کي اها درستگي انهي ڪري ملندي آهي جو اهي اسان جي پنهنجي وجدان جي لياقت جي پيداوار هوندا آهن. [وجدان (Intuition) جو مطلب آهي اهڙي ڳالهه جيڪا عقل ڪم آڻڻ کان سواءِ حواسن ذريعي سمجهه ۾ اچي].

انهي مان ڪاميابي سان اهو دليل ڏئي سگهجي ٿو ته دنيا جو ادراڪ ضروري آهي ته تجربي يا حواسن کي ڪم آڻڻ جو نتيجو هجي. انهي ۾ ڪوشڪ نه آهي ته اسان کي حواسن مان فوري ادراڪ يا خيال (ideas) ملن ٿا پر اهي بذات خود انڌا يا ٻيجان هجن ها. انهن مان واسطي جي لحاظ کان اسان جا ذهن مڪمل طور بي عمل هجن ها. انهن ۾ ادراڪ جو خام مال موجود هوندو آهي پر اهي بذات خود ادراڪ نه هوندا آهن. اهي انڌا وجدان ذهن جي پيداواري سرگرمي جي ذريعي سچا ادراڪ ٿيندا آهن جيڪو سوچ (thought) جي ذريعي تصور (concept) پيدا ڪندو آهي.

هر سائنسي علم تصورن ذريعي عمل ڪري ٿو. پر تصور انساني ذهن ۽ سوچ جي پيداوار آهن جيڪو حقيقت ۾ وجود نه ٿو رکي. گول (circle) جو تصور هڪ لڳاتار وڪڙ ڪائيندڙ ليڪ جي حدن جي اندر ايندڙ سڌي ايراضي آهي. اهي خصوصيتون رکندڙ گول بذات خود سوچ ۾ ئي نه ايندو جاڪاڻ ته اهو فقط سوچ ۾ ئي سوچ لاءِ وجود رکي ٿو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن ماڻهو کي فلسفي جي تربيت نہ هوندي يا جنهن وٽ تنقيدي لياقت جي کوٽ هوندي اهو دنيا ۽ ان جي موجودات بابت ائين تصور ڪري ٿو جيئن اهي سندس نظريا تجربي ۾ اچن ٿيون. ڪانٽ ڊيڪاري ٿو تہ اسان کي اها خبر ڪٿهن بہ نہ هوندي آهي تہ شي بذات خود ڇا هوندي آهي. پر اسين تہ انهي کي ائين سمجهندا آهيون جيئن اها اسان کي ڏسڻ ۾ ايندي آهي. انهي جو بنياد اسان جي فڪري جوڙجڪ تي لاڳو قانونن تي هوندو اهي. جيڪي شروع کان ئي موجود هوندا آهن. تجربا پوءِ (a posteriori) انهن سان گڏيا ويندا آهن. (هتي "شروع کان" جو مطلب پيدائشي نہ آهي شروع وارا ادراڪ اهي هوندا آهن جيڪي تجربي کان آزاد ٿي وجود ۾ ايندا آهن جڏهن تہ پوءِ وارا ادراڪ اهي هوندا آهن جن جو سرچشمو تجربو هوندو آهي) انهي ۾ ڪو شڪ نہ آهي "ڪانٽ چوي ٿو"، تہ "اسان جو سمورو ادراڪ تجربي سان شروع ٿئي ٿو ڇاڪاڻ تہ ادراڪ جي لياقت انهي کان سواءِ عمل ۾ نہ ايندي... اسان جو سمورو ادراڪ تجربي سان شروع ٿئي ٿو جو مطلب اهو نہ آهي تہ انهي جو بنياد تجربو آهي".

انهي مان ظاهر ٿيو تہ ادراڪ ٻن سرچشمن مان اچي ٿو جيڪي گڏجي ڪم ڪن ٿا. يعني حواسن جو ڪم ۽ ٻيو سمجهہ (ڪانٽ وارو reason) اسين حواسن ذريعي شين تائين پهچندا آهيون ۽ سمجهہ ذريعي انهن کي تصوراتي طور ذهن ۾ آڻيندا آهيون. اسين حواسن کان سواءِ ڪنهن بہ شي کان واقف نہ ٿيندا سين پر اسين سمجهہ کان سواءِ انهي جو ڪو بہ تصور نہ ناهي سگهنداسين. اسان جا سمورا وجدان ٻتي فطرت رکندا آهن. اسان کي شيون اسان کان جدا ۽ مڪان (Space) ۾ خارجي طور وجود رکندي نظر اينديون آهن. ۽ اهي هڪ ئي وقت يا هڪ سلسلي ۾ (In succession) اسان جي ذهن ۾ وقت ۾ وجود رکندي پڻ نظر اينديون آهن. اهڙي طرح زمان ۽ مڪان اهڙيون بہ شڪليون جن سان اسان جا سمورا وجدان ٻڌل آهن ۽ اهي جئين تہ شين سان سڌو سنئون واسطو رکندڙ خيال (Ideas) آهن تنهنڪري اهي خود وجدان آهن.

اسان جا سمورا وجدان زمان ۽ مڪان جي انهن ٻنهي شڪلين (Forms) سان ٻڌل هئڻ جو سبب اهو انداز Manner آهي جنهن ۾ اسان جي تصور جي لياقت شين جا تاثر (impression) وصول ڪري ٿي. تنهن ڪري زمان ۽ مڪان خالص

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وجدان آهن جيڪي ڪنهن به حقيقي احساس کان اڳوات شروع کان ئي موجود هوندا آهن. اهي اسان جي تصور جي لياقت ۾ پيدائشي طور موجود هوندا آهن ۽ تنهن ڪري فقط اهي ئي لازمي خيال (ideas) هوندا آهن جيڪي شروع کان موجود هوندا آهن ۽ سيني وجدانن جو بنياد هوندا آهن.

اهو خيال ته مڪان شروع کان آهي ۽ انهي جو بنياد تجربي تي نه آهي، انهي مان به چٽو ٿئي ٿو ته مڪان لامحدود آهي جنهن کي ڪير به تجربي ۾ نه ٿو آڻي سگهي يا انهي جو عملي مظاهرو نه ٿو ڪري ڏيکاري سگهي. مڪان شين جي عمومي رابطي جو عالمي تصور نه آهي پر اهو هڪ خالص وجدان آهي جنهن جو بنياد فڪر (thought) آهي. اهو وجدان جو هڪ لازمي انداز آهي.

زمان به اهڙو تصور نه آهي جنهن جو بنياد تجربي تي هجي. اهو نه فقط اسان جي ۽ اسان جي اندروني حالت جي وجدان جي هڪ شڪل آهي پر اهو سيني وجدانن جي بنياد ۾ موجود ٿيندڙ هڪ ضروري خيال آهي.

ڪانٽ "تنقيد عقل محض" ۾ جيڪو بنيادي نظريو سمجهائڻ گهري ٿو اهو هي آهي ته اسان جا ذهن زنده آهن. سرگرمي سان عمل ڪندڙ ذي حيات وجود آهن. پنهنجي عمل ڪاري لاءِ خارجي دنيا مان حواسن ۽ تجربي ذريعي مواد حاصل ڪن ٿا پر انهي مواد کي پنهنجن قانونن مطابق شڪل ڏين ٿا ۽ پنهنجن ادراڪن جي صورتگري پاڻ ڪن ٿا.

هو وضاحت ڪري ٿو ته خود اسانجن ذهنن جي سرگرمي سان عمل ڪاري ئي خارجي تاثرات جي وڏي انگ جي بنياد تي اهي قانون ٺاهي ٿي. جيڪو نظم ۽ ضبط دنيا ۾ ڪارفرما آهي ۽ جيڪو علت ۽ معلول جي اصولن تي بيٺل آهي انهي جا بنياد اسان جي سوچ ۾ آهن جيڪا اسان جي ادراڪن کي ترتيب ڏيندي سائنس ڏانهن وٺي هلي ٿي. سائنس جو عام اصول سوچ ۽ فڪر جي قانونن ۽ اسانجن ذهنن جي جوڙجڪ مان ڦٽي نڪري ٿو.

پر ذهن فقط انهي ڳالهه تي مطمئن نه ٿو ٿئي ته انهي وٽ حواسن ذريعي جيڪي تاثرات پهچن ٿا انهن کي مڪاني زمان ۾ پنهنجيون موزون جايون ڏئي. احساسن ۽ فهم (perception) جي منجهيل حالت مان وجداني ادراڪ جي نشونما ڪُهر ڪري ٿي ته فهم تصورن ذريعي جُڙيل هجي. سيني احساسن جي پرک ڪجه

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قاعدن مطابق ٿئي ٿي جن جي صداقت تجربي کان بلڪل جدا شروع کان فرض ڪئي وڃي ٿي.

اسان جي تعميري سمجهه جملي تاثرن جي مجموعي منجهان سوچ جي پنهنجي قاعدن مطابق دنيا جي تشڪيل ڪري ٿي. تنهن ڪري اسان پاران دنيا جي نهيل تصوير حقيقت جو اهڙو عڪس نہ آهي جيڪو اصل جي عين مطابق هجي. اسين ”بذات خود“ دنيا جي ماهيت ڪڏهن بہ سمجهي ۽ پرکي نہ ٿا سگهون.

بهرحال احساس ۽ سمجهه ۾ ڪو تعلق ضرور آهي ۽ درحقيقت اها ڳالهہ تہ طبعي سائنسن ۾ تجربي جي امڪان ذريعي اڳ ۾ئي ثابت ٿي چڪي آهي. جيئن تہ سوچ ويچار ۽ حساب ڪتاب جي نتيجن جي عملي طور تجربي ذريعي چڪاس ڪري سگهجي ٿي. تنهن ڪري حسياتي معلومات ۽ سمجهه ۾ لازماً ڪو مشترڪ قدر هئڻ گهرجي.

پر ڪجهه احساسن کان ماورا شين جا ڪجهه ڪائناتي ۽ لازمي ادراڪ بہ وجود رکن ٿا. مثلاً ڇا خدا جو وجود ثابت ڪرڻ ممڪن آهي يا اهو فقط ايمان جو مسئلو آهي؟

جيتوڻيڪ اها ڳالهہ صحيح آهي تہ اهڙين شين بابتہ سوچي سگهجي ٿو پر انهن کي حسي عضون ذريعي قابل ادراڪ نہ ٿو بڻائي سگهجي. حواسن کان ماورا شيون فقط سوچ ۾ آڻي سگهبيون آهن. پر انساني ذهن جي جوڙجڪ ۾ اهڙي ڪا پيدائشي شي ضرور آهي جيڪا ديني علمن ۾ مستقل مشغولي جي اهڙي طرح راهہ هموار ڪري ٿي جيئن فلسفي ۾ حسي عضون جي ادراڪ کان ماوراشين ۾ ذهن مشغول رهي ٿو.

ڪانٽ مطابق شعور (reason) خارجي مظهرن ۾ تعلق کي ڏسي وٺڻ کان پوءِ اهو نتيجو ڪيئي ٿو تہ خارجي دنيا جي شين کي بہ لازماً هڪ مطلق ڪل (absolute whole) جي شڪل ۾ هئڻ گهرجي ۽ انهن کي هڪ مطلق سبب هئڻ گهرجي. اها سوچ ڪائنات (universe) جي نظريي ڏانهن وٺي وڃي ٿي. پر اندروني ۽ خارجي دنيا_ روح ۽ فطرت_ هڪ آخرين مطلق بنياد (ultimate common basis) فرض ڪرڻ جو سبب بڻجن ٿيون. اها ڳالهہ خدا جي نظريي ڏانهن وٺي وڃي ٿي جيڪو سڀني شين کي متحد رکيو بيٺو آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خدا جو نظريو ساڳئي طرح شعور جي ضرورت مان پڻ نڪري ٿو. خدا جي وجود جا ڪي به عقلي سبب موجود نه آهن. خدا هڪ اهڙو ڪارآمد ۽ ضروري نظريو آهي جنهن سان چنبڙيو رهڻ جي شعور اسان کان گهر ڪري ٿو. اسين عملي سببن جي ڪري خدا ۽ لافانيت ۾ يقين ڪرڻ تي مجبور آهيون. ڇاڪاڻ ته ڪا به سائنس يا ڪابه ذهانت ڪڏهن به انهن نظرين جي نامعقوليت ثابت ڪرڻ ۾ ڪامياب نه ٿي سگهندي. شعور اسان کي مجبور ڪري ٿو ته اسين اهڙي طرح عمل ڪريون ڄڻ ته خدا ۽ لافانيت حقيقتون آهن.

هي ئي اهو نقطو آهي جنهن عملي شعور وچ ۾ اچي ٿو ۽ ڪانٽ سندس انهي ڪان پوءِ ايندڙ ڪتاب Critique of Practical Reason ۾ بحث ڪري ٿو ته جيڪڏهن نظرياتي شعور علم جي لحاظ کان تجربي سان مشروط ۽ انهي جي ڪنٽرول ۾ آهي ته عملي شعور تجربي جي حدن کان ٻاهر نڪري وڃي ٿو. ڪجهه صداقتون جن جو نظرياتي شعور انڪار ڪيو ٿي، يا جن کي ثابت نه ٿي ڪري سگهيو (جهڙوڪ روح جي لافانيت، ارادي جي آزادي، خدا جو وجود) اهي عملي شعور جي اصولن جي ذريعي ثابت ٿي چڪيون آهن.

ڪانٽ جو ٽيون وڏو ڪتاب Critique of Judgement اعليٰ، حسين ۽ فطرت جي نظام متعلق آهي. اهي فيصلا خالص ۽ عملي عقل جي وچ ۾ هڪ قسم جو وچون رستو آهن.

ڪانٽ فلسفيانه فڪر ۾ هڪ نئون دور متعارف ڪرايو. فلسفي سان تعلق رکندڙ ڪو به شخص سندس نظرين کان اڪيوٽ نه ٿو ڪري سگهي. سندس نظرين جي واڌويجهه جو عمل ته اڄ به جاري آهي. سندس نظرين ۾ خاص اهميت انهي ڳالهه کي آهي ته هو اخلاقي فرضن کي تمام اهم سمجهي ٿو ۽ انسان جي عظمت تي تمام گهڻو زور ڏئي ٿو.

بهرحال هو ڪنهن عظيم فلسفي کان به گهڻو وڌيڪ هو. هو هڪ اهڙي سچي اخلاقي شخصيت هو جنهن جي عقيدن جو سرچشمو سندس اعليٰ ڪردار هو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 32. سموئيل جانسن جي سوانح

## —— جيمس بوسويل ——

جيمس بوسويل نالي هڪ نوجوان اسڪاٽلينڊي 16 - مئي 1763ع تي ڪوويننٽ گارڊن ۾ رسل اسٽريٽ تي هڪ ڪتاب گهر جي پٺ واري ڪمري ۾ ڊاڪٽر سموئيل جانسن سان مليو. بوسويل لارڊ آچن ليڪ جو پٽ هو ۽ لنڊن ۾ بي فڪري وارو وقت گذاري رهيو هو.

ڊاڪٽر جي عمر تڏهن 54 ورهيه هئي. هو لنڊن جي ادبي حلقي جو مجيل پهلوان هو. مورخ گبن، سر جوشئا رينالڊز برڪ ۽ ڊيوڊ گيرڪ جهڙا ماڻهو سندس ذاتي دوست هوندا هئا. هو سوهو ۾ گڏجاڻيون ڪندڙ ادبي ڪلب (Literary club) ۾ پڻ مرڪزي حيثيت رکندو هو. انهي ۾ انهي دور جا سڀئي مشهور مزاح نگار توڙي سنجيده اسڪالر اچي گڏ ٿيندا هئا.

ڊاڪٽر جانسن ڪنهن به لحاظ کان ارڙهين صدي جي ڪا خوشنما شخصيت نه هئي. سندس چنبيندڙ اکين، کهري منهن، ٿلهي پيٽ، پراڻي وگ ۽ جهومندڙ چال ۽ ميرن ڪپڙن سان سندس شخصيت بلڪل رواجي لڳندي هئي. درحقيقت هو پنهنجي شڪل شباهت ۽ عادتن اطوارن سان انهي چمڪندڙ دمڪندڙ دنيا جو حصو نه (جنهن ۾ هو هاڻي رهندو هو) پر انهي گرب اسٽريٽ سان واسطو رکندڙ لڳندو هو جنهن ۾ هن پنهنجي شروعاتي زندگي گذاري هئي ۽ جتي هن ڪو پئسو ڌوڪڙ نه هئڻ سبب ڪيترائي ويلا لنگهڻ ڪاٽيو هو ۽ هڪ دفعو ته هڪ دوست جي گهر ۾ پردي جي پٺيان بيهي ماني کائڻي پئي هئي ڇاڪاڻ ته سندس ڪپڙا ايترا ته ڳريل ۽ پراڻا هئا جو هو انهن ۾ عام ماڻهن جي سامهون نه پئي اچي سگهيو.

بوسويل هڪ ته گهڻ ايل هوندو هو وري اڪثر ڪري سندس انداز خوشامد وارو هوندو هو. سو جانسن به دفعا سندس چڱي خبر ورتي هئي. انهي جو سبب اهو ٿيو جو هڪ دفعو ته هن پنهنجي اسڪاٽلينڊي هئڻ تي معذرت ڪئي ۽ ٻيو دفعو ادا ڪار

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊيوڊ گيرڪ بابت احمقاڻو رايو ڏنو هئائين. گيرڪ جانسن جو ننڍپڻ جو دوست هو. بوسويل جانسن کي پاڻ ڏانهن مائل ڪرڻ جون لڳاتار ڪوششون ڪندو رهيو ۽ آخرڪار کيس پنهنجي پاسي ڪري ورتائين. بوسويل ڪجهه مهينا پوءِ پنهنجي پيءُ جي حڪمن تي يورپ جي سفر تي ويو ته جانسن هارورڪ تائين هن سان گڏجي ويو. جانسن جي 1883ع ۾ وفات تائين ٻنهي کي جوڙيندڙ دوستي جا ڪيترائي سبب هئا. جانسن کي معزز گهراڻن جا فرد وڻندا هئا. بوسويل کيس دلچسپ نطر آيو ۽ بوسويل پاران سندس واکاڻ کيس متاثر ڪيو. بوسويل جي موجودگي سان جانسن جي ظرافت نمايان ٿي پوندي هئي ۽ هو اڪثر انهي جو نشانو بڻبو هو. وري جانسن جي دل به ڏاڍي نرم ۽ ڏاڍي مذهبي هوندي هئي. کيس خبر هئي ته هو پنهنجي نوجوان دوست تي سگهارو اثر وجهي سگهيو ٿي. جانسن هڪ دفعو پنهنجي دوست کي اها ڳالهه سمجهائي هئي ته هو کيس ڇو پسند هو:

سائين، مون کي نوجوانن سان واقفيت وڻندي آهي. ڇاڪاڻ ته پهرئين ڳالهه ته مون کي اها ڳالهه پسند ئي نه آهي ته آءُ اها ڳالهه ذهن ۾ آڻيان ته آءُ پوڙهو ٿيندو پيو وڃان. ٻين ڳالهه ته نوجوانن سان واقفيت جيڪڏهن برقرار رهي ته اها لازماً ڏگهو عرصو هلندي ۽ وري سائين نوجوانن ۾ نيڪي جو عنصر پوڙهن ماڻهن کان وڌيڪ هوندو آهي. انهن ۾ کُلي دل وارا جذبا هر لحاظ کان وڌيڪ هوندا آهن. مون کي هن دور جا نوجوان ڪتا پسند آهن. انهن ۾ ظرافت، ڪل پوڳ ۽ زندگي بابت ڄاڻ اسان کان وڌيڪ آهي. پر اها ڳالهه آهي ته ڪتا سٺا اسڪالر نه آهن.

جانسن کي به شايد غير شعوري طور اهو احساس ٿي ويو هو ته سندس جنهن سوانح عمري لاءِ بوسويل کليو کلايو مواد گڏ ڪري رهيو آهي اها فقط سٺن هٿن ۾ نه پر هڪ ڏاهي جي هٿن ۾ آهي. بوسويل پنهنجي پيڙهي جي ٻين ڪيترن نوجوانن وانگر سمجهندو هو ته سموئيل جانسن سندس دور جو سڀ کان عظيم انسان آهي. هن پنهنجو پاڻ کي مڪمل طور سندس اثر هيٺ آڻي ڇڏيو ۽ کڻي ڇئجي ته کيس سندس راضپي مان سڪون ملڻ لڳو. پر کيس اهو اڻ لکو احساس پڻ هو ته هن وٽ (بوسويل وٽ) جيڪڏهن ڪي صلاحيتون آهن ته اهي ڪنهن وڪيل واريون نه آهن. اهو ڏنڊو سندس پيءُ هن مٿان مڙهيو هو. هن وٽ ڪنهن ليکڪ واريون صلاحيتون هيون ۽ ليکڪ به اهڙو جنهن جو خاص ميدان اظهار ذات هو. جانسن سان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملڻ ڪان اڳ هن فيصلو ڪري ڇڏيو هو ته سندس ”لنڊن جرنل“ جاري رکڻ سندس سڀ ڪان اهم سرگرمي هئي (اهو هن ڪجهه مصلحتن سبب جانسن کي نه ڏيکاريو هو) هاڻي جلد ئي جانسن بوسويل جي ٻئين ۽ بهتر ذات ٿي ويو ۽ ائين ڪٿي چئجي ته بوسويل جانسن جي ذات ۾ پاڻ کي اظهار ڏيڻ لڳو يا ٻين لفظن ۾ چئجي ته کيس انهي عظيم شخصيت بابت لکندي پنهنجي اظهار ذات جو موقعو ملي ويو.

بوسويل جي ڪتاب ۾ اسان کي ڊاڪٽر ڪٿي پنهنجي چانهه مان وڏا وڏا ڍُڪ ڀريندو ٻڌڻ ۾ ايندو ته ڪٿي ڳابي جي گوشت جون ٻوٽيون هيچ سان کائيندي نظر ايندو ته ڪٿي وري شراب جي اثر هيٺ سندس آواز ڳرو ٿيندي ٻڌڻ ۾ ايندو. وري ڪٿي اهو بيان هوندو ته دوستن جي صحبت ۾ ڪير سندس ڳالهه سان اختلاف ڪندو ته هو پنهنجن ڳرن جملن ۽ ڏڪندڙ آواز ۾ جواب ٺهڪائي ڏيندو. اسان کي ڪتاب ۾ ڊاڪٽر کي پوندڙ اُداسي جا دورا به نظر ايندا, سندس موت جو ڊپ به ڏسڻ ۾ ايندو ته هو سموري زندگي جنهن سوداءَ ۽ خفقان ۾ ورتل رهيو انهي بابت به خبر پوندي سندس عجيب عادتن مان انهي عادت جي به خبر پوندي ته هو گهٽي مان لنگهندي هر ٿنڀي کي هٿ هڻندو ويندو هو. سچي ڳالهه ته اها آهي ته سوانح عمري جو اهو اعليٰ ترين مثال آتم ڪهاڻي جي تمام ويجهو اچي پهتو آهي. اهو ڪتاب تمام دلچسپي وارو آهي ڇاڪاڻ ته بوسويل ۽ جانسن ٻئي پنهنجن مختلف اندازن ۾ غير معمولي فرد هئا.

سموئيل جانسن. راڻي اين جي دور ۾ 1709ع ۾ لش فيلڊ ۾ ڄائو. سندس پيءُ هڪ ناڪام ڪتب فروش هو جنهن آخرڪار ڏيواليو ڪڍيو. سندس حافظو ۽ لاطيني جي شروعاتي ڄاڻ تمام غير معمولي هوندي هئي. لاطيني انهي دور ۾ تعليم جو تمام اهم حصو هوندي هئي. جانسن آڪسفورڊ جي پيمبروڪ ڪاليج ڊگري کان سواءِ ئي ڇڏي جو جيڪو مهربان سندس اتي رهائش جو خرچ ڀريندو هو انهي سان وڙهي پيو. هن اسڪول ماستريءَ جو تجربو ڪيو. سندس ڳاڻ ڳڻين شاگردن مان هڪ ڊيوڊ گيرڪ هو. هو ٻڻ لش فيلڊ ۾ ڄائو هو. هن زندگي جي شروعاتي ورهين ۾ ئي مسز پورٽر نالي هڪ بيوه سان شادي ڪئي هئي. هو سدائين کيس ٽيٽي جي نالي سان سڏيندو هو. اها عمر ۾ کانئس ويهه ورهيه وڏي هئي. اها جسماني طور ٻن ٻي ڍولن ڪردارن ۾ محبت جي شادي هئي. هن جانسن جي غربت جا ڏينهن هن سان گڏ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گذاريا ۽ سندس شهرت جو اوائلي دور به ڏنو ۽ پوءِ 1752ع ۾ فوت ٿي ويئي. هن سندس ”ڊڪشنري آف دي انگلش لئنگوج“ جهڙوڪ عظيم ڪتاب ڇپائي هيٺ ايندي نه ڏٺو هو. هن ته ڪيس معمولي قلم ڪاريءَ ترجما ڪندي ڪيس سُو تو پوتو ڪمائيندي ۽ جُهد پٽيندي ڏٺو هو. هو تيستائين لنڊن بابت پنهنجو عظيم نظم ڇپرائي چڪو هو جنهن جي پوپ پڻ تعريف ڪئي هئي. هو انهي ڪان اڳئين دور جو سڀ ڪان عظيم شاعر هو ۽ ريمبلر رسالي ۾ ڇپيل سندس مضمون کيس اڳيئي تمام گهڻي شهرت ڏياري چڪا هئا.

هو ٽوري (Tory) ۽ اينجليڪي فڪر جو ترجمان ٻنهي ويو هو ۽ گهڻو وقت جيڪوبي (jocabite) تي رهيو هو. سندس ڊڪشنري ڇپجڻ سان سندس ڏينهن بدلجڻ شروع ٿيا. اها 1754ع ۾ شايع ٿي پوءِ جارج ٽئين هن لاءِ پينشن پڻ مقرر ڪئي. جانسن کي هڪ دفعو بادشاه سان ڏسڻي ملاقات ڪرڻ جو موقعو مليو هو. هن کيس هر لحاظ کان مڪمل شاناٿنو ماڻهو لکيو آهي ۽ چيو آهي ته هو چارلس ٻئين ۽ لوئي چوڏهين وانگر ئي بادشاه ٿيڻ لاءِ لائق ۽ مناسب هو.

جانسن جي طبيعت ۾ ڪيترائي تعصب ۽ اڻ نهڪندڙ ڳالهيون پڻ هيون. هن کي جنن ڀوتن ۾ ويساه هوندو هو ۽ سمجهندو هو ته ماڻهو اڳڪٿيون ڪري سگهن ٿا. گڏوگڏ کيس رسمن رواجن جي روحاني اهميت ۾ پڻ ويساه هوندو هو. هن هڪ دفعو ”گُڊ فرائيڊي“ تي گرم ڪافي پي ورتي هئي. انهي تي هن پاڻ تي ڏاڍي تنقيد ڪئي هئي. هو هر قسم جي شهري ۽ مذهبي خيالن جو ڏاڍو ادب ڪندو هو. وري ٻئي پاسي هو ڏاڍي تشڪيڪ (Scepticision) جو اظهار به ڪندو هو. سندس هڪ محبوب مشغلو کيس ٻين پاران ٻڌايل ڳالهين تي شديد تنقيد ڪرڻ هوندو هو. هن ويسٽ انڊيز ۾ شديد سامونڊي طوفان جي بيان کي بلڪل رد ڪري ڇڏيو ۽ انهيءَ ڳالهه کي به مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ته برطانوي گولي بازن 1789ع کان 1793ع تائين جبرالٽر جي محاصري دوران باهه وانگر گرم گولا وسائي فرانسي ۽ اسپيني جهازن کي باهه ڏئي ڇڏي هئي. هوگارٿ چواڻي ”جانسن، بادشاه ڊيوڊ وانگر آهي. هو چوي ٿو ته سڀ ماڻهو ڪوڙا آهن. سندس تعصب به ڏاڍا اونها هوندا هئا. هو اسڪاٽليندين ۽ آمريڪين کان نفرت ڪندو هو. ”آءُ آمريڪين کان سواءِ سموري انسان ذات سان محبت ڪرڻ لاءِ تيار آهيان“. هن هڪ دفعو اهي لفظ چيا هئا. هن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آمريڪي نو آبادڪارن خلاف جارج ٽئين جي جنگ جي حمايت ڪئي هئي. هن کي تہ پنهنجي دور جي ادب جو سٺو پارکو بہ چئي پيو سگهجي جو هو جيتوڻيڪ پوپ ۽ ڊرائيڊن جي واکاڻ ڪندو هو پر کيس "گليورز ٽريولز" ۾ ڪا بہ خوبي نظر نہ ايندي هئي. کيس اسٽرن جو ٽرسٽرم شينڊي بہ نہ وڻندو هو. لڳي ٿو تہ هن فيلڊنگ جو ٽام جونز بہ نہ پڙهيو هو. هو اهڙن ڪتابن جي پيٽ ۾ نامعلوم لاطيني شاعرن ۽ نثر نويسن جي ڪتابن واري بوريت کي ترجيح ڏيندو هو.

کيس پلا پنهنجي عجيب ظاهري شڪل صورت ۽ عادتن. سندس حماقتن ۽ سندس تعصبن جي باوجود پنهنجي دور جي فڪري سماج جو استاد ڇو مڃيو ويندو رهيو؟ انهي جا ڪيترائي سبب آهن. هو پنهنجا انتهاپسندانہ رايا اهڙي قوت. دليل جي اهڙي طاقت ۽ اهڙي حاضر جوابي سان ڏيندو هو جو کيس گفتگو جي فن جو استاد مڃيو ويندو هو. انهي واندڪائي واري دور ۾ ماڻهو انهي فن مان لطف اندوز بہ ڏاڍا ٿيندا هئا. مجموعي طور ڏسجي تہ اهو سمورو قصو ڪنهن راند بجاءِ هڪ جنگ هوندو هو ۽ جانسن اهڙن هزارين معرڪن مان فاتح ٿي نڪتو. سندس دوست هن سان جيتوڻيڪ يڪ راءِ بہ نہ هوندا هئا تہ بہ سندس طاقت جي مظاهري مان خوش ٿيندا هئا. بين فاضل ماڻهن تي سندس برتري جو سبب اهو هوندو هو (گهڻو ڪري تہ اهي ماڻهو هن کان وڌيڪ علميت وارا بہ هوندا هئا) جو کيس پنهنجيون ذهني صلاحيتون فوراً يڪجاءِ ڪرڻ جي صلاحيت هوندي هئي. هو ڪنهن بہ موضوع تي غير معمولي لفظي صلاحيت سان پنهنجن خيالن جو اظهار ڪري سگهندو هو. هن دين جي تبليغ ڪندڙ ڪنهن عورت بابت چيو هو: "سائين. اهو تہ جڻ ائين آهي جو ڪو ڪتو پنهنجين پٺين ٽنگن تي گهمي رهيو هجي. اهم ڪم سٺي نموني تہ نہ پيو ٿئي پر توهان کي حيرت ضرور ٿيندي تہ اهو بهرحال ٿئي پيو". هڪ دفعو ڪچهري دوران ڪنهن ماڻهو جو ذڪر ٿيو جنهن هڪ ناخوشگوار شادي کان پوءِ شادي ڪئي هئي. جانسن انهي تي چيو تہ "اها تجربي تي اميد جي ڪاميابي جو اظهار آهي".

پر جانسن جي شخصيت جا حاضر جواب گفتگو ڪندڙ کان وڌيڪ ٻيا بہ رُخ هئا. هن ڪيترائي عظيم ڪم سرانجام ڏنا. سندس عظيم ڊڪشنري ۽ سندس Lives of the Poets کي بجا طور پسند ڪيو ويو ٿو. هو اهڙي دور ۾ هڪ سٺو اسڪالر هو جنهن ۾ علم ۽ فضل جي عزت ڪئي ويندي هئي. هو ارڙهين صدي جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ نمائنده شخصيت پڻ هو ۽ پنهنجي دور جي مخصوص خيالن جو اظهار ڪيائين ٿي. سندس اهو رايو ته حڪومت ڪهڙي به قسم جي هجي اها انسانن جي ڀلائي تي خير ڪو اثر وجهي ٿي ۽ فردن بجاءِ رياست جي شاهوڪاري چاهيندڙن کان سندس نفرت کي وڏي پيماني تي پذيرائي ملي. "وطن جي حب". هن لکيو هو "ڪنهن به بدمعاش جي آخري پناهه گاهه هوندي آهي". ڪيس انهن ماڻهن تي اعتبار نه هوندو هو جيڪي آزادي (Liberty) کي ڪنهن مقصد حاصل ڪرڻ جو ذريعو نه پر بذات خود اهميت ڏيندا هئا. جيئن سندس ڳالهين مان ظاهر آهي هو ڪامن سينس (common sense) سان پريل هوندو هو پر ڪيس رياڪاري ۽ خوشامدي ڳالهين کان سخت نفرت هوندي هئي. هو هڪ دفعو مسز ٿرال جي گهر ۾ ويٺا هئا. هوءَ شاهوڪار ۽ سهڻي عورت هئي ۽ علم ادب ۽ شاعري بابت ڳالهائيندي رهندي هئي. جانسن کيس پسند ڪندو هو. مسز ٿرال تمام وڻندڙ ڪاڏو ڪائي اٿي هئي. سندس ڪتو پريسٽو سندس پيرن ۾ ويٺو هو. هو تمام همدرديءَ واري انداز ۾ پنهنجي ڪنهن سوٽ ماسات بابت ڳالهائي رهي هئي جنهن جو آمريڪي جنگ ۾ توب جو گولو لڳڻ سان مٿو ڦاٽي پيو هو. جانسن جا جذبا اهو ٻڌي جاڳي پيا هئا ته مسز ٿرال سميت سندس اڪثر دوست جنگ جي خلاف هئا. اهڙي ماحول ۾ هن رڙ ڪري چيو: "پرٿي! منهنجي پياري، ٺهيو هاڻي! ايتريون ڳالهيون نه ڪر. ڀلا ته جيڪڏهن تنهنجا سمورا مٽ مائٽ ڳترا ڳترا ٿي وڃن ۽ تنهنجي ڪتي لاءِ پُڇي تيار ٿي اچن ته دنيا کي ڪو نقصان پهچندو ڇا؟ هو اها ڳالهه به تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪندو هو ته خانگي هلي چلي تي ڪو سرڪاري معاملن جو گهڻو اثر پوي ٿو.

جانسن سڀ کان وڌيڪ پنهنجي شخصيت کي انهي حيثيت ۾ مڃرايو جو هو غربت ۽ بي توجهي جون پوڳنائون سهي ڪاميابي جي منزل تي پهتو هو ۽ تمام مضبوط عقيدا ۽ اعتقاد رکندڙ هو. هو پنهنجي سموري زندگي ڇريو ٿي وڃڻ ۽ موت کان ڊڄندو ورهيو. هڪ شام جو جڏهن سموري سنگت اٿي وئي ته بوسويل جانسن تي بغير ڪنهن رک رکاءَ جي زور وڌو ته هو موت جي موضوع تي ڳالهائي بوسويل لکيو آهي:

منهنجي انهي سوال جو ته اسان کي موت جي ويجهو اچڻ بابت پنهنجن ذهن کي تيار ڪرڻ گهرجي يا نه جانسن ڏاڍي جذباتي انداز ۾ جواب ڏنو: "نه سائين! اها ڳالهه ڪٽي ڇڏيو. اها ڳالهه ڪا اهميت نه ٿي رکي ته ڪو ماڻهو مري ڪهڙي نموني

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ تو اصل ڳالهه اها آهي تہ هو زندگي ڪيئن تو گذاري مرڻ جو عمل ڪا اهميت نہ تو رکي. اهو تہ تمام مختصر وقت هلندو آهي". هن تمام سنجيدگيءَ سان ڏسندي چيو: "هر ماڻهو کي خبر هوندي آهي تہ اهو ڪم لازماً ٿيڻو آهي ۽ هو ڪنڌ جهڪائي چڙهي ٿو. ڪيس هاءِ گهوڙا ڪرڻ سان ڪو بہ فائدو نہ ٿيندو".

مون ڪوشش ڪئي تہ گفتگو هلندي رهي. هو ايترو تہ ڪاوڙ ۾ اچي ويو جو چيائين. "اسان کي وڌيڪ اهڙيون ڳالهيون نہ ٻڌايو". هو اهڙي تہ هيجاني ڪيفيت ۾ اچي ويو ۽ اهڙي انداز ۾ ڳالهائڻ لڳو جو آءٌ ڏکي ۽ پريشان ٿي ويس ۽ وڏي بي صبري سان اهو ظاهر ڪرڻ لڳو تہ آءٌ جيڪر هن وٽان اٿي وڃان ۽ آءٌ جڏهن وڃڻ لڳس تہ ڏاڍي سختي سان چيائين: "اسان کي سياڻي هڪ هٽي سان ملڻ نہ گهرجي".

هو پنهنجن مذهبي عقيدن جي زير اثر خير خيرات بہ پيو ڏيندو هو. هو ڏکئي وقت ۾ سيني جي مدد ڪندو هو ۽ لنڊن ۾ سنڌس گهر سدائين سنڌس خرچ تي پلجندڙ ماڻهن سان ڀريل هوندو هو. اتي مسز وليمز نالي هڪ نابين ۽ ٽڪائيندڙ پوڙهي بہ رهندي هئي جنهن کي جيتوڻيڪ اهڙو ڪو بہ حق نہ هو تنهن هوندي بہ جانسن جي زندگي ۾ نظم ضبط آڻڻ جي ڪوشش پئي ڪندي هئي وري رابرٽ ليويٽ نالي هڪ شيجو ۽ نيل دوا فروش بہ رهندو هو. جانسن کيس ٻاهران گهٽين مان آڻي گهر ۾ رهايو هو. ڪڏهن ڪڏهن هڪ پراڻي دوست جون ماءُ ۽ ڌيءَ بہ هن وٽ رهنديون هيون. جانسن پولي ڪارميڪائيل نالي هڪ بدچلن عورت کي بہ گهڻو وقت پاڻ وٽ رهايو. اها کيس بہ خبر نہ هئي تہ هن اهو ڪم ڇو ڪيو هو. سنڌس گهر ۾ فرينڪ باربر نالي سنڌس شيلي خادم بہ رهندو هو. هو پنهنجا پئسا انهي وٽ رکندو هو. هن جيڪڏهن پنهنجي دوست کي هي لفظ چيا هئا تہ انهي ۾ ڪا حيرت جهڙي ڳالهہ نہ آهي تہ "منهنجي رڌڻي ۾ بي ترتيبيءَ جو راج آهي". سنڌس دوست هن جي واڪاڻ ڪندا هئا ۽ هن سان پيار ڪندا هئا چاڪاڻ تہ سنڌس ويڙهاڪ طبيعت جي باوجود هن کي دوستي نڀائڻ جو وڏو ڏانءُ هوندو هو". تنهنجو سلوڪ مون سان سدائين تمام سٺو رهيو". بر ڪ جانسن جي موت واري بستري پر سان بيهي اهي لفظ پڙهيو هو.

جانسن جيتوڻيڪ هڪ مفڪر، هڪ ليکڪ يا هڪ عيسائي طور هن دنيا کان تمام پرانهون نظر اچي پر بوسويل جي صدقي اسين هن فڪري ڊائنوسار سان اهڙي طرح رهڻ جي قابل ٿيا آهيون جڻ تہ اسان هن سان هر روز ڳالهيون ڪيون هجن ۽ سنڌس

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فڪري مهارت مان لطف اندوز ٿيا هجون ۽ سندس همٿ، سندس ذهن ۽ سندس روح جي عظمت مان واقف ٿيا هجون. هو جيئن ته هڪ عظيم شخصيت هو تنهن ڪري هڪ عظيم ڪتاب آندائين. بوسويل فطري طور ڪو نهنو ماڻهو نه هو. انهي پنهنجي ڪتاب Life Of Johnson بابت چيو هو ته دنيا انهي کي تمام وڏي نظر سان ڏسي ٿي ۽ لارڊ ميڪالي ٿي سگهي ٿو ته هنن لفظن ۾ بوسويل جي صحيح پرک نه ڪئي هجي پر سندس ڪتاب جي پرک ڪرڻ ۾ ڪا به غلطي نه ڪئي:

”جانسن جي سوانح عمري واقعي هڪ عظيم ۽ تمام عظيم ڪتاب آهي. هومر رزميه شاعرن ۾ ايترو قطعي طور پهرئين نمبر تي نه آهي. شيڪسپيئر ڊراما نگارن ۾ ايترو قطعي طور پهرئين نمبر تي نه آهي. ڊيموس ٿينز تقرير بازن ۾ ايترو قطعي طور پهرئين نمبر تي نه آهي جيترو بوسويل سوانح نگارن ۾ قطعي طور پهرئين نمبر تي آهي. هن جو ڪو ثاني نه آهي. هن پنهنجن حريفن کي ايترو ته پٺتي ڇڏي ڏنو آهي جو انهن کي ڳڻپ ۾ آڻڻ ئي اجايو آهي.“

ꕤ

# 33. عورت جي حقن جو بچاءُ
## (A Vindication of the Rights of Woman)
### ــــ ميري وولسٽون ڪرافٽ ــــ

ڪنهن به **عورت** **پاران** لکيل ڪتابن مان ميري وولسٽون ڪرافٽ جي لکيل ڪتاب **Vindication** **کان وڌيڪ** ڪنهن اهم ڪتاب جو تصور ڪرڻ ڏاڍو **مشڪل هوندو.** ڪتاب **ادبي لحاظ** کان ڪنهن وڏي اهميت جو حامل نه آهي. انهي جي **برعڪس** اهو ڏاڍي بي ڍنگي سان ۽ ڏاڍي جذباتي انداز ۾ لکيل آهي ۽ انهي ۾ اهي سڀئي **نشانيون** موجود آهن ته اهو تڙ تڪڙ ۾ لکيل آهي. اهو اهڙي قلم سان لکيل آهي **جنهن** **لاءِ** هڪ دفعو شروع ٿيڻ کان پوءِ رڪجڻ ڏکيو هو. پر انهي تي تاريخ جي **روشني** ۾ نظر وجهڻ سان خبر پوي ٿي ته اهو ڪنهن ذات ڏٺي جو نج ۽ اصلي ڪتاب آهي ۽ هڪ اهڙو پڌرنامو آهي جنهن انساني لاڳاپن جي تاريخ ۾ هڪ تمام وڏي انقلاب جي دور جو پڙهو ڏنو.

ڪتاب جو پورو نالو A Vindication of the Rights of woman آهي ۽ اهو جڏهن 1792ع ۾ شايع ٿيو ته اهو نالو خطرناڪ حد تائين عجيب غريب پئي پڌرڻ ۾ آيو. پر ميري وولسٽون ڪرافٽ هڪ نظرين ۽ خيالن واري عورت هئي ۽ انهن کي ظاهر ڪرڻ ۾ به ڪيس ذري برابر ڊپ نه ٿيندو هو. هوءَ ڪا ڪمزور سهارا وٺندڙ ۽ محبت سان هيٺاهين وٺندڙ قسم جي عورت نه هئي. هو پنهنجي سموري زندگي پنهنجن پيرن تي بيهڻ ۽ دنيا ۾ پنهنجو رستو پاڻ ٺاهڻ جي عادي هئي. هن ورهين تائين پنهنجن والدين ۽ ڀيڻن ڀائرن جي سهائتا ڪئي هئي ۽ ادبي دنيا ۾ پير جمائڻ کان اڳ گورنيس تي بيعزتيون سٺيون هيون ۽ ماستريائي تي غلامن وانگر ڪم ڪيو هو. هو هڪ دوست پبلشر جي رهنمائي هيٺ لنڊن آئي جتي رسالن لاءِ ليک لکي ۽ ترجمن جو ڪم ڪري پنهنجو ضروري خرچ پکو ڪڍندي رهي. اهو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪم هن ڪان اڳ ڳاڻ ڳڻين عورتن ئي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ اڪثر ماڻهو انهي کي غير مناسب سمجهندا هئا. هن جڏهن پنهنجي گندي ۽ شهر جي ٻاهرئين علائقي ۾ واقع جاءِ ۾ پنهنجو ڪتاب لکڻ شروع ڪيو ته سندس عمر ٽيهن ڪان ڪجه ورهيه مٿي هئي ۽ تڏهن به چڱي خوش شڪل هئي جو اوپي (Opic) ٻاران ناهيل سندس پورٽريٽ ۾ ڏاڍي دلڪش نظر اچي ٿي. اهي حقيقتون اها ڳالهه ٻڌائڻ لاءِ ڪافي هونديون ته هوءَ جڏهن عورت جي زندگيءَ جي ڏکيائين بابت لکڻ ويٺي ته ڪيس چڱي طرح خبر هئي ته هو ڇا بابت لکي رهي هئي. هوءَ پنهنجي ذاتي تجربي جي بنياد تي ئي ايترو پرزور احتجاج ڪري سگهي هئي ۽ انهي ئي بنياد تي چڱين ڳالهين ڏانهن رهنمائي ڪيائين.

ڪيس جنهن ڳالهه قلم کڻڻ تي مجبور ڪيو اها شايد ته انهي دور ۾ فرانس ۾ عمل ۾ ايندڙ انقلابي تبديليون هيون. قديم دور حڪومت جو زوال اچي ويو هو ۽ پيرس ۾ هڪ نئون آئين نهي رهيو هو ۽ انهي جي ليکڪن مان هڪ ٽيلي راند به هو جنهن جي وات تي سدائين اها شڪايت رهندي هئي ته "انسان ذات جي اڌ" کي حڪومت جي ڪمن ڪارين ۾ شرڪت ڪان محروم رکيو ويو آهي. هو جيڪو نئون آئين ناهي رهيا هئا انهي ۾ انهيءَ خامي کي دور ڪيو ويندو ۽ غريب ترين شهري کي به سرڪاري انتظام ۾ حصو ملندو. پر شهر جي عورتن کي نه: اڙي نا عورتن کي ووٽ جو حق ڏيڻ سان ڪو به فائدو نه ٿيندو! "ڀلا ڇو نه؟" اهو مس وولسون ڪرافٽ جو تمام مناسب سوال هو.

ونديڪيشن جو انتساب ٽيلي راند ڏانهن آهي ۽ انتسابي نوٽ ۾ هن ڪيس هيءَ عرضداشت ڪئي آهي: "جڏهن مرد پنهنجي آزادي لاءِ وڙهن ٿا ۽ انهن کي پنهنجي خوشي سان رهڻ جو فيصلو ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي ٿي ته ڇا عورتن کي زيردست رکڻ بي انصافي ۽ اڻ نهڪندڙ ڳالهه نه آهي؟ ڇا توهان هڪ قانون ساز جي حيثيت ۾ اهو نه سمجهندا آهيو ته توهان جو عمل به انهن جي خوشي ۾ واڌاري جو سبب هوندو آهي؟ جيڪڏهن عورتن کي به مردن جهڙو ئي عقل ۽ شعور عطا ٿيل آهي ته مرد کي اڪيلي سر جج ڪنهن بڻايو آهي؟

واقعي ڪنهن؟ اسان کي اهو نه ٻڌايو ويو آهي ته ٽيلي راند ڪهڙو جواب ڏنو پر ميري وولسٽون ڪرافٽ ڪنهن جواب جو انتظار به نه ڪيو ۽ "مون جنهن ڳالهه

ڪي نيڪي سمجهيو ۽ انهي جي حمايت ۾ پنهنجي قلم کي ٻوڙائڻ لڳيس". ۽ ڪيس اهو به نه سمجهڻ گهرجي ته هو ڪا فقط پنهنجي شخصي ڏک کي اظهار ڏئي رهي هئي. "آءٌ پنهنجي ذات نه پر پنهنجي جنس وارن جي وڪالت ڪري رهي آهيان. مون گهٽي وقت کان آزادي کي زندگي جي سڀ کان وڏي نعمت پئي سمجهيو آهي جيڪا هر چڱائي جو بنياد آهي ۽ آءٌ هميشه لاءِ آزاديءَ جو دفاع ڪندي رهنديس پلي مون کي انهي لاءِ ڪنهن ويران پٽ تي رهڻو پوي."

جيئن مٿي اشارو ڏنو ويو آهي ونديڪيشن تمام بي ترتيبي سان لکيل ڪتاب آهي. ايترو ته بي ترتيبي سان جو ڪتاب پڙهڻ وقت بار بار اهو شڪ پيو پيدا ٿيندو ته لکندڙ جذبات جي وهڪري ۾ وهندي سندس ذهن ۾ جيڪو خيال ايندو ويو آهي اهو لکندي وئي آهي. پر ڪتاب ۾ اهڙا مرڪزي خيال به ڏسي سگهجن ٿا جن ڏانهن هو بار بار واپس اچي ٿي. اهڙو پهريون مرڪزي خيال عورت جي مرد جي روايتي ماتحتي تي اڻ وڻت جو اظهار آهي.

هوءَ ڏاڍي ڏک سان شڪايت ڪري ٿي ته آدم کان وٺي انسان ذات جا حق فقط مردن تائين محدود رکيا ويا آهن ۽ انهي جو الزام هوءَ گهٽي پاڳي "موسيٰ واري شاعرائي آڪاٽي" تي هٽي ٿي. وري ڪيس اها ڳالهه مجڻ به ڏاڍي ڏکي لڳي ٿي ته "جن چند ماڻهن انهي موضوع تي ڪڏهن غور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هوندي ڇا انهن ڪڏهن اهو سمجهيو هوندو ته حوا آدم جي پاسيري هئي؟"

"مون کي پنهنجي ساٿي سان پيار آهي"، هوءَ تسليم ڪري ٿي. پر سندس حقيقي يا ڦُريل شاهي اختيار ايستائين مون تي نه ٿو هلي سگهي جيستائين ڪنهن فرد جو عقل ۽ شعور منهنجي اطاعت گذاري جي طلب نه ٿو ڪري ۽ پوءِ به اطاعت مرد جي نه پر عقل ۽ شعور جي هوندي". لڳي ٿو ته مرد کي فقط هڪ ڳالهه ۾ عورت تي فطري برتري مليل آهي ۽ اها آهي جسماني طاقت. هو ڪنهن حد تائين شعور جي اظهار سان انهي تي ناز به ڪري سگهي ٿو. پر ڇا اهو به ڪو معقول سبب آهي ڇو جو انهي ڪري عورتن کان اها اميد رکي وڃي ته اهي پنهنجي ڪمزوري تي ناز ڪن؟ هو زور ڏيندي چوي ٿي ته عورت فقط انهي لاءِ پيدا نه ڪئي وئي آهي جو هو مرد جي بک جي تسڪين ڪندي رهي يا اعليٰ درجي واري نوڪر طور ڪم ڪري جيڪو کيس کاڌو پيتو مهيا ڪري ۽ سندس ڪپڙي لتي جو خيال رکي: بادشاهن جو خدائي حق

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ختم ٿي ويو هوءِ هاڻي وقت اچي ويو هو تہ مڙسن (جن جي حيثيت اڪثر ڪري وڏن ٻارن کان وڌيڪ ڪجھ نہ هوندي آهي) جو خدائي حق بہ ساڳئي راھ وٺي

انهيءَ کان پوءِ سندس اهو احتجاج اچي ٿو تہ عورتن کي جهالت ۾ رکيو ويو آهي ٿو ۽ انهن کي مناسب تعليم کان محروم رکيو ويو ٿو. "منهنجي خواهش آهي تہ آءُ عورتن کي نہ ٿي هيروئن نہ ٿي وحشين جي روپ ۾ ڏسان". هوءَ حاشيي ۾ چوي ٿي تہ: "آءُ انهن کي باشعور مخلوق جي روپ ۾ ڏسڻ گهران ٿي". هوءَ اها ڳالھ تسليم ڪري ٿي تہ "وبجهڙائيءَ ۾ عورتن جي تعليم کي اڳي کان وڌيڪ توجہ ڏني وئي آهي". پر تنهن هوندي بہ انهن کي غير سنجيده جنس سمجهيو وڃي ٿو ۽ ڪجھ ليکڪ جيڪي طنز يا سکيا جي ذريعي انهن ۾ بهتري آڻڻ جي ڪوشش ڪن ٿا اهي بہ انهن تي چٽرون ۽ چوٽون ڪن ٿا يا انهن تي افسوس ڪن ٿا. اها ڳالھ تسليم ٿيل آهي تہ اهي پنهنجين زندگين جا ڪيترائي شروعاتي ورهيہ ڪجھ ڪمن ڪارين بابت معمولي ڄاڻ حاصل ڪرڻ ۾ گذاري ڇڏين ٿيون ۽ انهي دوران ذهن ۽ جسم جي قوت کي حسن ۽ سونهن جي عياشيءَ وارن خيالن ۾ کين شادي ذريعي پير پختا ڪرڻ جي خواهش تي قربان ڪيو وڃي ٿو. هائو عورتن ٻاران دنيا ۾ اڳتي وڌڻ جو فقط هڪ ذريعو شادي ٿي تہ آهي ۽ انهن کي فقط جانور بڻائڻ واري انهي خواهش جي پورائي ۾ اهي جڏهن شادي ڪن ٿيون تہ اهي ڪم بہ اهڙا ڪنديون آهن جهڙي ٻارن کان توقع ڪري سگهجي ٿي: اهي ڪپڙا لٽا پهرينديون آهن ۽ چٽرڪاري ڪنديون آهن. سچي ڳالھ اها آهي تہ اهي ڪمزور وجود فقط ڪنهن حرم سراءِ لاءِ ئي مناسب ۽ موزون هوندا آهن. ڇا انهن مان اها اميد رکي سگهجي ٿي تہ اهي ڪنهن ڪٽنب کي سوچ سمجهہ سان هلائينديون يا اهي جن ٻارن کي دنيا ۾ آڻين ٿيون انهن جي سار سنڀال لهنديون؟ هوءَ بار بار اهو نقطو اٿاري ٿي تہ جاهل عورتون خراب مائرون ثابت ٿينديون آهن ۽ امڪان اهو آهي تہ خراب مائرن کي غريب ۽ ڪمزور ٻار پيدا ٿيندا. البت هوءَ اها ڳالھ تسليم ڪري ٿي تہ جن عورتن پنهنجي سوچ سمجهہ جو دائرو وسيع ڪيو آهي اهي پنهنجن مڙسن جي انڌي تابعداري جو اظهار ڪرڻ لاءِ ايتريون تيار نہ ٿينديون پر طاقت ۽ اختيار وارا فقط انڌي تابعداري ئي گهرندا آهن ۽ آپيشاھ حڪمران ۽ جسماني خواهشن جا طالب جيڪڏهن عورتن کي اونداهي ۾ رکڻ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهرندا آهن ته اهي صحيح ٿي هوندا آهن ڇاڪاڻ ته آپيشاهن کي غلام ۽ جسماني خواهشن جي طالبن کي رانديڪا گهربل هوندا آهن.

ميري وولسٽون ڪرافٽ ۾ ڪنهن به لحاظ کان نسواني ڪشش جي کوٽ نه هئي پر هوءَ انهي ڳالهه تي ذاتي افسوس جو اظهار ڪندي هئي ته هن کي فقط مرد جو رانديڪو سمجهيو وڃي "آءٌ انهي ڳالهه تي به افسوس جو اظهار ڪريان ٿي ته مرد عورتن لاءِ هلڪي قلڪي توجه جو اظهار ڪري انهن کي منظم طريقي سان گهٽ درجي تي آڻڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. هو انهي ڪم کي مردانڻي ذميواري سمجهندا آهن جڏهن ته حقيقت ۾ پنهنجي برتري کي بيعزتي واري نموني ۾ ٽيڪ پيا ڏيندا آهن. مون کي اهي ادب آداب ايترا ته ڪل جوڳا لڳندا آهن جو جڏهن آءٌ ڪنهن مرد کي ذاتي سنجيدگي ۽ اشتياق سان ڪنهن عورت جو رومال کڻڻ لاءِ هيٺ جهڪندي يا دروازو کولڻ لاءِ هٿ وڌائيندي ڏسندي آهيان ته آءٌ پاڻ تي ڪنٽرول نه ڪري سگهندي آهيان ڇو ته اهو ڪم ته اها عورت هڪ به وکون وڌائي پاڻ ئي ڪري وٺي ها".

هڪ بي هنڌ هوءَ ذاتي چٽر سان لکي ٿي: "مون ڪڏهن به ڪنهن عورت جي بيوسي تي ڪنهن کي کهل ايندي نه ڏٺي آهي سواءِ انهي جي جو اها عورت سهڻي هجي...."

مرد گهٽ ۾ گهٽ ڪجه مرد چاهيندا آهن ته انهن جو عورتون نازڪ مزاج هجن ۽ هر قسم جي سک ۽ آرام لاءِ انهن ڏانهن واجهائين ۽ عورتون به ائين ئي ڪنديون آهن. "اهي بلڪل معمولي خطرن جي صورت ۾ انهن جي مدد لاءِ واجهائينديون آهن ۽ انهن جو فطري محافظ پنهنجي ٻانهن وڌائيندو آهي يا پنهنجو آواز اوچو ڪندو آهي جيئن پنهنجي ڏڪندڙ پياري کي بچائي سگهي. بچائي وري ڇاکان؟ شايد ڪنهن ڪراڙي ڍڳيءَ پاران تارا ڦوٽاري ڏسڻ کان. يا وري ڪنهن ڪوئي جي ٽپ کان".

اهڙي قسم جي ڳالهين کان ميري وولسٽون ڪرافٽ کي ذاتي نفرت هوندي هئي. هوءَ ذاتي افسوس سان چوي ٿي ته: "عورت پنهنجي جنسي ڪمزوري سبب پنهنجي نان نفقي لاءِ مرد تي ڀاڙي ٿي. انهي سبب ئي ڪا زال پنهنجي مڙس لاءِ ائين اطمينان سان ويٺي ڳالهائيندي آهي جيئن هوءَ جيڪر اهڙي ڪنهن به مرد لاءِ ڳالهائي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪو ڪيس ڪاڏو پيتو ڪارائي يا سندس جسم تي پيار سان هٿڙا ڦيري“. ڪيس چڱي طرح خبر هئي تہ ”مردن ڪي اهڙي قسم جي پيار مان تسڪين ملندي آهي ۽ اها ڳالهہ انهن تائين ئي محدود آهي پر اهي جيڪڏهن ڪڏهن وڏيڪ پاڪباز ٿي ويندا آهن تہ پنهنجي محبوبہ سان راند روند ڪرڻ ڪان پوءِ سياري جي مند ۾ باهہ ۾ سان پنهنجي دوست سان ڪچهري ڪرڻ چاهيندا آهن.“

مري وولسٽين پنهنجي زندگي جي سخت ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ تلخ تجربن مان سکيل سبق جي آڌار تي انهي عام راءِ خلاف احتجاج ڪندي رهي تہ عورت جي آڏو فقط اهو مقصد هجي تہ هو پنهنجي لاءِ ڪو مڙس حاصل ڪري ۽ پوءِ هر ڳالهہ ۾ سندس تابعداري ڪندي رهي هن پاڻ جيتوڻيڪ زندگي جي آخري حصي ۾ شادي ڪئي پر ڪيس ننڍپڻ کان وٺي ڪٽنب جون ذميداريون پنهنجن ڪلهن تي کڻڻيون پيون. سيئي عورتون تہ (هن وضاحت ڪئي هئي) مڙس حاصل ڪري نہ ٿيون سگهن ۽ ڪجهہ عورتون تہ مڙس ملڻ جي باوجود بہ شادي ڪرڻ نہ چاهينديون آهن. وري بيشمار اهڙيون عورتون بہ آهن جيڪي بيوهہ ٿي وڃن ٿيون ۽ انهن کي پاڻ ۽ پنهنجن ٻارن کي اهڙي دنيا ۾ زنده رهڻ جي مسئلي کي منهن ڏيڻو پوي ٿو جنهن ۾ عورتن لاءِ نوڪري جا موقعا بنهہ ٿورا هوندا آهن. هڪ عورت ڀلا ڪري بہ ڇا ٿي سگهي؟ هوءَ زنانيون ٽوپيون يا زنانہ چوغا ناهي وڪڻڻ جو ڪم ڪري سگهي ٿي يا جيڪڏهن ڪيس ڪجهہ تعليم آهي تہ هوءَ گورنيس ٿي سگهي ٿي.... هوءَ لکي ٿي تہ ڪڏهن ڪڏهن سٺن گهراڻن جي پڙهيل لکيل عورتن کي بہ مجبوري ۾ اهڙي حالت ۾ ڏٺو ويو آهي جو انهن کي بيعزتيون برداشت ڪرڻيون پون ٿيون. اهڙيون ڪيتريون ئي عورتون آهن جيڪي فارم هلائي سگهيون ٿي، دڪان هلائي سگهيون ٿي يا پنهنجي محنت ذريعي ڪنڌ مٿي ڪري هلي سگهيون ٿي پر انهن جي زندگي بيڪار گذري وڃي ٿي. عورتن کي طب جو علم حاصل ڪري طبيب، نرس يا دائي ٿيڻ گهرجي. انهن لاءِ ڪاروبار ۾ بہ موقعا هئڻ گهرجن جيئن اهي پنهنجو خرچ پکو پاڻ ڪڍي سگهن جيئن انهن کي مجبور ٿي فقط ڪنهن مدد ۽ سهاري لاءِ شادي نہ ڪرڻ گهرجي يا اهي بدبيشي ڏانهن ڏڪجي نہ وڃن.

هن انهيءَ کي بہ ڪافي نہ ٿي سمجهيو. ”تي سگهي ٿو منهنجي هن ڳالهہ تي ماڻهو کل ڪجڪا ڪن. “هو لکي ٿي ”پر منهنجي واقعي اها سوچ آهي تہ هاڻي عورتن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي حڪومتي معاملن ۾ ڪو سڌو سنئون حصو نہ ڏو مليو ۽ انهن تي هڪ طرفي انداز ۾ حڪومت ڪئي وڃي ٿي. انهي جي بجاءِ انهن جون بہ نمائندگي ڪندڙ عورتون هئڻ گهرجن.

تعليم بابت بہ سندس خاص نظريا آهن. انهن مان بہ ظاهر ٿئي ٿو تہ هوءَ پنهنجي دور کان گهڻو اڳتي هئي. هن جنهن دور ۾ اهو ڪتاب لکيو هو تنهن وقت ٻارن ڇوڪرن توڙي ڇوڪرين جي اڪثريت اڻ پڙهيل هوندي هئي ۽ رياست توڙي چرچ جي اختيارين جي بہ اها ئي مرضي هوندي هئي ڇاڪاڻ تہ پڙهي ۽ لکي سگهندڙ ماڻهو سياسي طرح نقصان ڪار ٿي سگهيو ٿي. پر ميري وولسٽون کي اهڙا ڪي بہ خدشا نہ هئا ۽ هن پنهنجي ڪتاب ۾ اها تجويز ڏني آهي تہ سموري ملڪ ۾ هر چرچ جي حلقي ۾ اهڙا ڏي۔ اسڪول (Day _ School) قائم ڪيا وڃن جن ۾ غريبن توڙي اميرن، اعليٰ توڙي ادنيٰ طبقي جي ٻارن کي نہ فقط پڙهڻ لکڻ ۽ انگي حساب پر باٽني، فلڪيات، مڪينڪس، طبعي تاريخ ۽ فطري فلسفي جي اهم ڳالهين بابت سکيا ڏني وڃي وڌيڪ اهو تہ مذهب، تاريخ، بشريات (Anthropology) ۽ سياسيات جون اهم ڳالهيون پڻ سوالن جوابن جي شڪل ۾ سيکاريون وڃن. پر انهن ڳالهين کي ورزشي راندين روندين لاءِ مقرر وقت ۾ ڪڏهن بہ رخنو نہ وجهڻ گهرجي جيڪي کليل هوا ۾ زمين جي هڪ وڏي ٽڪري تي ٿيڻ گهرجن. هوءَ انهي ڳالهہ تي بہ زور ڏيندي هئي تہ هر اسڪول جي چوگرد زمين جو اهڙو وڏو ٽڪرو ضرور هئڻ گهرجي.

نون ورهين جي عمر کان پوءِ جن ڇوڪرن کي مڪينيڪي ڌنڌن ۾ پنهنجي روزي ڪمائڻي هجي ۽ جن ڇوڪرين کي گهريلو نوڪريون ڪرڻيون هجن انهن کي اهڙن اسڪولن ۾ موڪليو وڃي جتي انهن کي خاص قسم جي تعليم ڏني وڃي. صبح جو ٻنهي جنسن جي ٻارن کي گڏ سکيا ڏني وڃي پر ڇوڪريون شام جو پرت پرڻ ۽ ٽوپيون ٺاهڻ جي ڪلاسن ۾ ويهن. اعليٰ قابليت يا سماج ۾ وڏي حيثيت وارن ماڻهن جا ٻار پيلي اهڙن اسڪولن ۾ وڃن جتي انهن کي متروڪ ۽ مروج زبانون سيکاريون وڃن، سائنس جون اهم ڳالهيون پڙهايون وڃن ۽ اهي مٿاهين سطح تي تاريخ ۽ سياسيات جي تعليم جاري رکن. اهي انقلابي قسم جون تجويزون هيون ۽ اها دعويٰ ڪرڻ ۾ ڪو بہ وڌاءُ نہ آهي تہ انهن ۾ موجوده دور جي سيڪنڊري گرامر اسڪولن جا ٻج سمايل آهن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر سندس واقعي حيرت ۾ وجهندڙ تجويز ته ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي گڏ تعليم (Co_ Education) واري هئي. ”ڇا ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون گڏ؟ ”مون کي پڏڻ ۾ اچي پيو ته ڪجھ پڙهندڙ سوال پڇي رهيا آهن؟ هائو ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون گڏ“.

انهي غيرمعمولي ڪتاب مان اجا ڪيترائي اقتباس ڏئي سگهجن ٿا. ڇاڪاڻ ته تقريباً هر صفحي تي ڪجھ غير ضروري لفظن ۾ ڪو سٺي مطلب ۽ معنيٰ وارو جواهر، ڪو پُر مغز خيال يا ڪا دور رس سوچ نظر اچي ويندي. پر سندس انهي سوچ لاءِ لازماً جاءِ پيدا ڪئي وڃي ته عورتون به بلڪل اهڙي طرح انسان آهن جهڙي طرح مرد انسان آهن. ”عورتن ۽ مردن کي“ هوءَ رقمطراز آهي، ”هڪجهڙيون فطري بکون ۽ فطري جذبا هئڻ گهرجن. اهي وحشياڻو انداز تڏهن ئي اختيار ڪندا آهن جڏهن انهن تي عقل ۽ شعور جي ڪا روڪ ٽوڪ نه رکبي آهي. انهن تي ضابطو رکڻ ڪو جنسي نه پر انساني فرض آهي“ هن اخلاقيات ۾ ٻٽي معيار جي سوچ کي به سختي سان رد ڪيو ٿي. هن جو زور هو ته اخلاقيات کي جنسي مت ڀيد کان مٿي اٿڻ گهرجي ۽ اهو ته انهي جا اصول مردن ۽ عورتن تي هڪ جهڙا ۽ ساڳئي قوت سان لاڳو ٿين ٿا.

ونڊيڪيشن کي پنهنجي دور ۾ اهڙي توجه نه ملي هئي جهڙي ملڻ گهرجي ها. پر پوءِ جي نسل جي عورتن کي انهي جي صفحن ۾ اهڙو بارود مليو آهي جنهن سان انهن مرد حاڪميت جي قديمي قلعي تي حملا پئي ڪيا آهن. ۽ تجربي ثابت ڪيو آهي ۽ اجا به ثابت ڪندو رهي ٿو ته هن جا هي لفظ ڪيترا نه درست هئا ته ”ڪاش مرد اسان جون زنجيرون ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏين ۽ غلاماڻي تابعداري بجاءِ عقل ۽ شعور واري دوستي تي راضي رهن ته اهي اسان کي مذهبي معاملن ۾ وڌيڪ فرض شناس ڌيئرن، وڌيڪ پيار ڪندڙ ڀينرن ۽ وڌيڪ وفادار زالن، وڌيڪ باشعور مائرن ۽ مختصر طور چئجي ته وڌيڪ بهتر شهرين جي روپ ۾ ڏسندا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 34. آبادي جي اصول بابت مقالو

## —— ٽي. آر. مالٿوس (1834ع - 1766ع) ——

هن وقت دنيا جي آدمشماريءَ جو تخمينو ٽي ارب هنيو ويو آهي. اقوام متحده جي شمارياتدانن مطابق سن 1975ع تائين اها چئن اربن جي ويجهو پهچي ويندي ۽ صدي جي پڇاڙي تائين اها ڇهن اربن کان وڌي ويندي ٻين لفظن ۾ چئجي ته آدمشماريءَ جو ٻم ڦاٽي رهيو آهي ۽ سڀ کان وڏو سوال اهو آهي ته انهن سڀني ماڻهن جي غذا جو بندوبست ڪيئن ٿيندو؟

اهو سوال ڪو نئون نه آهي. انسانن پاران ڌرتي جي هن گولي تي سڀ کان پهريان ظاهر ٿيڻ کان وٺي انهن کي زنده رهڻ لاءِ وڏي جدوجهد ڪرڻي پئي آهي. پر اها اڄ جهڙي شديد اڳ ۾ ڪڏهن به نه رهي آهي ڇاڪاڻ ته هاڻي انساني آبادي اهڙي شرح سان وڌي رهي آهي جهڙي اڳ ۾ ڪڏهن به نه وڌي هئي. اهڙي وقت ۾ ڪنهن اهڙي ڪتاب ڏانهن ڌيان سر توجه ڪرڻ تعجب جهڙي ڳالهه نه هوندي جنهن ۾ غذا جي دستياب رسد تي آبادي جي تڪڙي واڌ جي دباءُ سبب پيدا ٿيندڙ مسئلن تي وڏي مهارت ۽ قوت سان بحث ڪيو ويو آهي، اهو ڪتاب هڪ انگريز پادري ريورنڊ ٽي. آر. مالٿوس 1798ع ۾ ڇپرايو هو. ڪتاب جو پورو نالو An Essay on the principle of population as it affects the future improvement of society آهي. انهيءَ جو مڪمل طور نظرثاني ٿيل ڇاپو 1803ع ۾ ظاهر ٿيو ۽ مالٿوس پنهنجي وفات کان اڳ انهي تي پوءِ به ڪيترائي دفعا نظرثاني ڪئي.

مالٿوس 1766ع ۾ ڄائو ۽ 1834ع ۾ فوت ٿيو. هو سري جي هڪ ننڍڙي زميندار جو پٽ هو ۽ ڪيمبرج مان تعليم پوري ڪرڻ کان پوءِ کيس چرچ آف انگلينڊ ۾ پادري جو منصب ڏنو ويو. کيس آلبري جي گرجا گهر ۾ مقرر ڪيو ويو. کيس جڏهن به وقت ملندو هو هُو يورپ جي سفر تي هليو ويندو هو. هن 1805ع ۾ شادي ڪئي. هن جا زال سان تمام خوشگوار تعلقات رهيا. کيس ساگئي ئي سال هرٽ فورڊ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي وبجهو هيلي بري ڪاليج ۾ ماڊرن هسٽري ۽ پوليٽيڪل اڪانامي جي پروفيسري ملي. انهيءَ ڪاليج ۾ ڪيڊٽن کي ايسٽ انڊيا ڪمپني ۾ نوڪري ڪرڻ لاءِ تربيت ڏني ويندي هئي. هو باقي سموري زندگي انهي عهدي تي رهيو.

مالٿوس پنهنجي پيءُ جي گهر ۾ ڪي ڳالهيون، ڪي رايا ٻڌا هئا. هن اهو ڪتاب اصل ۾ انهن جي جواب طور لکيو هو. سندس پيءُ روسو ۽ روسو جي انگريز مريد وليم گاڊون جو جوشيلو ۽ پڪو مريد هو. گاڊون کي اڄڪلهه جيتوڻيڪ شيلي جي سهري جي حيثيت ۾ ياد رکيو وڃي ٿو پر هو پنهنجي دور ۾ پوليٽيڪل جسٽس نالي پنهنجي ڪتاب پٺيان مشهور هو. انهي ۾ هن عالمي پلائي جو فلسفو بيان ڪيو آهي. هن مطابق انسانن جي ڪردار جو بنياد سندن خارجي حالتون آهن. انهن حالتن ۾ بهتري آڻڻ سان ڪردارن ۾ بهتري اچي ويندي. انهيءَ جو نتيجو اهو نڪرندو جو جنگيون گهٽ لڳنديون. آمريت جو خاتمو ٿي ويندو. غربت جي پاڙ پٽجي ويندي ۽ ڏوهه ختم ٿي ويندا. وبندي ٻنهي جنسن جي وچ ۾ جيڪو جذباتي ايار آهي ۽ انهي سان لاڳاپيل جيڪي نامناسب ڳالهيون آهن اهي به شايد ڏٺيون تي وينديون.

مالٿوس اهي دليل دلائل به ٻڌا ۽ ڪتاب به پڙهيو ۽ پوءِ انهي نتيجي تي پهتو ته گاڊون جو انساني سماج ۽ خود انسان جي ڪماليت ۾ وبساهه نظر جي دوکي کان سواءِ ڪجهه به نه آهي. هن کي انهي جي هڪ لفظ تي به اعتبار نه هو. هو اٿئر ترقي جي نظريي تي ٺٺولون ڪندو هو ۽ کيس انهي دعوي جي حمايت ۾ به ڪي ثبوت نه ٿي مليا ته جيئن ته انساني ادارا برائي جو سرچشمو آهن تنهن ڪري انهن ۾ تبديلي آڻڻ سان انسان ڪماليت جي رستي تي هلڻ لاءِ آزاد ٿي ويندا. کيس گاڊون جي نظريي جي غلط هئڻ جي احساس سان ايتري تڪليف ٿي پهتي جو هو انهي کي غلط ثابت ڪري ڏيکارڻ لاءِ هڪ ڪتاب لکڻ ۾ لڳي ويو.

هو پنهنجي مقالي جي پهرئين صفحي تي اسان کي ٻڌائي ٿو ته سندس ذهن ۾ چا آهي. هن مقالي جو مکيه مقصد هڪ وڏي سبب (Cause) جي اثرن جو جائزو وٺڻ آهي جيڪو انسان جي فطرت سان گهرو ڳانڍاپو رکي ٿو..... اهو سبب هي آهي ته هر جاندار شي ۾ اهو لاڙو موجود هوندو آهي ته نون جانورن لاءِ موجود کاڌي کان وڌيڪ بار پيدا ڪندي رهندي آهي. "ڊاڪٽر فرينڪلن جو مشاهدو آهي ته (هو لکي ٿو) ٻوٽن ۽ جانورن جي پيداواري صلاحيت جون ڪي به حدون نه آهن اها ڳالهه سو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيڪڙو صحيح آهي. فطرت ٻوٽن ۽ جانورن جي ذريعي حياتي جو ٻج تمام فياضي سان پکيڙي ڇڏيو آهي پر انهن جي پرورش لاءِ ضروري ڪاڏو ۽ جاءِ پيدا ڪرڻ ۾ نسبتاً ڪنجوس رهي آهي. هن ڌرتي ۾ سمايل وجود جا ذرڙا جيڪڏهن آزادي سان واڌويجه وٺڻ جي قابل ٿي وڃن ته اهي ڪجھه هزار ورهين ۾ اهڙيون لکين دنيائون ڀري ڇڏيندا. ضرورت (Necessity) جيڪو فطرت جو لازمي هر هنڌ جاري قانون آهي اهو انهن کي مقرر حدن جي اندر روڪي رکي ٿو. ٻوٽن ۽ جانورن جو نسل انهي محدود رکندڙ قانون جي ماتحت سُسندو وڃي ٿو ۽ انسان به عقل ۽ شعور جي ڪهڙي به ڪوشش ذريعي انهي کان ڪنڌ نه ٿو ڪڍائي سگهي“.

مالٿوس کي ڪم ڪرڻ لاءِ ڪي به انگ اکر نه هٿا تنهن ڪري ڪيس پنهنجن نتيجن کي پنهنجي وسيع مطالعي تي آڌارڻو پيو. هن انهيءَ نتيجي کي غلطي کان خالي سمجهيو ٿي ته: ”انساني آبادي آڏو جيڪڏهن ڪا رڪاوٽ نه هوندي ته اها هر پنجويهن ورهين ۾ ٻيڻي ٿيندي رهندي؛ گذر سفر جي ذريعن ۾ واڌ جي شرح جو تعين ڪرڻ اجا وڌيڪ ڏکيو آهي پر برطانيا ۾ زراعت ۾ آيل تمام وڏن سڌارن جي باوجود به اسين وڌ ۾ وڌ اينترو چئي سگهون ٿا ته هر پنجويهن سالن ۾ پيداوار ۾ موجوده مقدار جي برابر واڌ اچي سگهي ٿي. جيستائين سموري ڌرتي جو تعلق آهي ته اهو واڌارو انسانن پاران هر ممڪن ڪوشش کان پوءِ آيل واڌ کان گهٽ وڌيڪ آهي.

هاڻي انساني آبادي تي واحد روڪ فقط غذا جي کوٽ ٿي ڏسڻ ۾ اچي ٿي پر اها واحد روڪ فقط حقيقي ڏڪار جي صورت ۾ ڪم ڪري ٿي. هر سماج ۾ گهٽ وڌ طاقت سان عمل ڪندڙ ڪجھه ٻيون رڪاوٽون به هونديون آهن. اهي رڪاوٽون ٻن قسمن جون هونديون آهن: هڪ امتناعي (ٻارن جي ڄمڻ تي ۽ ٻيون هاڪاري يعني جيڪي پيدا ٿي ويا آهن. انهن جو انگ گهٽائڻ بابت.

اڳ ۾ هاڪاري رڪاوٽ کي ٿا ڪٿون: اهي ”تمام گوناگون آهن ۽ انهن ۾ هر اهو سبب شامل آهي جيڪو ڪنهن به درجي ۾ انساني زندگي جو عرصو مختصر ڪرڻ ۾ ڪردار ادا ڪري ٿو. تنهن ڪري انهي ۾ هر قسم جا صحت لاءِ نقصان ڪار ڌنڌا، سخت محنت ۽ سـ نت موسمن ۾ ڪم ڪرڻ، شديد غربت، ٻارن جو غلط نيپاج، وڏا شهر، هر قسم جون زيادتيون، هر قسم جون بيماريون ۽ وبائون، جنگيون، طاعون ۽ ڏڪار اچي وڃن ٿا“.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

امتناعي (Preventive) رڪاوٽن بابت چئي سگهجي ٿو ته اهي فقط انسانن لاءِ خاص آهن. ڇوته انهن ۾ سوچ سمجهه نه رکندڙ جانورن ۾ واڌارو ته غير اختياري آهي پر انسان هڪ سوچ سمجهه وارو جانور آهي. هو شادي ڪرڻ ۽ ڪٽنب جي شروعات ڪرڻ کان اڳ پاڻ کان هي سوال پڇي سگهي ٿو: ڇا هو زندگي ۾ پنهنجي حيثيت گهٽائي ڇڏيندو ۽ کيس پنهنجيون اڳوڻيون عادتون ڇڏڻيون پونديون؟ ڇا ڪنهن به قسم جي ڪا نوڪري ملي ويندي جنهن مان هو چڱي حد تائين اميد ڪري سگهي ته هو پنهنجن ٻارن جي سارسنڀال لهي سگهندو؟ ڇا هو انهن کي تعليم ۽ ترقي جا اهي ساڳيا فائدا ڏئي سگهندو جيڪي هن کي مليا آهن؟ ڇا کيس اهو ڊپ ته نه آهي ته جيڪڏهن سندس ڪٽنب وڏو ٿي ويو ته هو انهن کي سخت غربت کان نه بچائي سگهندو ۽ کيس گذر سفر لاءِ "خيرات" وٺڻي پوندي؟ تنهن ڪري امتناعي رڪاوٽن مان پهرئين رڪاوٽ شادي کان رڪجڻ آهي. انهي طبقي جي ٻين رڪاوٽن ۾ هي ڳڻائي سگهجن ٿيون: آزاد مباشرت، غير فطري جذبا ـ اسين فرض ڪري سگهون ٿا ته انهي مان مراد هم جنسيت آهي ـ شاديءَ جي حلف جي خلاف ورزي ۽ بي قاعدي لاڳاپن جي نتيجن کي روڪڻ لاءِ غير مناسب طريقا. "غير مناسب طريقن" مان اسين فرض ڪري سگهون ٿا ته مالٿوس جي ذهن ۾ نه فقط ٻار ڪيرائڻ (abortion) پر ٻيو اهڙو ڪو به طريقو هو جنهن سان ٻيٽ نه ٿي سگهي.

انهي ڳالهه تي پڙهندڙ کي شايد حيرت ٿيندي ته عام ڳالهه ٻولهه ۾ "مالٿوسي" لفظ ڄمر روڪ عمل لاءِ ڪتب آندو ويندو آهي. پر مالٿوس انهي لحاظ کان ڪڏهن به مالٿوسي نه هو حقيقت اها آهي ته جنسي ميلاپ جي فطري نتيجي کي روڪڻ جي ڪنهن هٿراڌو طريقي بابت سوچ ئي کيس نفرت ۽ ڌڪار سان ڀري ڇڏي ها. هن جنهن طريقي جي وڪالت ڪئي ٿي انهي کي هو اخلاقي روڪ (Moral restraint) چوي ٿو.

انهي مان ائين ٿو لڳي ته مالٿوس شايد سرد مزاج ۽ جذبات کان وانجهيل شخص هو. حقيقت اها آهي ته اهڙا ڪي چند اقتصادياتي ماهر ۽ سنجيده ليکڪ هوندا جن محبت جي موضوع بابت ايترو ڳالهايو آهي ۽ انهي بابت ايتريون سٺيون ڳالهيون ڪيون آهن. هو وڏي ادبي انداز ۾ چوي ٿو ته: "دوستيءَ جي ذريعي اعليٰ مقام تي پهچايل پاڪباز محبت، لڳي ٿو ته جسماني ۽ ذهني لطف جي ميلاپ جو اهو قسم آهي جيڪو انسان جي فطرت سان خاص طور مناسبت رکي ٿو. اهو ئي وڏي طاقت

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان روح جون همدرديون جاڳائي سگهي ٿو ۽ تمام بهترين تسڪين ڏئي سگهي ٿو. شايد اهڙو ڪو ماڻهو مشڪل سان ملندو جنهن هڪ دفعو پاڪباز محبت جو حقيقي مزو ماڻيو هوندو. ڪيس ملندڙ ذهني خوشي پلي ڪيتري به وڏي ڇو نه هجي. ۽ اهو ماڻهو پنهنجي سموري زندگي انهي دور کي پنهنجي زندگي جو روشن ترين وقت سمجهي ياد نه پيو ڪندو هو. سندس تصور به گهڻو وقت انهي مان پيو تسڪين وٺندو هوندو هو انهن ئي ڳالهين کي ياد ڪري اُڪير مان ٿڌا ساهه پيو ڀريندو هوندو ۽ هو بار بار انهي ئي دور ۾ پيو جيئڻ چاهيندو هوندو".

حقيقت هي آهي ته پنهي جنسن جي وچ ۾ موجود جذبات انساني خوشي جو هڪ مکيه جزو آهن. "رات جي ماني، گرم گهر ۽ چلهه پرسان گرمائش مان ملندڙ آرام مان اڌو اڌ مزو ختم ٿي ويندو جيڪڏهن اسين انهي منظرنامي مان محبت پري ڪنهن شي جو تصور ڪيئي ڇڏيون. ڇو ته انهن شين ۽ ڳالهين جو مزو ورهائڻ ونڊڻ سان ئي هوندو آهي".

اهڙي خوشي جي مقدار ۾ اضافو ٿي سگهي ٿو جيڪڏهن انهيءَ کي حاصل ڪرڻ لاءِ محنت ۽ انتظار ڪيو وڃي "ڪردار جي تشڪيل ۾ محبت جو جذبو هڪ سگهارو محرڪ آهي ۽ اهو اڪثر تمام شانائتي ۽ فياضي واري ڪوشش لاءِ اياري ٿو. پر اهو تڏهن ٿيندو جڏهن محبتن جو مرڪز فقط هڪ شي هجي". ڪنهن به ماڻهو کي ايسنتائين شادي نه ڪرڻ گهرجي جيستائين هو انهي حيثيت ۾ نه هجي جو پنهنجي زال ۽ پوءِ پيدا ٿيندڙ ٻارن کي سک ۽ آرام جي حالت ۾ نه رکي سگهي. اهڙي طرح دير سان ٿيندڙ شاديون موجوده دور جي دير سان ٿيندڙ شادين کان گهڻيون مختلف هونديون. موجوده دور ۾ اهڙين شادين جو اصل محرڪ خيالن جو هڪ جهڙو هئڻ هوندو آهي ۽ ٻئي ڌريون اڪثر ڪري اهڙي حالت ۾ هڪ ٻئي سان ملنديون آهن جو ٻنهي جا جسم به ڪمزور ته عام طور جذبا به وسائل هوندا آهن. "موجوده دور ۾ دير سان شاديون گهڻو ڪري اهڙا مرد ڪندا آهن جيڪي نوجوان زال کي ترجيح ڏيندا آهن انهي جو نتيجو اهو نڪرندو آهي جو پئسي ڏوڪڙ کان سواءِ هڪ نوجوان عورت جڏهن پنهنجي عمر جو پنجويهون سال گذاريندي آهي ته کيس ڊپ ٿيڻ شروع ٿيندو آهي (۽ اهو ڊپ واجبي به هوندو آهي) ته کيس اڪيلائي واري زندگي نه گذارڻي پوي ڇو جو تڏهن سندس دل ۾ اجا شديد لڳاءُ پيدا ٿي سگهندو آهي ۽ هر گذرندڙ سال سان هوءَ اهو محسوس پئي ڪندي آهي ته هن پاران محبت ڪرڻ جهڙي ڪا شي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳولهڻ جون اميدون گهٽ پيون ٿينديون وڃن. وري دنيا وارن جي بي انصافيءَ ۽ بيوقوفيءَ تي ٻڌل ڳالهين سبب سندس حالت ۾ اچا وڌيڪ خرابي پئي ايندي آهي“.

جيڪڏهن دير سان شادي ڪرڻ هڪ عام قاعدو ٿي وڃي ته ”مرد پلي ڪيتري به بي صبريءَ سان خراب مالي حالتن کي منهن ڏين، عورتون انهن حالتن کي کلي دل سان قبول ڪنديون“. جيڪڏهن سماج جو اهو وڌيڪ نيڪو ڪار اڌ حصو سٺاويهن يا اٺاويهن ورهين جي ڄمار ۾ شادي ڪرڻ جي دير سهي سگهي ته اهو جيڪر 25 ورهين جي ڄمار ۾ ئي ڪٽنب جي سارسنڀال جا بار کڻڻ بجاءِ 27 يا 28 ورهين جي ڄمار ۾ ئي شادي ڪرڻ کي ترجيح ڏيندو“.

ڪنهن مرد جي ذميواري ته بلڪل چٽي آهي: اها فقط هيءَ آهي ته هو دنيا ۾ اهڙا وجود نه آڻي جن جي گذران جا هو ذريعا نه ڳولهي سگهي ۽ جيڪڏهن انهي ڳالهه جو چڱو خاصو امڪان به آهي ته هو ائين نه ڪري سگهندو ۽ پوءِ به شادي ڪري ٿو ته اهڙي صورت ۾ هو پاڻ پنهنجي زال ۽ پنهنجن ٻارن لاءِ جيڪي دشواريون پيدا ڪندو انهن لاءِ قصور وار به هو خود هوندو. تنهن ڪري اها ڳالهه واضح طور سندس فائدي ۾ آهي ته هو شادي کي پوئتي ڪندو رهي تان جو هو پنهنجي شادي مان پيدا ٿيندڙ ٻارن جي ڪفالت ڪرڻ جي حيثيت ۾ اچي وڃي. انهي دوران ڪيس شادي کان سواءِ پنهنجن جذبن جي تسڪين کان لازماً پاسو ڪرڻ گهرجي.

”جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجن ٻارن جي ڪفالت نه ٿو ڪري سگهي ته انهن کي لنگهڻ تي ويهڻ گهرجي“. هائو! مالٿوس اهو ئي چاهيو ٿي. هن عام ماڻهن ٻاران ڪيل سخاوت ۽ مقامي گر جا گهر ٻاران امداد جي ورهاست تي به اعتراض ٿي ڪيو ڇو ته سندس خيال هو ته انهي سان جيڪي ماڻهو گذر سفر جو بندوبست نه ٿا ڪن انهن کي بجا طور ملندڙ سزا جو اثر گهٽجي وڃي ٿو. هن اها ڳالهه اهڙي چٽي انداز ۾ چئي جنهن مان ڪو ٻيو مطلب وٺي ئي نه پيو سگهجي. نتيجي طور ڪيس بي احساس ديو به چيو وڃڻ لڳو.

هو ڪو ديو نه هو. ذاتي هلت چلت ۾ هو ڏاڍو مهربان ۽ ٻين جو خيال رکندڙ هو ۽ هن جي اها دلي تمنا هئي ته مزدور طبقي جي حالتن ۾ بهتري آڻجي. هن پنهنجي ڪتاب ۾ عوام جي تعليم ۽ بچت بينڪون قائم ڪرڻ بابت روشن خيالي واريون تجويزون پيش ڪيون آهن. هن جو خيال هو ته بچت بينڪن ۾ ماڻهو ڏکئي وقت ۽ دير سان ٿيندڙ شادين لاءِ پنهنجو پئسو گڏ ڪندا. ۽ پوليٽيڪل اڪانامسٽ طور

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيس پڪ هئي تہ عام ماڻهن جي حالتن ۾ ايستائين بهتري نہ ايندي جيستائين گذر سفر جي وسيلن کي آبادي جي برابر نہ ڪيو ويندو. هتي اها ڳالهہ ٻڌائڻ بہ دلچسپي کان خالي نہ هوندي تہ هن پوليٽيڪل اڪانامي تي هڪ اهڙو شاهڪار ڪتاب لکيو جنهن سبب هو مارڪس، رڪارڊ ۽ مل جي صف ۾ بيهي ٿو. هن جو چوڻ هو تہ جهڙيون حالتون آهن انهن ۾ واپرائيندڙن جو انگ زرعي پيداوار کان وڌندو رهي ٿو. اهو ائين آهي جڻ ڪُمي کي سهي کي پڪڙڻ جي ڪم تي هٽي ڇڏجي. "تنهن ڪري اسين جڏهن اهو ڏسون ٿا تہ قدرت جي قانونن مطابق اسين آبادي جي تناسب سان کاڌو پورو نہ ٿا دستياب ڪري سگهون تہ فطري طور اسان جي ہي ڪوشش اها هئڻ گهرجي تہ اسين کاڌي جي تناسب سان آبادي کي برابر ڪريون. اسين جيڪڏهن سهي کي ننڊ ڪرڻ تي آماده ڪري وينداسين تہ ڪُمي پاران ان کان اڳ ڪيڏڻ جو امڪان پيدا ٿي سگهي ٿو."

اينترو وقت گذري وڃڻ کان پوءِ حالتن ۽ واقعن تي نظر وجهڻ سان اها ڳالهہ سولائي سان ڏسي سگهبي تہ مالٿوس جي ڳالهين جو وڏو حصو غلطي تي ٻڌل هو. هن پنهنجي حساب ڪتاب ۾ اڳڪٿين ۾ انهي ڳالهہ جي سوچ نہ رکي تہ زراعت ۾ تمام گهڻي بهتري اچي ويندي جنهن سان تمام وڏي آبادي جو وجود ۾ اچڻ ۽ وڌڻ ويجهڻ ممڪن ٿي ويندو. هو ڪينادا ۽ آسٽريليا جي ميدانن ۾ انساني آباديون ٿي وڃڻ ۽ آمريڪا جي مڊل ويسٽ جي کلي وڃڻ جو اندازو بہ نہ ڪري سگهيو. هاڻي اهڙن علائقن ۾ بہ وسيع انساني آباديون رهن ٿيون جيڪي سندس دور ۾ انسانن کان خالي بيابان ۽ ويران هئا. انهي جي باوجود بہ سندس نظريي جي بنياد کي ڪا بہ لهر لوڏو نہ آهي. اها حقيقت آهي تہ وڌندڙ پيداوار جون ڪي حدون (Limits) آهن جيئنوٽيڪ اهو ثابت ٿي ويو آهي تہ هن اهي حدون جتي مقرر ڪيون هيون هاڻي انهن جو دائرو تمام اڳتي وڌي ويو آهي ۽ انساني نسل جي زرخيزي جون تہ ڪي حدون ئي نہ ٿيون ڏسڻ ۾ اچن. ڪُمي ڪيترن نسلن کان سهي کي پڪڙبندي پٺي اچي پر سهو ننڊ نہ ٿو ڪري ۽ اڄ بہ اهو بلڪل سجاڳ آهي. يا اها ڳالهہ سندس اصطلاح ۾ بيان ڪجي تہ آبادي ۾ واڌ گذر سفر جي ذريعن تي دباءُ وجهي رهي آهي تباهي اڳيان بيٺي آهي. اسين مالٿوس کي "آبادي جي بم ڦاٽڻ بابت ڪا بہ نئين ڳالهہ نہ ٿا سمجهائي سگهون پر هو اڃا بہ اسان کي ڪيترين ئي ڳالهيون سمجهائي سگهي ٿو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 35. پرائيڊ ائنڊ پريجوڊس

## ــ جين آسٽن (1775 ـ 1817) ــ

جين آسٽن، جارج آسٽن جي ننڍي ڌيءَ هئي. هو هيمپشائير جي هڪ ڳوٺ اسٽيونٽن جو ريڪٽر هو. هوءَ انهي 16 ـ ڊسمبر 1775ع تي ڄائي. هن تمام ننڍي عمر ۾ ئي ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون. ڪيس طنز ۽ مقصد ڳالهيون ۾ ٻين جي ڪمن جا ڪل جوڳا خاڪا لکڻ پسند هوندا هئا. هو 26 ورهين جي ڄمار تائين اسٽيونٽن ۾ رهي ۽ تمام خاموش ۽ پُرسڪون زندگي گذاريائين. هو پنهنجي ڳوٺ مان ڪڏهن ڪڏهن نڪري باٿ وينڌي هئي ۽ تمام ورلي لنڊن تائين سفر ڪندي هئي پر هن انهي ننڍڙي ڳوٺ ۾ ويهي پنهنجي زندگي ۽ دور جا چٽ اهڙي ته ذهانت سان ويهي چٽيا آهن جو اهڙا ٻئي ڪنهن به ليکڪ نه چٽيا هوندا.

پرائيڊ ائنڊ پريجوڊس سندس ڀرپور مڪمل ڪتاب هو. اهو هن 1796ع ۾ فرسٽ امپريشنز جي نالي سان لکڻ شروع ڪيو هو ۽ آگسٽ 1797ع ۾ لکي پورو ڪيائين. سندس پيءُ انهي مان اينترو ته متاثر ٿيو جو اهو ٿامس ڪيڊل کي ڇپائڻ لاءِ ڏنائين. هن جڏهن اهو بنا دير رد ڪري ڇڏيو هوندو ته انهن کي ڏاڍي مايوسي ٿي هوندي جين آسٽن وري هڪ اڳوڻي ناول تي نظرثاني ڪئي ۽ انهي کي سينس ائنڊ سينسيبلٽي جو نالو ڏنائين. هن 1798 ـ 99ع ۾ نارٿنگر ايبي تي ڪم ڪيو. هن اهو رچرڊ ڪاڊويل کي ڏهن پائونڊن ۾ وڪرو ڪيو پر هن اهو هڪ خاني ۾ رکي ڇڏيو ۽ ڪيترا ورهيه انهي پيو رهيو تان جو 1816ع ۾ اهو وري جين آسٽن کي وڪرو ڪري ڏنائين.

جارج آسٽن 1801ع ۾ رٽائرڊ ٿيو ۽ سندس ڪٽنب باٿ ۾ رهڻ لڳو. ايندڙ ڏهن ورهين دوران جين آسٽن لکڻ جو ڪم تمام گهٽ ڪيو. جيئن ته سندس ٽي اڻ ڇپيل ناول پاڙ وٺ ئي رکيا هئا تنهن ڪري شايد سندس دل ٽٽي پئي هئي. جين،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس پيءُ ڪيساندرا ۽ سندن ماءُ 1805ع ۾ مسٽر جين جي وفات کان پوءِ سائوٿيمٽن ۾ وڃي رهيون پر هن وري سنجيدگي سان لکڻ جو ڪم 1809ع ۾ پنهنجي ڀاءُ ايڊورڊ جي شاٽن (Chawton) ۾ زرعي زمين تي رهڻ کان پوءِ ئي ڪيو. هن اتي ڪجهه نظرثاني کان پوءِ Sense and Sensibility پنهنجي خرچ تي ڇپرايو ۽ انهي کي ڪجهه ڪاميابي به ملي. هن پوءِ First Impressions نئين سر لکيو ۽ انهي جو نالو Pride and Prejudice رکيائين. هن انهيءَ دوران 1811ع ۾ Mansfield Park نالي هڪ نئين ناول تي به ڪم شروع ڪيو جيڪو جنوري 1813ع ۾ پرائيڊ ائنڊ پريجوڊيس جي ڇپائي کان ڪجهه مهينا پوءِ مڪمل ٿيو. اهو هن بنا دير وڪرو ڪري ڇڏيو. انهي کان پوءِ Emma آيو. اهو جان مري ڊسمبر 1815ع ۾ ڇپرايو. انهي ئي سال هن خراب صحت هوندي پنهنجي آخري ناول Persuasion تي ڪم ڪيو. پر هوءَ انهي کي ڇپائي هيٺ نہ ڏسي سگهي. نہ ئي ڪيس حياتي ايتري مهلت ڏني جو Northanger Abbey کي ڇپيل ڏسي سگهي. اهي ٻئي ناول 1817ع ۾ سندس وفات کان پوءِ ڇپيا. سندس آخري ڪتاب Fragment of a Novel پورو نہ ٿي سگهيو. اهو هاڻي Sandition جي نالي سان مشهور آهي.

جين آسٽن 42 ورهين جي ڄمار ۾ 18- جولاءِ 1817ع تي ونچيسٽر ۾ فوت ٿي. هوءَ اوڏانهن علاج معالجي لاءِ وئي هئي. اتان جي ڪيٿيڊرل ۾ سندس يادگار دري (Memorial Window) ڏسي سگهجي ٿي. پرائيڊ ۽ پريجوڊس جي من موهڻي هيروئين ايلزبيٿ لانگ بورن جي مسٽر ۽ مسز بينيٽ جي ٻيون نمبر ڌيءَ هئي. سندس ماءُ جو زندگي ۾ اهم مقصد اهو هو تہ هوءَ پنهنجن پنجن ئي ڌيئرن جي شادي ڪرائي. جڏهن هڪ غير شادي شده نوجوان ۽ امير ماڻهو نيدر فيلڊ پارڪ ۾ اچي رهيو تہ مسز بينيٽ بنا دير پنهنجي مڙس کي ٻڌايو تہ: "مسٽر ٻنگلي جيئن ئي پاڙي ۾ اچي رهي تہ توهان ياران هن سان وڃي ملاقات ڪري اچڻ اسان جي ڇوڪرين جي لاءِ تمام سٺي ڳالهہ ٿيندي".

تنهن ڪري مسٽر بينيٽ نيدر فيلڊ جي نئين رهواسي سان ملاقات ڪندڙن مان سڀ کان پهرين ماڻهن مان هو. مسٽر بنگلي اسيمبلي رومز ۾ ڊانس پارٽي لاءِ لنڊن مان ڪجھ ماڻهو آندا هئا جن ۾ سندس ٻه ڀينر، هڪ پيڻيوو مسٽر هرسٽ ۽ هڪ ٻيو نوجوان شامل هو "جنهن جلدئي پنهنجي وڻندڙ ڏکهي قد، سهڻن منهن مهانڊن ۽ شاناڻي هلت چلت سبب سڀني جي توجه پاڻ ڏانهن ڇڪرائي ورتي".

پر جلدئي اها ڳالهه ڏسڻ ۾ اچڻ لڳي ته مسٽر ڊارسي نالي انهي سهڻي نوجوان جو ڪردار سندس ظاهري شڪل صورت سان نهڪندڙ نه هو ڇاڪاڻ ته هو مغرور هو سدائين ڪاوڙيل رهندو هو ۽ انهي لائق ئي نه هو ته ان جي سندس دوست مسٽر بنگلي سان ڀيٽ ڪئي وڃي. "مسٽر بنگلي ته ڏاڍو رلڻو ملڻو هو سندس طبيعت ۾ ڪا به جهجڪ نه هوندي هئي ۽ انهي پارٽي ۾ به هر قسم جي ڊانس ڪئي هئائين جڏهن ته مسٽر ڊارسي فقط هڪ دفعو مس بنگلي ۽ هڪ دفعو مسز هرسٽ سان ڊانس ڪئي هئي ۽ ٻي ڪنهن به عورت سان متعارف ٿيڻ کان نابري واري ڇڏي هئائين. هڪ موقعي تي جڏهن ايلزبيٿ بينيٽ کي مرد گهٽ هئڻ سبب ڊانس ڇڏي ويهڻو پيو هو ته مسٽر بنگلي ڊانس ڇڏي وڃي مسٽر ڊارسي زور ڀريو هو ته ايلزبيٿ جي ساٿي طور ڊانس ۾ شريڪ ٿئي. تڏهن ايلزبيٿ جي ڪنن ۾ سندس انهي جواب جو آواز پيو هو ته:

"هوءَ گذاري جهڙي آهي پر اهڙي سهڻي نه آهي جو مون کي هر ڪائي سگهي ۽ هن وقت آءٌ هرگز اهڙي موڊ ۾ نه آهيان جو اهڙين جوان عورتن کي اهميت ڏيان جن کي ٻين مردن عزت نه ڏني هجي.

مسٽر ڊارسي جو مسز بينيٽ جي هڪ ڌيءَ کي عزت نه ڏني ته انهي تي هن جي دل ۾ ڊارسي لاءِ جيڪا ناپسنديدگي هئي اها ڪاوڙ ۾ بدلجي وئي. بهرحال مسٽر بنگلي سندس وڏي ڌيءَ جين سان به دفعا ڊانس ڪئي ۽ هن بابت "هن جيڪو ڪجھ ڏٺو آهي انهي مان سڀ کان وڌيڪ سهڻي"، جا لفظ چيا هئا. جڏهن ته ميري ٻڌو هو ته هن مس بنگلي کي هن بابت چيو هو ته اها آسپاس جي سڀ کان وڌيڪ لائق ڇوڪري آهي.

جڏهن جين لاءِ نيدر فيلڊ ۾ رات جي ماني جي دعوت آئي ته مسز بينيٽ ڏاڍي خوش ٿي. انهيءَ وقت مينهن پئي وسيو ۽ جيئن ته جين کي گهوڙي تي وڃڻو هو

تنهن ڪري ڪيس لازماً رات ويهڻ لاءِ چيبو ويندو پر وبچاري جين کي رستي ۾ ئي مينهن اچي ورتو ۽ ڪيس ايتري تہ ٿڌ لڳي وئي جو ڪيس اتي ڪجھ ڏينهن رهڻو پئجي ويو. ايلزبيٿ ٿي ميل پنڌ ڪري پنهنجي ڀيڻ کي ڏسڻ وئي ۽ جين پنهنجي ڀيڻ کي چڱڻ ۾ ايترو تہ دل من پئي هنيو جو مس بنگلي ايلزبيٿ کي بہ نيدر ليند ۾ پنهنجي ڀيڻ سان گڏ رهڻ لاءِ چيو.

سندس اتي رهڻ دوران مسٽر ڊارسي اهو محسوس ڪرڻ شروع ڪيو تہ ايلزبيٿ هلت چلت ۽ شڪل صورت جي لحاظ کان انهي معيار کان تمام گهٽي مٿي آهي جيتري هن پهريون دفعو محسوس ڪئي هئي. مس بنگلي بہ محسوس ڪري ورتو هو تہ ڊارسي جون نظرون بار بار ايلزبيٿ تي پونديون رهن ٿيون ۽ ڊارسي جي دل ۾ ايلزبيٿ جي وڌندڙ محبت کي محسوس ڪندي هن ڪوشش ڪئي هئي تہ هوءَ هن کي اهڙي طرح ڪاوڙائي يا چيڙائي جيئن هو پنهنجي مهمان لاءِ ناپسنديدگيءَ جو اظهار ڪري "پر ڊارسي ڪنهن بہ عورت جي محبت ۾ ايترو گرفتار نہ ٿيو هو جيترو هن جي محبت ۾ ٿيو هو. هن کي سچ پچ ۾ اهو يقين ٿي ويو هو تہ هوءَ جيڪڏهن گهٽ حيثيت واري نہ هجي ها تہ هو لازماً ڪنهن خطري ۾ هجي ها".

جڏهن جين جي صحت ۾ سڌارو آيو ۽ هوءَ هينين منزل تي آئي تہ چارلس بنگلي کيس هر قسم جي توجہ ڏني ۽ ايلزبيٿ مسٽر ڊارسي جو محبت ڀريو انداز ڏسي ڏاڍي حيران ٿي.

اهي هٿي ڀينر انهي ڏينهن گهر واپس آيون جنهن ڏينهن سندن پيءُ جو سوٽ اچڻو هو. مسٽر ڪولنز خط لکيو هو تہ هو انهن ڏانهن اچڻ گهري ٿو. هن کي ايسٽر ۾ پادري ٿيڻ جا احڪام مليا هئا ۽ هو ڀاڳن وارو هو جو ڪيس ليڊي ڪيٿرائين ڊي بورگ جي سرپرستي جو اعزاز مليو هو. "جنهن جي فياضي سبب مون کي سندس گر جا گهر جي حلقي جي ريڪٽر جو اعليٰ عهدو مليو آهي. مسٽر ڪولنز نيچائپ ۽ پاڻ کي اهميت ڏيڻ جو هڪ عجيب ميلاپ هو ۽ جلدئي اها ڳالهہ محسوس ڪئي وڃڻ لڳي تہ هو بينيٽ ڪٽنب جي هڪ ڇوڪري سان شادي ڪرڻ گهري ٿو. سندس پهرئين چونڊ جين هئي پر هن جڏهن مسز بينيٽ کان اها ڳالهہ ٻڌي تہ هن جو مڱڻو ٿيڻ وارو آهي تہ سندس سوچ ايلزبيٿ ڏانهن وئي هلي. ليڊي ڪيٿرائين ڊي بورگ مٿس مهرباني ڪندي کيس اها صلاح ڏني هئي تہ هو جيترو جلد ٿي سگهيس شادي ڪري

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چڙهي پر اهو شرط بہ رکيو هئائينس تہ هو زال جي چونڊ ۾ سوچ ويچار کان ڪم وٺي هاڻي ڪيس پڪ هئي تہ هن جيڪا بہ ڇوڪري پسند ڪئي انهي کي ليڊي ڪيٿرائين بہ پسند ڪندي

بئي ڏينهن مسٽر ڪولنز ڇوڪرين سان گڏجي انهن جي پڦي مسز فلپ وٽ ميري ٽون ويو. ننڍيون ڇوڪريون ڪيٿرائين ۽ لڊيا اڪثر پنهنجي پڦي وٽ وينديون رهنديون هيون. اهي رستي ۾ ميري ٽون ۾ ويجهڙائي ۾ آيل مليشيا جي ريجمينٽ جي هڪ آفيسر سان مليون اهو مسٽر ڊيني هو. هن انهن کي پنهنجي دوست مسٽر وڪهام سان متعارف ڪرايو. انهيءَ کي تازوئي فوج ۾ ڪميشن ملي هئي. اهي سيئي ماٺهو بيٺا پاڻ ۾ ڳالهائي رهيا هئا جو ڊارسي ۽ بنگلي گهوڙن تي چڙهيا ايندي ڏسڻ ۾ آيا. اهي جيئن جي طبيعت پڇڻ لاءِ بيٺا ۽ وڪهام پنهنجي ٽوپلي کي هٿ هٽي سلام ڪيو تہ مسٽر ڊارسي بہ ڪُسندي مرندي انهي سلام جو جواب ڏنو. ايلزبيٿ ڏٺو تہ ٻنهي جي چهرن جا رنگ تبديل ٿيا پر سمجهہ ۾ نہ آيس تہ انهي جو مطلب ڇا هو؟

هوءَ پوءِ جڏهن مسٽر وڪهام سان ملي تہ جواب جو ڪجهہ حصو معلوم ٿي ويو. مسٽر وڪهام مسز فلپ پاران ڏنل هڪ پارٽي ۾ دعوت تي آيو هو ۽ اتي پنهنجي توجہ فقط ايلزبيٿ تي مرڪوز رکي هئائين. هن کي اهو تمام وڻندڙ ڏسڻ ۾ آيو ۽ هن کيس اهو بہ ٻڌايو تہ هن جو ننڍپڻ کان ڊارسي ڪٽنب سان تعلق آهي. مرحوم مسٽر ڊارسي سندس پيءُ جي جاءِ تي هوءِ هو کيس بهترين انسان سمجهندو هو پر هن مسٽر ڊارسي جو هن سان سلوڪ تمام خراب رهيو هو.

”منهنجو ڏنڏو تہ چرچ جي نوڪري هئڻ گهرجي ها“ هن چيو منهنجي تربيت ئي انهي ڪم لاءِ ٿي هئي ۽ آءٌ هن وقت ڪنهن سٺي آمدني واري گرجا گهر ۾ مقرر هجان ها ڇاڪاڻ تہ مرحوم مسٽر ڊارسي هڪ تمام سٺي آمدني واري گرجا گهر لاءِ منهنجو نالو ڏئي ويو هو پر جڏهن انهي جي آمدني گهٽجي وئي تہ اهو ٻئي ڪنهن کي ڏنو ويو. اڳتي هلي انهن ۾ دوستاڻا تعلقات بہ نہ رهيا. ايلزبيٿ کي اها بہ خبر پئي تہ ليڊي ڪيٿرائين ڊي بورگ مسٽر ڊارسي جي پڦي هئي.

جڏهن مسٽر بنگلي نيدر فيلڊ ۾ ڊانس پارٽي ڏني تہ ايلزبيٿ کي اميد هئي تہ سندس وري مسٽر وڪهام سان ملاقات ٿيندي پر کيس اهو ٻڌي مايوسي ٿي تہ کيس

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”شهر وڃڻو پئجي ويو هو“. هن مسٽر ڊارسي سان هڪ ڊانس دوران ڪوشش ڪئي ته هو وڪهام بابت ڳالهائي پر هن هڪ لفظ به نه ڪُڇيو. پوءِ مس بنگلي ايلزبيٿ کي ڏاڍي خوشي سان اها ڳالهه ٻڌائي ته جارج وڪهام مرحوم مسٽر ڊارسي جي ڪمدار جو اڪيلو پٽ هوءِ مسٽر ڊارسي پاران هن سان خراب سلوڪ جي ته ڪا ڳالهه ئي نه آهي. هو ته هن تي تمام مهربان رهيو هو.

جيئن ءِ مسٽر بنگلي شام جو وڏو حصو هڪ ٻئي جي محبت ۾ ڏاڍي خوشي سان گذاريو ءِ رات جي ماني تي خوشي ۾ پريل مسز بينيٽ ليڊي لوڪاس سان اهڙين وٽندڙ شادين جي موضوع تي دل کولي ڳالهايو. سندس ٽانءِ ۾ پريل ڳالهيون مسٽر ڊارسي سميت هر ڪو ٻڌي رهيو هو پر انهن مان ايلزبيٿ ڏاڍي لڄي ٿي رهي هئي. رات جو باقي حصو مسٽر ڪولنز ايلزبيٿ جي اڳ پوءِ ڪئي. انهي لاءِ ايلزبيٿ کي پنهنجي سهيلي شارلٽ لوڪاس جو ٿورائتو ٿيڻو پيو ڇاڪاڻ هن اڪثر موقعن تي مسٽر ڪولنز کي گفتگو ۾ مصروف ٿي رکيو ءِ اهڙي طرح ايلزبيٿ کي سندس ٿڪائيندڙ توجه کان ڪجهه آرام ٿي ڏنائين.

ٻئي ڏينهن مسٽر ڪولنز ايلزبيٿ کي پنهنجي مرضي ٻڌائي ڇڏي ءِ مسز بينيٽ سندس ڌيءُ پاران ڪولنز جي التفات کي رد ڪرڻ تي مسز بينيٽ کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي. بهرحال مسٽر ڪولنز کي ته پنهنجي انا کي ڌڪ لڳڻ سان ڪجهه تڪليف ٿي پر جلدئي کيس شارلٽ لوڪاس جي صحبت ۾ تسلي ملي وئي ءِ هن پاران هنن کان موڪلائي وڃڻ کان اڳ ئي هن جو شارلٽ لوڪاس سان مڱڻو ٿي ويو. مسز بينيٽ جڏهن اها خبر ٻڌي ته ڏاڍي پريشان ٿي وئي ءِ جيئن جڏهن اها خبر ٻڌي ته مسٽر بنگلي ”واپس موٽڻ جي ارادي کان سواءِ“ نيدر فيلڊ ڇڏي ويو آهي ته مسز بينيٽ جي ذکن جو جام ڪنان تار ٿي ويو.

مسٽر ڪولنز ءِ شارلٽ جي ڪرسمس کان جلد ئي پوءِ شادي ٿي ءِ ايندڙ مارچ مهيني ۾ ايلزبيٿ هنزفورڊ ۾ انهن وٽ وڃڻ جي دعوت قبول ڪئي. شارلٽ هن جو آڌرڀاءُ ڏاڍي محبت سان ڪيو هوءُ ڏاڍي خوش ءِ مطمئن لڳي رهي هئي ءِ ليڊي ڪيٿرائين ڊي بورگ انهن سڀني کي جڏهن پنهنجي گهر Rosings ۾ ماني جي دعوت ڏني ته مسٽر ڪولنز جي ڪاميابي جو داستان ڄڻ ته پڄاڻي تي پهچي ويو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاڻايو هو ته ”هن پنهنجي مشاهدي مطابق اهو سمجهيو هو ته جين جا سندس دوست بنگلي بابت احساس ڪنهن به جذبي کان خالي هئا“. وڪهام کي جڏهن هڪ گرجا گهر جو حلقو مليو ته ونڻ کان انڪار ڪري چڏيائين ۽ انهي جي بجاءِ 3000 پائونڊن جي سمجهوتي کي ترجيح ڏنائين. ڊارسي جي پيڻ جارجيا جڏهن پندرهن ورهين جي هئي ته هن سندس ذهن ۾ اها ڳالهه وڌي هئي ته جارجيا کي هن سان محبت آهي ۽ انهن گهر مان ڀڄي وڃڻ جي رٿا پڻ جوڙي ڇڏي هئي. پاڳ ڀلا ٿيا جو ڊارسي بروقت پهچي انهي ڳالهه کي روڪي ورتو هو. ايلزبيٿ جڏهن لانگ بورن ۾ پنهنجي گهر واپس آئي ته ڪيس انهي خط مان سوچ ويچار ڪرڻ بابت ڪافي ڳالهيون مليون.

هاڻي مليشيا به ميري تون ڇڏي برائيٽون وڃي رهي هئي. لڊيا جي دل ڀڄي پئي هئي پر ڪيس جڏهن پنهنجن دوستن ڪرنل ۽ مسز فورسٽر سان برائيٽون ۾ رهڻ جي دعوت قبول ڪرڻ جي موڪل ملي وئي ته سندس جذبا به نئين سر زنده ٿي ويا. ايلزبيٿ کي ڊربي شائير ۾ پنهنجي چاچي مسٽر گارڊينر ۽ چاچيءَ وٽ موڪلون گذارڻ جي دعوت ملي هئي. اهي پيمبرلي ۾ ڊارسي جو گهر گهمڻ ويا. تڏهن انهي جو مالڪ اتي موجود نه هو ۽ ايلزبيٿ گهرجي سونهن تي ڏاڍي موهت ٿي پئي. گهر جي نگهبان انهن کي سمورو گهر گهمايو ۽ انهيءَ پنهنجي مالڪ لاءِ ”دنيا ۾ تمام مٺڙي مزاج ۽ فياض طبيعت جو ڇوڪرو“ جا لفظ چئي ايلزبيٿ کي حيران ڪري ڇڏيو. پوءِ اهي جڏهن باغيچا ڏسي رهيا هئا ته مالڪ اوچتو اچي پهتو ۽ لچي ٽيندڙ ايلزبيٿ پنهنجي چاچي ۽ چاچي جو هن سان تعارف ڪرايو. هنن هن بابت جيئن ته ڪافي ڳالهيون ٻڌيون هيون تنهن ڪري ڪيس ايترو وٽندڙ مزاج وارو ڏسي اهي ڏاڍا حيران ٿيا.

جلدئي پوءِ ڊارسي پنهنجي پيڻ جارجيانا کي گارڊنر ڪٽنب وٽ گهمائڻ وٺي ويو ۽ اها ايلزبيٿ کي لچاري ۽ سادي ڇوڪري ڏسڻ ۾ آئي. بنگلي به اچي ويو ۽ ڊارسي انهن کي پيمبرلي ۾ ماني جي دعوت ڏني. ايلزبيٿ هڪ دفعو وري مسٽر ۽ مسز هرسٽ ۽ مس بنگلي سان ملي. مس بنگلي کي اها ڳالهه ڏسي ڏاڍو ساڙ ٿيو ته ڊارسي کي انهي ڳالهه جو ڏاڍو فڪر هو ته سندس پيڻ جي ايلزبيٿ سان سٺي واقفيت هجي.

ڊارسي جڏهن گارڊنر ڪٽنب ۾ ٻيو دفعو آيو ته ايلزبيٿ ڪيس اڪيلي ۽ پريشان حالت ۾ ڏسڻ ۾ آئي. هن کي ڏاڍو اونو لڳو پيو هو ۽ هن ڪيس اها خطرناڪ

خبر پڙائي جيڪا جين ڪجھ وقت اڳ خط ۾ لکي موڪلي هئي. لديا مسٽر وڪهام سان پچي وئي هئي ۽ سندس خاندان کي ڪا بہ خبر نہ هئي تہ اهي ڪيڏانهن هليا ويا هئا. اجا وڌيڪ خراب ڳالھ اها تہ انهن کي پڪ هئي تہ انهن شادي بہ نہ ڪئي هئي. مسٽر ۽ مسز گارڊنر ٻاهر ويل هئا. انهن ڏانهن هڪ نوڪر موڪليو ويو تہ اهي جيترو ٿي سگهي جلد واپس اچن. ڊارسي کي جينوٽيڪ همدردي هئي پر هو جڏهن ڪمري ۾ ڦيرا ڏئي رهيو هو تہ انهي وقت ڪنهن اونهي فڪر ۾ ٻڏل لڳي رهيو هو ۽ هو جڏهن ويو تہ ايلزبيٿ کي شڪ ٿيڻ لڳو تہ هوءَ شايد کيس وري ڏسي نہ سگهندي

انهن جي جلدئي لانگ بورن واپسي جو بندوبست ڪيو ويو ۽ مسٽر گارڊنر واعدو ڪيو تہ هو انهيءَ ڏوهاري جوڙي جي لنڊن ۾ ڳولها ڪرڻ ۾ مسٽر بينيٽ جي مدد ڪندو. وڪهام هڪ هزار پائونڊن کان مٿي جا جوا جا قرض بہ ڇڏي ويو هو. مسٽر بينيٽ واپس اچي ويو پر ڪا بہ خبر نہ آنڌائين. پر بہ ڏينهن پوءِ مسٽر گارڊنر جي هڪ خط مان انهن کي خبر پئي تہ ان کي لديا ۽ وڪهام نظر اچي ويا آهن. انهن جينوٽيڪ شادي نہ ڪئي هئي پر کيس اميد هئي تہ اهي جلدئي شادي ڪري وٺندا. مسٽر بينيٽ کان اها خاطري گهربل هئي تہ لديا کي پنهنجي ماءُ پيءُ جي وفات کان پوءِ وراثت مان پنهنجو 5000 پائونڊن جو برابر جو حصو ملندو ۽ انهن جي حياتي دوران بہ ساليانو هڪ سو پائونڊ ملندا رهندا. هن اهو بہ ٻڌايو تہ مسٽر وڪهام جون حالتون ايتريون خراب نہ آهن جيتريون شروع ۾ سمجهيون پئي ويون پر هو جڏهن پنهنجو سمورو قرض لاهي ڇڏيندو تہ هن وٽ ٿورڙا ڪي پئسا باقي بچندا. انهي مان مسٽر بينيٽ کي اهو اندازو ٿيو تہ وڪهام کي ضرور مالي مدد ملي آهي ۽ هو سوچڻ لڳو تہ هو پنهنجي پيٽيوي جو قرض ڪيئن لاهي سگهندو.

لديا ۽ وڪهام شادي ڪئي ۽ اهي ٿوري وقت لاءِ لانگ بورن آيا. ايلزبيٿ کي پنهنجي ڀيڻ کان خبر پئي تہ ڊارسي انهن جي شادي ۾ شرڪت ڪئي هئي. اهي جڏهن واپس ويا تہ ايلزبيٿ مسز گارڊنر کي خط لکي پڇا ڪئي تہ انهي معاملي ۾ ڪيتري صداقت آهي؟ سندس پڦي کيس فوراً خط لکي ٻڌايو تہ مسٽر ڊارسي کي لديا نظر اچي وئي هئي ۽ هن ئي وڪهام جو قرض لاهي سندس شادي کي ممڪن بڻايو هو. هن اهو بہ لکيو هو تہ مسٽر ڊارسي جي اها خواهش آهي تہ اها ڄاڻ ڪنهن بہ صورت ۾ پئي ڪنهن تائين نہ پهچڻ گهرجي. مسز گارڊنر هنن لفظن تي پنهنجو خط

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پورو ڪيو تہ هوءَ مسٽر ڊارسي کي ڏاڍو پسند ڪري ٿي ۽ هن کي فقط ٿورڙي خوش مزاجي جي ضرورت آهي جيڪا ڪا سمجهدار زال ڪيس سولائي سان سيکاري سگهي ٿي.

مسٽر بنگلي جڏهن نيدر فيلڊ آيو تہ لانگ بورن بہ گهمڻ آيو. هن سان مسٽر ڊارسي بہ گڏ هو پر هو ماٺ ۾ هو ۽ ڏاڍو لاتعلق پئي ڏسڻ ۾ آيو. اهو ڏسي ايلزبيٿ ڏاڍي مايوس ٿي. جلدئي پوءِ چارلس بنگلي ۽ جين جو مڱڻو ٿيو ۽ هڪ ڏينهن پوءِ ليڊي ڪيٿرائين ڊي بورگ فقط ايلزبيٿ کي ڏسڻ آئي. هن چيو تہ هوءَ اها ڳالهہ معلوم ڪرڻ چاهي ٿي تہ ڇا اها ڳالهہ سچي هئي تہ سنڌس ڀيڻ جين جي تمام سٺي جاءِ تي شادي ٿي رهي هئي ۽ خود ايلزبيٿ بہ جلدئي سنڌس ڀائيٽي مسٽر ڊارسي جي ٿي ويندي

ايلزبيٿ جو حيرت ۾ رنگ متجي ويو پر هن جواب ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ليڊي ڪيٿرائين ڏاڍي ڪاوڙ ۾ هئي ۽ چوندي رهي تہ اها شادي ڪڏهن بہ نہ ٿي سگهندي ايلزبيٿ لازماً واعدو ڪري تہ هوءَ مسٽر ڊارسي سان مڱڻو نہ ڪندي جنهن جو اڳ ئي سنڌس ڌيءَ سان مڱڻو ٿيل آهي. ايلزبيٿ اهڙو ڪو بہ واعدو ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ ليڊي ڪيٿرائين اهو چوندي رواني ٿي وئي تہ هوءَ ڏاڍي ناراض ٿي آهي ۽ اهو تہ ايلزبيٿ جو مقصد ڪڏهن بہ پورو نہ ٿيندو.

مسٽر ڊارسي جڏهن ٻي دفعي نيدر فيلڊ آيو ۽ پنهنجي دوست سان گڏ لانگ بورن آيو تہ ايلزبيٿ سان گهڻو وقت ڪچهري ڪيائين. هن کي سنڌس چاچي ٻاران دخل اندازي ڪرڻ تي چڙ آئي هئي ۽ انهي ڳالهہ کان بہ انڪار ڪيائين تہ ڪو هن جو پنهنجي سوٽ سان مڱڻو ٿيل آهي. انهي کان جلدئي پوءِ هن ٻيو دفعو سڱ لاءِ نياپو موڪليو ۽ اهو هن دفعي قبول ٿي ويو.

”اهو ڏينهن ڏاڍو خوشگوار هو جڏهن مسز بينيٽ پنهنجي ٻن تمام لائق ڇوڪرين مان جان آجي ڪرائي“.

پرائيڊ اينڊ پريجوڊس کي جين آسٽن جو بهترين ناول سمجهيو وڃي ٿو. ننڍي شهر جي وچولي طبقي جي گهرو زندگي بابت هن ڪهاڻي ۾ ڪاميڊي جو عنصر سڀ کان نمايان آهي. ليکڪا جي سڀ کان وڏي خوبي اها آهي جو هوءَ پنهنجي منفرد بياني اسلوب جي ذريعي عام واقعن کي دلچسپ بڻائي ڇڏي ٿي. هن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاران عورتن جا ڪردار خاص طور وڏي مشاهدي جا حامل آهن ۽ بلڪل حقيقي زندگي سان مشابهت رکندڙ آهن.

هيروئين جي طبيعت سوچ ويچار واري ۽ تنقيدي آهي ۽ اهڙا واقعا ٿيندا ٿا وڃن جيڪي سندس مخصوص لاڙن کي گهرو ڪندا ٿا وڃن جڏهن ته مغرور هيرو جو هٺ پنهنجي محبوبه جي فاتح نسوانيت پٺيان ٿي چڙهي.

مسٽر ۽ مسز بينيٽ جي عجيب غريب ۽ بيوقوف جوڙي ڪل جوڳي پادري مسٽر ڪولنز ۽ پاڻ کي ڪا شي سمجهندڙ ليڊي ڪيٿرائين ڊي بورگ جا ڪردار تمام دلچسپ ڪاميڊي مهيا ڪن ٿا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 36. اِوان هو

## ـــ سر والٽر اسڪاٽ ـــ

سر والٽر اسڪاٽ کي 1814ع ۾ ويورلي (Wavcrly) نالي پهريون ناول ڇپجڻ کان وٺي سندس پنهنجن لفظن ۾ "ڏينهون ڏينهن وڌندڙ مشهوري" ملي آهي. هن پنجن ورهين ۾ نَوَ ناول لکيا جن مان تقريباً سيئي اڄ بہ تخليقي ادب جي شاهڪارن ۾ ڳڻيا وڃن ٿا. هو جيتوڻيڪ تمام گهڻو مشهور ٿي ويو هو پر دلي طور اڃا بہ مطمئن نہ هو. هن پنهنجن سمورن ڪتابن ۾ پاڻ کي اسڪاٽليندي اٿي ويٺي، اسڪاٽليندي لهجي ۽ اسڪاٽليندي ڪردارن جو ماهر ڪري ڏيکاريو آهي ۽ پڙهندڙ عوام جي وڏي اڪثريت کيس نج ٻج اسڪاٽليندي ناول نگار سمجهڻ لڳي هئي. هن کي اهو رايو پسند نہ هو. هن کي خبر هئي تہ هن کي اها سگهہ آهي جو هو پنهنجو ميدان اسڪاٽليندي منظرنامي کان گهڻو اڳتي وڌائي سگهي ٿو ۽ هن انهي ڳالهہ کي ثابت ڪرڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو. انهي جو نتيجو اوان هو (Ivanhoc) آهي جيڪو 1819ع ۾ ڇپيو.

انهي ناول بنا دير اهو اعليٰ مقام حاصل ڪري ورتو جيڪو تاريخي رومانوي ناول طور انهي جو حق هو ۽ انگريز عوام انهي کي اڃا وڌيڪ پسند ڪيو جو انهي ۾ ٺڪائيندڙ اسڪاٽليندي لفظ ۽ ماٺهو نہ هئا. اهو سمورو انگريزي آهي ۽ اهو انگريزي لوڪ ادب جي شاهوڪار دور بابت لکيل آهي جنهن ۾ رابن هوڊ ۽ سندس ٻيلي وارا خوش باش همراهہ (Merry Men)، فريار ٽڪ ۽ انگريز بادشاهن مان سڀ کان وڌيڪ رومانوي ۽ بدمعاشي وارا لاڙا رکندڙ بادشاهہ رچرڊ شيردل اچي وڃن ٿا. انهي ۾ دلير سورما بہ آهن ۽ انهن مان ڪجھ جيترا خراب آهن اوترا ئي باهمت بہ آهن. اهي جڏهن برائي تي اچن ٿا تہ تمام برا ٿي وڃن ٿا. انهي ۾ سهڻيرن عورتون بہ آهن يا ڪٿي چئجي تہ هڪ عورت آهي جيڪا گوري رنگ واري آهي ۽ ٻيءَ جو رنگ سانورو آهي ۽ اسين سيڪسن نسل واري رووينا کي ريبيڪا يهودڻ تي ترجيح ڏيون يا نہ پر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان کي اها ڳالهه ضروري ميڄڻي پوندي تہ اهي هئي جيتريون سٺيون آهن ايتريون ئي سهٽيون آهن. ڪتاب ۾ رومانوي محبت بہ آهي تہ حيواني شهوت بہ آهي. انهي سان گڏوگڏ لڙائي ۽ ڦر لٽ جا پوائنٽا منظر آهن. شراب نوشي جون محفلون آهن. مريضن جي تيمارداري جا احوال آهن. سازشون ڪندڙ نواب آهن ۽ صاف دل نماڻن نوڪرن جي تابعداري جو احوال بہ آهي. تنهن ڪري جيڪڏهن اوان هُو هاڻي بہ سر والٽر اسڪاٽ جي سڀ کان وڌيڪ پڙهيو ويندڙ ناولن مان هڪ آهي تہ انهي تي ڪو تعجب نہ هئڻ گهرجي.

ناول جي قصي جي شروعات 1194ع ۾ ٿئي ٿي. اهو رچرڊ شيردل جي ايامڪاري جولڳ ڀڳ وچ وارو دور هو ۽ ٽريويليان جي زباني اهو "غافل ۽ غير حاضر" بادشاهہ ملڪ کان گهٽوبري ٽئين صليبي جنگ تي ويل هو ۽ انگلينڊ تي سندس ڀاءُ پرنس جان حڪومت ڪري رهيو هو. ڪجهہ مهينن تائين بادشاهہ بابت انهي کان وڌيڪ ڪا بہ خبر نہ پئي تہ ارض مقدس مان واپسي تي ڪيس سندس شديد دشمنن آسٽريا ۾ قيد ڪري ورتو آهي. پرنس جان ۽ سندس مطلب پرست بيرو ڪار سردارن کي انهي خبر کان وڌيڪ ڪا بہ ڳالهہ خوشي نہ ڏئي ها تہ رچرڊ ڪنهن ڏورانهين ملڪ جي اونداهين ڪوليءَ ۾ قتل ٿي ويو آهي. پر حقيقت اها هئي تہ هن ڪيس قيد ڪندڙن سان هڪ معاهدو ڪري ورتو هو ۽ هو ويس متائي انگلينڊ ۾ ئي موجود هو. قصو جڏهن پنهنجي عروج تي پهچندو تہ پڙهندڙ کي انهيءَ ڇمڙا پوشي جو مقصد سمجهڻ ۾ ڪا ڏکيائي نہ ٿيندي.

اسڪاٽ جي ٻين سيني ناولن وانگر اوان هو بہ آهستگيءَ سان شروع ٿئي ٿو ۽ اڌ ڊزن باب گذرڻ کان پوءِ ئي اسين ناول جي انتهائي دلچسپ ٽڪرن تائين پهچون ٿا. اهو اشبي- ڊي- لا- زوچ ۾ هڪ وڏي دويدو مقابلي جو احوال آهي. انهي ۾ اسڪاٽ وچئين دور جي مروت ۽ مردانگي جي شان و شوڪت ۽ آب و تاب جا چٽ تمام ڪاميابي سان چٽيا آهن. اهو مقابلو جو ٻيون ڏينهن هو ۽ حصو وٺندڙ ٻن حريف جٿن ۾ ورهايا ٻيٺا هئا جو ميدان تي هڪ گهوڙي سوار اچي ويو. "هن کي ڪاري رنگ جي ذره بڪتر جسم تي هئي. مشڪي رنگ جي گهوڙي تي سوار هو. گهوڙو بہ تمام ڊگهو ۽ قد بت ۾ تمام وڏو هو ۽ پنهنجي سوار وانگر هر لحاظ کان مضبوط ۽ سگهارو هو. انهيءَ سورمي جي ڍال تي ڪنهن بہ قسم جو سڃاڻپ جو نشان يا علامت نہ هئي ۽

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوان هو ڪي جيڪڏهن آئزڪ آف يارڪ جي ڌي سهڻي ۽ نوجوان يهودڻ ريبيڪا ماهراڻي توجه نه ڏئي ها ته هو فوت ٿي وڃي ها. هوءَ ۽ سندس پيءُ ڪجهه ڏينهن اڳ اوان هو جا دوست ٿيا هئا ۽ هاڻي جڏهن اوان هو زمين تي ڪري پيو ته هن پنهنجن نوڪرن کي حڪم ڪيو ته هو کيس مٿي کڻڻ ۽ سندس رهائش تي کڻي هلڻ. اتي پهچي هن سندس زخم جي چڪاس ڪئي ۽ انهي تي ڦٽ چڻائيندڙ ملم هڻئي. هن اها پنهنجي دوائن واري خاص خاني ۾ رکي هئي "سهڻي ريبيڪا جي پرورش دوران کيس پنهنجي قوم واري خاص سڀ ڪا چاڻ ڏيڻ سان ڏني وئي هئي ۽ هن طب جي چاڻ ۽ مرض ڇڏائڻ جو فن هڪ پيرسن يهودڻ کان سکيو هو. اها انهن جي هڪ مشهور ڊاڪٽر جي ڌيءُ هئي جيڪو ريبيڪا کي سندس پنهنجن ٻارن وانگر پيار ڪندو هو...."

ناول ۾ ريبيڪا جو ڪردار تمام دلچسپ آهي ڇاڪاڻ ته اهو ئي حقيقت جي سڀ کان وڌيڪ ويجهو آهي ۽ اسڪاٽ هڪ نوجوان يهودڻ جو ايترو وڻندڙ ۽ هاڪاري پورٽريٽ پيش ڪري يهودين جي خلاف موجود تعصب کي تمام ڌڪ هنيو آهي. "ريبيڪا جي شخصيت جي"، هو لکي ٿو "شايد انگلينڊ جي سڀ کان وڌيڪ مغرور حسينا سان پيٽ ڪري سگهجي پئي. سندس جسم تمام متناسب هو ۽ مشرقي لباس ۾ تمام سٺو لڳندو هو جيڪو هوءَ پنهنجي قوم جي فيشن مطابق پهريندي هئي. سندس ڦڪي رنگ جي پٽڪي سندس سانوري رنگ تي ڏاڍي ٺهندي هئي. سندس اکيون چمڪدار، اکين جي پرن جي ڪمان عاليشان ۽ نڪ باز جي چهنب وانگر هوندو هو. سندس ڏند موتين جهڙا اڇا هوندا هئا ۽ سندس سمور جي ڪوٽ جا ٻج ونگوڙاڪيون سندس سهني ڳچي تي پيا هوندا هئا. سندس تمام قيمتي ايراني ريشم جي ڪوٽيءِ تي واڱڻائي پس منظر ۾ فطري رنگن ۾ گل اپريل هوندا هئا. سونهن ۽ سوڀيا جون اهي سڀ ظاهري علامتون اهڙيون ته دلبري ۽ نزاڪت پيدا ڪنديون هيون جيڪا سندس آسپاس موجود وڌ کان وڌ سهڻي عورت کي به نصيب نه هوندي هئي".

هوءَ اشبي جي مقابلي ۾ اُهڙي انداز ۾ ظاهر ٿي هئي ۽ پرنس جان جيڪو عورتن جو وڏو چاڻو هو انهي کيس ڏسي رڙ ڪئي هئي ته: "اها يهودڻ اهڙي ڪماليت جو هوبهو مثال آهي جنهن جو حسن سڀ کان ڏاهي بادشاهه کي به چريو ڪري

چڏيندو آهي. پر اها ربيڪا جي بدقسمتي هئي جو ڪيس هاڻي گهڻو وقت اڳ فوت ٿيل سلمان نه پر تمام جذباتي بريان ڊي بوئي گلبرٽ (Biran de Bois_ Guilbert) کي منهن ڏيڻو هو جيڪو ٽيمپلر سورمن جي سلسلي جو فوجي راهب هو. اهو دلير بدمعاش ڪيس ٽارڪئيل سنٽون جي قلعي ۾ ڪڻي وڃي ٿو جتي هن سان محبت جو اظهار ڪري سندس بي عزتي ڪيائين. هن سندس پيش قدمي کي ڌڪاري ڇڏيو ۽ هن جڏهن سندس هيرا جواهر ۽ تاوان طور ڏنل وڏي رقم به قبول نه ڪئي ته هن رڙ ڪئي: ”توکي جيڪڏهن منهنجي دولت نه ته پيو ڇا گهرجي؟ اسان ۾ ته ڪو به مشترڪ قدر نه آهي، تون عيسائي آهين. آءٌ يهودڻ آهيان. اسان جو ميلاپ چرچ توڙي صومعي ٻنهي جي قانونن جي خلاف آهي“.

جيڪڏهن ائين ئي آهي ته: ”ٽيمپلر وڏو ٺهڪ ڏيندي ورائيو: ”آءٌ ڪنهن يهودڻ سان ئي شادي ڪندس ۽ صهيون جي پياري ڌيءَ اها به خبر هجئي ته جيڪڏهن سڀ کان وڏو عيسائي بادشاهه مون کي پنهنجي ڪنتر عيسائڻ ڌي جي سڱ جي آڇ ڪندو ته به آءٌ هن سان شادي نه ڪندس. ڪنهن ڪنواري سان محبت منهنجي سلسلي جي حلف جي ئي خلاف آهي. هائو! آءٌ ڪنهن پرڻيل عورت سان ئي محبت ڪندس جيئن توسان محبت ڪريان ٿو. آءٌ ٽيمپلر آهيان هي منهنجي مقدس سلسلي جي صليب ڏس“.

”ڇا تون اهڙي موقعي تي“ جذبات ۾ ٻريل ڇوڪري ورندي ڏني، “ صليب کي ياد ڪري سگهين ٿو؟.

هائو ٽيمپلر ائين ڪري سگهيو ٿي. ”تون منهنجي نيزي ۽ ڪمان جي قيدي آهين“، هن ڪيس ياد ڏياريو ”۽ دنيا جي ڪنهن به ملڪ جي قانون جي لحاظ کان منهنجي مرضي جي تابع آهين“. آءٌ پنهنجي حق کان هڪ منٽ به پٺتي نه هٽندس نه ئي انهي شي کي زور زبردستي سان به حاصل ڪرڻ کان مڙندس جنهن کان تون انڪار ڪرين ٿين“.

”پٺتي رهه“. ”ربيڪا رڙ ڪئي“. پٺتي بيهه ۽ اهڙو ڪڏو ڪم ڪرڻ کان اڳ منهنجي ڳالهه ٻڌي وٺ! تون ٿي سگهي ٿو ته منهنجي طاقت تي غالب ٿي وڃين ڇاڪاڻ ته خدا عورتن کي هيڻو خلقيو آهي ۽ انهن جي حفاظت مردن جي حوالي ڪئي آهي. پر اي ٽيمپلر! آءٌ يورپ جي هڪ ڪناري کان ٻئي ڪناري تائين

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي بيجڙائي جو اعلان ڪرائي ڇڏينديس...“ انهي بدمعاش ڏاڍي حقارت سان چيو تنهنجو آواز پلي ڪيترو به تيز چونه هجي اهو هن قلعي جي لوهي پتين کان پري نه ٻڌي سگهبو. اتي يهودڻ دري مان ٻاهر قلعي جي چوڌاري ڪاهي ۾ ٽپ ڏيڻ لاءِ تيار ٿي وئي.

بهرحال وقتي طور تہ ربيبيڪا بچي وئي جو اتي ٽيمپلر کي سڏ ٿيو تہ ڦورن جي لشڪر قلعي جو محاصرو ڪيو هو. تنهن ڪري هو اچي قلعي جي دفاع ۾ حصو وٺي. انهي لشڪر ۾ ٻيلي مان آيل ماڻهو هئا جن جي اڳواڻي رابن هوڊ ۽ ڪارو سورمو (Black knight) ڪري رهيا هئا. اسڪاٽ پاران قلعي جي محاصري ۽ قبضي جي بيان مان سندس عسڪري بيان جي قوت بهترين روپ ۾ ڏسي سگهجي ٿي پر انهي سان هڪ يا ٻن پيراگرافن ۾ انصاف نہ ٿو ڪري سگهجي. هاڻي اسين وري ٽيمپلر کي ڏسون ٿا جيڪو ربيبيڪا کي جهڙپ هٽي ٿو ۽ کيس حملي آورن جي بي ترتيب صفن مان ڪڍي ٽيمپلس اسٽو Templestowe ۾ ٽيمپلرن جي ڳڙهه ۾ ڪٺي وڃي ٿو. اتي بہ هو ربيبيڪا جي هوس ۾ مدهوش ٿي پنهنجون ميلاپ جون آڇون ورجائي ٿو.... جيڪڏهن کيس پنهنجي سلسلي مان نيڪالي ڏني وئي تہ ڇا ٿي پيو؟ هو مشرق ۾ پنهنجي رياست قائم ڪري وٺندو ۽ اتي ربيبيڪا راڻي ٿي راڄ ڪندي.. يهودڻ وري بہ سندس پيش قدمين کي ٺڏي ٿي ڇڏي ۽ بوئي گلبرٽ ڪجھ بہ ڪري پر کيس جادوگري ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ ڪيس کي منهن ڏيڻ کان نہ ٿو روڪي سگهي ڇاڪاڻ تہ هن نہ فقط اوان هو جي جان جادو ذريعي بچائي هئي پر ٽيمپل جي انهي تمام اعليٰ مرتبي واري سورمي تي بہ جادو ڪري ڇڏيو هو. هن کي زنده ساڙڻ جي سزا ڏني وڃي ٿي. پر انهي سزا کان بچڻ جو هڪ رستو کليل هو: هن کي اهو حق آهي تہ هوءَ اهڙو ڪو بہ سورمو چونڊي جيڪو دوبدو مقابلي جي ذريعي سندس معصوميت ثابت ڪري بوئي گلبرٽ کي حڪم ڏنو وڃي ٿو تہ الزام هڻندڙ جو سورمو ٿئي ۽ بلڪل آخري لمحي ۾ اوان هو يهودڻ جو سورمو ٿيڻ لاءِ منظر تي اچي ٿو. اهي وڙهن ٿا ۽ ٻئي هيٺ ڪري پون ٿا. اوان هو جلدئي اٿي بيهي ٿو ۽ پنهنجي تلوار ٽيمپلر جي ڳچي تي رکي ٿو. پر بوئي گلبرٽ اڳي ئي مري ويو آهي. ”هو پنهنجي ذات ۾ برسر پيڪار جذبن جي شدت جو شڪار ٿي ويو آهي“. اهڙي طرح ربيبيڪا زنده سڙي مرڻ کان بچي وئي. انهي سزا کي وهم پرست ماڻهن جي ميڙ خدا جو فيصلو سمجهيو ٿي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ ڇا هن اوان هو سان شادي ڪئي؟ ”گوري پهودڻ جي ڪردار ڪي“ـ ڇا اسڪاٽ ڪان اها ڳالهه وسري وئي ته هو ته ڪيس سانورو رنگ ڏئي آيو آهي؟ ـ ڪجهه سفيد چمڙي وارن پڙهندڙن جي اکين ۾ ايتري ته پسنديدگي ملي جو ليکڪ تي وڏي پڪڙ ٿي ڇاڪاڻ ته هن ڊرامي جي ڪردارن جي قسمتن جو تعين ڪندي ولفريڊ (اوان هو) جو هٺ ريبيڪا بجاءِ گهڻ دلچسپ رووينا کي ڏنو هو. پر اها ڳالهه به بيان ڪرڻ ضروري آهي ته انهي دور جي تعصبن سبب اهڙو ميلاپ ناممڪن هو ۽ ليکڪ هلندي هلندي اها راءِ ڏئي سگهي پيو ته سندس خيال ۾ نيڪي جو بدلو دنياوي خوشحالي ڏيڻ جي ڪوشش ۾ اهڙي تمام پاڪباز ۽ اعليٰ ڪردار کي مهانتا ڏيڻ بجاءِ وينتر انهيءَ جو رتبو گهٽائي ڇڏي ها.... “

بهرحال، اها ڳالهه جيئن به هجي ۽ خود اسڪاٽ به لڳي ٿو ته بحث جي اهڙي اعليٰ انداز مان ڪڍهن به مطمئن نه ٿئي ها ڇاڪاڻ ته هو پنهنجي آخري صفحي تي لکي ٿو ته: ”اهو سوال پڇڻ گهٽي تجسس جي زمري ۾ ايندو ته ڇا ريبيڪا جي سونهن ۽ عالي ظرفي جي ياد اوان هو جي ذهن ۾ انهي ڪان گهٽي ته نه پئي آئي جيتري جيڪر الفريڊ جي گوري رنگ واري پار کي قبول هجي ها“.

ॐ

# 37. سيموئيل پيپيز جي ڊائري

سيموئيل پيپيز 70 ورهين جي ڄمار ۾ 1703ع ۾ ڪليپهام ۾ پنهنجي ٻڳوناٽي گهر ۾ فوت ٿيو. هو اتي ڪيترن ورهين کان رٽائرڊ زندگي گذاري رهيو هو. کيس تاج برطانيه جي هڪ معزز ۽ وڏي عهدي واري عملدار طور ياد ڪيو وڃي ٿو. هو اها دعوي ڪري سگهيو ٿي ته هو برطانوي نيوي ۾ نوڪري ڪندڙ بهترين منتظمن مان هڪ هو. انهي سان گڏوگڏ هو موسيقي جو سرپرست، سن 1684ع ۾ رائل سوسائٽي جو صدر ۽ جان ايولين ۽ ڊرائيڊن جو دوست هو.

سندس پيءُ هڪ اهڙي قديم ننڍي آبادگار ڪٽنب ۾ ڄائو هو جيڪو ترقي ڪندو ڪندو معزز ماڻهن جي ٻڳپ ۾ آيو هو. هو پنهنجي پيءُ جو ننڍو پٽ هو جنهن کي زوريءَ ڪاروبار ۾ آندو ويو هو. هو لنڊن ۾ درزڪو ڪم ڪندو هو. سيموئيل پيپيز نوڪري جي لحاظ کان خوش قسمت ٿيو جو هو هنٽنگڊن جي مانٽيگ ڪٽنب جو مائٽ هو. اوليور ڪراموبل جو دوست ايڊورڊ مانٽيگ گهرو لڙاين کان پوءِ ڪامن ويلٿ فليٽ جوائڊ مرل ٿيو ۽ سيموئيل پيپيز جيئن ئي ڪئمبرج يونيورسٽي مان تعليم پرائي موٽيو ته ايڊورڊ مانٽيگ کيس پنهنجو پرائيويٽ سيڪريٽري ۽ گهريلو ڪمن جو مئنيجر مقرر ڪيو. هو يونيورسٽي ۾ به وظيفن تي پڙهيو هو. هن کيس ايڪسچيڪر جي ڪلارڪي به ونرائي ڏني. اها انهي دور جي سول سروس جي هڪ ننڍڙي نوڪري هئي.

ڪراموبل جي وفات کان پوءِ مانٽيگ جلدئي بادشاهت جي واپسيءَ لاءِ ڪم ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو. هو مئي 1660ع ۾ چارلس ٻئين کي انگلينڊ واپس آڻڻ ٻاڻ هالينڊ ويو ۽ پاڻ سان گڏ پنهنجو نوجوان سيڪريٽري به وٺي ويو. بادشاه انهي تي ڏاڍو احسان مند ٿيو ۽ مانٽيگ کي جلدئي پوءِ نائيٽ آف دي گارٽر (انگلستان جي نوابن جو سڀ کان اوچو درجو. سنڌيڪار) ۽ پوءِ ارل آف سئنڊوچ ڪيائين. سندس نوجوان مائٽ کي ڪلارڪ آف دي ائڪٽس جو عهدو مليو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حقيقت ۾ اهو بورڊ آف ائڊمرلٽي جو هڪ منصب هو ۽ انهي سان سندس طاقت ۽ اختيار ۾ اوچتو تمام گهڻي واڌ اچي وئي هئي ڇاڪاڻ تہ اهو سول سروس جي نئين نظام ۾ انڊر سيڪريٽري جي برابر هو. انهي سان پيپيز جي دولت ۾ بہ واڌارو اچي ويو هو ڇاڪاڻ تہ هن پنهنجي دور جي ٻين آفيسرن وانگر پنهنجو عهدو ڪتب آڻيندي ننڍين وڏن ماڻهن کي رعايتون ڏيندي پنهنجي لاءِ پئسو ٺڳي ڪمايو. هن انهيءَ دور ۾ جائز سمجهيا ويندڙ ذريعن سان ڪافي دولت گڏ ڪئي. هن جيڪڏهن پنهنجي عهدي مان پئسو ٺڳي ڪمايو تہ سٺي نموني ڪم بہ ڪيو ٿي ۽ جلدئي چارلس ٻئين جي هڪ تمام لائق عملدار طور سڃاتو وڃڻ لڳو. پيپيز کي اڳ ۾ ڊيوڪ آف يارڪ ۽ پوءِ جيمز ٻئين جي سرپرستي ملندي رهي هن کي جيئن تہ نيوي ڏانهن تمام گهڻو لاڙو هو تنهن ڪري هن سرڪاري ٻيڙين کي رسد پهچائڻ جو بهتر نظام متعارف ڪرايو ۽ نيويءَ جي سيڪڙاٽن بجاءِ تجربيڪار آفيسرن جي حمايت ۾ وڏي جاکوڙ ڪئي.

سن 1667ع ۾ شرمناڪ واقعي کان پوءِ جڏهن ساموئيلي جهازن جي وڏي حصي کي هالينڊ جي جهازن باهہ ڏئي ڇڏي تہ نيوي لاءِ وڌيڪ باقاعدي (regular) فنڊ حاصل ڪيا ويا جن جي مدد سان ڊيوڪ ۽ پيپيز وڌيڪ موثر نموني ڪم ڪري پئي سگهيا. پيپيز عملي طور جيمز جي ماتحتي ۾ نيوي جو وزير هو پر 1688ع جي شاندار انقلاب سان پيپيز جي سرڪاري نوڪري ختم ٿي وئي. انهي انقلاب ۾ جيمز ٻئين کي فرانس فرار ٿيڻ تي مجبور ٿيڻو پيو ۽ وليم ۽ ميري تخت نشين ٿيا.

پيپيز هڪ پيوريٽن پيءُ جو پٽ هو جنهن اسڪول جي دور ۾ چارلس ٻئين کي قتل جي سزا ايندي ڏٺو هو. هن تي اڳتي هلي پاپائيت جي حمايت جو الزام بہ لڳو ۽ 1690ع ۾ جيڪوبي سازش جي الزام هيٺ مختصر عرصي لاءِ قيد بہ ڪيو ويو هو. پر اهڙا معمولي لوڏا انهي دور جي سرڪاري عهدا رکندڙ ماڻهن لاءِ عام ڳالهہ هئا ۽ سيموئيل پيپيز جو سرڪاري نوڪري جو سفر مجموعي طور تمام ڪامياب رهيو. انهي مان اهو بہ ثابت ٿيو ٿي تہ اسٽورٽ دور ۾ هٿين خالي پر غير معمولي صلاحيتون رکندڙ ماڻهو ٿوري گهڻي پاڳ جي ٽيڪ سان اعليٰ منصب تي پهچي سگهيو ٿي.

پر سيموئيل پيپيز اسان لاءِ ڪا گهڻي احترام لائق شخصيت نہ آهي. هن جو شمار لافاني ماڻهن ۾ ٿئي ٿو پر انهي جو سبب اهو ڪڏهن بہ نہ آهي جيڪو سندس هم عصرن سوچيو هوندو. هن پنهنجي وفات کان پوءِ پنهنجن تمام قيمتي

ڪتابن تي ٻڌل ڪتب خانو پنهنجي ڪئمبرج واري پراڻي ڪاليج کي ڏيڻ جي وصيت ڪئي ۽ انهن ۾ چمڙي جي جلد سان ڇهه مخطوطا پڻ هئا. اها 1659ع کان 1669ع جي دوران لکيل ڊائري هئي. جيئن ته جان ايولين جي ڊائري ڪجهه وقت اڳ ڇپجي چڪي هئي ۽ نقادن انهيءَ جو آڌرڀاءُ ڪيو هو تنهن ڪري ميگڊالين جي سربراهه 1818ع ۾ انهي ڊائري جي به ڇپجڻ جو فيصلو ڪيو.

پيپيز جي ڊائري تمام سنهن اکرن ۾ لکيل هئي پر اها عام رواجي انگريزي بجاءِ 1641ع ۾ ايجاد ٿيل شارٽ هئنڊ جي هڪ نسبتاً سادي نظام ۾ لکيل هئي. اهو نظام جيئن ته تمام سادو هو ۽ پيپيز نه پئي چاهيو ته سندس آسپاس موجود ڪو به ماڻهو اها ڊائري پڙهي سگهي تنهن ڪري هن اهڙا ڪجهه خاص ٽڪرا جن کي هن خاص طور ڍڪيو رکڻ ٿي چاهيو انهن ۾ لاطيني، فرانسي ۽ پورچوگالي جا به ڪيترائي لفظ شامل ڪيا. ڊائري جو مطلب سمجهڻ ۾ ڪجهه وقت لڳي ويو. ڊائري جو تمام مختصر ڇاپو 1825ع ۾ شايع ٿيو. پر انهي کان اڳ جن ماڻهن انهي جو مڪمل متن ڏٺو هو انهن جي خيال ۾ انهي ۾ سرڪاري ڪاروهنوار کان وڌيڪ ٻيون به ڪافي دلچسپ ڳالهيون موجود هيون. ڊائري مان هڪ انسان تمام مڪمل نموني ظاهر ٿئي ٿو جيڪو پاڻ بابت ۽ پنهنجي ڪارگذارين جو بيان تمام جاندار ۽ تمام طويل نثر ۾ ڏئي ٿو. اها ايتري ته ڪليل نموني ۾ لکيل آهي جنهن جو مثال ٻي ڪنهن به آتم ڪهاڻي ۾ نه ٿو ملي. وڪٽوريائي دور ۾ اها ڳالهه سمجهه ۾ اچڻ جهڙي هئي ته ٻهريون ايڊيٽر انهي ڳالهه جو اعتراف ڪري ڇڏيندو ته هن تمام کليل انداز ۾ لکيل ڳالهيون حذف ڪري ڇڏيون آهن. ڊائري جو نون جلدن تي ۽ معقول حد تائين مڪمل ڇاپو صدي جي آخر ۾ هلي شايع ٿيو.

هاڻي پيپيز جي ڊائري کي ڪنهن به لحاظ کان ڪو اعترافي بيان نه ٿو سمجهيو وڃي نه ئي هي ڪو اهڙو ڪتاب آهي جنهن ۾ ليکڪ جاڻي واڻي پنهنجين اهڙين ڪمزورين تي زور ڏئي ٿو جن کي هو ڪولي بيان ڪرڻ چاهي ٿو يا جن بابت هو ڪا معذرت ڪرڻ گهري ٿو. انهيءَ جي ابتڙ هي 1659ع کان 1669ع تائين ڏهن ورهين جي روزاني زندگي جو هڪ ايمانداريءَ سان ڏنل بيان آهي. جنهن ۾ هن اٿيمرلتي ۾ پنهنجين ڪاميابين، نيوي جي بگڙيل حالتن ۾ نظم ضبط پيدا ڪرڻ ۽ هن جن سياسي ۽ سماجي سازشن ۾ حصو ورتو انهن جو بيان ڏنو آهي. انهي سان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گڏوگڏ هن اهو بہ بيان ڪيو آهي تہ ڪيئن نہ سندس وڏنڊڙ خوشحالي مان کيس خوشي ملي ٿي، هو پاڻ يا پنهنجي زال لاءِ جيڪي سٺا سٺا ڪپڙا وٺي ٿو پنهنجن دوستن کي جيڪي سٺا سٺا کاڌا کارائي ٿو ۽ جيڪي ڪارآمد واقفيتون پيدا ڪري ٿو انهن مان پڻ کيس خوشي ملي ٿي. اسين هن ڪتاب ۾ هڪ اهڙي غيرمعمولي سگهاري ماڻهو سان ملون ٿا جيڪو پنهنجي دور ۾ زندگي گذاريندي ڏاڍو خوش آهي. هو انهي لحاظ کان بہ غيرمعمولي آهي جو هو جيتوڻيڪ اڳتي وڌڻ جي خواهش رکي ٿو ۽ مختلف مزاجي ڪيفيتن مان بہ گذري ٿو پر تہ بہ هر وقت خوش رهي ٿو. پيپيز جسماني طور جيتوڻيڪ سگهو ماڻهو نہ هو تہ بہ سن 1665ع جي خوفناڪ اونهاري جي مند ۾ جڏهن لنڊن تي طاعون حملو ڪيو هو تڏهن بہ پنهنجي عهدي تي ڪم ڪندو رهيو. هو جيئن تہ شاهي دربار ۽ شاهي عملدارن سان لاڳيتو رابطي ۾ هو تنهن ڪري طاعون جي تباهہ ڪارين کان چڱي ريت واقف هو جنهن فقط آگسٽ جي هڪ هفتي ۾ ست هزار ماڻهو ماري ڇڏيا هئا. هن انهن ڏينهن ۾ هڪ گهوڙي گاڏي ڀاڙي تي ڪرائي تہ ڊرائيور اوچتو انهي مرض ۾ ورتجي ويو. هو هڪ دفعو رات جو وچي رهيو هو تہ هڪ لاش تان ٿابڙجي ڪريو ۽ عهد ڪري ڇڏيائين تہ وري ڪڏهن اونداهي ۾ ٻاهر نہ نڪرندو. "يا خدا". هو لکي ٿو "هر ماڻهو ڪيئن ٿو نظر اچي گلين بازارن ۾ فقط موت جون ڳالهيون آهن ٻي ڪا بہ ڳالهہ نہ آهي ايڪڙ ٻيڪڙ ڪي ماڻهو ايندي ويندي نظر اچن ٿا ۽ شهر ڪنهن وڏي تڪليف ۾ ورتل ٿو نظر اچي". طاعون جي دور ۾ توڙي ايندڙ سال 1666ع ۾ لنڊن جي وڏي باهہ دوران بہ ساموندي ٻيڙي جا معاملا سندس ذهن تي حاوي رهن ٿا. اهو تمام وڏو واقعو پيپيز جي ذهن تي ڏاڍو اثر وجهي ٿو ۽ باهہ آهستي آهستي جڏهن سندس گهر جي ويجهو پهچي ٿي تہ هو پنهنجو سون ۽ ٻيو قيمتي سامان بيٿنل گرين ۾ پنهنجي هڪ دوست جي گهر موڪلي ٿو ڇڏي سندس بيان ڊرامائي تڙ ۽ ڪنهن اعليٰ ادبي ذوق واري قلم مان نڪتل ٿا لڳن.

باهہ جي پهرئين ڏينهن 2 سيپٽمبر تي هو لکي ٿو تہ سندس ڪجهہ نوڪرياڻيون جيڪي ٻئي ڏينهن جي ماني لاءِ ڪنهن شي جي تياري ۾ رات جو دير تائين ويٺيون هيون انهن کيس صبح جو ٽين وڳي سڏ ڪري ٻڌايو تہ انهن کي شهر ۾ تمام وڏي باهہ پئي نظر اچي. هو پهرئين ڏينهن صبح کان شام تائين باهہ ڏسڻ ۾ مصروف رهيو: هو بادشاهہ سان ملاقات ڪرڻ ويو ۽ اها تجويز ڏنائين تہ باهہ جي وڌندڙ

شعلن جي رستي ۾ اينڊز گهر ڍاهيا ويچن. هو لارڊ ميئر سان مليو ته هن چيو ته هو بلڪل بيوس آهي ۽ ڪجهه به نه ٿو ڪري سگهي. انهي مان اندازو ڪريو ته ڪيتري نه افراتفري هوندي هوندي هوءَ رات جو احوال لکي ٿو:

”اسين باهه جي جيترو ويجهو وڃي ٿي سگهياسين وياسين پر دونهون تمام گهڻو هو. اسان جا منهن باهه طرف هئا ۽ باهه جي ذرڙن جي مينهن ۾ اسان جا منهن جڻ ته سڙي رهيا هئا. اها ڳالهه بلڪل صحيح آهي. باهه جي انهن ذرڙن ۾ بادلن سان گهر سڙندا پئي ويا. اسان جي اکين آڏو ٽي يا چار نه پنج يا ڇهه گهر هڪ پٺيان پٺيان سڙي رک ٿي ويا. جڏهن اسين اتي وڌيڪ وقت نه بيهي سگهياسين ته ٿيمس درياءَ جي ڪناري تي هڪ ننڍڙي شراب خاني ۾ وياسين. اسين رات ٽيڻ تائين اتي رهياسين ۽ باهه کي وڌندي ڏسندا رهياسين. جيئن اونداهي وڌندي پئي وئي ته باهه جو دائرو وڌندو پئي نظر آيو. چا گهٽي، چا ڪنڌ، چا گهر، چا چرچ مطلب ته شهر جي ٽڪري تائين جيستائين اسان جي نظر پئي وئي هر طرف باهه هئي. انهي باهه جا شعلا به عام باهه وانگر نه پر تمام خوفناڪ پئي نظر آيا.

پيپيز جو موسيقي سان خفت، سندس ٿيٽر بابت خفت کان به مضبوط هو. اهو خفت کيس پنهنجي پيوريٽن پيءُ کان مليو هو. جنهن کيس وائلن وڄائڻ سيکاريو هو. اسان کي ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته پيپيز وڏا ڪم ڪار ۾ خود بادشاهه کي ڇڏي منجهند جو گهر اچي ٿو ۽ آفيس واپس اچڻ کان اڳ پنهنجي باغ ۾ دوستن سان گڏ مزاحيه گيت ڳائي ٿو ۽ وري رات جو عام طور عورتن سان گڏ واڪس هال جي باغن جي وڻن جي جهڳٽن ۾ گيت ڳائي ٿو. ڊائري پڙهڻ سان فقط انهي ڪري به تمام گهڻي خوشي ملي ٿي جو انهي سان ماڻهو ريسٽوريشن واري تمام رنگين ۽ خوش باش دنيا ۾ پهچي وڃي ٿو.

پر ڊائري جي تمام گهڻي ڪشش جو سبب انهي حوصله مند قابل ۽ حساس ماڻهو جو غير معمولي ڪليل انداز ۾ پنهنجي ذات جو اظهار آهي. هو ڪنهن نوجوان غريب عورت جي حالت مان فائدو وٺندي به نه ٿو ڪيٻائي ۽ سندس مڙس جي پگهار مان پنهنجي بقايا وٺڻ ۾ کيس ورغلائڻ پهچي وڃي ٿو. گهٽ ۾ گهٽ سندس ڊائري جي ڏهن ورهين جي عرصي دوران هو عورتن ڏانهن تمام مائل رهيو ۽ انهن مان ئي کيس سڪون ۽ آرام مليو ۽ هن لاءِ شڪار ۾ بين راندين رونديِن بجاءِ عورتون ئي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهميت واريون رهيون. فقط وڏي باهه ڪان پوءِ وارا ٻه ڏهاڙا اهڙا هئا جن ۾ هن هڪ ڏينهن ۾ ٻه معاشقا ڪيا. انهن ڏينهن ۾ ٻه مٿس ڪيتريون ئي اهم گهريلو ذميواريون هيون. ڪيس پنهنجو قيمتي سامان ٻه واپس پنهنجي گهر آڻڻو هو. انهي ڏينهن هن صبح جو بيٽي مارٽن نالي ڪنهن عورت سان پيچ لڙايا ۽ شام جو نيوي جي هڪ واڍي جي بيوه مسز بيگ ويل سان دل لڳي ڪئي.

هو پنهنجن معاشقن جو بيان لکندي ڪجهي ئي نه ٿو ۽ هو مختلف عورتن کي ورغلائڻ سان گڏوگڏ جنهن به قسم جي جيڪا به نوجوان عورت هٿ اچيس ٿي انهي کي مٿيون ڏيڻ ۽ مٿس هٿڙا ڦيرڻ کان به نه ٿو مڙي. هن جو عورتن لاءِ خفت تمام حد کان وڌيل آهي. سندس هڪ دلپسند تفريح عورتن کي ٽڪڻ ۽ گهورڻ آهي. هو هڪ ڊرامي ۾ مسز پالمر جي پنيان ويٺو جيڪا پوءِ ليڊي ڪيسل مئن ٿي ۽ چارلس ٻئين جي سريت هئي. هو انهي بابت لکي ٿو "هن تي پنهنجون اکيون ناريون. انهي سان آءٌ ڏاڍو خوش ٿيس". ڪيس گرجا گهر ۾ به عورتن کي ٽڪڻ جو ڏاڍو موقعو ملندو هو ۽ لنڊن ۾ فرينچ پروٽيسٽنٽ چرچ ۾ وڃڻ بابت هو لکي ٿو "آءٌ پادري جي ٽن ڌيئرن کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيس. اهي تمام سهڻيون هيون خاص طور انهن جا نڪ ڏاڍا سٺا هئا ۽ ڏاڍو سٺو ڳاياٿون ٿي". هو ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي گرجا گهر ۾ به "ڪيتريون ئي سهڻيون عورتون ڏسي پيو خوش ٿيندو هوس يا سمهي ننڊ ڪري وقت گذاريندو هوس ايستائين جو خطبو پورو ٿي ويندو هو".

اها عجيب ڳالهه آهي ته پيپيز انهن سمورين ڳالهين جي باوجود ٻاڻ کي پيوريٽن ڏيکاري ٿو. هو انهن عورتن کي حقارت جي نگاهه سان ڏسي ٿو جيڪي سندس آڏو سولائي سان پيوس ٿي وڃن ٿيون ۽ هو پنهنجي شڪار ٿيل عورتن ۾ به لڄ ۽ حيا کي اهميت ڏئي ٿو. هن اها ڳالهه بلڪل ڪليل نموني واضح ڪري ڇڏي ته جنسي معاملن ۾ آزاد هلت چلت سان جيڪڏهن عوام ۾ ڪي سرباٽ پيدا ٿين ته اهو معافي جي قابل نه آهي. هو پنهنجي سرپرست ارل آف سئنڊوچ جي هڪ مشهور رنڊي سان تعلق تي به آگر ڪٽي ٿو. هو اڪثر چارلس ٻئين جي اهڙن ڪمن تي افسوس جو اظهار ڪري ٿو جهڙا هوبهو هو پاڻ به ڪري ٿو. هو بعضي بعضي ڪنهن نئين ڊرامي تي تنقيد ڪري ٿو ته انهي ۾ ڏاڍي فحاشي آهي" ۽ ويندي پنهنجي ڊائري ۾ هڪ فرانسي ڪتاب پڙهڻ بابت عذر بهانا به پيو ٿو ناهي ته اهو تمام "اگهاڙو ۽ جذبن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي اياريندڙ آهي“. اهو انهي ڪري پڙهيو جو ”ڪنهن سنجيده ماڻهو لاءِ هڪ دفعو اهڙو ڪتاب پڙهي ونڻ ۾ ڪو عيب نه آهي چاڪاڻ ته انهي سان ڪيس دنيا جي بڇڙاين بابت خبر پوندي“. وري هو اهو به ٻڌائي ٿو ته هن اهو ڪتاب ساڙي ڇڏيو هو.

پيپيز ڪيمبرج ڇڏڻ کان جلدئي پوءِ ايلزبيٿ لي مرچنٽ سان شادي ڪئي جيڪا فرانس جي هڪ هيوگنات ڪٽنب مان هئي. اها محبت جي شادي هئي ۽ انهي ۾ دنياوي سوچ سمجھ جو ڪو به عمل دخل نه هو چاڪاڻ ته هو ٻئي هٿين خالي هئا. اها شروعات کان ئي محبت جي شادي هئي ۽ 16_ نومبر 1669ع تي سندس گهر واري جي وفات تائين اها شادي باهمي محبت ۽ پسنديدگي تي هلندي رهي. پيپيز جي گهرواري تمام سهڻي هئي ۽ هن کي ڪنهن به مرد واقفيت واري تي بلڪل بنا سبب به تمام گهڻو ساڙ تي سگهيو ٿي. هو ڪو به ڪم ڍنگ سان نه ڪري سگهندي هئي ۽ گهر جو انتظام به نه هلائي سگهندي هئي. انهي ڪري پيپيز هن سان اڪثر تڪرار ڪندو رهندو هو. هڪ دفعو ته ڏڪ هڻي سندس اک تي نشان به ڪري وڌو هئائين. هو ڪيس بلڪل ڪنهن ٻار وانگر هلائيندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته هن سان تمام نيچ هلت ڪندو هو ته ڪڏهن تمام فياضي سان هلندو هو. خاص طور سندس ڊائري جي آخري ورهين ۾ هو ڏاڍو فياض ٿي ويو هو چاڪاڻ ته سندس دولت به چڱي خاصي ٿي وئي هئي. هو لکي ٿو:

”اڄ شام منهنجي زال مون کي ڏاڍي خوشي سان پنهنجا سڀ زيور ڏيکاريا جن ۾ هڪ مُنڊي جو اضافو ٿيو هو..... انهي سميت سندس سيني زيورن جي ڪل قيمت سندس اندازي مطابق 150 پائونڊ هئي. انهي تي مون کي به خوشي آهي چاڪاڻ ته جيڪڏهن انهي ويچاري وٽ ڪجھ هوندو جنهن سان سندس دل خوش رهندي ته اها به چڱي ڳالھ آهي“.

”منهنجي گهرواري، ويچاري غريب“ جا لفظ سندس ڊائري ۾ ڏاڍا مشهور آهن. اهو هڪ پيچيدو فقرو آهي انهي مان اهو مطلب نڪري ٿو ته پيپيز کي پنهنجي زال سان بي وفائين ۽ ڪيس نظرانداز ڪرڻ بابت ڪجھ ڏوهه جو احساس هوندو هو پر مجموعي طور انهي مان اهو مطلب نڪري ٿو هو ايلزبيٿ کي ويچاري چورڻ بجاءِ چوي ٿو“. منهنجي ننڍڙي زال“. چاڪاڻ ته انهن ورهين دوران ڪير به محسوس ڪري سگهي ٿو ته ٻنهي جون جيتوڻيڪ دنيا ۾ اڳتي وڌڻ ۽ امير ٿيڻ بابت ساڳيون ئي دلچسپيون هيون پر اهي

پنهنجيون ڪجھ بهترين گھڙيون گڏ گذاريندا هئا. پيپيز بار بار پنهنجي ويچاري زال سان گڏ گذاريل شامن تي "ڏاڍي اطمينان" جو اظهار ڪري ٿو ۽ انهن ۾ اڪثر ٿيندڙ ڏکين ۽ ڪل خوشيءَ وارين ڪچهرين جو ذڪر ڪري ٿو. انهن جا شديد تڪرار به اڪثر جلدي ختم ٿي ويندا هئا. پيپيز پنهنجيون نوي سيڪڙو بي وفائيون لڪائي ويندو هو ۽ سندس زال اڪثر انهن مختلف اداڪارائن ۽ ڳائڻين کان پئي سڙندي هئي جن سان پيپيز جا لاڳاپا سطحي شهوانيت وارا هئا. پر هن ڪيس هڪ دفعو هڪ نوجوان نوڪرياڻي جا ڪپڙا لاهيندي ۽ هٿڙا ڦيريندي ڏسي ورتو هو. ڊائري ۾ سندس ذڪر ڊيب جي نالي سان اچي ٿو. انهي بابت پيپيز چئي ٿو ته انهيءَ جي گھر مان بيعزتي ڪري نوڪري ختم ڪرڻ کان پوءِ به اها ڪيس وڻندي هئي ۽ هو هن سان ملندو رهندو هو. پر انهيءَ ناڪاميءَ کان پوءِ پيپيز کي ڪيترا هفتا اهو ڊپ لڳو رهيو ته سندس زال ڪيس ڇڏي ويندي. سندس شادي ٽٽي ويندي ۽ هو دنيا جي کل ڀوڳ جو نشانو بڻبو.

پيپيز کي اها ڊائري لکڻ جو ڪم وٽندو هو ۽ هو 31- مئي 1669ع تي ڏاڍي ڏک سان اها ڳالهه لکي ٿو ته سندس نظر ايتري ته ڪمزور ٿي وئي آهي جو هو هاڻي وڌيڪ پنهنجو "جرنل" نه ٿو لکي سگھي.

"۽ هاڻي انهي بابت ڪو به شڪ شبهو نه ٿو رهي ته هاڻي آءُ ڪڏهن پنهنجين اکين سان پنهنجو جرنل نه لکي سگھندس. هاڻي آءُ پاڻ کي انهي رستي تي وٺي ٿو هلان جيڪو مون کي قبر تائين پهچائيندو. انهي ۽ منهنجي نابين هئڻ سان جيڪي ڏکيائيون اينديون خدا شال توکي انهن لاءِ تيار ڪري".

اڳتي هلي خبر پئي ته هو پنهنجين اکين بابت اجايو نااميديءَ جو شڪار ٿي ويو هو. پر بهرحال ڊائري پنهنجي پڄاڻي تي پهچي وئي. ماڻهن کي سدائين انهي ڳالهه تي حيرت پئي ٿي آهي ته ها آخر اهڙي انداز ۾ ڇو لکي وئي جنهن ۾ اهڙا واقعا ڇو شامل ڪيا ويا جن جي سبب سندس بابت خراب تاثر ذهن ۾ ويهي ٿو. حقيقت اها آهي ته هن جنهن انتهائي بي تڪلفي سان لکيو آهي انهي مان ماهرن کي اها پڪ آهي ته پيپيز سمجهيو ٿي ته هن کان سواءِ ٻيو ڪير به ڊائري نه ڏسي سگھندو. اهو ٿي سگھي ٿو ته هن جڏهن وفات ڪئي ۽ پنهنجو ڪتب خانو ۽ پنهنجيون مجلد ڊائريون ڪيمبرج کي ڏيڻ جي وصيت ڪئي ته ممڪن آهي ته هن اهڙيون هدايتون ڏنيون هجن ته اهي ڪڏهن به ڇپائي هيٺ نه اچن ۽ پوءِ ڪنهن طريقي سان اهي هدايتون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهن کان وسري ويون هجن يا ماڻهن انهن کي ڪٿي نظرانداز ڪري ڇڏيو هجي. پر انهي جو ڪو به هاڪاري ثبوت نه ٿو ملي ۽ اهو مفروضو به ممڪن تي سگهي ٿو ته پيپيز هڪ ڪليل دماغ وارو ماڻهو هو ۽ هو پاڻ اهو چاهيندو هجي ته اهي ڊائريون سندس وفات کان ڪجه معقول عرصو پوءِ منظر تي اچڻ گهرجن. ائين به ٿي سگهي ٿو ته هن ائين فرض ڪيو هجي ته ائين ڪرڻ سان سندس نالو سندس دور جي پڙهندڙن کان وڌيڪ روشن ٿيندو.

جيئن بوسويل جو Life of Johnson سوانح حيات جي لحاظ کان منفرد آهي تيئن اظهار ذات جي لحاظ کان پيپيز جو جرنل منفرد ۽ يگانو آهي. مانٽين پنهنجي Essays ۾ وڌيڪ محتاط ۽ فڪري انداز ۾ پاڻ کي ڏاڍي بي تڪلفي سان کولي بيان ڪيو آهي ۽ انساني فطرت ۾ دلچسپي رکندڙ ڪنهن به ماڻهو کي مانٽين ۽ پيپيز جي ڪتابن ۾ انسان جي حقيقي فطرت بابت ادب جي ٻئي ڪنهن به ڪتاب کان وڌيڪ مواد ملي سگهي ٿو. اسان کي پيپيز جي جرنل ۾ هڪ اهڙي ماڻهو جي ڏهن ورهين جي زندگي جو اهڙو ايمانداريءَ وارو رڪارڊ ملي ٿو جيڪو هڪ ٿي وقت غيرمعمولي به آهي ته هڪ دور جي نمائندگي ڪندڙ مخصوص ڪردار به آهي. هو هڪ اهڙو ماڻهو هو جنهن کي هر لحاظ کان سراسري ماڻهو چئي سگهجي ٿو. سندس پئسي جي محبت، سندس خوشي ۽ ڏندر وروڌ سان چاهه، سندس اڳتي وڌڻ جي خواهش، سندس ڪاميابي تي خوشي، هن پاران پنهنجي اصلاح بابت پاڻ سان هر وقت واعدا ڪرڻ ۽ وري انهن کي نه پاڙڻ، پاڻ کان ڪمزور تي چڙهت ڪرڻ ۽ پنهنجي ڪٽنب ۽ پنهنجن نوڪرن چاڪرن سان وفاداري: مطلب ته هو انهن سڀني ڳالهين ۾ هڪ سراسري انسان آهي. پر هو پنهنجين حيواني خواهشن جي طاقت، مستقل مزاجي ۽ ڪم جي صلاحيت، پنهنجي ذهني واڌويجهه ۽ موسيقي بابت پنهنجي حساسيت ۾ عام ماڻهو کان تمام گهڻو مٿي آهي. سڀ ڪجه چوڻ آکڻ کان پوءِ پيپيز پنهنجي ڊائري مان به فقط ڊپ جي هڪ اهڙي غيرمعمولي مظهر جي روپ ۾ ظاهر ٿئي ٿو جنهن پنهنجي بابت تقريباً سڀ سچ ٻڌائي ڇڏيو آهي ۽ هو بنيادي طور هڪ وٺندڙ ۽ پيارو ڪردار آهي. اسين سيموئيل پيپيز بابت چئي سگهون ٿا ته ياالله تنهنجو شڪر آهي

# 38. اسڪارليٽ ائنڊ بلئڪ

## ــ استينڌال (1842ع ـ 1783ع) ــ

”هو فقط ڪو اديب نہ پر هڪ قسم جي ذهني رويي جو نالو آهي. هن کي هڪ ليکڪ جي درجي تائين محدود نہ ٿو ڪري سگهجي“.

(پال وليري)

پيرس شهر جي اخبارن 1842ع ۾ استينڌال جي اوچتي موت کي ٽن سٽن تي انگن اکرن واري خبر ڏئي ٽاري ڇڏيو. هن کي هڪ ڏينهن شام جو گهٽي ۾ اوچتو مرگيءَ جو دورو پيو. کيس کڻي هڪ دڪان ۾ آندو ويو. اتان اتفاق سان سندس هڪ دوست پئي لنگهيو. اهو کيس گهر کڻائي ويو ۽ هو صبح جو سوير گذاري ويو. انهي جي جنازي ۾ فقط ٽن دوستن شرڪت ڪئي. انهي جي باوجود اهو ڪلاسڪ ليکڪ دنيا ۾ دل ۾ انهي جي جذبن جو بهترين ڇيد ڪندڙ هو. انسان جي تجربن جو اهو ميدان گهٽي وقت کان فرانسي ادب جي خاص سڃاڻپ رهيو هو.

استينڌال جي قلمي نالي سان مشهور (هن پنجاهہ جي لڳ ڀڳ قلمي نالا ڪم آندا ۽ اهو نالو هڪ ننڍڙي جرمن شهر جي نالي تان ورتل آهي) هينري بائيل (Bcylc) کي پنهنجي زندگي ۾ سندس همعصرن بلڪل نظرانداز ڪري ڇڏيو هو. پر کيس هاڻي ملندڙ شهرت انهي نظراندازي جو پورائو ڪري ٿي. هو سدائين چوندو هو تہ هن جون ڳالهيون 1880ع کان اڳ سمجهہ ۾ نہ اينديون. هو اهو سمجهندو هو تہ هو پنهنجي دور لاءِ نہ پر ويهين صدي ۽ ايندڙ نسلن جي روشن خيال ماڻهن لاءِ ٿو لکي. هو پنهنجي دور کي بي احساس جانبدار ۽ فڪري طور محدود سمجهندو. هو جڙ تہ نقصان ۽ خساري ۾ هو. سندس احساس، سندس فيصلا ۽ سندس ذهني رويا پنهنجي دور کان اڳتي هئا. هو رومانويت پسندن جي دور ۾ هڪ حقيقت پسند (Realist) هو. اڄ جي دور جا اڪثر نقاد انهي ڳالهہ تي متفق آهن تہ استينڌال پنهنجي سوچ ۽ مواد جي لحاظ کان حقيقي معنيٰ ۾ پهريون ”جديد“ ناول نگار هو ۽ گذريل هڪ سو ورهين

جي اڪثر عظيم ليکڪن کيس هڪ استاد مڃيو آهي ۽ چيو آهي تہ انهن سندس ڪم مان استفادو ڪيو آهي. استينڌال احساسن جي لحاظ کان اوڻيهين بجاءِ ارڙهين صدي جي وڏيڪ ويجهو هو. هو ڇاڪاڻ روسو جي لبرلزم واري دور ۾ هو پر سندس پرورش ۽ پالنا نيپولين جي فتحن جي شان شوڪت واري دور ۾ ٿي هئي. انهي سان گڏوگڏ هو آزاد سوچ ويچار ڪندڙ(Free thinker) پڻ هو.

هينري ميري بائيل، باسٽل تي حملي کان فقط ڇهہ ورهيہ اڳ، 1783ع ۾ گرينوبل ۾ ڄائو. سندس پيءُ هڪ ڪامياب وڪيل هو. هو ستن ورهين جو هو تہ سندس ماءُ فوت ٿي وئي ۽ ايندڙ ڪجهہ ورهين ۾ هن سان گهر ۾ اهڙو ورتاءُ ٿيو جو هن جي دل ۾ پنهنجي پيءُ لاءِ ايتري شديد نفرت پيدا ٿي وئي جيڪا سندس سموري ڄمار هن سان گڏ رهي. هينري سورهن ورهين جي ڄمار ۾ وزارت جنگ ۾ هڪ نوڪري تي لڳي ويو اها کيس هڪ سگهاري سوٽ ونرائي ڏني هئي ۽ هن اڳتي هلي نيپولين جي اڪثر مهمن ۾ (اٽلي، جرمني، روس ۽ آسٽريا ۾) حصو ورتو. هو سن 1800ع ۾ سترهن ورهين جو ٿيو تڏهن نيپولين پنهنجي طاقت جي عروج ڏانهن وڌي رهيو هو ۽ هر طرف شان و شوڪت ۽ فخر ۽ عظمت جون ڳالهيون هيون. وري 1814ع ۾ شهنشاهہ جي شڪست تي هينري ڪجهہ وقت لاءِ سرڪاري سرپرستي کان محروم رهيو. هن ايندڙ پندرهن ورهين بابت پاڻ چيو آهي تہ "سفر، وڏين ۽ شديد محبتن ۽ لکڻ ذريعي پاڻ کي آرام ڏيڻ" تي مشتمل رهيا. هو آرام ڪرڻ لاءِ اٽلي ويو هليو ۽ ڪتاب لکڻ شروع ڪيائين شروعات ۾ هن پينٽنگ جي تاريخ، سفر ۽ موسيقي جي موضوعن تي لکيو. پوءِ 1821ع ۾ On Love جي نالي سان اڌ نفسياتي اڌ فلسفياڻو ڪتاب آيو. اهو ڇپجڻ کان پوءِ هن انگلينڊ جو دورو ڪيو جيئن ربسائين شيڪسپيئر جي خوبين جي پيٽ بابت ڪتاب لکي سگهي.

جيتوڻيڪ هڪ يا ٻن ساٿي ليکڪن استينڌال جي تحرير جون خوبيون محسوس ڪري ورتيون پر اهي ڪتاب گهڻي ڀاڱي نظرانداز ٿي رهيا. سندس اڳلو ڪتاب Armance نالي هڪ ناول هو جنهن ۾ هن پنهنجي ڇيد جي بهترين قوتن کي شخصي محرڪن ۽ سماجي ڪردار جي ڇيد لاءِ ڪم آندو. اهو ڪم حقيقت ۾ سماج خلاف هڪ قسم جي ذاتي مهم هئي اها مهم خاص طور انهي گهٽ مراعات يافتہ فرد ٻاران هئي جنهن کي هر قسم جي بدعملين ۽ برائين خلاف جدوجهد تي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مجبور ڪيو ويجي ٿو. هو ڏسي ٿو ته پئسي ۽ طاقت سبب پيدا ٿيل انهن برائين سبب سندس ترقي جي راهه رڪجي ويجي ٿي. اسڪارليٽ اينڊ بليڪ نالي سندس هيو ناول 1830ع جي سرءُ جي مند ۾ ڇپيو. اهو استينڌال جي صلاحيتن واري غريب فرد ۽ هڪ اهڙي سماج ۾ ٽڪراءُ واري نظريي جو تمام سگهارو بيان آهي جنهن جي لڳي ٿو ته جوڙجڪ ئي خاص طور انهي انداز تي ٿيل اهي جيئن اعليٰ خاندان ۾ پيدا ٿيل ماڻهن کي مليل فائدن ۽ خوشين کان کيس محروم رکي سگهجي.

استينڌال 1830ع جي انقلاب کان پوءِ سرڪاري نوڪريءَ ۾ واپس موٽي آيو. هن وقت هو تمام ٿوري وقت لاءِ تريسٽي ۾ فرانس جو قونصل ٿيو. اتان پوءِ سندس مقرري Civita Vecchia ۾ ٿي. هو اتي 1814ع تائين ذميواريون نڀائيندو رهيو تان جو کيس اهڙو مرڳيءَ جو دورو پيو جو هو ڪم ڪار جي قابل نه رهيو ۽ حڪومت کي واپس گهرائڻ جي گذارش ڪيائين. انهي کان پوءِ به چند مهينن جي وقفي سان به دورا پيس. ٽيون دورو موتمار ثابت ٿيو ۽ هو 23_ مارچ 1842ع تي فوت ٿي ويو. مونٽمارٽر جي قبرستان ۾ سندس قبر تي هي لفظ لکيل آهن جيڪي هن پنهنجي لوح مزار لاءِ پاڻ لکيا هئا.

ميلان جو هينري بائيل

هن حياتي گذاري لکيائين ۽ محبت ڪيائين.

استينڌال سفارتي نوڪري جي پنهنجن آخري ورهين ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيا. انهن ۾ به وڏيڪ ناول (دي چارٽر هائوس آف پارما ۽ دي ابيس آف ڪاسترو) ڪيترائي افسانا ۽ Memoirs of a Tourist نالي ڪتاب شامل آهن. هن ڪيترائي مسودا به ڇڏيا جيڪي گهٽو ڪري آتم ڪهاڻيون آهن. انهن مان ڪجهه سندس وفات کان ڪيترائي ورهيه پوءِ ايڊٽ ڪري ڇپرايا ويا جن مان به هي آهن: The Life of Henri Brulard ۽ The Memoirs of an Egotist (اهو نالو هينري بائل کي لڪائڻ جي مٿاڇري ڪوشش آهي).

اسڪارليٽ اينڊ بليڪ استينڌال جو شاهڪار آهي ۽ سندس صلاحيت جو مڪمل اظهار آهي. اهو ناول انهيءَ دور جي هڪ شاندار تصوير هئڻ سان گڏوگڏ هڪ اهڙي باصلاحيت ۽ حوصلي مند نوجوان جي احساسن جو ڏاڍو پُر اثر اپياس آهي جيڪو گهٽ درجي واري خاندان ۾ پيدا ٿيو آهي ۽ زندگي جي هر موڙ تي سندس

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دور جي سماج جي اندروني ناانصافين ذريعي سندس رستي روڪ ڪئي وجي ٿي. اسٽينڊال کي انهيءَ ناول جو پلاٽ پوليس رپورٽن جي هڪ واقعي مان مليو هو.

جولين ساريل (Julien Sorel) پيسانڪون ويجهو هڪ ننڍڙي شهر Verrieres ۾ هڪ واڍي جو پٽ آهي. هو لاطيني زبان ۾ پنهنجي تمام وڏي حافظي جي قوت سبب هڪ مقامي عيسائي راهب جي اکين ۾ اچي وڃي ٿو. هو راهب جي اثر رسوخ سبب ميئر جي ٻارن جو اتاليق مقرر ٿئي ٿو. هن جا حوصلا جيتوڻيڪ تمام بلند آهن پر هن وٽ اڳتي وڌڻ جا ڪي به گُر نه آهن. هو جيتوڻيڪ حساب ڪتاب رکي ٿو پر هٺ جو ڏاڍو ڪليل آهي. سندس احساس جيتوڻيڪ ڏاڍا سچا آهن پر انهن جي اظهار ۾ ڏاڍو محتاط آهي ڇاڪاڻ ته ڪيس سدائين انهيءَ ڳالهه جو اونو آهي ته هن جو ٻين تي ڪهڙو اثر پوندو. هن کي اها ڳالهه ڏسڻ ۾ اچي ٿي ته فقط جمڻ جي اتفاق سبب ئي دنيا ۾ سڀ دروازا کلن يا بند ٿين ٿا ۽ ڪيس اها ڳالهه به سمجهه ۾ اچي ٿي ته ڪنهن چالاڪ ماڻهو وٽ جيڪڏهن ٿوري منافقت به آهي ته هو گهڻو اڳتي وڌي سگهي ٿو. زندگي ۾ گهٽ حيثيت جو ڏک سندس دل ۾ ڏاڍو گهرو ويهي وڃي ٿو ۽ اسٽينڊال اسان کي جولين ٻاران ميئر جي شاهوڪار عملي ۾ پهريون دفعو داخل ٿيڻ بابت هي رايو ڏئي ٿو:

”..... هو جن معززن جي صحبت ۾ اچي شامل ٿيو هو انهن لاءِ سندس دل ۾ نفرت ۽ ڪراهت کان سواءِ ڪجهه به نه هو. هو ڪاڌي جي ميز تي به بلڪل آخري ڇيڙي وٽ وڃي ويٺو. انهي مان به سندس نفرت جو اندازو ٿي سگهي ٿو.“

بهرحال ميئر جي سهڻي ۽ نيڪوڪار زال مادام ڊي رينال جنهن کي پنهنجو بيوقوف ۽ ننڊ نانگر وارو مڙس نظرانداز پيو ڪندو هو انهي کي جلدئي هن حساس ۽ ذهين نوجوان جي صحبت مان عجيب لطف اچڻ لڳو جيڪو هاڻي اچي سندن گهراڻي ۾ شامل ٿيو هو. جڏهن مادام جو مڙس جولين سان چڱي خاصي نفرت وارو برتاءُ ڪري ٿو ته هو انهي کي به هڪ اعزاز سمجهي ٿو ۽ مادام ڊي رينال ڏانهن پيش قدمي ڪرڻ جو فيصلو ڪري ٿو. هن کي احساس ٿئي ٿو ته بدلو وٺڻ سندس حق آهي ۽ هوءَ به سندس اخلاقي وسوسن باوجود جلدئي سندس ساهيڙي بڻجي پوي ٿي.

انهن جي لاڳاپن ۾ ڪجهه طوفانن ۽ تڪرارن کان پوءِ جولين مادام ڊي رينال سان سنجيدگي سان محبت ڪرڻ لڳي ٿو. هوءَ حقيقت ۾ سندس آدرشي عورت آهي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ اهو تعلق بلڪل اهڙو آهي جهڙي سندس فطرت ۾ مزاج ڪي ضرورت آهي. هو ڏاڍي سرور سان پاڻ سان ڳالهائي ٿو "هو اعليٰ خاندان جي آهي ۽ آءٌ هڪ ڪاريگر جو پٽ آهيان پر انهي جي باوجود به هوءَ مون سان محبت ڪري ٿي". مادام ڊي ربنال ڪڏهن ڪڏهن ڪجه بي احتياطي ڪري ٿي. پوءِ ميئر ڏانهن هڪ گمنام خط اچي ٿو جنهن ۾ انهي تعلق جي ننڍا ڪندي لکيو ويو آهي ته اها ڳالهه هاڻي سموري ضلعي ۾ ماڻهن جي وات تي اچي وئي آهي. مادام ڊي ربنال جيتوٽيڪ پنهنجي مڙس جو ساڻ ختم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ٿي پر جولين کي پادرين جي هڪ تربيت گاهه ڏانهن اماڻيو وڃي ٿو. هن دفعي به اهو ڪم ساڳئي راهب جي مهرباني سان ٿئي ٿو. جولين پاران تربيت گاهه ۾ رهڻ بابت ناول جو هيءُ حصو ڏاڍي طنز ڀريل انداز ۾ لکيل آهي. چالاڪڻ ته هتي پادرين سان گڏ رهندي (جتي هو ڪو به احتياط نه ڪندي آزادي سان رهن ٿا) ڪيس خبر پوي ٿي ته ڪجه چالاڪي ۽ فريب تمام ضروري به آهي ته ڪارگر به ٿئي ٿو.

جولين کي جيتوٽيڪ خبر آهي ته سڀ سماجي قدر سندس ۽ سندس طبقي جي خلاف آهن ته به هو اعزاز ماڻڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ آتو لڳو پيو آهي. هن کي محسوس ٿئي ٿو ته ڪنهن عام ماڻهو لاءِ طاقت حاصل ڪرڻ جو فقط هڪ ئي رستو آهي ۽ اهو آهي چرچ ۽ پوءِ هو انهي کي پنهنجي مقصد لاءِ ڪم آڻڻ جو فيصلو ڪري ٿو. هو پاڪبازي جي چوغي هيٺان جلدئي تربيت گاهه جي ڊائريڪٽر جو اعتماد حاصل ڪري وٺي ٿو ۽ جڏهن انهي نيڪوڪار ماڻهو کي ترقي ڏئي پيرس موڪليو وڃي ٿو ته جولين کي رياست جي هڪ سڀ کان وڏيڪ طاقتور ماڻهو مارڪئيس ڊي لا مول جي سيڪريٽري جي عهدي جي آڇ ڪئي وڃي ٿي. هتي هو جلدئي پاڻ کي ڪامياب سفارتي ملازم ڪري ڏيکاري ٿو.

جولين هاڻي ڪجه تجربو ۽ سماجي ناهه نوهه حاصل ڪري ورتي آهي. پيرس ۾ ڪجه وقت گذارڻ کان پوءِ ڪيس خبر پوي ٿي ته مارڪئيس جي ڌي متلدي (جنهن کي پنهنجي طبقي ۽ انهي جي قدرن تي ڏاڍو ناز آهي) کي هن سان شديد محبت ٿي وئي آهي. ڪهاڻي جي هن موڙ کي اسٽينڌال پنهنجي مخصوص طنز واري انداز ۾ بيان ڪيو آهي: ڪا به ڳالهه اهڙي سادي يا اهڙي پيچيدي نه آهي جهڙي نظر اچي ٿي. هو اسان کي محرڪن جي گهڻ پاسائپ ۽ ڪردارن ۾ بار بار ٿيندڙ ٽڪراءُ ڏيکاري ٿو. هو اهو به ڏيکاري ٿو ته اسان پاران هڪ ئي وقت سڌو سنواٽو ۽ پيچيدو هئڻ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

به هڪ فطري ڳالهه آهي. جولين شروع ۾ ميٽلڊي ڏانهن نه ٿو ڇڪجي ۽ هوءَ جڏهن هن ڏانهن پيش قدمي ڪري ٿي ته هو محسوس ڪري ٿو ته اهو سندس اعليٰ خاندان جي رقيبن طرفان وڇايل ڄار آهي جيڪي کيس بلڪل بيوقوف بنائڻ گهرن ٿا. تنهن ڪري هو هن کان پاسو ڪري ٿو. متلڊي ڏجي وڃي ٿي ته هن غلطي ڪري وڌي آهي ۽ هڪ ڪانئر جي چونڊ ڪئي آهي تنهن ڪري هوءَ جولين کي چوي ٿي ته هو چنڊ جي چٽي روشني ۾ سندس ڪمري ۾ اچي ته ڏيکاري. جولين هاڻي پنهنجي عزت کي داءَ تي لڳل محسوس ڪري ٿو ۽ اها ڳالهه قبول ڪري ٿو... پر هو هٿياربند ٿي وڃي ٿو. هو سمجهي ٿو ته هن تي حملو ٿيندو پر سندس ڊپ اجايا آهن. هو پنهنجي همٿ ۽ دليري جو ثبوت ڏئي متلڊي جي احساسن کي سچو ثابت ڪري ٿو ۽ هوءَ سندس ساهيڙي بڻجي ٿي. مارڪئيس کي سندس ڌي ٻڌائي ٿي ته هوءَ پيٽ سان آهي ۽ ڪهڙي به حالت ۾ جولين سان شادي ڪرڻ گهري ٿي. انهي تي هو ڪلي بدنامي کان بچڻ لاءِ نه چاهيندي به انهي هوشيار پر عام رواجي خاندان واري ماڻهو کي پنهنجي ڪٽنب جو حصو ڪرڻ جي حامي ڀري ٿو.

هاڻي مارڪئيس جيتوڻيڪ انهي شادي کان نفرت ڪري ٿو پر انهي کان بچي به نه ٿو سگهي ۽ اڃا انهي جو عام اعلان به نه ڪيو اٿائين جو کيس مادام ڊي رينال جو هڪ خط ملي ٿو. هوءَ جولين تي الزام هڻي ٿو ته هو هڪ مهم جو آهي ۽ هن کي پنهنجي دام ۾ ڦاسايو هئائين. جولين ته اڃا پنهنجي زندگي جي خواب کي حقيقت ۾ بدلجڻ تي خوشيون ملهائي رهيو هو- هن کي لقب ڏنو ويو آهي. ملڪيت ۾ حصو مليو اٿس ۽ گهوڙي سوار دستي ۾ آفيسري ملي اٿس- جو کيس انهي خط بابت خبر پوي ٿي. هو سمجهي ٿو ته سندس غيرت جي گُهر اها آهي ته هو پاڻ سان دغا ڪندڙ کي تباهه ڪري ڇڏي. هو بنا دير وبريئريز روانو ٿي وڃي ٿو ۽ اهو پڪو پهه ڪيو اٿائين ته مادام ڊي رينال کي گولي هڻي ماري ڇڏيندو. پر هن جنهن عورت سان ڪنهن وقت اپترو پيار ڪيو هو جڏهن انهيءَ جو منهن سندس اکين آڏو اچي وڃي ٿو ته کيس احساس ٿئي ٿو ته هو ڪڏهن به پنهنجي رٿا تي عمل نه ڪري سگهندو. مادام ڊي رينال گرجا گهر ۾ بينچ تي ويٺي ڏاڍي دل سان دعا گهري رهي آهي. هو ان جي فقط چند فوٽ پنيان بيٺو آهي. هو جيڪو ڪجهه ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو اهو سوچي سندس هٿ ڏڪي وڃي ٿو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ گهڙيءَ گرجا گهر جي نوجوان ڪلارڪ گهنٽي وڄائي. مادام ڊي رينال پنهنجو ڪنڌ جهڪايو جيڪو هڪ لمحي لاءِ سنڊس شال جي وڪڙن ۾ لِڪي ويو. جولين ڪيس چٽي طرح نه ڏسي سگهيو. هن انهي تي هڪ پستول مان فائر ڪيو پر گُسي ويو. هن ٻيو فائر ڪيو. هوءَ هيٺ ڪري پئي.

پوءِ خبر پئي ته مادام ڊي رينال فقط زخمي ٿي هئي. هوءَ ڪجهه ڏينهن ۾ ٺيڪ ٿي وئي. پر جولين گرفتار ٿيو ۽ مٿس ڪيس هليو. مادام ڊي رينال هاڻي خط لکڻ واري عمل تي پڇتائي ٿي ۽ جولين کي بچائڻ جي ازحد ڪوشش ڪري ٿي. هو انهي سان اڃا به پيار ڪري ٿي. مارڪئيس جي ڌيءَ به ڪيس پئسن عيوض معافي وٺرائي ڏيڻ جي ڪم ۾ لڳي وڃي ٿي. هن سماج جي جنهن اثر رسوخ ۽ رعايتن کان سدائين اينتري نفرت ڪئي هئي اهي انهي قاتل کي آزاد ڪرائڻ لاءِ جج ۽ جيوري تي ڪتب آندا وڃن ٿا. پر هن دفعي رعايتون اهڙي طرح ڪم نه ٿيون ڪن جيئن ڪم ڪرڻ گهرجين. جولين کي سزا ٻڌائي وڃي ٿي ۽ هو سِريءَ لاهڻي تي مري وڃي ٿو.

محبت جو اهو عجيب داستان جينٽوٽيڪ بنيادي طور محبت جي محرڪن جو اڀياس آهي پر انهي جو بنياد طبقاتي احساس آهي. اسٽينڌال کان جڏهن هڪ دفعو پڇيو ويو هو ته هو ڇا آهي ته هن جواب ڏنو هو: انساني دل جو مشاهدو ڪندڙ. ڪتاب جي متن ۾ ٻيل طور سياسي بي چيني جو احوال به موجود آهي. جولين فطري طور جذباتي ۽ ايماندار آهي پر سماج ۽ چرچ ۾ موجود ڪرپشن ڪيس منافقت تي مجبور ڪري ٿي. سنڊس دل سان ڪيل محبتن کي به ڪوڙو سمجهيو وڃي ٿو.

اسٽينڌال لڙاين ۽ سفارتڪاري جي ميدان ۾ جيڪي طوفاني ورهيه گذاريا انهن دوران به هن ڪيترائي ناخوشگوار معاشقا ڪيا. سنڊس دوست پراسپر ميريمي (ڪارمين جي لکيڪ) هن بابت چيو هو: "مون هن کي ڪڏهن به اهڙي حالت ۾ نه ڏنو آهي جو هن جو ڪنهن سان محبت جو سلسلو نه هلندو هجي يا هو ياڻ کي انهي حالت ۾ محسوس نه ڪندو هجي". هن کي انهي اعليٰ طبقي جي ناول ۾ سياسي توڙي نفسياتي ميدانن ۾ مشاهدي جي جيڪا بيهي وينڌڙ طاقت ڏسڻ ۾ اچي ٿي انهي جو سبب به شايد هن ياران محبت ۾ ناڪامي آهي. اسٽينڌال هڪ دفعو لکيو هو ته: "ڪنهن ليکڪ کي پنهنجن خيالن ۾ رومانوي پر اسلوب جي لحاظ کان ڪلاسيڪي هئڻ گهرجي". ۽ هن اسان لاءِ جولين ساريل تخليق ڪيو جيڪو رومانس جي ڪنهن به هيرو وانگر هوشيار، حوصلي مند، باهمت ۽ سماج ۾ ڪامياب

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي پر هن کي اهڙي تہ چنائي ۽ اهڙي تہ خشڪ ۽ تجزياتي درستگي سان پيش ڪيو ويو آهي جو فقط هڪ جذباتي بدلي جي واقعي جي احوال کي طنزيہ داستان گوئي جي هڪ ڪلاسيڪي شاهڪار ۾ تبديل ڪيو ويو آهي.

اسٽينڌال پاران پنهنجي ڪهاڻي جي مواد کي مهارت سان ڪم آڻڻ سان گڏوگڏ سندس اسلوب جي عظمت کان بہ انڪار نہ ٿو ڪري سگهجي. هو اسان کي من موهيندڙ انداز ۾ هر صفحي تي نظر اچي ٿو. هو عام محاوري واري ٻولي ۾ لکندڙ بلڪل نج اسلوب جو ڀرپور وڏو ليکڪ هو. "مون کي هن وقت فيشن ۾ رهندڙ اسلوب ڪڏهن بہ پسند نہ آهي. آءُ انهي کي برداشت ئي نہ ٿو ڪري سگهان". هن رومانويت پسندن بابت لکيو هو: "مون کي فقط هڪ ئي قاعدو نظر اچي ٿو اهو آهي "لکائي ۾ چٽا رهو" جيڪڏهن آءُ چٽو نہ آهيان تہ منهنجي سموري دنيا اچي پٽ پوندي..." اسٽينڌال ڪجه اهڙن ٿورن ليکڪن مان هڪ آهي جيڪي هڪ بہ لفظ اجايو ڪتب نہ آڻيندا آهن. هن کي پڙهندي ڪيترن ئي پڙهندڙن کي مايوسي ٿيندي آهي ڇو جو هو هڪ بہ سٽ کي گُسائي نہ سگهندا آهن. هر شي اينتري تہ حقيقي لڳندي آهي جو ماڻهو ڪتاب پڙهندو نہ آهي پر ڪتاب ۾ زنده رهندو آهي.

سچائي جي اها خصوصيت سندس دور ۾ نئين هئي. اسٽينڌال جي ڪم بابت ڪنهن اهميت وارو ڀرپور تبصرو 1840ع ۾ لکيو ويو ۽ انهي سان اسٽينڌال کي دير سان ملندڙ مڃتا جو بہ هڪ ننڍڙو حصو سندس زندگي جي پڇاڙي کان ڪجه وقت اڳ مليو. اهو بالزڪ لکيو هو. هن تازي ڇپيل Charter house of parma بابت لکيو هو.

"اهڙي ڪتاب جو جنهن ماٺ ميٺ ۾ استقبال ٿيو آهي. انهي تي مون کي ڪا بہ حيرت نہ ٿي آهي. جن ڪتابن ۾ ڪا بہ بيهودگي نہ هوندي انهن جو اهو ئي نصيب ٿيندو. جيڪي اعليٰ دماغ اهڙن ڪتابن کي مشهوري ڏيارڻ لاءِ هڪ هڪ ڪري ۽ آهستي آهستي ڳجهي نموني ووٽ ڏيندا آهن انهن جي ڳڻپ گهڻو پوءِ هلي ٿيندي آهي."

اعليٰ دماغن پنهنجا ووٽ ڏئي ڇڏيا آهن ۽ اسٽينڌال دنيا جي عظيم ترين ادبي فنڪارن ۾ پنهنجي مقام تي چونڊجي ويو آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 39. نوٽري ڊيم ڊي پيرس

## -- وڪٽر هيوگو --

وڪٽر هيوگو چوڏهن ورهين جي عمر ۾ چٽي ڇڏيو هو ته: ”آءٌ Chateaubriand ٿيڻ چاهيان ٿو، اهو نه ٿيس ته آءٌ ڪجھ به نه ٿيندس“. هو جيتوڻيڪ Chateaubriand ته نه ٿي سگھيو پر فرانس جي عظيم ليکڪن ۾ پنهنجي لاءِ جاءِ ضرور ناهي ورتائين.

هيوگو 26- فيبروري 1802ع تي ڄائو. سندس پيءُ هڪ فوجي جرنيل هو ۽ پاڻ کي جوزف بونا پارٽ سان وابسته ڪري ڇڏيو هئائين. انهي کي جڏهن پنهنجي ڀاءُ اسپين جي تخت تي ويهاريو ته هو هن سان گڏ ميڊرڊ ويو هو. سندس وفاداري کي ڏسندي ڪنگ جوزف جنرل هيوگو کي ميڊرڊ جو گورنر ڪيو.

جنرل پنهنجو ڪٽنب به پاڻ سان گڏ اسپين وٺي ويو هو ۽ اهڙي طرح سندس پٽ وڪٽر، ڪاليج آف نوبلز جو شاگرد ٿيو. انهي ڪم ڪيس فقط تعليم ڏيڻ کان سواءِ ٻيو به گھڻو ڪجھ ڪيو. هن ۾ اڳتي هلي جيڪي عوام جا جذبا پڙڪائيندڙ لاڙا پيدا ٿيا ڪاليج جي وڏ گهراڻي ماحول انهن تي وڏو اثر وڌو.

بدقسمتي سان جنرل، بونا پارٽ جي زوال کان جلدئي پوءِ فوت ٿي ويو. بهرحال بوربونن سندس بيواهه کي پينشن عطا ڪئي ۽ هوءَ ۽ وڪٽر پيرس ۾ گڏ زندگي گذاريندا رهيا. پر هوءَ جڏهن 1821ع ۾ گذاري وئي ته پينشن بند ٿي وئي ۽ وڪٽر وٽ ڪي به مالي وسيلا نه رهيا ۽ هن ڪجھ وقت ته بلڪل غربت ۾ گذاريو. پر اهو دور گھڻو وقت نه هليو.

هن جلدئي شاعري جا ڪتاب ڇپرائڻ شروع ڪيا. سندس نظم هيئت جي لحاظ کان ڪلاسيڪي هوندا هئا تنهن ڪري قدامت پرست نقادن کي ڏاڍا وڻندا هئا. پر جيئن ته اهي نظم مواد ۽ مجموعي تاثر جي لحاظ کان شاه پرست (Royalist) لاڙا ڏيکاريندا هئا تنهن ڪري دربار ۾ به انهن کي پسند ڪيو ويندو هو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن جي ليکڪ جو بنيادي مقصد به اهو ئي هوندو هو. حقيقت اها آهي ته لوئي ارڙهين کي هيوگو جا نظم ايترا ته پسند هوندا هئا جو هن کيس هڪ هزار فرانڪ پينشن عطا ڪئي ۽ ٽيويهن ورهين جي ڄمار واري هن شاعر کي Chevalier of the Legion of Honour جو اعزاز پڻ ڏنائين.

هاڻي ڪجھ عجيب نموني ۾ هيوگو جي جذبات ۾ تبديلي اچڻ شروع ٿي. هن 1827، 1829ع ۽ 1830ع ۾ Cromwell، Marion Delorme ۽ Hernani نالي ٽي ڊراما لکيا جن مان ظاهر پئي ٿيو ته سندس سياسي لاڙا واضح طور ريپبليڪن ٿيندا پئي ويا.

هيستائين سندس تحرير ۾ پختگي اچي وئي هئي ۽ هو اڳيئي پنهنجي لاءِ فرانسي رومانويت پسندي جي پيشوا جي ڪردار جي دعويٰ ڪري رهيو هو. هرناني سندس اها دعويٰ ثابت ڪري ڇڏي ۽ هو ايندڙ پنجاهه ورهين تائين ڊراما، ناول ۽ شاعري لکندو انهي منصب تي براجمان رهيو.

لوئي فلپ 1845ع ۾ هيوگو کي Peer جو منصب ڏنو. هو ڪجھ وقت کان پاڻ کي انسان ذات جو هڪ اڳواڻ سمجهي رهيو هو ۽ جيئن هن نئين اعزاز سان کيس هائوس آف پئيرز ۾ خودبخود سيٽ ملي وئي ته هن عملي سياست ۾ به حصو وٺڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو جيئن هو پاڻ جهڙن انسانن جو مقدر بدلائڻ لاءِ پنهنجو اثر رسوخ وڌيڪ عملي نموني ڪتب آڻي سگهي.

البت 1848ع جي انقلاب سان هائوس آف پيئرز جو به خاتمو ٿي ويو. پر سيڪنڊ ريپبلڪ جي ماتحتي ۾ هيوگو اسيمبلي جو ميمبر چونڊجي ويو. هڪ دفعو وري قانون ساز طور سندس ڪردار مختصر رهيو جو 1851ع ۾ نيپولين ٽئين پاران حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ سبب هو پنهنجي منصب کان محروم ٿي ويو ۽ برسلز ڏانهن فرار ٿي ويو.

هن جلاوطني ۾ نئين حڪومت خلاف اهڙي انداز ۾ زهر اوڳاڇڻ شروع ڪيو جو بيلجيم جي اختيارين سندس ملڪ نيڪالي جو حڪم ڏئي ڇڏيو. اهڙي طرح هو 1852ع ۾ برسلز کان چينل آئليند آف جرسي ويو هليو جتي ٽن ورهين کان پوءِ وري ساڳئي ڳالهه تي هن دفعي کيس گيورنسي جي پاڙيسري ٻيٽ ۾ پناهه ملي. اتي هن Hauteville House خريد ڪيو ۽ 1870ع جي فرانس ۽ پروشيا جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنگ تائين اتي رهيو. هو هيستائين جيڪي ڳالهيون ڪندو رهيو هو انهي جنگ انهن کي برحق ثابت ڪيو. جنگ ختم ٿيڻ تي فرانسي اختيارين هن مٿان پابندي لاهي ڇڏي ۽ هو ڪاميابي جي احساس سان پيرس واپس آيو. اتي هو 22_ مئي 1885ع تي فوت ٿيو ۽ پينٿيئان ۾ دفن ٿيو.

سندس تمام گهڻين تحريرن مان هنن ٽن ناولن کيس ادبي دنيا ۾ هڪ مستقل مقام ڏياريو آهي: نوٽري ڊيم ڊي پيرس (1831ع)، لا مزرا بيلا (1862ع) ۽ ٽائلرز آف دي سي (1866ع). انهن مان نوٽري ڊيم کي لازماً عظيم ترين تاريخي رومانس مڃيو وڃڻ گهرجي.

ڪهاڻي جي شروعات 6_ جنوري 1482ع تي ٿئي ٿي. پندرهين صدي وارو پيرس بادشاهن ۽ بيوقوفن وارو جشن ملهائي رهيو آهي. جشن هلندي فلينڊرز مان سفارت اچي ٿي جيڪي آسٽريا جي آرڪ ڊيوڪ ميڪسي ميلن جي ڌيءَ مارگريٽ جي فرانس جي بادشاهه جي وڏي پٽ سان شادي جو بندوبست ڪرڻ آيا آهن.

اهو ئي جشن هلندي هڪ دفعي پيري، گرنگوئر نالي هڪ ٻڪن جي ماريل شاعر جو عيسائي روايتن ۽ اولياء جي حياتين جي احوال تي ٻڌل ڊرامو (Mystery) هلي رهيو هو ته پيرس جو ڪارڊينل ۽ ان کان پوءِ فلينڊرز واري سفارت اچي وئي ته ڊرامي ۾ رخنو پئجي ويو. گرينگوئر ڊرامو وري شروع ڪرڻ جون ڪيتريون ئي ڪوششون ڪيون پر ڪنهن کي به انهي ۾ دلچسپي نه پئي ٿي ۽ نسڻ ۾ آئي وري جو هڪ فلينڊري اها تجويز ڏني ته هو به سندس شهر Ghent جي شهرين وانگر پنهنجو منهن سڀ کان وڌيڪ بچڙو ڪري سگهندڙ ماڻهو کي Pope of the Fools چونڊين ته ڊرامو ڏسڻ ۾ ڪنهن کي به دلچسپي نه رهي.

هاڻي سڀ کان بڇڙي منهن وارو ماڻهو چونڊڻ جو مقابلو هلي رهيو هو ته هڪ تمام عجيب غريب شڪل وارو ماڻهو منظر تي اچي ويو. اسين پڙهندڙ کي سندس شڪل بابت گهڻو ڪجهه نه ٻڌائينداسين. سندس نڪ چوڪندو وات گهوڙي جي نعل جهڙو هو ۽ ننڍڙي کابي اک مٿان ڳاڙهي رنگ جي پرون لڙڪي رهي هئي جڏهن ته ساڄي اک هڪ سڄيل گوڙهي هيٺان لڪي وئي هئي. سندس ڇٻن ڏندن ۾ وٿيون ائين پئي لڳيون جيئن ڪنهن ڪوٽ جا ڪونگرا هڪ ٻئي کان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وٽيرڪا بيٺا هوندا آهن. سنلس چپ ڪنهن سگ وانگر ايو لڳو پيئو هو انهي مٿان وري هڪ ڏند هاٿي جي سونڊ وانگر ٻاهر نڪتو بيٺو هو. سنڌس ڪاڌي ۾ ڇانگي هئي ۽ سنڌس منهن جو تاثر به ڏاڍو عجيب هو. اهو بدنيتي حيرت ۽ اداسي جو ميلاپ لڳي رهيو هو. هاڻي پڙهندڙ پلي پاڻ وڃي انهن ڳالهين مان ڪو نقشو پنهنجي ذهن ۾ ترتيب ڏئي".

هاڻي جڻ ته منهن جي بدشڪلائپ ئي ڪافي نه هئي سنڌس سمورو جسم به انهي سان ٺهڪي ٿي آيو. "سنلس وڏو مٿو ڳاڙهن وارن سان چمڪي رهيو هو. سنڌس ٻنهي ڪلهن جي جي وچ ۾ هڪ وڏو ڪُٻ هو. انهي جيترو ئي حصو ڇاتي ۾ به سامهون نڪتل هو. سنلس سٿرون ۽ ٽنگون اهڙي عجيب غريب نموني ٽڙيل پکڙيل هيون جو فقط گوڏن وٽ اچي تي هڪٻئي سان مليون سنڌس هٿ به تمام وڏا هئا. وري انهي سموري بي ڊولائي جي باوجود سنڌس چال مان طاقت، ڦڙتي ۽ همٿ جو اظهار پئي ٿيو.

ماڻهن جي ميڙ انهي بي ڊولي بندري کي سڃاڻي ورتو. اهو نوٽري ڊيم جي گرجا گهر جو گهنڊ وڄائيندڙ قاسيمودو (Quasimodo) هو. هنن اهو به سمجهي ورتو ته سنڌس منهن جيترو قدرتي طور بڇڙو آهي اهڙو ڪير به پنهنجو منهن نه ٿو بڻائي سگهي. هن کي يڪراءِ طور Pope of the Fools چونڊيو ويو.

جڏهن اهو ميڙ پنهنجو Fool چونڊي هلڻ لڳو ته ويچاري گرنگوئر کي گهر وڃڻ جي همٿ نه ٿي ٿي ڇاڪاڻ ته ڪيس گهر جي ڇهن مهينن جي مسواڙ ڏيڻي هئي. هن سوچيو ته هو ڊرامي جي فيءَ مان اها مسواڙ ڏيندو. هاڻي ڪيس اها پڪ هئي ته ڪيس في نه ملندي هاڻي هو هٿين خالي گهٽين ۾ رلڻ لڳو. ڪيس سمجهه ۾ نه پئي آيو ته هو ڪيئن ڪا اهڙي جاءِ ڳولهي جتي رات رهي ۽ ڪجهه کائي پيئي. اهي پور پچائيندي ڪيس لا ايسمير البا نالي هڪ نوجوان سهڻي جپسي ڇوڪري نظر آئي. هو هڪ ميڙ آڏو ڊانس ڪري رهي هئي ۽ جالي نالي هڪ ننڍڙي سهڻي اڇي ٻڪري کان ڪجهه ڪرتب ڪرائي رهي هئي هن جي نمائش اڃا جاري هئي ته هڪ پادري اچي هن کي ڦٽ لعنت ڪرڻ لڳو. گرنگوئر کيس سڃاڻي ورتو ته هو آرڪ ڊيڪن (شپ کان هيٺين درجي جو پادري سنتيڪار) ڊوم ڪلاڊ فرولو آهي. جپسي ڇوڪري ڊوم فرولو جي لفظن مان اينتري ته ڊڃي وئي جو فوراً پنهنجي نمائش بند ڪري ڇڏيائين. ميڙ انهي تي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاوڙجي پادريءَ تي اچي ڪڙڪيو. پر انهيءَ وقت ٽي بيوقوف واري سرڪس چوڪ ۾ اچي پهتي ۽ ڪاسيموڊو پادري جي دفاع لاءِ ڊوڙي آيو.

هاڻي وري اها ڳالهه ظاهر ٿئي ٿي ته ڪاسيموڊو هڪ لڏل بار هو جنهن کي ماڻهو نوڙي ديم ۾ ڇڏي ويا هئا. اتان جي رسم مطابق پادري انهي کي انهي اميد تي ٻاهر رکي ويا ته ڪا عورت انهي کي هنج ونندي پر هو جيئن ته ڏاڍو بدشڪل ۽ ڪوجهو هو تنهن ڪري ڪيس ڪنهن به نه کنيو ۽ پادري ڪيس يتيم خاني موڪلڻ تي هئا جو ڊوم فرولو نالي هڪ نوجوان پادري۔ جيڪو هاڻي آرڪ ڊيڪن هو۔ چيو ته هو انهي بدشڪل ٻار جي پرورش ڪرڻ جي ذميواري کڻي ٿو. اها سورهن ورهيه اڳ جي ڳالهه آهي ۽ هاڻي اهو بدشڪل ڪُٻڙو نوٽري ڊيم جو مک گهنڊ وڄائيندڙ هو. هو گهنڊن جي گوڙ سبب صفا ٻوڙو ٿي ويو هو. جيئن ته ڊوم فرولو هن سان مهرباني ڪئي هئي تنهن ڪري هو انهي جي چرڻ ته پوڄا ڪندو هو.

چوڪ ۾ گڙٻڙ دوران ايسميرالڊا ڪيڏانهن کسڪي وئي. گرنگوئر سمجهيو ٿي ته هن وٽ رهڻ لاءِ لازماً ڪا جاءِ هوندي تنهن ڪري هن انهي اميد تي هن جي پٺيان لڳڻ جو فيصلو ڪيو ته هو ڪيس به انهي جاءِ ۾ رهائڻ تي آماده ڪري ويندو. هو جيئن هڪ اونداهي گهٽيءَ مان ويا پٺي ته اوچتو ڪاسيموڊو ڪٿان اچي نڪتو ۽ ايسميرالڊا کي اچي ورتائين. بظاهر ائين پئي لڳو ته هو ڪيس ڪيڏانهن کڻي ويڃڻ گهري ٿو. خوش قسمتي سان چوڪيدارن جو هڪ دستو ويجهو ئي موجود هو ۽ انهن جي ڪيپٽن Phoebus de Chateupers چوڪريءَ کي ڇڏايو ۽ سندس ماڻهن ڪُبڙي کي گرفتار ڪري ورتو. چوڪريءَ ڪيپٽن کان سندس نالو پڇيو ۽ پوءِ انهي کان اڳ جو ڪيپٽن ڪجهه ڪري سگهي هوءَ سندس گهوڙي تان ترڪي ڪيڏانهن غائب ٿي وئي.

گرنگوئر پڪو پهه ڪري ڇڏيو ته هو انهي معاملي ۾ نه ڦاسندو تنهن ڪري ڪڙين تي زور رکيائين ۽ ڊوڙندي ڊوڙندي Court of Miracles ۾ اچي پهتو. "انهي جاءِ ۾ ڪو به ايماندار ماڻهو ڪڏهن به اهڙي وقت ۾ نه گهڙيو هوندو. "ڪورٽ آف مريڪلز پيرس جو اهو حصو هو جتي روايتي طور بي گهر رولاڪن جو وڏو انگ رهندو هو. انهن کي گڏيل طور Truands جي نالي سان سڏيو ويندو هو.

اتان جي ماڻهن ڪيس فوراً سڃاڻي ورتو ته هو اوپرو آهي تنهن ڪري ڪيس پڪڙي پنهنجي سردار وٽ گهلي ويا. هو بنا دير موت جي سزا کان فقط انهي صورت ۾ بچي سگهيو ٿي ته هو ٽروئنبس ۾ شامل ٿيڻ قبول ڪري پوءِ انهن جي ڪا عورت کيس پنهنجو مڙس ڪندي. پوءِ جڏهن ڪا به عورت کيس مڙس طور قبول نه ٿي ڪري ته ايسميرالڊا اهو چئي کيس بچائي ٿي وٺي ته هوءَ کيس قبول ڪرڻ لاءِ تيار آهي.

ٻئي ڏينهن ڪاسيمودو کي مئجسٽريٽ جي سامهون پيش ڪيو وڃي ٿو ۽ کيس هڪ ڪلاڪ لاءِ مٿوءِ هٿ ڪاٺ ۾ (Pillory) ۾ وجهي لڪڻ هڻڻ ۽ وڏيڪ هڪ ڪلاڪ اتي قاتل رهڻ جي سزا ٻڌائي وڃي ٿي. هو ڏاڍي ماٺ ميٺ ۾ سزا ڪاٽي ٿو پر جڏهن اها ختم ٿئي ٿي ته هو رڙ ڪري پيئڻ لاءِ ڪا شي گهري ٿو. انهي تي گڏ ٿيل ماڻهن جو ميڙ هن کي پٿر هڻي ٿو ۽ گاريون ڏئي ٿو ايستائين جو ايسميرالڊا هڪ جڳ ڪٽي ظاهر ٿئي ٿي ۽ انهي مان ڪُبڙي کي پيئاري ٿي هوءَ اڃا کيس پيئاري رهي هئي ته هڪ خوفناڪ آواز ٻڌڻ ۾ اچي ٿو: "توتي لعنت هجي. مصر (Egypt) جي ڏيڻا لعنت هجئي لعنت هجئي!"

اهو ڪنهن عورت جو آواز آهي ۽ چوڪ جي ڪنڊ مان هڪ قسم جي غار مان آيو آهي. اتي Sachetto نالي هڪ گوشه نشين عورت ورهين کان پاڻ کي بند ڪيو ويٺي هئي. هوءَ پنهنجي نوجواني ۾ هڪ مشهور طوائف هئي. هوءَ جڏهن انهي ڏنڌي سبب ختم ٿي وئي ته هن کي ڪنهن شي جي خواهش ٿي جنهن سان محبت ڪري پوءِ چڻ ته ڪو معجزو ٿيو ۽ هوءَ پيٽ سان ٿي. هن ڏاڍي سهڻي ڇوڪريءَ کي جنم ڏنو. هوءَ پنهنجي سموري محبت ۽ پيار انهي تي نشاور ڪرڻ لڳي. ٻارڙي جڏهن ڇٽن ورهين جي ٿي ته انهي کي جپسي چورائي ويا ۽ سندس ماءُ اها غار وڃي وسائي. هن کي سڀني جپسين کان نفرت ٿي وئي.

هاڻي ڪيپٽن فوئبس جو ڊيموسيل فلاڻير ڊي ليس ڊي گونڊيلاريئر سان مڱڻو ٿيو آهي. هو هڪ ڏينهن هُن سان سندس ماءُ جي گهر ۾ ملڻ آيو. اهو گهر پليس ڊي پاروس کان مٿي واقع آهي ۽ انهي جي هڪ پٽ نوتري ڊيمر جي گرجا گهر سان گڏ آهي. جنهن وقت ايسميرالڊا چوڪ ۾ ڊانس پئي ڪئي ته فلاڻير ڊي ليس ۽ سندس سهيليون ڏاڍي دلچسپي سان ڏسي رهيون هيون ۽ فوئبس کيس ۽ سندس ٻڪري کي مٿي گهرائي ورتو. اتي ٽينڊڙ ڪرتبن جي مظاهري ۾ ننڍڙي ٻڪري جاليءَ هڪ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ننڍڙي ڇوڪريءَ سان راند ڪندي پنهنجي وات مان ”فوئبس“ جو لفظ ڪڍيو. ايسميرالڊا پنهنجو اهو راز فاش ٿيڻ تي ڏاڍي پريشان ٿي ۽ جلد ئي اتان رواني ٿي وئي. ڪيپٽن ڪنهن خوشگوار تفريح جي امڪان ڪي هٿان وڃڻ نه ٿو چاهي ۽ هن جي پٺيان لڳي پوي ٿو. هو لڪي ڇپي ڪنهن جاءِ تي ملاقات لاءِ راضي ٿي وڃي ٿي.

پوءِ خبر پوي ٿي ته آرڪ ڊيڪن ڊوم فرولو واقعي هڪ تمام منحوس ماڻهو آهي. هو ڪيمياگري ۾ به ٿاڦوڙا هڻندو رهي ٿو پر اڃا خراب ڳالهه اها ته هن جي دل ۾ ايسميرالڊا لاءِ گناهه وارو جذبو پيدا ٿي پيو آهي. ڪيس جڏهن خبر پوي ٿي ته ايسميرالڊا فوئبس کي ڳجهي ملاقات جو وقت ڏنو آهي ته هو انهي واڻڙي ڪيپٽن کي انهي ڳالهه تي آماده ڪري ٿو وٺي ته هو جنهن ڪمري ۾ ”محبت جو عمل“ ڪن هو ڪيس انهي ۾ لڪي ويهڻ جي موڪل ڏئي.

جڏهن ايسميرالڊا اتي پهچي ٿي ته سندس دل ۾ به جذبا آهن جيڪي هڪ جيترا طاقتور آهن. هڪ ته ڪيس فوئبس لاءِ تمام گهڻي محبت آهي. ٻيو ته هوءَ پنهنجي ماءُ پيءُ کي ڳولهڻ چاهي ٿي ڇاڪاڻ ته هوءَ به ننڍي لاءِ پنهنجي ماءُ پيءُ کان وڇڙي وئي هئي. ۽ ڪيس خبردار ڪيو ويو آهي ته هن جيڪڏهن پنهنجي ڪنوارپ ختم ڪري ڇڏي ته پنهنجي ماءُ پيءُ سان ڪڏهن به نه ملي سگهندي(انهي ڪري ئي هن گرنگوئر سان شادي کي همبستري ذريعي قانوني طور مڪمل ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي) بهرحال هن جي فوئبس لاءِ محبت ڏاڍي سگهاري ثابت ٿئي ٿي ۽ هوءَ محبت جي عمل لاءِ راضي ٿي وڃي ٿي. پر هو جڏهن هن سان ملڻ لاءِ تيار ٿي رهيو هو ته ڪيس ڪيپٽن جي ڪلهي جي مٿان هڪ ڪارو ماڻهو نظر اچي ٿو. هو ڪمري مان لُوهه پائيندي ڪيپٽن جي پٺي ۾ خنجر ٿنبي ڇڏي ٿو.

هوءَ بيهوش ٿي وڃي ٿي ۽ جڏهن هوش ۾ اچي ٿي ته پاڻ ۽ پنهنجي ٻڪري کي قتل ۽ جادوگري جي الزامن ۾ گرفتار ٿيل ڏسي ٿي. هوءَ آڏي پڇا ۾ فوئبس کي خنجر هڻڻ جو ڏوهه باسڻ کان انڪار ڪري ٿي ۽ جڏهن ڪيس هلي ٿو ته ڪيس بنا دير تشدد جي سزا ڏني وڃي ٿي. هو تشدد ۾ ڏوهه باسڻ لاءِ راضي ٿي وڃي ٿي عدالت جي ڪمري ۾ واپس اچڻ تي ڪيس اها سزا ٻڌائي وڃي ٿي ته هوءَ نوٽري ڊيم ۾ گناهن کان پڇتائي ڪفارو ڏئي ۽ پوءِ ڪيس ۽ سندس ٻڪري کي پليس ڊي گريو ۾ ڦاهيءَ چاڙهيو وڃي.

ڪيس ڦاهي چاڙهڻ کان اڳ هڪ بدبودار کولي ۾ رکيو ويجي ٿو جتي آرڪ ڊيڪن هن سان ملڻ اچي ٿو. هي اهو ساڳيو آرڪ ڊيڪن آهي جنهن فوئبس تي حملو ڪيو هو. هو ڪيس چوي ٿو ته هوءَ جيڪڏهن سندس داشتہ ٿي ته هو ڪيس بچائي وٺندو. هو ڪيس پڪ ڏياري ٿو ته فوئبس مري ويو آهي ۽ ڪيس منٿون ڪري ٿو ته هوءَ هن سان گڏجي هلي پر هوءَ ڪيس اهو چئي موٽائي ٿي ڇڏي ته جيڪڏهن فوئبس مري ويو آهي ته ڪيس به زنده رهڻ جي ڪا خواهش نه آهي.

ڪيس ٻئي ڏينهن ڦاسي لاءِ ڪڍيو وڃي ٿو ۽ سزا جي پهرئين حصي تي عمل لاءِ هڪ کليل ڇڪڙي ۾ ويهاري نوٽري ڊيم جي مک دروازي وٽ آندو وڃي ٿو. حقيقت ۾ فوئبس زنده آهي ۽ جڏهن ڇڪڙو چوڪ ۾ آيو ته هو پنهنجي مڱيندي سان ملاقات لاءِ آيل هو. هن کي ايسميرالڊا ۾ ڪا به دلچسپي نه رهي هئي ۽ فلاڻير ڊي ليس کي به چوي ٿو ته هوءَ ڪفاري جي رسم نه ڏسي. پر هوءَ اها رسم ڏسڻ تي اصرار ٿي ڪري ۽ هن کي به چوي ٿي ته هو سندس پرسان بيهي ڏسي.

جڏهن مقرر دعائون پڙهي پوريون ٿيون ـ اهو ڪم آرڪ ڊيڪن ڪرايو ـ ته ايسميرالڊا جي نظر اوچتو مٿي وئي ته هن کي بالڪني ۾ فلاڻير ڊي ليس سان گڏ بيٺل ڏنائين. هن سندس نالو وٺي کيس سڏ ڪيو. هن جو اهو هڏو ته ٽڪڙ ۾ اندر ويو هليو. اهو ڏسي ايسميرالڊا کي اوچتو خيال آيو ته هن ضرور اهو سوچيو هوندو ته هن کيس مارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ اهو خيال اچڻ سان ئي هوءَ بيهوش ٿي ڪري پوي ٿي پر اهو منظر هڪ بيو ماڻهو به ڏسي رهيو هو. مٿي نوٽري ڊيم جي پٽ تان ڪاسيمودو ڪاروائي ڏسي رهيو هو. هن کي جينوٽيڪ ڪو آواز ٻڌڻ ۾ نه پئي آيو پر هن کي خبر هئي ته ڪفاري جي اها رسم قتل کان اڳ ٿيندي آهي ۽ اهو ته انهي جو شڪار هڪ اهڙي سهڻي ڇوڪري ٿي رهي هئي جنهن ٻاڻ تي تشدد جو خطرو کڻي کيس انهي وقت ڪجهه پيئاريو هو جڏهن هو ڪاٺ ۾ پيو هو. هن کي تڏهن کان انهي سان محبت هئي.

جڏهن جلاد جا نائب بيهوش ايسميرالڊا کي واپس ڇڪڙي ۾ رکڻ تي هئا ته ڪٻڙو هڪ رسي ذريعي نوٽري ڊيم جي ٻاهرئين پٽ تي اندر لهي آيو ۽ هڪ هٿ ۾ ڇوڪري کي بغل هيٺان کنيائين ۽ ٻڪري کي پيرن ذريعي ڇڪيندو "پناه پناه" جون رڙيون ڪندو چرچ ۾ لهي ويو. اهو سڀ ڪجهه ايترو ته اوچتو ۽ غير متوقع طور ٿيو جو ڪير به انهي کي روڪي نه سگهيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاسيموڊو وري ڪنهن کي نظر نه آيو پر هڪ يا ٻه ورهيه پوءِ جڏهن اهو مرده خانو کوليو ويو جنهن ۾ ايسميرالڊا جو لاش ڦٽو ڪيو ويو هو ته اتي ٻه ڍانچا نظر آيا جن جون ٻانهون هڪ ٻئي ۾ وڪوڙيون پيون هيون. هڪ اها ڇوڪري هئي جنهن کي ڦاهي آئي هئي ۽ انهي جي ڳچي ۾ تعويذ هو جڏهن ته ٻيو لاش هڪ ڪبڙي ماڻهو جو هو.

نوٽري ڊيم هڪ تمام ڏکيو ڪتاب آهي. انهي ۾ تاريخي واقعن، جاين ۽ رسمن رواجن بابت وڏي تفصيل وارا اهڙا ڏگها ٽڪرا به شامل آهن جن جي اڪثريت جديد ذوق جي ماڻهن کي ٿڪائيندڙ ۽ اجائي لڳندي انهي رومانوي تفصيلن ڏيڻ جي شوق هيوگو جي تحرير کي اونهائي ۽ تخليقي طاقت کان محروم ڪري ڇڏيو آهي. پر جيڪڏهن سنڌس نثري ڪمن کي- ٿائلرس آف دي سي کي ڇڏي- جديد پڙهندڙ وٽان اها ميچتا نه ٿي ملي جيڪا انهن کي پنهنجي دور جي وڏيڪ فراغت وارن ماڻهن کان ملي هئي، ته هو اڃا به انهي شهرت جو حقدار آهي جيڪا هن پنهنجي زندگي ۾ حاصل ڪئي هئي ۽ نوٽري ڊيم اڃا تاريخي رومانوي ناولن جي عظيم مثالن مان هڪ ڳڻيو وڃي ٿو.

ঔ

رٽائون پيو رٽيندو هو ۽ لکندو هو جن ۾ انهي سموري دنيا جا عڪس ۽ اولڙا موجود هجن جيڪا سنلس ذهن ۾ اڀريئي موجود هئي. هن کان وڌيڪ پُرجوش تخليقي ذات ڏٺي شايد اڳ ۾ ڪڏهن پيدا نہ ٿيو آهي.

"دي هيومن ڪاميڊي" عنوان انهي ڪري رکيو ويو هو جو بالزڪ جو ارادو هو تہ اهو انهن ناولن جي مجموعي تاثر جو اظهار هوندو جن ۾ هن چاهيو ٿي تہ "انهي ۾ اسان جي جديد سماج جو ننڍي کان ننڍي تفصيل ۽ ايمانداري سان تاريخ ڏني وڃي ۽ انهي جي طور طريقن جي بلڪل صحيح تصوير پيش ڪئي وڃي. اهي جلد سيڪشنن ۾ ورهايل هئا: خانگي زندگي، ننڍين شهرن جي زندگي، پيرس شهر جي زندگي سياسي زندگي فوجي زندگي ۽ ڳوٺاڻي زندگي جا منظر. اهي سڀ حصا گڏجي جيڪا شي تشڪيل ڏين ٿا. انهن بابت هڪ فرانسي نقاد چيو آهي تہ اها تاريخي دستاويزن سان پرپل هڪ رڪارڊ آفس آهي جيڪا جولاءِ مانرڪي (July Monarchy) جي دور ۾ فرانسي سماج جي سيني حصن جي هوبهو تصوير پيش ڪري ٿي انهي دور ۾ پاڻ کي اڳتي وڌائڻ ۽ پئسي دولت جو حرص پنهنجي عروج تي هو. فرانسي انقلاب سبب آزاد ٿيل وچولي طبقي جي اهميت مسلسل وڌندي پئي وئي ۽ نوان سياسي سماجي ۽ اقتصادي نظريا ڪنهن تبديلي جي اچڻ جو اعلان ڪري رهيا هئا. بالزڪ پنهنجن ناولن ۾ اهو سڀ ڪجهہ ۽ روايتي ڳوٺاڻي زندگي جا احوال تمام وڏي جوش ۽ ولولي ۽ مشاهدي جي درستگي سان ڏنا آهن. هن پنهنجي تحرير ۾ انسان جي سيني گروپن کي ذهن ۾ رکندي ڪنهن سائنسي مشاهدي ڪندڙ واري درستگي سان گڏوگڏ تخليقي قوت کي بہ هٿان نہ وڃايو آهي.

هن جو شروع ۾ چئن هزارن کان وڌيڪ ڪردار The Human Comedy ۾ شامل ڪرڻ جو ارادو هو. هو سماج جي سيني طبقن مان ڪنيل ۽ ڏيان سان مشاهدي هيٺ آندل ٻن هزارن جي لڳ ڀڳ ڪردار تخليق ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. هن کي پنهنجي ذاتي تجربي جي آڌار تي پيرس جي فيشني زندگي ۽ صحافين شاگردن ۽ وڪيلن جي منشين جي زندگين بابت خبر هئي. هو پاڻ انهن تنهي روپن ۾ رهيو هو. ڪاروباري ماڻهو فنڪار اداڪار، هاري ناري، ڏنڌي واپار جي ڪمن ڪارين سان سفر ڪندڙ جيل ڪٽيندڙ البيلي غير روايتي زندگي گذاريندڙ ۽ سودخور ۽ پيرس جي آسپاس لامارا ڏيندڙ ڏوهارين کي انهن جي لباس، ڳالهائڻ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيوه هلائي ٿي. اتي رهندڙ ماڻهو جيستائين پنهنجي مسواڙ ڏيندا رهن هوءَ انهن جي ڪنهن ڳالهه سان ڪو واسطو نہ ٿي رکي. سندس مسواڙين ۾ هر قسم جا ماڻهو آهن: مادام ڪوٽيور هڪ ڪاميسري جنرل جي بيوهہ آهي: وڪٽورائين ٽيليفر سلهہ ۾ ورتل نوعمر ڇوڪري آهي، مرڻ ڪنڌي تي پهتل هڪ پوڙهو ماڻهو آهي جنهن کي ”سماجي گهاٽي جو ڏاند“ چيو ويو آهي. ”ميلي مائيڪونيو هڪ گهنجيل ڪراڙي غير شادي شده عورت آهي جيڪا اڪين تي سائي رنگ جو ريشمي ڪپڙو هڻي هلي ٿي. انهن مان وڪٽورائين کان سواءِ جنهن کي ڪو مناسب نوجوان مرد اچا بہ جاڳائي سگهي ٿو ٻيا سڀ ننڍي ذهن جا ۽ رواجي ماڻهو آهن. پر اتي مونشيئر واٽرن نالي هڪ ماڻهو بہ آهي. سندس جسماني ڍانچو طاقتور آهي ۽ انهي کان وڌيڪ سگهاري سندس شخصيت آهي. هو مٿي تي ڪاري رنگ جي وگ رکي ٿو شهپرن کي رنگ ڪري ٿو ۽ سندس ڪِل بہ ڏاڍي جاندار آهي. مسواڙي کيس پسند ڪن ٿا پر ڪنهن بہ ماڻهو کي صحيح خبر نہ آهي تہ هو ڇا ڪندو آهي. سندس چمڪندڙ اکيون جيڪي روح جي گهراڻين ۾ پيهنديون محسوس ٿينديون آهن انهن کي ڏسڻ سان دهشت ٿيندي آهي. ماڻهن ۾ عام راءِ اها آهي تہ واٽرن مڙس ماڻهو آهي، باقي سندس دل ۾ انساني جذبا آهن يا نہ اها بي ڳالهہ آهي. هڪ ٻيو مسواڙي هو عارضي اچي رهيو آهي، نوجوان ۽ سهڻو قانون جو شاگرد يوجين ڊي راستينيڪ آهي. اهو پڪي ارادي ۽ صاف دماغ وارو آهي ۽ کيس پيرس جي سماج ۾ ڪامياب ٿيڻ جي شديد خواهش آهي. آخر ۾ خود ”اولڊ گوريات“ آهي. جنهن کي فرانسي ۾ Pere Goriot ڪوٺيو ويجي ٿو.

ڊسمبر 1819ع ۾ ڪهاڻي جي شروعات وقت گوريات کي واڪوئر وٽ رهندي ڇهہ سال ٿي ويا هئا. هو رٽائرڊ سيون ناهيندڙ هو. هو جڏهن آيو هو تہ هن وٽ ڪافي لٽا ڪپڙا هئا. چانديءَ جا ٿانو ٿپا بہ ڪيترا هئس ۽ پئسو ڏوڪڙ بہ جام هوس. شروع ۾ هو هفتي ۾ هڪ بہ دفعا ٻاهر ماني کائيندو هو. پوءِ اهو ٻاهر وڃڻ بند ٿي ويو. پوءِ هن پنهنجا ڪجهه چانديءَ جا ٿانو وڪرو ڪيا ۽ هڪ سستو ڪمرو گهريو. انهي سان مسواڙين ۾ سرٻاٽ ٿيڻ لڳا تہ هن اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ جوا کيڏي آهي، يا پنهنجو پئسو عورتن تي اڏايو اٿائين. انهي ڳالهہ تي تڏهن اعتبار ٿيڻ لڳو جڏهن هن وٽ مختصر وقفن سان بہ فيشني پوشاڪ واريون عورتون اچڻ لڳيون. تڏهن انهي ڳالهہ ۾ ڪو بہ شڪ شبهو نہ رهيو تہ اولڊ گوريات هڪ وڏو هٽ ڦاڙ آهي. پر جڏهن هڪ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏينهن مادام واڪوئر هن کان ڏاڍي گستاخيءَ سان پڇيو تہ هن سندس بورڊنگ هائوس کي ڇا سمجهيو آهي تہ هن ڏاڍي نماڻائي سان وراڻيو تہ اهي بہ عورتون سندس ڌيئر هيون. ڇا واقعي ڌيئرون! ڪنهن بہ مٿس اعتبار نہ ڪيو. وري ٿن ورهين کان پوءِ هن پنهنجا خرچ اجا گهٽائي ڇڏيا، اجا ننڍو ڪمرو ورتائين ۽ پنهنجن ڪپڙن کان بہ غافل رهڻ لڳو. هاڻي هن سان ڪير ملڻ بہ نہ ايندو هو. "هاڻي تنهنجيون اهي ڌيئرون توسان ملڻ نہ ٿيون اچن؟" مادام واڪوئر ڏاڍي بدنيتي سان پڇيو "اهي ڪڏهن ڪڏهن اينديون آهن". هن ڏڪندڙ آواز ۾ وراڻيو.

انهن واقعن جي پٺيان هڪ ڏاڍي دردناڪ ڪهاڻي آهي. ڪتاب جي ٻن مکيہ موضوعن مان هڪ انهي مان ملي ٿو. اولڊ گورياٽ بالزڪ جي هڪ ٻي خبطي شخصيت آهي. هن دفعي سندس خبط پدري محبت آهي. هن جي زال اوائل عمر ۾ ئي فوت ٿي وئي هئي ۽ هو پنهنجي محبت ۽ پئسو پنهنجين ٻن ننڍين ڌيئرن ڊيلفائين ۽ اناسٽيسي تي لٽائڻ لڳو. ڪا بہ شي انهن کان مٿي نہ هئي. "خوش رهڻ لاءِ پيئرن کي سدائين ڏيڻ گهرجي. مسلسل ڏيندو رهڻ ئي توهان کي حقيقي معنيٰ ۾ پيءُ بڻائي ٿو". حقيقت ۾ ڇوڪريون ئي هن جي سموري ڪائنات هيون. اهي هڪ اهڃاڻ هيون جن جي ذريعي هن تخليق وارو رستو ٿي ڳوليو لڌو. هن وقت اچڻ تي هنن لاءِ مڙس ڳوليا. هڪ فرانسي وڏگهراڻو ۽ ٻيو هڪ جرمن بينڪار هو. اهي ٻئي وڏي ڏاج جي اميد تي ڇڪجي آيا هئا. ڪجھ وقت تائين پوڙهي ماڻهو جو ٻنهي ڇوڪرين جي فيشني پيرس وارن گهرن ۾ آڌرڀاءُ ٿيندو رهيو. پوءِ جڏهن مڙسن ڏٺو تہ انهيءَ مان وڌيڪ پئسو نہ ٿو نڪري سگهي تہ هن لاءِ دروازا مضبوطي سان بند ڪيا ويا. پر پوءِ بہ ڇوڪريون هن سان ڪڏهن ڪڏهن ملڻ اينديون هيون. انهن ٻنهي کي عاشق هوندا هئا. عاشقن تي قرض چڙهي ويو ۽ گورياٽ پنهنجا ڇمڇا وڪرو ڪيا ۽ پنهنجي رهڻ جي خرچ ۾ بہ ڪٽوتي ڪئي جيئن انهن کي لڄي ٿيڻ کان بچائي سگهي. هن وڏي خوشي سان تماڪ ڇڪڻ بند ڪري ڇڏيو ۽ ڊيلفائين يا اناسٽيسي جي مُنهن تي مرڪ ڏسڻ لاءِ پنهنجي آخري سيڙپ بہ ڪيرائي ڇڏي "آءٌ انهن جي منهن تان هڪ ڳوڙهو اُگهڻ خاطر خداوند. پٽ ۽ روح القدس کي بہ وڪرو ڪري ڇڏيندس". هن کي موت ۾ ڪا بہ محبت نہ ملي. پر هو سدائين پنهنجن ڌيئرن کي ڪيس لٽائڻ جي موڪل ڏيندو رهيو. حقيقت اها آهي تہ ڪڏهن انهن جي پوشاڪن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندو. انهي رات يوجين کي ڊيلفائين وٽان هڪ چٺي اچي ٿي جنهن ۾ هن شڪايت ڪئي آهي ته هو ڪيس نظرانداز ڪري رهيو آهي. هو پوءِ هن سان ملي ڪيس پنهنجي پيءُ وٽ هلڻ تي آماده ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. پر هو هن تي زور پري ٿي ته هو هن سان گڏجي ڊانس پارٽي تي هلي. انهي دوران پوڙهي گورياٽ جي پنهنجي ڪوليءَ ۾ طبيعت خراب ٿيندي ٿي وڃي. پر هو اچا به هوش حواس ۾ آهي. پٽي ڏينهن جڏهن ڪيس خبر پوي ٿي ته سندس ڪا به ڌيءُ ڪيس ڏسڻ نه ايندي ته ڪيس انهي ڳالهه جو احساس ٿئي ٿو جيڪا هو گذريل ڏهن ورهين کان محسوس ڪندو رهيو هو ته انهن کي هن سان ڪا به محبت نه آهي. پر محبتون نشاور ڪندڙ پيئرن جو اهو مثالي نمونو پوڙهو گورياٽ پوءِ به ڌيئرن بجاءِ پاڻ کي الزام ڏئي ٿو. "اهي معصوم ڙيون آهن" هو چوي ٿو "هر ڪنهن کي اها ڳالهه ٻڌائي ڇڏيو. هن پاڻ انهن کي خراب ڪيو هو. انهن جي لاءِ پاڻ کي مٽيءَ ۾ ملايو هو. هو پنهنجن حقن تان دستبردار ٿيو هو. انهي جو نتيجو اهو نڪتو جو هن اڻڄاڻائي ۾ پنهنجي ٻارن کي خراب ڪري ڇڏيو هو". انهن جي ناروا رويي جو سبب به آءٌ ئي آهيان. مون سدائين انهن جون ٻاراڻيون خواهشون پوريون ڪيون. انهن وٽ پندرهن ورهين جي عمر ۾ پنهنجي گاڏي هئي! انهن کي ڪنهن به شي کان محروم نه رکيو ويو. انهي جو فقط آءٌ ئي ذميوار آهيان. پر مون انهن جي محبت ۾ ڏوهه ڪيو. انهن جو آواز منهنجي دل ڳاري ڇڏيندو هو".

پوءِ اوچتو مرندڙ ماڻهو جو موڊ تبديل ٿي ويو. هو ڪاوڙ ۾ رڙيون ڪري ٿو ته سندس ٻارن کي گهرايو وڃي. "اڄڻ انهن جو فرض آهي. قانون به اها ئي گهر ڪري ٿو. انهن کي مجبور ڪيو وڃي ۽ جيڪڏهن ضروري هجي ته سپاهي گهرايا وڃن". هو انهن کي ذليل پٿر دل عورتون ڪوٺي ٿو. هو انهن تي لعنتون وجهي ٿو. هن کي انهن کان نفرت ٿي وڃي ٿي. ڪجه گهڙيون پوءِ هو وري چپن ۾ پڻ پڻ ڪري ٿو ته هو اوديسا وڃي انهن لاءِ ڍهه لک ڪمائيندو. پوءِ هو پنهنجن نياڻن کي گاريون ٿو ڏئي ته انهن ئي سندس ڌيئرن کي هن وٽ اچڻ کان روڪيو آهي. پوءِ هو تڪڙو تڪڙو ٻڏندو ٿو وڃي. هو پٽڪي ٿو: "انهن کي ڏسڻو نه آهي. ايڏا انهن موت جو ڏنگ آهي" آخر ڪار يوجين انهن کي وٺڻ ٿو وڃي ۽ موٽڻ تي به فقط ڊيلفائين کان اچڻ جو واعدو وٺي اچي ٿو. پر هوءَ به اچڻ ۾ دير ڪري ٿي ۽ پوڙهو گورياٽ مري وڃي ٿو ته سندس بستري وٽ فقط يوجين

۾ هڪ طب جو شاگرد بيٺا هئا. پوڙهي جا هٿ انهن جي مٿن تي هئا. هو انهن کي پنهنجون ڌيئر سمجهي رهيو هو. سندس آخري لفظ هئا! "هاءِ منهنجا فرشتا!

هن لاءِ ٽئين درجي جي تدفين جو بندوبست ڪيو ويو ڇو ته ٻنهي امير گهراڻن مان ڪنهن به پئسي اچڻ جي اميد نه هئي. سندس ڌيئرن تدفين ۾ شرڪت نه ڪئي جنازي سان گڏ سوڳوارن ۾ فقط يوجين ۽ بورڊنگ هائوس جو هڪ خادم هو. مذهبي رسمون به فقط ويهه منٽ هليون. اهڙي طرح پوڙهي گورياٽ کي لحد ۾ لاٿو ويو ۽ خادم هن لاءِ هي لفظ چيا: هڪ ڀلو ۽ مهربان ماڻهو جنهن ڪڏهن به هڪ لفظ به زور سان نه ڳالهايو. هن ڪنهن جي به ڪم ۾ رخنو نه وڌو ۽ نه ئي ڪنهن کي ڪو ايذاءُ ڏنو".

ڇا يوجين جي دل مان اعليٰ طبقي ۾ شامل ٿيڻ جي خواهش ختم ٿي؟ هو گورياٽ جي قبر تي هڪ ڳوڙهو وهائي ٿو. سندس نوجواني جو آخري ڳوڙهو پوءِ سندس نظرون ٽڪري جي هيٺان پيرس شهر جي چمڪندڙ روشنين ڏانهن ٿي وڃن ٿيون.

انهي رات ـ هتي بالزاڪ ڪهاڻي کي پيو رخ ڏيندي بي ڪهاڻي لاءِ راهون کولي ٿو جنهن کي ٻئي جلد ۾ ڪنيو ويندو ـ هو وري ڊيلفائين سان گڏ ماني کائي رهيو هو.

ꕤ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 41. فرانسي انقلاب

## ـــ ٿامس ڪارلائل ـــ

عالمي تاريخ جي سيني واقعن مان 1789ع جو فرانسي انقلاب سڀ کان وڌيڪ مشهور آهي. انهي جي ايتري گهڻي مشهور هئڻ جو هڪ سبب اهو آهي ته انهي جي تاريخ هڪ گمنام ۽ جاگوڙي پر تمام باصلاحيت اسڪاٽ صحافي ٿامس ڪارلائيل لکي هئي.

ڪارلائيل اهو موضوع ڇو چونڊيو؟ انهي لاءِ ڪجھ وضاحت جي ضرورت آهي. هن جا فرانسيين سان ڪي لاڳاپا نه هئا نه ئي انهن ۾ ڪو مفاد هوس. هن ڪي فرانس جي ملڪ يا اتان جي رهواسين بابت ڪا ذاتي ڄاڻ به نه هئي ۽ هن جي اتان جي زبان سان واقفيت به هلڪي ڦلڪي هئي. اهو خيال هن جي ذهن ۾ سڀ کان پهريان شايد انهي وقت آيو هجو هو فرانسي انقلاب کان ڪجھ ورهيه اڳ واري هيرن جي هار واري معاملي تي هڪ ليک لکي رهيو هو. انهي معاملي ۾ فرانسي دربار ۽ خاص طور راڻي ميري اينٽونينٽ جو نالو به کنيو ٿي ويو. هو تڏهن پنهنجي زال جي فارم ڪريجن پٽڪ تي رهندو هو ۽ معمول مطابق ايڊنبرگ ويو ته اچي شهر جي لائبريرين ۾ پنهنجي ليک لاءِ مواد جي ڳولها پڻ ڪيائين.

ڪارلائيل پنهنجو ليک لکي پورو ڪيو. اهو سندس Essays ۾ به وري شامل ڪيو ويو ۽ پوءِ هن سموري فرانسي انقلاب جي جائزي ڏانهن توجه ڏني. انهيءَ جا سبب ڪهڙا هئا؟ اهو آخر اوچتو ڇو ڦاٽي نڪتو؟ انهي جا مک ڪردار ڪهڙا هئا؟ ۽ ڇا پلا انهي جي واقع ٿيڻ دوران انهن عظيم اخلاقي قانونن (Moral Laws) جو پتو لڳائي سگهجي پيو جيڪي ڪارلائيل کي سدائين ذهن ۾ هوندا هئا؟ هي اهي ڪجھ سوال آهن جيڪي سندس ذهن ۾ جنم وٺي رهيا هئا. پر جلدئي کيس اندازو ٿي ويو ته انهن سوالن جي جواب لاءِ مواد ايڊنبرگ ۾ موجود نه هو. تنهن ڪري هن لنڊن ۾ وڃي رهڻ جو فيصلو ڪيو ۽ هو ۽ سندس زال 1834ع جي جون مهيني ۾ چيلسي ۾

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Cheyne Row ۾ وڃي رهيا جيڪو تقريباً اڌ صدي پوءِ سندس وفات تائين سندن گهر رهيو.

هن لنڊن ۾ ڪيترين ئي فائديمند واقفيتين ۽ ڪجھ دوست ناهيا. انهن مان جان اسٽورٽ مل به هڪ اهي. هو نوجوان ۽ ڏاڍو ذهين ليکڪ، افاديتي فلسفي جو ترجمان ۽ پيو به گهڻو ڪجھ هو.

پهريون جلد پنجن مهينن ۾ مڪمل ٿيو ته ڪارلائيل اهو مل ڏانهن سندس راءِ لاءِ موڪلي ڏنو. مل وري اهو پنهنجي دوست مسز هيريٽ ٽيلر ڏانهن ڪٺي ويو. هو سندس ادبي تنقيد کي وڏي اهميت ڏيندو هو. اهو مسودو انهي وٽ ئي هو جو اتفاقي طور سندس نوڪرياڻي هٿان سڙي پيو. انهي جا فقط آخري چار يا پنج صفحا وڃي بچيا. مل انهي تباهي تي لُڏي ويو ۽ ڪارلائيل تي زور ڀريائين ته هو هڪ سو پائونڊن جو چيڪ قبول ڪري. هن انهي کي به سو پائونڊن ڪرڻ جي ڪوشش به ڪئي جيئن تباھ ٿيل مسودو ٻيهر لکڻ دوران ڪارلائيل جي گهر جي خرچ جو پورائو ٿيندو رهي. ڪارلائيل وٽ ٻي ڪاپي ته نه هئي ۽ نوٽس به بلڪل ٿورا هئا پر هو وڏي همٿ سان ڪم ۾ لڳي ويو ۽ ڪتاب 1837ع جي شروعات ۾ مڪمل ٿي ويو. هن 12 - جنوري تي پنهنجي زال کي خط جي ذريعي ڪم پورو ٿيڻ جو اطلاع ڏنو. "اهي منهنجي ڪتاب سان ڪهڙو سلوڪ ڪندا اها ڪنهن کي به خبر نه آهي. منهنجي جيني! پر انهن کي به سو ورهين کان اهڙو ڪتاب نه مليو هوندو جيڪو ايتري سچائي سان ڪنهن ماڻهو جي دل مان نڪتو هجي. هاڻي ماڻهو ڀلي انهي کي پيرن ۽ کُرن هيٺان لتاڙيندا رهن. "هاءِ هاءِ" سندس دلير زال وراڻيو "اهي انهي کي پيرن هيٺان لتاڙي نه ٿا سگهن".

ڪتاب ڇھ مهينا پوءِ شايع ٿي ويو ۽ جلدئي اها ڳالھ واضح ٿي وئي ته مسز ڪارلائيل جي راءِ درست هئي. ڪتاب جو ڏاڍي سٺي نموني استقبال ٿيو ۽ انهي کان پوءِ ڪارلائيل کي مستقبل ۾ جاءِ ملڻ يقيني ٿي وئي. ڪارلائيل جي عجيب غريب اسلوب جي باوجود به The French Revolution انهي عهد ساز جدوجهد بابت انگريزي ۾ لکيل ڪتابن مان عام طور سڀ کان وڌيڪ پڙهڻ جهڙي ڪتاب واري حيثيت برقرار رکي آهي. انهي جو سبب اهو آهي ته ڪارلائيل وٽ اها ڳالھ هئي جيڪا گهڻو ڪري ٻين مؤرخن ۾ نه هوندي آهي: هو سمجهندو هو ته تاريخ ڪا اهڙي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهه نه آهي جيڪا ختم ٿي وئي هجي. پر هو انهي ڪي اهڙي شي سمجهندو هو جيڪا زنده هئي ۽ اجا هلندڙ هئي. سندس تصور جي طاقت به ايتري ته سگهاري هئي جو هو ماضي کي وري گرفت ۾ آڻي انهي کي نئين سر تخليق ڪري سگهندو هو. اسان کي سندس ڪتاب جا صفحا پڙهڻ مهل ائين لڳندو آهي جيئن اسين به اتي موجود هجون ۽ تاريخ جي هڪ عظيم انقلابي نقطي جي ڌڪن ڌولاون، خوفن ۽ خطرن ۽ ناامیدين ۽ وري فتح جي سرجوشين ۾ پاڻ شريڪ هجون.

اهو هڪ ڏکهو ڪتاب آهي ۽ اصل ڳالهه دير سان شروع ٿئي ٿي. شروعاتي بابن ۾ لوئي پندرهين – لوئي پياري (Well Beloved) کيس ڪنهن وقت انهي نالي سان سڏيو ويندو هو – جي گندي موت جي بستري جو احوال ڏنل آهي. انهن بابن ۾ ملڪ جي خوفناڪ صورتحال جو احوال به ڏنل آهي ته هن ڪيئن نه پنهنجين جنگين ۽ عياشين سبب انهي کي ڪمزور ڪري تباهي جي ڪناري تي پهچائي ڇڏيو هو. شاهي نظام ختم ٿيڻ تي هو. اعليٰ خاندان جا ماڻهو پنهنجن هارين کان جيڪي ڍلون وٺي سگهندا هئا اهي عاليشان پوشاڪن، لذيذ کاڌن ۽ پنهنجين بداعمالين تي وڃائي ڇڏيندا هئا. سندن اهڙين ڳالهين جو رومي شهنشاهن جي تمام بدنام دور کان پوءِ ڪو به مثال نه ٿي مليو. چرچ زوال جو شڪار هو. پڙهيل لکيل طبقي جي راءِ سازي جو ڪم فلسفي ڪندا هئا. ۽ عوام؟ انهن کان قانوني بيگار، قانوني محصول ورتا ويندا هئا. انهن کي جنگ جي ميدانن کي پورڻ لاءِ گهرايو ويندو هو ۽ انهن کي اهڙن تڪرارن ۾ ڪم آندو ويندو هو جن سان انهن جو ڪو واسطو نه هوندو هو. انهن جا هٿ پير ۽ انهن جو محنتون مشقتون بين جي قبضي ۾ آهن پر انهن وٽ پنهنجي ڪا به شي نه آهي. هي نه پڙهيل آهن نه ڪير انهن کي دم دلاسو ڏئي ٿو نه ڪير انهن کي ڪارائي پيئاري ٿو. هتين خالي، تمام خراب حالت ۾ ڏکيائين ۽ اونداهين ۾ وينو هٿ مهڻ ٿي انهن لکين ماڻهن جو مقدر آهي...“

آهستي آهستي باب باب تي ڪهاڻي جو سلسلو اڳتي وڌندو رهي ٿو. جيئن Ancien regime ٽڙندي ٿاپڙندي آهستگي سان زوال جي ڳُن ڏانهن وڌي رهي آهي ۽ ڪتاب ۾ به اهائي ڳالهه بيان ڪرڻي آهي ته ڪتاب جي بيان جو سلسلو به ائين آهستگي سان هلي ٿو. اسين جيئن ڪناري جي ويجهو پهچندا وڃون ٿا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪهاڻي جي رفتار تيز ٿيندي وڃي ٿي ۽ اتي ئي ڪارلائيل اسان کي پنهنجيون مڪمل صلاحيتون ڏيکاري ٿو.

انهي ڏينهن ۽ تاريخ جي ياد ڪٿي چڪي آهي جنهن کي اينڊڙ سمورا نسل ياد رکندا: 14ــ جولاءِ 1789ع. هر طرف پيچ پيچان ۽ تياريون آهن. چؤطرف خوف خطرا ۽ آفتون ٿيون نظر اچن. پوڙهين اکين مان ڳوڙها پيا ڳڙن؛ هن ڏينهن منهنجا پٽڙؤ! توهان جي اولاد جي اميدن جو قسم! زور ۽ زبردستي جو دور ڳاڙهي چادر ۾ ويڙهيو اچي رهيو آهي!

توهان جيڪڏهن پنهنجي مدد پاڻ نه ڪندؤ ته توهان لاءِ ڪٿان به ڪا به مدد نه آهي. اڄ جي ڏينهن توهان عمل ڪندؤ يا مري ويندؤ".

پوڙهو گورنري ڊي لاني پيبن سيني فوجي اڪابرن وانگر پراڻي خوفناڪ قلعي ۾ تمام بي يقيني واري حالت ۾ مُنجهيو بيٺو آهي. هوٽل ڊي ولا ۾ ويٺل مقبول عام هيڊڪئارٽرن مان آيل نمائندا ڪيس دعوت ڏين ٿا ته هو "نيشنل سولجرز" کي تسليم ڪري وٺي. اهو هٿيار ڦٽا ڪرڻ لاءِ هڪ نرم لفظ آهي. پر پئي پاسي شهنشاهه جا حڪم به ڏاڍا تيز آهن. ڪير به هٿيار ڦٽا نه ڪندو. پر سندس چانوٽي ۾ ته 82 پوڙها ۽ ڪمزور ماڻهو آهن. انهن جي ڪمڪ لاءِ 32 نوجوان سئس (Swiss) سپاهي آهن. نيڪ آهي سندس قلعي جون پٿيون نو فوٽ وڪڙيون آهن. هن وٽ گولا ۽ بارود به آهن پر هن وٽ کاڌي پيتي جو سامان فقط هڪ ڏينهن جو آهي. ۽ ٻاهر سمورو شهر هٿيار بند لڳو بيٺو آهي. ڊي لاني فائر جو حڪم ڏئي ٿو. قلعي جي پٽ جي چوڏاري کاهي تي رکيل پل (Draw Bridge) مٿي چڪرائي ٿو. ٿوري ئي دير ۾ نڪا نوڪي ٿئي ٿي. انهي وڏي ڦڙڦوٽ، چاڻي چڙي آهي. انهي سان سرڪشي ۽ بغاوت شروع ٿي وڃي ٿي. شروع ۾ هلڪي نڪانوڪي ٿيڻ سان ڪجھ ماڻهو مري ويا. ماڻهن پنهنجو رت وهندي ڏٺي ته بغاوت شروع ٿي وئي. پوءِ ته بندوقن جا ٺڪاءَ شروع ٿي ويا. هر طرف پريشاني ۽ واويلا شروع ٿي وئي. وري قلعي جي مٿان هڪ توپ مان انگوري ڇرا وسڻ شروع ٿي ويا. باسٽل جو گهيرو ٿي ويو هو.

"ٻاهه وڌندي پئي وئي. هر شي کي ساڙيندي پئي وئي. گارڊن جا ڪمرا سڙندا پئي ويا. رت وهي رهي هئي. نئين چرياڻپ کي کاڌ خوراڪ ملي رهي هئي. زخمين کي Rue Celisaic جي گهرن ڏانهن نيو ٿي ويو. مرندڙ پنهنجي آخري

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شام ٿي وڃي ٿي ۽ سينٽ ميني هولڊ جي ننڍڙي ڳوٺڙي ۾ "ٽڪل ٽنل ماڻهو زمينن ۾ ڪم ڪان پوءِ گهلجندا گهرن ڏانهن موٽي رهيا آهن ڳوٺ جو دستڪار پنهنجو سبزين وارو ڪاڏو شوق سان ڪائي رهيو آهي يا هوا خوري ۽ خبرون چارون وٺڻ لاءِ ڳوٺ جي گهٽين ۾ گهمي رهيو آهي. ڳوٺ جي آخري دروازي وٽ هڪ ماڻهو ڏلو رات جو گائون پهريو بيٺو آهي. هو ڪجهه ڪاوڙ باز چيڙاڪ يا ڪٽي چئجي ته ڪجهه خطرناڪ به ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اهو اجا ڦوهه جواني ۾ آهي. اهو هتي ماسٽر آف دي پوسٽ آهي. سندس نالو جين بيپٽسٽ ڊرائوٽ آهي. گاڏي ڳوٺ ۾ داخل ٿئي ٿي ۽ پوسٽ ماسٽر ڊرائوٽ ڪجهه اڳتي وڌي ٿو جنهن آيلن کي صحيح نموني ڏسي سگهي. گاڏي ۾ هڪ عورت کي جيسين واري هڪ پاسي ڊُرڪيل ٽوپي آهي. مرد کي گول ٽوپي ۽ وگ آهي. اهو بار بار پنهنجو منهن دري مان ٻاهر ٿو ڪڍي اهي ڪجهه مانوس ۽ ڏٺل وائٺل ٿا لڳن؟ هو ٽڪڙ ۾ هڪ نئون ڪرنسي نوٽ ڪڍي ٿو ۽ انهي تي ڇاپيل بادشاهه جي تصوير کي گاڏي ۾ ويٺل ماڻهو سان ڀيٽي ڏسي ٿو. "چئي سگهجي ٿو ته انهن مان هڪ ٻئي جي ڪوشش سان ناهيل نقش ٿيل تصوير هئي!".

گاڏي اڳتي وڌي وڃي ٿي. رات جا اونداها پاچا پئجي رهيا آهن. گاڏي وارو ڇهبڪ هوا ۾ گهمائي گهوڙن کي هٽي ٿو. اهي ڪليئر مونٽ مان به حفاظت سان گذري وڃن ٿا ۽ شاهي پارٽي جا سڀ ماڻهو هڪ قسم جي ننڊ ڪرڻ لڳن ٿا. پر انهي دوران ڊرائوٽ ۽ ٽائون ڪلارڪ نوس نوس ڪندا رهن ٿا ۽ گاڏي جڏهن وارينس ڳوٺ جي لنگهه وٽ پهچي ٿي ته انهن کي هڪ فرنيچر جي گاڏي سان روڊ بلاڪ ٿيل نظر اچي ٿو ۽ گاڏي مان بندوقون ايبون نظر اچن ٿيون. "مهربان، توهان جا پاسپورٽ؟" پر ۾ ئي ڊرائوٽ بيٺو آهي. پوءِ سفري پارٽي کي ڏاڍي شائستگي سان ايم ساسي جي سيڏي جي دڪان ۾ رات رهڻ لاءِ چيو وڃي ٿو لوئس ٻاهر لهي ٿو پوءِ پيا سڀ به هيٺ لهن ٿا ۽ دڪان جي مٿان نهيل ڪمري ۾ وڃن ٿا. بادشاهه سلامت اتي پهچندي ئي کائڻ پيئڻ لاءِ ڪجهه گهريو. "کائڻ پيئڻ لاءِ ڪجهه گهريو". ڪتاب ۾ اهي لفظ ئي لکيل آهن. انهي تي کيس ماني، پنير ۽ برگنڊي جي هڪ بوتل ڏني وئي. انهي لاءِ هن چيو ته هن اهڙي بهترين برگنڊي ڪڏهن نه پيتي آهي! ۽ پوءِ صبح جو انهن وري پيرس ۾ سري لاهٽي ڏانهن سفر شروع ڪيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 42. ڊيڊ سولز (Dead Souls)

## ـ نڪولائي وي. گوگول ـ

نڪولائي وسيلائي وچ گوگول يوڪرائين ۾ سورو چينٽيز ۾ ڄائو ۽ هڪ ڪوزڪ خاندان مان هو. هو اوڏيهين ورهين جي ڄمار ۾ ڏاڍو حساس طبيعت ۽ رومانوي مزاج رکندڙ هو جو سينٽ پيٽرز برگ ويو ۽ هڪ سرڪاري آفيس ۾ معمولي ڪاپي ڪلارڪ ٿيو. سندس نوڪري جي مختصر عرصي دوران هن ۾ آفيسر شاهي لاءِ ڏاڍي سخت ۽ ديرپا نفرت پيدا ٿي وئي. انهي آفيسر شاهي جو سندس دور واري روس تي سخت ڪنٽرول هو. اهي حالتون ڏسي هن آمريڪا ۾ پنهنجو مقدر آزمائڻ جو فيصلو ڪيو. هن پنهنجي نوڪريءَ تان استعفا ڏني، پنهنجي ماءُ کان ڪجھ پئسا اڌارا ورتائين ۽ روانو ٿي ويو پر لوبيڪ مان واپس موٽي آيو جو پاڻ کي انهي ڳالھ تي قائل ڪري ورتائين تہ هن ۾ عظيم اداڪار ٿيڻ جي صلاحيت موجود آهي. پوءِ هو ڇهن مهينن تائين سينٽ پيٽرز برگ جي ٿيٽرن ٿي ٿيٽرن ڇوڏاري بيسود لامارا ڏيندو رهيو. اهو ڏاڍو بي مانائتو ڪندڙ تجربو هو. هن پنهنجي شاعر دوست پشڪن جي سامهون احتجاج ڪيو تہ مئنيجرن جو اهو چوڻ تمام ناواجب آهي تہ هن جو آواز ڏاڍو ڪمزور آهي. پر حقيقت اها آهي تہ سندس سموري ظاهري شڪل صورت سندس خلاف هئي. سندس هڪ همعصر مطابق "هن جو قد ننڍو هو ۽ ٽنگون سندس جسم جي لحاظ کان ننڍيون هيون. هو ٽنگون وچڙائي هلندو هو ۽ ڪو بہ ڪم سليقي سان نہ ڪري سگھندو هو. ڪپڙو لٽو بہ سٺو نہ هوندو هوس ۽ ڪجھ ڪِلِ جھڙو لڳندو هو. سندس نڪ ڊگھو هوندو هو ۽ وارن جي هڪ ڊگھي چڳ نرڙ تي پٺي لڙڪندي هيس."

غمگين ۽ مايوس گوگول کي پشڪن آٿت ڏني ۽ کيس نوجوان دانشورن جي حلقي سان ملايو. اهي انهي تحريڪ جا مرڪزي ڪردار هئا جنهن وڏي ويجھي تقريباً هڪ صدي پوءِ روس کي انقلاب جي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو. گوگول انهن جي تحرڪ هيٺ هڪ مختصر نثري رزميو Tara Bulba ۽ ڪيترائي بهترين

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

افسانا لکيا. انهن مان The Cloak تمام مشهور آهي جنهن لاءِ دوستو وسڪي سدائين ائين چوندو هو ته روسي ناول انهي وڳ مان ڦٽي نڪتو آهي.

اڪثر روسين تي چانهه پيئندي ۽ ڪچهري ڪندي نشا چڙهي ويندا آهن. گوگول به انهي عادت کان خالي نه هو. هو ۽ سنندس ساٿي راتين پنيان راتيون وڃنا پنهنجي ملڪ جي تمام وڏي ۽ ڪرپٽ سول سروس جي ناانصافين تي بحث مباحثا ڪندا هئا. انهن ڪچهرين دوران ڪيس يقين ٿي ويو ته انهيءَ جي بچڙاين کي وائکو ڪرڻ سنندس فرض آهي. هو جبتوڙيڪ اجا به ٿيٽر جي موهه ۾ مبتلا هو پر The Inspector_ General (مرزا قليچ بيگ انهي جي آڌار تي سنڌيءَ ۾ انڪوائري آفيسر لکيو. سنڌيڪار) نالي پنهنجي بهترين طنزيه ڪاميڊي ۾ اهو ڪم ڪري ڏيکاريائين. زوڪو وسڪي نالي شاعر جيڪو نوجوان زاري وچ جو اتاليق هو انهي کي اها دل ٿي جو اهو زار نڪولس پهرئين کي ڏيکاري ڇڏيائين. ماٺهو اهو ڏسي حيران ٿي ويا جو اهو سخت گير بادشاهه اهو ڏسي ايترو ته خوش ٿيو جو اهو ڊرامو 10 _ مارچ 1836ع تي امپيرئل ٿيٽر ۾ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيائين. هو پاڻ رائيل باڪس ۾ ويٺو ۽ ڊرامو هلندي وڏي آواز ۾ ٽهڪ ڏيندو رهيو ۽ جڏهن پردو ڪريو ته چيائين ته: "هر ڪنهن کي پنهنجو حصو مليو آهي. مون کي ته سڀ کان وڏيڪ مليو آهي".

اهو چوڻ ته ڊرامي هڪ هلچل پيدا ڪري ڇڏي ڳالهه کي گهٽو گهٽ ڪري پيش ڪرڻ هوندو. بهرحال توڙي جو نقادن انهي جي واکاڻ ڪئي ۽ عوام باڪس آفيس کي گهيري ۾ آڻي ڇڏيو ته به هر لحاظ کان طاقتور سول سروس جي سربراهن ڳجهي جاءِ تي گڏجاڻي ڪري اهو پڪ ڪرائڻ فيصلو ڪيو ته انهي واهيات اين وي گوگول کي فوراً رستي تان هٽايو وڃي. اهي جيئن ته زار جي هن ۾ دلچسپي کان واقف هئا تنهن ڪري انهن کي ڏاڍي لڪ ڇپ ۾ ڪم ڪرڻو هو پر اهي ڪيس ايترو ته مسلسل ايذاءُ رسائيندا رهيا جو سال گذرڻ کان اڳ ئي حساس طبيعت گوگول کي روم ڏانهن فرار ٿيڻو پيو. هو اتي تمام ٿوري وظيفي تي گذارو ڪندو رهيو جيڪو هو سمجهندو رهيو ته ڪيس سنندس دوست ٿا موڪلين پر حقيقت ۾ نڪولس پهريون موڪليندو هو.

گوگول 1830ع کان پوءِ وارن ڪجه ورهين ۾ هڪ تمام ڊگهي ناول جو رف ڊرافٽ لکيو هو جنهن جو نالو Dead Souls تجويز ڪيو هئائين. آڪاٽي

جيتوڻيڪ تمام ظرافت ۽ طنز سان پريل هئي پر انهي جو اندروني موضوع ايترو تہ دکدائڪ هو جو اهو جڏهن پشڪن کي وڏي آواز سان پڙهي ٻڌايائين تہ هن کان پڇاڻي تي رڙ نڪري وئي تہ: ياخدا روس ڪيترو تہ ڏکايل ملڪ آهي". پشڪن دوستن کي چيو هو تہ: "گوگول ڪا بہ شي دليئون گهڙيندو نہ آهي. اهو سڌو سادو ۽ خوفناڪ سچ هوندو آهي". گوگول روم ۾ ڊرافٽ تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو پر ڪم جي رفتار سُست هئي. پشڪن جي 1837ع ۾ هڪ ڊيدو مقابلي ۾ موت بہ هن تي ڏاڍو اثر وڌو ۽ سندس پنهنجي جلاوطني هن جي ذهن تي ايترو اثر وڌو جو هو ڏگهو ڏگهو عرصو ماليخوليا جو شڪار ٿي ويندو هو. انهي جو پهريون جلد 1842ع ۾ هلي ڇپيو ۽ بيان ۾ موجود ڪيترن ئي رخنن جي باوجود انهي روس جي عظيم نثري شاهڪار جي حيثيت ۾ مشهوري ماڻي. افسوس جو ٻيون جلد ڪڏهن بہ منظر تي نہ اچي سگهيو جو گوگول ڪيترا سال پوءِ نراسائي جي هڪ دوري ۾ غير مڪمل مسودو ساڙي ڇڏيو.

ڊيڊ سولز آفيسر شاهي راڄ هيٺان نپايل ۽ تاتيل ڪرپشن جي موضوع تي تمام چيندڙ طنز آهي. اهو موضوع گوگول جي دل جي تمام ويجهو هو. انهي ۾ مرڪزي ڪردار چيچيخوف نالي هڪ پرڪشش نظر ايندڙ بدمعاش آهي. سرڪاري ڪسٽمز آفيسر طور سندس نوڪري بدناميءَ ۾ ختم ٿي وئي هئي. هن کي پنهنجي ويجايل دولت وري حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ بهترين رٿا سمجهہ ۾ اچي ٿي. انهي وقت هر هڪ روسي زميندار وٽ زمين سوڙو خريد ڪيل غلام (Serf) يا روح (Souls) هوندا هئا. انهن مان ڪيس هر هڪ تي سالیانو head tax ڍيٽي پوندي هئي حڪومت جيئن تہ هر ڏهين يا ويهين سال آدمشماري ڪرائيندي هئي ۽ موت جي شرح بہ وڌيڪ هوندي هئي تنهن ڪري زميندار کي اڪثر مئل روحن (Dead Souls) تي بہ ٽيڪس ڏيٽي پوندي هئي. انهي کي هو وڏي بي انصافي سمجهندا هئا. چيچيخوف اها رٿا ناهي تہ هو سموري ملڪ ۾ سفر ڪري سستي اگهہ تي مئل روح خريد ڪندو پوءِ پنهنجي خريداري جي لسٽ مقامي گورنر وٽ پيش ڪندو جيڪو انهن کي زنده روح سمجهندي (چاڪاڻ تہ ڪو بہ هوش حواس وارو ماڻهو مئل روح خريد نہ ڪندو) منتقلي جي دستاويز (Deed of transfer) تي صحيح ڪري ڇڏيندو. چيچيخوف اهو دستاويز کڻي ڪنهن بہ بينڪ ۾ ويندو هليو ۽ پنهنجن روحن تي چڱو خاصو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قرض ونندو. هو انهن پئسن مان ڪنهن ڏورانهين صوبي ۾ ننڍڙي ملڪيت ۾ انهي تي ڪم ڪرڻ لاءِ ڪجھ زنده روح خريد ڪندو.

چيچيڪوف ڏاڍي پرجوش نموني پنهنجي برچڪا (ٽن گهوڙن واري هلڪي گاڏي) ۾ چڙهي ن ـ شهر ۾ پهتو هن سان سندس ڪوچوان سيليفان ۽ سندس خادم پيتروشڪا گڏ هئا. هو سراء جي بيري کان شهر جي اهم شخصيتن بابت معلومات وٺي ٿو ۽ هو هر هڪ سان ملاقات لاءِ نڪري پوي ٿو. سندس شخصيت ڏاڍي شاندار لڳي رهي آهي. ڏاڙهي تازي ڪوڙيل، ڳاڙها ڳٽا، بلبيري رنگ جو سلڪ جو فراڪ ڪوٽ ۽ پوڙي ڪولون لڳل رومال هٿ ۾ اٿس. هو گفتگو ۾ وڏي مهارت سان مشهور ماڻهن جا نالا کڻندو ويندو آهي ۽ وڏن ماڻهن جو ذڪر ڏاڍي عام رواجي نموني ڪندو ويندو آهي. انهي سان گڏوگڏ هو شهر جي هلي چلي بابت تعريفي جملا جو چوندو وڃي ٿو پوءِ هر هڪ ماڻهو کي "ايڪسيلينسي" چئي مخاطب ٿيڻ جي جو وڌندڙ عادت اٿس تہ اهي سڀ ڳالهيون سندس بڌندڙ تي تمام گهڻو اثر وجهن ٿيون. شام ٿيڻ کان اڳ ئي گورنر کيس هڪ وڏي استقباليہ جي دعوت ڏئي ٿو ۽ سندس ڊائري ايندڙ سموري هفتي تائين مانجهاندن ۽ رات جي مانين جي دعوتن جي پروگرامن سان پرجي وڃي ٿي.

هر ڪو ماڻهو مهمان جي منڊ ۾ منڊجي ويو آهي ۽ هو جڏهن ٿوري وقت ۾ روانو ٿي وڃڻ جو اعلان ڪري ٿو تہ احتجاج جو طوفان اٿي کڙو ٿئي ٿو. پر چيچيڪوف پنهنجي ارادي تي قائم آهي ۽ ڏاڍي پراسرار نموني ٻڌائي ٿو تہ کيس هڪ اهم ڪم آهي جيڪو لازماً پورو ڪرڻو آهي ۽ ائين گاڏي ۾ چڙهي روانو ٿي وڃي ٿو. پنيان شهر اهڙن افواهن سان پربل رهي ٿو تہ هو هڪ وڏو سرڪاري عملدار آهي جيڪو ڪنهن اهم ڳجهي ڪم ۾ مصروف آهي.

هاڻي اسين سندس ڳوٺاڻن علائقن ۾ ڪامياب ۽ گهڻو ڪري پُر مزاح سفر تي نظر وجهون ٿا. هن ن ـ ۾ پنهنجن نون دوستن کان ضلعي جي زميندار جي ڪردار ۽ مخصوص لاڙن بابت ڪارائتي ڄاڻ حاصل ڪئي آهي. تنهن ڪري کيس خبر آهي تہ ڪنهن کي ريهي بيهي، ڪنهن جي خوشامد ڪري ۽ ڪنهن کي اکيون ڏيکاري پاڻ سان سودو ڪرڻ تي آماده ڪرڻو آهي. ٺيڪ آهي هو جن ماڻهن سان مليو انهن مان ڪجھ کيس بي ضرر پاڳل سمجهيو جڏهن تہ ڪجھ اهو سمجهيو تہ هو الله لوڪ خير جا ڪم ڪندڙ آهي. پر اهي سڀئي ڪنهن نہ ڪم جي شي مان ڪجھ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏوڪڙ ڪمائڻ لاءِ اينترا تہ آتا هئا جو اهي سندس تجويز سان متفق ٿي ويا ۽ چيچيچيخوف ٿوري ئي وقت ۾ سوين مئل روحن جو مالڪ ٿي ويو.

پر ڪاميابي چيچيچيخوف کي لالچي بڻائي ڇڏيو ۽ هن ڪيترائي ميل پري هڪ شاهوڪار زميندار سان ملڻ جو فيصلو ڪيو. بدقسمتي سان سيليفان گذريل رات تمام گهڻي ووڊ ڪا پيتي ۽ غلط رستو ورتائين. وري جو برفاني طوفان شروع ٿيو تہ انهن کان اهو رستو بہ گم ٿي ويو ۽ گهوڙا ڏجي ويا ۽ بر چڪا گپ ۾ اونڌي ٿي پئي. بهرحال بوءِ مادام ڪوروبوچڪا چيچيچيخوف کي اها رات پاڻ وٽ رهايو. هوءَ هڪ شاهوڪار پر ڪنجوس ۽ ڏاڍي عجيب غريب عادتن واري بيواه عورت هئي جنهن گهڻي ريڙهہ پيڙهہ کان پوءِ پنهنجا ڪيترائي مرده روح هن کي وڪرو ڪري ڏنا. ورندي صبح جو چيچيچيخوف وري نڪري پيو. هو هلڪي ڦلڪي کاڌي پيتي لاءِ هڪ سراءِ ۾ ترسيو اتي نازدريف نالي هڪ خوش طبع ماٹهو هن جو آڌرياءُ ڪيو. هو انهي سان اڳ ۾ ن— ۾ مليو هو. اها ڏاڍي تباه ڪن ملاقات ثابت ٿي.

نازدريف تمام گهڻو نشي ۾ هو ۽ اڳئين رات هڪ مقامي ميلي ۾ ويو هو جتي جوا ۾ پئسا هارايا هئائين. هو چيچيچيخوف کي پنهنجي گهر وٺي هلڻ تي زور پري ٿو ۽ کيس ڏاڍيون مانيون کارائي ٿو ۽ شراب پيئاري ٿو. پر سندس مهمان جڏهن روحن جو موضوع ڪڍي ٿو تہ نازدريف هن کي ڪو بہ روح وڪرو ڪرڻ کان انڪار ڪري ٿو ڇڏي. هو چوي ٿو تہ هو روح وڪڻڻ بجاءِ چيچيچيخوف هن سان پلي ڪهڙي بہ قسم جي جوا جي راند کيڏي هو پنهنجا گهوڙا ڪتا يا ٻي ڪا بہ شي داءَ تي لڳائي ڇڏيندو. چيچيچيخوف اها ڳالهہ نہ ٿو مڃي تہ نازدريف ڪاوڙ ۾ آپي مان نڪري وڃي ٿو ۽ کيس ٺگ ڪوٺيندي کيس ڌڪا ڏئي ٻاهر ڪيڻ تي آهي جو پوليس جو هڪ سپرنٽنڊنٽ کيس هڪ پاڙيسري تي حملو ڪرڻ جي الزام هيٺ گرفتار ڪرڻ اچي ٿو.

چيچيچيخوف سئين لڱين بچي وڃڻ تي شڪر ڪري ٿو ۽ سيليفان کي جيترو ٿي سگهي تيز رفتاريءَ سان ن ـ ڏانهن هلڻ جو حڪم ڏئي ٿو. اتي پهچڻ تي هو سڏو لوڪل ڪائونسل جي صدر ڏانهن وڃي ٿو روحن جون لسٽون پيش ڪري ٿو ۽ منتقلي جي دستاويزن تي صحيحون ڪرائي مهرون هڻائي ٿو. هو ڪاميابي جي احساس سان سراءِ ڏانهن وڃي ٿو جتي گورنر جو خادم هن سان ملي کيس ايندڙ رات ڊانس پارٽي جي دعوت پهچائي ٿو.

هو جڏهن انهي فنڪشن ۾ پهچي ٿو ته مقامي سر ڪرنا ماڻهو ميڙ ڪري هن جو آڌرڀاءُ ڪن ٿا ۽ هو تمام گهڻو مسرور ۽ خوش لڳو پيو آهي جو سندس نظر ڪمري جي آخري چيڙي ۾ هڪ سهڻي ڇوڪري تي پوي ٿي. هو اتاولو ٿي هن جي سڃاڻپ پڇي ٿو ۽ جڏهن ڪيس ٻڌايو وڃي ٿو ته اها گورنر جي ڌي آهي ته هو ڪنهن کي چئي هن سان متعارف ٿئي ٿو. انهي کان پوءِ هو ڪنهن ڏانهن اک کڻي نهاري ٿي ڪو نه ٿو (جينوٽيڪ ناري به هن ۾ گهڻ دلچسپي نه ٿي ڏيکاري) پر اها ڳالهه ٻين عورتن کي نه ٿي وڻي ۽ هو جو مرد ماڻهن ۾ انهن جي ڳالهين ۾ اوچتو دلچسپي وٺڻ بند ٿو ڪري ته اها ڳالهه مردن جي به ناپسنديدگيءَ جو سبب ٿئي ٿي. پوءِ اوچتو نازڊريف اچي نازل ٿئي ٿو. هو حسب معمول تمام گهڻو نشي ۾ آهي ۽ زوردار آواز ۾ چيچيڪوف کي نندڻ شروع ڪري ٿو ته هو ڪو بدمعاش آهي جيڪو پنهنجي ڪنهن غير قانوني ۽ بڇڙي ڪم لاءِ مئل روح خريد ڪري رهيو آهي.

چيچيڪوف تڙ تڪڙ ۾ اتان کسڪي وڃي ٿو. پر نقصان ته ٿي ويو. ٻئي ڏينهن شهر افواهن سان ڀرجي وڃي ٿو ۽ نازڊريف جڏهن سراءِ ۾ مٿس اهي الزام هڻي ڪيس وڌيڪ بي عزتو ڪرڻ اچي ٿو ته هو گورنر جي ڌيءَ کي پڇاڻڻ جي رٿ رٿي رهيو آهي ته چيچيڪوف سمجهي وڃي ٿو ته کيل ختم ٿي ويو آهي ۽ اجا وقت هوندي پڇي وڃڻ جو فيصلو ڪري ٿو. جيئن بر چڪا لوڏا کائيندي ڏکڻ طرف وڃي رهي هئي ته هو ڏاڍي ڏکاري انداز ۾ سوچي رهيو هو ته انسان ڪيئن نه ٻئي انسان سان غير انساني سلوڪ ڪري ٿو.

پر هو ڏاڍي لچڪدار مخلوق آهي ۽ جيئن ئي ٻيلن سان ڍڪيل جبلن ۽ زرخيز وادين واري علائقي ۾ پهچي ٿو ته سندس فطري اميد پرستي واپس موٽي اچي ٿي. خوش قسمتي سان سندس ڀهرئين ملاقات ڪليل ذهن واري ٽينٽيٽي نيخوف سان ٿئي ٿي. جنهن کي جلدئي اها پڪ ٿي وڃي ٿي ته ڪيس پنهنجي مهمان جي روپ ۾ هڪ هم خيال ماڻهو ملي ويو آهي. هن وٽ به ڪجه مئل روح آهن ۽ چيچيڪوف هن سان بهترين سودو ڪري ٿو. هو وري جنرل بيٽرسخوف سان ملاقات ڪري ٿو جو هو به ڪجه مئل روحن جو مالڪ آهي. هو سندس تجويز تي ٺٺوليون ڪري ٿو ۽ ڪيس بيوقوف ڪوٺي ٿو. بهرحال هن جا به ڪي ڪارج آهن جو چيچيڪوف هاڻي هن لاءِ سڏائين "منهنجو مهربان سرپرست جنرل بيٽرسخوف" جا لفظ ڪم آڻي ٿو. انهي کان پوءِ هو زميندار پيٽوخ سان ملاقات ڪري ٿو. انهي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جون سموريون زمينون گروي رکيل آهن. پر هو پنهنجي نااميدي جي ڪسر ڪيڻ لاءِ پليئون نالي هڪ ماڻهو سان مليو تو جيڪو کيس ڪوسٽان زوگلو وٽ رهائڻ وٺي ويو ٿو. هو تمام شاهوڪار ماڻهو آهي ۽ پنهنجين زمينن جو بندوبست تمام ڪامياب ۽ جديد انداز ۾ ڪري ٿو.

هو جينوٽيڪ تمام هوشيار ڪاروباري ماڻهو آهي پر چيچيخوف کي اهڙو ته پلو ماڻهو سمجهي ٿو جو کيس چڱي خاصي رقم ايڊوانس ڏيڻ جي آڇ ڪري ٿو جيئن هو ملڪيت خريد ڪري سگهي. چيچيخوف سپاويڪ طور اها آڇ بنا دير قبول ڪري ٿو. هڪ ڊنل مالڪ کان ڪجهه زمين خريد ڪري ٿو ۽ هڪ ڪوٽ سميت نون ڪپڙن جو آرڊر ڏئي ٿو. هاڻي سندس سڀ ڏکيائيون پڄاڻي تي پهچي ويون آهن ۽ هو پنهنجي نئين ساز سامان سان آڪڙ ۾ هلندو مرازوف نالي هڪ اهميت رکندڙ ۽ ڏاهي ماڻهو کي مستقبل بابت پنهنجن وڏن منصوبن کان آگاهه ڪري ٿو.

پر سندس پيرن هيٺان زمين کسڪي رهي آهي. صوبي جو گورنر جنرل نئون ماڻهو مقرر ٿيو آهي ۽ تمام بدقسمتي اها آهي جو هو اهو ساڳيو ماڻهو آهي جنهن چيچيخوف کي ڪنهن وقت ڪسٽمز سروس مان فراڊ ڪرڻ سبب نيڪالي ڏئي ڇڏي هئي. انهي ضلعي جي ڀرئين دوري وقت ٿي انهي شهزادي کي ماڻهن جو ميڙ گهيري ۾ وٺي ويو ٿو جيڪي هن آڏو اهڙا پڪا پختا ثبوت پيش ڪن ٿا ته چيچيخوف انهن کي ٺڳيو آهي. نتيجي طور هو اڃا پنهنجي ڪاميابي تي ڪڇيون هڻي رهيو هو جو کيس گرفتار ڪري شهزادي جي آڏو آندو وڃي ٿو هن جڏهن پاڻ تي لڳل الزام ٻڌا ته زمين تي ليٽڙيون پائڻ ۽ ٻاڏائڻ لڳو ته هو بي گناهه آهي. پر شهزادو ڏاڍي بيرخي سان کيس ٻڌائي ٿو ته سندس اصلي ڪردار ڪهڙو آهي ۽ گڏوگڏ کيس اهو به ٻڌائي ٿو ته هن سموري دولت بي حيائي ۽ چالاڪي وارن ذريعن سان ڪمائي آهي ۽ انهي جي سزا ڪوڙا ڦٽڪا ۽ سائيبيريا ڏانهن نيڪالي آهي.

چيچيخوف کي جيڪي گارڊ جهليو بيٺا هئا هن انهن کان پاڻ ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي پر هو ان کان زور هئا ۽ کيس جهلي شهر جي جيل جي هڪ سرد تهه خاني ۾ اڇلايائون. سندس سهڻو ڪوٽ ليڙون ليڙون ٿي ويو. سندس جسم تي رهڙون ۽ ڦٽ اچي ويا ۽ سڀ کان خراب ڳالهه اها ٿي جو هن تي الزام هڻندڙ اها بيتي به ڪٽي وڃن ٿا جنهن ۾ هن جو ناجائز نموني گڏ ڪيل مال محفوظ هو. هڪ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلاڪ جي اندر مرازوف هن وٽ پهچي وڃي ٿو جيڪو پنهنجي ڏاهپ سبب سمجهي وڃي ٿو ته اصل ڏوهه چيچيخوف جو نه پر انهي ڪرپٽ نظام جو آهي جنهن ڪيس انهي منزل تي پهچايو. هو قيديءَ کان اهو پڪو پختو واعدو وٺڻ کان پوءِ ته هو آئيندي ايمانداريءَ واري زندگي گذاريندو شهزادي وٽ هن جي سفارش ڪري ٿو ۽ گڏوگڏ اهو به ٻڌائي ٿو ته بيشمار سرڪاري عملدار به ايترا ئي ڏوهي آهن جو انهن کي به سندس بچڙين اٽڪلن مان فائدو مليو هو. شهزادو نه چاهيندي به قيدي کي آزاد ڪري ٿو سندس پيٽي ڪيس موٽرائي ڏئي ٿو ۽ ڪيس بنا دير شهر ڇڏي وڃڻ جو حڪم ڏئي ٿو. هو پوءِ عملدارن کي گهرائي ٿو ۽ کين هڪ ڊگهو ليڪچر ڏئي ٿو. جڏهن ته چيچيخوف پنهنجي لاءِ هڪ نئون فراڪ ڪوٽ سبرائي ٿو ۽ گاڏي تي سوار ٿيَن موقعن جي ڳولها ۾ نڪري وڃي ٿو.

اهو به ناول جي عظمت جو هڪ معيار آهي ته اهو جيتوڻيڪ اڻپورو آهي ته به هڪ سو ويهه ورهيه گذرڻ کان پوءِ به انهي کي تخليقي تحرير جو شاهڪار مڃيو وڃي ٿو. جيئن پشڪن چيو هو: "توهان کي گوگول جي ٿهڪن پٺيان اڻ ڏٺل ڳوڙها محسوس ٿيندا". هتي به ظرافت، طنز ۽ ڳوڻاٽي زندگي جي بهترين بيان سان گڏ ذهن ۾ بار بار ايندڙ انهي اداس شي جو به تقريباً مڪمل تجزيو موجود آهي جنهن کي اسين ڪو بهتر لفظ نه هئڻ جي صورت ۾ "روسي روح" ڪوٺي سگهون ٿا.

پر انهي ناول جي اشاعت وقت گوگول پاران چيچيخوف جي ڪردار کي همدرداڻي نموني ۾ پيش ڪرڻ سبب تڪرار جو هڪ طوفان ڪڙو ٿي ويو هو ۽ هن کي هزارين اهڙا خط مليا هئا جن ۾ ڪيس عرض ڪيو ويو هو ته هو هئين جلد ۾ اها ڳالهه يقيني ٻڌائي ته بدمعاش کي پنهنجن ڪرتوتن جي سزا ضرور ملي. انتهائي حساس طبيعت جي مالڪ گوگول کي جيڪو اڳيئي روس مان جلاوطني جا ايذاءَ سهي رهيو هو انهن خطن لوڏي وڌو هن دوستن ۽ نقادن ڏانهن خط لکيا ته هو چيچيخوف کي هڪ سڌريل انسان ٻڌائيندو. پر سندس وڌندڙ ذهني خلل هئين حصي تي ٿورن تڪرن کان وڌيڪ ڪم ڪرڻ نه ڏنو. هن ۾ لاعلاج بي چيني پيدا ٿي پئي ۽ هو هڪ جاءِ کان ٻي جاءِ ڀٽڪندو رهيو تان جو 1848ع ۾ يروشلم جي زيارت به ڪيائين. آخرڪار هو روس موٽي آيو تڏهن هن وٽ هڪ ٿيلهي کان سواءِ پيو ڪجهه به نه هو. انهي ۾ اهي پمفليٽ ۽ اخباري تراشا هئا جن ۾ سندس ڪم تي بي رحمي سان حملا ٿيل هئا. اهي هن هِتي هُتي ورهائي ڇڏيا ۽ پنهنجا آخري

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏينهن عبادتون ڪندي ۽ ورت رکندي گذاريا. هن 1853ع ۾ پنهنجي موت جي بستري تي زور زور سان رڙيون ڪيون: "ڏاڪڻ جلدي ڪريو ڏاڪڻ!" فرض ڪيو وڃي ٿو تہ هيءَ اها روحاني ڏاڪڻ آهي جيڪا جيريمياهہ طلب ڪئي هئي ۽ جنهن جو پراڻي عهدنامي جي يوناني ترجمي ۾ ذڪر آهي. ڪجهہ وفادار دوستن سندس تدفين جو بندوبست ڪيو ۽ سندس هي پسنديده قول سندس لوح مزار تي نقش ڪرايو: "آءٌ پنهنجي تلخ ڪِلِ ڪلندس".

ꕥ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو هو فوت ٿي ويو. ڊوما ڳوٺ ۾ پنهنجي مسڪيني واري حالت ۾ رهندڙ ماءُ سان شروعاتي خوشي ۽ بي فڪري وارا سال گذارڻ کان پوءِ ايڪويهن ورهين جي ڄمار ۾ پيرس ويو هليو. سندس واحد خوبي جنهن جو ڪو ملھ ملي سگهي پيو اها سندس پلا اکر (Hand Writing) هئا. انهي ڪيس ڊيوڪ آف اورليئنس جي آفيسن ۾ ڪلارڪ جي نوڪري ونرائي ڏني. گهنديدار وارن ۽ حبشين جهڙن ٿلهن چپن وارو اهو نوجوان تمام بي خبر ماڻهو هو پر سندس هڪ دوست سندس ادبي تعليم تي ڌيان ڏنو ۽ هن ۾ لکڻ جي امنگ پيدا ٿي وئي. انهن گيت ناٽڪن تي گڏجي ڪم ڪيو پر اهي بلڪل ناڪام ثابت ٿيا. هن ڪي پهرئين جنهن سنجيده ڪم مان چڱي ڪاميابي ملي اهو هڪ رومانوي اسلوب ۾ تاريخي نظميہ ڊرامو هو. تڏهن سندس عمر ستاويهه ورهيہ هئي. بهرحال شهرت هن کان ڪجھ فاصلي تي بيٺي رهي ۽ 1829ع ۾ سندس ڊرامي Henri III et sa Cour ڪيس فوراً مڃتا ڏياري ڇڏي. تنهن کان پوءِ زندگي جو خوش مزاج عاشق، هٽ ڦاٽ پُرجوش ۽ سموري دنيا لاءِ مهربان حقيقي معنيٰ ۾ ڊوما منظر تي اچڻ شروع ٿيو ۽ هن عينڪ، سٺي رنگ واري واسڪوٽي، گهوڙو نوڪر ۽ محل جهڙي رهائش حاصل ڪرڻ ۾ دير ئي نہ ڪئي. ڪاميابي ڪيس ٻارن جهڙي خوشي سان پري ڇڏيو. هو کلندو ڳالهائيندو هو. چرچا گهڻا ڪندو هو ۽ دوستن دشمنن سيني سان هڪ جهڙو مُرڪندو مسڪرائيندو هو. هن ۾ تخليقي صلاحيت جي املھ ڏات ڪرموڙي رهي هئي جنهن ڪي اڳتي هلي ڪيس Lion of Paris ۽ ادبي فرانس جو نيم ديوتا ڪرڻو هو. هن ڪي پايا ڊوما سڏيو ويندو هو جنهن جا ڪتاب مهذب دنيا جي هڪ چيڙي کان ٻئي چيڙي تائين پڙهيا ويندا هئا. پر هن هڪ دفعي کلي دل سان اعتراف ڪيو هو تہ پنهنجا ڪتاب تہ سڀ کان اڳ هو پاڻ پڙهندو آهي.

سن 1830ع کان ستر ورهين جي ڄمار ۾ سندس وفات تائين سندس زندگي جي ڪهاڻي جا مکيہ عنصر تمام وڏي ادبي پيداوار، تمام وڏيون فضول خرچيون پُرشور رهڻي ڪهڻي ۽ تمام وڏي ڪاميابي آهن. هيوگو بالزڪ ۽ ٻي موسي کان سواءِ هو سيني کي وڻندو هو. انهن جي نفرت جو سبب بہ ساڙ ۽ حسد هو. ويندي سندس تمام گهڻو غرور بہ قابل قبول هوندو هو ڇاڪاڻ تہ انهيءَ ۾ تمام گهڻي سادگي هوندي هئي. هن ڪي مهم جوئيون ۽ سير تفريح وڻندي هئي ۽ انهي دور جي رومانوي ادب جون غمگين فنتسيون (Fantasics) سندس جذبن کي ٿڌو ڪري

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڏيندڙ هوندا. زندگي جيڪو ڪجهه ڏئي ٿي انهي کي خوشي سان قبول ڪرڻ ۾ ڊوما جي اندر ۾ وينل هڪ دائمي پار پيو ليئا پائيندو هو. انهي تازگي ڏيندڙ رويي جو گهڻو حصو The Three Musketeers جي صفحن تي ظاهر ٿي بيهي ٿو. اهو تمام طوفاني رفتار سان سن 1843ع جي آخر ۾ لکيو ويو ۽ پهريون دفعو قسط وار 1844ع ۾ ڇپيو. انهي ڪهاڻي کي ايتري ته فوري ڪاميابي ملي جو ڊوما پاڻ حيران ٿي ويو. چاڪاڻ ته انهي ۾ نه خيالن جي گهرائي آهي نه لطيف نثر ۾ تجربي مان ڇٽيل ڳالهيون آهن نه ئي ڪي اهڙا منظر آهن جيڪي پنهنجي درد انگيزي سبب پڙهندڙ تي اثر وجهن. ڪتاب سنئون سڌو تاريخ ۽ تخليق جو ملغوبو آهي. جنهن ۾ واقعا تڪڙا تڪڙا اڳتي وڌن ٿا ۽ انهي جي لکڻ جو مقصد تفريح مهيا ڪرڻ آهي ۽ اهو جنهن انداز ۾ سهيڙيو ويو هو انهي مان اها حقيقت ظاهر ٿئي ٿي ته اهو مقبول عام ۽ گهڻو وڪرو ٿيندڙ ڪتاب ڪڏهن به هڪ ادبي شاهڪار جو درجو حاصل نه ڪري سگهي ها.

ڊوما سان ڪم ۾ ڪيترائي شراڪت دار به هئا. انهي ڪري ئي هڪ زهر پريل نقاد هن جي ڪم بابت "فڪشن فيڪٽري" جا لفظ ڇپيا هئا. انهن مان اهم آگسٽ ماڪي (Auguste Maquet) نالي هڪ نوجوان ليکڪ ۽ اسڪالر هو. سندس ناولن لاءِ تحقيق جي ڪم جو وڏو حصو هو ڪندو هو ۽ هو ئي سندس ذهن ۾ خيال پريندو هو ۽ ناولن لاءِ خام مال مهيا ڪندو هو. ڊوما 1843ع ۾ لوئي چوڏهين جي دور بابت هڪ تاريخي ڪتاب لکڻ جي تياري دوران Memors d' Artagnon نالي هڪ ڪتاب ڏٺو اهو هڪ پگهاردار سپاهي هو جيڪو سترهين صدي جي اوائل ۾ ٿي گذريو. ڊوما ڪجهه خيالن جو خاڪو ناهيو ۽ اهو ماڪي ڏانهن سندس راءِ لاءِ موڪلي ڏنو پوءِ اهي شراڪت دار انهي ناول جي نمايان تاثر ۽ انداز تي بحث ڪرڻ لاءِ گڏجي ويٺا. لڳي ٿو ته The Three Musketeers جي سموري تحريري ڪم دوران بنيادي ڪم جو گهڻو حصو ماڪي ئي ڪيو آهي. تاريخي مواد به هن ئي مهيا ڪيو آهي ۽ لڳي ٿو ته ڪجهه اهم باب به هن جا ئي لکيل آهن پر پوءِ انهن ۾ ڦير ڦار ۽ انهن کي رنگ ۽ زندگي ڏيڻ جو ڪم ڊوما ئي ڪيو. بهرحال اهو چئي سگهجي ٿو ته جيڪڏهن اهو عظيم ماڻهو ٻانهن جا ڪف مٿي ڪيو. ڪليل گلي واري شرٽ پهريو پنهنجي ٻُسي ڪم واري ڪمري ۾ ڪنهن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لوهار وانگر هٿوڙا هڻي رهيو هو ته مارڪي ڪيس مناسب ڏيگهه جا لوهه جا سريا مهيا ڪرڻ ۾ مصروف لڳو پيو هو. انهي جي نتيجي ۾ تمام پڙهڻ جهڙو ناول منظر تي آيو جيڪو پنهنجي جدا جدا ٽڪرن جي لحاظ کان نه پر مجموعي طور ياد رکڻ جي قابل آهي. اهو جيتوڻيڪ غير يڪسان طور لکيل آهي پر انهي ۾ ڊوما جو زندگي لاءِ شوق ڪنهن تار نظر اچي رهيو آهي.

بغير ٻانهن وارن چوغن ۽ تلوارن واري ناول لاءِ تاريخي سيٽنگ به ڏاڍي واڪاڻ جهڙي نموني چونڊي وئي آهي. فرانسي تاريخ جو ڪو به دور لوئي تيرهين (43 _ 1610ع) جي دور کان وڌيڪ بي اطميناني ۽ سازشن سان ڀريل نه رهيو آهي. تڏهن ڪارڊينل ريشلو جو مضبوط هٿ ئي ملڪ ۾ نالي ماتر طاقت ۽ اتحاد پيدا ڪري رهيو هو. ملڪ اندروني اختلافن جو شڪار لڳو پيو هو. انهي جا مکيه سبب اهي هئا جو بادشاهه بلڪل هيٺو ۽ ڪمزور هو امير پاڻ ۾ وڙهيا پيا هئا ۽ ڪيٿولڪن ۽ هيوجي ناٽس ۾ مذهبي بنيادن تي شديد ڦوٽ پيل هئي. هٿيار بند جٿا ۽ خانگي فوجون پيون ملڪ ۾ گهمنديون هيون. ڪنهن مسئلي جي نبيري لاءِ ٻن ماڻهن ۾ دويدو مقابلن (duel) تي جيتوڻيڪ سرڪاري طور پابندي هئي پر انهن ۾ هر سال سوين ماڻهو مري ويندا هئا. ڪنهن نظام تحت نه هلندڙ سماج ۾ اخلاق ته بلڪل هيناهين سطح تي هئا. انهي کان اڳ ۾ ڪڏهن به ڪنهن ڏن جي پڪي نوجوان ماڻهو لاءِ تلوار جي زور تي شهرت، دولت ۽ سهڻين عورتن جون نوازشون حاصل ڪرڻ لاءِ اهڙو بهترين موقعو ڪڏهن به نه رهيو هو. ناول جي ماخذي ڪتاب مطابق Monsier d Artgnan به اهڙي ئي قسم جو ماڻهو هو. هو بادشاهه جي Musketeers ۾ آفيسر هو. ڊوما ڪي انهي ۾ پنهنجي مطلب جي ڳالهه ملي وئي ۽ انهي کي پنهي هٿن ۾ ڪٽي قابو ڪيائين. سڀ کان اڳ هن پنهنجن مختلف ماخذن مان تاريخي پس منظر ۾ اهڙا ڪجه اهم ماڻهو حاصل ڪيا جيڪي سندس قصي ۾ ڪو ڪردار ادا ڪندا: ڪمزور ۽ چيڙاڪ لوئي تيرهون، سندس سهڻي پر ناخوش راڻي اين آف آسٽريا، هر وقت چوڪس ۽ هر جاءِ تي ڊپ جي علامت ڪارڊينل ريشيلو ڊيوڪ آف بڪنگهم چارلس ٻهرئين جو "ڏيک ويک پسند ڪندڙ پر نااهل مصاحب لاروشيلا ۾ محاصري هيٺ آيل هيوجي ناٽس جي مدد لاءِ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندڙ ناڪام مهم جو ليڊر جنهن بابت چيو وڃي ٿو تہ هن جو فرانسي راڻي سان معاشقو هلندڙ هو.

جڏهن اهي ڪردار پلاٽ ۾ پنهنجو پارٽ ادا ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويا تہ ڊوما پنهنجي ڪهاڻي شروع ڪئي. ڊي آرتگنان ارڙهن ورهين جو هڪ گيسڪن نسل جو نوجوان آهي. هو شان مان ۽ عزت حاصل ڪرڻ لاءِ آتو آهي ۽ پاڻ سان ٿيل ڪنهن بہ بي عزتي جو بدلو تلوار سان وٺڻ لاءِ هر دم تيار آهي. هو هڪ پوڙهي بيمار گهوڙي تي چڙهي پنهنجو مقدر آزمائڻ لاءِ پيرس نڪتو آهي. ڪيس ڪيسي ۾ پندرهن ڪرائونن ۽ ڦٽ چڏائڻ لاءِ هڪ معجزاتي ملم جي دبلي کان سواءِ ڪجه بہ نہ آهي. پيرس ۾ هو ٽن ماڻهن سان دائمي دوستي جو معاهدو ڪري ٿو پر انهي کان اڳ ۾ هو انهن مان هر هڪ سان duel وڙهيو آهي. اهي هن سان واعدو ڪن ٿا تہ هو ڪيس شاهي محافظ دستي Musketeers ۾ نوڪري ڏياريندا. اهو ۽ سندس ٽئي دوست ريشيلو جي محافظن سان ڪيترائي دفعا ٻہ ٻہ هٿ ڪن ٿا. ريشيلو جي محافظن جون فقط انهن دوستن سان نہ پر سمورن Musketeers سان پيرس جي گهٽين ۾ لڙايون ٿينديون رهن ٿيون. انهن ٽن دوستن مان هڪ ايٿوس (Athos) هڪ وڏو معزز ماڻهو آهي. سندس ذهني قالب رومانوي آهي. ٻيو پورٿوس (Porthos) مغرور، ٿلهو متارو پر سٺي طبيعت وارو بيوقوف آهي ۽ ٽيون آرامس (Aramis) ڪنهن وقت چرچ ۾ ڪلارڪ رهي چڪو هو. هو هاڻي وري چرچ ۾ نوڪري جو خواهشمند آهي ۽ پنهنجي واندڪائي واري وقت ۾ مذهبي مقالا لکندو رهي ٿو.

هاڻي منظرنامي تي مٿاهين درجي واري سياست اچي وڃي ٿي. ريشيلو راڻي جون نوازشون حاصل ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري چڪو آهي هن کي بڪنگهم جي ڳجهي محبت بابت ڄاڻ آهي. هو هن ڏانهن راڻي جو فرضي نياپو موڪلي ڏناري پيرس گهرائي ٿو. لوئي پنهنجي زال کي ٻارنهن هيرن وارو ٻٽڻ جو سيٽ ڏنو آهي ۽ هوءَ اهي بڪنگهم جي خدمت ۾ انهي شرط تي پيش ڪري ٿي تہ هو فوراً انگلينڊ موٽي وڃڻ جو واعدو ڪري. ريشيلو تحفي بابت ٻڌي وٺي ٿو ۽ راڻي کي بي ماناڻتو ڪرڻ جي اها رٿ رٿي ٿو تہ لوئي کان هڪ ڊانس پارٽي جو اعلان ڪرائي ٿو جنهن ۾ هو راڻي کي اهي هيرن وارا ٻٽڻ پائڻ جو چوندو. ريشيلو انومان

ڪري ٿو ته راڻي اهي بڪنگهم کان واپس موٽائڻ لاءِ ڪو ماڻهو موڪليندي ۽ هڪ عورت ايجنٽ جو بندوبست ڪري ٿو جيڪا لنڊن وڃي ۽ ٻنڻ چورائي ڇڏي اهڙي طرح راڻي پارٽي ۾ هارنهن بجاءِ ڏهه ٻنڻ هڻي ايندي ماءِ ليڊي(Milady) نالي اها ايجنٽ ڪتاب جو هڪ مکيه ڪردار آهي اها مائي به پنهنجي متي هڪ ڊرامو آهي. سندس منهن سهڻو پر دل بڇڙي آهي. هن جي ايٿوس سان شادي ٿيل هئي پر پوءِ هن کان ڌار ٿي وئي. وري هڪ انگريز سان شادي ڪيائين. فرانس ۾ هن تي ڪيترن ئي نوجواني وارن ڏوهن جا الزام لڳا هئا. هن کي اڌ نانگڻ اڌ شينهڻ چيو ويو آهي. اها نانگڻ شينهڻ به ٻنڻ چورائي ٿي ۽ ڊي آرٽگنان ۽ ٽي بندوقچي هن جو تعاقب ڪندا اچن ٿا جو راڻي انهن جي ذمي اهو ڪم رکيو هو ته هو بڪنگهم کان سيٽ واپس وٺي اچن. رستي ۾ ريشيلو جا پيا ايجنٽ پائرن جي انهي جٽي تي حاوي ٿيڻ جي ڪوشش ڪن ٿا پر انهن جو اصول آهي ته "سيني جي بدلي ۾ هڪ ۽ هڪ جي بدلي ۾ سيئي". پوءِ پورٿوس، آرامس ۽ ايٿوس ڪاميابي سان ويڙهاند کي منهن ڏين ٿا ۽ ڊي آرٽگنان تي زور پرين ٿا ته هو انهن کي ڇڏي ۽ پنهنجي مقصد کي پورو ڪري. هو انگليند پهچي بڪنگهم کان ٻنڻ وٺي ٿو جنهن بن چورايل ٻنڻن جي جاءِ تي به هوبهو اهڙا ٻنڻ ٺهرائي رکيا آهن ۽ راڻي پوري وقت تي مڪمل سيٽ سان ڊانس پارٽي ۾ پهچي ٿي.

هاڻي پلاٽ ۾ هڪ نئين استيج کلي ٿي. هٿيارن وارن پائرن کي لاروشيلا جي محاصري لاءِ گهرايو وڃي ٿو ۽ اهي اجا اتي ئي آهن ته آرٽگنان کي قتل ڪرڻ جون به ڪوششون ٿين ٿيون انهي جي پنيان ماءِ ليڊي جو هٿ هو. آرٽگنان هن سان ڳجهي ملاقات ڪئي هئي ۽ سندس داغ جي نشان جو راز دريافت ڪري ورتو هئائين. فوجي ڪيمپ جي پرسان ريشيلو ماءِ ليڊي سان ڳالهه ٻولهه ڪري ٿو جيڪا ايٿوس ٻڌي وٺي ٿو. هن کي انگليند وڃي بڪنگهم کي لاروشيلا جي ڪمڪ لاءِ اچڻ کان باز رکڻ جي ڪوشش ڪرڻي آهي. هن کي ڪارڊينل طرفان دڙڪا دهمان ڏيڻا آهن ته هو ديوڪ تي راڻي سان لاڳاپن جي ڳالهه کولي راڻي کي تباهه ڪري ڇڏيندو. چار ئي بندوقچي ـ هاڻي ڊي آرٽگنان جو نالو به لسٽ ۾ لکجي ويو آهي ـ قلعي جي دفاع جي وٿين ۾ انهي چال جو توڙ ڪيڻ بابت بحث ڪن ٿا. اهو قلعو هيوجي ناٽس کان ڦريو ويو هو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سهندڙ راڻي پاران وڙهن ٿا. انهي جو اهو سبب ته مروت ۽ مردانگي پر اهو سبب شيطاني آهي. وري نوجوان پگهاردار سپاهين جو احوال آهي جيڪي پنهنجين تلوارن جي زور تي جيئن ٿا، پنهنجين محبوبائن سان وفادار ۽ پنهنجن دشمنن لاءِ ڪٺور آهن ۽ پنهنجن دوستن سان ڪل خوشي ۽ فياضي سان پيش اچن ٿا. اهي دل کولي پيئن ٿا، گهري ننڊ ڪن ٿا ۽ زندگي سان محبت ڪن ٿا ۽ لوئي فلپ جي دور ۾ جڏهن The Three Musketeers پهريون دفعو ڇپيو هو- ۽ پڻ اسان جي دور ۾ _اهڙن ماڻهن لاءِ دائمي ڪشش هوندي هئي.

# 44. وينٽي فيئر

## ــ ڊبليو. ايم. ٿيڪري ــ

وڪٽوريائي ناول نگارن مان ـ اها به ڪهڙي نه بهترين ست آهي! ڪنهن به ملڪ يا دور ۾ ڪير انهن کان اڳتي نه نڪري سگهيو آهي ـ ٿيڪري کي اهڙي برتري واري حيثيت آهي جنهن کي ڊڪنس کان سواءِ ڪير به للڪاري نه سگهيو آهي ۽ ڪجھ بهترين نقاد اهو به چون ٿا ته ٿيڪري کي انهي پيٽ کان ڪو به ڊپ ڊاءِ نه آهي. جيتوڻيڪ سندس هڪ يا ٻه ناول لڳي ٿو ته سندس مزاج جي خلاف لکيل آهن پر هن Henry Esmond ۾ انهي سان لاڳاپيل ۽ انهي جي تڪميلي The Virginians ,Pendennis ۽ The Newcones ۾ پنهنجي ماهراڻي انداز جو اظهار ڪيو آهي. پر سندس انداز The Vanity Fair ۾ تمام پڪي پختي نموني ۽ تمام ڪاميابي سان ظاهر ٿئي ٿو. سندس ناولن مان هيءَ سڀ کان پهريان ڇپيو (شروع ۾ مهيني وار شمارن جي صورت ۾ 1847ع کان شروع) ۽ ڪيس مشهوري ڏياري ڇڏي هاڻي اهو هڪ سو ورهيه کان به وڌيڪ عرصي کان فڪشن جي عظيم شاهڪارن جي ڪهڙي به فهرست ۾ پنهنجي جاءِ پڪي ڪيون بيٺو آهي.

هو اسان کي بلڪل شروعاتي صفحي ۾ ئي ٻڌائي ڇڏي ٿو ته Vanity Fair هڪ بيچڙي ۽ احمقاڻي جاءِ آهي. اها هر قسم جي ٺڳن، ڪوڙ ۽ جعل سازين سان ڀريل آهي. پر هو اٿندي سان ئي اسان کي ڪا خطرناڪ شي نه ٿو ڏيکاري ڪتاب جون مهيني جي هڪ روشن صبح جو شروع ٿئي ٿو. منظر چِس وڪ مال تي مس پنڪرٽن جي نوجوان عورتن لاءِ اڪيڊمي جو وڏو لوهي ڦاٽڪ آهي. انهي هشمت جهڙي خاتون سان واقفيت رکندڙ اهڙو ڪهڙو ماڻهو هوندو جيڪو سمجهندو ته هن سان لاڳاپيل ڪا به شي عزت ۽ احترام جي اعليٰ ترين مقام تي نه آهي. انهي جو سبب اهو آهي ته هوءَ ڊاڪٽر جانسن سان پنهنجي دوستي جي ڳالھ هر ڪنهن کي ٻڌائيندي هئي. جنهن انهي اداري کي هڪ دفعو پنهنجي دوري سان

اعزاز بخشيو هو ۽ سندس ڊڪشنري جي هڪ هڪ ڪاپي فارغ ٿيندڙ شاگردياڻي جي هٿن ۾ ڏني ويئي هئي. مس پنڪرٽن جون نوجوان شاگرديائيون سليقي، سگهڙائپ ۽ عورتن جي شايان شان اتي ويئي جا آدرشي نمونا هيون ۽ اهي جڏهن موڪلن ۾ گهرن ڏانهن وينديون هيون ته انهن جو رخ شهر جي امير ماڻهن جي حويلين يا زميندارن جي ڳوٺن وارين رهائش گاهن ڏانهن هوندو هو. جيئن اڪثر ٻين شين ۾ ٿيندو آهي تيئن هڪ ڳالهه هن قاعدي جي به ابتڙ هئي. انهن ۾ هڪ عورت يا ڪٿي ڇنڇي ته ڇوڪري ٻين کان مختلف هئي. سندس عمر سترهن ورهيه هئي. سندس بابت لکيل آهي ته هو قد بت ۾ هلڪي هئي، سندس رنگ ڦڪو وار ڦڪاڻ مائل ڳاڙها ۽ سندس اکيون سدائين جهُڪيل هونديون هيون پر هوءَ جڏهن مٿي نهاريندي هئي ته سندس اکيون تمام وڏيون، دلڪش ۽ عجيب لڳنديون هيون. اهي سائي رنگ جون هونديون هيون ۽ اها ڳالهه ڪنهن جا به ڪن ڪڙا ڪرائڻ لاءِ ڪافي آهي.

وينٽي فيئر جو ذيلي عنوان آهي، "هيرو کان سواءِ ناول"، ۽ حقيقت به اها آهي ته قصي ۾ موجود مردن بابت اهڙي ڪا به ڳالهه نه آهي جنهن بابت رڙيون ڪري ڳالهائي سگهجي. جارج آسبورن هڪ امير پيءُ جو هٺ ڦاڙ پٽ آهي. سندس گهر رسل اسڪائر ۾ آهي. هو هڪ بيوقوف نوجوان آهي سندس بهترين دوست ڊابن به هن وانگر غلطيون ڪندو رهي ٿو. جوس سيڊلي موڪل تي گهر آيل آهي. هن کي بادشاهه سلامت جي ايسٽ انڊين سروس ۾ نوڪري آهي. هن کي پنهنجي واسڪوٽين ۽ کاڌي پيتي جي ذوق تي ڏاڍو فخر آهي. هو سست ۽ مٿي جو ڍير آهي. اسين هاڻي هيمٽس ڪائونٽي جي ڪرالي ڪٽنب جو ذڪر ڪريون ٿا. انهن مان سر پٽ نيچ پوڙهو ۽ عياش شخص آهي. هو ميڻ بتيون پيو ورهائيندو آهي ۽ رات جي ماني ۾ ماني ۽ پنير کائيندو آهي. سندس پٽن مان پٽ تنگ نظر ۽ ڪٽر مذهبي آهي ۽ راڊن فوجي ماڻهو آهي پر جوا، عزت خاطر دوبدو لڙاين ۽ ٻين اعليٰ طبقي جي بچڙاين سبب سندس شهرت خراب آهي. نا وينٽي فيئر ۾ ڪو به هيرو نه آهي. پر ناول ۾ هڪ هيروئين آهي پر انهي لاءِ اسان کي هيروئين جي اصطلاح ۾ انگريزي فڪشن جي سڀ کان وڏيڪ هوشيار سڀ کان وڏيڪ بي لڄي ۽ ننڍي مهم جو عورت کي شامل ڪرڻ لاءِ تيار رهڻو پوندو. سندس نالو ريبيڪا شارپ آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مختصر طور بيٺڪي هائو! توهان اندازو هڻي ورتو آهي اِها اُها ساين اڪين واري ننڍڙي شرارتي ڇوڪري آهي جنهن ڏانهن اڳ ۾ ئي اشارو ڏنو ويو آهي. اها هيروئين هجي يا نه پر شروع کان ئي دلچسپي جو مرڪز آهي ۽ اها به حقيقت آهي ته انهيءَ کان سواءِ وينٽي فيئر وجود ۾ ئي نه اچي سگهي ها.

"آءٌ سمجهان ٿي ته مون کي جيڪڏهن ساليانو پنج هزار هجن ها ته آءٌ هڪ سٺي عورت ٿي سگهيس پئي". ٽيڪري هن کان ڇورائي ٿو آءٌ جيڪڏهن ڪنهن ڳوٺاڻي معزز جي زال هجان ها ته نرسري ۾ وبئي وقت وڃايان ها ۽ پتين تي زرد آلو پئي ڳڻيان ها. آءٌ گلن کي پاڻي پئي ڏيان ها, گل شمعداني مان سڪل پن پئي پٽيان ها, پوڙهين عورتن کان سندن سنڌن جي سور بابت پڇا پئي ڪريان ها ۽ غريبن لاءِ اڌ ڪرائون ملهه جو سوپ پئي ٺهرايان ها. مون کي جيڪڏهن ساليانو پنج هزار هجن ها ته مون کي اهي ڳالهيون ايتريون ڏکيون نه لڳن ها. آءٌ چرچ وڃان ها ۽ ڪٽنبن لاءِ مخصوص وڏي سيٽ تي ويٺي جاڳان ها يا پردن پٺيان ننڊ ڪريان ها يا جيڪڏهن مون وٽ پئسا هجن ها ته هر ڪنهن کي پئي ڏيان ها. پر مس بيڪي هڪ اهڙي آرٽسٽ جي ڌي هئي جنهن کي پاڻ تي قرض چاڙهڻ جي ڏاڍي عادت هوندي هئي ۽ شراب خانن سان ڏاڍو لڳاءُ هوندو هوس. هو جڏهن پيي مدهوش ٿي ويندو هو- ۽ اها ڳالهه اڪثر ٿيندي رهندي هئي- ته پنهنجي زال ۽ ڌيءُ کي مار ڏيندو هو ۽ ٻئي صبح جو مٿي جي سور سان سموري دنيا تي ڦٽ لعنت ڪندو هو ته اها سنڌس ذات کي نظر انداز ڪري رهي آهي. هن کي پنهنجي پيءُ واري ذهانت ورثي ۾ ملي هئي پر هوءَ غريبن جي ٻارن وانگر وقت کان اڳ ذهين ٿي وئي هئي. هن ڪيترن ئي قرض خواهن سان ڳالهيون ٻولهيون ڪري پنهنجي پيءُ جي در تان واپس موٽايو هو ۽ ڪيترن ئي واپارين سان منٿون ڳالهيون ڪري چاپلوسي ڪري انهن کي سٺي موڊ ۾ آڻي انهن کي وڌيڪ هڪ ويلي جي ماني ڏيڻ تي راضي ڪيو هو. سندس پيءُ کي هن جي ظرافت تي ڏاڍو ناز هوندو هو ۽ هن جي عادت هوندي هئي ته هو جڏهن وٽس شراب پيئندو هو ته هوءَ سندس پرسان ويهي سندس جهنگلي دوستن جون ڳالهيون ٻڌندي هئي. اهڙيون ڳالهيون جيڪي اسين سمجهي سگهون ٿا ته ڪنهن به ڇوڪريءَ لاءِ ٻڌڻ مناسب نه هونديون. پر سندس ماءُ ڪٿان ڪا تعليم پرائي هئي ۽ انهي جو نتيجو اهو نڪتو جو بيڪي اهڙي خالص ۽

پيرس جي لهجي واري فرانسي بولي ڳالهائڻ سگهي وئي جيڪا انهن ڏينهن ۾ غيرمعمولي صلاحيت ليکي ويندي هئي. بيڪي کي انهي جي آڌار تي مس پنڪرٽن جي اڪيڊمي ۾ خيراتي شاگرديائي ڪان ترقي ڏئي فرانسي جي ماسترياڻي جي عهدي تي رکيو ويو. پر جڏهن انهي شاهاڻي عورت خرچ بچائڻ جي لحاظ کان بيڪي کي هدايو ته ڪيس مستقبل ۾ نين شاگرديائين کي فرانسي سان گڏوگڏ ميوزڪ جي به سکيا ڏيڻي پوندي ته ڇوڪري نپ جواب ڏئي ڇڏيو. "پنجتيهن ورهين کان"، مس پنڪرٽن چيو "مون اهڙو ڪو به ماڻهو نه ڏٺو آهي جنهن منهنجي گهر ۾ منهنجي اختيار کي للڪارڻ جي ڪوشش ڪئي هجي. مون پنهنجي سيني ۾ هڪ نانگ تاتيو آهي". "ڇا هڪ نانگ؟ ڇئه ته هڪ گز" مس شارپ انهي عورت کي اتر ڏنو جيڪا حيرت سبب بيهوش ٿيڻ تي هئي. "توهان مون کي انهي ڪري نوڪري تي رکيو هو جو آءٌ ڪارائتي هئس. اسان پنهي جي وچ ۾ احسان مندي جي ڪا به ڳالهه ڪونهي. مون کي هن جاءِ کان نفرت آهي ۽ آءٌ هن کي ڇڏڻ گهران ٿي... مون کي ڪجهه رقم ڏي ۽ مون مان جان آجي ڪراءِ يا جيڪڏهن تون بهتر سمجهين ته مون کي ڪنهن معزز ماڻهو جي گهر ۾ گورنيس طور سني جاءِ ڏيار. تون جيڪڏهن چاهين ته اهو ڪم ڪري سگهين ٿي".

مس پنڪر ٽن واقعي ائين چاهيو پر هن جيڪا جاءِ ڳولهي اها ڪنهن وڏي امير نه پر هڪ بيرن جي گهر ۾ هئي. هن جاءِ ته ڳولهي ڏني پر ڇوڪريءَ کي ڊڪشنري جي هڪ ڪاپي ڏيڻ کان سختي کان انڪار ڪري ڇڏيائين. سندس پيڻ مس جميما نرم مٽي جي نهيل هئي ۽ جڏهن مس بيڪي ۽ سندس پياري سهيلي آميليا سيڊلي کي کڻي ويندڙ گاڏي هلڻ تي هئي ته انهي مهربان مخلوق دري مان هڪ پارسل اندر اڇلايو "پياري هي ڪجهه سئنڊوچ آهن". هن اميليا کي چيو جيڪا شاگرديائين ۾ ڪيس ڏاڍي وڻندي هئي. "توکي شايد بک لڳي هجي ۽ بيڪي بيڪي شارپ هي تنهنجي لاءِ هڪ ڪتاب آهي، جيڪو منهنجي پيڻ يعني آءٌ- توکي خبر آهي جانسن جي ڊڪشنري: تون انهي کان سواءِ نه وڃ. خدا حافظ الله توهان تي رحمت ڪريا ۽ جيئن ئي گاڏي هلي ته مس شارپ پنهنجو ڦڪو منهن دري مان ٻاهر ڪڍيو ۽ ڪتاب باغيچي ۾ اڇلائي ڇڏيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لنڊن ۾ سيڊلي ڪٽنب وٽ ڪجھ وقت رهڻ کان پوءِ. تڏهن هوءَ اميليا جي ڀاءُ جوس سيڊلي کي پنهنجي چار ۾ ڦاسائڻ تي هئي ۽ هو جيڪڏهن واڪس هال گارڊنز ۾ هڪ پارٽي ۾ تمام گهڻو مدهوش ٿي نه اچي ها ته هوءَ ڪيس ڳنڍي هٿي چڪي هجي ها. راڊي ڪرالي وٽ پنهنجي نوڪري تي اچي چڙهي. اتي هن هر انهي ماڻهو جي خوشامد ڪئي جيڪو هن لاءِ ڪنهن به لحاظ کان فائدي مند ٿي سگهيو ٿي. هن گندي قنوطي ۽ سخت بدنام سر پٽ ڪرالي جي خوشامد ڪئي. سندس شاهوڪار پيڻ مس ڪرالي جي خوشامد ڪئي ۽ سندس لومڙين جي شڪاري پادري ڀاءُ جي خوشامد ڪرڻ سان گڏوگڏ سندس پٽن پِٽ ۽ راڊن جي به چاپلوسي ڪئي. اهي ٻئي پنهنجي ڪردار ۽ ڪمن ڪارين جي لحاظ کان هڪ ٻئي کان ڏاڍا مختلف هئا. هوءَ جلدئي ٻيرن کي پنهنجي آڱرين تي نچائڻ لڳي ۽ اسان کي جلدئي هڪ غيرمعمولي منظر ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جنهن ۾ پوڙهو سر پٽ (جنهن جي زال ايترو ته تازي فوت ٿي آهي جو اڃا ان جي تدفين به نه ٿي آهي) ننڍڙي گورنيس اڳيان گوڏا ٽيڪي ڪيس شادي جي آڇ ڪري رهيو آهي. "بيڪي ها چئه. آءُ پوڙهو ماڻهو آهيان پر سٺو آهيان. آءُ ايندڙ ويهن ورهين تائين سٺو رهندس. آءُ توکي خوش رکندس. توکي جيڪو وڻي اهو ڪجانءِ جيڪو وڻئي خرچ ڪجانءِ سڀ ڪجھ پنهنجي مرضي سان ڪجانءِ.

اسان اها سموري ڳالهه هلندي (ٺيڪري لکي ٿو) ربيڪا کي ڪڏهن به پنهنجي حاضر دماغي کي هٿان وڃائيندي نه ڏٺو آهي. پر هاڻي سندس حاضر دماغي سندس ساٿ نه ڏنو ۽ هو روئي ويئي ۽ سندس اکين مان سچا ڳوڙها وهي پيا. "او سرپٽ" هن چيو "اوسر! آءُ اڳيئي پرڻيل آهيان". هوءَ جيڪڏهن ٿوري دير ترسي ها. هن ڏاڍي خفگي سان سوچيو ته هوءَ جيڪر ليڊي ڪرالي هجي ها. پر هن ننڍي پٽ راڊن سان شادي ڪري ڇڏي هئي.

سندس پياري دوست اميليا سيڊلي جنهن جو اڳ ۾ ئي ذڪر ٿي چڪو آهي اها بيڪي شارپ کان بلڪل مختلف آهي. هوءَ ڏاڍي سهڻي ننڍڙي ڇوڪري آهي. هوءَ ڏاڍي خوش خلق، کل مک ۽ نرم مزاج هوندي هئي ۽ سندس ويجهو ايندڙ هر ماڻهو جي دل کٽي ويندي هئي. ٺيڪري جو هن بابت اهو خيال آهي. پر انهي ڳالهه کان ڊپ ڪرڻ گهرجي ته ٺيڪري پنهنجن ناولن جي عورتن کي نرم ۽ ٻين

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي پاسي ۾ رهندڙ ڏيکارڻ چاهيندو آهي. جن ماڻهن جو سٺو رايو نہ هجي اهي مس سيڊلي کي غير اهم ننڍڙي ڇوڪري سمجهي سگهن ٿا ۽ انهن کي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ پئي آئي تہ سهڻي نوجوان ڪيپٽن آسبورن انهي ۾ ڇا ڏٺو هوندو. هو جيڪڏهن ڪو معزز ماڻهو نہ هو (جيڪا ڳالهہ هو پسند ڪري ها) پر ڪيس وينٽي فيئر جو شهري تہ سڏي سگهجي پيو. تنهن ڪري اميليا جو پيءُ نيپولين جي ايلبا کان واپسي تي ڏيواليو ڪيڏي بيٺو تہ هُن بہ هن سان شادي ڪرڻ ۾ ڪا اتاولائي نہ ڏيکاري ۽ جارج جي پوڙهي پيءُ بہ انهي شادي جي اجازت نہ ڏني. اهو ڊابن ئي هو جنهن کي پاڻ جيتوڻيڪ اميليا سان تمام گهڻي محبت هئي ۽ هو سندس ڳوڙها نہ ٿي ڏسي سگهيو تنهن ڪري جارج کي بار بار چوندو رهيو تہ هو پنهنجي واعدي کي پاڙي ڏئي ۽ پنهنجي پيءُ جي ڪا بہ پرواهہ نہ ڪندي ڇوڪريءَ سان شادي ڪري

هاڻي اسين ناول جي انهن بابن ڏانهن اچون ٿا جن کي اڪثر يا سڀئي پڙهندڙ ناول جا سڀ کان وڌيڪ دلچسپ باب سمجهن ٿا. واٽر لوجي مهم شروع ٿيڻ واري هئي ۽ آسبورن، ڊابن ۽ راڊن ڪرالي برسلز ۾ پنهنجين ريجمينٽن ۾ وچي دخلڪار ٿيا. بيڪي ۽ اميليا انهن ڏينهن جي عجيب دستور مطابق پنهنجن مڙسن سان گڏجي ويون. بيڪي جنرل کان وٺي ننڍي کان ننڍي آفيسر تائين سڀني مردن کي پاڻ ڏانهن متوجہ ڪري ورتو. باقي اميليا تہ اڳيئي نظر انداز ٿيل زال هئي. "آسبورن" بيڪي جي چاهيندڙن منجهان هو. جنگ کان اڳ واري شام جو سندس ضمير کيس پنهنجي ڪنوار سان برتاءَ تي ڇهنبڙيون وجهڻ لڳو. انهن جي آخري جدائي جو احوال ڏاڍي دل پڇائيندڙ نموني بيان ٿيل آهي. انهي کان پوءِ آسبورن جلدي وڃي پنهنجي يونٽ وارن سان مليو. هو پنهنجي ڪمپني جي مهڙ ۾ وڃي رهيو هو تہ اميليا کي سندن رهائش گاهہ جي دري ۾ بيٺل ڏٺائين. پوءِ ڪجه صفحا اڳتي واٽرلو جي جنگ جو احوال ڪجه پيراگرافن ۾ ڏنل آهي. انهن جي پڇاڙي تمام بهترين ۽ گهٽ لفظن واري تڪري تي ٿئي ٿي.

"هاڻي برسلز ۾ فائرنگ جو آواز ٻڌڻ ۾ نہ پئي آيو. حقيقي جنگ ڪيترائي ميل پري ٿي رهي هئي. ميدان ۽ شهر تي اوندهہ ڇانئجي وئي ۽ اميليا جارج لاءِ دعا پئي گهري جيڪو پٽ ڏانهن منهن ڪيون مئو پيو هو. هڪ گولي سندس دل مان آرپار ٿي وئي هئي".

# 45. جين آئير

## ـــ شارلٽ برونٽي ـــ

يارڪ شائر پٽ جي ڪناري سان هاورٿ واري پادري جي گهر ۾ ماڻهو مانِي منجهند جو ڪائي چڏيندا هئا ۽ 1847ع ۾ هڪ ٽپهري جو جڏهن ڪاڏي جي ٽيبل صاف ٿي چڪي هئي سڀ کان وڏي ڌيءُ پنهنجي پوڙهي پيءُ جي مطالعي جي ڪمري جو دروازو ڪجه ڌجندي ڌجندي ڪڙڪايو ۽ ڪمري ۾ داخل ٿي. ڪيس هڪ ڪتاب ۽ ڪجه اخباري تراشا هٿ ۾ ڏنا.

"بابا، هن ڳالهائڻ شروع ڪيو "مون هڪ ڪتاب لکيو آهي".

"واقعي، منهنجي پياري؟"

"هائو ۽ منهنجي مرضي آهي ته توهان اهو پڙهو".

"منهنجي خيال ۾ انهي سان منهنجي اکين ۾ ڏاڍو سور ٿيندو".

"پر اهو هٿ لکيل نه آهي، اهو ڇپيل آهي".

"منهنجي پياري! تون انهي تي آيل خرچ جو ته سوچيو ئي نه آهي! اهو ته لازماً گهاٽي ۾ ٿي ويندو. جو تون ڪتاب وڪرو ڪيئن ڪندين؟ ڪير به توکان يا تنهنجي نالي کان واقف ئي نه آهي".

"پر بابا، منهنجي خيال ۾ ته انهي مان ڪو نقصان نه ٿيندو. توهان مون کي هڪ به تبصرا ته پڙهي ٻڌائڻ ڏيو ۽ مون کي موڪل ڏيو ته توهان کي انهي بابت ڪجه وڌيڪ ٻڌايان". انهي تي اها نوجوان عورت، اها ايتري نوجوان به نه هئي حقيقت ۾ سندس عمر 31 ورهيه هئي، ويهي رهي ۽ ڪجه تبصرا پنهنجي پيءُ کي پڙهي ٻڌايائين ۽ پوءِ کيس ڪتاب جي ڪاپي ڏئي اهو پڙهڻ لاءِ اڪيلو ڇڏي وئي. ڪجه ڪلاڪ پوءِ هو جڏهن چانهه پيئڻ آيو ته چيائين. "ڇوڪريون خبر اٿانو ته شارلٽ هڪ ڪتاب لکيو آهي ۽ توقع کان گهڻو ڀلو آهي؟"

شارلٽ برونٽي "جين آئير" لکڻ جي خبر پنهنجي پيءُ کي ائين ٻڌائي هئي. سندس اهو بيان سندس لفظن ۾ مسز گيسڪيل پاران سندس لکيل سوانح ۾

ڏنل آهي. سنڊس سيني سوانح عمرين مان اها سڀ کان بهترين آهي ڇاڪاڻ تہ هوءَ شارلٽ برونٽي کي ذاتي دوست جي حيثيت ۾ سڃاڻندي هئي.

جين آئير هڪ هٿين خالي يتيم آهي جنهن کي سنڊس پڦي مسز ريڊ جي نگهباني هيٺ ڇڏيو ويو آهي. هوءَ انگريزي فڪشن ۾ ملنڊڙ مڊل ڪلاس ميٽرن (وڏي عمر جي سار سنڀال لهندڙ عورت. سنڌيڪار) جو اڻ وٽندڙ نمونو آهي. ڪهاڻي جي شروعات وقت ننڍڙي جين ذهن ورهين جي آهي. سنڊس پڦي جا ٻار عام طور ڪيس هيسائيندا، ڌمڪائيندا ۽ ڌڪا ڏيندا رهن ٿا. تان جو هو هڪ دفعو پاڻ سان ٿيندڙ خراب ورتاءَ تي ڏاڍي جذباتي انداز ۾ ۽ ڏک ۽ افسوس ۾ ڳالهائي ٿي. انهي تي ڪيس يتيم ڇوڪرين جي تعليم جي هڪ خيراتي اداري ۾ ڦٽو ڪيو وڃي ٿو. ناول ۾ انهي کي لووڊ (Lowood) انسٽيٽيوشن سڏيو وڃي ٿو. حقيقي زندگي ۾ انهيءَ جا ٻار پيتا ڪوون برج تي ليڊس کان ڪينڊل وينڊڙ روڊ جي پر سان هڪ اداري سان مِلن ٿا. شارلٽ برونٽي ۽ سنڊس ڀينرون اتي ڪجھ ورهيہ شاگرد ٿي رهيون هيون.

سنڊس بيان مان لڳي ٿو تہ اها گهٽ ۾ گهٽ انهي جي شروعاتي ورهين ۾ تہ ڏاڍي خطرناڪ جاءِ هوندي اهو ڏاڍي غير صحتمند علائقي ۾ واقع هو جتي حالتون تمام خراب هيون. ڪاڏو بلڪل ڪراهت جهڙو هوندو هو ۽ ماسترياڻيون (سپرنٽنڊنٽ مس ٽيمپل کان سواءِ جنهن کي ڏاڍي همدردي سان پيش ڪيو ويو آهي) نااهل، سخت ۽ بي احساس هونديون هيون. اسڪول جو ڪنٽرولر مقامي پادري هوندو هو جنهن جو نالو ڪتاب ۾ مسٽر بروڪل هرسٽ ڏنل آهي پر حقيقي زندگي ۾ انهي کي ريورنڊ ڪارس ولسن سمجهيو ويو آهي.

برونٽي ڀينرن مان ٻہ سڀ کان وڏيون 1824ع جي اونهاري جي منڊ ۾ ڪوون برج ويون ۽ شارلٽ ۽ ايملي ڪجھ مهينا پوءِ ويون. اسڪول ۾ بخار جو پکڙيو تہ ماريا ۽ ايلزبيٿ (جن جون عمريون ترتيب وار يارنهن ۽ ڏھ ورهيہ هيون) کي گهر موڪليو ويو تہ هو اتي ئي فوت ٿي ويون. ماريا برونٽي ناول جي هيلين برنس آهي. انهي سلسلي ۾ مسز گيسڪيل اسان کي خاطري ڪرائي ٿي تہ: "هيلين ماريا برونٽي جي هوبهو تصوير آهي. اسين جنهن ڏينهن سڀ کان آخر ۾ ملياسين انهي ڏينهن بہ سنڊس دل ۾ اهو لاحاصل ڪروڌ ۽ رنجش موجود هئي ۽ سنڊس نرم دل

صابرين ۽ مرڻ ڪنڌي تي پهتل پيٽ سان انهي ماسترياڻي ڏاڍو ظلم روا رکيو هو جنهن کي ناول ۾ مس سيچرڊ جو نالو ڏنل آهي.“

جين آئير بابت سندس پڦي اسڪول ۾ تمام خراب ڳالهيون ٻڌائي وئي هئي انهي ڪري ئي ظاهردار ۽ ڏاڍ ڪندڙ بروڪل هرسٽ هن تي ڪجه وقت سختيون ڪندو رهيو هو. پر آخرڪار مس تيمپل سندس ڪردار کي صاف قرار ڏنو. هن پڙهائي ۾ به سٺي ڪارڪردگي ڏيکاري ۽ هن اسڪول ۾ پنهنجن آخري ٻن ورهين دوران شاگرديائي ماسترياڻي طور ڪم ڪيو. پوءِ ارڙهن ورهين جي ڄمار تي پهچڻ تي هن گورنيس تي عملي دنيا ۾ قدم رکيو.

جين آئير ڪائونٽي جي اخبار ۾ نوڪري لاءِ اشتهار ڏنو هو. انهي جي جواب ۾ مسز فيئر فيڪس نالي ڪنهن عورت کيس ٿارن هال مان خط لکيو. اهو علائقو اتان کان ستر ميل پري مِل ڪوٽ جي وڏي صنعتي شهر جي ويجهو هو. ”اتي صورتحال اها هئي جو ڏهن ورهين کان به ننڍي هڪ ڇوڪري شاگرديائي هئي ۽ پگهار ٽيهه پائونڊ ساليانو هو.“جين جوابي خط لکي اها آڇ قبول ڪئي ۽ مقرر وقت تي ٿارن فيلڊ پهچي وئي جتي مسز فيئر فيڪس هن جو چڱي گرم جوشي سان آڌرڀاءُ ڪيو. پوءِ خبر پئي ته گهر ۾ اها ئي اڪيلي هائوس ڪيپر هئي. کيس پگهار مسٽر ايڊورڊ روچيسٽر ڏيندو هو. اُهو حويلي جو مالڪ هو. هو شاهوڪار ڪنوارو هو ۽ گهڻو وقت ٻاهر رهندو هو. جين جي ذمي اهو ڪم هنيو ويو ته هوءَ انهي صاحبلوڪ جي ڇوڪريءَ جي سار سنڀال لهي. جين کي جلدئي خبر پئجي وئي ته اها ڇوڪري هڪ فرانسي اوپيرا ڊانسر جي ڌيءُ هئي جيڪا مسٽر روچيسٽر جي پيرس ۾ داشتہ رهي هئي.

مسٽر روچيسٽر ڪجه هفتا ته ٿارن فيلڊ ۾ ظاهر ئي نه ٿيو ۽ پوءِ هو گهوڙي تي چڙهي جين آئير جي زندگي ۾ هڪ ڌڏڪو ڪندو داخل ٿي ويو. هوءَ ڊسمبر مهيني ۾ هڪ ٽيپهري جو ٻنين ۾ واڪ ڪري رهي هئي جو هڪ تمام وڏو ڪاري ۽ اڇي رنگ جو ڪتو ۽ هڪ طاقتور گهوڙي تي سوار هڪ ماڻهو هن جي پرسان گذري ويا. گهوڙي سوار سندس پرسان تيزي سان گذري ويو ۽ پوءِ جيئن ته ڪنهن حيرت مان چيو هجي ”مارا هاڻي ڇا ڪجي؟“ ۽ وري ڇٽڪات ڪري ڪنهن جي ٽاٻڙجي ڪري پوڻ جو آواز منهنجي ڪنن تي پيو. ماڻهو ۽ ڪتو هيٺ ڪريا پيا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئا. اهي ٻيچري تي نهيل برف جي سنهي تهه تان ترڪي پيا هئا. "هو جلدي اتي وڃي پهتي ۽ جيڪا مدد پڇي سگهيس سا ڪيائين ۽ پوءِ مهرباني جي ڪجھ لفظن سان ماٺهو گهوڙو ڊوڙائيندو ويو هليو. "سندس منهن جو رنگ پڪو هو. منهن مهانڊن مان درشتي پئي ظاهر ٿيس ۽ اکين جون پرون وڏيون هئس. هو جيتوڻيڪ نوجواني جي عمر کان ٽپيل هو پر اڃا عمر ڪي نہ پهتو هو. هو شايد پنجٽيهن ورهين جو هجي. مون کي هن کان ڪو بہ ڊپ نہ ٿيو پر ڪجھ لڄ محسوس ٿي..."

هوءَ جڏهن حويلي ۾ واپس پهتي تہ ڪيس هر طرف هلچل نظر آئي. مسٽر روچيسٽر پهچي ويو هو. فيئر فيڪس هن کي ٻڌايو. هن سان هڪ حادثو پيش آيو هو. سندس گهوڙي جو پير ترڪي پيو هو ۽ ڪري پيو هو. مسٽر روچيسٽر جي مُربي کي موڙو اچي ويو هو. هڪ نوڪر سرجن کي وٺڻ ويو هو.

اينڊڙ شام جو جين ۽ سندس ننڍڙي شاگرد ياٽي ادبيلي کي مسٽر روچيسٽر سان ڊرائنگ روم ۾ چانهہ پيئڻ لاءِ سڏايو ويو. هن کي شروع ۾ سندس هلت چلت ڏاڍي رُکي ۽ ڪجھ قدر برتري ڏيکاريندڙ لڳي پر هو جلدئي انهي تي هري وئي. تنهن ڪري اٿين چئي سگهجي ٿو تہ هوءَ هن کان پري ڊڪجڻ بجاءِ هن ڏانهن تمام زور سان ڇڪجي آئي ۽ هن بہ جين جي سادي شڪل صورت ۽ فطري هلت چلت هوندي ڪجھ اهڙيون نشانيون ڏيکاريون جن مان سمجهجي پيو تہ هن کي جين ۾ ڪجھ دلچسپي پيدا ٿي آهي. جين جا سادا طور طريقا ۽ سادي شڪل صورت ڪيس وڻيا هئا. جلدئي هو ڪيس پنهنجي اعتماد ۾ وٺڻ لڳو ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ ڪيس پنهنجي نوجواني جون ڪي ننڍڙيون غلطيون بہ ٻڌائيندو هو. ۽ هن جي ڇا حالت هئي، "ڇا مسٽر روچيسٽر هاڻي منهنجي نظرن ۾ ڪوجهو ۽ بدصورت هو؟ نہ ڪيترن ئي وڻندڙ ۽ خوشگوار ڳالهين سبب سندس منهن منهنجي لاءِ اهڙي شي ٿي پيو هو جنهن کي ڏسڻ آءٌ سڀ کان وڌيڪ پسند ڪندي هئس. سندس ڪمري ۾ موجودگي منهنجي لاءِ ڏاڍي روشن باهہ کان بہ وڌيڪ وڻندڙ هوندي هئي".

بهرحال هن بابت، گهر بابت ۽ گهر جي رهواسين بابت ڪيترين ڳالهين هيون جن جي هن کي خبر نہ هئي. گهر جي رهواسين مان بہ خاص طور گريس پُول نالي هڪ عورت بابت جيڪا مٿي ٽين منزل تي اڪيلي رهندي هئي ۽ سلائي جو ڪم ڪندي هئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن کي جڏهن ٿارن فيلڊ هال ۾ رهندي ہہ يا ٽي مهينا ٿيا هوندا تہ هڪ غيرمعمولي واقعو ٿي گذريو جنهن جين ۾ سندس مالڪ کي هڪ ٻئي جي گهڻو ويجهو آڻي ڇڏيو. هڪ رات ڏاڍا غمگين آواز سندس ڪن تي پيا. جنهن ڪري هوءَ سجاڳ ٿي پئي. اهي آواز سندس ڪمري جي مٿان واري ڪمري مان پئي آيا. پوءِ ڪي آڱريون سندس ڪمري جي دروازي کي رانبوٽا پائڻ لڳيون ۽ هال جي گهڙيال ہہ وڄايا هئا جو هڪ وڏو ٺهڪ ٻڌڻ ۾ آيو. هوءَ جلدي ڪجھ ڪپڙا پهري ٻاهر نڪتي تہ جاءِ جو اهو حصو دونهين سان پريل ڏٺائين. اهو دونهون مسٽر روچيسٽر جي ڪمري مان پئي آيو هن ڏڪوڏئي دروازو کوليو. سندس بستري مان ٻاهہ جا اُلا نڪري رهيا هئا. "جاڳوا جاڳوا" هن رڙيون ڪيون ۽ هن کي زور سان ونئي ڌونڌاڙيو. پر هو دونهين سبب بيهوش لڳو پيو هو. پوءِ هن پاڻي جي جڳ کي جهڙپ ڏئي بستري ۾ ان تي ستل ماڻهوءَ کي پاڻي ۾ ٻوڙي ڇڏيو. مسٽر روچيسٽر پوءِ وڃي سجاڳ ٿيو. "ڇا ڪا ٻوڏ اچي وئي آ؟" هن پڇيو. "نہ سر" هن لاشعوري مزاح ۾ وراڻيو "پر باهہ لڳي وئي آهي".

هن جيڪو ڪجهہ ٿي گذريو هو انهي بابت سندس بيان ٻڌو تہ ائين لڳو چڻ تہ هو انهي جي اڌ جيترو بہ حيران نہ ٿيو هو جيترو هن سمجهيو هو تہ هن کي ٿيڻ گهرجي ها. هُو مون کي چڱي طرح ڪپڙن ۾ ويڙهي پنهنجي ڪرسي تي ويهاري ۽ بلڪل ماٺ ڪري ويهڻ جو چئي مٿين منزل جي ڪمري ڏانهن ويو. هو ڪيترو وقت ٻاهر رهيو ۽ جڏهن واپس آيو تہ هو ڏاڍو غمگين پئي نظر آيو. "مون کي سڀ ڪا خبر پئجي وئي آهي". هن چيو "اهو ائين ئي ٿيو آهي جيڪو منهنجو اندازو هو". اهو عجيب ٺهڪ جيڪو هن ٻڌو هو. ڇا هن اهو اڳ ۾ نہ ٻڌو هو؟" "هائو سائين مٿين منزل تي هڪ عورت گريس پُول نالي رهندي آهي جيڪا هتان جو سلائي جو ڪم ڪندي آهي. اها اهڙي طرح کِلندي آهي. اها ڏاڍي عجيب عورت آهي." "بلڪل ائين ئي آهي" مسٽر روچيسٽر وراڻيو. "گريس پول- تون اندازو هنيو آهي، تو جيئن چيو اها عجيب آهي- هائو واقعي".

انهي رات کان پوءِ ٽينڊرڙ ڏينهن تي جين اهو ڏسي ڏاڍي اچرج ۾ پئجي وئي تہ گريس پول ڏاڍي آرام سان مسٽر روچيسٽر جي بستري جي پردن تي نوان ڇلا ٽاڪي رهي هئي جڏهن تہ ٻيا نوڪر گذريل رات ٽيل گند صاف ڪري رهيا هئا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تڏهن ڪيس اها خبر پڏائي وئي تہ مالڪ کي بستري ۾ ڪو ڪتاب پڙهندي ننڊ اچي وئي هئي جو پردن کي باهہ لڳي وئي. ياڳ پلا ٿيا جو هو بروقت سجاڳ ٿي ويو ۽ واش استينڊ تي رکيل مٽ مان پاڻي کڻي باهہ وسائي ورتائين. جنهن جي حيرت ۾ وڌيڪ اضافو تڏهن ٿيو جڏهن مسز فيئر فيڪس هن کي ٻڌايو تہ مسٽر روچيسٽر کي اوچتو خيال اچي ويو ۽ هو مل ڪوٽ جي ڀئين پاسي ڏهہ ميل پري جاءِ تي ڏنل هائوس پارٽي ۾ شرڪت ڪرڻ ويو هليو آهي. اتي ڀين مهمانن سان گڏ عزت مآب بلانشي انگرام بہ هوندي هوءَ ڏاڍي سهڻي ڇوڪري هئي ۽ گذريل ڪرسمس تي ٿارن فيلڊ ۾ ٿيل پارٽي ۾ سيني جي اکين جو مرڪز رهي هئي. اها ڳالهہ ٻڌي جين جو روح وسامي ويو ۽ هوءَ پاڻ کي ڏاڍي بيوقوف سمجهڻ لڳي جو هن اهو سمجهڻ جي جرئت ڪئي هئي تہ مالڪ هن ۾ دلچسپي وٺي ٿو.

مسٽر روچيسٽر ڪجهہ ڏينهن پوءِ انهي پارٽي جي موٽ ۾ پارٽي ڏني ۽ ڏاڍا خوش باش ماڻهو سندس ڇت هيٺ گڏ ٿيا. جين پس منظر ۾ ڏڪجي وئي ۽ مهمانن بہ هن سان غريب گورنيس جهڙو ئي سلوڪ ڪيو. پوءِ وري رات جي اونداهي ۾ هڪ غير معمولي ڳالهہ ٿي گذري هڪ تمام خوفناڪ رڙ سان سڀ گهر وارا جاڳي پيا. گيلري مردن ۽ عورتن سان ڀرجي وئي. سيني کي رات جا ڪپڙا پهريل هئا ۽ سڀ ماڻهو پڇي رهيا هئا تہ "مسٽر روچيسٽر ڪٿي آهي؟" شروع ۾ تہ هو پنهنجن مهمانن سان گڏ بيٺو انهن جو ڊپ ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو ۽ انهن کي واپس پنهنجن بسترن ۾ وڃڻ جو چئي رهيو هو ۽ پوءِ ڪجهہ وقت پوءِ هو جين آئير جي بيڊروم جو دروازو کڙڪائي رهيو هو. هن دروازو کوليو هن مٿس زور ڀريو تہ هوءَ هن سان گڏجي ٽين منزل تي هلي. ڪيس اتي هڪ ڪمري ۾ هڪ پراڻي بيڊ ۾ هڪ ماڻهو نظر آيو جيڪو اتي ڪالهہ شام ئي پهتو هو. ماڻهن جي تاثرات مان ائين پئي لڳو تہ ڪنهن کي هن جي اچڻ جي توقع نہ هئي نہ ئي ڪيس ڏسي ڪير خوش ٿيو هو. سندس نالو ميسن (Mason) هو. هاڻي هو هتي پيو هو. سندس جسم رت ۾ ٻڏل هو ۽ سڄي جسم تي رهڙون ۽ زخم لڳا پيا هئس. هو مرڻ ڪنڌيءَ تي نظر پئي آيو پر جين سندس تيمارداري ڪئي. انهي دوران مسٽر روچيسٽر لڪ ڇپ ۾ ڊاڪٽر کي وٺڻ هليو ويو. پوءِ اجا پنيرڪو نہ ٿيو هو ۽ هر ڪو ماڻهو سمهيو پيو هو تہ اهي کيس گهر کان ٻاهر ڪڍائي ويا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”جين، تون ڏاڍي عجيب رات گذاري آهي“، مسٽر روچيسٽر صبح جو چيو ”چا تو کي ڊپ نہ لڳو هو جڏهن آءٌ توکي ميسن سان اڪيلو ڇڏي ويو هوس“. ”مون کي اندرئين ڪمري مان نڪرندڙ ڪنهن ماڻهو کان ڊپ لڳو هو“. هن ورائيو ”چا گريس پول اجا هتي رهندي سر؟“ ”اوهہ ها“. مسٽر روچيسٽر ڏاڍي رکائي سان جواب ڏنو ”تون هن بابت گهڻو نہ سوچ“.

جلدئي پوءِ جين کي پنهنجي پڦيءَ گهرايو تہ هوءَ اوڏانهن وئي هلي. سندس آخري وقت هو ۽ کيس انهي تي ڏاڍو افسوس هو تہ هوءَ جڏهن لووڊ ۾ شاگرديائي هئي تہ هن مديرا ۾ رهندڙ سندس هڪ شاهوڪار چاچي کي ٻڌايو هو تہ هوءَ مري وئي آهي. ٿارن فيلڊ موٽڻ تي جين کان جلدئي اها ڳالهہ وسري وئي تہ هوءَ ڪنهن وڏي دولت جي مالڪياڻي ٿئي ها. چاڪاڻ تہ اتي تمام روشن مستقبل سندس سامهون نظر اچي رهيو هو. هوءَ اجا بہ گورنيس ئي هئي پر عزت مآب بلانشي منظر تان بلڪل غائب ٿي وئي هئي ۽ مسٽر روچيسٽر جين آئير کي سندس ڪنوار ٿيڻ جو چيو هو. هن بہ کيس قبول ڪيو هو. جو تيستائين هو ”نہ فقط منهنجي سموري ڪائنات پر ڪائنات کان بہ وڌيڪ منهنجي جنت جي اميد ٿي ويو هو....“

ٻئي ڄڻا شادي کان اڳ جيڪو هڪ سهڻو گذارڻ تي راضي ٿيا هئا اهو بہ جلد گذري ويو ۽ پوءِ شادي واري رات کان هڪ رات اڳ جين وري هڪ رات جي مهم کي منهن ڏنو. ڪمري ۾ ڪو ماڻهو ڏسي کيس جاڳ ٿي. هن جنهن ڪٻٽ ۾ شادي جو وڳو ۽ نقاب رکيو هو اهو ڪٻٽ کليو پيو هو ۽ ڪو ماڻهو اهي ٻاهر ڪڍي مٿي جهلي بيٺو هو. هاڻي جين کي نظر اچڻ لڳو تہ اها ڪا عورت هئي. سندس گهاٽا ڪارا وار سندس پٺي تي لڙڪي رهيا هئا. هن اهڙي عورت اڳ ۾ ڪڏهن نہ ڏٺي هئي. هن اڳ ۾ اهو نقاب پنهنجي مٿي تي رکيو پوءِ انهي کي چڪي لاٿائين ۽ زمين تي اڇلائي انهي کي پيرن هيٺان لتاڙڻ لڳي.

ڪجه ڪلاڪ پوءِ جين ۽ ايڊورڊ ڳوٺ جي چرچ ۾ زال مڙس ٿيڻ لاءِ هڪ ٻئي جي پرسان بيٺا هئا. پر جڏهن پادري ”ڪا رڪاوٽ“ وارو رسمي سوال ڪيو تہ هڪ ماڻهو اڳتي وڌي آيو ۽ وڏي آواز سان چيائين تہ کيس هڪ رڪاوٽ بابت خبر آهي. اها هيءَ تہ مسٽر روچيسٽر اڳ ۾ پرڻيل آهي ۽ سندس زال اجا زنده آهي. اهو ماڻهو (پوءِ خبر پئي تہ اهو لنڊن جو هڪ وڪيل هو) هڪ حلف نامو پڙهڻ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لکو جنهن ۾ اهو درج ٿيل هو ته مسٽر روچيسٽر پندرهن ورهيه اڳ جئميڪا ۾ برٿا ميسن نالي هڪ عورت سان شادي ڪئي هئي ۽ پوءِ هن هڪ شاهد پيش ڪيو. اهو ساڳيو ئي پراسرار مسٽر ميسن هو جنهن جي انهي رت ۾ خوف واري رات جين تيمارداري ڪئي هئي. "مسز روچيسٽر" هن چيو "زنده آهي ۽ هاڻي ٿارن فيلڊ هال ۾ رهندي آهي. مون ڪيس اتي گذريل اپريل مهيني ۾ ڏٺو هو".

ڳنڀير مرڪ مسٽر روچيسٽر جي چپن کي چپو ڪري ڇڏيو. پوءِ هن مختصر لفظن ۾ اعلان ڪيو ته اڄ ڏينهن تي شادي نه ٿيندي ۽ پارٽي کي واپس گهر وٺي ويو. گهر ۾ هو سڀني ماڻهن کي ٽين منزل تي هڪ ننڍڙي ڪمري ۾ وٺي ويو. "ميسن، تون هيءَ جاءِ سڃاڻين ٿو". هن چيو "هن توکي هتي ئي چڪ هنيا هئا ۽ چاقو هنيو هو". هو تورو اڳتي هڪ ڪمري ۾ آيا جتي گريس پول هڪ ساس پين ۾ ڪجهه رڌي رهي هئي. ۽ ڪمري جي پرئين ڪناري تي پاڇي ۾ ڪا شي اڳتي پوئتي ڊوڙي رهي هئي. اهو ڇا هو؟ ڪو جهنگلي جانور هو يا ڪو انسان هو. ڪير به پهرئين نظر ۾ اهو نه ٿي ٻڌائي سگهيو. اها مخلوق هٿن پيرن تي ڦيرا پائي رهي هئي ۽ ڪنهن عجيب جهنگلي جانور وانگر جهپٽون ٿي هيائين ۽ گرڙاٽ ٿي ڪيائين. پر اها ڪپڙن ۾ ويڙهيل هئي ۽ ڪجهه ڪارا ۽ ميٽوڙي رنگ جا وار سندس مٿي ۽ منهن کي ڍڪيو بيٺا هئا. جين فوراً سمجهي وئي ته هيءَ اها ئي پراسرار مخلوق آهي جنهن سندس شادي جو نقاب ڦاڙي ڇڏيو هو. "خيال ڪريو سائين، خدا جي واسطي خيال ڪريو". گريس پول رڙ ڪئي. انهي پاڳل لوهه پاتي. اها هڪ وڏي ۽ ٿلهي عورت هئي. ۽ مسٽر روچيسٽر کي ڳلي کان جهلي پنهنجا ڏند سندس ڳل تي رکي ڇڏيائين. اهي وٽ وٺان ۾ لڳا رهيا. آخرڪار هن کي قابو ۾ آندو ويو سندس هٿ پٺيان ٻڌا ويا ۽ کيس ڪرسي سان ٻڌي ويهاريو ويو.

مسٽر روچيسٽر بيٺل ماڻهن ڏانهن منهن ڪيو. "هيءَ آهي منهنجي زال". هن چيو "مون کي شادي جي نالي ۾ اهو ئي پاڪر نصيب ٿيو آهي". ۽ هيءَ اها آهي جنهن کي آءٌ حاصل ڪرڻ چاهيان ٿو. هن پنهنجو هٿ جين جي ڪلهي تي رکيو. "هيءَ نوجوان ڇوڪري جيڪا جڙ ته دوزخ جي منهن وٽ ڏاڍي ڳنڀير ۽ ماٺ ميٺ ۾ بيٺي آهي ۽ ڏاڍي اطمينان سان هڪ جنڙي جا نينگ تپا ڏسي رهي آهي".

پوءِ جين ۽ روچيسٽر نئين پيدا ٿيل صورتحال تي ويهي بحث مباحثو ڪيو. اهي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويٺا ڳالهائيندا رهيا. هو ٻڌائيندو رهيو ته ڪيئن هن جي وڏي انڪل سان انهيءَ عورت سان شادي ڪرائي وئي هئي. هو تڏهن اڃا نوجوان هو ۽ کيس بلڪل خبر نه هئي ته سندس خاندان ۾ چرياپ جو مرض هلندو پئي آيو. هو هن کي انگلينڊ واپس وٺي آيو هو ۽ کيس لڪائي ويهاري ڇڏيو هئائين ۽ پنهنجيون خوشيون ٻين جاين تي ڳولهيندو رهيو هو. پوءِ جين سندس زندگي ۾ آئي هئي ۽ سڀ ڪجھ بدلجي ويو هو. هن جين سان شادي ڪرڻ چاهي ٿي ۽ اڃا به سندس اها ئي خواهش هئي. اهي اڃا به هڪ طريقي مطابق شادي ڪري سگهيا ٿي. اهي ٻاهر هليا وڃن. اتي اهي خوش گذاريندا ۽ هر ڳالھ صحيح ٿي ويندي.

پر جين انهي ڳالھ تي راضي نه هئي. جين هن کي واضح لفظن ۾ ٻڌايو ته هوءَ هن سان محبت ڪري ٿي. هن پاران گهري جنسي احساس جي اينٽري واضح اظهار ٿي وڪٽوريائي دور جي پڙهندڙ کان اينترا ڇرڪ ڪيدرائي ڇڏيا هئا. کيس چڱي ريت خبر هئي ته روچيسٽر جيڪو ڪجھ چئي رهيو هو اهو غلط هو ۽ انهي مان ڪا به چڱائي ٿيڻي نه هئي. هن مٿس ڏاڍو زور پريو ڏاڍا دليل دلائل ڏنا. ڪاوڙ ۾ رڙيون ڪيون ۽ رنو پيڻ. هو منهن ڦيري ويو هليو ۽ پاڻ کي منهن پر صوفا تي ڪٽي اڇلايائين. "او جين. منهنجي اميد. منهنجي محبت. منهنجي زندگي!" سندس چپن مان اهي لفظ نڪتا. پوءِ هڪ اونهي سڏڪي جو آواز آيو. آءٌ اڳ ۾ ئي دروازي وٽ پهچي چڪي هئس. پر آءٌ وري واپس موٽيس. آءٌ هن جي پرسان گوڏن پر ويهي رهيس. مون هن جو منهن گدي مان ڪٽي پاڻ ڏانهن ڪيو. مون سندس ڳل تي چمي ڏني مون سندس وارن تي پنهنجو هٿ ڦيريو. "خدا توهان تي رحمت ڪري، منهنجا پيارا مالڪ!" مون چيو "خدا توهان کي تڪليف ۽ نقصان کان محفوظ رکي. توهان کي هدايت ڏئي. توهان کي آٿت ڏئي ۽ توهان ماضي ۾ مون تي جيڪي مهربانيون ڪيون آهن انهن جو توهان کي چڱو بدلو ڏئي." هن پنهنجيون ٻانهون مون ڏانهن وڌايون پر مون پاڪر کان پاسو ڪيو ۽ فوراً ڪمري مان نڪري ويس. "خدا حافظ" مون جڏهن کيس ڇڏيو ته منهنجي دل مان رڙ نڪتي".

اهي ڏاڍيون سٺيون ڳالهيون آهن پر پوءِ جيڪو ڪجھ ٿيو اهو انهي جي بلڪل مطابق نه آهي. جين ٿارن فيلڊ مان ڀڄڻ کان پوءِ ڪجھ ڏينهن بلڪل هٿين

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خالي ۽ ڏاڍي بيمار هئي. پر ڏاڍي عجيب اتفاق سان هن جي هڪ پادري ۽ سندس پيٽرن سان دوستي ٿي وئي. اڳتي هلي خبر پئي ته اهي سندس سوٽيون ۽ سوٽ هئا. هوءَ به نوجوان پادري سان شادي ڪرڻ لاءِ تقريباً راضي ٿي وئي هئي جو اوچتو ڪيس ڪنهن جي سڏ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو ”جين! جين! جين!“ هوءَ هڪ لمحو به وڃائڻ کان سواءِ ٿارن فيلڊ هال ڏانهن رواني ٿي وئي. اهو سڙيو جليو تباه لڳو پيو هو. ڳوٺ جي سراءِ مان ڪيس خبر پئي ته انهي جاءِ کي اتي لڪيل هڪ پاگل عورت باهه ڏئي ڇڏي هئي. اها پاڻ به ڪوٺ جي ڪونگري تان ٽپ ڏئي مري وئي هئي. ۽ مسٽر روچيسٽر؟ اهو ڪيس بچائڻ جي ڪوشش ۾ سڙي پيو هو ۽ سندس ڪجھ عضوا به پچي پيا هئا. هو هاڻي انڌو ٿي ويو هو ۽ پنهنجي ہي رهائش گاهه ۾ رهندو هو. جين تڪڙ ۾ اوڏانهن رواني ٿي ۽ هڪ دل پچائيندڙ منظر ۾ پنهنجي واقفيت ڪرايائين. هائو هن پوءِ اها ڳالھ تسليم ڪئي ته جين جنهن وقت سڏ ٻڌو هو هن انهي ئي وقت کيس سڏ ڪيو هو ۽ سندس آواز ۾ کيس جواب مليو هو ”آءٌ اچان پئي، منهنجو انتظار ڪريو...“

هو جڏهن کيس اهي ڳالهيون ٻڌائي رهيو هو تڏهن اهي انهي پراڻي گھر جي پڊرن ۾ واڪ ڪري رهيا هئا جنهن ۾ هن هاڻي اچي پناهه ورتي هئي. ”پوءِ هن پنهنجو هٿ وڌايو جيئن کيس هٿ کان ورتو وڃي. مون انهي پياري هٿ کي پنهنجي هٿ ۾ جهليو انهي کي هڪ گھڙي لاءِ پنهنجن چپن سان لڳايو ۽ پوءِ اهو ورائي پنهنجي ڪلهي تي رکيو: آءٌ جيئن ته قد ۾ هن کان گھٽي ننڍي هئس تنهن ڪري سندس ٽيڪ ۽ گائيڊ ٻنهي طور ڪم ڪري رهي هئس. اسين جهنگ ۾ داخل ٿي وياسين ۽ گھر جو رخ ڪيوسين.

## 46. ودرنگ هائيٽس Wuthering Heights

### -- ايملي برونٽي --

ودرنگ هائيٽس انگريزي فڪشن جو تمام عجيب، تمام طوفاني ۽ حيراني جي حد تائين شاندار ناول آهي. اهو مصيبتن جي ماريل برونٽي ڀينرن مان ايملي لکيو هو. اهو 1847ع جي آخر ۾ شايع ٿيو. هوءَ انهي کان پوءِ فقط هڪ سال زنده رهي.

اهو اهڙي قسم جو ناول هرگز نه آهي جيڪو ماڻهو ڪنهن ايتري الڳ ٿلڳ ايتري ماٺ متوڙي ۽ ائين ڇڙائپ واري زندگي گذاريندڙ ڪنهن عورت کان لکڻ جي توقع ڪري سگهي. وڏي ڳالهه ته هوءَ هڪ ڳوٺاڻي پادريءَ جي ڌي هئي. شارلٽ جڏهن ڪتاب جو مسودو پڙهيو ته "ايترين بي آرام ۽ سخت فطرتن ۽ ايترن ڪريل روحن جي اثر هيٺ هن کان ڏرڙيون نڪري ويون ۽ هن اهڙين شڪايتن تي هنن لفظن ۾ همدردي جو اظهار ڪيو ته "ڪجهه ڏاڍي وضاحت سان بيان ٿيل ۽ خوفناڪ منظرن سبب رات جي ننڊ اڏامي ٿي وڃي ۽ ڏينهن جو ذهني سڪون تباهه ٿي وڃي ٿو. هن تسليم ڪيو ته "ڪتاب تي تمام وڏي خطرناڪ اونداهي جو راڄ طاري آهي" ۽ اهڙي پرجذبات ۽ طوفاني ماحول ۾ ساهه کڻڻ ڏکيو ٿي وڃي ٿو".

پر جيڪڏهن اهو ئي سڀ ڪجهه هجي ها ته ڪتاب پڙهڻ خوشي بجاءِ هڪ اذيتناڪ تجربو هجي ها. پر اهو ئي سڀ ڪجهه نه آهي. هِتي هُتي ڪٿهن ڪڏهن جهُڙالي صبح جو سج نڪري اچي ٿو ۽ اسين پاڻ کي هڪ وڏي سمر جي ڪناري تي ڏسون ٿا. جتي خرگوشڪ جي ٻوٽڙن جي وچ ۾ پنپيوربون ڦيرا پيون ٿيون ڏين ۽ اونهاري جي گلن قلن جي خوشبو هوا چوطرف پکيڙي ٿي ڇڏي.

هر پيڙهيءَ جي نقادن ايملي برونٽي جي ذهن جي اندرين خانن کي ڦلهورڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي ۽ ڪين انهي مان گهٽو ڪجهه هٿ آيو آهي. سڀ کان وڏي ڳالهه سندس ادبي هنر مندي آهي. اها ڳالهه ضرور چئجي ته ڪتاب

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ترتيب ايتري تہ خراب آهي جو اهو بہ فرض ڪري سگهجي ٿو تہ هن هر ممڪن ڪوشش ڪري ڪتاب کي ايترو ڏکيو بنائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي جيئن انهي جو سلسلو سمجهہ ۾ نہ اچي. اهو آکاڻي جي جڙ تہ پڇاڙي وٽان شروع ٿئي ٿو. خود آکاڻي ٽيهن ورهين جي عرصي تي پکڙيل آهي ۽ 1802ع ۾ ختم ٿئي ٿي. ڪهاڻي جو بيان بہ وقت جي لحاظ کان اڳتي پوئتي ٿيندو رهي ٿو. پڙهندڙ جي مونجهاري کي وڌائڻ لاءِ ماءُ ۽ ڌيءُ بہ هيروئنون آهن ۽ ٻنهي جا نالا ڪيٿرائين آهن. ٻہ هڪ مرد ڪردار ڪهاڻي کي مربوط رکيون بيٺو آهي. اسين انهي کي هيرو شايد نہ چئي سگهون. اهو ملٽن جي شيطان وانگر بڇڙائي ۽ بدي جو سگهارو اظهار آهي. هيٿ ڪلف نالي انهيءَ ماڻهو جي ڪردار کي پڙهندي اسان کي انهي عظيم ناول جي دهشت ۾ پڻ رحم جا جذبا بہ صحيح معنيٰ ۾ سمجهہ ۾ ايندا.

ڪتاب 1801ع جي سن سان شروع ٿئي ٿو ۽ ٻهريون ڳالهائيندڙ لاڪ ووڊ نالي هڪ نوجوان آهي. جنهن ويسٽ يارڪ شائر جي سِمُن تي ٿرش ڪراس گرينج نالي هڪ گهر ٿوري عرصي لاءِ ليز تي ورتو آهي. هڪ صبح جو هو پنهنجي زميندار مسٽر هيٿ ڪلف سان ملڻ لاءِ سِمر جي پرٿين پر تقريباً چار ميل پنڌ ڪري ويو. انهي جي رهائش گاهہ جو نالو وُدرنگ هائيٽس (Wuthering Heights) آهي. لاڪ ووڊ اسان جي فائدي لاءِ وضاحت ڪري ٿو تہ ودرنگ هڪ ننڍي شهر ۾ ڪتب ايندڙ صفاتي صيغو آهي. ڪا جاءِ يا ڪو هنڌ ڪنهن طوفاني موسم ۾ جنهن ماحولياتي وڳوڙ کي منهن ڏيندو آهي انهي لفظ مان انهي ڳالهہ جو اظهار ٿئي ٿو". ڪجهہ سُڪل سرن ۽ وڏن ٻُوٽن مان سوساٽ ڪندڙ اتر جي هوا جي طاقت جو اندازو ڪرڻ مشڪل نہ آهي. پر گهر تمام مضبوط نموني پٿر جو ٺهيل آهي ۽ اهو هوا ۽ مينهن کي سولائي سان منهن ڏئي سگهي ٿو.

اسين جيڪڏهن گهر جي چانئٺ ٽپي لاڪ ووڊ سان گڏ هلندا هلون تہ اسين مسٽر هيٿ ڪلف جي ٻهرئين جهلڪ ڏسي وٺنداسين. هو رنگ روپ جي لحاظ کان سانوري چمڙي وارو جپسي ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ لٽي ڪپڙي ۽ اٿي ويٺي جي لحاظ کان ڪو معزز ماڻهو لڳي ٿو. يعني ايتري قدر معزز جيترا ڳوٺاڻي علائقي جا زميندار لڳندا آهن. هو ڪجهہ گندو ۽ ميرو بہ اهي پر پنهنجي ڪڙي ٽڙي ۽ ٺاهوڪي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شڪل شباهت سبب سندس گدلائپ ايتري لڪائي نہ ٿي. ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ ڪجھ ماڻهو اهو محسوس ڪن تہ هن ۾ هلڪي قسم جو غرور آهي.

لاڪ ووڊ جڏهن ٻئي ڏينهن پراڻي فارم واري رهائش گاھ تي ٻيو دفعو اچي ٿو تہ کيس محسوس ٿئي ٿو تہ انهيءَ ماڻهو جي ڪردار ۾ عجيب اونهايون آهن جن جي پيمائش لاءِ وڏي ڪوشش ڪرڻي پوندي. لاڪ ووڊ انهي ٻئي دفعي ۾ هڪ پراسرار جوڙي سان ملي ٿو. اهو هڪ نوجوان مرد ۽ هڪ ڇوڪري آهن. جيڪي لڳي ٿو تہ هيٿ ڪلف سان گڏ اتي ئي رهن ٿا. اهي ڪير آهن ۽ اتي ڇا ٿا ڪن. اسان کي في الحال انهن سوالن بابت سوچڻ نہ گهرجي. هاڻي اچو تہ ڇوٿين باب جي اڌ تي هليا هلون جتي مسز نيلي ڊين پنهنجي ڪهاڻي جي شروعات ڪري ٿي. هوءَ ناول ۾ بيان ڪندڙن جي سلسلي ۾ مک حيثيت رکي ٿي.

باب جي شروعات وقت نيلي تيرهن يا چوڏهن ورهين جي ڇوڪري آهي. اها انهي قديمي فارم واري رهائش گاھ Wuthering heights تي رهندي هئي. اها رهائش گاھ ارن شا ڪٽنب جو گهر هوندي هئي. "چاڪاڻ تہ منهنجي ماءَ هينڊلي ارن شا جي پالنا ڪئي هئي ۽ آءُ ٻارن سان راند روند تي هري مري وئي هئس: آءُ ڪم ڪار بہ ڪندي هئس ۽ ڪو بہ ماڻهو مون کي ڪنهن ڪم ۾ هٿي تہ آءُ تيار هجان. هڪ اونهاري جي روشن صبح جو لاباري جي شروعات مهل- وڏو مالڪ- نيلي کيس انهي نالي سان سڏي ٿي. هيٺ لهي آيو. کيس سفر وارا ڪپڙا پهريل هئا ۽ پنهنجن ٻارن چوڏهن ورهين جي هنڊلي ۽ ڇهن ورهين جي ڪيٿرائين- هو نيلي سان گڏ ويٺا ڏارو ڪائي رهيا هئا- کي چيائين تہ هو لورپول ڏانهن سفر تي پيو وڃي. "سٺ ميل پري چڱو سفر آهي". ۽ انهن لاءِ ڇا آڻي هنڊلي وائلن جي گهُر ڪئي ۽ مس ڪيٿي ڇهبڪ جي فرمائش ڪئي. سندس عمر جيتوڻيڪ تمام ننڍي هئي پر هوءَ طنبيلي جي ڪنهن بہ گهوڙي تي سواري ڪري سگهندي هئي. هو ٽن ڏينهن کان پوءِ موٽيو. هو تمام ٿڪيل هوءِ جلدئي خبر پئجي وئي تہ ڇهبڪ هن کان رستي ۾ ڪٿي وڃائجي ويو هو ۽ وائلن انهي لاءِ هن پنهنجو شاهي ڪوٽ کوليو تہ اها انهي ۾ پيڳي ٽڪرا ٽڪرا لڳي پئي هئي. پر هن ڪا ٻي شي آندي هئي: اهو هڪ گندو بدحال، ڪارن وارن وارو ٻار هو. اهو ايترو وڏو هو جو ڳالهائي ۽ گهمي سگهي پيو پر اهو جڏهن پنهنجن پيرن تي اٿي بيهندو هو تہ فقط

چوطرف پيو نهاريندو هوءِ بار بار ڪي اهڙا لفظ پيو اچاريندو هو جيڪي ڪير به نه سمجهندو هو. "مسز ارن شا ته انهي کي دروازي کان ٻاهر اڇلائڻ لاءِ تيار ٿي وئي ۽ پنهنجي مڙس کان پڇڻ لڳي ته هن ٻاران اهو گندو جپسي ٻار گهر ۾ آڻڻ جو مقصد ڪهڙو هو. پر ڪراڙي ارن شا ڪلندي ۽ ڪنجهندي ٻاڻ کي ڪرسي تي اڇلائي ڇڏيو ۽ هن کان هنن کي فقط اها ئي وضاحت ملي سگهي ته ڪيس اهو ٻار ٻي گهر ۾ ٻکن ۾ مرندو لور پول جي گهٽين ۾ مليو هو. هيٿ ڪلف انهي گهر ۽ ڪٽنب ۾ اهڙي طرح داخل ٿيو جنهن تي هن اڳتي هلي غلبو حاصل ڪيو ۽ تباهه ڪيو. اهو سال تقريباً 1771ع جو هو. (هنن هن تي اهو نالو هڪ پٽ جي نالي پٺيان رکيو هو جيڪو ننڍپڻ ۾ فوت ٿي ويو هو ۽ اها خبر نه آهي ته اهو هن جو عيسائي نالو هو يا ذات (Surname) هئي. بهرحال هن کي ڪو بيو نالو نه ڏنو ويو).

غمگين ۽ صابرين هيٿ ڪلف اڳتي هلي جسماني طور تمام سگهارو ٿيو ۽ سيرت ۽ ڪردار جي لحاظ کان تمام ڪٺور ۽ خونخوار ٿيو. ڪنهن کي به سندس صحيح عمر جي خبر نه هئي پر جڏهن ڪيس اتي آندو ويو هو تڏهن سندس عمر شايد ته ڇهه يا ست ورهيه هئي ۽ پندرهن سورهن ورهين جي عمر تائين هو وڏي مرد ماڻهو ٿي ويو. هنڊلي ڪيس ڇڻ ته وچ ۾ اچي پونڊڙ سمجهي هن کان نفرت ڪندو هو ۽ هن سان ڏاڍي بي رحمي وارو سلوڪ ڪندو هو. ڇوڪرو وڏي موتائي ڏڪ هڻڻ جيترو ٿيو ته هنڊلي به پنهنجي اها عادت ڇڏي باقي ڪيٿرائين لڱ ڀڳ شروع ڪان ئي هن ڏانهن ڇڪيل ۽ مائل لڳندي هئي. نيلي ڊين مطابق هوءَ ڏاڍي پُرجوش، ٻيڇڙي ۽ سنهڙي ڇوڪري هئي پر آسپاس جي سمورين ڇوڪرين ۾ هن جي اکين جي چوگرد وارا هڏا سڀ کان وڏيڪ نڪتل هوندا هئا. هن جي مرڪ سيني کان سٺي هوندي هئي ۽ هن جا پير به سيني کان هلڪا هوندا هئا. اها هيٿ ڪلف کي ڏاڍو چاهڻ لڳي. "اسين جيڪڏهن ڪا سڀ کان وڏي سزا ڳولهي سگهياسين ٿي ته اها ڪيس هيٿ ڪلف کان ڌار ڪرڻ هئي". جڏهن ته هو به ڪنهن گونگي ڪتي واري تابعداري سان هن جي پٺيان پيو هلندو هو.

شايد ڪراڙو ارن شا جيڪڏهن زنده رهي ها ته ٻنهي کي شادي ڪرڻ جي موڪل ملي وڃي ها. پر هو هڪ آڪٽوبر جي شام جو هيٿ ڪلف جي اچڻ کان ٻه ورهيه پوءِ ڪرسي تي ويٺي ويٺي فوت ٿي ويو ۽ هن جي جاءِ تي هنڊلي مالڪ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻٽيو. هيٽ ڪلف جڏهن سورهن جي آسپاس عمر کي پهتو تہ سندس چال ۾ لوڏو اچي ويو ۽ ڏسڻ ۾ بي ماناٺو نظر اچڻ لڳو. سندس فطري طور الڳ ٿلڳ رهڻ واري طبيعت رنجيدگي ۾ بدلجي وئي ۽ فارم تي لڳاتار ڪم ڪرڻ سبب هن انهن خيالن تان بہ هٿ کڻي ڇڏيو جيڪي هن ڪنهن وقت ذهن ۾ ناهيا هئا تہ هو پڙهائي ۾ ڪيٿرائين جو ساٿي ٿيندو. هو هڪ اڻ گهڙيو نوجوان بدمعاش هو پر انهي جي باوجود بہ ڇوڪريءَ جي دل ۾ هن لاءِ غير معمولي چاهہ هو. هڪ شام جو جڏهن اهي رڌڻي جي ٻاهہ جي سامهون ويٺيون هيون تہ هن حيرت زده مسز ڊين کي ٻڌايو: "نيلي، آءُ خود هيٽ ڪلف آهيان. هو هميشہ هميشہ منهنجي ذهن ۾ رهي ٿو. هو ڪنهن خوشي يا سرور جي حيثيت ۾ نہ پر منهنجي پنهنجي وجود جي صورت ۾ موجود رهي ٿو.

پر هن جو ارادو اهو ڪڏهن بہ نہ هو تہ هوءَ جڏهن پوري عمر جي ٿيندي تہ هيٽ ڪلف سان شادي ڪنديءَ "هاڻي آءُ جيڪڏهن هيٽ ڪلف سان شادي ڪنديس تہ انهي سان منهنجي حيثيت گهٽجي ويندي". هن چيو هو. جو هاڻي سندس پاءُ بہ هيٽ ڪلف تي حاوي ٿي ويو هو. هن جنهن ماڻهوءَ سان شادي ڪرڻ جو ارادو رکيو ٿي اهو ايڊگر لنٽن هو جيڪو ٿرس ڪراس گرينج ۾ پنهنجي ماءُ پيءُ سان گڏ رهندو هو. هن ڪجھ وقت اڳ ئي کيس شادي جي آڇ ڪئي هئي جيڪا ڪيٿرائين قبول ڪئي هئي. ايڊگر نوجوان هو. هو ڪيٿرائين کان تقريباً چار ورهيہ وڏو هو. هو ناهو ڪو هو ڪل مک هو امير هو هن سان محبت ڪيائين ٿي ۽ سندس ماءُ پيءُ کي بہ ڪو اعتراض نہ هو. انهي شاديءَ جو هڪ ٻيو سبب بہ هو. "نيلي هاڻي ڏس! تون مون کي خودغرض سمجهين ٿين پر چا اها ڳالھ ڪڏهن تنهنجي ذهن ۾ نہ آئي تہ جيڪڏهن هيٽ ڪلف ۽ آءُ شادي ڪريون ها تہ اسين پينو فقير ٿي وڃو ها؟ پر جيڪڏهن آءُ لنٽن سان شادي ڪريان تہ آءُ هيٽ ڪلف کي اڳتي وڌڻ ۾ مدد ڪري سگهان ٿي ۽ کيس منهنجي پاءُ جي اثر مان ڪڍي سگهان ٿي".

انهن ٻنهي کي جيتوڻيڪ اها خبر نہ هئي پر هيٽ ڪلف انهن جي ڳالھ ٻولھ ٻڌي رهيو هو پر هو ڪيٿرائين جو آخري سبب ٻڌڻ کان اڳ اتان کسڪي ويو ۽ انهي رات وڏي ڪاوڙ ۽ نفرت وچان، ودرنگ هائيٽس ڇڏي ويو. ڪيٿرائين سندس اوچتي روانگي مان ڏاڍي پريشان ٿي پر هن ايڊگر لنٽن سان شادي ڪرڻ جو فيصلو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري ڇڏيو هوءِ هو ارڙهن ورهين جي هئي جو 1783ع جي بهار جي مند ۾ اها شادي ٿي. پوءِ سيپٽمبر مهيني جي هڪ روشن شام جو هيٽ ڪلف موٽي آيو. هو وڏي ڏگهو ۽ ڪسرتي بدن وارو مرد ٿي ويو هو. سندس طور طريقن ۾ به وڏي بهتري اچي وئي هئي "انهن مان کهراڻپ بلڪل نڪري وئي هئي پر اجا ايتري نفاست نه آئي هئي".

هيٽ ڪلف اتي پهچڻ کان پوءِ موڪلاڻ جي تڪيلف نه ڪئي ۽ هائيٽس ۾ جائيتو ٿي ويهي رهيو. هنڊلي ارن شا جي زال ڪجه وقت اڳ فوت ٿي وئي هئي ڪيس انهيءَ مان هيريٽون نالي هڪ پٽ هو. هنڊلي تمام غربت ۽ بدحالي ۾ شراب پي پي پاڻ کي جلد موت جي حوالي ڪرڻ جي ڪوشش ۾ هو. هيٽ جنهن ڏينهن اتي پهتو انهي شام ئي ٿرس ڪراس گرينج پهچي ويو. ڪيٿرائين ڏاڍي خوشدلي سان هن جو آدرڀاءُ ڪيو ۽ سندس نوجوان مڙس به کيس خوش رکڻ ئي بهتر سمجهيو جو هوءَ پيٽ سان هئي پر هو اندروني طور ڏاڍي خدشن سان پريل هو. حقيقت ۾ هن جي پريشاني اجائي به نه هئي. چاڪاڻ ته هيٽ ڪلف ۾ هڪ لحاظ کان ڪا به تبديلي نه آئي هئي. هن ۾ بدلي جي اجا به شديد خواهش موجود هئي. ايڊگر جلدئي اهو ڏسي ڪنبي ويو ته سندس اوڻيهين ورهين جي نوجوان نينگ ڀيڻ ڏيندڙ ازابيل هيٽ ڪلف تي موهت ٿي پئي آهي. اهي ڪجه هفتا پوءِ ڀڄي ويا. هيٽ ڪلف پاران هن کي ڪٽي وڃڻ جا سبب واضح هئا: جيستائين ڪيٿرائين سندس پاءُ کي پٽ نه ٿي ڄڻي ڏئي تيستائين ازابيل ئي سندس پاءُ جي وارث آهي. اهو مسئلو ڪجه هفتن ۾ حل ٿي ويندو. هيٽ ڪلف پنهنجي ڪنوار سان ڏاڍي وحشانيت وارو سلوڪ ڪيو ۽ ودرنگ هائيٽس واپس پهچڻ تي بنا دير ڪيٿرائين کي ٻڌايو ته هو فقط ۽ فقط هن سان ئي محبت ڪري ٿو ۽ هو فقط هن جي ڪري ئي ويو هليو هوءِ هن جي ڪري ئي واپس آيو هو ۽ انهي جي ڪري ئي هن جي نٺاڻ جو مڙس ٿيو هو. لنٽن کيس گهر ۾ اچڻ کان روڪي ڇڏيو. پر هن سموري مخالفت کي پني پنيان اڇلائي ڇڏيو.

جڏهن کيس اها خبر پئي ته ڪيٿرائين ڏاڍي بيمار آهي تڏهن هن نيلي ڊين کي انهي تي راضي ڪري ورتو ته هوءَ هن ڏانهن هڪ چٺي ڪٺي وڃي ۽ جڏهن ايڊگر ۽ سب نوڪر گرجا گهر ويا هئا ته هو گهر ۾ آيو هليو. هيٽ ڪلف ڏڪو ڏئي ڪيٿرائين جي ڪمري، جو دروازو کوليو ۽ اک ڇنڀ ۾ کيس پنهنجي ڀاڪر ۾ ڀري

ورتائين: ”ڪيتري تون پنهنجي دل سان دوکو ڇو ڪيو؟“ هن ڏک ۾ چيو ”توکي مون سان محبت هئي. پوءِ توکي مون کي ڇڏڻ جو ڪهڙو حق هو؟ ڪهڙو حق هو؟ مون کي ہڏاءِ تنهنجي دل ۾ لنٽن لاءِ ڪو احساس هو؟ ڪا بہ تڪليف يا ذلت يا موت يا خدا ۽ شيطان طرفان موڪليل ڪا بہ ڳالهہ اسان کي جدا نہ ڪري سگهي ها. تون اهو ڪم پنهنجي مرضي سان ڪيو آهي. مون تنهنجي دل نہ ڀڳي آهي. اها تو پاڻ ڀڳي آهي ۽ انهي کي ڀجندي تو منهنجي دل بہ ڀڃي ڇڏي آهي...

”مون کي اڪيلو ڇڏي ڏي، مون کي اڪيلو ڇڏي ڏي“. ڪيٿرائين سڏڪا ڀريا. ”جيڪڏهن مون ڪا غلطي ڪئي آهي تہ آءٌ“ انهي جو ڪيتو لوڙي رهي آهيان. اهو ڪافي آهي. تون بہ تہ مون کي ڇڏي ويو هئين. پر آءٌ توکي ڪا ملامت نہ ٿي ڪريان. آءٌ توکي معاف ڪريان ٿي. تون بہ مون کي معاف ڪر!

انهي رات ٻارهين وڳي- توهان کي جيڪڏهن تاريخ ۾ دلچسپي آهي تہ اها 20- مارچ 1784ع هئي سومر جو ڏينهن هو- ڪيٿرائين هڪ ڌي کي جنم ڏنو. انهي جو نالو بہ سندس ڀنيان ڪيٿرائين رکيو ويو ۽ بہ ڪلاڪ پوءِ هوءَ گذاري وئي.

ودرنگ هائيٽس جي ارڙهين ڪان ٽيهين باب کي ناول جو ٻيو جو ڇٽي سگهجي ٿو. اڳ وانگر هاڻي بہ بيان ڪندڙ نيلي ڊين آهي ۽ اهو حصو گهڻو ڪري ٻين ڪيٿرائين سان لاڳاپيل آهي. جيڪا انهيءَ خوف ۽ ٻيڙا واري رات ڄائي هئي. اڪثر پڙهندڙن کي هن ۾ پهرئين حصي واري ڊراماٽيت نظر نہ ايندي ۽ انهن کي ٻين ڪيٿرائين ڪا ٽڪل ٽنل ننڍڙي مخلوق لڳندي سندس عادتون تمام بگڙيل آهن. هوءَ مغرور، بيوقوف ۽ پنهنجي مرضيءَ واري آهي. انهيءَ ڳالهہ جو بہ ٻئي ڪنهن نہ پر فقط هن مٿان ئي الزام ايندو جو هن کي سترهن ورهين جي ڄمار ۾ هيٿ ڪلف ازابيل مان ڄاول پنهنجي پٽ لنٽن سان شادي ڪرڻ تي راضي ڪري ورتو (ازابيل شادي کان ڪجه ئي هفتا پوءِ هيٿ ڪلف کي ڇڏي ڏنو هو) اهو ويچارو ڏاڍو ڪمزور، ننڍڙو ۽ خود رحمي جو شڪار ڇوڪرو هو. ڪيٿرائين جي دل ۾ انهي لاءِ ڪنهن قسم جو ٻاجه ڀريو پيار پيدا ٿي ويو هو. ايڊگر لنٽن هيٿ ڪلف هٿان اهو آخري وار کائڻ کان پوءِ جلدئي فوت ٿي ويو ۽ پوءِ اهو ڇوڪرات مڙس بہ فوت ٿي ويو. اهڙي طرح گرينج ۽ ودرنگ هائيٽس جو اڪيلو مالڪ هيٿ ڪلف ئي ٿي ويو. هو ودرنگ هائيٽس ۾ هيريٽون ارن شا (سندس ڄمار هاڻي جهڙهن پندرهن

ورهيه ٿيندي) ۽ ڪيٿرائين سان گڏ رهي ٿو. لاڪ ووڊ کي 1801ع ۾ ودرنگ هائيٽس وڃڻ وقت اهي ٻئي نوجوان ملندا هئا.

هاڻي اسين وري ٽئين باب ڏانهن اچون ٿا جنهن ۾ لاڪ ووڊ ٻڌائي ٿو ته برفاني طوفاني سبب هو ڦاسي پيو هو ۽ اها رات کيس ودرنگ هائيٽس ۾ گذارڻي پئي هئي. هن کي دري جي سامهون هڪ قسم جي ڪيبٽ ۾ بسترو ڏنو ويو. انهي ۾ ڏاڍو سيءُ هو ۽ ڪو به آرام نه هو جو انهي ۾ هن هڪ خواب ڏٺو هو جو ڪو ماٺهو زور سان دري کڙڪائي رهيو هو. هن دري جي پڳل شيشي مان هٿ ٻاهر ڪڍيو ته ڪنهن جي ننڍڙي ٿڌي يخ هٿ سندس آڱريون پڪڙي ورتيون. ”مون کي اندر اچڻ ڏيو! مون کي اندر اچڻ ڏيو!“ انهي غمگين آواز سڏڪن ۾ چيو. ”تون ڪير آهين؟“ هن پڇيو ”ڪيٿرائين لنٽن!“ انهي ڏڪندي جواب ڏنو. ”آءُ گهر پهچي وئي آهيان. آءُ رستو ڀلجي وئي هئس!“ ”وڃ هلي“ هن رڙ ڪئي. ”آءُ توکي اندر اچڻ نه ڏيندس. تون جيڪڏهن ويهن ورهين تائين ٻاڏائيندي رهندين ته به اچڻ نه ڏيندس“. هاڻي ته ويهه ورهيه ٿي ويا آهن. ”آواز ڏک ۾ چيو“. آءُ ويهن ورهين تائين بي گهر رهي آهيان. ”انهي تي هو سجاڳ ٿي ويو ۽ خوف ۾ رڙيون ڪرڻ لڳو. هيٿ ڪلف لعنتون وجهندو ڊوڙندو آيو پر هو ڏاڍو پريشان هو. لاڪ ووڊ پنهنجي زميندار کي ٻيڊ جي سامهون گوڏا کوڙي ٻيهندي ۽ جاريءَ واري دري کوليندي ڏٺو ته هو ڪمري مان ٻچي ويو. ”اندر اچ“ هن سڏڪو ڀريو ”ڪيٿي هل اچ! اچ نه هڪ دفعو وري! او منهنجي دل جي راڻي! هي دفعو منهنجي ڳالهه ٻڌ. ڪيٿرائين آخري دفعو!

جيئن آخري بابن ۾ ٻڌايل آهي لاڪ ووڊ هڪ سال پوءِ وري هائيٽس ويو. هيريٽون ۽ ڪيٿرائين اتي هئا ۽ صاف نظر اچي رهيو هو ته انهن کي هڪ ٻئي سان تمام گهڻي محبت هئي. نيلي ڊين کيس ٻڌايو ته هيٿ ڪلف ڪجه مهينا اڳ فوت ٿي ويو هو. هن کيس هڪ صبح جو مئل ڏٺو هو. هو انهيءَ ٻيءَ جهڙي بستري تي پيو هو جنهن کان لاڪ ووڊ چڱي طرح واقف هو. هو پنهنجي موت کان ڪجه ڏينهن اڳ عجيب نموني پريشان لڳندو هو. هن کائڻ پيئڻ بند ڪري ڇڏيو هو ۽ ائين لڳندو هو جڻ ڪنهن جي اچڻ جي انتظار ۾ هجي. پر هو بيمار نه هو ۽ ڊاڪٽر کي به سمجهه ۾ نه پيو اچي ته هو سندس موت جو سبب ڪهڙو ٻڌائي. انهن کيس سندس وصيت مطابق شام جو دفن ڪيو. سندس قبر انهيءَ عورت جي ڀرسان هئي جنهن سان هن ڪيترا ورهيه اڳ ڏاڍي شديد محبت ڪئي هئي. نيلي کي ياد هو ته هن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيس ٻڌايو هو ته هن لنڊن جي تدفين جي موقعي تي ڇا ڪيو هو. ”مون لنڊن جي قبر کوٽيندڙ گورڪن کي چيو“، هن چيو هو ”ته سندس تابوت جي ڍڪ مٿان مٽي پري ڪر. پوءِ مون اهو کوليو.... مون سندس منهن وري ڏٺو. اهو هن جو ئي هوا... مون تابوت جي هڪ پاسي کي ڌڪ هڻي گهر گهلو ڪيو ۽ انهي کي ڍڪي ڇڏيو. لنڊن وارو پاسو نه لعنت هجيس! آءٌ ته چوان ٿو ته اهو جيڪر شيهي سان بند ٿيل هجي ها. پوءِ مون گورڪن کي رشوت طور پئسا ڏنا ته جڏهن مرڻ کان پوءِ منهنجو لاش اتي دفن ٿيڻ اچي ته انهي کي چڪي مون کي اتي رکي ڇڏجانءِ“.

ڳوٺن ۾ هن بابت ڪيتريون ئي ڳالهيون مشهور هيون. نيلي لاڪ ووڊ کي ٻڌايو ته آءٌ هڪ شام جو ويس پئي. انهي شام جو ڏاڍي اونداهي ٿي وئي هئي ۽ ڏاڍو دل ڏاريندڙ طوفان هلي رهيو هو جو مون کي هائيٽس کان ٿورو اڳتي هڪ ننڍڙو ڇوڪرو نظر آيو انهي سان هڪ رڍ ۽ ٻه گهيٽڙا هئا. هو ڏاڍي پوائتي نموني رڙيون ڪري رهيو هو. مون هن کان پڇيو ”ڇا ڳالهه آهي ننڍڙا ماٺو؟ هن چيو ”او هتي انهي وڻ هيٺان هيٿ ڪلف ۽ هڪ عورت بيٺا آهن. مون کي انهن وٽان لنگهندي ڊپ ٿو لڳي“.

”انهن کي ڪنهن به ڳالهه جو ڊپ نه آهي. لاڪ ووڊ چيو. سامهون ٻئي عاشق به شام جي واڪ تان موٽي رهيا هئا“. اهي گڏجي شيطان ۽ سندس سمورن لشڪرن کي منهن ڏئي ويندا“.

لاڪ ووڊ گرينج واپس ويندي قبرستان ڏسڻ لاءِ رستي تان هيٺ لهي پيو. ”مون ڪوشش ڪئي ته مون کي ٽنهي قبرن جا مٿيان پٿر جلد ئي نظر اچي ويا: وچون اچي خاڪستري رنگ جو هو ۽ اڌ زمين ۾ پوريل هو: ايڊگرلنٽن جي قبر تي پيرن وٽان گاهه ۽ سينور چڙهي آيو هو. هيٿ ڪلف جي قبر جي مٿان ڪجهه به نه هو. انهن جي چوڌاري ڪجهه وقت بيٺو رهيس ۽ پنيورين کي ڦيرا ڏيندي ڏسندو رهيس. آءٌ گاهه مان سوساٽ ڪري ايندڙ هير جا آواز به ٻڌندو رهيس ۽ سوچيندو رهيس ته ڇا ڪير تصور ڪري سگهي ٿو ته انهي خاموش ڌرتي هيٺان ڪير ڪيترو نه بي آرام هوندو!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 47. دي هسٽري آف انگلينڊ

## -- لارڊ ميڪالي --

جينوٽيڪ لارڊ ميڪالي جي انگلينڊ جي تاريخ ڪان پوءِ ٻيون ٻـ ڪيتريون ئي انگلينڊ جون تاريخون آيون آهن پر عوامي مقبوليت جي لحاظ کان ڪا بـ انهي جي برابر نـ ٿي سگهي آهي. اها ڪا ايتري پُراسرار ڳالهہ بـ ڪانهي. انهي جو سبب واضح آهي. هن تاريخ کي دلچسپ بڻايو. "آءُ تيستائين مطمئن نـ ٿيندس". هن 1841ع ۾ لکيو جڏهن هو وڏا ڪشالا ڪري هر روز صبح جو پنهنجا ڇهہ فولسڪيپ (Foolscap) صفحا لکندو هو "جيستائين آءُ ڪا اهڙي شي پيش نـ ڪريان جيڪا نوجوان عورتن جي ميزن تان ڪجهہ ڏينهن لاءِ تازي فيشني ناول کي پري نـ ڪري ڇڏي سٽن ورهين کان پوءِ جڏهن پهريان جلد ڇپيا تـ ڪيس ڪجهہ ڏينهن ۾ ئي خبر پئجي وئي تـ هو پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿي چڪو آهي ۽ اها ڪاميابي فقط نوجوان عورتن تائين محدود نـ آهي. جنهن کي بـ سندس ڪتاب هٿ اچي رهيو هو. اهو پڙهي رهيو هو ۽ پنين جلدن بـ پهرئين جلد جهڙي ڪاميابي حاصل ڪئي. وقت گذرڻ سان گڏوگڏ ڇاپن پنيان ڇاپا ايندا ويا ۽ هاڻي اهو چوڻ شايد غلط نـ ٿيندو تـ اهڙي قسم جي ٻئي ڪنهن بـ سنجيده ڪتاب جي ڪڏهن بـ ايتري گهڻي ۽ لاڳيتي طلب نـ رهي آهي.

ڪتاب جو پورو عنوان آهي The History of England From the Accession of James II ۽ ميڪالي جو شروع ۾ مقصد اهو هو تـ هو ڪتاب ۾ 1685ع کان وٺي "موجوده دور ۾ زنده ماڻهن جي يادگيريءَ وارن واقعن" جو احاطو ڪندو. لڳي ٿو تـ انهي مان هن جو مقصد 1820ع ۾ جارج ٽيئن جي وفات تائين هو. هن جنهن ٻيماني تي رٿا رٿي هئي اهو هڪ تمام وڏو ڪم هو ۽ انهي لاءِ شايد تـ پنجاهہ جلد گهربل هجن ها. پوءِ صورتحال اها بيني جو هو 1702ع ۾ وليم ٽئين جي وفات تائين ڳالهہ پهچائڻ تائين زنده رهي سگهيو. اهو ذاتي افسوس ناڪ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهه تي ڇاڪاڻ ته جنهن عظيم جنگ ۾ مارلبورو عظيم ڪاميابيون ماڻيون ۽ اتر آمريڪا ۽ انڊيا ۾ برطانوي سلطنت قائم ٿيڻ بابت سنڊس بيان پڙهڻ ڏاڍو پلو ڪم ٿئي ها.

پر اسان کي ايترو نامهربان به نه ٿيڻ گهرجي. جيڪو ڪجهه موجود آهي انهي مطابق به اسين سنڊس انهي سوچ کي حق بجانب قرار ڏئي سگهون ٿا ته:

"انهي رنگا رنگ بيان جو عام اثر اهو پيدا ٿيندو جو اهو سيني مذهبي ذهنن ۾ شڪر گذاري ۽ سيني محب وطن ماڻهن جي دلين ۾ اميد پيدا ڪندو... جيڪي ماڻهن پنهنجي دور جي انهي سونهري دور سان پيٽ ڪن ٿا جيڪو فقط سندن تصور ۾ وجود رکي ٿو اهي زوال ۽ بگاڙ جون ڳالهيون ڪري سگهن ٿا پر جنهن به ماڻهو کي تاريخ بابت درست ڄاڻ آهي اهو ڪڏهن به موجوده دور بابت مايوسي واري راءِ قائم نه ڪندو".

انهي ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته هن اهڙن ئي ڪجه غلط نظرين جي اصلاح جي خيال کان ڪجه بابن ۾ چارلس ٻئين جي دور جي پڇاڙي تائين ڏاڍي تڪڙي ۽ بهترين انداز ۾ انگلينڊ جي تاريخ لکڻ کان پوءِ اهو باب لکيو آهي جنهن کي موجوده توڙي گذريل دور جا اڪثر پڙهندڙ سنڊس پاران لکيل بهترين شي سمجهن ٿا. سماجي تاريخ اڄ ڪلهه ايتري عام ٿي وئي آهي جو اها ڳالهه ٻڌي ماڻهن کان لازماً ڇرڪ نڪري ويندو ته ميڪالي 1685ع ۾ انگلينڊ جي تاريخ بابت اهو باب لکندي اهڙي ميدان ۾ ڪم ڪري رهيو هو جنهن ۾ اڳ ۾ ڪجه به ڪم ٿيل نه هو. انهي دعوي ۾ ڪو به مبالغو ڪونهي ته ائين ڪندي هو سماجي تاريخ ۽ پڻ مقامي تاريخ (جيڪا پڻ نالي ماتر موجود هئي) جو ابو ٿي ويو هو ۽ جيتوڻيڪ ڪيترائي بهترين ليکڪ سنڊس نقش قدم تي هليا آهن پر انهن مان ڪو به ماضي کي ايتري تفصيل ۽ ايتري سمجهداري سان ذهن ۾ ويهارڻ جي قابل نه ٿي سگهيو آهي. جيڪي ڏڄڻا ماڻهو ڪنهن ڪتب خاني جي ڪٻٽن ۾ انهي تاريخ جو سنهي ٽائيپ وارن جلدن جو سيٽ ڏسي رکجي ويڃن انهن لاءِ سٺي صلاح اها آهي ته اهي تاريخ جي انهي ٽئين باب کان شروعات ڪن. اهي جيتوڻيڪ اڳتي نه پڙهن ته به انهن کي اسانجن ابن ڏاڏن جي روزاني زندگين ۽ حالتن بابت ايتري معلومات حاصل ٿي ويندي جيتري تاريخي تحرير جو ٻيو ڪو ڪتاب نه ڏئي سگهندو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميڪالي جيڪو پهريون نقطو پيش ڪيو آهي اهو آبادي جي گهٽ هئڻ جو آهي. جيئن ته پهرئين آدمشماري هڪ سو ورهين کان به وڌيڪ عرصي کان پوءِ ٿي هئي تنهن ڪري جيمس ٻئين جي ماتحت انگريزي عوام جو ڪو به صحيح انگ نه ٿو ٻڌائي سگهجي. پر سڀ کان ويجهو اندازو پنجاهه کان پنجونجاهه لکن جي وچ ۾ ٿي سگهي ٿو. جيئن ته 1685ع کان اترين ضلعن ۾ تمام گهٽي واڌ اچي وئي آهي ۽ انهي جو وڏو حصو ارڙهين صدي تائين به وحشانيت واري حالت ۾ زندگي گذاريندو هو. نارٿمبرلينڊ ۽ ڪمبرلينڊ جي مئجسٽريٽن کي ملڪيتن جي دفاع ۽ امن امان لاءِ هٿياربند جٿا ڳاهڻ جو اختيار هوندو هو. چرچ جي ماتحت علائقن لاءِ ڦورن کي پڇاڻڻ لاءِ تازي ڪتا رکڻ لازمي هوندو هو. شڪار جي پٺيان ڊوڙندڙ شڪاري جيڪي تائين (Tyonc) جي سرچشمي تائين پهچي ويندا هئا انهن کي اتي اهڙي قوم جا ماڻهو آباد نظر ايندا هئا جيڪي وحشانيت ۾ ڪيلفورنيا جي هندستانين (Indians) کان ٿورائي گهٽ هوندا. انهن کي اتي اڌ اگهاڙيون عورتون ڪو جادوئي منتر پڙهندي ۽ مرد ڏگها چرا کڻي جنگي ناچ ڪندي نظر ايندا هئا ته اهي حيرت ۾ ونجي ويندا هئا". ملڪ جو فقط اڌ حصو زراعت هيٺ هوندو هو جڏهن باقي حصي تي ٻيلا، جهنگ ۽ سم هوندي هئي. لنڊن کان ڪجهه ميلن جي فاصلي تي اين فيلڊ چيز جي پوٺن تي هزارين جهنگلي هرڻ پيا ڊوڙندا هئا.

ميڪالي بيان ڪيو آهي ته ڳوٺن جي معززن جي مکيه تفريح ميداني رانديون روندبون ۽ غيرشائسته شهوانيت هوندي هئي. پادري وري اهڙا هوندا هئا جن کي پنهنجا مناجات جا ڪتاب به مشڪل سان پڙهڻ ايندا هئا ۽ جن جي سماج ۾ حيثيت اها هوندي هئي جو اهي ڪنهن شادي ۾ زميندار جي هائوس ڪيپر يا ڪنهن چڏيل داشته کان مٿي ڪنهن عورت جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهلڻ جي خواهش به نه ڪري سگهندا هئا. اهي ڳالهيون ٻڌائڻ کان پوءِ ميڪالي وڏن توڙي ننڍن شهرن ۾ آيل تبديليون بيان ڪري ٿو.

لنڊن اڄ جي پيٽ ۾ گهڻو وڏو هو. چارلس ٻئين جي دور ۾ لنڊن جي آدمشماري برسٽول يا ناروچ (اهي ٻئي لنڊن کان پوءِ ٻئين نمبر تي وڏا شهر هئا) جي آدمشماري کان سترهن دفعا وڌيڪ هئي. برسٽول جي آبادي ٽيهن هزارن کان به گهٽ هئي. اهو پهريون ساموندي بندرگاهه هو پر انهي جون اڪثر گهٽيون ايتريون ته

سوڙهيون هونديون هيون جو انهن ۾ گاڏيون ۽ گاڏا نہ هلي سگهندا هئا ۽ مال جي بار برداري لاءِ اهڙا گاڏا ڪتب آندا ويندا هئا جن کي ڪتا ڇڪيندا هئا. ناروچ اوني شين نهڻ جي مکيہ مرڪز هئڻ سان گڏوگڏ سموري ملڪ جو بہ اهم صنعتي مرڪز هو. انهي جي آدمشماري برسٽول کان ڪجھ گهٽ هئي. انهي کان پوءِ يارڪ، اتر جي گاديءَ جو هنڌ ۽ ايڪسيٽر اولھ جو گادي جو هنڌ هو. انهن ۾ هي مان هر هڪ ۾ ڏھ ڏھ هزار کان وڌيڪ رهواسي نہ هوندا. ليڊس يارڪ شائر جي اوني شيون ٺاهيندڙن جو مکيہ مرڪز هو پر انهي جي آبادي بہ 7000 کان وڌيڪ نہ هئي. برمنگهم جا ٺٺ اچا هاٿي مشهور ٿي رهيا هئا پر برمنگهم جي بندوقن بابت اجا ڪنهن نہ ٻڌو هو. انهي جي آبادي بہ 4000 کي بہ نہ پهتي هئي. سمنڊ ڪناري تفريح گاهن جو اجا ڪو وجود نہ هو ۽ وڏا ماڻهو ۽ خوش باش زندگيءَ جا شوقين چيلٽينهام، ٽمبرج ويلز ۽ بڪسٽن ويندا هئا. اهڙا ماڻهو بڪسٽن ۾ هيناهين ڇت وارن ڪاٺ جي ڇپرن ۾ سٽجي ويهي اوٽ ڪيڪ (جئي جي اٽي جون سنهي بسڪوٽ وانگر ٽڪيون- سنڌيڪار) ۽ اهڙي شي کائيندا هئا جنهن کي ميزبان تہ رڍ جو گوشت چوندا هئا پر مهمانن کي پڪو گمان هوندو هو تہ اهو ڪتي جو گوشت آهي".

شهرن کي ڳنڍيندڙ هاءِ ويز جو حال بہ خراب هوندو هو. اڪثر روڊ جي ساڄي کاٻي پاسي مٽي ۽ گپ هوندي هئي فقط پڪي زمين جو سوڙهو بيچرو گپ کان مٽي هوندو هو. تقريباً هر روز ڪتي نہ ڪتي ڪا گاڏي ايتري تہ مضبوطي سان ڦاسي پوندي هئي جو جيستائين ڪنهن ويجهي فارم تان ڍڳن جي جوڙي اچي انهي کي گپ مان ڇڪي نہ ڪڍندي هئي تيستائين انهي جو نڪرڻ محال هوندو هو. "وري مسافر بہ جيستائين تعداد ۾ گهڻا ۽ چڱي طرح هٿيار بند نہ هجن تيستائين انهن کي ڦورو يارن روڪي لٽ مار ڪرڻ جو خطرو هوندو هو". انهن ڦورن جي نالن سان بہ هڪ قسم جي رومانوي دلچسپي لاڳو هوندي هئي ۽ شايد اجا بہ لاڳو آهي. "عام ماڻهو انهن جي سختي ۽ دليري جا قصا، انهن جي بعضي بعضي سخاوت ۽ چڱي طبيعت جون ڳالهيون، انهن جي معاشقن، انهن جي ڪرشماتي طور فرار ٿيڻ، انهن جي سر ڏڙ جي بازي لڳائي وڙهڻ ۽ شراب خاني توڙي گاڏي تي چڙهي ڦاهي گهاٽ ڏانهن نيو وڃڻ دوران انهن جي مردانگي واري هلت چلت جا قصا ذوق شوق سان ويهي هڪ ٻئي کي ٻڌائيندا هئا."

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چارلس ٻيو فوت ٿي ويو ۽ سندس ڀاءُ جيمس ٻيو سندس جاءِ تي حڪومت هلائڻ لڳو. هو به پنهنجي ڀاءُ وانگر فرانس جي بادشاهه جو پينشنر هو ۽ انهي حالت تي ڏاڍو خوش هو پر چارلس جي ابتڙ هو ڏاڍو تعصبي ۽ ظالم هو ۽ هنيلو ۽ بيوقوف هو. هو هڪ صدي کان به عرصو اڳ تخت تي ويهندڙ Bloody Mary کان پوءِ تخت تي ويهندڙ پهريون رومن ڪيٿولڪ هو ۽ هن چرچ آف انگلينڊ ۽ انگريزي آئين جو خاتمو ڪري پنهنجو چرچ رائج ڪرڻ چاهيو ٿي. ڪيس پنهنجي حڪومت جي بلڪل شروعاتي ڏينهن ۾ ئي ڊيوڪ آف مون مائوٿ (Monmouth) جي بغاوت کي منهن ڏيڻو پيو. هو سندس ڀاءُ ڪنگ چارلس جو حرامي پٽ هو پر پنهنجي سهڻي شڪل شباهت ۽ دل وڻندڙ طور طريقن سبب عوام کي ڏاڍو پيارو هو ۽ هو وري پروٽيسٽنٽ طريقي جي حمايت جي هام هڻندو هو. ميڪالي هن باب (پنجين) ۾ پنهنجي بهترين انداز ۾ ظاهر ٿيو آهي انهيءَ ۾ هن انهي مهم جُوٴ ياران تخت حاصل ڪرڻ جي دکدائڪ تاريخ سندس نااهلي ۽ بلڪل تباهي ۽ وري بغاوت تي ڪنٽرول حاصل ٿي وڃڻ کان پوءِ عدالتي ڪوس ۽ مون مائوٿ جي قتل جي سزا جوا حوال ڏنو آهي.

ميڪالي پنهنجي دستور مطابق سومرسيٽ ويو ۽ سيج مور ۾ اهو ميدان ڳولهي لڌائين جتي 6- جولاءِ 1685ع تي انگريزن جي سرزمين تي لڳندڙ آخري لڙائي جو فيصلو ٿيو. مون مائوٿ هڪ مضبوط ۽ قابل جنگجو طور پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. ماڻهن ڏٺو ته هو پيرين پنڌ هو. هڪ پائلو هٿ ۾ هوس ۽ پيادل فوج کي اپارڻ ۽ همٿائڻ لاءِ نعرا به هڻي رهيو هو ۽ پاڻ وڙهي به رهيو هو. پر هو فوجي معاملن کان اڻڄاڻ واقف هو جو خبر پئجي ويس ته کيل ختم ٿي ويو هو. سندس سپاهين کي اونداهي ۾ اوچتو اچي پوڻ سبب جيڪو فائدو مليو هو انهن اهو وڃائي ڇڏيو هو. هن کي نظر پئجي آيو ته هو جيڪڏهن اجا به ڪجه وقت پوئتي رهيو ته شاهي گهوڙي سوار فوج سندس پسپائي جو رستو ڪٽي ڇڏيندي. هو گهوڙي تي چڙهي ميدان مان ويو هليو. انهي جي باوجود به سندس پيدل فوج ٻي جگري سان مهاڏو اٽڪايو. لائيف گارڊس جي دستن انهن تي ساڄي هٿ کان ۽ بليوز (Blues) کاٻي هٿ کان حملو ڪيو پر سومر سيٽ شائر جي جوانن پنهنجن ڏاتن ۽ بندوقن جي ڪنداقن سان شاهي گهوڙي سوارن جو تجربيڪار سپاهين وانگر مقابلو ڪيو. پر سگهارن ڳوٺاڻن جي جدوجهد گهڻو وقت برقرار نه رهي سگهي. سندن گندرف ۽ گولا ختم ٿي ويا هئا. "بارود، بارود، خدا جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واسطي بارود" جون رڙيون هڏڻ ۾ پئي آيون. پر بارود دستياب نه هو. ۽ پوءِ بادشاهه جو توپخانو وڏي آيو.. باغي بتالين جا نيزا لڏڻ لڳا، صفون ٽٽي ويون. بادشاهه جي گهوڙي سوار دستي وري لُوهه ڪٽي ۽ سامهون ايندڙ هر شي کي لتاڙي ڇڏيو. وري بادشاهه جي پيادل فوج خندق ٽپي ڪڙڪي پئي. اهڙي خطري واري حالت ۾ به مينڊپ مائينرز (Miners) وڏي بهادري سان هٿيار ڪنيو بيٺا رهيا. ۽ پنهنجين جانين جي وڏي قيمت وصول ڪيائون. باغين مان هڪ هزار کان وڌيڪ پوئتي تي مئا پيا هئا.

مون مائوٿ گرفتار ٿيو ۽ ٽاور هل تي صحيح نموني ڪم نه ڪري سگهندڙ جلاد هٿان مري ويو. جڏهن ته بدنام زمانه لارڊ جيفريز ويسٽ ڪنٽري کي تمام خراب حالت ۾ پهچائي ڇڏيو. ڊورچيسٽر ۾ چوهتر باغين کي ڦاهي، ڏني وئي ۽ سومرسيٽ ۾ ڪجھ ڏينهن ۾ 233 قيدين کي ڦاهي چاڙهيو ويو. هر اها جاءِ جتي به رستا اچي مليا ٿي، هر مارڪيٽ ۾ ۽ هر انهي وڏي ڳوٺ جي ميدان تي جنهن مون مائوٿ کي سپاهي ڏنا هئا ٽنين تي سپاهين جا لاش پيا لڙڪندا هئا. هوا کي زهر آلود پيا ڪندا هئا ۽ مسافر انهن کي ڏسي خوف ۾ ورنجي ويندا هئا. پر چيف جسٽس جيفريز ائين پيو کلندو، رڙيون ڪندو ۽ پوڳ ڪندو هو ۽ ائين پيو سخت لفظ ڳالهائيندو هو جو اڪثر ماڻهو سمجهندا هئا ته هو صبح کان رات تائين نشي ۾ رهي ٿو.

ميڪالي پاران انهن ستن بشپن تي ڪيس هلڻ جو بيان (باب انون) ايترو ئي ڊرامائي آهي جن پنهنجي علائقن جي گرجا گهرن ۾ Declaration of Indulegence پڙهيو وڃڻ جي شاهي حڪم کان انڪار ڪيو هو. انهن سمجهيو ٿي ۽ اهي انهي ڳالهه ۾ حق بجانب هئا ته اهو چرچ آف انگلينڊ جي وقار تي هڪ موتمار ڌڪ هو.

اهڙي طرح اسين جيمس ٻئين جي دور جي پڄاڻي، سندس پاران تخت کان دستبرداري ۽ فرار ۽ سندس نياڻي وليم ٽئين ۽ سندس ڌيءُ ميري ٻئين جي تخت نشيني جي احوال تي پهچون ٿا. ايندڙ بابن جون ڪجھ اهم ڳالهيون آهن ٻئائين (Boyne) جي لڙائي (باب سورهون) جنهن ۾ وليم آئرلينڊ ۾ جيمس جي فوج کي شڪست ڏني ۽ گلين ڪو جو قتلام (باب ارڙهون) جڏهن هائيلينڊ جي هڪ قبيلي هڪ ٻئي قبيلي خلاف ڏاڍو خوفناڪ ڏوهه ڪري وڌو. جڏهن تاريخي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيان جو اهم ٽڪرو پڄاڻي تي پهچي ٿو تہ بادشاهہ وليم تي پردو ڪري ٿو. هو فرانسي بادشاهہ خلاف عظيم يورپي اتحاد جي فوجن جي اڳواڻي ڪرڻ کان ڪجھ وقت اڳ فوت ٿي ويو. انهي کان پوءِ مارلبورو جون سوڀون اچن ٿيون پر ميڪالي کي موت انهن کي بيان ڪرڻ جي مهلت نہ ڏني. انهيءَ تي بہ پردو ڪري ٿو. هو ڪين سنگٽن ۾ پنهنجي گهر ۾ لائبريري ۾ پنهنجي آرام ڪرسي تي ويٺو آهي، سندس پرسان ميز تي هڪ ڪتاب انهي صفحي تي کليل رکيو آهي جتي هو پڙهي رهيو هو. سندس هميشہ کان اها ئي خواهش هئي تہ هو اهڙي طرح فوت ٿئي. ڪيس ويسٽ منسٽر ايبي ۾ دفن ڪيو ويو. سندس سڀ کان وڏو ۽ سڀ کان پائيدار يادگار سندس "تاريخ" آهي جنهن ۾ هن انهي عظيم انقلاب جي تاريخ اهڙي انداز ۾ بيان ڪئي آهي جيئن عام ماڻهو بہ سمجهي سگهن. انهي عظيم انقلاب سان اسٽورٽ گهراڻي جو ظلم ۽ ڏاڍ جو دور ختم ٿيو ۽ اهڙي اونهي ۽ پُرامن تبديلي جي شروعات ٿي جنهن سان برطانيہ کي جديد دنيا ۾ بالادستي وارو مقام مليو.

# 48. ڊيوڊ ڪاپر فيلڊ

## ـــ چارلس ڊڪنس ـــ

ناول نگار جي حيثيت ۾ ڊڪنس کي ڪنهن درجي ۾ نہ ٿو بيهاري سگهجي ڇاڪاڻ تہ هو فڪشن توڙي پنهنجن پڙهندڙن جي دلين ۾ هڪ اهڙي جاءِ تي بيٺل آهي جيڪا فقط هن جي آهي. ڪردار جي خالق جي لحاظ کان هن جو ڪو ثاني شريڪ نہ آهي. ورلي ئي ڪنهن ناول نگار اسان کي ايتري وسيع ۽ ايتري متنوع پورٽريٽ گيلري ڏني هوندي جيتوڻيڪ اها ڳالهہ صحيح آهي تہ هر نسل سياويڪ انهن ئي ناولن کي پسند ڪندو جن ۾ اهڙي دور ۽ اهڙن ماڻهن جا چٽ چٽيل هوندا جن کي هو سڃاڻين ٿا پر اها پڪ آهي تہ ڊڪنس جا ناول ايستائين زنده رهندا جيستائين انگريزي زبان زنده آهي ڇاڪاڻ تہ انهن ۾ جيڪا چٽائي آهي. جيڪو تنوع آهي ۽ جيڪو مزاح آهي اهو ٻئي ڪنهن جي ناولن ۾ نہ آهي وري هو مڊ وڪٽورين دور جي خاص طور وچولي ۽ غريب طبقن بابت جيڪا همدردي پيدا ڪري ٿو اها بہ پڙهندڙن کي پاڻ ڏانهن ڇڪڻ جو هڪ اهم سبب آهي.

ڊڪنس جيڪي ارڙهن عظيم ڪتاب لکيا آهن انهن مان ڊيوڊ ڪاپر فيلڊ کي نقاد سندس شاهڪار مڃين ٿا. اهو سڀ کان اڳ قسط وار 1849ع ۾ ظاهر ٿيو ۽ ورندي سال ڪتابي صورت ۾ ڇپيو. اهو وڏي حد تائين سندس پنهنجي زندگي جي واقعن تي آڌاريل آهي.

سندس پيءُ نيوي پي (Pay) آفيس ۾ ڪلارڪ هو ۽ سندس ماءُ هڪ ساٿي ڪلارڪ جي ڌيءَ هئي. چارلس جڏهن ٻن ورهين جو هو تہ اهو ڪٽنب پورٽسي کان لنڊن لڏي ويو. اهي اتان وري ڪيٿهام ويا هليا. ست سال پوءِ جڏهن ڇوڪر يارهن ورهين جو هو تہ اهي وري لنڊن موٽي آيا. هتي اهي ڏاڍين ڳنڀير مالي مشڪلاتن ۾ اچي ويا ۽ عمر کان ننڍي قد بت واري ڇوڪري کي گهريلو نوڪر

طور ڪم آندو ويو. هو اجا ٻارنهن ورهين جو ئي نہ ٿيو هو جو کيس هڪ مس ناهڻ واري فيڪٽري ۾ هفتي ۾ ڇهہ شلنگ پگهار تي ويهاريو ويو.

اڳتي هلي ڊڪنس جي قرض خواهن کيس مارشل سي واري قرضين واري قيدخاني ۾ داخل ڪرائي ڇڏيو جتي هو پنهنجي ڪٽنب سميت رهي پيو. باقي چارلس کي هڪ پوڙهي عورت جي سار سنڀال هيٺ رکيو ويو.

کيس ٻارنهن ورهين جي عمر ۾ ڪيمڊن ٽائون جي اسڪول ۾ موڪليو ويو. اتان هو هڪ وڪيل جي آفيس ۾ وڃي ويٺو. پر کيس قانون سان ڪا بہ دلچسپي نہ هئي تنهن ڪري هو شارٽ هينڊ سکڻ کان پوءِ رپورٽر ٿيو. هو 1836ع ۾ صحافت کي ڇڏي ادب جي دنيا ۾ آيو ۽ شادي بہ ڪيائين. انهي سال "پڪ وڪ پيپرز" جي ڪاميابي سان سندس مالي پريشانيءَ وارا ناخوشگوار ڏينهن پڄاڻي تي پهچي ويا.

هو پنهنجي گهريلو زندگي ۾ ايترو ڀاڳوند ثابت نہ ٿيو. زال مڙس ۾ طبيعتن جي اختلاف سبب 1858ع ۾ هو هڪ ٻئي کان جدا ٿي ويا. انهي دوران هو ڏهہ ٻار پيدا ڪري چڪا هئا. سندس باقي زندگي سندس سالي سندس گهر جي سار سنڀال لهندي رهي.

اميد آهي تہ ڊڪنس جي پنهنجي زندگي جي انهي بنهہ مختصر خاڪي سان پڙهندڙ کي "ڊيوڊ ڪاپر فيلڊ" اونهائي سان سمجهڻ ۾ مدد ملندي ڇاڪاڻ تہ ليکڪ جن حقيقي تجربن کي ماخذ بڻايو آهي انهي سان ناول کي اهڙيون خصوصيتون ملن ٿيون جيڪي سندس اڪثر ڪتابن ۾ نہ ٿيون ملن. انهن ئي خصوصيتن ڊيوڊ ڪاپر فيلڊ کي تمام اثرائتو ناول بڻايو آهي. متڪلم جي صيغي ۾ ڪهاڻي ٻڌائڻ جي طريقي بہ ناول کي حقيقي آتم ڪهاڻي جهڙي صورت ۽ هيئت ڏئي ڇڏي آهي. اها ڳالهہ بہ حقيقت جو شبهو پيدا ڪري ٿي ۽ اها ئي ڳالهہ ڪهاڻي جي سڀ کان نمايان خصوصيت آهي.

ڊيوڊ ڪاپر فيلڊ جي شروعات ڊيوڊ جي جمڻ سان ٿئي ٿي. اهو ڏينهن جمعي جو آهي ۽ وقت رات جا پورا ٻارنهن ٿيا آهن سندس پيءُ ڇهہ مهينا اڳ فوت ٿي ويو هو ۽ مسز ڪاپر فيلڊ اڪيلي رهندي هئي. انهن وٽ فقط پيگوٽي رهندي هئي. انهي کي هن ٻار جي نرس طور رکيو هو.

اهي تنئي جڻا ڏاڍي خاموش ۽ خوشگوار زندگي گذاريندا آيا ايستائين جو ڊيوڊ ستن ورهين جو ٿيو. پوءِ هڪ ڏينهن پيگوٽي کيس پنهنجي ڀاءُ وٽ گهمائڻ وٺي وئي. هو يار مائوٿ ۾ هڪ گهر ۾ تبديل ڪيل ٻيڙي ۾ رهندو هو. اتي هنن پندرهن ڏينهن ڏاڍي خوشي ۾ گذاريا. پر گهر پهچڻ تي ڊيوڊ کي خبر پئي ته کيس مرڊ اسٽون نالي هڪ نئون پيءُ مليو آهي. اهو ڪيترائي دفعا سندس ماءُ سان اڳي مليو هو. انهي ڪان کيس فطري طور هڪ نفرت ٿي وئي هئي.

مرڊ اسٽون ۽ سندس ڀيڻ جيڪا به انهن سان اچي رهي هئي مڪمل طور مسز ڪاپر فيلڊ تي حاوي ٿي ويا. انهن اهو به پڪو پهه ڪري ڇڏيو هو ته هو سندس بگڙيل پٽ کي سڌو ڪندا. ماءُ ۽ پٽ ٻئي ڏاڍا ناخوش هئا.

مرڊ اسٽون ۽ ڊيوڊ جي لاڳاپن جو عروج تڏهن ٿيو جڏهن مرڊ اسٽون پنهنجي انهي ارادي جو اظهار ڪيو ته هو ڇوڪري کي پنهنجو سبق ياد نه ڪرڻ تان مار ڏيندو. ڇوڪري انهي ڌپ ۾ مرڊ اسٽون کي هٿ تي چڪ هڻي ڪڍيو. ڊيوڊ کي ڪيترائي ڏينهن سزا طور پنهنجي ڪمري ۾ رکڻ کان پوءِ لنڊن جي ويجهو "سالم هائوس" رهائشي اسڪول ۾ موڪليو ويو. انهي اسڪول جو مسٽر ڪريڪل نالي اذيت پسند هيڊماسٽر سٽ ڇوڪرن کي دهشت ۾ رکيو ويٺو هوندو هو. ڊيوڊ جي اتي اسٽيئر فورٿ نالي ڇوڪري سان دوستي ٿي. اهو هن کان ڇهه ورهيه وڏو هو ۽ سندس مدد ۽ بچاءُ ڪندو هو.

ڊيوڊ ٽرم جي پڄاڻي تي گهر موٽيو ۽ هڪ نئون ڀاءُ ڏٺائين اينڊڙ ٽرم دوران هڪ ڏينهن کيس خبر پئي ته سندس ماءُ ۽ ڀاءُ فوت ٿي ويا آهن.

مرڊ اسٽون جيئن ته هاڻي ڊيوڊ جي تعليم جو خرچ پرڻ نه ٿي گهريو تنهن ڪري کيس اسڪول مان اٿاري لنڊن جي ويجهو شراب بوتلن ۾ ڀرڻ واري هڪ فيڪٽري ۾ ڪم تي بيهاري ڇڏيائين. مرڊ اسٽون اتي مسٽر مڪابر ۽ سندس ڪٽنب وٽ ڊيوڊ جي رهائش جا پئسا ڀريا باقي سندس ڪاڌ پيٽ بابت سمجهيو ويو ته انهي جا پئسا هو پنهنجي سٽ شلنگ هفتي وار پگهار مان پاڻ ڀريندو.

مسٽر مڪابر تي سدائين قرض چڙهيل هوندو هو پر هن وٽ سدائين پئسو گڏ ڪرڻ جو وڏيون رٿائون هونديون هيون. پر انهن مان ڪا به ڪڏهن به ڪامياب نه ٿي. هو تمام وڏو اميد پرست هو ۽ سدائين انهي انتظار ۾ هوندو هو ته "ڪا ڳالهه ٿي

پوندي“ پر اها ڪڏهن به نه ٿي ۽ آخرڪار ڪيس قرضين واري جيل ۾ وڌو ويو جتي سندس ڪٽنب به اچي هن سان رهيو. پوءِ جڏهن هڪ مائٽ انهن جو قرض لاٿو ته هو آزاد ٿيا ۽ اهي جيل مان نڪرنديءَ ئي ”هڪ نئين زندگي گذارڻ پورٽس مائوٿ روانا ٿي ويا.“

ڊيوڊ فيڪٽري ۾ اڪيلو هو ۽ تمام ناخوش گذاريندو هو تنهن ڪري هن اتان ڀڄي وڃڻ جو فيصلو ڪيو. ڪيس ياد هو ته هو ڪيس مس بيٽسي ٽراٽ وڏ نالي هڪ عجيب غريب پڦي هوندي هئي جيڪا ڊوور ۾ چريي مسٽر ڊڪ نالي هڪ ساٿي سان گڏ رهندي هئي. هن سوچيو ته هو انهي کان مدد وٺندو ۽ پيگوٽي کان خط لکي گاڏي جي ڀاڙي لاءِ اڌ گني اوڌر گهريائين. پيگوٽي جي هاڻي شادي ٿي وئي هئي.

هن کان جڏهن اها اڌ گني چورائجي وئي ته هن پنڌ ڪرڻ شروع ڪيو ۽ ڏاڍي خطرناڪ سفر کان پوءِ مس ٽراٽ وڏ جي گهرڙي وٽ اچي پهتو. هن جڏهن سندس داستان ٻڌو ته سندس سار سنڀال لهڻ جو فيصلو ڪيائين.

ڪيس پوءِ ڪينٽربري جي اسڪول موڪليو ويو. جيئن ته انهي اسڪول ۾ هن جي رهڻ جي جاءِ نه هئي تنهن ڪري هو پڦي بيٽسيءَ جي وڪيل مسٽر وڪفيلڊ وٽ رهيو. انهي جي زال مري وئي هئي. هو هڪ وڏي گهر ۾ پنهنجي ڌيءَ اگنيز(Agnes) سان گڏ رهندو هو. اها ڊيوڊ جي عمر جي هئي

مسٽر وڪفيلڊ جو ڪلارڪ هڪ ڏاڍو بد نيت ۽ خوشامدي ماڻهو هو. انهي جو نالو يورياه هيپ (Uriah Heep) هو. ڊيوڊ انهي کي هڪ رات مسٽر وڪفيلڊ جي آفيس ۾ قانون جا ڪتاب پڙهندي ڏٺو. هن جڏهن هيپ کي چيو ”منهنجي خيال ۾ تون هڪ وڏو وڪيل آهين“ ته هن کي ڀهريون دفعو اهو جملو ٻڌڻ ۾ آيو جنهن کي هيپ جو تڪيه ڪلام چئي سگهجي پيو“. نه نه آءُ ته ڏاڍو بيوقوف ماڻهو آهيان ۽ اينترو نيڌڙو ماڻهو آهيان جو حقيقي وڪيل ٿي ئي نه ٿو سگهان.“

ڊيوڊ وڪفيلڊ جي گهر ۾ ۽ اسڪول ۾ مرد استون جي گهر کان گهڻو خوش هو. وقت گذارڻ سان گڏوگڏ هو مک چوڪرو (Head boy) ٿي ويو ۽ سترهن ورهين جي جمار جو ٿيڻ تي سوني واچ ۽ زنجيري ۽ پنهنجي چيچ ۾ منڊي به پائڻ لڳو. هو اسڪول ڇڏڻ کان پوءِ انهي نوڪري ۾ گهريو جيڪا هن پنهنجي لاءِ چونڊي هئي. هو لنڊن ۾ اسپينلو ۽ جرڪنس جي لا آفيس ۾ ڪم ڪرڻ لڳو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن کي لنڊن ۾ اچا ڪجھ مهينا ئي ٿيا هئا جو کيس اگنيز وڪفيلڊ جو نيا پو مليو. هوءَ لنڊن گهمڻ آئي هئي ۽ کيس اچي ملي وڃڻ جو چيو هئائين. هن کي هوءَ ڪنهن مصيبت ۾ نظر آئي. سندس پيءُ ڪجھ وقت کان بيمار پئي ڏسڻ ۾ آيو ۽ هاڻي هن جي طبيعت وڌيڪ خراب ٿي وئي هئي ۽ يورياهہ هيپ ڪاروبار کي سنڀالي رهيو هو. هن کي خبر پئي هئي تہ هيپ پاڻ کي حصيدار ڪرڻ جي گهُر ڪري رهيو هو.

ڊيوڊ جڏهن اها ڳالهہ ٻڌي ڪاوڙ ۾ رڙ ڪئي تہ هن کيس التجا ڪئي تہ اهي جڏهن هڪ ٻئي سان ملن تہ هو هيپ سان شائستگي سان ملي. ائين نہ ٿئي جو هو مسٽر وڪفيلڊ کي ڪنهن طريقي سان نقصان پهچائي.

هيپ اگنيز سان گڏ لنڊن آيو هو ۽ ٻئي ڏينهن هو ۽ ڊيوڊ پاڻ ۾ مليا. هيپ ڊيوڊ کي ٻڌايو تہ مسٽر وڪفيلڊ تمام ناسمجهي پئي ڪئي ۽ جيڪڏهن هو نہ هجي ها تہ ڪاروباري طور هن جي بدناموسي ٿئي ها. ڊيوڊ انهي تي ڪجھ بہ نہ چيو ۽ فقط هيپ جي چالاڪ منهن ۽ بڇڙين نڙين اکين ڏانهن ڏسندو رهيو.

هيپ وري هڪ ٻئي راز تان پردو کنيو "مون کي خبر آهي آءٌ هڪ تمام نڍڙو ماڻهو آهيان" هن چيو "پر مون کي سدائين مس اگنيز سان ڏاڍي محبت رهي آهي ۽ مون کي اميد آهي تہ اها هڪ ڏينهن منهنجي زال ٿيندي".

ڊيوڊ کي ايتري ڪاوڙ اچي وئي جو هو هيپ کي ڌڪ هڻڻ تي هو. هو فوراً اتان اٿي ويو ۽ سموري رات بي آرامي ۾ گذارڻ کان پوءِ انهي نتيجي تي پهتو تہ هن لاءِ ماٺ رهڻ ۽ ڪجھ بہ نہ ڪرڻ ئي بهتر ٿيندو.

انهي دوران ڏينهن ۽ هفتا گذرندا ويا. پوءِ هڪ ڏينهن کيس پنهنجي هڪ مالڪ مسٽر اسپينلو کيس پنهنجي ڳوٺ واري گهر ۾ ڪجھ ڏينهن رهڻ جي دعوت ڏني. اتي هو ڊورا اسپينلو سان مليو ۽ کيس اهو ڏسي ڏاڍي حيرت ٿي تہ مس مرڊ اسٽون انهي ڇوڪريءَ جي گورنيس آهي. ٻهرئين رات ئي ماني کان پوءِ مس مرڊ اسٽون کيس هڪ پاسي وٺي وئي ۽ کيس چيائين تہ انهن کي هاڻي ماضي کي وساري ڇڏڻ گهرجي. ڊيوڊ انهي ڳالهہ تي راضي ٿي ويو.

ڊيوڊ ڊورا اسپينلو جي شخصيت جا ڪيترائي پاسا ڏٺا ۽ پنهنجي دوري جي پڄاڻي مهل هو سندس دام محبت جو اسير ٿي چڪو هو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن لنڊن واپسيءَ تي سالم هائوس اسڪول جي هڪ پراڻي دوست ٽومي ٽريڊلز سان ملڻ جو فيصلو ڪيو. هن سان ڳالهين دوران ڪيس خبر پئي تہ هو مس مڪابر نالي ڪنهن ڇوڪري سان محبت ڪري ٿو. هن اجا ڳالهہ پوري ئي نہ ڪئي هئي جو دروازو کليو ۽ مسٽر مڪابر اندر آيو. هي اهو ساڳيو ئي پوڙهو مڪابر هو. هو ويسٽ ڪنٽري ۾ ڏکيائين ۾ وڪوڙجي ويو هو تنهن ڪري پنهنجي ڪٽنب کي واپس لنڊن آندو هئائين ۽ اجا بہ "ڪا ڳالهہ ٿي پوڻ" جي انتظار ۾ هو.

ڊيوڊ کي هڪ دفعو وري اسپينلو ڪٽنب وٽ اچي رهڻ جي دعوت ملي. هن دفعي هن ڊورا کي ٻڌايو تہ ڪيس هن سان ذاتي محبت آهي ۽ هو هن سان شادي ڪرڻ چاهي ٿو. بهرحال انهن سوچيو تہ جيئن تہ هوءَ اجا ڪجه ننڍي آهي ۽ شادي نہ ٿي ڪري سگهي تنهن ڪري اهي پنهنجي تعلق کي ڳجهو رکندا. پر اهي ڊورا جي هڪ سهيلي جي گهر ۾ اڪثر ملاقاتون ڪندا رهندا هئا.

سندس نئين خوشي جلدئي اها خبر ٻڌڻ سان ڪافور ٿي وئي تہ ٻڦي بيٽسي ٽرات ووڊ پنهنجو سمورو پئسو وڃائي ويٺي آهي. هن مسٽر اسپينلو کي چيو تہ هو ڪيس موڪل ڏئي تہ هو سندس آفيس ڇڏي ڪا نوڪري هٿ ڪري جيئن هو پنهنجي ڦڦي ۽ چريئي "مسٽر ڊڪ" جي مدد ڪري سگهي. اسپينلو انهي ڪم تي هٻڪيو ٿي ۽ اگنيز وڪفيلڊ جي صلاح تي پنهنجي قانوني سکيا جاري رکيائين ۽ صبح ۽ شام جي وقت ڪينٽر بري جي پنهنجي پراڻي هيڊماسٽر ڊاڪٽر اسٽرانگ جي سيڪريٽري طور ڪم ڪري ڪجه پئسا ڪمائيندو هو. ڊاڪٽر اسٽرانگ لنڊن ۾ ڪوچنگ جو هڪ ادارو قائم ڪيو هو. مسٽر ڊڪ بہ قانوني دستاويزن جي نقل نويسي جو ڪم ڪري ڪجه پئسا ڪمائي وٺندو هو.

ڊيوڊ جي زندگي ۾ اهي تبديليون اچڻ کان بہ ڏينهن پوءِ مسٽر مڪابر هن وٽ آيو. هن کيس اهو ٻڌائي حيران ڪري ڇڏيو تہ آخرڪار "ڪا ڳالهہ ٿي وئي آهي" هن کي وڪفيلڊ ۽ هيپ وارن ڪلارڪ ڪري رکيو آهي ۽ هو پنهنجي ڪٽنب کي ڪينٽر بري لڏائي وڃي رهيو آهي.

جڏهن نيون رٿائون صحيح نموني هلي رهيون هيون تہ ڊيوڊ هڪ ڏينهن ڊورا وٽ ويو ۽ کائنس پڇا ڪيائين تہ ڇا هوءَ ڪنهن غريب ماڻهو سان شادي ڪندي. هن ڀوريان تہ اها ڳالهہ مڃي ئي نہ ٿي تہ هو ڪو غريب آهي.پر هن جڏهن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيس يقين ڏياريو ته هن چيو ته هو اڃا هن سان پيار ڪري ٿي ۽ اهو ته اهي ڪنهن نه ڪنهن نموني گذارو ڪري ويندا.

پر هاڻي وري هڪ بيو ڌچڪو لڳي ويو. ڊيوڊ هڪ صبح جو آفيس ويو ته هن جي ملاقات مسٽر اسپينلو ۽ مس مرڊ اسٽون سان ٿي. مسٽر اسپينلو ڏاڍو ڳنڀير نظر اچي رهيو هو ۽ ڏاڍي رکائي سان پيش ڳالهائين ۽ ڊيوڊ پاران ڊورا ڏانهن لکيل سندس هڪ Love Latter ڪيس ڏنائين. ڪيس ٻڌايو ويو ته ڊورا جو ننڍڙو ڪتڙو جپ انهيءَ خط سان ڪيڏيو پئي جو اهو مس مرڊ اسٽون کي هٿ اچي ويو ۽ هن جيننوٽيڪ ڊيوڊ جي دوست رهڻ جو واعدو ڪيو هو پر اهو خط ڪٽي اچي مسٽر اسپينلو کي ڏنائين.

ڊيوڊ تسليم ڪيو ته اهو خط هن لکيو هو ۽ مسٽر اسپينلو کي ڊورا لاءِ پنهنجي محبت کان به آگاهه ڪيائين ۽ اهو پڻ چيائين ته هن جيڪڏهن سندن تعلق کي ڳجهو رکي ناروا ڪم ڪيو آهي ته انهي تي هو معافي جو طلب گار آهي.

"تنهنجو منهنجي ڌيءُ سان ڪو تعلق نه آهي". اسپينلو رڙ ڪئي "۽ نه ئي ڪڏهن رهندو. توکي مون سان واعدو ڪرڻو پوندو ته تون ڊورا سان نه ملندين ۽ نه ئي ڪڏهن ڪو خط لکندين".

"آءُ اهڙو ڪو به واعدو نه ٿو ڪري سگهان". ڊيوڊ کيس چيو. ٻئي ڏينهن صبح جو آفيس پهچڻ تي ڊيوڊ کي خبر پئي ته مسٽر اسپينلو گذريل رات اوچتو گذاري ويو آهي. هن ڪا به وصيت نه ڇڏي هئي سندس سمورا معاملا مونجهاري جو شڪار هئا ۽ هاڻي ڊورا به ڊيوڊ جيتري ئي غريب ٿي وئي هئي. هن کي پنهنجيون ٻڍيون ڏنڊيون ڀيڻون لنڊن جي ٻئي پاسي پاڻ سان گڏ رهائڻ وٺي ويون.

ڊيوڊ جي ٻڍي ڀيڻ پنهنجي ڀائيٽي جي مصيبت جو احوال ٻڌي ڏاڍي پريشان ٿي وئي هئي. هن کيس ڊوور موڪليو ته هو سندس گهرڙي کي ڏسي وائسي اچي جيڪو هن مسواڙ تي ڏنو هو. هو واپسي تي ڪينٽر بري ۾ اگنيز وڪفيلڊ سان ملندو آيو.

انهي رات جو مانيءَ کان پوءِ يورياهه هيپ ڊيوڊ جي موجودگيءَ ۾ پنهنجي انهيءَ خواهش جو اظهار ڪيو ته هو اگنيز سان شادي ڪرڻ گهري ٿو. مسٽر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڪفيلڊ کي اها ڳالهه پڌي ايترو تہ صدمو پهتو جو ٿوري دير لاءِ اٿين پئي لڳو تہ هو هوش حواس وڃائي ويٺو آهي.

لنڊن ۾ ڊيوڊ اگنيز جي صلاح تي هلندي ڊورا جي پڦين کان خط ذريعي انهن وٽ اچڻ جي موڪل گهري انهن کيس آچ ڪئي تہ هو جڏهن بہ گهري انهن وٽ اچي. اهي جيتوڻيڪ اجا بہ هن پاران ڊورا سان شادي ڪرڻ تي راضي نہ هيون پر کيس اها موڪل ڏنائون تہ هو هفتي ۾ بہ دفعا چانهہ تي اچي سگهيو ٿي. انهي تي هو بلڪل سامت ۾ اچي ويو.

هفتا، مهينا ۽ مندون گذرنديون ويون. آخر هڪ وقت اهڙو بہ آيو جو اسپينلو مايون ڊيوڊ ۽ ڊورا جي شادي تي راضي ٿي ويون. هاڻي هن جي عمر ايڪويهہ ورهيہ ٿي وئي هئي ۽ هن کي خبر پئجي وئي هئي تہ هن کي لکڻ جي ڏات آهي. هو جيڪو ڪجهہ لکندو هو اهو اخبارون معاوضا ڏئي خريد ڪري وٺنديون هيون اهڙي طرح هو ساليانو هڪ هزار پائونڊ يا انهي کان بہ وڌيڪ ڪمائڻ لڳو.

هاڻي شادي جو ڏينهن بہ اچي ويو. هو ۽ سندس پياري ڊورا هڪ ننڍڙي آرامده گهر ۾ رهيا. اهو انهن لاءِ پيگوٽي تيار ڪيو هو. ڊورا ڪا ماهر گهر ڌڻياڻي ثابت نہ ٿي. پر ائين لڳندو هو تہ سندس ناڪامين ۽ ڪمزورين کيس ڊيوڊ جي نظرن ۾ اجا وڌيڪ پيارو بڻائي رهيون هيون.

ڊيوڊ پاران شادي ڪرڻ کان ڪجهہ مهينا پوءِ کيس مسٽر مڪابر وٽان هڪ خط مليو. اهو ڏاڍين پرُاسرار ڳالهين سان ڀريل هو. هن ڊيوڊ سان لڪ چُپ ۾ ملاقات ڪرڻ گهري ٿي.

ڊيوڊ کي بہ ڏاڍو تجسس هو تنهنڪري هو راضي ٿي ويو. گڏجاڻي ۾ مسٽر مڪابر اڳ ۾ بہ ڪجهہ هٻڪيو پئي پر پوءِ وٺي رڙيون ڪيائين تہ "هيپ هڪ بدمعاش، نڳہ ڪوڙو ۽ چور آهي!" هن چيو تہ هو جيڪڏهن گڏجي ڪينٽر بري ويا تہ هو اها ڳالهہ ثابت ڪري ڏيکاريندو.

هن وڌيڪ ڪجهہ نہ چيو ۽ پوءِ ڊيوڊ، سندس پڦي بيٽسي ۽ سندس دوست ٽريڊلز ڪينٽر بري ويا ۽ مسٽر مڪابر انهن جي موجودگي ۾ هيپ تي اهو الزام هنيو تہ هن مسٽر وڪفيلڊ ۽ پڦي بيٽسي سميت سندس اصيلن جا پئسا چورايا هئا ۽ هو اها ڳالهہ ثابت ڪري سگهيو ٿي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيپ هاڻي مجبور ٿي پيو ته پئسا واپس ڪري ۽ وڪفيلڊ وارن وٽان نوڪري ڇڏي وڃي.

جلدئي انهن کي خبر پئي ته مڪابر وارن آسٽريليا لڏي وڃڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ڊيوڊ انهن کي الوداع چوڻ ويو ۽ گهر موٽي اچي ڏٺائين ته ڊورا بيمار پئي هئي. پڻي بيٽسي ڊورا جي تيمارداري ڪرڻ لاءِ انهن وٽ اچي رهي پر سندس سموري مهارت ۽ توجه ڊورا کي صحت واپس نه ڏئي سگهي ۽ هوءَ جلدئي گذاري وئي.

ڊيوڊ پنهنجي زال جي موت جي صدمي مان نڪرڻ لاءِ سئٽزرلينڊ رهڻ ويو هليو. اتي هن هڪ ناول لکيو جنهن کيس مشهور ڪرائي ڇڏيو. ٽن ورهين جي پڄاڻي تي سندس ذک گهٽجي ويو ۽ کيس پنهنجي زال جي سونهن ۽ لطافت کان سواءِ ٻيو ڪجھ ياد نه رهيو. هن اوچتو وطن واپس وڃڻ جو فيصلو ڪيو.

هن ٻاهر رهڻ دوران اگنيز وڪفيلڊ بابت گهڻو سوچيو هو هاڻي کيس محسوس ٿي رهيو هو ته کيس هن سان پيار هو.

هو پڻي بيٽسي سان ڊوور واري گهرڙي ۾ رهڻ ويو هليو. پيگوٽي به اتي رهندي هئي. اتي رهندي هو ڪينٽر بري به ويو ۽ اگنيز کي پنهنجي محبت جي باري ۾ ٻڌايائين.

هن جي اکين مان ڳوڙها وهندا رهيا ۽ پنهنجا نرم هٿڙا سندس ڪلهن تي ٽيڪيندي سندس منهن ۾ ماٺ ميٺ ۾ نهاريندي هن به اقرار ڪري ڇڏيو ته: "پيارا آءٌ پنهنجي سموري زندگي توسان محبت ڪندي رهي آهيان."

ڊڪنس اها آکاڻي بيان ڪندي پنهنجي نثر نويسي جي مکيه خصوصيتن سادگي، جذبات نگاري ۽ پر مزاح جملن کي بهترين پد تي پهچايو آهي. جذباتي ۽ غنائي خصوصيت خاص طور ڊورا جي سرور پريل بيانن ۾ نظر اچي ٿي. ناول جي اهم خصوصيتن مان هڪ بياني بجاءِ مڪالمي جو وڌو تناسب آهي مڪالما بلڪل فطري آهن. انهن جو انداز به هر جاءِ مختلف آهي ۽ اهي هر ڪردار تي ٺهڪندڙ آهن. ڊڪنس جي مشاهدي جي تمام گهڻي قوت به ٻين اڪثر ناولن بجاءِ ڊيوڊ ڪاپر فيلڊ ۾ تمام گهڻي نظر اچي ٿي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناول ۾ ڪيترائي بهترين بياني ٽڪرا به آهن. جهڙوڪ پيگوٽي جي گهر جو بيان، سالم ۾ ڪلاس جي ڪمري جو احوال ۽ گريو سينڊ کان اڳتي لڏي ويندڙن جي ٻيڙي جي اندروني حصي جو احوال ڏنل آهي. اڪثر نقادن جي اها دعويٰ حق بجانب ٿي سگهي ٿي ته انهي ٽڪري جي انگريزي زبان جي سڀ کان بهترين بياني ٽڪرن سان ڀيٽ ڪري سگهجي ٿي.

ڊڪنس هڪ جذبات نگار هو ۽ سندس اڪثر ناولن ۾ اهڙا ٽڪرا آهن جن ۾ هن درد ۽ جوش کي حد کان وڌيڪ ڪري پيش ڪيو آهي. پر هو ڊيوڊ ڪاپر فيلڊ ۾ ڪيترائي اهڙا ٽڪرا لکي ويو آهي جن ۾ انهي خامي کان بچي ويو آهي.

ڪهاڻي جي سڀ کان وڏي سگهه ڊيوڊ جي ڪردار کي اپارڻ آهي. ڊڪنس پنهنجي ڪهاڻين ۾ سدائين تمام گهڻا ڪردار پيش ڪندو آهي. انهن جي وڏي اڪثريت انهي لحاظ کان غير حقيقي هوندي آهي جو اهي يا ته تمام گهڻا سٺا يا تمام گهڻا خراب هوندا آهن. انهن ۾ ڪهاڻي اڳتي وڌڻ سان ڪا به تبديلي يا بهتري نه ٿي اچي. پر انهن سڀني کي هڪ افسانوي حقيقت هوندي آهي. اها انهي چٽائي جو نتيجو هوندي آهي جنهن سان ڊڪنس انهن کي ذهن ۾ آڻيندو آهي ۽ ڊرامائي انداز سان هو انهن کان مُڪالما ادا ڪرائيندو آهي.

ڊيوڊ انهي طبقي ۾ نه ٿو اچي. اها هڪ مڪمل تخليق آهي. سندس سٺين ڳالهين ۽ ڪمزورين منظر تي اچڻ ٿيون ۽ آڪاڻي اڳتي وڌڻ سان ڊيوڊ به ڇوڪري مان وڏي نوجوان ۽ پوءِ سمجهدار بالغ شخص ٿئي ٿو. اهو هڪ مڪمل ڪردار آهي ۽ اها ڳالهه عملي طور ڊڪنس جي ٻئي ڪنهن به مک ڪردار بابت نه ٿي چئي سگهجي.

ڊيوڊ ڪاپر فيلڊ جيڪا ڪاميابي حاصل ڪئي آهي انهي جي باوجود به انهي کي غلطين کان پاڪ شاهڪار ڪري پيش ڪرڻ غلط ٿيندو. انهي ۾ جوڙجڪ اسلوب ۽ ڪردار نگاري جون ڪي اوڻايون آهن پر انهن سڀني تي اها حقيقي انسانيت غالب ٿي وڃي ٿي جيڪا فڪشن جي انهي عظيم ڪم کي اينتري شاندار نموني چمڪائيندي رهي ٿي.

# 49. دي اسڪارليٽ ليٽر (ڳاڙهو اکر)

## — نيٿانيل هاٿورن —

نيٿانيل هاٿورن 1804ع ۾ ميسا چوسيٽس رياست ۾ سالم (salem) ۾ هڪ پيوريٽن خاندان ۾ ڄائو. سندس شروعاتي زندگي اڪيلائي ۾ ويهي نفس جي اندروني مشاهدي (Introspection) لاءِ وقف رهي. اها ڳالهه به اهميت ڪان خالي نه آهي ته هن سورهن ورهين جي ڄمار ۾ جيڪو مضمون لکي ڇپرايو انهي جو عنوان "اڪيلائي" (Solitude) هو. اها ڳالهه به اهميت رکي ٿي ته هو هڪ سچي پچي گوشه نشين وانگر پاڻ کي هڪ ڪمري ۾ بند ڪري ڇڏيندو هو جيئن زندگي بابت سوچ ويچار ڪري ۽ پنهنجن تمام اندروني ويچارن کي تحريري صورت ۾ آڻڻ جي مشڪل فن تي مهارت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ بار بار ويٺو لکندو هو.

هو بوڊوئن (Bodoin) ڪاليج برنس وڪ ۾ پڙهيو هو جتي لانگ فيلو ۽ فرينڪلن پيئرس به هن سان گڏ پڙهيا هئا. فرينڪلن پيئرس اڳتي هلي يونائيٽڊ اسٽيٽس جو صدر ٿيو ۽ هن سان گهاٽي دوستي ٿيس.

صوفيا پي باڊي (Peabody) سان سندس 1842ع ۾ شادي سان سندس بي مقصد سوچ ويچار وارو دور ختم ٿي ويو ۽ هن پاڻ کي وڏيڪ بامقصد تحريري ڪم لاءِ وقف ڪري ڇڏيو. هن بوسٽن ڪسٽمز هائوس ۾ وزن ڪندڙ (Weigher) جي نوڪري ورتي ۽ پنهنجي واندي وقت ۾ ٻارن لاءِ ڪهاڻيون لکڻ لڳو. هو اڳيئي Twice Told Tales جا به سلسلا ڇپائي چڪو هو ۽ 1846ع ۾ Mosses from an old Manse منظر تي آيو. تڏهن سندس حيثيت اهڙي ڪڏهن به نه هئي جو فقط پنهنجي تحريرن جي معاوضي تي گذارو ڪري سگهي. سالم ۾ سروئير آف ڪسٽمز واري نوڪري تي سال هلي ۽ اها جڏهن سياسي دٻائن جي نتيجي ۾ اوچتو ختم ڪئي وئي ته سخت ضرورت ڪيس The Scarlet Letter تي ڪم ڪرڻ تي مجبور ڪيو. هن کي انساني دل ۾ روح بابت جيڪا به

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهاندا سهٽا ۽ رواجي آهن. چمڙيءَ جو رنگ وٽندڙ ۽ اڪيون گهاتيون ڪاربون اٿس. اها ذاتي وٽندڙ ۽ نسوانيت سان پريل لڳي رهي هئي. انهي جي باوجود به ڪيس مجبور ڪيو ٿو وڃي ته پنهنجي شرمساري جو عوام ۾ اظهار ڪري. اهو منظر سترهين صدي جي بوسٽن جو آهي. تڏهن سخت گير Puritans جي حڪومت هوندي هئي.

ليڪڪ به انهي ناهوڪي هيروئن جي بدناميءَ واري مصيبت ۾ پنهنجي پاران ڪا خاص عرضداشت نه ٿو ڪري. هو فقط حقيقتن جو بيان ڏيندو وڃي ٿو. ڪيس به ورهيه اڳ سندس پوڙهي مڙس انگليند مان روانو ڪيو هو. سندس ارادو هو ته هو به اچي هن سان ملندو. پين شهرين کي هن جي پيءُ بابت ڪا خبر نه آهي. هو پاڻ سندس نالو ظاهر ڪرڻ کان نابري واريون ويٺي آهي. تنهن ڪري ئي ڪيس اها سزا ڏني وئي آهي ته هو مقامي ڪاٺ ۾ وجهڻ واري ڪل (Pillory) جي دڪي تي ٽي ڪلاڪ ماڻهن سامهون ويٺي رهي. سندس ڪير پياڪ ٻار سندس هنج ۾ آهي ۽ الزام وارو اکر سندس سيني تي آهي.

عوام کي جيتوڻيڪ انهي ڳالهه جي خبر نه آهي پر ليڪڪ پڙهندڙ کي انهي ڳالهه کان واقف ڪرائي ٿو ته انهي دائمي تڪنبدي جا به ٻيا مک مارڪيٽ ۾ ويٺل تماشبينن ۾ موجود آهن. سندس مڙس تازو بوسٽن ۾ پهتو هو. هاڻي سندس نالو راجر چلنگ ورٿ هو. هو ماڻهن جي ميڙ جي وٽ سان بيٺو هو. سندس گيڏي عاشق ريورنڊ آرٿر ڊمس ڊيل گرجا گهر جي بالڪني تي بيٺو هو. هو عيسائين جي ڪالويني فرقي جو پادري هو. بوسٽن جو سڀ کان وڏي عمر وارو پادري هن جي پرسان بيٺو هو.

ڊمس ڊيل نوجوان ماءُ کي فهمائش ڪرڻ جو ڪم پنهنجي وڏي پادري لاءِ ڇڏي ٿو. هاڻي اهڙي طرح پڙهندڙ جيتوڻيڪ سندس ڪردار جي ڪمزوريءَ کان واقف ٿي وڃي ٿو پر اها ڳالهه اهميت رکي ٿي ته هاٿورن پاڻ ڪنهن تي به ڪا لعنت ملامت نه ڪئي آهي. هو پنهنجا ڪردار ۾ اهي جنهن صورتحال ۾ موجود آهن اها پيش ڪري ڇڏي ٿو ۽ پڙهندڙ کي پنهنجا راءِ ۽ احساس جوڙڻ ۾ بلڪل آزاد ڇڏي ڏئي ٿو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪهاڻي پڙهندي پهريون ردعمل اهو پيدا ٿي سگهي ٿو ته اها به ڪنهن اهڙي پوڙهي مڙس جي عام رواجي ڪهاڻي آهي جنهن کي نوجوان پُرجذبات زال دوکو ڏئي ٿي. ان کي وري هڪ بي حيثيت عاشق دوکو ڏئي ٿو. پر جيئن ڳالهيون کلنديون وڃن ٿيون ته جلدئي اها ڳالهه ظاهر ٿي وڃي ٿي ته اهو انساني طاقت ۽ ڪمزوري جو گهرا نقش ڇڏيندڙ ۽ عالمي معنائون رکندڙ اپياس آهي.

ناول جو پورو منظر ئي علامتي ٿو لڳي. نيو انگلينڊ جي اوائلي آبادي وسيع اڻ دريافت ٿيل آمريڪي ڪنڊ واري پرورش ڪندڙ ملڪ ۽ وسيع اوقيانوس سمنڊ جي وچ ۾ قاتل ۽ ورهايل پئي لڳي. اهو سمنڊ انهن کي پنهنجي انگلستان وارن اصل علائقن کان جدا ٿو ڪري اتي ماحول به بلڪل نئون آهي ۽ قدر به نوان آهن. ٽن مک ڪردارن کي به انهي محدود ۽ بند ماحول ۾ پويٽن وانگر پرن کي پِنون هڻي بيهاريو ويو آهي ۽ وڏو سُمجهو ليکڪ انهن جي هر خصوصيت جو ڏيرج واري ۽ اڻ ڏري درستگي سان جائزو وٺندو وڃي ٿو.

پڙهندڙ کي آهستي آهستي خبر پوي ٿي ته اهي ٽئي بدقسمت انسان Puritanism جي تنگ نظر دنيا ۽ خود پنهنجين شخصيتن جي اهڙن بنديخانن ۾ اهڙي مضبوطي سان واڙيل آهن جتان فرار ممڪن ڪونهي هيسٽر پنهنجو پاڻ سان اهو عهد ڪري ڇڏيو آهي ته هوءَ وات بند رکندي ۽ سموري زندگي چڱا ڪم ڪري پنهنجي خطا جو ڪفارو پئي ڏيندي سندس پوڙهي مڙس کي اها ئي ڳالهه ذهن ۾ ويٺل آهي ته هو سندس ڪانئر عاشق کان اڻ لکو ۽ ڏکوبدلو وٺي. آرٿر ڊمس ڊيل جو ڏوهي راز هن تي ڏينهون ڏينهن وڌ کان وڌ ڀاري ٿيندو وڃي.

هاٿورن انساني خامين بابت پنهنجي ماهراڻي ڄاڻ سان انهن ڪردارن جي آهستي آهستي ۽ گهرائي سان اکيل ڪندو ٿو وڃي. هو نفسياتدانن ۽ تحليل نفسي جي ماهرن کان اڳ انهن جي ذهنن، انهن جي ڪردارن ۽ خود انهن جي روحن کي ڦلهوري ٿو. ۽ ائين ڪندي هو پنهنجو ڪئنيواس به وسيع ڪندو وڃي ٿو ۽ وڏي مهارت سان هڪ اهڙي حڪايت پيش ڪري وڃي ٿو جنهن ۾ نيڪي ۽ بدي جا اڻ لکا اندروني وهڪرا به هلندا رهن ٿا. هن جي دائمي ٽڪنڊي Eternal Triangle ۾ سمورو زور دائمي تي آهي. سندس ڪردار ڪي غير رواجي جا پلاٽ لاءِ خاص طور ٺهيل ڪاٺ پتلا نه آهن. اهي رت ۽ گوشت جا اهڙا انسان آهن جيڪي پاڻ تي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مقدر جي چڪ محسوس ڪن ٿا. اهرو مقدر جيڪو انهن پنهنجي لاءِ پاڻ جوڙيو آهي ۽ جيئن تہ انهن اهي مسئلا بہ پاڻ پيدا ڪيا آهن جيڪي انهن کي ڦاسائي بيٺا آهن تنهن ڪري هو اها ڳالهہ واضح ڪري ٿو تہ انهن جا حل بہ انهن کي پاڻ ڪڍڻا آهن.

اهي ٿئي پنهنجا انفرادي مسئلا ڪيئن حل ڪندا انهي مان ٿئي دلچسپي جو اهو ڌاڳو ملي ٿو جيڪو پڙهندڙ کي هاٿورن جي وڏي توجہ سان لکيل شاعراڻي نثر مان اڳتي وني هلندو ٿو رهي. سندس ماهراڻي جوڙجڪ ۽ ماهراڻي ڪردار نگاري سان دلچسپي برقرار رهندي اچي ٿي.

هيسٽر آزادي ڪان پوءِ پنهنجي مڙس سان ٿيل هڪ شروعاتي ملاقات ۾ پنهنجي عاشق جي سڃاڻپ جو ڳجهہ سلڻ ڪان بلڪل نابري واري ٿي. چلنگ ورٿ کي جيتوڻيڪ اڳ ۾ حقيقت جو پتو پئجي ويو آهي پر هو کيس سندس بابت بہ ساڳئي ماٺ لاءِ پابند ڪري ٿو. هو جنهن خاموشي جو مطالبو ڪري ٿو هوءَ انهي جو اقرار ڪري ٿي ڇڏي. اهڙي طرح اسين انهي دلچسپ صورتحال ۾ اچي وڃون ٿا جنهن ۾ چلنگ ورٿ کي بجا طور شڪ آهي تہ هن سان ڪنهن بي واجبي ڪئي آهي پر ڊمس ڊيل کي اهو اندازو ئي نہ آهي تہ هيسٽر جو مڙس هاڻي انگلينڊ ۾ نہ آهي.

هيسٽر جو هڪ خيال اهو آهي تہ هوءَ پنهنجي آزادي برقرار رکي. هوءَ آبادي جي ڇيڙي تي هڪ اڪيلي گهرڙي ۾ وڃي رهي ٿي ۽ گذر سفر جيترا پئسا ڪمائڻ لاءِ برت جي ڪم ۾ مشغول رهي ٿي ۽ پنهنجي فارغ وقت ۾ پنهنجي ڌيءَ پرل جي پالنا ڪري ٿي ۽ پلائي جا ڪم ڪري ٿي.

جڏهن سندس ڌيءَ عمر ۾ وڌڻ شروع ٿئي ٿي تہ اختيارين پاران اها هن کان وٺڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي. هوءَ ريورنڊ ڊمس ڊيل کي اپيل ڪري ٿي تہ هو هن جي پاران ڳالهائي. هو ائين ڪري ٿو ۽ گورنر کي هنن لفظن ۾ مخاطب ٿئي ٿو: "اهو ٻار پنهنجي پيءُ جو ڏوهہ ۽ پنهنجي ماءُ جي لڄ جهڙي ڪم سبب پر خدا جي مرضي سان تخليق ٿيو آهي. اهو ڪيترن ئي لحاظن کان سندس دل تي بار بڻجندو رهي ٿو. اها ڏاڍي سچائي سان ۽ ڏاڍي ڏکايل روح سان عرض ٿي ڪري تہ کيس ٻار پاڻ وٽ رکڻ جو حق ڏنو وڃي ٿو. ٻار تہ رحمت هوندا آهن ۽ اهو تہ سندس

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سموري جمار لاءِ رحمت هجي ها پر سندس ماءُ اسان کي ٻڌايو آهي ته اهو هن لاءِ سندس ڏوهه جي مڪافات به آهي. اهو هڪ درد آهي جيڪو وقت بوقت ڪيس محسوس ٿيندو رهي ٿو. اها هڪ چوٽ آهي، هڪ ڏنگ آهي ۽ پُر درد خوشي ۾ بار بار جاڳي پوندڙ ايذاءُ آهي. هيسٽر پر ائين جي صدقي ۽ ويچاري ٻار جي صدقي به خداوند انهن کي جهڙي حالت ۾ رکيو آهي اچو ته اسين به انهن کي انهي حالت ۾ ڇڏي ڏيون".

جنهن وقت اها پر زور درخواست ٿي رهي هئي راجر چلنگ ورٿ به اتي بيٺو هو. انهي ريورنڊ ڏانهن نهاريندي مرڪندي چيو: "منهنجا دوست تون ته ڏاڍي عجيب خلوص ۽ سچائي سان ڳالهايو آهي." هن جا ڊمس ڊيل جي ڏوهه بابت شڪ شبها پڪا ٿي ويا.

درخواست ڪامياب ٿي وئي. هيسٽر کي ٻار پاڻ وٽ رکڻ ۽ پنهنجي زندگي پنهنجي چونڊيل ڪم لاءِ وقف ڪرڻ جي موڪل ملي وئي. آرٿر ڊمس ڊيل جيئن ته اجا پنهنجو ڏوهه لڪائي ويٺو هو تنهن ڪري ڪيس ايترو وقت ماڻهن کي دوکي ۾ رکڻ جي ڏکاءُ جي سبب پنهنجي صحت ڪرندي محسوس ٿي رهي هئي. رٿون رٿيندڙ چلنگ ورٿ انهي حقيقت کان غافل نه هو. هو هڪ پڙهيل لکيل ماڻهو آهي ۽ طب جي ڪجهه ڄاڻ جون به دعوائون ڪري ٿو. هو ڄاڻي واڻي پادري سان دوستي رکي ٿو ۽ هن جو اعتماد حاصل ڪري ٿو. ڪيس ايترو به چوي ٿو ته هو سندس گهر ۾ اچي رهي. ڊمس ڊيل کي اجا به چلنگ ورٿ جي صحيح سڃاڻپ جي خبر نه آهي ۽ اڻ لکي ڏکاءُ ۾ اچي پاڻ کي صوفي (چلنگ ورٿ) جي مريض جي حيثيت ۾ پيش ڪري ٿو ڇڏي. چلنگ ورٿ انهي کان بهتر ڪنهن ڳالهه جي اميد ئي نه ٿي ڪري سگهيو. هاڻي اهو ڪمزور ارادي وارو دغا باز هن جي پنهنجي چٽ هيٺان رهي ٿو ۽ سندس مڪمل ڪنٽرول ۾ آهي. اهڙي طرح هو انهي هيسيل ۽ اعصابي ڏکاءُ جو شڪار مخلوق کي پنهنجو شڪار بڻائي ٿو ۽ هاٿورن جي لفظن ۾: "هو هاڻي پادري جي دل کي ائين کوٽي ٿو جيئن ڪو کاڻ مزدور سون جي ڳولها ۾ کاڻ ۾ کوٽائي ڪندو آهي يا هو ڪنهن گورڪن وانگر قبر ۾ ٿاڦوڙا پيو هڻي. هو ڪنهن جواهر جي ڳولها ۾ هوندو آهي ته اهو متان لاش جي سيني مٿان رکيو ويو هجي پر ڪيس لاش ۽ ڏپ کان سواءِ ڪجهه نه ٿو هٿ اچي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوي ٿو ۽ انگلينڊ ڏانهن روانو ٿي وڃي ٿو. پوءِ هو ڪتاب مان نڪري وڃي ٿو. هيسٽر پنهنجي زندگي جا آخري ڏينهن چڱائي جي ڪمن لاءِ وقف ڪري ٿي ڇڏي ۽ پنهنجن پاڙيسرين جي عزت ۽ محبت وري حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ٿي. پڙهندڙ کي اهو به اشارو ڏنو وڃي ٿو ته پرل انگلينڊ ۾ ملڪيت ۾ حصو ملڻ کان پوءِ اتي ئي وڏي وڏي ٿئي ٿي ۽ سٺي نموني شادي ڪري ٿي. ليڪڪ هيسٽر جي به هڪ مختصر جهلڪ ڏيکاري ٿو ته هوءَ هڪ تمام سهڻي ڀاراٽي پوشاڪ تي برت ڀرڻ ۾ مشغول آهي. زندگي هلندي رهي ٿي...

چئن مختلف ماڻهن تي ڏوهه جي اثر جي هن ڪهاڻي جي پُر درد خصوصيت ڏاڍي انوکي ۽ منفرد آهي. پڙهندڙ پاران ڪتاب پڙهي رکي ڇڏڻ کان گهڻو عرصو پوءِ به ڪيترن ئي منظرن جون تصويرون ۽ خيال سندس ذهن ۾ تازا ٿيندا رهندا ۽ هاٿورن جيتوڻيڪ ڪٿي به پنهنجا اخلاقي سبق پڙهندڙ کي گهوٽي نه ٿو پيئاري پر انهي شاهڪار جي جوڙجڪ ۽ پيش ڪش ۾ اخلاقي فلسفي جي هڪ وڏي دولت موجود آهي.

هاٿورن پنهنجن پڇاڙي وارن صفحن ۾ جيڪو واحد اخلاقي سبق لفظن جي صورت ۾ پيش ڪري ٿو اهو هي آهي: سچا رهو! سچا رهو! توهان جيڪڏهن دنيا کي پنهنجو سڀ کان خراب رخ نه ٿا ڏيکاري سگهو ته ڪا اهڙي خصلت ئي ڏيکاريو جنهن مان سڀ کان خراب رخ اشارتاً سمجهي سگهجي.

انهي تي خيال غير ارادي طور پولو نيئس ڏانهن هليو وڃي ٿو: ”توهان پنهنجي ذات سان سچا رهو. جيئن ته رات کان پوءِ ڏينهن ٿيڻ يقيني آهي ساڳئي طرح اها ڳالهه به طي آهي ته توهان ڪنهن سان به ڪوڙا نه ٿيندؤ“. دي اسڪارليٽ ليٽر جا ڪردار جيڪڏهن پاڻ سان سچا هجن ها ته حالتون بلڪل مختلف رخ اختيار ڪن ها. پر تڏهن هاٿورن کي ٻڌائڻ لاءِ ڪا ڪهاڻي نه ملي ها نه ئي ڪيس انساني دل ۽ روح تي برائي جي نفسياتي اثرن بابت پنهنجي اونهي اڀياس لاءِ ميدان ملي ها. هاڻي دي اسڪارليٽ ليٽر جي ڪهاڻي ۾ واڌو ويجه جوهر هڪ ڏاڪو هڪ ٻئي پٺيان ترتيب سان ايندو وڃي ٿو. سموري ڪهاڻي اخلاقي فلسفي سان ڀري پئي آهي ۽ تقريباً هر صفحي مان انساني دل کي ڳوڙهي پُر مغز ۽ همدرداڻي انداز ۾ سمجهڻ جو اظهار ٿئي ٿو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاٿورن پاڻ ڪو فيصلو ڪرڻ نہ ٿو ويهي. هو پنهنجن ڪردارن جا عمل ۽ انهن عملن جا نتيجا بيان ڪندو وڃي ٿو. انهي عمل دوران هو پنهنجي وسيع ڪينواس کي نيو انگليند جي ماحول ۾ پيوريٽنزم هيٺ اتان جي حالتن ۾ اٿرن جي استاداڻي تصوير سان پرينندو ٿو وڃي.

هينري جيمس نيٿانيل هاٿورن کي آمريڪا جو پهريون وڏو ادبي آرٽسٽ سمجهندو هو ۽ دي اسڪارليٽ ليٽر کي عام طور سندس شاهڪار سمجهيو وڃي ٿو. اها ڳالهہ ظاهر آهي. هاٿورن اهو ڪتاب تمام ڌيان ۾ درسنگي سان لکيو هو ۽ سندس تخليق ۾ بي انتها فنڪاري داخل ڪندو ويو هو.

اهڙي فنڪاري تعارفي مضمون ۾ بہ شامل آهن جيڪو هڪ قسم جي مهاڳ جو ڪم ڏئي ٿو ۽ سالم ۾ ڪسٽمز هائوس ۾ نوڪري دوران سندس تجربن جو بيان ڏئي ٿو. پڙهندڙ کي انهي ڳالهہ ڏانهن ڌيان ڏيڻ گهرجي تہ هو متان خود ڪتاب تائين پهچڻ جي اتاولائي ۾ انهي کي ڇڏي نہ وڃن. ڇاڪاڻ تہ انهي مضمون ۾ اها وضاحت بہ سمايل آهي تہ ليکڪ کي پنهنجو عنوان ڪٿان مليو ۽ هن هڪ پراڻي ناديءَ مان هٿ آيل دستاويزن کي ڦلهوريندي پنهنجي ڪهاڻي جا بنيادي جزا ڪيئن حاصل ڪيا.

ڪجھ نقادن اهو بہ چيو آهي تہ هاٿورن مڙئي ڪتاب کي پيرڻ لاءِ مضمون ڏئي ڇڏيو آهي. جيڪڏهن ائين بہ آهي تہ بہ انهن ٻنهي کي جوڙيندڙ فنڪاري جو تہ لازماً قدر ڪرڻو پوندو ۽ ڪتاب کي هڪ ڪُل جي حيثيت ۾ پڙهڻو پوندو. آرنلڊ بينيٽ اهو رايو ظاهر ڪيو هو تہ: "دي اسڪارليٽ ليٽر ڪماليت جي ايترو ئي ويجهو آهي جيترو ڪنهن بہ ماڻهو کي پنهنجي حاصلات کي ڪماليت جي ويجهو ڪرڻ جي ڏات مليل هوندي آهي".

پر جيڪڏهن جديد معيارن مطابق ڪهاڻي ڪڏهن ڪڏهن آهستگي سان اڳتي وڌندڙ لڳي ٿي تہ بہ هاٿورن جيڪا مڪمل تصوير جنهن محنت سان پيش ڪئي آهي اها پڙهندڙ تي آهستي آهستي ايترو تہ اثر وجهندي وڃي ٿي جو آخر ۾ اهو اثر چڙھ تہ اڻ مٽ ٿو لڳي: اها ئي ڪنهن شاهڪار جي پرک جي ڪسوٽي آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 50. موبي ڊڪ

## -- هيرمين ميل وائيل --

هيرمن ميل وائيل نيويارڪ سٽي جو رهواسي هو. هو 1819ع ۾ ڄائو. سندس پيءُ واپاري هو. انهي جي تڪڙي موت سبب ڪٽنب جي مالي حالت ۾ ڦيرو اچي ويو ۽ هو ارڙهن ورهين جي ڄمار ۾ هڪ ساموندي جهاز تي ملاح ٿي لورپول ويو هليو. هو ڪيترا ورهيه سمنڊ تي رهي سمنڊ بابت ڄاڻ ۽ تجربو حاصل ڪندو رهيو. اڳتي هلي هن جڏهن لکڻ جو ڪم شروع ڪيو ته انهن ڳالهين کيس خام مال جو ڪم ڏنو.

هو پيسفڪ سمنڊ تي سفر ۾ هئا ۽ سندس عمر ايڪويهه ورهيه هئي جو هڪ وحشي ڪيپٽن کان جان ڇڏائڻ لاءِ Marqucsas Islands تي جهاز مان ٽپو ڏئي ڇڏيائين. کيس نڪو هيوا Nuku I Iiva جي ٻيٽ تي آدم خورن پڪڙي ورتو ۽ انهن هن سان چڱو ورتاءُ ڪيو ته هو انهن وٽ چار مهينا رهي پيو. پوءِ آسٽريليا جي هڪ وهيل مڇيون پڪڙيندڙ جهاز کيس اتان آزاد ڪرايو.

هو جڏهن وري آمريڪا پهتو ته هن پنهنجا تجربا Typee ۾ ڪم آندا. اهو ڪتاب 1846ع ۾ ڇپيو. هن ورندي سال ٻيو ڪتاب Omoo ڇپرايو ۽ شادي به ڪيائين. سندس ڪنوار ميساچوسيٽس جي چيف جسٽس جي ڌيءُ هئي.

سندس پهريان ٻه ڪتاب ڪامياب ٿيا پر سندس ٽيون ڪتاب Mardi مايوس ڪندڙ ثابت ٿيو پر پوءِ به هو لکندو رهيو ۽ سن 1849ع ۾ پنهنجن انگريز پبلشرن سان ملاقات ڪرڻ لنڊن ويو. موبي ڊڪ Moby Dick جو تصور سندس ذهن ۾ پيدا ٿي رهيو هو ۽ سندس دوست نيٿانيل هاٿورن کيس همٿ ڏياري ته هو انهي کي اڳتي وڌائي. هن ائين ئي ڪيو ۽ اهو 1851ع ۾ منظر تي آيو. انهي ڪم سبب هو بلڪل ٿڪجي پيو هو پر ڪتاب هن پاران ورتل ٿوري ايڊوانس جيترا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پئسا بہ نہ ڪمايا. انهي تي ڪجھ نقاد تہ صفا پريشان ٿي ويا. عوام بہ بلڪل لاتعلق پئي لڳو.

هو جيئن تہ هاڻي پريشان رهڻ لڳو هو تہ هو پنهنجي لکڻين مان گذران جيترو پئسو نہ ٿو ڪمائي سگهي تنهن ڪري سندس صحت خراب رهڻ لڳي. پر سندس قلم بي ڪار نہ ٿي رهي سگهيو. هن ڪتابن آڻڻ جو سلسلو برقرار رکيو. پيئري 1852ع ۾ آيو. اسرائيل پاٽر (Israel Potter) 1855ع ۾، دي پيزا ٽيلز 1856ع ۾ ۽ دي ڪانفيڊنس مئن 1857ع ۾ آيو. پوءِ هو ڪيترن ئي آمريڪي ۽ ڪينيڊائي شهرن ۾ ليڪچر ٽوئر تي ويو هليو. انهن ۾ هن South seas کي موضوع بڻايو.

هو 1866ع کان 1885ع دوران نيويارڪ ڪسٽمز هائوس تي ملازم رهيو. هو جڏهن 1891ع ۾ فوت ٿيو تہ پنهنجي ادبي شين ۾ هڪ اڻ ڇپيل مسودو بہ ڇڏيائين. اهو وچي 1924ع ۾ ڇپيو. انهي جو نالو Billy Budd هو.

"مون کي اسماعيل جي نالي سان سڏيو". اهي شروعاتي لفظ آهن. ليکڪ چوي ٿو تہ هو جڏهن محسوس ڪري ٿو تہ "سندس وات جو ذائقو ڪوڙو ٿي رهيو آهي"، تہ هو سمجهي وڃي ٿو تہ هاڻي سمنڊ تي وڃڻ جو وقت ٿي ويو آهي. هو نيو بيڊ فورڊ جو رخ ڪري ٿو. اهو وهيل مڇيون ماريندڙ جهازن جو بندر آهي. اتي "پيئٹر ڊيئرن کي ڏاج ۾ وهيل مڇيون ڏيندا آهن". هو The Spouter Inn ۾ رات رهي ٿو. اتي هن جي ملاقات Pacific Island جي هڪ رهواسي سان ٿئي ٿي. هو هڪ بادشاهہ جو پٽ هو. سندس نالو ڪئي ڪئيگ هو. هو هلڪي پڳل بيف اسٽيڪ (Beef Steak) جو شوقين آهي ۽ پنهنجو پسنديده هاربون [رسي سان ٻڌل ٻرڇي ۽ جهڙو هٿيار. سنڌيڪار] پاڻ کان ڪڏهن بہ ڌار نہ ٿو ڪري. هو تہ انهي هاربون جو مٿيون تکو حصو لاهي ڏاڙهي ڪوڙڻ لاءِ ڪتب آڻيندو آهي. هن جڏهن ٻڌو تہ اسماعيل هڪ وهيل مڇين جي شڪار واري جهاز تي وڃڻ جو سوچي رهيو آهي تہ هن چيو تہ هو بہ هن سان گڏ ويندو.

اهي هڪ ٻہ ڪوهي جهاز تي سوار ٿيا جيئن اهو انهن کي نانٽو ڪيٽ پهچائي. هو جڏهن اڪوشنيٽ ندي مان وڃي رهيا هئا تہ ڪئي ڪئيگ هڪ نوجوان سيڪڙات کي چيڙائڻ لڳو. انهي تي ڪيپٽن ڪيس دڙڪو ڏنو تہ سڙهہ جو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنڊو ڪلي ويو۽ نوجوان جهاز مان پاڻي ۾ وڃي ڪريو. ڪئي ڪئيگ ڏنڊي کي وڏي مهارت سان پنهنجي جاءِ تي قابو ڪري بيهاريو ۽ پوءِ نوجوان کي ڪيڻ لاءِ پاڻي ۾ ٽپ ڏنائين. نوجوان کي پاڻي مان ڪڍي آيو ته هن کي هيرو طور وڏو مان ڏنو ويو. ”انهي وقت کان پوءِ“ ليکڪ چوي ٿو ”آءُ ڪئي ڪئيگ سان هڪ چچڙ وانگر چنبڙي پيس“.

انهن ٻنهي ساٿين نانٽوڪيٽ ۾ Pequot خالي جهاز تي نوڪري ورتي. انهي جي ڪپتان جو نالو اهاب هو. سندس ٽنگ هڪ تمام وڏي وهيل مڇي کائي، چٻاڙي ڇيتيون ڪري ڇڏي هئي. ڪپتان جو بيان جن لفظن ۾ ڏنو ويو آهي هو اڻندي سان اهڙو ڏسڻ ۾ اچي نه ٿو ته هو ”ڏاڍو عجيب غريب پر سنو ماڻهو آهي، وڏو بچڙو نيڪوڪار... هو ڪاليجن ۾ به ويو هو ته آدم خورن سان به گڏ رهيو هو. هن تي اهو نالو پنهنجي بيوهه ماءُ ڪنهن جا هلاڻي وهم هيٺ رکيو هو.....“.

جهاز تي انهن جو جن ماڻهن سان مڪا ميلو ٿيو انهن ۾ هڪ چيف ميٽ هو. هن جي نظر ۾ ”همٿ ڪو جذبو نه پر هڪ شي هئي“. سيڪنڊ ميٽ اسٽب ”هڪ آرام پسند ۽ سانتيڪو ماڻهو آهي ۽ فلاسڪ ٺرڊميٽ قد جو بندرو رنگ جو ڳاڙهو ۽ وهيل مڇين سان وڏو مهاڏو اٽڪائيندڙ آهي. ڪيس ”ڪنگ پوسٽ“ جي عرفيت سان سڏيو ويندو آهي ڇاڪاڻ ته هو جسماني بناوٽ جي لحاظ سان انهي نالي واري هڪ چورس بند جهڙو آهي. جيڪو آرڪٽڪ جا وهيل مڇين جا شڪاري ڪتب آڻيندا آهن.

انهن کي خبر پوي ٿي ته وهيل مڇين جي شڪارين ۾ ”نوابن ۽ وڏيرن جو هڪ سرشتو به آهي. اسٽاربڪ ڪئي ڪئيگ کي پنهنجو وڏيرو چونڊي ٿو. اسٽب هڪ گاڏڙ هندستاني تشتيگو کي پنهنجو ڪري ٿو جڏهن ته بندرو فلاسڪ هڪ وڏي ڪاري ڪوٺلي شيدي ڊگو (ٽئين هارپونر) کي پنهنجو وڏيرو ڪري ٿو.

انهن کي سمنڊ تي ڪيترا ڏينهن گذري ويا هئا جو هڪ ڏينهن ڪپتان اهاب عرشي تي آيو. پوءِ پڙهندڙ کي ٻڌايو وڃي ٿو ته ”حقيقت، انديشن کان اڳتي نڪري وئي“ ڇاڪاڻ ”ته سندس سمورو ڊگهو ويڪرو جسم نهري تامي جو ٺهيل. پٺي لڳو ۽ سيليني جي Perseus جي ٺهيل مجسمي وانگر پڪي قالب مان ڍلتيل تي لڳو. نيل جي ڏني جو هڪ نشان سندس سفيد وارن مان ٿيندو سندس اس ۾

سڙيل ڪٺڪ رنگي منهن ۾ ڪنڌ وٺان ٽيندو سندس ڪپٽن گم ٿي ٿي ويو. ڪنهن کي بہ خبر نہ هئي تہ اهو ڪيئن ٿيو هو.

ڪيپٽن جي ضايع ٿيل عضوي جي جاءِ تي عاج جي هڪ ڪلي لڳل هئي جيڪا هڪ اسپرم وهيل (اها وهيل جنهن جي کوپڙي جي سوراخ ۾ سفيد ميڻ جهڙو مواد هوندو آهي) جي جاڙي جي هڪ پالش ٿيل هڏي مان ٺهيل هئي. هن جي عادت هوندي هئي تہ هو پاڻ کي جائيتو بيهارڻ لاءِ اها ڪلي ڪاٺ جي ڪنهن ڳنڍ نڪتل سوراخ ۾ اٽڪائي ڇڏيندو هو. هن هڪ دفعو جهاز جي عملي کي پاڇيل ڏانهن سڏيو ۽ ڏاڍي ڊراماڻي انداز ۾ سورهن ڊالرن جو سونو سڪو کوهي تي ڪوڪي سان ٺوڪي ڇڏيائين. پوءِ چيائين جيڪو ماڻهو اڇي مٿي واري وهيل پڪڙيندو هيءُ سڪو انهي کي ملندو. انهي وهيل کي جهاز جي ساڄي پاسي واري پُڇ جي پر ۾ ٽي سوراخ آهن. اها وهيل "موبي ڊڪ" جي نالي سان سڃاتي ويندي آهي. انهي ئي هڪ گذريل سفر ۾ اهاب جي ٽنگ پٽي هئي. ڪئي ڪئپٽن انهي اجگر کي سڃاتو ٿي. هن رڙ ڪري چيو تہ انهي وهيل کي ڪل تي بوچ ڪيڏيءَ وانگر وٽيل ٽي ڏنن جا نشان آهن.

ڪيپٽن اهاب بدلي جي باهہ ۾ پڃري رهيو هو. اها ڳالهہ چريائپ واري ڪنهن خبط وانگر هن جي ذهن ۾ ويهي وئي آهي. هو انهي رٿا لاءِ هڪ شراب جي محفل جو حڪم ڏئي ٿو ۽ هاربون هلائيندڙن کي حڪم ڏئي ٿو تہ دل کولي شراب پيئن. "موبي ڊڪ مرده باد!" هو رڙ ڪري ٿو "اسين جيڪڏهن موبي ڊڪ کي نہ ماري سگهون تہ خدا اسان سيني کي موت ڏئي ڇڏيا" هن کي اها سفيد وهيل "انهن سيني بڇڙين قوتن جو مجسمو لڳي ٿي جن بابت ڪجھ ڏاها ماڻهو سمجهندا آهن تہ انهن کي اندروني طور ڪائينديون رهن ٿيون...."

جڏهن وهيل جي ڳولها جو ڪم شروع ٿئي ٿو تہ اهاب پنهنجو گهڻو وقت پنهنجن چارٽن جي مطالعي ۾ گذاري ٿو. هن کي وهيلن جي پاڻين ۾ مختلف علائقن ڏانهن هجرت بابت گهڻي ڄاڻ آهي ۽ لڳاتار ڪيترن ورهين کان موبي ڊڪ جي چرپر جون خبرون بہ ايندي رهيون هيون. اها پنهنجي سفيد ٿوهي سبب سڃاڻپ ۾ بہ بلڪل پڌري آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ڏينهن وهيل مڇين جو هڪ ولر نظر اچي ويو ۽ ماڻهن وٽي روايتي رڙيون ڪيون. "او اهاتي ڦونگارو هٽئي! اها ٿئي اها ٿئي اها ٿئي اها ٿي ڦونگارو هٽئي!

پهريون دفعو جڏهن جهاز جون چارئي ٻيڙيون هيٺ لاٿيون ويون ته ڏاڍو نقصان ٿي پيو. چاڪاڻ ته وهيل جي پنيان لڳڻ وقت گهاتي ڪوهيڙي سبب هڪ ٻيڙي سان سندن پنهنجو جهاز ئي ٽڪرائجي ويو. ڪو جاني نقصان البت نه ٿيو.

ڪيپٽن اهاب جو جذبو ڪنهن به لحاظ کان گهٽ نه ٿيو. چا به ٿي پئي هو آخرين مقابلي لاءِ پنهنجيون تياريون وڌائيندو پئي ويو. وهيل جي شڪار واريون ٻيڙيون جيتوڻيڪ تيار رکيون ويون آهن پر هو ڪجھ واڌو شين تي ڪم ۾ به هٿ ونڊائي ٿو. باقي وقت ۾ هو پنهنجي عاج جي ڪلي انهي سان سوراخ ۾ اٽڪايون يڪ ٽڪ هوا جي طرف نهاريندو رهي ٿو. ڏونهين جي ڪارٽ يا برف سندس اکين جي ڀنڀٽين کي به جمائي ٿي ڇڏي ويندي جڏهن ٽڪ سبب مجبور ٿي هو هيٺ لهي ٿو اچي تڏهن به پنهنجي لڏٽي بستري ۾ نه ٿو وڃي. هو ڪڏهن ڪڏهن اسٽاربڪ کي به پنهنجن پُسيل ڪپڙن ۾ نظر ايندو آهي تڏهن به سندس بند ٿيل اکيون به ڪيبن جي قطب نما ڏانهن هونديون آهن.

موبي ڊڪ جيتوڻيڪ اڃا نظر نه آئي آهي پر ٻيڙيون ڪيترائي دفعا هيٺ لاٿيون ويون آهن ۽ تعاقب ٿيا آهن. اسٽب هڪ وهيل ماري آهي ۽ هن ۽ فلاسڪ به هڪ وهيل شڪار ڪئي آهي. انهي مهل هڪ ڏاڍو دڪدائڪ واقعو ٿي پيو جڏهن تشنيگو هڪ وهيل جي ڏڪيل مٿي ۾ ڦاسي پيو. ميل وائيل انهي جي هائيڊل برگ جي شراب جي وڏي ناد سان پيٽ ڪري ٿو. ڪئي ڪئيگ وري پاڻ کي هيرو ثابت ڪري ٿو چاڪاڻ ته هو پنهنجي سر جو سانگو نه ڪندي پنهنجي ساٿي جي مدد لاءِ ٽپي پوي ٿو ۽ فوق الانساني ڪوششون ڪندي هن کي ٻاهر ڪڍي اچي ٿو.

اهي ٻين ڪيترن ئي جهازن سان ملن ٿا ۽ اهاب انهن کان سدائين اها پڇا ٿو ڪري ته: "سفيد وهيل نه نظر نه آياو؟" ڪيترين ئي مايوسين کا پوءِ هڪ انگريز ڪيپٽن هڪ مصنوعي عاج جي ٻانهن ڏيکاري ٿو. "اڙي منهنجي ٻيڙي!" اهاب رڙ ڪئي ۽ جلدئي اجنبي جي ٻيڙي جي پر سان وڃي پهتو. هن انهيءَ کان ڪيترائي سوال ڪيا ۽ خبر پيس ته انهن هڪ وڏي سفيد وهيل سان وڏي ويڙهاند ڪئي هئي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن ۾ ڪيپٽن کي پنهنجو ئي هڪ هارپون لڳڻ سان ڦٽ ٿي پيو هو. انهي جي نتيجي ۾ سندس ٻانهن هلي وئي هئي. اها ئي وهيل پڪ سان موبي ڊڪ هئي.

اهاب ايجا وڏيڪ شدت سان پنهنجي ڪم ۾ لڳو رهي ٿو. هڪ رات جو چوڪيءَ دوران هو هوا کي سنگهي ٿو ۽ پنهنجي جهاز جو رخ ٿورڙو مٽائڻ ۾ سڙهن کي ڪجهه هيٺ ڪرڻ جو حڪم ڏئي ٿو. هو چتاءَ ڏئي ٿو: "او اها تي ڦونگارو هڻي! او اها تي ڦونگارو هڻي! برف جي ٽڪري جهڙو ٿو هو ٻه اٿس. اها موبي ڊڪ آهي!"

پيڙيون هيٺ لاٿيون وڃن ٿيون ۽ ڪيپٽن اهاب حملي ۾ پنهنجي عملي جي اڳواڻي ڪري ٿو. پر موبي ڊڪ ويڙهه جي اٽڪلن جي ماهر آهي. اها ٻولاٽي کائي وڃي ٿي ۽ پنهنجين طاقتور ڄاڙين ۾ اهاب جي پيڙي جي ڳڙهه ڇچري انهن سيني کي پاڻي ۾ اڇلائي ڇڏي ٿي. اهاب پنهنجي معذوري سبب تري نه ٿو سگهي پر جيئن تيئن ڪري پاڻي جي مٿاڇري تي رهي ٿو ۽ حاضر دماغي کان ڪم وٺندي Pequot وارن کي رڙ ڪري چوي ٿو ته هو وهيل جي پٺيان لڳا رهن ۽ انهي کي هڪلي ٻاهر ڪين.

انهي حڪم تي بنا دير عمل درآمد ٿئي ٿو ۽ موبي ڊڪ ڪاوڙجي گهڻو اڳتي وڃي ٿي هلي. اهاب ۽ ٻين کي حفاظت سان جهاز تي چاڙهيو وڃي ٿو. ڪيپٽن سوني سڪي تي پنهنجي دعويٰ ڪري ٿو جو هن ئي سفيد وهيل سڀ کان اڳ ڏٺي هئي پر هو پنهنجي عملي کي ٻڌائي ٿو ته: "جيستائين سفيد وهيل نه ٿي مري آءٌ انهي کي اتي ئي رکندس". هو ڏاڍي فياضي سان پنهنجي آڇ ورجائي ٿو ته جيڪو به ماڻهو اها وهيل ماريندو اهو سونو سڪو اهو ئي کڻندو. پر هو انهي ڳالهه جو واڌارو ڪري ٿو ته ٻئي دفعي به جيڪڏهن هن ئي سڀ کان پهريان اها وهيل ڏٺي ته هو انهيءَ کان ڏهوڻ تي رقم انهن سيني ۾ ورهائيندو.

ٻئي ڏينهن پرهه ڦٽيءَ وقت تعاقب شروع ڪيو وڃي ٿو. عملي ۾ به اهاب جو ڇتو جوش پرجي ويو آهي. اهي ائين ڳڏجي ڪم ڪن ٿا ڄڻ اهي تيهه جدا جدا فرد نه پر هڪ ئي ماڻهو هجن. تمام گهڻي جوش سبب هڪ دفعو ته انهن جون اکيون دوکو کائي وڃن ٿيون ۽ ڌُڪ تي ئي "اها ٿئي اها ٿئي" جون رڙيون ڪرڻ لڳن ٿا. پوءِ موبي ڊڪ اوچتو سامهون هڪ ميل کان به گهٽ فاصلي تي پاڻي مان مٿي نڪري ٿي. سڀ پيڙيون هيٺ لاٿيون وڃن ٿيون ۽ موبي ڊڪ وڏي رفتار سان گجي اڏائيندي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌو انهن ڏانهن اچي ٿي. ٿي هاربون هنيا وڃن ٿا پر وهيل ڏاڍي تيزي سان بار بار ڦيرا ڏئي رسين کي وچڙائي ڇڏي ٿي. ڪجھ رسيون ڪنڇجي وڃن ٿيون پر موبي ڊڪ انهي وٽ سٽ ۾ اهاب جي ٻيڙي تي حُملھ ڪري ٿي ۽ انهي کي اونڌو ڪري وچڙيل رسيون پنهنجي پوبان گهليندي وڃي ٿي هلي.

هڪ دفعو وري Pcquot اهاب ۽ سنڌس ڪاوڙيل ماڻهن کي بچائي ٿو. ڪجھ ماڻهن جي ڪلهن، وٽين ۽ مُرن ۾ ستون اُبري ويون آهن. ڪجھ ڦٽجي پيا آهن. اهاب جي عاج جي ٽنگ بہ ڀڄي پئي آهي. باقي پٽيان هڪ ٽڪو ٽڪرو بيٺو اٿس. هو فقط اسٽب جي سهاري سان بيهي سگهي ٿو. پر سندس عزم ۽ ارادي ۾ ڪا بہ گهٽتائي نہ ٿي آهي. هو چوي ٿو تہ موبي ڊڪ بہ ڏينهن ٽري آهي پر سڀاڻي ٽيون ڏينهن ٿيندس. هوءَ هڪ دفعو وري مٿي ايندي پر اهو آخري دفعو ڦونگارو هڻندي!"

موبي ڊڪ نما شام مهل جهاز جي هوا ڪان بچاءَ واري پاسي تي نظر اچي ٿي. انهي جا شڪاري لالٽين جي روشني ۾ واڏو ٻيڙين جي مرمت ڪن ٿا ۽ سڀاڻي لاءِ هٿيار تکا ڪن ٿا. واڍو اهاب جي تباهہ ٿيل ٻيڙي جو پڳل ٽر (Kccl) ڪم آڻيندي پنهنجي ڪپتن لاءِ نئين ٽنگ ناهي ٿو.

ٻن شديد مقابلن ۾ سوپ موبي ڊڪ جي ٿي آهي. ڇا ٽيون ڏينهن فيصلي ڪن ثابت ٿيندو؟ ڇا اهاب جي اها پڪ صحيح ثابت ٿيندي تہ سفيد وهيل آخري دفعو ڦونگارو هڻڻ ايندي!

انهي ڏينهن جي پرهہ ڏاڍي تازگي سان ڦُٽي ٿي. رات جي اڪيلي چوڪيدار جي جاءِ تي نوان ماڻهو وڃن ٿا. پر موبي ڊڪ نظر نہ ٿي اچي. اهاب کي بہ هڪ سٽيءَ جي ٽوڪري ۾ مٿي چاڙهيو وڃي ٿو. هو گهڻو وقت آسپاس نظر رکڻ ڪان پوءِ بي صبرو ٿي هيٺ لهي اچي ٿو پنهنجي ٻيڙي هيٺ لاهرائي ٿو. ڏاڍي ڊرامائي نموني ۾ اسٽاربڪ جو هٿ موڪلاڻي واري انداز ۾ پنهنجي هٿ ۾ جهلي ٿو ۽ شارڪ مڇين جي ڇتائن کي نظرانداز ڪندو ونجھ هڻندو اڳتي وڃي ٿو هليو. ڀيون ٻيڙيون هن جي پٺيان هلن ٿيون.

موبي ڊڪ اوچتو سامهون منهن مٿي ڪري ٿي ۽ جلد ئي اڳتي تري وڃي ٿي. وڪوڙيل رسين ۽ هارپونن سبب سندس حالت ڏاڍي خراب آهي. جلدئي سندس رفتار ڍري ٿي وڃي ٿي. اهاب سڪارڻ مان هٿ ڪڍي ٿو ۽ ڪيس ٽيڪ ڏئي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بظاهر بار بار موضوع ڪان هٽڻ جي باوجود موبي ڊڪ جي ڳولها وارو مرڪزي موضوع (انهي جو بنياد موچا ڊڪ نالي هڪ مشهور سفيد وهيل مڇي جي ڪهاڻي تي آهي، جنهن بابت مشهور آهي تہ اها گهٽ ۾ گهٽ ٽيهن شڪارين جي موت جو سبب ٿي هئي) ڪڏهن بہ هٿان نہ ٿو وڃائجي ۽ بار بار ٿيندڙ مقابلن جو جوش جذبو ۽ ڪهاڻي جو انتهائي ڊرامائي انداز وارو عروج (Climax) تقريباً سيني کي پنهنجي منڊ ۾ منڊي رکي ٿو.

ميل وائيل ڪنهن جاءِ تي اشارو ڏنو آهي تہ اهو ڪتاب فقط هڪ خاڪو آهي ۽ اڃا بہ چٽجي تہ خاڪو نہ پر خاڪي جو خاڪو آهي. پر جيئن اڳ ۾ ٻڌايو ويو آهي اهو لازماً تمام ڏکو ٿئي ها. جديد دور جو پڙهندڙ جيڪو انهي ڳالھ جو عادي ٿي ويو آهي جو ڪيس پنهنجو تخليقي ادب ٿورــ اڪريو ملي ٿو ۽ انهي ۾ واقعا تڪڙي رفتار سان پيش اچن ٿا تنهن کي لکندڙ جي تبديل ٿيندڙ موڊ ۽ اسلوب سان آخر تائين گڏ هلڻ لاءِ پنهنجي ساهي منجهائيندڙ صلاحيتن کي گڏ ڪرڻو پوندو. جيڪي ماڻهو ساهي منجهائي ويندا انهن کي انهي تجربي مان گهٽو ڪجھ ملندو. وهيل مڇين جي شڪار جي داستان جو اهڙو پيو ڪو بہ ڪتاب نہ لکيو ويو آهي ۽ نہ ئي ڪڏهن لکبو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 51. لاوينگرو

## —— جارج بورو ——

اهڙو ڪو بہ ماڻهو نہ هوندو جنهن جارج بورو وانگر عجيب واقعن کي منهن ڏنو هوندو. لڳي ٿو تہ هن عجيب ڪردار بہ اهڙي ئي سولائي سان گڏ ڪيا هوندا جهڙي سولائي سان هن تمام عجيب غريب زبانن تي مهارت حاصل ڪئي هئي. هن جي اظهار جي قوت بہ اهڙي هوندي هئي جو تمام اڻ ٽيڙين ڳالهين کي بہ ائين ڪري ڏيکاريو اٿائين جو اهي بلڪل ممڪن ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. سندس هڪ ڪتاب آهي لاوينگرو ۽ ٻئي The Romany Ryc کي انهي سان لاڳاپيل ٻيو حصو چئي سگهجي ٿو.

"لاوينگرو" جپسي زبان جو لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي لسانيات جو ماهر ۽ "روماني راءِ" جو مطلب آهي "جپسي معزز". اهي لفظ انهي جپسيءَ بورو لاءِ ڪتب آندا هئا جيڪو سندس ڪتابن ۾ Jasper Petulengro جي نالي سان بار بار اچي ٿو. انهي جو اصلي نالو ايمبروز سمٿ هو. اهي ٻئي ڪتاب گڏجي ڪنهن حد تائين آتم ڪهاڻي جو روپ وٺن ٿا. اهي 1803ع ۾ بورو جي جنم کان آگسٽ 1825ع تائين جي دور جو احاطو ڪن ٿا. پر اهي انهي تاريخ کان گهڻو پوءِ لکيا ويا هئا. لاوينگرو پهريون دفعو 1851ع ۾ ڇپيو هو ۽ "دي روماني راءِ" ڇهہ ورهيہ پوءِ ڇپيو.

جارج بورو جو پيءُ سيلٽڪ نسل جو هو. بورو گهڻي وقت کان ڪارنوال ۾ رهندڙ هڪ پراڻو خاندان آهي. سندس ماءُ فرانس جي هيوجي ناٽ نسل مان نورفوڪ جي هڪ آبادگار جي تمام سهڻي ڌي هئي. هن ۾ عجيب غريب خصوصيتن جو ميلاپ گهڻي حد تائين نسلن جي انهي ميلاپ جي سبب ٿي سگهي ٿو. مسٽر بورو ويسٽ نورفوڪ مليشيا ۾ ڪئارٽر ماسٽر هو. نيپوليني جنگين جي انهي هڻ وٺ واري دور ۾ ڪاهن جي خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ هن جي

”چريا ڪجھ سامت ۾ رهيا“ ماڻهوءَ چيو. ”هو انهي ڪان وڌيڪ نہ گهڻو ڪجھ ڪري سگهي ٿو“. مون توکي چيو نہ هي چست چالاڪ آهي هي هڪ نانگ ڪنيو ٿو وتي جيڪو تو جهڙي احمق کي تہ ڏنگ هڻي ماري ڇڏيندو“.

”ڇا! جوڳي!“ جيپسر ڏاڍي عجيب نموني رڙ ڪئي ۽ هيٺ جهڪندي ڏاڍي تجسس سان جارج جي منهن ۾ گهوري ڏٺائين. پوءِ ڪيس مٿي تي هٿڙو ڦيرڻ لڳو: ”جوڳي“ هن وات مان لفظ ڪڍيو ”يا خدا!

جارج جلدئي ڪيس ڏيکاريو تہ هو مڪي بازي بہ ڪري سگهي ٿو ۽ نانگ بہ پڪڙي سگهي ٿو. پوءِ انهن ۾ هڪ اهڙي عجيب دوستي پيدا ٿي وئي جيڪا هو پنهنجين رولاڪين دوران جڏهن بہ هڪ ٻئي سان ملندا هئا ۽ تہ اها نئين ٿي پوندي هئي. جيسپر ڪجھ جپسي فيلسوف هو. اها ڳالهہ انهي ٽڪري مان نظر ايندي جنهن کي لاوينگرو جو شايد اقتباس طور سڀ کان گهڻو ڏنو ويندڙ ٽڪرو (Quoutc) چئي سگهجي ٿو. اهي ٻئي ڪجھ ڏکهي وقفي کان پوءِ وري مليا آهن. بورو هاڻي سترهن ورهين جو هو.

”تنهنجو موت بابت ڇا رايو آهي، مسٽر پيٽو لينگرو؟“ بورو سندس پرسان هيٺ ويهندي چيو.

”ادا، موت بابت منهنجو رايو... جڏهن ڪو ماڻهو مري وڃي ٿو تہ ڪيس زمين ۾ وڌو وڃي ٿو ۽ سندس زال ۽ ٻار هن تي ڏک ڪن ٿا. جيڪڏهن ڪيس زال ۽ ٻار ڪونهن تہ منهنجي خيال ۾ سندس پيءُ ۽ ماءُ کي ڏک ٿئي ٿو ۽ جيڪڏهن هو دنيا ۾ بلڪل اڪيلو آهي تہ پوءِ ڪيس زمين ۾ وڌو وڃي ٿو ۽ معاملو ختم ٿي وڃي ٿو“.

”ڇا تنهنجي خيال ۾ اها ماڻهو جي پڄاڻي آهي؟“

”اها هن جي پڄاڻي آهي، ادا ۽ ڏاڍي افسوس جي ڳالهہ آهي“.

تون ائين ڇو ٿو چئين؟“

”زندگي مٺي آهي، ادا“.

”ڇا تون ائين ٿو سمجهين؟“

”ائين ئي سمجهان ٿو. ڏينهن ٿئي ٿو رات ٿئي ٿي. ٻئي وڻندڙ ڳالهيون آهن. سج، چنڊ ۽ ستارا سڀ پليون شيون آهن. ساڳئي طرح ميدانن تي هوا گهلي ٿي. زندگي ڏاڍي مٺي آهي. ڀلا ڪير مرڻ چاهيندو؟“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بورو کي تمام مختصر اسڪولي تعليم کان پوءِ ناروچ ۾ هڪ قابل وڪيل وٽ سيڪڙات طور بيهاريو ويو. پر هن قانون سکڻ بجاءِ پنهنجو وقت زبانون سکڻ ۾ گذاريو. انهن ۾ به انهن زبانن کي ترجيح ڏني جيڪي تمام ڏورانهن علائقن جون هجن ۽ پيشيوراڻا طور بي ڪار هجن جهڙوڪ: ويلش، عربي، ڊينش ۽ آرمينيائي. هن جڏهن اهو محسوس ڪري ورتو ته هو فطري طور وڪيل ٿيڻ لاءِ مناسب نه آهي ۽ سندس پيءُ به فوت ٿي ويو هو ۽ هن کي پنهنجي لاءِ پاڻ هٿ پير هڻڻا هئا تنهن ڪري هو ليکڪ ٿيڻ جو ارادو ڪري لنڊن ويو هليو. پر ڪنهن به پبلشر سندس ڪنهن به مسودي ۾ ڪا دلچسپي نه ڏيکاري ۽ هو سر رچرڊ فلپس جي نوڪري ۾ معمولي لکاري ٿي بيٺو. هن جو بيڊ فورڊ رو (Bedford Row) کان هيٺ پبلشنگ جو ڪاروبار هوندو هو. سر رچرڊ کيس مشهور ڏوهارين جي زندگين ۽ ڪيسن بابت ڇهن جلدن جي سهيڙ جي ڪم تي هنيو. اهو ڪتاب جنهن جو لاوينگرو ۾ Newgate Lives and Trials جي نالي سان حوالو اچي ٿو آخرڪار بورو ٿبو ۽ 1825ع ۾ ڇپيو. انهي تي بورو جيتوڻيڪ تمام گهڻي محنت ڪئي پر هن اها ڳالهه تسليم ڪئي آهي ته فلپس هن تي جيڪي به ڪم مڙهيا هئا هن انهن مان هن کي سڀ کان وڌيڪ پسند ڪيو هو.

”ڪيسن مان ڏاڍي وندر ملندي هئي پر“ هو لکي ٿو ”حياتين جا احوال ڏاڍين عجيب غريب ۽ ڇٽ پٽين مهمن سان ڀريل هوندا هئا. مون کي جنهن ڳالهه سڀ کان وڌيڪ متاثر ڪيو اهو انهن ليکڪ جو۔ اهي ڪٽي ڪير به هجن۔ ڪنهن به سادي آڪاٽي کي هڏائڻ جو فن هو“.

ڪا سادي آڪاٽي ڪيئن بيان ڪجي: بورو اهو ڪم ڪرڻ سکي ورتو هو. مثال طور هن جي لنڊن برج تي پوڙهي صوفن واري مائي سان سندس پهرئين ملاقات جو احوال پڙهو.“ پل تي آهستي آهستي هلندي آءٌ سڀ کان مٿاهين جاءِ تي پهچي ويس ۽ پٿرن سان نهيل گوشن مان هڪ جي پرسان چپ ڪري بيهي رهيس. انهي ۾ هڪ فروٽ اسٽال پرسان هڪ پوڙهي عورت ويٺي هئي سندس پيرن وٽ ڪوئلن جو هڪ ٿالهه هو ۽ سندس هٿن ۾ هڪ ڪتاب هو. لڳي پيو ته هوءَ اهو ڪتاب ڏاڍي ڌيان سان پڙهي رهي هئي.... آءٌ جيئن پل تي بيٺو حوض جي ڪنارن کي گهوري ڏسي رهيو هوس ته اوچتو هڪ ننڍڙي ٻيڙي انهي ئي ونگ هيٺان زور سان اڳتي نڪتي جنهن مٿان آءٌ بيٺو هوس. انهي ۾ ٽي ماڻهو ويٺل هئا: ونجه هلائيندڙ وچ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ويٺو هو جڏهن ته هڪ مرد ۽ هڪ عورت پاڇيل ۾ ويٺا هئا. اهو اوچتو منظر ڏسي منهنجي دل ۾ جيڪا خوف جي لهر پيدا ٿي انهي کي آءٌ ڪڏهن به وساري نه سگهندس. ها! هڪ بيڙي ۽ هڪ ننڍڙي بيڙي انهي ونگ هيٺان نڪري گجگوڙون ڪندڙ نار (Gulf) ۾ وڃي رهي هئي. هڪ وڏي ڇولي مهري جي مٿان وٽ ڪائي وئي.. بيڙي جنهن کي لڳي پيو ته ڪنهن ڪنب جيتري ترڻ شڪتي هئي اها انهي خطري کان ڪسڪي اڳتي وڃي پئي ۽ بئي لمحي خطري مان ٻاهر نڪري وئي. بيڙياتي۔ هو به ڪو سچو بيڙياتو۔ هو سوپ جي نشاني طور پنهنجو هڪ ونجه مٿي ڪيو ۽ عورت۔ اها به هڪ سچي انگريزياڻي هئي۔ (ڪنهن طبقي جي هوندي) پنهنجي شال جهولائي... آءٌ ايترو ته جوش ۾ پرجي ويس جو مون پل جي جهنگلي تي چڙهڻ جي ڪوشش ڪئي جيئن انهن دليري جي ڪمن کي صحيح نموني ڏسي سگهان. پر انهي کان اڳ جو آءٌ پنهنجي ڪوشش ۾ ڪامياب ٿي سگهان ۽ ڪنڌ ورائي ڏنو ته پوڙهي فروٽ واري مائي مون کي چنبڙي پئي هئي. "نه بابلا, نه نا!" هن چيو "پاڻ کي هيٺ نه اڇلاءِ شايد ٻئي دفعي ڀاڳ ڀلو ٿيندءِ!"

هن جڏهن فلپس لاءِ لکاري وارو ڪم پورو ڪيو ۽ هن دفعي ادبي ميدان ۾ ڪيريئر ناهڻ کان مڪمل طور نااميد ٿي ويو ته مئي 1825ع جي آخر ڌاران لنڊن ڇڏي ڏکڻ اولهه ڏانهن روانو ٿي ويو. هو هر روز 20 کان 25 ميل پيادل هلندو هو ۽ ڪجه هفتا ڳوٺن ۾ رُلندو رهيو. ائين هو شروپ شائر اچي پهتو. اتي هڪ روڊ واري سراءِ ۾ هن جي سلنگس باءِ نالي هڪ گشتي ٽاناري سان اوچتي ملاقات ٿي وئي. هن انهي ٽاناري کان سندس گاڏي گهوڙو ۽ پيو سمورو ٽانارڪو سامان ورتو ۽ اهو ڪم پاڻ شروع ڪيائين. سلنگس باءِ کيس خبردار ڪيو هو ته هو اهو ڪم انهي ڪري ختم ڪري رهيو هو جو "پڄرندڙ ٽاناري" نالي هڪ بدمعاش کيس ڌمڪيون ڏنيون هيون. هن کي پاڻ کان سواءِ ڪو ماٺهو وٽي ئي نه ٿو ۽ هو روڊن جو بادشاهه ٿيڻ گهري ٿو. بورو ايماندار ٽاناري کي سندس سامان جا پنج پائونڊ ڏهه شلنگ ڏنا ۽ پنهنجو ننڍڙو تنبو انهي جاءِ تي هٽي ڇڏيو جتي اڳ ۾ سلنگس باءِ هٽندو هو. اتي ئي بيٽو لينگرو ڪٽنب جي هڪ ناني ڏاڏي مسز هيٺرن نالي کيس زهر ڏنو هو. اهو زهر انهي پوڙهي بورو لاءِ خاص طور ٺاهيل هڪ ڪيڪ ۾ وجهي کيس ڏنو هو. انهي جو سبب اهو هو جو بورو جيئن ته جپسي زبان ۽ لوڪ ڏاهپ جو گهڻو حصو سکي ورتو هو تنهن ڪري هو هن سان نفرت ڪرڻ لڳي هئي. بورو انهي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن بہ چاهيندين آءٌ تنهنجي عورت ٿيندس. پر انهي کي صحيح نموني پورو ڪر. جڏهن آءٌ موجود هجان تہ ڪا بہ بي ايماني نہ ڪندو ڪر. آءٌ ڇوڪري جي حمايتي ٿينديس ۽ مول جڏهن توکي ڏک هٽي ڪيرائي وڌو تہ توکي ڪٽي بہ سگهي ٿو".

اينڊرڻ ڏهہ منٽ وڏي شدت سان لڙائي هلي ۽ هاڻي بورو لڳاتار ڇهہ دفعا ڏک کائي هيٺ ڪريو. "آءٌ اهو سهي نہ سگهندس. هو جڏهن بيلي جي گوڏن تي ڪريو تہ اهي لفظ چيائين"، آءٌ سمجهان ٿو تہ مون کي آڻ مجڻ گهرجي. پڇرندڙ نانارو تمام زوردار ڏک ٿو هٽي. ۽ هن رت جي هڪ گرڙي ڪئي. "هاڻي پلا تون Long Melford ڪم آڻيندين؟ بيلي چيو. مون کي خبر نہ آهي لانگ ميل فورڊ مان تنهنجو مطلب ڇا آهي". بورو جواب ڏنو. "ڇو تنهنجو اهو ساڄو هٿ. بيلي چيو تون جيڪڏهن اهو ڪم آڻيندين تہ منهنجي خيال ۾ توکي هڪ موقعو ملي سگهي ٿو". ماڻهو وري اڳتي وڌيو ۽ اُلر ڪيائين ۽ هو جيڪڏهن گُسائي نہ وڃي ها تہ لازماً لڙائي جي پڇاڙي ٿي وڃي ها. بورو ڏک جو گسايو تہ هو وڏي زور سان وڃي هڪ وڻ ۾ لڳو. "پڇرندڙ نانارو جيستائين پاڻ سنڀالي مون پنهنجي سموري طاقت گڏ ڪئي ۽ ڪيس ڪن هيٺان هڪ ڏک وهائي ڪڍيو ۽ پوءِ بلڪل ساڻو ٿي زمين تي ڪري پيس. منهنجو نانارو کي ڪن هيٺان لڳل ڏک سنڌائتو لڳو هو. "واهہ واهہ لانگ ميل فورڊ"! مون بيلي جي رڙ ٻڌي.."

انهي ٽڪري کي انگريزي ادب جو ڪنهن لڙائي جو بهترين بيان سڏيو وڃي ٿو. اڳتي اينڊرڻ ڳالهہ بہ انهي جي جوڙ جي آهي. اهڙو ڪو پڙهندڙ نہ هوندو جيڪو انهي آڪاڻي مان متاثر نہ ٿيو هجي جيڪا انهي دلير، آزاد ۽ اعليٰ اصولن واري ڇوڪريءَ بورو کي انهي وقت ٻڌائي هئي جڏهن نانارو ۽ سندس سنگتياڻي گندا لفظ ڳالهائيندا هليا ويا هئا. اهي سوڙهي وٽن سان پريل گهاٽيءَ ۾ باهہ جي پرسان ويٺا هئا؟ اها ڇوڪري ڏاڍي معزز ۽ قديم ذات سان تعلق رکي ٿي. پر اها ذات سندس ماءُ جي آهي ڇاڪاڻ تہ هوءَ ناجائز اولاد آهي ۽ هڪ ڪارخاني ۾ جائي هئي. اها بورو جي ڪتابن جي صفحن تي اهڙي روشني پکيڙي ٿي جيڪا ايتري ئي گرم ۽ روشن آهي جيترو سندس وارن جو رنگ ڪهاڻي ڪيتري قدر صحيح آهي؟ لازماً اها سموري سندس من گهڙت نہ آهي. هو جيڪو ڪجهہ ٻڌائي ٿو انهي مان خبر پوي ٿي تہ هن ويچاري ڇوڪري سان ڏاڍي بي احساسي سان ظالماڻو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سلوڪ ڪيو هو. انهي نوجوان مرد ۾ سهڻي ڇوڪري انهي اڪيلي ڇُر ۾ گڏ ويهي ڇا ڇيو هو ۽ ڇا ڪيو هو؟ هن جو اصرار آهي تہ هن ڪيس آرمينيائي زبان سيکارڻ جي ڪوشش ڪئي هئي!

لاوينگرو تمام غيرمعمولي ٽڪڙ ۾ پڄاڻي تي پهچي ٿو ۽ The Romany Rye جي شروعات بہ ايتري ئي عجيب ۽ اوچتي آهي. انهي ۾ اسان کي اهو سڀ ڪجھ ٻڌايو ويو آهي جيڪو بورو اسان کي آئسوبيل برنرس جي واقعي بابت ٻڌائڻ گهريو آهي. هن ڇوڪريءَ کان اٽڪل ڪرائي آرمينيائي زبان ۾ "آءٌ تو سان پيار ڪريان ٿي، آءٌ تو سان پيار ڪريان ٿي" جا لفظ چورايا ۽ جڏهن ڇوڪري ڳوڙهن ۾ اچي پئي تہ هن ڪيس يقين ڏياريو تہ هو گڏجي آمريڪا هليا ويندا". اتي اهي ڪنهن ٻيلي ۾ وچي رهندا ۽ زال مڙس وانگر Siricl فعل جو گردان ويٺا پڙهندا". انهي تي ٻيلي کيس چيو تہ: "تون حسب معمول يوگ پيو ڪرين. بورو جڏهن کيس يقين ڏياريو تہ هن اهي لفظ سچ پچ ۾ چيا هئا تہ ڇوڪري چيو تہ کيس انهي آڇ تي سوچ ويچار لاءِ وقت گهرجي.

بورو ٻئي ڏينهن جيسپر سان گڏ هڪ ميلي تي ويٺو هو. "ميدان جي بلڪل آخري ڪنارئي تي ٻيهي مون سوڙهي وٽن واري گهاٽي ڏانهن ڏٺو. آئسوبيل برنرس منهن وٽ بيٺي هئي. صبح سوير جي سج جا ڪرڻا سندس شانائتي منهن ۽ جسم تي چمڪي رهيا هئا. مون هن ڏانهن پنهنجو هٿ لوڏيو. هن آهستگيءَ سان پنهنجي ساڄي ٻانهن مٿي ڪئي. مون پنهنجي منهن ڪيو ۽ آئسوبيل برنرس کي وري ڪڏهن نہ ڏٺو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 52. مادام بووري

## ـــ فلا برٽ گستاو ـــ

مادام بووري هڪ ڳوٺاڻي ڊاڪٽر جي زال آهي جنهن کي پنهنجي شادي مان ڪا به خوشي نه ٿي ملي. ڪيس به عاشق آهن ۽ آخرڪار جڏهن هڪ وياج خور واپاري جا مٿس قرض چڙهندا ٿا وڃن ته هو گروي جو معاهدو وقت کان اڳ ختم ڪري ٿو ڇڏي ۽ سندس گهر ۾ بيلف ويهاري ٿو ڇڏي ته هوءَ خودڪشي ڪري ٿي ڇڏي. ڪتاب پهريون دفعو 1856ع ۾ ڇپيو ۽ وڪٽوريائي دور وارو جنسي ۽ اخلاقي ڳالهين ۾ لڄاداري وارو لاڙو انگلينڊ وانگر فرانس ۾ به ايترو ئي مضبوط هو تنهن ڪري ليکڪ فلابرٽ گستاو ۽ پبلشر تي ڪيس هلايو ويو ته انهن اهڙو غير شائسته ڪتاب ڪڍيو آهي. تقريباً ساڳئي وقت بودليئر کي به ساڳئي ڪورٽ ۾ پيش ڪيو ويو ۽ Les Fleurs de Mal مان ڪيترائي نظم خارج ڪرڻ تي مجبور ڪيو ويو. فلابرٽ وڌيڪ خوش نصيب ثابت ٿيو جو ڪورٽ جيتوڻيڪ مادام بووري جي ڪجه رخن تي ناپسنديدگي جو اظهار ڪيو پر اهو به چيو ته مادام بووري ڪجه اهڙن ڪتابن کان مختلف آهي جن جي لکڻ جو مقصد فقط جنسي جذبي جي تسڪين ۽ جنسي آزادي ۽ اخلاقي بگاڙ کي هٿي ڏيڻ آهي يا ڪجه اهڙين ڳالهين تي چٽر ڪرڻي آهي جن جي هر ڪنهن کي عزت ڪرڻ گهرجي.

انهي ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته انهيءَ ڇوپڇو جي نتيجي ۾ فلابرٽ جو ڪتاب جو وڪرو چڱو ٿيو ۽ ادبي نقاد ۾ به چڱي ڪاميابي مليس جيڪا انهي کي اوس ملڻي هئي. اهو فرانس يا هڪ لحاظ کان سموري دنيا ۾ پهريون اهم ۽ اهڙو مڪمل طور حقيقت تي ٻڌل ناول هو جنهن ۾ ننڍين شهرن جي زندگي جو اپياس ڪيل هو ۽ انهي جي ماڻهن ڊاڪٽرن، پادري، دواساز، وڪيل جي منشي، ٽيڪس ڪليڪٽر ۽ هڪ ننڍي زميندار جو تعلق سماج جي عام طور نظرانداز ڪيل طبقي سان آهي. انهن عام ڪردارن جي بجاءِ ٻين ناولن ۾ وڏگهراڻن کي ترجيح ڏنل آهي. بالزڪ ۽ اسٽين ٿال به هڪ لحاظ کان حقيقت نگار آهن پر انهن وٽ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏوهارين، ڦورن ۽ مهم جوئين جو احوال آهي. جيين آسٽن وٽ بہ فارغ وچولي طبقي جا ڪردار آهن. وري مادام بووري جي زندگي جا چٽ معروضي انداز ۾ ۽ هڪ فاصلي کان چٽيا ويا آهن. انهن ۾ ڪنهن بہ طرفداري جو مظاهرو ٿيل نہ آهي. حقيقت اها آهي تہ انهي دوران ليکڪ بلڪل جذبن کان خالي رهيو آهي ۽ هو انهي ڪتاب تي ڇهن ورهين جي ڪشالن پريي ڪم ۾ اڪثر چوندو رهندو هو تہ ڪيس "پاڻ کي بنهہ معمولي ڳالهين ۾ بوڙي ڇڏڻو ٿو پوي"

سڀ کان آخر ۾ اها ڳالهہ تہ ڪتاب پنهنجي ڪنهن حد تائين شرم جهڙي مواد جي باوجود بي مثال ڪماليت واري اسلوب ۾ لکيل آهي. ليکڪ هڪ اهڙو ناول لکڻ جو ڪم هٿ ۾ کنيو هو جنهن ۾ هڪ جملو يا هڪ لفظ بہ غير اهم نہ هو. هو هڪ آرٽسٽ جي حيثيت ۾ لکندو هو ۽ ڊڪنس ۽ بالزڪ... اهي جهڙي پايي جا عظيم ڏات ڌڻي هئا... وانگر نہ جيڪي اهڙن ليکڪن وانگر لکندا هئا جن کي جڻ تہ پريس کي ڪاپي پهچائڻ جي تڪڙ هجي. فلابرٽ چيو هو تہ کيس ڪڏهن ڪڏهن هڪ صفحو لکڻ لاءِ اٺ ڏينهن لڳي ويندا هئا. هو چاهيندو هو تہ سندس لکٽي ڪنهن بہ شي، جاءِ، حالت يا شخص جي لاءِ اظهار جو مڪمل ذريعو هجي. هو جيڪا بہ شي لکندو هو انهي کي آواز سان پڙهڻ جي پرک تي پورو لهڻو پوندو هو جيئن سندس فقرن جو ترنم ۽ ڇُرپر مڪمل ڏسڻ ۾ اچي. هو چوندو هو تہ: "ڪو بہ فقرو درست تڏهن ليکجڻ ۾ ايندو جڏهن اهو ساهہ کڻڻ جي سيني ضرورتن جي مطابق هوندو. خراب جملو سيني تي بار هوندو آهي، دل جي ڌڙڪي ۾ رڪاوٽ وجهندو آهي، انهي ڪري بي جان هوندو آهي".

هاڻي هڪ صدي يا وڌيڪ عرصو گذرڻ کان پوءِ بہ فلابرٽ جي لکڻ جو اسلوب، سندس ادراڪ جي چٽائي ۽ سندس بيانن جي درستگي انهي ڪتاب جي گهڻو ڪري تڪليف ده واقعن کي بہ يادگار بڻائي ڇڏين ٿيون. مثال طور ايما جو بيون دفعو "ثابو ڪائڻ ڪير وساري سگهندو جڏهن هو وڪيل جي منشي ليون (Leon) سان روئين ڪيٿيڊرل ۾ ڳجهي ملاقات ڪري ٿي اتي چرچ جو رسمن جو آفيسر (Beadle) انهن کي انهي گرجا گهر جي تاريخ بابت مڻ مڻ ڪندي ڳالهيون ٻڌائيندي تڪائي ٿو ڇڏي ۽ آخرڪار ليون جڏهن ايما کي هڪ گاڏي ۾ ويهاري گاڏي واري کي چوي ٿو تہ جيڏانهن سندس مرضي هجي اوڏانهن هليو وڃي. هو جتي بيهي ٿو اتي هڪ ڪاوڙيل آواز اڳتي هلڻ تي زور ڀري ٿو. هو سڄي بيپهري کان شام

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تائين بي مقصد گاڏي هلائيندو رهي ٿو. اها ايما جي زندگي ۾ بي ترتيبيءَ جي هڪ علامت آهي.

”ننڍين شهرن ۾ اهو ڏاڍو غير معمولي منظر هو جو ڪنهن گاڏيءَ جا پردا بند هجن. اها ڪنهن مقبري کان به وڌيڪ بند پئي ڏسڻ ۾ آئي ۽ ڪنهن جهاز وانگر لوڏا کائيندي ٿي هلي. انهي تي گهٽين ۾، ڪنڊن ۾، گوديءَ ۾، وڏين نادين ۽ ٻرمن جي وچ مان اها گاڏي جتان به لنگهي ٿي اتي ٻيلا ماڻهو حيرت مان اکيون ڦٽي منظر ڏسي رهيا هئا“.

انهي دوران اچي ڏينهن جو هڪ ڪليل علائقي ۾ جڏهن سج به روشن لڳو بيٺو هو هڪ ڪپڙن کان خالي هٿ دري تي لڳل ڦڪي رنگ جي ڪينواس جي ڪپڙي مان ٻاهر نڪتو ۽ ڪاغذ جا ڪجھ ٽڪرا ٻاهر اڇلايائين جيڪي هوا ۾ پکڙجي ويا ۽ اڳتي هلي بهار ۾ آيل ڳاڙهي برسيم جي ٻني ۾ پوپٽن وانگر پکڙجي ويا. گاڏي ڇهين بجي ڌاران هڪ پٺئين گهٽي ۾ بيٺي ۽ هڪ عورت هيٺ لٿي. اها پٺتي ڪنڌ ورائڻ کان سواءِ هلي وئي. سندس منهن جو نقاب به هيٺ ٿي هو.

ايما بوورِي نارمنڊي (فرانس جو هڪ صوبو. سنڌيڪار) جي هڪ آبادگار جي ڌيءَ هئي جنهن کيس هڪ ڪانوينٽ ۾ اعليٰ تعليم ڏياري هئي. هن جو ذهن ڏاڍو تيز هو ۽ مذهبي عقيدن جي سوالن جوابن واري ڪتاب مان به سموري ڪلاس مان پادري کي سڀ کان سٺا جواب ڏيندي هئي. پر هن ٻاران گهر ڇڏڻ کان اڳ سندس مزاج جي تشڪيل ٿي وئي هئي ۽ سندس ڀرٿين مذهبي دور ۾ هوءَ بيمار گهيٽڙي رت ڳاڙيندڙ دل ۽ صليب هيٺان ٻڏندڙ يسوع مسيح جي شبيه کي پسند ڪندي هئي پر عشاء رباني ۾ شرڪت نه ڪندي هئي. هوءَ گناهن جي اعتراف وقت ننڍا ننڍا گناهه دليئون پئي ناهيندي هئي جيئن هو ڇانوري ۾ گهڻو وقت گوڏن ڀر جهڪي بيٺي هجي. سندس هٿ ڇارين تي هڪ ٻئي ۾ گڏيا پيا هوندا هئا ۽ پادريءَ جي ڀڻ ڀڻ پئي ٻڌندي هئي. ڪانوينٽ ۾ ڦاٽل چادرن ۽ ڪپڙن کي ٽوپو ڏيڻ هڪ پوڙهي خدمتگار ايندي هئي کيس گذريل صدي جا گيت ياد هوندا هئا. اها ڇوڪرين کي معاشقن جون ڳالهيون ٻڌائيندي هئي ۽ انهن کي اهڙا رومانوي ناول ۽ ڪهاڻين جا ڪتاب آڻي ڏيندي هئي جن ۾ اڪيلين تفريح گاهن ۾ بيهوش ٿيل عورتن کي قتل ڪرڻ بيتاب عاشقن ٻاران گهوڙن کي ٻوڙائي سهڪائي ماري ڇڏڻ

ڳوڙهن. سڏڪن. قسمن. وٽن جي جهڳٽن ۾ بلبلن ۽ شينهن جهڙن دلير پر گهٽي جهڙن نرم دل مردن جا قصا بيان ٿيل هوندا هئا.

هو منڊ ۾ ڏاڍي سٺي ڇوڪري هئي پر جڏهن سندس پيءُ کيس ڪانوينٽ مان وٺي ٿي ويو ته راهبائن کي کيس ويندي ڏسي ڪو ڏک نه ٿيو. "سندس طبيعت" فلابرٽ لکي ٿو "چرچ کي فقط گلن جي ڪري پسند ڪندي هئي. موسيقي کي فقط گيتن جي لفظن جي ڪري پسند ڪندي هئي ۽ ادب کي انهي مان ملندڙ جذباتي هيجان جي سبب پسند ڪندي هئي. سندس طبيعت نظم ضبط جي سبب چڙچڙي ٿيڻ لڳي ته هن مذهب جي اسرارن خلاف به بغاوت ڪري ڏني. نظم ضبط سندس مزاج جي سخت خلاف هو."

ايما ڪانوينٽ مان وچ اوڻيهين صدي جي مڪمل رومانوي عورت جو روپ وٺي نڪتي. چارلس بووري سان پرڻو سندس مقدر ۾ لکيل هو. هو هڪ مقامي ڊاڪٽر هو. هو هڪ غير تصوراتي ذهن رکندڙ ڪمزور شخصيت جو ماڻهو هو جيڪو ايما کي ڪنهن به لحاظ سان پاڻ ڏانهن ڇڪي نه سگهيو. هو پنهنجي زال جي جذباتي سيپاءِ ۾ حد کان وڌيل رومانوي ڳالهين جي اصلاح نه ڪري سگهيو. پر هن کي ته انهن جي موجودگي جي ئي خبر نه هئي. ايما کي اهڙي مڙس جي ضرورت هئي جنهن کي هوءَ چاهي پر هن ۾ ته اهڙي ڪا ڳالهه به نه هئي جن جي آڌار تي هن جي عزت ٿئي. هو ويچارو هڪ ڊاڪٽر هو. هن جي ته به دفعا پنهنجي گهر گهرايل رفيق ڪارن حق تي بيعزتي به ڪئي هئي. هن جي زندگي ۾ هڪ اهم واقعو اهو به هو جڏهن هڪ مقامي معزز هڪ نوجوان شادي شده جوڙي جي مان ۾ ڏنل ڊانس پارٽي ۾ ايما کي دعوت ڏني. هن اتي امير ماڻهن کي پنهنجن قيمتي ڪپڙن ۾ ڏٺو ۽ ناهوڪن نوجوان مردن سان ڊانس ڪيائين.

انهن جي هر ڳالهه مان دولت جو انداز ظاهر ٿي رهيو هو. انهن جي صاف رنگت. چيني جي ٿانون جي ٻيلاٽ. ساٽن جي ڪپڙن جي تجلن. پراڻي قيمتي فرنيچر جي چمڪ سبب اجا وڏي وئي هئي. انهن جي هيٺ لڳل ٿائين مان سندن ڳچيون آزادي سان هيڏانهن هوڏانهن لڏي رهيون هيون. انهن جا ڊگها شهپر انهن جي هيٺ ورپل ڪالرن تي لڙڪي رهيا هئا. اهي تمام لطيف خوشبو وارن ٻيرت پريل رومالن سان پنهنجا چپ اگهي رهيا هئا. جيڪي ماڻهو پوڙها ٿي رهيا هئا انهن ۾ به نوجواني جو هڪ انداز هو جڏهن ته نوجوانن جي چهرن مان به هڪ قسم جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پختگي پئي نظر آئي. انهن جي خالي نظرن مان اهڙن جذبن جو اظهار پئي ٿيو جن جي روزانو تسڪين پئي ٿيندي هئي ۽ انهن جي طور طريقن جي نفاست مان هڪ اهڙي مخصوص وحشانيت ٿمي رهي هئي جيڪا اڌ آسان شين تي مڪمل ڪنٽرول جو نتيجو هوندي آهي يعني خالص نسل جي گهوڙن جي سار سنڀال ۽ چڙواڳ عورتن جي صحبت.

انهي تجربي سندس زندگيءَ ۾ هڪ وڏو خال پيدا ڪري ڇڏيو. اهو خال هڪ اهڙي وڏي ڏرڙ وانگر هو جيڪو ڪڏهن ڪڏهن هڪ مختصر رات جو طوفان ڪنهن جبل ۾ پيدا ڪري ڇڏيندو آهي. ايما ڪنهن اهڙي ملاح وانگر هئي جنهن جو جهاز تباهه ٿي ويو هجي ۽ هوءَ پنهنجي زندگي تي نراسائي وچان نظر وجهندي چڻ افق ۾ ڪنهن سفيد سڙهه جي ڳولها ۾ هجي. هن پنهنجي ڊرائنگ ۽ موسيقي کي تياڳ ڏئي ڇڏيو ۽ پيرس جو هڪ نقشو خريد ڪيائين. هن پنهنجي گهر ۽ پاڻ کي توجهه ڏيڻ ڇڏي ڏني. سفيد ڪاٽن جا جوراب پهرڻ شروع ڪيائين ۽ پيلي رنگ جون تمام سستيون ميڻ بتيون خريد ڪرڻ لڳي.

پوءِ ڪا ڳالهه ٿي پئي. اهي يون وائيل لڏي ويا. اهو روئين جي ويجهو هڪ وڏڙو ڳوٺ آهي. اتي ايما ليون سان ملي. اهو هڪ وڪيل جو نوجوان منشي هو. هو ڪنهن حد تائين زناني ڏيک ڏيندڙ ۽ ساڳيا رومانوي خيال رکندڙ هو. انهن ٻنهي کي سمنڊ، جبل ۽ سير سفر وڻندو هو ۽ هو گٽار پڻ وڄائيندو هو. انهي جذباتي ساٿ انهن ٻنهي کي مطمئن ڪيو. پر ليون پنهنجو امتحان پاس ڪرڻ پيرس ويو هليو ۽ ايما جي زندگي وري خالي ٿي وئي. هن جي عمر لڳ ڀڳ ٽيهه ورهيه هئي. هن کي هڪ چڱي عمر جي ڌيءَ به هئي پر انهي ڪنهن به لحاظ کان سندس رومانوي اشتهائن کي گهٽ نه ٿي ڪيو. پوءِ ايم. روڊولف بولينجر منظر تي اچي ويو. اهو هوندي سوندي وارو هڪ ننڍو زميندار هو ۽ عورتن جو به گهڻو تجربو هوس. هن ڪيس ورغلائڻ جو فيصلو ڪيو. چاڪاڻ ته هڪ پاسي سندس مڙس هو ڌيءُ هئي وري آسپاس ڳالهيون به ٿين ها ته به هو زردي رنگ ۽ چيندڙ اکين وارين عورتن جو ديوانو هوندو هو. هوءَ پنهنجي منهن چوڻ لڳي ته هاڻي آخرڪار مون کي به هڪ عاشق مليو، ويو ۽ جيئن فلابرٽ لکيو آهي: "بدڪار عورتن جي ميڙ سندس قصيدا ڳائڻ شروع ڪيا ۽ کيس پنهنجن آوازن جي جادو سان موهڻ لڳيون".

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روڊولف جي اتڪلن ۾ اها ڳالهه به شامل هئي ته هو اها خبر چار به رکندو هو ته ڪنهن عورت کي خوش ڪرڻ جو صحيح طريقو ڪهڙو ٿيندو. هو هن سان گڏ جهنگ ۾ گهوڙي سواري ڪندي سندس اميدن ۽ آسرن کي ممڪن ۽ ٺيڪ جوڳو ڪري پيو پيش ڪندو هو. هو پوءِ ڪڪ ٿي پيو. هوءَ محبت ۾ گهٽي اڳتي نڪري وئي هئي ۽ پڇي هلڻ پٺي گهرپائين. هو انهي جي خواهش آڏو آڻ مڃي ٿو وئي ۽ اهي وينس وڃڻ جي رٿ رٿين ٿا. هو عين وقت تي ايما ڏانهن ”پنهنجي وڏي محبت کان دستبرداري“ جو خط لکي ٿو. ايما ڏاڍي بيمار ٿي پوي ٿي. روڊولف ڪيس سڀ کان وڌيڪ انهي ڪري به مطمئن ڪيو هو جو هن وڏي هوشياري سان سندس اهي ضرورتون پوريون ڪيون ٿي جيڪي ڪيس ڪنهن عاشق ۾ گهربل هيون. هن سندس ڪڪ ٿيڻ کي بائرن سان تشبيهه ٿي ڏني ۽ سندس وحشانيت کي ڪنهن ڪاوڙباز عاشق جي مماثل ٿي قرار ڏنائين. تنهن ڪري سندس هٿان هليو وڃڻ ايما لاءِ فقط ڪنهن خوشگوار تجربي جي پڄاڻي نه پر سندس روح لاءِ هڪ زخم هو. هوءَ آهستي آهستي چاق ٿيڻ لڳي. سندس شديد رومانويت کي ڪجھ وقت لاءِ نيڪوڪاري، مذهبي ڪمن ۽ خيراتي ڳالهين ۾ حصو وٺڻ سان تسڪين ملڻ لڳي.

پر اهو ڪم گهڻو وقت نه هلي سگهيو. ليون روئين ۾ وڪالت ڪرڻ لاءِ واپس اچي ويو. هاڻي جيتوڻيڪ اهو ليون ئي هو جنهن ڪيس گاڏيءَ ۾ ورغلايو هو ۽ هن معاملي جي اڳواڻي ڪندي سندن معاشقي ۾ بالادست شريڪ جو ڪردار ادا ڪيو هو. هوءَ پنهنجي بيوقوف مڙس کان هفتي ۾ به دفعا روئين وڃي موسيقي سکڻ جي موڪل وٺي ٿي. هو ۽ ليون هڪ اهڙي هوٽل ۾ رهن ٿا جيڪو شهر جي انهيءَ حصي ۾ واقع آهي جيڪو ٿيٽرن، سرائن ۽ رنڊين لاءِ مخصوص آهي. هن بووري کان سندس معاملا هلائڻ لاءِ پاور آف اٽارني وٺي ڇڏيو هو ۽ هڪ ننڍڙي ملڪيت کي جلدئي ڦوڪي دُف ڪري ڇڏيائين. هن کي جنهن قسم جي پوشاڪ جي سڌ ٿئي ٿي اها وٺي ٿي ۽ گهر ۾ به پنهنجي خوشي ۽ شوق جي موڊ مطابق مهانگا مهانگا غاليچا ۽ پردا وٺي ٿي.

يون وائيل ۾ رهندڙ ايل هيريو نالي هڪ روايتي چرب زبان ۽ لالچي واپاري ڪيس يون وائيل ۾ بنا روڪ ٽوڪ قرض ڏيندو رهي ٿو ۽ آخرڪار سندس پئسو ڦٻائي ٿو. جيئن جيئن سندس معاشقي مان اها جذباتي تازگي ختم ٿيندي

وجي ٿي ۽ ڪيس حرام ڪاريءَ ۾ به اهي ئي پراڻيون شادي واريون عام رواجي ڳالهيون نظر اچڻ لڳن ٿيون ته سندس مالي معاملا به خراب تر ٿيندا وڃن ٿا. هاڻي سندس مال ملڪيت وڪرو ٿيڻ جو وقت اچي ويو هو. هن جون جڏهن ايل هيريو کي سيئي منٿون ميڙون بيڪار ثابت ٿيون ۽ جنهن ڏينهن بيع نامو سندس گهر جي دروازي تي چنبڙايو وڃڻو هو انهي ڏينهن هو بي ڪا واهه نه ڏسي مقامي وڪيل وٽ ڊوڙي وئي ۽ هن کان اٺ هزار فرانڪ اڌارا گهريائين. هن کيس ورغلائڻ جي ڪوشش ڪئي پر هن انڪار ڪري ڇڏيو. پوءِ هوءَ ٽيڪس ڪليڪٽر وٽ ۽ آخر ۾ روڊولف وٽ سندس پر آسائش ڀهراڙي واري بنگلي ۾ وئي. پر ڪجه به نه وريو. هن سنکيي جي لپ ڦڪي ڇڏي ۽ فلابرٽ سندس موت جي بيڙا ڏاڍي تفصيل سان بيان ڪئي ته ڪيئن هن صليب کي چميو ۽ ڪيئن سندس جسم ۾ پيدا ٿيل ردعمل جي نتيجي ۾ سندس لوچ پوچ ڪجه سيڪنڊن لاءِ ختم ٿي وجي ٿي ۽ هوءَ هڪ ننڍڙي آئيني ۾ پاڻ کي ڏسي روئي پوي ٿي.

ڪجهه نقادن انهي ڳالهه جي نشاندهي ڪئي آهي ته فلابرٽ جي ڪتابن مان حد کان وڌيڪ قنوطيت ۽ وچولي طبقي کان اجائي نفرت جو اظهار ٿئي ٿو. انهن نقادن جو چوڻ آهي ته اها ڳالهه غير فطري لڳي ٿي جو ايما جو نصيب ايترو خراب هجي جو هن جي شادي چارلس بووري سان ٿئي. وري روڊولف جهڙو خودغرض ماڻهو کيس ورغلائي وري کيس ليون جهڙو عورتاڻو انداز رکندڙ هم خيال روح ملي ۽ وري کيس ٻيو عاشق به اهڙو ئي ملي جيڪو سندس اندروني ضرورتن لاءِ ڪنهن ڪم جو نه هجي. وري هن جي آسپاس اهڙا ماڻهو گڏ ٿي وڃن ٿا جن کي جيڪڏهن بچڙا نه چئي سگهبو. حقيقت ۾ ناول ۾ اهڙا ڪي به ڪردار ڪونهن جن لاءِ اهو لفظ ڪتب آڻي سگهجي. ته به اهي چسا, حساس طبيعت بابت ڪنهن به ڄاڻ کان وانجهيل, خودغرض, لوبي ۽ ننڍڙي سوچ وارا آهن. هوميس نالي دواساز جي تصوير به ڏاڍي عجيب نموني پيش ڪئي وئي آهي. هو هڪ پادرين مخالف دانشور آهي. هو جيتوڻيڪ نامهربان شخص نه آهي پر ڏاڍو سطحي ۽ غير تصوراتي ذهن جو مالڪ آهي. چا کيس گهٽ ۾ گهٽ هڪ يا ٻن اهڙن ماڻهن سان نه ملڻ گهربو هو جيڪي کيس صحيح نموني سمجهن ٿا.

ايما بووري جي زندگي هڪ ٽرئجڊي نه آهي چاڪاڻ ته انهي ۾ هر ڳالهه دستور مطابق هئڻ جو عنصر موجود نه آهي. هو پنهنجي رومانويت پرستي سبب

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن دکدائڪ انجام تي پهتي انهي جو سبب سندس غلط جاءِ تي شادي ۽ وري سندس زندگي ۾ واقع ٿيندڙ هنگامي حالتون هيون. سندس آسپاس موجود حالتن يا ماڻهن ۾ ڪا به شرافت نه هئي. انهي ڪتاب کي اجوڪي اصطلاح ۾ "A Slice of Life" چئي سگهجي ٿو. جنهن وڏي گهرائي سان نظر وڌي وئي هجي. ايما هڪ تمام جاندار ڪردار آهي. عظيم فرانسي نقاد ايملي فيگي (Emile Fagnet) ايما بابت لکيو آهي: "مادام بووري لافاني مادام بووري شيڪسپيئر ۽ بالزڪ سميت آءٌ جنهن به ادب کان واقف آهيان انهي ۾ ڪنهن به عورت جو سڀ کان وڌيڪ مڪمل ڪردار آهي. فلابرٽ سندس سوانح حيات جو هڪ خاڪو ڏيڻ تي مطمئن نه ٿيو. هن ڏاڍي صبر سان هڪ تفصيلي سوانح عمري لکي آهي جنهن ۾ ڪنهن ڪردار جي ضروري ارتقا اهو هڪ بئي پنيان جن تبديلين مان گذري ٿو ۽ جيڪا پڄاڻي لازماً واقع ٿيڻي آهي انهي جو ڏاڍي صبر سان ڪڏهن سالوار نه ڪڏهن ڪڏهن نه روزاني روز جو احوال نهايت احساس ۽ سمجهداري سان ڏيندو ويو آهي. اهو هڪ اهڙي روح جي مڪمل زندگي جو احوال آهي جيڪو پاڻ کي اسان جي اکين جي سامهون هڪ اهڙي اندروني منطق سان کوليندو وڃي ٿو جيڪا انساني روح جي واڌويجهه تي اثر انداز ٿئي ٿي.

سندس رومانوي مرض - جيڪڏهن ڪير ڪيس انهي نالي سان سڏي ٿو - جو سبب اهو آهي ته هو سدائين افق کان اڳتي جيئڻ تي اصرار ڪري ٿي. انهي مرض هو هڪ سبب اهو به آهي ته هوءَ اسان جي آسپاس موجود شين مان انهن جو اثر ۽ ذائقو انهن جي لطافت، انهن جون وڻندڙ خصوصيتون ۽ انهن جي شاعري اخذ ڪرڻ جي صلاحيت نه ٿي رکي. انهي رومانوي مرض جو سبب اها سوچ آهي ته اهو ذائقو اها لطافت، اها پسنديدگي ۽ شاعري اتي موجود هوندي آهي جتي ماڻهو پاڻ موجود نه هوندو آهي. اهو ئي سبب هو جو فلابرٽ جنهن جي پنهنجي سڀاءَ ۾ مضبوط رومانوي اثر موجود هو جنهن کي آرٽ سان سندس لڳاءَ ذريعي تخليقي صلاحيت ملي. پنهنجي هيروئين بابت چيو "Madam Bovary, Cest moi".

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوپرو نہ سمجھندو ھو. جيتوڻيڪ ”مون وٽ ڪا بہ خرچي نہ ھوندي ھئي ۽ ورلي ئي ڪي سنا ڪپڙا ھوندا ھئا“. بہ ورھيہ پوءِ ھن ونچيسٽر ۾ جاءِ حاصل ڪري ورتي.

مسٽر ٽرولوپ ھاٽي جيوليئنس جو خرچ نہ پيو برداشت ڪري سگھي تنھن ڪري ھو پنھنجي ڪٽنب کي ڪجھ وڌيڪ سادي جاءِ ۾ وٺي آيو. انھي جو نالو Julians Hill ھو. ھن ھاڻي نئين دنيا (آمريڪا، سنڌيڪار) ۾ دولت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ پنھنجي سڀ کان وڏي بيوقوفي ڪئي. ھن سنسناٽي ۾ جيڪا Grand Baazar کولي اھا بلڪل ناڪام ٿي ۽ سندس رھيل موڙي انھي ۾ ڦاسي پئي ۽ ھو انگلينڊ موٽي آيو جتي ھو ويو ھيناھين ۾ ڪرندو. ھن ھڪ گندو فارم ليز تي ورتو ۽ اينٿوني کي بہ ونچسٽر مان اٿاري ڊي بٺاء طور ھيرو موڪلي ڇڏيائين. اينٿوني سوڙھين گندين گھٽين مان ٿي ميل پنڌ ڪري اسڪول پھچندو ھو ۽ ھو جڏھن مٿي ۽ گپ ۾ پرجي اسڪول پھچندو ھو تہ اھا ڳالھ سياويڪ آھي تہ ڪير بہ ڪيس پنھنجي پرسان ويھڻ نہ ڏيندو ھو. ”آءٌ ارڙھن مھينا پنھنجي زندگي جي شايد سڀ کان گندي دور جا سور ۽ سختيون سھندو رھيس“. ٽرولوپ پنھنجي آتم ڪھاڻي ۾ لکيو آھي.

فرانسس ٽرولوپ جي واپس اچڻ ۾ سندس ڪتاب Domestic Manners of the Americans ڇپجڻ سان صورتحال عارضي طور بھتر ٿي وئي. انھي ڪتاب جو گھڻو وڪرو ٿيو ۽ انھي مان حاصل ٿيل رقم مان ھن تمام تڪڙا قرض لاٿا ۽ ڪٽنب کي Julians Hill ۾ واپس وڃي رھايو. پر ھن 1834ع ۾ محسوس ڪري ورتو تہ جھاز چڱي طرح ٻڏي چڪو ھو. ھن پنھنجي مڙس کي Ostend وڃڻ تي آماده ڪيو ۽ پاڻ اينٿوني ۽ ٻين ٻارن کي وٺي Burges وئي ھلي. پنيان جيولينز ھل کي شيرف جي آفيسرن پنھنجي قبضي ۾ وٺي ڇڏيو.

اينٿوني جي عمر ھاڻي اوڻيھہ ورھيہ ھئي. ھن وٽ نہ ڪا تعليمي ڊگري ھئي نہ ئي ڪا اڳتي وڌڻ جي اميد ھئس. ھو 1834ع جي سرء جي منڊ ۾ لنڊن موٽي آيو ۽ سندس ماءُ ھن لاءِ پوسٽ آفيس ۾ جونيئر ڪلارڪي جي جيڪا نوڪري ورتي ھئي ھو انھي تي وڃي چڙھيو. ھن جو اتي ڪو دوست نہ ھوندو ھو. اڪ بڪ اڪ ڊڀ تي پيو ھلندو ھو. پنھنجو ڪم بہ بي دلي سان پيو ڪندو ھو جو انھي کان ڏاڍي نفرت ھوندي ھئس. پر ھُن سرائن ۾ رھڻ يا پُرھجوم گھٽين ۾ اڪيلو گھمڻ سان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مشاهدي جي قوت حاصل ڪري ورتي. هن کي جيئن ته ڊپ هوندو هو ته هو نوڪري جي ڪم ڪار سبب باقي زندگي ٽيبل سان ٻڌجي ويهجي نه وڃي تنهنڪري هن Banagher ۾ سرويئر جي ڪلارڪ جي نوڪري لاءِ درخواست ڏني. کيس اها معمولي نوڪري ملي وئي.

آئرلينڊ اينٿوني کي مڪمل طور تبديل ڪري ڇڏيو هو. آئرستانين کيس پنهنجي موهه ۾ موهي ڇڏيو هو. هن کي پنهنجي ڪم مان مزو اچڻ لڳو. هو پنهنجي ڪم جي سلسلي ۾ هيڏانهن هوڏانهن ويندو رهندو هو ۽ انهي کي صحيح نموني ڪندو هو. هن شادي ڪئي. ٻه ڀيرا ٽيس پروموشن ٽيس ۽ هاڻي جو خوش ۽ مطمئن رهڻ لڳو ته لکڻ جي ڪم ڏانهن به توجه ڏنائين. هن جيڪي ٽي ڪتاب لکيا اهي ڇپيا پر انهن کي ڪا مشهوري نه ملي. کيس 1851ع ۾ ذڪڻ- اولهه وارين ڪائونٽين جي ڀهراڙي وارن علائقن ۾ ٽپال پهچائڻ جي ڪم کي منظم ڪرڻ لاءِ انگلينڊ گهرايو ويو. سندس ذات کي اڳتي هلي جن بنيادن تي ڪم ڪرڻو هو اهي تڏهن ئي پوڻ شروع ٿيا. انهي ڪم ۾ هن کي جيڪي ٻه ورهيه لڳا انهي ۾ هن انگريزي ماحول ۾ اتان جي سماج جي طبقن جي بي مثال ڄاڻ حاصل ڪري ورتي. سيني کان وڌي ڳالهه ته پادرين جو متاهون طبقو جيڪو اثر رسوخ ڪم آڻيندو هو. هُو انهي کان به مڪمل طور واقف ٿي ويو. سالسبري ڪيٿيڊرل جي آسپاس گهمندي ئي The Warden جو تصور سندس ذهن ۾ آيو هو. هن اهو ڪتاب 1854ع ۾ پورو ڪيو ۽ اهو ايندڙ سال لانگ مئن، براؤن، گرين ۽ لانگ مئنز وارن شايع ڪيو.

ٽرولوپ جو پهريون بارسيٽ ناول مسٽر هارڊنگ بابت آهي. هو بارچيسٽر ڪيٿيڊرل جو پريسينٽر (گرجا گهر ۾ موسيقي جو بندوبست ڪندڙ ننڍو پادري سنڌيڪار) ۽ هِرام هاسپيٽل جو وارڊن هو. هرام هاسپيٽل ٻارهن ٻيرسن مردن لاءِ هڪ خيراتي ادارو هو. هن جي پگهار 800 پائونڊ ساليانو آهي. هو ننڍي ڌيءَ ايلينور سان گڏ رهندو آهي. (سندس وڏي ڌيءَ آرڪ ڊيڪن گرانٽلي جي زال آهي) کيس بنا مسواڙ جي هڪ آرامده گهر مليل آهي. هو انهي ۾ رهندو آهي. جان بولڊ نالي هڪ اصلاح چاهيندڙ نوجوان سرجن چرچ وارن تي الزام هڻي ٿو ته اهي خيرات جا فنڊ غلط نموني ڪتب آڻين. تنهن ڪري هو ڪورٽ ۾ ڪيس وجهڻ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو فيصلو ڪري ٿو. مسٽر هارڊنگ هڪ سئو ۽ ڪرو ماڻهو آهي. هو سمجهي ٿو ته ڪيس پگهار وڌيڪ ٿي ملي پر جيئن ته هن وٽ پنهنجا ڪي وسيلا نه آهن جن جي آڌار تي ايلينور جو خرچ برداشت ڪري تنهن ڪري هو دنيا دار آرڪ ڊيڪن گرانٽيلي کي موڪل ڏئي ٿو چڙي ته هو پنهنجي ضمير جي چهنڊڙين کي نظرانداز ڪري چڙي ايلينور ۽ جان بولڊ هڪٻئي جي دام محبت جا اسير ٿي چڪا آهن ۽ ايلينور ڪيس چوي ٿي ته هو ڪيس تان هٿ کڻي وڃي. پر هن پاران گهر پهچڻ کان اڳ ئي سندس پيءُ پنهنجي وويڪ جي واٽي ٻڌندي پنهنجي استعفا ڏيڻ لنڊن هليو ويو هو. ايلينور جان سان شادي ڪري ٿي ۽ مسٽر هارڊنگ سينٽ ڪٿ برٽس واري ننڍڙي جاءِ ۾ 75 پائونڊ ساليانې پگهار تي ڏاڍي اطمينان سان رهڻ لڳي ٿو. ويچاري ايلينور پٽ ڄمڻ کان اڳ ئي بيوهه ٿي وڃي ٿي. پر سندس مڙس هن لاءِ خرچ پکي جو چڱو بندوبست ڪري وڃي ٿو. هوءَ نوجوان ۽ سهڻي آهي. موجوده ڏک جي بدلي ۾ ڪيس مستقبل ۾ آٿت ملي سگهي ٿي.

بارچيسٽر ٽاورز ۾ دي وارڊن جو سلسلو اڳتي وڌايل آهي. اهو 1857ع ۾ شايع ٿيو ۽ اهڙي طرح هڪ عظيم انگريز ناول نگار جي ڏگهي ادبي سفر جي صحيح معنيٰ ۾ شروعات ٿي.

ڊاڪٽر پرائوڊي لوچرچ (Low Church) سان لاڳاپيل هڪ پادري آهي. هو بارچيسٽر جي چرچ جي خالي جاءِ تي تازو ئي مقرر ٿيو آهي. هو غريب ۽ ڪمزور ماڻهو آهي. سندس بارعب زال ۽ انهي ئي پاران سندس لاءِ چونڊيل چيپلن ريورنڊ اُبيديا سلوپ هن تي حاوي رهن ٿا. مسٽر سلوپ جا وار سڌيا ڳاڙها آهن. منهن ڪِني ڳائي گوشت وانگر اجا وڌيڪ ڳاڙهو اٿس. پيشاني پگهريل ۽ هٿ اڻ وڻندڙ نموني گِهميل هوندا اٿس. سندس خوشامدي ۽ چاپلوسي واري هلت پٺيان طاقت ۽ اختيار جي بک پٺي جهلڪا ڏيندي اهي. مختصر طور چئجي ته چيپلن اهو پڪو ارادو ڪري چڏيو آهي ته هو بشپ سان گڏوگڏ بشپ جي زال تي به حڪمراني ڪري ۽ سموري حلقي جو سڀ کان بااثر ماڻهو ٿي رهي.

جڏهن آرڪ ڊيڪن گرانٽلي ۽ مسٽر هارڊنگ مسٽر پرائوڊي جي گهر آيا ته مسٽر سلوپ جي گستاخاڻي هلت گرانٽلي کي نفرت ڏياري ۽ مسٽر هارڊنگ کي به اهو انداز نه وڻيو. بشپ جي ڪيٿيڊرل ۾ تاجپوشي جي موقعي تي به چيپلن اها

تقرير ڪئي جنهن ۾ "آواز جي ڊار" کي بہ "پاپائي" عمل ڪوني ننديائين. انهي تي آرڪ ڊيڪن ۽ وڏي درجي وارا سڀ پادري ڏاڍا ڪاوڙيا ۽ هن خلاف بدشد لفظ ڳالهيائون.

ڊاڪٽر پرائوڊي جي نئين جاءِ جي عظيم الشان افتتاحي گڏجاڻي مسز پرائوڊي لاءِ ڪنهن ڪم جي نہ رهي جڏهن خود ساختہ سائنورا ويسي نيروني کي اندر آڻي ڏاڍي سهڻي نموني ۾ هڪ صوفا تي ويهاريو ويو. اتي بنا دير سندس معزز مداحن جو ميڙ ڪيس گهيري ويو. اها قرت چوڪري ڊاڪٽر ويسي سلوپ جي ننڍي ڌيءُ آهي. هو چرچ ۾ پري بينڊري (هڪ اعزازي منصب سنڊيڪار) آهي. هن جي هڪ اطالوي بدمعاش سان شادي ٿورو وقت هلي هئي. انهي کان پوءِ هو هميشہ لاءِ معذور ٿي گهر موٽي آئي هئي پر سندس سونهن اهڙي جو اهڙي هئي. تڏهن کان وٺي مرداڻين دلين تي ڏاڍو اثرائتو جادو هلائيندي ڪيس چڱي آڻت ملي تي. هن فوراً مسٽر سلوپ کي جڪڙي ڇڏيو. سندس بي لڄي هلت تي مسز پرائوڊي تپي باهہ ٿي وئي. هن مسٽر سلوپ کي سينورا کي ايتري توجہ ڏيڻ تي ڏاڍو چيڙايو.

مسٽر هارڊنگ جي استعفا کان پوءِ هِرم هاسپيٽل جو ڪو وارڊن مقرر نہ ٿيو هو. هاڻي پارليامينٽ خيراتي ادارن جي لاءِ قانون سازي ڪئي انهيءَ اداري ۾ ٻارنهن پوڙهن مردن سان گڏ ٻارنهن پوڙهيون عورتون ۽ هڪ ميٽرن رکڻ جي بہ شق رکي وڃي ٿي ۽ وارڊن جي پگهار گهٽائي 450 پائونڊ ساليانو ڪئي وڃي ٿي. هر ڪنهن ائين ئي سمجهيو تہ نئون بشپ مسٽر هارڊنگ کي ئي ٻيهر مقرر ڪندو ۽ درحقيقت ڊاڪٽر پرائوڊي هن جي حق ۾ فيصلو بہ ڪري ٿو پر مسٽر سلوپ اهو نہ ٿو چاهي تہ پراڻن ماڻهن مان ڪنهن کي ترقي ملي. تنهن ڪري هو نئين وارڊن کي جيڪي ذميواريون ادا ڪرڻيون پونديون انهن تي ايترو تہ اڻ وڻندڙ نموني زور ٿو ڏئي جو مسٽر هارڊنگ کي اهو چوڻ کان سواءِ ٻي ڪا واهہ ئي نہ بچي تہ: "اهڙين حالتن جي پيش نظر توهان پلي بشپ کي ٻڌايو تہ مون کي اها آڇ قبول نہ آهي". ڊاڪٽر پرائوڊي کي حيرت ۽ افسوس ٿيو پر سندس زال جي سوچ اها نہ هئي. "سمورن پادرين توهان جي اختيار کي للڪارڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي". هن ڪيس چيو ۽ کيس اها صلاح ڏني تہ هو پڊنگ ڊيل جي نماڻي ريڪٽر مسٽر ڪئورفل Quirer ful کي وارڊن مقرر ڪري جنهن کي چوڏهن ٻار آهن پر ساليانو پگهار فقط 300

پائونڊ اٽس. هو مسٽر هارڊنگ کان گھڻو وڌيڪ اهل آهي ۽ اسان جي گهر ۾ به اسان جي لاءِ ڪارائتو ثابت ٿيندو“. هن پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو. بشپ به هٿيار ڦٽا ڪندي چئي ڇڏيو ته مسٽر سلوپ پهرين مسٽر ڪئورفل سان ملاقات ڪري

اها ڳالهه سياڻپ واري آهي ته مسٽر ڪئورفل ڏاڍو خوش ٿيو. ”مسٽر هارڊنگ کي اسپتال جي ضرورت نه آهي: سندس ڌيءُ بولڊ جي بيواهه کي 1200 پائونڊ ساليانو ملن ٿا“. هن مسٽر سلوپ کي ٻڌايو. انهي معزز ماڻهو فوراً رخ بدلائي ڇڏيو. هن سوچيو ته ڇو نه هو بولڊ جي بيواهه سان شادي ڪري ۽ سوني ڪُڪڙ جو پاڻ مالڪ ٿئي؟ ڌيءُ کي هٿ ڪرڻ لاءِ هن کي البت سندس پيءُ کي وارڊن جي نوڪري ڏيارڻي پوندي

اهڙي طرح مسٽر سلوپ ايلينور جي توجه حاصل ڪرڻ لاءِ مسٽر هارڊنگ جي تمام گهڻي تعريف ڪرڻ شروع ڪئي ۽ کيس به منٿون ڪرڻ لڳو ته هوءَ پنهنجي پيءُ کان فيصلو تبديل ڪرائي. ايلينور مسٽر سلوپ کي ته ڪڏهن به پسند نه ٿي ڪري پر هوءَ کيس مخلص سمجهي ٿي. هو هاڻي انهن وٽ تڪڙو تڪڙو اچڻ لڳي ٿو.

پر مسٽر سلوپ ئي اڪيلو ايلينور جي هٿ جو طلب گار نه آهي. سائنورا جي وڏي ڀيڻ شارلٽ اسٽين هوپ مسز بولڊ سان دوستي رکي آهي ڇاڪاڻ ته سندس ناهوڪي ۽ ڪڏهن به صحيح ڪم نه ڪندڙ ڀاءُ برٽي کي ڪا دولتمند زال ئي تباهي کان بچائي سگهي ٿي

مسٽر سلوپ بغير ڪنهن اختيار جي مسٽر ڪئورفل سان وڃي مليو ۽ کيس ٻڌايائين ته مسٽر هارڊنگ وارڊن بشپ جي آڇ رد نه ڪئي ۽ اهڙي طرح انهيءَ غريب ماڻهو کي دستبردار ڪرائي وڃي ٿو. مسز ڪئورفل ٻي ڪا واهه نه ڏسي مسز پرائوڊي ڏانهن ڊوڙي وڃي ٿي ۽ کيس وچ ۾ پوڻ لاءِ ليلائي ٿي. بشپ پنهنجي حجري ۾ مسٽر سلوپ سان گڏ ويٺو هو جو سندس زال وڃي مٿان پيئس ۽ کانئس وضاحت گهريائين. مسٽر سلوپ چيو ته هن بشپ کي صلاح ڏني هئي ته جيڪڏهن مسٽر هارڊنگ کي ٻيهر مقرر نه ڪيو ويندو ته عوام ۾ وڏي بدخواهي پيدا ٿي پوندي مسز پرائوڊي انهي غير ضروري مداخلت تي تپي باهه ٿي وڃي ٿي ۽ بشپ سان اڪيلائي ۾ ملڻ جو مطالبو ڪري ٿي پر ڪوتاهه انديشي جو مظاهر ڪندي چئي ويهي ٿي ته:

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون کي يا مسٽر سلوپ کي ڪمري مان فوراً نڪري وڃڻ گهرجي". انهي تي بشپ پٽڪو ڪيو: "ها! منهنجي جان، مسٽر سلوپ ۾ آءَ ڏاڍا مصروف آهيون". مسز پرائوڊي ناڪام ٿي ڪمري مان نڪري وڃي ٿي. هو مسز ڪئورفل کي خاطري ڪرائڻ وڃي ٿي ته سنڌس مڙس کي اسپتال ملندي

آرڪ ڊيڪن گرانٽلي سلوپ مخالف ٽولي کي طاقت وٺائيندي پنهنجي دوست مسٽر اربيين(Mr. Arabin) تي زور بار وجهي ٿو ته هو سينٽ ايوولڊس جي معمولي جاءِ قبول ڪري. مسٽر اربيين ڪنوارو آهي ۽ پنهنجي پيچيدي ڪردار جي باوجود وٽندڙ ماڻهو آهي. هن ڏاڍي غلطي سان پاڻ کي اها ڳالهه سمجهائي ڇڏي آهي ته کيس ترقي جي خواهش نه آهي ۽ پيو ته هو دنياوي خوشيون حاصل ڪرڻ ۽ شادي ڪرڻ وارو ماڻهو نه آهي. پر جڏهن هو ۽ ايلينور پاڻ ۾ ملن ٿا ته لڳي ٿو ته اهي ناهيائي هڪ ٻئي لاءِ ويا آهن.

ايلينور پنهنجي پيڻ ۽ پيٽيوي وٽ رهڻ وڃي ٿي ۽ آرڪ ڊيڪن گرانٽلي کي جنهن جا اڳيئي ايلينور وٽ مسٽر سلوپ جي گهٽي اچ وڃ ڏسي ڪن ڪڙا ٿي ويا آهن. اهو هن کان بغير ڪنهن رک رکاءُ جي پڇي ٿو ته ڇا هوءَ سلوپ سان شادي ڪرڻ چاهي ٿي. وري مٿان اهو به چئي ٿو ته: "مسٽر اربيين مون سان انهي ڳالهه ۾ يڪراءِ آهي ته هن گهر ۾ مسز سلوپ طور تنهنجو آڌرڀاءُ نه ڪيو ويندو". معصوم ايلينور ڏاڍي حيران به ٿئي ٿي ۽ کيس ڪاوڙ به ڏاڍي لڳي ٿي. هوءَ فوراً وڃڻ جي تياري ڪري ٿي پر انهي کان اڳ جو هوءَ رواني ٿئي مسٽر اربيين کيس التجا ٿو ڪري ته هو کيس معاف ڪري جو هن پنهنجي پر ۾ کيس صلاح پئي ڏني. مون کي فقط هڪ سوال جو جواب ڏي: "ڇا تون مسٽر سلوپ سان شادي ڪرڻ گهرين ٿي؟" هن ڏاڍي غير دانشمنديءَ سان پڇيو. "اهو سوال پڇڻ جو توکي ڪو به حق ڪونهي". ايلينور ڏاڍي هٺ سان ورائيو ۽ مسٽر اربيين جنهن کي عورتن جي دلين بابت ڪا به ڄاڻ نه آهي اهو سمجهي ٿو ته هاڻي سڀ ڳالهه هٿن مان نڪري وئي.

بارچيسٽر جي ڊين کي فالج جو دورو پوي ٿو ۽ هو مرڻ ڪنڌي تي پهچي وڃي ٿو. مسٽر سلوپ جي دل ۾ فوراً اهو عهدو حاصل ڪرڻ جي تمنا جاڳي ٿي ۽ هو واردن واري معاملي کي ڇڏي پنهنجي لاءِ حمايت حاصل ڪرڻ ۾ لڳي وڃي ٿو. مسٽر ڪئورفل کي سرڪاري طور واردن مقرر ڪيو وڃي ٿو ۽ آرڪ ڊيڪن گرانٽلي پاران مسٽر هارڊنگ کي انهي معاملي تي مهاڙو انڪائڻ لاءِ ايارڻ جون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ھوءَ ڪيس معاف ڪري. سنڌس اکيون ڳوڙھن سان پرجي وڃن ٿيون ۽ سنڌس منھن جي تاثرات مان خبر پوي ٿي تہ اربين جي محبت ڪي موٽ ملي رھي آھي. مس ٿارن، مسٽر ھارڊنگ ۽ گرانٽلي ڪٽنب جا ماڻھو انھن جي مڱڻي جو اعلان ڪندي ڏاڍا سرھا لڳا پيا ھئا. مسٽر ھارڊنگ آخرڪار اھو فيصلو ڪري ٿو تہ وڏي عمر جي سبب بارچيسٽر جو ڊين ٿيڻ جي قابل نہ آھي تنھن ڪري ھو انھي عھدي تي ترقي لاءِ ھڪ ٻئي اميدوار جو نالو پيش ڪري ٿو. انھي اميدوار کي بشپ ۽ ڊاڪٽر گرانٽلين جي بہ مڪمل پٺڀرائي حاصل آھي. اھو اميدوار سينٽ ايوولڊس جو ريڪٽر ۽ مسٽر ھارڊنگ جو ٿيندڙ نياڻو مسٽر اربين آھي.

بشپ ۽ سنڌس گھر واري مسٽر سلوپ کي گھٽو ئي برداشت ڪري چڪا آھن ڪيس عھدي تان برطرف ڪيو وڃي ٿو. "جناب عالي! منھنجو ڏوھہ ڪھڙو آھي؟" ھو پڇي ٿو. انھي تي مسز پراڻودي گجگوڙ ڪري ٿي. "سلوپ توکي شرم اچڻ گھرجي. تون انجيلي پادري آھين!" مسٽر سلوپ جڏھن اھو چوندي جوابي حملو ڪري ٿو تہ ڊاڪٽر پراڻودي ڪيس سنڌس زال جي چوڻ تي ھٽايو آھي تہ ھو جواب ڏئي ٿي: "توکي جيڪو وٺئي پلي پيو ماڻھن کي ٻڌاءِ پادري تنھنجي ڏوھہ ڪان نندين ڏوھن تي بہ عھدن تان ھٽندا رھيا آھن". ھاڻي مسٽر سلوپ کي احساس ٿي وڃي ٿو تہ راند سنڌس ھٿن مان نڪري وئي آھي. مٿان وري مسز پراڻودي ڪيس اھو بہ چوي ٿي تہ: "تون جيڪڏھن آسپاس ۾ رھڻ چاھين ٿو ۽ اھا ڳالھہ حلفيہ چوندين تہ تون انھي عورت سان وري ڪڏھن بہ نہ ملندين تہ بشپ تنھنجو نالو مسٽر ڪئورفل کي ڏيندو جنھن کي پڊنگ ڊيل ۾ ڪيوريٽ جي ضرورت آھي!"

بارچيسٽر ٽاورز جھڙي ڪتاب ۾ ٽرولوپ پاران انگريزي ماحول جي انھن ڏينھن مطابق بھترين عڪاسي سان ڪتاب جو ڪوبہ خلاصو مڪمل انصاف نہ ڪري سگھندو. مثال طور اُلاٿورن ۾ راندين جي بيان ۾ انھي طبقاتي نظام جي بہ ڏاڍي سٺي نموني عڪاسي ڪئي وئي آھي تہ خاص ۽ عام ماڻھن ۾ ڪيئن مضبوط سنڌو ھوندو ھو ۽ اھي ٻئي ڳڏ نہ ٿي سگھندا ھئا. خاص طبقي جي ماڻھن کي ڪيتري نہ ڪاوڙ لڳي ٿي ۽ عام طبقي جي ماڻھن کي ڪيترو نہ ڏک ٿئي ٿو جڏھن ھاري جي زال مسز لُڪ الوفٽ (Mrs. Look aloft) ــ جيڪا پاڻ کي ڪنھن بہ لحاظ کان خاص ماڻھن کان گھٽ نہ ٿي سمجھي ــ ڏاڍي سوپاري انداز ۾ ڊرائنگ روم

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ هلي ٿي وڃي! ٽرولوپ ڪيترائي نئيا ڪردار به اوتري ئي توجه سان بيان ڪري ٿو جيتري توجه هو وڏن ڪردارن تي ڏئي ٿو ۽ هو انسانن کي ايترو ته بهتر نموني سمجهي ٿو جو بچڙي مسٽر سلوپ، بارعب مسز پراوڊي ۽ بي لجي سائنورا مان به هر ڪنهن ۾ ڪا نه ڪا چڱائي آهي: مسٽر سلوپ پنهنجن مذهبي عقيدن ۾ سچو آهي، مسز پراوڊي کي به پنهنجي ڇڪي ٻڌل انگيءَ ۾ دل آهي پر اها نٺيڙي اٿس ۽ مسز ڪئورفل انهيءَ تائين پهچي وڃي ٿي. جڏهن ته سائنورا گهٽ ۾ گهٽ هڪ چڱو ڪم ڪري ٿي. مسز پراوڊي ادب جي هڪ سڀ کان وڏي مزاحيه تخليق آهي. اها اسان لاءِ ڏاڍي افسوس جي ڳالهه آهي جو ٽرولوپ جڏهن هڪ دفعو پنهنجي ڪلب جي ٻن ميمبرن کي اهو چوندي ٻڌو ته هو مسز پراوڊي مان ڪڪ ٿي پيا آهن ته هو انهن وٽ ويو ۽ چيائين ته "آءٌ کيس هڪ هفتي جي اندر ماري ڇڏيندس". ۽ هن پنهنجا لفظ صحيح ثابت ڪري ڏيکاريا. بارچيسٽر ڪردارن مان ڪجهه ٻين ڪتابن ۾ ايندا رهن ٿا پر The Last Chronicle of Barset کان پوءِ اسان کي بشپ جي زال بابت ڪا به خبر نه ٿي پوي.

ٽرولوپ جملي 47 ناول لکيا. انهن مان سڀ کان وڌيڪ پسند ڪيا ويندڙ بارچيسٽر سلسلي وارا هي ڇهه ناول آهن: دي واردن، بارچيسٽر ٽاورز، ڊاڪٽر ٿارن، فريملي پارسونيج، دي سمال هائوس ائٽ ايلنگٽن ۽ دي لاسٽ ڪرانيڪل آف بارسيٽ. دي سمال هائوس ائٽ ايلنگٽن سان هڪ خاص دلچسپي جي ڳالهه وابسته آهي. چاڪاڻ ته ٽرولوپ جڏهن بدنصيب جاني ايمز جو ڪردار تخليق ڪيو ته کيس لنڊن پوسٽ آفيس ۾ پنهنجا ڪلارڪي وارا تجربا ذهن ۾ هئا جڏهن هو 90 پائونڊ ساليانې جي پگهار تي گذارو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو. اهو مصيبت وارو وقت ۽ انهي کان اڳ ايتري ئي تڪليف ۾ گذاريل ڇوڪرائپ وهي شايد کيس هميشه لاءِ ڏيهاري ڇڏي ها پر آئرلينڊ ۾ کيس جيڪو سڪون ۽ اطمينان مليو انهي کيس متوازن پختگي ڏئي ڇڏي ۽ انهي ڪري ئي هو ماضي بابت تلخي ۽ ڪڙاڻ نه پر انهي غير جانبداري واري خوش طبعي سان لکڻ جي قابل ٿي سگهيو جيڪا سنڌس سيني ڪمن جي خاص نشاني آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 54. آن لبرٽي

## ــ جان اسٽورٽ مِل ــ

سن 1859ع تائين اڪثر ماڻهن کي آزادي بابت ڳالهائيندي سياسي ڏاڍ کان بچاءَ جي ڳالهه ذهن ۾ هوندي هئي. انهي سال کان پوءِ انسانن جي سوچيندڙ طبقي جي وڏي حصي جو آزادي بابت تصور گهرو ۽ وسيع ٿي ويو. انهي جو سبب اهو ٿيو جو انهن کي On Liberty نالي هڪ مختصر ڪتابڙو پڙهڻ جو موقعو مليو هو. اهو جان اسٽورٽ مل جو لکيل هو ۽ انهي ئي سال شايع ٿيو هو.

مل انهي وقت پنهنجي ذهني ۽ ادبي صلاحيتن جي عروج تي هو. هو 1806ع ۾ ڄائو. هو جيمس مل جو پٽ هو جيڪو افاديتي (Utilitarian) فلسفي جي ترجمان جي حيثيت ۾ جيريمي بينٿم کان پوءِ ٻئي نمبر تي هو. هن کي تمام غير معمولي قسم جي تعليم ملي هئي. هو ڪنهن اسڪول يا يونيورسٽي نه ويو هو. کيس پنهنجي پيءُ گهر ۾ پاڙهيو هو. هن ٽن ورهين جي عمر ۾ يوناني سکڻ کان تعليم جي شروعات ڪئي هئي پوءِ هو انگي حساب، تاريخ ۽ لاطيني پڙهيو. هن پنهنجي پيءُ جي اثر رسوخ ذريعي لنڊن ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني جي هيڊ آفيس ۾ ڪلارڪي ورتي ۽ پوءِ 1858ع ۾ سندس رٽائرمينٽ تائين هو هڪ بيورو ڪريٽ ٿي رهيو. سندس نوڪري اهڙي قسم جي هئي جنهن مان کيس ٻاهرين دلچسپين لاءِ وقت ملي ويندو هو ۽ هن منطق ۽ پوليٽيڪل اڪانامي تي اهڙا ڪتاب لکيا جن کي اهميت جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هو. پوءِ هن افاديتي فلسفي تي هڪ ننڍو ڪتاب لکيو جنهن ۾ هن انهي ڪجهه خشڪ فلسفي بابت پنهنجي پيءُ کان ڪجهه وڌيڪ انسان دوست انداز اختيار ڪيو. پوءِ هن On Liberty نالي پنهنجو مقالو لکيو. انهي جي لکڻ ۾ سندس ٻين اڪثر شروعاتي ڪتابن وانگر مسز هيريٽ ٽيلر سندس مدد ڪئي. هوءَ واقعي تمام ذهين ۽ سُلجهيل عورت هئي جنهن سان مل ويهن ورهين کان وڌيڪ افلاطوني معاشقو ڪرڻ کان پوءِ 1851ع ۾ شادي ڪئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تڏهن سندس مڙس به فوت ٿي ويو هو. هوءَ 1858ع ۾ سلهه سبب فوت ٿي وئي. انهي جو مل کي ڏاڍو ڏک ٿيو پر انهي ڏک کي ناقابل بيان نہ چئي سگهبو.

هن پنهنجي آتم ڪهاڻي ۾ (هو جيتوڻيڪ پنهنجي سموري زندگي ۾ تمام سچائي سان عقليت جو پيروڪار رهيو پر اها آتم ڪهاڻي "روحاني" آتم ڪهاڻين ۾ تمام مٿانهون درجو رکي ٿي ۽ شايد On Liberty کي ڇڏي اها سندس سمورن ڪتابن مان سڀ کان وڌيڪ مقبول ۽ پڙهڻ ۾ ايندڙ ڪتاب آهي) هن بابت تمام محبت ۽ واکاڻ جي جذبن ۾ ٻڏل لفظ لکيا آهن. هوءَ آن لبرٽي لکڻ ۾ خاص طور مددگار رهي هئي. جڏهن اهو ننڍڙو ڪتابڙو ڇپيو تہ انهي جي انتساب ۾ هي لفظ لکيل هئا: "انهي شخصيت جي محبت ڀري ۽ ڏکدائڪ ياد ڏانهن. جيڪا منهنجي تحريرن جي بهترين حصي لاءِ اتساهہ ڏياريندڙ ۽ ڪنهن حد تائين ليکڪ رهي- منهنجي دوست ۽ زال جنهن جي سچ ۽ صحيح جي اعليٰ ترين سمجهہ مان مون کي تمام گهڻو تحرڪ مليل هو ۽ جنهن جي پسنديدگي منهنجو سڀ کان وڏو انعام هوندو هو..."

اچو تہ اسان پاران ڪتاب جي جائزي جي شروعات هڪ بيان سان ڪريون: مل آزادي جي تصور ۾ هڪ نئين رخ جو اضافو ڪيو. هن جو سياسي آزادي سان ڪو واسطو نہ هو. اها، انگلينڊ ۾ گذريل صدي جي اڌ ۾ عملي طور حاصل ٿي چڪي هئي. انهي هوندي بہ وڏي پيماني تي جبر ۽ ڏاڍ موجود هو. "اڪثريت جو ڏاڍ"، طبقي ۽ پيشي وراثتن مفادن جو ڏاڍ، ريتن، رسمن ۽ عام مچيل راين جو ڏاڍ. هو انهي ٿي قسم جي ڏاڍ کي هڪ اهڙي ذهن جي ڪيڙيل ۽ منظم قلم سان داغدار بنائڻ ۽ ان تي حملو ڪرڻ هليو هو جيڪو بهترين دماغن جي دور ۾ سڀ کان بهترين هو.

"هن مقالي جو مقصد"، هو اسان کي هڪ شروعاتي صفحي تي ٻڌائي ٿو، هڪ تمام سادي اصول مطابق اها ڳالهہ بيان ڪرڻ آهي تہ اهو واحد مقصد جنهن لاءِ انسان ذات کي انفرادي يا اجتماعي طور پنهنجي ڪنهن ماڻهو جي عمل جي آزادي ۾ دخل ڏيڻ جو اختيار ڏنل آهي اهو آهي پنهنجو دفاع ۽ بچاءُ. اهو واحد سبب جنهن لاءِ مهذب سماج جي ڪنهن فرد جي سندس مرضي جي خلاف بجا طور طاقت استعمال ڪري سگهجي ٿي اهو آهي ٻين کي نقصان کان بچائڻ...

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس پنهنجو جسماني يا اخلاقي فائدو ڪو ڪافي سبب نہ آهي. ڪنهن بہ شخص جي اٽي ويٺي جي فقط انهي حصي تي سماج جو ڪو ضابطو لاڳو ٿئي ٿو جيڪو ٻين سان لاڳاپيل آهي. باقي سندس هلت چلت جو اهو حصو جيڪو هن سان لاڳاپيل آهي انهي ۾ ڪيس مطلق ۽ غير مشروط آزادي مليل آهي.

مِل البت ڪجهه اهڙيون ڳالهيون رکيون آهن جيڪي انهي قاعدي کان ٻاهر آهن. سندس نظريو فقط انهن انسانن تي لاڳو ٿيندو جن جون ذهني صلاحيتون پختگي تي پهتل آهن. اهو ٻارن، نابالغن يا انهن پٺتي پيل قومن تي لاڳو نہ ٿيندو جن جي بهتري جو ڪم هٿ ۾ کڻڻ لاءِ انهن کي جيڪڏهن اڪبر يا شارليمان جهڙو حڪمران ملي ويندو تہ اهي خوش نصيب ليکيون وينديون پر اهو انهن سيني ماڻهن تي لازماً لاڳو ٿيندو جن پنهنجي سوچ سمجهه يا ٻين ٻاران رائل مائل ڪرڻ سبب پنهنجي بهتري جي راهہ تي هلڻ جي صلاحيت حاصل ڪري ورتي آهي. هن وقت اسان جو واسطو فقط اهڙن ماڻهن سان ئي آهي.

هاڻي "انساني آزادي جو مناسب علائقو" سڀ کان پهريان شعور جو اندريون علائقو آهي جيڪو شعوري فڪر ۽ احساس جي آزادي طلب ڪري ٿو. انهي سان گڏوگڏ عملي يا قياسي، سائنسي، اخلاقي ۽ ديني هر قسم جي موضوعن تي راءِ ۽ نقطہ نظر جي آزادي طلب ڪري ٿو. هر قسم جي راين جي اظهار جي آزادي بہ لازماً انهي سان جُڙيل آهي. ٻيون نمبر هي ڳالهہ تہ اهو اصول شوق ۽ مشغلي جي آزادي بہ طلب ڪري ٿو يعني اسان کي پنهنجي مزاج سان ٺهڪندڙ زندگي جو پلان ٺاهڻ جي آزادي هجي. اسين جيڪو ڪجهه چاهيون اهو ڪرڻ جي آزادي هجي ۽ جيستائين اسان جي ڪم مان ڪنهن کي ڪو نقصان نہ پهچي تيستائين اسان جي ڪم ۾ ٻيو ڪير ڪا رڪاوٽ نہ وجهي ڀوءِ ڀلي ٻيا ماڻهو اسان جي ڪم کي غلط احمقاڻو يا خراب ڇو نہ سمجهن. ٽئين ڳالهہ تہ هر فرد جي انهي آزادي مان ساڳين حدن ۾ رهندي فردن جي پاڻ ۾ گڏجڻ جي آزادي اچي ٿي يعني فردن کي ڪنهن بہ اهڙي مقصد لاءِ گڏ ٿيڻ جي آزادي هجي جنهن مان ٻين کي ڪو نقصان نہ پهچي وري گڏ ٿيندڙ فرد پوري عمر جا هجن ۽ انهن کي زوريءَ يا دوکي سان گڏ نہ ڪيو ويو هجي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪو بہ سماج جنهن ۾ مجموعي طور انهن آزادين جو احترام نہ ٿو ڪيو وڃي انهي جو حڪومت جو نظام ڀلي ڪھڙو بہ هجي اها آزاد نہ آهي جنهن آزادي کي حقيقي معنيٰ ۾ آزادي چئي سگهجي ٿو اها هي آهي تہ اسين پنهنجي انداز ۾ پنهنجي فائدي جي ڳالھ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون ۽ ٻين کي پنهنجو فائدو حاصل ڪرڻ کان محروم ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪريون نہ ئي ٻين ڀاران فائدو حاصل ڪرڻ جي ڪوششن ۾ ڪا رڪاوٽ وجهون".

مل هن ٻئي باب ۾ مسئلي جي هڪ خاص رخ تي ڌيان ڏئي ٿو اهو آهي سوچ ۽ بحث مباحثي جي آزادي هتي هو جنهن ڳالھ جي مخالفت ڪري ٿو اها اهو عام نظريو آهي جيڪا حڪومت عام ماڻهن جي ووٽ سان چونڊجي آئي آهي ۽ جيئن تہ اها عوام جي راءِ جي نمائندگي ڪندڙ هوندي آهي تنهن ڪري انهي کي ماڻهن تي ڪنهن حد تائين اهو اختيار هلائڻ جو حق حاصل هوندو آهي تہ انهن کي ڇا جي ڄاڻ رکڻ ۽ ڇا چوڻ جو حق هجي يا نہ هجي انهي جو سادو سبب اهو آهي تہ اها ڳالھ اڪثريت جي آواز جي مطابق هوندي هئي "پر آءٌ ماڻهن ڀاران اهڙو ڏاڍ جو حق استعمال ڪرڻ جو انڪاري آهيان. پوءِ اهي ڀلي اهو حق پاڻ استعمال ڪن يا پنهنجي حڪومت ذريعي ڪم آڻين. اهو اختيار بذات خود غير قانوني آهي. ڪنهن سٺي حڪومت کي بہ اهو حق اهڙي طرح حاصل نہ آهي جهڙي طرح ڪنهن سڀ کان خراب حڪومت کي حاصل نہ آهي اهو جيڪڏهن عام راءِ جي حمايت سان ڪم آندو وڃي تڏهن بہ ايترو ئي نقصانڪار آهي جيترو تڏهن نقصانڪار آهي جڏهن عام راءِ جي مخالفت هوندي ڪتب آندو وڃي انهي کان پوءِ تمام فصيح ۽ تمام گهڻو اقتباس طور پيش ڪيو ويندڙ ٽڪرو اچي ٿو جنهن ۾ مل جي نظريي جو مغز سمايل آهي.

"جيڪڏهن ڪنهن هڪ ماڻهو کان سواءِ سموري دنيا هڪ راءِ جي هجي ۽ فقط هڪ ماڻهو ابتڙ راءِ رکندڙ هجي تہ سموري انسان ذات کي انهي هڪ ماڻهو کي خاموش ڪرائڻ جو حق نہ هوندو جيئن جيڪڏهن انهي کي طاقت هجي ها تہ هو سموري انسان ذات کي خاموش ڪرائڻ ۾ حق بجانب نہ هجي ها".

جيڪڏهن ڪو رايو انهي جي مالڪ کان سواءِ ٻئي ڪنهن لاءِ ڪا اهميت نہ ٿو رکي تہ ٿي سگهي ٿو تہ انهي کي دٻائڻ سان ايترو فرق نہ پوي جو انهي کي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيائڻ سان شايد ڪجهه ماڻهن کي هاڃو رسي. ڪنهن راءِ جي اظهار کي دٻائڻ جي خاص خرابي اها آهي تہ انهي سان موجوده توڙي ايندڙ نسل جي حق تي ڌاڙو هنيو وڃي ٿو. انهي سان ڪنهن راءِ جي حامين کان وڌيڪ انهي جي مخالفن کي نقصان رسي ٿو.

انهي صورتحال جا ٻي رخ ٿي سگهن ٿا جيڪي اسان کي ذهن ۾ رکڻ گهرجن. پهريون اهو تہ جنهن راءِ کي اختياريون دٻائڻ جي ڪوشش ڪري رهيون آهن ممڪن آهي تہ اها صحيح ۽ سچ هجي. ٻيو اهو آهي جيڪي ماڻهو انهي کي دٻائڻ جي ڪوشش ڪندا هجن انهن جو اهو خيال نہ هجي پر اهي بہ تہ غلطي کان خالي نہ ٿا ٿي سگهن. تاريخ مان اهڙا ڪيترائي مثال ملندا جن ۾ بهترين انسانن ۽ عاليشان نظرين جو خاتمو ڪرڻ لاءِ قانون کان مدد ورتي وئي آهي. مل فقط ٻن مثالن جو حوالو ڏنو آهي ۽ اهي تمام اهميت وارا آهن. هن اهي تمام اثرائتي نثر ۾ بيان ڪيا آهن.

"انسان ذات کي انهي کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي ڳالهہ گهٽي ياد ڏيارڻ سگهجي ٿي تہ ڪنهن وقت سقراط نالي هڪ ماڻهو رهندو هو. هو هڪ اهڙي دور ۽ اهڙي ملڪ ۾ پيدا ٿيو جنهن ۾ انفرادي عظمت جا ڪيترائي مثال ملي سگهيا ٿي. جيڪي ماڻهو هن کي ۽ هن جي دور کي تمام سٺي نموني ڄاڻندا هئا انهن کيس انهي وقت جو تمام نيڪوڪار شخص ڪري پيش ڪيو آهي ۽ انهي سان ڪهڙي حالت ڪئي وئي؟ جنهن عدالتي ٽريبونل مٿس ڪيس هلايو". انهي بابت اهو سوچڻ لاءِ هر بنياد موجود آهي تہ انهي کيس نيڪ نيتي سان ڏوهي سمجهيو ۽ اهو شخص جيڪو انهيءَ وقت ڄاول سڀني انسانن مان سڀ کان بهترين ڪوٺيو وڃڻ جو حقدار هو انهي کي هڪ ڏوهاري جي حيثيت ۾ موت جي سزا ڏني ويڃي

ٻيون ڪيس اجا وڌيڪ متاثر ڪندڙ آهي. "انهي کان اسين عدالتي بي انصافي جي هڪ ٻئي مثال تي اچون ٿا. سقراط جي سزا جي بيان کان پوءِ انهي جو ذڪر ڪرڻ بلڪل متاهين کان بلڪل هيناهين ڏانهن اچڻ جي برابر نہ هوندو. اهو واقعو Calvary ۾ ارڙهن سو ورهين کان بہ ڪجهہ عرصو اڳ پيش آيو. جن ماڻهن هن جي زندگي کي ڏٺو ۽ هن جي ڳالهہ ٻولهہ ٻڌي هن انهن تي پنهنجي اخلاقي عظمت جو اهڙو تہ اثر وڌو جو ارڙهن صديون هن کي اهڙي طرح خراج تحسين پيش

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنديون رهيون آهن جڏهن ته هو خود خدا هجي. هاڻي اهڙي ماڻهو کي ڪهڙي ڏوهه ۾ موت جي سزا ڏني وئي؟“ هن تي اهو ڏوهه مڙهيو ويو ته هو مقدس شين جي بي عزتي تو ڪري“.

ٻئي پاسي فرض ڪريو ته جنهن راءِ کي دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي اها غلط هجي. تي سگهي ٿو ۽ عام طور ائين ٿيندو به آهي ته انهي ۾ ٿورو سچ شامل هجي. ۽ فقط مخالف راين جي ٽڪراءُ سبب ئي اهو باقي حصو شامل ٿيڻ جو امڪان هوندو آهي.

وري ٿيون امڪان اهو آهي ته جنهن ڳالهه ۾ عام ماڻهن جو يقين هجي اها فقط سچ نه پر مڪمل سچ هجي. جيڪڏهن ائين آهي ته به انهي جي جيستائين تمام شدت سان ۽ تمام سچائي سان مخالفت نه ڪئي ويندي تيستائين انهي جي حيثيت هڪ تعصب، هڪ نظريي ۽ هڪ رسمي اعتقاد کان وڌيڪ نه هوندي ۽ اهو ڪنهن به ماڻهو جي ڪم جو نه هوندو.

انهن سڀني دليلن ۽ فردن پاران پنهنجا رايا پاڻ جوڙڻ جي ۽ پنهنجي زندگي جو رخ پاڻ طي ڪرڻ جي حق جي ايتري پُرزور وڪالت جي پٺيان مل جو انساني شخصيت جي قدر و قيمت ۾ تمام گهرو ويساهه موجود آهي. ”نه فقط اها ڳالهه اهميت رکي ٿي ته انسان ڇا ٿا ڪن پر انسان جي ڪمن مان سڀ کان اهميت واري ڳالهه خود انسان آهي. فرض ڪريو ته جيڪڏهن ائين ممڪن هجي ها جو انسانن جي بجاءِ مشينري- انساني شڪل ۾ خودڪار مشينون- گهر ناهي ها، اناج اُپائي ها، جنگيون لڙي ها، ڪيس هلائي ها يا ويندي گرجا گهر به ناهي ها ۽ دعائون به گهري ها ته به موجوده دنيا جي وڌيڪ مهذب حصن ۾ رهندڙ مردن ۽ عورتن جي جاءِ تي اهڙا مشيني انسان آڻڻ هڪ وڏو نقصان هجي ها. جيتوڻيڪ جديد دنيا جا اهي انسان فطرت جي اصلي نمونن جو بلڪل ڪمزور عڪس آهن. انساني فطرت ڪا مشين نه آهي جنهن کي ڪنهن ماڊل مطابق ناهجي ۽ انهي لاءِ طي ٿيل ڪم تي چالو ڪري ڇڏجي پر اها ته هڪ وڻ آهي جيڪا پنهنجين اندروني طاقتن مطابق سڀني طرفن ۾ وڌڻ ويجهڻ چاهيندي آهي. اها اندروني طاقت ئي انهي کي هڪ جاندار شي بڻائيندي آهي.

مل پوءِ اينڊڙ هڪ باب ۾ مٿي بيان ٿيل اصولن کي ٻن مقولن (Maxims) جي شڪل ۾ آڻي ٿو پهريون ته فرد پنهنجن عملن لاءِ سماج آڏو تيستائين جوابده نه آهي جيستائين انهن عملن جو سندس پنهنجن مفادن سان تعلق هجي: صلاح مشورو سکيا، سمجهائي قائل ڪرڻ ۽ پاسو ڪرڻ: اهي فقط اهي ذريعا آهن جن جي مدد سان سماج بجا طور سندس اٿي ويٺي بابت پنهنجي ناپسنديدگي جو اظهار ڪري سگهي ٿو ٻيون ته اهڙا عمل جن مان ٻين جي مفادن کي ڪو ڇيهو رسي انهن بابت فرد جوابده آهي ۽ ان تي سماجي يا قانوني سزا لاڳو ٿي سگهي ٿي بشرطيڪ سماج اهو سمجهي ته سندس بچاءَ لاءِ انهن ٻنهي مان ڪا سزا ضروري آهي. انهن مقولن مان اهو ظاهر ٿيندو ته مِل انتها درجي جو آزادي جي تلقين ڪندڙ (Libertarian) نه هو. سماج کي فرد تي ڪنهن به صورت ۾ ڏاڍ ڪرڻ نه گهرجي پر فرد مٿان به سماج جا ڪي حق ۽ ذميواريون آهن جيڪي هو پوريون ڪرڻ لاءِ پابند آهي.

هاڻي ڳالهه وڌيڪ واضح ڪجي ته مل اهي مقولا روزاني زندگي جي مسئلن تي لاڳو ڪري ٿو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته ڳالهه کليل ڇڏي ٿو ڏئي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو جوا کيڏڻ چاهي ٿو ته ڪيس ائين ڪرڻ ڏيو. پر ڇا ڪنهن ماڻهو کي جوا خانو هلائڻ جي موڪل ڏئي ڇڏجي؟ جيڪڏهن ڪير چاهي ته پلي شراب پي مدهوش ٿي وڃي پر "آءٌ انهي ڳالهه کي بلڪل قانوني سمجهندس ته جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو شراب جي نشي جي اثر ۾ ٻين تي تشدد ڪرڻ جو الزام ثابت ٿئي ۽ هو پوءِ به شراب جي نشي ۾ ڏٺو وڃي ته هو سزا جو حقدار هئڻ گهرجي". عوامي رک رکاءُ ۽ شائستگي خلاف ڏوهن تي لازماً سزا اچڻ گهرجي. غير شادي شده مرد عورت حرام ڪاري ڪن ته انهي کي برداشت ڪيو وڃي. پر ڇا ڪنهن ماڻهو کي دلالي ڪرڻ جي آزادي هئڻ گهرجي؟ ڪنهن ماڻهو کي خطرناڪ دوائون خريد ڪرڻ کان روڪڻ نه گهرجي پر ڪيس اهو چتاءُ لازماً ڏيڻ گهرجي ته هو ڇا خريد ڪري رهيو آهي. ماءُ پيءُ پنهنجي اولاد جي درست تعليم لاءِ ذميوار هئڻ گهرجن ۽ اها ڳالهه تسليم ڪئي وڃي ته ڪنهن اهڙي ٻار کي وجود ۾ آڻڻ جنهن جي جسم لاءِ کاڌي ۽ ذهن جي تعليم ۽ تربيت جو بندوبست ڪرڻ جي قابل نه هئڻ نه فقط انهي بدنصيب اولاد پر خود سماج خلاف هڪ ڏوهه آهي".

مل جي عورتن بابت رويي جو اظهار سندس هڪ ٻئي ڪتاب The Subjection of Women ۾ مڪمل طور ڪيل آهي. اهو سن 1869ع ۾ ڇپيو. پر اها ڳالهه به ٻڌائي ڇڏجي ته هو آن لبرٽي ۾ لکي ٿو: "مڙسن جي زالن تي تقريباً ڪنهن جابر حڪمران جهڙن اختيارن ڪي هتي ڳڻائڻ ضروري نه آهي. ڇاڪاڻ ته برائي جي مڪمل خاتمي لاءِ انهي ڪان وڌيڪ ڪنهن ڳالهه جي ضرورت نه آهي ته زالن کي به اهڙا ئي حق ملن ۽ انهن کي قانون جو اهڙو ئي تحفظ ملي جهڙو بين ماڻهن کي ملي ٿو".

انهي ننڍڙي ڪتاب ۾ بيون به ايتريون گهڻيون ڳالهيون آهن جن جو اشارتاً ذڪر ڪرڻ به ممڪن نه آهي. آن لبرٽي پڙهڻ ۽ بار بار پڙهڻ جو ڪتاب آهي. انهي جون ڪجه ڳالهيون پراڻيون ٿي ويون آهن پر انهي جي وڏي حصي جي اصلي تازگي برقرار آهي. شايد ته انهي جو پيغام اسان جي موجوده دور ۾ وڌيڪ معنيٰ خيز آهي ڇاڪاڻ ته راءِ عام ناهڻ ۽ ان کي پنهنجي حق ۾ ڪم آڻڻ انهن ماڻهن جي هٿ ۾ اڳي ڪان گهڻو وڌيڪ آهي جيڪي حڪومتون ناهن يا انهن تي ڪنترول ڪن ٿا. اها هڪ عام رواجي ڳالهه آهي ته فرد کي گهٽ اهميت ڏني وڃي ٿي ۽ راءِ عام انساني روح تي وڌيڪ بار وجهي ٿي. اهڙين حالتن ۾ اها ڳالهه ذهن ۾ تازي ڪرڻ بهتر ٿيندي جيڪا مِل پنهنجي ڪتاب جي آخري پيراگراف ۾ لکي هئي. "رياست جي قدر و قيمت آخرڪار ايتري آهي جيتري انهي ۾ شامل فردن جي آهي".

# 55. اوريجن آف اسپيشيز

## -- چارلس ڊارون --

جيڪڏهن ڪنهن ڪتاب انساني سوچ ۾ ڪڏهن ڪو انقلاب آندو هوندو ته اهو چارلس ڊارون جي اوريجن آف اسپيشيز آندو هو. سن 1859ع ۾ انهي جي اشاعت کان اڳ ارتقا هڪ اهڙو دلچسپ نظريو هو جنهن ۾ ڪجھ اهڙا قياسي مفڪر مشغول ٿيندا هئا جيڪي انهي وقت جي مروج وضاحتن مان مڪمل طور مطمئن نه هوندا هئا. انهي ڪتاب جي منظر تي اچي وڃڻ کان پوءِ اهڙن پڙهيل لکيل ماڻهن جي اڪثريت جيڪا انهي سان لاڳاپيل ڳالهين کي سمجهي سگهي ٿي ۽ دليلن جي تورتڪ ڪري سگهي ٿي اها انهي نتيجي تي پهچي وئي ته ڊارون ارتقا جي حقيقت ڪاميابي سان سمجهائي ڇڏي هئي ۽ اجا وڌيڪ اهو ته انهي رستي جا نشان به واضح ڪري ڇڏيائين جنهن تي اهو هليو هوندو ۽ حقيقت به اها آهي ته ارتقا رستو به اهو ئي ورتو هو جيڪو ڊارون ٻڌايو هو.

زنده شين جا اهي سيئي مختلف نوع- جانور، ٻوٽا، مڇيون، جيت ۽ ويندي خود انسان انهي موجوده شڪل ۾ ڪيئن آيا آهن؟ ڊارون جي دور تائين مڃيل اعتقاد اهو هوندو هو ته اهي سيئي جنهن شڪل ۾ آهن انهي ۾ ئي خاص طور پيدا ڪيا ويا آهن. هر نوع تخليق جي هڪ خاص عمل جو نتيجو هئي. اها ڳالھ صحيح آهي ته ڪجھ ماڻهن ٽيڙ ٽاٻا کائيندي ڪنهن ارتقائي نظريي جا ارڌ چٽا آثار پيش ڪيا هئا پر انهن جا نظريا ماڻهن جي وڏي اڪثريت کي پنهنجي پاسي ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيا هئا. انهن بائيبل جي انهي بيان ۾ عقيدو رکڻ کي ترجيح ڏني هئي ته شروعات ۾ سڀ شيون خدائي حڪم سان وجود ۾ آيون هيون. ارتقائي نظريي جا ڪي خاڪا پيش ڪندڙ اهڙن ماڻهن ۾ هڪ ته قديم دور ۾ يونان جو ارسطو ۽ روم جا ليوڪريٽيئس جهڙا فيلسوف سائنسدان شامل هئا. وري ڪجھ پوءِ جي دور جا جهڙوڪ ارڙهين صدي جو فرانسي سائنسدان لامارڪ ۽ سندس انگريز همعصر چارلس ڊارون جو ڏاڏو اراسمس ڊارون به اهڙن ماڻهن ۾ شامل هئا.

چارلس ڊارون جو 1831ع ۾ ٻه اهو ٿي عقيدو هو. تڏهن هو هڪ نوجوان هو ۽ سندس عمر 23 ورهيه ٻه مس ٿي هئي جو هو ايچ. ايم. ايس بيگل (beagle) نالي ساموڊي سروي ڪندڙ هڪ جهاز تي دخلڪار ٿيو. اهو جهاز ڪيپٽن فٽزراءِ آر.اين.جي ڪمانڊ هيٺ هو ۽ اهو سموري دنيا جي سائنسي دريافتي سفر تي نڪتو هو. هن پاڻ کي انهي نئين مقرري تي ڏاڍو خوش نصيب پئي سمجهيو. هو شريوز بري جي هڪ شاهوڪار پيءُ جو پٽ هو ۽ اسٽيفورڊ شائر جي هڪ وڏي ڪنبار جوسياويج ووڊ ڏي جي پرٽيو هو. هو شريوزبري اسڪول ۾ ڪو نالو نه ڪڍي سگهيو. پوءِ هو ايڊنبرگ يونيورسٽي ويو. هن به پنهنجي پيءُ وانگر ڊاڪٽر ٿيڻ چاهيو ٿي پر آپريشن ٿيٽر ۾ رت ۽ مريضن جون رڙيون هن کان بلڪل برداشت نه ٿي ٿيون تنهن ڪري سندس اهو ارادو پورو نه ٿي سگهيو. پوءِ هو لگ ڀڳ پادري ٿيڻ تي هو ۽ اهو ئي مقصد سامهون رکندي کيس ڪيمبرج موڪليو ويو. پر هن کان ڪجهه اهڙيون ڳالهيون هضم ڪرڻ ڏکيون هيون جن جي اڳتي هلي کيس تبليغ ڪرڻي هئي. وري جيالاجي ۽ نيچرل هسٽري ۾ سندس اصلي دلچسپيون به ڪر کڻڻ لڳيون هيون. هن کي اسڪولي دور ۾ به تنبڻ گڏ ڪرڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو ۽ اهو شوق هن مان ڪڏهن به نه ويو. سو اها ڳالهه ٻڌي هو ڏاڍو خوش ٿيو ته سندس پروفيسر بنا پگهار جي نيچرلسٽ(Naturalist) طور ساموڊي سفر تي وڃڻ لاءِ ڪيپٽن فٽزراءِ کي سندس نالي جي سفارش ڪئي آهي.

بيگل ۾ ساموڊي سفر خود ڊارون مطابق سندس زندگي جو تمام اهم واقعو ثابت ٿيو. اهي 1836ع تائين سفر ۾ رهيا ۽ نه فقط ڏکڻ آمريڪا جي ساموڊي ڪنارن تي ويا پر ائٽلانٽڪ ۽ پيسفڪ سمنڊن جي ڪيترن ئي ڏورانهن ٻيٽن ۽ آسٽريليا ۽ نيوزيلينڊ پڻ ويا. ڊارون جتي به ويو پنهنجون اکيون کليل رکيائين ۽ پنهنجو نوٽ بڪ ويجهو رکيائين جو ته هو اڳ ۾ ئي اهو اٽل فيصلو ڪري چڪو هو ته هو "نيچرل سائنس ۾ ڪنهن شي جو واڌارو" ڪندو. هاڻي اچو ته ڏسو ته هو پنهنجي اوريجن جي پهرئين صفحي تي اسان کي ڇا ٿو ٻڌائي. اسين سندس مشهور ڪتاب کي انهي نالي سان سڏي سگهون ٿا.

"آءُ جڏهن ايچ. ايم. ايس بيگل تي نيچرلسٽ طور سفر ڪري رهيو هوس ته ڏکڻ آمريڪا ۾ رهندڙ حياتياتي وجودن جي ٽير پکيڙ ۽ انهي ئي کنڊ تي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاٿوڪن رهندڙن جي اڳوڻن رهندڙن سان ارضياتي لاڳاپن تي ڏاڍو حيران ٿيندو هوس. لڳندو هو ته انهن ڳالهين مان نوعن جي اصل تي ڪجهه روشني پوندي آهي. نوعن جي اصل کي اسان جو هڪ وڏو فيلسوف اسرارن جو اسرار چوندو هو. آءُ جڏهن 1837ع ۾ گهر آيس ته منهنجي دماغ ۾ اها ڳالهه آئي ته شايد ته انهي سوال سان لاڳاپيل جيڪي به حقيقتون گڏ ٿي سگهن انهن تي ڏاڍي صبر سان غور و فڪر ڪرڻ سان انهي ڳالهه مان ڪو مطلب نڪري سگهي ٿو. مون پنج ورهيه ڪم ڪرڻ کان پوءِ انهي موضوع تي ڪجهه قياس آرائيون ڪيون ۽ ڪجهه مختصر نوٽ ٺاهيا. پوءِ مون 1844ع ۾ انهن کي وڌائي اهڙن نتيجن جو هڪ خاڪو تيار ڪيو جيڪي مون کي ممڪن ۽ ٺيڪ جهڙا لڳا ٿي. آءُ تنهن دور کان وٺي اڄ ڏينهن تائين انهي موضوع تي مستقل مزاجي سان ڳولهائون ڪندو رهيو آهيان. مون کي اميد آهي ته مون کي اهي ذاتي تفصيل ٻڌائڻ تي معاف ڪيو ويندو پر مون اهي انهي ڪري ڏنا آهن جيئن خبر پوي ته مون نتيجن تي پهچڻ ۾ تڪڙ نه ڪئي آهي".

نه "تڪڙ" ته شايد مناسب لفظ نه آهي. هن سچا سارا ويهه سال ته انهي موضوع تي تحقيق ۾ گذاريا هئا ۽ جمعي 18- جون 1858ع تي ڊاڪون ڪينٽ ۾ هڪ ٽيپهري جو جيڪڏهن ٽپالي سندس گهر هڪ لفافو ڏئي ڪيس حيران نه ڪري وڃي ها ته هو شايد اڃا به انهي مسئلي تي تحقيق پيو ڪري ها. اهو خط الفريڊ رسل و اليس نالي نيچرل هسٽري بابت نمونا گڏ ڪندڙ موڪليو هو. هو ايسٽ انڊيز ۾ مولو ڪاس جي هڪ ٻيٽ ۾ بيماري جي بستري تي پيو هو. خط سان گڏ هڪ ننڍو مقالو به هو جنهن جو عنوان هو On the Tendency of Varieties to depart indefinitely from the original type. انهي تي هڪ نظر وجهڻ ئي اهو سمجهائڻ لاءِ ڪافي هو ته رسل نه فقط ڊارون واري مسئلي تي ئي ڪم ڪري رهيو هو پر تبديليون (Variations) جو ٿيون واقع ٿين انهي بابت به بلڪل ساڳئي وضاحت ڏني هئائين.

ڊارون جو پهريون ردعمل اهو هو ته هن جي دل ۾ اهو خيال پيدا ٿيو ته هو پنهنجو ڪم بند ڪري رکي ڇڏي ۽ سمورو اعزاز واليس کي ماڻڻ ڏئي پر سندس دوستن آخرڪار کيس انهي ڳالهه تي راضي ڪري ورتو ته هن ۽ واليس کي لنڊن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي لينائي سوسائٽي ۾ پيش ڪرڻ لاءِ هڪ گڏيل مقالو تيار ڪرڻ گهرجي. اهو ڪم ڪيو ويو ۽ 1 ـ جولاءِ 1858ع تي مقالو پڙهيو ويو ۽ سوسائٽي جي جن ٽيهن جي لڳ ڀڳ ميمبرن (هٿي ليڪڪ پاڻ موجود نه هئا) اهو ٻڌو اهي گهڻا متاثر نه ٿيا.

پر ڊارون هاڻي پنهنجي ڪتاب تي ڪم وڌائيندو آيو ۽ اهو آخرڪار نومبر 1859ع ۾ ڇپيو. انهي جو نالو هو. The Origin of Species by means of Natural Selection, or the Preservation of Favoured Races in the Struggle for Life. "انهي ۾ ڪو شڪ نه آهي ته اهو منهنجي زندگي جو سڀ کان اهم ڪم آهي". ڊارون اهو ڪتاب ڀهريون دفعو منظر تي اچڻ کان ڪيترا ورهيه پوءِ اها ڳالهه چئي هئي اها ڀلا ڇا جي بابت آهي؟ اچو ته ڊارون جي واتان ٻڌون ته مسئلو ڇا آهي:

"نوعن جي اصل کي ذهن ۾ رکندي تي سگهي ٿو ته ڪو نيچرلسٽ جاندار وجودن جي پاڻ ۾ هڪ جهڙائپ، انهن جي ڳيبرڻ وارن لاڳاپن، انهن جي جاگرافيائي ٽيڙ پکيڙ، ارضياتي سلسلي ۾ اهڙين ٻين حقيقتن تي سوچ ويچار ڪندي انهي نتيجي تي پهچي سگهي ٿو ته نوع جدا جدا تخليق نه ڪيا ويا هئا پر انهن جو سلسلو ٻين نسلن مان هليو آهي. بهرحال اهڙو نتيجو جيڪڏهن صحيح بنيادن تي بيٺل هجي ته بـ ايستائين غير تسلي بخش هوندو جيستائين اهو نه ٿو ڏيکاريو وڃي ته هن ۾ آباد بيشمار نوعن ۾ اهڙيون تبديليون ڪئين آيون جو انهن جي جوڙجڪ ۾ اهڙي ڪماليت اچي وئي جنهن کي ڏسي اسان کي ڏندين آڱريون اچي وڃن ٿيون. نيچرلسٽ مسلسل آبهوا ۽ کاڌي وغيره جهڙين خارجي شين کي ڦير گهير جو واحد ممڪن سبب ڄاڻائين ٿا. هڪ محدود لحاظ کان اها ڳالهه درست ٿي سگهي ٿي. پر مثال طور ڪاٺ ڪٽي کي ئي وٺو. انهي جي بناوت لاءِ فقط خارجي حالتن کي ذميوار قرار ڏيڻ بلڪل فطرت جي خلاف ڳالهه ٿيندي انهي جي پيرن، پڇ، چهنب کي نظر ۾ رکو وري سندس جيڀ ڏسو ته ڪيئن نه اها وڻن جي ٿڙن مان جيت پڪڙڻ جي ڪم لاءِ جڙڻ ته خاص طور ناهي وئي آهي. وري آڪاس بيل کي ڏسو جيڪا ڪجه وڻن مان پنهنجو کاڌو حاصل ڪري ٿي. انهي جا ٻج فقط ڪجه پکين ذريعي ئي هڪ هنڌ کان ٻي هنڌ ويندا آهن. وري انهن جي گلن جي ڌار ڌار جنسن (Sexes) کي هڪ گل کان ٻي گل تائين زر گل (Pollen) پهچائڻ لاءِ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجھ جيتن جو ذريعو گهربل هوندو آهي. هاڻي انهي طفيلي ہوتي جي بناوت ۾ انهي جي ہين ڪيترن ئي جدا جدا حياتياتي وجوهن سان تعلق جو سبب فقط خارجي حالتون، يا انهي جي اسرڻ جو هنڌ يا خود ہوتي جي پنهنجي مرضي ڄاڻائڻ وسهڻ ۾ نہ ايندڙ ۽ فطرت جي خلاف ڳالھ هوندي“.

اهو تہ ٺيو مسئلو ۽ هاڻي اسين پڙهنداسين تہ ڊارون انهي جو حل ڪيئن ڪڍيو. سندس مشاهدن جي شروعات وقت (هو اسان کي ٻڌائي ٿو) ڪيس اها ڳالھ ممڪن لڳندي هئي تہ پالتو بنايل جانورن ۾ ٻوڪيا ويندڙ ٻوٽن جي ڌيان سان مشاهدي سان انهي موضوع تي شايد ڪجھ روشني ٻوندي. تنهن ڪري سندس ٻهريون باب پالتو بڻايل جانورن خاص طور ڪبوترن جي اپياس لاءِ وقف آهي. ڊارون انهي ئي باب ۾ اڻ ڄاڻائي بابت پنهنجو مشهور اعتراف ڪري ٿو تہ ”وراثت بابت قانونن جي گهڻي حصي جي ڪا خبر ئي نہ آهي“، اهي صدي جي آخر تائين نامعلوم ئي رهيا هئا. ٻوءِ اهي قانون هڪ گمنام آسٽريائي راهب گريگورميندل پاران مٽرن ۽ ماڪي جي مکين تي ٿيل تجربن جي نتيجي ۾ دنيا کي مليا. تنهن ڪري ڪيس اها خبر نہ هئي (نہ ئي اڳتي هلي ڪڏهن پيس) تہ ٻوٽن ۽ جانورن ۾ ڦيريون گهيريون (Variations) هڪ نسل (پيڙهي) کان ٻي نسل تائين ڪيئن ٿيون ٻهچن. پر هو پالتو بڻايل جانورن بابت هڪ اهم نتيجي تي پهتو. ”اصل ڳالھ“، هن چيو ”انسان جي چونڊ جي گڏ ٿيل (accumulative) طاقت آهي. مختلف ڦيريون گهيريون فطرت طرفان مهيا ڪيون وڃن ٿيون. انسان انهن کي پنهنجي لاءِ فائدي مند رخن ۾ شامل ڪري وٺي ٿو. انهي لحاظ کان چئي سگهجي ٿو تہ هن پنهنجي لاءِ فائدي مند نوع ناهي ورتا آهن“.

هن کي اها پڪ هئي تہ پالتو ڪيل جانورن جي صورت ۾ ائين ئي ٿئي ٿو. هاڻي هن پاڻ کان سوال ڪيو تہ فطري صورتحال ۾ ڇا ٿو ٿئي؟ ڇاڻوا هتي ٻڻ چونڊ (Selection) جو عمل دخل هو. پر هتي اهو وڏيڪ سگهارو ۽ موثر هو بنسبت انهي جو جڏهن اهو انسانن ذريعي عمل ۾ ٿي آيو. هاڻي ڀلا اهو عمل پذير ڪيئن ٿو ٿئي؟ جهد للبقا (Struggle for existence) ذريعي. انهي بابت ڪيس سڀ کان اڳ خبر 1838ع ۾ ريورنڊ ٽي. آر. مالٿوس جو The Principle of Population تي ڪتاب پڙهندي پئي هئي. اهو ڪتاب چاليھ ورهيہ اڳ ڇپيو هو. فطرت جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سموري دنيا ۾ (ڊارون لکي ٿو) حياتياتي شيون جنهن رفتار سان وڌن ٿيون انهي جي ڪري وجود بچائڻ جي ڪشمڪش جنم وٺي ٿي. اهو قانون سڀ ڪنهن تي لاڳو آهي ته هر حياتياتي وجود فطري طور ايتري ته وڏي رفتار سان وڌي ٿو جو جيڪڏهن انهن کي تباهه نه ڪيو ويندو ته جلدئي سموري ڌرتي فقط هڪ جوڙي جي اولاد سان ئي پرجي ويندي. وينديءَ آهستگي سان وڌندڙ انسان به پنجويهن ورهين ۾ پنهنجو تعداد ٻيڻو ڪري وجهي ٿو ۽ انهي رفتار سان هڪ هزار ورهين کان به گهٽ عرصي ۾ سندس اولاد لاءِ بيهڻ جي جاءِ به نه هوندي".

هيءَ اهڙي ڳالهه آهي جنهن جو اسان کي هر وقت احساس به نه ٿو رهي ۽ جيسٽنائين اها ذهن ۾ پڪي طرح جاءِ نه والاربندي تيسٽائين فطرت ٻاران ڪفايت شعاري جو سمورو اصول سمجهه ۾ ئي نه ايندو يا واضح ڏسڻ ۾ نه ايندو. اسان فطرت جو رخ روشن ڏسندي خوش ٿيون ٿا. اسان کي اڪثر غذا جي بي انتها ڪثرت نظر اچي ٿي پر اسان کي اهو نظر نه ٿو اچي يا اسان اها ڳالهه وساري ٿا ويهون ته اسان جي آسپاس جيڪي پکي بي فڪري سان ٻوليون ڪندا رهن ٿا انهن جو گذارو گهڻو ڪري جيتن يا ٻجن تي ٿئي ٿو. اهڙي طرح اهي مسلسل زندگي جو صفايو ڪندا رهن ٿا. اسين اها ڳالهه به وساري ويهون ٿا ته انهن لاتيون لنوندڙ پکين يا انهن جي آنن ۽ آکيرن کي وري شڪاري جانور ۽ پکي تباهه ڪندا رهن ٿا. اسان کي اها ڳالهه به هر وقت ذهن ۾ نه ٿي رهي ته غذا هاڻي جيتوڻيڪ تمام گهڻي چو نه هجي پر اها هر سال جي سيني موسمن ۾ ايتري گهڻي نه هوندي".

انهي مسلسل جدوجهد جي سبب "ڦيرين گهيرين پلي ڪيترين به معمولي هجن ۽ کهڙي به سبب جي ڪري پيدا ٿيون هجن پر اهي جيڪڏهن ڪنهن به نوع جي فردن لاءِ انهن جي ٻين حياتياتي وجودن سان لاڳاپن ۾ ڪنهن به درجي ۾ فائدي مند آهن ته انهن جي زندگي جي طبعي حالتن ۾ مددگار ٿينديون ۽ عام طور سندن اولاد ۾ منتقل ٿينديون. اهڙي طرح پيدا ٿيندڙ اولاد کي به پنهنجي زندگي باقي رکڻ جو بهتر موقعو ملندو ڇاڪاڻ ته ڪنهن به نوع جي فردن جي جاول اولاد مان فقط ٿورو تعداد ئي زنده رهي سگهندو آهي. مون انهيءَ اصول کي، جنهن مطابق هر ننڍي کان ننڍي ڦير گهير (جيڪڏهن فائدي مند آهي ته) باقي رهي ٿي، نيچرل سليڪشن (Natural Selection) جي نالي سان سڏيو آهي. اهو نالو ڏيڻ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو سبب اهو آهي جيئن ان کي انسان جي چونڊ جي اختيار کان جدا حيثيت ۾ سڃاڻي سگهجي

نيچرل سليڪشن جي انهي سمجهاڻي کان پوءِ ڊارون جي لفظن ۾ جنسي چونڊ (Sexual Selection) تي هڪ مختصر پر تمام دلچسپ سيڪشن اچي ٿو. هو سمجهائي ٿو ته چونڊ جو اهو طريقو بين حياتياتي وجودن يا خارجي حالتن سان تعلق جي لحاظ کان بقا جي جدوجهد تي نه پر هڪ جنس (Sex) جي فردن خاص طور نرن ۾ بي جنس جي فردن لاءِ جدوجهد تي دارومدار رکي ٿو. انهي جو نتيجو ناڪام حريف لاءِ موت نه پر تمام ٿوري اولاد جي صورت ۾ نڪري ٿو. ڪڏهن ڪڏهن ته اولاد پيدا ئي نه ٿي ٿئي. تنهن ڪري جنسي چونڊ فطري چونڊ کان گهٽ سخت آهي. سموري فطري دنيا ۾ نيچرل سليڪشن ئي تمام قوت سان ۽ مسلسل عمل ۾ رهي ٿي". مون کي يقين آهي ته ڊارون چوي ٿو "نيچرل سليڪشن نوعن ۾ ڦير گهير جو جيتوڻيڪ تمام اهم پر واحد ذريعو نه رهيو آهي".

اوريجن ۾ پيا به ڪيترائي باب آهن جن ۾ ڊارون پنهنجي نظريي جي وضاحت ڪئي آهي. انهي کي اجا وڌيڪ کولي سمجهايو آهي ۽ انهي تي جيڪي اعتراض ٿي سگهن ٿا انهن جو تمام سنجيدگي ۽ ڌيان سان جائزو ورتو آهي. تنهن هوندي به ڪيترن ئي ماڻهن- انهن ۾ چڱو خاصو انگ انهن ماڻهن جو به هو جن کي ثبوتن جي تڪ تور جي سٺي صلاحيت هئي- ڊارون جي نظريي جي صداقت تسليم نه ڪئي. اجا به اهڙا ڪيترائي ماڻهو آهن جن جي حالت ساڳئي آهي. پر ڊارون جي نيچرل سليڪشن جي نظريي ۽ ارتقا جي عمل ۾ فرق ضرور رکيو وڃي ڇاڪاڻ ارتقا جو اهو عمل گذريل سموري زماني ۾ جاري رهيو هو هاڻي به ٿي رهيو آهي ۽ اسان جي خيال مطابق اينڊڙ سموري دور ۾ به جاري رهندو. اهو صحيح معنيٰ ۾ هڪ ارتقائي نظريو آهي. اهو اڄڪلهه جي هر پڙهيل لکيل مرد ۽ عورت جي ذهني سامان جو اهم حصو ٿي ويو آهي ۽ انهي کي هر جاءِ تي ڊارون جي ڪتاب جو نتيجو سمجهيو وڃي ٿو.

"مون کي انهي ڳالهه جو ڪو به مناسب سبب نظر نه ٿو اچي ته هن ڪتاب ۾ پيش ڪيل نظريا ڪنهن جي مذهبي احساسن کي صدمو پهچائيندا. هن پنهنجي آخري باب ۾ لکيو آهي. آءٌ جڏهن سڀني شين کي خاص مخلوقات نه پر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙن وجودن جي حيثيت ۾ ڏسان ٿو جيڪي ڪجهه اهڙن وجودن جي نسلي اولاد آهن جيڪي انهي دور کان به گهڻو اڳ ٿي گذريا جڏهن ڪيمبرين (قديم فوسلي زماني جو پهريون دور جڏهن ڪيترن ئي قسمن جا بغير ڪرنگهي جي هڏي وارا جاندار پيدا ٿيا) نظام جو پهريون تهه پئجي رهيو هو ته انهي سان اهي مون کي شاناٽتا ٿيندي نظر اچن ٿا."

"ڪنهن اهڙي سينور سان پريل ڪناري جو تصور ڪرڻ ڏاڍي دلچسپ ڳالهه هوندي جيڪو ڪيترن قسمن جي ٻوٽن سان پريل هجي، وڻن ٻوٽن تي پکي ٻوليون ڪري رهيا هجن، قسمين قسمين جيت اچي وڃي رهيا هجن. گهميل زمين تي ڪينئان سُري رهيا هجن ۽ انهن بابت سوچڻ ته اهي تمام ڏيان سان ٺاهيل قسم جيڪي هڪٻئي کان ايترا مختلف آهن ۽ انهن سيني جو ڏاڍي پيچيدي نموني هڪٻئي تي دارومدار به آهي، اهي سيئي اسان جي چوڌاري عمل پذير ٿيندڙ قانونن تحت پيدا ٿيا آهن... زندگي کي انهي رُخ کان ڏسڻ ۾ به هڪ عظمت آهي، انهيءَ جون ڪيترين ئي طاقتون خالق ۾ اپاٽڻهار سڀ کان اڳ ڪنهن هڪ يا چند قسمن ۾ رکيون هيون.

انهي دوران ڌرتي جو هيءُ گولو ڪشش ثقل جي مقرر قانونن موجب چڪر ڏيندو رهيو آهي. اهڙي سادي شروعات کان تمام سهڻا، تمام عجيب ۽ بيشمار قسم ارتقا پذير ٿيا آهن ۽ اجا به ٿيندا پيا آهن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"تون تہ سونهن جي ڳالهہ ٿو ڪرين"، مسز ٽليور جواب ڏنو "پر مون کي تہ پڪ آهي تہ ڇوڪري ڪجه ڳالهين ۾ تہ چڙ اڌ چري آهي. آءُ ڪيس ڪا شي ڪٽي اچڻ لاءِ مٿي ماڙيءَ تي موڪليندي آهيان تہ هن کان اها ڳالهہ ئي وسري ويندي آهي ۽ اتي ئي پٽ تي اس ۾ ويهي پنهنجن وارن جون چوٽيون پٽي ڪندي آهي ۽ پاڳل خاني جي ڪنهن مخلوق وانگر پنهنجي منهن ويٺي ڳائيندي آهي ۽ آءُ هيٺ ويٺي سندس انتظار پئي ڪندي آهيان."

"الا، اهو تہ اجايو پئي ڳالهائين!" مسٽر ٽليور چيو "اها تہ ڏاڍي سهڻي ڪارين اکين واري نينگري آهي ۽ اها تہ ايترو سٺو پڙهندي آهي جيئن تہ پادري پڙهندو آهي".

"پر آءُ تہ جيتري بہ ڪوشش ڪريان ٿي سندس وار گهنڊيدار ٿين ئي نہ ٿا".

"بس ڪر، بس ڪر" مسٽر ٽليور جلديءَ ۾ ڳالهايو.

مسز ٽليور ڊاڊسن ڪٽنب جي چئن ڀينرن مان سڀ کان ننڍي ۽ تمام سادي هئي (مسٽر ٽليور ڪيس انهي ڪري ئي چونڊيو هو). ڊاڊسن ڪٽنب ڏاڍو رعب وارو هوندو هو ۽ خاص طور اهي جڏهن ٻاهرئين دنيا خلاف گڏ ٿي ويندا هئا تہ ڏاڍا سخت ٿي ويندا هئا. مسٽر ٽليور تہ بلڪل "ٻاهريون" هو. اها ڳالهہ انهي وقت تہ واضح صورت ۾ نظر اچي وئي جڏهن ٽليور پنهنجي پٽ ٽام کي هڪ پادري وٽ موڪلڻ جي رٿ رٿي تہ انهي ڳالهہ تي سوچ ويچار لاءِ ڪٽنب جي گڏجاڻي ٿي. انهي پادري وٽ فلپ واڪيم اڳيئي پڙهندو هو. فلپ واڪيم انهي وڪيل جو پٽ هو جنهن تي چڪيءَ واري پنهنجي چڪي جي پاڻي لاءِ ڪيترائي اڻ وڻندڙ ۽ ناڪام ڪيس ڪيا هئا. "واڪيم ايترو وڏو بدمعاش آهي جيترو پوڙهي هيريءَ ڪڏهن پيدا ڪيو هوندو". مسٽر ٽليور چيو.

"پروڪيل واڪيم جي پٽ کي تہ پٺي ۾ ڪُٻ آهي". مسز پُليٽ چيو "ڪيس پادري ٽيڻ لاءِ موڪلڻ وڌيڪ فطري ڳالهہ هئي". ٽام ۽ ميگيءَ جي وڏي ماسڙ مسٽر گليگ کي اهو نقطو ڏاڍو اهم نظر آيو. "واڪيم جو پٽ ڪو بہ ڏنڌو ڪاروبار نہ ڪري سگهندو. واڪيم ڪيس معزز ماڻهو بڻائيندو ويچارو".

واڪيم تنهنجي پيءُ سان ڇا ڪيو هو ۽ جڏهن به وقت اچي ته ڪيس اهي ڳالهيون ياد ڪرائجان ۽ محسوس ڪرائجان“.

”نه بابا!“ ميگي رڙ ڪئي، توهان ٿامر ڪان اهو لڪرائي نه ونو“. ”تون چپ ڪر ميگي“ ٿامر چيو ”آءُ اهو لڪندس“.

ڪنجوسي ڪندي ڪندي ڪيترائي ورهيه گذري ويا. انهي دوران ٿامر سينٽ اوگز ۾ هڪ نوڪريءَ ۾ ڏاڍي محنت ڪئي ۽ پنهنجي پيءُ جو قرض لاهڻ لاءِ ٽڪو ٽڪو بچايائين. پوءِ هڪ ڏينهن صبح جو فلپ واڪيم پنهنجي پيءُ سان گڏ گهوڙي تي سوار ٿي چڪي تي آيو ۽ آهستي آهستي هن ۽ ميگي ۾ هڪ قسم جي محبت پيدا ٿي وئي. اهي ريڊ ڊيپس Red Deeps نالي هڪ ويران جاءِ تي ملڻ لڳا. پر انهي ڳالهه جي ٻنهي جي ماءُ پيءُ کي خبر نه هئي اهي پاڻ ۾ ڳالهيون ڪندا هئا. هڪ ٻئي کي ڪتاب ڏيندا وٺندا هئا ۽ پاڻ ۾ ڏاڍا سٺا دوست ٿي ويا. ميگي جي عمر سورهن ورهيه ٿي وئي هئي ۽ جوان عورت لڳندي هئي. هُن لاءِ اهو لاڳاپو تمام وڻندڙ ڳالهه هئي.

پر سخت گير ٿامر کي انهي جي خبر پئجي وئي ۽ هن ڏاڍي گستاخي ۽ وحشي پڻي سان فلپ کي حڪم ڏنو ته هو سندس جوان ڀيڻ کان پري رهي. ”تون جيڪڏهن سندس ويجهو وڃڻ، هن ڏانهن ڪو خط لکڻ يا سندس ذهن تي ڪو هلڪو به اثر وجهڻ جي ڪوشش ڪئي ته تنهنجو ننڍڙو جسم توکي بچائي نه سگهندو. آءُ توکي موچڙا هڻندس، توکي سرعام بي عزتو ڪندس ۽ هر ڪو اهو پڙهي ٽهڪ ڏيندو ته تون هڪ سهڻي ڇوڪري جو عاشق ٿيو آهين“.

”ٿامر آءُ اهو برداشت نه ٿي ڪري سگهان. آءُ وڌيڪ نه ٻڌنديس“. ميگي ڪاوڙ ڏپ ۽ لچ ۾ رڙيون ڪيون. ”آءُ پنهنجي بچاءُ ۾ ڪجهه چوڻ نه ٿي چاهيان“، هن پوءِ ٿامر کي چيو هو ”مون کي خبر آهي مون غلطي ڪئي آهي. اڪثر غلطيون ڪيون آهن ۽ سدائين پئي غلطي ڪندي آهيان. جيڪڏهن تون ڪڏهن غلطي تي هجين ها ته... آءُ ڪڏهن توکي سزا ڏيڻ نه گهران ها. پر توکي سدائين مون کي سزا ڏيڻ ۾ مزو ايندو آهي. تون سدائين مون تي سختي ۽ بي رحمي ڪئي آهي... تو ۾ ڪا به ڪهل ڪانهي...“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر تام تي ڪو به اثر نه ٿيو ۽ جلدئي سندس سوپ جي گهڙي به اچي وئي.
هن پنهنجي پيءُ جي قرض جي پائي پائي لاٿي. پوڙهي ماڻهو به ڪري ڊيڪاري ٿيو ائين جو قرض خواهن جي گڏجاڻي ڪان پوءِ گهر موٽندي ڪيس واڪيم نظر اچي ويو ۽ هن انهي تي وٺي جُلهه ڪئي. ميگي ئي مار ڪائيندڙ وڪيل کي بچايو ۽ پنهنجي پيءُ کي هن ڪان پري ڪري وجي ڪيس هنڌ ۾ سمهاريائين. هو مرڻ تي هو. چوڪريءَ کيس ليلڙات ڪيو ته هو فقط ايترو چئي ته "هن کيس معاف ڪيو. هن هاڻي سيني کي معاف ڪيو". نه منهنجي ڊيئڙيءِ جواب مليو آءُ کيس معاف نه ڪندس... آءُ ڪنهن لُچ کي سلو نه ٿو سمجهي سگهان".
مسٽر ٽليور جي مرڻ سان پراڻو گهر اجڙي ويو ۽ ميگي ڪجه پريرو چوڪرين جي هڪ اسڪول ۾ ڪا نو ڪري ورتي. پر هوءَ موڪل وقت سينٽ اوگز واپس ويندي هئي ۽ پنهنجي ماسات ليوسي ڊينز وٽ رهندي هئي. اتي ئي هن فلپ واڪيم سان نئين سر دوستي ڪئي جيتوڻيڪ تام اچا به انهي ڳالهه کي پسند نه ڪندو هو. فلپ کي اصل وانگر هاڻي به هن سان ڏاڍي محبت هئي پر ميگيءَ جو هن ڏانهن رويو بدلجي ويو هو. ميگي جي فلپ لاءِ احساسن ۾ سدائين محبت ڪان وڌيڪ ڪهل ۽ رحمدلي رهي هئي. هاڻي هڪ ٻيو ۽ تمام مختلف ماڻهو سندس زندگيءَ ۾ ڪاهي آيو هو۽ سندس چاهت جي جذبن کي لتاڙڻ لڳو هو.
سندس نالو اسٽيفن گيسٽ هو. هُو نوجوان هو سهڻو هو ۽ خوشحال هو. هن ۽ ليوسي ڊين جي ڪيترن ورهين کان جڙڻ ته شادي طي ٿيل هئي. پر هن جي ميگي سان پهرئين ملاقات کان وٺي ئي هو هن جي سونهن ۽ شايد ته سندس تيز ذهانت سبب هن ڏانهن ڇڪجي آيو. ميگيءَ جي احساسن ۾ به ساڳئي طرح هلچل مچي وئي. حقيقت ته اها آهي ته انهن جي وچ ۾ هڪ اهڙو جذبو به پيدا ٿي ويو جيڪو تمام جنسي ڇڪ وارو هو. پر انهن ٻنهي نئيڙي ليوسي سان وفاداري نڀاهيندي وڏي ڪوشش ڪري انهي جذبي کي حدن اندر رکيو. هڪ ڏينهن اسٽيفن ميگيءَ کي درياءَ تي پنهنجي ٻيڙيءَ ۾ ڇڪر ڏيارڻ وٺي ويو. اهي ويا اڳتي وڌندا ويا اڳتي وڌندا تان جو دير تي وين ۽ موٽي نه سگهيا. انهن اها رات هالينڊ جي هڪ واپاري جهاز جي عرشي تي گذاري جهاز وارن کين مٽي ڇڪي ورتو هو. صبح جو اسٽيفن ميگي تي زور پرڻ لڳو ته هو ايترو پري نڪري آيا آهن جتان واپسي

ممڪن نہ آهي تنهن ڪري ميگي ڪيس ملڻ گهرجي. اهي بنا دير شادي ڪري ڇڏيندا ۽ ٻاهر هليا ويندا. جڏهن ماٺهو سينٽ اوگز ۾ انهن بابت ڳالهائڻ بند ڪندا تہ اهي ٻيهر موٽي ايندا. ميگي بہ تقريباً قائل ٿي وئي هئي پر بلڪل آخري وقت ۾ پنهنجي عاشق جي جذباتي منٿن کي ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيائين. ڪيس هن سان محبت هئي! هائو! هن اها ڳالهہ تسليم ڪئي ٿي پر ڪيس چڱي طرح خبر هئي تہ ٻي عورت جي خوشي جي قيمت تي حاصل ڪيل محبت ڪان بس ڀلي آهي.

"ميگي تون ڪجهہ سوچ!" استيفن رڙ ڪئي. "تون وڃڻين پئي. تون مون سان شادي ڪرڻ ڪان سواءِ واپس ڪيئن هلندين؟ پياري توکي خبر نہ آهي تہ ماٺهو ڇا چوندا" "هائو مون کي خبر آهي". ڇوڪريءَ ورائيو آءُ هر ڳالهہ ٻڌائيندس. لبوسي مون تي اعتبار ڪندي هوءَ مون کي معاف ڪري ڇڏيندي ها! سچ کي چنبڙي ٻيهڻ سان ڪو فائدو ٿي ٿيندو. پيارا استيفن مون کي وجڻ ڏي مون کي ڏک ۽ افسوس ڏانهن نہ ڇڪ. منهنجو روح انهي ڳالهہ تي ڪڏهن راضي ٿي نہ ٿيو هوءِ هاٽي بہ راضي نہ آهي. اهڙي طرح اهي جدا ٿي ويا جيئن استيفن ٻاهرئين ملڪ هليو ويجي ۽ ميگي سينٽ اوگز واپس وجي جتي ماٺهن ڳالهايو ۽ ڏاڍي زور شور سان ڳالهايو. ٿام بہ ٿام هو. انهي ڪيس پنهنجي گهر مان ڪيڍي ڇڏيو ۽ آنڙڪ ايوانز جڏهن جارج ايليٽ نالي ڪنهن عورت جي لکيل انهي ڪتاب ۾ اها ڳالهہ پڙهي تہ هن کي فوراً خبر پئجي وئي تہ اهو ڪنهن جو لکيل هو. چاڪاڻ تہ ٿام بہ اهو ئي ڪيو هو جيڪو هو اهڙين حالتن ۾ ڪري ها.

ميگي کي واهہ جي ڪپ سان نهيل هڪ گهورڙيي جي گهر ۾ پناهہ ملي. ميگيءَ هن سان ڪنهن وقت ۾ ڪي چڱايون ڪيون هيون. فلاس واهہ جي ڪپ تي نهيل انهي گهر ۾ هڪ ڏينهن هڪ پيغامبر فلپ جو خط کڻي آيو. اهو خط همدردي ۽ اڻ ڪٽ پيار سان ڀريل هو. "خدا توکي سڪون ۽ آرام ڏئي. منهنجي پياري ۽ وڏي دل واري ميگي. جيڪڏهن ٻين سيني ماڻهن توکي غلط سمجهيو آهي تہ اها ڳالهہ ياد رکج تہ تنهنجي باري ۾ اهو شخص ڪنهن بہ شڪ شبهي جو شڪار نہ آهي جنهن جي دل توکي ڏهہ ورهيہ اڳ سچائي ورتو هو". ٻيءِ هڪ شام لبوسي اتي اچي نڪتي. "لبوسي"، ميگي ڪيس وڏي ڪوشش سان خاطري ڪرائي". هن بہ وڏي ڪوشش ڪئي هئي. هن توسان سچو ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. هو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توڙانهن موتي ايندو. ڪيس معاف ڪر. هو خوش ٿيندو. پٺي ڇوڪريون هڪ ٻئي کي ڇنبڙيءَ پيون ۽ جڏهن جدا ٿيون تہ ليوسي سڏ ڪندي چيو ”ميگي تون مون کان سٺي آهيان“.

هڪ رات ڏاڍي زور سان مينهن وسي رهيو هو. ميگي ڏاڍي ڏک ۾ ورتي هئي. اهو مينهن ڪيترن ڏينهن کان وسي رهيو هو ۽ فلاس جي سطح تڪڙي وڌندي پئي وئي. پوڙها ماڻهو پنهنجا ڪنڌ لوڏي سٺ ورهيہ اڳ آيل اهڙي ٻوڏ جون ساروڻيون ٻڌائي رهيا هئا. ميگي، اسٽيفن گيسٽ وٽان آيل خط بابت سوچي رهي هئي ”مون ڏانهن فقط هڪ لفظ لکي موڪل“. هن ڪيس ايلاز ڪيا هئا“. ڇئہ اچ“ اهو هن لاءِ تمام ڏکيو وقت هو. هن خط ميڻ بتي جي شعلي ۾ رکندي پٽڪات ڪيو ”آءُ اهي لفظ ياد رکنديس ۽ موت تائين ياد رکنديس. پر موت بہ الائي ڪڏهن ايندو؟ منهنجي عمر ڏاڍي ننڍي آهي. آءُ ايتري صحت مند آهيان. مون کي ايترو صبر ۽ سگهہ ڪٿان ملندي؟“ هو گوڏن ڀر جهڪي پئي هئي جو اوچتو گوڏن ۽ پيرن ۾ ٿڌ جو چرڪائيندڙ احساس ٿيس. دروازي مان پاڻي اندر داخل ٿي رهيو هو ۽ هوءَ سمجهي وئي تہ ٻوڏ اچي وئي هئي.

کهاڻي بہ جيئن هاڻي جلدي پنهنجي ڪلائيميڪس ڏانهن وڃي ٿي تيئن ٻوڏ بہ ڌوڪيندي هر شي کي تباهہ ڪندي پئي اچي. ميگي پنهنجي دوست ۽ سندس ڪٽنب کي حفاظت سان هڪ ٻيڙي ۾ ويهارڻ کان پوءِ پاڻ هڪ ٻي ٻيڙي ۾ ويهي ڇڪيءَ ڏانهن وڌڻ لڳي جيئن اتي موجود ماڻهن جي ڪا مدد ڪري سگهي. سندس ماءُ اتان اڳيئي ڪنهن حفاظت واري جاءِ تي هلي وئي هئي پر ٽام اجا اتي هو. هو ٻيڙيءَ تائين پهتو ۽ ٽڙي ٽابڙي چڙهي ويٺو. اهي چپ چاپ هڪ ٻئي ڏانهن نهاريندا رهيا. ميگي جي اکين مان زندگي جي جوت جهلڪا ڏئي رهي هئي. سندس منهن ٿڪل ۽ ساڻو هو. ٽام جي اکين ۾ دهشت ۽ لڄ هئي. آخرڪار سندس نيرين اکين ۾ آلاڻ اچي وئي سندس چپن مان هڪڙو ئي ٻاراڻو لفظ نڪري سگهيو ”ميگي!“

ڪجھ منٽن کان پوءِ فُلاس انهن کي ڀڳل جاين جي ٽڪرن جي هڪ وڏي ترندڙ ڍير سان ٽڪرائي ڇڏيو. ”ميگي ڇولي اچي پئي. ”ٽام جي هٿن مان ونجھ ڇڏائي ويا ۽ ميگي کي پنهنجين ٻانهن ۾ ڀڪوڙيندي روئڻهارڪي آواز ۾ چيائين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهي ڪان پوءِ ٻيڙي پاڻي تي نظر نه آئي. ٽڪرن جو ڍير سوپائتي انداز ۾ ڏوڪيندو اچي رهيو هو. پر جلدئي ٻيڙي جو نڙ متاڇري تي ظاهر ٿي ويو. اهو سونهري پاڻي تي هڪ ڪارو داغ لڳي رهيو هو. ٻيڙي وري متي اُڀري آئي پر پاڻ ۽ پيڻ هڪ اهڙي ڀاڪر ۾ هيٺ ويا هليا جنهن مان ڪڏهن به جدا نه ٿيا. انهن هڪ عاليشان گهڙي ۾ اهي ساڳيا ڏينهن وري گذاري ورتا جڏهن اهي محبت وچان هڪ ٻئي جا ننڍڙا هٿڙا جهليندا هئا ۽ ڊيزين (Daisies) جي ميدانن تي هڪ ٻئي سان گڏ ڊوڙون پائيندا هئا.

# 57. دي ڪلوئيسٽر ائنڊ دي هرٿ

# (The Cloister and Teh Hearth)

## چارلس ريڊ (Charles Reade)

ڪجھ بهترين نقادن جو اهو رايو آهي ته چارلس ريڊ جو دي ڪلوئيسٽر ائنڊ دي هرٿ انگريزي زبان جو بهترين تاريخي ناول آهي. انهيءَ بابت حتمي راءِ ڪهڙي به هجي انهي ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته انهي جي ڪهاڻي ڏاڍي دلچسپ آهي. اها دلچسپ واقعن سان پيريل آهي ۽ تقريباً هر صفحي تي مهم جوئين جا داستان اچن ٿا. توهان جيڪڏهن اهو ڄاڻڻ چاهيو ٿا ته نشاة ثانيه عروج تي پهچڻ کان اڳ واري پُرشور ۽ دشوار دور ۾ زندگي ڪيئن گذرندي هوندي ته انهي جا چٽ تمام چٽائي سان ۽ انهي جو بيان تمام وضاحت سان توهان کي هتي ملي ويندو.

ريڊ شروع ۾ اهو ناول هڪ رسالي جي ڪهاڻي طور لکيو هو. پر هو انهي صورت ۾ انهي کان گهڻو مطمئن نه هو ڇاڪاڻ ته هن ڪجھ وقت اڳ نشاة ثانيه جي وڏي اسڪالر ۽ انسان دوست نظريي جي حامي اراسمس جي زندگي جو احوال پڙهيو هو ۽ اراسمس جون جاندار لکڻيون، فرائسارٽ جا Chronicles ۽ لوٿر جا مضمون ۽ مقالا پڙهيا هئا. هن انهي دور جو ماحول پاڻ تي مڪمل طور طاري ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي ڪهاڻي پيهر ناول جي ڊيگهه ۾ لکي. ڪتاب 1816ع ۾ ڇپيو ۽ فوراً ڪاميابي حاصل ڪري ورتائين.

ڪهاڻي جي شروعات هالينڊ جي ملڪ ۾ ٿئي ٿي ۽ دور پندرهين صدي جي اڌ جي ويجهو آهي. ٽرگو جي ننڍڙي شهر ۾ ايلياس ۽ سندس زال ڪيٽرائين رهندا هئا. هو ڪپڙي، ريشم ۽ چمڙي جو واپاري هو ۽ اهو جوڙو جيڪڏهن نَوَن ٻارن جو ٿور دنيا ۾ نه آڻي ها ته چڱو خوشحال هجي ها. پيڪري تان آندل ماني جو سڀ کان وڏو ٽڪر به انهن جي ٽيبل تي رکجڻ کان پوءِ ائين لڳندو هو جڻ ته ڳري ويو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هجي جڏهن وڏا پٽ نوڪري جي ڳولها ۾ گهر ڇڏي ويا ته ديباءَ ڪجھ گهٽ ٿيو ۽ ماءُ پيءُ به ڪجھ سک جو ساهه کنيو.

جيرارڊ ننڍپڻ پٽن مان هو ۽ سموري ڪٽنب جون اميدون هن ۾ هيون پر هن ۾ ڪي وڏيون اميدون به نه هيون. هن کي پڙهڻ سان چاهه هو ۽ لکڻ جو فطري ڏانءُ هوس انهي ڪري اميد هئي ته کيس چرچ ۾ ڪا ننڍڙي نوڪري ملي ويندي جيرارڊ به پنهنجي ماءُ پيءُ جي خيالن سان متفق هو. پر پوءِ هو هڪ ڏينهن نوجوان چترڪارن ۽ منشين جي هڪ مقابلي ۾ حصو وٺڻ روٽرڊيم ويو ۽ اتي هڪ پوڙهي ماڻهو سان مليو. هو لتي ڪپڙي ۾ غريب پر ڏاڍو شاناٿتو ٿي لڳو. هن جي ڏيءُ به هن سان گڏ هئي. هن جي توجه ڇوڪريءَ ٿي ڇڪرائي ۽ هو سندس پهرئين جهلڪ کي ڪڏهن به وساري نه سگهيو. هن کي اوني رنگ جي سادي ڪپڙي جو گاؤن پهريل هو. سندس ڳچي جو اهو حصو جيڪو گاؤن سان ڍڪيل نه هو انهي تي برف جهڙي اڇي لان جو ڪپڙو هو جيڪو نڙي جي اڌ وٽ سونهري پرت جي گهيري جي شڪل ۾ ختم ٿي ٿيو. هن پنهنجن وارن کي ليٽن جي ڊير ۾ لڪائڻ بجاءِ چاندي جي تارن جي جاريءَ سان ڍڪي ڇڏيو هو. انهي جاري جي خالي جاين تي چانديءَ جهڙا ستارا لڳل هئا انهي جاري مان سندس ڳاڙهاڻ مائل پورا وار ڪجھ سامهون پن حصن ۾ لڙڪي رهيا هئا ۽ ڪجھ پنيان ڏاڍي سهڻي نموني لڙڪيل هئا. سندس نالو مارگريٽ براندٽ هو ۽ هوءَ انهي پوڙهي اسڪالر جي ڏيءُ هئي جنهن کي پنهنجن سادڙن پاڙيسرين کان ايتري گهٽي جاڻ هئي جو مٿس جادو جو شڪ ڪيو ويندو هو.

نوجوان جيرارڊ پنهنجي هڪ لکٽي تي مقابلي ۾ انعام حاصل ڪيو ۽ هن سان اهو واعدو به ڪيو ته هو جڏهن ڇگي عمر جو ٿيندو ته کيس ڪليسا جي طرفان وظيفو وٺرائي ڏنو ويندو. انهي وقت هو ڪليسائي نوڪري ۾ سڀ کان هيٺئين ڏاڪي تي يعني ليڪٽر هو (گرجا گهر ۾ انجيل پڙهي ٻڌائڻ واري کي ليڪٽر چيو ويندو هو. سنڌيڪار) هو جڏهن گهر موٽڻ لڳو ته "سندس بٽوڻ ۾ پندرهن سونا سڪا، چاتيءَ تي هڪ سونو تمغو ۽ شيهي جي هڪ ٽڪر جهڙي دل هئي". چاڪاڻ ته کيس چڱي طرح خبر هئي ته هن لاءِ رٿيل پادري واري ڏنڌي کي ڇڏڻ جي ڪنهن به تجويز جي سختي سان مخالفت ڪئي ويندي انهي ڏنڌي ۾

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شادي نہ ڪرڻ ۾ مُجرد رهڻ جو حلف کنيو ويندو آهي. پر سندس پنهنجي ذهن ۾ انهي بابت ڪو بہ شڪ شبهو نہ هو تہ ڪيس اهو ئي ڪرڻو پوندو. هن کي مارگريٽ سان محبت هئي ۽ مارگريٽ سندس محبت جو جواب محبت سان ڏنو هو هاڻي وڌيڪ ڪجه چوڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟

پر حالتن جيڪو رخ اختيار ڪيو انهن مطابق گهڻو ڪجه چوڻ جي ضرورت هئي. جيرارڊ جڏهن پنهنجي پيءُ کي نوڪري طور چرچ ڇڏڻ جي ارادي ۽ مارگريٽ سان شادي طي ٿيڻ کان واقف ڪيو تہ هن انهي شادي کان سختي سان انڪار ڪري ڇڏيو. جيرارڊ مارگريٽ تي اتليءَ هلڻ تي زور پريو هن کي ٻڌايو ويو هو تہ اتي نوجوان هنرمندن لاءِ تمام سٺا موقعا آهن. پر ڇوڪري پنهنجي پيءُ کي نہ ٿي ڇڏي سگهي تنهن ڪري هنن اهو فيصلو ڪيو تہ هو جلدي شادي ڪري ٿا ڇڏين. انهي کان پوءِ هو فليندرز ڏانهن نڪري ويندا تيستائين ڳالهين جو طوفان بہ گهٽ ٿي ويندو. پر اهي جڏهن استيوين برجن جي گرجا گهر ۾ ويٺا هئا ـ جيرارڊ جو منهن خوشي ۾ ۽ مارگريٽ جو شرم ۽ حيا ۾ ڳاڙهو لڳو پيو هو ۽ اهي سموري هاليند ۾ سڀ کان خوش جوڙو لڳي رهيا هئا ـ تہ اوچتو ٽر گوجا سپاهي اندر ڪاهي آيا ۽ جيرارڊ کي گرفتار ڪري ورتائون.

"هيءُ نوجوان پنهنجي پيءُ جي مرضي جي خلاف شادي ڪري رهيو آهي". انهن پادري کي ٻڌايو "۽ انهي جي پيءُ اسان جي ميئر کي درخواست ڪئي آهي تہ هن سان قانوني طريقي سان منهن ڏنو وڃي". جيرارڊ کي شهر جي قيدخاني ڏانهن نيو ويو ۽ پوءِ هو ڪيترين ئي غير معمولي مهم جوئين ۾ ايندو ويو. فرار ٿيو وري گرفتار ٿيو وري ڀڳو...

هڪ اهڙي خوفناڪ رات بہ آئي جڏهن هو چڙ تہ قبر کي هٿ لائي آيو. ميئر جا عملدار ڪيس هر جاءِ تي ڳولهي رهيا هئا. هو مارگريٽ جي گهر ۾ وڃي لڪو ۽ سپاهين ڪيس اتي پڪڙي ورتو. اهي زوري گهر ۾ داخل ٿيا ۽ گهر جي هر ڪمري ويندي مارگريٽ جي ڪمري جي بہ تلاشي ورتائون. اتي انهن کي استيوين برجن جي سونهن هڪ اهڙي پراڻي صندوق تي سُتل نظر آئي جيڪا هڪ فوٽ بہ اوچي نہ هئي. هن انهي کي لڪائڻ جي بہ ڪا ڪوشش نہ ڪئي. پر انهي تي ٻيل چادرون ۽ خود مارگريٽ جون چادرون برف جهڙيون اڇيون هيون. هوءَ بہ انهيءَ مهل سجاڳ ٿي بستري ۾ اٿي ويٺي. اٿين پئي لڳو جيئن ڪيس حيرت وٺي وئي هجي ۽ مردن کي ڏسي آهستي آهستي رڙيون ڪرڻ لڳي... "مردن بہ شرمسار ٿيندي جلدي وٺي پويان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پير ڪيا، ۽ جيئن ئي اهي نڪتا تہ مارگريٽ بہ بستري تان هيٺ لهي بيٺي ۽ اها ڏڪي پيتي ڪوليائيين جنهن تي هوءَ سُتي پئي هئي ۽ ڏاڍي آهستگي سان سرہاٽ ڪيائين. "جيرارڊ" جيرارڊ ڪو جواب نہ ڏنو. هن پنهنجو هٿ هن جي ڪلهي تي رکيو "جيرارڊ" ورڀ بہ ڪا ورندي نہ ڏني. "الا! هي ڇا آهي؟" هوءَ روئڻ لڳي ۽ سندس هٿ بيتابيءَ ۾ جيرارڊ جي منهن ۽ ڇاتي تي ڦرڻ لڳا. هن کيس ڪلهن کان جهليو. کيس لوڏيو. کيس مٿي کنيو پر هو سندس ڏڪندڙ هٿن مان نڪري ويو ۽ ڪنهن ماڻهو وانگر نہ پر ڪنهن لاش وانگر پٽتي وجي ڪريو. هوءَ ڏاڍي خوف ۾ ونجي وئي. صندوق جو ڍڪ هيٺ هو. هوءَ انهي جي مٿان سُتي هئي. سپاهي بہ ڪجھ دير ڪمري ۾ رهيا هئا. هن جذبات جي پوري طاقت سان کيس صندوق مان ڇڪي ڪڍيو ۽ پنهنجين ٻانهن ۾ دري وٽ ڪٽي وئي..."

جيرارڊ بهرحال فوت نہ ٿيو هو. هو جڏهن هوش ۾ آيو تہ پنهنجو مٿو مارگريٽ جي ٻانهن تي ڏٺائين ۽ سندس محبوبا جا محبت ڀريا لفظ سندس ڪنن تي پيا. هن جا ڳوڙها هن مٿان ٽمي رهيا هئا ۽ هوءَ ڏاڍي نرمي سان کيس منيون ڏئي رهي هئي ۽ سندس جسم تي هٿ ڦيرائي رهي هئي "انهن پنهنجيون ٻانهون هڪ ٻئي جي چوگرد وڪوڙي ڇڏيون ۽ مصيبتون ۽ خطرا هڪ دنيا ۽ هڪ زمانو پري نظر اچڻ لڳا. انهن هڪ ٻئي کي زال ۽ مڙس ڪوٺيو. ڇا انهن جي باضابطہ طور شادي جي ڳالهہ پڪي نہ ٿي هئي؟ ڇا اهي چرچ ۾ منبر جي سامهون گڏجي نہ بيٺا هئا؟ ڇا انهن جي جوڙي کي مقدس ڪليسا جي آسيس نہ ملي هئي؟ انهن جي حال تي افسوس! اهي اڄ خوش هئا. سياڻي انهن کي لازماً هڪ ٻئي کان جدا ڪيٽو پوندو. پر انهيءَ ڳالهہ انهن لاءِ هاڻي ڪا اهميت نہ ٿي رکي..."

انهي کان پوءِ انهن جي شادي جي رات انهن کي هڪ ٻئي کان جدا ڪيٽو هو.. مارگريٽ پنهنجي پيءُ جي گهر وڃڻي هئي ۽ جيرارڊ کي جرمني ۽ اتان اٽلي ۽ روم جو سفر ڪرڻو هو. کيس اميد هئي تہ اتي کيس هڪ ٻن سالن لاءِ نوڪري ملي ويندي هو پنهنجي سفر ۾ اڃا گهڻو اڳتي ئي نہ هليو هو جو هو هڪ برگنڊي جي سپاهي سان مليو. اهو ڏاڍو صاف دل بهادر ۽ ارادي جو پڪو ماڻهو هو. انهي جو نالو ڊينيز هو. هن جي سهڻين چوڪرين تي نظر رهندي هئي. انهن شروعاتي ڏينهن ۾ ئي جهڙي قسم جا ماڻهو ڏينهن جو روڊن تي پيا هلندا هئا ۽ رات جو مهمان سرائن ۾ ستيا پيا هوندا هئا جيرارڊ کي بہ جيڪڏهن ڊينيز جهڙي ڪنهن حد تائين بدمعاش ماڻهو جي مدد نہ ملي ها تہ هو جلدئي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس ڄاڙي ڪڙڪڻ لڳي "اهو ڇا آهي؟ "هن پڇڪو ڪيو". هش! اهو فاسفورس آهي" جيرارڊ وراڻيو "پر اهو ڪم ڏيندو".

ڊاڪڻ چڙهي مٿي اينڊڙ ٻهريون ماٺهو دروازي کان اڳتي نہ وڌي سگهيو: ڊينيز ٻهريان تہ پنهنجي اربيل مان تير هٽي سندس هٿ دروازي جي ٻانهي تي ٺوڪي ڇڏيو پوءِ پنهنجي تلوار جي ڌڪ سان انهي کي وڍي ڇڏيو. پوءِ ڦورن جي ٽولي جو سردار اوچتو دروازي ۾ ظاهر ٿيو. هو "ايبٽ" جي نالي سان مشهور هو. هو وڏي قد بت سان ڪو پيلپاٽو ٿي لڳو ۽ هٿ ۾ هڪ چمڪندڙ ڪهاڙو هوس. "هن جي نظر مٿل ماٺهو تي پئي. انهي جي منهن جي هڪ پاسي تي چنڊ جي نيري روشني پئجي رهي هئي ۽ ٻيو پاسو ڳاڙهو نظر اچي رهيو هو. اهو لقاءُ ڏسي سندس ٻانهون ڍريون ٿي هيٺ ڪري پيون. سندس گوڏا ٺڙڪڻ لڳا ۽ هو ڊپ ۾ ڪرونڊڙو ٿي ويو. هن ڊپ ۾ وني رڙ ڪئي ياخدا! ۽ پٺي ڏئي وٺي ڀڳو. انهي دوران ڊينيز ڪيس ڄاڙين جي وچ ۾ ڌڪ هٽي ڪڍيو... پر هو جلدئي پنهنجن ٻن ماٺهن سان گڏ موٽي آيو. هو ڪاوڙ ۽ سور سبب ڇتو لڳو پيو هو. هن پنهنجي مٿل ساٿي کي وٺي ٽڏو هنيو پوءِ جيئن ڪيس پنهي پاسن کان ٻرندڙ اکين وارا ماٺهو سامهون آيا تہ هو پنهنجو شاهي ڪهاڙو ساڄي کابي ڪنهن ڪنيپ وانگر هلائڻ لڳو. اهڙي طرح هن جاءِ ناهي پوءِ وري ڪهاڙو مٿي کڻي انهن ٻنهي کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ لڳو..." ڊينيز رت ۾ پرجي ٿاٻڙجندو پٺتي وڃي ڪريو. انهي ئي وقت جيرارڊ وچ وانگر اچي وچ ۾ پيو ۽ ڪهاڙو هن مٿان ڪِرڻ وارو ئي هو جو هن پنهنجي تلوار اينتري تہ زور سان سندس جسم ۾ وهائي ڪڍي جو جيستائين ٿاٻڙجندڙ ڊينيز پنهنجي دوست جي مدد لاءِ اٿي آيو تيستائين تلوار جي چوٽي ايبٽ جي پٺي مان ٻاهر نڪري آئي. ڌڪ کاڌل ديو ڪنهن ڍڳي وانگر رنڀڻ لڳو. ڪهاڙو هٿ مان هيٺ ڪري پيس ۽ جيرارڊ کي ڪنهن ٻار وانگر ڌونڌاڙڻ لڳو. پوءِ ڊينيز وڏي ڪاوڙ ۾ ڏند ڪڍي پنهنجي تلوار انهي ديو جي پٺي ۾ تنبي ڇڏي ايبٽ اهڙي طرح تلوار تنبجڻ کان پوءِ ڏاڍي زور سان تڙپيو ۽ سندس ڪڙيون زور سان زمين ڪُٽڻ لڳيون... اڃا بہ هن جو ساهہ نہ نڪتو هو ۽ ڊينيز ۽ جيرارڊ وري ڪيس تلوار هڻڻ جي تياري ۾ هئا جو هو پورا پنج فوٽ مٿي اڇلجي ڏاڍي زور سان اچي دروازي ۾ لڳو ۽ انهي کي بہ ڪاغذ جي ڪنهن ورق وانگر پاڻ سان گڏ هيٺ ڪنيو ويو. تڏهن انهي جوان مرد جوڙي کي بہ وٺي مان

سپاهين جي هڪ ٽولي جي مشعلن جا شعاع نظر آيا. اهي سپاهي سراء جي نوڪرياڻيءَ مدد لاءِ آندا هئا.“

اهڙو ڪهڙو نوجوان هوندو جيڪو خون خرابي جو اهو ٽڪرو هڪ دفعو پڙهڻ کان پوءِ وساري سگهيو هوندو؟ ۽ اسان ته هتي هڪ ٻزن يا انهن کان به وڌيڪ صفحن تي پکڙيل ٽڪري جو هڪ حصو ڏنو آهي. ڪتاب ۾ اهڙا ڪيترائي واقعا آهن جيڪي بيان جي جوش جي لحاظ کان انهي جا مٽ ۽ ثاني ٿي سگهن ٿا. هڪ مهم مثال ہي مهم اينڊي وجي ٿي ايستائين جو جيرارڊ جي روم پهچڻ سان انداز بدلجي وڃي ٿو. اتي اهو دلچسپ واقعن واري ناول مان شڪسته دلين ۽ وڇڙيل زندگين جي احوال جو داستان ٿي پوي ٿو.

انهي نوجوان کي هالينڊ جي هڪ دوست وٽان هڪ خط مليو. پوءِ خبر پئي ته اهو ڪوڙو خط هو جيڪي پنهنجن ڪجھ ٻچڙن سببن جي ڪري هن جا دشمن هئا. انهيءَ ۾ اها ڳالھ لکيل هئي ته مارگريٽ فوت ٿي وئي هئي. اهو ڏڪ ڏاڍو ڏکيو هو. هو سوچڻ لڳو ته هو جيڪڏهن گهر هجي ها ته شايد کيس بچائي وٺي ها. احساسن جي انهي شديد چڪتاڻ ۾ هو شراب، جوا، عورتن ۽ هر انهي ڳالھ ۾ ڪاهي پيو جنهن مان کيس هڪ ڪلاڪ جي به وندر ملي سگهي ۽ هو هڪ گهڙي لاءِ به پاڻ کان غافل ٿي سگهي. پوءِ هڪ رات هو ٽائبر درياء ۾ ٽپو ڏيڻ تي هو جو کيس انهي ساڳئي شخص ٿي خودڪشي کان بچائي ورتو جنهن تي هڪ عورت قاتلاڻي حملي جو الزام هنيو هو. هو هڪ دفعو وري جذباتي چڪتاڻ مان گذريو ۽ هن دفعي اها چڪتاڻ کيس مذهب ڏانهن وٺي وئي ۽ هو سينٽ ڊومينيڪ جو راهب ٿي ويو. هن هڪ پُرجوش مبلغ جي حيثيت ۾ پاڻ مڃرايو ۽ پنهنجن تبليغي سفرن دوران هالينڊ ويو هليو. اتي هو فادر ڪليميمنٽ جي نالي سان مشهور هو. هو هڪ ڏينهن روٽرڊيم جي هڪ گرجا گهر ۾ منبر تان وعظ ڪري رهيو هو جو سندس اکيون انهي عورت جي اکين سان مليون جنهن سان کيس محبت هئي ۽ کيس وڃائي ڇڏيو هئائين. محبت ته کيس اجا به هئي پر هاڻي هن جو- پادري جو- ڪنهن عورت جي محبت سان ڪهڙو ڪم؟ هن لاءِ گهر (Hearth) نه رهيو هو. فقط خانقاهه (Cloister) وڃي بچي هئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن جهڙي صورتحال پيدا ڪئي هئي انهي ۾ چارلس ريڊ به پنهنجن پڙهندڙن کي اهڙي خوشگوار پڄاڻي نه ڏئي سگهي ها جهڙي جا وڪٽوريائي عادي ٿي ويا هئا پر انهي جي باوجود به هن پنهنجي پوري ڪوشش ڪئي. جن ماڻهن سنڊس اميدن جو چمن اجاڙڻ جي سٽ سٽي هئي انهن خلاف ڪاوڙ ڪيڻ کان پوءِ جيرارڊ هڪ سنياسي ۽ ويراڳي ٿي ويو. پر مارگريٽ ڪيس ڳولهي لڌو ۽ انهن ٻنهي کي انهي ننڍڙي ڇوڪري هڪ دفعو ٻيهر پاڻ ۾ ملايو. اهو انهن ٻنهي جو ٻٽ هو ۽ انهي رات سنڊس وجود وڃڻ جي شروعات ٿي هئي جڏهن هن قيدخاني ۽ قبر کي هٿ لاتو هو. هن وري مارگريٽ جي ٿي پيار پرڻي وسيلي سان سنياسي واري ڪولي جي بدلي گوڊا (Gouda) جي گرجا گهر ۾ پادري جي نوڪري ورتي. اتي هو ڪيترا ورهيه پنهنجيون ذميواريون سرانجام ڏيندو رهيو.

"تاريخ خود" ريڊ لکي ٿو "جينوٽيڪ رومانس کان وڌيڪ دلير داستان گو آهي پر جيرارڊ ۽ مارگريٽ هاڻي جنهن انداز ۾ ڪيترائي سال گذاريا انهي کان وڌيڪ عجيب ڳالهه مشڪل سان پيش ڪري سگهندي

"تاريخ؟" پڙهندڙ چوي ٿو جيڪو پنهنجي هيرو ۽ هيروئين جي آخري ڏينهن جو بيان پڙهندي شايد ڪجهه ننڍاڪڙو ٿي پيو آهي انهي سان تاريخ جو ڪهڙو واسطو آهي؟ "فقط ايتري قدر ته" زردي رنگ جي وارن وارو اهو ڇوڪرو جيڪو سندن پٽ هو اهو وڏو ٿي پيو ڪير نه پر خود اراسمس ٿيو.

ꕥ

# 58. فادرز ائنڊ سنز

## ــ اوان ايس. ترجينيف ــ

اوان سرجيوچ ترجينيف، فادرز ائنڊ سنز لکڻ کان اڳ ڊراما نگار ۽ شاعر طور مشهوري ماڻي چڪو هو. انهيءَ ناول ايترو تہ شديد، گهرو ۽ گهڻو وقت هلندڙ تڪرار پيدا ڪيو جيترو فڪشن جي ڪنهن بہ ڪتاب ڪنهن بہ ملڪ ۾ پيدا نہ ڪيو هو. سندس پنهنجا لفظ آهن: "آءٌ هن ناول جي پيدا ڪيل اثر جي تفصيلن ۾ نہ وبندس. آءٌ فقط ايترو چوندس تہ هر جاءِ تي هزارين ماڻهن جي زبان تي (Nihilist) ناستڪ جو لفظ اچي ويو. منهنجي نالي تي هڪ پاڇو چڙهي ويو: آءٌ پاڻ کي ڪنهن دوکي ۾ نہ ٿو رکان. مون کي خبر آهي تہ اهو پاڇو هميشہ رهندو".

ترجينيف ڪٽنب جا ماڻهو سکيا ستابا زمينن جا مالڪ ماڻهو هئا پر اوان جو ننڍپڻ خوش نہ گذريو ڇاڪاڻ تہ اوان جي پيءُ سندس ماءُ سان سندس دولت جي ڪري شادي ڪئي هئي ۽ هوءَ مڙس ۾ چاهہ جي کوٽ تي ڪاوڙجندي سندس ڪٽنب ۽ ڪڙمين تي زور ۽ زبردستي ڪندي رهي. ننڍاڪڙي ۾ تصوراتي ذهن رکندڙ ڇوڪري کي ڇڪتاڻ واري ماحول تمام پريشان ڪري ڇڏيو ۽ هو وڏ کان وڌ پنهنجي منهن رهڻ لڳو. کيس پڙهڻ مان تمام گهڻو سڪون ملندو هو ۽ هو پشڪن، گوگول ۽ لرمونتوف جي لکڻين کي ويو پڙڪائيندو. اهي پنهنجي دور جا سر ڪردا آزاد خيال ليکڪ هئا. انهن وانگر هن جو بہ روس سان جذباتي لڳاءُ هو: انهن وانگر هو بہ اهو سمجهندو هو تہ روس کي يورپ جي ٻين ملڪن وانگر وڌڻ ۽ ترقي ڪرڻ جو موقعو ڏنو وڃي.

ترجينيف کي ارڙهن اوڻيهن ورهين جي ڄمار ۾ يونيورسٽي موڪليو ويو. هو اڳ ۾ ماسڪو ۽ پوءِ سينٽ پيٽرسبرگ جي يونيورسٽي ويو. هو ڪو عام رواجي شاگرد نہ هو. هو پنهنجي گهر جي بندشن کان مليل نئين آزادي ۽ شوق سان پنهنجي پڙهائي ۾ لڳي ويو ۽ هن ۾ لڪيل صلاحيتون جلدئي ابري وڌڻ ويجهڻ لڳيون. سندس ماءُ کي پٽ جي تعليمي حاصلات تي ناز هوندو هو. انهي کيس 1839ع ۾

برلن يونيورسٽي ڏانهن وڃڻ جي اجازت ڏني ۽ اتي سندس پاران ٻه سال رهڻ دوران سندس ذهني افق اجا وسيع ٿيا. هو روس کي مغربي رنگ ۾ رنگڻ جي ضرورت بابت پرجوش خيالن سان پرجي پنهنجي ملڪ موٽيو پر هن پاران سول سروس ۾ دخلڪار ٿيڻ سان انهن خيالن کي ڌاڍو ڌڇڪو پهتو. هن لاءِ انهي نوڪري جي چونڊ سندس پُرعزم ماءُ ڪئي هئي. هن ڪان اڳ سندس هيري گوگول وانگر هن ڪان ٻه انهي نوڪري جا نوڪر شاهي وارا طريقا هن ڪان برداشت نہ ٿي سگهيا ۽ گهر ۾ ٻہ ٿي دفعا ڇڪتاڻ ڪان پوءِ هن استعفا ڏئي ڇڏي

اوڻيهين صدي جي چوٿين ڏهاڪي دوران نقاد ترجينيف جي نظمن جي تعريف ڪندا رهيا ۽ سندس ڊرامن کي فوراً ڪاميابي ملي ويندي هئي. انهن ۾ A month in the Country وارو شاهڪار بہ شامل آهي جيڪو ڪيترن ئي ملڪن ۾ اڄ سوڌو پيش ٿيندو رهي ٿو. اي اسپورٽس مئنز اسڪيچز سان هن کي وڏيڪ مشهوري ملي. اهي سن 1847ع کان 1852ع جي وچ ۾ ايندا رهيا. سندس ماءُ جي 1850ع ۾ وفات وقت ڪيس اهو اطمينان هو تہ سندس پٽ روس جي اهم ترين ليکڪن مان هڪ ڳڻيو وڃي ٿو.

هن مرڻ وقت پنهنجي چڱي خاصي دولت پنهنجي پٽ لاءِ ڇڏي اهڙي طرح هو يورپ ۾ وڏا سير سفر ڪرڻ جي لائق ٿي سگهيو. اتي هو پاڻ جهڙا خيال رکندڙ ڪيترن ئي ترقي پسند دانشورن سان مليو ۽ مشهور ڳائڻي پالين گارشيا سان بہ مليو. هو پنهنجي سموري زندگي انهي لاءِ هڪ بيسود جذبو دل ۾ سانديو آيو. سندس رولاڪين ۾ 1852ع ۾ انهي وقت رخنو پئجي ويو جڏهن ڪيس گوگول تي هڪ بهترين تعزيتي نوٽ لکڻ سبب اوريل ويجهو پنهنجي جاگير تي نيڪالي ڏني وئي. ترجينيف تي زوري مڙهيل گوشہ نشيني سبب ڪيس ڪڙمين جي مسئلن کي سمجهڻ جو موقعو ملي ويو ۽ هن اهو عهد ڪري ڇڏيو تہ هو پنهنجيون سموريون توانائيون انهن جي فائدي لاءِ وڙهندي صرف ڪندو. هاڻي هن ڊراما لکڻ بند ڪري ڇڏيا پر ڪجھ ورهيہ پوءِ عظيم ناول On the eve ڇپرايائين. انهيءَ ۾ هن ڪريميائي جنگ جي پڇاڙي جي احوال سان گڏوگڏ اهو بہ ٻڌايو آهي تہ ڪيئن آپيشاهہ نڪولس پهرئين جي موت سان سموري روس ۾ حيات بخش توانائي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڪڙجي وئي ۽ سندس جانشين اليگزينڊر ٻئين ڪيئن هارين نارين کي آزادي ڏئي ڇڏي انهي ڪتاب ڪيس نوجوان نسل جو ديوتا بڻائي ڇڏيو.

سندس فادرز ائنڊ سنز نالي ناول جنهن اڳتي هلي ڪيس شهرت جي بلندين تي پهچائڻو هو اهو پهريون دفعو 1862ع ۾ ڪاٽڪوف جي "The Russian Messenger" نالي اخبار ۾ ڇپيو هو. اها اخبار نئين نسل جي ترجمان طور سڃاتي ويندي هئي. انهي ناول ۾ روس ۾ 1860ع کان 1870ع واري ڏهاڪي ۾ روس ۾ لبرل تحريڪ جي پڪڙجڻ جو اڳوات پڌايل آهي ۽ انهي جو مرڪزي ڪردار بازاروف سياسي منظرنامي تي ظاهر ٿيندڙ انهي خوفناڪ مخلوق يعني Nihilist جو نقش اول (Prototype) آهي. ترجينيف انهي بابت پوءِ لکيو هو: "مون ڪڏهن به اهڙو type تخليق ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪئي آهي جنهن بابت منهنجي ذهن ۾ فقط ڪو تصور نه پر هڪ جيئرو جاڳندو ماڻهو نه هجي ۽ انهي ۾ مختلف عنصر هم آهنگ ٿيل نه هجن جن کي پنهنجي تحرير ۾ ڪم آڻي سگهجي... هن ناول جي مک ڪردار بازاروف جي بنياد ۾ هڪ نوجوان ڊاڪٽر جي شخصيت هئي. هو 1860ع کان ڪجهه وقت اڳ فوت ٿيو هو. انهيءَ نمايان فرد ۾ منهنجا اهي سيئي ٽڙيل پکڙيل خيال موجود هئا جن کي اڳتي هلي Nihilist جو لقب مليو.

بازاروف هڪ جارح ماڻهو آهي جيڪو ٻين کي تباهه ڪندي پاڻ به تباهه ٿي وڃي ٿو. هو اهڙو بت شڪن آهي جنهن خلاف سندس پيروڪار به بغاوت ڪري ٻيهن ٿا ۽ هو اهڙو سائنسي سوچ رکندڙ ماڻهو آهي جيڪو سدائين مذهبي عقيدا رکندڙ ماڻهن سان وڙهندو رهي ٿو. هو اهڙو دلير ماڻهو آهي جيڪو خطرن ۾ رهڻ کي پسند ڪري ٿو جيڪو سدائين اڪيلو بيهي ٿو جنهن کي ڪنهن به ڳالهه ۾ ويساهه ۽ عقيدو نه آهي ويندي ڪيس انهن ماڻهن جي ميڙن تي به يقين نه آهي جن لاءِ هن وڏي جاکوڙ ڪئي آهي ڇاڪاڻ ته ڪيس خبر آهي ته اهي اندروني طور ڪائنر آهن.

اسان جي بازاروف سان پهريون دفعو تڏهن ملاقات ٿئي ٿي جڏهن هو پنهنجي جوشيلي چيلي آرڪيڊي ڪرسانوف سان گڏ آرڪيڊي جي پيءُ نڪولائي جي ڳوٺاڻي گهر ۾ موڪل گذارڻ اچي ٿو. هو قد جو ڊگهو ۽ سنهو آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس سائي رنگ جون اکيون چڙ تہ هر شي ۾ پيهي وڃن ٿيون ۽ سندس پيشاني وبڪري ۽ منهن تي چٽر ۽ ٺوڪ وارو انداز اٿس. سندس ڳاڙهاڻ مائل لڙڪندڙ شهپرن سان سندس انهي انداز ۾ وڌيڪ شدت اچي وڃي ٿي. هو پنهنجي ڏگهي کهري ڪوٽ ۾ ڏاڍو توجہ ڇڪائيندڙ لڳي ٿو. نڪولائي تہ پنهنجي پٽ جي ڪنهن بہ دوست جو آدرڀاءُ ڪندي ڏاڍو خوش ٿيندو آهي پر هن مهمان جي ڪجھ گهٽ ڳالهائڻ ۽ رُکي هلت سبب ڪجھ پريشان بہ آهي. کيس آرڪيڊي جي ڳالهين مان خبر پوي ٿي تہ بازاروف ڏاڍو هوشيار شاگرد آهي، نيچرل سائنس ۾ ڊگري ورتي اٿائين ۽ ايندڙ سال طب ۾ ڊگري وٺڻ جي اميد اٿس.

نڪولائي ڪرسانوف هڪ مهربان ۽ بي چين ماڻهو آهي جنهن کي پنهنجي ترقي پسنداڻي سوچ تي ناز آهي ڇاڪاڻ تہ هن ماربنو واري پنهنجي جاگير پنهنجن آزاد ڪيل ڪڙمين ۾ ورهائي ڇڏي آهي ۽ پنهنجي لاءِ فقط چار ايڪڙ رکيا اٿائين جن تي ڳاڙهي ٽين جي ڇت سان پنهنجو سادو ڪاٺ جو گهر ٺهرايو اٿائين. پر هو جيئڻ تہ سُست ۽ ڪاهل آهي تنهن ڪري سندس ڪمدار اتڪل سان سندس پئسو ڪائيندو وڃي ٿو تنهن ڪري کيس پنهنجي وڏي ڀاءُ پاويل کان مدد قبول ڪرڻي پوي ٿي. اهو بہ هن سان گڏ رهندو آهي... هو پنهنجين حالتن کي ڏسي ڳُٽنين ۾ رهي ٿو ۽ تازو فوت ٿيل زال سبب اڪيلائي بہ محسوس ڪري ٿو تنهن ڪري هڪ سريٽ ويهاري اٿائين. اها معمولي گهراڻي جي ڇوڪري آهي. انهي جو نالو فينچڪا آهي. انهي مان کيس هڪ پٽ بہ ڄائو آهي. هو شرم وچان انهي اخلاقي ڪوتاهي جي آرڪيڊي سامهون وضاحت پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو پر ڇوڪري جي اها ڳالھ ٻڌي کيس آٿت اچي ٿي تہ هن جي خيال ۾ اهو هڪ بهترين بندوبست هو. نڪولائي کي هاڻي بازاروف سان اٿي ويهي ۾ بہ وڌيڪ سهوليت ٿئي ٿي جو هو ڏسي ٿو تہ بازاروف فينچڪا سان مروت سان پيش اچي رهيو آهي ۽ ننڍڙي مِتيا جي ڏندن نڪرڻ وقت پيش ايندڙ مسئلن بابت بہ کيس صلاحون ڏئي ٿو.

هوڏانهن بازاروف وري نڪولائي کي هڪ سٺي دل وارو معاملا بگاڙيندڙ پوڙهو سمجهي ٿو ۽ جڏهن کيس خبر پوي ٿي تہ هارين ميرينو جاگير کي "غربت فارم" جو نالو ڏنو آهي تہ انهي تي بہ کيس ڪا حيرت نہ ٿي ٿئي. پر سندس اصلي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مخالف سنئين ڪنبڍي سينٽجي هلندڙ وڏگهراڻو ۾ سابق آفيسر پاويل آهي. هو انگريزي سوٽ پهريندڙ آهي ۽ انهي نوجوان کي حقارت جي نگاهه سان ڏسي ٿو جيڪو سمورو ڏينهن ڏيڏرن جي وڍ ٽڪ پيو ٿو ڪري ۽ ماني جي وقت ڪاڏو ايترو ته ٽڙ تڪڙ ۾ تڙي مان هيٺ لاهيندو ويندو آهي جو هر ڳالهه جو جواب فقط يڪ پدن لفظن ۾ ڏيندو آهي. انهن ٻنهي جي هڪ ٻئي کان نفرت جو پيو گهرو سبب به آهي. پاويل لڪ ڇپ ۾ فينيچڪا سان شديد محبت ڪري ٿو ۽ اها ڳالهه فقط بازاروف محسوس ڪري ورتي آهي. هاڻي پاويل جاڻي واڻي پنهنجن قدامت پرست خيالن جو اظهار ڪندو هو. جيئن بازاروف پنهنجن ناستڪي خيالن جو اظهار ڪري ۽ ماحول گرم ٿئي. اهڙي صورتحال ۾ بازاروف جڏهن سٺ ميل پري پنهنجن ماءُ پيءُ وٽ وڃڻ جو ارادو ڏيکاريو ته ويچاري نڪولائي سک جو ساهه کنيو. آرڪيبڊي به سندس رستي تي ايندڙ هڪ شهر تائين هن سان گڏجي وڃڻ جو فيصلو ڪيو.

اتي ستينڪوف انهن جو استقبال ڪيو. اهو هڪ امير، بيوقوف ۽ آڪڙباز نوجوان آهي جيڪو هر نئين تحريڪ جي پنيان ڇتو ٿي لڳي پوي ٿو ۽ هاڻي پاڻ کي بازاروف جو پوئلڳ ٻڌائي ٿو. هو ڏاڍي خوشي سان انهن جو آڌرڀاءُ ڪري ٿو ۽ انهن تي زور ڀري ٿو ته هو سندس ”آزاد تيل“ دوست ميڊم ايوڊوڪسيا ڪشڪم سان ضرور ملن. اها ترقي پسندي بابت ڏاڍي خوشي سان ڳالهائي ٿي ۽ انهن کي خوب شامپين پيئاري ٿي. بازاروف انهي سان ڏاڍي رڪائي سان پيش اچي ٿو پر هوءَ ايتري ته بيوقوف آهي جو اها ڳالهه ڪيس سمجهه ۾ نه ٿي اچي. ٻئي شام جو گورنر جي ڊانس پارٽي ۾ آرڪيبڊي ڏاڍي دلڪش ميڊم انا اودنتسوف سان ملي ٿي. هوءَ کيس عرض ڪري ٿي ته هو بازاروف کي هن سان ملائي ڇاڪاڻ ته کيس اهڙي ماڻهو سان ملڻ جو شوق آهي ”جنهن کي ايتري جرئت آهي جو ڪنهن به ڳالهه ۾ ويساهه نه ٿو رکي. اتي هڪ عجيب نه رکي تعلق جي شروعات ٿي. آرڪيبڊي انا جي محبت ۾ سرشار ٿي وڃي ٿو. هوءَ کيس وڻندڙ ڇوڪرو سمجهي ٿي پر بازاروف کان ڏاڍي متاثر ٿئي ٿي ۽ سندس گفتگو کيس ڏاڍي عجيب نموني تحرڪ ۾ آڻي ٿي ڇڏي ٿي هو جيتوڻيڪ کيس پنهنجن ناستڪي خيالن ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪري ٿو پر انهي ٿڌي پُرسڪون عورت ۾ بازاروف لاءِ جيڪا ڇڪ موجود آهي هو انهي کان ٿهي پري ڀڄي ٿو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انا انهن کي سندس ڳوٺاڻي گهر ۾ رهڻ جي دعوت ڏني ٿي. اتي هو سندس پُرجوش نوجوان ڀيڻ ڪاتيا ۽ هڪ سُڪل پوڙهي شهزادي سان ملن ٿا جيڪا هن جي ڀڦي آهي. گهر ڏاڍو پر آسائش آهي بندوبست ڏاڍو سهڻو اتس ۽ انهن سيني ڳالهين جو مجموعو آهي جن کي بازاروف تباهه ڪرڻ گهري ٿو. هو انا بابت جيترو وڌيڪ ڄاڻندو وڃي ٿو اوترو ڪيس سندس طرز زندگي کان نفرت ٿيندي وڃي ٿي. هن جو پيءُ هڪ سهڻو شاناڻو ماڻهو هو انهي پنهنجي دولت جوا ۾ تباهه ڪري ڇڏي هئي. هن انهي جي وفات تي سوچي سمجهي شاهوڪار ۽ وچولي عمر واري اوڊنٽسوف سان شادي ڪئي هئي. ڪجه ورهين کان پوءِ هو مري ويو ۽ سندس سموري دولت هن جي قبضي ۾ آئي. هو گذريل ٽن ورهين کان سندس جاگير تي رهندي هئي ۽ هن پنهنجي دولت مان پاڻ، ڪاتيا ۽ پنهنجي پڦي کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي به فائدي لاءِ ڪا ڪوشش نه ڪئي هئي.

بهرحال بازاروف پاڻ نه چاهڻ جي باوجود به انهي برف جهڙي ٿڌي حسينا جي محبت ۾ ڦاسي ويو ۽ اونهاري جا گرم ڏينهن گذرڻ سان هن جي سموري وجود ۾ اها خواهش پيرجي وئي ته هو انهي کي هڪ اهڙي پُرجوش ۽ متحرڪ انسان ۾ تبديل ڪري جيڪا انهي محبت جي موٽ ڏئي. هو ڪيس ڏگهن نباتاتي سفرن تي وٺي ويندو هو روس جي نئين جنم بابت ڏگهيون ڏگهيون ڳالهيون ڪندو هو جديد سائنس ۾ هن جي دلچسپي پيدا ڪندو هو ۽ پنهنجون شامون مانٺ ميٺ ۾ هن جي ايپاس ۾ گذاريندو هو. سندس نيريون اکيون هن جي منهن تي جميل هونديون هيون. انهي دوران ويچارو آرڪيڊي الڳ ٿلڳ ۽ اداس رهندو هو. ڪاتيا پيانو وڄائي ڪيس وندرائڻ جي ڪوشش ڪندي هئي ۽ انهي دوران ڪيس چاهڻ لڳي پر آرڪيڊي جو خيال سندس ڀيڻ ڏانهن اٽڪيل هوندو هو.

هڪ گرم شام جو حالتن اهڙو رخ اختيار ڪيو جو انا بازاروف کي ٻڌايو ته ڪيس پڪ آهي ته هو ويجها دوست ٿي رهندا پر هوءَ چاهي ٿي ته هو هن تي وڌيڪ اعتماد ڪري. هن انا کان پڇيو ته ڇا هوءَ سندس گهڻو ڳالهائڻ جو سبب معلوم ڪرڻ چاهي ٿي انهيءَ تي هن هائوڪار ڪئي. انهي تي لفظ جڻ سندس وات مان ڪرڻ لڳا. مون کي هي ڳالهه توکي ٻڌائڻ ڏي ته آءٌ ڪنهن بيوقوف وانگر توکي چاهيان ٿو ڪنهن چريي وانگر... تون زور ڪري مون کان اها ڳالهه ڪيرائي آهي“.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو ڏاڍي ملائمت سان پهريون دفعو سندس نالي جو پهريون حصو ڪتب آڻي ٿي. ”يوگيني وسيلا وچ!“ ۽ هو منهن ورائي سندس هٿن کي جهٽي وٺي ٿو ۽ ڪيس پنهنجي ڇاتي ڏانهن ڇڪي ٿو. هو ڪا ڪوشش نہ ٿي ڪري پر انهن ئي لڱي ٿي جڙ تہ سندس پاڪر ۾ ريجي ٿي وڃي ۽ پئي لمحي هوءَ ڪمري جي ٻي ڪنڊ ۾ بيٺي هئي. سندس اکيون ڏپ ۾ پٽيون پيون هيون. هو هن ڏانهن لوهہ پائي ٿو پر هوءَ خبردار ڪندي پٺڪات ڪري ٿي: ”تون مون کي غلط سمجهيو آهي“. ۽ هو پٺي ڏئي ڪمري مان نڪري وڃي ٿو.

پئي ڏينهن هو انا کي اهو ٻڌائي پنهنجي گهر روانو ٿي وڃي ٿو تہ هن ۾ ڪيس يا پئي ڪنهن کي بہ چاهڻ ۽ ان سان محبت ڪرڻ جي صلاحيت ئي نہ آهي. سندس پوڙها ماءُ پيءُ ڏاڍي خوشي سان هن جو آڌرڀاءُ ڪن ٿا پر بازاروف ڪجهه ڏينهن ۾ ئي انهن پاران ڪيس ڪارائڻ پيارڻ، سندس هر ڳالهہ جو خيال رکڻ ۽ هن جي چوڌاري هلڻ مان بيزار ٿي پوي ٿو ۽ اوچتو واپس ميرينو جو رستو وٺي ٿو. پر ڪيس اتي بہ آرام نہ ٿو اچي. آرڪيڊي بہ ساڳيو ساراهہ ڪندڙ دوست نہ رهيو آهي چاڪاڻ تہ بازاروف وانگر هن کي بہ انا جي ياد ستائيندي ڪندي رهي ٿي ۽ هو هن جي گهر ڏانهن موٽي وڃي ٿو. نڪولائي مالي مصيبتن سبب ڏاڍو پريشان آهي. پاويل جا ناستڪي متي (Nihilism) ڏانهن طنزيہ اشارا برداشت ڪان ٻاهر ٿيندا پيا وڃن. ڪهاڻي انهيءَ وقت ڪلائيميڪس تي پهچي وڃي ٿي جڏهن هو بازاروف تي اهو الزام هڻي ٿو تہ هو فينچڪا کي هرڪائي سندس پاءُ ڪان پري ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي ۽ ڪيس دويدو لڙائي (Duel) جي دعوت ڏئي ٿو لڙائي ۾ پستول ڪم اچن ٿا ۽ پاويل کي ماس ۾ زخم رسي ٿو. بازاروف ڪيس تمام سٺي طبي امداد ڏئي ٿو پر نڪولائي تمام پريشان ٿي وڃي ٿو ۽ ماحول ايترو ڇڪتاڻ وارو رهي ٿو جو هو ميرينو مان نڪري پنهنجي گهر هليو وڃي ٿو. هن دفعي هو پاڻ تي زور ڪري پنهنجي ماءُ پيءُ جي پيار پريمي توجہ سهي ٿو ۽ انا بابت پنهنجي ذهني پيڙا کي گهٽائڻ لاءِ هارين ۾ پکڙيل مدي جي بخار کي منهن ڏيڻ ۾ لڳي وڃي ٿو. هو هڪ لاش جو پوسٽ مارٽم ڪندي پاڻ کي نڪو ڏئي وجهي ٿو ۽ بيماريءَ ۾ ونجي وڃي ٿو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن ڪتاب ڇپجي منظر تي آيو تہ ترجينيف کي نوجوان روسين وٽان هزارين ڪاوڙ ۾ ڀريل خط آيا. هو انهن جو ديوتا ٿي رهيو هو. هنن اهو پڇڻ چاهيو ٿي تہ ڪيس اهڙي ڪردار تي ڇٽر ڪرڻ جي جرئت ڪيئن ٿي جيڪو سندن مقصد جي علامت هو. ساڳئي وقت ڪيس انهن پوڙهن سلاوي مفادن جي حامين (Slavophil) ۾ رجعت پسندن وٽان بہ هزارين خط آيا جن ۾ ناستڪ جي جديد ۽ خوفناڪ مظهر کي ننڍڻ جي جرئت ڪرڻ تي سندس واکاڻ ڪئي وئي هئي. هن جا دليل دلائل سندس مخالفن توڙي مداحن آڏو بيسود ثابت ٿيا: طوفان هن جي چوڌاري زوڪات ڪندو رهيو. پوءِ هن هڪ جاءِ تي لکيو هو: ”غلط فهمين جو بنياد انهي حقيقت تي هو تہ بازاروف واري type کي دستوري دورن (Phases) مان گذرڻ جو وقت نہ مليو هو. هو جنهن وقت منظر تي آيو انهي ئي گهڙيءَ ليکڪ هن تي حملو ڪيو. اهو مون پاران متعارف ڪرايل نئون طريقو ۽ پڻ نئين type هئي. مون ڪنهن کي آدرشي بنائڻ بجاءِ محسوس ڪرايو هو... پڙهندڙ کي ڏاڍي سهوليت سان حيرانگي جي ڪڏ ۾ اڇلايو وڃي ٿو جڏهن ليکڪ پنهنجي ڀار سان چٽي همدردي يا مخالفت نہ ٿو ڏيکاري پڙهندڙ جلدي ڪاوڙجي وڃي ٿو.... پلا ڪتاب وندرائڻ لاءِ ٿي تہ هوندا آهن“.

اڪثر وڏن فنڪارن وانگر ترجينيف بہ تمام حساس ماڻهو هو. هو گهوگهيتي وانگر ڪوپي ۾ گهري ويو ۽ پري ويو هليو ۽ آخرڪار وڃي فرانس ۾ رهيو. اتي هو فلابرٽ جو ويجهو دوست ٿيو ۽ ڊي موپا سان ۽ بيا نوجوان ليکڪ هن جي ڳولها ۾ رهندا هئا. پر هن جيئن اڳ ۾ ئي چئي ڇڏيو هو سندس نالي تي ڀاڃو پيل ئي رهيو ۽ دوستو وسڪي ۽ ٽالسٽاءِ پاران سندس ڪم جي شديد ننڍا ڪيس ڏاڍو ڦٽي وڌو. هن جي روس سان محبت ۾ ڪا بہ تبديلي نہ آئي هئي ۽ هو سن 1880ع ۾ انهي ملڪ ۾ آخري دفعو آيو جنهن سان ڪيس محبت هئي. پر تڏهن طوفان ٽري ويو هو ۽ Nihilism طاقت ۾ اچي چڪي هئي ۽ ماڻهن کي احساس ٿي ويو هو تہ هن Fathers and sons ۾ مستقبل جا تمام سچائي سان چٽ چٽيا هئا. اها ڳالهہ بہ رڪارڊ تي آڻڻ بهتر ٿيندي تہ سندس پاران پنهنجي وطن جو سفر هڪ ڪامياب پيش رفت هئي جنهن هن پاران ويهن ورهين تائين سٺل پوڳنائن جي ياد ميساري ڇڏي

ꕥ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 59. وار اينڊ پيس

## ــ ليو ٽالسٽاءِ ــ

ڪائونٽ ليو ٽالسٽاءِ هڪ وڏگهراڻو زميندار هو جيڪو وچ روس ۾ پنهنجي ڪٽنب جي جاگير تي هڪ وڏي گهر ۾ رهندو هو. هو 1828ع ۾ ڄائو ۽ پنجٽيهن ورهين جي ڄمار ۾ وار اينڊ پيس لکڻ شروع ڪيائين. ست لک لفظن ۽ 539 ڪردارن تي مشتمل اهو تمام وڏو ڪتاب پنج ورهيه پوءِ قسطوار ڇپجڻ شروع ٿيو. هاڻي اهو درجنين ٻولين ۾ ترجمو ٿيڻ کان پوءِ عالمي ادب ۾ شايد سڀ کان وڏو ناول مڃيو وڃي ٿو.

پر انهي ايتري وڏي ۽ ايترن گونان گون منظرن واري ڪتاب کي ناول چوڻ غلط ٿيندو. اسان جيڪي ناول پڙهندا آهيون انهن جي اڪثريت زندگي جي هڪ ننڍي ٽڪري کي موضوع بڻائيندي آهي انهن ۾ چند ڪردار هوندا آهن ۽ اهو هڪ سمجهه ۾ ايندڙ پلاٽ مطابق هلندو آهي. پر ٽالسٽاءِ اهڙي ڪا به ڳالهه نه ڪئي آهي.

اها ڳالهه آهي ته ڪتاب جي شروعات هڪ ننڍي منظر سان ٿئي ٿي. سينٽ پيٽرس برگ ۾ هڪ سماجي اٽي ويٽي رکندڙ هڪ خاتون جولاءِ 1805ع ۾ هڪ آجياڻو ڏنو آهي. ڪجهه مهينا اڳ نيپولين جي فرانسين جي شهنشاهه ٿيڻ جو اعلان ٿي چڪو آهي. هن جينوئا جو فرانس سان الحاق ڪري ڇڏيو هو. برطانوين کان هينوور کسي ورتو هئائين ۽ اٽليءَ جي بادشاهت جو تاج سندس سر تي رکجي چڪو هو. انگلينڊ سندس دشمن هو. هاڻي هو آسٽريا ۽ اڳتي خود روس لاءِ خطرو هو. انهن ٽنهي ملڪن ۾ اتحاد لاءِ رٿائون هلي رهيون هيون ۽ انهي شام به سينٽ پيٽرسبرگ ۾ انهي "دشمن مسيح" ۽ وحشي خلاف جذبا چوٽ چڙهيل هئا جنهن بوربونن جي وارث Duc di engheim کي قتل ڪيو هو ۽ هاڻي سموري يورپ لاءِ خطرو ٿي رهيو هو.

انهيءَ آجياڻي ۾ عام ڪچهري ۽ مصنوعي خوش اخلاقي سان گڏ اهي سڀ ڳالهيون به زير بحث هيون. اسين مختلف فردن کان واقف ٿيون ٿا انهن ۾

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو هن پاڻ ڪريميائي جنگ ۾ بهرو ورتو هو. انهي دوران هن جو زور سدائين واقعن بجاءِ فردن (جن مان هيستائين ڪيترن سان تعارف تي چڪو آهي) ۽ انهن جي عملن تي آهي. هر باب ۾ بيان هڪ منظر کان ٻئي منظر تي وڃن فيصلن کان شروعاتي جنگين تي وري عام سپاهين جي معمولي ڳالهين کان نندين آفيسرن جي شرارتن تي ڦرندو رهي ٿو تان جو اسان کي اڻ لکي انداز ۾ خبر پوي ٿي ته ليکڪ جي انهي رزميه بيان جو اصل مقصد ڪهڙو آهي. هڪ طرف هو نيپولين خلاف حب الوطني جي جذبي سان تمتار جنگ جو مڪمل رخ پيش ڪري ٿو جيڪا 1812ع ۾ روس تي ڪاهه سان شروع ٿي ۽ فرانسي فوج پاران باهه ۾ سڙندڙ ۽ ويران ماسڪو ۾ ڇهه مهينا ترسڻ کان پوءِ پڄاڻي تي پهتي. ٻئي طرف وري ٽالسٽاءِ پنهنجي گهريلو بيان جي سلسلي کي به اڳتي وڌائي ٿو. انهي لاءِ هن ڪتاب جي مک ڪردارن کي روسي فوج ۾ رکيو آهي ۽ جنگ کي انهن جي نظر سان ڏسندي قومي جدوجهد هلندي انهن جي واڌ ويجهه جو به پيرو کڻي ٿو.

پر اسين اجا تائين انهيءَ تمام منجهيل ۽ متنوع ڪتاب جي تهه تائين نه پهتا آهيون. ٽالسٽاءِ جو ٻئو مقصد لازماً نهايت وڏو آهي پر هن پاران واقعن جي پرمار لاءِ ڏيڻ جو فقط اهو ئي سبب نه آهي. آسٽرلٽز جي لڙائي جهڙن عالمي واقعن کان پوءِ بظاهر معمولي گهريلو مسئلا اچي وڃن ٿا. اسپاٽ لائيٽ مسلسل ڦرندي رهي ٿي. هڪ ڪٽنب کان ٻئي ڪٽنب جو ذڪر اچي ٿو تجلا ڏيندڙ ڊانس پارٽي کان ٻن ماڻهن جي وچ ۾ آهستگي سان ٿيندڙ گفتگو جي ڳالهه نڪري ٿي. عشق معاشقي کان پوءِ شڪار جو منظر اچي وڃي ٿو پيئر پاران فري ميسنري ۾ داخل ٿيڻ جو بيان اچي ٿو هڪ ڪاوڙيل پوڙهي شهزادي جو مختصر خاڪو اچي ٿو جيڪو پنهنجي اڻ پرٽيل ڌي تي اجايون سختيون ڪري ٿو وري ملڪي سطح جي سياست. نوجواني جي خوشين ۽ غمن جو بيان اچي ٿو. هڪ معصوم ڇوڪري ڪنهن سان گڏ گهر کان نڪرندي نڪرندي رهجي وڃي ٿي. وري ڪرسمس جا نقاب پوش ناٽڪي، مڱڻا، شاديون مطلب ته ڏاڍي ڏيان سان سوچيل پر بظاهر بي ربط واقعن جو هڪ ميڙ آهي جيڪو پاڻ ۾ جڙيل وڏ گهراڻن ۾ واقع ٿي رهيو آهي. سموري ڳالهه جو مطلب ڇا آهي؟ اها ڪيڏانهن وٺي ويندي؟

اهو ساڳيو سوال خود زندگي بابت بہ پڇي سگھجي ٿو ۽ هتي اسين ڪتاب جي مغز ۽ انهي جي عظمت ڏانهن هڪ اشاري جي ويجهو پهچي رهيا آهيون. ٽالسٽاءِ زندگيءَ جو هڪ شديد عاشق هو ۽ هن وار اينڊ پيس لکي حقيقي زندگي جي هڪ هوبهو تصوير تخليق ڪئي جنهن ۾ انهي جي ميراڻ، انهي جي بي ربطي، انهي جي رنگا رنگي، انهي ۾ اڪيلن ڪوششون ڪندڙ ماڻهن جي ميڙن ۽ انهي جي بظاهر بي مقصديت مطلب تہ سڀ ڪجھ اچي وڃي ٿو. پر هن انهي حقيقي تصوير ۾ خود پنهنجي حياتيت بہ اهڙي انداز ۾ اوتي ڇڏي آهي جو اسين حقيقي زندگي وانگر انهي کي بہ پنهنجي مٿي تسليم ڪريون ٿا ۽ انهي مان لطف اندوز ٿيون ٿا. هو اسان جي لاءِ اهو وڏو منظرنامو نئين سر تخليق ڪري ٿو جنهن سان اسان کي منهن ڏيڻو آهي ۽ بنا منڊ ۽ پچاڙي واري اهڙي ندي ناهي ٿو جيڪا اسان کي نامعلوم منزل ڏانهن کڻي وڃي ٿي.

هاڻي اچو تہ جنگ ۽ امن جي پنهي جاڙن رخن ڏانهن منهن ڪريون. ڪتاب جي پهرئين اڌ ۾ روس تي ڪاهہ کان اڳ تائين اهي جدا جدا آهن. ڪجھ سپاهي آهن جيڪي محاذ تي آهن ۽ گهرن ۾ موجود عام شهري آهن ۽ سپاهي جڏهن موڪل تي وڃن ٿا تہ اهي جنگ کان امن واري حالت ۾ اچن ٿا يعني نوجوان امير پنهنجا تجربا پاڻ سان گڏ کڻي اچن ٿا ۽ انهن جيڪو ڪجھ ڏٺو يا ڪيو آهي انهي مطابق اهي بيزار ٿي، اتساهہ وني يا ڪليل ذهن سان اچن ٿا ۽ پنهنجن ڪٽنبن ۽ دوستن کي نئين نظر سان ڏسن ٿا. شايد تہ انهن ۾ پختگي اچي وئي آهي يا شايد تہ نہ آئي آهي پر اهي تبديل ضرور ٿيا آهن ۽ اهي تبديل ٿيل ماڻهو وڏ گهراڻي تلاءَ ۾ ننيون چوليون پيدا ڪن ٿا ۽ ڪتاب ۾ نوان منظر پيش ڪن ٿا. گهريلو لاڳاپا نين سطحن تي اچن ٿا ۽ اجا بہ اسان کي اهو تاثر ملي ٿو تہ فرد پنهنجين قسمتن جا مالڪ ٿي سگهن ٿا.

پر پوءِ هڪ وڏي تبديلي اچي وڃي ٿي. نيپولين ڪاهہ ڪري ٿو ڏئي ۽ سموري ملڪ ۾ جنگ پکڙجي وڃي ٿي. ٽالسٽاءِ تاريخي ماخذن جي ويجهو هلندي فاتح جا چٽ چٽي ٿو جيڪو سمجهي ٿو تہ هو ئي اهو واحد ماڻهو آهي جيڪو حالتن کي پنهنجي مرضي مطابق هلائي ٿو ۽ ڏهہ لک ماڻهو روس ۾ داخل ڪري ڇڏيا اٿائين. هو روسي ڪمانڊر انچيف ڪوتوزوف جي بہ تصوير پيش ڪري ٿو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوٽوزوف جي ڪڏهن به اها سوچ نه آهي ته هن عظيم ترين جنگ ۾ فرد به ڪا حاصلات ڪري سگهن ٿا. هن جي خيال ۾ انهي چڪتاڻ جو فيصلو خدائي قدرت طرفان ٿيڻو آهي. هو فقط اهو ئي ڪري سگهي ٿو ته هو خدائي قدرت سان گڏ ڪم ڪري ۽ سندس خيال ۾ انهي جي پڄاڻي تي ڪاهه ڪندڙ کي شڪست نصيب ٿيندي هن نقطي تي ڪتاب ۾ هڪ نئون عنصر شامل ٿئي ٿو. ٽالسٽاء انهي تمام وڏي واقعي جا چٽ چٽيندي- سمولينسڪ تي قبضو بوروڊينو جي لڙائي، ماسڪو کي خالي ڪرڻ انهي تي فرانسين جو قبضو انهن پاران روسين هٿان تنگ ٿي وري ماسڪو کي خالي ڪرڻ ۽ پسپائي- جاٽي واٽي بنهي پاسن جي انهن بنهي قسمن جي ماڻهن جي پيٺ ڪئي آهي جن ۾ هڪ ته اهي طالع آزما آهن جيڪي سمجهن ٿا ته اهي واقعن تي فيصلاڪن انداز ۾ اثر وجهي سگهن ٿا ۽ يا اهي جيڪي سادگي، همٿ ۽ ويساهه سان انهن جا حڪم مڃين ٿا. ٽالسٽاء چوي ٿو ته زندگي اسان مان ڪنهن به ماڻهو کان گهڻي وڏي آهي. اها اسان سان انفرادي طور ڪئين ٿي هلي اها ڳالهه گهڻي اهميت نه ٿي رکي. اهم ڳالهه اها آهي ته انهي کي هاڪاري نموني تسليم ڪيو وڃي. هو ڏک ۽ بيڙائن واري وسيع منظرنامي واري ڪتاب جي انهي جنگ واري حصي ۾ جبلتي ڏاهپ وارن ماڻهن تي پنهنجي توجه مرڪوز ڪري ٿو: انهن ۾ ڪوٽوزوف به آهي جنهن جو رهنما اصول آهي "صبر". ته انهن ۾ اهي هاري ناري به آهن جيڪي کلندي ڪڏندي صاف تميصون پائي جنگ تي ويا آهن چاڪاڻ ته هو مري پنهنجي اباڻهار سان ملڻ وڃي رهيا آهن. اهڙن ئي ماڻهن ۾ روسين جو فراسين وٽ اهو جنگي قيدي به آهي جيڪو گندگي ۽ بک جي باوجود پنهنجي ڪنهن سوچ تي مُرڪي رهيو آهي.

ڪتاب ايمان عقيدي ۽ هڪ روحاني حقيقت جي آگاهي سان ٻريل آهي. اها حقيقت انسانن، جانورن ۽ فطرت سان هڪ پيار ڀريو هاڪاري ۽ اميد افزا رويو آهي. فرانسين جي پسپائي کان پوءِ جڏهن آخري سپاهي به منڊڪائيندو سرحد ٽپي ويو آهي، انهي روحاني موضوع جي سلسلي کي وري هٿ ۾ کنيو وڃي ٿو. ڪجهه ڪردار جيڪي سموري ڪتاب ۾ اسان سان گڏ رهيا هئا اهي هاڻي موجود نه آهن. هڪ چوڪرات گهوڙي سوار فوجي جيڪو نوجواني جي سونهن ۽ جوش

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان پربل آهي جنهن وڏي جوان مردي سان فرانسين کي للڪاريو هو اهو مري ويو آهي. اينڊريو جنهن سان اسين پهرئين باب ۾ هڪ رُکي نوجوان طور مليا هئاسين اهو انهن سمورن ورهين دوران ڪنهن اهڙي تجربي ۽ وارتا جي ڳولها ۾ رهيو آهي جيڪو زندگي کي معنيٰ ۽ سندس ذهن کي سڪون ڏئي. اهو تجربو کيس بيماري جي بستري تي حاصل ٿئي ٿو جڏهن لڙائي ۾ هڪ موتمار زخم کان پوءِ هو خواب ڏسي ٿو ته هو هڪ ڪمري ۾ اڪيلو آهي ۽ موت اندر اچڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. هو دروازي کي بولٽ ڏيڻ جي ڪوشش ڪري ٿو پر بولٽ ڦاسي پوي ٿو. هو انهي کي ڌڪو ڏئي بند رکڻ جي ڪوشش ڪري ٿو پر اهو ڍِڪجي ڌڪجي کلي وڃي ٿو. پوءِ موت ڪمري ۾ هليو اچي ٿو... انهي ئي وقت حقيقي زندگي ۾ سندس پرگھور لهندڙ هڪ نوڪر کيس چوي ٿو: "سجاڳ ٿيو" ۽ جاڳڻ سان ئي کيس اهو احساس ٿئي ٿو ته موت زندگي مان سجاڳ ٿيڻ جو نالو آهي. انهي وقت کان پوءِ سندس زندگي آهستي آهستي مڪمل سڪون سان ختم ٿيندي پڄاڻي تي پهچي ٿي.

اسين آخرڪار ڪتاب جي تهه ۾ انهي حقيقي پيغام تائين پهچون ٿا جيڪو انهي وڏي رزميي ۾ زندگي جي انهي هوبهو ڌڙڪندڙ تصوير ۾ اسان لاءِ موجود آهي. سيئي مک ڪردار هڪ خاص قسم جا آهن انهن جا مزاج ۽ طبيعتون به مختلف آهن پر هڪ ڳالهه انهن سيني ۾ مشترڪ آهي ته انهن کي روحاني سچائي جي ڳولها آهي. اهي زندگي ۾ انسان جي تقدير بابت ڪو ادراڪ حاصل ڪرڻ کان سواءِ خوش نه ٿا ٿي سگهن. اهي روزاني زندگي جي معمولي ڳالهين سان به تيستائين ڪا مطابقت حاصل نه ٿا ڪري سگهن جيستائين اهي انهي طاقت جي ڪا جهلڪ نه ٿا پسي وٺن جيڪا انهن سيني جي مٿان ڪار فرما آهي. اها روحاني سچائي مختلف رستن ۾ اچي ٿي پر انهي کي زوريءَ نه ٿو آڻي سگهجي. اهي جيتوڻيڪ ڳولهائو ۽ طالبو آهن پر اهي جيتري به ڪوشش ڪن، دماغ کلڻ جي گهڙي پنهنجي وقت تي ايندي پر انهن جي لاءِ- ٽالسٽاءِ جو چونڊيل ۽ اعليٰ طبقو- اهو دماغ جو کُلڻ تمام ضروري آهي. اهي انهي کان سواءِ زندگي نه ٿا گذاري سگهن ۽

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙن سيني ماڻهن لاءِ اڄ توڙي سنڌس پنهنجي دور ۾ سنڌس پيغام اهو هو ته: ”ڪوشش ڪريو توهان ڳولهي لهندؤ“.

اها ڏاڍي هاڪاري ڳالهه آهي پر انهي مان اهو مطلب نه ٿو نڪري ته نجات ۽ مڪتي تصوف ۾ ۽ زندگي کان منهن موڙڻ ۾ ملندي انهي جي ابتڙ پيئر جيڪو سموري ڪتاب جو هڪ مک ڪردار آهي. اهو مصروف ۽ ڏاڍو سرگرم ماڻهو آهي. هن جون اشتهائون مضبوط آهن ۽ هو انهن جو پورائو به ڪري ٿو. هو هڪ شهريءَ جي حيثيت ۾ بوروڊينو جي جنگ جي ميدان تائين پهچي وڃي ٿو جيئن ڏسي ته اتي ڇا ٿي رهيو آهي. هو برنڌڙ سڙندڙ ماسڪو ۾ هڪ ٻار کي بچائي ٿو ۽ فرانسي ڪيس باهه ڏيڻ جي الزام ۾ گرفتار ڪري وٺن ٿا. قيد دوران جبلتي ڏاهپ رکندڙ ساٿي قيدي سان ڳالهين دوران صداقت جي گهڙي هن وٽ اچي ٿي. تڏهن ئي کيس خبر پوي ٿي ته خدا هر جاءِ موجود آهي. خدا سنڌس آسپاس ۽ زندگي ۾ موجود آهي. انهي کان ٻاهر نه آهي.

انهن مک ڪردارن ٻاران زندگيءَ ۾ روزي روٽي جي ڳولها ۾ هٽ پير هڻڻ جا منظر به دل تي ڏاڍو اثر وجهن ٿا. انهن مان ڪجهه ماڻهو جنگ مان جان بچائي آيا آهن ۽ ڪنهن به ڏکيائي، تڪليف يا پيڙا سبب انهن جي ڪوشش جو رُخ تبديل نه ٿيو آهي انهي حقيقت مان ٽالسٽاءِ جي انهي ڳالهه کي هٿي ملي ٿي ته ٻاهريون حالتون پلي ڪيتريون نه سخت ڇو نه هجن اسان جو ڪشش ثقل جو مرڪز (Centre of gravity) اسان جي اندر ۾ ئي موجود رهي ٿو ۽ حقيقي اهميت روحاني زندگي کي ئي حاصل آهي.

پر سڀ ڪردار طالبُو ۽ ڳولهائو نه اهن. اهي ئي ڪتنب جن جا معاملا ڪتاب ۾ سڀ کان اهميت سان بيان ڪيا ويا آهن انهن مان سڀ پنهنجي لحاظ کان اهليت وارا آهن جو اهي بنيادي چڱائي جا مالڪ آهن پر انهن مان اڪثريت زندگي بابت ڪي به سوال نه ٿي پڇي. اهي وسيع ترافق کي ڏسڻ لاءِ پنهنجيون اکيون کولڻ جي ڪوشش نه ٿاڪن. اهي انهي جي ضرورت به محسوس نه ٿا ڪن. انهن ماڻهن ۾ ڪجهه وٽندڙ فرد به شامل آهن. هڪ پوڙهو نواب، هڪ وڏي ڪتنب جو سربراهه ڪنهن حد تائين سست ۽ ڪاهل آهي پر هو سدائين ٻين لاءِ قربانيون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيڻ لاءِ تيار رهندو آهي. سندس ڏيءُ تتاشا ڏاڍي حساس، خوش طبع ۽ وڻندڙ ڇوڪري آهي. ڪيس پنهنجي سونهن جو ڏاڍو احساس آهي هوءَ محبت ڏيڻ ۽ وٺڻ لاءِ هردم تيار رهندي آهي. سندس پاءُ نڪولس، ادبي ذهن رکندڙ نوجوان آهي. هو سرگرم، ارادي جو پڪو ۽ پُرجوش ماڻهو آهي.

اڪثر نوجوانن ڪي ڪتاب جي آخر ۾، آخري بابن ۾ زندگي ۾ پنهنجو مقام ملي ٿو. انهن بابن ۾ اهي پنهنجين جاگيرن تي پنهنجن ڪٽنبن سان گڏ رهندي ڏيکاريا ويا آهن جتي اهي طوفان کان پوءِ سانتيڪي هوا ۾ ساهه کڻن ٿا. تالستاءِ جو شروع ۾ اهو ارادو هو تہ هو پنهنجي ڪتاب جو نالو "All's Well that ends Well" رکندو ۽ Well مان هن جو مطلب ڳوٺاڻي زندگي جي سادن ڪمن، ٻارن جي پرورش، زال مڙس جو هڪ ٻئي سان سهڪار هجي ها. يعني اهي سيئي ڪم جيڪي ماڻهن ڪي زندگي ۾ هڪ مفاد، انهن جي وجود لاءِ هڪ مرڪز ۽ تعميري سرگرمي لاءِ هڪ ميدان ڏين ٿا.

پر عنوان ۾ end جي لفظ مان ڪتاب جي خشڪ ۽ بي لچڪ هئڻ جو مطلب نڪري ها جيڪا ڳالهه ڪتاب جي ماحول جي بلڪل خلاف آهي. وار اينڊ پيس ۾ حقيقي معنيٰ ۾ ڪو بہ مُنڍ ۽ ڪا بہ پڇاڙي نہ آهي. ڪتاب ۾ هر هنڌ تبديلي ۽ تنوع جو تصور ملي ٿو خاص طور فردن جي وچ ۾ لاڳاپا هر وقت تبديل ٿيندا رهن ٿا ۽ آخري ڪجه بابن ۾ زندگي جي دائمي حرڪت جي تصور کي اجاگر ڪرڻ لاءِ تالستاءِ هڪ پندرهن ورهين جي ڇوڪري کي پيش ڪيو آهي. اهو پرنس اينڊريو جو يتيم پٽ آهي. هن پنهنجي پيءُ کي نہ ڏٺو آهي ۽ هڪ دفعو پنهنجي پيءُ کي خواب ۾ ڏسڻ کان پوءِ هو جاڳڻ تي قسم کڻي ٿو تہ "هو ڪو اهڙو ڪم ڪندو جنهن سان هو بہ مطمئن ٿيندو".

جديد دور جا اهي پڙهندڙ جيڪي ڇڪيل تاڻيل پلاٽن تي هريل آهن جن ۾ ليکڪ انهن جي توجه برقرار رکڻ جون ڪوششون پيا ڪندا آهن انهن کي وار اينڊ پيس پڙهڻ ۾ هڪ ڏکيو ڪتاب لڳندو ۽ اها ڏکيائي فقط انهي جي ديگهه سبب نہ هوندي ڪتاب ۾ ڪي هالو چالو اثرات پيدا نہ ڪيا ويا آهن. منظر ۾ تڪڙي تڪڙي تبديلي نہ ٿي اچي اعصابن تي ڪو دٻاءُ نہ ٿو پوي. پڙهندڙ کي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اورچائي سان هلٽو پوي ٿو پر جيڪڏهن هو اورچائي جاري رکندو ته انهي جو صلو به وڏو ملندس. ڪتاب زندگي تنوع ۾ ياد رکڻ جهڙن ڪردارن سان ڀريل آهي ۽ سڀ کان اهم ڳالهه اها ته ماڻهو ڪتاب جي لڙاين جي منظرن کي ياد نه ٿو رکي پر هو هڪ نوجوان ڇوڪري جي سڀ کان پهرئين ڊانس پارٽي، هڪ مرندڙ پوڙهي ماڻهو محبت جي هڪ اعلان، هڪ ڇوڪرات گهوڙي سوار پاران ڏاڍي خوشي سان پنهنجي تلوار تکي ڪرڻ، بارڙن جي رڙين، پيرسني جي ڏڪندڙ آوازن، روس جي وسيع علائقن ۾ انهن سيني جي پٺيان ٽالسٽاء جي طاقتور روح کي ياد رکي ٿو جنهن کي زندگي سان محبت هئي ۽ انهي کي سمجهڻ جي تمنا هئس.

# 60. ايلس ايڊوينچرز اِن ونڊرلئنڊ

## — ليوس ڪيرول —

ريورنڊ چارلس لٽ وج ڊاجسن آڪسفورڊ يونيورسٽي جو استاد هو. هو رياضي جو ليڪچرار ۽ اقليدس ۽ منطق تي ڪيترن ئي ڪتابن جو ليکڪ هو. هو ڪنوارو هو سموري عمر شادي نہ ڪيائين. هو تمام نظم ضبط سان رهندڙ تمام اصول پرست ۽ تمام محتاط رهندڙ ماڻهو هو. انهي جي باوجود بہ هن Alice's Adventures in Wonderland لکيو.

بظاهر تہ اهو تمام اڻ ٿيڻو ڪارنامو لڳي ٿو. دي ٽائيمز 14_ جنوري 1898ع تي سندس وفات جي نوٽيس ۾ لکيو: "تمام ٿورا ماڻهو اهو تصور ڪري سگهندا تہ اهڙو ٿور ڳالهائو الڳ ٿلڳ رهندڙ رياضيدان، ڪنوارو رهندڙ جيڪو پنهنجي سموري زندگي لڄاري طبيعت ۽ شهرت ڪان پري رهندڙ طور مشهور رهيو انهيءَ ۾ اهڙو ڪتاب لکڻ جون صلاحيتون هونديون جنهن جي مقبوليت ۾ ٿيهن ورهين ۾ بہ ڪا گهٽتائي نہ ٿي آهي (هاڻي ساڳئي صداقت سان "هڪ صدي" بہ چئي سگهجي ٿو) ۽ اهو اڄ بہ نوجوانن ۽ پوڙهن کي پنهنجي انوکي ۽ اصلي تخليقي صلاحيت سبب پاڻ ڏانهن ڇڪيو بيٺو آهي".

خود ليکڪ جي حياتيءَ ۾ ئي ڪتاب برطانيہ ۽ آمريڪا ۾ هزارن جي تعداد ۾ وڪرو ٿيو ۽ ڪيترن ئي يورپي زبانن ۾ ترجمو ٿيو. سن 1907ع ۾ انهي جي ڪاپي رائيٽ جو مدو پورو ٿيڻ سان تہ انهي جو وڪرو لکن تي وڃي پهتو آهي ۽ اهو جپاني ۽ چيني ٻولين ۾ بہ ترجمو ٿيو آهي. اهو هاڻي بہ هر سال ساڳئي رفتار سان وڪامجندو رهي ٿو. انهي جي ڪشش لازوال آهي.

چارلس لٽ وج ڊاجسن گهٽي عرصي ڪان ملڪ جي اتر ۾ آباد هڪ ڪٽنب ۾ 27_ جنوري 1832ع ۾ ڄائو. انهيءَ ڪٽنب ۾ چرچ ۾ نوڪري ڪرڻ جي روايت هئي. سندس پيءُ چارلس ڊاجسن ڊيرسبري ۾ پادري هو. هو پوءِ ڪروفٽ جو ريڪٽر ۽ رچمنڊ جو آرڪ ڊيڪن ٿيو. سندس پڙ ڏاڏو ۽ ٽڙ ڏاڏو بشپ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهيا هئا. انهن جو ڪٽنب ٻه ڏايو وڏو هو. چارلس جونيئر پنهنجي ماءُ پيءُ جو ٽيون نمبر ٻار ۽ ڇئن پٽن مان سڀ کان وڏو هو ڪيس ست ڀينر هيون. اهڙي طرح ڪيس ننڍپڻ ۾ راند روند ڪرڻ لاءِ ننڍڙين ڇوڪرين جو هڪ ولر مليو هو. هن کي سموري زندگي ننڍين ڇوڪرين کي وندرائڻ جو جيڪو شوق رهيو (۽ انهي ڪري ئي اسان کي Alice's Adventures in Wonderland مليو) انهي جي پاڙ ٻه اتان ئي پئي.

هن کي ڇوڪرائپ وهيءَ ۾ ئي ڊرامائي ڳالهين ۽ واقعن سان چاهه هوندو هو. هو ڪٺ پُتليون ناهيندو هو (هو هٿن سان ڪم ڪرڻ جو ماهر هوندو هو) ۽ ڇوڪرين لاءِ ڪٺ پتلين جا تماشا لکندو هو ۽ اسٽيج تي پيش ڪندو هو. هو پنهنجي هٿ سان رسالا لکندو هو ۽ انهن ۾ تصويرون ناهيندو هو. هن کي ٻارهن ورهين جي ڄمار تائين پنهنجي عالم فاضل پيءُ پاڻ پڙهايو هو پوءِ هو رچمنڊ گرامر اسڪول ۾ داخل ٿيو. اتي هن رياضي ۾ تمام وڏي صلاحيت ڏيکاري. هو ڏيڍ سال کان پوءِ رگبي ويو. اتي هن ۾ ڪو چاڙهو نه ٿيو چاڪاڻ ته ايٿليٽڪ راندين ۾ سندس حالت ڏاڍي خراب هئي. اتي هو غير مقبول ٻار هوندو هو. ڏاڍي هوشيار سان گهڻو مطالعو ڪندو هو ۽ مختلف انعام پيو کٽيندو هو. هو 24_ جنوري 1851ع کان ڪرائيسٽ چرچ، آڪسفورڊ ۾ رهڻ لڳو. هو هڪ ته لڄارو هو پيو ته ڳالهائڻ ۾ ٻه اٽڪ هوندي هئس تنهن ڪري گڏ پڙهندڙن ۾ ڪي چند دوست ناهيائين پر پنهنجي پڙهائي ۾ تمام سٺي نموني هليو. ڪيس ڊسمبر 1852ع ۾ اسٽوڊنٽ شپ لاءِ نامزد ڪيو ويو. ڪرائيسٽ چرچ ۾ فيلو شپ کي اهو نالو مليل هو. هو جيستائين غير شادي شده رهي تيستائين اهو اعزاز پاڻ وٽ رکي سگهيو ٿي. هو پنهنجي وفات تائين ڪرائيسٽ چرچ جو اسٽوڊنٽ رهيو.

رسمي طور سندس دلچسپي رياضي سان هئي. ڪيس 1854ع ۾ رياضي ۾ فرسٽ مليو ۽ ٻئي سال هن اهو ئي سبجيڪٽ شاگردن کي پڙهائڻ شروع ڪيو. پوءِ هو رياضي جو ليڪچرار (يعني ٽيوٽر) ۽ ماسٽر آف دي هائوس مقرر ٿيو. تنهن کان پوءِ سندس رهائش ۽ آمدني جو مسئلو حل ٿي ويو. هو 1861ع ۾ ٽئين درجي واري پادري طور چرچ جي نوڪري ۾ داخل ٿيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن پنهنجي رياضي جي قابليت ۽ منطقي ذهن ۾ هڪ وڏي فنڪاراڻي احساس جو اضافو ڪيو. هو پنهنجي سموري زندگي گهڻو ڪري انساني تصويرون ناهيندو رهيو. هو ٿيٽر جو به ديوانو هو. هن ڪي شاعري سان پيار هو ۽ تمام گهڻي شاعري لکيائين. انهي جو به وڏو حصو مزاحيه هو. لکڻ کان سواءِ سندس تمام وڏو مشغلو فوٽو گرافي هو. فوٽوگرافي تڏهن پنهنجي بلڪل اوائلي دور ۾ هئي. اهو ڏاڍو ٽڪائيندڙ ڪم هوندو هو ڇاڪاڻ ته فوٽو ڪيندڙ کي پنهنجيون پليٽون پاڻ تيار ڪرڻيون پونديون هيون ۽ ڀيو ڪيترو ئي سامان پاڻ سان گڏ کڻي هلڻو پوندو هو. ٻاج سن جيئن ته ننڍين ننڍين ڳالهين تي تمام گهڻي توجه ڏيندو هو تنهن ڪري اهو ڪم هن جي مزاج جي مطابق هو. سندس دور ۾ ٻارن جي فوٽوگرافر طور سندس مرتبو تمام بلند هو.

هو ٻارن خاص طور ننڍين ڇوڪرين جي ساٿ ۾ ڏاڍو خوش گذاريندو هو. اڪثر ننڍيا ڇوڪرا کيس ڪڪ ڪري ڇڏيندا هئا. هو جيئنوٽيڪ وڏن جي سنگت ۾ لڄارو هوندو هو ۽ پاسيرو رهندو هو پر ننڍين ڇوڪرين جي ساٿ ۾ سندس طبيعت کلي پوندي هئي ۽ سندس ذهن جو خوش طبع ۽ مزاحي پاسو بغير ڪنهن رڪاوٽ جي روان ٿي ويندو هو.

ڊاڪٽر لڊل جڏهن 1855ع ۾ ڪرائيسٽ چرچ جو نئون ڊين ٿيو ته ٻاج سن سندس ڪٽنب کان واقف ٿيو: انهي ۾ هيري نالي هڪ ڇوڪرو ۽ لورينا, ايلس ۽ ايڊٿ نالي ٽي ننڍيون ڇوڪريون هيون. هن انهن جو فوٽو ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي پر انهن جي رعبدار ماءُ جيڪا لڳي پيو ته کيس ڪجھ ناپسند ڪندي هئي. انهي جي موڪل نه ڏني. هو ٻارن جي ماءُ جي اهڙي هلت هوندي به ٻارن سان سٺي دوستي ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. هو انهن کي آکاڻيون ٻڌائيندو هو ۽ College Rhymes ۾ ڇپيل پنهنجن مزاحيه شعرن جون ڪاپيون ڏيندو هو. ڪاليج رائيمز انهي دور جو آڪسفورڊ جو هڪ رسالو هو. انهن جي گورنيس انهن کي ڪڏهن ڪڏهن ٿام ڪناڌ ۾ سندس رهائش تي چانهه تي وٺي ايندي هئي.

اهو 4۔ جولاءِ 1862ع ۾ جو ڏينهن هو. تنهي ڇوڪرين کي پنهنجي گورنيس پاڻ سان گڏ وٺي آئي ۽ انهن کي ٻاج سن ۽ هڪ ٻئي پادري رابنسن ڊڪ ورٿ وٽ ڇڏي وئي. هو اوچتو بغير ڪنهن اڳواٽ تياري جي پڪنڪ جون

ٽوڪريون ڪٽي فولي برج (Folly Bridge) ويا هليا ۽ آئيسس (Isis) ۾ ٻيڙي جي سير تي ويا هليا. اهي ٻيڙي ۾ هئا تہ ڊاج سن ايلس کي هڪ آکاڻي ٻڌائڻ شروع ڪئي. ونجھ ايلس هلائي رهي هئي. هن ڪنهن سچي لڳندڙ شروعات جي ڳولها ۾ پنهنجي هيروئن کي هڪ سهي جي ٻر ۾ موڪلي ڇڏيو. ڪيس خبر نہ هئي تہ اڳتي ڇا ٿيندو. اهي گاڏ اسٽو جي ويجهو گاهہ جي هڪ دن جي پرسان آرام ڪرڻ ويٺا. اتي انهن چانهہ بہ پيتي ۽ ڊاج سن پنهنجي آکاڻي بہ جاري رکي. اهي جڏهن واپس ڊاج سن جي رهائش تي پهتا تہ ايلس کيس عرض ڪيو تہ هو کيس اها ڪهاڻي لکي ڏئي. انهي تي هو تقريباً سموري رات ويهي پنهنجي ناهيل ڪهاڻي جو جيترو حصو ياد هوس اهو لکندو رهيو. هو 6ـ آگسٽ تي تنهي ڀارن کي وري گاڏ اسٽو وٺي ويو. هن دفعي ڪرائيسٽ چرچ جو سينيئر اسٽوڊنٽ اي جِي. ورنون هار ڪوٽ انهن سان گڏ هو. انهن کيس مجبور ڪيو تہ هو Alice's Adventures Underground واري پنهنجي ڳالهہ جاري رکي.

انهي کان پوءِ هن جون ايلس لڊل سان ملاقتون گهٽ کان گهٽ ٿينديون ويون ڇاڪاڻ تہ انهي تي هن جي ماءُ کي اعتراض هئا ۽ 1864ع ۾ تہ اهي ملاقاتون بلڪل بند ٿي ويون. پر نومبر 1862ع ۾ اوچتو آمهون سامهون ٿيڻ سان ايلس کيس پنهنجو واعدو ياد ڏياريو ۽ هن 1863ع جي فيبروري مهيني ۾ پنهنجن نوٽس تي نظرثاني جو ڪم پورو ڪيو. پوءِ هن ايلس لاءِ پنهنجي مسودي تي تصويرون ناهڻ شروع ڪيون. انهي دوران هن ڪهاڻي کي ڇپرائڻ جو ارادو ڪري ڇڏيو. هاڻي هن انهي ۾ اصل جي لڳ ڀڳ ٻيڻ جيترو اضافو ڪيو ۽ پنچ رسالي جي آرٽسٽ جان ٽينيئل کان تصويرون ناهڻ جي ڪم لاءِ واعدو وٺڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو.

انهي ڪهاڻي جي اصلي عنوان " Alice's Adventures Underground" مان ائين ٿي لڳو ڄڻ اهو کاڻين بابت ڪو اسڪولي ڪتاب هجي. هن گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ انهي کي Alice's Adventures in Wonderland ڪري ڇڏيو. ليکڪ جي نالي بابت کيس احساس ٿيو تہ انهي ۾ ڪا شعري خوبي ڪا نہ ٿي لڳي تنهن ڪري هن پنهنجي نالي جا بہ حصا Charles Lutwidge ڪٽي انهن جي ترتيب ڦيرائي انهن کي Lewis Carrol ڪري ڇڏيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻهريون ايڊيشن جولاءِ 1865ع ۾ ڇپيو پر ٽينيئل تصويرن جي ڇپائي مان مطمئن نہ ٿيو. پر ڊاج سن جيئن تہ پنهنجي هر ڪم ۾ ڪماليت پسند هوندو هو تنهن ڪري اجا 48 ڪاپيون وڪرو ٿيون هيون يا ماڻهن ڏنيون ويون هيون جو هن اها ايڊيشن روڪرائي ڇڏي اڻ جلد ٿيل شيٽون هڪ آمريڪي فرم کي ڏنيون ويون جنهن انهن کي ٻئين ايڊيشن طور منظر تي آندو. اصلي ٻيون ايڊيشن ميڪملن طرفان نومبر 1865ع ۾ آيو پر انهي تي 1866ع ۾ سن لکيل هو.

انهي ڪتاب جيتوڻيڪ پڙهندڙن کي ڏاڍو خوش ڪيو پر شروع ۾ انهي کا تمام گهڻي مقبوليت نہ ماڻي پر پوءِ بہ ايڊيشن پٺيان ايڊيشن نڪرندو رهيو. سن 1869ع ۾ فرانسي ۽ جرمن زبانن ۾ ترجما ڇپيا ۽ 1872ع ۾ اطالوي ٻولي ۾ ترجمو ڇپيو. انهي کان پوءِ ٻيا بہ درجنين ترجما ٿيا آهن. اهو ٻارن ۾ انهن جي وڏن ٻاران پڙهيو وڃي ٿو. اشتهار باز پنهنجن اشتهارن ۾ انهي جا ٽڪرا انهي خاطري سان ڏيندا آهن تہ اهو عالمي طور مشهور ۽ مقبول ڪتاب آهي.

اها من گهڙت ڳالهہ بہ مشهور آهي تہ راڻي وڪٽوريا Alice پڙهڻ کان پوءِ چيو هو تہ هوءَ ساڳئي ليکڪ جو ايندڙ ڪتاب بہ ڏسندي پر ڊاج سن انهي کان پوءِ Condensation of Determinants نالي هڪ رياضي بابت مقالو ڇپرايو. هن پوءِ انهي ڳالهہ کان انڪار ڪيو هو تہ هن ڪو راڻي ڏانهن انهيءَ مقالي جي ڪاپي موڪلي هئي. هو هڪ اڻٿڪ ليکڪ هو ۽ لڳاتار رياضي سان لاڳاپيل موضوعن خاص طور اقليدس تي ڪتاب ۽ پمفليٽ لکندو رهندو هو. انهن ڪتابن کي سندس زندگي ۾ جيتوڻيڪ مختصر ڪاميابي ملي پر اهي اڄڪلهہ ڪنهن کي بہ ياد ڪونهن. اقليدس جي جاءِ تي جاميٽري جا ٻيا قسم اچي ويا آهن.

هو البت ليوس ڪيرول جي حيثيت ۾ پنهنجن نوجوان دوستن لاءِ عجيب غريب ڪهاڻيون لکندو رهيو. هن 1868ع ۾ ٽينيئل کان واعدو ورتو تہ هو Alice's Adventures in Wonderland سلسلي جي ٻئي ڪتاب لاءِ تصويرون ناهيندو. ٻهرحال تصويرن بابت گهڻي لاهن چاڙهن کان پوءِ 1871ع جي ڪرسمس جي موقعي تي Through the looking glass اچي ويو. نو هزار ڪاپين جي ٻهرئين ڇاپي تي ميڪملن وارن کي بنا دير ڇهہ هزار ڪاپين جو اضافو ڪرڻو پيو. انهيءَ ماڻهن جي ذهنن ۾ اصلي ايلس ڪتاب سان گڏ جاءِ ناهي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهي وري پڙهن ٿا ۽ ڪلندا رهن ٿا. انهن ۾ شامل فقرا ۽ ڪردار عام گفتگو ۾ شامل ٿي ويا آهن.

ايلس ايڊوينچرزان ونڊرلئنڊ هڪ خواب ڪهاڻي طور بيان ٿيل آهي ۽ تنهن ڪري اها ڪنهن بہ قسم جي ناقابل يقين واقعن ۾ آزاديءَ سان هلي وڃي ٿي. ايلس درياءَ جي هڪ روشن ڪپ تي پنهنجي ڀيڻ جي پرسان ننڊاڪڙي ٿي آرام ڪري رهي آهي جو ڪيس جهوٽو اچي وڃي ٿو ۽ خواب ۾ ڏسي ٿي تہ هڪ سفيد رنگ جو سهو ٽڙ تڪڙ ۾ پنهنجي واچ ڏسي رهيو آهي ۽ پوءِ هڪ ٻر ۾ گهڙي وڃي ٿو. هوءَ ان جي پٺيان لڳي پوي ٿي ۽ آهستي آهستي پاڻ کي هڪ اونهي کوھ ۾ ڪرندو محسوس ڪري ٿي ۽ پوءِ پاڻ کي هڪ ڊگهي هال ۾ ڏسي ٿي. هن جي چئني پاسن کان قلفن سان بند دروازا آهن. آخرڪار ڪيس هڪ ننڍڙو دروازو نظر اچي وڃي ٿو. هو شيشي جي سطح واري هڪ ميز تان سوني ڪنجي کڻي اهو دروازو کولي ٿي. هن کي رستي مان هڪ سهڻو باغ نظر اچي ٿو. ميز تي هڪ ننڍڙي شيشي پئي آهي جنهن تي لکيل آهي :"مون کي پيئو". هوءَ ائين ڪري ٿي ۽ تمام ننڍڙي ٿي وڃي ٿي پر هاڻي ڪنجي سندس پهچ کان مٿي ميز تي رکيل آهي. ميز جي هيٺان هڪ ڪيڪ رکيل آهي جنهن تي لکيل اهي "مون کي کائو" انهي سان هوءَ دوربينيءَ وانگر کُلي پوي ٿي. هوءَ جيئن ونڊرلئنڊ ۾ گهمندي رهي ٿي تہ کائڻ ۽ پيئڻ جي نتيجي ۾ عجيب نموني وڏي ۽ ننڍي ٿيندي رهي ٿي.

ڪهاڻي جي هڪ وڻندڙ خصوصيت ايلس پاران پنهنجي عجيب حالت بابت تمام سادي نموني وڏي آوازسان پاڻ سان ڳالهائڻ آهي ۽ هوءَ جڏهن مشهور مقبول گيت جهونگارڻ جي ڪوشش ڪري ٿي تہ اهي سندس وات مان ڏاڍين وڻندڙ پيروڊين جي صورت ۾ نڪرن ٿا. هوءَ اوچتو تمام ننڍڙي ٿي وئي آهي ۽ پنهنجن ڳوڙهن جي حوض ۾ هڪ ڪوئي، ڊوڊو ۽ ٻين جانورن ۽ پکين سان گڏ تري رهي آهي. اهي پاڻ کي "Caucus Race" سان خشڪ ڪن ٿا ۽ پوءِ هوءَ سفيد سهي جي گهر وڃي ٿي. اتي هڪ ٻي شيشي کيس تمام وڏو ڪري ٿي ڇڏي ۽ هن سان ڪمرو پرجي وڃي ٿو. سهو ۽ سندس مالهي کيس ڪمري مان نہ ٿا ڪڍي سگهن ۽ هوءَ ٻل نالي ڪرڙي کي ڀڄائي ٿي ڪڍي جڏهن هو چمني منجهان هيٺ لهڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. هوءَ وري ننڍي ٿي هڪ ٻيلي ڏانهن ڀڄي وڃي ٿي اتي کيس هڪ سويٽ (Caterpillar) هڪ کُنڀيءَ تي ويٺو حقو ڇڪيندي نظر اچي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيس نئون منظر ۽ نوان ڪردار ملن ٿا. انهي ۾ موجود جانور ۽ جيئت به ونڊرلئنڊ وانگر بلڪل غير متوقع نموني ۾ بنا روڪ ٽوڪ جي ڳالهائين ٿا ۽ انهن مان ڪيترن خاص طور White knight ۽ Humpty Dumpty، Tweedledum and Tweedlede عوام جي دلين ۾ گهر ڪري ويا آهن.

ليوس ڪيرول هن ڪتاب ۾ ڪيترائي اهڙا بي مطلب شعر به شامل ڪري ڇڏيا آهن جيڪي هن پنهنجن نوٽ بڪن ۾ گڏ ڪيا هئا. ايلس ئي اهو واحد ڪردار آهي جنهن ٻنهي ڪتابن ۾ پنهنجو نالو ۽ سڃاڻپ برقرار رکي آهي. پر سندس ٻلي جو نالو ڦري ديِنا ٿي ويو آهي ونڊرلئنڊ وارا مارچ هيئر ۽ مئڊ هيٽر لڪنگ گلاس ۾ وهائيٽ ڪنگ جي پيغامبرن هائيگا ۽ هيٽا جي صورت ۾ وري ظاهر ٿين ٿا جيڪي ڪيس سوئر جي گوشت جا سئنڊوچ ۽ گاهه کارائين ٿا. ونڊرلئنڊ واري فراگ فوٽ مئن جو عڪس فراگ گارڊنر ۾ نظر اچي ٿو. جيڪو ايلس کي لڪنگ گلاس جي آخر ۾ شاهي ڊائننگ هال جي ٻاهران ملي ٿو.

اهي ڪتاب بند ڪري اسان جي ذهن ۾ اهو خيال اچي ٿو ته وڏي عالم فاضل رياضيدان سي. ايل. ڊاج سن پنهنجي پيچيدي طبيعت ۾ هڪ ننڍي ڇوڪري جي دل سانڍيون ويٺو هو. ليوس ڪيرول انهي جا خيال اسان جي دائمي دلچسپي لاءِ لکت ۾ آڻي ويو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 61. ڪيپيٽل

## -- ڪارل مارڪس --

ڪارل هينرخ مارڪس هڪ جرمن يهودي هو. هو رائين لينڊ جي علائقي ٽريويز ۾ 1818ع ۾ جائو. هو لبرل لاڙا رکندڙ هڪ وڪيل جو پٽ هو. جنهن ڪارل جي پيدائش کان ڪجھ ورهيه پوءِ پنهنجو ڏاڏاڻو مذهب ڇڏي پروٽيسٽنٽ عيسائيت اختيار ڪئي هئي. ڪارل کي برلن ۽ بان (Bonn) جي يونيورسٽين ۾ پنهنجي پيءُ وانگر وڪيل ٿيڻ جي ارادي سان موڪليو ويو هو پر هن تاريخ ۽ فلسفو پڙهڻ کي ترجيح ڏني ۽ جمهوري سرگرمين ۾ ٿورو گھڻو حصو وٺڻ شروع ڪيو. هن ڪجھ مهينا رائين لينڊ ۾ هڪ اخبار جي ايڊيٽري ڪئي ۽ پوءِ 1843ع ۾ جيني وان ويسٽ فالين سان شادي ڪان جلدئي پوءِ پيرس لڏي ويو ۽ اهڙي ادبي سرگرميءَ ۾ مصروف ٿي ويو جيڪا سندس باقي سموري زندگي تي حاوي رهي. اهو ڪم تمام محنت طلب هو. انهي مان ڪو گھڻو معاوضو به نه ٿي مليس نه ئي انهي جي گھڻو ڪري ڪا قدرداني ٿي ٿي. ويتر اهو اڪثر شديد مخالفت پيدا ڪندو هو. جلدئي هو پڪو انقلابي ٿي ويو ۽ 1845ع ۾ کيس فرانس مان تڙي ڪڍيو ويو ۽ هن برسلز ۾ رهائش اختيار ڪئي. اتي هن اينگلز سان گڏجي 1848ع وارو ڪميونسٽ ميني فيسٽو لکيو. اهو انهي "انقلابن واري سال" ۾ مزدور طبقي جي پروگرام طور لکيو ويو هو. انهي جي پڇاڙي هنن لفظن سان ٿئي ٿي: "حڪمران طبقي کي ڪميونسٽ انقلاب کان ڏڪڻ گھرجي. مزدورن کي وڃائڻ لاءِ پنهنجين زنجيرن کان سواءِ ٻيو ڪجھ به نه آهي. انهن کي دنيا فتح ڪرڻي آهي. دنيا جا مزدورؤ متحد ٿيو!".

پر ميني فيسٽو جو ڪنهن تي به اثر نه ٿيو ۽ مارڪس به آخرڪار بلڪل هٿين خالي ٿي ۽ ملڪ بدري جي فيصلي هيٺ انگلش چينل پار ڪري انگلينڊ ۾ اچي پناهه ورتي. هو 1883ع ۾ پنهنجي وفات تائين باقي سموري زندگي لنڊن ۾ رهيو. اتي هو هر ڪم واري ڏينهن جو گھڻو وقت برٽش ميوزيم جي ريڊنگ روم ۾

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گذاريندو هو. هو پنهنجي زال جي لحاظ کان نصيبن وارو هو. اها مضبوط ڪردار ۽ سني سمجھ واري عورت هئي جنهن گھر ۽ ڪٽنب کي جُڙيل رکيو. هو پنهنجن دوستن جي لحاظ کان به خوش قسمت هو. انهن ۾ فريڊرڪ اينگلز کي اهم مقام حاصل آهي. اينگلز کي مانچيسٽر ۾ پنهنجي پيءُ جي ڪاٽن فيڪٽري ۾ نوڪري هئي انهي جي آڌار تي هو مارڪس کي ضرورت جي وقت چڱي خاصي مالي مدد ڏئي سگھندو هو.

مارڪس برٽش ميوزيم ۾ ڪيترائي ورهيه ڳوڙهو اڀياس ڪرڻ کان پوءِ انهي دوران هن جديد يورپ جي اقتصادي ادب جي ڪافي وسيع ۽ اونهي ڄاڻ حاصل ڪئي. 1867ع ۾ ڪيپيٽل جو پهريون جلد شايع ڪرايو. هن جيئڻ ڪتاب جي پهرئين جرمن ايڊيشن جي مهاڳ ۾ ڄاڻايو هو. سندس آخرين مقصد "جديد سماج کي هلائيندڙ چلائيندڙ اقتصادي قانون" کي ظاهر ڪرڻو هو ۽ تنهن ڪري اڀياس جو بنيادي موضوع پيداوار جي سرمائيدارانه طريقي ۽ انهي طريقي سان نهڪندڙ پيداوار ۽ مناستا جا لاڳاپا هو. هتي ڪتاب جي ڇپائي جي تاريخ کي ذهن ۾ رکڻ تمام ضروري آهي. مارڪس جنهن سرمائيدارانه نظام بابت لکيو آهي اهو اوڻيهين صدي جي آخري حصي ۽ ويهين صدي جي شروعات وارو سرمائيدارانه نظام نه هو ۽ جنهن نظام هيٺ اسين رهون ٿا اهو ته ڪڏهن به نه هو. اهو گذريل صدي جي شروعاتي حصي وارو وڏي حد تائين چڙواڳ ۽ غير ذميوارانه سرمائيداري نظام هو ۽ جنهن وقت مارڪس ڪتاب لکي رهيو هو اهو تڏهن ئي تبديلي جي عمل مان گذري رهيو هو.

مارڪس جي ذهني تصوير مطابق سرمائيدارانه نظام ننڍڙن ۽ تمام موثر ڪاروباري يونٽن جي هڪ تمام وڏي انگ تي ٻڌل آهي. جن جي مالڪي، ڪنٽرول ۽ بندوبست ڪنهن هڪ ماڻهو يا ماڻهن جي هڪ اهڙي ننڍڙي گروپ جي هٿن ۾ آهي جن جو بنيادي واسطو پنهنجي ذاتي خوشحالي سان آهي. هن پاران ڪتاب لکڻ وقت لميٽيڊ لائبلٽي (Limited Liability) واريون ڪمپنيون اڳيئي وجود ۾ اچي چڪيون هيون پر انهن اجا صنعتي تنظيم واري رواجي يونٽ واري ننڍي فرم جي جاءِ نه والاري هئي ۽ اهي ڪمپنيون اڳتي هلي جيڪو رخ اختيار ڪري سگھيون ٿي انهي کان به اجا ڪير واقف نه ٿيو هو. جنهن "مئنيجري انقلاب (Managerial Revolution) ڪاروباري منتظمن (Business

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(executives) جي هڪ وڏي فوج کي جنم ڏنو آهي اهو مارڪس جي سوچ کان ٺي مٿي هو ۽ هن انهي بابت ڪڏهن سوچيو بہ نہ هوندو. هو مزدورن کي ڏهاڙي ڪمائيندڙن“ جو هڪ پيڙهيل طبقو ۽ پرولتاري سمجهندو هو ۽ هو جيئنوٽيڪ نين ٽريڊ يونينن جو سرگرم حمايتي هو پر ڪيس انهن جي واڌويجه مان ڪنهن سڌاري جي گهٽي اميد نہ هوندي هئي. هو پاڻ وچولي طبقي جو فرد ۽ (سندس پسنديده اصطلاح ڪتب آڻيندي) بورجوا هو. هو تمام وڏي اعتماد سان انهي عظيم ڏينهن جي اوسيئڙي ۾ هو جڏهن دنيا ۾ فقط بہ طبقا هوندا: ڪم ونندڙ ۽ ڪم ڪندڙ: نوڪري ڏيندڙ ۽ نوڪري ڪندڙ سرمائيدار ۽ مزودر بورجوا ۽ پرولتاري ۽ انهن جي وچ ۾ اوس ٿيندڙ ٽڪراءَ جي نتيجي ۾ ساڳئي طرح لازمي طور هڪ نئون سماجي نظام جنم وٺندو جنهن ۾ سڀ ڪجه مزدورن جي هٿن ۾ هوندو.

مارڪس جي پڙهندڙن جي بدقسمتي اها آهي جو انهيءَ جي شروعات اهڙي سرمائيداراڻي نظام جي بيان سان نہ ٿي ٿئي جنهن کان هو واقف هو پر هو اٿندي ئي قدر (Value) بابت پنهنجن خيالن جو تمام ڳُوڙهو بيان ڏئي ٿو. اهي ايترا تہ ڏکيا آهن جو انهن جي سمجهاڻي لاءِ اُٺ ڪتابن جا لکيا ويا آهن تہ بہ اسان کي پڪي طرح خبر نہ آهي تہ مارڪس جو اصلي مطلب ڇا هو. هاڻي جيتوڻيڪ اهو نہ ٿو سمجهيو وڃي تہ مارڪس پاران پيش ڪيل نظريا سندس پنهنجا نہ آهن پر اهي سندس دور کان ڪيترو وقت اڳ جي ڪلاسيڪي اقتصاديات دانن کان ورثي آهن تنهن ڪري Labour Theory of Value سنئين سڌي هن ڏانهن منسوب نہ ٿي ڪري سگهجي. انهي ٿيوري جو مطلب اهو آهي تہ ڪنهن شي (Commodity) جي قيمت جو دارومدار انهي جي پيداوار لاءِ ڪتب آندل انساني محنت جي مقدار تي آهي“. نہ ئي ڪيس Kindred Theory جو مالڪ قرار ڏئي سگهجي ٿو تہ محنت جي مزدوري گذاري جي سطح جي آسپاس بيهندي آهي. گذاري جي سطح جو مطلب آهي تہ ڪنهن مزدور کي تندرستي ۽ ڪارڪردگي جي چڱي حد تائين فِٽ حالت ۾ رکڻ تي ڪيترو خرچ اچي ٿو جيئن هو پاڻ ايترو فٽ هجي جو وقت اچڻ تي ڏهاڙي ڪمائيندڙ مزدورن جو اهڙو بيو نسل پيدا ڪري سگهي جيئن هو ختم ٿي ڪچري جي ڍير تي اچلائجي تہ ٻيا هن جي جاءِ وٺي سگهن. انهن شروعاتي بابن مان فقط Surplus Value واري ٿيوريءَ مان ئي اصليت (Originatity) جا ڪي آثار ملن ٿا. انهي جي سمجهاڻي هيٺ ڏجي ٿي:

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي ڪل ۾ چربي لاءِ ڳُنا ويندا آهن" ۾ هڪ اهڙي غير معتبر ليکڪ جي ڪتاب مان اقتباس ڏئي ٿو جنهن ٿيهن ورهين کان به اڳ واري دور ۾ لکيو هو ته "تمام لالچي مل مالڪ جن پاران فائدي جي ڳولها ۾ ڪيل ظلمن کان اسپينين پاران آمريڪا جي فتح وقت سون جي ڳولها ۾ ڪيل ظلم مشڪل سان وڌيڪ هوندا".

هو مُوڙي بابت لکي ٿو ته اها مئل مزدوري(Dead Labour) آهي جيڪا رتُ چُوس (Vampire) وانگر زنده مزدوري جو رت چوسي ٿي زنده رهي سگهي ٿي ۽ "اها جيتري رت چوسيندي ايتري سگهاري نموني زنده رهندي". هو لکي ٿو ته ريلوي جي مزدورن جو وقت 14, 18 ۾ ويندي 20 ڪلاڪن تائين وڌايو ويو هو ۽ جڏهن تفريحي ٽرينون هلايون وينديون هيون ته انهن کي 40 کان 50 ڪلاڪن تائين بغير ساهيءَ جي ڪم ڪرڻو پوندو هو. هن ملاوٽي کاڌن جي آزاد تجارت بابت به ڪجھ ڳالهيون لکيون آهن ۽ هن پنهنجي انهي بيان سان لنڊن جي رهواسين جو هنيون ڪچو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته ماني اهڙي اٽي مان پچائي وڃي ٿي جيڪو ڳوهڻ وقت انهي ۾ انسانن جو پگهر، پونءِ، ڄارو، مئل ڪاڪروچ ۾ واري ۾ ڦتڪيءَ جهڙا "وڻندڙ معدنياتي جزا" وڌا وڃن ٿا. هو پاڻ جيڪا روزاني اخبار پڙهندو هو انهي مان ميري اين واڪلي نالي هڪ ويهن ورهين جي ڇوڪري جي موت بابت سرڪاري عملدار جي تفتيشي رپورٽ به ڪٽي لکي ڇڏي اٿائين. هو لکي ٿو ته اها مادام ايلس جي پوشاڪون ناهڻ جي شاناڻتي اداري ۾ ڪم ڪندي هئي. هوءَ ساڍا ڇويهه ڪلاڪ بغير ساهي جي ڪم ڪرڻ کان پوءِ بيمار ٿي پئي ۽ مري وئي هئي. اهي پوشاڪون "نئين درآمد ٿيل" شهزادي اليگزينڊرا جي مان ۾ ڏنل ڊانس پارٽي تي ويندڙ نفيس عورتن لاءِ هيون.

مارڪس پنهنجي ڪتاب جي متن ۾ يا متن سان گڏ ڏنل معلوماتي نوٽس ۾ جتي به ڪي اقتباس آڻي ٿو انهن جا جيتوڻيڪ مڪمل حوالا به ڏئي ٿو پر سندس ڪجھ اقتباس اهڙن ڪتابن يا مضمونن مان کنيل آهن جيڪي ڪيترا ورهيه اڳ لکيا ويا هئا ۽ اهي جن حالتن کي سامهون رکي لکيا ويا هئا انهن ۾ تمام گهٽي تبديلي اچي وئي هئي يا ڪجھ اقتباس وري سياق سباق کان جدا ڪري پيش ڪيا ويا آهن. اهڙي طرح اهي سمورو سچ پيش نه ٿا ڪن. انهي ۾ ڪو شڪ نه آهي ته سندس پڙهندڙ انهي ڳالهه کان ڏاڍا متاثر ٿيا هئا ته هو گهڻو ڪري

سرڪاري انسپيڪٽرن ۽ ڪمشنرن جي رپورٽن کي بنياد بڻائي ٿو پر انهن کي انهي ڳالهه جي هوا به نه لڳڻ ڏني وئي ته خود اهي رپورٽون انهيءَ ڳالهه جو اشارو هيون ته وڪٽوريائي دور جو سماجي شعور بلڪل زنده هو. اوڻيهين صدي جو ستون ڏهاڪو مزدورن لاءِ ڪنهن به لحاظ کان تڪليف، بدحالي ۽ ڏاڍ وارو دور نه هو. انهي جي برعڪس حقيقت ته اها آهي ته انهي حالت ۾ گهرن، پبلڪ هيلٿ ۽ صنعتي تحفظ جي لحاظ کان گهٽي بهتري آئي. نئين دور جون ٽريڊ يونينون به انهيءَ ئي دور ۾ نهيون ۽ 1867ع ئي اهو سال آهي جنهن ۾ ڪيپيٽل پهريون دفعو منظر تي آيو جو شهرن جي مزدورن کي پارليامينٽ جي چونڊن ۾ ووٽ جو حق مليو.

سرپلس ويليو لاءِ وقف ٿيل حصي کان پوءِ ڪيترائي باب اجرت (Wages) تي اچن ٿا ۽ پوءِ اسين موڙي جي گڏ ٿيڻ (Accumalation of Capital) سان لاڳاپيل بابن تي پهچون ٿا. مارڪس وري هتي به ڪيترن ئي ليکڪن کي ڪم آڻيندي انگريز عوام جي انهي وقت جي حالت ۽ ارتقا بابت تمام مايوس ڪندڙ تصوير پيش ڪري ٿو. هن جو عمومي مفروضو اهو آهي ته "موڙيءَ جي گڏ ٿيڻ سان مزدور جي حالت سندس اُجرت ــ يلي ٿوري هجي يا گهڻي ــ لازماً خراب ٿئي ٿي". "لازماً" جو لفظ نوٽ ڪريو. ساڳئي ڳالهه مختصر لفظن ۾ هيئن چئجي: "موڙي جيئن ٿورن هٿن ۾ گڏ ٿيندي ويندي تيئن غربت وڌندي ويندي".

سرمائيدار ڪاروباري ادارن جو جديد نظام وجود ۾ اچڻ کان اڳ اهو مرحلو اچڻو هو جنهن کي مارڪس "موڙيءَ جو شروعاتي گڏ ٿيڻ (Primary accumulation) چوي ٿو. هو انهي جي وضاحت ڪندي چوي ٿو ته: اهو تاريخي عمل جنهن جي ذريعي پيدا ڪندڙ جي هٿن مان پيداوار جا وسيلا نڪري ويا". انهي ڳالهه عملي صورت هيئن اختيار ڪئي جو رفارميشن جي دور ۾ چرچ جي ملڪيتن تي زوريءَ قبضا ڪيا ويا. پوءِ رياست جون ايراضيون منتقل ڪيون ويون ۽ بي رحماڻي دهشت گردي جي ذريعي جاگيردارن ۽ اسڪاٽلينڊ جي قبيلن جي ملڪيتن کي جديد نجي ملڪيت ۾ تبديل ڪيو ويو. اهي موڙي جي شروعاتي گڏ ٿيڻ جا اوائلي طريقا هئا جن سرمائيدار زراعت لاءِ ميدان صاف ڪيو ۽ شهري صنعت کي بي مالڪ پرولتارين جو گهربل تعداد مهيا ڪري ڏنو.

انهي کان پوءِ آمريڪا ۾ سون ۽ چاندي جون دريافتون ٿيون. مقامي ماڻهن جو صفايو ڪيو ويو انهن کي غلام بڻايو ويو يا انهن کي ڪجھ علائقن تائين محدود

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيو ويو. وري ايسٽ انڊيز جي فتح جي شروعات ٿي ۽ آفريڪا غلامن جي واپار لاءِ خام مال جي سرچشمي ۾ تبديل ٿيو. اهي واقعا "سرمائيداري پيداوار جي دور جي خوشگوار صبح" جون خاص نشانيون هئا. انهن کان جلدئي پوءِ يورپ جي وڏن ملڪن جي وچ ۾ تجارتي جنگيون (Commercial Wars) لڳيون جيڪي سموري ڌرتيءَ تي وڙهيون ويون. انهي سلسلي جي تازي ڪڙي چين خلاف آفيم جون جنگيون هيون.

موڙيءَ جي گڏ ٿيڻ جي عمل کي انهي جي شروعاتي دور ۾ سڀ کان سگهارو تحرڪ بينڪ آف انگلينڊ جي بندوبست هيٺ Public Debt پيدا ڪرڻ سان مليو. جلدئي پيا ملڪ به مالياتي نيٽ ورڪ ۾ انگلينڊ سان منسلڪ ٿي ويا. "موڙي جو اهو تمام وڏو مقدار جيڪو آمريڪا ۾ ڪنهن جمر جي سرٽيفڪيٽ کان سواءِ منظر تي ايندو آهي اهو ڪالهه انگلينڊ ۾ ٻارڙن جي موڙي جي شڪل ۾ آنڊل رت هئي".

مارڪس پنهنجي آخري صفحي تي ٻڌائي ٿو ته آمريڪا ۽ آسٽريليا برطانيه جي نقش قدم تي هلي رهيا آهن: هڪ ۾ "سرمائيداري پيداوار تمام وڏين پرانگهن سان اڳتي وڌي رهي آهي" ۽ ٻئي ۾ لڳاتار اهي شڪايتون آهن ته ليبر مارڪيٽ واڌو مزدورن سان پري ٻئي آهي. پراڻي دنيا وانگر نئين دنيا ۾ به (هو چوي ٿو ته) پوليٽيڪل اڪانامي هڪ "وڏو اسرار" دريافت ڪري ورتو آهي ۽ پوءِ انهي کي علي الاعلان ظاهر ڪري ڇڏيو آهي ته پيداوار جو سرمائيدارانو طريقو ۽ موڙي جو گڏ ٿيڻ (يا مختصر لفظن ۾ چئجي ته سرمائيدار نجي ملڪيت) پنهنجي بنيادي شرط طور مزدور جي بي دخلي جي گهر ڪري ٿو.

ڪيپيٽل اصل ۾ جرمن زبان ۾ شايع ٿيو هو. پهريون انگريزي ترجمو (پهرئين جلد جو) مارڪس جي وفات کان ٽي ورهيه پوءِ 1886ع ۾ ڇپيو. اينگلز انهي جو مهاڳ لکيو. هن اها ڳالهه به چئي ته داس ڪيپيٽل کي يورپ جي کنڊ ۾ گهڻو ڪري مزدور طبقي جي بائيبل سڏيو وڃي ٿو. اها ڳالهه برطانيه کان سواءِ باقي سموري يورپ لاءِ شايد ته صحيح هئي. انهي چوٽي ۾ به گهڻي صداقت آهي ته برطانوي ليبر تحريڪ ڪارل مارڪس بجاءِ ميٿوڊسٽن کان گهڻي مستفيد ٿي آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مارڪس سمجهندو هو تہ سندس ڪتاب هڪ اهڙو ليور مهيا ڪندو جنهن سان دنيا جي صنعتي ملڪن جا پرولتاري سرمائيداري نظام جو تختو اونڌو ڪري ڇڏيندا. هو اهو سمجهڻ ۾ حق بجانب هو تہ ڪيپيٽل هڪ سياسي ۽ اقتصادي ڊائنا مائيٽ هو. پر آخرڪار ٽيوائين جو انقلاب هڪ وڏي ۽ تمام سرمائيدار ملڪ بجاءِ زارن جي روسي سلطنت ۾ آيو جيڪو انهن وڏن ملڪن مان هڪ هو جتي سرمائيداري نظام تمام گهٽ اسريل ۽ تمام گهٽ اڳتي وڌيل هو. جيڪي ڪتاب لازماً تاريخ ساز ڪتابن جي صف ۾ رکيا وڃن انهن ۾ ڪارل مارڪس جو ڪيپيٽل سن 1917ع واري روسي انقلاب تي انهي جي اثر سبب پڪي پختي برتريءَ واري جاءِ والاري ٿو.

ꙮ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 62. لورنا ڊُون

## — آر. ڊي بليڪ مور —

رچرڊ ڊاڊرج بليڪ مور (1900 - 1825ع) جيئوٽيڪ پنهنجي زندگيءَ ۾ ٿي گهڻو تحريري ڪم ڪندڙ هڪ مقبول عام ناولسٽ هو پر اڄڪلهه ڪيس فقط هڪ ڪتاب لورنا ڊون جي ليکڪ طور ياد ڪيو ويندو آهي. سندس ٻيا ناول بہ ناڪام نہ ٿيا هئا. انهن مان ڪجهہ تہ ڪوا عزاز بہ حاصل ڪيو هو. پر ڪيس شهرت لورنا ڊون ڏياري ۽ لورنا ڊون ٿي هميشہ لاءِ سندس نالي سان جڙي ويو آهي. ڪتاب جي ڪاميابي جا ڪيترائي سبب آهن پر انهن مان سڀ کان اهم سبب قديمي انساني خصوصيت آهي. اها خصوصيت خود بليڪ مور ۾ بہ هوندي. ڪي ٿورا ناولسٽ ٿي انهيءَ ڳالهہ جو پڪو پختو مثال پيش ڪري سگهندا تہ اسلوب ۽ طرز تحرير ٿي خود انسان آهي.

جيئن ڪنگسلي کي ڊيوون (Devon) سان محبت هئي ۽ هارڊي ۽ فلپاٽس کي بالترتيب ويسيڪس ۽ ڊاٽمور سان محبت هئي بليڪ طور کي بلڪل ائين ايڪس مُور (Exmoor) جي انهي من موهيندڙ علائقي سان محبت هئي جتي ڊيوون سومرسيٽ سان ڪلها گسائي ٿو. هن چوڪراٽي وهيءَ ۾ گليمور گن شائر جي ڪناري تي نيوٽن نائيج ۾ رهندي ايڪسمور جي جابلو سلسلي جو سيورن ۾ انهي هنڌ تائين اڀياس ڪيو هو جتي درياءَ ۽ سمنڊ پاڻ ۾ ملن ٿا. جڏهن سندس پيءُ جيڪو ڳوناٽي چرچ ۾ پادري هو. ڊيوون لڏي ويو تہ ننڍڙو رچرڊ اڳ ۾ ڪنگس اسڪول برٽن ۽ پوءِ ٽائورٽن ۾ بلنڊيلز اسڪول ۾ داخل ٿيو. هو انهن ٻنهي ادارن ۾ ويسٽ ڪنٽري (انگلينڊ جون ڏکڻ اولهہ واريون ڪائونٽيون. سنڊيڪار) جو اصلي جادو پاڻ ۾ سموئيندو رهيو. هن ٻاران ڪومبي ۾ پنهنجي ڏاڏي جي گهر گهڻو ايندي ويندي ڊون جي هڪ ٽولي جي ڪارنامن بابت ڪي مقامي روايتون ضرور ٻڌيون هونديون جيڪي چارلس ٻئين جي دور ۾ ايڪسيٽر جي ويجهو هڪ ڳوٺ مان ڪاروائيون ڪندا هئا. ساڳئي وقت هو ڳوناٽي زندگي جا عڪس بہ پنهنجي ذهن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ محفوظ ڪندو ويندو هوندو ۽ دلچسپ ڪردارن سان لهه وچڙ ۾ ايندي ڊيون ۽ سومر سيٽ جي ٻولي جا دلچسپ لهجا به نوٽ ڪندو ويندو هوندو.

هو جڏهن ايڪسيٽر ڪاليج آڪسفورڊ ويو تڏهن به ڳوناٺي زندگي جي سادين خوشين جي ويجهو رهندو هو. هن کي بائيبل ۽ شيڪسپيئر جي ڊرامن سان حقيقي لڳاءُ هوندو هو انهي سان گڏوگڏ سندس ڪلاسيڪي تعليم ڪيس لفظن، فقرن ۽ موزون ڪناين جو هڪ اهڙو وڏو ذخيرو گڏ ڪرڻ ۾ مدد ڏني جن سندس شاهڪار لورنا ڊُون کي شاعرانه رنگ ڏيڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو.

جيئن ته بلئڪ مورکي ڀرپور شوق شاعر ٿيڻ جو هو تنهن ڪري لورنا ڊون جي ڪجه بياني ٽڪرن ۾ غنائي شدت ڏسي ڪا گهٽي حيرت نه ٿيندي مثال طور بلئڪ مور هڪ ندي جي ڪناري تي سرخس ڦتل ڏسي انهن جو بيان هنن لفظن ۾ ڏئي ٿو: ”نيلارا ڪندا، جهڪندا، نهاريندا، چمڪندا، نرم ريشمي تندون وٽيندا، هيريا انهي پاڻي کان شرمائيندا جنهن ۾ سندن گريزان عڪس رقص ڪري رهيا هئا يا جنهن ۾ سندن حسن حرڪت ۾ هو“.

پر لورنا ڊون هڪ ناول طور پنهنجن ٿيوڪريٽي ۽ ورجيلي پڙاڏن جي سبب شهرت نه ماڻي آهي نه ئي انهي جي شهرت جو سبب انهي جي ڪنهن رزميه وارو شان شوڪت آهي. انهي کي نسلن پٺيان نسل انهي ڪري پڙهندا پيا اچن جو انهي ۾ اهو ڪم ٿيل آهي جنهن کي اِي ايم. فارسٽر پنهنجي ڪتاب Aspects of the Novel ۾ سختي سان ننديو آهي.

لورنا ڊون ۾ هڪ ڪهاڻي ٻڌايل آهي...

جان رچرڊ جي ڪهاڻي ٽائيورٽن ۾ بلنڊيل اسڪول ۾ سن 1673ع ۾ شروع ٿئي ٿي. جان ٻارنهن ورهين جي ڄمار ۾ ئي هڪ ويڙهاڪ طور مشهور آهي. حقيقت اها ته سندس اسڪول ۾ آخري ڏينهن تي رابن سنيل سان جهيڙي سان سندس انهي همت ۽ بهادري واري ڳالهه ثابت ٿي وئي جنهن جو هو سموري ڪتاب ۾ ڊونن (Doones) سان سندس ڏکهي ۽ شديد تڪرار ۾ مظاهرو ڪندو رهيو. هو وڏي چوڪري سان ائين وڙهيو جيئن اڳتي هلي ڊونن جي ڪُوپن سان وڙهيو. ”انهي جو هڪ سبب ته منهنجي پنهنجي طاقت ۽ ايڪس مور وارن جي سخت طبيعت

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي“. جيئن هو پاڻ چوي ٿو ”۽ وڏي ڳالهه اها ته جڏهن منهنجي سهپ جي به حد ٿي ويندي هئي ته آءُ به ڪجهه نه ڏسي سگهندو هوس“.

جان جا اسڪول جا ڏينهن اوچتو پڄاڻي تي پهچي ويا جو سندس پيءُ کي ٻونن جي هڪ ماڻهو ماري ڇڏيو. ٻون ڦورن ۽ ڌاڙيلن جو هڪ قبيلو هو جيڪي ڊيون ۽ سومرسيٽ جي سرحد ناهيندڙ جبل ۾ ٺهيل هڪ ماڙي ۾ رهندا هئا. جان پنهنجي گهر ويندي ٽيهن جي لڳ ڀڳ ٻونن جو هڪ جٿو ڏٺو جيڪي ڪا ڦُر ڪري موٽيا هئا. ”ڳرا مڙس وڏا جسم، نه بندوقن جو خيال ته ڪيئن پيون آهن نه انهي ڳالهه جي اون ته گهوڙن تي ڪيئن وينا آهن، چمڙي جون صدريون، ڊگها بوٽ مٿي ۽ سيني تي لوهي پٽيون چڙهيل، هَنن تي ڦُر جي مال جون ستيون لڳل هُيون“. انهن ڌِٻون ۾ هرڻ به ڦريا هئا ۽ جٿي جي هڪ ماڻهوءَ جي گهوڙيءَ تي هڪ ٻارڙو پيو هو.

جان جي ماءُ ٻونن جي ڪنورتا تي تواٽي ٿيندي انهن جي ڏر تي هلي وئي ۽ انهن جي سردار سر اينسور ٻون آڏو پنهنجو ڪيس پيش ڪيائين. هو بظاهر هڪ خوش خلق پير مرد نظر اچي ٿو جيڪو هن جو ڏاڍي شائستگي سان آذرياءُ ڪري ٿو ۽ پنهنجي قانوني ماهر ڪائونسلر ٻون کي گهرائي ٿو. سگهارو ويڪري ڇاتي ۽ سفيد ڏاڙهي وارو ڪائونسلر قتل ٿيل ماڻهو جي ٻونن سان آمهون سامهون ٿيڻ بابت غلط بيان ڏئي ٿو ۽ اهڙو اشارو ڏئي ٿو ته اڱرائي جان جي پيءُ ڪئي هئي. مسز رِڊ حيران پريشان ۽ ڏک ۾ ورنجي پنهنجي گهر پلوورز بيروز (Plover's Barrows) فارم موٽي اچي ٿي.

جان بدلي جي سوچن تي جوش ۾ اچي بندوق هلائڻ سکي ٿو. هو گوليون ناهڻ لاءِ گندرف ۽ شيهو وٺڻ لاءِ پورلاڪ جي مسٽر پوڪي سان به ملي ٿو. هو جيتوڻيڪ اجا ڇوڪرو آهي. پر پنهنجي پيءُ جي موت جو پلاند وٺڻ جو پڪو پهه ڪري ڇڏيو اٿائين.

هڪ ڏينهن سندس ماءُ بيمار هئي ۽ ڪجهه به کاڌو پيتو نه هئائين. هو انهي لاءِ مڇيون مارڻ ويو. هو هڪ ڏنڊي ۽ رسي ۾ ته شاخو ڪانٽو ٻڌي نڪتو ۽ هڪ واهڙ جي ڪپ سان هلڻ لڳو. هو هلندي هلندي اچي ٻونن جي ماڙيءَ ۾ پهتو. اتي

هو هڪ انن ورهين جي ڇوڪري سان مليو ۽ انهي تي موهت ٿي پيو. انهي ڪيس پنهنجو نالو لورنا ڏون ٻڌايو.

ڪيترا ورهيه پوءِ جان جي ماءُ جو چاچو رُوبن هڪا بيڪ (Reuben Huckaback) جان وارن سان ملڻ لاءِ هليو. هو رتن جو هڪ شاهوڪار دڪاندار هو. جڏهن هو مقرر وقت تي نه پهتو ته جان ڪيس ڳولهڻ نڪتو. هن کي خبر پئي ته ڏونن چاچي روبن کان ڦُر ڪئي آهي. سندس گهوڙو به ڦري ڪيس هڪ جابلو ٽنون جي پٺيءَ سان ٻڌي ويا آهن. جان پوڙهي کي ٽنون مان ڇڏرائي هيٺ پاڻ سان گڏ پلوورز بيروز وٺي آيو.

جڏهن چاچي روبين جي مقامي طور قانوني مدد نه ٿي ته هن جج جيفريز سان ملڻ جو فيصلو ڪيو پر انهي کان اڳ جان کي ڪيس ڏونن جو جابلو ڳڙهه ڏيکارڻو آهي. روبين جڏهن انهي ماٿري تي فوجي حملي جي رٿابندي ڪري رهيو هو ته جان کي پري کان لورنا جي جهلڪ نظر اچي وئي ۽ ڪيس احساس ٿي ويو ته سندس قسمت لورنا سان جڙيل آهي. چاچي رُوبن جي روانگي کان پوءِ جان لورنا جي وٽن جي ڳجهي جهڳٽي ۾ ويو ۽ ڇوڪريءَ ڪيس پنهنجي اڪيلائي ٻڌائي. انهي جي عمر هاڻي پندرهن ورهيه ٿي وئي هئي. هوءَ عملي طور ڏونن جي ماٿريءَ ۾ قيد هئي.

بهار جي مند اچڻ سان بادشاهه جو هڪ قاصد جيريمي اسٽڪلز فارم تي آيو. هو جان لاءِ شاهي ڪوٽ کڻي آيو هو جنهن ۾ ڪيس چيو ويو ته هو ويسٽ منسٽر ۾ ججن جي آڏو ڏونن خلاف ثبوت پيش ڪري. اهڙي طرح هو لنڊن ويو ۽ اتي هن قانوني معاملن ۾ ٽينڊڙ ديرين کي به منهن ڏنو ۽ آخرڪار جج جيفريز هن کان سوال جواب ڪيا ۽ هن کان پڇا ڪيائين ته ڇا ويسٽ ڪنٽري ۾ ڪي باغي آهن. جج جان جي جوابن مان مطمئن ٿيندي ڪيس وڃڻ جي موڪل ڏئي ڇڏي.

جان اتان موٽڻ کان جلدئي پوءِ انهي واهڙ جو ڪنارو وٺي ڏونن جي ماٿريءَ تائين ويو هليو. هو لورنا سان مليو جنهن اها ڳالهه تسليم ڪئي ته هوءَ به هن سان محبت ڪرڻ لڳي آهي. هن ڪيس اهو به ٻڌايو ته هن جي ڪارور (Carver) ڏون سان شادي ٿيڻ واري آهي جيڪو ڪيس زوري به کڻي وڃي ها پر جيستائين سر اينسور قبيلي جو سربراهه آهي هو اهو ڪم ڪرڻ جي جرئت نه ڪري سگهندو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙي طرح هن کي ڪجهه دلجاءِ ٿي ۽ هو بن مهينن لاءِ ڊونن جي ماڻري کان پري رهڻ لاءِ راضي ٿي ويو.

انهي دوران لاباري جي مند جو جشن به مناسب نموني ملهايو ويو. جان ۽ سندس پيءُ اينڍي کيل تماشن مان کسڪي ٻاهر نڪري ويا جتي اينڍي کيس ٻڌايو ته هوءَ پنهنجي ڏاڙيل سوٽ ٽام فيگس کي چاهي ٿي. هاڻي جان به کيس پنهنجي دل جي ڳالهه ٻڌائي ۽ کيس چيو ته هو به پنهنجي دل لورنا ڊون کي ڏئي ويٺو آهي. اهي جڏهن وري جشن ۾ موٽي آيا ته چاچي رُوبين ۽ سندس پوٽي روٿ هڪا ٻڪا کي آيل ڏٺائون.

اتي هر ماڻهو اچرج ۾ هو ته چاچو رُوبين پلووَرز بيروز ۾ اهڙي وقت ڇو آيو آهي جڏهن هو عام طور ڊلورٽن ۾ ڪم ۾ مصروف هوندو آهي. هن ٻاران هر روز اڪيلو پوئن تي نڪري وڃڻ سان اجا وڌيڪ تجسس پيدا ٿيڻ لڳو. ماڻهو Wizard's Slough تائين هن جي پٺيان ويا. پر اتي به هن جي ڪم بابت ڪا خبر نه پئي.

جان به مهينا گذرڻ کان پوءِ لاڳيتو پندرهن ڏينهن تائين هر روز شام جو ڊونن جي ماڻري ڏانهن وڃڻ لڳو پر اتي لورنا جو ڪو نالو نشان نه هو. هڪ ڏينهن صبح سان سوير وڃڻ فائدي مند ثابت ٿيو جو لورنا وري به هن سان محبت جو اقرار ڪيو. ڇوڪري جي ڇوڙڻ تي هو جلدي گهر آيو ۽ ماءُ کي هر ڳالهه ٻڌايائين. مسز ربڊ جنهن کي اجا تازو ئي خبر پئي هئي ته سندس ڌيءُ اينڍي ٽام فيگس سان شادي ڪرڻ جو ارادو رکي ٿي وري جو کيس اها خبر پئي ته سندس پٽ هڪ ڊون ڇوڪري جي محبت جي دام ۾ ڦاسي ويو آهي ته هوءَ ڏاڍي پريشان ٿي وئي. پر پوءِ انهي صورتحال کي فيلسوفاڻي انداز ۾ قبول ڪري ٿي.

جان پوءِ پهريون دفعو ڊونن جي ماڻريءَ جي مک لنگهه مان اندر ويو ۽ سر اينسور جي گهر تائين اندر هليو ويو. هن هڪ دريءَ منجهان لورنا سان ڳالهايو. هن واعدو ڪيو ته کيس جيڪڏهن ڪو شديد خطرو پيش آيو ته هوءَ هن کي اشارو ڏيندي

انهيءَ کان جلد ئي پوءِ لورنا جي نوڪرياڻي جان ڏانهن هڪ نياپو کڻي آئي. سر اينسور ڊون مرڻ تي هو ۽ هن سان ملڻ ٿي گهريائين. نوڪرياڻي جان کي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ڳجهي رستي تان ماڙيءَ ۾ وني وئي ۽ پير مرد جي ڪمري وٽ وني آئي. سر اينسور جان کي جينوٽيڪ شروع ۾ اها صلاح ڏني ته هو لورنا سان وري ڪڏهن نه ملي پر آخرڪار هو ڪجه ٿڌو ٿيو ۽ مرڻ کان اڳ لورنا کي هڪ قيمتي هار ڏنائين. جان سندس ڪفن دفن کان پوءِ پلوورز بيروز موٽي آيو.

پوءِ سيارو به ڏاڍو شديد ٿيو. ڏاڍي برف پئي ۽ پارا پيا ته جان جون لورنا سان ملاقاتون به ختم ٿي ويون. سندس ننڍي ڀيڻ ايليزا جان کي برف جا جوتا ناهڻ جي صلاح ڏني. هن اهڙي هڪ جوڙي ناهي ۽ اهي پائي ڊونن جي ماڙي ڏانهن روانو ٿي ويو. هو لورنا جي گهر تائين حفاظت سان پهچي ته ويو پر اتي پهچي خبر پيس ته ڪيس ڪارور ڊُون سان شادي لاءِ راضي ٿيڻ تائين بکيو رکيو ويو آهي. جان فوراً کيس ڊونن جي واديءَ مان ڪڍڻ جو فيصلو ڪيو.

جان گهر پنهنجي ماءُ ۽ ڀينرن کي اطلاع ڏيڻ ويو ته لورنا جلدئي انهن وٽ ايندي ۽ پوءِ هڪ برف گاڏي ماڙيءَ تائين ڇڪي ويو. هو اتي بلڪل پوري وقت تي پهتو ۽ لورنا کي چارلس ورٿ جون ۽ سندس دوستن کان بچائي ورتائين. هو نشي ۾ مدهوش ٿي انهيءَ سان هٿ چراند ڪرڻ وارا هئا. جان لورنا ۽ سندس نوڪرياڻي کي برف گاڏي ۾ ويهاري گاڏي کي برف تي ڇڪيندو فارم ۾ کڻي آيو.

سخت سياري کان پوءِ وڏا مينهن ۽ ٻوڏون آيون. جيريمي اسٽڪلز پلوورز بيروز اچي ويو ۽ ڊونن جو حملو روڪڻ لاءِ رٿائون ٺهڻ لڳيون. متوقع حملي جو ڀرپور جواب ڏيڻ کان ڪجه ڏينهن پوءِ ڪائونسلر ڊون فارم تي آيو ۽ وڏي چالاڪي سان لورنا جو هار پنهنجي قبضي ۾ ڪري ورتائين. جيريمي اسٽڪلز جان کي ٻڌايو ته لورنا ڪاڏون ڇوڪري نه پر ڪائونٽيس آف ڊوگلز جي ڌي آهي جنهن کي ڊون ڪيترا سال اڳ کڻي ويا هئا. جان کي ياد آيو ته هن ننڍپڻ ۾ واقعي هڪ ٻار ڏاڙيلن جي گهوڙي تي ڏٺو هو.

جان ۽ جيريمي هڪ گڏ وچڙ لشڪر سان ڊونن سان معرڪو ڪرڻ ويا. اهي تعداد ۾ وڌيڪ هئڻ باوجود به ڌڪجي واپس موٽي آيا ۽ جيريمي ڏاڍو زخمي ٿي پيو.

ڊونن جي انهي سوڀ کي گهڻو وقت نه گذريو هو جو جان کي خبر پئي ته چاچو روبين Wizard's Slough وٽ ڇا ڳولهڻ ويندو هو. پيرس هڪا ٻڪ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمجهي ويٺو هو تہ هن ڪا سون جي ڪاڻ ڳولهي لڌي هئي ۽ هو جان کي انهي جو معائنو ڪرائڻ وٺي ويو. جان کي انهي ڳالهہ ۾ ڪا گهڻي دلچسپي نہ هئي تنهن ڪري هو هڪ ڪورنيشي پهلوان سان ملهہ وڙهڻ بودمن ويو هليو. انهيءَ ملهہ جي هن پهلوان کيس پاڻ دعوت ڏني هئي. هو انعام ۾ مليل هڪ سو پائونڊ کڻي جلدئي واپس فارم تي آيو. اتي کيس خبر پئي تہ لورنا ڪورٽ آف چانسري پاران زور پرڻ تي پنهنجي چاچي ۽ سرپرست ارل برانڊر وٽ رهڻ لنڊن هلي وئي هئي. کيس ايڪويهن ورهين جي ڄمار تائين اتي رهڻو هو.

انهي مايوسي کان پوءِ جلدئي اها خبر آئي تہ ٽام فيگس جيڪو هاڻي اينِي جو مڙس هو. مون مائوٿ ۽ سندس باغي فوج ۾ شامل ٿي ويو هو. اينِي جان کي منٿون ڪيون تہ هو وڃي ٽام کي واپس گهر وٺي اچي. فيگس جي ڳولها ڪندي جان کي باغين جي فوج سيج مور وٽ نظر اچي وئي. اهي اتي شڪست کائي ويٺا هئا. هن ٽام کي ڳولهي لڌو. کيس ڏاڍا زخم آيل هئا. هو کيس ڪنهن طريقي سان حفاظت سان پري ڪڍي ويو. خود هن کي اهو خطرو هو تہ کيس ڪرڪ جا گهيٽا (Lambs) ڦاهي چاڙهي ڇڏيندا پر جيريمي اسٽڪلز سندس مدد لاءِ اچي ويو.

جان جا ياڳ پلا ٿيا جو هن ۽ لورنا ۾ جيڪو سماجي رتبي جو فرق هو اهو کيس سر جو خطاب ملڻ سان ختم ٿي ويو. کيس ٻن غدارن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ روايتي خانداني نشان بہ مليو. سر جان گهر واپس آيو ۽ کيس هميشہ لاءِ ڊونن سان هڪ هڪاٽي ڪرڻ جو ڪم ڏنو ويو. هن پنهنجو ننڍڙو لشڪر گڏ ڪيو ۽ ڊونن جي ماڙيءَ تي چڙهائي ڪري ڏنائين. هن انهن جي گهرن کي ٻاهيون ڏئي آخرڪار پنهنجن دشمنن سان حساب برابر ڪيو. ڪائونسلر لورنا جو هار واپس ڏنو تہ کيس آزاد ڪيو ويو. ڪارور ڊون جنهن جان جي پيءُ کي قتل ڪيو هو اهو ڪنهن طريقي سان فرار ٿي ويو.

ارل برانڊر جي فوت ٿيڻ تي لورنا کي پلوورز بيروز واپس وڃڻ ۽ جان سان شادي ڪرڻ جي موڪل ملي وئي. شاديءَ جي رسمن جي پڄاڻي تي ڪارور ڪتان اچي نڪتو ۽ لورنا کي گولي هڻي ڪيڍيائين. جان کيس مئل سمجهي ڪارور جي پٺيان لڳو ۽ Wizard's Slough وٽ وڃي کيس پهتو. ڪارور گولي هلائي

جيڪا جان کي لڳي پر جان ڏيڻ جي ڪناري تي هن سان پڪين پنجي ويو. هو خوب ڪُتڪو کائي ڏيڻ ۾ ڪري پيو ۽ اندر گهڙي ويو.

نئيڙي روٽ هڪا بئڪ لورنا ۽ جان جي تيمارداري ڪري کين چاق چڱو ڀلو ڪيو ۽ هر ڳالهه سٺي نموني پڄاڻي تي پهتي.

بلئڪ مور جي ويسٽ ڪنٽري ڪهاڻي جو هي مختصر خاڪو آهي. ڪتاب ۾ ڪيترائي ڏکيا بياني ٽڪرا آهن خاص طور اهي باب جن ۾ ڏکڻ ۽ ڏکين سيارن جو ذڪر آهي. وري مک پلاٽ سان گڏ ذيلي پلاٽ آهن. ڪٿي هو موضوع کان هٽي وڃي ٿو ڪٿي تاريخي واقعن ۽ مقامي روايتن ڏانهن اشارا ڪندو هلي ٿو ته ڪٿي ڪنهن ڳالهه تي چوٽ به ڪندو هلي ٿو. ڪجهه جاين تي اخلاقي درس به ڏنا اٿائين. پر جان رڊ ۽ لورنا ڊون جي پيار ڪهاڻي سمورين ڳالهين کي فني طور گڏ ڪيون بيني آهي. جان جسماني توڙي اخلاقي طور فڪشن جي هڪ تمام وڏنڊڙ هيرو طور سامهون اچي ٿو. هو هر لحاظ کان هڪ سچو انگريز آهي. نرم مزاج، سادي، سهڻي سباجهي لورنا هن جي لاءِ تمام موزون ساٿي ثابت ٿئي ٿي. اهي ٻئي هڪ ٻئي کان ايترو پري پر انهي هوندي به تمام ويجهو بين سيني ڪردارن کان مٿي تي بيهن ٿا ۽ ڏاڍي پڪ سان پنهنجي مقدر ڏانهن وڌندا رهن ٿا.

ننڍين ڪردارن مان به ڪي ڪردار وسارڻ جوڳا نه آهن جهڙوڪ جوشيلو ڦورو ۽ وڏنڊڙ بدمعاش ٽام فيگس، وڏو چاڻو باذوق ۽ دلير جيريمي اسٽڪلز محتاط ۽ پئسي جو پوڄاري روبين هڪا بئڪ، وڏو چاپلوس نيڪوڪاري جو پاهريون پنو رکندڙ ڪائونسلر ڊُون. شاناٽئو ۽ آخر تائين حڪم هلائيندڙ پيرس اينسور ڊُون ۽ عورتن ۾ مسز رڊ سهڻي سادي ۽ دلير سندس حياتي جو مقصد فقط سندس پار آهن، مٺي سپاءِ واري ۽ گهرداري ڏانهن مائل ايني، ڪتابن جي عاشق ۽ نقاد ٽيڻ لاءِ تيار ايليزا، ۽ ننڍڙي رُوٽ هڪا بئڪ ڏاڍي سمجهدار ۽ نرم دل.

جيستائين ايترن پانت پانت جي ڪردارن کي پيش ڪرڻ جي انداز جو تعلق آهي ته تمام وڏو خاميون ڳوليندڙ نقاد به اها ڳالهه لازماً تسليم ڪندو ته بلئڪ مور جيتوڻيڪ ڪٿي ڪٿي لفاظي کان ڪم ورتو آهي (خاص طور محبت وارن منظرن ۾) ته به انهي جو اسلوب اهڙي سگهه حاصل ڪري وٺي ٿو جنهن کي مڪمل طور مرداڻو (Masculine) چئي سگهجي ٿو. مثال طور ڊونن جي ماڙي تي چڙهائي

جو بيان هڪ طاقتور تحرير آهي: چٽو ۽ واضح. جوش ۾ آڻيندڙ ۽ سڀ ڳالهيون بيان ڪندڙ ڪهاڻي ۾ وقت بوقت ڪل پوڳ جون ڳالهيون بہ ڪهاڻيءَ جي دلچسپي ۾ اضافو ڪن ٿيون. جان جڏهن اسڪول ۾ رابن سنيل کي مڪون هڻڻ کان هٻڪي ٿو تہ بلئڪ مور ڏاڍو ميسڻو ٿيندي چوي ٿو تہ: ”سُٺن عيسائين جو مکيہ ڪم بغير ڪنهن شڪ شبهي جي هڪ ٻئي سان وڙهڻ آهي“.

۽ آخر ۾ اها ڳالهہ تہ سموري ڪم تي مڪمل ڪنٽرول رکندي بلئڪ مورجو تخليقي تصور هر جاءِ تي واضح نظر اچي ٿو. رچرڊ بلئڪ مور بنيادي طور ويسٽ ڪنٽري جو هڪ سڌو سنواتو پُرجوش ۽ سگهارو ماڻهو هو. هن لورناڊون تي خود پنهنجي شخصيت جي ڇاپ هڻي ڇڏي آهي. هن کي خود انهي سرسبز ۽ وڻندڙ علائقي سان محبت هئي ۽ هن پنهنجن پڙهندڙن ۾ بہ انهن ڏينهن جي تانگهہ پيدا ڪري ڇڏي آهي ”جڏهن جذبن ۾ ڏاڍي گرمي ۽ گهرن ۾ ڏاڍو سک ۽ آرام هوندو هو اهي ڳالهيون هاڻي ختم ٿينديون پيون وڃن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 63. رائونڊ دي ورلڊ اِن ايٽي ڊيز

## ـــ جوليس ورني ـــ

انساني نسل وقت بوقت ڪو اهڙو خاص خصوصيت رکندڙ انسان پيدا ڪندو رهندو آهي جنهن کي لڳي ٿو تہ مُستقبل کي ڏسڻ جي ڪا غير معمولي صلاحيت عطا ٿيل هوندي آهي. اهڙو هڪ انسان ليونارڊو ڊاونچي هو جنهن جي زرخيز ذهن هوائي جهازن، پيراشوٽ ۽ ٽينڪن جي اچڻ جي اڳڪٿي ڪري ڇڏي پيو ماڻهو وري ايڇ. جي. ويلز هو جنهن جي سائنس فڪشن ڪهاڻين انهي خلائي دور (Space Age) جي اڳڪٿي ڪري ڇڏي جنهن ۾ اسين هاڻي داخل ٿي رهيا آهيون. اجا هڪ ٽيون جوليس ورني هو جنهن جي سائنس بابت عجيب غريب فنتسين (Fantasics) ۾ اهڙين اڳيراين بابت ڳالهيون ٻڌايل هيون جيڪي انهي دور ۾ تہ تصور جون تمام بلند اڏامون لڳنديون هيون پر اهي نسبتاً ٿوري وقت ۾ ئي حقيقت ٿي ويون.

جوليس ورني 8- فيبروري 1828ع ۾ نانتيس ۾ ڄائو. سندس پيءُ پيئر ورني اتي هڪ ڪامياب وڪيل هو. جوليس سورنهن ورهين جي عمر ۾ پنهنجي پيءُ جي قانوني فرم ۾ گهڙيو ۽ 1848ع ۾ پنهنجي قانون جي تعليم ۾ مڪمل ڪرڻ پيرس ويو.

پر هو پنهنجي دل ۾ اڳيئي ڊراما نگار ٿيڻ جا ارادا سانديو وينو هو ۽ اليگزينڊر ڊوما سان واقفيت ٿيڻ کان پوءِ انهي جي ٿي مهرباني سان سندس ون ائڪٽ پلي Broken Straws سن 1850ع ۾ پيش ٿيو.

هو قانون کي ڇڏڻ کان پوءِ ڪنهن جي نوڪري ڪرڻ کان سواءِ پنهنجي منهن معاوضي تي لکڻ جو ڪم ڪري پنهنجو خرچ پکو ڪيندو رهيو. هو Musee رسالي لاءِ سائنسي تاريخي ڪهاڻيون لکندو رهيو ۽ هڪ لائيٽ آپيرا لاءِ موسيقي لکيائين. اهو سن 1853ع ۾ ڪاميابي سان اسٽيج تي پيش ٿيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيليفورنيا ڏانهن سون جي ڳولها ۾ ويندڙ ماڻهن سان ڳڏجي پوڻ جي خواهش تي ڪنٽرول ڪرڻ کان پوءِ هن جي ذهن ۾ سائنس فڪشن ڪتابن جي هڪ سيريز لکڻ جو خيال آيو. هن جو ارادو اهو هو ته هو انهيءَ ميدان ۾ پنهنجي لاءِ اهو مقام حاصل ڪري جيڪو سندس دوست ڊوما کي هڪ تاريخي ناول نگار طور حاصل هو. کيس يقين هو ته انسانن جو مستقبل سائنس ۾ رکيل هو.

ٿيٽر ليريڪ (Lyrique) جو سيڪريٽري ٿي پنهنجي مالي حالت کي ڪجهه بهتر ڪرڻ کان پوءِ هو انهي قابل ٿي ويو جو پنهنجو فارغ وقت نه فقط آڪاٽيون ۽ ليک لکڻ لاءِ وقف ڪرڻ لڳو پر پنهنجي پراجيڪٽ جي تياري ۾ دريافتن ۽ کوجنائن بابت جيڪو به ڪتاب هٿ ڪري سگهيو ٿي اهو پڙهڻ لڳو. پر في الحال ته هو هڪ نوجوان بيوه آنيرين موريل جي محبت ۾ گرفتار ٿي ويو ۽ انهي سان شادي ڪيائين. جيئن ته هو سمجهندو هو ته شادي جي ڪامياب ٿيڻ لاءِ ضروري آهي انهي جو بنياد مالي تحفظ تي هجي تنهن ڪري هن سيني ماڻهن کي وڏي حيرت ۾ وجهندي لکڻ جو ڪم ڇڏي ڏنو ۽ اسٽاڪ بروڪر ٿي ويو.

پر هو هڪ پيدائشي ليکڪ هو ۽ جلدئي خبر پئجي ويس ته اندروني زور ايترو شديد آهي جنهن کي روڪي نه ٿو سگهجي. تنهن ڪري هن ايترو وقت ڪڍي ورتو جيئن هڪ ئي وقت ڪامياب اسٽاڪ بروڪر ۽ ڪامياب اديب ٿي سگهي.

هن کي 1863ع ۾ Five Weeks in a Balloon ڇپجڻ سان پهرئين حقيقي ادبي ڪاميابي ملي. اها مستقبل ۾ ڦوڪڻن جي سفر بابت سندس خيالن تي ٻڌل هڪ ايڊوينچر ڪهاڻي آهي. اهو Extra Ordinary Journeys جي سلسلي جو سڀ کان پهريون ڪتاب هو. انهي سلسلي جا ٻيا ڪيترا ڪتاب ڪيترن ورهين تائين سندس قلم مان نڪرندا رهيا.

هن پنهنجن ڪتابن جي ڪاميابي ڏسندي 1865ع ۾ اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ڪم ڇڏي ڏنو ۽ ڪروٽاءِ (Crotoy) ۾ هڪ گهر ۾ وڃي رهيو. هو پنهنجي باقي زندگي جو تقريباً سمورو عرصو سمنڊ ۾ يا سمنڊ جي آسپاس رهيو. هن ڪيترين ئي سير سفر جون ٻيڙيون به ورتيون جن ۾ هر هڪ پهرئين کان وڌيڪ شاندار هئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن اهڙي ئي هڪ بيڙي تي Twenty Thousand Leagues Under the Sea لکيو. اهو 1870ع ۾ ڇپيو ۽ تمام وڏي ڪاميابي حاصل ڪري ورتائين. انهي سان ورني بہ فرانس جو هڪ تمام مقبول ليکڪ ٿي ويو. سن 1873ع ۾ Round the World in Eighty Days ڇپجڻ سان سندس شهرت ۾ اچا واڌارو ٿيو.

ورني جي ڪهاڻين جو تقريباً سمورو دارومدار انهي تي هو جو هو پنهنجي تمام عجيب غريب Fantasies کي بلڪل حقيقت جو رنگ ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو هو. انهي صلاحيت جو Round the World in Eighty Days ۾ خاص طور اظهار ٿيل آهي.

فلياس فاگ لنڊن ۾ انهيءَ گهر ۾ رهندو هو جنهن ۾ عظيم انگريز ڊراما نگار شيريڊان رهيو هو. فاگ بابت انهي کان وڌيڪ ڪا خبر نہ هئي تہ "هو سڄي انگريز سماج جو هڪ تمام مڪمل معزز شخص هو". ظاهر آهي تہ هو پئسي وارو هو ۽ لڳندو هو تہ هن سير سفر گهڻو ڪيو هو. هو ڪنوارو هو ۽ هڪ نوجوان فرانسي نوڪر پاسپارٽو سندس ڪم ڪار ڪندو هو.

فاگ رفارم ڪلب جو ميمبر هو. هو منجهند ۽ رات جي ماني بہ اتي ئي کائڻ تي هِري ويو هو. هڪ ڏينهن ڪلب جا ميمبر بينڪ آف انگلينڊ ۾ تازو ڦُرجي هڪ دليرانہ واردات بابت ڳالهائيندي چور جي ڪٿي ٿمجڻ بابت اندازا هڻڻ لڳا. هڪ ماڻهو چيو تہ هو ڪٿي بہ موجود ٿي سگهي ٿو جو دنيا تمام وڏي آهي".

"اها اڳ ۾ بہ هئي!" فلياس فاگ چيو.

"اڳ ۾ ڪيئن؟" هاڻي دنيا ننڍي ٿي وئي آهي ڇا؟ جو انهي جو سفر ٽن مهينن ۾ ٿي سگهي ٿو؟"

"فقط اسي ڏينهن ۾" فلياس فاگ چيو.

پر جيڪڏهن موسم خراب ٿي پئي، هوائون سازگار نہ ٿيون، جهاز کي ڪو حادثو پيش اچي ويو يا جهاز رستي تان هٽي ويو تہ اهي ڏينهن حساب مان ڪڍڻا پوندا".

هاٿي ڦورو وسري ويو ۽ گفتگو جو رخ دنيا جي چوڌاري 80 ڏينهن ۾ چڪر هڻڻ جي امڪان ڏانهن ٿي ويو. انهي ۾ فاگ جو اهو رايو هو ته عملي طور اها ڳالهه ممڪن هئي. جڏهن ته ٻين ميمبرن جو خيال هو ته اها ڳالهه ممڪن نه هئي.

آخرڪار فاگ کي چيلينج ڪيو ويو ته هو پاڻ دنيا جي چوڌاري 80 ڏينهن ۾ چڪر ڏئي پنهنجي ڳالهه ثابت ڪري ڏيکاري. فاگ 20 هزار پائونڊن جي شرط تي چيلينج قبول ڪئي ۽ ڪلب مان اٿي گهر آيو ۽ حيران پريشان پاسپارتو کي ٻڌايائين ته هو ڏهن منٽن ۾ دنيا جي چوگرد سفر تي نڪري ويندا. جڏهن نوڪر احتجاج ڪيو ته ضروري سامان پئڪ ڪرڻ لاءِ 10 منٽ ڪافي نه هئا ته فاگ کيس ٻڌايو ته فقط هڪ ٿلهي ڪپڙي جو ٿيلهو گهربل آهي جنهن ۾ ٻه اوني قميصون ۽ ٻنهي لاءِ جورابن جون ٽي ٽي جوڙيون هجن. اهي ڏهن منٽن ۾ گهر مان نڪتا جيئن ڊوور (Dovor) لاءِ ريل گاڏي تي چڙهن. اتان اهي ڪيليس (Calais) آيا.

فاگ پاران چيلينج قبول ڪرڻ ۽ سندس روانگي جي خبر فوراً سموري لنڊن ۾ پکڙجي وئي ۽ شهر ۾ هر هنڌ سندس سفر بابت ڳالهيون ٿيڻ لڳيون ۽ اخبارن ۾ به بحث مباحثي جو اهو ئي مکيه موضوع ٿي ويو. عام راءِ انهي پاسي هئي ته هو ڪامياب نه ٿي سگهندو ۽ شرطون به انهي لحاظ کان 200 ۽ هڪ جي تناسب سان لڳي رهيون هيون. سندس روانگي کان ست ڏينهن پوءِ انهي وقت شرطون لڳڻ ختم ٿي ويون جڏهن اسڪاٽلينڊ يارڊ ۾ پوليس ڪمشنر وٽ سئيز مان هيءَ تار پهتي. ”آءٌ بينڪ ڦورو فلياس فاگ وٽ پهچي ويو آهيان. بنا دير گرفتاري جو وارنٽ بمبئي برٽش انڊيا موڪليو.“ (دستخط) فڪس. جاسوس.

جيڪو ڪجھ ٿي گذريو انهي جو تفصيل هي آهي. فاگ ۽ پاسپارتو ٽرين ذريعي برائينڊيسي پهتا هئا. اهي ايستائين خير سان پهتا هئا. اتان اهي منگوليا نالي اسٽيمر ۾ چڙهيا جيڪو سئيز مان ٿيندو بمبئي وڃڻو هو. فڪس انهن ڪيترن جاسوسن مان هڪ هو جن کي بينڪ ڦورو تي نظر رکڻ لاءِ سموري دنيا جي بندرگاهن تي موڪليو ويو هو.

منگوليا جڏهن سئيز پهتو ته فڪس جي اندروني ٻوجهيءَ کيس ٻڌايو ته فاگ ئي اهو ماڻهو آهي جنهن جي ڪيس ڳولها هئي ۽ هن وٽ جيتوڻيڪ ثابتي جو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهه مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو تہ ڪو سندس مالڪ چور هو ۽ هو مٿان فاگ کي هوشيار نہ ڪري ڇڏي تنهن ڪري هن کيس نشو ڏئي ڇڏيو ۽ پوءِ پنهنجي شڪار تي اک رکڻ لاءِ شهر ويو هليو.

مسز اودا جا ماڻٽ هانگ ڪانگ ڇڏي ويا هئا تنهن ڪري فاگ هن کي تجويز ڏني تہ هوءَ هنن سان گڏ هلي. اهي جڏهن واپس آيا۔ فڪس بہ انهن سان گڏ هو هن پنهنجو تعارف هڪ ساٿي مسافر طور ڪرايو هو۔ تہ انهن کي خبر پئي تہ ڪرناٽڪ روانو ٿي ويو هو. انهي جي مرمت جو ڪم توقع کان اڳ پورو ٿي ويو ۽ انهي جو ڪپتان انهي لاءِ بہ نہ ترسيو تہ مٿان ڪي مسافر شهر ويل هجن ۽ فوراً لنگر کڻائي ڇڏيائين.

فاگ کي تہ ڄڻ ڪجه ٿيو ئي نہ هن شنگهائي تائين هڪ پائليٽ بوٽ ياڙي تي ڪرائي. کيس اميد هئي تہ هو اتي ڪرناٽڪ کي پهچي ويندو. رات جو اهي هڪ طوفان ۾ ڦاسي پيا جنهن سبب انهن جي رفتار ڍري ٿي وئي پر اهڙي طرح انهن کي يوڪو هاما ويندڙ هڪ آمريڪي اسٽيمر کي روڪرائڻ جو موقعو ملي ويو جنهن جو ڪپتان انهن کي پاڻ سان گڏ کڻڻ تي راضي ٿي ويو.

انهي دوران پاسپورٽو بہ ڪرناٽڪ تي هوش ۾ اچي ويو ۽ پاڻ کي اڪيلو يوڪو هاما ويندي ڏٺائين. هن يوڪو هاما پهچي اهو فيصلو ڪيو تہ هو ڪنهن جهاز تي ٽڪيٽ بجاءِ نوڪري ڪري پيسفڪ سمنڊ پار ڪري آمريڪا ويندو هليو پر هڪ جاپاني طائفي جي ڪرتبن جو مظاهرو ڏسندي هو پنهنجي وڇڙيل مالڪ سان ملي ويو.

اهي يوڪو هاما مان سان فرانسسڪو لاءِ جهاز ۾ چڙهيا. فڪس بہ انهن سان گڏ هو. اهي جڏهن گولڊن گيٽ ٽپيا تہ فاگ شيڊيول تي بلڪل پورو هو. هڪ ڏينهن بہ اڳتي پٺتي نہ ٿيو هو.

اهي سان فرانسسڪو کي بلڪل سرسري طور ڏسڻ کان پوءِ آمريڪا جي ايرندي ڪناري ڏانهن وڃڻ لاءِ ايڪسپريس ٽرين ۾ چڙهيا. انهي سفر ۾ انهن ڪيترن خطرن کي منهن ڏنو. هڪ دفعو تہ پاسپارٽو کي Sioux Indians قيد ڪري ورتو. انهن ريل تي حملو ڪيو هو. فاگ مسافرن جو هڪ دستو ساڻ ڪري

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Indians جي پنيان وڃڻ پاسپارٽو کي ڇڏرائي آيو پر اهي واپس انهي جاءِ تي پهتا ته ٽرين رواني ٿي چڪي هئي.

هن دفعي فڪس انهن جي مدد ڪئي ۽ هڪ برف گاڏي هٿ ڪري آيو جنهن ۾ اهي چار ئي ڄڻا اوماها تائين ويا. اتي انهن کي شڪاگو لاءِ ٽرين ملي ۽ اتان اهي نيويارڪ ويا. اتان انهن ڪان سائوٿيمٽن ويندڙ اسٽيمر ڇڏائجي ويو. پوءِ اهي لورپول ويندڙ هڪ ڪارگو جهاز ۾ چڙهيا.

فڪس لورپول ۾ پهچي ڏٺو ته وارنٽ هن جي انتظار ۾ پيو هو. هن ڪجهه هيڪندي فاگ کي گرفتار ڪري جيل ۾ وجهرائي ڇڏيو. بهرحال بئي ڏينهن اها خبر پهچي وئي ته ڦورو ٽي ڏينهن اڳ گرفتار ٿي چڪو هو. اهڙي طرح فاگ آزاد ٿي ويو. فاگ هڪ خاص ٽرين پاڙي تي ڪرائي اهو حساب هنيو ته هو اجا به وقت تي لنڊن پهچي سگهي ٿو. بدقسمتي سان ٽرين کي دير ٿي وئي ۽ اها لنڊن اسٽيشن تي ڏهه منٽ دير سان اٺ لڳي پنجاهه منٽن تي پهتي.

هو جيئن ته اهو سمجهي رهيو هو ته هو شرط هارائي وينو آهي ۽ هن پنهنجو ويهن هزارن جو چيڪ به رفارم ڪلب ۾ جمع ڪرائي ڇڏيو هو تنهن ڪري هن گهر ۾ ئي رهڻ جو ارادو ڪيو. ورندي شام مائي ڪان پوءِ ڪيس احساس ٿي ويو ته ڪيس اودا سان محبت ٿي وئي آهي تنهن ڪري هن کي شادي جي آڇ ڪيائين جيڪا اودا قبول ڪئي. اهڙي طرح هنن ٻئي ڏينهن شادي ڪرڻ جو ارادو ڪيو.

پاسپارٽو کي ويجهي پادريءَ ڏانهن موڪليو ويو جيئن هو ضروري بندوبست ڪري هو ٽن منٽن ۾ اها خبر کڻي آيو ته فاگ حساب ۾ غلطي ڪئي هئي ۽ انهي ڏينهن آچر نه هو جيئن هن سمجهيو ٿي پر ڇنڇر هو ۽ انهي صورتحال ۾ هو ڏهن منٽن ۾ رفارم ڪلب پهچي سگهيو ٿي ۽ اجا به شرط کٽي سگهيو ٿي.

فاگ حساب ڪيو ته خبر پيس ته هن انٽرنيشنل ڊيٽ لائين ڪراس ڪئي هئي پر اها ڳالهه تاريخ جي حساب ۾ شامل ڪرڻ وسري وئي هئس.

هو پوري پوڻين نائين وڳي رفارم ڪلب ۾ داخل ٿيو. اتي گڏ ٿيل ميمبر ڪيس ڏسي ڏاڍا حيران ۽ ڏاڍا خوش ٿيا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موجوده جديد دور ۾ به جڏهن فاڪ پاران ورتل ڏينهن جي اڏ جيترن ڪلاڪن ۾ هوائي جهاز ۾ دنيا جي گرد چڪر لڳي سگهي ٿو ته به انهي آڪاڻي ۾ دلچسپي، جوش ۽ جذبو پيدا ڪرڻ جي سگهه موجود آهي. اها ايستائين اهو ڪم ڪندي رهندي جيستائين ڪتاب پڙهيا ويندا.

بياني تفصيلن ۽ تمام ڏيان سان ۽ دلچسپ ڪردار نگاري سبب ورني جو بيان سچ ۽ صداقت جي جيترو هڪ صدي اڳ لڳو ٿي اوترو هاڻي به لڳي ٿو. ورني جي سموري ڪم جي اها سڀ کان وڏي سگهه آهي. ويلز وانگر هن به دلچسپ ڪردار ۽ حالتون پيدا ڪرڻ لاءِ محنت ڪئي. ويلز سماجي ۽ انساني مسئلن سان تعلق سبب شايد وڌيڪ گهرو هو پر ورني پاران بيان جي قوت تي مهارت ۽ ننڍين ننڍين ڳالهين تي ڏيان سبب هو سائنس فڪشن جي ميدان ۾ پنهنجي جانشين سان به همسري ڪري ٿو ۽ هن کان برتري جو شرف ڪنهن کي نه مليو آهي.

# 64. ايڊوينچرز آف ٽام ساوير

## ـــ مارڪ ٽُئين ـــ

مزاح جيتوڻيڪ آمريڪي ادب جي هڪ نمايان خصوصيت ٿي ويو آهي پر انهي جي اوسر دير سان ٿي آهي. اهو ادب جن حالتن ۾ پيدا ٿيو ۽ واڌ ويجهه ورتائين انهن تي غور ڪرڻ کان پوءِ اها ڪا حيرت جوڳي ڳالهه نہ ٿي لڳي. اتر آمريڪا جي انگريزي ڳالهائيندڙ نو آبادين جا ماڻهو اهڙا ڏاڍا سخت جان ۽ عملي ماڻهو هئا جيڪي وجود باقي رکڻ لاءِ هڪ شديد جدوجهد ۾ مصروف هئا.

جڏهن زندگي گذارڻ جون حالتون ڪجهه سوليون ٿيون تڏهن ئي ادب ۾ مزاح ڪر کڻڻ لڳو. اهو پهريون نمايان طور واشنگٽن ارونگ جي A History of New York ۾ ظاهر ٿيو. اهو سن 1809ع ۾ ڇپيو ۽ اجا وڌيڪ پختي Sketch Book (انهي ۾ هن رپ وان ونڪل کي متعارف ڪرايو) ۽ Brace Bridge Hall جي صورت ۾ جاري رهيو.

بهرحال ارونگ جو اثر لڳي ٿو تہ محدود ئي رهيو. هن کان پوءِ ايندڙ مزاح نگارن جيتوڻيڪ ساڳئي هيئت ـ مختصر خاڪو ۽ مضمون ـ ڪم آندي پر انهن جو لاڙو ڪنهن ادبي تصنيف يا ڊرامي جي مزاحيہ خاڪي ۽ خام مقامي لهجي استعمال ڪرڻ ڏانهن رهيو. جيئن مثال طور ڪيناڊائي ٿامس هيليبرٽن جي تخليق ”سام سلڪ“ ۾ نظر اچي ٿو. حقيقت اها آهي تہ حقيقي عالمي ڪشش رکندڙ آمريڪي مزاح جي ندي خشڪ ئي رهي جيڪا گهرو لڙائي کان پوءِ ئي سائي ٿي. انهي جي پڄاڻي تي پهچڻ سان اهي سڀئي رڪاوٽون ختم ٿي ويون جن هر قسم جي کل خوشي کي الميائي حقيقت (Tragic Reality) مان جڙيل ڳنڀيرتا جي لوڙهي ۾ بند ڪري ڇڏيو هو.

هاڻي ڪيترائي چڱو مزاح لکندڙ اديب منظر تي اچڻ لڳا. چارلس لي لينڊ، جان هي ۽ جوئيل هيرس جهڙن ليکڪن جي ڪم ۾ لطافت جي خوبي نظر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اچي ٿي. اها مايوس آدرشين واري لطافت هئي پر انهي جي سبب ئي سنڌن ڪيترائي صفحا ارونگ جي برابري ڪرڻ لڳا ڇو ته انهن ۾ هڪ عالمي رنگ سمايل هو.

مارڪ ٽئين گهرو لڙائي ڪان پوءِ وارن مزاح نگارن ۾ نمايان آهي هو عملي طور گروپ جي ٻن سيني ماڻهن کان وڌيڪ عرصو زنده رهيو ۽ سن 1910ع ۾ سنڌس موت کان اڳ ئي اها ڳالهه واضح ٿي وئي هئي ته سنڌس ڪم ٻين جي ڪم کان وڌيڪ عرصو زنده رهندو.

مارڪ ٽئين قلمي نالو هو. سنڌس اصلي نالو سموئيل ڪليمينز هو ۽ هو فلوريڊا، مسوري ۾ 30- نومبر 1835ع ۾ ڄائو هو.

هو اسڪول ڇڏڻ کان پوءِ هڪ ڇاپخاني تي شاگرد ٿي بيٺو ۽ پوءِ سينٽ لوئيس، نيويارڪ ۽ فلاڊلفيا ۾ اخبارن ۾ ڪمپازيٽر طور ڪم ڪيائين پر هو ڪٿي به جمي نه سگهيو ۽ 1857ع ۾ سينٽ لوئيس واپس اچي مسي سپي جي تمام مشهور ڪپتان بڪس باء کي چيائين ته هو ڪيس ندي تي ٻيڙي هلائڻ سيکاري. ڪيس ٻه ورهيه پوءِ پنهنجو لائسنس ملي ويو ۽ هو گهرو ويڙهه شروع ٿيڻ تائين ڪو پائليٽ طور ڪم ڪندو رهيو. جنگ شروع ٿيڻ تي هو ڪانفيڊريٽ آرمي ۾ هڪ ڪيولري ڪمپني ۾ شامل ٿي ويو.

ڪيس ڪجهه مهينن کان پوءِ ئي فوجي خدمت جي قابل نه سمجهي خارج ڪيو ويو ۽ هو اخباري ڪم ۾ واپس موٽي آيو. هاڻي هو رپورٽر طور ڪم ڪرڻ لڳو پر تڏهن به ڪيس ڪٿي ٽِڪي ڪم ڪرڻ نه آيو ۽ هو ڀٽڪندو مختلف نوڪريون ڪندو رهيو تان جو 1866ع ۾ سيڪريمينٽو يونين جي ناما نگار طور هڪ مهم سان گڏجي هوائي ويو هليو.

واپسي تي هو سوچيندو رهيو ته ڪيس اڳتي ڇا ڪرڻ گهرجي نيٺ پنهنجي هوائي (Hawaii) جي تجربن بابت ليڪچر ڏيڻ جو فيصلو ڪيائين. سنڌس ليڪچر ڏاڍا ڪامياب ٿيا ۽ هو سمجهڻ لڳو ته هن آخر ڪار پنهنجو اصلي دلچسپي جو ڪم ڳولهي ورتو آهي تنهن ڪري هن ليڪچر ڏيڻ کي پنهنجو ڪيريئر ٺاهڻ جو فيصلو ڪيو ۽ مواد هٿ ڪرڻ لاءِ يورپ هليو آيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بهرحال سندس سفر مان نہ فقط سندس ليڪچرن جو مواد نڪتو پر سندس پهريون ڪتاب Innocent Abroad بہ نڪتو. اهو فوراً آمريڪي عوام ۾ مقبول ٿي ويو ۽ ڪجه وقت پوءِ جڏهن انگلينڊ ۾ ڇپيو تہ اتي اجا وڏيڪ ڪامياب ٿيو.

انهي ڪاميابيءَ جي نتيجي ۾ هو پنهنجو وقت ڪتاب لکڻ لاءِ وقف ڪرڻ لڳو. سندس ڪتابن The Gilded Age ۽ Roughing It هڪ مزاح نگار طور سندس شهرت ۾ اجا اضافو ڪيو پر سندس چوٿين ڪتاب The Adventures of Tom Sawyer کيس هڪ ذات ڏٺي مزاح نگار طور مجرائي ڇڏيو ۽ مزاح جي انهي شاهڪار ڪتاب بہ تڏهن کان پنهنجي شهرت برقرار رکي آهي.

ٽُئين، ٽام ساوير لکڻ وقت ڇوڪرن لاءِ هڪ ڪهاڻي لکڻ جو ارادو ڪيو هو پر هن ٻاران ڇوڪراڻي وهي جي لاقانونيءَ واري رخ جي بيان بيشمار ماڻهن جي ذهنن ۾ همدردي پيدا ڪئي جن کي انهن ڪردارن ۾ پنهنجو عڪس نظر اچڻ لڳو. تنهن ڪري ڪتاب جي ڪشش عالمي نوعيت جي هئي ۽ انهي کي ڪو زوال اچڻو نہ هو. انهي جي وڏي حصي جو بنياد سندس پنهنجي ٻاروتڻ جي واقعن جي آهي.

ٽام ساوير ۽ سندس ڀاءُ سِڊ (Sid) جي پرورش ۽ پالنا سندن پوڙهي ڦُڦي پوليءَ ڪئي هئي. ٽام هڪ روايتي مخصوص ننڍڙو ڇوڪرو هو جيڪو مربا چورائيندو هو. اسڪول کان گسائيندو هو. ڪم کي ناپسند ڪندو هو ۽ پاڻ کي مشڪل حالتن مان اهڙي چالاڪي سان ڪڍي وٺندو هو جيڪا ننڍين ڇوڪرن کي عطا ٿيل هوندي آهي. حقيقت اها آهي تہ هو "گوٺ جو مثالي ڇوڪرو نہ هو. هو جيتوڻيڪ مثالي ڇوڪري کي چڱي طرح سڃاڻندو هو پر هو کيس نہ وڻندو هو". پر اها ڳالهہ آهي تہ هو ڪهڙي بہ ڏکي صورتحال ۾ ڦاسي، پنهنجي ڦُڦي کان پلي ڪيتري بہ سزا کائي پر هو دل ۾ نہ ڪندو هو. سندس حافظو ڪمزور هوندو هو.

هن جي حڪمن جي نافرماني جي سزا طور سندس ڦُڦي اهو پڪو فيصلو ڪيو تہ "هوءَ سندس ڇنڇر واري موڪل کي سخت محنت سان قيد ۾ تبديل ڪري ڇڏيندي". سخت محنت جي صورت باغيچي جي جهنگلي کي چونو ڪرڻ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندي اها ڏاڍي سهڻي صبح هئي ۽ اهو ڏينهن به اهڙي قسم جو ڪڏهن به نه هو جنهن ۾ ڪنهن ننڍي ڇوڪري کي چونو ڪرڻ جو ڪم سٺو لڳي

هن جيئن پنهنجو ڪم شروع ڪيو ته پڪي پوليءَ جا سڀ ڪم ڪندڙ نيگرو ڇوڪرو جم پمپ تان پاڻي جو ڏول ڀرڻ آيو. ٽام ڪوشش ڪئي ته هو هن کي ڪا لالچ ڏئي ڪم هن کان ڪرائي ۽ پاڻ آرام ڪري ۽ هو ڪامياب ٿيڻ وارو ئي هو جو اوچتو پڪي پولي منهن ڪڍيو. انهي تي ٽام ڏاڍو مايوس ٿيو ۽ جم به ڀڄي مڙي ٿي پيو.

ڪا دير نه گذري ته بين راجرز اچي ويو. ٽام اهو تاثر ڏيندو رهيو ڄڻ ته ڪيس ڏنو ئي نه اٿائين ۽ نه ئي ڪو سندس آواز ڪن تي پيو اٿس. نيٺ ڇوڪري سنئون سڌو هن سان ڳالهايو ۽ ڪيس چيڙائڻ لڳو ته هو اهڙي سٺي ڏينهن تي ڪم پيو ڪري. ٽام چوني جي ڪم کي روڪڻ کان سواءِ ئي ڪيس ورندي ڏني ته هو ڪم نه پر تفريح ڪري رهيو هو. بين کي پوءِ هلي خبر پئي ته هو ته واقعي چونو پيو ڪري تيستائين ٽام ٽڙڪي تي بيٺو بين پاران ڏنل صوف کائيندو رهيو. جڏهن بين ڪم ڪري ٿڪو ته ٻيا ڇوڪرا به اچي ويا جن مان ڪنهن ڪيس لغڙ ڪو مئل ڪوئو ڪا چابي، ڪاٺو ٻليءَ جو ٻلونگڙو يا ڪتي جي ڳچي جو پٽو يا اهڙيون ڪي بيڪار شيون ڏنيون جيڪي ڇوڪرن لاءِ خاص اهميت واريون هونديون آهن. ٿوري دير ۾ سمورو جهنگلو پورو ٿي ويو. ٽام ڪم به ٿورو ڪيو هو ۽ ڇوڪرن جو ساٿ ملڻ سان گڏوگڏ مدد به ملي ويس.

هو پڪي پولي وٽان آزاد ٿي ڊوڙندو راند کيڏڻ ويو هليو. هو ڳوٺ جي چوڪ وٽ وڃي پهتو. اتي ڇوڪرن جا ٻه ٽولا اڳواٽ طي ٿيل ڳالهه مطابق هڪ لڙائي لاءِ بيٺا هئا. هڪ ٽولي جو جرنيل ٽام ۽ ٻئي جو سندس گهاٽو دوست جُو هاربر هو. ڏکي ۽ سخت لڙائي کان پوءِ ٽام جي فوج سوڀ ماڻي ورتي.

ٽام پنهنجي گهر ويندي جيف ٿيچر جي گهر جي پر سان گذريو ته ڪيس باغيچي ۾ هڪ نئين ڇوڪري نظر آئي. "جنهن سورمي کي تازو تاج پهرايو ويو هو اهو هڪ فائر ڪرڻ کان سواءِ ئي ڍهي پيو". هن ائين ظاهر ڪيو ڄڻ ته انهي ڇوڪريءَ تي نظر نه پئي اٿس ۽ ڏاڍين واهيات طريقن سان هن جي توجه ڇڪرائڻ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاشن جي ڳولها ٿي رهي هئي. هنن کي پنهنجي جاسوسي مان خبر پئي ته ماڻهن انهن کي مئل سمجهي ڇڏيو هو ۽ انهن جي لاءِ گرجا گهر ۾ فوتگيءَ جي دعا پڙهي ويندي

انهيءَ تجربي مان جُو کي اها ڳالهه سمجهه ۾ آئي ته سندس ماءُ جي نظم ضبط باوجود هو ڪيس ڏاڍو چاهي ٿو ۽ ڪيس گهر جي سڪ لڳڻ لڳي. ٽام ڪيس ريهي ريبي گهر وڃڻ کان روڪيو چاڪاڻ ته هن وٽ هڪ رٿا هئي. جُو نه چاهيندي به ترسي پيو انهي جي باوجود به ٽام پنهنجي رٿا جا تفصيل نه ٻڌايا.

جنهن شام جو فوتگيءَ جي دعا پڙهي وڃڻي هئي انهي شام ٽام پنهنجن دوستن کي لڪ چپ ۾ گرجا گهر وٺي ويو. اتي اهي هڪ خالي گيلري ۾ لڪي ويهي رهيا ۽ اتان انهن پادري جو مدح نامو ٻڌو جنهن ۾ هن انهن جي ڏاڍي ساراهه ۽ واکاڻ ڪئي. دعا عروج تي هئي جو ٽام پنهنجن دوستن کي وٺي بينچن واري رستي ۾ اچي بيٺو. انهن جي زندهه هئڻ تي مسز هاربر ۽ پڦي پولي ايتريون ته خوش ٿيون جو انهن کي معاف ڪري ڇڏيائون.

وقت گذرندو ويو. انهي دوران ٽام ۽ سندس دوستن وڏن جي اختياري خلاف پنهنجي بغاوت جاري رکي. هڪ ڏينهن خبر پئي ته ڪنيار گرفتار ٿي ويو آهي ۽ ڳوٺ جي قيدخاني ۾ بند آهي جو مٿس قتل جو ڪيس هلندو.

انهي خبر ٽام کي پريشاني ۾ وجهي ڇڏيو چاڪاڻ ته کيس خبر هئي ته ٽام ڏوهي نه هو. ڪجه سوچ ويچار ۽ هڪ فن سان بحث مباحثي کان پوءِ ٽام اهو فيصلو ڪيو ته هو ڪنيار جي وڪيل وٽ ويندو ۽ هُن ۽ هڪ جيڪو ڪجه ڏٺو هو انهي کان کيس آگاهه ڪري ڇڏيندو.

اِنجن جُو پنهنجي اڳوڻي دوست خلاف شاهدي ڏيڻ لاءِ تيار ٿيو هو ۽ ڪورٽ ۾ جڏهن ٽام کي سڏ ٿيو تڏهن به هو موجود هو. هر اک هن تي جمي پئي هئي. ماڻهو وات پٽيون، ساهه منجهايون سندس هڪ هڪ لفظ ٻڌي رهيا هئا....

مُنجهيل جذبن تي دٻاءُ انهي وقت عروج تي پهچي ويو جڏهن ڇوڪري چيو: "ءِ ڊاڪٽر ست ڏئي تختو ڪڍيو ۽ مف ڪنيار ڪري پيو، انجن جُو چاقو کڻي اُلر ڪئي ۽..."

جڏهن ٿامر گمر ٿي ويو هو تہ هَڪ فن بہ ڪجھ وارتائن مان گذري رهيو هو. هن اِنجن جُو ۾ هڪ ہٿي ماڻهو کي ڳالهائيندي ٻڌو تہ هو بيواھ ڊوگلس کي ڦُرڻ جي پلاننگ ڪري رهيا هئا. هن ڪيس چتاءُ ڏئي ڇڏيو. پوءِ هو بيمار ٿي پيو ۽ بيوه ڊوگلس کيس نقصان ۽ تڪليف کان بچائڻ تي سندس ٿورو مڃيندي کيس پاڻ وٽ وٺي آئي سندس تيمارداري ڪري کيس چاق چڱو ڀلو ڪيو ۽ پوءِ مٿس زور ڀريائين تہ هو هن وٽ ئي رهي پئي. پر هن پنهنجي بيماري کان اڳ اڪيلي سرخزاني جي ڳولها جاري رکي هئي ۽ ٻارهن هزار ڊالرن جي هڪ کيپ لڌي بہ هئائين. جج ٿيچر اهو فيصلو ڏنو تہ هاڻي اهي پئسا قانوني طور هن جا هئا ۽ هن جي نالي تي سيڙائي ڇڏيائين. پر انهي دوران بيواھ ڊوگلس جي ذهن ۾ فقط اها ئي ڳالهہ هئي تہ هوءَ کيس باعزت ۽ شائائتو بڻائيندي. پر هَڪ نظم ضبط برداشت نہ ڪري سگهيو ۽ ڀڄي ويو. هن جي ٿامر سان ملاقات ٿي وئي ۽ کيس سموري ڳالهہ ٻڌايائين تہ هو ڇا ڪري آيو هو ۽ هن کي مدد لاءِ منٿ ڪيائين. ٿامر کيس چيو تہ هو بيواھ کان واعدو وٺندو تہ هوءَ هن سان ايتري سختي نہ ڪري ۽ پوءِ کيس ريهي ريبي بيوه ڏانهن واپس وڃڻ تي راضي ڪيائين.

ڪتاب ٻنهي ڇوڪرن ٻاران ڦورن جو هڪ ٽولو ٺاهڻ جي رٿابندي تي ختم ٿئي ٿو.

ڪهاڻي جي ڪنهن بہ مختصر خاڪي مان پڙهندڙ کي ليکڪ جي اسلوب ۽ مزاح جي خبر نہ پئجي سگهندي مزاح لفظي ظرافت بجاءِ واقعن ۾ سمايل آهي. قتل واري واقعي جي سلسلي کان سواءِ ڪتاب ۾ ٻيو ڪو بہ واقعن جو سلسلو نہ آهي. ڪتاب جي سموري اهميت روزاني زندگي ۾ هڪ ننڍي ڇوڪري کي پيش ايندڙ واقعا بيان ڪرڻ، هو انهن تي ڪهڙو رد عمل ظاهر ڪري ٿو ۽ انهن مان ڪيئن نڪري ٿو ۾ آهي. مارڪ ٽئين، ٿامر جي شڪل ۾ هڪ عالمي ڇوڪرو پيش ڪيو آهي ۽ هو ائين ڪندي ڏاڍي واضح نموني ۾ پاڻ کي ڇوڪري جي ذهن ۾ ويهارڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو آهي. ڪتاب نوي ورهيہ اڳ جڏهن ڀهريون دفعو منظر تي آيو هو ۽ انهيءَ ۾ ماڻهن لاءِ جيڪا ڪشش هئي انهي صحت ۽ سچائي انهي ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو هو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 65. ڪرامازوف پائر

## -- فيوڊور دوستو فسڪي--

اولهہ يورپ جي چئن عظيم ترين ليکڪن شيڪسپيئر، سروانٽيس، گوئٽي ۽ ڊانٽي سان مشرق جا گوگول، ترجنيف، ٽالسٽاءِ ۽ دوستو فسڪي همسري ڪن ٿا. چئن روسين مان دوستو فسڪي زندگي کي سڀ کان وڌيڪ مان ڏيندڙ آهي. گوگول پنهنجا ڳوڙها لڪائڻ لاءِ کلي ٿو ترجنيف عارضي وجود جي حسن تي ڏاڍي ڏک سان سوچ ويچار ڪري ٿو ٽالسٽاءِ انهي سوال تي سوچ ويچار ۾ مصروف آهي تہ ڪائڻ، پيئڻ ۽ محبت ڪرڻ مان ڇا حاصل جڏهن سيئي زنده شيون دير سوير مٽي ۾ ملي وينديون. پر دوستو فسڪي کي پنهنجين تمام ڏکين حالتن جي باوجود انهي ڳالهہ ۾ ڪو بہ شڪ نہ هو تہ زندگي خود پنهنجو جواز آهي ۽ محبت ڪرڻ، ڪنهن لاءِ دل ۾ ڪهل هئڻ، يادگيريون سانڍڻ وينديون پوڳنائون سهڻ بہ عدم وجود کان بهتر آهي. سندس ناول زندگي ۽ انساني تجربي جي لاهن چاڙهن ۾ جذباتي دلچسپي سان پرپا پيا آهن ۽ انهن کي ادب جي اهم ڪمن جي صف ۾ بيهارين ٿا. سندس ناول تمام دلچسپ ڪردارن سان ستيا پيا آهن ۽ پڻ سياست، مذهب ۽ قوميت بابت خيالن سان ٽمتار آهن. ساڳئي طرح انهن ۾ پُر تشدد واقعا بہ گهڻا آهن جڏهن تہ انهن سيني ڳالهين جي پنيان اهو ڏکوئيندڙ احساس پيو جهلڪندو آهي تہ انسان پنهنجن ئي جذبن جا شڪار تي وڃن ٿا انهن کي سندن ڪنٽرول کان ٻاهر رهندڙ قوتون اهڙي قسمت ڏانهن ڌڪين ٿيون جنهن جي هو اڳڪٿي نہ ٿا ڪري سگهن.

دوستو فسڪي جي چئن سڀ کان مشهور ناولن ڪرائيم اينڊ پنشمينٽ، دي ايڊيئٽ، دي پزيسڊ (The Possessed) ۽ دي برادرز ڪرامازوف مان آخري کي ڪجهہ نقاد سندس سڀ کان بهترين ناول سمجهن ٿا. وري ڪجهہ ٻين ماڻهن کي انهيءَ ۾ سندس تخليقي صلاحيتون پوئيون پونديون نظر اچن ٿيون بهرحال اها ڳالهہ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيئن بہ هجي ايتري سا پڪ آهي تہ هي تمام پيچيدو ناول آهي ۽ دوستو فسڪي کي نئين مان پڙهندڙ ڪنهن ماٺهو جيڪڏهن سڀ کان اڳ اهو ڏڳهو ڪتاب کنيو تہ انهي تي پهرئين نظر وجهڻ سان هو شايد ڪجھ پريشان ٿي وڃي. اهو اهڙن وقفن سان پريل آهي جن جو مک ڪهاڻي سان ڪو تعلق نہ آهي. مثال طور خانقاہ ۾ جنتي ايلڊر فادر زوسيما ڪجھ هارين کي روحاني نصيحتون ڪري ٿو. وري سندس شروعاتي زندگي ۽ عيسائيت اختيار ڪرڻ بابت هڪ ڏگهو باب ڪجھ اسڪولي ڇوڪرن بابت وري موضوع کان هٽڻ جن مان هڪ ٽي.بي سبب مري وڃي ٿو وري The Grand Inquisitors جي نالي سان هڪ ڏگهي علامتي ڪهاڻي. انهن جو ڪهاڻي جي مرڪزي سلسلي سان ڪو سڌو تعلق نہ آهي. پر اسين جيڪڏهن انهن آڏين ڪٽائن کي ڇڏي ڏيون تہ خود پلاٽ ڏاڍو سادو آهي. فيوڊور ڪرامازوف نالي هڪ پوڙهو شراب جي نشي ۾ مدهوش رهندڙ حوس پرست ۽ احمق آهي. هو اسڪوتو پرائيگو ويسڪ جي ننڍڙي شهر جي ٻاهران رهي ٿو. هن کي ٽي پٽ آهن. هڪ ڊمتري ۽ وري ٻئي زال مان اوان ۽ اليڪسي. اهو آليوشا جي نالي سان مشهور آهي. انهن ٽنهي جون شخصيتون هڪ ٻئي کان ڏاڍيون مختلف آهن. بهرحال هنن ٽنهي ۾ سندن پيءُ ۾ اها هڪ ڳالھ مشترڪ آهي جو انهن کي زندگي لاءِ وڏي تڙپ ۽ پياس آهي. چيو وڃي ٿو اها ڪرامازوفن جي خصوصيت آهي جيڪا انهن کي پنهنجن مختلف اندازن ۾ انتها پسند ڪري ٿي. آليوشا لڳ ڀڳ هڪ صوفي آهي ۽ روحاني طور تمام سجاڳ آهي. ڊمتري هڪ بي پرواھ عياش آهي جيڪو عورتن ۽ ڇڙواڳين تي ٻئسو ڌُڦ ڪري ٿو جڏهن تہ اوان هڪ جذباتي دانشور ۽ عجيب ۽ متضاد نظرين جو شڪار آهي. سندس ذهن هڪ ئي وقت تشڪيڪ ۽ آدرشيت ڏانهن مائل آهي.

ويهن کان ٽيهن ورهين جي وچ ۾ عمرين وارا اهي نوجوان مختلف زندگيون گذاري رهيا آهن. جيئنوٽيڪ انهن ۾ اهم موقعن تي ڪي هڪ جهڙايون بہ اچي وڃن ٿيون. اهڙو هڪ موقعو گروشينڪا نالي هڪ نوجوان عورت بابت جلد ئي اچي وڃي ٿو. اها هڪ روايتي ڳاڙهي ڳٽڪي گول مٽول روسي حسينا آهي. هو ڏاڍي دلير. ارادي جي پڪي، هٺيلي ۽ شوخ ۽ بي ادب آهي. ڪراڙو ڪرامازوف- جنهن جون رومانوي ڇڙواڳيون سندس وڏي پٽ ۾ ڌڪار ۽ نفرت پيدا ڪن ٿيون-

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گروشينڪا جي پنيان آهي پر دمتري جو به ساڳيو حال آهي. هو پنهنجي پيءُ جو اڳيئي وڏو مخالف آهي جو هن نديپڻ ۾ ڪيس نظرانداز ڪيو هو ۽ انهي جو هڪ سبب اهو به آهي جو هو سمجهي ٿو ته هو هن جي ماءُ پاران هن لاءِ ڇڏيل ٽي هزار روبل به ڦٻائي ويو آهي. هاڻي اها مخالفت شديد نفرت ۾ تبديل ٿي وڃي ٿي. حقيقت ۾ هو ۽ سندس ڀاءُ اوان پنهنجي پيءُ کي منظر کان هٽيل ڏسي ڏاڍا خوش ٿين ها. انهن جي نفرت جو هڪ سبب سندن ويڳو ۽ ناجائز ڀاءُ سميرڊياڪوف آهي. هو تمام بڇڙو پنهنجا معاملا ڳجها رکندڙ ۽ ڏاڍو طالع آزما نوجوان آهي. هن کي ڪرازڙي ڪرامازوف ذاتي خدمتگار طور رکيو آهي.

اوان، سميرڊياڪوف سان هڪ مبهم قسم جي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ کان پوءِ شهر مان ٻاهر وڃي ٿو هليو. ڪيس ڪنهن حد تائين يقين هو ته سندس غير موجودگي ۾ اهو خدمتگار ڪرازڙي کي قتل ڪري ڇڏيندو. سميرڊياڪوف دمتري جي دماغ ۾ به اها ڳالهه وجهي ٿو ته هو قتل بابت سوچي ۽ هڪ شام جو جڏهن هن کي ڪجهه اندازو ٿيو ته گروشينڪا هن جي پيءُ سان ملڻ ايندي ته هن جي نفرت ۽ ساڙ جا جذبا ٽهڪڻ لڳا. هو ڪرازڙي جي گهر ويو. هو حمام دستي جو هڪ ڳرو دستو به پنهنجي کيسي ۾ وجهي ويو ۽ سندس روشن خوابگاهه جي دريءَ جي هيٺان ڪن ڏئي ويهي رهيو. پوءِ هو ڪنهن وڻ جي ذريعي مٿي چڙهي ويو ۽ اندر نظر وڌائين. سندس پيءُ هڪ پتا پٽي ريشمي ڊريسنگ گائون پايو پنهنجي ملاقاتي جي انتظار ۾ هو. پر گروشينڪا جو ته ڪواتو پتو ئي نه هو. سميرڊياڪوف دمتري کي اڳواٽ ڪي اشارا ٻڌائي ڇڏيا هئا. هو انهن جي دلبي سان ڪرازڙي کي دري وٽ گهرائي ٿو. هو دري جي ويجهو اچي ويو آهي ۽ هو سندس سُسيل نڙگهٽ ۽ ورَيل نڪ ڏسي رهيو آهي ۽ سندس چپن تي حريص مرڪ آهي. اوچتو دمتري جي اندر ۾ ڪاوڙجي هڪ لهر اٿي ٿي ۽ هو پنهنجي کيسي مان دستو ڪڍي ٿو...

دمتري باغ مان ڀڄندي هڪ گهريلو نوڪر کي دستو هڻي ڪيرائي وجهي ٿو. اهو پوءِ سندس هڪ دوست کي رت ۾ ٻڏل ۽ وڦلندي نظر اچي ٿو. هو هڪ ويجهي ڳوٺ مان شامپين جا ڪوڪا وٺڻ وڃي ٿو جيئن پاڻ سان گڏ کڻي وڃي. اتي هو گروشينڪا کي ڪجهه دوستن سان شراب جي محفل ۾ ويٺل ڏسي ٿو. ڪيس انهي رات دير سان هن سان اڪيلائي ۾ ويهڻ جو موقعو ملي ٿو ۽ هوءَ سندس ڪنن ۾

وانگر زندگي جي هوس سان پريل آهي پر ڪيس جيئن تہ پنهنجي پيءُ نديپڻ ۾ نظر انداز ڪري ڇڏيو هو تنهن ڪري هو اها شديد خواهش ڪٽي وڏو ٿئي ٿو تہ ڪيس دنيا پاران خوشي ڏيڻي آهي ۽ هو اهو پڪو پهہ ڪري ٿو تہ هو اها خوشي گروشينڪا جي روپ ۾ ضرور حاصل ڪندو پلي انهي راهہ ۾ ڪيترين رنڊڪون اچن. ڪيس پلي ڪيترين ذلتن کي منهن ڏيڻو پوي يا پلي ڪي ڏوهہ ڪرڻا پون. هن کي دل ۾ انهي ڳالهہ لاءِ هڪ تڙپ موجود آهي جنهن کي هو اڻ ڇتي نموني نيڪيءَ واري زندگي سمجهي ٿو پر نيڪي ۽ شائستگي کي تيستائين پٺي ڏئي بيهٺو آهي جيستائين هو پنهنجي دل جي مراد حاصل نہ ٿو ڪري وٺي. انهي دوران هو سمجهي ٿو تہ اهي شيون ناقابل حصول آهن چاڪاڻ تہ هو پاڻ کي حالتن جو قيدي سمجهي ٿو ۽ پاڻ کي اهڙو سنو ماڻهو سمجهي ٿو جنهن کي ڪو موقعو نہ مليو آهي تنهن ڪري زندگي دمتري جي نظر ۾ هڪ لاڳيتو عمل نہ آهي جنهن مان انسانن کي سٺن توڙي خراب ڏينهن ۾ ڪجھ پرائڻ گهرجي پر اها هڪ لاٽري آهي جنهن ۾ انعام حاصل ڪرڻ لاءِ سڀ ڪجھ داءَ تي لڳائڻ ضروري آهي. ڪتاب جي آخر ۾ ڪيس اهڙي قتل جي ڏوهہ جي سزا ملڻ جيڪو هن ڪيو ئي نہ آهي اهو دوستو فسڪي پاران اهڙن ماڻهن لاءِ هڪ واضح چتاءَ آهي جيڪي اهڙا ناپختا ۽ خطرناڪ خيال رکن ٿا.

دمتري جيڪڏهن هُوڙهہ ۽ سدائين ڪچي جواني ۾ رهندڙ آهي تہ ايوان وري مغرور، سادي زندگي گذاريندڙ ۽ اهڙو نوجوان دانشور آهي جيڪو سلي زندگي لاءِ ڪجھ ڪوششون بہ ڪري ٿو پر جنهن جو دماغ دل جي رستي ۾ اچي وڃي ٿو. هن کي هڪ قسم جو روحاني عقيدو آهي پر سندس دانش انهي سان مطابقت اختيار ڪرڻ کان انڪار ڪري ٿي ۽ هو ورهايل شخصيت (Split Personality) جو هڪ مثال ٿي پوي ٿو جيڪو خود پاڻ لاءِ ۽ ٻين لاءِ خطرو هوندو آهي. هو ڪجھ ٻسو ۽ بي رنگ ڪردار آهي اهو ئي سبب آهي جو دوستو فسڪي ڪيس ٻن جاين تي موضوع کان تمام هٽي ويندڙ ڳالهين سان ڳنڍيو آهي اهي جيتوڻيڪ پنهنجي سر بهترين ڳالهيون آهن پر انهن جو پلاٽ سان ڪو تعلق نہ آهي

انهن مان پهرئين Grand Inquisitor جي ڪهاڻي آهي. اها علامتي انداز ۾ نثرائتي نظم ۾ لکيل آهي. انهي ۾ اهڙي ڳالهه بيان ٿيل آهي جيڪا اسان جي لاءِ موجوده دور ۾ معنيٰ سان ڀريل آهي. سورهين صدي ۾ Inquisition (عدالت انصاف) جي دور ۾ جنهن ڏينهن هڪ سودين کان ڦريل ماڻهن کي زندهه ساڙيو ويو هو انهي کان ٻئي صبح جو يسوع مسيح سيوائل (Seville) جي شهر ۾ اچي ٿو. ڪليسائي عدالت جو وڏو عهديدار کيس گرفتار ڪرائي جيل ۾ وجهرائي ڇڏي ٿو ۽ کيس اها ڳالهه سمجهائي ٿو تہ کيس سياڻي زندهه ساڙائڻ ڇو ضروري هو. هو چوي ٿو تہ يسوع مسيح جي اچڻ جو مقصد انسانن کي آزادي ڏيارڻ، انسانن جا ذهن سندس پنهنجي مرضي سان خدا ڏانهن راغب ڪرڻ ۽ معجزن جي مدد کان سواءِ انهن جي وفاداري حاصل ڪرڻ هو. ڇاڪاڻ تہ يسوع مسيح کي معجزن کي مدد سان دنيا جون سموريون بادشاهتون ملي وڃن ها. پر ڪليسائي عدالت جي عهديدار مطابق انسان آزادي جي انهي تحفي جو بار نہ ٿا کڻي سگهن. اهي پنهنجي مرضي سان چونڊ جو اختيار نہ ٿا چاهين. چونڊ ڏهہ هزار ماڻهن لاءِ چونڊ جو اختيار شايد صحيح هجي پر عام رواجي، ڪمزور ۽ ڊڄڻ انسانن لاءِ اهو زهر آهي. يسوع مسيح کي جيڪڏهن انسانن سان وڌيڪ محبت هجي ها تہ هو انهن کي اهو ناقابل برداشت تحفو نہ ڏئي ها پر انهن لاءِ پٿرن کي ماني ۾ تبديل ڪري ها جيئن انهن لاءِ اطاعت ۽ وفاداري ڪرڻ کان سواءِ ٻي ڪا واهہ نہ هجي ها. هاڻي ڪليسائي عدالت جو عهديدار دعوي ڪري ٿو تہ هن ۽ سندس ساٿين يسوع مسيح جي ڪم ۾ اصلاح ڪري ڇڏي آهي. انهن پنهنجي اختياري قائم ڪري ڇڏي هئي ۽ انهن انهي تي روحاني ادب ۽ احترام جو پوش چاڙهي ڇڏيو آهي ۽ انسانن کي اها تعليم ڏين ٿا تہ اهي مذهبي عدالت انصاف (Inquisition) جي قانونن ۽ فيصلن جي مڪمل اطمينان سان بجا آوري ڪن. انهن جو مقصد اهو آهي تہ اهي انساني فطرت کي حقيقت پسندي واري رخ ۾ ڏسن، انهن کي هڪ مقصد ڏين، انهن جي ڪم ۽ راند روند جي نگراني ڪن ۽ انهن کي چون تہ اسان جي پيروي ڪريو هر شي سادي ۽ سولي ٿي ويندي. توهان کي زندگي ۾ وڌيڪ ڪنهن شي جي ضرورت نہ پوندي "حقيقت اها آهي تہ خوشي جي انهي مشيني انداز مان لطف اندوز ٿيندڙ مخلوق کي اڳتي هلي مرڻ کان سواءِ ٻي ڪنهن ڳالهه جي اميد نہ آهي پر ڪليسائي عدالت جو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايوان ۽ دمتري جيتوڻيڪ ڪجھ سادڙا آهن پر انهن ۾ نيڪي ۽ سچائي جي تڙپ پيدا ٿيندي رهي ٿي. سڀ کان ننڍي ياءِ اليوشا جي حالت وري اها آهي جو هن لاءِ مذهب سندس ذهن جي هڪ لاڳيتي تبديل ٿيندڙ موسم آهي. اليوشا هڪ خانقاه ۾ رهي ٿو ۽ فادر زوسيما جي مريد طور پنهنجي باقي سموري زندگي اتي گذارڻ چاهي ٿو پر سندس اندر ۾ اها تمنا آهي ته هو ٻاهرئين دنيا ۾ وڃي، شادي ڪري ۽ عام رواجي ماڻهو واري زندگي گذاري. هو فادر زوسيما جي موت کان پوءِ اهو ڪم ڪري ٿو. دوستو فسڪي سندس زندگي جي آخري ورهين جو هڪ ٻئي ڪتاب ۾ بيان ڏيڻ چاهيو ٿي پر هو اهو نه لکي سگهيو. اليوشا هتي هڪ جسماني طور مضبوط نوجوان جي روپ ۾ سامهون اچي ٿو جنهن کي تمام گهڻي سهپ ۽ بردباري ۽ انسان ذات سان محبت آهي. هو وڏي ذهانت وارو ۽ روحاني طور به پڪو پختو آهي. هن کي روح جي لافاني هئڻ تي يقين آهي ۽ هو آئيندي جي زندگي کي ذهن ۾ رکندي هيءَ زندگي گذارڻ جو عهد ڪري ٿو. هن جو مک پلاٽ ۾ ڪو سرگرم ڪردار نه آهي هن جو ڪردار فقط ايترو آهي جو هو پنهنجن ڀائرن جي سنڌن شخصيتن جا بهتر رخ سمجهڻ ۾ مدد ڪري ٿو. پر دوستو فسڪي جا ڪجھ گهرا وسيلاهه هُن ۽ فادر زوسيما جي ذريعي ئي پڙهندڙ تائين پهچن ٿا ۽ هن مختصر جائزي جي پڄاڻي هنن ٻن مختصر اقتباسن کان وڌيڪ سٺي انداز ۾ نه ٿي سگهندي. درويش ايلڊر موت جي بستري تي پنهنجن راهبن کي صلاحون ڏيندي چوي ٿو:

"ڀائرو انسانن جي گناهه کان نه ڊڄو. گناه گار انسان سان به محبت ڪريو ڇاڪاڻ ته اها به خدائي محبت جي مشابه آهي ۽ زمين تي تمام وڏي محبت جو درجو رکي ٿي. خدا جي مخلوق جي هر ذري سان محبت ڪريو. هر پن ۽ خدا جي روشني جي هر ڪرڻي سان محبت ڪريو. جانورن ۽ ٻوٽن سان محبت ڪريو. توهان جيڪڏهن هر شي سان محبت ڪنداؤ ته توهان کي هر شي ۾ خدائي اسرار نظر ايندو. اهو توهان کي جڏهن نظر اچي ويو ته توهان انهي کي هر روز بهتر کان بهتر انداز ۾ سمجهي سگهنداؤ ۽ توهان آخرڪار هڪ اهڙي منزل تي پهچنداؤ جو توهان سموري دنيا سان اڻ کٽ انداز ۾ محبت ڪنداؤ."

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب جي بلڪل آخر ۾ چوڏهن ورهين جي من موهڻي ڪوليا جنهن پنهنجي هڪ اسڪولي ساٿي جي ٽي بي ۾ مرڻ کان پوءِ تدفين جو منظر ڏٺو آهي اها روئندي آليوشا کي چوي ٿي. ”ڪرامازوف ڇا اسان کي مذهب ۾ جيڪا ڳالهه پڙهائي ويندي آهي اها صحيح ٿي سگهي ٿي ته اسين مرڻ کان پوءِ ٻيهر جيئرا ٿينداسين ۽ هڪ ٻئي کي ڏسنداسين- سيئي آليوشا پڻ؟ آليوشا ۽ انهي سان گڏ دوستو فسڪي به ڏکن سان ڀريل زندگي جي پڇاڙي تي اسان سان سندس آخري لفظن ۾ مخاطب ٿئي ٿو: ”بلاشڪ اسين سڀ وري زنده ٿينداسين. بلاشڪ اسين سڀ هڪ ٻئي کي ڏسنداسين ۽ جيڪو ڪجه ٿي گذريو هوندو انهي بابت هڪ ٻئي کي خوشيءَ سان ٻڌائينداسين.“

# 66. پيئر ايٽ جين

## __ گاءِ ڊي موپاسان__

گاءِ ڊي موپاسان پلاٽن جي تنوع ۾ دلچسپي، بهترين ڪردار نگاريءَ بيان جي تيزي ۾ چٽي اسلوب سبب چيخوف سان گڏ دنيا جي بهترين افسانا نويسن جي صف ۾ بيهي ٿو. پر سندس ڪهاڻين ۾ انهن خصوصيتن کان سواءِ ڪا اجا وڌيڪ قيمتي شي پڻ موجود آهي. انهن جي هيئت جي پورڻتا سونهن جو هڪ اهڙو احساس ڏئي ٿي جيڪو ڪنهن لافاني شي سان جُڙيل آهي، جيڪو سموري زندگي جي وحدت جو عڪس پيش ڪري ٿو ۽ خود انساني مقدر جي مٿان پيل غلاف جي هڪ ننڍڙي ڪنڊ مٿي ڪري ٿو. انهن جو تاثر ماڻهن تي مختلف نمونن ۾ اثر انداز ٿي سگهي ٿو انهن وٽ انهيءَ جون مختلف وصفون ٿي سگهن ٿيون پر اهو پنهنجي جوهر ۾ اهو ساڳيو ئي آهي جيڪو آرٽ جي ڪنهن به عظيم فن پاري مان حاصل ڪري سگهجي ٿو.

موپا سان بلاشڪ هڪ عظيم آرٽسٽ هو ۽ هو پنهنجي ڪم بابت تمام مضبوط رايا رکندو هو. جديد ليکڪن جي برخلاف جيڪي شخصيت جون اونهايون ماپڻ چاهيندا آهن هن جو انهي ڳالهه ۾ وبساهه هو ته ليکڪ کي پاڻ کي اهڙن تاثرن (Impressions) جي عڪاسي تائين محدود ڪرڻ گهرجي جن کي حِس جي عضون (Organs of Sense) جي ذريعي محسوس ڪري سگهجي. بين لفظن ۾ هو فقط اهي ڳالهيون بيان ڪندو آهي جيڪي سندس ڪردار چوندا يا ڪندا آهن يا ڪيئن نظر ايندا آهن يا جتي تمام ضروري هجي هو اهو به ٻڌائيندو آهي ته هو ڇا سوچين يا محسوس ڪن ٿا. هو نفسياتي وِڍ ٽُڪ جو ڪم ڪڏهن به نه ڪندو آهي. اها ٽيڪنيڪ جنهن ۾ ليکڪ سڀ ڪجه ڄاڻندڙ خدا نه پر زندگي جو مشاهدو ڪندڙ هوندو آهي انهي کي معروضي حقيقت نگاري (Objective Realism) چئبو آهي. موپا سان جو انهي سان مطابقت رکندي اهو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رايو ھو تہ ليکڪ کي لازماً مخلص ھئڻ گھرجي ۽ ھن کي زندگي ۽ انسانن بابت اھو ئي سچ ٻڌائڻ گھرجي جھڙي طرح ھو انھن کي ڏسي ٿو. ھن کي اھڙي رومانوي ادب کان بُڇان ايندي ھئي جنھن ۾ پڙھندڙ کي سڪون، آٿت يا تفريح ڏيڻ لاءِ مشاھدي ۾ اچي سگھڻ جھڙي سچ کي غلط انداز ۾ پيش ڪيو ويو ھجي. وري فلابرٽ وانگر- اھو سندس گھاٽو دوست ھوندو ھو ۽ ڪيس پيءُ جي حيثيت ۾ ڏسندو ھو- ھو بہ تمام ڏيان سان چونڊ جي عمل ۾ يقين رکندو ھو ۽ اھڙي طرح سندس تمام بھترين ڪھاڻين ۾ فقط اھي شيون ٿي نظر اچن ٿيون جيڪي ڪردارن ۽ ايڪشن کي سمجھڻ لاءِ بنہ ضروري آھن. ھاڻي جيڪڏھن سندس تڪميل تي پھتل ڪم مان ڪا بہ شي خارج ڪبي تہ سموري ڪم جي ھم آھنگي برباد ٿي ويندي فطري ڏات ذريعي عمل ۾ آندل اھي اصول سندس ڪم جي بي انتھا ڪشش کي سمجھڻ ۾ مدد ڏين ٿا.

موپا سان جي ڪم جو سڀ کان بھترين حصو ڪنھن جواھر وانگر ڪنھن بہ نقص کان آجو ۽ مڪمل آھي پر سندس زندگي ڏاڍي منتشر رھي. ھو ڏاڍي سھوليت سان لکندو ھو ۽ وڏا وڏا شاھڪار اھڙي فطري سادگي سان منظر تي آڻيندو ويندو ھو جيئن صوف وڻ مان ڪرندا ويندا آھن. پر انھي گول مٽي ۽ ويڪرن ڪلھن واري نوجوان- جيڪو ليکڪ کان وڌيڪ ڪو سپاھي لڳندو ھو انھي- ڏاڍي بي آرام زندگي گذاري سندس ھڪ پير تمام گندگيءَ واري علائقي ۾ تہ ٻيو تمام اعليٰ سماج ۾ ھوندو ھو. انھي سان ھن کان وڌيڪ سگھہ ۽ توانائي وارا ماڻھو بہ جيڪر ٿڪجي ۽ ساٽا ٿي پون ھا.

ھو عام ماءُ پيءُ جي گھر ۾ 1850ع ۾ ڄائو. ھو بي ترتيب شروعاتي تعليم کان پوءِ پيرس ۾ نيول منسٽري ۾ ڪلارڪ ٿيو. ھو اتي تيھن ورھين جي ڄمار تائين رھيو. ھن جيتوڻيڪ پنھنجي پھرئين ڪھاڻي 1875ع ۾ لکي پر انھن ورھين دوران ھو پنھنجو گھڻو فارغ وقت سين (Scinc) درياءَ ۾ ٻيڙي ھلائيندي ۽ مزدورن ۽ رنڍين سان کل ڀوڳ ۾ گذاريندو ھو. انھن جا انھي درياءَ جي ڪناري تي ميڙا لڳا پيا ھوندا ھئا. ھو پيرس ۾ اڪيلو رھندو ھو. سندس ننڍو ڀاءُ جيڪو آخرڪار چريو ٿي ويو اھو ڳوٺ ۾ پنھنجي ماءُ سان گڏ رھندو ھو. سندس ماءُ ڏاڍي ھوشيار پر ھسٽريائي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طبيعت واري عورت هئي. جنهن کي پنهنجي مڙس مويا سان جي ننڍپڻ ۾ ڇڏي ڏنو هو. هن کي به پنهنجي وڏي پٽ سان ذاتي محبت هوندي هئي. جيئن ڪڏهن ڪڏهن اهڙين حالتن ۾ ٿيندو آهي سندس پٽ کي به گهٽ درجي وارين عورتن جي ٻانهن ۾ جنسي آسودگي ملندي هئي.

هن پيرس ۾ پاڻ جهڙن غريب مزدورن ۽ شاگردن ۾ ڪيترائي دوست ٺاهيا پر 1880ع کان جڏهن هن پنهنجي ڪلارڪي تان استعفا ڏئي لکڻ کي هڪ ذندي طور اختيار ڪيو ته سندس پئسي ڏوڪڙ ۾ جلدي واڌارو اچي ويو. هن ايندڙ ڪجھ ورهين دوران روزاني اخبارن لاءِ ڏڙا ڏڙ ليک لکڻ سان گڏوگڏ هڪ بدنام رسالي Gil Blas لاءِ اگهاڙيون ڪهاڻيون پڻ لکيون. سندس Enfamille ۽ La Maison Tellier جهڙيون ڪجھ مشهور ڪهاڻيون به انهي دور ۾ ڇپيون. هو پنهنجي ادبي ڪاميابي سبب 1884ع ۾ نارمنڊي لڏي وڃڻ جي قابل ٿي ويو. اتي هن هڪ گهر ٺاهيو ۽ انهيءَ ۾ هڪ بهترين باغيچو به ٺاهيائين. اتي هن هڪ طوطو به پاليو- مويا سان جو مخصوص رنگ- هن ڪيس اهڙو سيکاري ڇڏيو هو جو اهو عورت ملاقاتين کي ڏسي ذاتي بچڙن لفظن سان هنن جو آڌرڀاءُ ڪندو هو. سن 1889ع ۾ سندس تحريري صلاحيت ۾ گهٽتائي اچڻ تائين هو تقريباً 250 افسانا ۽ ڇهه ناول لکي چڪو هو. انهي جو هڪ سبب آتشڪ جو مرض هو جنهن جو انهن ڏينهن ۾ ڪو موثر علاج موجود نه هو.

هو جولاءِ 1893ع ۾ فوت ٿيو. سندس موت تي سندس دوستن سان گڏوگڏ عام ماڻهن کي به ڏاڍو ڏک ٿيو. پيرس ۾ سندس قبر جي پرسان ايملي زولا سندس دوستن جي جذبن جي ترجماني هنن لفظن ۾ ڪئي: "ڪيس فقط منظر تي اچي پنهنجيون ڪهاڻيون بيان ڪرڻيون هيون. هر ماڻهو فوراً هن سان پيار ڪرڻ لڳو. هو راتو رات هڪ مشهور شخصيت ٿي ويو. هو جيڪا به ڳالھ لکندو هو پڙهندڙ اها قبول ڪري وٺندا هئا. اهڙيون ڳالهيون جيڪر پيا ڪن ها ته انهن کي صدمو پهچي ها پر هن جي واتان ٻڌي هو مرڪي ڏيندا هئا. هو هر قسم جي ذهانت کي مطمئن ڪندو هو هو هر ڪنهن جي احساس کي متاثر ڪندو هو ۽ اسان کي هڪ اهڙو سگهارو ۽ بي تڪلف صلاحيت وارو ماڻهو نظر اچي ٿو جيڪو ڏري برابر

بہ رعايت نہ ٿو ڪري تہ بہ هو بنا دير پڙهندڙ ماڻهن جي ساراهہ ۽ پڻ پيار حاصل ڪري وٺي ٿو.“

جنهن ماڻهو جي شهرت جو دارومدار ڪهاڻين تي هجي انهن ڪهاڻين تي هڪ مختصر ليک ۾ موثر نموني بحث ڪرڻ ڏکيو آهي پر هن ناول پڻ لکيا هئا ۽ اها ڏاڍي عجيب ڳالهہ آهي تہ سندس زندگي ۾ هڪ ناول نگار طور سندس شهرت اجا وڌيڪ هئي. هن يارهن ورهين جي ادبي زندگي ۾ جيڪي ڇهہ ناول لکيا انهن ۾ (انهن مان چوٿين کي سولائي سان سڀ کان بهترين قرار ڏئي سگهجي ٿو) سندس اها مسلسل ڪامياب ٿيندڙ ڪوشش ڏسي سگهجي ٿي جيڪا هو افساني کي وڌيڪ ڊگهي هيئت (form) سان مطابقت ڏيارڻ لاءِ ڪري رهيو هو جيئن اڳتي هلي ناول هڪ ٻئي سان جڙيل منظرن جي سلسلي جي انداز ۾ شروع ٿين. اها ڪوشش 1888ع ۾ لکيل Picrre ct Jean جي صورت ۾ عروج تي پهتي. انهي ۾ ڪيترن ئي ڪردارن تي اثرانداز ٿيندڙ هڪ واحد صورتحال ۽ هڪ ئي مسئلو سموري ننڍي ڪتاب تي حاوي آهي.

پيئرايٽ جين کي پنهنجي مربوط ايڪشن جي سبب ڪنهن ننڍي ناول بجاءِ هڪ ڊگهي آکاڻي چئي سگهجي ٿو ۽ اها موپا سان جي هر هڪ خوبي ڏيکاري ٿي: انهي ۾ لفظ گهٽ ڪم آندا ويا آهن. سندس ڪردار نگاري جي مهارت بہ عروج تي نظر اچي ٿي. پلاٽ جي واڌويجهہ تڪڙي ٿئي ٿي ۽ جڏهن هر شي مڪمل هوندي آهي تہ انهي مان جيڪو سونهن جو احساس پيدا ٿيندو آهي اهو بہ انهي ۾ موجود آهي. اها هڪ ڏاڍي ڳنڀير ڪهاڻي آهي. ڪهاڻي ۾ Lc Havrc بندر جي آسپاس جا منظر آهن. اها هڪ اهڙي نوجوان بابت آهي جنهن کي اهو شڪ ڪرڻ جا مضبوط سبب آهن تہ سندس ننڍو ڀاءُ سندس پيءُ جو پٽ نہ آهي. اسان جي انهي ڪٽنب سان ملاقات انهي وقت ٿئي ٿي جڏهن اهي مڇي ماري رهيا آهن: مونشيئر رولينڊ هڪ رٽائرڊ جوئيلر (Jcwcllcr) ۽ ڪجهہ احمق ماڻهو آهي. ڪيس ننڍڙين ٻيڙين جو ڏاڍو شوق آهي. سندس زال سهڻي ۽ جذباتي آهي. انهن جو وڏو پٽ پيئر (Picrrc) بي آرام ۽ تصوراتي ذهن جو مالڪ آهي. هن ويجهڙائي ۾ ڊاڪٽر جي سند ورتي آهي. ننڍو پٽ جين وڪيل طور ڪم جي شروعات ڪرڻ وارو آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آخر ۾ سنلن پاڙيسري مادام روز ميلي اچي ٿي. اها نوجوان ۽ پُر ڪشش بيواهه آهي. سندس موجودگي ۾ بنهي پائرن ۾ موجود لڪل ساڙ ۽ حسد جا جذبا ابري اچن ٿا.

شام جو هڪ چرڪائيندڙ خبر اچي ٿي: پيرس جو مونشيئر ماريڪل نالي ڪو ماڻهو رولينڊ ڪٽنب جو اڳوڻو دوست مري ويو آهي ۽ پنهنجو سمورو پئسو- اها چڱي خاصي دولت ڏيندي- جين جي نالي ڪري ويو آهي. مونشيئر رولينڊ سادگي سان خوش ٿئي ٿو. سندس زال بہ فقط ايترو چئي ٿي: "انهي مان ثابت ٿئي ٿو تہ ڪيس اسان سان ڏاڍو چاهہ هو ۽ پيئر سپاويڪ طور اهو سوال پڇي ٿو: "تہ پوءِ توهان انهي ماريڪل کان ڪنهن وقت گهٽو واقف هئا؟ "هائو تمام گهٽو" رولينڊ خوشي مان تڙندي ورندي ڏئي ٿو. اهو بنهي ڇوڪرن تي نندي لا ڏاڍو مهربان هوندو هو. جين جي جمڻ وقت تہ هو گهر ۾ هو ۽ ڊاڪٽر کي وٺي اچڻ لاءِ بہ ڊوڙي ويو هو. بلاشڪ سندس سوچ اها هئي تہ: "مون انهي ڇوڪري جي جمڻ وقت مدد ڪئي هئي تنهن ڪري آءٌ پنهنجي ملڪيت هن جي نالي ڪريان". انهي وضاحت مان لڳي ٿو تہ سڀ ڪو مطمئن ٿي ويو. پر جڏهن ٻئي پٽ ٻاهر وڃن ٿا هليا ۽ مونشيئر رولينڊ بہ بستري ۾ وڃي پيو آهي تہ سندس زال هيٺين منزل تي ئي رهي ٿي هوءَ سندس ميز جي پرسان رکيل بتي ۾ اکيون وجهي ويٺي آهي...

اهڙي طرح پهريون باب پڄاڻي تي پهچي ٿو. انهي کان پوءِ پيئر بي آراميءَ جي احساس سان پرجي وڃي ٿو. هو بندرگاهہ تي گهمندي پهريان انهي جو سبب پنهنجي پاءُ سان ساڙ سمجهي ٿو. پر پوءِ هڪ دوست سان ملاقات- هڪ پولينڊي پناهگير فارماسسٽ- اُجا وڌيڪ بي آراميءَ جو ٻج وجهي ٿي.

"اها ڳالهہ ڪا سنو تاثر نہ ڇڏيندي". اهو پوڙهو شخص جين کي ورثو ملڻ جو ٻڌي چوي ٿو ۽ وڌيڪ زور پرڻ تي بہ ساڳئي ڳالهہ ورجائي ٿو ۽ وڌيڪ فقط ايترو چوي ٿو تہ اهڙين حالتن ۾ بنهي پائرن کي برابر فائدو ملڻ گهرجي. ٻئي ڏينهن پيئر ڪلينڪ شروع ڪرڻ لاءِ ڪمرا ڳولهڻ ۾ ڏاڍو مصروف هو. تنهن ڪري سوچ ويچار ڪرڻ جو وقت نہ مليس. پر هڪ ڪيفي ۾ هڪ عورت ويٽر جي ڳالهہ کيس ڏاڍو پريشان ڪري ڇڏي ٿي. هو جين جي پلي پاڳ جو ٻڌي پُراسرار نموني کلي ٿي ۽ چوي ٿي: "واهہ تنهنجو پاءُ تہ پاڳن وارو آهي جو اهڙا دوست مليا اٿس. هو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن توڪان مختلف آهي ته انهي ۾ ڪا حيرت جهڙي ڳالهه نه آهي!“ پيئر ڪجه وقت لاءِ ته انهي لڪيل اشاري تي يقين ڪرڻ کان انڪار ڪري ٿو. سندس ذهن ۾ فقط اهو خيال آهي ته هو پنهنجي پاءُ کي خبردار ڪري ته هو پنهنجي ماءُ جي شهرت جي صدقي ورثو قبول نه ڪري. هن کي انهي شام جو جين سان ڳالهائڻ جو موقعو نه ٿو ملي ڇاڪاڻ ته انهي دولت جو جشن ملهائڻ لاءِ گهر ۾ ڏاڍي هل هنگامي واري پارٽي ٿي رهي هئي.

ٻئي ڏينهن هو پاڻ کي ڏاڍيون سمجهاڻيون ڏيڻ کان پوءِ اهو احساس ٿوري دير لاءِ ذهن مان ڪڍي وٺي ٿو پر جڏهن ڏسي ٿو ته هن جيڪا جاءِ ڪلينڪ کولڻ لاءِ مسواڙ تي وٺڻ جو ارادو ڪيو هو پر گهٽ پئسن سبب نه وٺي سگهيو هو اها ئي جاءِ سندس ڀاءُ نئين مليل دولت سان مسواڙ تي ورتي آهي ته اندرئين ڪاوڙ ٻاهر نڪري اچي ٿي ۽ انهيءَ سان گڏ اها خواهش به ڪر کڻي ٿي ته هو پنهنجي ماءُ پيءُ جي مونشيئر ماريڪل سان دوستي بابت وڌيڪ ڳولها ڦولها ڪري. هو انهي کان ڪڏهن ۽ ڪيئن واقف ٿيا؟ هو پڇي ٿو؟ سندس ويڙهاڪ پيءُ پاران ڏنل جواب ڏاڍو تباهه ڪُن آهي. هن کي ماريڪل کي سڀ کان ڀريان سٺي نموني سمجهڻ جو موقعو تڏهن مليو هو جڏهن پيئر ٽن ورهين جو هو ۽ جين اڃا ڄائو ئي نه هو ۽ انهن جي ويجهڙائپ جو سبب اهو ٿيو هو جو ماريڪل ٻار تي لال بخار جي حملي وقت ڏاڍي مدد ڪئي هئي. جڏهن ٻارڙو ڇاق ٿيو هو ته اهو پيلو ماٺهو ڏاڍو خوش ٿيو هو ۽ ٻار جو ڏاڍو خيال رکندو هو! انهي جي باوجود به ماريڪل پنهنجي دولت جين جي نالي ڪئي. ڇو؟

پيئر ذهن ۾ اهو ئي سوال کڻي بندر ڏانهن هليو وڃي ٿو. سندس ذهن ۾ جهڙو ڪوهيڙو آهي ٻاهر به اهڙو ڪوهيڙو لڳو پيو آهي. هو انهي ۾ پٽڪندو رهي ٿو. هو تڪليف ڏيندڙ شدت سان انهي سوال جو جواب ڪڍڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ته ڇا جين ماريڪل جو پٽ هو؟ هو انهي ماڻهو جي ٿاهه ٺوهه ۽ نفاست ذهن ۾ آڻي ٿو ۽ کيس احساس ٿئي ٿو ته اهڙو ماڻهو مونشئير رولينڊ سان دوستي نه رکي ها. هن کي ياد اچي ٿو ته هو سندس ماءُ کي گلاب جا گل ڏيندو هو ۽ هن جا به جيئن وانگر سونهري وار هوندا هئا ۽ گهر ۾ سندس هڪ ننڍڙي تصوير هوندي هئي. اها هاڻي

پر هوا هو بہ سوچي ٿو تہ پيئر بابت ڪجھ ڪرڻو پوندو جو هاڻي ظاهر هو تہ هو گھر ۾ نہ رهي سگھندو.

انهي نقطي کان پوءِ مونشيئر رولينڊ کان سواءِ گھر ۾ موجود هر فرد تي ناقابل برداشت دٻاءُ ختم ٿيندو وڃي ٿو جو مسئلي جو حل نڪري آيو آهي. پيئر ساموئيڊي جهاز جي ڊاڪٽر طور ٻاهر ويندو هليو. اهڙي نوڪري هٿ ڪئي وئي آهي، روانگي جون تياريون ٿي رهيون آهن ۽ هو ڏکايل دل سان شهر ۾ موجود پنهنجن دوستن کان موڪلائي ٿو هن کي آخر تائين اها خبر نہ ٿي پوي تہ هن جين تي جيڪو الزام مڙهيو هو سندس ماءُ اهو قبول ڪيو يا انهي کان انڪار ڪيو. هن کي خود جيتوڻيڪ چڱي خاصي پر مڪمل طور پڪ نہ آهي. هن ۽ سندس ماءُ جي وچ ۾ تعلق جي صورت اها آهي جو هڪ پاسي پڇتاءُ آهي ۽ ٻئي پاسي ڏوهہ ڀريل غمگيني آهي. ماءُ کي پٽ سان پيار آهي پر ڪيس خبر آهي تہ هو رهي نہ ٿو سگھي. اهڙي طرح جنهن صبح جو سندس جهاز روانو ٿيڻو هو تڏهن سندس ڪٽنب جا ڀاتي هن کان موڪلائڻ لاءِ سندس ڪيبن ۾ گڏ ٿيا آهن. سندس ماءُ کي ڪارو لباس پهريل آهي سندس وار جيڪي ڪجھ مهينا اڳ تائين اڇا ڪارا هئا هاڻي مڪمل طور اڇا ٿي ويا آهن. هو ڏکوئيندڙ ماٺ کي ختم ڪرڻ لاءِ سندس ڪيبٽ ۾ موجود دوائن جي خاصيتن بابت ڳالهائڻ لڳي ٿو. پوءِ مونشيئر رولينڊ تجويز ڏئي ٿو۔ هن کي انهي دکدائڪ ڳالھ بابت اڃا بہ ڪا خبر نہ آهي۔ ڪين هڪ ٻيڙي تي چڙهي سمنڊ ۾ ڪجھ اڳيرو وڃي کيس الوداع ڪرڻ گھرجي. آخري منظر ۾ پيئر پنهنجي جهاز جي ڀاڇيل تي اڪيلو بيٺو آهي. سندس جهاز جي پٺيان ايندڙ هڪ ننڍڙي ونجهن واري ٻيڙي ۾ سندس ڪٽنب وينو آهي. هو هٿ لوڏي انهن کي الوداع ڪري ٿو. اتان جواب ۾ سندس ماءُ هن ڏانهن سندس ٻانهون پکيڙي ٿي. پوءِ ڪناري تي واپس اچي هوءَ پاڻي ڏانهن نهاري ٿي پر جهاز هليو ويو آهي ۽ ٿورڙي اڇي رنگ جي دونهين کان سواءِ بيو ڪجھ بہ نظر نہ ٿو اچي. اهو بہ ايترو پري ۽ ايترو هلڪو آهي جو اهو ڪوهيڙي وانگر لڳي ٿو. اهڙي طرح هن سان گڏ سندس ٻيڙا ۽ ڏوهہ رهجي وڃن ٿا. جين کي ورثي ۾ مليل دولت ملي ٿي. بابا رولينڊ وٽ پنهنجيون خام خياليون رهن ٿيون ۽ ويچاري بي گناهہ پيئر کي پين جي ڪري گھر ڇڏڻو پيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هينري جيمس انهي ڪهاڻي کي هر نقص کان آجو قرار ڏنو ۽ مويا سان جي سڀ کان تازي سوانح نگار انهي کي فڪشن ۾ اهڙو سڀ کان ڏکو ليک ڪونيو آهي جنهن ۾ هو هر جاءِ تي بهترين انداز ۾ آهي. مشهور نقاد جوليس ليميٽر هن ڏانهن لکيو هو: ”تنهن جي ڪيل ڪم کان ڪنهن جو به ڪم وڌيڪ تکو ۽ تيز وڌيڪ سٺي نموني رٿيل، وڌيڪ سٺي نموني لکيل ۽ وڌيڪ مهارت وارو نه آهي“. هتي ليميٽر انهي ڳالهه جي واکاڻ ڪئي آهي جنهن کي ليٽن اسٽريچي ڪيترا ورهيه پوءِ اهڙو اعليٰ اصول ڪوٺيو جنهن فرانس جي ليکڪن جي زمانن کان ڪنهن ستاري وانگر رهنمائي پئي ڪئي آهي: ”سوچ ويچار، مقصد ۽ باترتيب حسن جي شعوري ڳولها جو اصول“. پر مويا سان پاڻ پنهنجي ماءُ کي فقط ايترو چيو هو: ”مون کي پڪ آهي ته ڪتاب سٺو آهي“.

ᴥ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 67. دي گولڊن بف

## ـــ سر جي. جِي. فريزر (1854ـ1941)ـــ

روم جي ڏکڻ ۾ آلبان هلز ۾ گهڻو اندر ليڪ آف نيمي (Lake of Nemi) واقع آهي. پراڻي زماني جا ماڻهو انهي کي Diana's Mirror ڪوٺيندا هئا ۽ اها ڳالهه سولائي سان تصور ڪري سگهجي ٿي تہ اها ديوي انهي جي اڪيلي ڪناري تي اچا تائين لامارا ڏيندي رهي ٿي. اڳئين زماني ۾ انهي جي ڪنارن تي ڊيانا نيمورينسز يا Diana of the woods سان منسوب مندر هوندو هو ۽ مندر جي ويجهو وڻن جو هڪ جهڳٽو هوندو هو. انهي کي پاڪ پوتر سمجهيو ويندو هو. سڀ کان ويجهو شهر آريشيا (Aricia) ٽي ميل پري هو ۽ ڍنڍ ۽ جهڳٽي ٻنهي کي ڪڏهن ڪڏهن اهو نالو ڏنو ويندو آهي.

منظر تمام سهڻو آهي ۽ ٽرنر جي مشهور پينٽنگ انهي سان انصاف ٿي ڪيو آهي. پر پراڻي دور ۾ انهيءَ سهڻي دبيهي منظر تي ڏاڍو ڏکدائڪ ۽ بار بار ورجائجندڙ واقعو ٿيو هو. چاڪاڻ تہ ”وڻن جي انهي پاڪ پوتر جهڳٽي ۾ هڪ اهڙو وڻ ڦٽو هو جنهن جي چوڌاري ڏينهن جو ڪنهن بہ وقت ۽ شايد رات جو بہ دير تائين هڪ شڪل ڦيرا ڏيندي ڏسي سگهبي هئي. هن جي هٿ ۾ هڪ اُگهي تلوار هوندي هئي ۽ هو ڏاڍي چوڪسي سان پنهنجي اردگرد ائين پيو ڏسندو هو ڄڻ تہ هن تي ڪنهن بہ وقت ڪو دشمن اچي ڪڙڪندو. هو هڪ پروهت ۽ خوني هو ۽ هو جنهن ماڻهو کان چوڪس رهندو هو اهو دير سوير اچي کيس قتل ڪري ها ۽ انهي جي جاءِ تي پاڻ پروهت ٿئي ها. خانقاهہ جو اهو ئي قاعدو هو. پروهت ٿيڻ جو اميدوار موجوده پروهت کي قتل ڪري ئي اهو عهدو ماڻي سگهيو ٿي ۽ هو خود تيستائين

---

انهي ڪتاب جو جادو ۽ سائنس جي نالي سان سومار علي سومري ترجمو ڪيو جيڪو سنڌي ادبي بورڊ پاران ڇپيل آهي. سنڌيڪار.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پروهت رهندو هو جيستائين هن کان وڌيڪ مضبوط ۽ هوشيار اميدوار کيس خون نه ڪري“.

اهو تڪرو گذريل صدي ۾ ڇپيل تمام اهم ڪتابن مان هڪ ڪتاب مان کنيو ويو آهي انهي جو نالو آهي The Golden Bough ۽ انهي جي ليکڪ جو نالو آهي سر جيمس جارج فريزر.

ريفرينس جي ڪتابن ۾ فريزر کي سوشل اينٿراپالاجسٽ ڄاڻايو ويندو آهي ۽ اها ڳالهه غلط به نه آهي. پر هو گهڻو ڪجهه وڌيڪ به هو. هن جي تحرير ۾ ڏاڍي دلڪشي هوندي هئي. هو پنهنجي ملڪ ۾ دور جي تمام عظيم ڪلاسيڪي عالمن مان هڪ هو. اچا وڌي ڳالهه اها ته هو تمام ڳوڙهي ذهانت ۽ تمام همدرداڻي ادراڪ جو مالڪ هو جنهن سبب هو انساني ثقافت ۽ مذهبي وارثائن جي تمام اونداهن ۽ تمام منجهائيندڙ ميدانن تي به روشني وجهي سگهندو هو.

هو 1854ع ۾ گلاسگو ۾ ڄائو هو. سندس پيءُ اتي ڪيمسٽن جي هڪ فرم ۾ سينئر پارٽنر هو. هو سن 1841ع ۾ فوت ٿيو. هو گلاسگو يونيورسٽي مان ٽرنٽي ڪاليج ڪئمبرج ويو جتي کيس 1879ع ۾ فيلو چونڊيو ويو. هو زندگي جي پڇاڙيءَ تائين انهي حيثيت ۾ رهيو. دي گولڊن بف جو پهريون حصو 1890ع ۾ منظر تي آيو ۽ پوءِ ٻيا حصا به ڇپبا رهيا تان جو 1915ع ۾ ٻارهون جلد ڇپجڻ سان ڪتاب پورو ٿيو. ڏکهن نوٽن کان سواءِ ڪتاب جو هڪ جلد ۾ اختصار 1922ع ۾ آيو ۽ اڪثر پڙهندڙن لاءِ اهو ئي سندس مقصد لاءِ ڪافي ٿيندو.

هاڻي Golden Bough (سونهري ٽاري) ڪهڙي هئي؟ سولن لفظن ۾ ڳالهه ڪجي ته اها نيمي ڍنڍ جي ڪناري تي وڻن جي جهڳٽي مان وڻ مان ٽٽل ٽاري هئي. مندر جي زمانن کان هلندڙ ريت موجب جيڪو ماڻهو جهڳٽي ۾ گهري وڃڻ ۽ انهي وڻ مان ٽاري پٽڻ ۾ ڪامياب ٿيو ٿي اهو پروهت سان دويدو مقابلي جي حق جي دعوي ڪري سگهيو ٿي. هو جيڪڏهن کٽي ويو ٿي ته هن پاران قتل ٿيل ماڻهو جي جاءِ تي هو پروهت ۽ ٻيلي جو بادشاهه (King of the wood) ٿي ويو ٿي ۽ تيستائين ڏهڪاءَ سان راڄ تي ڪيو جيستائين هو پنهنجي واري اچڻ تي شڪست کائي ۽ قتل ٿي وڃي. جانشيني جي انهي عجيب قاعدي جون پاڙون ماضي جي ڏُنڌ ۾ هيون پر اهو تاريخي دور ۾ به جاري رهيو ڇاڪاڻ ته اسان کي خبر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ ٿي ته شهنشاهه ڪاليگلا (پهرئين صدي عيسوي)۔ اهو سوچي ته "پيلي جو بادشاهه" ڪافي ڊگهو عرصو راڄ ڪري چڪو هو۔ هن جي تاڙ ۾ ويهڻ ۽ هن کي قتل ڪرڻ لاءِ هڪ وڏيڪ سگهارو بدمعاش پاڙي تي ڪيو هو.

جنهن مڙهيءَ ۾ پروهت پنهنجيون ذميواريون سرانجام ڏيندو هو اهو ڊيانا ڏانهن منسوب هو جنهن جي پيلن ۽ جهنگلي جيوت جي ديويءَ طور عزت ڪئي ويندي هئي. انهي بابت اهو به ويساهه رکيو ويندو هو ته هوءَ مردن ۽ عورتن کي اولاد عطا ڪري ٿي ۽ ويم دوران مائرن جي مدد ڪري ٿي. هن جو جيئڻ ته جنسي معاملن سان ايترو ويجهو تعلق هوندو هو تنهن ڪري فرض ڪيو ويو هو ته هن کي ڪونر ساٿي به هئڻ گهرجي ۽ ڪلاسيڪي ڏند ڪٿا موجب انهيءَ ديوتا جو نالو ورپياس هو. تاريخي دور ۾ لڳي ٿو ته نيميءَ ۾ پروهتن جو هڪ سلسلو ورپياس پيلن جي بادشاهن جي نمائندگي ڪندو هو جن کي انهن جا جانشين باقاعدگي سان تلوار سان ختم ڪندا رهندا هئا ۽ انهن جون زندگيون هڪ لحاظ کان انهي جهڳٽي جي انهيءَ خاص وڻ سان ٻڌل هيون جنهن مان ڪنهن دلير نئين ايندڙ کي سوني ٽاري پٽڻي هئي ڇاڪاڻ ته جيستائين اهو وڻ محفوظ هوندو هو تيستائين پروهت حملي کان محفوظ هوندو هو.

فريزر کي اها قديم ريت ڏاڍي دلچسپ لڳي ۽ انهيءَ جي وضاحت ۾ درپيش مسئلا هڪ چيلينج پٺي ڏسڻ ۾ آيا. هن پاڻ کان پهريون سوال اهو پڇيو ته نيميءَ جي پروهت کي پيلن جو بادشاهه ڇو ٿي سڏيو ويو؟ انهيءَ عهدي کي بادشاهت ڇو ٿي ڪوٺيو ويو؟ ڪيس اها ضرور خبر هئي ته قديم دنيا ۾ ڪيترائي بادشاهه عام طور پروهت به هوندا هئا ۽ انهن جي خدا ۽ انسان جي وچ ۾ سفارشي جي ڪردار سبب اڪثر حالتن ۾ انهن جي خود خدا طور پوڄا ڪئي ويندي هئي. انسان۔ ديوتا (Man_god) جي نظريي تي پهچڻ جو هڪ رستو اهو هو. پر هڪ ٻيو رستو به هو. شروعاتي سماج ۾ بادشاهه گهڻو ڪري پروهت هئڻ سان گڏوگڏ هڪ جادوگر به هوندو هو ۽ اڪثر حالتن ۾ ائين لڳندو هو ته هن ڪاري علم ۾ پنهنجي مهارت سبب طاقت ۽ اختيار حاصل ڪيو هو.

فريزر "جادو جي اصول" جوبن حصن ۾ تجزيو ڪري ٿو. پهريون مشابهت جو قانون (Law of Similarity) آهي يعني ڪا به شي پاڻ جهڙي ئي ڪا شي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيدا ڪندي آهي يا اهو ته نتيجو پنهنجي اثر جي مشابه هوندو آهي. ٻيو حصو لاڳاپي جو قانون (Law of contact or Contagion) آهي انهي جو مطلب اهو آهي ته جيڪي شيون ڪنهن وقت ۾ هڪ ٻئي سان لاڳاپي ۾ رهيون هيون اهي طبعي يا جسماني تعلق نه رهڻ کان پوءِ به فاصلي تان هڪ ٻئي تي عمل ڪنديون رهنديون. هن مطابق جادو، "فطري قانون جو هڪ جعلي نظام هئڻ سان گڏوگڏ هلت چلت جو هڪ مغالطي تي ٻڌل رهنما آهي. اهو هڪ ڪوڙي سائنس هئڻ سان گڏوگڏ هڪ ناڪام آرٽ پڻ آهي". هو انهن ٻنهي قانونن جي مثالن ۾ ڪيترائي صفحا ڀري ٿو ڇڏي اهي مثال ڪيترن ئي ملڪن ۾ قومن ۾ خاص طور وحشي قومن مان ورتل آهن ۾ هتي اها ڳالهه به ٻڌائي ڇڏجي ته فريزر ڪڏهن به ڪو وحشي زنده نه ڏٺو هو نه ئي هو ڪنهن اهڙي ملڪ ويو هو جتي ڪو وحشي ڏسڻ جو ڪو امڪان هجي ها. هن ڪي وحشين جي زندگي بابت جيڪا به معلومات هئي اها هن ڪتابن مان حاصل ڪئي هئي يا ٻين ماڻهن ڪيس ٻڌائي هئي. انهي جو نتيجو اهو نڪتو جو هن ۾ وحشين ڏانهن همدردي جو لاڙو پيدا ٿي ويو. انهي جي باوجود به هو اها ڳالهه مڃي ٿو ته اهي ڪڏهن ڪڏهن هڪ ٻئي کي ماريندا ۽ انهن مئلن جو گوشت به کائيندا آهن.

هتي اهو خيال به پيدا ٿئي ٿو ته فريزر جيڪڏهن ڪنهن افريقي حڪيم سان ملي ها ته هو جادوگر بابت اهڙن سٺن لفظن جو اظهار نه ڪري ها. جادوگري (هو لکي ٿو) به انهن رستن مان هڪ هو جنهن تي هلندي تمام قابل انسانن طاقت ۽ اختيار حاصل ڪيو. انهيءَ انسان ذات جي ڪا گهڻ خدمت نه ڪئي آهي. "ڪاري علم جيڪڏهن گهڻو نقصان ڪيو آهي ته ڪيترين ئي چڱاين جو سرچشمو به رهيو آهي. انهيءَ کان جيڪڏهن غلطيون ٿيون آهن ته اهو آزادي ۽ سچ جو سرچشمو به رهيو آهي". انساني تاريخ ۾ جادو مذهب کان وڌيڪ قديم آهي ۽ انهي جي موثر هئڻ تي وبساهه "هڪ عالمگير عقيدو آهي ۽ اهو ڪيٿولڪ مسلڪ جي عين مطابق آهي".

فريزر مطابق جادو مذهب بجاءِ سائنس جي وڌيڪ ويجهو آهي ۽ هو مذهب جي وصف هنن لفظن ۾ ڪري ٿو: "انسان کان برتر ڪجهه اهڙين طاقتن جو راضپو ۽ مصالحت جن بابت سمجهيو وڃي ٿو ته اهي فطرت ۽ انساني زندگيءَ کي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هلائين چلائين ٿيون“. پروهت پيپنائون ڏئي، مناجاتون پڙهي ۽ ٻيون ريتون رسمون ڪري انهن طاقتن کي قائل ڪرڻ جا جتن ڪن ٿا ۽ اهي ڪڏهن ڪڏهن ته انهي خالص ۽ پاڪ مذهب جو مظاهرو به ڪن ٿا جنهن بابت سينٽ جيمس ڳالهيون ٻڌايون آهن. ٻئي طرف وري جادوگرن کي اها مڪمل پڪ هوندي آهي ته اهي مافوق الفطري طاقتن کي مجبور ڪرائي انهن کان پنهنجا ڪم ڪرائي سگهن ٿا بشرطيڪ اهي درست منتر ڪم آڻين ۽ مناسب ريتون رسمون ادا ڪن.

زرخيزي کان وڌيڪ ٻئي ڪنهن ميدان ۾ اها پابندي ايتري ضروري نه سمجهي ويندي آهي. فريزر جي سڀ کان وڌيڪ پُر مغز بابن مان هڪ The Influence of Sexes on Vegetation آهي. هو چوي ٿو ته يورپ جا بهار ۽ اونهاري جي مند جا جشن اسان جي جهنگلي ابن ڏاڏن پاران پراڻي جادو جي اصولن مطابق وڻن ۽ ٻوٽن جي ڦوٽهڙي ۾ تيزي آڻڻ جون ڪوششون هيون. اهي ڳالهيون فقط ڪي علامتي ڊراما يا دهقاني کيل نه هئا جن جو مقصد ڳوٺاڻن حاضرين کي تفريح يا تعليم ڏيڻ هو. پر اهي اهڙا منڊ هئا جيڪي انهي ڪري ڪيا ويندا هئا جيئن ٻيلا ساوا ٿين، سائو گاهه ڦٽي ۽ سنگن ۾ ان ٿئي ۽ گل ٽڙن. ”اهو فرض ڪرڻ بلڪل فطري ڳالهه هئي ته ٻنن ۽ گلن سان ڊڪيل ناٽڪين جي نقلي شادي جهنگ جي پرين جي اصلي شادي جي جيترو سٺي نموني نقالي ڪندي منڊ اوترو ئي وڌيڪ موثر ۽ ڪارگر ٿيندو“

فريزر انهي مان هن نتيجي تي پهچي ٿو ته اسان جا مَي ڊي (May Day)، وهائيٽ سن (Whitson) ۽ مِڊ سمر جا جشن قبل تاريخي دور جي رسمن جي باقيات آهن جن ۾ ايڪٽر شعوري طور ديوتائن ۽ ديوين جا پارٽ ادا ڪندا هئا.

مثال طور ڊائنا کي وٺون ٿا. جيئن اسين ڪجھ دير اڳ ۾ ئي پڙهي آيا آهيون اها فقط وڻن جي ديوي نه اهي پر نيمي جي پاڪ جهگٽي ۾ زرخيزي جي ديوي طور سندس پوڄا ٿيندي هئي. هاڻي انهي اصول مطابق ته زرخيزي جي ديوي پاڻ به زرخيز هئڻ گهرجي. اهو فرض ڪيو ويو ته هن پنهنجي نر ساٿي ورٻياس سان جنسي ميلاپ ڪيو هو. انهن جي شاديءَ ذريعي، ڌرتي، جانورن ۽ انسان ذات جي پيداوارين کي هتي ملندي ۽ اهو به شايد فطري طور سمجهيو ويو ته انهي پاڪ شادي جو جشن جيڪڏهن هر سال ملهايو ويو ته اهو مقصد اڃا وڌيڪ پڪي نموني

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حاصل ٿي ويندو خدائي گهوٽ ڪنوار جا پارٽ انهن جي شبيهن يا زنده ماڻهن پاران ادا ڪيا ويندا هئا“.

اهڙن سمورن عملن ۾ لڳي ٿو ته هر شي جو دارومدار ديوي جي نر ساٿي جي مردانگي تي هوندو هو ۽ هو وقت گذرڻ سان پوڙهو ۽ ڪمزور به ٿيندو هو. پوءِ جڏهن ”بادشاهه“ جي طاقت جواب ڏئي ويندي هئي ته کيس قتل ڪيو ويندو هو ۽ سندس جاءِ تي ٻيو مقرر ڪيو ويندو هو. اسين نيمي جي وحشياڻي رسم جو انهي طريقي سان شايد ڪو سبب ۽ جواز ڳولهي سگهون ٿا جڏهن ڪو وڏيڪ سگهارو ۽ وڏيڪ وحشي ماڻهو پروهت کي قتل ڪري ڇڏيندو هو ۽ ديوي کي جنسي طور وڏيڪ سگهارو مڙس مهيا ڪري ڏيندو هو.

جيڪڏهن وڻن ٽڻن ۽ جانورن جي زندگي ۾ واڌ ويجهه ۽ زوال جو دارومدار نيمي جي ٻيلي جي بادشاهه خدائي بادشاهن جي طاقت ۾ اچڻ ۽ ڪمزور ٿيڻ تي ونجي ته موسمن جي تبديلي جي تشريح به جمنڊڙ ۽ مرنڊڙ ديوين ۽ ديوتائن کي سامهون رکندي ڪبي. انهي عقيدي کي اٽيس ۽ سندس زال سائبيل ۽ آئيسس ۽ ايجيپٽ سان لاڳاپيل مندن جي ڊرامن ۾ اظهار مليو آهي.

فريزر جي ڪجھ بهترين تحريرن جا مثال قديم دنيا جي انهن زرخيزي جي مسلڪن جي بيان وارن بابن ۾ ملن ٿا. هو انهي راءِ تي پهتو آهي ته اهي سيئي ماتا ديوي (Mother Goddess) جا پوڄاري هئا جيڪا فطرت جي پيداواري صلاحيتن جي تجسيم هئي ۽ انهي سان هڪ عاشق يا عاشقن جي هڪ قطار لاڳاپيل هوندي هئي جيڪي اُلوهي هئڻ سان گڏوگڏ فاني پڻ هوندا هئا. جن سان هوءَ هر سال ميلاپ ڪندي هئي ۽ انهن جي جنسي ميلاپ کي ٻوٽن ۽ جانورن جي واڌ ويجهه لاءِ ضروري سمجهيو ويندو هو. وري انهي ديوتائي جوڙي جي خيالي ميلاپ جو ديوي جي آستانن تي جيتوڻيڪ عارضي طور تي حقيقي نموني انساني جنسن جي ميلاپ جي صورت ۾ ويس ڏاريو ويندو هو ۽ اهڙي طرح ڌرتي جي پيداواريت ۽ انسانن ۽ جانورن ۾ واڌاري جي پڪ ڪئي ويندي هئي. فريزر قديم ڌرمي پوڄائن جي هڪ خصوصيت ڌرمي جنسي اختلاط جي اها توجيهه پيش ڪئي آهي.

فريزر ڪلاسيڪي تهذيبن جي طور طريقن جي انهي جائزي کان پوءِ اتر يورپ ۽ ٻين ڪيترن ئي علائقن ۾ اهڙين ريتن رسمن خاص طور اناج ماتا (Corn

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(Mother) ۽ اناج ناري (Corn Maiden) بابت عقيدن جي تحقيق ڏانهن رخ ڪري ٿو. هڪ باب اناج روح (Corn _ Spirit) هڪ جانور جي حيثيت ۾ ۽ هڪ باب ساوڪ جي اهڙن خدائن بابت جيڪي جانورن جي شڪل اختيار ڪري سگهيا ٿي بابت آهي. انهي ڪان پوءِ قرباني جي ٻڪرن (Scape goats) جي اپياس ڏانهن وڌي وڃي ٿو. انهي ۾ قديم روم ۾ Saturnalia جي بيان سان گڏوگڏ قديم ميڪسيڪو جي ازٽيڪ قوم ۾ انساني قربانين جو ذڪر پڻ اچي وڃي ٿو. انهي ڪان پوءِ ڪيترائي باب يورپ جي باهه جي جشنن (Fire _ Festivals) ۽ انهن جي اصل سببن جي سمجهاڻي بابت آهن. ڪڏهن ڪڏهن اهڙن ڪجه موضوعن ۽ سندس اصلي موضوع ۾ تعلق واضح طور سمجهه ۾ ئي نه ٿو اچي ۽ انهي الزام ۾ ڪجه وزن آهي ته هر اها ڳالهه جنهن فريزر جي توجه پاڻ ڏانهن ڇڪائي آهي هو اها پنهنجي ضخيم ڪتاب ۾ شامل ڪندو ويو آهي.

اسين آخرڪار نيميءَ جي وڻن جي پاڪ جهڳٽي تي پهچون ٿا. (فريزر چواڻي) اهو يقين ڪرڻ جا سبب آهن ته آريشيائي جهڳٽي جو پروهت- پيلي جو بادشاهه- انهي وڻ جي شڪل اختيار ڪري ويو هو جنهن تي سوني ٽاري ڦٽي هئي. تنهن ڪري اهو وڻ جيڪڏهن شاهه بلوط جو هوندو ته پيلي جو بادشاهه لازماً شاهه بلوط جي روح جي جسماني شڪل هوندي هن حالت ۾ اها ڳالهه سمجهڻ سولي آهي ته هن پاران مارجڻ ڪان اڳ سوني ٽاري پٽڻ ڇو ضروري هئي. شاهه بلوط جي روح طور سندس زندگي يا موت جو دارومدار شاهه بلوط جي وڻ تي چڙهيل آڪاس بيل تي هو ۽ جيستائين آڪاس بيل صحيح سلامت هئي هو نه ٿي مري سگهيو. تنهن ڪري ڪيس قتل ڪرڻ لاءِ آڪاس بيل کي پٽڻ ضروري هو ۽ شايد ته اها هن جي متان اڇلائڻ به ضروري هئي.

پر آڪاس بيل کي سوني ٽاري ڇو سڏيو ويو آهي جڏهن ته انهي ۾ ٽننڊڙ پيرڙا سونهري نه پر اڇاڻ مائل زردي رنگ جا هوندا آهن؟ فريزر وٽ پنهنجو جواب تيار آهي. پهرئين ڳالهه ته آڪاس بيل جي ٽاري ڪٽجڻ ۽ ڪجه مهينا رکجڻ ڪان پوءِ تيز سونهري زردي رنگ جي ٿي ويندي آهي ۽ ٻيو ته اهو به هڪ پراڻو عقيدو آهي ته آڪاس بيل زمين ۾ لڪيل خزانن خاص طور سون جو ڏس ڏيندي آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ اهڙي طرح "اسان جو ڏکيو دريافت جو سفر پورو ٿيو ۽ اسان جي جهاز پنهنجا ٽڪل سڙهه لاٿا آهن ۽ آخرڪار بندر ۾ اچي پهتو آهي.

سن 1954ع ۾ فريزر جي جنم جي سوين سالگرهه جي موقعي تي "دي ٽائيمز" پيپر لاءِ هڪ خاص ليک ڇاپيو هو: انهي جي شروعات هنن لفظن سان ٿئي ٿي: هڪ صدي اڳ پيدا ٿيل سر جيمس جارج فريزر جي تحريرن ۾ Totemism and Exogamy کي شايد سندس سڀ کان وڏو ڪتاب قرار ڏئي سگهجي ٿو پر Folklore in old Testament جا ٽي جلد انهي جي اڪثر پڙهندڙن کي لازماً ڪي انقلابي ڪتاب لڳا هوندا. پر انهي ۾ ڪو شڪ نه آهي ته عام پڙهندڙ لاءِ سندس شهرت جو دارومدار The Golden Bough تي رهندو ۽ سائنس جي حيثيت ۾ انهي بابت حتمي فيصلو ڪهڙو به هجي پر سندس سوين سالگرهه جي موقعي تي اهو چئي سگهجي ٿو ته هڪ ادبي فن پاري طور انهي جي اهميت برقرار آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڳن مڪانن جا نالا ٽوڙڙا لڪائي ڇڏيندو هو. هاڻي مارلاٽ کي مارن هَل سمجهيو وڃي ٿو. اهو ڊورسيٽ جي اتر ۾ هڪ ڳوٺ آهي ۽ شاسٽن شافسٽبري جو قديمي ڳوٺ آهي.

ڊربي فيلڊ وچولي عمر جو هڪ ڇُسو ۽ پياڪ ماڻهو هو ۽ هن سان تعارف واري پهرئين شام ئي جيڪڏهن علائقي جي نواد رات گڏ ڪندڙ ماڻهو پاران ڏنل چاڻ سبب سندس مٿو نہ ڦري ها تہ هن يا سندس ڌيءَ بابت ڪير ڪو اکر بہ نہ ٻڌي ها. هو انهيءَ ماڻهو سان واٽ ويندي مليو هو. انهي کيس ٻڌايو تہ "هو ڊي اربر وائيلس جي قديم ۽ سرداري گهراڻي مان هو جن کي قديم دور ۾ ڪائونٽي ۾ جاگيرون هونديون هيون ۽ انهن کي ڪنگس بيئر جي گرجا گهر ۾ ياد ڪيو ويندو هو.

انهيءَ سادڙي ماڻهو کي اها خبر پئڻ سان ۽ ڪجه ڪل پوڳ ۽ ڪجه حقارت وچان "سر جان" چئي جو مخاطب ڪيو ويو هو تہ انهي ۾ جيڪو خوشي ۽ فخر جو احساس پيدا ٿيو هو اهو انهي وڏيڪ چاڻ ملڻ سان ڪجه گهٽجي ويو تہ انهيءَ ڪٽنب وٽ ڪي حويليون زمينون تہ نهيو هڪ ايڪڙ بہ نہ بچيو هو. بهرحال هن Pure Drop Inn ڏانهن هڪ ڇوڪرو موڪلڻ ۾ ڪو اهم نہ سمجهيو تہ "سر جان" کي گهر موڪلڻ لاءِ بنا دير هڪ گهوڙي گاڏي موڪلي وڃي. گڏوگڏ هن اهو بہ چوائي موڪليو تہ "گاڏي ۾ هڪ ننڍي بوتل ۾ رَم بہ رکرايو ۽ حساب منهنجي کاتي ۾ لکي ڇڏيو".

ٽيس آڪاٽي ۾ ڪجه صفحا پوءِ منظر تي اچي ٿي. هوءَ تڏهن ساليانيClub Walking ۾ ڳوٺ جي ٻين ڇوڪرين سان گڏ گهمي رهي هئي جو سندس توجہ پنهنجي پيءُ ڏانهن ڇڪرائي وئي. هو آهستگيءَ سان هي ٻول جهونگاريندو پئي آيو: "مون کي ڪنگس بيئر ۾ هڪ وڏو خانداني تهہ خانو مليو آهي. منهنجا ابا ڏاڏا اتي شيهي جي تابوتن ۾ پيا آهن!" انهي دوران هو پنهنجو هٿ پنهنجي مٿي جي مٿان ڦيرائيندو پئي آيو. ڇوڪريون جيڪي کيس گهٽي وقت کان سڃاڻنديون هيون اهي کلڻ لڳيون پر سندس ڌيءَ نہ کلي. اها لڄ ۾ ڳاڙهي ٿي وئي ۽ انهن کي رهڙون ڏنائين تہ اهي ماٺ ٿي وڃن. اها ڏاڍي سني ۽ سهڻي ڇوڪري هئي ۽ اسان کي ٻڌايل آهي تہ سندس "ڳل جي مکڙي جهڙو ڇرندڙ پرندڙ وات ۽ وڏيون معصوم اکيون سندس رنگ ۽ شڪل شباهت ۾ فصاحت پيري ڇڏينديون هيون". هوءَ

واري ميدان تي ڊانس ڪندي نظر آيو هو. هن کي جيتوڻيڪ اها ڳالهه ياد نه هئي پر جلدئي هن محسوس ڪري ورتو ته ڪيس هن سان وڏ کان وڏ محبت ٿيندي پئي وڃي. هو اتي شاگرد هو ۽ جلدئي پنهنجو فارم ڪولڻ جو ارادو هوس. ڪيس انهي سهڻي ڇوڪري کان سٺي ٻي ڪهڙي زال ملي ها جنهن جو ڳوناٽي زندگي سان اينترو گهرو تعلق هو ۽ جيڪا اينتري سٺي، اينتري معصوم ۽ اينتري پاڪ پوتر هئي؟ سندس ماءُ پيءُ۔ سندس پيءُ مسٽر ڪليئر ويسٽ ڊورسيٽ ۾ هڪ ڳوٺ ۾ پادري هو۔ ڪو وڏو اعتراض نه ڪيو ۽ اينجل ٽيس جي سامهون بار بار محبت جو اظهار ڪيو ۽ اها ڳالهه ڏسي هن کي حيرت ٿي ته هن هڪ دفعو نه پر بار بار ڪيس انڪار ڪيو. هن کي اها ڳالهه سمجهه ۾ نه پئي آئي پر ٽيس وٽ پنهنجا عورتاڻا سبب هئا. هن کي اينجل سان بي انتها محبت هئي هن اهڙي طرح اڳ ۾ ڪنهن کي به نه چاهيو هو پر ڪيس احساس هو ته سندس ماضي هڪ پڪي رڪاوٽ هو. هن صلاح مشوري لاءِ پنهنجي ماءُ کي خط لکيو ۽ سندس ماءُ ڪيس سختي سان چيو ته هو هڪ اکر به نه ڳالهائي. پر ٽيس جي سوچ مختلف هئي ۽ هن ڪيترن موقعن تي اها ڪوشش ڪئي ته هوءَ اينجل کي پنهنجي شروعاتي دور جون ڳالهيون ٻڌائي اهڙو آخري موقعو سندن شادي واري صبح جو آيو هو. هن ڪلندي ڪلندي ٽيس جا اعتراف پڙهڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو جڻ ته هن وٽ اعتراف ڪرڻ جهڙي ڪا ڳالهه ئي نه هئي!

اهڙي طرح انهن جي شادي ٿي وئي ۽ انهي شام جڏهن اهي پنهنجي هني مون لاءِ ڇونڊيل قديم گهر ۾ هڪ هٽي جي پرسان ويٺا هئا۔ عام طور سمجهيو وڃي ٿو ته اهو وول (Wool) ۾ پل جي پرسان وارو گهر آهي۔ ته هن ڪيس ٻڌايو ته ڪيئن هڪ نوجوان ڪيس ورغلايو هو ۽ انهي مان بار چاڻو هو ۽ هن "پنهنجي سڀ کان پياري مڙس" کان ٻُڌڻ چاهيو ٿي ته هن ڪنهن سان به محبت نه ڪئي هئي. هن به پنهنجي نوجواني جي ڪجه ٻي راهه روين جو اعتراف ڪيو ۽ ٽيس ڪيس فوراً معاف ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي دلي سادگي ۽ شديد محبت ۾ اهو سمجهي ويٺي ته هو به ڪيس معاف ڪري ڇڏيندو. پر اينجل ڪليئر هڪ جدا قالب ۾ ٺهيل هو. هن تي جسماني سالميت جو اينترو خبط سوار هو جو هو سندس فطرت جي پاڪائي جو احساس ئي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ ڪري سگھيو. هن ڪيس ڏڪاري ڇڏيو ۽ آخرڪار ڪيس ڇڏي برازيل ۾ ڪو فارم شروع ڪرڻ ويو هليو.

ٽيس وٽ ٿورا پئسا وڃي بچيا هئا پر هن اهي پنهنجي فضول خرچ ڪٽنب جي مدد ۾ جلدئي خرچ ڪري ڇڏيا ۽ هڪ دفعو وري فارم تي نوڪري ڪرڻ لڳي. هن کي بنهين ۾ تمام محنت وارو ڪم ڪرڻو پوندو هو. اتي اليڪ ڊي اربروائيل ڪيس ڏسي ورتو. هن ۾ هاڻي سڌارو اچي ويو هو. هو ايوانجلي تبليغي جي حيثيت ۾ ڳوٺ ڳوٺ گھمندو وتندو هو. انهيءَ ۾ اها تبديلي اينجل جي پيءُ ڪرائڻ مسٽر ڪليئر کان سواءِ ڪنهن آندي هوندي؟ تبديلي جيتوڻيڪ صحيح ٿيل هئي پر اليڪ جنهن ڇوڪري کي ورغلايو هو انهي کي ڏسڻ کان پوءِ اها برقرار نہ رهي سگھي.

ٽيس پنهنجي مرضي جي بلڪل برخلاف ڪيس ٻي سهارا ڊربي فيلڊس جي ڪجھ مدد ڪرڻ ڏني پر هوءَ وقت بوقت پنهنجي مڙس ڏانهن خط لکندي رهندي هئي ۽ ڪيس ايلاز منٿون ڪندي هئي تہ هو انهي عورت وٽ موٽي اچي جيڪا ڪيس چاهيندي هئي ۽ ڪيس انهي کان سواءِ ٻئي ڪنهن سان بہ محبت نہ هئي. جيتوڻيڪ خطن پهچڻ ۾ دير ٿيندي هئي پر اينجل ڪليئر آخرڪار انگلينڊ موٽي آيو. هن کي هڪ تہ تڪليفون پهتيون ۽ بيماريون آيس ٻيو وري سوچ ويچار جو موقعو مليس تہ پنهنجي حماقت جو احساس ٿي ويس. هن کي انهي ڇوڪري جي اصلي قدر و قيمت جي هاڻي خبر پئي جنهن جي محبت ۾ لڳاءُ کي هن رد ڪري ڇڏيو هو. هن کي ڪجھ وقت تائين تہ هن جو ڪو پتو نہ پئجي سگھيو پر آخرڪار ڪيس ڳولهي لڌائين. تڏهن هوءَ سينڊبورن ۾ ڊي اربروائيل ڪٽنب جي نوڪرياڻي جي حيثيت ۾ هڪ سٺي گھر ۾ رهندي هئي. شروع ۾ هو صورتحال سمجھي نہ سگھي ۽ ڪيس منٿ ڪيائين تہ هو مٿس اعتبار ڪري تہ هو بدلجي ويو آهي. هن کي ڇڏي وڃڻ تي ڪيس ڏاڍو افسوس ٿيو آهي. هن سندس هٿن کي پري ڪري ڇڏيو. "هاڻي تمام گھڻي دير ٿي وئي آهي". هن چيو "تمام گھڻي دير: تمام گھڻي دير. نہ تون ائين نہ ڪر. تون منهنجي ويجھو نہ اچ. پوءِ جڏهن هو اچا بہ ڳالهہ نہ سمجھيو تہ هن ڪيس بغير ڪنهن رڪ رڪاءُ جي ۾ ڏاڍي ڏک سان ٻڌايو تہ: "هن مون کي وري پاڻ ڏانهن مائل ڪري ورتو آهي". پر ڪيس هن سان محبت نہ هئي. انهي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"انهي مان ڪجه نہ ورندو سائين". انهن مان هڪ ماڻهوءَ چيو. ميدان تي اسين ڪُل سورنهن ماڻهو آهيون". هن انهن کي ايلاز ڪيا تہ هو ڪيس پنهنجي ننڊ پوري ڪرڻ ڏين. اهي استون هينج جي ٿُلهن ۾ هن جي پرسان بيهي رهيا. هوءَ آخرڪار سجاڳ ٿي. "هي ڇا آهي اينجل؟" هن پڇيو "ڇا اهي منهنجي پٺيان آيا آهن؟" هن وراڻيو "هائو پياري، اهي اچي ويا آهن". هن ماٽ ميٽ ۾ چيو "آءٌ تيار آهيان".

اهڙي طرح اها دکدائڪ ڪهاڻي ۽ دل ڏاريندڙ داستان پنهنجي تلخ انجام ڏانهن وڌي ٿو. پڇاڙيءَ وارن صفحن ۾ اينجل ڪليئر ۽ ليزالو سندس زال جي نوجوان ڀيڻ- ٽيس ڪليئر کي منٿ ڪئي هئي تہ هو سندس وڃڻ کان پوءِ انهي سان پرڻجي- ونچيسٽر مٿان ٽڪري تي بيٺيون جيل جي ٽاور ڏانهن تڪي رهيون هيون. ٽاور جي ڪناري تي هڪ لڪڙو ڪُتل آهي ۽ اٺ وڄڻ کان پوءِ ڪا شي آهستي آهستي لڪڙي تي مٿي چڙهي ٿي ۽ هلڪي هوا تي پکڙجي وڃي ٿي. اهو هڪ ڪارو جهنڊو آهي. "انصاف" ٿي ويو هو ۽ هڪ ايسڪيلائي فقري مطابق لافانين جي صدر (President of the Immortals) ٽيس سان پنهنجو کيل پورو ڪيو ۽ اربروائيل ڪٽنب جا سردار ۽ عورتون انهي کان بي خبر پنهنجن مقبرن ۾ ستل رهيا. ٻہ چپ چاپ نهاريندڙ ائين زمين ڏانهن جهڪي ويا جيئن پوڄا پاٺ ڪندا هجن ۽ بغير چُرپر جي گهڻو وقت ائين ئي رهيا: جهنڊو ماٺ ميٺ ۾ ڦڙڪندو رهيو. انهن ٻنهي ۾ جيئن ئي سگهه پيدا ٿي اهي اٿي بيٺا وري هڪ ٻئي جي هٿن ۾ هٿ ڏئي ٻئي اڳتي روانا ٿي ويا.

سندس پاڻ مانچيسٽر لڏي ويو هو. انهي سان ملڻ سان الائي ڪيئن هن ۾ نئين زندگي اچي وئي. هن کي ويانا واپس آئي گهڻو وقت نه ٿيو هو جو هن ارنيسٽ بروڪ کي ڳولهي لڌو.

بروڪ (Brucke) هڪ پيرسن ماڻهو هو (۽ مشهور ماهر طبعيات ميئر جو شاگرد هو. انهي جي توانائي جي بقا بابت دريافتن سائنسي حلقن ۾ وڏي هلچل پيدا ڪري ڇڏي هئي. هو پنهنجي دور جو هڪ عظيم ترين فزيالاجيڪل محقق هو.) فرائيڊ سمجهڻ لڳو ته کيس بروڪ جي ليبارٽري ۾ اها شي هٿ اچي وئي آهي جنهن جي هو ڳولها ۾ هو. هو ايندڙ ڇهن ورهين تائين پنهنجي استاد جي رهنمائي هيٺ تحقيق ڪندو رهيو. هو انهي ڪم ۾ ايترو ته محو ٿي ويو جو پنهنجي باقي رهيل طِبي تعليم کي به پاسي تي ڪري ڇڏيائين ۽ معمول وارن پنجن ورهين بجاءِ اٺن ورهين ۾ ڊگري ورتائين. هو تڏهن به ائين نه ڪري ها جيڪڏهن بروڪ کيس بغير ڪنهن رک رکاءَ جي اهو نه چئي ڇڏي ها ته هو کيس پنهنجو اسسٽنٽ بڻائڻ جو ڪوارادو نه ٿو رکي.

هو طب جي تعليم مان فارغ ٿيڻ کان پوءِ ويانا جنرل هاسپيٽل ۾ انٽرن (Intern) ٿي ويو ۽ ٿوري وقت ۾ ئي جونيئر ريزيڊنٽ فزيشن ٿي ويو. اتي اسپتال ۾ هو پنهنجي دور جي هڪ سرڪردي نفسياتي علاج جي ماهر ٿيوڊورميئرٽ جي زير اثر اچي ويو. هن بروڪ جي ماتحتي ۾ تنتي سرشتي جو اڀياس ڪيو هو ۽ ميئرٽ جي ماتحتي ۾ انسان جي مرڪزي تنتي سرشتي جو اڀياس ڪيائين.

قسمت هن جو ساٿ ڏنو ۽ هن کي سفري اسڪالر شپ ڏني وئي جنهن سندس رٿا کي ممڪن بڻائي ڇڏيو. هو 1885ع جي سرءُ کان 1886ع جي بهار جي منڊ تائين چارڪوٽ (Chorcot) جي ماتحتي ۾ اڀياس ڪندو رهيو پوءِ هو ويانا موٽي آيو شادي ڪيائين ۽ اعصابي بيمارين جي ماهر طور ڪم شروع ڪري ڇڏيائين.

فرائيڊ کي جلدئي انهي ڏنڌي ۾ موجود پراڻن خيالن جي ماڻهن سبب ڏکيائي پيش اچڻ لڳي. هن چارڪوٽ جي رهنمائي هيٺ جيڪي نوان نظريا ترتيب ڏنا هئا ويانا ميڊيڪل سوسائٽي انهن کي ڌڪاري ڇڏيو ۽ ميئرٽ کيس پنهنجي انسٽيٽيوٽ آف سينٽرل اناٽامي ۾ اچڻ کان روڪي ڇڏيو چاڪاڻ ته کيس

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فرائيڊ پاران پنهنجي علاج ۾ Hypnosis جي استعمال تي اعتراض هو. تنهن ڪري هن وٽ انهي کان سواءِ ٻيو ڪو چارو نہ هو تہ هو هر قسم جي تعليمي سرگرمي کان پاسيرو ٿي وڃي ۽ پاڻ کي مڪمل طور پنهنجي ڌنڌي لاءِ وقف ڪري ڇڏي.

اها ڳالهہ اڻ سڌي طرح هڪ چڱائي ثابت ٿي ڇاڪاڻ تہ سندس پروفيشنل رفيق ٻلي کيس پنهنجين صفن مان خارج ڪري ڇڏين ها پر سندس مريض سندس ايتري تہ واکاڻ ڪرڻ لڳا جو ٿوري عرصي ۾ ئي سندس ڪلينڪ اعصابي مريضن سان ڀرجي وئي. اهي اتاولا لڳا پيا هوندا هئا تہ انهن کي مرض مان ڇوٽڪارو ملي. علاج ڪامياب ٿئي پوءِ ڀلي ڪهڙي بہ طريقي سان ٿئي. فرائيڊ اها ئي ڳالهہ ثابت ڪري رهيو هو. انهن مريضن جو علاج ڪندي ئي هن اهڙا تجربا ڪيا جيڪي سندس پوءِ جي انقلابي دريافتن ۽ نظرين جو بنياد ٿيڻا هئا.

هن ٻهرين ذهن ورهين دوران پنهنجي توجہ هستريا تي مرڪوز رکي ۽ پنهنجي ڪم جا نتيجا 1895ع ۾ Studies in Hysteria نالي ڪتاب ۾ ڇپرايائين. اهو طبي نفسيات جي تاريخ ۾ هڪ سنگ ميل جي حيثيت رکي ٿو ڇاڪاڻ تہ انهي ڪتاب ۾ اها ڳالهہ منظر تي آندي وئي هئي تہ هڪ لاشعوري ذهن (UnConscious mind) جو بہ وجود آهي جتي عصبي بيماريءَ جي پاڙ هوندي آهي. انهي دريافت تي ٻڌل علاج تحليل نفسي (psycho_ analysis) جي هڪ نئين طبي شاخ متعارف ڪرائي.

اهڙا نوان تصور لازماً چڱي خاصي تڪرار کي جنم ڏين ها. پر فرائيڊ کي پنهنجي صحيح هئڻ جي ايتري تہ پڪ هئي جو هن ذهن جي ماهيت دريافت ڪرڻ لاءِ پنهنجا اڀياس جاري رکيا. جلدئي هو اهڙا نظريا پيش ڪرڻ لڳو جيڪي سندس ٻهرين نظرين کان بہ وڌيڪ ڇرڪائيندڙ هئا.

خوابن بابت نظريا بہ اهڙن تازن نظرين ۾ شامل هئا. هن جڏهن سن 1900ع ۾ The Interpretation of Dreams ڇپرايو تہ هن بابت ويانا ۾ هلندڙ تڪرار سموري دنيا ۾ پکڙجي ويو ۽ کيس بين الاقوامي طور شهرت ملڻ يقيني ٿي وئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن جو چوڻ هو ته اهو دور جنهن کي قبل سائنسي چئي سگهجي ٿو انهيءَ ۾ ماڻهن کي پنهنجن خوابن جو مطلب ڳولهڻ ۾ ڪا ڏکيائي نه ٿيندي هئي. انهن کي سجاڳ ٿيڻ کان پوءِ جڏهن ڪو خواب ياد ايندو هو ته انهي کي مافوق الفطري طاقتن جو فائدي مند يا غير فائدي مند اظهار سمجهندا هئا. پر نيچرل سائنس جي واڌويجه سان اهي شروعاتي ڏند ڪٿائون نفسيات ۾ تبديل ٿي ويون ۽ پوءِ پڙهيل لکيل ماڻهن جي فقط تمام ٿوري تعداد کي خوابن جي خواب لهندڙ جي ذهن جي پيداوار هئڻ بابت ڪو شڪ شبهو رهيو.

پر جڏهن کان وٺي ڏند ڪٿائي مفروضي کي رد ڪيو ويو هو تڏهن کان خوابن بابت ڪا نئين سمجهاڻي پيش نه ڪئي وئي هئي. "انهن جي پيدا ٿيڻ واريون حالتون انهن جو سجاڳي واري ذهني زندگي مان تعلق، انهن جو اُنهن محرڪن تي دارومدار جيڪي انهن کي ننڊ واري حالت واري ادراڪ ڏانهن موڪلين ٿا". انهن سڀني ۽ ٻين ڪيترن ئي سوالن جو جواب گهربل هو وري انهن مان سڀ کان اهم سوال خوابن جي اهميت هو.

خوابن جي اهميت بابت تحقيق ۾ ڪيترين ئي ڳالهين جو جائزو ورتو ويجي ٿو. پهرين خواب ڏسڻ جي طبعي اهميت، خوابن جي ذهني ڪارگذاريءَ سان تعلق ۽ خوابن جو جيڪڏهن ڪو حياتياتي عمل آهي ته انهي جو جائزو ورتو ويجي ٿو. وري انهي ۾ اهو ڏسڻ جي به ڪوشش ڪئي ويجي ٿي ته ڇا خوابن جو ڪو تعبير ڪيو سگهجي ٿو ۽ ڇا جدا جدا خوابن جو اهڙو ڪو مطلب ۽ معنيٰ آهي جيڪا ٻين نفسي ساختن (Psychical Structures) ۾ ڳولهي سگهجي.

فرائيڊ اهڙي طرح پنهنجي مسئلي جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ ۽ سائنسدانن ۽ ڊاڪٽرن جي خوابن جي ماهيت بابت تازين ڳالهين جو حوالو ڏيڻ کان پوءِ انهي ڳالهه ڏانهن اشارو ڪري ٿو ته عام راءِ انهي ميدان ۾ سائنسي فيصلن تي ڪو ڪن ئي نه ڏنو آهي ۽ انهي جو اجا به انهي ڳالهه ۾ ويساهه آهي ته خوابن جي اهڙي ڪا معنيٰ آهي جيڪا آئيندي جي اڳڪٿي سان واسطو رکي ٿي ۽ اها تعبير جي ڪنهن طريقي سان معلوم ڪري سگهجي ٿي. خوابن جي تعبير جي هڪ طريقي ۾ اهو جيئن ياد هوندو آهي انهي کي ٽيئن ٽڪرا ٽڪرا ڪري تعبير جي هڪ مقرر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمجهاڻي (Key) تي رکيو ويندو آهي يا انهي ڪي مجموعي طور علامتن جي هڪ سلسلي مطابق پرکيو ويندو آهي.

سنجيده ذهن وارا ماڻهو تہ انهي سموري ڳالهہ تي مرڪي ڏين ها پر هڪ ڏينهن هو اهو ڏسي حيران ٿي ويو تہ خوابن بابت اهو نظريو جيڪو صداقت جي تمام گهڻو ويجهو آهي اهو طبي يعني اهو تہ خوابن جو واحد سبب حواسي ۽ جسماني محرڪ آهن نہ پر عام راءِ وارو آهي. هو انهي دريافت تي نفسياتي تحقيق جو هڪ نئون طريقو لاڳو ڪري پهتو هو. تحليل نفسي جو اهو طريقو خوفن (Phobias) خبطن (Obsessions) ۽ واهمن (delusions) جي حل ۾ ڏاڍو ڪارائتو ثابت ٿيو هو. سائڪوٿيراپي (Psychotherapy) انهي طريقہ ڪار جو شروعاتي نقطو هو جيڪو هن خوابن جي معنيٰ ڪيڻ لاءِ ڪم آندو.

فرائيڊ انهي طريقي جي سمجهاڻي لاءِ پنهنجو هڪ خواب بيان ڪري تحليل نفسيءَ ذريعي انهي جو تجزيو ڪري ٿو. انهي ۾ ڪيس هڪ اصطلاحي نظام (terminology) پڻ متعارف ڪرائڻو پوي ٿو. اهڙين اصطلاحن مان هڪ Manifest dream content آهي: انهي جو مطلب آهي خواب سجاڳ ٿيڻ کان پوءِ جيئن يادگيريءَ ۾ محفوظ رهيو. ٻيو اصطلاح آهي latent dream content اهو خواب جي تجزيي کان پوءِ دريافت ٿيل لاڳاپيل مواد لاءِ ڪم ايندو آهي. هو پوءِ انهي مان پيدا ٿيندڙ ٻن مسئلن جي حل ڏانهن وڌي ٿو. (1) اهو طبعي طريقہ ڪار (Process) ڪهڙو آهي جنهن سبب کان تازي خواب کي Manifest dream content ۾ تبديل ڪيو. (2) اهي هڪ يا هڪ کان وڌيڪ محرڪ ڪهڙا هئا جن انهي تبديليءَ جي راهہ هموار ڪئي؟ ليٽينٽ ڊريم ڪنٽينٽ جنهن عمل تحت مينيفيسٽ ڊريم ڪنٽينٽ ۾ تبديل ٿئي ٿو هو انهي کي ڊريم ورڪ (Dream_ Work) سڏي ٿو. اها ڳالهہ طي ڪرڻ کان پوءِ هو ڪم جي باقي حصي ۾ مينيفيسٽ ڊريم ڪنٽينٽ جي بنياد بہ ٻاءِ تازو دريافت ٿيل ليٽينٽ ڊريم ڪنٽينٽ جي بنياد تي بحث ڪري ٿو.

خوابن کي ليٽينٽ ۽ مينيفيسٽ ڪنٽينٽ ۾ تعلق جي لحاظ کان ٽن طبقن (Categories) ۾ ورهائي سگهجي ٿو. پهريان اهي خواب جن مان ڪو مطلب نڪرندو آهي ۽ اهڙي طرح انهن کي ڪنهن دشواريءَ کان سواءِ اسان جي

ذهني زندگيءَ جي ڪنٽينٽ (Content) ۾ فِٽ ڪري سگهبو آهي. ٻيان اهي خواب جيڪي پنهنجي سر تہ ڪو مطلب رکندا آهن پر خواب لهندڙ کي ٻتال ڪري ڇڏيندا آهن جو هو انهن کي پنهنجي ذهني زندگي (Mental life) ۾ فِٽ نہ ڪري سگهندو آهي. ٽيان اهي خواب جن مان نہ تہ ڪو مطلب نڪرندو آهي نہ ٿي انهن ۾ ڪا معقوليت هوندي آهي. اهي بي ربط منجهيل ۽ بي معنيٰ لڳندا آهن. ٽنهي طبقن مان اهو سڀ کان وڏو طبقو آهي. پهرئين طبقي وارا خواب تجزيو ڪندڙ لاءِ ڪو بہ مسئلو پيدا نہ ڪندا آهن. ٻئين ۽ خاص طور ٽئين طبقي وارا خواب مينيفيسٽ ۽ ليٽينٽ ڊريم ڪنٽينٽ ۾ فرق کي واضح ڪندا آهن ڇاڪاڻ تہ هتي تجزيو ڪندڙ جي سامهون اهڙيون ڳجهارتون اچي وينديون آهن جيڪي تڏهن ئي حل ٿينديون آهن جڏهن مينيفيسٽ خواب جي جاءِ تي ليٽينٽ خيال رکيا ويندا آهن.

هاڻي بہ اهم نقطا منظر تي اچن ٿا. پهريون، مينيفيسٽ ۽ ليٽينٽ ڊريم ڪنٽينٽ ۾ تڪراءِ يا اختلاف جو ڪجهه حصو خواهشن جي پورائي (Wish Fulfilment) ڏانهن منسوب ڪيو وڃي ٿو. ٻيون، ڊريم ورڪ وڏي پيماني تي داب (Compression) يا سُسائڻ (Condensation) جا ڪم ڪري ٿو. خوابن جو تجزيو جيترو گهرائي سان ڪيو وڃي ٿو اهو عمل بہ اوترو ئي متاثر ڪندڙ لڳي ٿو. لڳي ٿو تہ خواب جي هر صورتحال ۾ بہ يا ٻن کان وڌيڪ تاثر (Impression) يا تجربا گڏجي ويندا آهن. ۽ انهن سڀني جزن (Components) ۾ هڪ مشترڪ عنصر هوندو آهي. جيڪڏهن خواب جي خيالن (Dream_Thoughts) ۾ ڪو مشترڪ عنصر نہ هوندو آهي تہ ڊريم ورڪ ڪو مشترڪ عنصر پيدا ڪرڻ ۾ لڳي ويندو آهي. اهڙا بہ ڊريم ٿاٽس (Dream thoughts) جن ۾ بظاهر ڪا مشترڪ ڳالهہ نہ هجي انهن جي پاڻ ۾ مطابقت پيدا ڪرڻ جو هڪ تمام سولو طريقو انهن مان هڪ جي لفظي شڪل (Verbal form) تبديل ڪرڻ آهي ۽ اهڙي طرح انهي کي ٻئي جي ويجهو ڪرڻ آهي. ائين ڪرڻ سان ساڳئي طرح ٻئي Dream thought کي بہ نئين شڪل ڏئي سگهجي ٿي.

داب جي عمل مان ڊريم ڪنٽينٽ (Dream Content) جي ڪجهه اهڙن جزن جي وڌيڪ وضاحت ٿئي ٿي جيڪي انهي سان خاص آهن ۽ سجاڳيءَ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واري شعور (Waking Conscionsuess) ۾ نہ ٿا ملن. انهن جزن جا نالا اجتماعي (Collective) ۽ مرڪب شڪليون (Composite Figures) ۽ مرڪب بناوتون (Composite Structures) آهن. مرڪب بناوتون بي اندازانگن ۾ واقع ٿين ٿيون ۽ انهن کي ايترن ئي مختلف طريقن ۾ هڪ ٻئي سان جوڙيو وڃي ٿو. انهن کي حل ڪرڻ بابت بہ ساڳيا طريقا لاڳو ٿين ٿا.

ڊريم ورڪ ساڳئي مرڪب بناوت (Composite Structure) جي ذريعي لڳاتار بہ متضاد خيال (Ideas) پيش ڪندو رهي ٿو. مثال طور هڪ عورت خواب ڏٺو تہ هو اهڙن گلن جو هڪ گلدستو کنيو پئي وڃي جيڪي جبرائيل پاران بيبي مريم کي يسوع مسيح جي ماءُ ٿيڻ جي خوشخبري ڏيڻ وارين تصويرن ۾ نظر ايندا آهن. انهي جو مطلب معصوميت آهي. ٻئي طرف وري اهي گل سفيد Camellias وانگر هئا جن جو مطلب معصوميت جي خلاف آهي.

اسان هيستائين خوابن ۾ Condensation بابت جيڪو ڪجھ سمجهيو آهي انهن کي قاعدي جي شڪل ۾ هيئن بيان ڪري سگهجي ٿو:

ڊريم ڪنٽينٽ جي هر هڪ عنصر (Element) جو ڊريم ٿاٽس ۾ موجود مواد جي بنياد تي تعين ڪيو ويندو آهي. اهو ڪنهن هڪ عنصر مان اخذ ڪيل نہ هوندو آهي ۽ اهو بہ ضروري نہ آهي تہ اهي عنصر خود Dream thought ۾ هڪ ٻئي سان ويجهي تعلق ۾ هجن. خواب جو هڪ عنصر ڊريم ڪنٽينٽ جي انهي سموري ڇڙو ڇڙ مواد جي نمائندگي ڪندو آهي.

خيالن کي Situations ۾ تبديل ڪرڻ واري عمل سان گڏوگڏ Condensation ڊريم ورڪ جي هڪ تمام اهم ۽ مخصوص خاصيت آهي. پر اهي ٻئي انهيءَ تاثر جا اڪيلا ذميوار نہ آهن جيڪو ڊريم ڪنٽينٽ ۽ ڊريم ٿاٽ ۾ عدم مشابهت سبب اسين حاصل ڪريون ٿا. هڪ ٽيون عنصر بہ ڪار فرما هوندو آهي.

اسان کي تجزيي مان خبر پوي ٿي تہ مينيفيسٽ ڊريم ڪنٽينٽ ليٽينٽ ڊريم ٿاٽ کان تمام مختلف خام مواد سان واسطو رکي ٿو. ائين فقط ظاهر طور نظر اچي ٿو ڇاڪاڻ تہ اڳتي هلي اسان کي خبر پوندي تہ سمورو ڊريم ڪنٽينٽ ڊريم ٿاٽس مان اخذ ڪيل آهي ۽ اهو تہ سمورن ڊريم ٿاٽس جو عڪس ۽ پرتو ڊريم

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنٽينٽ ۾ نظر ايندو آهي. بهرحال خوابن ۾ جيڪا شي انهن جو تمام لازمي مواد (content) تي منظر تي اچي ٿي اها ڊريم ٽاٽس ۾ تمام ذيلي ڪردار ادا ڪري ٿي.

اها ڳالهه هنن لفظن ۾ بيان ڪري سگهجي ٿي: ڊريم ورڪ جي ڪارگذاري هلندي نفسي شدت جو جن خيالن ۽ سوچن سان درست نموني تعلق هوندو آهي اها انهن کان اهڙن خيالن ۽ سوچن ڏانهن منتقل ٿيندي آهي جن تي اسان جي سمجهه مطابق اهڙي شدت يا تاڪيد نه هئڻ گهرجي. بيو ڪو به عمل جنهن کي فرائيڊ ڊريم ڊسپليسمينٽ جو نالو ڏئي ٿو ڪنهن خواب جي معنيٰ تي اينترو پردو نه ٿو وجهي يا ڊريم ڪنٽينٽ ۽ ڊريم ٽاٽس ۾ تعلق کي ناقابل شناخت بنائڻ ۾ اينترو ڪردار نه ٿو ادا ڪري.

اسين جيڪڏهن ڊريم ڊسپليسمينٽ جي تجزيي جي ذريعي اُڪيل ڪنداسين ته اسان کي خوابن جي محرڪن ۽ خوابن جي سجاڳ واري زندگي سان تعلق بابت مڪمل پروسي جوڳي ڄاڻ ملندي. اسان کي تجزيي ذريعي خبر پوي ٿي ته هر خواب گذريل ڪجهه ڏينهن دوران حاصل ڪيل تجزيي ڏانهن موٽي ٿو. خواب لاءِ محرڪ طور ڪم ڪندڙ تاثر تمام اهميت جوڳو هوندو آهي. البت اها هڪ طي ٿيل ڳالهه آهي ته جيڪڏهن ڪنهن ڊريم ڪنٽينٽ ۾ گذريل ڏينهن ورتل تاثر ۾ ڪو ڳانڍاپو ڳولهيو ويڃو آهي ته اهو عام طور اينترو غير اهم هوندو جو اهو اسان کي ذهن ۾ آٽڻ ۾ ذڪيائي ٿيندي ۽ لڳندو ته ڊريم ڪنٽينٽ جو واسطو معمولي ڳالهين سان آهي. تجزيو انهي ناڪاري فيصلي جي اصلاح ڪري ٿو ۽ اسين هنن نتيجن تي پهچون ٿا: خوابن جو ڳانڍاپو انهن شين سان ڪڏهن به نه هوندو آهي جن کي اسين انهي قابل سمجهندا آهيون ته انهن سان اسان جو ڏينهن ۾ ڪو تعلق هجي ۽ اهي معمولي ڳالهيون جيڪي ڏينهن جو اسان اثر انداز نه ٿيون ٿين اهي اسان جي ننڊ ۾ اسان جي پٺيان نه ٿيون لڳي سگهن. اسين ڊسپليسمينٽ جي عمل جي ڪري ئي ڊريم ڪنٽينٽ ۾ ڊريم ٽاٽس کي ڳولهي يا شناخت ڪري نه سگهندا آهيون. اهي اسان کي تڏهن ئي سمجهه ۾ ايندا آهن جڏهن اسان کي انهن جي مسخ ٿيڻ (Distortion) جو سبب سمجهه ۾ ايندو آهي. البت ڊريم ٽاٽس هڪ ٻئي قسم جي تبديلي جي عمل مان پڻ گذرندا آهن. خوابن جي مينيفيسٽ ڪنٽينٽ جو وڏو حصو تصويري Situations تي ٻڌل هوندو آهي تنهن ڪري

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊريم ٿاٽس کي به اڳ ۾ هڪ اهڙي عمل مان گذاريو وڃڻ ضروري آهي جيڪو انهن کي اهڙي قسم جي اظهار لاءِ موزون بڻائي.

ڊريم ٿاٽس جي نفسياتي مواد ۾ عادتاً تاثراتي تجربن جون اهڙيون يادگيريون موجود هونديون آهن جن کي خود اهڙيون situations سمجهيو ويندو آهي جن کي ڪو نظر ايندڙ (Visual) مواد هوندو آهي. ڪنهن به خواب جي Situation گهڻو ڪري ڪنهن تاثراتي تجزيي جي ترميم ٿيل ورجاءَ کان سواءِ بيو ڪجهه به نه هوندي آهي.

پر ڊريم ڪنٽينٽ فقط Situation تي ئي ٻڌل نه هوندو آهي. انهي ۾ بصري عڪسن جا غير مربوط ٽڪرا، گفتگو ۽ ويندي اڻ ترميم ٿيل خيالن جا ٽڪرا پڻ موجود هوندا آهن. تجزيي ذريعي حاصل ڪيل ڊريم ٿاٽس پاڻ کي تمام پيچيدي بناوت رکندڙ هڪ اهڙي نفسياتي مرڪب (Complex) جي صورت ۾ ظاهر ڪن ٿا جنهن جا حصا پيش منظر، پس منظر، حالتن، سمجهاڻين، ثبوت جي سلسلن ۽ جوابي دليلن جي نمائندگي ڪن ٿا. خيال جي هر هڪ وهڪري سان تقريباً سدائين انهي جا متضاد پيچي گڏ هوندا آهن.

البت تصويري شڪل ۾ تبديلي ڊريم ورڪ جي ئي هڪ خصوصيت آهي پر مسئلي جي پاڙ Displacement ۾ کتل آهي. جيڪا ڊريم ورڪ جي خاص حاصلات مان سڀ کان اهم آهي ۽ اسين جيڪڏهن موضوع ۾ گهرائي سان داخل ٿيون ته اهو محسوس ڪرڻ لڳنداسين ته Displacement جو بنيادي شرط خالص نفسياتي آهي جيڪو motive جي مشابه آهي. اهڙي طرح اسين خوابن جي شڪل متجڙڻ (Dream_ Distortion) جي تصور تي پهچون ٿا جيڪو ڊريم ورڪ جي پيداوار آهي ۽ ڍڪ (Disguise) جو ڪم ڏئي ٿو.

هاڻي اسين انهي پوزيشن ۾ آهيون جو عام اصطلاح ۾ اهي مکيه ڳالهيون ٻڌائي سگهون ٿا جن تائين اسان کي خوابن جي تجزيي پهچايو آهي. خواب خواهشن جي تڪميل ڏانهن پنهنجي رويي جي لحاظ کان ٽن طبقن ۾ اچن ٿا: پهريان، اهي خواب جيڪي اڻ دبيل خواهشن جي ظاهر ظهور بغير ڪنهن ڍڪ جي نمائندگي ڪن ٿا. ٻيان اهي خواب جيڪي ڪنهن دبيل خواهش جو ڍڪيل نمونو اظهار ڪن ٿا پر ناڪافي ڍڪ سان يا ڪنهن به ڍڪ کان سواءِ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فرائيڊ هاڻي ڪجھ تفصيل سان ٻبائڻ جي نفسيات تي بحث ڪري ٿو. هو خوابن جي شڪل تبديل ٿيڻ (Distortion) بابت بہ چڱو تفصيل ڏئي ٿو جيڪا ڍڪيل جنسي خوابن سان گڏ هلندي آهي. انهي کان پوءِ خوابن جي علامتن (symbols) تي بحث ڪري ٿو ۽ انهي طرف ڌانهن اشارو ڪندي پنهنجي ڳالھ ختم ڪري ٿو جيڪا ڊريم ورڪ جي سندس پنهنجي تشريح کان پوءِ وڌيڪ تحقيق جي گھر ڪري ٿي. هو اهو بہ چوي ٿو تہ انهي ميدان ۾ سندس ڪم اڻ پورو آهي ۽ تيستائين اڻپورو رهندو جيستائين تجزيي ذريعي هسٽريائي علامتن ۽ خبطي سوچن جهڙين بين نفسياتي طبي بناوتن (Psycho_ pathological structures) جي اصليت بابت خبر نہ ٿي پئجي وڃي".

انٽر پريٽيشن آف ڊريمز جو هيءُ اختصار انهي عهد ساز ۽ واڪاڻ جوڳي ڪتاب جي صحيح حقيقت بابت ڪڏهن بہ ڪو اشارو نہ ٿو ڏئي سگھي جنهن ۾ تفصيلي مشاهدن جو هڪ ذخيرو سمايل آهي ۽ سڀ کان وڌي ڳالھ تہ انهي ۾ فرائيڊ پاران خوابن جي اڀياس جي انساني ذهن جي جوڙجڪ ۽ ڪم جي اسان پاران ادراڪ تي اثر بابت بحث پڻ شامل آهي. انهي ڪتاب جي سڀ کان وڌي اهميت پڻ اها هئي چاڪاڻ تہ فرائيڊ پاران ذهن کي سمجھڻ جي ڪوشش مان اهو جديد نظريو منظر تي آيو آهي تہ چريائپ (insanity) بہ هڪ مرض آهي جيڪو بہ ڪنهن بہ مرض کان مختلف نہ آهي ۽ ٻي ڪنهن بہ بيماريءَ وانگر قابل علاج آهي.

# 70. ڪِم (Kim)

## —— رڊيارڊ ڪپلنگ (1865ع – 1936ع) ——

رڊيارڊ ڪپلنگ 1865ع ۾ بمبئيءَ ۾ ڄائو. سندس ماءُ پيءُ انگريز هئا. هن پنهنجا شروعاتي ورهيه هندستان ۾ گذاريا جتي سندس پيءُ جان لاڪ ووڊ ڪپلنگ 1875ع کان 1893ع تائين لاهور ميوزيم جو ڪيوريٽر هو. هو چڱين صلاحيتن وارو هڪ آرٽسٽ پڻ هو. رڊيارڊ ڪپلنگ انگلينڊ ۾ اسڪولي تعليم پرائڻ کان پوءِ ارڙهن ورهين جي ڄمار ۾ هندستان موٽي آيو ۽ صحافي ٿي ويو. انهي دوران هن مقامي هندستانين جي زندگي سان گڏوگڏ برطانوي عملدارن ۽ سپاهين جو به گهرو اڀياس ڪيو.

هن 1886ع ۾ جڏهن سندس عمر ايڪويهه ورهيه هئي هلڪن ڦلڪن طنزيه شعرن جا به جلد ڇپرايا ۽ انهن کان پوءِ 1887ع ۾ Plain Tales from the Hills ڇپرايو. اهو سندس صحافتي ليکن جو مجموعو هو. انهي کان پوءِ Plain Tales جي تسلسل ۾ ڇهه ٻيا سنهڙا جلد منظر تي آيا. انهن کي هندستان ۾ وڏي ڪاميابي ملي هئي. هن کي فوراً فڪشن جو نئون استاد مڃيو ويو ۽ چوويهن ورهين جي ڄمار تي پهچندي پهچندي هو ڏاڍو مشهور ماڻهو ٿي ويو. هو چين، جاپان ۽ آمريڪا کان ٿيندو 1889ع ۾ انگلينڊ پهتو. اتي هر ڪو کيس هڪ ادبي شخصيت وارو مان ۽ عزت ڏئي رهيو هو.

هو پنهنجي زندگي جي پڇاڙي تائين ادبي شخصيت ٿي رهيو. انهي دوران هن افسانن ۽ شعرن جو هڪ وڏو تعداد لکيو. هن ڪجهه وقت ڏکڻ آفريقا ۾ پڻ گذاريو جتي هو شهنشاهيت جي هڪ اهڙي قسم جي زير اثر اچي ويو جنهن سندس تحريرن تي ڪو سٺو اثر نه وڌو. هن پنهنجي زندگي جو آخر حصو سسيڪس ۾ گذاريو ۽ 1936ع ۾ فوت ٿي ويو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪِم 1901ع ۾ ڇپيو. اهو سندس پيو ناول ۽ هندستان بابت سندس آخري ڪهاڻي هئي. اهو هر دور ۾ تمام مقبول رهيو آهي ۽ ڪيترائي ماڻهو انهي کي سندس بهترين ڪتاب سمجهن ٿا.

ڪِم پنهنجي زندگي جي شروعات لاهور ۾ هڪ بي گهر بار طور ڪئي. سندس پيءُ ڪم بال او هارا، ميورڪس (Mavericks) (هندستان ۾ تعينات هڪ آئرستاني رجمينٽ) ۾ ڪلر سارجنٽ هو ۽ هڪ ڪرنل جي گهر ۾ ڪم ڪندڙ هڪ نرس سان شادي ڪئي هئائين. سندس زال ڪم جي ڄمڻ کان پوءِ ڪالرا وگهي مري وئي ۽ اوهارا پهريان شراب پيئڻ ۽ پوءِ آفيم کائڻ شروع ڪيو جنهن سبب هو مري ويو. ڪم جي پالنا هڪ مشڪوڪ شهرت واري عورت ڪئي. هو وڏو ٿي لاهور جي گهٽين ۾ رلڻ لڳو. هو بازار جي ٻين ڇوڪرن وانگر ڪٽڪ رنگو هو پر پنهنجي سفيد فام نسل جي ثابتي طور پنهنجي ڳچي ۾ هڪ چمڙي جو تعويذ ٻڌل رکندو هو جنهن ۾ سندس جنم سرٽيفڪيٽ ۽ سندس پيءُ جا ڪاغذ هوندا هئا.

ڪم ستارن جي دوست (Friend of the stars) طور مشهور رهيو جيڪو سموري دنيا جو دوست آهي. هو نوجواني جي عمر تي پهچڻ کان اڳ ئي انهي دنيا جي طور طريقن کان واقف ٿي ويو جنهن ۾ هو رهندو هو. سندس دوستن ۾ هڪ محبوب علي به هو. هو اتر جي جابلو لڪن جي پرٿين پر جو مشهور گهوڙن جو واپاري هو. هن ارڙهين صدي جي آخري ڏهاڪي ۾ برطانوي هندستان ۾ سير سفر ڪيا هئا ۽ انهي ڳالهه جي ڪِم کي خبر نہ هئي تہ هو هندستاني حڪومت جو ڳجهو ايجنٽ پڻ هو.

ڪِم هڪ ڏينهن لاهور ميوزيم جي پرسان زمہ زمہ نالي وڏي توپ جي هيٺان راند ڪيڏي رهيو هو جو هڪ اهڙي ماڻهو سان مليو جنهن کي هندستاني ماڻهن بابت وڏي ڄاڻ هئي. هن اهڙو ماڻهو اڳ ۾ ڪڏهن نہ ڏٺو هو. هو قد جو ڊگهو وجاهت پريو ۽ تمام پوڙهو هو. هو پنهنجي رک رکاءَ ۽ ساز سامان مان ڪو ڌرمي ماڻهو ٿي لڳو. هو واقعي هڪ ڌرمي ماڻهو هو. هو تبتي لاما هو ۽ هندستان ۾ اهڙين جاين جي زيارت تي نڪتل هو جتي ٻڌ پنهنجا پير گهمايا هئا. لاما کي خاص طور River of the Arrow ڳولهڻ جي خواهش هئي جيڪا انهي جاءِ تان ڦٽي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نڪتي هئي جتي ٻڌ جو تير ڪريو هو. انهيءَ ندي انهيءَ ۾ وهنجندڙن تان گناهه جي هر آلودگي ڌوئي ٿي ڇڏي

ڪِم لاما جو چيلو ٿي پيو ۽ تير واري ندي ڳولهڻ لاءِ هن سان گڏ بنارس هلڻ جي آڇ ڪيائين. ڪم جي دل ۾ جنيوٽيڪ ٻڌ لاءِ ڪشش پيدا ٿي هئي پر هو شروع ۾ انهي رٿا بابت ايترو پُراميد نه هو ۽ لاما کي چريو ٿي سمجهائين پر هو لاهور مان ماندو ٿي پيو هو ۽ دنيا ڏسڻ جو وڏو شوق هوس انهي ڪان سواءِ لاما سان گڏ سير ڪرڻ جا وڏا فائدا پڻ هئا ڇو ته هندستان ۾ ڌرمي ماڻهن جي وڏي عزت ڪئي ويندي هئي.

انهن کي صبح سان سفر تي روانو ٿيڻو هو ۽ ڪِم چيو ته هو انهن لاءِ رات ٽڪڻ لاءِ آرام واري جاءِ جو بندوبست ڪري سگهي ٿو. هو لاما کي محبوب علي ڏانهن وٺي ويو. هو پنهنجن گهوڙن ۽ نوڪرن چاڪرن جي ڪاروان سان گڏ ڪشمير سراءِ ۾ ترسيل هو. محبوب علي کي ڪِم جي لاما سان گڏ سفر ۾ ڏاڍي دلچسپي هئي. هن ڪِم ۽ سندس عزت ڀرئي ساٿي کي نه فقط رات لاءِ رهڻ جي جاءِ ۽ هنڌ بسترو ۽ رستي ۾ ڪم اچڻ لاءِ ڪجهه پئسا ڏنا پر ڪِم (جنهن کي هو نِنڍپڻ کان سڃاڻندو هو) کي هڪ هڙ پڻ ڏني ته هو اها امبالا ۾ هڪ انگريز جي حوالي ڪري. ڪِم کي اها خبر نه هئي ته هڙ ۾ اها خبر ڏنل هئي ته اتر اولهه سرحد تي بغاوت جي رٿابندي ٿي رهي هئي.

ڪِم ۽ لاما پرهه ڦٽيءَ کان اڳ اتي امبالا ويندڙ ريل گاڏي تي سوار ٿي ويا. مسافرن سان ڀريل گاڏي ۾ لاما کي هر ڪو تجسس جي نگاهه سان ڏسي رهيو هو ۽ هر ڪو لاما کي دل کولي جيڪي ڪائڻ ڀيٽڻ جون شيون ڏئي رهيو هو ڪِم به سندس مريد ۽ چيلي جي حيثيت ۾ انهن ۾ شريڪ ٿي رهيو هو ۽ انهن مان مزو وٺي رهيو هو.

ڪِم امبالا ۾ محبوب علي جي ڪاغذن جي هڙ انڊين آرمي جي هڪ انٽيليجنس آفيسر جي حوالي ڪئي ۽ پنهنجي دستوري هو راڪورا سبب جاسوسي ڪرڻ لاءِ اتي ئي رهي پيو. هن آفيسر کي انهي نياپي بابت پنهنجي ڪمانڊر انچيف سان ڳالهائيندي ٻڌي ورتو. انهي نياپي ڪمانڊر انچيف تي ڏاڍو اثر ڪيو هو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فوجين جي موڪل رد ڪئي وئي ۽ پنڊي ۽ پشاور برگيڊن کي فوراً ايڪشن لاءِ حرڪت ۾ آندو ويو. ڪِم انهي ڏاڍي اهم خبر کي حيرت سان ٻڌو ۽ ريل گاڏي جي هڪ مسافر جي گهر ڏانهن موٽي آيو. هن لاما ۽ سندس چيلي کي پاڻ وٽ رهائڻ جي آڇ ڪئي هئي.

اتان جي هائي کي بہ عزت پرئي مهمان سان ملاقات لاءِ گهرايو ويو ۽ ڏاڍي عالماڻي گفتگو ڪان پوءِ هائي لاما جي چيلي جي جنم پتري ڪيڍي. هن ڪم کي ٻڌايو تہ سندس آئيندو جنگ جي هڪ ڳاڙهي ۽ ڪاوڙ واري نشان سان جڙيل هو ۽ سندس مقدر اُتي لکيل هو جتي هڪ سائي ميدان تي هڪ ڳاڙهو ڍڳو نظر ايندو.

ٻئي ڏينهن ڪم ۽ لاما سوکڙين پاکڙين سان سٽجي امبالا مان روانا ٿي ويا ۽ پنهنجي تلاش جو ڪم جاري رکيو. هاڻي لاما سان گڏوگڏ ڪِم کي بہ ڪا ڳولها ڪرڻي هئي ڪيس هڪ سائي ميدان تي ڳاڙهو ڍڳو ڳولهڻو هو. ڪِم جلدئي لاما جي عزت حاصل ڪري ورتي جنهن هن بابت چيو تہ "هي هن دنيا سان بنهہ واسطو نہ ٿو رکي". يعني ڪِم کي عملي صلاحيتن سان گڏوگڏ روحاني صلاحيتون پڻ هيون چاڪاڻ تہ چوڪر جي دنيا بابت ڄاڻ ڪان سواءِ هن جو سفر ناممڪن هو. ڪم هن کي ڏاڍي هوشياري سان ٺڳن ۽ ڦورن ڪان بچائيندو هو ۽ جيئن اهي پنهنجي دلچسپ سفر ۾ اڳتي وڌندا ويا تيئن انهن ۾ هڪ مضبوط تعلق قائم ٿيندو ويو "تون ڪو روح آهين يا ڪو جن آهين؟" ڪِم هڪ دفعو دستور موجب وڏي حرفت سان کيس مصيبت ڪان بچايو هو تہ پيرسن فيلسوف هن کي اهي لفظ چيا هئا.

اهڙي طرح اهي لڳاتار هندستان جي هڪ سري کان ٻئي سري تائين ويندڙ شاهي رستي تان هلندا رهيا. لاما ماٺ ميٺ ۾ سوچ ويچار ۾ هوندو هو. ڪِم چمڪندڙ اکين سان روڊ سان گڏوگڏ هلندڙ زندگي جي انهي وبڪري مسڪرائيندڙ ندي ۾ نظر ايندڙ هر شي پاڻ ۾ سمائيندو ويندو هو. مسافرن جو اڻ ڪٽ ڀيرون اوڏيهين صدي جي هندستان جو دلڪش منظر پيش ڪنديون ويندڙيون هيون.

اهي پهرئين رات هڪ اُجتماعي رات گذارڻ واري جاءِ تي رهيا. انهيءَ مصروف ڪاروان سراء ۾ انهن جي ملاقات هڪ امير ۽ ڪجهه رعبدار ڪراڙي عورت سان ٿي جيڪا پنهنجي اتالي سان گڏ ڏکڻ طرف پئي وئي. انهي عورت

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صاحب لاما ۽ سندس نوجوان چيلي ۾ ڏاڍي دلچسپي ورتي ۽ انهن اڳتي جو سفر گڏجي ڪيو. ڪِم کي صاحب ۾ خاص طور دلچسپي پيدا ٿي پئي جنهن کي گار گند ڪرڻ تي به وڏو عبور حاصل هو.

ڪِم ۽ لاما جيئن ته رستي تي هلندي سدائين تير واري نديءَ جي ڳولها ۾ رهندا هئا تنهن ڪري اهي هڪ جاءِ تي رستي تان ٿورو هٽي ويا ۽ انگريز سپاهين جي هڪ ڪيمپ تي اچي پهتا. ڪِم جڏهن رجمينٽ جو جهنڊو ڦڙڪندي ڏٺو ته هو سمجهي ويو ته سندس ڳولها پڄاڻي تي پهچي وئي ڇاڪاڻ ته جهنڊي تي آئرستاني سائي رنگ جي پس منظر ۾ هڪ ڳاڙهو ڍڳو نهيل هو. انهي رات ڪِم ۽ لاما انهن کي ڏسڻ موٽي آيا. ڪِم جاچ لهڻ ويو ته فوجي پادري کيس پڪڙي ورتو ۽ سندس تلاشي ورتائين. پادريءَ جڏهن ڪِم جي ڳچي ۾ پيل تعويذ کولي ڏٺو جنهن ۾ سندس پيءُ جا ڪاغذ پيل هئا جنهن مان اهو ثبوت ٿي مليو ته هو مقامي ماڻهو نه پر انگريز آهي ۽ وڏي ڳالهه ته سندس پيءُ هڪ ميسن (Mason) آهي. پوءِ ته کيس وجڻ جي اجازت ڏيڻ جو سوال ئي نه پئي پيدا ٿيو. کيس فري ميسن تنظيم جي يتيم خاني ڏانهن موڪلڻ گهرجي. ڪِم ڏاڍي پيڙا ۾ هو ۽ لاما اداس هو. پر انهي بابت پنهي مان ڪو به ڪجھ نه ٿي ڪري سگهيو. انهن کي هڪ اهڙي اختياري کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو هو جنهن کان هو ڪنڌ به ڪيائي نه ٿي سگهيا. لاما ڏاڍي افسوس ۾ پنهنجي واٽ وٺي رمندو رهيو. هن پنهنجي عقلمندي سان اهو ڄاتو ٿي ته ڪِم لاءِ پنهنجن ماڻهن ۾ رهڻ بهتر هو.

اهڙي طرح ڪِم کي غير آرامده ۽ گرم وردي پارائي وئي ۽ ميوريڪس (Mavericks) سان گڏ رهايو ويو. هو جيتوڻيڪ ڏاڍو ناخوش هو پر سندس روح ڪنهن زير باريءَ هيٺ نه آيو هو. جڏهن رجمينٽ حرڪت ۾ آئي ته ڪِم انهن کي ٻڌايو ته اهي جنگ تي وڃي رهيا هئا. اها ڳالهه ٻڌي هو مٿس کِلڻ لڳا پر پوءِ اوچتو اهي حڪم اچي ويا ته اهي جنگ لاءِ تيار ٿي اتر طرف وڃن.

ڪِم کي جنگ ۾ حصو نه وٺندڙن سان گڏ پٺتي ڇڏيو ويو ۽ کيس ملٽري اسڪول وڃڻ جو چيو ويو. هو ڏاڍو اداس رهندو هو ۽ ٻين گورن سان گڏ پاڻ کي ڏاڍو اڪيلو محسوس ڪندو هو. کيس انهن جا طور طريقا سمجهه ۾ نه ايندا هئا ۽ انهن

جون ڳالهيون ڪيس اڻ سڌريلن جهڙيون لڳنديون هيون. هن ڪنهن طريقي سان محبوب علي ڏانهن نياپو موڪليو ۽ ڪيس مدد لاءِ ايلاز ڪيائين.

انهي دوران لاما بہ بنارس پهچي ويو ۽ هڪ خط لکي ڪِم جي تعليم لاءِ سڄي خرچ پکي جي آڇ ڪيائين. انهي تي ڪِم ۽ پادري فادر وڪٽر ڏاڍا حيران ٿيا. جلدئي هندستان جي هڪ مشهور بينڪ جي ذريعي پهرئين سال جي فين جي رقم اچي وئي ۽ فادر وڪٽر ڪِم کي لکنو ۾ سينٽ زيوئير اسڪول موڪلڻ جو بندوبست ڪري ڇڏيو.

محبوب علي ڪِم جي عرضداشت جو جواب تہ موڪليو پر ڪيس آزادي ڏيارڻ ۾ مدد ڪرڻ بابت ڪجه بہ نہ ڪري سگهيو جيئن هو رستي تي سفر واري رنگا رنگ ۽ دلچسپ زندگي ڏانهن واپس وڃي سگهي. محبوب چيو تہ ڪيس لازماً اسڪول وڃڻ گهرجي. هن ڪِم جي ڪرنل ڪريگٽن سان بہ واقفيت ڪرائي. هو انڊين انٽيليجنس ۾ هڪ اهم آفيسر هو. هو ڇوڪري جي غير معمولي صلاحيتن مان ايترو تہ متاثر ٿيو جو هن سان واعدو ڪيائين تہ هو جڏهن اسڪول مان فارغ ٿيندو تہ ڪيس انٽيليجنس سروس ۾ ڪا نوڪري ڏيندو.

ڪِم لاءِ سندس دوست لاما جيڪو ڪجه ڪيو هو انهي مان هو ڏاڍو متاثر ٿيو ۽ هاڻي رضا خوشي سان سينٽ زيويئر روانو ٿي ويو. اهو اينگلو انڊينز جو اسڪول هو ۽ ڪِم اتي ڏاڍو هري مري ويو ڇاڪاڻ تہ اتان جا ڇوڪرا بہ ملٽري اسڪول جي موڳن جي برخلاف هن جهڙائي هئا. انهن هر ڳالهہ تي قسم بہ نہ ٿي کنيا. ڪِم جي تيز ۽ جوان ذهن اها سموري ڄاڻ بہ جلدئي حاصل ڪري ورتي جيڪا هن پاران زندگي ۾ ڪجه ڪرڻ لاءِ ضروري هئي.

اونهاري جي ڊگهين موڪلن ۾ هن لاءِ ميورڪس جي فوجي بيرڪن ۾ واپس وڃڻ جون رٿائون ٺاهيون ويون پر ڪِم ڪنهن بہ قيمت تي اها ڳالهہ نہ ٿي چاهي. هو ٽرم جي پڄاڻي تي ڪسڪي غائب ٿي ويو ۽ اچي روڊ ورتائين.

هو هڪ دفعو وري اچي محبوب علي سان مليو. هو اتر اولهہ هندستان ۾ پنهنجي گهوڙن جي واپار ۽ جاسوسي جي هڪ گڏيل سفر تي هو. ڪِم محبوب جي قتل جي هڪ سازش ٿيندي ڏٺي ورتي ۽ ڪيس بروقت خبردار ڪري سندس زندگي بچائي ورتائين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو اونهاري جي انهي دلچسپ ۽ يادگار موڪل ۾ شملا ويو ۽ سيڪريٽ سروس جي هڪ ٻئي رنگا رنگ شخصيت لورگان صاحب سان مليو. هو عجيب غريب شين ۽ قيمتي پٿرن جو دڪان هلائيندو هو. ڪِم اتي ڪيترين ئي عجيب ۽ پر اسرار شيون ڏٺيون. هو هري بابو ايجنٽ آر 17 سان به مليو. هو ڪِم ۾ اينڊڙ دور ۾ هندستان جي سيڪريٽ سرورس جو ميمبر ٿيڻ جون صلاحيتون ڏسي ڏاڍو متاثر ٿيو.

ڪِم جي سينٽ زيويئر ۾ جاري تعليم رهي ۽ هن اتي سٺي ڪارڪردگي ڏيکاري ۽ سروئينگ ۾ به هڪ امتحان پاس ڪيو. انهي دوران موڪلن ۾ هن جون هندستاني روڊن تي رولاڪيون به هلنديون رهيون جن ۾ محبوب علي گهوڙن جو واپار، جاسوسي ۽ فوجي سرويئنگ جا ڪِم هڪ ئي وقت ڪندو رهيو.

ڪِم سورهن ورهين جي ڄمار جو ٿيو ته سينٽ زيويئر ڇڏيائين ۽ سيڪريٽ سروس ۾ نوڪري شروع ڪيائين. هو ڏاڍي شوق سان لاما ڏانهن واپس ويو. ڪيس هن سان دائمي عقيدتمندي ٿي وئي هئي. هو اڃا پنهنجي تير واري ندي جي ڳولها ۾ لڳو پيو هو.

ڪِم جي آخري مهم جوئي ۾ هَري بابو به شامل هو. هو روسي ايجنٽن جي پٺيان لڳل هو جيڪي برطانوي راج جي دشمنن جي فائدي ۾ اتر اولهه سرحد ۾ باهه ڀڙڪائڻ جون رٿائون جوڙي رهيا هئا. لاما جنهن کي انهي بابت ڪا به ڄاڻ نه هئي ته ڇا ٿي رهيو هو. اوچن جبلن تي واپس وڃڻ چاهيو ٿي ۽ ڪِم هن سان سنڌس ڇيلو ٿي هماليه جي جبلن تي ويو. ڪِم هري بابو سان ملڻ چاهيو ٿي جيڪو اڳيئي روس جي ٻن جاسوسن سان ملي چڪو هو انهن جا ٿيلها روسي مهم کي عملي شڪل ۾ آڻڻ لاءِ رٿائن ۽ خاڪن سان پريا پيا هئا.

پر اهي ٻئي غير ملڪي جنهن ملڪ ۾ جاسوسي ڪرڻ لاءِ موڪليا ويا هئا انهي بابت انهن کي ڄاڻ ناڪافي هئي. اهي جڏهن ڪِم ۽ لاما سان مليا ته اهي لاما سان ڏاڍي بي ادبي سان پيش آيا ۽ انهي تي حملي جي پڻ ڪوشش ڪيائون ۽ سنڌس پوتر Chart of the wheel کي نقصان پهچايائون. هنن اهو هن کان کسڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. اهڙي دهشتناڪ بي عزتي ڏسي هنن جا قُلي روسين تي

ڪڙڪي پيا ۽ پوءِ ٽينڊرڙ وٽ سٽ ۾ ڪم ۾ بابو جاسوسن پاران ناهيل سپ خاڪا ۽ نقشا ۽ پڻ اهي خفيه خط ۽ دستاويز پنهنجي قبضي ۾ ڪري ورتا جيڪي انگريزي انٽيليجنس لاءِ ڏاڍا قيمتي هئا.

اهو تجربو پيرسن لاما لاءِ ڪنهن وڏي صدمي کان گهٽ نه هو. هو بيمار ٿي پيو ۽ اهو پڪو ارادو ڪري ڇڏيائين ته هو هيٺ ميدان تي اچي تير واري ندي جي ڳولها جاري رکندو. هن کي ڏولي تي کنيو ويو. انهي سفر ڪم جي توانائي تي ڏاڍو اثر وڌو جيئن ته هو پير مرد کي ڇڏي به نه پيو تنهن ڪري هو پاڻ به بيمار ٿي پيو.

اهڙي طرح اهي آخرڪار انهي مهمان نواز ۽ مهربان صاحبه جي گهر موٽي آيا. انهي جي محبت پري سار سنڀال سان ڪم جلدئي چاق چڱو ڀلو ٿي ويو. اتي لاما جي تلاش به پڄاڻي تي پهتي جو هن ڏٺو ته تير واري ندي به سٺي صاحبه جي گهر جي پرسان وهي ٿي.

ڪپلنگ جيتوڻيڪ پنهنجي دور جو هڪ تمام ڪامياب ۽ مقبول ليکڪ هو پر هو نقادن جي نظرن ۾ ڪڏهن به مقبول نه ٿي سگهيو ۽ هن پاران اهڙي قسم جي شهنشاهيت سان وابستگي جنهن تي برطانيا کي به ڪو فخر نه آهي، هن پاران لکيل هر شي کي پس منظر ۾ ڏڪي ڇڏيو آهي.

اها ڪم جهڙي ڪتاب سان وڏي ناانصافي آهي ـ انهي ۾ اهڙي قسم جي ڪا شهنشاهيت به نه آهي جيڪا اسان کي موجوده دور ۾ اينٽري اڻ وٽندڙ لڳي ٿي. حقيقت ۾ ڪم ۾ جيڪا شي سڀ کان وڌيڪ نمايان ٿي بيهي ٿي اها آهي ڪم پاران مقامي هندستانين جي طور طريقن کان واقفيت ۽ انهن سان شديد محبت ۽ هن پاران انگريزن جي اڪثر ڳالهين خاص طور بادشاهه سلامت جي سپاهين کان نفرت. اها ڳالهه درست آهي ته سندس آڪاٽي اوڻيهين صدي جي آخري ڏهاڪي ۾ هندستان ۾ موجود Status Quo جي حمايت ٿي ڪري پر ڪم کي ڇڏي سندس اصل هيرو لاما ڪنهن به ماڻهو جي چمڙي جي رنگ کي نه پر هن ۾ موجود چڱائي يا برائي کي اهميت ڏئي ٿو. اڄ جي دور جا اهي سمورا انسان جن جي دلين ۾ انسان ذات جي محبت آهي اهي مختلف رنگ مذهب، روايتون ۽ ثقافت رکندڙ قومن جي سچي همدردي ۽ فهم حاصل ڪرڻ گهرن ٿا. ڪپلنگ کي بلاشڪ اها ڳالهه حاصل هئي. اها ڪم جي صفحن تي ڪنهن فانوس وانگر تجلا ڏئي ٿي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪِم ڪپلنگ جو شايد سڀ کان سٺو ڪتاب آهي ۽ انهي ۾ زندگي ۽ انهي جي رنگا رنگيءَ کي انهي جي سڀ کان عظيم انداز ۾ ڏيکارڻ جي سندس ذات جو اظهار ٿيل آهي. انهي مان عجيب غريب چاڻ جو هڪ پر اسرار احساس پڻ ملي ٿو. انهي ۾ هڪ تمام مخصوص قسم جي ۽ تمام پيچيدي دنيا نظر جي هڪ اهڙي وسعت سان ڏيکاري وئي آهي جيڪا بلڪل غير معمولي آهي. انهي ۾ لامحدود ڪردار ڏيکاريا ويا آهن جن ۾ چڙ تہ ڪنهن جادوئي اثر ذريعي زندگي پيري وئي آهي.

خود ڪِم بہ هو پنهنجي بهترين روپ ۾ نوجوانيءَ ۾ نظر اچي ٿو. جڏهن اچا اسڪولي تعليم جا اثر هن تي نہ پيا آهن. انهي لافاني ڇوڪري جو ڪامل نمونو آهي جيڪو هر تخليقي ليکڪ جي روح ۾ ڦيرا پيو ڏيندو آهي. سندس مهم جوئيون جان بچائڻ جي بهترين صلاحيتن واري دور جي ياد ڏيارين ٿيون. بوچان (Buchan) هڪ دفعو ڪپلنگ جي تاريخ جي تسلسل جي لطيف احساس جي واکاڻ ڪئي هئي. ڪِم بلاشڪ هڪ تاريخي ناول آهي ۽ انهي کي تخليق ڪندڙ انسان جي ذات جو قدر نہ ڪرڻ جو مطلب هوندو تہ ماڻهو پنهنجو هڪ پير اجا ويهين صدي جي ٽئين ڏهاڪي ۾ رکيو بيٺو آهي.

# 71. ٽائيفون

## ــ جوزف ڪونرڊ (1857 ـ 1924) ــ

جوزف ڪونرڊ يوڪرائين جي شهر پوڊوليا ۾ 1857ع ۾ ڄائو. سندس پورو نالو جوزف ٽيوڊور ڪونرڊ نيليڪز ڪور زينووسڪي هو. سندس ماءُ پيءُ پولش نسل جا هئا. سندس پيءُ هڪ زميندار ۽ پڙهيل لکيل ماڻهو هو. هن جو پولينڊ جي قومي تحريڪ سان گهاٽو تعلق هو. سندس ماءُ پيءُ پنهنجي سياسي سرگرمين سبب جيل ۾ رهيا هئا تنهن ڪري سندن صحت خراب ٿي پئي ۽ ڪونرڊ اوائل نوجواني ۾ ئي يتيم ٿي ويو.

ڪونرڊ گهڻو وقت پنهنجي وطن ۾ نه رهيو. هو سترهن ورهين جي ڄمار ۾ مارسيلز ۾ هو جتي هو سيلر (Sailor) ٿي ويو ۽ ٻن سالن تائين يونوچ سمنڊ ۽ ڏکڻ آمريڪي ڪنارن تي فرانسي جهازن ۾ نوڪري ڪندو رهيو. هو 1878ع ۾ لوويسٽا فٽ آيو ۽ برٽش مرچنٽ سروس ۾ گهڙيو. هو جيتوڻيڪ فرانسي رواني سان ڳالهائيندو هو پر ڪيس انگريزي جو هڪ لفظ به ڳالهائڻ نه ايندو هو. هو ڪجھ ورهين ۾ نه فقط ملاحي جي ڪم ۾ ماهر ٿي ويو پر انگريزي زبان ۾ به ايتري مهارت حاصل ڪري ورتائين جو مرچنٽ سروس ۾ آفيسريءَ جا امتحان پاس ڪري ويو.

هو چوندو هو ته هن پنهنجي سموري زندگيءَ ۾ ڪڏهن به انگريزي گرامر جو ڪو ڪتاب نه کوليو هو ۽ اهو به چوندو هو ته هن انگريزي زبان تي مهارت حاصل نه ڪئي هئي پر اها سکي هئي. اسان کي اهو ڏسڻ لاءِ فقط سندس ڪتابن کي کولي ڏسڻو پوندو ته ڪيس انهيءَ زبان تي ڪيتري نه مڪمل مهارت حاصل هئي جنهن جو هن ڪو هڪ لفظ به ويهن ورهين جي ڄمار ۾ ڳالهايو هو.

هن انهيءَ صديءَ جي آخري ٻن ڏهاڪن ۾ ڪيترن ئي جهازن تي آفيسر طور ڪم ڪيو جن ذريعي هو دنيا جي ڪيترن ئي حصن ۾ ويو. هن 1890ع کان پوءِ لکڻ شروع ڪيو ۽ سمنڊ ۽ مهم جوئين بابت ڪيترن ئي ناولن کي مائيدار بنائڻ لاءِ

پنهنجن تجربن کي ڪم آندو. انهن ناولن جي ادبي حلقن ۾ تمام گهڻي ساراهه ڪئي وئي. هن پنهنجو آخري جهاز 1893ع ۾ ڇڏيو. اهو توريز (Torrens) نالي مشهور هو. هو انگريزي جيتوڻيڪ ڇتي غير ملڪي لهجي ۾ ڳالهائيندو هو پر اها بي مثال حسن سان لکي سگهندو هو. سندس ڪجهه مشهور ساموندي ڪهاڻيون هي آهن: دي نِگر آف نارسيسس (1897ع)، لارڊ جم (1900ع)، نوسٽرومو (1904ع) ۽ ٽائفون (1903ع). ڪونرڊ پنهنجي زندگي جو وڏو حصو ڪينٽ ۾ رهيو ۽ انگريزي ادب ۾ نمايان ڪاميابي حاصل ڪرڻ کان پوءِ 1924ع ۾ فوت ٿي ويو.

ٽائفون فڪشن ۾ شايد سڀ کان شاندار ۽ جوش ڀريل ڪهاڻي آهي. ڪونرڊ پنهنجي ڪهاڻي ۾ اسٽيمر شپ نان شان (Nan Shan) جو منظر ڏيکاريو آهي جيڪا 200 چيني قلين کي سنگاپور کان اتر چين جي ڪنهن ساموندي بندر تي کڻي پئي وڃي. اهي چيني سڪيا جو لازمي مدو پورو ڪرڻ کان پوءِ پنهنجن گهرن ڏانهن واپس وڃي رهيا هئا. هر هڪ ماڻهو کي پنهنجي ڪيسي ۾ ڪمايل آمريڪي ڊالر هئا.

ڪتاب جو هيرو عام رواجي، سمنڊ جي نوڪري تي هِريل ۽ ڪنهن به ڳالهه تي پريشان نه ٿيندڙ ڪيپٽن ميڪ وهر (Mac whirr) ڪونرڊ جي تمام ڪامياب تخليقن مان هڪ آهي. ڪيپٽن وهر چين جي سمنڊن ۾ نوڪري ڪندو هو ۽ ڪڏهين قصباتي انگلينڊ پنهنجي زال ۽ ٻن ٻارن ڏانهن ويندو هو. انهن لاءِ هو ڄڻ ته بلڪل اجنبي هو. هو ساموندي سفرن بابت پنهنجي زال ڏانهن ڊگها خط لکندو هو جيڪي هو بوريت جون اوٻاسيون ڏئي پڙهندي هئي. "سندس زندگي جو واحد راز اهو هو ته ڪيس انهي وقت کان ڏاڍو ڏپ لڳندو هو جڏهن سندس مڙس هميشه لاءِ گهر رهڻ ايندو".

سنگاپور کان انهي سفر ۾ جهاز ۾ ڪارگو غير معمولي هو. قُلي جهاز جي اڳئين حصي ۾ هڪ وڏي بنڪر ۾ رهندا هئا. ڪيپٽن ميڪ وهر انهن کي مسافرن جي نالي سان عزت نه ڏيندو هو. ڇاڪاڻ ته اهي فقط قُلي هئا. هر قلي کي پاڻ سان گڏ هڪ ڪاٺ جو ڪوکو هو جنهن ۾ سندس ٿورو ٿڪو سامان ۽ سندس گڏ ڪيل ٿورا چاندي جا ڊالر هئا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نانءِ شان سائوٿ چائنا سمنڊ ۾ اڳتي وڌندو پئي ويو. ڪيپٽن ميڪ وهر ڏسي رهيو هو ته بيروميٽر جي سُئي مسلسل ڪِرندي پئي وئي ۽ کيس احساس ٿي رهيو هو ته موسم جلدئي خراب ٿي ويندي. بيروميٽر جي سئي ڪرڻ سان تمام شديد ۽ چيڙهه واري گرمي ٿي رهي هئي. هوا ڳري ۽ بي جان ٿي وئي هئي. سج مان نارنگي رنگ چڙهائجي ويو هو ۽ اُس تمام تکي ٿي وئي هئي. موسم جي اڻ وڻندڙ شدت جهاز ۾ سيني تي اثر انداز ٿي رهي هئي. سمنڊ جي باقاعدي ۽ آهستي حرڪت بتدريج تيز ٿيندي ٿي وئي. جنهن سان جهاز بي آراميءَ سان لوڏا کائي رهيو هو.

سج لهڻ سان جهاز جا خوفناڪ لوڏا اچا وڌي ويا ۽ زيتوني رنگ جي ڪڪرن جا گهاٽا ڪنارا سمنڊ ۾ اتر طرف بي حرڪت نظر اچي رهيا هئا. جهاز جي چيف ميٽ ينگ جوڪس (young jokcs) پنهنجي لاگ بڪ ۾ لکيو: "جهاز وڏي وير ۾ تمام تيزي سان لڏي رهيو آهي. سج لٿو ڏا يو ڏيچار بندڙ آهي".

اوندهه ٿيڻ کان پوءِ وير وڌندي وئي. بيروميٽر مسلسل هيٺ ڪري رهيو هو. جهاز ۾ سيئي حفاظتي اپاءَ ورتا ويا. قُلين کي بنڪر ۾ بند ڪيو ويو. ميڪ وهر چارٽ روم ۾ وينو پنهنجي ڪنهن ڪتاب مان طوفانن وارو باب پڙهي رهيو هو. جوڪس جهاز جو مٿو تمام وڏي وير ڏانهن ڪرڻ جي صلاح ڏني جيڪا جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ خطرناڪ ٿيندي پئي وئي. پر ميڪ وهر انهي ڳالهه تي ڪن ئي نه پئي ڏنو. "مسٽر جوڪس طوفان ته طوفان هوندو آهي ۽ پوري طاقت واري جهاز کي انهي کي منهن ڏيڻو پوندو آهي". هو چارٽ روم ۾ ننڊ ڪرڻ ويو هليو ۽ جوڪس کي چوندو ويو ته ٿوري به تبديلي اچي ته کيس جاڳائي.

نان شان سان طوفان ايترو ته اوچتو ۽ اينري ته شدت سان ٽڪرايو جو جوڪس بنا دير چارٽ روم ڏانهن نه وڃي سگهيو. آفيسر گگهه اوندهه ۾ پنهنجي جان بچايو بِرج (جهاز ۾ هڪ پليٽ فارم جتان ڪيپٽن جهاز جو رخ متعين ڪندو آهي. سنڊيڪار) تي بيٺا هئا. هوا جي گوڙ ۽ شور ۾ انهن جا هوش حواس خطا ٿي ويا هئا. نان شان آڳيل کان پاڇيل تائين موجون هڻندڙ سفيد پاڻي ۾ وبڙهيو ائين لوڏا کائي رهيو هو جڻ ته ڊپ وچان چريو ٿي ويو هجي.

پوءِ آخر اصلي ڪم به ٿي ويو "ائين پئي لڳو جڻ ته سمنڊ جي چٽني پاسن کان وڏا ڏڏڪا ٿي رهيا هجن. پاڻي ائين ڏوڪيندو پئي آيو جڻ ته ڪو شاهي ڊيم

پڇي پيو هجي. ڪن پلڪ ۾ ماڻهو چڙوچڙ ٿي ويا ۽ ڪنهن جو ڪنهن سان رابطو نه رهيو. اها طوفاني هوا جي چڙوچڙ ڪندڙ طاقت هئي. انهي هڪ شخص کي ٻئي کان پري ٿي ڪري ڇڏيو".

هاڻي طوفان پنهنجي عروج تي هو. ماڻهن لاءِ هڪ ٻئي سان ڳالهه ٻولهه جو واحد طريقو ڪنن ۾ رڙيون ڪرڻ هو. اهو ڏاڍو پوائنٽو تجربو هو جو انهن مان ڪنهن به اڳ ۾ اهڙو طوفان (Typhoon) نه ڏٺو هو. جهاز جو سيڪنڊ ميٽ افراتفريءَ ۾ وهيل هائوس ۾ گهوماتجي ڪري پيو. جوڪس ڏاڍي ڊپ ۾ ونجي ويو هو ڪيس پڪ هئي ته جهاز طوفان جي شدت مان صحيح سالم بچي نه سگهندو. پوري ذميواري فقط هڪ ماڻهو جي ڪلهن تي هئي ۽ اهو هو ٿور ڳالهائو ۽ ڏن جو پڪو ڪيپٽن ميڪ وهر.

"جهاز بچي ويندو؟" جوڪس پنهنجي ڪيپٽن جي ڪن ۾ رڙ ڪئي.

"ٿي سگهي ٿو".

هر ڪنهن تي طوفان جو اثر ايترو ته حاوي ٿي ويو هو جو ماڻهو انهي مان آهستي آهستي ئي ٻاهر نڪري سگهيا. طوفان سبب جهاز جي عرشي جو سامان، لائيف بوٽس ۽ عرشي جي چوڌاري لڳل جهنگلا سمنڊ ۾ ڪري پيا هئا. اسٽيئرنگ گيئر به ڪنهن به وقت هليو ويندو ۽ نان شان ڇٽني طرفن کان ٽڪيندڙ ٽاڪرو سمنڊ ۾ دفن ٿي ويندو. انهي جي جدوجهد ۾ هاڻي سمجهه ۾ ڏاهپ نه رهي هئي. هن سمجهيو پئي ته اها پڄاڻي جي شروعات هئي.

جهاز جي ساز سامان ۽ عملي جو انچارج هٽن پير رڙهي برج تي پهچي ويو ۽ ڪيپٽن جي ڪن ۾ رڙ ڪري ٻڌايائين ته چيني پاڻ ۾ وڙهي رهيا هئا. ميڪ وهر جوڪس کي تفتيش لاءِ موڪليو.

جيئن ته جهاز جي عرشن (Decks) جي بچاءُ جو ڪو به بندوبست نه رهيو هو ۽ انهن تان لڳاتار زوردار پاڻي وهي رهيو هو تنهن ڪري جوڪس ۽ ساز سامان ۽ عملي جو انچارج سوڙهين گهٽين مان اوندهه ۾ ريڙهيون پائيندا ويا. جهاز چرين وانگر لوڏا پئي کاڌا، جيڪا به شي پنهنجي جاءِ تي پڪي پختي نه هئي اها ۽ سڀ ماڻهو هيڏانهن هوڏانهن اچلجي رهيا هئا. جوڪس آخرڪار انهي جاءِ تي پهچي ويو جتي قلي واڙيا پيا هئا ۽ ٻاهر نه ٿي نڪري سگهيا. هن کي اتي ڊنل ۽ رڙيون ڪندڙ ماڻهن جو هڪ ميڙ نظر آيو. ڪجهه هڪ ٻئي سان وڙهي رهيا هئا ته ڪجهه اڳتي پوئتي اچلجي

رهيا هئا. جهاز جي لوڏن سبب انهن ڏڪ ڪاڏا هئا جن مان رت وهي رهي هئي جڏهن ته ٻيا جهاز جي هيٺ وڃي ڊاڪٽر کي مکين وانگر چنبڙيا پيا هئا ۽ ٻاهر نڪرڻ جي ڪوشش ۾ در کي ڌڪ هڻي رهيا هئا. جهاز جو اڳيل يا پاڇيل مٿي ٿي کڄي ويو ته قلي رڙيون ڪندا مکين جي ڍير وانگر هيٺ ڪِري ٿي پيا. اهو ڊاڊيوپوائنٽو منظر هو.

جهاز جي انجن روم ۾ چيف انجنيئر سالومن رائوٽ ۽ سندس عملو انجڻين جي اسپيڊ کي ڪنٽرول ۾ رکندي ڪل ٽڙيل جهاز کي ريجهائڻ جي ڪم ۾ لڳا پيا هئا.

جوڪس ريڙهيون پائيندو انجن روم ۾ ويو ۽ اسپيڪنگ ٽيوب ذريعي ميڪ وهر کي رپورٽ ڏنائين. هن چيو ته چينين جي بنڪر ۾ حالت ڏاڍي خراب هئي. هيستائين ڪجهه ماڻهو مري ويا هوندا. اهي بهرحال وڙهندا ئي رهندا.

ميڪ وهر پنهنجي فرسٽ ميٽ سان زور زور سان ڳالهين جي دوران پنهنجي جهاز جي اڳيل ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ امالڪ انجن روم جي ٽيليگراف ڏانهن وڃي انجڻيون بيهارڻ لاءِ گهنٽيون وڄائڻ لڳو. هن سفيد گجي جي هڪ قطار ايترو ته اوچائي تي ايندي ڏٺي هئي جو ڪيس پنهنجي اکين تي اعتبار نه پئي آيو. ڪير به ماڻهو اهو اندازو نه پئي ڪري سگهيو ته اتي سمنڊ ڪيترو اونهو هوندو ۽ پاڻي جي ڊوڙندڙ پٽ پنيان طوفان سمنڊ ۾ ڪيتري اونهي کڏ ئاهي ڇڏي هئي". پاڻي جو اهو جبل نان شان ڏانهن ڊوڙندو پئي آيو. اهو سيني کان وڌيڪ خطرناڪ لمحو هو. نان شان تي هڪ چيزي کان ٻئي چيزي تائين سوين مڻ پاڻي چڙهي ويو. انهي خوفناڪ سمنڊ جي سڀ کان مٿاهين حصي تي چڙهي پوءِ ائين ٽپي ڏنائين جڻ ته دنيا جي ڪناري کان هيٺ لٿو ٿو وڃي.

جهاز آخرڪار وري مٿي ٿيو ۽ جوڪس اسپيڪنگ ٽيوب تي ڪيپٽن سان ڳالهائڻ شروع ڪيو. هن سمجهيو پئي ته ڪيپٽن ڪيس ٻڌائيندو ته هر شي لُڙهي وئي هئي. اسٽيئرنگ گيئر هليو ويو هو ۽ جهاز ٻڏڻ تي هو. پر ميڪ وهر ڪيس سانتيڪي آواز ۾ چيو ته هو چينين جي بنڪر ڏانهن وڃي ۽ اهي ڊالر ڪٺي وٺي.

اهي طوفان جي وچ ۾ آهن. هر طرف بلڪل سانت لڳي پئي آهي. باقي سمنڊ جو گوڙ آهي جيڪو جهاز جي چوطرف وڏيون ڇوليون هڻي رهيو آهي. جهاز

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

استعمال پختي عمر تي پهچڻ کان پوءِ شروع ڪيو. هو لفظن جي استعمال ۾ ڏاڍو خوش ٿئي ٿو ۽ اهڙا اثر پيدا ڪري ٿو جيڪي شاعراڻي چتائي رکن ٿا.

هو تمام آهستگي سان لکندو هو جنهن جي سموري ڏينهن جو ڪم ڪڏهن ڪجهه جملن کان وڌيڪ نه هوندو هو. پر سندس هرهڪ جملو تمام وڏي ڏيان سان گهڙيل نهيل هوندو هو ۽ هو وڏي ڪوشش ڪري بار بار ڪم آندل فقرن کان بچندو هو. هن جو اسلوب اهڙو دلڪش آهي جيڪو پڙهندڙ کي اهڙي صاف ۽ سگهاري آهنگ سان پاڻ سان گڏ وٺي وڃي ٿو. جيڪو ڪڏهن ڪڏهن ته سچي پچي موسيقي بڻجي پوي ٿو.

ᘓᘐ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 72. دي فور سائيٽ ساگا

## -- جان گالس وردي --

فورسائيٽ خاندان سان ملو! هتي اهي سيئي موجود آهن، يا ڪٺي چئجي ته اهي سيئي جيڪي ڪنهن نه ڪنهن لحاظ کان اهم آهن. مرد عورتون، پوڙها، وچولي عمر جا ۽ نوجوان سيئي 15- جون 1886ع جي انهي شام جو اسٽين هوپ گيٽ، هائيڊ پارڪ ۾ مسٽر جوليان فورسائيٽ جي گهر جي ڊرائنگ روم ۾ گڏ ٿيا هئا.

فورسائيٽ ڪٽنب ۾ ڪنهن جي مڱڻي، شادي يا ڄمڻ تي اهڙيون گڏجاڻيون ٿيڻ عام ڳالهه آهي ۽ بلاشڪ ته جڏهن انهيءَ ڪٽنب جو ڪو ماڻهو مرندو تڏهن به اهڙي گڏجاڻي ٿيندي پر هيستائين ته انهن مان ڪوبه نه مئو آهي. مرڻ فورسائيٽ جي اصولن جي خلاف آهي. اهي ڏاڍا سخت ۽ مَر ڇڏو آهن. ملڪيت جي معاملن جي وڏي سمجهه هوندي اٿن ۽ جيڪو ڪجهه هوندو اٿن انهي ڪي قابو جهلي بيهندا آهن. پئسو گهر، زمينون ۽ پنهنجيون عورتون. وڏي ڳالهه ته خود زندگي کي به هٿان وڃڻ نه ڏيندا آهن. انهن جي وڏڙن ايتري ته ڊگهي حياتي ماڻي آهي جو جيڪڏهن انهن مان ڪير اهو سمجهي ته موت انهن کي وساري ڇڏيو آهي ته به انهيءَ تي ڪا ميار نه ڏبي. پر اها انهن جي ڀُل آهي. ڪٽنب جي انهي گڏجاڻي ۾ سڀ کان وڏي عمر واري ماسي اين اوهتي ڪنڊ ۾ ويٺل 1799ع ۾ ڄائي هئي ۽ ڪيس پوري سانير آهي ته سندس پيءُ سيڪڙاٽ مان وڏندي وڏندي استاد رازو ٿيو هو. هن جي زندگي ۽ سندس ياران سئيتراٽڻ، پڙهڻ ۽ ماٽ ڪري ويٺو رهڻ جا فقط چند هفتا وڃي باقي بچيا آهن. پر في الحال اها ڳالهه به ميٽي پوندي ته اهو ڪٽنب ڏسڻ ۾ ڏاڍو بارعب نظر اچي ٿو.

هو پريان پيانو جي پر ۾ ويٺل ڏاڙهي مچون صاف، پيلي چمڙي جي رنگ وارو پنهنجي وڏي سيني تي به واسڪوٽيون پايون چاچو سئٿن (Uncle Swithin) ويٺو آهي. هو اڳ ۾ زمينن ۽ ملڪيتن جو ڪاروبار ڪندو هو. دري جي پرسان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي ته انهي کي اها ساڃاهه آهي ته پئسي دولت سان ورلي ئي سونهن ۽ حسن خريد ڪري سگهجي ٿو. انهي کي پئسي سان برقرار رکڻ ته اڃا وڌيڪ پري جي ڳالهه آهي.

سومز فورسائيٽ انهي ڪري ئي آئرين هيرن سان شادي ڪئي. جيڪا هڪ هٿين خالي پروفيسر جو اڪيلو ٻار هئي. جو هو اڳ ۾ ڪنهن اهڙي عورت سان نه مليو هو جنهن ۾ محبت جا جذبا جاڳائڻ جي ايتري قابليت هجي ۽ هو فورسائيٽ ڪٽنب جي مخصوص مڇڏائپ سان ارڙهن مهينا هن جي پٺيان لڳو رهيو هو تنهن ڪان پوءِ ئي هو هن سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي هئي. انهي کان جلدئي پوءِ هو پاڻ کان اهو سوال پيو پڇندو هو ته: "هن مون سان شادي ڇو ڪئي؟" ۽ جيڪڏهن هن اها ڳالهه باسڻ ۾ دير ڪئي ته پڙهندڙ پاران اهو شڪ ڪرڻ تي مٿس ڪا ميار نه هئڻ گهرجي ته انهي جو سبب ڪو اهڙو سنو نه هو جو هوءَ پنهنجي گهر جي آسپاس واري اميراڻي غريبيءَ جي ماحول مان ڪڪ ٿي. پئي هئي ۽ پنهنجو ذاتي گهر هئڻ جي سڌ ڪرڻ لڳي هئي. هن ڪيس هر ڪا شي مهيا ڪري ڏني هئي. سنو گهر، پئسا، ڪپڙا، زيور، نوڪر چاڪر، گاڏيون، مهانگين جاين تي موڪلون مطلب ته هن ڪيس ڪنهن به ڳالهه کان سِڪايو نه هو. انهي جي باوجود به هوءَ هن سان اهڙو سلوڪ ڪرڻ لڳي هئي جنهن کي لاتعلقي چئي سگهجي پيو يا هڪ اهڙي ناپسنديدگي جيڪا پوءِ ڪراهت ۽ آخرڪار نفرت ۾ بدلجي وئي. انهي کي اسين موجوده دور ۾ شايد جنسي بي رغبتي جو نالو ڏئي سگهون ٿا.

سومز پاران ڳوٺاڻي علائقي ۾ گهر ٺهرائڻ جو به وڏو سبب اهو هو جو هو ڪيس ڪا اهڙي شي ڏيڻ پيو چاهي جنهن ۾ هن جي دلچسپي پيدا ٿئي. هن اهو گهر سري واري علائقي جي اترئين چيڙي تي رابن هل تي ٺهرايو (اسين سمجهي سگهون ٿا ته اها جاءِ Coombe Hills هوندي جتي گالس وردي جي پيءُ. يعني اولڊ جوليون وارو حقيقي ڪردار. 1870ع واري دور ۾ هڪ رهائشي علائقو آباد ڪيو هو) آرڪيٽيڪيٽ سومز پنهنجي سوٽ جون جي اپارڻ تي فلپ بوسني کي فرسٽ ڪلاس ڪميشن تي نوڪري ڏني ۽ تقريباً شروعات کان ئي انهي ۾ مسئلا پيدا ٿيندا ويا. اهي مسئلا مالي نوعيت جا هئا ڇاڪاڻ ته بوسني سدائين سومز پاران مقرر ڪيل خرچ جي حد ٽپي ويندو هو. پوءِ شخصي نوعيت جا مسئلا پڻ پيدا ٿيا ڇاڪاڻ ته آئرين ۽ بوسني کي گهڻو وقت گڏ ڇڏيو ويو ته اهي هڪ ڏاڍي ذکي معاشقي ۾ اڙجي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويا. سرپاٽ سومز جي ڪنن تي به پيا ۽ سرپاٽن کان وڏيڪ جيڪو ڪجھ اڳتي ٿيڻو هو هن انهي جو به اندازو ڪري ورتو. هن بوسني پاران هن لاءِ مقرر ٿيل مالي حدون ٽپڻ تي هن خلاف قانوني قدم کڻڻ جو فيصلو ڪري ورتو. فورسائيٽ خلاف بوسني جي ڪيس جي سماعت 1887ع جي نومبر ۾ هڪ ڪوهيڙي واري ڏينهن ٿي ۽ فيصلو ته سومز جي حمايت ۾ ٿيو. آيو بوسني عدالت ۾ موجود نه هو. انهي کان اڳئين ڏينهن تي هو آئرين سان مليو هو ۽ اها هن جي هن سان آخري ملاقات ثابت ٿي. انهي ۾ هن ڪيس اها ڳالهه به ٻڌائي ڇڏي ته سندس مڙس سندس بيڊروم جو دروازو ڪليل ڏٺو هو ۽ ڳالس ورديءَ جي چوٽ پريل لفظن ۾ "هن آخرڪار پنهنجا حق مجرايا هئا ۽ هڪ مرد واري هلت ڪئي هئي". بوسني وڏي ڪاوڙ ۽ جنسي حسد واري باهه ۾ ڪوهيڙي وارين گهٽين ۾ ڪاهي پيو هو ۽ هڪ گاڏي سان ٽڪرائجي مري ويو هو.

ناول جي منڍ کان پڇاڙيءَ تائين ڳالس ورديءَ جون همدرديون آئرين سان آهن. غير جانبدار پڙهندڙ ڪڏهن ڪڏهن حيرت ۾ به ونجي سگهي ٿو ته ائين ڇو آهي. سومز پلي ڪو دل کي وڻندڙ ڪردار نه هجي پر هن پنهنجي زال سان اهڙي نموني محبت ڪئي ٿي جنهن ۾ خلوص جي به ڪمي نه هئي. هو هن لاءِ سڀ ڪجھ ڪرڻ ۽ سندس آزادي کان سواءِ سڀ ڪجھ ڏيڻ لاءِ تيار هو. جيستائين آئرين جو تعلق آهي ته هن هڪ سودو ڪيو هو ۽ اهو ڪرڻ کان پوءِ انهي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ کان نابري واري وينڻي هئي. ڳالس وردي جو هڪ همعصر ناول نگار Hugh Walpole آئرين جي هلت چلت مان اينترو ته بيزار هو جو انهي کي منڍ کان آخر تائين ڪنهن ڪميني عورت جو ڪردار ڪوٺيو هئائين. پر ڳالس وردي انهي کي انهي بهترين سبب جي ڪري انهي رُخ کان نه ٿي ڏٺو جو هو ڪنهن به لحاظ کان غير جانبدار مبصر نه هو. ڇاڪاڻ ته آئرين فورسائيٽ _ اصل ۾ ادا ڳالس وردي _ سندس سوٽ ميجر آرٿر جارج ڳالس وردي جي زال هئي. هن جا انهي سان ڪيترا ورهيه ويجها لاڳاپا رهيا هئا تان جو 1905ع ۾ سندس مڙس عدالت ذريعي طلاق ورتي ۽ هن ۽ جان ڳالس وردي شادي ڪئي. هن جو شادي کان اڳ توڙي پوءِ هن مٿان گهرو اثر هو ۽ حقيقت ۾ هن ئي سڀ کان اڳ اها ڳالهه محسوس ڪئي ته هن ۾ هڪ ليکڪ جا جزا موجود آهن ۽ ڪيس لکڻ تي اياربائين. اهي انهن جي لاڳاپن جا بلڪل شروعاتي ڏينهن هئا ۽ اهي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿڏائي اچي وئي پر Saga جو سلسلو اڳتي وڌڻ سان هن ۾ آهستي آهستي سمجهه ايندي وجي ٿي ۽ آخرڪار سومز تقريباً هڪ وٽندڙ انسان جي روپ ۾ منظر تي اچي ٿو پر سندس خالق کيس ڪڏهن به صحيح معنيٰ ۾ خوش ٿيڻ نه ٿو ڏئي.

سومز آخرڪار جڏهن زندگي جي اڌ حصي تي پهچي ٿو پيهر شادي ڪرڻ لاءِ آزاد ٿيو ته هن اينيٽ (Annette) جي چونڊ ڪئي، اها سوهو (Soho) جي هڪ فرانسي ريسٽورينٽ مالڪ جي نوجوان ۽ سهڻي ڌي هئي. هن جلدئي اها ڳالهه واضح ڪري ڇڏي ته اها شادي مجيل فرانسي طريقي مطابق محبت کان سواءِ ٻيون ڳالهيون مد نظر رکندي ڪئي وئي هئي. انهن کي هڪ ٻار به ڄائو پر اها ڇوڪري هئي ۽ ويم دوران اينيٽ کي ايتريون ته تڪليفون آيون جو ڊاڪٽرن اها ڳالهه واضح ڪري ڇڏي ته کيس وڌيڪ ٻار نه ڄمندا. سومز اهو صدمو وڏي همٿ سان برداشت ڪيو ۽ هن جي جڏهن ٻار تي ٻهريون دفعو نظر پئي ته هن پاڻ کي هڪ اهڙي انداز ۾ ڏيکاريو جنهن جي ڪنهن کي به توقع نه هئي. تڏهن اينيٽ فرانسي ۾ چيو هو Ma Petite Fluer!. فلوئير، سومز ورجايو. فلوئير! ٺيڪ آهي کيس انهي نالي سان سڏيو. هن ۾ ڪاميابي ۽ وري ڪا شي حاصل ڪرڻ جو احساس ايري آيو خدا جو سنهن ته اها شي هن جي هئي!". (هي ڳالهه نوٽ ڪريو ته هن دلي خوشي واري موقعي تي به هن جي اها ڳالهه ظاهر ڪئي آهي ته هو ملڪيت جي احساس تي خوش ٿئي ٿو).

فلوئير وڏي ٿيندي هر طرح سان فقط پنهنجي پيءُ سان لاڳاپيل رهي. اها ئي اها واحد انساني مخلوق هئي جنهن کي هُن پنهنجي دل ڏني هئي. سندس ڏيءُ جي پيٽ ۾ سندس تصويرن جو مجموعو به ثانوي اهميت وارو هو. فلوئير سان محبت ڪندي هو پنهنجي زال جي بي وفائي، پراڻن دوستن ۽ مٽن مائٽن جي وفات، ۽ هڪ دور گذرڻ جهڙن صدمن کي سڪون سان برداشت ڪري سگهيو ٿي. پر گالس وردي هن تي ڪا به کهل نه ٿو ڪري هن کي To let ۾ هڪ وڌيڪ شديد صدمو ڏنو ويو آهي. سندس ڏيءُ فلوئير کي جون سان بي انتها ۽ ديوانگي جي حد تائين پيار ٿي وڃي ٿو. اهو "انهي عورت" ۽ سندس سوٽ جوليون جو پٽ هو جيڪي پاڻ ۾ شادي ڪري Robin Hill تي وڃي رهيا هئا!

فلوئير توڙي جون کي انهي تڪرار بابت ڪا به خبر نه هئي جنهن فورسائيٽ ڪٽنب ۾ ڦوٽ وجهي ڇڏي هئي. پر اهو جيڪو ڪجهه به ٿيو هو سو گهڻو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪو حقيقت ۾ انسان پاران پنهنجي قسمت ۾ بهتري آڻڻ جي صلاحيت نه ڏسي تڪجي ۽ منجهي پيو هو. پر اهو فقط ذهن هو اهو سوچيندڙ ويلز ڳالهائي رهيو هو. ويلز جيڪو هڪ آرٽسٽ هو انهي شايد انهي کان گهڻو بهتر ڪم ڪيو هو جيترو ڪيس احساس هو. چاڪاڻ ته هن پيٽ شيين سان گڏوگڏ مسٽر پولي تخليق ڪيو هو. جنهن جي تاريخ تڏهن به پڙهبي رهندي جڏهن بيٽ "تاريخن" تي ڪيٽن ۾ دز پئي چڙهندي

هاڻي مسٽر پولي سان گڏجي ويهو. هو پنهنجي جهنگلي جي ڏاڪڻ تي ويٺو آهي. عمر چاليهن جي لڳ ڀڳ ٿيندس. سندس پيدائشي خوش خُلقي تي بدهاضمي جو تهه چڙهي ويو آهي. هڪ ننيڙي ڪاروبار ۾ ڦاٿو پيو آهي. جنهن ۾ ڏيواليو نڪرڻ وارو اٿس. هڪ اهڙي عورت سان شادي جي بندڻ ۾ ڦاٿل آهي جيڪا هن لاءِ صحيح نه آهي. ڪا به سکيا نه اٿس. ڪنهن ڪو چتاءُ نه ڏنو اٿس. منجهيل آهي. بيزار ۾ آهي. ڪاوڙيو پيو آهي. انهي کان سواءِ پيو ڪجهه نظر ئي نه ٿو اچيس ته هڪ اڻ وڻندڙ صورتحال ۾ ڦاٿو پيو آهي... خراب ٿيندڙ ڪاڏن ۽ جهيڙيندڙ رَسَن جو هڪ جنگ جو ميدان آهي... ڪو انسان نه جڻ ته ڪا گهرو ويڙهه آهي.... سماجي طور ڪٿي به مطابقت اختيار نه ٿو ڪري سگهي تنهن ڪري حالت ڏاڍي خراب اٿس".

سندس پنهنجن لفظن ۾ ڪيس پنهنجي نصيب جو ڏک لڳي چڪو آهي. جهنگلي جانورن جهڙي زندگي آهي. هن اهڙين شين تي اصرار ڇو نه ڪيو جن کي هن سهڻو سمجهيو ٿي؟ اهي حاصل نه ڪيائين انهن لاءِ وڙهيو نه انهن لاءِ ڪو خطرو نه کنيائين. انهن کي ڇڏي ڏيڻ بجاءِ مري ڇو نه ويو؟ انهي لاءِ سڀئا سبب هئا. انهي ۾ ئي ڪيترن ئي مسٽر پولين جي روح جي رڙ آهي. ڪيترائي انسان جن جي قسمت اجا وڏيڪ تلخ آهي. چاڪاڻ ته هن وانگر اهي به اندروني طور سمجهن ٿا ته ڏوهه انهن جو ڪونهي.

پهريان سندس تعليم تي غور ڪريو. "مون کي ياد آهي ته مون تعليم جي ڪا تصوير ڏني هئي". ايچ. جي. ويلز لکيو آهي "هڪ سهڻي عورت ڏاڍي ڏاهپ پريل ۽ بي خوف منهن سان پنهنجن ٻارن تي جهڪي بيٺي هئي ۽ انهن کي پري آسمان جي ڪناري ڏانهن اشارو ڪري ڏيکاري رهي هئي. هو انهن کي ٻڌائي رهي هئي ته انهن جي سامهون زندگي ۾ وڏا رستا کليل هئا... ۽ هو جيڪي مهارتون حاصل ڪري سگهيا ٿي انهن ۾ ڪيترا نه مزا هئا. مسٽر پولي جي تعليم انهي تصوير جي گهڻو مطابق نه هلي هئي. هو ڪجهه وقت نيشنل اسڪول ۾ داخل ٿيو هو. هن ڇوڏهن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڳواٽي ڪندو آهين“. پر وري چاچي پيينسٽيمون جا عورتن بابت پنهنجا مخصوص نظريا هئا. جيئن هن اڳتي هلي مسٽر پولي کي هن جي مريم سان شادي وقت ڪيس چيو هو. ”اهي تمام قيمتي پيڪٽ آهن ۽ تون جيستائين انهن کي گهر کڻي وڃي کولين نه ٿو تيستائين توکي خبر نه پوندي ته انهن ۾ ڇا آهي“.

مسٽر پولي جو قيمتي پيڪٽ مريم هئي. ”ڪنوار تي نظر پوندي مسٽر پولي ڪيترن ئي متضاد احساسن مان گذريو. خطرو، خواهش، محبت، عزت ۽ ناپسنديدگي جو هڪ عجيب عنصر. هن جي اندر ۾ هن جي اندروني ٻوجهي ٻٽڪاٽ ڪيو“. لل ڊاگ، پر تيستائين گهڻي دير ٿي وئي هئي ۽ هن کي ڪُنڍي لڳي چڪي هئي. ۽ تڏهن ٻه شاديءَ جي موقعي جي عروج تي ٻه مسٽر پولي زندگي کي ايتري اهميت نه ٿي ڏني جيتري ڏيڻ گهرجي. ڪا وڻندڙشي ڇمندي ئي مري وئي.

انهي کان پوءِ فش بورن وارا پندرهن ورهيه آيا. هن پوءِ ڪتابن جي دنيا ۾ پناهه ورتي. هو پڙهندو رهيو. پڙهندو رهيو تان جو سندس دل ۾ اها شديد خواهش پيدا ٿيڻ لڳي ته هو مرڻ کان اڳ اهي اس ۾ سڪي نوٽ ٿيل زمينون ڏسي. پوءِ هڪ ڏينهن کيس احساس ٿيو ته هو جلدئي چاليهن ورهين جو ٿي ويندو. پوءِ اسين کيس پنهنجي جهنگلي جي ڏاڪي تي ويهي آڦريل پيٺ وارا پلان جوڙيندي ڏسون ٿا.

هن مسٽر پولي تي ڏيکاريندي آخرڪار انهن رٿائن کي عمل ۾ آندو. انهي رٿا جا ٻه پاسا هئا. دڪان کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏڻ ۽ پنهنجو ڳلو ڪپي ڇڏڻ. هن پهريون ڪم ڪيو ۽ ڏاڍي سٺي نموني ڪيو. اهڙي سٺي نموني ڪيو جو انهي سان گڏوگڏ اڌ شهر ٻه سڙي ويو. پوءِ کيس ياد آيو ته هڪ ٻرندڙ اُلا ڇڏيندڙ دڪان مٿان هڪ پوڙهي عورت رهندي هئي. هو مٿي ويو ۽ کيس بچائي ڪڍي آيو. ”آءُ هن ڳالهه تي هريل نه آهيان“. هو کيس سهارو ڏئي وٺي پٺي آيو ته هن چيو. ڏيوالو ڪڍڻ جي ويجهو پهتل سيٺي واپاري پينا ڏسي رهيا هئا. انهن کي انشورنس جي رقم ملڻ جون سوچون ۽ اميدون هيون. مسٽر پولي هڪ هيرو ٿي پيو. پر جڏهن ڊرامو پڄاڻي تي پهتو ته هيرو مريم سان گڏ سمهڻ لاءِ تياري ڪري رهيو هو. هن جو دماغ ٻه انشورنس جي رقم ملڻ جي خيالن سان پريو پيو هو. اسين ڏاڍي سولائي سان هر شي نئين سر شروع ڪري سگهون ٿا. هن چيو. ”هون“ مسٽر پولي چيو. ”کيس پهريون دفعو ياد آيو ته هن کان ڪا ڳالهه وسري وئي هئي. هن کي ته پنهنجو ڳلو ڪپڻ گهربو هو“.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"انهي مان ڪجه نہ ورندو سائين". انهن مان هڪ ماڻهوءَ چيو. ميدان تي اسين ڪُل سورنهن ماڻهو آهيون". هن انهن کي ايلاز ڪيا تہ هو کيس پنهنجي ننڊ پوري ڪرڻ ڏين. اهي اسٽون هينج جي ٿُلهن ۾ هن جي پرسان ويهي رهيا. هوءَ آخرڪار سجاڳ ٿي. "هي ڇا آهي اينجل؟" هن پڇيو "ڇا اهي منهنجي پٺيان آيا آهن؟" هن وراڻيو "هائو پياري، اهي اچي ويا آهن". هن ماٺ ميٺ ۾ چيو "آءٌ تيار آهيان".

اهڙي طرح اها دکدائڪ ڪهاڻي ۽ دل ڏاريندڙ داستان پنهنجي تلخ انجام ڏانهن وڌي ٿو. پڇاڙيءَ وارن صفحن ۾ اينجل ڪليئر ۽ ليزالو سندس زال جي نوجوان ڀيڻ۔ ٽيس ڪليئر کي منٿ ڪئي هئي تہ هو سندس وڃڻ کان پوءِ انهي سان پرڻجي۔ ونچيسٽر مٿان ٽڪري تي ويٺيون جيل جي ٽاور ڏانهن تڪي رهيون هيون. ٽاور جي ڪناري تي هڪ لڪڙو کُتل آهي ۽ اٺ وڄڻ کان پوءِ ڪا شي آهستي آهستي لڪڙي تي مٿي چڙهي ٿي ۽ هلڪي هوا تي پکڙجي وڃي ٿي اهو هڪ ڪارو جهنڊو آهي. "انصاف" ٿي ويو هو ۽ هڪ ايسڪيلائي فقري مطابق لافانين جي صدر (President of the Immortals) ٽيس سان پنهنجو کيل پورو ڪيو ۽ اربروائيل ڪٽنب جا سردار ۽ عورتون انهي کان بي خبر پنهنجن مقبرن ۾ ستل رهيا. بہ چپ چاپ نهاريندڙ ائين زمين ڏانهن جهڪي ويا جيئن پوجا پاٺ ڪندا هجن ۽ بغير چُرپر جي گهڻو وقت ائين ئي رهيا: جهنڊو ماٺ ميٺ ۾ ڦڙڪندو رهيو. انهن ٻنهي ۾ جيئن ئي سگهه پيدا ٿي اهي اٿي پيئا وري هڪ ٻئي جي هٿن ۾ هٿ ڏنائون ۽ اڳتي روانا ٿي ويا.

# 69. دي انٽر پريٽيشن آف ڊريمز

## ـــ سگمنڊ فرائيڊ ـــ

سگمنڊ فرائيڊ، جيڪب فرائيڊ جي ٻين شاديءَ مان سڀ کان وڏو ٻار هو. هو فرائيبرگ جي ننڍڙي آسٽريائي شهر ۾ ڪپڙي جي هڪ ننڍڙي مل جو مالڪ هو ۽ مذهب جي لحاظ کان يهودي هو. سگمنڊ فرائيڊ 6 ـ مئي 1856ع تي ڄائو. صنعتي انقلاب سبب ڪپڙو ناهڻ جي ڪم ۾ آيل تبديلين سبب جيڪب فرائيڊ 1860ع ۾ ويانا لڏي ويو ۽ اتي ڪپڙي جي واپاريءَ طور ڪم شروع ڪيائين.

سگمنڊ ڪي اٺن ورهين جي ڄمار تائين پنهنجي پيءُ گهر ۾ پڙهايو. هو ذهانت جي لحاظ کان سراسري کان وڌو ٻار هو تنهن ڪري هو جڏهن اسپرل هاءِ اسڪول ۾ پهرئين سيمسٽر جي پڄاڻي تي پنهنجي ڪلاس ۾ پهريون نمبر آيو ته سندس ڪٽنب کي ڪا حيرت نه ٿي. هو ايندڙ اٺن ورهين تائين ڪلاس ۾ پهريون نمبر ايندو رهيو.

هن چوڏهن ورهين جي ڄمار ۾ ئي ڪائنات فلسفيءَ کي ڳولهي لڌو ۽ انهيءَ کان پوءِ هو هيگل، فشتي ۽ شوپنهار جهڙن وڏن جرمن فلسفين ڏانهن ويو هليو. هو ڪجھ وقت ته پاڻ فلسفي ٿيڻ بابت سوچيندو رهيو پر هن محسوس ڪري ورتو ته سندس پيءُ جي مالي حالتن سبب هن لاءِ ضروري آهي ته هو ڪو اهڙو ڌنڌو اختيار ڪري جنهن سان هو پنهنجن پيرن تي بيهي سگهي. هن ڪجھ سوچ ويچار کان پوءِ طب جي ڌنڌي بابت فيصلو ڪيو.

هو 1873ع ۾ يونيورسٽي آف ويانا جي ميڊيڪل فيڪلٽي ۾ داخل ٿيو. البت پهرين ٻن سالن ۾ کيس چڱي دشواري کي منهن ڏيڻو پيو جو هو اهو فيصلو نه پئي ڪري سگهيو ته نيچرل سائنس جي ڪهڙي شاخ ۾ سندس مڪمل دلچسپي پيدا ٿيندي هو هڪ ڊپارٽمينٽ کان ٻي ڊپارٽمينٽ ڀٽڪندو رهيو ۽ جيڪڏهن هڪ دفعو پنهنجي وڏي ويهڳي پاءُ وٽ نه وڃي ها ته شايد اڃين ئي ڀٽڪندو رهي ها.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس ياءُ مانچيسٽر لڏي ويو هو. انهي سان مڻ سان الائي ڪيئن هن ۾ نئين زندگي اچي وئي. هن کي ويانا واپس آئي گهڻو وقت نہ ٿيو هو جو هن ارنيسٽ بروڪ کي ڳولهي لڌو.

بروڪ (Brucke) هڪ پيرسن ماڻهو هو (۽ مشهور ماهر طبعيات ميئر جو شاگرد هو. انهي جي توانائي جي بقا بابت دريافتن سائنسي حلقن ۾ وڏي هلچل پيدا ڪري ڇڏي هئي. هو پنهنجي دور جو هڪ عظيم ترين فزيالاجيڪل محقق هو.) فرائيڊ سمجهڻ لڳو تہ کيس بروڪ جي ليبارٽري ۾ اها شي هٿ اچي وئي آهي جنهن جي هو ڳولها ۾ هو. هو ايندڙ ڇهن ورهين تائين پنهنجي استاد جي رهنمائي هيٺ تحقيق ڪندو رهيو. هو انهي ڪم ۾ ايترو تہ محو ٿي ويو جو پنهنجي باقي رهيل طِبي تعليم کي بہ پاسي تي ڪري ڇڏيائين ۽ معمول وارن پنجن ورهين بجاءِ اٺن ورهين ۾ ڊگري ورتائين. هو تڏهن بہ ائين نہ ڪري ها جيڪڏهن بروڪ کيس بغير ڪنهن رڪ رڪاءَ جي اهو نہ چئي ڇڏي ها تہ هو کيس پنهنجو اسسٽنٽ بنائڻ جو ڪو ارادو نہ ٿو رکي.

هو طب جي تعليم مان فارغ ٿيڻ کان پوءِ ويانا جنرل هاسپيٽل ۾ انٽرن (Intern) ٿي ويو ۽ ٿوري وقت ۾ ئي جونيئر ريزيڊنٽ فزيشن ٿي ويو. اتي اسپتال ۾ هو پنهنجي دور جي هڪ سرڪردي نفسياتي علاج جي ماهر ٿيو ڊورميئرٽ جي زير اثر اچي ويو. هن بروڪ جي ماتحتي ۾ تنتي سرشتي جو اڀياس ڪيو هو ۽ ميئرٽ جي ماتحتي ۾ انسان جي مرڪزي تنتي سرشتي جو اڀياس ڪيائين.

قسمت هن جو ساٿ ڏنو ۽ هن کي سفري اسڪالر شپ ڏني وئي جنهن سندس رٿا کي ممڪن بڻائي ڇڏيو. هو 1885ع جي سرء کان 1886ع جي بهار جي مند تائين چارڪوٽ (Chorcot) جي ماتحتي ۾ اڀياس ڪندو رهيو پوءِ هو ويانا موٽي آيو شادي ڪيائين ۽ اعصابي بيمارين جي ماهر طور ڪم شروع ڪري ڇڏيائين.

فرائيڊ کي جلدئي انهي ڏنڌي ۾ موجود پراڻن خيالن جي ماڻهن سبب ڏکيائي پيش اچڻ لڳي. هن چارڪوٽ جي رهنمائي هيٺ جيڪي نوان نظريا ترتيب ڏنا هئا ويانا ميڊيڪل سوسائٽي انهن کي ڌڪاري ڇڏيو ۽ ميئرٽ کيس پنهنجي انسٽيٽيوٽ آف سينٽرل اناٽامي ۾ اچڻ کان روڪي ڇڏيو ڇاڪاڻ تہ کيس

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري به اها مسٽر پولي جي عظمت هئي جو جڏهن انهيءَ کي ڏنائين ته سچاٽي ورتائين "منهنجي مزاج مطابق آهي". هن چيو ته شراب خاني ۾ ڪم ڪندڙ ٻيڙي هلائيندڙ شيشا صاف ڪندڙ عام اتي وينجي ڪرڻ واري نوڪر جا ڪم ڪرڻ لڳو اها ئي سندس جنت هئي اتي ئي سڪون هو.

پوءِ هڪ ڏينهن انڪل جم جو نالو منظر تي اچي ويو ۽ "اٿين پئي لڳو جڻ ته سج جي روشني ۾ پاڻويل ان جي وٽندڙ ماحول تي ڪو پُراسرار پاڇو پئجي ويو آهي". مسٽر پولي ۾ سندس روشن تصور جي وچ ۾ اچا هڪ آخري رڪاوٽ باقي هئي، هڪ سبق اجا سِکڻو هو هڪ آخري خطرناڪ اژدها مارڻو هو. انڪل جم جي روپ ۾ ڊپ ۾ ڌهڪاءِ هو داداگير ۾ چور هو ۽ اخلاقي سڌاري واري اسڪول جو هڪ اڳوڻو شاگرد هو. "هو ڪهڙي قد ڪاٺ جو آهي؟" مسٽر پولي پڇيو. جلدئي پوءِ جڏهن انڪل جم کيس هڪ گهٽيءَ ۾ مليو ته کيس خبر پئجي وئي. هن کيس چتاءُ ڏيندي پڇيو: "چا آءٌ سڌريل لڳان ٿو؟" انڪل جم مسٽر پولي جي نڪ هيٺان مڪ وهائيندي هن کان پڇيو: "آءٌ توکي قيمو ڪري ڇڏيندس... آءٌ توکي زخمي ڪري ڇڏيندس... آءٌ توکي ڏاڍن خطرناڪ نمونن ۾ ايذائيندس".

مسٽر پولي اڏامي وڃڻ چاهيو. "اوپر طرف ڏاهي ماڻهو جو ڏگ آهي". مسٽر پولي پاڻ کي اوڏانهن وينري ڏنو ۽ اوڏانهن وينري اها خود ثنائي محسوس ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جيڪا ڪو عقل مند ماڻهو محسوس ڪندو آهي. مسٽر پولي پنهنجو جواب پڻ ڏنو آهي. "هن کي خبر هئي ته کيس فقط متي ڏسڻ جي همٿ ڪرڻي هئي. آسمانن جا دروازا کليا پيا هئا ۽ سندس ڪيس بابت واضح فيصلو آسمان تي لکيو پيو هو. هن کي زندگي بابت ايتري ڄاڻ هئي جيتري ڪو به ماڻهو حاصل ڪري سگهي ٿو. هن کي خبر هئي ته هويا ته مهاڏو انڪائي يا ختم ٿي وڃي. انسان جي دنيا ۾ اچڻ جو مقصد پنهنجي لائق حسن تلاش ڪرڻ ۽ اهو حاصل ڪرڻ آهي. پوءِ انهي جي خدمت ڪري اهو ماڻي ۽ انهي ۾ واڌارو ڪري انهي لاءِ وڙهي، انهي لاءِ ڪنهن به شي کي منهن ڏئي ۽ للڪاري ۽ جيستائين انهي تي اکيون اٽڪيل رهن. تيستائين مرڻ کي به خاطر ۾ نه آڻي. مسٽر پولي ڪنبي ويو هو. يا خدا، انهي سان ته منهنجو ڪو تعلق ئي نه آهي. هن چيو ۽ اٿين چوندي پنهنجو منهن پاڻويل ان ڏانهن ڪري ڇڏيائين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن پنهنجي مسٽر پولي واري انداز ۾ انڪل جم کي شڪست ڏئي ڇڏي انهي کان پوءِ پاڻ ويل ان اهڙي محفوظ ۽ امن واري تي پٺي جيئڻ پنهنجي ماءُ جي پيٽ ۾ ڪو پارڙو هجي. هو اتي شام جو ندي جي ڪناري تي ٿلهي عورت سان گڏ ويهندو هو. "اهي گهڻي سوچ ويچار ڪرڻ بجاءِ ذهن جي سانت ۾ گم رهندا هئا".

اهي ڪڏهن ڪڏهن ڳالهائيندا به هئا پر جيئن ته هربرٽ جارج ويلز انهن کي تخليق ڪيو هو تنهن ڪري هو ئي ڳالهائيندو هو. ۽ جيڪڏهن سندس روح پڙهي سگهي ٿو ته اهو پولي پڙهي ۽ هن انهن کان 1910ع ۾ جيڪو ڪجهه چورايو هو اهو پڙهي تسلي محسوس ڪري "لڳي ٿو ته ڪنهن ماڻهو کي زندگي ۾ ڪنهن شي جي اميد تي پوي ٿي ۽ اها شي واقع نه ٿي ٿئي. ماڻهو اهو سوچڻ شروع ڪري ٿو ته شيون سڀيون به آهن خراب به آهن ۽ انهي جو انهي ڳالهه سان گهڻو واسطو نه هوندو آهي ته ڇا سٺو آهي ڇا خراب آهي... آءٌ سدائين متشڪڪ قسم جو ماڻهو رهيو آهيان..."

ويلز پنهنجي زندگي جا پهريان پنجاهه ورهيه اهڙي آبهوا ۾ گذاريا جتي تڪڙي سماجي ترقي ۾ ويساهه ممڪن هو (انهي لاءِ مناسب سبب به هئا) اها وليم مورس، شا ۽ فيبينزم جي دنيا هئي. ويلز روشن خيالي پکيڙڻ جي وسيع ميدان ۾ پنهنجو ڪم ته ڪيو پر انهي کان به وڌيڪ ڪيو... شايد انهي کان وڌيڪ جيترو خود هن کي اندازو هو: "منهنجي فڪشن جو وڏو حصو هلڪي ڦلڪي انداز ۾ ۽ ڪنهن حد تائين تڪڙ ۾ لکيل هو". هن چيو "منهنجن ناولن مان فقط هڪ يا ٻن جو بنيادي طور شخصيت سان تعلق آهي. مون کي پڪ نه آهي ته مسٽر پولي يا انهن جهڙن فردن ۾ اهڙي قسم جي حياتيت آهي جيڪا نون سماجي دورن ۾ تي سگهي ٿو ته ڪجهه ڏهاڪن ۾ انهن بابت ڪنهن کي ڪا ڳالهه سمجهه ۾ ئي نه اچي سگهي.

انهي مان ثابت ٿئي ٿو ته ذهن ڪيترو غلط به ٿي سگهي ٿو. مسٽر پولي پنهنجو وجود برقرار رکيو آهي ۽ هو نون سماجي دورن ۾ به پنهنجو وجود برقرار رکندو. هو تاريڪ ٽينڊڙ دنيا ۾ اڃا وڌيڪ سمجهه ۾ ايندو. ڪا بگڙيل تصوير (Caricature) حقيقي زندگي کان گهڻو ڪجهه وڌيڪ پيش ڪندي آهي ۽ مسٽر پولي جي سموري معنيٰ ۽ روح اهو ئي آهي. ڇاڪاڻ ته زندگي ڪڏهن به ايتري وڏي نه ٿي سگهندي جنهن کي انساني دل اڃا وڌيڪ وڏو ڪرڻ جو خواب نه ڏسي سگهي اهو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 74. سنز ائنڊ لورز

## (Sons and Lovers)

### — ڊي. ايڇ. لارينس —

”جيڪڏهن منهنجي ماءُ جيئري هجي ها تہ آءُ توسان محبت نہ ڪري سگهان ها جو هوءُ مون کي پنهنجن هٿن مان وڃڻ ئي نہ ڏئي ها“. ڊي. ايڇ. لارينس پاران پنهنجي زال فريڊا کي چيل اهي لفظ مسز لارينس ۽ سندس پٽ جي انهيءَ تعلق کي مڪمل طور ظاهر ڪن ٿا جنهن کي سندس موت ئي ٽوڙي سگهيو.

مسز لارينس انهي سهڻي خوش باش ۽ نوجوان ڪاڻ مزدور سان شادي ڪان اڳ ماسترياڻي هئي. هوءُ انهي سان هڪ پارٽيءَ ۾ ملي هئي. هوءُ تمام نفاست پري، اعلي اصولن واري ۽ تمام مذهبي هئي جڏهن تہ هو مشڪل سان اکرن هنيو هو بي فڪر و هو ۽ اٽي ويٺي ۾ رڪ رڪاءُ ڪان خالي ۽ شراب جو شوقين هو. لڊيا لارينس جيئن تہ ڪنهن مزدور جي زال ٿيڻ لاءِ ڪنهن بہ لحاظ کان مناسب ئي نہ هئي تنهن ڪري هن جي جلدئي پنهنجي مڙس لاءِ محبت ختم ٿي وئي.

لارينس ڪٽنب جي پنجن ٻارن مان چوٿون ڊيوڊ هربرٽ 11 _ سيپٽمبر 1885ع تي ناٽنگهام کان ڪجهه ميل پري ايسٽ ووڊ ۾ هڪ معمولي سرن جي ٺهيل گهر ۾ ڄائو هو ٻن ورهين جو هو تہ اهو گهراڻو دي بريچ (The Breach) [سنز ۽ لورز وارو دي باٽم] ۾ هڪ اڃا وڌيڪ خراب گهر ۾ لڏي وڃي ويٺو. اها شهر ڪان هيٺاهين حصي ۾ ڪاڻ مزدورن جي آبادي هئي. اڏول ارادي جي مالڪياڻي مسز لارينس انهي گندي زندگي مان بيزار ٿي پاڻ سان اهو وچن ڪيو هو تہ هوءُ پنهنجن پٽن کي پنهنجي پيءُ واري ڪاڻ ۾ وڃڻ نہ ڏيندي سندس پهرئين توجہ جو مرڪز اسڪول مان نڪرڻ جي عمر تي پهچندڙ وليم ارنيسٽ بڻيو. هن غير شعوري طور پنهنجي اها والهانہ محبت هن ڏانهن منتقل ڪري ڇڏي جيڪا هن جي دل ۾ ڪنهن وقت پنهنجي مڙس لاءِ هوندي هئي. ارنيسٽ هڪ هوشيار ڇوڪرو هو ۽ هن جون انهيءَ ۾ اميدون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تڏهن پوريون ٽيون جڏهن هن لنڊن ۾ هڪ اهڙي ڪلارڪي جي جاءِ حاصل ڪئي جنهن ۾ اڳتي وڌڻ جا چڱا موقعا هئا.

انهي ڪٽنب جي ٻارن مان سنهڙو سيبڪڙو ۽ حساس ڊيوڊ مزاج جي لحاظ کان پنهنجي ماءُ جي سڀ کان ويجهو هو. هن کي ماءُ وارو فطري حسن سان پيار ورثي ۾ مليو هو ۽ لفظ استعمال ڪرڻ جي ڏات سان گڏوگڏ هن ۾ پينٽنگ جي صلاحيت پڻ هئي. ڪيس مقامي بورڊ اسڪول مان ناٽنگهام هاءِ اسڪول ۾ پڙهڻ لاءِ اسڪالرشپ ملي. اتي هو ٽي ورهيه رهيو. انهي ۾ به وڏو هٿ مسز لارينس جي قربانين جو هو. هن اتي جيئوٽيڪ پاڻ کي ڪنهن لحاظ کان نمايان نه ڪري ڏيکاريو پر هو رياضي ۾ هڪ انعام کٽڻ لائق ٿي ويو. هن چوڏهن ورهين جي عمر ۾ اسڪول ڇڏيو ۽ ناٽنگهام ۾ سرجري جا اوزار ناهيندڙ هڪ فرم هي ووڊس ۾ نوڪري ورتائين. نوڪري تي چڙهڻ کان جلدئي پوءِ هن جي ملاقات جيسي چيمبرز سان ٿي.

سنڌ ۽ لورز ۾ مريم جي نالي سان آيل جيسي هن کان هڪ سال ننڍي هئي. ڪارن وارن واري خوابن ۾ رهندڙ انهي ڇوڪري ۽ هن ۾ ڪتابن ۽ آرٽ سان محبت مشترڪ هئي. هو سنڌس پيءُ جي فارم تي گهڻو وقت لڳو جتي اهي بورچيخاني جي هڪ ڪنڊ ۾ گڏجي ويهي شاعري پڙهندا هئا يا ڊگهي واڪ تي هليا ويندا هئا. جيسي ئي سڀ کان پهريان هن ۾ لکڻ جي خواهش جاڳائي ۽ هن شعر جي ميدان ۾ ڪيل پنهنجون شروعاتي ڪوششون به سڀ کان پهريان جيسي جي سامهون رکيون هيون. هن جيسي پاران واکاڻ ۽ همٿ افزائي ٿيڻ تي ئي افسانا لکڻ جي ڪوشش ڪئي هئي.

ارنيسٽ لنڊن ۾ سٺي نوڪري جي شروعات ۾ ئي اوچتو فوت ٿي ويو ۽ ڊيوڊ پاڻ نمونيا وگهي سخت بيمار ٿي پيو (پوءِ پنجيتاليهن ورهين جي ڄمار ۾ سنڌس موت به ٽي.بي سبب ٿيو). سنڌس ماءُ سنڌس تيمارداري ڪري کيس چاق ڪيو ۽ انهي کان پوءِ هو سنڌس شديد محبت جو مرڪز ٿي پيو.

نوجوان لارينس وري هي ووڊز واپس نه ويو ڇاڪاڻ ته کيس چاق ٿيڻ کان پوءِ سيڪڙات استاد طور سکيا وٺڻ جو موقعو ملي ويو. ڪورس جو پهريون حصو ايسٽ ووڊ ۾ هليو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊيوڊ ۾ جيسي جي عشق ڪهاڻي پختي ٿي دائمي محبت ۾ تبديل نہ ٿي سگهي. لارينس پاران انهي جي پختي نہ ٿيڻ جا سنز ائنڊ لورز ۾ ڏنل سبب جيسي پاران ڊيوڊ بابت لکيل يادگيرين ۾ ڏنل سببن کان گهڻو مختلف آهن. جيسي مطابق هوءَ سندس ماءُ جي ڪري هن جي گهڻو ويجهي نہ ٿي سگهي. هن وڌيڪ اهو بہ چيو تہ لارينس پنهنجي زندگي جي انهي دور ۾ جنس (Sex) کان ڊنل هوندو هو. اسان کي لارينس جي فريدا سان ڳالهايل لفظن مان خبر پوي ٿي تہ سندس پهرئين ڳالهہ صحيح هئي: امڪان اهو آهي تہ سندس بي ڳالهہ بہ ايتري قدر ٿي صحيح هئي.

جيسي پاڻ بہ ماسترياڻي ٿيڻ جي سکيا وٺي رهي هئي ۾ لارينس جو جيتوڻيڪ هن سان جذباتي تعلق نہ هو تہ بہ هو سندس دوستي کي قدر جي نگاهہ سان ڏسندو رهيو. هو جڏهن پنهنجي ڊپلوما لاءِ ناٽنگهام يونيورسٽي ۾ زير تعليم هو تہ هن پاڻ کي هڪ کان وڌيڪ موقعن تي عشق ۾ مبتلا ڏٺو. هن هڪ ڇوڪري سان مڱڻو بہ ڪيو پر اهو معاشقو بہ ٻين معاشقن وانگر ساڻو ٿي مري ويو.

لارينس پنهنجو ڊپلوما ورتو ۾ ڪرائيڊن ۾ 1909ع ۾ ڊيوڊ سن روڊ اسڪول ۾ پڙهائڻ شروع ڪيو. اهو هن لاءِ هڪ يادگار سال هو. جيسي پنهنجو هڪ نظمن جو ڳُٽڪو "دي انگلش رويو". ڏانهن موڪليو هو انهي ذريعي هن پهريون دفعو پنهنجو نالو ڇپيل صورت ۾ ڏٺو. بہ مهينا پوءِ هن جي لکيل ناول The White Peacock کي هائينيمان وارن قبول ڪيو.

لارينس کي 1910ع ۾ خبر پئي تہ سندس ماءُ ڪينسر وگهي مرڻ تي هئي. هن هائينيمان وارن کي عرض ڪيو تہ هو سندس ڪتاب ڇاپين ۾ دي وهائيٽ پيڪاڪ جيتوڻيڪ 1911ع ۾ شايع ٿيو تہ بہ هو انهي جي هڪ ڪاپي موت کان اڳ پنهنجي ماءُ جي هٿن ۾ رکڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. لارينس پاران پنهنجي ماءُ تي آخري دفعو نظر وجهڻ بابت هي لفظ آيل آهن: "منهنجي سامهون دنيا تحليل ٿيڻ لڳي. اها جيتوڻيڪ سهڻي ۾ انڊلٺي رنگن وانگر هئي پر ڪسڪندي پئي وئي ايستائين جو آءُ پاڻ بہ تحليل ٿيڻ لڳس ۾ تمام گهڻو بيمار ٿي پيس..." هو ڏک ۾ افسوس سبب ڪمزور ٿي پيو ۾ مٿس نمونيا جو پيو دفعو حملو ٿيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن بيماري کان پوءِ صحت ياب ٿيڻ دوران پنهنجو پيو ناول The Trespasser مڪمل ڪيو ۽ ”پال موريل“ نالي جيڪو نئون ڪتاب لکڻ شروع ڪيو هو انهي بابت ڏاڍي شوق سان پنهنجي پبلشر ڏانهن خط لکيو.

لارينس پال موريل جو پهريون ڊرافٽ جيسي کي ڏيکاريو. اهو اڳتي هلي سنز اينڊ لورز ٿيڻو هو. جنهن کيس بجا طور اهو چيو ته انهي جو وڏو حصو ميلوڊراميٽڪ آهي ۽ حقيقي زندگي ۾ جيڪو ڪجھ وهي واپري ٿو ”اهو وڌيڪ دردناڪ ۽ وڌيڪ دلچسپ هوندو آهي“. هن ٻئين ڊرافٽ ۾ هن جي مدد ڪئي ۽ لارينس جيسي پاران ياد ڏياريل ڪيترائي واقعا انهي ۾ شامل ڪيا. لارينس جيسي سان آخري دفعو 1912ع ۾ مليو ۽ جاڪاڻ ته هو انهي سال فريڊا سان مليو ۽ هميشه لاءِ انهي جي محبت ۾ گرفتار ٿي ويو.

اهي ٻئي گڏجي ملڪ کان ٻاهر ويا ۽ هن سنز اينڊ لورز اٽلي ۾ پورو ڪيو. سنز اينڊ لورز مئي 1913ع ۾ شايع ٿيو ۽ جيسي اهو پڙهي ڏاڍي حيران ۽ مايوس ٿي. جاڪاڻ ته جيسي محسوس ڪيو ته لارينس ”سندس ماءُ سان پنهنجي تعلق کي مهانتا ڏني هئي“ ۽ ”انهن پاران ڪنهن درست لاڳاپي جي وڏي ڪوشش کي غلط انداز ۾ پيش ڪيو هو. هن جي انهي ڳالهه سان ايتري ته جذباتي وابستگي هئي جو هو ڪتاب کي معروضي انداز ۾ ڏسي ئي نه پئي سگهي.

سنز اينڊ لورز جو پهريون اڌ مڪمل طور آتم ڪهاڻي آهي تنهن ڪري پال موريل (لارينس) ۽ سندس پياءِ ولي (ارنيسٽ) جي شروعاتي زندگي جو احوال ڏيڻ ورجاءُ ٿيندو. البت ناول کي صحيح نموني ۾ سمجهڻ لاءِ انهي ماحول بابت ڪجھ ڳالهيون ٻڌائڻ اهميت رکي ٿو جنهن ۾ انهن جا تشڪيلي سال گذريا ۽ انهي کان سواءِ مسز موريل (مسز لارينس) جي تصوير ڏيڻ به ضروري آهي جنهن جو ڪردار ڪتاب کي سمجهڻ جي ڪنجي آهي.

اڳوڻي ماستريائي مسز موريل نه فقط محبت ۽ ڪوملتا پر سختي ۽ تيزي جو مرڪب آهي ۽ سندس شخصيت جي انهي روپ ٿي هن ۽ سندس ڪاڻ مزدور مڙس ۾ وٿي ايتري وڌائي ڇڏي جو پوءِ اها پرجي نه سگهي. هن پاران والٽر موريل کي پنهنجي وِت کان وڌيڪ بهتر بنائڻ جي ڪوشش جي نتيجي ۾ هو وڌيڪ خراب ٿي ويو هو تقريباً سمورو وقت گهر کان ٻاهر رهڻ لڳو پنهنجي سموري پگهار پنهنجن دوستن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان گڏ شراب پيئڻ ۾ خرچي ڇڏيندو هو ۽ اڪثر نشي ۾ ڌت ٿي گهر ايندو هو ۽ گهر ۾ جهيڙا ڪندو هو. هاڻي ڪيس انهي جو ذري برابر به احساس نه ٿيندو هو ته سندس غلط هلت سان سندس زال جا جذبا مجروح ٿين ٿا. انهي جي باوجود به هن ۾ پنهنجي خوش طبعي ۽ ڪل ڀوڳ واريون ڪي ڳالهيون موجود هيون ۽ اهي ڳالهيون انهي وقت وڌيڪ نکري نروار ٿينديون هيون جڏهن هو پنهنجن هٿن سان ڪو ڪم پيو ڪندو هو پر اهڙا وقت ورلي ايندا هئا ۽ اڪثر ائين ٿيندو هو ته هو جڏهن شراب جي نشي ۾ رڙيون ڪرڻ لڳندو هو يا ٽيبل تي زور سان ڌڪ هڻندو هو ته سندس ٻار ننڊ مان جاڳي پوندا هئا. اهڙين حالتن ۾ هو جيڪڏهن هُن کان ٿهڻ لڳا ۽ پنهنجي ماءُ جي ويجهو رهڻ لڳا ته انهي ۾ ڪا اچرج جهڙي ڳالهه نه هئي. هوءَ انهن لاءِ هر ڪا قرباني ڏيندي هئي ۽ هڪ به دفعو جڏهن هوءَ پنهنجي حسن پرست طبيعت سبب پاڻ پلي نه سگهي ۽ ڪجه گلن يا ڪنهن سهڻي جڳ تي به ٿي پئسا خرچ ڪري وڌائين ته انهي تي افسوس پئي ڪندي هئي.

مسز موريل جيتوڻيڪ جسماني طور ننڍڙي ۽ نازڪ هئي پر اڏول ارادي جي مالڪياڻي هئي ۽ اهو پڪو ارادو ڪري ڇڏيو هئائين ته سندس ڪو به پٽ پنهنجي پيءُ جي پيٺيان ڪاڻ ۾ نه ويندو. گهٽ ۾ گهٽ انهي ۾ هوءَ ڪامياب ٿي....

وِلي کي لنڊن ۾ هڪ سٺي پگهار واري نوڪري ملي. مسز موريل هن سان ائين ئي جذباتي حد تائين پيار ڪرڻ لڳي جيئن هن ڪنهن وقت پنهنجي مڙس سان ڪيو هو. اهڙي طرح ڪيس ٻن حصن ۾ ورهائي ڇڏياٿين. هو پنهنجي ماءُ کان سواءِ ڪنهن به عورت سان مڪمل طور پيار نه ٿو ڪري سگهي. اهو ئي سبب هو جو هن جو هڪ اچاتري، ٻي دماغ ۽ بيڪار ڇوڪري سان تعلق پيدا ٿي ويو.

پال کي چوڏهن ورهين جي ڄمار ۾ ناٽنگهام ۾ سرجري جا اوزار ٺاهيندڙ هڪ فرم ۾ نوڪري ملي وئي. ولي گهر کان ٻاهر رهيو ته هو پنهنجي ماءُ جي ويجهو ايندو ويو.

مسز موريل هڪ ڏينهن پال کي مسز ليورس نالي هڪ فارم جي زال ڏانهن گهمائڻ وٺي وئي. انهي کي هڪ نئون بلائوز پهريل هو ۽ پال رڙ ڪري چيو: "واڪ تي گڏجي هلڻ لاءِ تون تمام سٺي عورت آهين! ڳوٺ جي گهٽين ۾ واڪ ڪندي ٻنهي کي ڏاڍو مزو آيو ۽ پال کي ته فارم به ڏاڍو وڻيو. ننڍڙي ڌيٽي مريم ليورز جيڪا پنهنجن

سڏڪا پيرڻ لڳي ٿي. هن اڳ ۾ ڪڏهن سڏڪا نہ ڀريا هئا. ”مون کي مڙس ڪڏهن مليو ئي نہ آهي واقعي نہ....“.

پال کي خبر آهي تہ هو پنهنجي ماءُ سان تمام گهڻو پيار ڪري ٿو پر هو مريم کي نہ ٿو ڇڏي سگهي. هو هڪ ڏينهن فارم تي آيل هڪ مهمان سان ملي ٿو. ڪلارا ڊيوس تيهن ورهين جي هڪ پُر ڪشش ۽ سهڻي عورت آهي. اها پنهنجي مڙس کان جدا رهندي آهي. ڪلارا ڳالهائيندڙ ٻولهائيندڙ ۽ خوش طبع آهي جڏهن تہ مريم گهٽ ڳالهائو ۽ ڳالهيون دل ۾ رکندڙ آهي.

پال آخرڪار محسوس ڪري ٿو تہ هن جي مريم سان معاشقي مان ڪجھ بہ حاصل ٿيڻو نہ آهي. ”اسين دوستي تي رضامند ٿيا هئاسين پر انهي اسان کي ڪجھ بہ نہ ڏنو آهي“. هن ڪيس اهي لفظ چيا ۽ پوءِ هن وٽ وڃڻ ڇڏي ڏنو.

پال هڪ دفعي اوچتو ڪلارا جي سامهون اچي وڃي ۽ ڪيس ٻڌايائين تہ مريم هن سان فقط ”روحاني ميلاپ“ چاهيو ٿي. ڪلارا چيو ”هن کي فقط تون ئي گهرجين ٿو“.

پال مريم وٽ وڃي ٿو ۽ ڪيس چوي ٿو تہ هو هن سان بنا دير شادي ڪري هوءَ چوي ٿي تہ انهن جي عمر اڃا ننڍي آهي پر پنهنجو پاڻ هن جي حوالي ڪري ٿي ڇڏي. پال هڪ اهڙي حيرانگي ۽ سرور ۾ ڀرجي ٿو وڃي جيڪو ڪيس وري ڪڏهن بہ نہ ٿو ملي. هو جڏهن هن سان ٻيهر ملي ٿو تہ ڪيس محسوس ٿئي ٿو تہ هوءَ سندس جذبن جو ساٿ نہ ٿي ڏئي سگهي ۽ اهو سمجهڻ کان پوءِ تہ انهي مان ڪو فائدو نہ آهي هو هن سان هميشہ لاءِ تعلق ختم ڪري ڇڏي ٿو.

پال ۽ ڪلارا پريمي ٿي وڃن ٿا پر مريم وانگر پال هتي بہ اهو ئي محسوس ڪري ٿو تہ هو ڪلارا مان تسڪين نہ ٿو ماڻي سگهي. هو آخرڪار ڪيس پنهنجي مڙس جي حوالي ڪري ڇڏي ٿو.

پال پنهنجي ماءُ جي روز بروز وڌندڙ ڪمزوري تي پريشان رهي ٿو. ڪيس ڪينسر جو مرض آهي ۽ هڪ وقت اهڙو اچي ٿو جو هوءَ ڏاڍي تڪليف ۾ ونجي وڃي ٿي پر تہ بہ سندس موت جو وقت نہ آيو آهي. پال آخرڪار ڪيس مارفيا جو ڳرو وزن ڏئي ڪيس پيڙائن مان آزاد ڪرائي ٿو ڇڏي هن کي جڏهن آرام اچي وڃي ٿو تہ هو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻاهر هليو ويجي ٿو ۽ دير سان موٽي اچي ڏسي ٿو ته سندس پيءُ ٻاهه جي پرسان ڪرونڊڙو لڳو اداس ۽ خيالن ۾ گم ٿيو ويٺو آهي. ”ويهه پنڙا! مون تنهنجي لاءِ ڪير ڏڪ ڪوسو ڪيو آهي“. هو ڏاڍي عاجزي سان چوي ٿو ۽ پال کي مٿس ٻهريون دفعو ڏاڍي ڪهل اچي ٿي ڇاڪاڻ ته هو محسوس ڪري ٿو ته سندس پيءُ جيڪو ڪڏهن ڊپ جي ناليِ کان به واقف نه هو اهو اڪيلي گهر ۾ لاش جي موجودگي ۾ ننڊ ڪرڻ کان ڊڄي ٿو.

تدفين کان جلدئي پوءِ پال جي اوچتو مريم سان ملاقات ٿئي ٿي ۽ هو پنهنجي اڪيلائي جي گهراين مان هن کان پڇي ٿو: ”ڇا تون مون کي قبول ڪندين؟“ مريم چوي ٿي: ”ڇا تون واقعي مون سان شادي ڪرڻ چاهين ٿو؟“ هو ڏاڍي ڏک مان وراڻي ٿو: ”نه“.

اهي هميشه لاءِ جدا ٿي وڃن ٿا ۽ پال ناٽنگهام ڏانهن هلڻ لڳي ٿو. اٿين ٿو لڳي جڻ ته سندس روح سندس ماءُ کي نه ٿو ڇڏي سگهي. هو موت کان منهن ڦيرائي ٿو ۽ تڪڙو تڪڙو شهر ڏانهن هلڻ لڳي ٿو.

سنز ائنڊ لورز اوڊيپس ڪامپليڪس* تي لکيل ٻهريون ۽ سڀ کان بهترين ناول آهي. ماءُ ۽ پٽ جي وچ ۾ دکدائڪ لاڳاپي کي تمام احتياط ۽ ڪنهن به جذباتيت ۽ خود رحمي جي احساس کان سواءِ بحث هيٺ آندو ويو آهي. تمام ڪوملتا وارا تڪرا سختي ۽ ڏک وارين ڳالهين جي ڪسر ڪيڍي ڇڏين ٿا. سموري ڪتاب ۾ جابجا وڏي بياني حسن وارا تڪرا آهن. جيڪي مڊلينڊس جي ديهي علائقي کي لارينس جي تصور ۽ سوچ سان روشن ڪري ڇڏين ٿا. تمام جذباتي شدت سان لکيل سنز ائنڊ لورز هر لحاظ کان هڪ جيئرو جاڳندو ڪتاب آهي. اهڙو ڪتاب جنهن ذريعي لارينس پاڻ کي ماضي کان آزاد ڪرائي ڇڏيو.

لارينس اهو سمجهڻ لڳو هو ته هن سنز ائنڊ لورز ۾ پنهنجي پيءُ سان تمام سختي وارو سلوڪ ڪيو هو پر اها ڳالهه انصاف تي ٻڌل نه هئي. والٽر مورل جو ڪردار وڏي همدردي ۽ سمجهه سان پيش ڪيو ويو آهي. هن تي ڪڏهن ڪڏهن

* (فرائيڊ ۽ ٻين نفسياتدانن مطابق هڪ نفسياتي پيچيدگي جيڪا ننڍن ٻارن خصوصاً ڇوڪرن جي تحت الشعور ۾ ماءُ پيءُ مان ابتڙ جنس جي فرد لاءِ جنسي خواهش ۽ ساڳئي جنس واري کان دوري پيدا ڪندي آهي سنڌيڪار)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪو جهنگلي پٽو طاري ٿي وڃي ٿو انهي ڪي ڪڍهن به سندس سياه جي روشن رخ تي پردو وجهڻ نه ڏنو ويو آهي. سندس فطري خوش مزاجي، سندس ڪل يوگ ۽ سندس بار جڏهن بيمار ٿي پون ته انهن سان سندس نرمي واري سلوڪ ڪي به منظر تي آندو ويو آهي. والٽر مورل تي واقعي اسان ڪي ترس اچي ٿو ڇاڪاڻ ته اسين ڪيس تباهه ڪندڙ نه پر خود تباهه ٿيل ڏسون ٿا. پوءِ لارينس اهو ڪڏهن محسوس ڪيو ته هن پنهنجي پيءُ جي تمام اونداهين تصوير پيش ڪئي هئي؟ حقيقت اها آهي ته انهي جو سبب اهو هو ته هن ڪي پنهنجي پيءُ سان محبت خير ڪا هئي ۽ هن پنهنجي ماءُ کي تمام گهڻو چاهيو هو.

﴾﴿

# 75. رميمبرنس آف ٿنگس پاسٽ

## -- مارسيل پرائوسٽ --

اها 1905ع جي ڳالهه آهي جو پيرس جي هڪ امير نوجوان پنهنجي پيءُ جي وفات کان پوءِ پاڻ کي آهستي آهستي دنيا کان پري ڪرڻ شروع ڪيو؛ جو سين ۾ ويڙهجي سيڙهجي وڏ کان وڏ وقت ڪمري ۾ لکڻ پڙهڻ ۾ گذارڻ لڳو. هو دمي جو مريض هوندو هو. مرض ۾ هاڻي شدت اچي وئي هئي. پوءِ هو گهڻو گهڻو وقت فقط رات جو پنهنجي گهر مان ٻاهر نڪرندو هو؛ سج جي روشني به دريَن دروازن جي شيشن مان ئي ڏسي سگهندو هو.

هو ڏاڍي شوق سان فيشني گهرن ۾ ويندو هو. ڏاڍا سٺا ادبي ليک لکيا هئائين. هو ذهين به هو ذات به هئس پر پنهنجي ڄاڻ جو اظهار به وڏي شوق سان ڪندو هو.

مارسل پرائوسٽ جو دمي جو مرض سندس ذات جو دوست ۽ ساٿي هو ڇاڪاڻ ته انهي هن تي اڪيلائي لاڳو ڪري ايترو وقت ڏنو جو هو 1922ع ۾ فوت ٿيڻ کان اڳ سورهن جلدن ۾ هڪ تمام وڏو ڪتاب مڪمل ڪري ويو. هو پاڻ وڏي فخر سان چوندو هو ته اهو الف ليليٰ کان به وڏو آهي. انهي جو اصل فرانسي ٻولي ۾ نالو A La Rememberance du Temps Perdu آهي. اسڪاٽ مون سريف انهي جو Rememberance of Things Past جي نالي سان انگريزي ۾ ترجمو ڪيو. ترجما لازماً اصل کان گهٽ درجي وارا هوندا آهن پر هيءُ ترجمو انهي قاعدي کان لڳ ڀڳ ٻاهر آهي. پرائوسٽ جو اسلوب ڪيترين ئي ڳالهين ۾ انگريزي ۾ اچي ويو آهي.

پر دمي جو مرض ذات جي دوست ساٿيءَ کان وڌيڪ به گهڻو ڪجهه هو. انهي مارسل پرائوسٽ کي ٻاروتڻ جي اوائلي دور کان ٻاهرئين دنيا سان هڪ خاص تعلق ۾ آڻي ڇڏيو. اهو تعلق اهڙو نه هو جهڙو سندس پيءُ رابرٽ جو هو جيڪو پنهنجي پيءُ وانگر ڊاڪٽر هو. هن جو دنيا سان تعلق اهڙو به نه هو جهڙو سندس اڪثر دوستن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو هو جن کي فوج يا سفارتڪاريءَ ۾ نوڪريون هيون. پرائوسٽ کي ڪنهن سان مقابلو ڪرڻو نه هو ڇو ته هو مقابلو ڪري به نه ٿي سگهيو. هو گهڻي وقت تائين اهي فائدا حاصل ڪندو رهيو جيڪي ڪنهن معذور کي حاصل هوندا آهن پر هو ڪنهن معذور کي درپيش ايندڙ مسئلن کان پري رهيو. هن کي رات جو دير تائين گهر کان پري رهڻ ۽ تفريحن کان ڪا به پابندي نه هئي. تمام گهڻو خودغرض هئڻ ۽ فقط پنهنجو خيال رکڻ باوجود به هو ٻين ماڻهن جو ڏاڍو خيال رکندو هو تنهن ڪري هر ڪنهن کي- پنهنجي دور جي ماڻهن سميت- پسند هوندو هو. دمو ڪنهن حد تائين هڪ اعصابي مرض آهي. انهي ڪيس پنهنجي پختي عمر ۾ هڪ پوٽ جهڙو ٻار ناهڻ ۾ مدد ڪئي. انهي ٻار جهڙي پوت پاڻ ۾ ڪنهن آرٽسٽ جهڙي توانائي پيدا ڪئي ۽ پنهنجي عمر جي وچئين دور ۾ به ڪو لاڏڪوڏ وارو ۽ ناڪام ڪردار ثابت نه ٿيو. تنهن ڪري ائين چئي سگهجي ٿو ته پرائوسٽ جو مرض سندس ذات جو اتحادي نه پر پاءُ هو.

رميمبرنس آف ٿنگس پاسٽ هڪ اهڙي زندگيءَ جو بيان آهي جيڪا بيان ڪندڙ پاڻ گذاري هئي ۽ انهي ۾ اهڙي سماج جون يادگيريون بيان ٿيل آهن جنهن کي هن تياڳي ڇڏيو هو. پرائوسٽ هاڻي جنهن دنيا کي جياريو آهي اها ائين ٿو لڳي جڻ ته ڪنهن اهڙي ذهين ۽ پنهنجي اميري تي فخر ڪندڙ ليکڪ ٻاران اوپارين لهوراين تي ٻڌل ڪالم هجي ۽ انهي ليکڪ کي مزاح جي حس هئڻ سان گڏوگڏ اهو مضبوط احساس به هجي ته هي سماج ۽ دنيا تڇ ۽ بيڪار آهي. اهي تمام ذهين ۽ نڪ کي موڙو ڏيندڙ شخص لاءِ موسيقي، مصوري ۽ ادب سماج کان وڌيڪ اهميت رکن ٿا ۽ انهي کي انساني جذبن ۾ پيهي وڃڻ جون اهڙيون طاقتون عطا ٿيل آهن جو ماڻهو چون ٿا ته رميمبرنس آف دي ٿنگس پاسٽ فرائيڊ کان اڳ ۾ نه لکجي سگهجي ها.

پهرئين جلد سوانز وي (Swann's Way) ۾ مصوري جو هڪ تمام اعليٰ ذوق رکندڙ امير يهودي جو تعارف هڪ اهڙي ماڻهو جي روپ ۾ ڪرايو ويو آهي جيڪو ڪومبري ۾ انهي گهر ۾ اڪثر ايندو رهي ٿو جنهن ۾ مارسل جو ننڍپڻ گذريو هو. بيان ڪندڙ جي ڪٽنب ۾ ڪيس هڪ اهڙو عجيب غريب پر قابل قبول پاڙيسري سمجهيو وڃي ٿو جيڪو انهن لاءِ ٻاهرئين ملڪن جا قيمتي تحفا ۽ رڌ بچاءَ جون ترڪيبون کڻي اچي ٿو پر ڪيس ايترو دلچسپ نه ٿو سمجهيو وڃي جو اهي ڪيس

ڪنهن اهڙي موقعي تي اچي نون ماڻهن سان ملڻ ۽ ڊنر جي دعوت ڏين جڏهن انهن کي خاص طور سڄي نموني تفريح ڪرڻي هجي. انهن کي سوان (Swann) بابت فقط ايتري خبر آهي ته اهو پيرس جي ڪنهن غير فيشني علائقي ۾ رهندو آهي. سوان حقيقت ۾ گرمانٽيز جي نواب ۽ انهي جي زال جو دوست آهي. هن جي تمام اعليٰ طبقي ۾ اٿي ويٺي آهي ۽ ايڊورڊ ستون به کيس تمام گهڻو پسند ڪندو آهي. هن جا شاناڻا دوست کيس ڪجھ غير معمولي محسوس ڪن ٿا چاڪاڻ ته اٿين ٿي سگهي ٿو ته سوان اوچتو انهن جي بورچي ۾ وڌيڪ دلچسپي وٺي ۽ هو پوءِ انهي کي ريهي ريبي پچائي ويو هو. پوءِ هو ڪجھ وقت کيس نظرانداز ڪري ڇڏيندا.

سوان کي اوڊيٽ ڊي ڪريسي (Odette de Cracy) سان تمام شديد پيار ٿي ويو. هو اهڙي قسم جي عورت آهي جنهن ڏانهن هو عام حالتن ۾ اک کڻي نهاريندو به نه آهي. هو کيس مادام ورڊيورن جي ادبي ديوان خاني ۾ وٺي وڃي ٿي. اتي سوان جي وڏ گهراڻن سان اٿي ويٺي بابت ڪنهن کي به ڪو اندازو نه ٿو ٿئي. هو سماج جي ڪنهن مشهور معروف شخصيت سان واقفيت بابت جيڪڏهن ڪو اشارو ڏئي ٿو ته کيس ڏاڍو بور ڪندڙ سمجهيو وڃي ٿو. جيڪڏهن ڪو ماڻهو مادام ورڊيورن پاران ناهيل ”ننڍڙي قبيلي“ سان مڪمل طور وفادار نه هوندو آهي ته کيس انهي نالي سان سڏيو ويندو آهي. هاڻي خبر نه ٿي پوي ته اصلي سوان ڪهڙو آهي. سماج جو باتهذيب ماڻهو جنهن کي موسيقي ۽ آرٽ سان سچو پيار آهي يا اهو ماڻهو جيڪو تازين نوجوان عورتن جي پٺيان لڳو رهي ٿو جيڪي نسبتاً سولو شڪار رهن ٿيون يا هو ڪنهن اهڙي عورت جو پڪو عاشق آهي جيڪا پنهنجي سموري سطحي حسن جي باوجود هڪ عام رواجي شي آهي؟

بيان ڪندڙ کي سوان جي اوڊيٽ ڊي ڪريسي مان ڄاول ڌيءَ سان ننڍپڻ ۾ پيار ٿي وڃي ٿو. پوءِ وري کيس نوجوان ڇوڪرين جي هڪ گروپ سان اجتماعي طور پيار ٿي وڃي ٿو. هو انهن سان سمنڊ جي ڪناري تي مليو هو. انهن مان هڪ آلبر ٽائين اڳتي هلي هن سان گڏ رهي. هن جي زندگي جو اڳلو معاشقو نواب گرمانٽائين جي زال سان ٿيو. نواب صاحب جو ڪمري جي وچهو هڪ تمام وڏو گهر هوندو هو. اها پنهنجي صاف نيرين اکين، باز جي چهنب جهڙي نڪ ۽ سهڻي جسم سبب ڪنهن تاريخي ناول جي هيروئين لڳي ٿي. بيان ڪندڙ آخرڪار سندس دنيا ۾ پيهي وڃي ٿو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمنڊ جي ڪناري تي بال بيڪ نالي هڪ هنڌ جتي بيان ڪندڙ نوجوان ڇوڪرين جي هڪ ٽوليءَ سان ملي ٿو اتي هن جو تعارف بيرن ڊي ڪالرس (Baron dc Chalrus) سان ڪرايو وڃي ٿو. اهو سندس تهذيب ۽ اڻ گهڙيءَ گرمجوشيءَ مان متاثر ٿئي ٿو. انهيءَ ڳالهه تي بيان ڪندڙ جي دل ۾ واڪاڻ جا جذبا پر ڪنهن حد تائين خوف به پيدا ٿئي ٿو. پرنس آف گرمانتيين ۽ ڊيوڪ آف گرمانتيين جو ڀاءُ بيرن ڊي ڪالرس حقيقت ۾ اعليٰ طبقي جي انهن ماڻهن کان وڌيڪ اصلي ۽ سگهارو ڪردار آهي جن کي هو اڪثر تمام واهيات نموني ۾ گاريون ڏئي ٿو پر اهي ماڻهو سندس خاندان جي ڪري هن جو لحاظ ڪن ٿا ۽ سندس ذهانت سبب هن کان ڪؤ کائن ٿا.

بيان ڪندڙ بيرن کي هر رخ کان ڏسي ٿو. هو سندس ذهن جي پختگيءَ کي پسند ڪري ٿو سندس ڪاوڙ تي حيران ٿئي ٿو ۽ پڻ سندس غير معمولي هلت جي هيٺان تمام وڏي شفقت ۽ رحمدلي نظر اچي ٿي. هن کي ڪالرس بابت هڪ تمام اهم ڳالهه جو پتو تڏهن پوي ٿو جڏهن هو اتفاقي طور بيرن ۽ هڪ پوڙهي واسڪوٽيون ٺاهيندڙ هم جنس پرست جوپين (Jupien) جي وچ ۾ ٿيندڙ ڳالهيون ٻڌي وٺي ٿو. بيان ڪندڙ کي بيرن جي هڪ اهڙي رخ کان آگاهي حاصل ٿئي ٿي جنهن کي اڳتي هلي نظر انداز ڪرڻ ڏکيو ٿيندو ڇاڪاڻ ته وقت گذرڻ سان بيرن مردن بابت جيئن شوق سان سوچڻ شروع ڪري ٿو تيئن هو عورتن جهڙو نظر ايندو وڃي ٿو. هو ٿلهو ٿيندو وڃي ٿو ۽ سندس پٺيون حصو تمام گهڻو ٻاهر نڪرندو وڃي ٿو. هو پنهنجي نڪ تي پائوڊر هڻي ٿو ۽ چپ ڳاڙها ڪري ٿو. هو ڊرائنگ روم ۾ داخل ٿيڻ وقت لمحو ڏئي ٿو ۽ ائين ٿو لڳي جڻ ته ڪا نظر نه ايندڙ اسڪرٽ پهريل اٿس.

بيان ڪندڙ بيرن ڊي ڪالرس کي سمجهڻ جي نتيجي ۾ اوچتو هن دنيا ۾ وسندڙ هم جنسن جي هڪ وڏي آباديءَ کان واقف ٿئي ٿو. شايد پرائوسٽ پاڻ هم جنس هو تنهن ڪري تي سگهي ٿو ته هن سندس دور جي سماج ۾ موجود مردن يا عورتن ۾ هم جنسي جي مقدار کي وڌائي بيان ڪيو هجي. جيئن پرائوسٽ پاڻ لکي ٿو: "هم جنس شروع ۾ ائين سمجهندو آهي ته هو اهڙي قسم جو دنيا ۾ اڪيلو ماڻهو آهي پر اڳتي هلي هو سمجهڻ لڳندو آهي ته (وري مبالغو) نارمل ماڻهو ئي انهي قاعدي کان ٻاهر آهي."

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرائوسٽ پهريون وڏو ناول نگار هو جنهن هم جنسي کي اها جاءِ ڏني جيڪا انهي کي جديد سماج ۾ حاصل آهي. پر پرائوسٽ جي فن ۾ معذرت خواهي يا وضاحت پيش ڪرڻ واري اها خواهش نہ آهي جيڪا ڪڏهن ڪڏهن هن موضوع تي لکندڙ ليکڪن جي تحريرن ۾ نظر اچي ٿي. بيرن جو دريانن نوجوان سپاهين ۽ ٽرام ڪنڊيڪٽرن کي پسند ڪرڻ جو ذوق سندس زندگي ۾ تمام اهميت رکي ٿو. اهو ذوق کيس هڪ نوجوان وائلن وڄائيندڙ سان دکدائڪ معاشقي تي پهچائي ٿو. اهو معاشقو آخرڪار تنهن وجهي ٿو ۽ تمام غير معمولي زوال تي پهچائي ٿو ڇڏي سوان عورتن ڏانهن پنهنجي تمام آزاد لاڙي سبب پنهنجي پختي عمر وارا بهترين ورهيہ هڪ بلڪل بيڪار عورت جي محبت ۾ وڃائي ڇڏيا. هن انهي سان شادي ڪئي ۽ هن سان وفادار رهيو پر هُن هِن سان دوکو ڪيو پر محبت انهن پنهي مردن ڪالرس ۽ سوان جي ڪردارن جي سمجهاڻي نہ تي ڏئي پئي غير معمولي صلاحيتن ۽ جذباتي گرم جوشي جا مالڪ آهن. ڪالرس جيڪڏهن فابورگ سينٽ جرمين ۾ پيدا نہ ٿيو هجي ها تہ هو تمام وڏو موسيقار يا سياستدان هجي ها. پر ڪالرس ۾ اها حياتي واري قوت (Life_ Force) پاڻ کي فقط هڪ قسم جي ذهني فتور ۾ ئي ظاهر ڪري سگهي پئي.

پرائوسٽ جي ذهني صلاحيت فيصلن ۽ قدرن جي اجازت نہ تي ڏئي. جيئن هڪ فرانسي نقاد ايم. ربوبل نشاندهي ڪئي آهي. پرائوسٽ انهن تمام تورتن عظيم ليکڪن مان هڪ آهي جن جي دلچسپي انهي ۾ هوندي آهي تہ هو انساني فطرت کي ائين ڏسن جيئن اها آهي بجاءِ انهي جي جو انهي بابت ڪي سمجهاڻيون ڏين. هن وٽ ماڻهن يا واقعن بابت ڪي اڳ ۾ نهيل نظريا نہ آهن. پرائوسٽ هڪ تمام وڏي پيانو وڄائيندڙ جي هڪ تمام سٺي پيانو وڄائيندڙ تي فوقيت ۽ برتري سمجهائي ٿو. ماڻهو سمجهندا آهن تہ پهرئين (يعني تمام وڏي پيانو وڄائيندڙ) کي ڪنهن سوناٽا (Sonata) جي سمجهاڻي پئين (تمام سٺي پيانو وڄائيندڙ) کان سٺي نموني ڏيڻ ايندي آهي. جڏهن تہ انهي جي بر خلاف حقيقت اها آهي تہ تمام وڏو پيانو وڄائيندڙ تہ سوناٽا جي سمجهاڻي ڏيندو ئي نہ آهي. ذات سان بہ نہ هو تہ فقط ايترو چاهيندو آهي تہ هو ڪيئن پاڻ کي فنا ڪري ڇڏي ۽ پنهنجين آڱرين ذريعي موسيقي کي پنهنجو پيغام پهچائڻ ڏئي.

پرائوسٽ ڪي فيصلا نہ ٿو ڏئي پر هن جيڪو ڪجھ ڏنو آهي انهي جي سامهون ڪنڌ جهڪائي ٿو ڇڏي انهي جي باوجود بہ اڪثر پڙهندڙ ماضي جي ڳولها بابت اهو تمام وڏو ڪتاب۔ جنهن ۾ انساني فطرت ائين ئي ڏيڪاريل آهي جيئن اها آهي۔ پڙهڻ کان پوءِ فرحت ۽ ترنگ جي احساس سان پرجي وڃن ٿا ۽ اهي سمجهن ٿا تہ زندگي ۾ ڪوٽ ٽيڙ بجاءِ انهي ۾ واڌارو آيو آهي. انسان هڪ مزاحيہ ڪردار آهي ۽ (شيڪسپيئر جي) پراسپيرو بجاءِ ڪيليبان جهڙو آهي. محبت اها نہ آهي جيئن اها نظر اچي ٿي يا جهڙي ٻڌائي پيش ڪئي وڃي ٿي. شايد فقط ڏاڍيون نانيون يا مائرون محبت کي سمجهن ٿيون جنهن ۾ هٺ وڏائي يا شهوت شامل نہ هوندي آهي. پر انسان جي زندگي ڪهڙي نہ جادوئي منظر ۾ بسر ٿئي ٿي. فطرت جي دنيا ۾ ڪيتري نہ رنگا رنگي، حسن ۽ انوکائپ آهي. پرائوسٽ، ميٿيو آرنلڊ ۽ گوئٽي وانگر هڪ اهڙو سچ ڏنو جيڪو فيشن ۾ اچي ويو تنهن ڪري انهي اهڙي انداز ۾ نقل ٿاهيو ويو جنهن کي ڪنهن دور ۾ ادب براءِ ادب جو نظريو ڪوٺيو ويو. انهي مطابق جمالياتي قدرن کي اخلاقي قدرن کان برتر ليکيو وڃي ٿو ۽ انهي جي مدد سان "پڪا ڍلي ۾ گلاب جو گل يا ڪو ڪنول کٽي گهمندڙ" جمالياتي قدرن ۾ يقين رکندڙ انهي روزاني انساني زندگي کي ڪنهن خاطر ۾ نہ ٿو آڻي جنهن ۾ هو رهڻ کان ڊڄي ٿو.

پرائوسٽ جو ڪم جنهن سچ جو اعلان ڪري ٿو اهو هي آهي تہ آرٽ بہ انهن طريقن مان هڪ آهي جنهن ۾ انسان پاڻ کي بچائي ٿو. ڪو هڪ مطلق قدر ڪيترن ئي اضافي قدرن مان جنم وٺي ٿو. آندري ماروئي پنهنجي ڪتاب The Quest for Proust ۾ لکيو آهي. سندس ناول جو بنيادي موضوع اوڻيهين صدي جي آخر ۾ فرانس ۾ ملندڙ ڪنهن خاص سماج جي تصوير نہ آهي نہ ئي محبت جو ڪو نئون تجزيو ۽ تحليل آهي. اصل ۾ اهو انسان جي روح ٻاران وقت سان جوٽيل جنگ حقيقي زندگي ۾ ڪو اهڙو مقرر نقطو (Fixed Point) نہ ڳولهي سگهڻ جنهن کي ذات قابو جهلي سگهي، اهو نقطو پنهنجو پاڻ ۾ ئي ڳولهڻ جو فرض ۽ اهو آرٽ جي ڪنهن فن پاري ۾ ڳولهي سگهڻ جو امڪان آهي. رميمبرنس آف ٿنگس پاسٽ جو اصلي، گهرو ۽ انوکو موضوع اهو ئي آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فوج ۾ وڃڻ کان پوءِ پاڻ لکڻ پڙهڻ سکيو. هو ڪتابن جو شوقين ۽ ڪلاسيڪي ڪتابن جو ڄاڻو هئڻ سان گڏوگڏ هڪ عام رواجي انسان پڻ آهي. سندس ڪتابن ۾ موجود مزاح، شهوت ۽ روايتن کان بيزاري وري هن پاران روايتي شين سان محبت سان ٺهڪي نہ ٿي اچي. ٻئي طرف وري سندس عظمت جو بنياد انهي تي آهي جو هن جي ڪم ۾ علم ۽ شهوت پرستي، عقل ۽ رومانويت، ۽ دنياوي ۽ خدائي ڳالهين ۾ واري ڦيري سان ٿيندڙ ٽڪراءَ ۽ ميلاپ آهي.

هو متشڪڪ بہ آهي، وڏو عالم بہ آهي تہ ڪيس حقيقي ڳالهين ۾ وڏي دلچسپي پڻ آهي تنهن ڪري ڪيس ڪو ناول نگار چوڻ بنهہ مناسب نہ ٿيندو. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ هو هڪ مهربان هجونگار آهي جيڪو تحقيق ۽ تجزيي لاءِ پنهنجي ميڊيم طور ناول کي ڪتب آڻي ٿو. هن جديد ۽ قديم تاريخ کي پنهنجي موضوع طور ڪنيو پر هن جنهن ڳالهہ کي سڀ کان وڌيڪ ترجيح ڏني ٿي اها هيءَ هئي تہ هو قديم ۽ روايتي ڪهاڻيون کڻي انهن کي اهڙو سبق ڪري ڏيکاري تہ هر دور جي انسانن ۾ ڪي ڳالهيون مشترڪ رهيون آهن. هو هڪ لحاظ کان شا (Shaw) ۽ ويندي ويلز جي مشابہ هو پر هو انهن کان گهٽ بي رحم ۽ گهٽ بي چين هو.

فرانس جي ادبي خصوصيتن جو اظهار The Revolt of the Angels ۾ سڀ کان بهترين نموني ٿئي ٿو. هو انهي کي پنهنجو بهترين ڪتاب سمجهندو هو ۽ عام طور نقادن جي بہ اها ئي راءِ آهي. اهو ڪتاب 1914ع ۾ ڀڙڪيل جنگ عظيم شروع ٿيڻ کان ٿورو اڳ لکيو ويو هو. اهو انهي وقت جي دنيا ۽ اڄوڪي دنيا تي هڪ پيغمبرانہ طنز آهي. انهي فرانس جي انهي سوچ کي صحيح ثابت ڪري ڏيکاريو تہ وقت گذرڻ سان انسان ذات ۾ جيڪڏهن تبديلي اچي بہ ٿي تہ اها تمام ننڍي پيماني تي اچي ٿي.

”سينٽ سلپائين جي پاڇي هيٺان، ڊي ايسپاروبو جي ڪٽنب جي قديم حويلي سنواريل صحن ۽ بند باغيچي جي وچ ۾ پنهنجيون ساديون ئي ماڙيون کنيو بيٺي آهي. وقت گذرڻ سان گڏوگڏ اجان وڌيڪ اوچيون ۽ اڻ وڻندڙ عمارتون ٺهي ويون آهن جن باغ کي سوڙهو ڪري ڇڏيو آهي. پر اتي بہ ڏگها شاهہ بلوط جا وڻ اڃان پنهنجون چوٽيون کنيو بيٺا آهن“.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اتي 1825ع کان 1857ع تائين ڪتنب جو وڏو ماڻهو اليگزينڊر بوسارٽ ڊي ايسپاروبو گورنمينٽ آف جولاءِ ۾ ڪائونسل آف اسٽيٽ جو وائس پريزيڊنٽ رهيو هو. اليگزينڊر پنهنجي شهرت ۽ دولت جي وارث طور فلجين اڊولف پنيان ڇڏيو. هو سيڪنڊ ايمپائير ۾ سينيٽر هو "انهي اها زمين خريد ڪري پنهنجي ميراث ۾ تمام گهڻو واڌارو ڪيو جنهن تان avenue de la Imperatrice گذرڻو هو. هن پوپن (Popes) جي دنياوي اختيارن جي حمايت ۾ پڻ هڪ زوردار تقرير ڪئي هئي".

فلجين جي ٽيئن پٽ ربني 1888ع ۾ بيرن ڪوبيلي جي ڌيءَ ميري اينٽيونيٽ سان شادي ڪئي. "انهن بهترين زال مڙسن 1908ع ۾ پنهنجي وڏي ڌيءَ جي شادي ڪرائي هئي. پوءِ بہ انهن جا ٽي پار هڪ ڌيءَ ۽ بہ پٽ گهر ۾ هئا".

سڀ کان ننڍي پٽ ليون- جنهن جي عمر ست ورهيہ هئي-جو ڪمرو پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ برٿ جي ڪمري جي پرسان هو. سڀ کان وڏو پٽ ماريس باغ جي پرئين پاسي بن ڪمرن تي ٿهيل هڪ ننڍي سمر هائوس ۾ رهندو هو. "اهڙي طرح انهي نوجوان کي اهڙي آزادي ملي وئي". جو هو ڪتنبي زندگي جالڻ جي قابل ٿي ويو.

ماريس شڪل شباهت ۾ سهڻو هو سمارٽ هو ۽ گهٽي ڏيک ويک کان بہ پري رهندو هو. هن جي شخصيت ۾ هڪ قسم جي چڪ هوندي هئي. هن پنجويهن ورهين جي ڄمار ۾ ئي وڏن پادرين جهڙي ڏاهپ حاصل ڪري ورتي هئي. "هو سوچيندو هو تہ ماڻهو هن دنيا ۾ جيڪي ڪوششون ڪري ٿو ڇا انهن جو ڪو فائدو بہ آهي". تنهن ڪري هو ڪنهن بہ ڪم ۾ هٿ نہ وجهندو هو. هو اوائل ننڍپڻ کان پوءِ اهڙا طريقا پيو ڳولهي ڪيندو هو جيئن ڪم کان بچي سگهي. هو ڊاڪٽر آف لا ۽ ڪورٽ آف اپيل جو بئريسٽر ٿيو تہ بہ هو نہ ئي ڪنهن ڪيس ۾ جج جي سامهون پيش ٿيو نہ ئي قانوني مشاورت جو ڪم ڪيائين. هن کي نہ ئي اڳواڻ ڪا چاهہ هئي ۽ نہ ئي ڪا چاهہ حاصل ڪرڻ جي خواهش هئس. اُئين ڪندي هو بلڪل پنهنجي فطري صلاحيتن مطابق هلي رهيو هو. سندس اندروني پوجهي کيس ٻڌائيندي هئي تہ گهٽين ڳالهين کي غلط نموني ۾ سمجهڻ کان ٿورين ڳالهين جي صحيح چاهہ بهتر آهي".

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهي ۾ هو پنهنجي پڙ ڏاڏي اليگزينڊر جي ابتڙ هو. چاڪاڻ تہ "ڪيس انساني علم جي سموري دائري ڪي پنهنجي پاڪر ۾ آڻڻ جي تمنا هوندي هئي ۽ ڪيس انهي ڳالھ جو بہ ڏاڍو اونو هوندو هو تہ هو پنهنجي انسائيڪلوپيڊيائي ذهانت جو ڪو نوس ثبوت دنيا ڪي ڏئي وڃي". هن ٽي لک سٺ هزار ڪتابن تي ٻڌل هڪ لائبريري ناهي هئي جنهن ۾ ڇپيل توڙي دستخط نسخا شامل هئا. هن پنهنجي وصيت ۾ هڪ خاص شق ذريعي پنهنجن وارثن ڪي انهي ڳالھ جو پابند ڪيو هو تہ هو لائبريري ۾ واڌارو آڻيندا رهن ۽ انهي مقصد لاءِ پنهنجي جائيداد جو هڪ حصو خاص ڪري رکيو هو. هيستائين آيل سندس ڀن جانشينن اهو ڪم ڏاڍي ديانتداري سان ڪيو هو. اهڙي طرح اِسپاروپو لائبريري سموري يورپ جي بهترين نجي لائبريرين مان هڪ ٿي پئي هئي.

انهي بهترين ڪتابي مجموعي جي سار سنڀال جو ڪم ڪيٽرن ورهين کان مونشيئر جوليئن سارٿيٽ جي هٿن ۾ هو. هو تاريخي دستاويزن ۽ قديم تحريرن جو ماهر هو. هن ڪي پنهنجي لائبريري سان ڏاڍو پيار هوندو هو ۽ هو هر روز صبح جو ستين بجي اتي اچي ويهندو هو ۽ ويٺو ڪيٽالاگ ناهيندو هو.

ناول جي ڪهاڻي شروع ٿيڻ وقت سارٿيٽ ڏاڍو پريشان آهي. جو لائبريري ۾ رات جو ڪي پراسرار قوتون اچن ٿيون ۽ قيمتي ڪتاب ۽ مخطوطا طاقن تان لاهي ٽيبلن تي ٽڙيل پکڙيل ڇڏي وڃن ٿيون.

شروع ۾ هو سمجهي ٿو تہ اهو ڪم ڪتنب جي ڪنهن ماڻهو جو هوندو پر جڏهن سڀ انهي کان انڪار ڪن ٿا تہ هن ڪي ڏاڍو ڪنڪو ورائي وڃي ٿو. انهن ڪتابن ۾ هر قسم جي چونڊ شامل هئي ۽ ڪتنب جي ڪنهن بہ ماڻهو پاران انهن ۾ ايتري دلچسپي ڏيکارڻ ڏکيو ڪم هو. چاڪاڻ تہ "انهن ۾ سندس تمام قيمتي عبراني، فرانسي ۽ لاطيني ٻولي ۾ بائيبل جا نسخا، هڪ تمام منفرد تالمود، ربين جا ڇپيل ۽ دستخط مقالا، آرامي ٻولي ۾ لکيل متن ۽ يهودين جي عبادت گاهن مان هٿ آيل ويڙهوٽا شامل هئا.

ڪتنب جا ماڻهو وري پنهنجي سر سمجهندا هئا تہ پوڙهو يا تہ وهمي ٿي پيو آهي يا پاڻ صبح جو ڪتاب لاهي ڏسي ٿو ۽ پاڻ کان ڳالھ وسري ٿي وڃيس. بهرحال

اهي ڪيس پرپائڻ لاءِ قلف متائن تا ۽ چوڪيداري لاءِ جاسوسن جي هڪ خانگي فرم کان ڪم وٺن ٿا. پر پنهي قدمن مان ڪو فائدو نه ٿو ٿئي.

مهينا گذري ورهيه ٿيڻ سان ڪتنب وارن کي اهو يقين ٿيندو وڃي ٿو ته پوڙهي سارڻيٽ جو واقعي دماغ خراب ٿي ويو آهي. چاڪاڻ ته هاڻي هوا ها ڳالهه چوڻ لڳو هو ته ڪتاب پنهنجو پاڻ طاقن تان هيٺ لهن ٿا ۽ هڪ ڪتاب ته هوا ۾ ترندو لائبريري جي دروازي مان نڪري هينئين منزل تي گهر مان نڪري باغ ٽپي ماربس جي سمر هائوس ڏانهن ويو هليو هو.

پوءِ هڪ ڏينهن بلڪل اوچتو انهيءَ اسرار تان پردو کڄي وڃي ٿو. ماربس 126 روڊي روم تي هڪ ننڍڙو فليٽ مسواڙ تي وٺي ٿو. هو اتي پنهنجي مستقل تبديل ٿيندڙ محبوبائن جي خاطر تواضع ڪري ٿو. هو 30 جنوري تي چنچر جي ڏينهن پنهنجي هڪ تازي حاصلات مادام ديبس آبلز جي انتظار ۾ هو. هو دير سان پهتي هئي ۽ بهانن جو ڍير کڻي آئي هئي جيڪي هن رد ڪري ڇڏيا. پر "هن کي ته جمع سان ئي موهڻ ۽ خوش ڪرڻ جون صلاحيتون مليل هيون تنهن ڪري هوءَ ڏاڍي آرام سان بي لباس ٿي وئي انهي تي ماربس جي سموري اڻ وڻت ختم ٿي وئي.

هڪ يا به دفعا ملڻ کان پوءِ هن ساڍي ڇهين بجي چيو "اسان کي هلڻ گهرجي".

ماربس وقت گذرڻ جي اوچتي احساس تي چرڪ پريو. هن جي توانائي وري بحال ٿي وئي ۽ خواهش وري سجاڳ ٿي ويس. سفيد ۽ چمڪندڙ منهن واري گلبرٽ سندس مٿو پنتي ڍُرڪيل هو. اکيون اڌ کليل. چپ هڪ ٻئي کان جدا ننڍاڪڙي حالت ۾ آهستي آهستي ساهه کڻي رهي هئي جو اوچتو چرڪ پري هڪ رڙ ڪيائين.

"اهو ڇا آهي؟"

"ماٺ ڪري ويهه" ماربس ڪيس پنهنجين ٻانهن ۾ جهليندي چيو. هو انهي وقت جنهن موڊ ۾ هو تڏهن جيڪڏهن آسمان به هيٺ ڪري پوي ها تڏهن به ڪيس ڪا ڳڻتي نه ٿئي ها. پر هوءَ هڪ جهٽپ ۾ هن کان پڇي وئي. هوءَ ڪرونڊڙي تي پنهنجي آڱر سان هڪ جسم ڏانهن اشارو ڪري رهي هئي...

”ماربس آخرڪار پنهنجو ڪنڌ ورائي انهيءَ جسم کي ڏٺو ۽ انهي کي چرپر ڪندي ڏسي ڪيس به خوف وٺي ويو“.

انهي دوران گلبرٽ ڪجه سامت ۾ اچڻ لڳي ۽ اهو سمجهندي ته اها به ماربس جي ڪا محبوبا هوندي جيڪا انهي کان اڳ ۾ هن سان گڏ هوندي ۽ خود هن جي اچڻ وقت اتان کسڪي نه سگهي هئي. هن کي دڙڪا ڏيڻ لڳي.

اها ڳالهه صحيح نه هئي ۽ هن چيو ته هن کي جينوٽيڪ اهو جسم صحيح نموني ۾ ڏسڻ ۾ نه پئي آيو پر هو اينٽرو ڏسي سگهيو ٿي ته اهو ڪو مرد هو. انهي تي گلبرٽ وري پريشان ٿي وئي.

انهي تي هن جسم ڏاڍي مٺي آواز ۾ چيو ”مادام ڊج نه“ انهي تي هن کي ڪجه دلجاءِ ٿي ۽ هن کان پڇيائين ته هو ڪير هو. ”آءٌ ماربس جو نگهبان ملائڪ آهيان“.

ماربس ۽ گلبرٽ کي انهي ڳالهه تي يقين ڪرڻ ۾ ڪجه منٽ لڳا پر آخرڪار انهن يقين ته ڪري ورتو پر پوءِ به ڪين سمجهه ۾ نه ٿي آيو ته ڇا ٿي رهيو هو.

ملائڪ چيو: ”آءٌ توهان لاءِ هڪ اهڙي راز تان پردو کڻي رهيو آهيان جنهن تي ڪائنات جي تقدير جو دارومدار آهي. توهان جنهن کي سيني جو خالق سمجهو ٿا آءٌ انهي کان باغي ٿي ويو آهيان ۽ انهي خلاف ملائڪن کي پڙڪائي رهيو آهيان“.

انهيءَ ڳالهه تي اعتبار ڪرڻ اجا وڌيڪ ڏکيو هو پر ملائڪ انهن کي وري يقين ڏياري ٿو. انهي کين ٻڌايو ته سندس آسماني نالو ابديل آهي پر هو پاڻ کي آرڪيڊ سڏرائڻ پسند ڪري ٿو ۽ سندس دليلن مان اوچتو ماربس کي خبر پوي ٿي لائبريرين کي ٻن ورهين کان تنگ ڪندڙ به آرڪيڊ ئي آهي. ملائڪ اهو الزام ياسي ٿو.

هو هنن کان پڇن ٿا ته هو ڇو بغاوت جي سازش ڪري رهيو آهي. انهي تي آرڪيڊ ٻڌائي ٿو ته هن کان ايمان ويو هليو آهي. ”مون کي يهودين ۽ عيسائين جي خدا ۾ ايمان آهي“. هو وضاحت ڪري ٿو ”پر آءٌ انهي ڳالهه کان انڪار ڪريان ٿو ته هن دنيا تخليق ڪئي آهي. هن وڏ ۾ وڏ شين کي ترتيب ڏنو آهي... آءٌ نه ٿو سمجهان ته هو ابدي ۽ لامحدود آهي... آءٌ کيس محدود، تمام محدود سمجهان ٿو. آءٌ کيس واحد خدا به نه ٿو مڃان. گهڻي وقت تائين خود سندس پنهنجو به اهو خيال نه هو. شروع ۾ هو هڪ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي ۽ وزير انصاف کي فوراً يقين ٿي وڃي ٿو تہ انهي سازش جو مقصد ريپبلڪ جو تختو اونڌو ڪرڻ هو. هو سيڪيورٽي فورسز کي حڪم ڏئي ٿو تہ سازشين تي نظر رکي وڃي جيئن ڪي ثبوت هٿ ڪيا وڃن جن جي آڌار تي انهن کي گرفتار ڪيو وڃي.

ماريس کي انهن سرڪاري قدمن بابت خبر پئجي وڃي ٿي ۽ هو آرڪيڊ کي روڊي روم واري اپارٽمينٽ ۾ روپوش ٿي وڃڻ تي قائل ڪري وٺي ٿو. انهيءَ دوران ڪيترائي اهڙا واقعا پيش اچن ٿا جيڪي ماريس ۽ آرڪيڊ تي اثر وجهن ٿا پر آخرڪار اطمينان بخش نموني حل ٿي وڃن ٿا.

آخرڪار اهو لمحو بہ اچي وڃي ٿو جڏهن ملائڪ آسمان تي حملو ڪرڻ جو فيصلو ڪن ٿا. "انهي ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ انهن وٽ آسمانن جي سلطان جي بيشمار سپاهين کي منهن ڏيڻ لاءِ ويڙهاڪ تمام ٿورا هئا پر انهن اهو طي ڪري ڇڏيو تہ انهن جي تعداد جي گهٽتائي جي ڪسر هو اوچتو حملو ڪري ڪڍي وٺندا.... آسمانن جي فوج باغين جي لشڪر تي وقت جي شروعات کان اڳ جيڪا فتح حاصل ڪئي هئي. انهي کان پوءِ انهن ڪا بہ ترقي نہ ڪئي هئي. جيستائين ساز سامان ۽ اسلحي جو تعلق آهي تہ اهو بہ مسلمان عربن جي اسلحي وانگر پراڻي دور جو هو. انهي جا جرنيل سستي ۽ جهالت جي ننڊ ۾ سُتا پيا هئا. اهي مال غنيمت ۽ اعزازن اڪرامن سان سنڄڻ کان پوءِ جنگ جي محنت مشقت بجاءِ ضيافتن جي ذائقن کي ترجيح ڏيڻ لڳا هئا".

باغين شيطان کي پنهنجو ڪمانڊر انچيف ٿيڻ جي دعوت ڏني. هن کين ٻڌايو تہ هو انهي دوران سمهي ننڊ ڪندو. رات جو شيطان هڪ خواب ڏٺو تہ هو باغين جي فوج وٺي ايلڊابوٿ جي فوجين جي سامهون ٿيو آهي ۽ انهن کي شڪست ڏني اٿائين ۽ ڪيس ايلڊابوٿ جي جاءِ تي آسمانن جي بادشاهہ جو تاج پهرايو ويو آهي. پر پوءِ جو هن جهينا (Gehenna) ۾ ايلڊابوٿ تي نظر وڌي تہ "هو ڌرتي ڏانهن نهاري رهيو هو جيڪا ٻچڙاين ۽ پيڙا ۾ ڏبندي پئي وئي. هن جي دل ۾ رحم ۽ شفقت جا خيال اچڻ لڳا. هو اوچتو اٿي بيٺو ۽ ايتر ۾ پنهنجيون سگهاريون پانهون اٿين هلائڻ لڳو جيئن اهي سندس ونجهہ هجن. تڙ تڪڙ ۾ هيڏانهن هوڏانهن انسان ذات کي تعليم ۽ تسلي ڏيڻ لڳو. هن جي وسيع جسم ڌرتي جي ناخوش گرهہ تي محبت جي رات جهڙو ڪومل پاڇو وجهي ڇڏيو هو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"۽ شيطان ٿڏي برف جهڙي پگهر ۾ وهنجي ننڊ مان سجاڳ ٿيو. "نيڪٽر، اسٽار، آرڪيڊ ۽ زيتا سندس چوڌاري بيٺا هئا. "ساٿيو وڏي ۽ مک ملائڪ چيو". "نہ اسين آسمانن کي فتح نہ ڪنداسين. طاقت حاصل ڪرڻ ئي ڪافي آهي.... خدا کي فتح ڪيو تہ شيطان ٿي پوندو. شيطان فتح ڪندو تہ خدا ٿي پوندو. شال تقدير اهڙي خطرناڪ ڳالهہ کان بچائي. مون کي جهنم سان پيار آهي جنهن منهنجي ذات کي تخليق ڪيو.... هاڻي اسان جي ڪري اڳئين زماني جي خدا کان سندس زميني سلطنت کسجي وئي آهي ۽ هاڻي هن ذرتي جي گولي تي هر سوچ رکندڙ وجود ان کي حقير سمجهي ٿو يا ڪيس ان بابت ڪا ڄاڻ ئي نہ آهي.... ۽ اسان آسماني روحن جيڪڏهن پنهنجي اندر ۾ موجود جهالت ۽ ڊپ کي ناس ڪري ڇڏيو تہ اسان جڻ ايلڊابوٿ کي ناس ڪري ڇڏيو".

فرانس پنهنجي ملڪ جي پهرئين جنگ عظيم ۾ گهڙي پوڻ جي وڏي حمايت ڪئي ۽ سدائين فرانسي موقف کي برتر رکڻ لاءِ ڪوششون ڪندو رهيو. جنگ ختم ٿيڻ تي هو فرانسي ادب جو Grand Old Man ٿي ويو ۽ ماڻهو عقيدت وچان سندس گهر تي حاضري ڀرڻ لڳا. هن جا ڪيترائي پورٽريٽ ۽ فوٽوگراف ناهيا ويا. هو انهن سيني ۾ بريسنگ گائون ٽوپي ۽ سليپر ۾ ڊيڪاربل آهي هو هڪ عالم ۽ قوم جو بت ٿو لڳي انهن سيني مان هڪ مفڪر ۽ حليم ۽ شفيق روح جو تاثر ملي ٿو ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ اها تہ هن ۾ سندس دور جي فرانس جو روح سمايل هو.

هن کي سن 1921ع ۾ ادب جو نوبل انعام مليو. هو 13 _ آڪٽوبر 1924ع تي ٽوئرس (Tours) ۾ فوت ٿيو.

# 77. دي ٽائون ليبرر

## -- جي. ايل ۽ باربرا هيمنڊ --

ارڙهين صديءَ جي آخري حصي کان اوڻيهين صديءَ ۾ گهٽ وڌ ٽائين، انهن گهٽ وڌ ستر ورهين دوران انگليند ۾ هڪ تمام وڏي تبديلي اچي وئي. اهو اڳ ۾ تقريباً مڪمل طور هڪ زرعي ملڪ هو پوءِ اهو دنيا جي فيڪٽريءَ ورڪ شاپ ٿي ويو. اهو پنهنجي روز بروز وڌندڙ آبادي لاءِ ٻاهرين ملڪن مان کاڌي جون شيون خريد ڪندو هو ۽ انهي جي بدلي ۾ قسمين قسمين تيار ٿيل شيون ڏيندو هو. انهيءَ تبديليءَ کي صنعتي انقلاب (Industrial Revolution) جو نالو ڏنو ويو آهي.

انهي بابت ڪيترائي ڪتاب لکيا ويا آهن. جن جي شروعات آرنلڊ ٽائن بي جي 1881ع ۾ آڪسفورڊ ۾ ڏنل ليڪچرن کان ٿي. پر اهو چوڻ شايد صحيح ٿيندو تہ انهي خاص ميدان ۾ هيمنڊ زال مڙس کان وڌيڪ ڄاتل سڃاتل ٻيو ڪو نالو نہ آهي.

مرد جي ڳالهہ اڳ ۾ ٿا ڪريون: جان لارينس لي بريٽن هيمنڊ (سندس پورو نالو اهو هو) 1872ع ۾ ڄائو ۽ 1949ع ۾ فوت ٿيو. هن جو تعلق جرسي جي هڪ پراڻي ڪٽنب سان هو پر هو يارڪ شائر ۾ هڪ ڳوٺ ۾ ڄائو هو جتي سندس پيءُ ريڪٽر هو. هو برڊ فورڊ گرامر اسڪول ۾ پڙهڻ کان پوءِ آڪسفورڊ ويو ۽ پوءِ صحافت ۾ ڪم جي شروعات ڪيائين. انهي ۾ بہ هو بنيادي طور مانچيسٽر گارجين سان لاڳاپيل رهيو. هن جي عمر انهيءَ وقت جيتوڻيڪ چاليهن ورهين کان مٿي هئي تہ بہ هن پهرئين جنگ عظيم دوران هڪ سال آرٽلري ۾ ڪم ڪيو. هن 1901ع ۾ ليوسي باربرا برڊ ٻاءِ (1873ع - 1961ع) سان شادي ڪئي. هوءَ ڊاڪٽر برڊ ٻاءِ جو ستون ۽ آخري ٻار هئي. هو هيلي بري جو هڪ ناميارو هيڊ ماستر هو. هن آڪسفورڊ ۾ ليڊي مارگريٽ هال ۾ تعليم حاصل ڪئي. اتي هوءَ تمام هوشيار شاگرديائي ثابت ٿي ۽ جي. ايل هيمنڊ سان شادي ڪان اڳ چار ورهيہ فيلو پڻ ٿي رهي ڪيس نوجواني ۾ ٿي.

هڪ ٻئي باب ۾ اسان کي نيو ٽائون جي هڪ تصوير ڏيکاري وئي آهي. اهو تمام سادي سامان سان ٺهيل گهرن جو هڪ تمام وڏو ميڙ آهي. پورهيت سڄي ڏينهن جي محنت مشقت کان پوءِ اتي ايندا هئا. اتي گندي پاڻي ۽ گند ڪچري جي نڪاس جو ڪو به بندوبست نه هو. گند ڪچرو بدبودار ڍيرن جي صورت ۾ گڏ ٿيو ٿيندو هو. گهٽين ۾ فرش بندي ٿيل هئي نه پاڻي جي نيڪال جو ڪو انتظام هو. مانچيسٽر ۽ لورپول جهڙن وڏن شهرن ۾ به عمارتن ناهڻ جا ڪي ضابطا نه هوندا هئا. ڪچا ڪاڪوس به ٿورن گهرن ۾ هوندا هئا. واٽر سپلاءِ ته اڃا ٿورن گهرن ۾ هوندي هئي. ڪنهن گهٽي يا گهرن جي قطار جي آخر ۾ پاڻي جي نلڪي هر روز هڪ يا به ڪلاڪ کولي ڇڏبي هئي ۽ رهواسي بالٽيون ۽ ڏول کڻي قطار ڪري اچي بيهندا هئا. ڪجه نوان شهر ڇڻ ته پنهنجين حدن کان وڏي ويل پراڻا ڳوٺ هئا. ڪي شهر پراڻيون ڪارپوريشنون ته ڪي بلڪل نيون آباديون هئا. پر سيني ۾ حڪومتي نظام خراب هوندو هو. اهي رعايتون ڏيڻ وٺڻ ۽ ڪرپشن جا ڳڙه هوندا هئا. تفريح جا ڪي به وسيلا نه هوندا هئا. هڪ سڀ کان عام شڪايت اها هوندي هئي ته اهڙيون ڪي به کليل جايون يا پارڪ نه هوندا هئا جتي ڪو پورهيت ڪنهن آچر جي شام جو پنهنجي ڪٽنب سان گڏ وڃي سگهي.

هيمنڊ زال مڙس چون ٿا ته نوان شهر: "شهر نه پر فوجين جون بيرڪون لڳندا هئا. اهي ڪنهن تهذيب جي پناهه گاهه نه پر ڪنهن صنعت جا پانڊا لڳندا هئا. نام نهاد انصاف جي عملداري به مقامي مئجسٽريٽن جي هٿن ۾ هوندي هئي جيڪي زميندار ۽ ملازم طبقي مان کنيا ويندا هئا. پوليس فورس به تبصري هيٺ دور جي بلڪل آخر ۾ وجود ۾ آئي. امن امان جي ذميواري فوج ۽ مقامي مليشيا تي هوندي هئي. هيمنڊ زال مڙسن جي ڪتاب جي هڪ ٻئي باب جو عنوان "ٽريڊ يونين خلاف جنگ" آهي ۽ اها ڳالهه به ذهن نشين ڪرائڻ فائدي کان خالي نه ٿيندي ته 1799ع کان 1824ع تائين ٽريڊ يونين سرگرمي نالي هر شي ۽ ڳالهه تي پابندي هوندي هئي.

هاڻي اقتصادي حالتن ڏانهن اچون ٿا. انهي ۾ ڪو شڪ نه آهي ته صنعتي انقلاب جي شروعاتي ورهين ۾ تمام وڏي پيماني تي ۽ تڪڙي واڌ ويجه آئي انهي جي باوجود به ليڪن جو چوڻ آهي ته نين صنعتن ۾ ڪم تي بيهاريل پورهيتن کي نئين دولت مان ڪجه به نه مليو. جيتوڻيڪ ڪيهه اَن لوهه ۽ ڪوئلي مان بي انداز دولت

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايندي رهي. پر انهن صنعتن جا پورهيت ويا بدحالي ۾ تڪليف جي ڏٻڻ ۾ ڦاسندا. هڪ طرف امير مالڪن جو طبقو پيدا ٿيو ۽ ٻئي پاسي وڏي انگ ۾ بدحال مزدور طبقو (پرولتاري) وجود ۾ ايندو ويو.

پورهيتن جي هڪ وڏي طبقي لاءِ جسم ۾ روح کي گڏ رکڻ جو هڪ ئي طريقو هو. اهو هي هو ته اهي پنهنجن ٻارن کي ڪنهن فيڪٽري، ورڪشاپ يا کاڻ ۾ ڪم تي موڪلين جيئن انهن جي آندل ٿورڙي ڪمائي ڪٽنب جي بجيٽ کي متوازن ڪرڻ ۾ مدد ڏئي سگهي. انهن ليکڪن ٻاران ڪتاب لکڻ تائين صنعت ۾ ٻارن جي پورهيي جو وڏو حصو هوندو هو (۽ انهن مان گهڻا جيڪي اجا نوجوانيءَ جي عمر تي ئي نه پهتا هوندا هئا) پر انهي پورهيي جو صحيح قدر به نه ڪيو ويندو هو. جنهن به ماڻهو مل يا کاڻ ۾ ٻارن جي پورهئي بابت انهن جا باب پڙهيا هوندا انهي کي وڌيڪ سمجهاڻ جي ضرورت نه آهي. شروعاتي فيڪٽريون پاڻي جي طاقت تي هلنديون هيون ۽ تنهن ڪري اهي لازماً ندين جي ڪنارن تي ٺهنديون هيون ۽ عام طور گهٽ آباديءَ وارن ضلعن ۾ هونديون هيون. ڪارخانيدارن کي گهربل ماڻهو هٿ ڪرڻ ۾ ڏاڍي ڏکيائي ٿيندي هئي ۽ انهن لنڊن ۽ ٻين شهرن ۾ ڪليسائي اختيارين جي انهي تجويز تي ڏاڍو سک جو ساهه کنيو ته اهي ڪارخانن ۾ سٽيل هزارين ٻارن کي ڪم تي ٻيهاري سگهن ٿا. اهڙي طرح اهو بدنام ڪاروبار شروع ٿي ويو ۽ ايستائين جاري رهيو جيستائين فيڪٽريون شهرن ۾ قائم نه ٿيون ۽ بالغ پورهيتن جا واندا هٿ دستياب نه ٿي ويا.

پهريون فيڪٽري ايڪٽ جنهن ڪارخانن جي سکيڙات ٻارن کي معمولي تحفظ ڏنو اهو 1801ع ۾ پاس ٿيو. پر 1831ع تائين به ٻارن کي ڪپهه جي صنعت کان سواءِ ڪٿي به تحفظ نه هوندو هو. ۽ ڪپهه جي صنعت ۾ به مالڪ نون ورهين جي ٻارن کان هر روز 12 ڪلاڪ ڪم وٺندا هئا ۽ اهي جيڪي ضابطا لاڳو ڪيا ويا اهي به چوڻ ته درسي نوعيت جا هئا ڇو ته انهن تي عمل درآمد لاءِ هڪ به فيڪٽري انسپيڪٽر مقرر نه ڪيو ويو هو.

اها جينوٽيڪ تمام ڏکوئيندڙ تصوير آهي پر اها ڳالهه به بيان ڪرڻ ضروري آهي ته ڪجهه فيڪٽري مالڪ اهڙا به هئا جيڪي فيڪٽري نظام جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خرابين کان پوري طرح واقف هئا ۽ انهن کي دور ڪرڻ لاءِ پنهنجي پوري ڪوشش ڪندا هئا. سڀ مالڪ ظالم نہ هوندا هئا ۽ سڀ ظالم بہ مالڪ نہ ٿيا هئا. اڪثر ماءُ پيءُ پاڻ پنهنجن ٻارن جي محنت جو استحصال ڪرائڻ لاءِ تيار هوندا هئا ۽ بي رحمي جي ڪجھ تمام وڏن واقعن لاءِ هوئي ذميوار هئا. پر پوءِ بہ مجموعي طور اهو چوڻ درست ٿيندو تہ اعليٰ طبقا هيناهين طبقي سان اهڙي سختي ۽ اهڙي ظلم سان پيش ايندا هئا جيئن ”بيستائين سمجھہ ۾ اچڻ ڏکي آهي جيستائين اسان کي انهي دور جي فڪري ماحول جو ادراڪ نہ ٿو ٿئي. هيمنڊ جوڙي انهي جو ”ذهن“ ۽ ”اميرن جي شعور“ وارن بابن ۾ جائزو ورتو آهي. هر ڪنهن جو انهي ڳالھ ۾ سچي دل سان ويساھ هوندو هو تہ سرمائيداري نظام جي مڪمل ۽ بي روڪ ٽوڪ ترقي پورهيتن توڙي سندن مالڪن جي بهترين مفاد ۾ آهي ۽ اقتصادي نظريي جا مجبل اصول بہ تقريباً سندن ئي حمايت ۾ هئا. مذهب بہ غريبن جي اهنجن تي پنهنجي تحفظ جو چوغو وجهي ڇڏيو هو. وليم ولبر فورس ۽ هنا مور جهڙا مهربان ۽ چڱائي سوچيندڙ ماڻهو بہ غريبن کي اهڙيون ڳالهيون ٻڌائي تسلي ڏيڻ کان نہ ڪيٻائيندا هئا تہ هنن جي هن زندگي ۾ تڪليفن ۽ محروميتن جو کين قبر کان پوءِ واري زندگي ۾ صلو ڏنو ويندو.

اهڙن مخالف دبائن جي باوجود بہ غريبن کان جيڪو بچاءَ جو بندوبست ٿي سگھيو انهن اهو ڪيو. اختيارين جي مخالفت جي باوجود ٽريڊ يونين ۾ چڱي واڌويجھ آئي ۽ اهڙيون دوست سوسائٽيون قائم ٿيون جيڪي پنهنجن ميمبرن کي روزاني زندگي جي خطرن خلاف تحفظ ڏينديون هيون. ڪوآپريٽو تحريڪ جي شروعات بہ انهن ڏکين ورهين ۾ ٿي. وري غريبن کي هيمنڊ جوڙي چواڻي مذهب جي روح مان سڪون ۽ همٿ افزائي ملڻ لڳي. سرڪاري چرچ پختي ۽ خاص الخاص نموني شاهوڪار طبقن جي پاسي هو پر سموري ملڪ ۾ شهرن ۽ ڳوٺن ۾ اختلافي فرقن ۽ خاص طور ميٿاڊسٽ تحريڪ جاگرجا گھر موجود هئا جن ۾ عيسائي نظريي کي پورهيت طبقي جي مطابق ٺاهيو ويندو هو ۽ اتي ڪهڙي بہ گھٽ اصل ۽ معمولي ڏنڌي واري ماڻهو وٽ جيڪڏهن ڪي تنظيمي ۽ انتظامي صلاحيتون هجن تہ کيس انهن جي استعمال جا موقعا ملي سگھيا ٿي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهي نئين سماج ۾ ڪار فرما فڪري قوتن جي انهي جائزي ۾ هڪ ڳالهه جي ڪوٽ ضرور نوٽ ڪئي وبندي پورهيت طبقي جي ٻارن کي اسڪول ڏيڻ جي معاملي ۾ انگلينڊ سموري مذهب دنيا کان گهڻو پٺتي هو. ڪيترائي ماڻهو جيڪي پنهنجي تعليمي حاصلات تي فخر ڪندا هئا انهن کي غريبن کي بلڪل بنيادي تعليم کان بہ محروم رکندي بہ ڪو احساس نہ ٿيندو هو ڇاڪاڻ تہ انهن کي ڊپ هوندو هو تہ ائين ڪرڻ سان انهن ۾ باغياڻين سوچن ۽ لاڙن کي هٿي ملندي ۽ جڏهن ڊاڪٽر بيل ۽ جوزف لنڪاسٽر جي نالن سان جڙيل ٻن سوسائٽين جي سرپرستي هيٺ اسڪول کوليا بہ ويا ۽ اهي بہ جيتوڻيڪ تمام ابتدائي قسم جا هئا تہ بہ انهن جو وڏو مقصد تعليم ڏيڻ نہ پر هڪٻئي جي مد مقابل ڪليسائي فرقن جا حامي پيدا ڪرڻ هو.

هيمنڊ جوڙو پنهنجي ڪتاب جي آخري باب ۾ انهي انگلينڊ ۾ رائج فڪري موسم ڏانهن موٽي اچي ٿو جنهن ۾ اجا بہ ٿورا (Few) گهڻن (Many) تي حڪومت ڪندا هئا. جن بہ طبقن نئين۽ منجهان دولت حاصل ڪئي هئي انهن جو اهو پڪو ايمان هو تہ ملڪيت (Property) دنيا جي عظيم مهذب ڪندڙ طاقت هئي. پر سرمائيدار تنظيم جي تڪڙي ترقي ڪندڙ نظام ملڪيت جي وسيع پيماني تي ورهاست جي اجازت نہ ٿي ڏني. تنهن ڪري اهو سمجهيو ٿي ويو تہ عوام پلي لازماً ملڪيت کان وانجهيل ۽ بيروزگاري جي منهن ۾ رهي ۽ سندس پيرسني غربت ۾ گذري جيستائين انهي دلشڪستو ڪندڙ فڪري ماحول جو خاتمو نہ ٿيندو. انهي جو نيٺ وقت اچڻ تي خاتمو ٿيو. تيستائين آبادي جي وڏي حصي لاءِ ڪا حقيقي اميد پيدا نہ ٿيندي

اهڙي طرح هيمنڊ جوڙو انهيءَ نتيجي تي پهتو تہ "فطرت جي اينري وڏي پيماني تي تسخير جي باوجود جنهن صنعتي انقلاب کي بہ سوبون ڏنيون، انسان جو روح ڪنهن تڏي علائقي ڏانهن جلاوطن ٿي ويو ڇاڪاڻ تہ انهي نئين دنيا ۾_ جنهن ۾ تمام گهڻي دولت هئي اڳتي لاءِ اميدون هيون ۽ مهارت جا وسيع افق هئا_ ڀائيچاري ۽ رفاقت جو روح مري ويو هو.

هيمنڊ جوڙي دي ٽائون ليبرر جي اشاعت کان ٻه ورهيه پوءِ پنهنجي ٽيڙو جو ٽيون ڪتاب The Skilled Laborer 1760 _1832 ڇپايو. انهي کان پوءِ 1923ع ۾ لارڊ شيفٽسري جو اپياس آيو. پوءِ دي رائيز آف ماڊرن انڊسٽري (1925ع)، دي ايج آف دي چارٽسٽس (1930ع) ۽ دي بليڪ ايج (1934ع) ايندا ويا جن صنعتي انقلاب جي ڪهاڻي کي گذريل صدي جي وچ تائين پهچايو. اهي سمورا ڪتاب تفصيلي حوالن سان لکيل آهن ۽ ساڳئي وقت دلچسپي سان پڙهڻ جهڙا آهن. انهي جو سبب اهو آهي ته هيمنڊ جوڙي جي تحرير ۾ هڪ خاص خوبي هوندي هئي. مختصر لفظن ۾ هيئن چئي سگهبو ته انهن اقتصادي تاريخ ۾ انسان ذات کي شامل ڪري ڇڏيو هو.

# 78. يولائسس

## ـــ جيمس جئائس ـــ

يولائسس انگريزي ادب جو هڪ منفرد ڪتاب آهي. اهو نہ ئي ڪو سڌو سنئون ناول آهي، نہ فئنٽسي، نہ ئي ڪو تمام ڏکو يادگيرين جو ڪتاب آهي. جيتوڻيڪ انهي ۾ انهن سڀني جا عنصر موجود آهن. اهو ليوپولڊ بلوم نالي ڊبلن جي هڪ يهوديءَ جي زندگيءَ جي هڪ ڏينهن جو رڪارڊ آهي. هو ماڻهن کي اشتهارن لاءِ ترغيب ڏياريندو آهي ۽ ميريون بلوم، ڳائڻيءَ جو مڙس آهي. ڏينهن آهي 16 ـ جون 1904ع. واقعن ۾ ڏيڪاريل آهي تہ هو پنهنجي زال ۽ پنهنجي لاءِ نيرن تيار ڪري رهيو آهي، مختلف آفيسن ۾ وڃي ٿو هڪ جنازي ۾ شريڪ ٿئي ٿو. سمنڊ جي ڪناري تي، شراب خاني ۾ ۽ چڪلي ۾ وڃي ٿو هڪ گاڏي واري جي ڇپري ۾ هڪ دوست سان ڳالهائي ٿو ۽ آخر ۾ پنهنجي زال وٽ گهر موٽي اچي ٿو. وري جيئن صبح جو ڪتاب جي شروعات وقت سندس زال ننڊ پئي هئي تيئن هوءَ هاڻي بہ ننڊ پئي آهي.

جئائس انهي ڪتاب تي 1914ع کان 1921ع تائين، تريسٽي، زيورچ ۽ پئرس ۾ ڪم ڪيو. انهي جي باوجود بہ اهو جئائس جي سمورن ڪتابن وانگر آئرلينڊ ۽ خاص ڪري ڊبلن سان لاڳاپيل آهي. انهيءَ ۾ ڊبلن کي هوبهو ائين تخليق ڪيو ويو آهي جيئن اهو جئائس جي جواني وقت هو (هن آئرلينڊ 1904ع ۾ ڇڏيو). انهي ۾ جيڪي گيت ڳايا ويندا هئا. جن شين بابت ڳالهيون ڪيون وينديون هيون، گهرن ۾ گهٽين جا نمبر ڪهڙا هئا وينديون شراب خانن جي ڪهڙي حالت هئي هر ڳالهہ تز نمونی پيش ڪئي وئي آهي. جئائس 1882ع ۾ ڄائو هو ۽ هتين خالي شاگرد جي حيثيت ۾ اتان نڪرڻ کان پوءِ چند دفعا مختصر دورن تي ئي اوڏانهن ويو هو. هن سان گڏ گال وي جي هڪ نوجوان ڇوڪري نورا بارنيڪل بہ وئي هئي. اها پوءِ سندس

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زال تي پر هڪ دفعو جڏهن هڪ دوست هن کان پڇيو هو تہ هو ڇو آئرلينڊ واپس نہ ويو هو تہ هن ڏاڍي سادگي سان جواب ڏنو هو: ”آءُ انهي مان ڪڏهن نڪتو آهيان ڇا؟“

ٻين جديد ليکڪن بہ ڪنهن شهر يا ڪنهن خاص دور ۾ ڪو ماحول نئين سر تخليق ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي پر ڪنهن بہ اهو ڪم جيمس جوائس وانگر ايترو دل سان نہ ڪيو آهي. ڪتاب جي اصليت جو راز انهي ۾ سمايل آهي جو جيمس جوائس پنهنجن ڪردارن جا نہ فقط عمل ۽ شعوري خيال نئين سر تخليق ڪري ٿو پر هو انهن جا اڌ خيال (Half_ thoughts) ۽ انهن جو لاشعوري شعوري سرگرمي سان گڏوگڏ جيڪي خيالي صورتون ۽ وهم پروان چڙهائيندو رهي ٿو اهي بہ نئين سر تخليق ڪري ٿو. ائين ڪندي هن Stream of Consciousness جو طريقو وضع ڪيو.

جيمس کان اڳ ڪيترن ليکڪن اندروني خود ڪلامي (Interior monologue) جو طريقو ڪم آندو هو پر اهو ايترو جامع نہ هو ۽ انهي ۾ ايتري فني جرئت ۽ غير رسمي زبان جو استعمال بہ نہ هو. ڪتاب جو آخري ۽ سڀ کان مشهور ٽڪرو لڳ ڀڳ ويهن هزارن لفظن تي ٻڌل آهي ۽ انهي ۾ فقط چار فل اسٽاپ آهن. انهي ۾ بيان ٿيل آهي تہ ”بلومزڊي“ جي پڄاڻي تي رات جو تقريباً ٻارهين وڳي اڌ ننڊ اڌ جاڳ واري ڪيفيت ۾ ميريون بلوم جي ذهن ۾ ڇا وهي واپري رهيو آهي. اسٽريم آف ڪانشسنيس جي انهي طريقي ادب کي ڏاڍو مالامال ڪيو آهي. انهي ذريعي ليکڪ مرد ۽ عورت جي اندروني فطرت جا وڌ کان وڌ عڪس پيش ڪري سگهي ٿو ڇاڪاڻ تہ تحت الشعور کي صحيح نموني متوازن نثر ۾ بيان نہ ٿو ڪري سگهجي.

ڪتاب جي مختلف واقعن ۾ اسٽريم آف ڪانشسنيس جي طريقي سان گڏ انگريزي جي مختلف اسلوبن جي ڇانٽي واري پيرودي ڪئي وڃي ٿي. مثال طور بلوم ٻاران هڪ ويم گهر وڃڻ جو واقعو بيان ڪندي متن ۾ اهڙا ٽڪرا شامل آهن جن ۾ وچئين دور جي انگريزي کان وڪٽوريائي نثر جي انگريزي اسلوب جو جائزو ورتو ويو آهي. بلوم جڏهن ٿوري دير لاءِ سمنڊ جي ڪناري تي گهمي ڦري ٿو تہ گرٽي ميڪ ڊويل نالي هڪ نوجوان ڇوڪري هن تي اک رکي ٿي. ڇوڪري کي پير ۾ لڱ آهي. هوءَ واري تي ويٺي بلوم کي ڏسي رهي آهي. هن جي ذهن ۾ جيڪو ڪجهه وهي واپري ٿو، اهو هڪ ڊگهي ٽڪري ۾ بيان ڪيو ويو آهي. اهو ٽڪرو ڇانٽي واري انهي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسلوب ۾ لکيو ويو آهي. جنهن ۾ وڪٽوريائي دور ۾ سستا ناول لکيا ويندا هئا. گرتي شروع ۾ هڪ لڳڙي عاشق کي ياد ڪري ٿي:

"گهڻو وقت اڳ پارٽي واري رات (هن کي اجا به شارٽ ٽرائوزر پاتل هو) جڏهن هو اڪيلا هئا ۽ هن ماٽ ميٽ ۾ ٻانهن هن جي چيلهه جي پٺيان ورائي ڇڏي هئي انهي تي هو اچي ٿي وئي هئي. هن ڏاڍي وينل آواز ۾ کيس "ننيڙي" سڏيو هو ۽ اڌ چمي ڏني هئي (ڀهرئين). پر تڏهن فقط سندس نڪ جي چوٽي هن کي لڳي هئي ۽ هو ريفريشمينٽ بابت ڪجه چوندو جلدي ڪمري مان نڪري ويو هو. هو ڏاڍو جوشيلو هو! ڪردار جي مضبوطي ريگي وائيلي جو مضبوط نقطو ڪڏهن به نه رهي هئي ۽ گرتي ميڪ ڊوئيل کي ته مردن ۾ به ڪو چوندءِ مرد ٿي هرڪائي ۽ ماٽي سگهندو. پر اوسيئڙو سدائين اوسيئڙو ته اڳلو پاڻ چئي ۽ هي ته ليپ ييئر (Leap Year) هو. اهو به جلدي گذري ويندو. ڪو به پرنس چارمنگ سندس سپ کان دلپسند محبوب نه ٿو ٿي سگهي جو هن تي عجيب محبت نڇاور ڪري سگهي. اهو ڪو مرداڻو مرد هجي. سگهارو ۽ سانت منهن هجيس جنهن کي پنهنجو آدرش نه مليو هجي. ٿي سگهي ته سندس وارن ۾ ڪجه اڇا وار به هجن جيڪو کيس سمجهي ۽ کيس پنهنجي پناهه ڏيندڙ ٻانهن ۾ وٺي سگهي. کيس پنهنجي سموري گهري جذباتي طبيعت سان پاڻ ڏانهن ڇڪي ۽ تمام ڊگهي چمي سان کيس آرام ڏئي. اهو ته جنت مثال ٿي ويندو. هن جي دل ۾ هن وٽندڙ اونهاري جي شروعات وقت اهڙي ڪنهن مرد جي تمنا هئي."

جئائس لکڻ جي صنعتن تي مڪمل مهارت سبب انگريزي زبان جي سموري موسيقيت کي ڪم آڻڻ جي قابل ٿي ويو. هن جي تحرير ۾ جيڪي ڳالهيون اسلوب جون حرفتون لڳن ٿيون اهي حقيقت ۾ حرفتون نه پر هڪ تمام وڏي جِگسا پزل (Jigsaw Puzzle) لاءِ گهربل ضروري رنگن وارا ٽڪرا آهن جيڪي زندگي جي هڪ ٽڪري (Slice of Life) جي عڪاسي ڪن ٿا.

يولائسس سپ کان پهريان پيرس ۾ شيڪسپيئر ائنڊ ڪمپني پريس پاران شايع ڪيو ويو هو. انهي جي مالڪڻ سلويا بيچ انهي دور جي ڪيترن ئي بهترين تجرباتي ليکڪن تي ٿورا ڪيا هئا. انهي کي فوراً انگلينڊ، فرانس ۽ آمريڪا جي اڪثر سرڪردن ليکڪن- سيني نه- کان مڃتا ملي وئي هئي. بهرحال اهو گهڻي وقت تائين اهڙو ڪتاب ٿي رهيو جنهن کي ٿورن ماڻهن ئي پڙهيو هو. جيئن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آمريڪي پوسٽ آفيس اختيارين لٽل رويو (Little Review) رسالي جا اهي ڪيترائي پرچا ٻبائي ڇڏيا هئا جن ۾ انهي ڪتاب جا مڪمل ٿيڻ کان اڳ وارا ڪيترا حصا شامل هئا. ساڳئي طرح لنڊن جي ايگوئسٽ پريس پاران يولائسس جي ڇپيل محدود ايڊيشن جون ڪاپيون بہ برٽش پوسٽ آفيس وارن ضبط ڪري ساڙي ڇڏيون. آمريڪا ۾ ليکڪ جي موڪل کان سواءِ چوري هڪ ڇاپو ڪڍيو ويو انهي تي جئائس پاران احتجاج ٿيو. احتجاجي ياد داشت تي ڪيترن ئي اديبن جون صحيحون ٿيل هيون. انهن ۾ جان ميسفيلڊ، سي. آر. ٽريوليان، آرنلڊ بينيٽ، گالس ورٿي، فلپ گبس، ايچ. جي. ويلز، والپول ۽ ييٽس سميت ٽي. ايس. ايليٽ، هيمنگوي جهڙن پهرئين صف جي ليکڪن جهڙا ماڻهو شامل هئا.

احتجاج کان پوءِ نيويارڪ جي رينڊم هائوس وارن عام وڪري لاءِ هڪ اجازت يافتہ ۽ غير محدود ايڊيشن ڪڍيو. انهن وفاقي اختيارين کي چيلينج ڪيو تہ اهي ڪتاب جي عام وڪري لاءِ اچڻ جي حق جي خلاف يا حمايت ۾ ڪو فيصلو ڏين. يونائيٽڊ اسٽيٽس ڊسٽرڪٽ ڪورٽ جي جج جان ايم. وولزي آخرڪار 1933ع ۾ فيصلو ڏنو تہ ڪتاب جو آمريڪا ۾ وڪرو قانوني طور جائز هو. انهي کان پوءِ بوڊلي هيڊ وارن 1936ع ۾ انگلينڊ ۾ ڪتاب جو پهريون عام ڇاپو ڪڍيو.

اها ڏاڍي عجيب ڳالهہ آهي تہ يولائسس هاڻي آمريڪا ۽ انگلينڊ جي ڪيترن ئي يونيورسٽين ۾ لازمي طور پڙهڻو پوي ٿو. انهي تي جئائس کي شايد ڏاڍي حيرت ٿئي ها ۽ شايد تہ هو انهي تي ڪڏهن بہ خوش نہ ٿئي ها. مزاحيہ ۽ شرم جهڙي مواد واري انهي تمام فڪري ڪتاب کي جوان توڙي پوڙهن پڙهندڙن پاران اهميت ڏيڻ جا سبب شايد اهي نہ آهن جن سبب انهي جو هڪ ٽيڪنيڪل ڪتاب طور اڀياس ڪيو وڃي ٿو.

يولائسس ۾ ڊبلن، انهي جي ڪجه رهواسين ۽ اتان جي انڊر ورلڊ جو تمام جامع، تمام جرئت سان ۽ فني طور تمام دلچسپ انداز ۾ بيان ڏنل آهي پر ڪتاب جي حيثيت انهن ڳالهين کان گهٽي وڌيڪ آهي. جارج مور جنهن کي حقيقت ۾ جئائس جو ڪم نہ وڻندو هو. انهي چيو هو تہ يولائسس جيتوڻيڪ هڪ اهم ڪتاب هو پر هو اها ڳالهہ نہ سمجهي سگهيو هو تہ جئائس انهي ۾ ڪيترو ئي مواد هومر جو ڇو ڪٽي شامل ڪري ڇڏيو هو. هيستائين جئائس جي فڪري مداحن پاران جئائس ۽ هومر

سامهون اچي ٿو چاڪاڻ ته اسان کي هن بابت سڀ ڪجھ ٻڌايو وڃي ٿو ته ٻه بلوم جي مخصوص ڳالهين جو دائرو شايد ٻين ماڻهن کان وڌو نه آهي“ هو ڪجھ ٻه نه آهي ته ٻه هن جا دوست ـ جيڪي واري ڦيري سان ڪڏهن هن کي پسند ڪن ٿا ته ڪڏهن هن کان نفرت ڪن ٿا ـ سندس اظهار جي طاقت ۾ هر قسم جي ڳالهين بابت سندس چڱي خاصي (جيتوڻيڪ ڪجھ منجهيل) ڄاڻ سبب اها ڳالھ تسليم ڪن ٿا ته هو ڪو عام رواجي ماڻهو نه آهي. هو هڪ مهذب ماڻهو آهي“

اسان کي بلوم جون عام رواجي سڀئي ڳالهيون مشڪل سان ٿي نظر اچن ٿيون: هو پنهنجي زال ۽ ڌيءُ جو شيدائي آهي، هن کي ڪتا ۽ ٻليون وڻنديون آهن. هو ٻارڪين کي داڻو ڏيندو آهي، ڪنهن نابين کي گهٽي پار ڪرڻ ۾ مدد ڪندو آهي، ڪنهن مرحوم دوست جي ٻارن کي پنهنجي وسعت کان وڌيڪ ڏيندو ۽ اسٽيفن جي پيءُ وانگر پرگهور لهندو آهي. پر انهيءَ گهڻ رخي ڪردار کي مڪمل طور پنهنجي گرفت ۾ آڻڻ کان پوءِ اهو احساس ٿئي ٿو ته اهو ماڻهو پنهنجي ننڍڙين سڀئين انساني خصوصيتن جي مجموعي کان گهڻو وڌيڪ آهي. مطمئن ۽ وحشي ماڻهن جي هڪ ميڙ ۾ جيڪي پنهنجي آئرسيتانيت، پنهنجي مذهب يا پنهنجي پسند ناپسند جي لحاظ کان ته مضبوط آهن پر هڪ مڪمل انسان هئڻ جي لحاظ کان انهن ۾ بلوم ئي نمايان ٿي بيهي ٿو. هو فقط ڪو آئرستاني يا يهودي نه آهي. هو جيئڻ ته تنگ نظري تعصب ۽ بناوت کان خالي آهي. تنهن ڪري هن ۾ ڏپ ۽ ظلم به نه آهي.

عظيم فرانسي نقاد واليري لاربائود جيڪو جئائس جي شروعاتي مداحن مان آهي انهي چيو هو ته بلوم (شيڪسپيئر جي ڪردار) فالستاف وانگر لازوال آهي. اها ڳالھ درست ٿي سگهي ٿي پر بلوم انهن نسبتاً ٿورن مهم جو ماڻهن لاءِ جاتل سڃاتل رهندو جيڪي انهي ڪتاب کي مڪمل طور سمجهي سگهندا چاڪاڻ ته اهو پنهنجي تمام دلچسپ خصوصيتن جي باوجود پڙهڻ ۾ تمام ڏکيو ڪتاب آهي. انهي کي سموري دنيا جي فڪشن جي عظيم ڪتابن مان شايد سڀ کان ڏکيو ڪتاب چئي سگهجي ٿو پر ڪجھ ماڻهن لاءِ اهو تمام فائديمند ۽ اطمينان بخش ثابت ٿي سگهي ٿو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 79. ايرئيل

## — آندري ماروئي —

## (Andre Maurois)

آندري ماروئي جولاءِ 1885ع ۾ ڄائو. سندس اصل نالو هرزوگ هو. هن جو پيءُ فرانس جو هڪ امير ماڻهو هو جنهن کي ڪپڙي جو ڪارخانو هو. هن جو ڪتاب The Silence of Colonel Bramble ڇپجڻ سان هُن پنهنجي ملڪ ۾ راتو رات مقبوليت حاصل ڪري ورتي هئي. برطانوي آرمي جي هڪ پڪي روايت پرست ماڻهو جي اها لازوال تصوير پهرئين جنگ عظيم کان جلدئي پوءِ ڇپي هئي تڏهن هو برطانوي فوجن ۾ ترجمان طور منسلڪ ٿيل هو. هو اسان کي هن ڪتاب، توڙي Discourses of Doctor O'Gardy ۾ پڻ ٻين مضمونن ۽ ڪتابن ۾ انگريزن، انهن جي ڳالهين، اٿي ويٺي جي ادب آداب، انهن جي ذهنيت، سپاهين، ليکڪن ۽ وڏ گهراڻن جو ڏاڍي خوش دلي سان مشاهدو ڪندي نظر اچي ٿو. هو انگريزن جي ڳوٺاڻن علائقن ۽ ڳوٺن ۾ ٿهيل وڏن گهرن جو وڏو ڄاڻو آهي. پر اها ڳالهه آهي تہ ماروئي جيتوڻيڪ انگلينڊ ۾ خوشي محسوس ڪندو هو پر هُو سدائين هڪ فرانسي ٿي رهيو. هو انهي ملڪ سان پنهنجي محبت جي باوجود پنهنجي دل ۾ موجود ڪنهن اهڙي جذبي کان واقف هو جنهن کي انگريزي طرز زندگي سان ڪا مطابقت محسوس نہ پئي ٿي ۽ هو الڳ ٿلڳ رهندي بہ پنهنجي ملڪ جي ويجهڙائي ڳولهيندو هو. ٻين لفظن ۾ چئجي تہ هو هڪ تمام سوچ سمجهہ وارو مداح رهيو آهي. مداحن جو اهو قسم سڀ کان سٺو هوندو آهي.

ماروئي، ڊزرائيلي، مارشل لائيٽي، بائرن، ڊڪنس ۽ شيلي جي سوانح عمرين ۾ ساڳيو ئي غير جانبدار ۽ شائستگي وارو مشاهدو برقرار رکيو آهي. سندس شهرت جو دارومدار انهن سوانح عمرين تي پڻ آهي. هن لائيٽي جي سوانح عمري ۾ اسان کي هڪ غير پيچيدو عمل وارو ماڻهو ڏيکاريو آهي ڊڪنس جي سوانح ۾ هڪ

اهڙو تخليقي آرٽسٽ ڏيکاريو آهي جيڪو هڪ جاندار حقيقت کي نئين ۽ جذباتي طور قبوليت جوڳي شڪل ۾ ڏيکاري آرام محسوس ڪري ٿو. بائرن هڪ اهڙو ذات ڏٺي آهي جنهن جو پاڻ سان ٺي ناهه نه آهي. ڊزرائيلي هڪ اهڙو آدرشي آهي جيڪو پنهنجن خوابن کي حقيقت جو جامو پهرائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ ناڪام ٿي وڃي ٿو. جڏهن ته شيلي هڪ اهڙو خواب ڏسندڙ آهي جيڪو حقيقت خلاف بغاوت ڪري ٿو ۽ هر وقت خوابن جي دنيا ۾ رهندي مادي دنيا جي سخت پٿرن تي ٿاٻڙجندو رهي ٿو.

"ايرئيل، اي شيلي رومانس" پهريون دفعو انگريزي ترجمي جي صورت ۾ 1924ع ۾ ڇپيو. انهي ڪتاب ۾ ڪنهن روايتي سوانح عمري ۾ ايترو ئي فرق آهي جيترو ڪيرٽي ۽ پاون جي ٻوڙ ۾ ٿي سگهي ٿو. ماخذن جو ذڪر نالي ماتر. نه ڪي حاشيا نه ڪي بحث. سندس نظمن جو ذڪر به ٿورو ٿڪو. متن اهڙن تفصيلن کان خالي جن سبب سنجيده ڪتابن کي وقعت ملندي آهي. ڪتاب ۾ مرڪزي ڪردار لاءِ عزت بجاءِ طنزيه ڪل پوڳ نظر ايندي وڏيڪ توجهه به شيلي ۽ سندس ويجهو رهندڙ ماڻهن کي ڏنل اهي. ڪا به تڪ تور ٿيل نه آهي ۽ نه ئي انگريزي ادب ۾ سندس مقام جو ڪو تذڪرو آهي. انگريز نقادن کي اهو انوکو انداز ۽ هلڪي انداز ۾ ڏسڻ ڏاڍو وڻيو. انهن شيلي جي واضح تصوير، ماروئي جي ڪردار کي کولي سمجهائڻ جي صلاحيت ۽ ڪتاب جي اصليت (Orginality) کي ڏاڍو ساراهيو ۽ انهي کي ڇپيل ڪتابن مان سڀ کان انصاف پرئي ۽ سڀ کان وڏيڪ انساني خوبيون رکندڙ تصوير ڪوٺيو. اسين جڏهن ويجهڙائي ۾ ڇپيل سوانح عمرين کي ڏسنداسين ته اسان کي ڏسڻ ۾ ايندو ته اها راءِ هاڻي به درست آهي.

شيلي اسان کي سڀ کان پهريان ايٽن ۾ نظر اچي ٿو. هو تمام سهڻو ڇوڪر آهي. هو جيئن ته پنهنجي مٿي پنهنجي ذات جو ادراڪ رکندڙ فرد آهي. تنهن ڪري اسڪولي زندگي جي روايتن کي للڪاري ٿو. اهو رويو سندس طبقي جي ماڻهن ۾ هڪ غير معمولي ڳالهه آهي. هو هڪ دولتمند شخص سربشي شيلي جو پوٽو ۽ ٽموٽي شيلي ايم.پي. جو پٽ آهي. سندس پيءُ هڪ متڪبر، ٺٽ نانگر سان رهندڙ جهيڙي جهٽي کان پري پر ڏاڍو بيزار ڪندڙ ماڻهو آهي. هو شروع کان ئي پنهنجي انهي ڇوڪرين جهڙي اولاد کي عجيب شڪ جي نگاهه سان ڏسندو هو. پيءُ ۽ پٽ ۾

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏجي هن کان منهن موڙي ڇڏيو ۽ ڪيس ڇڏي ڏنائين تہ پلي هو سندس ناروا داري خلاف اوبر ڪيڻدو ۽ گهٽ وڌ ڳالهائيندو رهي. هن هڪ مهينو پوءِ آڪسفورڊ جهڙي مذهبي اداري ۾ The Necessity of athiesim ڇپرايو. "هن کي جيتوڻيڪ" ماروئي لکي ٿو "ڪائناتي نيڪي جي روح ۾ پڪو ويساھ هوندو هو. جيڪا سيني شين جي ڳاهيندڙ ۽ هلائيندڙ آهي تہ بہ ناستڪ (Athiest) جو لفظ پنهنجي سگهہ ۾ طاقت سبب کيس وڻندو هو. هو اهو لفظ ڪٽرپڻي جي منهن ۾ اڇلائي خوش ٿيندو هو. هن ۽ سندس حمايتي هاگ کي آڪسفورڊ مان نيڪالي ڏني وئي. هن پنهنجي پيءُ پاران گهر موٽڻ لاءِ هنيل شرطن کي مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ اهي ٻئي لڳ ڀڳ هٿين خالي ڪنهن ڏنڊي ڏاڙي يا ڪنهن دوست سنگتي کان سواءِ لنڊن ۾ رهڻ لڳا.

شيلي لاءِ هاڻي غير معمولي طور منجهيل ۽ رولاڪي واري زندگيءَ جو دور شروع ٿي ويو. هيرئيٽ ويسٽ پروڪ نالي هڪ سهڻي سورهن ورهين جي ڇوڪري هن جي اک تي چڙهي وئي. هن جو پيءُ اڳ ۾ شراب خانو هلائيندو هو. هاڻي رٽائرڊ هو. ڇوڪري ننڍڙي سنهڙي سپيڪڙي هوندي هئي ۽ هن کي ڏسي تازگي جو احساس ٿيندو هو. کيس هن ۾ اهڙو ٿاڻو نظر ايندو هو جنهن ۾ سندس سمورا آدرشي خيالَ اوتجي سگهندا. اهي جلدئي هڪ دوست کان ڪجھ پائونڊ اڌارا وٺي انڊنبرگ پجي ويا. اها شادي ڪامياب ٿي ۽ شيلي هيرئيٽ سان گڏجي ڪلاسيڪي ڪتاب پڙهڻ لڳو. پوءِ هن جي ذهن ۾ هڪ تمام وڏي رٿا تيار ٿيڻ لڳي: هن آئرلينڊ ڪيٿولڪ فرقي وارن جي آزادي لاءِ سوچيو. هن ڊبلن جي رهواسين تي پمفليٽن جو مينهن وسائي ڇڏيو پر موٽ ۾ فقط چٽرون ۽ مايوسي مليس. هن کي انهي مان تمام وڏيون اميدون هيون.

ماروئي شيلي جي پنهنجي زال سندس ڀيڻ ايلزبيٿ ۽ مس هچنر سان سندس سرگردان رولاڪين جو بيرو ڪئي ٿو. هو ڦري گهري لنڊن موٽي آيو. اتي وليم گاڊون سان دوستي ٿي ويس. هو Political Justice جو ليکڪ هو جنهن کي شيلي ڏاڍو پسند ڪندو هو. اتي نوجوان عورتن جو هڪ ٽولو بہ شاعر جي جوشيلي خطابت کي غور سان ٻڌڻ لڳو هو. پئسو اصل کان هڪ مسئلو رهندو ٿي آيو. شيلي ايترو پنهنجي ضرورتن لاءِ نہ پر گاڊون ۽ ٻين ڪنگلن ليکڪن لاءِ اوڌر وٺندو هو. پر بهرحال

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر طرف خوشي جو راڄ هوندو هو شيلي Queen Mab لکي رهيو هو ۽ هيرئيٽ۔ جيڪا پيٽ سان هئي۔ کي هوريس ۽ ورجل پڙهائي رهيو هو.

ٻار جي پيدائش کان پوءِ۔ اها Ianthe نالي ڇوڪري هئي۔ زال مڙس جي لاڳاپن تي هڪ پاڇو پئجي ويو. هيرئيٽ حقيقت ۾ ڪا دانشور نہ هئي. هوريس جي تعليم هن لاءِ هڪ وڏي ٻاءِ جو سبب هئي. هن خوش گذارڻ تي چاهيو ۽ شيلي جيڪي پئسا گاڏين ۽ پين بي وقعت ليکڪن تي خرچ ڪندو هو انهن مان ڪپڙا ۽ ٽوپلا خريد ڪرڻ تي چاهيائين. اهي ڳالهيون شيلي کي پسند نہ هيون ۽ هن اها ڳالهہ هيرئيٽ کي بہ محسوس ڪرائي. بريڪنل ۾ ٿيل هڪ پارٽي کان پوءِ تہ انهن جي دوري جڙ قطعي شڪل اختيار ورتي. هو اتي ميزبان جي ڌيءُ سان اڳيئي پيٽرارڪ پڙهندي ڪلاڪن جا ڪلاڪ گذاريندو هو. حسد جي باعث سبب هوءَ جيتري هئي انهي کان بہ وڌيڪ بي وقوف نسڻ ۾ ايندي هئي. شيلي بيزار ٿي پيو. هوءَ اڪيلي لنڊن موٽي آئي. هو هن جي پٺيان ويو پر هوءَ هوڏ تي قائم هئي. اهڙي طرح شادي ناڪام ٿي وئي ۽ شيلي جي تصوراتي دنيا عارضي طور لُڏي وئي.

پر هن جن پراسرار ۽ فيض رسان قوتن کي سموري ڪائنات ۾ نڙيل پکڙيل سمجهيو ٿي انهن کي پنهنجي خوشي لاءِ ڪنهن سهڻي عورت جو روپ ڏيڻ چاهيو ٿي. "هو هاڻي نئين محبت لاءِ تيار هو. هن جي ملاقات ميري گاڊون سان ٿي. اها فلسفيءَ جي پهرئين زال ميري وولسٽون ڪرافٽ جي ڌيءُ هئي. انهي حساس، ذهين ۽ بهادر نازڪڙي نوجوان ڇوڪريءَ سنڊس پُرجوش پيار کي جاڳائي وڌو. هن انهي کي پڇائي وجهڻ جو فيصلو ڪيو ۽ هيرئيٽ کي لنڊن گهرائي ۽ تمام سائنٽيڪي نموني ۾ ۽ وڏي شفقت سان هن کي پنهنجي ارادي کان آگاهہ ڪيائين. هن کي چوٿون مهينو پيٽ هو ۽ طبيعت بہ اڳيئي صحيح نہ هئس. هاڻي تہ ڪيس مايوسي وڪوڙي وئي. شيلي ڏاڍي پيار سان سنڊس ٿهل ٺڪور ڪئي ۽ وري پنهنجو پراڻو بحث شروع ڪيائين تہ". جنسي لحاظ کان ميلاپ ايستائين پاڪ پوتر آهي جيستائين اهو زال ۽ مڙس جي خوشي ۾ ڪردار ادا ڪري ٿو ۽ اهو انهي وقت پنهنجو پاڻ ختم ٿي وڃي ٿو جڏهن انهي جا نقصان فائدن کان وڌي وڃن ٿا. وفاداري بذات خود ڪا نيڪوڪاري نہ آهي... اهڙي غلط ۽ بي رحماڻي دليل سان هيرئيٽ مان جان ڇڏائي وئي ۽ شيلي پاڻ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تمام آنڊ مانڊ واري حالت ۾ وڏي مقدار ۾ لاٽوڊينم ڪائي چڏي پر هو اجا به پنهنجي پڪي ارادي تي بيٺل هو.

هو ڪجه مهينا پوءِ ميري جي سان گڏ سئيٽرزلينڊ پڄي ويو. ميري جي پيڻ جين به انهن سان گڏ هئي. اهي ڏاڍا خوش ٿي لڳدن موٽيا. واپسي تي گاڏون ڪتنب ڪاوڙ ۾ گهٽيون ئي اکيون ڳاڙهيون ڪيون. شيلي جن کان اوڏرون ورتيون هيون اهي به ڪاوڙيا وينا هئا وري جڏهن هيرئيٽ سان مليا ته انهي جي به چڙ ۾ ڪاوڙ کي منهن ڏيڻو پيو. ميري هاڻي اميد سان هئي ۽ يوناني ۽ لاطيني جي تعليم تي به چڱي توجه ڏيندي هئي. اهي سر پينتائين ۾ ڪاغذ جون پيڙيون هلائيندا هئا ۽ هاڻي فقط جين جي هر وقت موجودگي ئي مسئلو هوندي هئي. انهي هاڻي پنهنجو نالو مٽائي ڪليئر (Claire) رکي ڇڏيو هو ۽ ميري جي جڏهن طبيعت ٺيڪ نه هوندي هئي ته شيلي سان ڏکيون دانشوراڻيون(؟) ڪچهريون ڪندي هئي. پوءِ بار جائو ۽ هڪ مهيني جي اندر فوت ٿي ويو. ڪليئر اجا به گهر ۾ هئي. انهيءَ تي ميري ڏاڍي بيزار ٿي پئي. هن کي پڪ هئي ته ڪليئر کي شيلي سان محبت ٿي وئي هئي.

ڪليئر پوءِ لارڊ بائرن جي پنيان انهي کي سر ڪرڻ وئي هلي. هو وري 1816ع جي بهار جي مند ۾ شيلي وارن سان سئٽزرلينڊ ۾ گڏ هئي ۽ پنهنجي عاشق جي اچڻ جي انتظار ۾ هئي. اهو به تمام اميراڻين گاڏين ۾ سوار ٿي انهن سان ملڻ اچي رهيو هو. بائرن ۽ شيلي پاڻ ۾ سٺي نموني رلمل ٿي ويا. شيلي ته هوئڻ ٿي تمام نهنو ماڻهو هو انهي محسوس ئي نه ڪيو ته بائرن ڪيس پسند ڪرڻ لڳو هو.

انگلينڊ ۾ وري شيلي وارن کي ٻن دکدائڪ واقعن نهوڙي نيو. ميري جي وڃي پيڻ فيني آپگهات ڪيو ۽ جلدئي پوءِ هيرئيٽ سر پينتائين مان ٻڏي مئل هٿ آئي. هوءَ پورن ڏينهن سان هئي. هوءَ ڏاڍي دلشڪستي ٿي پئي هئي. اڳ ۾ هڪ آرمي جي آفيسر سان رهندي هئي. انهي کي انڊيا وڃڻ جو حڪم مليو ته هو ڪيس ڇڏي ويو. پوءِ هڪ معمولي محافظ سان رهڻ لڳي هئي. چوڻ پيا ته اهو گهوڙن جو سائيس هو. اهو به ڪيس ڇڏي ويو. هوءَ بلڪل اڪيلي ٿي وئي ۽ ايندڙ خواري کي منهن ڏيڻ بجاءِ موت جي چونڊ ڪيائين.

* آفيم مان ٺهيل دوا جيڪا اڳ ۾ سور گهٽائڻ لاءِ ڏني ويندي هئي (سنڌيڪار)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پندرهن ڏينهن پوءِ شيلي ۽ ميري لنڊن جي هڪ گرجا گهر ۾ شادي ڪري ڇڏي پر انهي ڪان اڳ شيلي پاڻ کي اهو اطمينان ڏياريو تہ انهي حادثي ۾ هن جو ڪو ڪردار نہ هو. هن پوءِ هيرئيٽ جي ٻن ٻارن کي پنهنجي نگهداشت ۾ وٺڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڪورٽ آف چانسري سندس لاديني ۽ اخلاقي طور باغيائين تحريرن جي بنياد تي ڪيس اهو حق نہ ڏنو. اهو فيصلو ڪيس ڏاڍو تلخ لڳو.

پوءِ هو ميري، انهن جا ٻار ۽ اڻتر ڪليئر اٽلي هليا ويا. بائرن پنهنجي محبوبا سان گڏ وينس ۾ رهيو هو. انهي سان ڪليئر جي هن مان جاول ڌيءُ اليگرا (Allegra) جي نگهداشت تي ڦڏو ٿي پيو. وري شيلي جو سڀ کان ننڍو ٻار مري ويو. هو ۽ ميري پاڻ کي ڏاڍا اداڪا ۽ اڪيلا محسوس ڪرڻ لڳا. هو Prometheus unbound تي ڏاڍي محنت سان ڪم ڪندو هو ۽ تخليق جي خوشي اداسيءَ کي ڪجھ وقت لاءِ ختم ڪري ڇڏيو. "هن کي ائين لڳندو هو تہ هن جي نوجوان جلاوطنن جي ٽولي کي جيڪو ٽٽو پاڻ جهاز ڪنهن اجنبي آسمان هيٺ ڪنيو پئي هليو. ڏک ڏولاوا انهي جا سڪائي ٽيا وينا هئا". اهو جوڙو پنهنجي ڏک ۽ افسوس جي اڪين ۾ ڏوڙ وجهڻ لاءِ روم ۽ پوءِ نيپلز ويو هليو. اتي ڪننب جو ٻيو ٻار وليم پيچش وگهي مري ويو. اهو پنهنجي پيءُ کي ڏاڍو پيارو هو. اهي ڏکارين دليون کڻي فلارينس ويا. ميري اتي هڪ پٽ کي جنم ڏنو.

سيارو آيو تہ اهي پيسا (Pisa) ويا هليا. اتي انهن ڏاڍا سنا دوست ناهيا. اتي هڪ فلارينسي معزز جي ڌي ايميليا جيڪا هڪ ڪانوينٽ ۾ واڙيل هئي. انهي کي ڏسي شيلي جا مهم جوئي وارا جذبا جاڳي پيا. هو انهي وٽ اچڻ وڃڻ لڳو ۽ محبت جي دام ۾ گرفتار ٿي ويو جڏهن تہ ميري جيڪا هاڻي ماءُ هئي. گهر جي سار سنڀال لهندي هئي. اها وڌيڪ خشڪ ۽ ڪنهن چوڪري جو عملي روپ هئي. اها ماٺ ڪيو پئي ڏسندي هئي ۽ هو مڪمل عورت جي انهي نئين روپ ۾ مزا پيو ماڻيندو هو. بدقسمتي سان شيلي اڃا هڪ شاندار محبت جو گيت لکي رهيو هو جو ايميليا هڪ سادي شڪل واري مرد سان پرڻجي وئي ۽ چرڪ پري سجاڳ ٿيل شاعر هٿ مهٽيندو رهجي ويو. "ماڻهو سدائين ڪنهن نہ ڪنهن شي سان محبت پيو ڪندو آهي: غلطي اها ٿيندي آهي جو ڪنهن فاني پيڪر ۾ شايد ڪنهن لافاني شي جون خصوصيتون ڳولهيون آهن".

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بائرن سان راوبان ۾ ڪيتريون ئي ملاقاتون ٿيون. شيلي ۽ ڪليئر بابت مائهو ذڪويئنڊڙ ڳالهيون ڪندا رهيا. ڪليئر کي اليگرا جي قسمت تي ڏاڍو ڏک پيو ٿيندو هو ڇاڪاڻ ته هوءَ بائرن جي نگهداشت ۾ هوندي هئي پر هو ڪيس نظرانداز ڪندو هو. پوءِ بائرن پيسا آيو هن وٽ پنج گاڏيون ۽ ڪيترائي جانور هئا. اها جاءِ سماجي ۽ ادبي سرگرمين جو مرڪز ٿي وئي. بائرن کي عزت ۽ وقعت ملندي هئي جڏهن ته شيلي سان انگريز ملاقاتي ڏاڍي رکائي سان پيش ايندا هئا. پر انهي تي هو ذري برابر به پريشان نه ٿيندو هو.

هاڻي انهي حد کان وڌيڪ دانشوراڻي ۽ ڪجه گهٽيل ماحول ۾ اوچتو هڪ زنده دل ملاح ۽ سامونڊي ڦورو اچي منهن ڪڍيو. هن سموري دنيا ۾ مهم جوئي واري زندگي گذاري هئي. هن جو نالو ٽري لاني (Trelawny) هو. هن کي پنهي شاعرن سان ملڻ جو ڏاڍو شوق هو. پوءِ وري هو پٽي هو پئي هن مان ڏاڍا متاثر ٿيا. هو ڪو خواب ڏسندڙ نه پر عملي مائهو هو. اها ڳالهه بائرن ۽ شيلي کي ڏاڍي عجيب تي لڳي. جلدئي شيلي آرنو جي وارياسن ڪنارن تي هن سان جهاز راني جي اصطلاحن، سڙهن ۽ سامونڊي چارٽن بابت صلاح مشورا وٺڻ لڳو.

شيلي کي جو شيلي ٽري لاني کان مرعوب ٿي ڪنهن ٻيڙي جي گهرج ٿي پئي. هن لاءِ جينوئا (Genoa) ۾ هڪ ٻيڙي ناهي وئي ۽ ليريسي (Lerici) ۾ هن جي حوالي ڪئي وئي. ڪيس ٻڌايو ويو ته انهي ڪناري تي صحيح ڪارڪردگي ڏيکاري آهي ۽ صحيح نموني سان هلي آهي. پر اها سنڀالڻ ۾ ڏاڍي ذکي ثابت ٿي ۽ انهي کي محفوظ رکڻ لاءِ ڪيترائي مڻ لوهه جو Ballast کپندو هو. انهي تي ايرئيل (Ariel) نالو رکيو ويو. ٻيڙي پاڻي ۾ هلي بيئي ته شيلي جي خوشي جي ڪا حد نه رهي. توڙي جو هو ڪيترا دفعا ٻيڙي مان ڪرندي ڪرندي بچيو هو. هن جي خوشي هڪ ٻوڏي جي واڌاري سان اچا وڌي وئي. اها ٻوڙيو به اڪثر اونڌي ٿي ويندي هئي ۽ ڪيس هڪ دفعو غوطا به کارايا هئائين. پاڻي، ٿڌڙي هير ۽ نيري صاف آسمان مان هن کي ايترو اتساهه ملندو هو جيترو ٻي ڪنهن شي مان نه ملندو هوس. هو هڪ دفعو سمنڊ ۾ گهٽو اڳتي نڪري ويو هو ۽ ٻارڙا به ساڻ هئس جو ڪنهن اونهي سوچ ۾ ٻڏي ويو هو. انهي تي ٻارن جي ماءُ کي ته ڊپ اچي ورايو هو. هو انهي سوچ مان نڪتو ته خوشي ۾ وني رڙ ڪيائين: "هاڻي اچو ته انهي عظيم اسرار کي گڏجي حل ڪريون!"

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سموري اونهاري جي مند ۾ ڪنهن به ڳالهه سندس خوشي ۾ رخنو نه وڌو. هو چانڊوڪي رات ۾ ايرئيل تي نڪري ويندو هو. ميري سندس پيرن ۾ ويٺي هوندي هئي. سندس مٿو شيلي جي گوڏن وٽ هوندو هو. پوءِ جولاءِ 1882ع ۾ شيلي جي ٽيهين سالگره کان هڪ مهينو اڳ دکدائڪ واقعو ٿي گذريو. گرمي ۾ ساهه ٿي منجهيو. شيلي 8_ جولاءِ تي ٻن دوستن سان گڏ Leghorn پهتو. ايرئيل اتي لنگر ٿي بيٺل هئي. هن اها ستن ڪلاڪن جي سفر تي واپس ليريسي ڪٽي وڃڻ ٿي گهري انهن شام جو مائي سمنڊ ۾ سفر شروع ڪيو. ٿوري دير کان پوءِ گاج ۽ تيز مينهن سان طوفان شروع ٿي ويو. طوفان بيهڻ کان پوءِ ڪناري تان انهن جي ٻيڙي جو ڪو نشان نظر نه ٿي آيو. ميري کي هڪ هفتو گذرڻ کان پوءِ شڪ پيو ۽ وڌيڪ به ٿي ڏينهن پيا به گذريا جو پڪ ٿيس ته ڪھڙو ويل وهي ويو آهي. تڏهن مڇين پاران هڪ اڌ کاڌل لاش ڪناري تي لڙهي آيو. انهي جي ڪوٽ جي هڪ کيسي ۾ سوفوڪليز جو هڪ جلد ۽ ٻئي ۾ ڪيٽس جا نظم پيا هئا. ڪجھ وقفن کان پوءِ ٻن دوستن جا لاش به هٿ اچي ويا.

جيئن ته حفظان صحت جي قانونن تحت لاشن کي ڪناري تان کڻڻ جي اجازت نه هئي تنهن ڪري انهن کي اتي ئي ساڙيو ويو. شعلن تي لوبان، تيل ۽ لوڻ اڇلايو ويو ۽ ڳوناٽا پار ڏپ ۾ اکيون کوليون اهو منظر ڏسي رهيا هئا.

ميري شيلي پوءِ شادي نه ڪئي. هوءَ گهڻو وقت اٽلي ۽ پوءِ لنڊن ۾ رهي. سندس پيڻ ڪليئر پنهنجي زندگي جي شام فلارينس ۾ گذاري اتي ئي سن 1878ع جي بهار جي مند ۾ هڪ نوجوان شيلي بابت ڪجھ ڄاڻ هٿ ڪرڻ آيو. هن اها ڳالهه تسليم ڪئي ته هن کي ٻائرن سان ڪڏهن به محبت نه هئي.

”اتي بلڪل ماٺ لڳي پئي هئي. ملاقاتي ٿورو هٻڪندي پڇيو: ڇا توهان ڪڏهن محبت نه ڪئي مادام؟

”ڪوماٽيل ڳلن تي هلڪي لالاڻ اچي وئي. هن ڊفعي هن ڪو به جواب نه ڏنو زمين کي ڏسندي رهي.

”شيلي؟“ هن پڙڪو ڪيو.

”پنهنجي دل ۾ روح سان“. هن اکيون مٿي کڻي ڪان سواءِ جواب ڏنو. پوءِ ڏاڍي وڻندڙ نخري واري انداز ۾ پنهنجي وڪوڙيل وجهي سان سندس ڳل تي ٿڦڪي ڪيائين.

ماروئي انهن لفظن تي پنهنجي ڪتاب جي پڇاڙي ڪئي. شيلي بابت ڪيترائي عالماڻا ڪتاب آيا آهن پر ڪنهن به ڪتاب ۾ ايتري توري جاءِ ۾ ۽ انهي ڪان وڌيڪ بصيرت ۽ نزاڪت سان انهي انساني شڪل ۾ آيل عجيب روح بابت شاعراڻو سچ بيان نه ٿيل آهي.

ଔ

# 80. دي ميجڪ مائونٽين

## ـــ ٿامس مين ـــ

ٿامس مين جرمني جي هڪ اناج جي واپاري جو پٽ هو. هو لوبيڪ ۾ ڄائو پر سندس پيءُ جي وفات کان پوءِ سندس ڪٽنب ميونخ لڏي ويو. هن ادب، آرٽ، تاريخ ۽ پوليٽيڪل اڪانامي جي تعليم حاصل ڪئي. پوءِ هن کي اوڻيهين صدي جي روسي، اسڪينڊينيوبائي ۽ فرانسي ناول نگارن ۾ خاص دلچسپي پيدا ٿي وئي.

هن اوڻيهين ورهين جي ڄمار ۾ اسڪول ڇڏيو ۽ هڪ انشورنس ڪمپني ۾ بنا پگهار جي نوڪري ورتي ۽ لڪ ڇپ ۾ پنهنجو پهريون ڪتاب لکيو. اها Fallen جي نالي سان هڪ محبت جي ڪهاڻي هئي.

هن پنجويهن ورهين جي ڄمار ۾ The Buddenbrooks نالي آتم ڪهاڻڪ ناول لکي شهرت حاصل ڪئي. انهي کان ٽي ورهيه پوءِ Tonio Kroger لکيائين. اهو ڪتاب ڪيس بہ ڏاڍو وڻندو هو.

هن 1912ع ۾ سئٽزرلينڊ جي هڪ سينيٽوريم ۾ پنهنجي زال سان گڏ ٽي هفتا گذاريا. انهي کي ڦڦڙن جي بيماري هئي. انهيءَ مختصر تجربي کي ٻارهن ورهيہ پوءِ ڇگو ڦل ڏيٺو هو پر انهي کان اڳ پهرئين جنگ عظيم اچي وئي. هن انهي دوران 1918ع ۾ Reflections of a non_ political Man لکيو ۽ ڇپرايو. اهو پنهنجي اندر جو جائزو وٺندڙ ڪجه مقالن جو مجموعو آهي.

جنگ کان اڳ وارن ڏينهن ۾ هو تمام خوش خانداني زندگي گذاريندو هو. ماڻهو ڪيس عزت جي نگاهہ سان ڏسندا هئا ۽ ڪيس ميونخ، ٽولز ۽ نيڊين ۾ گهر هوندا هئا. سن 1924ع ۾ پڌرو ٿيل دي ميجڪ مائونٽين ـ انهي جون پاڙون سندس ڊيووس وارن تجربن ۾ آهن ـ سندس ادبي شهرت پڪي طرح ثابت ڇڏي ۽ ڪيس ادب جو نوبل انعام ڏياريو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن ٻين جنگ عظيم جو خطرو سر تي هو انهي وقت هو پنهنجي ڪاميابي جي سفر جي عروج تي هو. حقيقت اها آهي ته نازي جنهن وقت ReichStag کي باهه ڏئي ساڙي رهيا هئا انهي وقت هو هالينڊ ۾ ليڪچر ڏئي رهيو هو پوءِ هو جرمني واپس نه آيو پر زيورچ جو رخ ڪيائين جيئن Joseph and His Brothers تي ڪم جاري رکي سگهي. انهي لاءِ هن اڳ ۾ ئي گهڻو تحقيقي ڪم ڪري ڇڏيو هو.

اخباري ليک ۾ نازين کي ننڌڻ تي کيس جرمن شهريت کان محروم ڪيو ويو ۽ يونيورسٽي آف بان طرفان ڏنل ڊاڪٽريٽ جي اعزازي ڊگهي به منسوخ ڪئي وئي. سندس پنهنجي وطن ۾ سندس ڪتابن تي پابندي هنئي وئي.

مين پوءِ آمريڪا ويو هليو ۽ اتي اهو اڳوڻو "غير سياسي ماڻهو" سرگرمي سان اينٽي فاشسٽ ڪردار ادا ڪرڻ لڳو. هن تمام گهڻين جاين تي ليڪچر ڏنا ۽ سن 1938ع ۾ The Coming victory of Democracy ڇپرايائين.

هن کي لائبريري آف ڪانگريس جو فيلو مقرر ڪيو ويو. هن اتي جرمن ادب لاءِ ڪنسلٽنٽ طور ڪم ڪيو. هن پرنسيٽن، نيو جرسي ۾ رهندي ليڪچر ڏيڻ ۽ لکڻ جو ڪم جاري رکيو ۽ 1941ع ۾ سانتا مونيڪا، ڪيليفورنيا ۾ پنهنجو گهر پڻ ٺهرائي ورتائين. هن کي 1944ع ۾ آمريڪي شهريت ملي. هو 1949ع ۾ "گوئٽي پرائيز" وٺڻ جرمني ويو. کيس هڪ دفعو پوءِ به گوئٽي ايوارڊ مليو. هو 1955ع ۾ زيورچ ۾ فوت ٿيو.

هن مختصر خاڪي ۾ سندس ڪجهه ڪتابن جا نالا ئي ڳڻائي سگهجن ٿا. سندس ڪتابن ۾ ڪيترائي جوزف ناول پڻ شامل آهن. هو هڪ تمام گهڻي فڪري ۽ فني سگهه وارو ماڻهو هو ۽ کيس بين الاقوامي طور شهرت مليل آهي. سندس وفات کان پوءِ سندس ڪتابن جي معني ۽ مطلب بابت لکيل ڪتابن جو تعداد به روز بروز وڌندو پيو وڃي.

هينس ڪيسٽارپ (Hans Castorp) هڪ امير خاندان جو ٻار آهي. هو ذهانت ۽ ذوق جي لحاظ کان سراسري قسم جو ماڻهو آهي. کيس ٽن هفتن لاءِ ڊيووس (Davos) سينيٽوريم موڪليو ويو پر هو اتي ست ورهيه رهي پيو. انهيءَ ڪتاب ۾ اسان کي ٻڌايل آهي ته سندس شخصي افق ڪيئن وسيع ٿي ويو ۽ آلپس جبلن جي

صاف سٿري ماحول ۾ ست ورهيه گذارڻ دوران مختلف ماڻهن سان ملڻ جلڻ ۽ سندس شخصي رد عملن جي نتيجي ۾ ڪيئن هن ۾ جسماني، اخلاقي، فڪري ۽ روحاني واڌ ويجهه اچي وئي.

سوچ ۽ تجربي تي ٻڌل مختلف سلسلن کي ڏاڍي ذهانت سان هڪ ٻئي سان جوڙي ڳالهه بيان ڪئي وئي آهي. ڪيستارپ کي هڪ قسم جو هر فن مولا ماڻهو سمجهي سگهجي ٿو ۽ سندس آڪاٽي جا ته ڪلڻ سان ڪتاب جو وسيع اثر عيان ٿيندو وڃي ٿو. ڪافي ماڻهن انهي حقيقت ڏانهن به اشارو ڪيو آهي ته ڪتاب کي ڪيترين ئي سطحن کان پڙهي سگهجي ٿو: اهو يا ته پنهنجي سر ٻين کان مختلف ناول آهي، يا ته اهو ڪو جدلياتي ڪتاب آهي، يا ته انهي کي ڪا تمثيل به چئي سگهجي ٿو جنهن ۾ ٻين کان الڳ ٿلڳ بيٺل جابلو تفريحي جاءِ کي يورپ جو هڪ ننڍڙو نمونو سمجهي سگهجي ٿو. اها ڳالهه ايتري اهميت نه ٿي رکي. خيالن جي جهجهائي ۽ ڏاڍي بامعنيٰ انداز ۾ ڪنيل ڪردار پڙهندڙ کي اڳتي هلائيندا ٿا رهن.

سينيٽوريم ۾ هينس ڪيستارپ جو سوٽ جوچم زيم سين (Joachim Ziemssen) به زير علاج آهي. ٻين مريضن جي سامهون اچڻ سان هينس بيمارين ۽ مرضن جي تلخ حقيقت کان واقف ٿئي ٿو. مين پنهنجي هيرو توڙي پڙهندڙ کي بخش نه ٿو ڪري ۽ ٽي بي جي مرض جا سيئي اڻ وڻندڙ جسماني تفصيل ٻڌائي ٿو. سموري ناول ۾ خصوصاً شروعاتي بابن تي انهي وقت ڪليل حقيقت نگاري(realism) حاوي ٿيل نظر اچي ٿي جڏهن هينس کي خبر پوي ٿي ته هن سان گڏ رهندڙ مريضن ۾ چونڊ ماڻهن جي هڪ ٽولي تي The Half Lung Club جو نالو رکيل آهي.

سموري ناول تي حاوي رهندڙ ڪردار هڪ ٻئي پٺيان ظاهر ٿيندا وڃن ٿا. انهن مان هڪ ڊاڪٽر ڪروڪو وسڪي تحليل نفسي (psycho_ analysis) جو حامي آهي. انهي جو رايو آهي ته سڀ بيماريون فقط محبت جي هڪ تبديل ٿيل شڪل آهن. هڪ ڪردار ويڙهاڪ اطالوي سيٽمبريني جو آهي. هو آزاد سرمائيداري، بورجوا قومپرستي ۽ عقليت پرستي تي لڳاتار ڳالهائيندو رهي ٿو. هو پنهنجي ڳالهه ٻولهه دوران پيٽرارڪ، وولٽيئر، شلر، مازيني ۽ ٻين ڪيترن ئي مفڪرن جي نظرين جا حوالا ڏيندو رهي ٿو. سٽيمبريني ٿي مريضن کي ڏاڍي خوش دلي سان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُفقي (Horizontellers) جو نالو ڏنو آهي. جاڪاڻ تہ انهن کي گهڻو وقت سُمهي يا آهلي گذارڻو پوي ٿو.

عورت مريضائن ۾ ـ انهن مان بہ اڪثر جا ڪردار ڏاڍي سٺي نموني اپاريل آهن ـ ڪلاڊيا چوچاٽ (Clavdia Chauchat) نالي هڪ روسڻ خاص طور ڏاڍي پُرڪشش آهي. هن ڪهاڻي جي بلڪل شروعات ۾ ئي ڪيسٽارپ کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ورتو آهي. هوءَ هن کي هڪ ئي رات ۾ دفعا خواب ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿي تہ ڪيس هن سان محبت ٿي وڃي ٿي ۽ ڪتاب جي لڳ ڀڳ اڌ حصي تي هوءَ ئي سندس سوچن تي حاوي رهي ٿي. هن ڏانهن پيش قدمي ڪرڻ جو موقعو Walpargis Night نالي باب ۾ اچي ٿو پر جيئن ئي ڪيس پنهنجي جذبي جي اظهار جي همٿ ٿئي ٿي تہ هوءَ ٻئي ڏينهن سينيٽوريم مان نڪري وڃي ٿي.

انهي کان پوءِ ڪتاب وڏ کان وڏ اهڙن نظرين ۽ خيالن جي حوالي ٿيندو وڃي ٿو جن جي هڪ پيو ڪردار ليونافتا (Leo Naphta) ۽ لدويگو سيٽمبريني پاڻ ۾ متا ستا ڪندا رهن ٿا. اهي ٻئي هڪ ٻئي جي جوڙ جا آهن ۽ بيماري، صحت، زندگي، موت، جنگ، امن، تاريخ، فلسفي ۽ مذهب وغيره تي هڪ ٻئي سان ڏگها ۽ دلچسپ بحث مباحثا ڪندا رهن ٿا. انهن ۾ آزادي جي مطلب بابت تمام گهڻو تڪرار ٿئي ٿو ۽ اهي ڪنهن نتيجي تي نہ ٿا پهچن. هينس ۽ پيا ڪڏهن ڪڏهن انهن بحثن ۾ حصو وٺڻ جي ڪوشش ڪن ٿا پر جڏهن اهي ٻئي ڳالهيو مصروف هجن تہ انهن کي ورلي ئي ڪو لفظ ڳالهائڻ جو موقعو ملندو آهي.

هينس ڪلاڊيا جي واپسي جي اميد تي پاڻ کي آسرو ڏئي ويٺو آهي. پر انهي ۾ ڪا حيرت جوڳي ڳالهہ نہ آهي تہ هو مجرد موضوعن تي روز روز اهڙا بحث ٻڌي ڏاڍو ڪڪ ٿي پيو آهي ۽ ڪو وقفو چاهي ٿو. هو انهن سپني ڳالهين کان پلي ٿوري وقت لاءِ ئي پري ٿيڻ گهري ٿو. جيئن ڪيس حالتن جو جائزو وٺڻ ۽ ڪجهہ پنهنجي منهن ويهي سوچڻ جو موقعو ملي سگهي. هو برف تي هلڻ واريون خاص پٽيون (Skis) خريد ڪري ٿو ۽ جبل تي هليو وڃي ٿو. انهي سان ٻڙهندڙ کي بہ ساهي ملي ٿي چاڪاڻ تہ هينس جڏهن اڪيلو برف سان ڍڪيل جابلو اوچائين تي پهچي ٿو تہ هو آخرڪار اها آزادي محسوس ڪري ٿو جنهن جو مطلب نافتا ۽ سيٽمبريني لفظن ۾ بيان نہ ڪري سگهيا هئا. هو هوڙياٽپ سان اڳتي وڌندو رهي ٿو. اها حقيقت آهي ۽

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تقريباً موتمار حقيقت آهي ڇاڪاڻ ته هو اوچتو هڪ برفاني طوفان ۾ ڦاسي پوي ٿو ۽ ٻي ڪا واهه نه ڏسي هڪ بند ٿيل گهرڙي جي اوٽ ۾ پناهه وٺي ٿو. اتي انهي تي هڪ قسم جي خواب واري ڪيفيت طاري ٿي وڃي ٿي جنهن ۾ هن جي ذهن تي ڊيووس ۾ سندس مختصر قيام دوران حاصل ڪيل تاثر ايري اچن ٿا. انهي ڪيفيت مان نڪرڻ وقت سندس ذهن تي هن جملي جو پڙاڏو موجود هوندو آهي: "انسان کي چڱائي ۽ محبت جي صدقي موت کي پنهنجن خيالن تي حڪمراني جي اجازت نه ڏيڻ گهرجي". پوءِ موسم به صحيح ٿي وڃي ٿي ۽ هو حفاظت سان ڊيووس موٽي اچي ٿو. سندس ذهن تان خواب جو اثر به لهي وڃي ٿو.

هاڻي هڪ سگهارو ڪردار متعارف ٿيڻ سان نئون جوش اچي وڃي ٿو. مينهير پيٽر پيپر ڪارن هڪ تمام رنگا رنگ تخليق آهي. هو ٿوري دير لاءِ اسٽيج تي حاوي ٿي وڃي ٿو. هن جي اچڻ سان سڀ ڪنهن کي ڏاڍي حيرت ٿئي ٿي ڇاڪاڻ ته هو ڪلاڊيا چوچات سان گڏ پهچي ٿو. انهن اسٽيشن کان گڏجي گاڏي ڪرائي هئي. اهي چانهه به گڏجي پيئن ٿا. انهن جي لاڳاپن جي گهرائپ هر ڪو محسوس ڪري ٿو.

هينس جنهن ڪلاڊيا جو ايترين اميدن سان انتظار ڪيو هو. سندس من ۾ اها ڳالهه ته نه هئي. ليڪڪ پاران ڳالهه کي ابتي رخ ۾ هلائڻ سان چاهه جو هڪ مثال اهو به آهي. پر هن پاران برف ۾ اڪيلي سر مهم جوئي کان پوءِ هن ۾ شايد ايتري ڪردار جي مضبوط اچي وئي آهي جو هو انهي صدمي جي سٽ سهي ويو آهي ۽ پنهنجي سوپاري رقيب سان هڪ قسم جي دوستي به ڪري وٺي ٿو. هو ڏاڍو زنده دل ۽ کلڻو ڳالهائڻو ماڻهو آهي. سندس ڳالهائڻ سان ذهن تي الفريڊ جِنگل تري اچي ٿو. ڇاڪاڻ ته هو به مختصر ۽ ننڍا ننڍا جملا ڳالهائي ٿو پر هن جون ڳالهيون جِنگل کان گهڻ واضح آهن. پر ڪيس زندگي سان محبت آهي ۽ شراب، ڪاڌي ۽ عورتن سان ڏاڍو چاهه اٿس. هو ڏيک ويک جو به ڏاڍو شوقين آهي ۽ خوش طبع به ڏاڍو آهي. پر هن ۾ مستقل مزاجي نه آهي. پر جڏهن سندس سگهه جواب ڏئي وڃي ٿي ۽ زندگي ۾ ڪي وسيلا نه ٿا رهن ته هو آپگهات ڪري ڇڏي ٿو. هاڻي جيتوڻيڪ هينس لاءِ ڪلاڊيا تي نئين سر دعوي ڪرڻ جو رستو صاف لڳي ٿو پر هوءَ وري هلي وڃي ٿي ۽ سندس زندگي مان هميشه لاءِ نڪري وڃي ٿي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هينس تي مايوسي طاري ٿي وڃي ٿي ۽ هو بلڪل واندو آهي. انهي ڪري بين مريضن سان گڏ فوٽوگرافي، تڪليون گڏ ڪرڻ ۽ ڪاغذ ۽ پينسل جي راند جهڙين مشغولين ۾ شريڪ ٿي وڃي ٿو. پر اهو سڀ ڪجه اجايو آهي. انهي ڪي وڏ ۾ وڏ هڪ عارضي بندوبست جٿي سگهجي ٿو.

مريضن لاءِ هڪ گراموفون رکيل آهي ۽ هينس ڪجه وقت موسيقي سان دل وندرائي ٿو. هو پنهنجي غير مستقل مزاجي واري ڪيفيت ۾ ڪهڙو به ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهي. جڏهن ڊاڪٽر ڪروڪووسڪي پنهنجي ميدان کي تحليل نفسي کان هيپناٽزم، ٽيلي پيٿي ۽ روحانيت تائين وڌائي ٿو ته هو وقتي طور انهن ۾ دلچسپي وٺي ٿو. انهي تي سندس دوست سيٽمبريني کيس چنڊ پٽي ٿو ۽ کيس چوي ٿو ته هو پاڻ ۾ موجود انسانيت کي مان ڏئي. "خدا طرفان عطا ٿيل پنهنجي صاف سوچ تي اعتماد رک" اطالوي چوي ٿو "۽ انهن ذهن جي ٽڙيل ڪلن ۽ روح جي زهريلن ٻُخارن کان پاڻ کي پري رکُ".

هينس وري مايوسيءَ ۾ وڪوڙجي ويو ۽ سندس پراڻي بي آرامي موٽي آئي. پر هو فقط اڪيلو متاثر نه آهي. جيئن يورپ ۽ سموري دنيا دٻاءَ ۾ آهي تيئن انهي پُرفضا جابلو جاءِ تي به هر ڪو دٻاءَ ۾ آهي. ڀڙئين جنگ عظيم ويجهي آهي. قسمين قسمين ڳالهيون ٻيون ٽيون هلن ۽ ماڻهن ۾ بي آرامي پکڙي پئي آهي. اهڙي ماحول ۾ نافتا ۽ سيٽيمبري ۾ مسلسل هلندڙ تڪرار کليل جهيڙي جي صورت اختيار ڪري وڃي ٿو.

"آءٌ تنهنجي رستي ۾ آهيان ۽ تون منهنجو رستو جهليو بيٺو آهين!" نافتا هڪ طوفاني ويهڪ کان پوءِ رڙ ڪري ٿو. "اسين پنهنجي اختلافن جون جايون مناٿي انهن کي مناسب هنڌن تي رکنداسين.... آءٌ توکي صحيح نموني ٻڌائيندس".

"سائين توهان کي به منهنجيون ڳالهيون ٻڌڻيون پونديون!" اطالوي ورائي ڏني.

هينس انهي دوبدو مقابلي کان بچڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. پر کيس ڪاميابي نه ٿي ملي. پستول تيار ڪيا وڃن ٿا ۽ ٻئي آمهون سامهون ٿين ٿا. سيٽيمبري پاڻ کي ماڻهو مارڻ تي آماده نه ٿو ڪري سگهي ۽ هوا ۾ فائر ڪري ٿو. نافتا کيس

ڪاوڙ ۾ چوي ٿو ته هو هيو فائر ڪري ۽ سيٽيمبري جڏهن پڪي طرح انڪار ٿو ڪري ڇڏي ته نافتا پنهنجي پستول جي نالي پاڻ ڏانهن ڪري ٿو ڇڏي

انهي دکدائڪ واقعي کان پوءِ هڪ ٻئي گولي چٽڻ بابت ڳالهيون ٻڌڻ ۾ اچن ٿيون جنهن جا تمام وڏا اثر پن ٿا. (سراجيوو ۾ قتل ڏانهن اشارو). جنگ يورپ کي پنهنجي وڪڙ ۾ آڻيندي ٿي وڃي ۽ هينس صحت ۾ بهتري اچڻ کان پوءِ پنهنجي اباڻي ملڪ وڃي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جو فيصلو ڪري ٿو.

مين پنهنجن پڙهندڙن کي هينس جي هڪ مختصر جهلڪ ڏيکاري ٿو هو الهندي محاذ تي هڪ شديد حملي ۾ قاتل آهي. هو پوءِ هڪ خود ڪلامي تي ڪتاب پڄاڻي تي پهچائي ٿو. اها پڙهي ٿيڪري ياد اچي وڃي ٿو جنهن کي پڻ عبارت جي وچ ۾ اخلاقي سبقن تي ٻڌل خودڪلامي وارو اندازو ڏاڍو پسند هوندو هو.

”الوداع ايماندار هينس ڪيسٽارپ. زندگي جا ڪومل ٻچڙا! تنهنجي ڪهاڻي پوري ٿي.... “

”الوداع هاڻي تون مرين يا بچين! تنهنجو آئيندو چڱو نه آهي. تنهنجو مقدر جنهن گردش ۾ آيل آهي. اها ڪيترائي ورهيه جاري رهندي اسان کي تنهنجي زندگي تي ڪو وڏو داءُ نه هڻڻ گهرجي. اسين اها ڳالهه به مڃون ٿا ته اسين بغير ڪنهن وڏي ڳڻتي جي اهو سوال ڪليل ڇڏيون ٿا. ڪي اهڙيون به گهڙيون هيون جڏهن تون پنهنجي اندر جو جائزو وٺي رهيو هئين ته تو وٽ محبت جو خواب آيو هو... “

۽ مين شايد ته پنهنجي هيرو جي برف تي انهي عجيب خواب کان پوءِ سجاڳي وارن خيالن کي ورجائيندي پنهنجي ڳالهه ختم ڪري ٿو:

”موت جي انهي عالمي ضيافت ۽ بخار جي انهي شدت منجهان مينهن شام واري آسمان کي ڏوئي چمڪدار بڻائي ڇڏيو. شال ڪنهن ڏينهن محبت آسمان تي جلوو ڏيکاري!“

ٿامس مين کي طنز جو استاد سمجهيو وڃي ٿو ۽ جيئن مٿي ڏيکاريو ويو آهي The Magic Mountain ڪيس انهي صلاحيت کي مڪمل نموني ڪم آڻڻ جو موقعو ڏنو آهي. پر انهي جي باوجود هو انهي شاهڪار کي ڪاغذ تي آڻيندي خود انهي جو شڪار ٿي ويو. هن پاڻ اها ڳالهه تسليم ڪئي آهي ته هن جي ذهن ۾ ڪتاب بابت پهريون خاڪو اهو هو ته اهو هڪ مزاحيه ڪتاب هوندو جنهن ۾ ”موت جي

موهه نظم ضبط واري زندگي تي ٻي ترتيبي جي سوڀ... ۽ خطرناڪ مهم جوئي ۽ بورجوا فرض شناسي ۾ عجيب تڪرار" جهڙا موضوع هوندا.

پر هن جيئن لکڻ شروع ڪيو ته الائي ڪيئن تخليق خالق جي هٿن مان نڪري وئي ۽ مسودو وڌندو زوال پذير تهذيب جي ابياس جي شڪل اختيار ڪري ويو. هن جي ذهن ۾ هو ته هو هلڪو ڦلڪو شخصي بيان ڏيندو پر ڪٿي جو ڏسي ته هو همعصر عالمي منظرنامي جي هڪ جامع تصوير ڏيڻ ويهجي ويو ۽ اهو 700 کان وڌيڪ صفحن جو هڪ وڏو ڪتاب ٿي ويو.

هن عظيم تخليق ۾ انهي اندروني جائزي جو به ڪيترو ئي حصو اچي ويو جيڪو هو پنهنجن اڳ ۾ لکيل مضمونن ۽ مقالن ۾ به شامل ڪري چڪو هو. هن جن نظرين تي اڳ ۾ تجربو ڪيو هو انهن دي ميجڪ مائونٽين جي وسيع موضوعن جي صورتگري ڪرڻ ۾ مدد ڪئي. ساڳئي طرح هن جيڪو روسي، فرانسي ۽ اسڪنڊينيويائي ادب پڙهيو هو ۽ گوئٽي، شوپنهار، نٽشي ۽ ٻين فيلسوفن جو جيڪو ابياس ڪيو هو انهن مان جيڪي شيون ڪيس ياد هيون اهي به هن ۾ ڪم آيون.

دي ميجڪ مائونٽين پڙهڻ کان پوءِ تصوير جو هڪ رخ اهو به سامهون اچي ٿو ته هو پاڻ جيتوڻيڪ هڪ سگهارو ليکڪ هو ۽ هن کي اظهار جي هڪ وڏي صلاحيت هئي پر سندس سمورين تحريرن عام طور ۽ هن شاهڪار خاص طور شارحن جي هڪ ٽولي کي جنم ڏنو آهي جن سيني پنهنجي صلاحيت مطابق انهي ڪهاڻي جي منجهيل سٽ کي اکيلڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

ڪجه نقادن ڪجه مخصوص تڪرن ۾ شوپنهار جي اثر جا پيرا کنيا آهن، ڪجه ٻين نقادن وري ڪي تعبيرون ۽ سمجهاڻيون پيش ڪيون آهن جيڪي خود انهي مواد کان وڌيڪ مبهم آهن جن جي هو سمجهاڻي ڏيڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن.

مين پنهنجي سِرّيت (mysticism) ذانهن لاڙي سان "دي ميجڪ مائونٽين ۾ پاڻ کي آزاد ڇڏيو آهي. سندس بابت اها ڳالهه به معلوم هئي ته هو انگن بابت ڪجه وهمن جو شڪار هو ۽ ڪجهه شارحن اها ڳالهه نوٽ ڪئي آهي ته سندس ڪهاڻي ۾ ستن جو انگ بار بار اچي ٿو. انهي جي اهميت به واضح نه ٿي آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن ڳالهين جي ايتري اهميت نه هوندي آهي. انهي عظيم ڪتاب جو تمام وسيع دائرو عام پڙهندڙ کي جڪڙي ٿو. پڙهڻ جي هڪ وڏي ضيافت مهيا ڪري ڏئي ٿو. پهريون ته اهو هڪ غير معمولي ۽ دلچسپ ڪهاڻي ٻڌائي ٿو. جنهن جا ڪجهه ڪردار ياد رکڻ جهڙا آهن ۽ مڪالما به جوش ڏياريندڙ آهن. هر پڙهندڙ پهرين ان کي ڪهڙي به صلاحيت هجي اهو خاطري رکي سگهي ٿو ته اهو ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ انساني فطرت، زندگي ۽ دنيا بابت هن جي ڄاڻ ۾ چڱو واڌارو ٿيندو. وڌندي اهي ماڻهو به جيڪي انهي جا ڪجهه ٽڪرا پڙهڻ کان پوءِ شايد منجهي پون يا جيڪي ماڻهو ڪجه ڪردارن جي وچ ۾ ٿيندڙ اڻ کٽ بحث مباحثا پڙهندي بيزار ٿي پون اهي ٽڪرا پڙهندي جوش ۾ اچڻ کان سواءِ رهي نه سگهندا. حقيقت اها آهي ته جادو (Magic) ليکڪ جي سگهاري قلم ۾ به ايتري قدر ٿي آهي جيترو سندس ڪهاڻي جي جبل (Mountain) ۾.

ↂ

۾ شان محسوس ڪرڻ لڳا ۽ نوجوان عورتون (اينٽريون ـ نوجوان نـا) جن بـ انهي وهڪري ۾ اچڻ چاهيو ٿي اهي ڊاڙهٽي ٻڏائڻ لڳيون تـ اهي هيٺرا يا هيٺرا دفعا نشي ۾ آئوٽ ٿيون آهن. جيئن تـ هر ڪنهن وٽ آٽو موبائيل نـ هوندي هئي تنهن ڪري ڪار ۾ سواري ڪي ڪا وڏي ڳالھ ليکيو ويندو هو ۽ چيپلن يا مري پڪ فورڊ جي ڪا مووي ڏسڻ ڪان پوءِ ڪنهن ڪليل ڪار (انهن ڏينهن ۾ اڪثر ڪارون ڪليل هونديون هيون) جي پٺئين سيٽ تي نئين بڻاءِ فرينڊ سان چُمر چٽ ڪرڻ ڪي بلڪل عام رواجي ڳالھ ليکيو ويندو هو. اهڙي موقعي تي بڻاءِ فرينڊ ڪان اها توقع ڪئي ويندي هئي تـ هو دانشمندي جو مظاهرو ڪندي پاڻ سان وهسڪي جي بوتل بـ آڻيندو.

انهي دور جي هڪ سڀ کان ذهين نوجوان انهي دور کي هڪ نالو بـ ڏنو هو. هو انهي کي Jazz Age سڏيندو هو. سندس پنهنجو نالو فرانسس اسڪاٽ فٽز جيرالڊ هو. هو ويهين صدي جي ٻئي ڏهاڪي جي شروعات وقت ڪهاڻيون لکي رهيو هو پر اهي ڪو بـ پبلشر خريد ڪرڻ لاءِ تيار نـ هوندو هو.

اسڪاٽ فٽز جيرالڊ کي خبر هئي تـ هو ڇا بابت لکي رهيو هو. هو پاڻ انهن سڀني ڳالهين مان گذريو هو ۽ هو چئي سگهيو ٿي تـ هو انهي سڀني ڳالهين جي اڳ پوءِ کان بـ واقف هو. هو سندس لفظن مطابق انهيءَ "نئين نسل" جو هڪ نمائندو ميمبر هو. "اهڙو نئون نسل جيڪو وڏو ٿيو هو تـ سندس نظرن ۾ سڀ خدا فنا ٿي ويل هئا, سڀ جنگيون پڄاڻي تي پهچي چڪيون هيون ۽ انسان ۾ هر قسم جو ويساهـ لُڏي چڪو هو. هو آمريڪا ۾ رهائش جي لحاظ کان مڊل ويسٽرنر هو. رياست منيسوٽا ۾ امير ماءُ پيءُ جي گهر ۾ ڄائو هو. پر پالنا جي لحاظ کان ايسٽرنر (Easterner) ٿي ويو هو. هن پنهنجي ڪهاڻين لاءِ ڪردار ۽ منظر وري نيويارڪ ۽ ائٽلانٽڪ سمنڊ مان حاصل ڪيا هئا. هو سن 1917ع ۾ ايڪويهين ورهين جي ڄمار جو هو. انهي سال آمريڪا جنگ ۾ شامل ٿيو هو ۽ هن ڪجھ وقت آمريڪن آرميءَ ۾ ڪم ڪيو هو. هو فوج ۾ وڃڻ کان اڳ پرنسٽن يونيورسٽي جو شاگرد هو. سندس پهريون ناول-تعليم جي انهيء ممتاز مرڪز جي چوگرد ڦري ٿو. انهي ناول جو نالو This Side of Paradise هو. اهو 1921ع ۾ آيو ۽ اهو ڇپجڻ کان پوءِ سندس تحريرن جي رد ٿيڻ جو سلسلو ختم ٿي ويو. اهو ناول جنگ تي ويل نوجوان

شاگردن. انهن کي جن نوجوان ڇوڪرين سان محبت هئي ۽ هو جيڪي ڪم ڪندا هئا انهن بابت آهي. انهي وقت انهي کي تمام "Advanced" سمجهيو ويندو هو اسين تہ ڪنهن ڇوڪريءَ پاران اهو چوڻ تي مسڪرائي ڇڏيندا اسين تہ "مون درجنين مردن کي منيون ڏنيون آهن ۽ آئون سمجهان ٿي تہ وڏيڪ درجنين مردن کي منيون ڏيندس". پر اهي لفظ جڏهن آمريڪا جي نوجوان ڇوڪرين جي ماءُ پيءُ پڙهيا تہ اهي تہ هيدا پيلا ٿي ويا.

اسڪاٽ فٽز جيرالڊ پنج ورهيہ پوءِ The Great Gatsby ڇپرايو. تيستائين سندس تحريرن ۾ پختگي اچي وئي هئي. پر هو خود نوجواني واري غير ذميواري مان مٿي نہ چڙهي سگهيو ۽ 1940ع ۾ فوت ٿي ويو. اهو ٻين ناولن جي پيٽ ۾ تہ ننڍو آهي پر اهميت جي لحاظ کان ننڍو نہ آهي. انهي ۾ اڪثر جاين تي زندگي جي جوت جلندي نظر اچي ٿي، ڪڏهن ڪڏهن تلخ بہ ٿي وڃي ٿو اڪثر جاين تي مزاحيہ ۽ دلچسپ جملا بہ اچي ٿا وڃنس. پر هر جاءِ تي غير معمولي ڪوملتا جو احساس ملي ٿو.

آکاڻي ضمير متڪلم ۾ بيان ٿيل آهي. بيان ڪندڙ نڪ ڪيراوي (Nick Carraway) نالي هڪ نوجوان آهي. انهي کي نيويارڪ ۾ ڪا نوڪري هئي پر رهندو ويسٽ ايگ ۾ هو. اها لانگ آئليند سائونڊ جي ساموندي ڪناري تي هڪ ننڍڙي جاءِ آهي. ڪيراوي جو گهر وچولي قسم جو هو پر انهي سان لڳو لڳ هڪ تمام عاليشان محل هوندو هو جتي تقريباً هر وقت ڪي پارٽيون پيون ٿينديون هيون. سمند جي خليج کان اڳتي ايسٽ ايگ جي وڏيڪ فيشني علائقي ۾ نِڪ جي سوٽ ڊيزي رهندي هئي اها هڪ وڏي ٿلهي متاري ماڻهو ٽام بوچانن سان پرڻيل هئي. ڊيزي سهڻي ۽ دلڪش هئي، ذهانت جي بہ کوٽ نہ هئس هن پوءِ پلا انهي گوشت جي ڍير سان شادي ڇو ڪئي هئي؟ بوچانن وٽ پئسو هو. پئسي جا ڍير هئس.

نڪ ڪيرواي ٻڌائي ٿو تہ انهي اونهاري جي مند ۾ "منهنجي پاڙيسري جي گهر مان سموري رات موسيقي جو آواز پيو ايندو هو". صبح جو نائين وڳي کان اڌ رات تائين مهمان پيا ايندا هئا. نيويارڪ کان آيل پنج پنج ڪارون بيٺيون هونديون هيون. باغيچي ۾ بُوفي جون ٽيبلون تيار ٿيون پيون هونديون هيون.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آرڪيسٽرا هر وقت ڌنون پيو وڪيريندو هو ۽ شامپين جون بوتلون پيون کلنديون هيون. هر طرف مهمان پيا نظر ايندا هئا ۽ (پوءِ جيئن خبر پئي) انهن مان اڪثر بغير دعوت جي آيل هوندا هئا ڇاڪاڻ ته مسٽر گيٽس باءِ جي پارٽين لاءِ دعوت جي ضرورت نه هوندي هئي.

نڪ انهن ٿورن ماڻهن مان هڪ هو جنهن کي واقعي هڪ دعوت نامو مليو ۽ هو به تجسس ۾ هليو ويو. هو پنهنجي ميزبان سان ڪڏهن به نه مليو هو. لڳي پيو ته ڪنهن کي به هن بابت ڪا گهڻي خبر چار نه هئي. اينري سا خبر سڀ ڪنهن کي هئي ته هو وڏو امير ماڻهو هو ۽ خبر هئس ته پئسو ڪيئن خرچ ڪبو آهي. نڪ پارٽي ۾ پنهنجي هڪ گرل فرينڊ جورڊان بيڪر سان مليو. اها هڪ پروفيشنل گالفر (Golfer) هئي. هن انهي کان پڇيو ته ڪيس سندن ميزبان بابت ڪهڙي ڄاڻ هئي, "مون کي ڪنهن ٻڌايو ته اهي سمجهن ٿا ته هن ڪنهن وقت ڪو ماڻهو قتل ڪيو هو". هڪ ٻي ڇوڪريءَ رايو ڏنو ته هو جنگ دوران جرمن جاسوس هو. انهي تي هڪ ماڻهوءَ تائيد ڪندي ڪنڌ لوڏيو هو. پوءِ شام جو نڪ گيٽس باءِ سان مليو. شروع ۾ کيس خبر نه پئي ته اهو گيٽس باءِ هو. اتفاق سان اهي ساڳئي ٽيبل تي ويٺا هئا ۽ اهي جنگ جي تجربن بابت ڳالهائڻ لڳا. پوءِ سندس نئين واقف ڪار کيس ٻڌايو ته هن هڪ هائڊرو پلين خريد ڪيو هو ۽ کيس چيائين ته هو انهي کي آزمائڻ لاءِ هن سان گڏ هلي. "مون سان گڏ هلندا؟" هن پڇيو ۽ نڪ راضي ٿي ويو. پوءِ نِڪ چيو ته هن سندن ميزبان ئي نه ڏٺو هو". آءٌ سامهون رهندو آهيان ۽ هن شخص گيٽس باءِ مون ڏانهن پنهنجي ڊرائيور کي دعوت ڏئي موڪليو هو".

انهي ماڻهو ٿوري دير هن ڏانهن ائين ڏٺو ڄڻ کيس ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي هجي. پوءِ "گيٽس باءِ آءٌ آهيان", چيائين, "مون سمجهيو ٿي ته تون سڃاڻندو هوندين. آءٌ شايد سٺو ميزبان نه آهيان". پوءِ ٽيهن کان هڪ ٻه ورهيه وڌيڪ عمر وارو اهو ناهوڪو نوجوان فسادي نڪ جي معذرتن کي نظرانداز ڪندي مرڪي پيو. "اها اهڙي ورلي نظر ايندڙ مرڪ هئي جيڪا زندگي ۾ چار پنج دفعا نظر اچي سگهي ٿي. انهي نڪ ۾ اهڙي پسنديدگي پيدا ڪئي جيڪا وڌي اهڙي جذبي ۾ تبديل ٿي وئي جنهن کي محبت جي بلڪل قريب چئي سگهجي پيو.

اها ڳالهه نه آهي ته هو گيٽس باءِ جي ڪردار جي تهه تائين پهچي ويو هو. هو سدائين پراسرار شخص ٿي رهيو هو. هن هڪ دفعو نڪ کي ٻڌايو هو ته هو مڊل ويسٽ ۾ شاهوڪار ماءُ پيءُ جي اولاد هو. آڪسفورڊ ۾ پڙهيو هو ۽ جڏهن سندس ماءُ پيءُ فوت ٿيا ته هن وٽ چڱي دولت اچي وئي هئي ۽ هو يورپ جي سمورن گاديءَ وارن شهرن — پيرس، وينس، روم — ۾ ڪنهن راجا وانگر رهيو هو. هن هيرا جواهر گڏ ڪيا هئا، وڏن جانورن جو شڪار ڪيو هو ۽ مايوس ڪندڙ معاشقا ڪيا هئائين. پوءِ هو فوج ۾ شريڪ ٿي ويو هو ۽ انفنٽري ليفٽيننٽ طور ايڪٽو سروس ۾ حصو ورتو هئائين. هن آرگون فاريسٽ (Argonne Forest) واري لڙائي ۾ پنهنجي مشين گن بٽالين جي رهيل دستن جي مدد سان جرمن فوج جي ٽن بٽالينن کي روڪي ورتو هو. انهي ڪارنامي تي کيس هر يورپي حڪومت طرفان تمغا ۽ اعزاز ڏنا ويا هئا. نڪ سندس ڳالهين تي اعتبار نه ڪندو هو پر اهو افسانو ڏاڍو سٺو لڳندو هو! پوءِ گيٽس باءِ پنهنجي کيسي ۾ هٿ وڌو ۽ ربن ۾ ٻڌل هڪ ڌاتو جو ٽڪرو ڦلهوڙي ڪڍيو ۽ انهي کي پنهنجي تري تي جهلي بيٺو. انهي تي Monte negro ۽ Nicoas Rex ”ميجر گيٽس باءِ غير معمولي شجاعت تي“. جا لفظ لکيل هئا.

جڏهن انهن جي واقفيت پختي ٿي ته نڪ کي گيٽس باءِ بابت ڪجه سچيون ڳالهيون معلوم ٿيون. سندس اصل نالو جيمس گيٽز هو ۽ هن جڏهن ليڪ سپيريئر تي هڪ شاهوڪار ٻيڙي واري ڊين ڪوڊي سان ڪا چڱائي ڪئي ته پنهنجو نالو بدلائي ڇڏيو هئائين. تڏهن هو هڪ سُڃو سکڻو نوجوان هو. ڪوڊي کيس پاڻ سان گڏ ڪنيو. کيس هڪ ٻئي پٺيان ڪيترين ئي ذميواريءَ وارين نوڪرين ڏنائين ۽ مرڻ وقت هن لاءِ پنجويهن هزارن ڊالرن جي وصيت ڪري ويو. هن کي اهي پئسا نه مليا. سندس مرحوم سرپرست جي دلپسند محبوبا اها رقم هن کان ٺڳائي وئي پر هن انهيءَ لڪا پتيءَ سان لاڳاپن ذريعي گهڻو ڪجه سکي ورتو هو. هن شراب کان پري رهڻ سکي ورتو هو. هن اهو به سکي ورتو هو ته عورتن کي پنهنجن مقصدن لاءِ ڪيئن ڪم آڻجي. هن مشڪوڪ ماڻهن سان دوستيون ڪري ورتيون جن کيس دولت گڏ ڪرڻ جو ڏڳ ڏيکاريو. ”انهي جو مطلب اهو ٿيو ته هو لڪ چوري شراب جو ڪاروبار ڪندو هو“. نِڪ ڳالهه ٻڌندي سوچيو پر هو

سمورو جعلي ماڻهو بہ نہ هو. هن برابر جنگ ۾ حصو ورتو هو. هو برابر آرگون واري معرڪي ۾ شامل هو ۽ واقعي تمغا مليا هئس.

نِڪ آخرڪار وڏا راز فاش ڪندڙ ڳالهہ ٻڌي گيٽس باءِ جنگ کان اڳ وارن ڏينهن ۾ ڊيزي (نِڪ جي سوٽ) جو عاشق رهيو هو ۽ کيس بجا طور اها اميد هئي تہ هو جڏهن موٽي ايندو تہ انهن ٻنهي جي شادي ٿيندي پر هو جڏهن موٽيو تہ ڊيزي جي شادي ٿي وئي هئي جيتوڻيڪ هن اها ڳالهہ تسليم ڪئي تہ هن کي اڃا بہ هن سان محبت هئي ۽ هن کان سواءِ ٻئي ڪنهن سان بہ محبت نہ هئس پر گيٽس باءِ غريب هو. ڪا نوڪري بہ نہ هئس ۽ تام بچانن وٽ ڊالرن جا ڍير هئا ۽ هن جهڙي ڇوڪري لاءِ پئسو ئي سڀ ڪجهہ هو. هن پاران ويسٽ ايگ اچڻ جو سبب ئي اهو هو جيئن هو بوچانن جو محل ڏسي سگهي.

گيٽس باءِ ۽ ڊيزي نِڪ جي ذريعي ٻيهر هڪ ٻئي سان ملي سگهيا ۽ سهڻي نوجوان عورت ۽ تمام سگهارو گيٽس باءِ فوراً هڪ اهڙي شديد جذبي جي گرفت ۾ اچي ويا جنهن کي انهن لڪائڻ جي بہ ڪا ڪوشش نہ ڪئي ۽ نہ ئي انهي کي ڪنٽرول هيٺ رکڻ جي ڪوشش ڪئي. اهي عاشق ٿي ويا ۽ اهڙيون ڳالهيون ڪرڻ لڳا تہ جيڪڏهن تام بوچانن کي پنهنجي زال کي طلاق ڏيڻ تي راضي ڪري ونجي تہ هو جيڪر شادي ڪري ڇڏين. بوچانن بہ ڪو مثالي مڙس نہ هو. هو گذريل ڪجهہ وقت کان مارٽل ولسن نالي هڪ سريت وٽ باقاعدگي سان ويندو رهيو هو. اها وڏي قد بت واري تمام شهوت انگيز ۽ تمام متحرڪ عورت جارج ولسن جي زال هئي. هن کي نيوبارڪ ويندڙ روڊ تي چار جي ڊگ پرسان هڪ گيراج هوندي هئي. پر بوچانن کي پنهنجي زال سان ڏاڍي محبت هوندي هئي. هوءَ سندس دولت جي نمائش جو مک ذريعو هئي ۽ هن کي ڪڏهن بہ انهي تان دستبردار ٿيڻ جو ارادو نہ هو. جيڪو ڪجهہ ٿي رهيو هو انهي جي کيس ڪنهن نموني خبر پئجي وئي ۽ آخرڪار معاملو کلي ظاهر ٿي پيو.

اهو اونهاري جي آخر ۾ هڪ تمام گرم ڏينهن هو ۽ ڊيزي زور ڀري رهي هئي تہ انهن کي نيوبارڪ ۾ ڪا پارٽي ڪرڻ گهرجي. پوءِ ڊيزي ۽ سندس مڙس گيٽس باءِ جارڊن بيڪر ۽ نِڪ ڪيراوي روانا ٿي ويا. اهي رستي تي ڪجهہ گئس لاءِ ولسن جي گيراج تي بيٺا ۽ هن سان ڳالهين دوران بوچانن کي خبر پئي تہ اهو

ماڻهو شڪ ڪرڻ لڳو هو تہ سندس زال ڪنهن نامعلوم شخص سان لاڳاپو رکي وٺي هئي. تنهن ڪري هن انهي معاملي کان جان ڇڏائڻ ۽ کيس ڪنهن ڳوٺاڻي علائقي ۾ وٺي وڃڻ جو فيصلو ڪيو. اتي بوچانن محسوس ڪيو تہ هاڻي نہ فقط سندس زال پر سندس سريت بہ سندس هٿان وڃڻ جو خطرو پيدا ٿي پيو هو.

پارٽي نيوبارڪ ۾ پهچڻ کان پوءِ هوٽل ۾ هڪ ڪمرو ورتو ۽ ڊرنڪس جو آرڊر ڏنو پوءِ بوچانن گيٽس باءِ کي چيڙائڻ شروع ڪيو. هن کيس ياد ڏياريو تہ هن هڪ دفعو چيو هو تہ هو آڪسفورڊ ويو هو. هن اها ڳالهہ ائين چئي هئي جڻ تہ کيس انهي ڳالهہ تي اعتبار نہ هجي. گيٽس باءِ اهو ڏڪ پچائي ويو. هو 1919ع ۾ پنجن مهينن لاءِ آڪسفورڊ ويو هو. تڏهن هڪ اسڪيم هلي هئي جنهن تحت چونڊ نوجوان آفيسرن کي شارٽ ڪورسز لاءِ آڪسفورڊ موڪليو ويندو هو. انهي تي بہ بوچانن جو مزاج درست نہ ٿيو ۽ هاڻي هو بوچانن جي طرز زندگي بابت ڳالهائڻ لڳو. "منهنجي خيال ۾ تہ تو کي جيڪڏهن جديد دنيا ۾ ڪي دوست ناهئا آهن تہ توکي ڪنهن گند جي ڍير تي گهر ناهڻو پوندو. هاڻي گيٽس باءِ جي واري هئي. "مون کي توکي هڪ ڳالهہ ٻڌائڻي آهي." ڊيزي سمجهي وئي تہ هو ڇا چوندو تنهن ڪري کيس منت ڪيائين تہ هو اها ڳالهہ نہ چوي پر گيٽس باءِ ڳالهہ نہ روڪي. "تنهنجي زال کي توسان پيار نہ آهي." هن بوچانن کي چيو "هن کي توسان ڪڏهن بہ محبت نہ رهي آهي. هي مون سان پيار ڪري ٿي".

"تون لازماً چريو آهين". بوچانن رڙ ڪئي. "ڊيزي توکي ڇڏي رهي آهي. گيٽس باءِ چيو". مون کان اهي ڳالهيون برداشت نہ ٿيون ٿين. "ڊيزي رڙ ڪئي. "پليز انهن ڳالهين کي ڇڏيو".

گيٽس باءِ ڪوشش ڪئي تہ هو ڊيزي کان اها ڳالهہ باسرائي وڃي تہ هن کي ڪڏهن بہ پنهنجي مڙس سان محبت نہ رهي آهي. پر هن اينترو اڳتي وڌڻ نہ ٿي گهريو. ڊيزي کي ڪنهن وقت هن سان محبت هئي پر هاڻي هوءَ گيٽس باءِ کي چاهيندي هئي. "ڇا اينترو ڪافي نہ آهي؟" هُن هن کان پڇيو "جيڪو ڪجھ گذري ويو انهي تي منهنجو وس نہ آهي". پوءِ بوچانن گيٽس باءِ جي ڪاروباري سفر ۾ هڪ اڻ وڻندڙ واقعي جو ذڪر ڪيڏي وينو تہ گيٽس باءِ جي گروپ هڪ چوري شراب وڪرو ڪندڙ کي پاڻ وٽ نوڪري تي ويهاريو هو پوءِ انهي کي نيوجرسي جي جيل

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ بي يارو مددگار ڇڏيو ويو هو. ”هو اسان وٽ بلڪل ڏيواليو ڪيڏي آيو هو“. گيٽس باءِ جواب ڏنو ”هو جيڪو ٿورو گهڻو پئسو هٿ ڪري سگهيو ٿي انهي تي هو ڏاڍو خوش هو“.

انهي کان پوءِ پارٽي ختم ٿي وئي ۽ اهي گهر ويا هليا. بوچانن کي انهي بابت اينٽري ته پڪ هئي ته ڊيزي ڪيس ڇڏڻ جو سوچي به نه ٿي سگهي جو هن مٿس زور پريو ته هو گيٽس باءِ جي ڪار ۾ وڃي. هن به ائين ئي ڪيو ۽ انهي ترڙاٽپ مان هڪ دکدائڪ واقعي جنم ورتو. گيٽس باءِ جي ڪار (ڊيزي هلائي رهي هئي) نيويارڪ کان ٻاهر روڊ تي نڪتي، ڪار ڏاڍي تيز هلي رهي هئي ۽ پنجاهه ميل في ڪلاڪ جي رفتار تائين پهچي ٿي وئي. هاڻي اهي گيراج جي ويجهو پهچي رهيا هئا ۽ اتي ولسن پنهنجي زال کي انهي ڊپ کان قيد ڪيو ويٺو هو ته متان هوءَ پڇي پنهنجي عاشق ڏانهن نه هلي وڃي. گيٽس باءِ جي ڪار جيئن ئي گيراج جي ويجهو آئي ته اوچتو مارٽيل ولسن روڊ تي اچي وئي. ڪار هن سان ٽڪرائي ۽ سندس جسم کي اکيليندي ڪنهن ردي شي وانگر روڊ جي پاسي تي اڇلائيندي اڳتي هلي وئي. ڪجھ منٽ پوءِ ٽي ڪار جنهن ۾ نڪ ۽ باقي ماڻهو سوار هئا اها گيراج جي ٻاهران اچي بيٺي. بوچانن جي اکين جي سامهون سندس محبوبا جو لاش پيو هو.

ولسن ڏک ۾ ونجي انهن ماڻهن جي ڳولها ۾ نڪري ويو. جن سندس زال جو ”خون ڪيو هو“. هو پڇائون ڪندو بچانن وارن وٽ اچي پهتو. اتي ٽام کيس ٻڌايو ته سندس زال کي ٽڪر گيٽس باءِ جي ڪار هنيو هو. هاڻي ولسن اهو سمجهيو ته سندس زال جي قتل جو ذميوار گيٽس باءِ آهي تنهن ڪري هو سندس عاليشان محلات ڏانهن ويو. هو اتي باٿنگ پول ۾ هوا پريل گدي تي ويٺو هو هن اتي کيس گولي هڻي ماري ڇڏيو. پوءِ هن ڪجھ پنڌ اڳتي هلي پاڻ کي به گولي هڻي ڇڏي

نڪ ڪيراوي ڪفن دفن جو بندوبست ڪيو. چاڪاڻ ته افسوس ڪندڙ به هوا ڪيلو ئي هو. هو گيٽس باءِ جي ڪنهن به دوست کي شريڪ نه ڪري سگهيو چاڪاڻ ته انهن کي خطرو هو ته متان انهن جي ڪردار تي ڪا آڱر نه کڄي. نڪ کي اهو وقت ياد اچي ويو جڏهن هن گيٽس باءِ کي آخري دفعو ڏٺو هو. اها هاءِ وي تي دکدائڪ واقعي کان پوءِ واري صبح جي ڳالهه آهي. تڏهن ئي گيٽس باءِ کيس هن جي ڊيزي لاءِ شروعاتي محبت کان آگاهه ڪيو هو. انهن جڏهن هٿ ملايا هئا ۽ نڪ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڃڻ لاءِ پني ڏني هئي تہ هن پنتي ڪنڌ ورائي لان مان رڙ ڪئي هئي: "اهي گندن ماڻهن جو ٽولو آهن. تون انهن سڀني مان پلو آهين". گيٽس ٻاءِ ڪنڌ لوڏيو هو ۽ سندس منهن تي سندس مخصوص ۽ ڪا ڳالهہ سمجهڻ واري مُرڪ پکڙجي وئي هئي. "آءُ شروع کان آخر تائين کيس پسند نہ ڪندو هوس". نِڪ جي وات مان اهي لفظ نڪتا. پر "مون کي سدائين انهي ڳالهہ تي خوشي رهي آهي تہ مون ائين چيو هو".

نِڪ سال جي آخر ڏاران وبسٽ ايگ ۾ پنهنجو گهر ڇڏڻ ۽ نيويارڪ موٽي وڃڻ جو فيصلو ڪيو. هو انهي جاءِ تي وڌيڪ نہ ٽڪي رهي سگهيو. اها جاءِ ڄڻ تہ سندس اعصاب تي سوار ٿي وئي هئي. گهر هاڻي خالي هو. پر هن کي اهي شاندار پارٽيون نظر ايندڙيون رهيون جيڪي گيٽس ٻاءِ اتي ڏيندو هو. کيس موسيقي ۽ ٽهڪن جا آواز ۽ رستي جي بجري تي ڪارن جي ويلن جا چرڙاٽ ٻڌڻ ۾ ايندا هئا. هو اتي پنهنجي آخري رات تي اوڏانهن ويو هو ۽ "انهيءَ وڏي بي ربط ۽ ناڪام گهر تي هڪ دفعو وري هڪ نظر وڌي هئائين. ڪنهن ڇوڪري سفيد رنگ جي ڏاڪن تي سر جي هڪ نڪر سان ڪو فحش لفظ لکي ڇڏيو هو. نِڪ پنهنجي بوٽ جي سرڙي سان اهو ڍاهي ڇڏيو. پوءِ هو هلندو هلندو باغ ۾ ويو هليو ۽ اتي ويهي سوچڻ لڳو تہ گيٽس ٻاءِ کي اتان پهريون دفعو جڏهن ڊيزي جي گهر جي سائي رنگ جي روشني نظر آئي هوندي تہ هن کي ڪيتري نہ حيرت ٿي هوندي

گيٽس ٻاءِ انهي جاءِ تي پهچڻ لاءِ وڏو سفر ڪيو هو ۽ کيس ضرور اها ڳالهہ محسوس ٿي هوندي تہ سندس خواب ايترو ويجهو پهچي ويو هو جو هو کيس پنهنجن هٿن ۾ وٺي سگهيو ٿي. هن کي انهي سائي رنگ جي روشنين ۾ انهي "خر مستي واري مستقبل" ۾ ويساهہ هو جيڪو انهي مان ملڻو هو. اهو هن جي هٿن مان کسڪي ويو پر (ڪيراوي سوچيو تہ) اهو اسان جي هٿن مان بہ کسڪي ويو هو. اهو ويجهو نہ پئي آيو پر سال بسال ويو پئي پنتي هٽندو. "پر ڪا ئي ڳالهہ نہ آهي. سڀاڻي اسين وڌيڪ تيز ڊوڙنداسين پنهنجيون ٻانهون وڌيڪ پکيڙينداسين - ۽ هڪ سٺي صبح جو"... پر اها سٺي صبح جيڪا گريٽ گيٽس ٻاءِ لاءِ نہ آئي تيئن اسڪاٽ فٽز جيرالڊ ۽ سندس نسل لاءِ بہ ڪڏهن بہ نہ آئي

ಌ

# 82. اين اميريڪين ٽرئجدي

-- ٿيوڊور ڊريزر --

(Theodore Dreiser)

جان پال ڊريزر نالي هڪ نوجوان جرمن 1844ع ۾ آمريڪا لڏي ويو. اتي هن هڪ آبادگار جي ڌيءُ سان شادي ڪئي ۽ ترقي ڪندي ڪندي هڪ مِل جو مالڪ ٿي ويو. خوشحالي جي ورهين ۾ سندس زال ڪيس ڀارنهن ٻار ڄڻي ڏنا پر پوءِ سندس مِل باهه ۾ سڙي ختم ٿي وئي انهيءَ جي انشورنس به ٿيل نه هئي. ۽ سندس دولت ۾ جيترو جلدي اضافو ٿيو هو انهي جو ايترو جلدي خاتمو به ٿي ويو ۽ جڏهن 27 آگسٽ 1871ع تي انڊيانا ۾ سندس پٽ ٿيو ڊور ڄائو ته هُو بلڪل هٿين خالي هو ۽ انهي وقت سندس عمر پنجاهه ورهيه هئي. ڊورش ڇهن ورهين جي ٿي ته انهي ڪٽنب جون حالتون ايتريون خراب ٿي ويون جو انهن کي هڪ ٻئي کان ڌار ٿيڻو پئجي ويو. وڏا ٻار پنهنجي منهن نڪري ويا. مڙس پاڻ روزگار جي ڳولها ۾ هڪ شهر کان ٻئي شهر ويندو رهيو جڏهن ته سڀ کان ننڍا ٽي ٻار پنهنجي ماءُ سان چنبڙيل رهيا. جيڪا ڪپڙن ڌوئڻ جو ڪم ڪرڻ لڳي.

ٿيوڊور لاءِ اهي سندس زندگي جا سڀ کان خوشگوار ورهيه هئا. ڇاڪاڻ ته سندس زنده دل، باهمت ۽ پُرجوش ماءُ (هن اڳتي هلي ڪيس Jennie Gerhardt ۾ امر تا ڏئي ڇڏي) سڀ کان غريبانڻي گهر کي به خوشين سان ڀري ڇڏيو. هن جيڪا ٿوري ٿڪي تعليم حاصل ڪئي انهي لاءِ به هن ئي ڪوششون ڪيون هيون. هو تيرهن ورهين جو ٿيو جو ڪيس هڪ سرڪاري اسڪول ۾ موڪليائين.

هاڻي ڊورش لاءِ هڪ نئين دنيا جا دروازا کلي پيا ڇاڪاڻ ته هيستائين سندس ڪٽر پيءُ ڪيس هڪ کان پوءِ ٻئي ڪنهن نه ڪم جي ڪيٿولڪ اسڪول پيو موڪليندو هو جتان هن ڪجهه به نه پرايو. ڪيس ڪتابن سان تمام گهڻو لڳاءُ ٿي ويو ۽ هن ايتري ته سٺي ذهانت ڏيکاري جو سندس هڪ استاد جنهن کي يقين ٿي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويو هو ته هو گهڻو اڳتي وڌندو مٿس زور پريو ته هو پنهنجي تعليم جاري رکي. پر هن پاران همٿائڻ جي باوجود به ٿيوڊور پندرهن ورهين جي ڄمار ۾ زندگي جي رنگا رنگين ڏانهن اينترو ته چڪجي ويو جو هڪ ڏينهن اعلان ڪيائين ته: "امان, آءٌ شڪاگو پيو وڃان".

شڪاگو ٿيوڊور تي جادو ڪري ڇڏيو. هو اتان جي گهما گهميءَ واري زندگي ۾ محو ٿي ويو. سندس پهرئين نوڪري هڪ گندي يوناني ريسٽوران ۾ ڊش واشر جي هئي. پوءِ هو پنج ڊالر هفتي وار پگهار تي ڪلارڪ ٿيو. هو جڏهن سترهن ورهين جو هو ته اوچتو سندس اڳوڻي استاد مس فيلڊنگ هن وٽ آئي. هن پاڻ سان گڏ اهي پئسا به آندا هئا جيڪي هن ڪيس يونيورسٽي آف انڊيانا موڪلڻ لاءِ بچايا هئا. ٿيوڊور جيئن ته پڙهڻ لاءِ تيار نه هو ۽ جڏهن پهرئين سال جي پڇاڙي تي ڏٺائين ته هن تعليم مان ڪو گهڻو ڪجهه حاصل نه ڪيو هو تنهن ڪري مس فيلڊنگ جي پئين ٽرم لاءِ آڇ قبول نه ڪيائين ۽ شڪاگو ويو هليو ۽ وري بي ڪلارڪي جي نوڪري ورتائين. انهي کان جلد ئي پوءِ سندس پياري ماءُ جنهن جي ڪجهه وقت کان صحت صحيح نه هئي اها وڏيڪ بيمار ٿي پئي ۽ سندس هٿن ۾ فوت ٿي وئي. سندس ماءُ جي وفات هن جي زندگي جو "سڀ کان وڏو نفسياتي لوڏو" هئي.

ڪلارڪي جي نوڪري ختم ٿي وئي ۽ ٿيوڊور هڪ لانڊري ٽرڪ جو ڊرائيور ٿيو ۽ پوءِ قسطن تي سامان ڏيندڙ هڪ فرم پاران اوڳاڙي تي رکيو ويو. هن شڪاگو جا تصويري خاڪا تڏهن ئي لکڻ شروع ڪيا ۽ هو جيئن ته پاڻ کي هڪ ليکڪ نه ٿي سمجهي سگهيو تنهن ڪري هن سوچيو ته ڪيس ڪنهن اخبار ۾ ڪوشش ڪرڻ گهرجي. سن 1892ع ۾ جڏهن ڊيموڪريٽڪ نيشنل ڪنوينشن لاءِ وڏيڪ رپورٽرن جي ضرورت پئي ته هڪ اخبار ڪيس عارضي طور ڪم ڏنو پر سندس حقيقي صحافتي ڪيريئر تڏهن شروع ٿيو جڏهن سندس لکيل هڪ ليک جي آڌار تي ڪيس Globe ۾ نوڪري ملي. ڪيس انساني دلچسپيءَ وارين اسٽورين جو خاص ڏانءُ هوندو هو ۽ ايڊيٽر جان ميڪ اينس سندس صلاحيتن کان متاثر ٿي ڪيس اڳتي وڌائڻ جو فيصلو ڪيو ۽ ڪيس سينٽ لوئيس موڪليو جيئن هو اتي وڏي اخبار گلوب۔ ڊيموڪريٽ ۾ ڪم ڪري

ٿيوڊور جو مکيه ڪم فيچر اسٽوريون ۽ انٽرويو هئا. ڪيس ڊرامن جو نقاد ٿيڻ جو وڏو شوق هو. انهي ٿي سندس زوال آندو.

ڊريزر گلوب ڊيموڪريٽ ڇڏڻ کان پوءِ ڪيترين ئي اخبارن ۾ ڪم ڪيو ۽ آخرڪار پنهنجي وڏي ڀاءُ پال جي چوڻ تي نيويارڪ ويو هليو.

پال ڪيترن ئي عام مقبول گانن جو مشهور ڪمپوزر هو. سندس پبلشر هڪ رسالو ڪيڏي رهيا هئا. هن انهي جي ايڊيٽري ڊورش کي ونرائي ڏني. ٿيوڊور انهي کي ٻه سال ڪاميابي سان هلائڻ کان پوءِ استعفا ڏئي ڇڏي ۽ فري لانس صحافي طور ڪم ڪرڻ لڳو. هن ايترو پئسو گڏ ڪري ورتو هو جو شيلي وهائيٽ سان شادي ڪري سگهي. هن انهي سان سينٽ لوئيس ۾ مڱڻو ڪيو هو. پر هو پنهنجي ڪم مان مطمئن نه هو ۽ آرٿر هينري نالي سندس گهاٽي دوست ـ اهو به هن وانگر صحافي هو ـ ڪيس صلاح ڏني ته هو پنهنجين صلاحيتن کي افساني جي ميدان ۾ آزمائي ڏسي. سندس ڀرپور ڪوشش کي اينسليز مئگزين پنجهتر ڊالرن عيوض خريد ڪيو ۽ پوءِ سندس دوست هينري ڪيس چيو ته هو ڪو ناول لکي ڏيکاري. ڊريزر کي ڪا خبر ئي نه هئي ته ڪم ڪيئن شروع ڪبو. بهرحال هن Sister Carrie نالي هڪ عنوان ڪاغذ تي لکيو پوءِ ته خود ڪيس حيرت ٿيڻ لڳي ته ڪيئن لفظ پاڻهي نڪرندا ويا.

سسٽر ڪيري سندس هڪ ڀيڻ تي آڌاريل هو. انهي کي ڊبل ڊي اشاعت گهر وارن مسٽر ڊبل ڊي جي غير موجودگي ۾ قبول ڪري ڇڏيو انهي جڏهن مسودو پڙهيو ته اهو ڪيس بلڪل غير اخلاقي ڏسڻ ۾ آيو ڇاڪاڻ ته ڪيري پاران ”ڪرڻ“ تي ليکڪ نه ئي ڪيس ڇينڀيو هيو نه ئي ڪا سزا ڏني هئي. هو چيئن ته هائو ڪري وينو هو تنهن ڪري ڪتاب جون فقط هڪ هزار ڪاپيون ڇاپيائين پر ڪتاب جي ڪا به مشهوري نه ڪيائين. ڪتاب تي ڪجهه چڱا تبصرا آيا پر ڪتاب جون فقط 650 ڪاپيون وڪرو ٿيون.

سسٽر ڪيري کي عام وڪري کان روڪڻ سبب ڊريزر لاءِ تباهي اچي وئي. هاڻي ڪو به پبلشر سندس انهن ٻن ڪتابن تي ڪو غور ئي نه ڪيو ڪري جن تي هو ڪم ڪري رهيو هو ۽ جيئن ته پئسو اچڻ بند ٿي ويو تنهن ڪري هن مجبوراً پنهنجي زال کي واپس سندس پيءُ ڏانهن موڪلي ڇڏيو ۽ هڪ ننڍڙي ڪمري ۾

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهڻ لڳو پر سندس ذهني حالت اها وڃي ٿي هئي جو هو نہ ڪم پئي ڪري سگهيو نہ ننڊ ئي ڪري سگهيو. هو وهمن وسوسن جو شڪار ٿي ويو ۽ آخرڪار ذهني طور مڪمل طور مفلوج ٿي ويو. سندس دوست آرٿر هينري ڪيس بچائي ورتو ۽ ڪيس علاج لاءِ هڪ سينيٽوريم موڪليو. هو جيئن ئي تندرست ٿيو تہ صحافت ڏانهن موٽي آيو.

ايندڙ ڪجھ ورهين دوران سندس ڪيريئر شاندار رهيو. هو هفتي وار 35 ڊالرن کان ترقي ڪري بٽرڪ جي ٽن فيشن ميگزينز جي مئنيجنگ ايڊيٽر طور ساليانو ڏهہ هزار ڊالر ڪمائڻ لڳو. انهي وقت هو خود پنهنجي ڪم کان اينترو لاتعلق ٿي ويو هو جو رسالي لاءِ هڪ ليک لکندڙ ڏانهن لکي موڪليائين تہ: "اسين غير اخلاقي لاڳاپن يا شراب جي نشي ۾ بدمست ٿيڻ جهڙن گندن موضوعن بابت ڪهاڻيون قبول نہ ٿا ڪري سگهون". ستم ظريفي اها ٿي جو ڊريزر کي بٽرڪ وارن اسٽاف جي هڪ ڇوڪريءَ سان چڪر هلائڻ تي نوڪري مان برطرف ڪري ڇڏيو. انهي چڪر سندس شادي بہ ٽوڙي ڇڏي.

اها ڏاڍي حيرت جي ڳالهہ آهي تہ سندس صحافتي ڪم جي اهڙي بدنامي سان پڄاڻي مان اصلي ڊريزر منظر تي آيو. هن انهن ئي ڪتابن مان هڪ تي ڪم شروع ڪري ڏنو جيڪي هن ڊبل ڊي وارن سان گهوٽالي کان اڳ شروع ڪيا هئا. هن ڪتاب جو عنوان ڊي ٽرانسگريسر مان مٽائي جيني گير هارڊٽ رکي ڇڏيو.

جيني گيرهارڊٽ سن 1911ع ۾ ڇپيو. انهي ناول جو موضوع ساڳيو سسٽر ڪيري جهڙو ئي هو پر هاڻي وقت بدلجي ويو هو ۽ انهي فوراً ڪاميابي ماڻي ورتي. ڊريزر لاءِ جيئن تہ هاڻي سٺائو واءِ وريو هو تنهن ڪري هن انهي کان پوءِ The Financier, The Titan ۽ The Genius آندا ۽ ويهين صدي جي پئي ڏهاڪي جي شروعات ۾ پنهنجي ڇهين ناول تي ڪم شروع ڪيو. انهي جو ڪجھ حصو حقيقت تي ٻڌل هو. چاڪاڻ تہ سندس تحرير جو بنياد 1906ع ۾ ٿيل هڪ خون هو جو چيسٽر جليٽ، گريس براؤن کي موس ليڪ ڍنڍ ۾ ٻوڙيو هو. اين اميريڪن ٽرئجڊي 1923ع ۾ ڇپيو ۽ انهي جي فوراً هڪ شاهڪار جي حيثيت ۾ آجيان ڪئي وئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻارهن ورهين جي ڪلائيڊ گرفتس جا ماءُ پيءُ ڪينساس سٽي ۾ اسٽريٽ سروس ڪرائين ٿا. هو انهن ۾ حصو وٺندي لڄ محسوس ڪري ٿو. هن کي اهو بي مزي ڪم پسند نه آهي ۽ مذهب ۾ ايمان به نه هئڻ جهڙو اٿس ڇاڪاڻ ته سندس ماءُ جيٽوٽيڪ سدائين اهو پئي چوندي آهي ته ”الله ڏيندو“ پر انهن جي غربت ته وڃي ئي نه ٿي. هن جو خيال سدائين انهي امير چاچي ڊينيئل گرفتس ڏانهن اٽڪيل هوندو آهي جنهن کي لائڪرگس (Lycurgus) ۾ ڪالر ٺاهڻ جو ڪارخانو آهي.

ڪلائيڊ پندرهن ورهين جي ڄمار ۾ ڏاڍو رک رکاءُ وارو ۽ سهڻو ڇوڪرو ٿي پوي ٿو. هو ڪمزور ۽ سطحي سوچ رکندڙ آهي. هن جي دل ۽ دماغ تي سدائين مادي خوشحالي جو خيال حاوي رهي ٿو. هو اهڙي ذهنيت جو مالڪ آهي جنهن ۾ ڪڏهن به پختگي نه ايندي آهي.

هوگرين۔ ڊيوڊسن هوٽل ۾ بيرو وڃي ٿيو ۽ آسودگي جو پهريون ذائقو چکيائين. هو پگهار ۽ ٽپ مان جيڪي پئسا ڪمائي ٿو انهي پنهنجي ماءُ کي نه ٿو ڏيکاري بيرا هوندئن ئي اڻ گهڙيا ڪاٺ هوندا آهن. اهي ڪيس آواره گردي واري واٽ ڏيکارين ٿا ۽ هڪ چڪلي ۾ وٺي وڃن ٿا. هو اتي پنهنجي پهرئين جنسي تجربي مان گذري ٿو. هو اتي ئي هارٽينس برگز (Hortense Briggs) سان ملي ٿو. هوءَ ڏاڍو ڏيک ويک رکندڙ ۽ لالچي دڪان ۾ ڪم ڪندڙ ڇوڪري آهي. هو انهي تي موهت ٿي وڃي ٿو ۽ پنهنجي ماءُ جي مدد ڪرڻ بجاءِ هن کي سوڪڙين پاڪڙين جا ڍير آڻي ڏئي ٿو. اسپارسر نالي هڪ نوجوان پنهنجي مالڪ کان ڪار اڌاري وٺي اچي ٿو ۽ ٻين ٻيرن ۽ انهن جي گرل فرينڊز سان گڏ ڪلائيڊ ۽ هارٽينس کي به چڪر ڏيارڻ وٺي وڃي ٿو. هو واپسي ۾ بي ڌياني سان گاڏي هلائيندي هڪ ٻار کي ڌڪ هڻي وڃي ٿو ۽ گاڏي ڀڄائڻ بجاءِ تيزي سان هڪ خالي گهٽي ۾ ڪاهي وڃي ٿو. اتي گاڏي ڪلٽي ٿي پوي ٿي. اسپارسر ۽ هڪ ڇوڪري کان سواءِ ٻيا سڀ ٽڙي ٽاڪڙي ڪار مان ٻاهر نڪري اچن ٿا. پوليس جي گاڏين جا سائرن ويجهو ايندي ٻڌجن ٿا ۽ ڪلائيڊ هارٽينس کي ڇڏي ريل جي بند جو رخ ڪري ٿو ۽ اتان هڪ مال گاڏي ۾ چڙهي شهر مان نڪري وڃي ٿو. هو ٻئي ڏينهن صبح جو اخبار ۾ ٻار جي مري وڃڻ

بابت پڙهي ٿو. اسپارسر قتل جي الزام ۾ گرفتار ٿئي ٿو ۽ پنهنجن ساٿين جا نالا ٻڌائي ٿو.

ڪلائيڊ شڪاگو هليو وڃي ٿو ۽ هڪ فرضي نالي سان رهڻ لڳي ٿو. پوءِ هو جڏهن خطرو ٽريل سمجهي ٿو ته پنهنجو اصل نالو ظاهر ڪري ٿو. هن کي ويهن ورهين جي ڄمار ۾ يونين ليگ ڪلب فار جينٽلمين نالي هڪ اعليٰ طبقي جي هوٽل ۾ بيري جي نوڪري ملي ٿي. هو اتي ئي آخرڪار پنهنجي چاچي سان مليو. هن جو چاچو هن جي سندس پٽ گلبرٽ سان مشابهت ڏسي حيران ٿي ويو ۽ هو هن جي وچٿري روش مان ڏاڍو متاثر ٿيو ۽ کيس پاڻ سان گڏ ڪالر فيڪٽري وٺي وڃڻ جو فيصلو ڪيائين.

ڪلائيڊ وڏيون اميدون ۽ آسرا ڪٽي لائيڪرگس پهچي ٿو ۽ فيڪٽري ۾ حاضر ٿئي ٿو. اتي سندس مغرور ۽ رڪو سوٽ سندس انٽرويو وٺي ٿو ۽ کيس وڏي حقارت سان تمام گهٽ درجي واري ڪم تي ۽ سڀ کان گهٽ پگهار تي رکي ٿو. ڪلائيڊ کي پنهنجي چاچي جي محل جهڙي گهر ۾ ڪيترن هفتن کان پوءِ اچڻ جي دعوت ملي ٿي. هو اتي ئي هو ته سونڊرا فنچلي نالي هڪ ڏاڍي نفيس ۽ سهڻي ڇوڪري پنهنجي ماءُ پيءُ سان گڏ اتي اچي ٿي. هن جا ماءُ پيءُ به سندس چاچي جهڙا ئي امير هئا. ڪلائيڊ کيس ڏسي حيران ٿي وڃي ٿو ۽ هوءَ سندس خيالن ۾ گهر ڪري وڃي ٿي.

خود پسند گرفتس ڪٽنب کيس وري ڪڏهن گهر اچڻ جي دعوت نه ٿو ڏئي. البت مسٽر گرفتس اهو محسوس ڪري ٿو ته گرفتس ڪٽنب جي ڪنهن ماڻهو لاءِ اها ڳالهه ڪڏهن به مناسب نه آهي ته هو اينتري پگهار تي ڪم ڪري جنهن مان هو ڍنگ جا ڪپڙا به نه پهري سگهي. پوءِ هو کيس اسٽيمپنگ ڊپارٽمينٽ ۾ ڇوڪرين جو انچارج مقرر ڪري ٿو. گڏوگڏ گلبرٽ کيس اهو چتاءُ به ڏئي ٿو ته هن جيڪڏهن ڇوڪرين سان ڪا ويجهڙائپ رکي ته کيس نوڪري مان ڪڍيو ويندو.

امير ڪٽنب اونهارو هڪ ڍنڍ ڪناري ٺهيل هڪ فيشني تفريحي مقام تي گذاري ٿو. ڪلائيڊ هر وقت سونڊرا بابت خواب ڏسندو رهي ٿو ۽ اخبارن جي سوسائٽي ڪالمن ۾ هن بابت خبرون وڏي شوق سان پڙهي ٿو. کيس اڃا به اميد آهي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ ڪيس ڪنهن ڏينهن هن جي جاءِ تي حاضر ٿيڻ جي موڪل ملندي انهي اميد ۾ هو بيڙي هلائڻ سکي ٿو ۽ ڏاڍو سٺو تارو(Swimmer) ٿئي ٿو.

ڪلائيڊ هاڻي هڪ ٻي ڇوڪري رابرٽا آلڊين سان تعلق رکيو آهي. هوءَ هڪ غريب هاري جي ڌيءَ آهي ۽ پنهنجين حالتن ۾ سڌارو آڻڻ لاءِ لائيڪرگس آئي آهي. ڪلائيڊ سندس ڪومل سونهن ۽ رک رکاءَ سبب هن ڏانهن ڏاڍو ڇڪجي آيو آهي ۽ رابرٽا بہ جيڪا هن وانگر اڪيلي آهي اها پنهنجي نوجوان ۽ ٺاهوڪي باس (Boss) بابت سهڻا خواب ڏسڻ لڳي ٿي. رابرٽا سان هڪ اوچتي ملاقات سبب ڪلائيڊ جا جذبا جاڳي پون ٿا ۽ هو قانون جي خلاف ورزي ڪندي ڪيس هن سان لڪ ڇپ ۾ ملاقات ڪرڻ تي راضي ڪري وٺي ٿو. اهي نيٺ هڪ ٻئي جا عاشق ٿي وڃن ٿا پر رابرٽا جڏهن جي ٿي وڃي ٿي تہ ڪلائيڊ جا احساس تبديل ٿي وڃن ٿا هو سوچي ٿو تہ هوءَ تہ فيڪٽري ۾ هڪ پورهيت ڇوڪري آهي. ڪنهن گرفتس جي زال ٿيڻ جي لائق نہ آهي...

هڪ ڏينهن سونڊرا فنچلي جي ڪلائيڊ تي نظر پئجي وڃي ٿي. هو ڏاڍي حسرت سان پنهنجي چاچي جي گهر ڏانهن نهاري رهيو هو. سونڊرا ڪيس غلطي وچان گلبرٽ سمجهيو هو پر پنهنجي غلطي جو احساس ٿيڻ ڪان پوءِ بہ مٿس زور پري ٿي تہ هوءَ ڪيس گاڏي ۾ سندس هاسٽل ڇڏي اچي. ڪلائيڊ جڏهن ڪيس پڌائي ٿو تہ هو سدائين هن بابت سوچيندو رهندو آهي تہ اها ڳالهہ سندس دل تي ڏاڍو اثر وجهي ٿي. هو ڪيس چڱو پر ڪشش ۽ سهڻو لڳي ٿو تنهن ڪري هن سان تعلق رکڻ جو فيصلو ڪري ٿي. ڪلائيڊ آخرڪار انهي جڳ مڳ ڪندڙ دنيا ۾ داخل ٿئي ٿو جنهن جو مرڪز سندس من موهڻي سونڊرا آهي. هو بہ جلد ئي سندس جذبن جي موٽ ڏيڻ شروع ڪري ٿي.

هاڻي رابرٽا ڪيس پڌائي ٿي تہ هوءَ پيٽ سان آهي. ڪلائيڊ انهي تي پريشان ٿي ڪيس گوريون وٺي ڏئي ٿو جيڪي ڪم نہ ٿيون ڪن. پوءِ هو ڪيس ڊاڪٽر ڏانهن وٺي وڃي ٿو. هو بہ آپريشن ڪرڻ ڪان انڪار ڪري ٿو. رابرٽا ڪيس چوي ٿي تہ هو هن سان شادي ڪري، هن وٽ ڪجھ بہ نہ آهي ۽ سڀ ڪجھ گهري رهي آهي جڏهن تہ سونڊرا وٽ سڀ ڪجھ آهي ۽ سڀ ڪجھ آڇي رهي آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلائيڊ ڪجھ وقت سڪون سان گذارڻ لاءِ رابرٽا کي ريھي ريبي واپس فارم تي وڃڻ لاءِ راضي ڪري وٺي ٿو.

ڪلائيڊ رابرٽا کي وٺڻ لاءِ اچڻ جو واعدو پورو نہ ٿو ڪري ۽ رابرٽا ہي ڪا وات نہ ڏسي ڪيس خط لکي ٿي تہ ھو لائيڪرگس اچي سندس حالت سيني جي آڏو ظاھر ڪري ڇڏيندي ھن کي ھڪ ويران ۾ اڪيلي ڍنڊ Great Bitterns ياد اچي ٿي. ھو سونبرا سان گڏ اوڏانھن ويو ھو ۽ ڪيس قتل ڪرڻ جي رٿ رٿي ٿو. ھو جلدي فارم تي وڃي ٿو ۽ رابرٽا کي ہڏائي ٿو تہ اھي گڏجي موڪل ملھائيندا ۽ پوءِ شادي ڪندا.

ڪلائيڊ تمام بي سمجھي سان ڪم ڪري ٿو. ھو گريٽ بٽرنس تي رابرٽا سان گڏ رات ھڪ ننيڙي ھٽ (Hut) ۾ گذاري ٿو ۽ رجسٽر ۾ "ڪلفورڊ گولڊن ۽ سندس زال" لکي ٿو. ھوٽي ڏينھن صبح جو رابرٽا کي ڍنڍ ۾ ٿوري دير ٻيڙي تي چڪر ڏيڻ جي صلاح ھڻي ٿو ۽ اھو بھانو ڪري پنھنجو ٿيلھو بہ گڏ کڻي ٿو تہ ھو انھي ۾ پنھنجي ڪيميرا جو ٽرائيپاڊ رکندو. ھو ڍنڍ تي پھچي اھو ٿيلھو ڪناري تي رکي ٿو. وچ ڍنڍ ۾ پھچڻ کان پوءِ اتان جو دھشتناڪ ماحول ھن تي حاوي ٿي وڃي ٿو ۽ سندس ھمت جواب ڏئي وڃي ٿي ۽ ڪيس محسوس ٿئي ٿو تہ ھو رابرٽا کي قتل نہ ڪري سگھندو. ھو ايترو عجيب ڏسڻ ۾ اچي ٿو جو ھوءَ سمجھي ٿي تہ ھو بيمار آھي ۽ ھن ڏانھن وڌي اچي ٿي. ڪلائيڊ سندس ڇھاءَ کان ٿھندي پنھنجي ڪيميرا سان ھن جي منھن تي ڌڪو ڏئي ٿو ھوءَ ٿابڙجي پئتي ڪِري ٿي ۽ ٻيڙي اونڌي ٿيڻ سان ٻئي پاڻيءَ ۾ ڪِري پون ٿا. ڪلائيڊ تري ڪناري تي اچي ٿو ۽ ڪيس ڇڏي ڏئي ٿو تہ پلي ٻڏي مري وڃي. ھو پنھنجو ٽوپلو ڍنڍ ۾ اڇلائي ٿو ڇڏي جيئن ماڻھو ائين سمجھن تہ ھو بہ ٻڏي ويو آھي. ھو پنھنجي ٿيلھي ۾ آندل خشڪ ڪپڙا پھري ٿو پنھنجا آلا ڪپڙا انھي ۾ وجھي ٿو ۽ جھنگ مان ٿيندو سونبرا جي تفريحي مقام تي وڃي ٿو ھليو. ھوءَ اتي ترسيل ھئي.

ھو جڏھن واپس نہ ٿا موٽن تہ ھٽ وارو واويلا مچائي ٿو. ڍنڍ تي اونڌي ٻيڙي ۽ ٽوپلو نظر اچن ٿا ۽ رابرٽا جو لاش ھٿ ڪيو وڃي ٿو. رابرٽا جي ڪيسي مان سندس ماءُ ڏانھن لکيل خط ھٿ اچڻ سان سندس شناخت ظاھر ٿي وڃي ٿي. سندس زخمي ٿيل منھن کي قتل جو ثبوت سمجھيو وڃي ٿو. ڪلائيڊ پاڻ ڏانھن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 83. اِفـ اِٽ ڊاءِ

## ــ آندري گائيڊ ــ

آندري پال گِلام گائيڊ 22ـ ڊسمبر 1869ع تي پيرس ۾ ڄائو. سندس پيءُ پال گائيڊ هڪ وڏو نالي وارو وڪيل هو ۽ سندس ماءُ جوليٽ رونڊو (Juliette Rondeaux) نارمنڊي جي هڪ شاهوڪار صنعتڪار جي ڌيءُ هئي.

آندري گائيڊ يارنهن ورهين جو ئي مس ٿيو جو سندس پيءُ گذاري ويو ۽ سندس پالنا سندس ماءُ ڪئي. هو وڏن گڻن واري عورت هئي. هوءَ پنهنجي مڙس وانگر پروٽيسٽنٽ هئي. تنگ نظري وارا پيوريٽن (Purritan) خيال رکندي هئي ۽ هر معاملي تي پڪي پختي سوچ رکندي هئي. هن جيتوڻيڪ پنهنجي پٽ لاءِ جيڪو ڪجهه ڪيو اهو تمام سٺي ارادي سان ڪيو پر انهي ڳالهه ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته جيڪڏهن هن جي مضبوط شخصيت نه هجي ها ته هن پنهنجي پٽ لاءِ جنهن زندگي جي رٿ رٿي هئي اها جديد فرانسي ادب جي وڻ کي بار آور ٿيڻ جو ڪڏهن به موقعو نه ڏئي ها.

پال گائيڊ پنهنجي زال لاءِ ايترو ڇڏيو هو جنهن مان هو پنهنجو وقت چڱي آرام سان گذاري سگهي ها جڏهن ته ڪيس پنهنجن پيڪن مان به گهڻو ڪجهه مليو هو. گائيڊ کي روزي روٽي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪجهه به ڪرڻ جي ضرورت نه هئي ۽ انهي ڳالهه ماءُ ۽ پٽ ٻنهي تي اثر وڌو. هو اجا اوائل جواني ۾ ئي هو جو ليکڪ ٿيڻ جو پڪو پهه ڪري ڇڏيائين پر مادام گائيڊ کي ڏيڻ لاءِ جيتوڻيڪ ڪو متبادل نه هو ته به هن انهي ڳالهه جي سخت مخالفت ڪئي.

خوش قسمتي سان هن به ادب ۾ ڪا سطحي چاڻ حاصل ڪرڻ نه ٿي گهري ۽ جيئن ته ڪنهن پيدائشي ليکڪ جي راهه ۾ ڪا رڪاوٽ وجهي ڪيس پنهنجي مقصد جي حاصلات کان نه ٿو روڪي سگهجي تنهن ڪري سندس ماءُ جي مخالفت اڳي پوءِ ختم ٿيڻي هئي. حقيقت اها آهي ته هن کي جيتوڻيڪ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وچي اهڙو ڪتاب ڇپرايو جنهن کي هڪ شاهڪار ڪوني سگهجي پيو. پيليوڊس (Paludes) هڪ طنز آهي ته ادب کي جڏهن زندگي کان جدا ڪيو وڃي ٿو ته اهو سنڍ ٿي پوي ٿو.

انهي دوران گائيڊ اتر آفريڪا ڏانهن هڪ سفر ڪيو ۽ اتي پاڻ بابت ڪجھ ڳالهين کان واقف ٿي انهن کي پاڻ تي حاوي ڪري ڇڏيائين. هن انهي سفر کان واپسي تي Les Nourritures terrestres لکيو جنهن بابت پاڻ ٿي چيائين ته انهي مان انهي وقت غلط مطلب ڪڍيو ويو ۽ ڀهن ورهين تائين انهي کي صحيح نموني نه سمجهيو ويو. حقيقت ۾ لڳي ٿو ته اهو ڪتاب بي لغام شهوت پرستي جي دعوت آهي پر آندري والٽر وانگر گائيڊ اڃا خدا جي ڳولها ۾ آهي. فرق اهو آهي ته آندري والٽر ۾ ڳولها ۽ روزاني زندگي جي حقيقت نه فقط وڏي ۽ ارادي جي لڳاتار ڪوشش پر جاٽي واٽي عام رواجي ڳالهين ۽ روزاني زندگيءِ کان حقيقتن کان دور رهڻ جي طلب ڪري ٿي جڏهن ته Les Nourristures terrestres ۾ ابتڙ ڳالهه لاڳو ٿئي ٿي. اها ڳالهه تسليم ڪرڻ ڪافي آهي ته جيئن ته خدا هر هنڌ آهي تنهن ڪري ڳولها ڪرڻ جي ضرورت نه آهي.

ليس نوريچرس ٽيريسٽريس جو سلسلو اڳتي وڌائيندڙ ڪتاب باترتيب ستن ۽ چوڏهن ورهين جي عرصي کان پوءِ آيا. انهن مان پهريون L' Immoraliste ۽ ٻيو La Porte etroite هو. وچ وارن ورهين ۾ ڪيترائي ڪتابن ڇپيا. انهن سڀني گائيڊ جي فن جي مهارت ۾ واڌ ويجھ ڪئي ۽ هن جي فرانس جي انهي دور واري هڪ تمام اهم ليکڪ واري شهرت قائم ڪئي. پوءِ ايندڙ ڪتابن سندس شهرت ۾ اڃا واڌارو ڪيو.

گائيڊ پهرئين جنگ عظيم شروع ٿيڻ وقت دل و جان سان هڪ اهڙي تنظيم لاءِ ڪم ڪرڻ لڳو جنهن جو مقصد بيلجيم جي انهن پناهگيرن جي سار سنڀال لهڻ هو جيڪي انهن جي ملڪ تي جرمني پاران ڪاهه ڪرڻ تي فرانس جي اترئين علائقن ۾ پيچي آيا هئا. انهي ڪم گائيڊ جي جذبن ۽ اعصاب تي وڏو اثر وڌو ۽ هن آخرڪار جسماني ساٽائي سبب اهو ڪم ڇڏي ڏنو. انهي ڪم ۾ رڌل هوندي ئي هو انهي مذهبي بحران مان گذريو جنهن ۾ هو لڳي پيو ته ترڪ ڪيل عيسائي عقيدن ڏانهن واپس ٿي رهيو هو. پر 1922ع ۾ ڇپيل ?Numquid et tu

مان ظاهر ٿيو تہ هو عيسائيت نہ پر دوستو وسڪيائي mystical evangelism ڏانهن وڌي رهيو هو.

هن 1924ع ۾ اهو ڪتاب منظر تي آندو جنهن کي هو پنهنجي وفات تائين پنهنجو سڀ کان اهم ڪتاب سمجهندو هو. انهي جو نالو Corydon هو. اهو هم جنس پرستي تي هڪ معذرت آهي. پر انهي جي حيثيت معذرت کان گهٽ وڌيڪ هئي. اهو سندس پنهنجن جنسي لاڙن جو سرعام اظهار ۽ وڏي همٿ جو ڪم هو. انهي کان سواءِ اهو هڪ عظيم آرٽسٽ پاران عقيدي جو اظهار ۽ بذات خود هڪ فن پارو هو. انهي جو عوام تي اهو اثر پيو جو فقط انهيءَ ڳالهہ تي حيرت جو اظهار ڪيو ويو تہ اهڙين صلاحيتن ۽ اهڙي ناماچاري واري ماڻهو کي پنهنجي هڪ غير رواجي ڳالهہ ظاهر ڪندي خوشي پئي ملي ۽ غير رواجي ڳالهہ بہ اهڙي جنهن کي صحيح دماغ رکندڙ سڀ ماڻهو سخت ناپسند ڪن ٿا.

اها هم جنس پرستي ئي اهو ويڇو هئي جيڪو گائيڊ ۽ سندس زال جي وچ ۾ پيدا ٿي ويو هو. ميڊيلين کي جيتوڻيڪ طلاق وٺڻ جا سڀ سبب هئا پر انهي جي باوجود بہ هن جي مان ڪنهن بہ فوراً عليحدگي نہ ٿي چاهي. انهي مان اها ڳالهہ ظاهر ٿئي ٿي تہ هو ٻئي جنهن تڪليف مان گذري رهيا هئا انهي جي باوجود انهي ميلاپ ۾ ضرور ڪا ڳالهہ هئي جيڪا اجا تائين اطمينان بخش طريقي سان ظاهر نہ ٿي سگهي آهي جيتوڻيڪ گائيڊ تي ڪم ڪندڙ اسڪالر انهيءَ جو پتو لڳائڻ جون ڪوششون ڪندا رهيا آهن.

جيئن تہ ڪوريڊان ۾ گائيڊ پاڻ کي اهڙي طرح ظاهر ڪري رهيو هو جيئن هيستائين ڪنهن جديد ليکڪ پاڻ کي ظاهر نہ ڪيو هو ۽ جيئن تہ ڪوريڊان ڪنهن سڌي سنئين بيان نہ پر ٻن فرضي ڪردارن جي وچ ۾ دليل بازي واري انداز ۾ پيش ڪيل آهي تنهن ڪري انهي ۾ اهڙي شخصي وضاحت نہ اچي سگهي تہ گائيڊ جي پنهنجي هم جنسي پرستي جي اوسر ڪيئن ٿي؟ اهو ئي سبب هو جو گائيڊ ڪوريڊان جي ساٿي ڪتاب طور Si le grain ne meurt نالي هڪ آتم ڪهاڻي تحرير ڪري ڇپرايو. اهو ڪتاب ڪوريڊان کان تمام گهڻو وڌيڪ وڪرو ٿيو. انهي جا سبب ٿوري دير ۾ ظاهر ٿيندا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو ڪتاب (جنهن جو انگريزي ۾ نالو If It Die ٿيندو) ڪيترن ئي لحاظن کان دنيا جي عظيم ڪتابن جي هن مجموعي ۾ شامل ٿيڻ جي لائق آهي. پهرئين ڳالهه اها ته انهي ۾ هڪ فن پاري جي حيثيت ۾ گائيڊ جي هڪ ليکڪ طور پختگي اُڀري منظر تي اچي ٿي. ٻي ڳالهه ته واقعا جنهن نزاڪت سان بيان ٿيل آهن. بولي به اهڙي ئي نفيس ڪتب آندي وئي آهي ٽئين ۽ شايد سڀ کان اهم ڳالهه اها ته ليکڪ جو مقصد انهي ڪتاب کي انهي صنف جي بين بين الاقوامي طور عظيم ڪتابن کان جدا ڪري بيهاري ٿو ڇاڪاڻ ته سندس مقصد آهي ته پنهنجي بابت ڪجهه به لڪائڻ کان سواءِ ٻڌائي ڇڏڻ.

ڪتاب جو عنوان، جيڪو ليکڪ پاران اهو ڪم ڪرڻ پٺيان اصل محرڪ ظاهر ڪري ٿو اهو سينٽ جان جي انجيل جي ٻارهين باب جي چوويهين آيت مان ورتل آهي:

Except a corn of wheat fall into the ground and die, it abideth alone: but if it die, it bringeth forth much fruit.

اصل مقصد روسو جي مقصد جي مشابهه آهي جنهن پنهنجي ڪتاب Confessions جي شروعات ۾ لکيو هو: "آءٌ هڪ اهڙو ڪم هٿ ۾ کڻي رهيو آهيان جنهن جو اڳ ۾ ڪو نظير نه ٿو ملي ۽ اهو ٿي وڃڻ کان پوءِ پيو ڪير انهي جي نقالي نه ڪري سگهندو. منهنجو مقصد اهو آهي ته پاڻ جهڙن ماڻهن کي فطرت جي سموري سچائي سان هڪ انسان ڏيکارڻ چاهيان ٿو ۽ اهو انسان آءٌ پاڻ هوندس."

روسو ۽ گائيڊ جي وچ ۾ مشابهت به تمام گهٽي آهي. ٻئي سچائي جي دعوي ڪن ٿا. ٻئي اٿندي سان ئي جڻ ته انهي سچائي جي ثبوت طور تمام شرم ناڪ ڳالهيون ٻڌائين ٿا. ٻنهي کي پنهنجو بار هلڪو ڪرڻ جي تڪڙ آهي. هنن کي انهي جو به خيال نه ٿو رهي ته انهي دوران انهن جي ڪيتري بي عزتي ٿي سگهي ٿي. ٻئي ساڳئي اندروني غرور جو اظهار ڪن ٿا.

"مون کي چڱي طرح احساس آهي". گائيڊ ڪتاب جي پنجين پيراگراف ۾ لکي ٿو. هو انهي کان اڳ ئي اها ڳالهه بيان ڪري چڪو آهي ته هو ۽ هڪ ننڍڙو دوست ڊائننگ ٽيبل جي هيٺان هڪ ئي وقت مُٺ هڻندا هئا. "مون کي چڱي طرح احساس آهي... آءٌ هي ۽ اڳتي ايندڙ ڳالهيون بيان ڪري پاڻ کي نقصان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پهچائي رهيو آهيان. مون کي اڳوات احساس آهي ته انهن کي منهنجي خلاف ڪيئن ڪتب آندو ويندو. پر منهنجي ڪهاڻي جو واحد مقصد آهي سچ بيان ڪرڻ. مون کي چوڻ ڏيو ته آءٌ هي ڳالهيون توبهه ۽ ڪفاري طور لکي رهيو آهيان“.

پر ڪتاب اڳتي وڌڻ سان اها ڳالهه واضح ٿيندي وڃي ٿي ته جيتوٽيڪ فقط سچ ئي بيان ٿي رهيو آهي پر اهو چونديل سچ آهي. جڏهن ماٺهو گائيڊ جي ڪم مان واقف ٿئي ٿو ته اهو احساس ٿئي ٿو ته اهو جيئن آهي تيئن ئي ٿي سگهيو آهي اهو ٻي طرح نه ٿي سگهي ها. جاڪاڻ ته هو جيتوٽيڪ پنهنجي زندگي جي ڪهاڻي لکي رهيو آهي پر سندس فن اها تقاضا ٿو ڪري ته سندس ڪهاڻي کي ڪا هيئت (form) هجي. اهڙي هيئت جيڪا نمونن (Patterns)، توازن، تناسب ۽ چٽائي ۾ نظر به اچي. اهي ڳالهيون حقيقي معنيٰ ۾ گذاريل چند زندگين ۾ ئي هونديون آهن.

هو پنهنجي ٻاروتڻ جي يادگيرين کان شروعات ڪري ٿو. انهن ۾ جيتوٽيڪ ڪو ربط ڪونهي پر اهي پڙهندڙ کي هڪ اهڙي ماحول ۾ ويڙهي وٺن ٿيون جيڪو اهو سمورو ڪتاب پڙهندي هن تي طاري رهندو. هو پيرس ۾ روڊي ميڊيسي ۾ هڪ فليٽ ۾ جائو هو. هو فقط هڪ يا ٻن ورهين جو هو ته سندس ماءُ پيءُ اهو فليٽ ڇڏي 2، روڊي ٽورنان تي هڪ سيڪنڊ فلور واري فليٽ ۾ اچي وينا هئا.

سندس پيءُ فيڪلٽي آف لا ۾ ليڪچرار هوندو هو. هن وٽ پنهنجي پٽ لاءِ تمام ٿورو وقت هوندو هو پر هن ٻار تي تمام نرمي جو احساس ڇڏيو. اندري پنهنجي پيءُ جي اسٽڊي روم ۾ فقط خاص طور سڏ ٿيڻ تي ئي ويندو هو ۽ اتي سندس پيءُ ڪيس ڪتابن مان ڪي تکرا آواز سان پڙهي ٻڌائيندو هو. ”منهنجي پيءُ وٽ انهي بابت به ڪي خاص نظريا هوندا هئا ته هن کي مون کي ڇا پڙهي ٻڌائڻ گهرجي منهنجي ماءُ وري انهن نظرين سان متفق نه هوندي هئي ۽ آءٌ اڪثر انهن کي هن موضوع تي بحث ڪندي ٻڌندو هوس ته ٻار جي ذهن لاءِ ڪهڙي غذا مناسب هئي“. ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن روشن چٽي شام جو جڏهن ٻال گائيڊ گهڻو مصروف نه هوندو هو ته چوندو هو ننڍڙو دوست واڪ (Walk) تي هلندو؟ هو پنهنجي پٽ کي ”منهنجو ننڍڙو دوست“ کان سواءِ ڪنهن نالي سان نه سڏيندو هو. هو جيئن ته ٿورو وقت ئي پاڻ ۾ گڏ گذاري سگهندا هئا تنهن ڪري هو جيڪي ٿورا گهڙا ڪم گڏجي ڪري سگهندا هئا انهن مان ”مون کي هڪ غير مانوس، ڳنڀير ۽ ڪجهه پراسرار احساس ٿيندو هو. انهي مان مون کي خوشي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملندي هئي" پر هن پنهنجي پٽ جي مستقبل ۾ سڀ کان بهترين ڪردار ادا ڪيو جو هن پنهنجو سڄي ادب سان چاهه ننڍي عمر ۾ ئي هن ڏانهن منتقل ڪري ڇڏيو.

گائيڊ پنجن ورهين جي ڄمار ۾ اهڙو تعليمي سفر شروع ڪيو جيڪو تمام بي قاعدي غير منظم ۽ نامڪمل رهيو. هن کي اڳ ۾ مادام فلوئير ۽ پوءِ مادام ليڪ بار طرفان هلندڙ ڪلاسن ۾ موڪليو ويو. ٻه ورهيه پوءِ انهن ڪلاسن ۾ مادام ڊي گيڪلن جي پيانو جي ڪلاسن جو اضافو ٿيو.

"آءٌ چاهيان ٿو ته" گائيڊ لکي ٿو "آءٌ پنهنجي يادگيرين کي ڪنهن به ترتيب ۾ رکڻ جي ڪوشش ڪرڻ کان سواءِ جيئن ذهن ۾ اينديون وڃن تيئن لکندو وڃان. آءٌ وڏ ۾ وڏ ايترو ڪري سگهان ٿو جو انهن کي جاين يا شخصيتن جي چوڌاري رکندو وڃان. منهنجو حافظو جاين بابت ورلي ڪا غلطي ڪندو آهي پر اهو تاريخون گهڻو ڪري منجهائي ڇڏيندو آهي".

هو اهو ڪم ڪري ٿو پر اهڙي مهارت سان ٿو ڪري جو هڪ فن پارو تخليق ڪري ڇڏي ٿو. انهي جي باوجود انهي طريقي مان سندس پاروتڻ جو ڪو سنئون سڌو سوانحي خاڪو ڪيئڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي جاين ماڻهن ۽ خاص طور مٿن ماڻن جون يادگيريون ايتريون ته ڪثرت سان اچن ٿيون جو انهن مان ڪو رسمي سلسلو ناهڻ ۾ ڪا مدد نه ٿي ملي. البت اهي سموريون يادگيريون انهي ڇوڪري جي پورٽريٽ ۾ ڪردار ادا ڪن ٿيون جنهن مان اڳتي هلي مرد پروان چڙهندو.

سندس ماءُ پيءُ کان سواءِ هڪ ٻئي فرد سندس زندگي تي تمام گهڻو اثر وڌو. اها مادام گائيڊ جي عمر جي هڪ نوجوان اسڪاٽش عورت اناشيڪلٽن هئي اها جوليٽ رونڊو (مادام گائيڊ) جي گورنيس طور رونڊو ڪٽنب ۾ داخل ٿي هئي. اها سندس ساٿي ٿي رهي هئي ۽ سندس شادي کان پوءِ سندس تمام گهاٽي سهيلي ٿي رهي هئي.

انا هر وقت ٻرڻ پٽي پريندي هئي ۽ ڪڏهن ڪڏهن پينٽنگ به ڪندي هئي. پر ڪيس نباتات (Botany) جو ايپاس تمام گهڻو وڻندو هو. هوءَ گلن ڦلن جي ڳولها ڦولها ۾ ٻاهر نڪري ويندي هئي ۽ مادام گائيڊ جيئن ته انهي کي پنهنجي پٽ جي ٿوري گهڻي ورزش جو سٺو موقعو سمجهندي هئي تنهن ڪري هو انا سان گڏجي ويندو هو. اهڙي طرح انا وارو شوق هن ۾ به سمائجي ويو ۽ هن ۾ نيچرل سائنسز جو اهڙو شوق پيدا ٿيو جنهن سندس سوچ ۽ فن ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جلدئي اهو وقت اچي ويو جڏهن ڪيس ليڪ بار جي سبقن کان وڌو سمجهي ايڪول السيشين (Ecole Alsacienne) موڪليو ويو. بدقسمتي سان ڪيس اتي اجا گهڻو وقت ئي نہ گذريو هو جو هڪ ڏينهن ڪيس هڪ استاد ڪلاس هلندي مٿ هٽندي ڏسي ورتو ۽ ڪيس ٽن مهينن لاءِ نيڪالي ڏني وئي. پال گائيڊ انهي واقعي تي ايترو حيران نہ ٿيو جيترو سندس پٽ کي ڏنل سخت سزا تي حيران ٿيو. جڏهن تہ سندس زال تہ هراسجي پنهنجي پٽ کي سموري فرانس ۾ ڊاڪٽرن وٽ گهليندي پئي وتي تہ من ڪو "علاج" ملي پوي.

پوءِ هن وٽ هڪ بئي پٺيان ڪيترائي خانگي استاد آيا چاڪاڻ تہ هو اهڙن ڪيترن ئي نفسياتي ۽ اعصابي مسئلن جو شڪار ٿي ويو هو جن سبب هو ايڪول السيشن واپس نہ ٿي وڃي سگهيو ۽ هو ٻين اسڪولن ۾ بہ ٿوري ٿوري وقت کان وڌيڪ نہ رهي سگهيو. انهن استادن ۾ بہ هر قسم جا ماڻهو شامل هئا ۽ چوڪري کي عملي طور ڪجه بہ نہ پڙهايائون. ايستائين جو مونشيئر رچرڊ نالي هڪ استاد هٿ آيو. هو ٻين کان ڪجه بهتر هو ۽ ڪيس ايترو اڻ پڙهيل رهجي وڃڻ کان بچائي ورتائين جيترو هو جيڪر ٻي صورت ۾ رهي ها. اهو بہ چڱو ٿيو جو هن جي ٻيءَ پاران ادب ۾ انا شيڪلتن پاران ٻاڻني سان تعارف سبب ڪيس بہ جذباتي لڳاءَ واريون دلچسپيون ملي ويون. جيڪڏهن اهي بہ ڳالهيون نہ هجن ها تہ عالمي ادب پاران پنهنجي هڪ ذات ڏٽي کان محروم ٿي وڃڻ تي ڪا حيرت نہ ٿئي ها.

هو پنهنجي ننڍپڻ جا واقعا بيان ڪري ٿو: سندس عجيب تعليم ڪيس بار بار ٿيندڙ بيماريون، سندس دوستيون، سندس مائٽ (سندس سوٽ ايمانيوئيل.. ميڊيلين- خاص طور) هو جن جاين تي ويو هو جن پاراٽين مهم جوئين ۾ حصو ورتو هٺائين پر هو واقعن جي چونڊ ۾ عجيب پسند ڏيکاري ٿو جيڪي ڪڏهن ڪڏهن تہ بلڪل معمولي ٿا لڳن پر انهي هوندي بہ ماڻهو پاڻ کي انهي عجيب طلب ۾ جڪڙيل محسوس ڪري ٿو تہ ننڍي کان ننڍي شي بابت وڌ کان وڌ ڄاڻ حاصل ڪئي وڃي. پر اهو ڪم جنهن مهارت سان ڪيو وڃي ٿو انهي جو ادراڪ اوچتو انهي وقت ٿئي ٿو جڏهن هڪ دلڪش شخصيت جو پورٽريٽ اسان جي سامهون ظاهر ٿئي ٿو. هاڻي ئي ماڻهو کي اها خبر پوي ٿي تہ گائيڊ کي پاڻ بابت فقط ۽ فقط سچ ٻڌائڻ واري پنهنجي مقصد ۾ ڪيتري نہ ڪاميابي حاصل ٿي آهي چاڪاڻ تہ فقط سچ جي اظهار سان ئي اهڙو پورٽريٽ منظر تي اچي سگهي ٿو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيستائين سندس زندگي ۾ سڀ کان وڏو اثر سندس ماءُ جو رهيو هو ۽ هن جي پورٽريٽ کان پوءِ جيڪو سڀ کان اهم پورٽريٽ سامهون اچي ٿو اهو به اڪثر طور سندس ماءُ جو ٿي آهي. اها ڳالهه ظاهر آهي ته گائيڊ کي سدائين پنهنجي ماءُ لاءِ تمام وڏي عزت هوندي هئي ۽ هو کيس ڏاڍو پسند ڪندو هو. ساڳئي وقت اها ڳالهه به ساڳئي طرح ظاهر آهي ته انهن جي تعلق ۾ ڪا گرم جوشي نه هوندي هئي. انهي جو واحد سبب هن پاران پنهنجي لاءِ ناهيل سخت معيارن تي سختي سان جمي بيهڻ هو. انهن جيئن اسين پاڻ ڏسي سگهون ٿا. گائيڊ ۾ چڙ جو اهڙو احساس پيدا ڪيو جيڪو هو ڪڏهن ڪڏهن ته لڪائڻ جي ڪوشش به نه ٿو ڪري.

ڪتاب جو لڳ ڀڳ منو حصو نوجوان جي پنجويهن ورهين جي ڄمار تائين پهچڻ تي ٻڌل آهي. انهي کان پوءِ اسين ڏاڍي اهميت واري آفريقي سفر تي پهچون ٿا.

هڪ نوجوان آرٽسٽ دوست پال لارينس کي 1893ع ۾ هڪ سفري اسڪالرشپ ملي جنهن تحت کيس هڪ سال لاءِ ٻاهر وڃي ڪم ڪرڻو هو. گائيڊ به فرانس کان ٻاهر سفر ڪرڻ جو سوچي رهيو هو ۽ هڪ سوٽ پاران هڪ سائنسي مهم تي هن سان آئس لينڊ گڏجي وڃڻ جي دعوت قبول ڪرڻ تي هو جو لارينس پنهنجي سفري ساٿي طور منهنجي چوند ڪئي.

اهي آڪٽوبر 1893ع ۾ مارسيلز مان تيونس روانا ٿيا. گائيڊ کي مارسيلز ۾ ٿڌ لڳي وئي هئي پر پنهنجي بيماري بابت ڪجهه به نه ٻڌايائين. پر آفريقا پهچندي پهچندي هو واقعي بيمار ٿي پيو ۽ تمام معمولي چرپر به کيس ساٿو ڪري وجهندي هئي. پوءِ هن جي صحت ۾ بهتري اچڻ شروع ٿي ۽ هو لارينس سان وڃي مليو جتي هو پينٽنگ ڪري رهيو هو. هاڻي سندس نوجوان عرب رهبر (guide) کيس انهي جاءِ ڏانهن ونيو ٿي ويو جتي لارينس پينٽنگ ۾ مصروف هو جو هن عرب کيس واضح ٻڌائي ڇڏيو ته گائيڊ جيڪڏهن هن سان جنسي لاڳاپا نه رکيا ته کيس ڏک ٿيندو.

انهي اوچتي ٿاڪري تي کيس احساس ٿيو ته هو به مڪمل طور هم جنسي لاڙا رکي ٿو. سندس زندگي جي انهي نقطي تائين هن کي ذري برابر به خبر نه هئي ته ڪو ائين به ٿي سگهي ٿو ۽ انهي احساس ۽ انهي وقت ۽ انهي جاءِ تي اها آڇ قبول ڪرڻ سان کيس تمام گهڻو آرام مليو.

پر انهي جو ردعمل بہ پيدا ٿيو ۽ سندس سموري پرورش ۽ پالنا کيس غير محسوس طور جنهن ڳالهہ کي غلط سمجهايو هو هن انهي کان انڪار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هو ٿوري وقت لاءِ انهي ۾ ڪامياب بہ ٿيو پر سندس ماءُ جو سندس ٿهل ٺڪور ڪرڻ آئي ۽ کيس جو نوجوان جي سرگرمين جي خبر پئي تہ هڪ گهوٽالو پيدا ٿي ويو ۽ هن انهي ڳالهہ کي تسليم ڪري ورتو جنهن کي پنهنجي قسمت سمجهيائين ٿي.

”مون ائين پڙو ائين ڏٺو ۽ ائين ساهہ کنيو جيئن اهي ڪم اڳ ۾ نہ ڪيا هئا... مون کي وٺ، منهنجي جسم ۽ روح کي وٺ، مون رڙيون ڪيون آءُ ڪنهن نامعلوم اپالو جي آڏو سڏڪن ۾ پنهنجي دعا جا لفظ چئي رهيو هوس. آءٌ تنهنجو آهيان، فرمانبردار، اطاعت گذار، منهنجي اندر کي روشن ڪري ڇڏ! روشن ۽ هوادارا منهنجي تنهنجي خلاف جدوجهد بيسود ثابت ٿي آهي. پر هاڻي مون توکي سڃاتو آهي. تنهنجي ئي رضا هلندي! آءٌ اڳتي ڪا بہ مزاحمت نہ ڪندس. آءٌ تنهنجي هٿن ۾ آهيان. مون کي سنڀال!“.

اهڙي طرح منهنجو منهن ڳوڙهن ۾ آلو لڳو پيو هو جو آءٌ هڪ اهڙي سحر انگيز دنيا ۾ داخل ٿيس جيڪا ڪِل خوشي ۽ اجنبيت سان پرپل هئي.

سندس بيماري ختم ٿي وئي.

ڪتاب سندس ماءُ جي وفات ۽ هن جي ميڊيلين سان مڱڻي تي ختم ٿئي ٿو. پر آخري کان پهرئين سيڪشن ۾ لارڊ الفريڊ ڊوگلس ۽ آسڪر وائيلڊ سان هڪ دلچسپ ملاقات جو ذڪر آهي.

پنهنجي هم جنسي پرستيءَ کان واقف ٿيڻ کان پوءِ بہ هن پاران ميڊيلين سان شادي ڪرڻ عجيب تو لڳي ۽ لڳي ٿو تہ هن کي انهي شادي مان ڪو ”علاج“ ملڻ جي اميد هوندي هن ۽ ميڊيلين کي ڪو بار نہ ٿيو پر 1923ع ۾ ايلزبيٿ وان ريسل برگ سندس ڌيءَ ڪيٿرائين کي جنم ڏنو.

هو 1925ع ڪانگو ويو ۽ اتي حڪومت پاران خاص اجازت تحت ڪم ڪندڙ ڪمپنين پاران مقامي ماڻهن سان ٿيندڙ سلوڪ تي ڇنبي ويو. هن پوءِ Voyage au congo لکيو جنهن جي نتيجي ۾ انڪوائري ڪميشن ٺهي ۽ ڪجه سڌارا عمل ۾ آيا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳ ڀڳ اسپيني گهرو لڙائي واري وقت دوران هن ڪي ٿوري وقت لاءِ ڪميونزم سان وابستگي ٿي وئي پر 1936ع ۾ روس جو دورو ڪرڻ کان پوءِ هو مايوس ٿي ويو. هن ٻي جنگ عظيم اتر آفريڪا ۾ گذاري. هو 1946ع ۾ پيرس موٽيو ۽ زندگي جا باقي ورهيه اتي گذاريائين.

هن کي 1947ع ۾ ادب جو نوبل انعام مليو ۽ 19 ـ فيبروري 1951ع تي پيرس ۾ فوت ٿي ويو. ڪيس عالمي طور جديد فرانس جو هڪ حقيقي معنيٰ ۾ عظيم ذات ڏٺي مڃيو ويو.

# 84. ٽو دي لائيٽ هائوس

## -- ورجينيا وولف --

ورجينيا اسٽيفن ”دي ڊڪشنري آف نيشنل بايوگرافي“ جي مولف سرليسلي اسٽيفن جي ڌيءُ هئي. هو 1882ع ۾ ڄائي. هن 1912ع ۾ ليونارڊ وولف سان شادي ڪئي جيڪو هڪ ليکڪ ۽ سوشيالاجسٽ هو. انهن گڏجي هوگارٿ پريس جو بنياد وڌو. ”دي وائيج آؤٽ“ ۽ ”نائيٽ ائنڊ ڊي“ کان سواءِ سندس سڀ ڪتاب انهي ۾ ڇپيا. سندس پهرئين ٽن ناولن کي پوري ساري ڪاميابي ملي ۽ 1925ع ۾ Mrs. Dalloway ڇپجڻ سان سندس شهرت ۾ اچا واڌارو ٿيو. انهي ۾ هن انهي اسلوب ۾ لکڻ جي ڪوشش ڪئي جيڪو اڳتي هلي Stream of consciousness ٽيڪنيڪ جي نالي سان مشهور ٿيو. ناول نگار اي ايم. فارسٽر جيڪو سندس همعصر ۽ دوست هو هن انهي بابت هي لفظ چيا آهن: ”اهو هڪ احساس سان مشابهت رکي ٿو. اهو ڪنهن شي متعلق نہ هو. اهو خود ڪا شي هو. هن خود پنهنجي طريقي بابت هڪ مضمون ۾ لکيو آهي جيڪو سندس وفات کان پوءِ The Moment ۾ 1947ع ۾ ڇپيو هو:

”فرض ڪريو تہ توهان لنڊن ۾ گهمندي ڦرندي هڪ مصروف ڏينهن گذاريو ٿا. توهان واپس اچڻ تي هڏائي سگهندا تہ توهان ڇا ڇا ڏٺو ۽ ڪهڙا ڪم ڪيا؟ ڇا سڀ شيون منجهيل ۽ غير واضح نہ هونديون آهن؟ پر ڪجه آرام ڪرڻ کان پوءِ ڪنهن بي ڳالهہ ۾ مصروف ٿي وڃڻ کان پوءِ اهي ڳالهيون. آواز ۽ منظرجن ۾ توهان کي سڀ کان وڌيڪ دلچسپي هوندي آهي اهي پنهنجو پاڻ سطح تي تري ايندا آهن ۽ ياد رهجي ويندا آهن ۽ جيڪي شيون غير اهم هونديون آهن اهي ويسر ۾ هلي وينديون آهن. ليکڪ جو بہ اهو ئي حال ٿيندو آهي. سڄي ڏينهن دوران سخت مصروف هوندي، هيڏانهن هوڏانهن گهلجندي هو جيڪو ڪجه ڏسندو ۽ محسوس ڪندو آهي انهن بابت پنهنجي ذهن جي ڪتاب ۾ بيشمار نوٽ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ونندي ليکڪ شعوري طور باخبر نہ رهندو آهي. پر حقيقت ۾ سندس تحت شعور وڏي رفتار سان ڪم ڪندو رهندو آهي. جڏهن تہ سندس ذهن جو مٿيون حصو ننڍ جي گهيرتن ۾ هوندو آهي. پوءِ ڪجھ ساهي کان پوءِ پردو کڄي ويندو آهي ۽ اها شي ظاهر ٿي بيهندي آهي. اها شي جنهن بابت هو لکڻ چاهيندو آهي".

ورجينيا وولف ڪو سادو بيان نہ لکندي هئي جنهن ۾ فقط ڪا ڳالھ ٻڌايل هجي، هن کي جنهن ڳالھ ۾ دلچسپي هوندي هئي ۽ جيڪا ڳالھ هو سدائين نئين سر تخليق ڪرڻ جي ڪوشش ۾ هوندي هئي اها هئي انساني ذهن ۾ سوچن ۽ احساسن جو هڪ ٻئي تي عمل. هو انهي انداز کي نئين سر پيدا ڪري پنهنجن ڪردارن جي شخصيت کي اجاگر ڪندي هئي. اڪثر ليکڪ ماڻهن جي ٻاهرئين حصي کي تصور ۾ آڻيندا ۽ بيان ڪندا آهن. ورجينيا وولف تقريباً مڪمل طور انهن جي اندروني احساسن ۽ سوچن بابت لکيو ۽ اهڙي طرح انهن کي وڌيڪ گهرائي ۽ هڪ نئون رخ (Dimension) ڏنو.

ٽو دي لائيٽ هائوس لکڻ- اهو 1927ع ۾ ڇپيو- هن لاءِ تمام وڏي شخصي معنيٰ پيو رکي. هن انهي بابت ڪيترا ورهيہ پوءِ ڇپيو هو: "آءٌ پنهنجي ماءُ پيءُ بابت روزانو سوچيندي هئس پر ٽو دي لائيٽ هائوس لکڻ سان اهي منهنجي دماغ ۾ محفوظ ٿي ويا. مون کي انهن ٻنهي بابت خبط ٿي ويو هو. اهو غير صحتمنداڻو عمل هو ۽ انهن بابت لکڻ هڪ ضروري ڪم ٿي پيو هو".

هن جڏهن اهو شروع ڪيو تڏهن سندس عمر 43 ورهيہ هئي. سندس ماءُ 30 ورهيہ اڳ ۽ پيءُ 20 ورهيہ اڳ فوت ٿي ويا هئا. انهي جي متن تي اڳوات ڪم ڪندي هن لکيو هو: "اهو ڪافي مختصر ٿيندو انهي ۾ بابا جو مڪمل ڪردار هوندو ۽ امان جو سينٽ آئيوس، ننڍپڻ ۽ زندگي، موت جهڙيون دستوري ڳالهيون بہ آءٌ انهي ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪنديس". هو جڏهن ننڍي هوندي هئي تہ ٻئي سموري ڪٽنب سان گڏ پنهنجي سينٽ آئيوس واري اونهاري واري گهر ۾ ويندا هئا. اتي گذاريل وقت سندس ذهن ۾ محفوظ ٿي ويو هو. سندس موت کان پوءِ سندس ڊائري ڇپي تہ انهي تي سندس مڙس پنهنجي نوٽ ۾ لکيو آهي تہ: "اهي اونهاري جا ڏينهن بي مثال خوشي جا هوندا هئا ۽ ٽو دي لائيٽ هائوس انهي خوشي سان تمتار آهي".
هو سيٽنگ سينٽ آئيوس کان تبديل ڪري Isle of Skye ڪٽي وئي ۽ پنهنجي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماءُ پيءُ جي جاءِ تي مسٽر ۽ مسز رامسي جا نالا ڏنائين. اهي مرڪزي ڪردار آهن. هن اهوئي چاهيو ٿي ۽ گهر جا پيا ماڻهو انهن جا اٺ ٻار ۽ ڇهه مهمان اپگرهن وانگر انهن جي چوگرد ڦرن ٿا.

ڪتاب شروع ٿيڻ وقت سيپٽمبر مهيني جي هڪ روشن شام آهي. مسز رامسي ٽيريس تي هڪ دريءَ جي پرسان ويٺي ڪو جوراب اُڻي رهي آهي. سندس پرسان سڀ کان ننڍو پٽ ڇهن ورهين جو جيمس ويٺو آهي. هو آرمي اينڊ نيوي اسٽورز ڪيٽلاگ مان تصويرون ڪٽي رهيو آهي هن ٿوري دير اڳ کيس ٻڌايو آهي ته سڀاڻي جيڪڏهن ڏينهن سٺو هوندو ته اهي ٻيڙي جي سفر تي ويندا ۽ خليج پار ڪري لائيٽ هائوس تائين ويندا ۽ سندس لفظن تمام گهڻي خوشي پهچائي. ائين پئي لڳو ته ڄڻ اها ڳالهه طي ٿي وئي هئي ته سير تي ضرور هلبوءِ هو جنهن خوشي جي انتظار ۾ هو- لڳو ائين ٿي ته انتظار ۾ ڪي ورهيه گذري ويا آهن- اها جيتوڻيڪ رات کان پوءِ صبح ٿيڻ تي ٻيڙي ۾ هڪ ڏينهن جيتري سفر جي برابر ته هئي پر اکين آڏو ڏسڻ ۾ پئي آئي. انهي هڪڙي جملي ۾- اهو ڪتاب ۾ ٽيون جملو آهي- ڪم جو سمورو دائرو بيان ڪيو ويو آهي: ڏينهن جو باقي حصو هڪ رات ۽ پئي ڏينهن جو حصو.

پر مسز رامسي جيڪو ڪجهه چوي ٿي اهو سندس مڙس ٻڌي ٿو وٺي. هو هڪ مهمان چارلس ٽينسلي سان گڏ ٽيريس تي واڪ ڪري رهيو هو. هو سندس ڳالهه ۾ درستگي ڪندي چوي ٿو ته: امڪان اهو آهي ته سڀاڻي ڏينهن سٺو نه ٿيندو ڇاڪاڻ ته هوا غلط رخ کان پئي هلي. هو وري ڇهل قلمي شروع ٿو ڪري. هو انهي ڳالهه کان بلڪل واقف نه آهي ته سندس ننڍڙي پٽ سندس تباهه ڪن منطق تي ڪيترو نه شديد نفرت وارو ردعمل ڏيکاريو آهي. پر مسز رامسي انهي کان واقف آهي. ”ڇڪتاڻ ويچار راءِ جو اختلاف، تعصبي سوچون سڀ وجود جي ريشن ۾ وڪوڙجي ويا آهن. جيڪر اهي جلدي شروعات ڪن“. هوءَ پنهنجي منهن ڳالهائي ٿي.

جيئن ڪنهن فلم ۾ ڪيميرا جلدي جلدي ۾ هڪ منظر تان پئي منظر تي ايندي ويندي آهي تيئن ورجينيا وولف به پنهنجي تحرير ۾ بغير ڪنهن تمهيد جي هڪ ڪردار کان پئي ڪردار ڏانهن اچي ويندي آهي. پيرسن شاعر آگسٽس

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪارميڪائيل لان ۾ ڊيڪ چيئر تي ويٺو اس وٺي رهيو آهي. سندس شهپر سفيد ۽ ڏاڙهي ۾ زردي رنگ جون ڌاريون آهن. هن کان ڪجهه پريرو ٽيٽيهن ورهين جي مس للي برسڪو پنهنجي ايزل ۽ ڪينواس جي سامهون بيٺي آهي. اها گهر ۽ ٽيريس تي مسز رامسي ۽ جيمس جي تصوير ناهڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي- انهي وقت اوچتو کيس محسوس ٿئي ٿو ته کيس انهي جاءِ ۽ انهي ۾ موجود سيني ماڻهن سان محبت ٿي وئي آهي. وليم بينڪس- هورنڙ آهي ۽ عمر ۾ جيڪر سندس پيءُ لڳي- سندس ويجهو اچي ٿو ۽ سندس تصوير کي ڌسڻ بيهي رهي ٿو. اهي گڏجي واڪ تي وڃڻ جو فيصلو ڪن ٿا. هو رامسي جي هڪ پار سٺن ورهين جي ڪيم (Cam) وٽان لنگهن ٿا جيڪو گل پٽي رهيو هو (اها شايد ورجينيا وولف جي سندس پنهنجي نئين سر تخليق هئي). وليم بينڪس ٻارن بابت سوچي ٿو. هن لاءِ اهو ياد رکڻ ڏکيو آهي ته انهن مان ڪنهن جو نالو ڪهڙو آهي يا انهن مان ڪير ڪنهن جي مثان آهي. هو انهن کي پنهنجي منهن انگلينڊ جي بادشاهن ۽ راڻين جي نالن پٺيان Andrew the ,Cam the Wicked, James the Ruthless just ۽ Prue the Fair جي نالن سان سڏيندو آهي.

جڏهن هو ۽ للي برسڪو پرسان لنگهن ٿا ته مسز رامسي سوچي ٿي ته اهي شايد ڪنهن ڏينهن شادي ڪندا ۽ هوءَ انهي کي "هڪ ساراهه جوڳو خيال" سمجهي ٿي. "مسٽر رامسي ٽيريس تي واڪ ڪندي هن سان هڪ دفعو ٻيهر انهي ڳالهه تي مختصر بحث ڪري ٿو ته سياڻي ڏينهن سٺو ٿيندو يا نه ۽ وري واڪ ڪرڻ لڳي ٿو. انهي دوران هن جو ذهن ڏاڍي آرام سان دي ٽائيمز ۾ آيل هڪ ليک ۾ انهي فرضي صورتحال بابت سوچڻ لڳي ٿو... جيڪڏهن شيڪسپيئر جو وجود نه هجي ها ته ڇا دنيا انهي کان گهٽي مختلف هجي ها جهڙي اڄ آهي؟ ڇا تهذيب ۾ واڌاري جو دارومدار عظيم ماڻهن تي آهي؟ ڇا عام ماڻهو جي حالت انهي کان بهتر آهي جهڙي فرعون جي دور ۾ هئي؟ وري هن پاڻ کان پڇيو ته ڇا عام ماڻهو جي حالت ئي اها ڪسوٽي آهي جنهن تي اسين تهذيب جي معيار جي پرک ڪريون...."

للي برسڪو گهٽي مان لنگهندي وليم بينڪس کي پنهنجو پينٽنگ جو Impressionistic اسٽائيل سمجهائڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. مسز رامسي جيمس کي هڪ آڪاٽين جو ڪتاب ڏيکاريندي ٻن نوجوان مهمانن پال ريلي ۽ منٽا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊوئيل بابت سوچي رهي آهي جيڪي پڻ ٻاهر واڪ ڪري رهيا آهن. هوءَ سوچي ٿي ته ڇا پال ڪيس شادي جو ته نه چئي رهيو آهي. آهستي آهستي اونده ٿيندي وڃي ٿي ۽ ٽيپهري شام ۾ بدلجي وڃي ٿي ۽ اوچتو خليج جي پرئين پر لائيٽ هائوس جي بتي چمڪڻ لڳي ٿي. ملڊريڊ بورچي ٽيريس تي اچي ٿو ۽ جيمس کي بسترې ڏانهن وٺي وڃي ٿو. اهي وڃن ٿا ته مسز رامسي ڏسي ٿي ته هو سڀاڻي لائيٽ هائوس نه وڃي سگهڻ تي ڏاڍو مايوس آهي. هو سوچي ٿي ته هو شايد سموري زندگي اها ڳالهه ياد رکندو.

جڏهن سندس مڙس وري هن جي پرسان لنگهي ٿو ته هوءَ اٿي بيهي ٿي ۽ سندس ٻانهه ۾ هٿ وجهي ٿي. اهي گڏجي باغ جو چڪر ڏين ٿا ۽ انهي دوران پنهنجن ٻارن بابت ڳالهائين ٿا. پوءِ هو پنهنجن ٻن ٻارن پرو ۽ جيسپر کي ڏسڻ بيهي رهن ٿا جيڪي بال سان راند ڪيڏي رهيا آهن. اهي جڏهن موٽن ٿا ته للي برسڪو ۽ وليم بينڪس انهن کي ڏسن ٿا. للي سوچي ٿي، ”اها شادي آهي، هڪ مرد ۽ هڪ عورت هڪ ڇوڪري ڏانهن ڏسي رهيا آهن جيڪا بال اڇلائي رهي آهي.“

اتان وقت آهستگي سان پنتي موٽي ٽيپهري ڏانهن اچي وڃي ٿو. پال ريلي ۽ مِنتا ڊوئيل ٻن ٻين ٻارن اينڊريو ۽ نينسي سان گڏ سمنڊ ڪناري تي آهن. اهي منتا ۽ پال کي هڪ ٻهڻ جي پنيان هڪ ٻئي کي مِنيون ڏيندي ڏسن ٿا ته ڇرڪجي وڃن ٿا. منتا جو بروچ ڪري پوي ٿو. اينڊريو سبب ڳولها ڪرڻ ناممڪن تي پوي ٿي. پال هن سان واعدو ڪري ٿو ته هو سڀاڻي صبح جو اتي ايندو ۽ انهي جي ڳولها ڪندو. شام پڇاڻي تي پهچي ٿي ۽ اهي واپس گهر ڏانهن موٽن ٿا. ”اهي جڏهن ٽڪري تي پهتا ۽ هيٺان شهر جون روشنيون نظر آيون ته هڪ ٻئي پنيان اوچتو نظر ايندڙ روشنيون ڪيس ائين نظر آيون ڄڻ ته اهي هن جي زندگي ۾ ٿيندڙ ڪي واقعا هجن. سندس شادي، سندس ٻار، سندس گهر...“

پوءِ ڪتاب جو مکيه سين اچي ٿو. گهر ۾ رات جي کاڌي جي وسيع ميز ڏيکاريل آهي. انهي جي چوڌاري پندرهن ماڻهو ماني لاءِ گڏ ٿيا ويٺا آهن. ملڊريڊ پنهنجي خاص ڊش Bocufcn Daubc پيش ڪري ٿي. اهو لذيذ ڳاڙهن ۽ زردي رنگ جي گوشتن جو مرڪب آهي. انهي ۾ خوشبودار پن ۽ وائين به شامل آهي. ميز تي ميڻ بتين جي روشني آهي. مک ڪرسي تي مسٽر رامسي ويٺو آهي. هو خوشي

سان پنهنجي ڪتنب ۾ مهمانن کي ڏسي رهيو آهي. للي برسڪو پنهنجي پينٽنگ ۾ ڪمپوزيشن جي هڪ مسئلي بابت پريشان آهي پر انهي کي حل ڪري وٺي ٿي ۽ ميز پوش تي لوڻ داني کي ڦيري سيري اها ڳالهه پنهنجي ذهن ۾ ويهاري ٿي ته هو وڻ کي ڪيئن نئين جاءِ تي رکڻ چاهي ٿي. چارلس ٽينسلي پاسيرو ۾ چڙيو وينو آهي ۽ ڳالهائي ٻولهائي به گهٽ ٿو. هڪ ٻئي جي محبت ۾ گرفتار پال ريلي ۽ منٽا ڊوئيل خوشي سان ڳالهيون ڪري رهيا آهن. مسز رامسي انهن کي ڏسي ٿي ۽ پوءِ ٽيبل جي آخر ۾ ويٺل پنهنجي سڀ کان وڏي ڌيءُ پرو (Pruc) ڏانهن ڏسي ٿي ۽ اميد ڪري ٿي ته هوءَ هڪ ڏينهن انهي کان به وڌيڪ خوش هوندي جيتري هاڻي منٽا آهي.

ماني ختم ٿيڻ کان پوءِ مسز رامسي ڪمري مان نڪري وڃي ٿي. پر رستي ۾ هوءَ ڪنڌ ورائي منظر تي نظر وجهي ٿي. ”هن پاران ڏسڻ وقت ئي اهو غائب ٿيندو پئي ويو ۽ پوءِ جيئن هوءَ ڦري ته اهو تبديل ٿي ويو. انهي پاڻ کي مختلف شڪل ۾ آڻي ڇڏيو هن کي خبر هئي ته هن جيئن ڪنڌ ورائي پنتي نهاريو هو ته اهو اڳيئي ماضي ٿي ويو هو. هوءَ سڀ کان نئين پارن جيمس ۽ ڪِمر کي ڏسڻ مٿي وڃڻ لڳي ٿي جيڪي سمهيا پيا آهن. هوءَ مٿي ويندي، سندس پنيان ڊائننگ روم وارن ماڻهن انهن سيني ۾ موجود احساسن جي هڪ جهڙائي، اهي ايندڙ ورهين ۾ هڪ ٻئي کي، هن گهر کي ۽ ڪيس ڪيئن ياد رکندا جهڙين ڳالهين بابت سوچيندي وڃي ٿي.

هوءَ ٻارن کي شب بخير چوڻ کان پوءِ وري هيٺين منزل تي موٽي اچي ٿي. پال، منٽا، سڀئي ٻار ۽ ٻيا مهمان چنڊ جي روشني ۾ ويرون ڏسڻ سمنڊ ڪناري وڃي رهيا آهن. مسز رامسي ڊرائنگ روم ۾ وڃي ٿي جتي سندس مڙس ويٺو آهي. اهي هڪٻئي جي سامهون ويهي پڙهڻ لڳن ٿا ۽ وقت بوقت هڪ ٻئي ڏانهن ڏسي مسڪرائين ٿا. اهي هڪ ٻئي جي چاهه ۾ پاڻ کي محفوظ سمجهي رهيا آهن.

جلدئي ٻار ۽ مهمان موٽي اچن ٿا ۽ سڀ ڪو بستري ۾ هليو وڃي ٿو. گهر ۾ سانت لڳي پئي آهي. هر طرف اوندهه آهي سواءِ انهي ڪمري ۾ جتي آگسٽس ڪار ميڪائيل بستري ۾ جاڳيو ويٺو آهي. هو ميڻ بتي جي روشني ۾ ورجل پڙهي رهيو آهي. هو اڌ رات کان پوءِ اها وسائي ڇڏي ٿو. هر طرف ماٺ آهي. رات گذرڻ شروع ٿئي ٿي...

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر فقط اها ٿي رات نہ پر ڪيترين ٿي راتيون گذرن ٿيون. نہ فقط چند ڪلاڪ پر ڏاڍي تصوراتي ذهن سان لکيل ڪنهن تحرير ۾ ذهن ورهين جو عرصو بہ گذري وڃي ٿو. "آخر هڪ رات ڇا آهي؟ هڪ ننڍڙو عرصو. بهرحال رات ڪان پوءِ رات اچي ٿي. سيارو انهن جي هڪ دستي (Pack) ڪي سنڀالي رکي ٿو ۽ انهن کي برابر نموني ۾ اجيت آڳرين سان ورهائي ٿو. اهي ڏکيون ٿين ٿيون، اهي اونداهيون ٿين ٿيون... هاڻي راتيون هوا ۽ تباهي سان ڀريل آهن..." پوءِ هڪ اوچتي جملي ۾ هڪ ڏک سان هڪ مرڪزي ڪردار هٽايو وڃي ٿو بلڪل ائين جيئن زندگي ۾ گهڻو ڪري موت ڪنهن کي هٽائي ڇڏيندو آهي... "مسٽر رامسي هڪ اونداهين صبح جو هڪ رستي تي ٿاٻڙجي پنهنجون ٻانهون کوليون پر مسز رامسي هڪ رات اڳ ڪجھ اوچتو فوت ٿي وئي هئي، هن پنهنجيون ٻانهون وڌايون. اهي خالي رهجي ويون".

۽ پرو جنهن جي لاءِ سندس ماءُ خوشي جي تمنا ڪئي هئي انهي شادي ڪئي آهي ۽ جلدئي پوءِ ويم سان لاڳاپيل ڪنهن بيماري ۾ گذاري وئي. اينڊريو رامسي 18 _ 1914ع واري عظيم جنگ ۾ خندقن ۾ مارجي ويو. سال گذرڻ سان گهر ۾ مانٽ ٿيندي وڃي ٿي ۽ ڪير بہ انهي جي سار سنڀال نہ ٿو لهي. اتي فقط پوڙهي مسز ميڪ نيب ڪڏهن ڪڏهن نظرداري ۽ انهي جي ماضي کي ياد رکڻ اچي ٿي. "ڪئبنن ۾ ڪپڙا رکيا هئا. اهي سيني بيڊرومن ۾ ڪپڙا ڇڏي ويا هئا. هوءَ انهن کي ڇا ڪري؟ انهن ۾ تڏون پئجي ويون هيون. مسز رامسي جون شيون. ويچاري مائي! هن کي وري ڪڏهن انهن جي ضرورت نہ پوندي. ماڻهو چون ٿا هوءَ ڪيترا ورهيہ اڳ لنڊن ۾ فوت ٿي وئي. هوءَ ڪيس هڪ ڀار جي ذريعي ڏسي سگهي ٿي.

گهر گهمجي ڳري ڪرڻ شروع ڪري ٿو. ڇت ۾ سوراخ ظاهر ٿين ٿا. باغ ڪنڊر ٿي وڃي ٿو ۽ اتي گندگاهہ ڦٽي وڃي ٿو. پوءِ هڪ ڏينهن هڪ نياپو اچي ٿو. "مهرباني ڪري مسز ميڪ نيب گهر کي رهڻ لاءِ تيار ڪري" رامسي ڪٽنب ۽ انهن جا دوست اونهارو گذارڻ لاءِ اوڏانهن اچي رهيا هئا. رازا پتين جي مرمت ڪري رهيا آهن. مسز ميڪ نيب ۽ سندس سهيلي مسز بيسٽ ڀاري پوچو ڪري رهيون آهن. مسز بيسٽ جو پٽ جارج ڏاتو ڪٽي اچي گاهہ لٽي ٿو... ڪٽنب ۽ زندگي موٽي اچي ٿي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مسز رامسي، بار ۾ للي برسڪو پهچي وڃن ٿا ۽ مسٽر ڪار ميڪائيل به اچي ويو آهي. هوا جا وڏيڪ پوڙهو ٿي ويو آهي. هو وري پنهنجي ڊيڪ چيئر ۾ ويٺو ننڊ جا جهوٽا کائيندو نظر اچي ٿو. "هو پنهنجو ڪتاب بند ڪندي، ننڊ جي آغوش ۾ ويندي سوچي ٿو سڀ ڪجھ ائين ئي لڳي ٿو جيئن ڪيترا ورهيه اڳ لڳندو هو".

ٻئي ڏينهن صبح جو للي برسڪو نيرن لاءِ هيٺئين منزل تي اچي ٿي ته پاڻ کي ڊائننگ روم ۾ اڪيلي ڏسي ٿي. "هن جا ٿي محسوس ڪيو. ايترن ورهين کان پوءِ آئي ۽ مسز رامسي فوت ٿي وئي آهي؟ هوءَ ڪجھ به چئي نه ٿي سگھي". اوچتو کيس ياد اچي ٿو ته هو ڏهه ورهيه اڳ ڪيئن ٽيبل تي ويٺي هئي ۽ هڪ تصوير ۾ ڪمپوزيشن جي مسئلي کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي ۽ ميز پوش تي لوڻ داڻي کي هيڏانهن هوڏانهن ڦيرايو هٺائين جيئن کيس ياد پوي ته وڻ جي جاءِ بدلائي ڪٿي رکي. هوءَ اها تصوير ڪڏهن به مڪمل نه ڪري سگھي. پر هاڻي اها مڪمل ڪندي. هوءَ نيرن کان پوءِ لان ۾ وڃي ٿي ۽ پنهنجي ايزل ۽ ڪينواس سيٽ ڪري ٿي.

سورهن ورهين جو جيمس ۽ سترهن ورهين جو ڪيم پنهنجي پيءُ سان گڏ ٻيڙي تي خليج جي ٻئين پر لائيٽ هائوس وڃي رهيا آهن. انهن پاران نڪرڻ کان اڳ مسٽر رامسي للي سان ڪجھ ڳالهائڻ اچي ٿو. هو سوچي ٿو ته ڪيئن سنڊس زال هڪ دفعو اها تمنا ڪئي هئي ته جيڪر هن جي وليم بينڪس سان شادي ٿئي. پر انهي مان ڪجھ نه وريو. مسٽر رامسي جڏهن هن سان لائيٽ هائوس وڃڻ بابت ڳالهائڻ شروع ڪري ٿو ته للي ڪاوڙجي ۽ پريشان ٿي پوي ٿي جا ڪاڻ ته کيس خبر آهي ته مسٽر رامسي جو اصل مقصد اهو آهي ته هو پنهنجي ڏک تي هن جي همدردي حاصل ڪري. هن کي سمجھه ۾ نه ٿو اچي ته ڇا چوي پر اوچتو سنڊس پيرن ۾ ڏسي ٿي ۽ رڙ ڪري ٿي: "ڪهڙا نه سهڻا بوٽ آهن! ۽ فوراً کيس "پاڻ تي شرم اچڻ لڳو ته هن چاهيو هو ته هوءَ سنڊس روح کي آٿت ڏئي ۽ هوءَ سنڊس بوٽن جي تعريف ڪري رهي هئي".

پر لڳي ٿو ته مسٽر رامسي دل ۾ نه ٿو ڪري هو مرڪي ٿو ۽ کيس ڏيکاري ٿو ته هو ڪيئن ڪهيون چڪي ٻڌي ٿو جيئن اِهي کُلي نه وڃن. "اهڙي مشغولي ۾ هوندي هو کيس لامحدود درد جي تصوير لڳو. هن ڳنڍيون ٻڌيون. هن بوٽ خريد

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رکن ٿا“. سنڊس بيءُ سنڊس ساراهہ ڪئي هئي. توکي هاڻي اها ملي وئي. ڪيم سوچيو...“

لان تي للي بري ڪان ڏسي ٿي تہ اهي لائيٽ هائوس پهچي ويا آهن. هن هڪ اوچتي شدت سان ڇڻ تہ اها ڪيس هڪ سيڪنڊ لاءِ صاف نظر اچي وئي هئي هن اتي وچ ۾ هڪ ليڪ ڪڍي اها مڪمل ٿي وئي هئي. هائو! هن تمام ساٿائي ۾ برش هيٺ رکندي سوچيو. مون کي پنهنجي رويا نظر اچي وئي آهي.

”ورجينيا وولف جڏهن اهو لکي پورو ڪيو تہ پنهنجي ڊائري ۾ لکيائين: منهنجو هن وقت رايو اهو آهي تہ اهو منهنجو بهترين ڪتاب آهي. انهي مان اهو مطلب نڪري سگهي ٿو تہ مون پنهنجي طريقي (Method) کي مڪمل ڪري ڇڏيو آهي.“

هن پاران انهي بابت سٺي راءِ ۽ سنڊس اطمينان ٻئي بلڪل برحق هئا. اهو ڪتاب ڇپجڻ تي هڪ تبصري نگار لکيو: سنڊس ذهانت موجوده دور جي ٻئي ڪنهن بہ ناول نگار کان هڪ ئي وقت وڌيڪ مشڪل بہ آهي ۽ وڌيڪ اصلي بہ آهي. ”وقت گذرڻ سان سمجهڻ جي ڏکيائي ختم ٿي وئي آهي. اصليت ۽ ذهانت باقي آهن“.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 85. دي سائونڊ ائنڊ دي فيوري

## --- وليم فاڪنر ---

وليم فاڪنر کي ايٽلانٽڪ سمنڊ جي ٻنهي پاسن تي ويهين صدي جو هڪ عظيم ناول نگار سمجهيو ويندو هو. پر هن ننڍي عمر ۾ اسڪول مان گُسائڻ کان سواءِ ٻي ڪا صلاحيت نہ ڏيکاري. آمريڪي رياست مسي سپي جي شهر آڪسفورڊ ۾ سندس پيءُ مسواڙ تي گهوڙا ڏيڻ جو طبيلو هلائيندو هو. هن کي ڏسي سندس ماءُ پيءُ ۽ استادن کي ڏاڍي مايوسي ٿيندي هئي جو هو پنهنجو گهڻو وقت پنهنجي پيءُ جي نيگرو نوڪرن جي پٽن سان شڪار ڪرڻ ۽ مڇي مارڻ ۾ گذاريندو هو. بهرحال هو اوائل نوجوانيءَ ۾ وڏو پاڙهو ٿي پيو ۽ شهر جي ڪتاب گهر تي بہ لامارا پيو ڏيندو هو.

نوجوان فاڪنر جي اندر ۾ لکڻ جي شديد تانگهہ هوندي هئي. پر هن کي جيئن تہ پنهنجن خيالن کي لفظن جو روپ ڏيڻ نہ ايندو هو تنهن ڪري هو بيشمار سادن ڪاغذن تي وينو منجهيل بي مطلب جملا لکندو هو. هن مايوس ٿي پنهنجن ماءُ پيءُ کي انهي ڳالهہ تي قائل ڪري ورتو تہ هو کيس انگريزي ادب ۾ ڪو ڪورس ڪرڻ لاءِ آڪسفورڊ جي مسي سپي اسٽيٽ يونيورسٽي موڪلين ۽ سندس زندگي جو تمام خوشگوار وقت اتان جي لائبريري ۾ گذريو. هو شام جو لڏندو لمندو گهر ايندو هو تہ سندس ذهن ۾ ان ڏينهن پڙهيل ڳالهين جا ٽڪرا پيا ڦرندا هئا. پوءِ هو ميڻ بتي جي روشني ۾ هڪ نوٽبڪ تي شاعري جون ڪچيون ڦڪيون ڪوششون پيو رهڙيندو هو. سندس شعر ناقابل اعتبار حد تائين ڪچا هوندا هئا ۽ سن 1914ع ۾ اوچتو جنگ لڳي وڃڻ سان جيڪڏهن سندس زندگي جو رخ مڪمل طور تبديل نہ ٿي وڃي ها تہ هو ورهين جا ورهيہ اخبارن ۽ رسالن جي ايڊيٽرن تي انهن شعرن جا مينهن وسائيندو رهي ها.

وليم فاڪنر جي نظر ۾ پري يورپ ۾ لڳندڙ جنگ آزادي لاءِ هڪ اهڙو جهاد هئي جنهن ۾ کيس ضرور شريڪ ٿيڻو هو. تنهن ڪري هو ڪنهن طريقي سان اتر

طرف ويو هليو ۽ ڪينادين ايئر فورس ۾ ڀرتي ٿي ويو. پوءِ هو ليفٽيننٽ جي ربنڪ سان رائيل ائير فورس ۾ بدلي ٿي ويو.

خوابن جي دنيا ۾ رهندڙ ۽ پنهنجيون ڳالهيون پاڻ سان اوربندڙ نوجوان کي جنگ مسبي سچي مان ڪٽي ٿوس حقيقت واري عجيب دنيا ۾ آڻي ڇڏيو ۽ جيئن سندس جسم نظم ضبط تي هرندو ويو تہ سندس ذهن آهستي آهستي معلومات جي انهي ڍير کي هضم ڪندو ويو جيڪو هن اڳي فقط اُگري ڇڏيو هو. فوج مان واپس اچڻ تي آڪسفورڊ جي ننڍي شهر واري زندگي جي معمولي پابندين کيس بيزار ڪري ڇڏيو ۽ هو نيو آرليئنس ويو هليو. اتي هو گهٽ مسواڙ وارين جاين ۾ رهندو هو ۽ پنهنجو جنگ بابت ناول Soldier's Pay لکيائين. سندس ناول نگار دوست شير وڊ اينڊرسن مهرباني ڪندي مسودو هڪ پبلشر ڏانهن موڪلي ڇڏيو. گڏوگڏ مسودي جي سفارش بہ ڪيائين. فاڪنر کي ڏاڍي خوشي ۽ حيرت ٿي جو ڪتاب قبول پئجي ويو. جلدئي کيس انهي جي معاوضي مان معمولي بياني جي رقم ملي وئي ۽ هو يورپ ويندڙ هڪ مال بردار سامونڊي جهاز تي چڙهي پيو ۽ هڪ بهترين سال انهي ڪنڊ تي رولاڪيون ڪندي گذاريائين.

هو 1926ع جي شروعات ۾ هتين خالي واپس موٽيو. هتي کيس شديد نااميدي کي منهن ڏيڻو پيو. سولجرس پي جون نقادن جيتوڻيڪ وڏيون تعريفون ڪيون ۽ برطانوي توڙي آمريڪي اخبارن ۾ انهي تي سٺا تبصرا بہ ڇپيا تہ بہ انهي مان کيس آمدني بلڪل ٿوري ٿي. سندس دماغ ۾ هڪ ٻئي ۽ اجاء وڏي ناول لاءِ خيال ڦيريا پيا هئا تنهن ڪري کيس اهو بس لکڻو هو. هن دفعي هو آڪسفورڊ کي نہ ڇڏي سگهيو ڇاڪاڻ تہ ڪتاب سندس پاڙن بابت هو جيڪي اتي ئي هيون. تنهن ڪري هن اينڊڙين ورهين تائين فارم مزدور، شڪاري، واڍي ۽ مڇيون ماريندڙ طور ڪم ڪيو ۽ شام جو The Sound and the Fury لکندو هو. اهو هڪ تمام وڏو ڪشالو هو. ڪڏهن ڪڏهن تہ لفظ وهندا ويندا هئا ۽ هو سموري رات تڙ تڪڙ ۾ لکندو ويندو هو. پر اڪثر حالتن ۾ لفظ ڏاڍي آهستگي سان ۽ تڪليف سان ايندا هئا ۽ هو هڪ ننڍي پيراگراف تي ڪلاڪ لڳائي ڇڏيندو هو. هن جيئن تيئن ڪري ڪتاب پورو ڪيو. هن اها خاطري رکندي تہ انهي ڪتاب ۾ سندس بهترين صلاحيتون شامل آهن اهو پنهنجي پبلشر ڏانهن موڪلي ڇڏيو. هن کي انهي وقت

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شديد مايوسي ٿي جڏهن پبلشر اهو چئي مسودو واپس موڪلي ڇڏيو ته اهو پنهنجي موجوده شڪل ۾ اشاعت جي قابل نه آهي. هائو اهو جيڪڏهن بلڪل نئين سر لکيو وڃي ته هو انهي تي غور ڪري سگهي ٿو.

فاڪنر وڏي ڪاوڙ ۾ مسودو ڦاڙي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ تي هو پوءِ هن ڏند ڪرتيا، رات جي چوڪيدار طور نوڪري ورتائين ۽ سمورو ناول ٻيهر لکيائين. انهي دوران هن وٽ ميز به نه هوندي هئي هو هڪ ريڙهي کي اونڌو ڪري ميز طور ڪم آڻيندو هو ۽ انهي جي سامهون گوڏا کوڙي ويهي لکندو هو. هن کي اڻين ڪرڻو ئي هو چاڪاڻ ته انهي ۾ انهي ڌرتي جي مسئلن بابت سندس گهرا احساس موجود هئا. جنهن کي هن چڱي طرح سجاتو ٿي. پبلشر نئون نمونو قبول ڪيو ۽ 1939ع ۾ The Sound and the Fury ڇپجڻ سان فاڪنر بابت "دي اسپيڪٽيٽر" جي لکيل ڳالهه صحيح ثابت ٿي وئي ته: "انهن چند زنده ليکڪن مان هڪ هو جن تي خاطري سان ڏاهپ جو الزام هڻي سگهجي ٿو".

ناول شديد تڪرار به پيدا ڪيو ۽ لڳ ڀڳ پنجٽيهن ورهين جي عرصي کان پوءِ انهي کي ٻيهر پڙهڻ سان اها ڳالهه سمجهه ۾ اچي ٿي ته اهو تڪرار ڇو پيدا ٿيو هوندو. دي سائونڊ اينڊ دي فيوري هڪ وڏي ڇڪتاڻ واري ڪهاڻي آهي جنهن ۾ آمريڪا جي Deep South جي سموري ترٽجدي سمايل آهي ۽ اهو هڪ اهڙي اسلوب ۾ لکيل آهي جيڪو پنهنجي دور کان گهڻو اڳتي هو. ناول جو بنيادي موضوع ڪامپسن خاندان جو خوفناڪ نموني ڇڙوڇڙ ٿي وڃڻ آهي. اهو مسي سپي جو هڪ سنو پراڻو ڪٽنب هو جنهن ۾ پاڻ ۾ شاديون ڪرڻ ۽ تن آساني سبب اهڙي سٺي رت نه رهي هئي. اندروني موضوع وري انهن جي نيگرو نوڪرن جي هڪ ٽولي سان واسطو رکي ٿو ۽ دي پل آف سول رائيٽس ۽ انهي جي خلاف ٿيندڙ مظاهرن کي مد نظر رکندي موجوده دور جي پڙهندڙن لاءِ شايد اهو موضوع ئي وڌيڪ اهم آهي.

جيسن ڪامپسن ۽ سندس زال ڪيرولين اها ڳالهه تسليم ئي نه ٿا ڪن ته ڪو دور بدلجي ويو آهي. اهي پنهنجي وڏي پراڻي پڳل پريل گهر ۾ رهن ٿا. جنهن ۾ باغ گند گاهه سان ڀرجي ويو آهي. طنبيلي ۾ فقط ٻي پوڙها گهوڙا بيٺا آهن ۽ هڪ پڳل هلڪي چار ڦيٿي گاڏي اٿن. انهن کي چار ٻار آهن: هوشيار ۽ سهڻو ڪئنٽين

(Quentin)، زنده دل ڪيڊي، رڪو جيسن ۽ موڳو بينجي. سندس ماءُ انهي جي جمڻ کان پوءِ ڪنهن نيم معذور جو روپ اختيار ڪري وڃي ٿي ۽ سدائين خدا جي ناانصافي تي پٽڪو ڪندي رهي ٿي تہ هن اهڙي پٽ کي ڇو جنم ڏنو. پيءُ پاڻ کي لائبريري ۾ بند ڪري ڇڏيو آهي. هو اتي شراب پيئندو رهي ٿو. هو فقط ڪڏهن ڪڏهن اتان نڪري نوڪرن ۾ وڃي ٽن ٻارن تي ڪاوڙ ڪندي ٿو. ٻار ميمي ڊلسي جي نگهباني هيٺ وڏي وڏا ٿيا آهن جيڪا بورچياڻي بہ آهي تہ هائوس ڪيپر بہ آهي، انهي جي سار سنڀال ۾ پوڙهي گاڏي هلائيندڙ روسڪس (Roskus) بہ حصو ورتو آهي.

ڪيڊي جيڪا سونهن جا آثار ڏيکارڻ لڳي آهي اها ڪئينٽن تي حاوي ٿي وڃي ٿي ۽ اهي گڏجي هر قسم جون شرارتون ڪن ٿا. جن ۾ پرورش ۾ لسٽر نيگرو ڇوڪرا وڏي خوشي سان حصو وٺن ٿا. نوجوان جيسن (Jason) اداس ۽ ڪاوڙباز آهي ۽ الڳ ٿلڳ رهي ٿو. ڪيس دلي طور انهن ٻنهي کان ڏاڍو ساڙ ٿئي ٿو ۽ هو انهي جي بدلي ۾ بينجي کي تنگ ڪري ٿو. انهي تي ڪيڊي کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي ٿي ڇاڪاڻ تہ سندس هڪ تمام بهترين خصوصيت اها ممتا وارو پيار آهي جيڪو هوءَ موڳي ڇوڪري تي نڇاور ڪري ٿي. هو ڳالهائڻ بجاءِ جيڪي عجيب رڙيون ۽ گرڙاٽ ڪري ٿو اهي بہ فقط هوءَ ئي سمجهي ٿي ۽ هو بہ هن کي چاهي ٿو. ڇاڪاڻ تہ سمجهي ٿو تہ هوءَ ئي سندس سار سنڀال لهندي ۽ سندس حفاظت ڪندي.

بينجي بلوغت جي عمر کي پهتو تہ تباهي منهن ڪڍيو. ڇو تہ هو هڪ اسڪولي ڇوڪريءَ جي پٺيان لڳو ۽ هن سان ڏاڍائي ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين. شهر ۾ ڪاوڙ پيرجي وئي ۽ سندس ماءُ پيءُ بہ ڇرڪجي پنهنجي بي تعلقي واري ڪيفيت مان نڪري آيا. ڇاڪاڻ تہ ڪين ڊپ ورائي ويو تہ ڇوڪري کي پاڳل خاني نہ موڪليو وڃي پوءِ هنن ڇوڪري کي خصي ڪرائي ڇڏيو. بينجي جي دکدائڪ حالت ڪيڊي ۽ ڪئينٽين کي هڪ ٻئي جي وڌيڪ ويجهو آڻي ڇڏيو. پر اهي حد کان وڌيڪ ويجها ٿي ويا. ڇاڪاڻ تہ ڪيڊي رنگين مزاج آهي ۽ ڪئينٽين سندس هر ڳالهہ مڃي ٿو. اهي ڪيترن مهينن تائين لڪ ڇپ ۾ قرب وندريندا رهيا. پوءِ انهن جي ماءُ پيءُ اها ڳالهہ مشهور ڪري ڇڏي تہ انهن ڪئينٽين کي هارورڊ يونيورسٽي ۾ داخل ڪرائي ڇڏيو آهي. ڪامپسن ڪٽنب جا ٻار اتي ئي پڙهندا رهيا هئا. اهي انهي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪئينٽنين به دفن ٿيل آهي ته هوءَ اوچتو نڪتي هلي وڃي ٿي. هن به بلڪل اهو ئي چاهيو ٿي. هاڻي هو گهر جو مالڪ آهي ۽ ڪٽنب هن سان ورهين کان جيڪي بي عزتيون ۽ جنيون ڪيون هيون هو انهن جو پورو پورو بدلو وٺڻ گهري ٿو.

ڪيڊي جي وڃڻ کان پوءِ ڪيس ڪو به روڪڻ وارو ناهي رهيو. سندس ماءُ بستري وڃي ورتو آهي ـ هوءَ اتي پئي هيٺائي سان سڏ ڪندي رهي ٿي. هو هر روز اچي ڪيس ياد ڏيار ينڊو رهي ٿو ته هن ۽ سندس پيءُ ڪي ڪئينٽنين کي يونيورسٽي موڪلڻ لاءِ اها زمين ڪڏهن به وڪرو نه ڪرڻ گهربي هئي جيڪا قانوني طور سندن نه هئي. هنن ته ڪيس ڪا چڱي نوڪري به نه وٺي ڏني نه ئي ڪيس ڪا سٺي تعليم ڏياري هن کي خبر آهي ته هن وٽ سندس پنهنجي ڪا ٿوري رقم آهي جيڪا هن ڪٿي لڪائي رکي آهي. هو اها وٺڻ گهري ٿو. هوءَ هر روز رات جو سندس مغز مارين کان بيزار ٿي آخرڪار پنج هزار ڊالر سندس حوالي ڪري ٿي جيئن هو هڪ هارڊويئر اسٽور ۾ حصو خريد ڪري سگهي. هو رقم پنهنجي ڪمري ۾ لڪائي ڇڏي ٿو ۽ ا سٽور تي پگهاردار مئنيجر طور ڪم ڪري ٿو.

جيسن لاءِ پئسو هڪ خبط ٿي وڃي ٿو ڇاڪاڻ ته پئسي جو مطلب آهي طاقت. هو پنهنجي پگهار جو به وڏو حصو بچائي ٿو. سندس واحد وڏو خرچ هفتي وار هئي شهر ۾ ڇڪلي ۾ وڃڻ آهي. هو پنهنجي ماءُ پاران به گهر جو خرچ هلائي ٿو ۽ انهي مان به بچت ڪري ٿو جو بينجي ۽ نوڪرن کي کاڌو گهٽ ڏئي ٿو. نيگرو هن کان نفرت ڪن ٿا ۽ هن کان ڊڄن ٿا پوءِ به هو هن جي ڏاڍ مان ڪنڌ نه ٿا ڪڍائين. اهي ڪامپسن ڪٽنب جي گهٽو وقت اڳ گذاري ويل وڏڙن پاران آندل غلامن جي پيڙهي مان آهن. اهي اهڙي وفادار مخلوق آهن جن لاءِ آزادي ڪا معنيٰ نه ٿي رکي ۽ روايتون ئي انهن لاءِ سڀ ڪجهه آهن. ورش ۽ لسٽر جيڪي هاڻي وڏا ٿي مرد ٿي ويا آهن اهي ڪڏهن بغاوت جي ڌمڪي ڏيندا آهن پر پوڙهو روسڪوس انهن کي سمجهائيندو آهي ته سفيد فام ماڻهو مالڪ آهن. جيسن جي ڪاوڙ جو سمورو بار ميمي ڊلسي کي برداشت ڪرڻو پوندو آهي. ڇاڪاڻ ته رڌ پچاءَ ۽ صفائي سٿرائي جي ڪم سان گڏوگڏ ڪيس پنهنجي رينگندڙ مالڪياڻي جي خدمت ۾ به حاضر رهڻو پوندو آهي ۽ سڀ کان ڏي ڳالهه ته ڪيس ويچاري بينجي کي به ماٺ رکڻو پوندو آهي.

ننڍڙي ڪئينٽين انهي وقت تقريباً ٻارهن ورهين جي هئي جڏهن ڪيڊي ڪيس پراڻي گهر آندو. سنڊس شادي ٿني وئي آهي ۽ هوءَ مسز ڪامپسن کي عرض ٿي ڪري ته هو ٻار ٻاڻ وٽ رهائي ۽ واعدو ٿي ڪري ته هوءَ انهي جي خرچ پکي جا پئسا هر مهيني موڪليندي رهندي جيئن سان هڪ بي عزتي واري منظر کان پوءِ هوءَ ٻار ڇڏي ٿي ۽ ٻاڻ وڃي ٿي هلي. ميمي ڊلسي ٻار کي پنهنجي نظرداري هيٺ رکي ٿي ۽ هو مقامي اسڪول ۾ داخلا وٺي ٿي پر هو هر روز شام جو جنهن گهر ۾ موٽي اچي ٿي اهو تمام خراب حالت ۾ ۽ پگهل پريل آهي. فرش جا تختا چيڪات پيا ٿا ڪن. باغ ۾ گند گاهه وڌي ويو آهي سنڊس ناني گذريل دور جي عظمتن کي ياد ڪري ٿڌا ساهه پريندي رهي ٿي. ميمي ڊلسي رڌڻي ۾ پيير گهليندي وتي ٿي جڏهن ته بينجي هڪ ڪنڊ ۾ پيو ڪنجهندو ڪرڪندو آهي. سڀ کان خراب ڳالهه ته ڪيس رات جي ماني وقت پنهنجي خوفناڪ مامي کي منهن ڏيڻو پوندو آهي ۽ سنڊس رهڙون چڙيون ماٺ ڪري ٻڌڻيون پونديون آهن.

ڪيڊيءَ وانگر ڪئينٽين به بينجي کي جيءَ ۾ جايون ڏئي ٿي ۽ هو اهو سمجهندي ته سنڊس پياري پيڻ هن ڏانهن موٽي آئي آهي جتي ڪٿي هن جي پنيان گهلبو ٿو رهي. چوڪري جيئن وڏي ٿيندي ٿي وڃي ته وڏ ۾ وڏ پنهنجي ماءُ جهڙي ٿيندي ٿي وڃي ۽ انهي تي جيئن هوش مان نڪرندو ٿو وڃي ڇاڪاڻ ته انهي تي نظر پوڻ سان ٿي انهن ورهين واريون تلخ يادگيريون سنڊس ذهن ۾ موٽي اچن ٿيون. جڏهن ڪيڊي ۽ ڪئينٽين ڪيس پنهنجي ڪنهن به ٻاراڻي شرارت ۾ شامل نه ڪندا هئا. هو مسز ڪامپسن کي خبردار ٿو ڪري ته ڪئينٽين به وڏي ٿي رنگين مزاج ٿيندي هن مٿس هر وقت نظر رکڻ شروع ڪئي آهي هن کي اسڪول ايندي ويندي اک ۾ رکي ٿو ۽ سنڊس ساٿين کي به ذهن ۾ رکي ٿو. هو هر رات ماني جي وقت هن کان ڏاڍي سخت آڏي پڇا ٿو ڪري ته هن ڏينهن جو هڪ هڪ منٽ ڪيئن گذاريو ۽ هوءَ جڏهن ڪيس سچ ٿي ٻڌائي ته هو رڙيون ٿو ڪري ته هو ڪوڙي آهي.

ڪئينٽين سترهن ورهين جي ٿئي ٿي ته سنڊس سهپ جواب ڏئي وڃي ٿي ۽ هوءَ پنهنجي ماءُ کي خط لکي ڪيس ايلاز ٿي ڪري ته هوءَ ڪيس ٻاڻ وٽ اچڻ جي موڪل ڏئي. ڪيڊي فوراً جواب لکي موڪلي ٿي ۽ گڏوگڏ چڱي خاصي رقم به

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيو جو هو تڏهن ادب جو نوبل انعام وٺڻ استاڪ هوم ويو هن پاران ميجتا واري مختصر تقرير ۾ اسان کي سندس فن جوهر نظر اچي ٿو:

”آءٌ محسوس ڪريان ٿو تہ هيءُ انعام مون کي هڪ انسان طور نہ پر پنهنجي ڪم سبب مون کي مليو آهي. هي انساني روح جي پيڙا ۽ پگهر تي ٻڌل سموري حياتي جو ڪم آهي جيڪو ڪنهن اعزاز لاءِ نہ ڪيو ويو هو. انهي جو مقصد ڪو فائدو حاصل ڪرڻ تہ بلڪل بہ نہ هو پر انساني روح جي خام مال مان ڪا اهڙي شي تخليق ڪرڻ هو جيڪا اڳ ۾ موجود نہ هجي. انسان پوڳنائون سهندو رهندو ڇاڪاڻ تہ هن کي هڪ روح آهي اهڙو روح جيڪو ڪهل قرباني ۽ سهپ جي صلاحيت رکي ٿو. شاعر ۽ ليکڪ جو فرض آهي تہ انهن ڳالهين بابت لکن. اهو سندس خاص حق آهي تہ هو انسان جي دل کي سهارو ڏئي کيس پنهنجي ماضي جي عظمت جو حصو بڻيل عزت، اميد، فخر ۽ رحم ۽ شفقت ياد ڏياري کيس پنهنجو وجود برقرار رکڻ ۾ مدد ڏئي“.

# 86. اي فيئر ويل ٽو آرمس

## ـــ ارنيسٽ هيمنگوي ـــ

ارنيسٽ هيمنگوي 21 جولاءِ 1899ع تي اوڪ پارڪ، شڪاگو ۾ ڄائو. هو ڇهن ٻارن ۾ ٻئين نمبر تي هو. سندس پيءُ هڪ ڊاڪٽر هو ۽ وڏو سرگرم رانديگر هو. هيمنگوي اوڪ پارڪ هاءِ اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪئي. هو ٻه دفعا گهر مان ڀڄي وڃڻ کان پوءِ آخرڪار 1917ع ۾ جڏهن اسڪول مان نڪتو ته ڪينساس سٽي مان نڪرندڙ اخبار اسٽار جو سيڪنڊ رپورٽر صحافي ٿي ويو. هو اتي فقط چند مهينا رهيو پوءِ هو پهرئين جنگ عظيم ۾ يورپ ۾ ڪم ڪندڙ هڪ آمريڪن ايمبولينس يونٽ ۾ رضاڪار ٿي ويو.

هن کي اطالوي محاذ تي موڪليو ويو. هو اتي بلڪل پوري وقت تي پهتو ۽ آڪٽوبر 1917ع ۾ ڪيپوريٽو ۾ اطالوي فوجين کي پيش آيل تباهي جو اکين ڏٺو شاهد ٿيو. هو جولاءِ 1918ع ۾ شديد زخمي ٿي پيو ۽ کيس جنگ لاءِ نااهل سمجهي گهر موڪليو ويو. هو صحت ياب ٿيڻ کانپوءِ ٽورنٽو جي اسٽار ويڪلي لاءِ فيچر رائيٽر ٿي ويو. هن 1921ع ۾ شادي ڪئي ۽ سفري نامانگار ٿي يورپ هليو آيو. اتي هن جنگ کان پوءِ وارين ڪيترين مشهور ڪانفرنسن جي رپورٽنگ ڪئي. هو 1924ع کان پيرس ۾ رهي پيو ۽ پاڻ کي ادب لاءِ وقف ڪري ڇڏيائين. هو پيرس ۾ ليکڪن جي هڪ گروپ سان رابطي ۾ آيو جنهن ۾ گرٽروڊ اسٽين، ايزرا پائونڊ ۽ جيمس جوائس جهڙا ماڻهو شامل هئا.

هن جو پهريون ڪتاب Three Stories and Ten poems سن 1923ع ۾ فرانس ۾ محدود ايڊيشن ۾ شايع ٿيو. انهي مان جيتوڻيڪ وڏي ادبي صلاحيت جا اشارا مليا ٿي پر انهي سندس ويجهن دوستن جي حلقي کان ٻاهر ڪو به اثر پيدا نه ڪيو ۽ جيتوڻيڪ 1924ع ۽ 1925ع ۾ افسانن جا ننڍيا ننڍيا پيرس لاءِ ايڊيشن شايع ٿيا پر کيس پهريون دفعو وسيع پيماني تي عوامي توجه The Sun

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

also Rises سان مليو. اهو 1926ع ۾ نيويارڪ مان شايع ٿيو. سندس ٻيو ڪتاب Men without Women (1927ع) افسانن جي هڪ مجموعي سندس شهرت ۾ تمام گهڻو واڌارو ڪيو پر هن جنگ کان پوءِ منظر تي آيل هڪ نامياري ليکڪ طور عالمي پيماني تي داد ۽ مڃتا A Farewell to Arms (1929ع) مان حاصل ڪئي. اهو هڪ ناول هو.

هو نه فقط هڪ بهترين داستان گو هو پر هڪ اهڙي اسلوب جو مالڪ هو جيڪو جاندار هو ۽ سليس ۽ مخصوص آمريڪي انداز رکندڙ هو. حقيقت ۾ اها بلڪل نئين شي هئي. نه ئي اها ڳالهه آهي ته ماڻهن کي فقط سندس فن جي هيئت ۽ طريقه ڪار پاڻ ڏانهن ڇڪيو ٿي. هو پنهنجي تحريرن ۾ انهن نوجوان نسلن ۾ وڏي پيماني تي پکڙيل مايوسي کي غور هيٺ آڻيندو هو جيڪي ڏسندا هئا ته دنيا هيروز جي رهڻ لاءِ مناسب جاءِ ٿيڻ بجاءِ جنگ کان اڳ واري حالت کان به خراب حالت ۾ اچي وئي هئي. جڏهن ته جنگ جو مقصد ئي حالتن ۾ بهتري آڻڻ هو.

”اي فيئرويل ٽو آرمس“ جذبن کي اظهار ڏئي اندر تارڻ وارو تجربو هو. هيمنگوي گذري ويل جنگ ـ هو انهي جي جن هلڪن ڦلڪن توڙي خوفناڪ رخن کان واقف هو ـ بابت لکي پاڻ کي انهن جسمي نفسي اثرن کان آجو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو جيڪي جنگ بابت سندس پنهنجي تجربي هن تي وڌا هئا ۽ هو انهي ۾ وڏي حد تائين ڪامياب به ٿيو هو. اها ئي ڳالهه آهي ته انهي عمل کي مڪمل ٿيڻ لاءِ هڪ ٻي جنگ ۽ هڪ ٻيو ڪتاب ”اڪراس دي رور (River) اينڊ ان ٽو دي ٽريز“ (1950ع) گهربل هئا.

”اي فيئر ويل ٽو آرمس“ اٽلي ۾ آئسونزو محاذ تي سيٽ ٿيل آهي. بيان ڪندڙ هڪ ايمبولينس يونٽ سان اٽيچ ٿيل آمريڪي فريڊرڪ هينري آهي. هو آفيسرزميس ۾ رهي ٿو جيڪا گوريزيا ۾ هڪ گهر ۾ واقع آهي. وقت بوقت ٿيندڙ پيش قدمين ۽ جوابي اقدامن جي وچ ۾ زندگي معمول تي اچي وڃي ٿي. دستوري تفريحن خاص طور عورتن جي ساٿ جي ڳولها ڪئي وڃي ٿي.

گوريزيا ۾ انگريز نرسون آهن. هينري جو روم ميٽ ليفٽيننٽ رينالڊ پاڻ کي انهن مان هڪ ڪيٿرائين برڪلي جي محبت ۾ گرفتار سمجهي ٿو ۽ هينري کي وٺي ان سان ملڻ وڃي ٿو. هينري کي اها پسند اچي وڃي ٿي ۽ ٻئي ڏينهن شام

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو هو هن سان اڪيلو ملڻ وڃي ٿو. اهي هڪ ٻئي کان وڌ کان وڌ واقف ٿيندا وڃن ٿا ۽ محسوس ڪرڻ لڳن ٿا ته انهن کي هڪ ٻئي سان محبت ٿي وئي آهي. پر هينري پاڻ کي اها ڳالهه سمجهائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ته هن کي محبت نه آهي هن کي فقط عورت جي ساٿ جي ضرورت آهي ۽ هو عورتائين نوازشن جي حاصلات چاهي ٿو.

پوءِ خبر اچي ٿي ته پلاوا (Plava) تي هڪ حملو ٿيڻو آهي ۽ هينري جي يونٽ کي اڳتي وڃڻ جو حڪم ملي ٿو. هاڻي جيئن ته کيس ڪيٿرائين کان لازماً جدا ٿيڻو آهي جيتوڻيڪ عارضي طور ٿي ته کيس پاڻ سان انهي ڳالهه جو اقرار ڪرڻو پوي ٿو ته هن کي شايد ڪيٿرائين سان واقعي محبت ٿي وئي آهي.

حسب معمول اطالوين کي حملي ۾ ڳرو نقصان پهچي ٿو ۽ افراتفري ۾ سندس ڪيترائي دوست مارجي وڃن ٿا. جڏهن هينري مکيہ ڊريسنگ اسٽيشن ۾ هو ته هڪ گولو سڌو اچي انهي مٿان ڪريو ۽ انهي وقت هو ۽ سندس ساٿي ماني کائي رهيا هئا. هن جون ٻه ٽنگون سخت زخمي ٿي پيون. ڪجھ وقت فيلڊ هاسپيٽل ۾ رکڻ کان پوءِ هينري کي ميلان جي هڪ اسپتال ڏانهن موڪليو ويو. اهي جڏهن اتي پهتا ته اسپتال اڃا باقاعدي شروع نہ ٿي هئي. ڪا ٻہ شي تيار نہ هئي ۽ فقط ٻہ انگريز نرسيون موجود هيون. آهستي آهستي مددي عملو پهچندو ويو. انهن ۾ ڪيٿرائين برڪلي ٻہ هئي.

هينري جي ٽنگن کي انهي کان وڌيڪ نقصان پهچي ويو جيترو شروع ۾ سمجهيو ويو هو ۽ هڪ آپريشن ضروري ٿي پئي هئي. هن کي صحت ياب ٿيڻ ۾ جيتوڻيڪ ڊگهو وقت لڳي وڃي ٿو پر ڪيٿرائين برڪلي جي نگهداشت سبب صحت يابي يقيني ٿي وڃي ٿي. هن جي صحت ۾ ڪجھ بهتري اچي ٿي ته هو ڪيٿرائين جو سمورو فارغ وقت گڏ گذارين ٿا. هن جي جڏهن رات جي ڊيوٽي هجي ٿي تڏهن ٻہ هوءَ ٻين مريضن کي آرام سان سمهارڻ کان پوءِ هن جي ڪمري ڏانهن وڃي هلي ٿي ۽ اتي هو ميلاپ ڪن ٿا.

هوءَ جنهن ڏينهن اسپتال آئي هئي اسان انهي ئي ڏينهن هڪ ٻئي کي چيو هو ته اسين شادي شده آهيون ۽ اسان پنهنجي شادي واري ڏينهن کان مهينا ڳڻڻ شروع ڪيا هئا. مون واقعي شادي ڪرڻ چاهي ٿي پر ڪيٿرائين چوندي هئي ته

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان جيڪڏهن شادي ڪئي تہ هو ڪيس واپس موڪلي ڇڏيندا... مون وري واقعي غير شادي شده رهڻ گهريو ٿي پر مون کي پار ڇمي پوڻ جو ڊپ هو پر اسين پنهنجو پاڻ ائين سمجهندا رهياسين تہ اسين شادي شده آهيون ۽ ڪو گهڻو اُلڪو نہ ڪندا هئاسين ۽ منهنجي خيال ۾ تہ آءٌ شادي نہ ڪرڻ تي ڏاڍو خوش هوندو هئس“.

اهڙي طرح هينري ۽ ڪيٽرائين جو اونهارو خوشي ۽ اطمينان ۾ گذري ويو. اهي ڪڏهن ڪڏهن ڪيٽرائين جي سهيلي هيلين فرگوسن سان ٻاهر نڪري ويندا هئا. انهي سان هڪ نوجوان آمريڪي ڪرووبل راجرس گڏ هوندو هو. انهي کي بہ انهي ساڳئي ڌماڪي ۾ اک ۾ زخم رسيو هو جنهن ۾ هينري زخمي ٿيو هو. پر اهي پنهنجي منهن رهڻ پسند ڪندا هئا.

بهرحال اهو ڏينهن بہ اچي ويو جڏهن انهن جي اها اونهاري واري پيار ڪهاڻي پڄاڻي تي پهتي. هينري کي اطلاع ڏنو ويجي ٿو تہ هو ٽي هفتا موڪل ڪري ۽ پوءِ موٽي اچي محاذ تي ڊيوٽي ڪري. هو جڏهن ڪيٽرائين کي اها خبر ٻڌائي ٿو تہ هوءَ چوي ٿي تہ هوءَ بہ موڪل وٺڻ جي ڪوشش ڪندي ۽ جيڪڏهن ڪيس موڪل نہ ملي تہ هوءَ ڪم ڪرڻ ئي ڇڏي ڏيندي.

هن جنهن نموني ڳالهايو انهيءَ مان هينري سمجهي ويو تہ ڪا گڙٻڙ آهي. هوءَ زور ڀرڻ تي ٻڌائي ٿي تہ کيس ٽيون مهينو پيٽ آهي. اها ڳالهہ ٻڌائي ڇڏڻ کان پوءِ هو ڏاڍو سڪون محسوس ڪري ٿي ۽ ٻار جي ڄمڻ بابت رٿائون ٺاهڻ شروع ڪري ٿي. انهي دوران اهي هينري جي ٽن هفتن جي موڪل گذارڻ ليڪ ميجيوري تي پلانزا (Pallanza) وڃڻا هئا.

پر موڪل تي وڃڻ کان اڳ ئي هينري کي سائي ٿي پئي. انهن کي موڪل بہ ڪينسل ڪرڻي پئي ڇاڪاڻ تہ جڏهن سندس طبيعت ۾ ڪجھ بهتري آئي تہ هڪ نئين پيش قدمي شروع ٿيڻ واري هئي ۽ هن کي فوراً محاذ تي وڃڻ جو چيو ويو.

جنهن رات تي کيس ڊيوٽي تي واپس وڃڻو هو اتي هو بغير ڪنهن ارادي جي هڪ هوٽل تي هليا ويا. انهن وٽ فقط هڪ يا ٻن ڪلاڪن جو وقت هو ۽ اڌ رات کان پوءِ جڏهن انهن کي هوٽل مان نڪرڻو هو تہ هو سڌو اسٽيشن هليو وڃي ها

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن ٽروپ ٽرين تي سوار ٿي وڃي. هو ڪيس الوداع ڪرڻ لاءِ به ٽرسڻ نه ڏئي ها پر ڪيس گاڏيءَ ۾ ويهاري ڇڏي ها جيڪا ڪيس اسپتال ڪٺي وڃي ها.

هينري کي محاذ جي بيس سيزا سيڪٽر تي وڃڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. هو اتي اڳ ۾ نه ويو آهي. انهي محاذ تي ڪيپوريٽو جو ننڍو شهر آباد آهي. اطالوين پاران پيش قدمي شروع ڪرڻ کان اڳ ئي آسٽريائين حملو ڪري ڏنو ۽ ڪيپوريٽو وٽ اطالوي صفن ۾ گهري آيا.

جرمن فوجين کي آسٽريائين جي مدد لاءِ پهريون دفعو موڪليو ويو آهي. اطالوين هيستائين جن فوجين کي منهن ڏنو هو هي انهن کان بلڪل مختلف آهن. انهن جي حقيقي مهارت کان انهن جي شهرت تمام گهٽي وڌيڪ آهي پر اطالوين جي ذهن ۾ فقط شهرت ئي اڇي ٿي ۽ اهي احساس ڪمتري ۾ مبتلا ٿي پسپائي اختيار ڪن ٿا.

بدقسمتي سان اطالوي ڪمانڊ ۾ انتظامي مشڪلاتون پيدا ٿي وڃن ٿيون. مواصلاتي نظام درهم برهم ٿي وڃي ٿو جنرل ڪمانڊر انچيف جا حڪم نه ٿا مڃين ۽ ٿوري وقت اندر پسپائي ڀاڄ ۾ بدلجي وڃي ٿي.

هينري ۽ سندس ايمبولينس يونٽ پسپائي ۾ ڦاسي پون ٿا ۽ هيمنگوي بدنظمي، سپاهين جي عجيب روش- جن نظم ضبط کي پٺيءَ پٺيان اڇلائي ڇڏيو آهي- ڪجھ آفيسرن پاران تباهي کي روڪڻ لاءِ ڪيل بي رحمانين ۽ ظالمانين ڪوششن، زخمين ۽ سِوِل پناهگيرن جي افسوس ناڪ حالت بابت جيڪي بيان ڏنا آهن انهن سان اهي باب ڪتاب جو بهترين حصو ٿي پيا آهن. اتي هيمنگوي پنهنجو اوبر ڪيڊي پاڻ کي اندر نارڻ جو بهترين موقعو ڏنو آهي. اتي جنگ جي دهشتن، حماقتن، نااميدين ۽ وحشتن جا جنهن حقيقت پسنديءَ سان چٽ چٽيا ويا آهن. اهي پڙهندڙ تي تمام وڏو اثر وجهن ٿا.

پسپائي جي سموري وحشت دوران هينري جا خيال مسلسل ڪيٿرائين ۽ سندس ايندڙ ٻار تي اٽڪيا پيا آهن. هو جيئن ته پنهنجن تجربن جي سبب ڏاڍو پريشان آهي. جنهن عورت سان کيس محبت آهي انهي لاءِ دل ۾ شديد تڙپ پيدا ٿي پئي اٿس ۽ پنهنجي آسپاس ٿيندڙ واقعن کان ڏاڍو مايوس آهي تنهن ڪري هو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجو يونٽ ڇڏڻ جو فيصلو ڪري ٿو ۽ ڪيٿرائين جي ڳولها ۾ ميلان ويندڙ ريل گاڏي ۾ چڙهي پوي ٿو.

ميلان ۾ اسپتال ۾ پهچي کيس خبر پوي ٿي ته هوءَ هاڻي اتي نه آهي. هوءَ ۽ ڏينهن اڳ هيلين فرگوسن سان گڏ هلي وئي آهي ۽ پورٽر جو خيال آهي ته اهي استريسا ويون آهن. هينري ڪجھ سِوِل ڪپڙا هٿ ڪري ٿو ۽ انهن جي پويان وڃي ٿو. پورٽر کي جيئن ته انهن جي استريسا ۾ ائڊريس جي خبر نه هئي تنهن ڪري هو هوٽلن ۾ ڳولها ڪري ٿو. پر کيس پنهي انگريز نرسن کي ڳولهڻ ۾ ڪا ڏکيائي نه ٿي ٿئي.

هيلين سان هڪ مختصر ۽ پريشان ڪندڙ سين کان پوءِ ڪيٿرائين هينري سان گڏ سندس هوٽل هلي اچي ٿي. هيلين ائين نه ٿي چاهيو ته کيس پنهنجي منهن ڇڏيو وڃي. هو اتي پهريون دفعو عام رواجي نموني ۾ زال مڙس وانگر هلي چلي سگهن ٿا. پر انهي ڳالھ جي هينري کي خبر نه آهي ته شهر جا ماڻهو کيس فوجي ڀڳوڙو سمجهن ٿا ۽ هڪ رات جو دير سان هوٽل جو بارمين کيس خبردار ڪري ٿو ته کيس صبح جو گرفتار ڪيو ويندو. انهي کان بچڻ جو فقط هڪ ئي طريقو اهو هو ته اهي ٻيڙيءَ ذريعي سئٽزرلينڊ هليا وڃن.

بارمين هڪ ونجهن واري ٻيڙي هٿ ڪري ڏني. اهڙي طرح هينري ۽ ڪيٿرائين ائين اوندهه هوا ۽ تيز وسندڙ مينهن ۾ نڪري پيا. اهي باقي سموري رات ٻيڙي هلائڻ کان پوءِ آخرڪار سئٽزرلينڊ جي امن ۾ پهچي ويا. اتي انهن جبل جي پيڪ ۾ هڪ ننڍڙو گهر مسواڙ تي ورتو.

اهي سمورو سيارو اتي ڪل خوشي ۾ گذاري ڇڏين ٿا. هينري وري شادي ڪرڻ جو اشارو ڏئي ٿو پر ڪيٿرائين انڪار ڪري ٿي ڇاڪاڻ ته هوءَ ظاهر ظهور پيٽ سان آهي.

اهي مارچ مهيني ۾ لائوسان (Lausannc) هليا وڃن ٿا. اهي اتي هڪ هوٽل ۾ رهن ٿا ۽ اتي ئي ڪيٿرائين کي ويم جا سور ٿين ٿا. ڪجھ پيچيدگيون پيدا ٿي وڃن ٿيون ۽ سيزر آپريشن ضروري ٿي وڃي ٿي. ڇوڪرو مئل ڄمي ٿو ٿوري دير کان پوءِ ڪيٿرائين کي ڪيترائي دفعا بليڊنگ ٿئي ٿي. انهي کي ڊاڪٽر بند نه ٿا ڪري سگهن ۽ هو به فوت ٿي وڃي ٿي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن پنهي ناولن ۾ خاص طور اي فيٽرويل ٽو آرمس جي ذريعي اوير ڪيڊي اندر ٺاڻ جو عمل ڪامياب رهيو چاڪاڻ ته هيمنگوي جي باقي زندگي ۾ سندس ڪم جا مکيه موضوع جسماني همت ۽ بهادري کي ساراهڻ ۾ جنگ توڙي شڪار ۾ تشدد کي بغير ڪجھ ڪڇڻ جي قبول ڪرڻ جي سوچ کي عام ڪرڻ آهن.

هن جو ٻيو اهميت جوڳو ڪتاب 1932ع ۾ آيو. "ڊيٿ اِن دي آفتر نون". اسپين جي بل- فائيٽنگ جي ذهن ورهين جي اڀياس جو نتيجو هو ۽ انهي ۾ انهي راند جي تاريخ، رپورٽ ۽ انهي بابت رهنمائي ۽ بياني تجزيو سڀ شامل آهن. هو انهي موضوع ڏانهن انهي ڪري ڇڪجي ويو جو انهي مان کيس "زندگي ۽ موت جو احساس" حاصل ڪرڻ جو موقعو نظر آيو ٿي.

ادبي نقطہ نظر کان انهي مان ثابت ٿيو ٿي ته اي فيٽرويل ٽو آرمس فن ۽ هنر جو ڪو واحد اظهار نه آهي. پر اهو هڪ مخصوص ذهانت واري ليکڪ جو فن پارو آهي.

هن جي اسلوب جي ڪيترن ئي ماڻهن نقالي به ڪئي ۽ جيئن اڳتي هلي جان وين (Wain) لکيو هو: "هن جا جيتوڻيڪ ڪيترائي نقال پيدا ٿيا پر حقيقي معنيٰ ۾ ڪو "هيمنگوي اسڪول" پيدا نه ٿيو چاڪاڻ ته هن جيڪو معيار مقرر ڪيو اهو تمام سخت هو". بهرحال هن اسلوب جي ارتقا تي وڏو اثر وڌو. هن جي ننڍين ننڍين جملن، سندس بياني تحريرن جي وڏي حصي مان روزاني ٻولي جي سواد ۽ پنهنجي موضوع کي اڀارڻ لاءِ گفتگو کي هڪ ذريعي طور ڪم آڻڻ سندس همعصرن، ليکڪن ۽ پڙهندڙن کي هڪ جهڙو متاثر ڪيو.

هيمنگوي پنهنجي شخصيت ذريعي به پنهنجي تحرير جي سختي کي نمايان ڪيو ٿي- بل- فائيٽنگ جي اڀياس کان پوءِ هو وڏن جانورن جو شڪار ڪرڻ آفريڪا ويو هليو. اهو سفر The Green Hills of Africa جو موضوع آهي جيڪو 1935ع ۾ ڇپيو. هو پنهنجي زندگي ۾ ئي هڪ سخت جان ۽ پڪي دل واري انسان طور مشهور ٿي ويو هو.

هن "ڊيٿ ان دي آفترنون" لاءِ مواد گڏ ڪندي اسپين ۾ جيڪي ورهيه گذاريا هئا انهن دوران هن کي اسپين سان جيڪا محبت ٿي وئي هئي انهي ڪري

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسپيني گهرو لڙائي هن مٿان گهرو اثر وڌو هو. انهي تڪراء جي نتيجي ۾ وجود ۾ آيل افسانوي توڙي حقيقي ڪتابن مان For Whom the Bell Tolls سڀ کان نمايان آهي.

هيمنگوي پنهنجن وڏن ڪتابن سان گڏوگڏ بيشمار ڪهاڻيون پڻ لکيون. هن ادب جي انهي تمام خاص صنف ۾ پاڻ کي اهڙو استاد ثابت ڪيو جنهن کي سمر سيٽ ماهام سان پيئتي سگهجي پيو. هن کي انهي ميدان ۾ ڪيل ڪم تي پولٽزر پرائيز ڏنو ويو هو.

هن کي ادب جو نوبل انعام بين جنگ عظيم کان ڪجھ ورهيه پوءِ مليو. اهو کيس پنهنجي مختصر ناول The old Man and the Sea جي ڇپجڻ کان ٻه ورهيه پوءِ 1954ع ۾ مليو.

هن ٻين جنگ عظيم کان پوءِ ڪيوبا ۾ رهائش اختيار ڪئي. هو جينوٽيڪ فيڊل ڪاسترو کي پسند ڪندو هو ۽ انهي جو گهاٽو دوست هو ته ٻه ڪيوبا جي انقلاب جيڪو دڳ ورتو انهي تي هو مايوس ٿي ويو هو. هو اداهو ۾ سن ويلي ۾ موٽي آيو.

سندس صحت جواب ڏيندي وئي ۽ هن لاءِ ڊيابيطس جي علاج لاءِ بار بار اسپتال وڃڻ ضروري ٿي پيو. اٿين ئي هڪ دفعو اسپتال مان موٽي اچڻ کان پوءِ هو غير معمولي طور مايوس هو ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو 2۔ جولاءِ 1961ع تي سندس زال هڪ نڪاءُ ٻڌو ۽ کيس فرش تي مئل ڏٺائين. سندس پرسان هڪ بندوق پئي هئي.

ഋ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 87. آل ڪئائيٽ آن دي ويسٽرن فرنٽ

## -- ايرڪ ماريا ريمارڪ --

ايرڪ ماريا ريمارڪ جي سيني گهري انسان دوستي تي ٻڌل ناولن مان اها حقيقت جهلڪي ٿي ته هن هڪ ليکڪ توڙي انسان جي حيثيت ۾ انهن دهشتناڪ ڳالهين کي ڪڏهن به نه وساريو آهي جيڪي هن پهرئين جنگ عظيم دوران محاذ تي ڏٺيون هيون يا خود انهن مان گذريو هو. اهو صدمو به لازماً گهڻو وڏو هوندو جو هو 1898ع ۾ هينوور ۾ اوسنا بروڪ ۾ هڪ سانتيڪي مڊل ڪلاس ڪٽنب ۾ ڄائو هو. سندس ماءُ پيءُ پنهنجن وڏڙن جي رومن ڪيٿولڪ عقيدي تي قائم هئا. جيڪي فرانسي انقلاب کان پوءِ رائين لينڊ ۾ اچي رهيا هئا. هن سلسلي ۾ اها ڳالهه بيان ڪري ڇڏڻ گهرجي ته ريمارڪ سندس اصلي نالو هو جيتوڻيڪ نازي ڪيس سندس پنهنجن سامي مخالف (anti_ semitic) هم وطنن ۾ مشڪوڪ بنائڻ جي اميد ۾ ورهين تائين اها ڳالهه هُلائيندا رهيا ته هو يهودي نسل جو هو ۽ ريمارڪ فرضي نالو اختيار ڪيو هئائين.

ريمارڪ ارڙهين ورهين جو ٿيو ته اسڪول ڇڏي فوج ۾ شامل ٿيو. پوءِ هو جنگ جي پڄاڻي تائين به ورهيه فوج ۾ پرائيويٽ سولجر طور ڪم ڪندو رهيو. هو پنج دفعا زخمي ٿيو انهن مان آخري دفعو شديد زخمي ٿيو ۽ مايوس ٿي فوج ڇڏي ڏنائين تڏهن هو عمر جي لحاظ کان جيتوڻيڪ جوان هو پر ذهني طور ٿڪي پوڙهو ٿي ويو هو.

هن ڇوڪراٽي وهي ۾ جيڪا لاطيني، يوناني ٻولي، تاريخ يا ٻيو جيڪو به ڪتابي علم حاصل ڪيو هو لڳو ٿي ته انهي کي ڪي زمانا ٿي ويا هئس. هن وٽ جيڪا به توانائي هئي اها مڪينيڪل ڪمن تي مرڪوز ٿي سمجهيائين. پر شروع ۾ کيس احساس ٿيو ته هو فقط ماستري جي ذريعي ئي روزگار حاصل ڪري سگهي ٿو. تڏهن ويمار حڪومت فوج مان ڊسچارج ٿيل سپاهين کي ماستري جي ٽريننگ ڪورسن لاءِ اسڪالرشپ ڏيندي هئي. هن به اها قبول ڪئي. هن هڪ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سال تائين پڙهايو پر ڪيس ماستري کان نفرت هوندي هئي تنهن ڪري اهو ڌنڌو ڇڏي مختلف ڪم ڪندو رهيو. انهي دوران هو پنهنجي مڪينيڪل ڪمن جي چاهه کي وڌائيندو رهيو هو ۽ برلن جي هڪ ٽائر ناهيندڙ ڪمپني ۾ ٽيسٽ ڊرائيور طور نوڪري حاصل ڪري ورتائين. هن سئٽزرليند جي هڪ موٽر ڪار ميگزين ۾ پڻ ليک لکڻ شروع ڪيا ۽ پنهنجي ٽائرن واري ڪمپني لاءِ اشتهاري مواد لکڻ لڳو. هن کي لکڻ جو ڪم پنهنجي توقع کان وڌيڪ سولو لڳو ۽ هن هڪ باتصوير اسپورٽس جرنل جي اسسٽنٽ ايڊيٽر جي نوڪري ڳولهي ورتي.

ڪم ريمارڪ کان هڪ لمحي لاءِ به اهي ڳک ۽ ايذاءَ نه وسرائي سگهيو جيڪي جنگ سموري يورپ ۾ سندس نسل کي ڏنا هئا. هن انهن ڏکن ۽ ايذائن جو شاهد ٿيڻ گهريو ٿي ۽ پنهنجن هم وطنن کي خبردار ڪرڻ گهريو ٿي ته اهي وري ڪڏهن به جنگ شروع نه ڪن. هن "آل ڪئائيٽ آن دي ويسٽرن فرنٽ" مڪمل ته ڪري ڇڏيو پر ڪيترن ئي پبلشرن مسودو واپس موڪلي ڇڏيو. اهو آخرڪار 1929ع ۾ برلن جي اُلسٽين ورلاگ وارن ڇاپيو. ڪتاب وڏي هلچل مچائي ڇڏي ۽ پهرئين سال ۾ ئي ڏهن لکن کان وڌيڪ ڪاپيون وڪرو ٿيون.

ريمارڪ جنهن کي شهرت ۽ پُڇ پُڇ کان بچاءُ هوندي هئي اهو اوچتو امير ۽ مشهور ماڻهو ٿي پيو. سن 1932ع ايندي ايندي سمجهو جرمنن کي خبر پئجي وئي ته نازي جلد ئي اقتدار ۾ اچي ويندا. هن به ملڪ ڇڏڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو ۽ جيئن ته جنگ ۾ آيل هڪ زخم جي نتيجي ۾ سندس هڪ ڦڦڙ متاثر هو تنهن ڪري هن پنهنجي نئين وطن طور سئٽزرليند جي چونڊ ڪئي. هن لاگو ميگيوري تي پورٽو رونڪو ۾ هڪ گهر ورتو ۽ اوڏانهن رهڻ ويو هليو. ڪجهه ورهين تائين سندس خانگي زندگي ۾ بي اطميناني رهي. هن 1923ع ۾ شادي ڪئي هئي. پر هن ڀيرو سئٽزرليند لڏي وڃڻ کان اڳ سندس زال السي طلاق وٺي ڌار ٿي وئي. انهن 1938ع ۾ وري شادي ڪئي.

ريمارڪ ڀاران پورٽو رونڪو ۾ رهائش اختيار ڪرڻ کان جلدئي پوءِ سندس پاڻ مرادو اختيار ڪيل جلاوطني پڪي جلاوطني ٿي وئي. هن ڀاران عسڪريت پسندي ۽ جنگ کان نفرت ڪيس جنگ جي عاشق نازين جو فطري نشانو بڻائي ڇڏيو. اهي ريمارڪ کان خاص طور ڪاوڙيل هئا ڇاڪاڻ ته هو ظاهري

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طور سندن ذهن موجب هڪ آريائي جو مڪمل نمونو هو. هو ڏکهو هو پورو هو ۽ ڪسرتي جسم جو مالڪ هو.

ريمارڪ 1939ع ۾ جنگ شروع ٿيڻ وقت نيويارڪ ويو هليو ۽ 1947ع ۾ آمريڪي شهري ٿيو. جنگ کان وٺي هن پنهنجي رهائش نيويارڪ ۽ سئٽزرليند ۾ رکي آهي. هن سدائين تمام گهڻا سفر ڪيا آهن ۽ مشغولي طور تصويرون ۽ فني اهميت واريون سهڻيون شيون گڏ ڪندو هو پر جيئن سندس اڪثر ناولن۔ سڀ کان تازو آيل Night in Lisbon سميت۔ مان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ سندس انسان دوستي ايتري ئي مضبوط رهي آهي جيتري هن پاران پهريون ڪتاب لکڻ وقت هئي.

آل ڪئائيت آن دي ويسترن فرنٽ جو دائرو ريمارڪ پاڻ هڪ تعارفي نوٽ ۾ تمام وضاحت سان بيان ڪري ڇڏيو هو: اهو ڪتاب نہ ئي ڪنهن تي الزام آهي نہ ئي ڪو اعتراف آهي، نہ ئي هو انهن لاءِ ڪا مهم جوئي ثابت ٿيندو جيڪي انهي کي منهن ڏيندا. اهو تہ فقط مردن جي انهي نسل بابت ڳالهيون ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪندو جيڪي جيتوڻيڪ جنگ جي بم گولن کان تہ بچي ويا پر خود جنگ انهن کي تباهہ ڪري ڇڏيو.

اهو ڪتاب ڏاڍي سادگي سان ۽ سنئين سڌي نموني ۾ ضمير متڪلم ۾ لکيل آهي. بيان ڪندڙ پال بامر هڪ اوڻيهن ورهين جو ڇوڪرو آهي. اهو پنهنجي جمنازيم مان ڇهين درجي مان پنهنجن دوستن سان گڏ هي بيان شروع ٿيڻ کان هڪ ورهيہ اڳ فوج ۾ شامل ٿيو هو. ڇوڪرن کي پنهنجي هڪ استاد ڪينٽوريڪ فوج ۾ شامل ٿيڻ تي اپاريو هو. "هو انهن شهري ماڻهن مان هڪ هو" بامر لکي ٿو "جيڪي سدائين ڳالهائيندا ۽ لکندا رهندا هئا". جڏهن تہ "محاذ تي نوجوان سپاهي زخمين ۽ مئلن کي پيا ڏسندا هئا". بامر کي ڪارپورل هِملس ٽاس تي بہ ساڳئي نموني چڙ آهي. هو سِوِل زندگي ۾ ٽپالي هو. هن بامر ۽ سندس دوستن کي جنگ تي وڃڻ کان اڳ ڏاڍي سخت بنيادي ٽريننگ ڏني هئي. هاڻي هڪ ورهيہ پوءِ اها ڳالهہ واضح ٿي وئي هئي تہ انهي ٽريننگ ڪو فائدو نہ ڏنو هو ڇاڪاڻ تہ بامر جا ڪيترائي ڪلاس ميٽ اڳيئي مري ويا هئا يا هميشہ لاءِ معذور ٿي ويا هئا. بامر هاڻي هڪ ڏينهن ڊراما لکڻ جا خواب بہ نہ ٿو ڏسي. هن جي ذهن تي تہ ڪمرچ ۽ سندس ڪجه ٻين دوستن جي ڇُٽي ڇٽي مرڻ جون يادگيريون حاوي آهن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٽي ڪي ڪڪڙيون يا بدڪون هونديون ته ڪيس انهن جي به خبر پئجي وېندي هو سدائين پرئڪٽيڪل به رهندو آهي. هو گهوڙي جو گوشت ۽ سبزيون پچائي سگهندو آهي. هو زخمن لاءِ بهترين پٽيون به ٺاهيندو آهي.

ڪيٽ کي پنهنجن نوجوان دوستن جي ذهني حالت کي متوازن رکڻ ۾ به وڏو هٿ آهي. انهن کان حقيقت (reality) جو احساس گم ٿي ويو آهي. انهن کي زندگي هڪ مبهم گهٽ وڌ ٿيندڙ ڀڪويا داغ لڳي ٿي. محاذ تي ڪجهه وڏي عمر جا ماڻهو نهيل تشڪيل پس منظر رکن ٿا: انهن کي زالون ۽ ٻار آهن. انهن ڪا باقاعدي نوڪري به ڪئي آهي. ٻئي طرف وري بامر ۽ انهن جي همعصرن کي ڪي پاڙون نه آهن. اهي لڳي ٿو ته ڪنهن خال (Vacuum) ۾ رهن ٿا جنهن جي چوڌاري خطرو ۽ موت آهي. "اسان لاءِ" بامر لکي ٿو "هر شي لُڙهي وئي هئي. وڏي عمر جي ماڻهن لاءِ ته جنگ فقط هڪ رخنو آهي. پر اسين ته انهي جي گرفت ۾ اچي ويا آهيون ۽ ڪا خبر نه ٿي پوي ته انجام ڇا ٿيندو. اسين ته فقط ايترو ڄاڻون ٿا ته اسين ڏاڍي عجيب ۽ اداس نموني ڪنهن ويراني ۾ اچي ويا آهيون".

ڪجهه جلدي گذري ويندڙ لمحا اهڙا به اچن ٿا جن ۾ بامر گهر جي بابت سوچي ٿو پر يادگيري اهڙي اڻ چٽي آهي جيئن نه ڪا شي تصوير ۾ نظر ايندي آهي. "آءٌ گرجا گهر جي ونگن واري ناڻان ۾ آهيان". هو لکي ٿو "۽ انهن ڍگهن گلاب جي ٻوٽن ڏانهن ڏسان ٿو جيڪي انهيءَ ننڍڙي باغيچي جي وچ ۾ گل جهليو بيٺا آهن جنهن ۾ راهب آرامي آهن". پٿين تي حضرت عيسيٰ جي مصيبتن واريون 14 تصويرون اڪريل آهن... آءٌ اتي ويٺو آهيان ۽ سوچيان ٿو ته ڇا جڏهن آءٌ ويهن ورهين جو ٿيندس ته تيستائين محبت جي متيون منجهائيندڙ جذبن مان گذري چڪو هوندس".

بامر کي جڏهن گهر وڃڻ جي موڪل ملي ته اتي به فقط غمگيني هئي. سندس ماءُ ڪينسر ۾ مرڻ تي هئي. هن کي ڪيس محاذ بابت فقط وٽندڙ ڪهاڻيون ٻڌائڻيون هيون. سندس پيءُ هن کان ڪيتريون ئي ڳالهيون پڇي ٿو جن جو بامر کي جواب ڏيڻ جو حوصلو نه آهي. هن کي جواب ڏيندي ڊپ پئڻ لڳي ٿو ڇاڪاڻ ته هن جيڪڏهن ائين ڪيو ته ڪيس پڪ آهي ته سندس ڊپ ۽ شڪ تمام گهڻا وڏي ويندا ۽ سندس دماغ تي حاوي ٿي ويندا. جڏهن بامر جي موڪل ختم ٿي ته هو ڏاڍو خوش ٿيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن ۾ سندس دوستن کي اها ڳالهه چٽي طرح ذهن ۾ اچي ٿي ته هن جي سنگت گهڻو وقت نه رهندي بچي وڃڻ جا امڪان گهٽ کان گهٽ ٿيندا پيا وڃن ۾ آخر ۾ بامر پنهنجا سيئي دوست وڃائي ويهي ٿو. ٻڙنگهه هاري يونٽ مان پڇي وڃي ٿو پر گرفتار ٿي وڃي ٿو ۽ پگهوڙي جي سزا طور گولي کائي ٿو. ليئر ملر ۽ پيا به جنگ ۾ شديد زخمي ٿي پون ٿا ۽ زخمن وگهي مري وڃن ٿا. ڪيٽ کي "فقط گوڏي ۾" گولي لڳي ٿي پر بامر جڏهن کيس محفوظ جاءِ تي کڻي وڃي رهيو هو ته هڪ نشانبي باز کيس مٿي ۾ گولي هڻي ڇڏي ٿو.

بامر به شديد زخمي ٿي پيو آهي پر بيس واري اسپتال ۾ ڪيترا مهينا گذارڻ کان پوءِ کيس محاذ تي واپس موڪليو وڃي ٿو. کيس چڱي طرح خبر آهي ته جرمني جنگ هارائي ويو آهي. "فقط جنرل استاف ۽ فيڪٽري مالڪ - جيڪي امير کان امير تر ٿيندا پيا وڃن- ئي جنگ جاري رکڻ چاهين ٿا". بامر کي هاڻي دشمن جي فائر کان ڪو به ڊپ نه ٿو ٿئي. دوست وڃائي ۽ اميد کان وانجهجي اهڙي ڪا به شي باقي نه بچي آهي جنهن لاءِ زنده رهجي.

ڪتاب هڪ پس نوشت تي پڄاڻي تي پهچي ٿو جيڪو بامر جو لکيل نه آهي. انهي پس نوشت (PostScript) ۾ آهي: "هو آڪٽوبر 1918ع ۾ فوت ٿيو. انهي ڏينهن سموري محاذ تي ايتري خاموشي هئي جو آرمي رپورٽ فقط جملي تي ئي محدود رهي: All Quiet on the western Front (مغربي محاذ تي بلڪل خاموشي رهي).

"هو اڳتي ڪريو هو ۽ زمين تي ائين پيو هو جڻ ننڊ پيو هجي. هن جو پاسو ورائڻ تي ائين لڳو جڻ هن کي گهڻي تڪليف نه آئي هوندي. سندس منهن مان خاموشي ۾ ماٺ جو اظهار ٿيو ٿي جڻ ته هو خوش هو ته پڄاڻي جو وقت اچي ويو هو".

"آل ڪئائيٽ آن دي ويسٽرن فرنٽ" بلاشڪ هڪ بهترين ڪتاب آهي جنهن جي مقبوليت ۾ وقت گذرڻ باوجود فرق نه آيو آهي ۽ اهو جنهن وقت منظر تي آيو انهي وقت به ان کي خاص توجه ڏيڻ گهربي هئي. اسلوب جي سادگي ۽ بي ساختگي ۾ ليکڪ جي سچائي پڙهندڙ لاءِ ڪنهن عام سپاهي جي تجربن لاءِ هڪ حقيقي ۽ پائدار تاثر پيدا ڪن ٿا. انهي کان سواءِ ريمارڪ - هن سندس پهرئين ڪتاب ۾ پنهنجي انهي غير معمولي صلاحيت جو اظهار به ڪيو آهي ته هو- جن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهن بابت لکي ٿو انهن کي جيئرو جاڳندو پيش ڪري سگهي ٿو. بامر ۽ سندس دوست ڪتاب جي شروعات کان ئي زنده ماڻهن جي روپ ۾ منظر تي اچن ٿا.

آل ڪئائيٽ جي هڪ ٻي نمايان خصوصيت اها آهي ته اهو ڪڏهن به پراڻو نه ٿو ٿئي. قيصر جي جنگ دوران جرمني جي سخت عسڪريت پسندي واري پس منظر کي بهترين نموني بيان ڪيو ويو آهي. پر ريمارڪ جا سپاهي ڪردار پنهنجين پيڙائن، مايوسين ۽ نراسائين سان شايد ته ڪنهن به جنگ ۾، ڪنهن به ملڪ ۾ ۽ ڪهڙي به دور ۾ ڪم ڏئي سگهن ٿا. اهڙي طرح آل ڪئائيٽ هڪ لازوال ڪتاب آهي.

انهي جي باوجود به جيستائين هن ڪتاب جي ڪاميابي جو تعلق آهي ته انهي جي ڇپائي جو وقت تمام اهميت رکي ٿو. سن 1918ع کان فوراً پوءِ واري ڏهاڪي ۾ هر هنڌ ماڻهن انهي جنگ جي سبب آيل پيڙائن کي وسارڻ ٿي چاهيو. جيڪي ماڻهو خندقن کان واقف هئا اهي پنهنجا تجربا پاڻ جهڙن ماڻهن کان سواءِ ٻين کي ٻڌائڻ پسند نه ڪندا هئا. جن مردن عورتن جا پٽ، مڙس يا پيئر مري ويا هئا اهي به ڪجھ ڳالهائي نه سگهندا هئا ڇاڪاڻ ته هن وچايل نسل ڪهڙيون پوڳنائون پوڳيون هيون. ڪين اهي وري ذهن ۾ آڻڻ جي همٿ ئي نه ٿيندي آهي. يعني جنگ جي يادگيري مردن جي ذهنن ۾ هڪ لڪيل ناسور هئي. عام سپاهين جنگ بابت ڪتاب نه لکيا هئا ۽ ايڊ مرلن، جرنيلن ۽ مدبرن جي ياد داشتن پڙهندڙ کي حقيقي جنگ بابت ڪجھ به نه ٿي ٻڌايو.

پوءِ جنگ بندي کان ڏھ ورهيه پوءِ آل ڪئائيٽ آن دي ويسٽرن فرنٽ شروعات ڪري ڇڏي. اهو جنگ بابت پهريون ڪتاب هو جيڪو تڏهن هڪ گمنام سپاهي لکيو هو. ريمارڪ جي ڪتاب جو مسودو ڇپجڻ کان اڳ نه فقط جرمني پر انگلينڊ جي به ڪيترن ئي پبلشرن رد ڪري ڇڏيو هو. انهي کان پوءِ جنگ بابت ٻيا ڪتاب آيا ۽ تڏهن وڃي عام ماڻهن کي خبر پئي ته جنگ ۾ حصو وٺندڙ سپاهين جي ڪهڙي حالت هوندي هئي. جنگ بابت صحيح حقيقتون منظر تي آيون. ماڻهو انهي بابت کلي ڳالهائڻ لڳا ۽ ورهين جي ماٺ کان پوءِ اها ڏاڍي آرام ڏيندڙ ڳالھ ثابت ٿي.

ꕥ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 88. گڊ باءِ ٽو آل دئٽ

## -- رابرٽ گريوس --

رابرٽ گريوس 1895ع ۾ ومبيلڊن ۾ ڄائو ۽ چارٽر هائوس اسڪول ۾ پڙهيو. هو پهرئين جنگ عظيم دوران رائل ويلچ فيوزيليئرز ۾ ڪيپٽن ٿيو. هن پنهنجي شاعري تي وڏي مشهوري ماڻي آهي جنهن کي هو پنهنجي تمام سٺي سرگرمي ۽ هڪ "خبط" سمجهي ٿو. گريويس جي تاريخي ناولن ۾ آءِ ڪلاڊيئس، ڪلاڊيئس دي گاڊ ۽ وائيف ٽو مسٽر ملٽن شامل آهن. هن فڪشن کان سواءِ ٻين موضوعن تي به ڪتاب لکيا آهن. هن دي وهائيٽ گاڊيس ۾ شاعرائي تحرڪ جي اصليت تي بحث ڪيو آهي. ٻينگئين بڪس سندس ٻن جلدن ۾ ڊڪشنري آف گريڪ مِٿالاجي شايع ڪئي آهي جنهن ۾ تمام جامع چاڻ تمام دلچسپ پيرايي ۾ ڏني وئي آهي.

گريويس جي بغير ڪنهن رک رکاءَ جي لکيل آتم ڪهاڻي Good byc to all that سن 1929ع ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي ۽ تڏهن کان هڪ ڪلاسڪ جي حيثيت حاصل ڪري وئي آهي. پوءِ هو ميجورڪا ويو هليو. تڏهن کان هو تقريباً لاڳيتو اتي ئي رهيل آهي. هو اتي پنهنجي زندگي جي آخري ورهين ۾ نوجوان ليکڪن ۽ آرٽسٽن جو هڪ حلقو ناهي رهيو آهي. گريويس کي دستوري هڪ سال جي عرصي لاءِ پنهنجي پراڻي يونيورسٽي آڪسفورڊ ۾ پروفيسر آف پوئٽري رهڻ جو اعزاز به حاصل آهي. ڪئمبرج به کيس انگريزي شاعري تي ڪلارڪ ليڪچر ڏيڻ جي ڪوٺ ڏئي کيس اعزاز بخشيو آهي.

گڊ باءِ ٽو آل دئٽ جي مرڪز تي اهڙي ذهين ۽ سدا جي جاڪوڙي شخصيت آهي. هن کي پنهنجي پيءُ آلفريڊ پرسيوال گريويس هڪ عام مقبول شاعر کان آئرستاني رت ملي جڏهن ته پنهنجي ماءُ اميليا وون رانڪي کان جرمن ۽ ڊينش (Danish) خصوصيتون ورثي ۾ مليون هوءَ هڪ ريڊيڪل پناهگير جي ڌيءُ ۽ هڪ

عظيم مؤرخ جي پائيتي هئي. سندس پيءُ کي هڪ اڳئين شادي مان اڳيئي پنج ٻار هئا جو اوڻونجاهه ورهين جي ڄمار ۾ رابرٽ گريويس ڄائس. تڏهن سندس ماءُ جي ڄمار چاليهه ورهيه هئي.

سندس پيءُ انسپيڪٽر آف اسڪولس جيتوڻيڪ ڏاڍو مصروف هوندو هو پر طبيعت جو مهربان هوندو هو. سندس ماءُ ۾ نرس ٻارن جي تربيت دوران انهن کي سچائي ۽ اخلاق جا سبق ڏنا ۽ ڪين گهٽو پڙهڻ جا موقعا ڏنا پر انهن جي پڙهائي تي نظر رکندي انهن کي فقط اهي ئي ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڏنا جيڪي انهن لاءِ مناسب هئا. گريويس کي جرمني ۾ مائٽن وٽ گذاريل موڪلون ياد آهن. ٻويريا جو ڪاٺو به ڏاڍو عمدو ۽ مصالحي دار هوندو هو. ڪيس ٻويريا ۾ اتان جي جهنگن ۽ جبلن مان پنهنجي گهر جهڙو فطري احساس ٿيندو هو. جڏهن ته ويلس ۾ هارليچ واري سندس ماءُ جي گهر مان ڪيس تاريخ ۽ جاگرافيءَ کان متاهون شخصي سڪون ملندو هو.

هو ڇوڪراڻي وهيءَ ۾ ڪيترن ئي اسڪولن ۾ پڙهيو هو وڏي عمر جي هڪ عورت جي ننڍن ٻارن لاءِ هلندڙ هڪ اسڪول ۾ ويو ومبيلڊن جي ڪنگس ڪاليج اسڪول ۽ پينرالٽ جي ويلش اسڪول مان پڻ تعليم ورتائين. سسيڪس ۾ ڪوپ ٿارن ۾ "مون ڪرڪيٽ ۾ سڌي بيٽ جهلڻ ۽ اعليٰ اخلاقي احساس سکيا." پوءِ هن چارٽر هائوس لاءِ سڀ کان اعليٰ درجي واري اسڪالرشپ حاصل ڪئي. جرمن رت، ٿوري خرچي، برائين کان پاسو ۽ ڪم سان چاهه اهي سڀ غير مقبوليت جون نشانيون هيون. هن جي ريمنڊ روڊاڪو وسڪي سان دوستي به ڏاڍي هاجيڪار ثابت ٿي. (جيڪو پڻ ننڍڙي پوئٽري سوسائٽي جو ميمبر هو). چاڪاڻ ته جدا جدا هاسٽلن ۽ عمرين وارين ڇوڪرن ۾ دوستي جي اجازت نه هوندي هئي. ريمنڊ به باغياڻي سوچ رکندڙ ۽ مذهبي عقيدي بابت سوال اٿاريندو رهندو هو ۽ رابرٽ کان جونيئر هو. پوءِ هو ڇوٽين سال ۾ هو جو ٻاڻ کان هڪ ئي سال ننڍي ڇوڪري سان گهاٽي دوستي رکيائين. هو به ڏاڍو ذهين ۽ پرجوش طبيعت جو مالڪ هو.

هن جو ٻيو وڏو انساني تعلق جارج ميلوري سان هو. هو ڇويهن ورهين جو استاد هو ۽ ڇوڪرن کي بلڪل برابر ڪري ليکيندو هو. هن ئي نوجوان گريوس کي جديد ادب کان روشناس ڪرايو ۽ انهي جي ئي رهائش گاهه ۾ قدردان ايڊورڊ

مارش سان سندس ملاقات ٿي. ميلوري پوءِ ڪيس جبلن تي چڙهڻ سيکاريو ۽ اهي ڪيترن ئي جبلن تي گڏجي چڙهيا. اهي چارٽر هائوس جي سخت قاعدن قانونن ۾ جڪڙيل ۽ علم ۽ ادب کان وانجهيل ماحول ۾ جڻ تہ ٿڌڙي هوا جا جهوٽا هئا. رابرٽ گريوس اڃا اسڪول مان فارغ ئي مس ٿيو هو جو پهرئين جنگ عظيم شروع ٿي وئي ۽ هو بہ شامل ٿي ويو.

هو رائل ويلش فيوزيليئرز جي ريڪسهام ڊيپو ۾ ٽي هفتا رهيو انهي کان پوءِ ڪيس دشمنن جي نظربندي واري ڪيمپ جي نگراني تي رکيو ويو. اتي هڪ ڏاڍو ڏکيو حادثو ٿي پيو: اڌ رات جو راشن بابت ٽيليفون تي گفتگو ڪندي تار تي وڄ ڪري پئي ۽ گريوس ڪرنٽ جي سبب وٽجڻ اچي ڪريو. هو انهي کان پوءِ پارهن ورهين تائين ٽيليفون تي ڳالهائيندي ڪهر جي ويندو هو ۽ زبان ۾ هٻڪ پيدا ٿي پوندي هئس.

هن کي جيئن تہ سچي پچي جنگ ۾ شامل ٿيڻ جو ڏاڍو شوق هو تنهن ڪري کيس فرانس موڪليو ويو. اتي سپاهين کي روزانو ڇهن پنجن ڪلاڪن تائين قاعدن قانونن جي پيچڪڙي ڪرڻ تي سزائون ڏنيون وينديون هيون. سزائن جا ڪي ڪي مثال تہ ڏاڍا دلچسپ ۽ عجيب غريب هوندا هئا پر گريوس کي اتان جو ماحول ڏاڍو مايوس ڪندڙ لڳندو هو.

فرانس پهچڻ تي گريوس ۽ سندس دوستن کي ويلچ رجمينٽ ۾ مقرر ڪيو ويو. اها ڪيمبرين ۾ خندقن ۾ موجود هئي. اهو علائقو بيٽئون کان ڏهہ ڪلوميٽر پري هو. گريوس کي رائيفل جو نڪاءُ گولي جي نڪاءُ کان وڌيڪ پريشان ڪندو هو. سندس ايچ ڪيو بٽالين محاذ وارين ڪمپنين کان چوٿو ميل پنتي هئي ۽ چڱي سڪون ۾ هئي چاڪاڻ تہ انهي کان اڳ اتي رهندڙ فرانسين مخالف جرمن سان جنگ بندي ڪري ڇڏي هئي. گريوس کي محاذ تي سڀ کان اڳ هڪ اهڙو سپاهي ڏسڻ ۾ آيو جنهن کان اتفاقي طور پنهنجي منهن ۾ گولي لڳي وئي هئي ۽ منهن ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو هئس. هو جلدئي مري ويو. هڪ دفعو هڪ جرمن سپاهي جيڪو هڪ آر. اِي ڪاربورل جو ويس ڪيو ويٺو هو اهو پڪڙجي ويو تہ ان کي گولي هڻي ڇڏيائون. وري هڪڙا بہ ويلش مائينر هئا جن کي پنهنجو پلاٽون سارجنٽ ڏاڍو تنگ ڪندو هو. انهن بيزار ٿي ڪيس مارڻ جي رٿ رٿي پر انهن کان سارجنٽ ميجر مارجي ويو. انهن کي پنهنجي ئي ڪمپني جي فائرنگ اسڪواڊ گوليون هڻي ماري ڇڏيو.

اونهاري جي موسم اچڻ سان نئين قسم جا بم ۽ ٽرينچ مارٽر آيا، گولي بازي شديد ٿي وئي، سنا گئس ماسڪ اچي ويا ۽ نظم ضبط ۾ ڍر ڏني وئي. هر طرف مايوسي ۽ وهمن سنسن جو راڄ هو. آرمي جي ڇڪلي- ريڊ لئمپ- تي هر رات 150 سپاهي قطار ناهي بيهندا هئا. اندر ٽن رنڊين سان هر ڪو وارو وٺندو هو. گريوس کي هڪ دفعو بيٿون ۾ ليفٽيننٽ پرنس آف ويلز هڪ پبلڪ باٿ ۾ اڪيلو ملي ويو. اتي انهن پاڻي جي تمام ٿڌي هئڻ بابت مختصر ڳالهه ٻولهه ڪئي هئي. گريوس اتي اڪثر رات جو چوڪيداري جي ڊيوٽي تي هوندو هو.

جنگي معرڪا هلندي ڪيترائي دکدائڪ واقعا به پيش آيا جن ۾ گريوس جا ڪيترائي دوست مري ويا. هو خود به ايترو زخمي ٿي پيو جو ماڻهن کيس مئل سمجهي سندس والدين ڏانهن دستوري تعزيتي پيغام موڪلي ڇڏيو. پوءِ جو ماڻهن کيس ساهه کڻندي ڏٺو ته سندس ٿهل ٺڪور ڪيائون ۽ هڪ وڏي تڪليف ده سفر ڪان پوءِ گهر پهتو.

هاءِ گيٽ ۾ سندس قبر صحيح ٿي ويو ۽ ڊاڪٽرن سندس آڱر به بچائي ورتي. دي ٽائيمز اخبار ڪورٽ سرڪيولر واري ڪالم ۾ سندس موت جي خبر ۾ درستگي بابت اطلاع مفت ۾ شايع ڪيو. اينڊرڙ جنوري 1917ع ۾ کيس فرانس وڃڻ لاءِ فٽ قرار ڏنو ويو. اتي پهچي هن ڏٺو ته ڇڪلن ڪيترن ئي فوجين کي جنسي بيمارين جي ذريعي اينڊرڙ ڪنهن فوجي نوڪري کان بچائي ورتو هو. بزدلي ڏيکارڻ يا ڀڄي وڃڻ تي موت جون سزائون عام هونديون هيون پر هائوس آف ڪامنز ۾ اهڙين ڳالهين جي ترديد ڪئي ويندي هئي.

پر جلدئي پوءِ گريوس ڪنگهه سبب ويهجي ويو ۽ کيس سندس پنهنجي درخواست تي آڪسفورڊ جي اسپتال موڪليو ويو. گريوس جي 1916ع ۾ نينسي نڪولس سان ملاقات ٿي ۽ انهن 1918ع ۾ شادي ڪئي. هڪ سال پوءِ انهن کي ڌيءُ جيني ڄائي. لمرڪ ۾ ڪجهه وقت ڊيوٽي ڪرڻ کان پوءِ کيس جيتوڻيڪ برخاست ڪيو ويو پر هو اڃا به ذهني توڙي اعصابي طور جنگ لاءِ تيار هو. اڳتي هلي آڪسفورڊ يونيورسٽي وارن کيس اتي انگريزي پڙهڻ جي اجازت ڏني. انهن کي وري هڪ پٽ ڊيوڊ ڄائو پر پوءِ نينسي جي فيمينزم نمايان ٿيندي وئي.

اها به ڏاڍي حيرت جهڙي ڳالهه آهي ته گريوس جهڙو ماڻهو جنهن محاذ تي جنگين ۾ حصو ورتو هو انهي آڪسفورڊ مان "Poetic Unreason" جي موضوع تي بي ايچ ڊي جي ڊگري حاصل ڪري ورتي. سندس نئون سڀ کان گهاٽو دوست ٽي. اِي لارينس هو. هن سان گڏ زندگي هڪ ذهني ۽ عملي مهم جوئي جو روپ اختيار ڪري وئي.

هاڻي نينسي گريوس جي صحت خراب ٿيندي پئي وئي. گريوس پنهنجين توڙي زال جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ نئين قاهره يونيورسٽي ۾ انگريزي ادب جو پروفيسر ٿيو. سندس وڏو پاءُ ڊڪ ۾ پيٽ مولي ورهين کان مصر ۾ رهندا هئا. فيڪلٽي آف ليٽرز تي فرانسي حاوي هوندا هئا ۽ گريوس جي هفتي وار ليڪچرن ۾ (جڏهن شاگرد هڙتال تي نه هوندا هئا) ڏاڍي ڪلي دل سان گوڙ شور ٿيندو هو. هن هڪ سال کان پوءِ استعفا ڏئي ڇڏي سندس مصر بابت يادگيريون ڏاڍيون پرپور ۽ متضاد ۽ ڪڏهن مزاحيه لڳن ٿيون. پر هن جي هر جاءِ تي تمام سٺي مهمان نوازي ٿي.

گريوس گهر موٽي آيو. هن ۽ نينسي جي وچ ۾ 1929ع ۾ جدائي ٿيڻ کان اڳ ڪجه پوشيده واقعا به ٿيا. هن ميجورڪا ۾ مستقل رهائش اختيار ڪئي ۽ انهي کي فقط اسپيني گهرو لڙائي ۽ بين جنگ عظيم وقت ڇڏيائين. هن وري شادي ڪئي ۽ چار ٻار ٿيس. هن جي صحت سٺي هئي ۽ لکڻ جو ڪم به جاري رکيائين.

گريوس جي آتم ڪهاڻي انهي ڪري اهميت رکي ٿي جو انهي ۾ ڪنهن رک رکاءُ کان ڪم ورتل نه آهي. انهي ۾ ڪافي مزاح تي ٻڌل ٽڪرا آهن ۽ انهي ۾ غير معمولي ماڻهن جا خاڪا پڻ ڏنل آهن ۽ وڏي ڳالهه ته انهي ۾ پهرئين جنگ عظيم جي حقيقي ۽ شاعراڻي تصوير ڏنل آهي. مختصر طور چئجي ته گڊ باءِ ٽو آل دئٽ هڪ شاهڪار آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 89. ماءِ ارلي لائيف*

## — سر ونسٽن چرچل —

ونسٽن چرچل چوويهن ورهين جي ڄمار تي پهچڻ تائين هڪ مشهور ماڻهو ٿي چڪو هو. ائين ڪٿي چئجي ته هو پنهنجي ٽهيءَ جو سڀ کان مشهور نوجوان انگريز هو. هن جي گذاريل زندگي جا ڪيترا ورهيه تمام دلچسپ مهم جوئيءَ سان ڀريل هئا. هن ڪيوبا ۾ هلندڙ جنگ ۾ حصو ورتو هو. هن انڊيا ۾ پولو راند ڪيڏي هئي ۽ اتر اولهه سرحد♦ تي ڪجهه ننڍين جنگين ۾ حصو ورتو هئائين. هن جيئن تيئن ڪري پاڻ کي مصر موڪلرائي ورتو ۽ 21_ لانسرز جي هڪ نوجوان آفيسر طور اومدرمان جي لڙائي ۾ مهدي جي درويش لشڪر تي يلغار ڪئي هئائين. پوءِ هو بوئر جنگ جي شروعات وقت ڏکڻ آفريقا ويو هليو ۽ هو اصولي طور جيتوڻيڪ هڪ اخباري نامه نگار هو ته به هو جنهن بڪتر بند ٽرين ۾ سفر ڪري رهيو هو انهي تي جڏهن بوئرن قبضو ڪيو ته کيس به گرفتار ڪري ورتائون. انهن سيني کان وڏي ڳالهه ته هو پريٽوريا جي قيدي ڪيمپ مان ڊرامائي انداز ۾ فرار ٿيو ۽ دشمن جي علائقي مان سوين ميل سفر ڪري خيريت سان پري نڪري ويو. هو جڏهن انگلينڊ پهتو ته هن جو ڪنهن هيرو وانگر استقبال ڪيو ويو ۽ اولڊهام جي چونڊ حلقي مان ڪاميابي هن لاءِ پارليامينٽ ۾ هڪ ڊگهي ۽ متنوع سفر جا دروازا کولي ڇڏيا. هي انهي ڪهاڻي جون ڪجهه خاص ڳالهيون آهن جيڪي هن پنهنجي عمر جي پنجاهه واري ڏهاڪي جي وچ ڌاران ٻڌايون. هن انهي ڪتاب تي My Early Life نالو رکيو ۽ اهو پهريون دفعو 1930ع ۾ ڇپيو.

---

* هن ڪتاب جو سنڌي ترجمو "منهنجي شروعاتي زندگي" جي نالي سان سنڌي ادبي بورڊ پاران ڇپيل آهي (سنڌيڪار)

♦ (هاڻي پاڪستان جي خيبر پختونخواهه ۽ افغانستان جي سرحد سان لڳندڙ قبائلي علائقا. سنڌيڪار)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هائي اها ڳالهه چوڻ نه اجائي ٿيندي ته هن ڪتاب ۾ اهڙو ڪو به صفحو نه آهي جيڪو دلچسپيءَ کان خالي هجي پر باريڪ بين پڙهندڙ لاءِ اهي حصا شايد سڀ کان وڌيڪ دلچسپ ثابت ٿين جن ۾ هن جنگي مهارتن نه پر پاڻ کي تعليم ڏيڻ جي رخ ۾ پنهنجين جنگين جو ذڪر ڪيو آهي. حقيقت به اها آهي ته ونسٽن چرچل تي جمر. نسل ۽ خانداني اثر رسوخ جي لحاظ کان جينوٽيڪ قدرت وڏي مهربان هئي ۽ هن جينوٽيڪ پاڻ کي تقرير ۽ تحرير ۾ مهارت جي لحاظ کان تمام وڏو ثابت ڪيو هو ته به هو بنيادي طور Self_Educated ماڻهو هو.

”تعليم جي آزار ۾ پيبل“ هن اکرن جي دنيا سان پنهنجي پهرئين تعلق کي انهن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي. هڪ ”منحوس شخصيت“ جنهن کي گورنيس چيو ٿي ويو انهي جي اچڻ جو اعلان ڪيو ويو ۽ سندس اچڻ جي تياري ڪندي سندس نرس کيس ”ريڊنگ وٿ آئوٽ ٽيئرس“. نالي هڪ ڪتاب پڙهايو. گهٽ ۾ گهٽ منهنجي حالت ۾ ته اهو عنوان صحيح نه هو. هو گورنيس سان گڏجي روزانو نه فقط اکرن پر انگن ـ اهو ڪم ته اجا خراب هوندو هو ـ تي محنتون ڪندو هو. هو جڏهن ستن ورهين جو ٿيو ته کيس هڪ بورڊنگ اسڪول موڪليو ويو. هن جي ماءُ پيءُ جيڪو اسڪول چونڊيو اهو ملڪ جو هڪ تمام مهانگو ۽ فيشني اسڪول هو. اهو اتان جي مشهور اسڪول ايٽن جي طرز تي هلندو هو. ”پر مون کي پڪ آهي ته منهنجي عمر جي ايٽن ۽ هيرو جي ڪنهن به ڇوڪري کي ايتري بي رحمائي لڪڻ جي مار نه ملي هوندي جيتري هيءَ هيڊماسٽر پنهنجي سنڀال ۾ اختيار هيٺ آيل ننڍڙن ڇوڪرن کي ڏيڻ جو عادي هو. ونسٽن به ورهيه اتي شاگرد رهيو. کيس انهيءَ اداري سان نفرت هئي.

هن جا ياڳ پلا ٿيا جو هن ڪتابن جي مطالعي مان ملندڙ خوشيون دريافت ڪري ورتيون هيون. سندس پيءُ کيس Treasure Island جي هڪ ڪاپي ڏني هئي ۽ هن کي ياد هو ته هن اهو ڪيتري نه خوشيءَ سان پڙهي چٽ ڪيو هو. پر سندس استاد جڏهن کيس اهڙا ڪتاب پڙهندي ڏسندا هئا جن کي هو سندس عمر کان مٿاهون سمجهندا هئا ۽ ساڳئي وقت هو جڏهن پنهنجن سبقن ۾ پٺتي هوندو هو ته انهن کي ڏاڍي ڪاوڙ ايندي هئي ۽ هو پاڻ وٽ موجود ”زور زبردستي وارن طريقن“ ذريعي هن کي لاطيني ۽ يوناني سيکارڻ جي ڪوشش

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻيهان ها يا ٻوڙندو ڪم ڪندو وتان ها يا ڪنهن ڪرياني جي دڪان ۾ سامهون واري دري ۾ شيون سجائي رکڻ ۾ پنهنجي پيءُ جي مدد ڪريان ها. اها ڳالهه قطري ۽ حقيقي هجي ها. انهي مان آءُ گهڻو ڪجه سکان ها ۽ اهو ڪم آءُ سٺي نموني ڪريان ها. ۽ پڻ انهي سان مون کي پنهنجي پيءُ کي وڌيڪ سمجهڻ جو موقعو ملي ها جنهن سان مون کي خوشي ملي ها".

چرچل ٽي دفعا ڪوششون ڪرڻ کان پوءِ آخرڪار سينڊ هرسٽ ۾ داخلا جو امتحان پاس ڪري ورتو (انهي ۾ گهٽو هٽ هڪ رتو هٽائينڊڙ اداري جو هو) ۽ پنهنجو فوجي ڪيريئر شروع ڪيائين. هو چوٿين حسارزرجمينٽ ۾ هڪ سبالٽرن طور انڊيا ويو ۽ اتي 1896ع جي سياري جي منڊ ۾ هو جڏهن لڳ ڀڳ ٻاويهن ورهين جو هو جو "علم حاصل ڪرڻ جي خواهش مون ۾ گهر ڪري وئي". جڏهن پريڊ تي ويندي هئي ۽ تمام گهٽي گرمي سبب پولو راند به نه کيڏي سگهبي هئي ته هن وٽ ذهني ساز سامان ۾ هن جي تعليم جيڪي خال ڇڏي ڏنا هئا انهن کي پرڻ جو هي سٺو وقت هو. "هن جو لفظ پنڊار تمام وسيع هو ۽ ڪيس لفظن سان هڪ چاهه هو ۽ لفظن کي پنهنجي جاءِ تي سٺي نموني ويهندو ڏسي به ڪيس خوشي ٿيندي هئي". پر ڪيس ڪيترن ئي لفظن جون معنائون نه ايندڀون هيون. انگلينڊ ڇڏڻ کان ڪجه وقت اڳ هڪ دوست چيو هو ته: "اخلاقيات ۾ انجيل حرف آخر جي حيثيت رکي ٿي". اها ڳالهه انهي وقت ته سٺي لڳي هئي پر اخلاقيات جو مطلب ڇا هو؟ هتي بنگلور ۾ ڪير به اهڙو ماڻهو نه هو جيڪو ڪيس پئسن عيوض يا همدردي ۾ انهي جي معنيٰ ٻڌائي". آءُ ڪنهن اسڪالر کي اخلاقيات تي ڪلاڪ ڏيڍ ڪلاڪ ليڪچر لاءِ ٻه پائونڊ به جيڪر ڏيان ها. "وري هڪ ڏينهن ڪنهن ماڻهو "سقراطي طريقي" جو اصطلاح ڪم آندو: آخر انهي جو مطلب ڇا هو؟ يلا سقراط هو ڪير؟ هو هڪ وڏا بحث مباحثا ڪندڙ يوناني هو جنهن جي زال جو سدائين پنڊڻ ۾ منهن هوندو هو... پر هو بهرحال هڪ اهميت وارو ماڻهو هو... وري تاريخ هئي. هڪ دفعو ڪيس موڪل ۾ گهرو ڪم طور The Student's Hume مان هڪ سو صفحا پڙهڻ جو ڪم ڏنو ويو هو ۽ سندس پيءُ (لارڊ رنڊولف چرچل هڪ ناميارو ٽوري سياستدان هو) هُن جو انهي مان امتحان ورتو هو ته هُن انهي کي ڪيتري قدر سمجهيو هو. امتحان مان ثابت ٿيو هو ته هن بنهه ٿورڙيون ڳالهيون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمجهيون هيون. سنلس پيءُ کي انهي تي ڏاڍي ڳڻتي ٿي پئي هئي جڏهن ته چارلس پهرئين جي تاريخ واقعي ڪا ايتري اهميت رکي ٿي: "مون کي سنڊس ڳڻتي تي ڏاڍي حيرت ٿي هئي. مون کي انهي وقت اها ڳالهه سمجهه ۾ نه ٿي آئي ته انهي کي ايتري اهميت ڇو هئڻ گهرجي".

هاڻي سنلس پيءُ فوت ٿي ويو هو ۽ نوجوان پنهنجن ڪمن ڪارين ۾ آزاد هو. هن "تاريخ، فلسفو اقتصاديات ۽ اهڙيون شيون پڙهڻ جو پڪو پهه ڪري ڇڏيو ۽ سنلس ماءُ انهي وقت ڏاڍي خوش ٿي هئي جڏهن چرچل کيس اهڙا ڪيترائي ڪتاب موڪلڻ لاءِ خط لکيو هو جن بابت هن ڪجهه ٻڌو هو ۽ اهي پڙهڻ گهريائين ٿي. هن وٽ هر ٽپال ۾ معياري ڪتابن جو چڱو خاصو پارسل پهچندو هو. ڪنهن ماڻهو کيس ٻڌايو ته سنڊس پيءُ گبن کي ڏاڍي شوق سان پڙهندو هو ۽ کيس انهي جا ڪيترائي ٽڪرا برزبان ياد هوندا هئا ۽ انهي سنڊس تحرير ۽ تقرير جي اسلوب تي وڏو اثر وڌو هو. هن پوءِ بنا دير گبن جي "ڊڪلائين اينڊ فال آف دي رومن ايمپائر" ڏين مل مين واري ايڊيشن پڙهڻ شروع ڪئي هئي. اهو انن جلدن ۾ هو ۽ هو پهرئين صفحي کان ئي بيان ۽ اسلوب کان ڏاڍو متاثر ٿي ويو. "هندستاني ڏينهن جي تيز روشن وچ وارن ڪلاڪن دوران اصطبل مان واندو ٿيڻ کان شام جو پولو راند شروع ٿيڻ تائين آءٌ گبن کي ڳڙڪائيندو ويندو هوس. آءٌ انهي ۾ شروع کان آخر تائين ڪوتل ڪڍائيندو ويس ۽ مون کي اهو ڏاڍو وڻيو. آءٌ پنهنجا سمورا راياٍ صفحن جي حاشين تي رهڙيندو ويندو هوس ۽ آءٌ جلدئي ليکڪ جو وڏو حمايتي ۽ آڪڙباز پارسا ايڊيٽر پاران ليکڪ جي ڪيل ننداڻن جو مخالف ٿي پيس. آءٌ سنلس شرارت تي ٻڌل حاشين جي سبب به نه ٿهيس. ٻئي طرف وري ڏين جي معذرتن ۽ لاتعلقي جي اظهارن به مون کي ڪاوڙ ڏياري ڇڏي". هو ڊڪلائين اينڊ فال مان ايترو ته خوش ٿيو جو هن بنا دير گبن جي آتم ڪهاڻي شروع ڪري ڏني جيڪا خوش قسمتي سان ساڳئي ايڊيشن سان گڏ جلد ۾ هئي.

هو گبن مان ميڪالي ڏانهن ويو هليو ۽ The Lays of Ancient Rome سمورا برزبان ياد ڪيائين. اهي کيس ڏاڍا پسند آيا. انهي کان پوءِ هن ميڪالي جي تاريخ هٿ ۾ ڪئي. هن انهي کي "اهو شاندار معاشقو" سڏيو آهي. هن ميڪالي جي لکيل هر ڳالهه کي بائيبل سمجهي قبول ڪيو چرچل جي خاندان جي

مورث ڊيوڪ آف مارلبورو بابت سنڌس سخت رايا پڙهي ڪيس ڌڪ ٿيو "اتي آسپاس اهڙو ڪو ماڻهو موجود نہ هو جيڪو کيس ٻڌائي تہ دل لڀائيندڙ اسلوب ۽ تمام وڏي خود اعتمادي وارو اهو مؤرخ ادبي بدمعاشن جو شهزادو هو جيڪو سدائين افساني کي سچ تي ترجيح ڏيندو هو ۽ پنهنجي ڊرامي جي ضرورت مطابق عظيم ماڻهن مان ڪنهن کي داغدار ڪري ڇڏيندو هو تہ ڪنهن کي معزز ڪري ڇڏيندو هو ۽ تاريخي دستاويزن ۾ ڦير ڦار ڪري ڇڏيندو هو." آءٌ کيس منهنجي اعتماد کي دوکو ڏيڻ تي ڪڏهن بہ معاف نہ ٿو ڪري سگهان... ڪيترا ورهيہ پوءِ چرچل کي پنهنجي جد امجد کي سٺي انداز ۾ پيش ڪري ڏاڍو اطمينان ٿيو. هن مارلبورو تي پاڻ هڪ ضخيم ڪتاب لکي اهو فرض لاٿو.

هن ميڪالي جا Essays بہ سنڌس تاريخ جهڙي خوشي سان پڙهيا. هو انڊيا ۾ رهندي مئي کان نومبر مهيني تائين روزانو چئن کان پنج ڪلاڪ تاريخ ۽ فلسفي تي عظيم ڪلاسڪ جو درجو رکندڙ ڪتاب پڙهندو رهيو. هو افلاطون جو ريپبلڪ، ارسطو جو پاليٽڪس، مالٿوس جو آن پاپوليشن، ڊارون جو آريجن آف اسپيشيز پڙهندي ڪجھ گهٽ حيثيت وارا ڪتاب بہ پڙهندو ويو. "منهنجو اهو تعليمي سلسلو بہ عجيب هو. پهريون انهي ڪري جو مون اهو خالي ۽ بکئي ذهن سان شروع ڪيو هو ۽ منهنجون جاڙيون بہ چڱيون مضبوط هيون. مون کي جيڪا شي ملندي هئي انهي کي چڪ هڻندو ويندو هوس. پيو اهو تہ منهنجي آسپاس اهڙو ڪو ماڻهو نہ هو جيڪو ٻڌائي تہ: "انهي تي اعتبار گهٽ، ٿو ڪيو وڃي". تون انهي ڳالھ جو جواب فلاڻي يا فلاڻي ليکڪ جي ڪتاب ۾ پڙهہ ٻنهي کي گڏ پڙهڻ سان توکي سموري ڳالھ سمجھہ ۾ اچي ويندي. "انهي موضوع تي هڪ اڄان وڏيڪ سٺو ڪتاب موجود آهي، يا اهڙيون ڪي ٻيون ڳالهيون. هن کي پهريون دفعو "يونيورسٽي جي انهن نوجوان ڇوڪرن "سان ريس ٿيڻ لڳي، جن کي اها ڳالھ ٻڌائڻ لاءِ بهترين اسڪالر موجود هوندا هئا تہ ڪير ڇا آهي. پر اڳتي هلي کيس انهن تي افسوس ٿيڻ لڳو". آءٌ جڏهن انهن مان ڪيترن کي انهي قيمتي ۽ جلدي ختم ٿيندڙ موقعي مان فائدو وٺڻ بجاءِ بي مقصد زندگيون گذاريندي ڏسان ٿو. "ڪنهن بہ ماڻهو جي زندگي فڪر يا عمل جي صليب تي تڪميل هئڻ گهرجي. ڪم ڪرڻ کان سواءِ راند جو ڪو بہ حق نہ آهي".

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي اهڙي ڳالهه هئي جنهن بابت هن تمام گهرا احساس رکيا ٿي. هو ڪڏهن ڪڏهن جڏهن سقراطي موڊ ۾ هوندو هو ۽ پنهنجي ريپبلڪ بابت رٿائون پيو جوڙيندو هو تہ هو انهن بنيادي تبديلين بابت پيو سوچيندو هو جيڪي هو خوشحال شهرين جي اولاد جي تعليم ۾ آڻڻ چاهيندو هو. اهي جڏهن سورهن يا سترهن ورهين جا ٿيندا تہ اهي ڪو هنر سکڻ شروع ڪندا ۽ صحت مند رکندڙ جسماني محنت ڪندا ۽ فارغ وقت ۾ شاعري ۽ گيت پڙهندا، ڊانس ڪندا ۽ جمناسٽڪ ۾ حصو وٺندا. اهڙي طرح اهي ڪنهن ڪارائتي شي تي پنهنجي فالتو توانائي ڪيڏيندا. انهن ۾ جڏهن علم جي سچي تڙپ پيدا ٿيندي ۽ اهي شين بابت مفيد ڳالهيون ٻڌڻ گهرندا تڏهن ئي انهن کي يونيورسٽي وڃڻ جي اجازت ملندي اها بہ هڪ نوازش ۽ عنايت طور فقط انهن کي ملندي جن ڪنهن فيڪٽري يا بنيء ۾ پنهنجي حيثيت ثابت ڪئي هوندي يا جن جون صلاحيتون ۽ جذبو بين ڪان وڌيڪ هوندو. "پر انهي سان شايد ڪيترين ئي شيون درهم برهم ٿي وينديون، انهي سان وڏي هلچل مچي ويندي ۽ آخر ۾ شايد مون کي زهر جو پيالو پيئڻو پوندو". جهڙو سقراط کي پيئڻ تي مجبور ڪيو ويو هو.

بهرحال هن پاران قسمين قسمين ڪتاب پڙهڻ ڪان پوءِ سندس ذهن ۾ مذهب بابت سوال اٿڻ لازمي هو. هيستائين هو ڏاڍي فرض شناسيءَ سان هر اها ڳالهه تسليم ڪري وٺندو هو جيڪا کيس ٻڌائي ويندي هئي. هو هيرو توڙي گهر ۾ هر آچر ڏينهن پابندي سان گرجا گهر ويندو هو ۽ آرمي ۾ بہ باقاعدگي سان چرچ پريڊون ٿينديون هيون جن ۾ هو ڪڏهن رومن ڪيٿولڪن سان تہ ڪڏهن پروٽيسٽنٽن سان گڏ سندن گرجا گهر هليو ويندو هو. پر هاڻي هن اهڙا ڪيترائي ڪتاب پڙهڻ شروع ڪيا هئا جن ۾ انهي مذهبي تعليم کي للڪار ڪيل هئي جيڪا هن پنهنجي پبلڪ اسڪول ۾ حاصل ڪئي هئي. انهن مان پهريون ڪتاب ون ووڊ ريڊ جو The Martyrdom of Man هو جنهن بابت هو لکي ٿو "مختصر ۽ سٺي انداز ۾ لکيل انسان ذات جي عالمي تاريخ انهي ۾ سڀني مذهبن جي اسرارن بابت سخت لفظن ۾ بحث ٿيل آهي ۽ اهو انهي مايوس ڪندڙ نتيجي تي پهچائي ٿو تہ اسين بس ميڻ بتين وانگر وسامي وڃون ٿا. شروع ۾ هو جيڪو ڪجھ پڙهندو هو انهي تي ڏاڍو حيران ٿيندو هو ۽ سندس جذبن کي ٺيس پڻ پهچندي هئي. پر پوءِ هن کي نظر آيو تہ گبن جي سوچ بہ بلڪل ون ووڊ ريڊ جهڙي هئي. ساڳئي طرح مسٽر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ليڪي جا بہ اهڙا ئي خيال هئا جنهن جا ڪتاب "هسٽري آف يوروپين مورلز" ۽ "رائيز ائنڊ انفلوئنس آف دي اسپرٽ آف ريشنلزم" هن هڪ سياري ۾ پڙهي پورا ڪيا هئا.

اهڙن ڪتابن بين ذهنن ۾ جيڪي "ڏکيائون پيدا ڪيون انهن کي ڏسي چرچل حيران ٿي ويو. هن کي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ پئي آئي تہ بشپ ۽ پادري بائيبل جي حڪايتن کي جديد سائنسي ۽ تاريخي چاڻ سان هم آهنگ ڪرڻ ۾ ڳالهہ مان ڳالهوڙو ڇو ٿا ناهي ڇڏين". اهي انهن ۾ آخر مطابقت پيدا ڪرڻ ڇو ٿا چاهين؟ توهان کي جيڪڏهن اهڙو ڪو پيغام ملي ٿو جيڪو توهان جي دل کي خوش ڪري ۽ توهان جي روح کي طاقت ڏئي ٿو تہ توهان ڏکيو سفر ڪري آيل لفافي جي رنگ يا شڪل بابت ڇِڪتي ڇو ٿا ڪريو. يا انهي بابت اُلڪو ڇو ٿا ڪريو تہ انهي تي پوري قيمت جي ٽڪلي لڳل آهي يا نہ يا پوسٽ آفيس واري ٺپي تي تاريخ صحيح آهي يا غلط؟ "اهي ڳالهيون پريشان ڪري سگهن ٿيون پر اهي واقعي بہ اهم نہ هيون. اهميت پيغام ۽ اهو وصول ڪرڻ کان پوءِ توهان کي ملندڙ فائدن کي آهي".

اهڙي طرح هن پنهنجو هڪ تمام انفرادي فلسفو تشڪيل ڏنو. "مون پنهنجي زندگي جي بلڪل شروعات ۾ ئي ويساهہ جو هڪ نظام اختيار ڪري ڇڏيو هو. آءٌ جنهن ڳالهہ ۾ چاهيندو هوس انهي ۾ ويساهہ رکندو هوس ۽ ساڳئي وقت عقل کي چيڪ ڇڏي ڏيندو هوس تہ انهي ۾ جن رستن تي هلندڙ جي صلاحيت هجي پلي انهن تي هلي".

هڪ آخري سفارش جو ذڪر ڪرڻ باقي آهي: "ڪنهن تعليم يافتہ ماڻهو لاءِ اقتباسن (Quotations) جا ڪتاب پڙهڻ چڱي ڳالهہ آهي. بارتليٽ جو Familiar Quotations هڪ ساراهہ جوڳو ڪتاب آهي ۽ مون اهو وڏي ڌيان سان پڙهيو هو. اقتباس ذهن تي نقش ٿي وڃڻ کان پوءِ توهان کي سٺا خيال ڏين ٿا. اهي توهان ۾ اصل ليکڪن کي پڙهڻ ۽ وڌيڪ ڳولها جو چاهہ پيدا ڪن ٿا". تمام سٺي ڳالهہ چيل آهي ۽ اها جيڪڏهن اجا اقتباسن جي ڪتابن ۾ شامل نہ ٿي آهي تہ اها انهي عظيم انسان جي سوچ ۽ تجربي تي ٻڌل بين پُرمغز جملن سان گڏ شامل ٿيڻ گهرجي جيڪي سڀ بلڪل سادي جاندار ۽ ڪري انگريزي ۾ بيان ٿيل آهن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 90. ڪيڪس ائنڊ ايل

## ـــ ڊبليو. سومر سيٽ ماهم ـــ

ڊبليو. سومر سيٽ ماهم انگريز ليکڪن جي انهي مالامال نسل مان تمام ممتاز هو جنهن ۾ ويلز آرنلڊ بينيٽ، جان گالس وردي، ڊي ايچ لارينس، جيائس ۽ ورجينيا وولف جهڙيون وڏيون شخصيتون شامل هيون. اهو نسل اوڻيهين صدي جي آخري سالن کان ويهين صدي جي ٽئين ڏهاڪي تائين بهار ڏيکاريندو رهيو. هن جي ذهانت سان ڀريل مزاح، ڪردار تي گهري نظر ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته سندس تمام وڏي بياني صلاحيت کيس پنهنجن همعصر تقريباً سڀني ناول نگارن کان متاهين درجي تي ويهاريو ٿي.

هو 25- جنوري 1874ع تي پيرس ۾ ڄائو ۽ ڪنگز اسڪول ڪينٽربري ۽ هائيڊل برگ يونيورسٽي ۾ پڙهيو. سندس پرورش ۽ پالنا هڪ چاچي ۽ چاچيءَ ڪئي هئي. جيڪي ڪينٽ ۾ وهٽ اسٽيبل ۾ رهندا هئا. هن لنڊن جي سينٽ ٿامس هاسپيٽل مان ڊاڪٽر جي ڊگري ورتي پر هو لکڻ جي شديد خواهش کي روڪي نه سگهيو اها ئي ڳالهه ڪنهن قابل ليکڪ جي سڃاڻپ جي نشاني هوندي آهي.

هن ڊاڪٽر طور ڪم ڪرڻ جي پهرئين سال 1897ع ۾ پنهنجو پهريون ناول Liza of Lambeth ڇپرايو. انهي ڪتاب کيس جيڪا فوري ۽ نمايان ڪاميابي ڏياري انهي تي هن طب کي ڇڏي ڏنو ۽ پنهنجو سمورو وقت لکڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏيائين ۽ پوءِ چئن ڏهاڪن تائين سندس قلم مان ناولن، افسانن ۽ ڊرامن جو هڪ درياءُ وهندو رهيو. انهن سڀني کي وڏي مڃتا ملي. پر سندس آخري ڊرامي Sheppey (1933ع) تي اها ڳالهه لاڳو نه ٿي ٿئي.

هن 1930ع ۾ ڪيڪس ائنڊ ايل ڇپرايو. جنهن ۾ سندس فن پوري پختگي سان ظاهر ٿيو. انهي ۾ ماهم جون هڪ ذهين ليکڪ طور سموريون نمايان

گهراڻي جي عورت هئي پر انهي حقيقت جي باوجود به جو هن پنهنجي مڙس وٽ هڪ سهڻي رائيٽنگ ٽيبل ۽ گلاسن جي هڪ سيٽ کان سواءِ ٻيو ڪجھ به نه آندو هو ته به هوءَ اها ڳالھ نه وساري سگهي هئي ته هوءَ هڪ اعليٰ خاندان مان هئي. "جڏهن لنڊن جي هڪ شاهوڪار بينڪار_ سنڊس نالو اڄڪلھ مالياتي حلقن ۾ ڏاڍو مشهور آهي_ انهن جي پاڙي جو هڪ گهر اونهاري جون موڪلون گذارڻ لاءِ ورتو ته سنڊس چاچو جيتوڻيڪ هن سان ملڻ ويو پر چاچيءَ هن سان ملڻ کان انهي ڪري انڪار ڪري ڇڏيو ته هو واپار سان لاڳاپيل هو". سنڊس چاچي ۽ چاچيءَ انهي ئي بنياد تي ڇوڪري ۾ سماج بنسبت پنهنجي حيثيت جو احساس پيدا ڪرڻ چاهيو ٿي.

هڪ ڏينهن هو جڏهن اونهاري جون موڪلون گذارڻ گهر آيل هو_ هو تڏهن پندرهن ورهين جو هو_ ته گهٽي ۾ هن جي ملاقات سنڊس چاچي جي مددگار پادري سان ٿي وئي. هو انهي سان ڳالهائڻ بيهي رهيو. مددگار پادري هڪ ننڍڙي ڏاڙهي واري ماڻهو سان وچي رهيو هو جنهن کي ڪجھ تيز ناسي رنگ جو ڇڏيو نيري رنگ جا جوراب، ڪارو بوٽ ۽ ٽوپلو پاتل هو. ڇوڪرو جيتوڻيڪ انهي ماڻهو کان واقف نه هو ته به مددگار پادري هن جو تعارف نه ڪرايو ۽ هن کيس لنڊن مان اونهاري جي موڪل گذارڻ لاءِ آيل ڪو مهمان سمجهيو.

ساڳئي ڏينهن ڪجھ وقت کان پوءِ جڏهن ساڳيو مددگار پادري هنن وٽ آيو ته آشينڊين هن کان پڇيو ته اهو ماڻهو ڪير هو. هن چيو ته هن انهي ماڻهو جو تعارف انهي ڪري نه ڪرايو هو جو هن سمجهيو ٿي ته اها ڳالھ سنڊس چاچي کي پسند نه ايندي. وڌيڪ کيس ٻڌايائين ته اهو ماڻهو ايڊورڊ ڊرفيلڊ، بلئڪ اسٽيبل جو رهواسي هو ۽ سنڊس پيءُ بلئڪ اسٽيبل جي هڪ وڏي گهر فرن ڪورٽ جو ڪمدار هو. ڇوڪري کي اها به خبر پئي ته ڊرفيلڊ جيڪو هڪ وڏو ليکڪ هو انهي بلئڪ اسٽيبل جي هڪ اهڙي ڇوڪري سان شادي ڪئي هئي جيڪا شراب خاني ۾ ڪم ڪندي هئي. هاڻي آشينڊين سمجهي سگهيو ٿي ته سنڊس چاچي انهي کي سنڊس پاڙي جي لائق واقفيت ڇو نه ٿي سمجهيو.

ڊرفيلڊ غريب خاندان مان هئڻ باوجود هيور شام اسڪول مان پڙهيو هو جتي هن ڪيترائي انعام کٽيا هئا. هن آڪسفورڊ لاءِ به اسڪالرشپ ماڻي هئي پر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو اوڏانهن وڃڻ بجاءِ پڇي سمنڊ تي ويو هليو. هو سمنڊ تي به گهڻو وقت نه رهيو ۽ مختلف نوڪريون ڪرڻ کان پوءِ لکڻ شروع ڪيائين.

آشينڊين کي هڪ سائيڪل ملي هئي ڪيس اها سکڻ ۾ ڪجھ ڏکيائي ٿي رهي هئي. پر هن اها سکڻ جو پڪو پهه ڪري ڇڏيو هو ۽ هڪ ڏينهن بلئڪ اسٽيبل جي هڪ خاموش گهٽي ۾ سائيڪل هلائڻ جي مشق ڪري رهيو هو جو هن هڪ مرد ۽ هڪ عورت کي سائيڪلن تي ايندي ڏٺو. هو جيئن هن جي پرسان پهتا ته عورت سائيڪل تان هيٺ ڪري پئي. سياويڪ طور مرد به بيٺو. تڏهن آشينڊين ڏٺو ته اهو ايڊورڊ ڊرفيلڊ هو. هو به پنهنجي زال کي سائيڪل هلائڻ سيکاري رهيو هو.

انهن جي اهڙي نموني ملاقات جو ٿي وئي ته ڊرفيلڊ آشينڊين کي سائيڪل هلائڻ ۾ مدد ڪئي ۽ کيس صلاح به هنيائين ته هو مقامي گرجا گهرن ۾ نقاشي جا نمونا ڏسڻ هن سان گڏجي هلي. هن پاران ڊرفيلڊ ڪتنب سان دوستاڻو تعلق رکڻ تي سندس چاچي پاران رد عمل ڏيکارڻ جي باوجود به ڇوڪري اها صلاح قبول ڪرڻ جو پهه ڪري ڇڏيو. هن پاران اها صلاح قبول ڪرڻ جو سبب شايد اهو به هو جو جيئن ته سندس چاچي کي اها ڳالهه نه ٿي وڻي تنهن ڪري هن ضد ۾ اچي اهو ڪم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. پر پوءِ به ڊرفيلڊ انهي ڳالهه تي زور پئي ڏنو ته هو پنهنجي چاچي کان موڪل وٺي.

ٻاهر وڃڻ جي مقصد کي مدنظر رکندي چاچي جيتوڻيڪ ڪو اعتراض نه ڪيو پر اها ڳالهه واضح ڪري ڇڏيائين ته هو ڇوڪري پاران انهي جوڙي سان گهرو ٿيڻ کي ڪڏهن به پسند نه ڪندو. اها ڳالهه ڪجھ سياويڪ به هئي ته ائين نه ٿي سگهي ها ۽ ڇوڪرو پنهنجن سرپرستن کي ٻڌائڻ کان سواءِ ڊرفيلڊ ڪتنب سان ملڻ جلڻ لڳو.

ڇوڪري کي جيئن ته ڏاڍو تجسس ٿي پيو هو ته ڊرفيلڊ ڪتنب سندس چاچي لاءِ قابل قبول ڇو نه آهي تنهن ڪري هن بورچياڻيءَ کان پڇيو ته ڇا هن کي انهن بابت ڪا خبر چار هئي. کيس هن کان خبر پئي ته مسز ڊرفيلڊ شادي کان اڳ روزي گان هئي ۽ اها هيورشام جي عوامي شراب خانن ۾ بارميڊ هوندي هئي. اتي هن جي گراهڪن سان معاشقن تي وڏي ڇوپڇو ٿي هئي.

انهن گراهڪن ۾ ڪوئلي جو واپاري جارج ڪيمپ به هو جنهن کي بلئڪ اسٽيبل جا رهواسي سدائين لارڊ جارج ڪيمپ ڪري سڏيندا هئا. اها ڳالهه

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هُليل هئي ته ڪيمپ جينوٽيڪ شادي شده هو ۽ ٻار به هئس ته به هن ۾ روزي ۾ معاشقو هلندڙ هو. تنهن ڪري هن جڏهن ايڊورڊ ٻرفيلڊ سان شادي ڪئي ته ماڻهن کي حيرت ٿي هئي. پر جيڪڏهن انهي ڳالهه تي ويهي سوچيو ته انهن کي ڪا ايتري گهڻي حيرت به نه ٿي هئي جو مرد جي شهرت به ڪا ايتري سٺي نه هئي. اهي سڀ ڳالهيون ڪيترا ورهيه اڳ ٻرفيلڊ پاران ليکڪ ٿيڻ ۽ انهن پاران بلئڪ استيبل ۾ اوچتو ظاهر ٿيڻ کان اڳ ٿي گذريون هيون.

آشينڊين اسڪول جي موڪلن دوران ٻرفيلڊ ڪٽنب سان ملندو رهيو. البت ملاقاتن کي پنهنجي چاچي کان ڳجهو رکندو هو. اڪثر ڪري پادري جو مددگار به اتي ايندو هو ۽ بعضي بعضي لارڊ جارج ڪيمپ به اچي ويندو هو. (ڇوڪري انهن کي هڪ دفعو ڳجهي نموني ملندي ڏٺو هو. انهن جي هن تي نظر نه پئي هئي. هو ٻئي گڏ پئي ويا. جارج ڪيمپ جي ٻانهن روزيءَ جي چيلهه تي ورايل هئي). تڏهن هو چارئي گڏجي پتي کيڏندا هئا. جڏهن ته ٻرفيلڊ ڪم پيو ڪندو هو يا پڙهندو هو يا ڪڏهن ته پنهنجو باجو ڪڍي انهن ڏينهن جا عام مقبول گانا ويهي وڄائيندو هو.

پوءِ هڪ دفعو هو ايسٽر جي موڪلن ۾ گهر آيو ته هن اها حيران ڪندڙ خبر ٻڌي ته ٻرفيلڊ وارا هڪ ڏينهن اوچتو پڄي ويا هئا ۽ پٺيان ڪيتريون ئي اوڌرون ڇڏي ويا هئا. بلئڪ استيبل ۾ ماڻهن کي ڏنڊين آڱريون اچي ويون هيون ۽ ڏاڍو هُل مچي ويو هو. اهي ڳالهيون به هلي رهيون هيون ته ڪيمپ انهن کي رات جو نڪري وڃڻ ۾ مدد ڏني هئي پر هن انهي ڳالهه کان انڪار تي ڪيو ۽ اجا به شهر ۾ پنهنجي روايتي آڪڙ سان گهمندو ڦرندو ٿي وتيو.

وليم آشينڊن، ليکڪ کي اهي سڀئي ڳالهيون انهي وقت ذهن تي تري آيون جڏهن هو الراءِ ڪيئر سان گڏجي ماني کائڻ کان پوءِ ان سان ٻرفيلڊ جي ڪم بابت ڳالهه ٻولهه ڪري رهيو هو. هن کي جيئن ته اهو اطمينان هو ته ڪيئر هن کي اهو ڪم نه چيو هو جيڪو ماني جي دعوت ڏيڻ جو اصلي سبب هو تنهن ڪري هو جڏهن ٻئي ڏينهن هن سان ملڻ آيو ته هن کي ڪا به حيرت نه ٿي.

هاڻي آخرڪار آشينڊين کي خبر پئجي وئي ته ڪيئر هن کان ڇا ٿي چاهيو. ٻرفيلڊ جي بيواهه ڪيئر کي سندس مڙس جي سوانح لکڻ جو چيو هو. هن جي ٻرفيلڊ سان شادي کان ـ تڏهن کان سندس شهرت ۾ واڌارو ٿيڻ شروع ٿيو هو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن رڪارڊ رکڻ شروع ڪيو هو پر بلئڪ اسٽيبل ۾ انهي کان ڪجه وقت پوءِ واري عرصي بابت ڪجه به موجود نه هو ۽ جيئن ته آشيندين ڊرفيلڊ ڪٽنب کان انهن ڏينهن کان واقف هو تنهن ڪري ڪيٽر هن کي درخواست ڪئي ته هو پنهنجيون يادگيريون هن کي پنهنجي سوانح ۾ ڪم آڻڻ جي اجازت ڏئي.

آشيندين جيتوڻيڪ انڪار ته نه ڪيو پر اهو بهانو ڪيائين ته هن کي ٻڌائڻ لاءِ ته ڪي ٿوريون ڳالهيون ئي هونديون ۽ وڏي ڳالهه ته بلئڪ اسٽيبل واري مختصر دور ۾ ڪي اهڙا واقعا به شامل آهن جن کي شايد ڪنهن تعريفي ڪتاب ۾ ته شامل نه ٿو ڪري سگهجي. انهي تي ڪيٽر وراڻيو ته ڪي اڻ وڻندڙ ڳالهيون هن جي ڪن تي پيون آهن پر هن کي پڪ هئي ته هو پروفيشنل ايمانداريءَ به ڪي هٿان وجهڻ ڏيندو ۽ ڪجه اک ٻوٽ به ڪري ويندو. هن جي نظر ۾ سڀ کان وڏو مسئلو عام گهراڻي جي روزي گان سان نياڳي شادي ۽ ان کان پوءِ سندس بي حيائي واري هلت هئي. پر ڪينٽ جي راءِ هئي ته انهي مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ هن کي لازماً سڀ حقيقتون ٻڌايون وڃن ۽ آشيندين ئي اهو واحد ماڻهو هو جيڪو اهي حقيقتون مهيا ڪري سگهيو ٿي.

آشيندين ڪيٽر جي ريهڻ ريبڻ تي آخرڪار انهي ڳالهه تي راضي ٿي ويو ته هو انهي مسئلي تي ڪجه سوچ ويچار ڪندو ۽ ڪيٽر اها تجويز ڏني ته هو مسز ڊرفيلڊ پاران هڪ به ڏينهن فرن ڪوٽ ۾ رهڻ جي آڇ قبول ڪري اتي هو تئي انهي مسئلي تي ڳالهه ٻولهه ڪندا. اها ڳالهه به آشيندين هبڪندي قبول ڪئي.

هن واعدي منهنجي سوچن کي لنڊن ۾ منهنجن شروعاتي ورهين ڏانهن منتقل ڪري ڇڏيو. هو اسڪول ڇڏڻ کان پوءِ سينٽ ليوڪس هاسپيٽال جي ميڊيڪل اسڪول ۾ داخل ٿيو هو. هو ونسينٽ اسڪئائر ۾ مسز هڊسن نالي ڪنهن عورت سان گڏ رهندو هو. اها جاءِ اسپتال وجهڻ لاءِ سولي پوندي هئي. هن کي ونسينٽ اسڪئائر ۾ رهندي تقريباً به ورهيه ٿي ويا هئا جو جون مهيني جي هڪ شام جو اسپتال مان جلدي نڪرڻ کان پوءِ هو واڪسهال برج روڊ تان اچي رهيو هو جو هن جي ملاقات روزي ڊرفيلڊ سان ٿي وئي. روزي کيس ڏاڍي خوشيءَ سان کيڪاريو ۽ بنا ڪنهن لڄ جي چيائين ته هو بلئڪ اسٽيبل جو ڪو ماڻهو ڏسي ڏاڍي خوش ٿي آهي.

آشينبن هاڻي ايڪويهن ورهين جو اچي ٿيو هو. سو هن جو ڪجھ وڏيڪ بالغ اکين سان جائزو ورتائين. هن اندازو هنيو تہ هو گهٽ ۾ گهٽ پنجٽيهن ورهين جي ضرور هوندي. هوءَ ڏاڍي سمارٽ نظر اچي رهي هئي ۽ هن پهريون دفعو اهو محسوس ڪيو تہ هوءَ ڏاڍي سهڻي هئي.

هوءَ ۽ ڊرفيلڊ هڪ فليٽ ۾ رهيل هئا جيڪو ونسينٽ اسڪئائر کان گهڻو پري نہ هو. هن مٿس زور ڀريو تہ هو هن سان گڏجي هلي ڊرفيلڊ سان ملي جيڪو اڄا بہ جيتوڻيڪ ناول لکي رهيو هو پر هڪ اخبار جو ادبي ايڊيٽر پڻ هو.

آشينڊن انهن سان ٻيهر ملي خوش ٿيو ۽ هر ڇنڇر جي شام انهن جي گهر ۾ ٿيندڙ هلڪي ڦلڪي دعوت ۾ شريڪ ٿيڻ لڳو. آشينڊن کي اها ڳالھ ڏسي ڏاڍي حيرت ٿي تہ ڊرفيلڊ کي هڪ ممتاز شخصيت سمجهيو ٿي ويو. هن جيڪي ويھ ڪتاب لکيا هئا انهن مان بہ جيتوڻيڪ ڪيس معمولي آمدني ٿي هئي پر "بهترين نقاد انهن جي ساراھ ڪندا هئا ۽ سنڌس گهر ايندڙ دوست انهي ڳالھ تي متفق هوندا هئا تہ ڪنهن ڏينهن سندس حيثيت کي تسليم ڪيو ويندو".

ڊرفيلڊ جو اخبار جو ڪم اڪثر ڪري رات جو ٿيندو هو جنهن ڪري هو روزيءَ کي شام جو ٻاهر وٺي وڃي نہ سگهندو هو. پر روزي جو خيال هوندو هو تہ هوءَ پنهنجي مڙس جي مشغولين سبب پاڻ کي انهن تفريحن کان محروم ڇو ڪري جن کي هوءَ پنهنجي زندگي مان مزو ماڻڻ لاءِ تمام ضروري سمجهندي هئي. تنهن ڪري هوءَ ٻاهر ماني کائڻ يا پي ڪنهن بہ وندر ورونھ جي دعوت قبول ڪرڻ لاءِ تيار رهندي هئي. وري اهڙا ڪيترا مرد بہ موجود هوندا هئا جن کي انهي ڳالھ تي فخر محسوس ٿيندو هو تہ ماڻهو کيس هُن سان گڏ ڏسن. هو سنڌس بوربت ختم ڪرڻ لاءِ تيار هوندا هئا. اهي گهڻو ڪري نوجوان آرٽسٽ ۽ ليکڪ هوندا هئا. نوجوان وِلي آشينڊن بہ انهن مان هڪ هو.

هڪ رات جڏهن هو ٻئي هڪ ميوزڪ هال ۾ ويا هئا ۽ اتان نڪرڻ کان پوءِ هو هن سان گڏجي کيس گهر ڇڏڻ ويو هو تہ هڪٻئي کي شب بخير چوندي هُن سنڌس وات تي چمي ڏئي ڇڏي هئي. هو جيئن تہ انهي لاءِ تيار ئي نہ هو تنهن ڪري هن حماقت ڪندي چمي قبول ڪئي تہ هوءَ هن کي چاهڻ لڳي هئي. اهي ٿوري وقت ۾ ئي عاشق ٿي ويا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن جي تعلق کي هڪ سال ٿي ويو هو جو آشينڊن کي خبر پئي ته هو روزيءَ جو اڪيلو عاشق نه هو. جيڪي به مرد سندس خاطر تواضع ڪندا هئا هوءَ انهن سان هنڌ شريڪ ٿيندي هئي. هن جڏهن هِن کان انهي بابت پڇا ڳاڇا ڪئي ته هن کيس پنهنجي فلسفي کان آگاهه ڪيو: "اڙي منهنجا جاني! تون ٻين بابت پنهنجي مٿي ۾ سور ڇو ٿو وجهين؟ انهي سان توکي ڪهڙو نقصان ٿو پهچي؟ ڇا آءٌ توسان سٺو وقت نه ٿي گذاريان؟ ڇا تون مون سان گڏ خوش نه هوندو آهين؟.... تون مون کي ائين قبول ڪر جيئن آءٌ آهيان. نيڪ آهي؟" "بلڪل صحيح" هو به هن سان سهمت ٿي ويو.

ڊرفيلڊ جي گهر ٿيندڙ گڏجاڻين ۾ ايندڙن ۾ مسز ٽريفورڊ به شامل هئي. انهي کي ادبي ذات ڏٺي دريافت ڪري وٺڻ جو خاص ڏانءُ هوندو هو. آشينڊن ٻاران روزي کي "جيئن هئي تيئن قبول ڪري وٺڻ". کان ڇهه مهينا پوءِ آشينڊن کي هڪ ڏينهن مسز ٽريفورڊ جو هڪ خط مليو ته هو هن سان فوراً اچي ملي. هن ائين ئي ڪيو. تڏهن کيس خبر پئي ته روزي ڊرفيلڊ وٽان لارڊ جارج ڪيمپ سان گڏ ڀڄي وئي هئي.

آشينڊن مسز ٽريفورڊ جي درخواست تي بلئڪ اسٽيبل ويو جيئن اهو معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ته اتي ماڻهن کي انهي معاملي بابت ڪهڙي خبر چار هئي. اتي خبر پئي ته ڪيمپ جو نه فقط ڪاروبار هليو ويو ۽ هو نه فقط ڏيواليو ڪيل ويئو هو پر هن جي گرفتار ٿيڻ جو خطرو پڻ هو. ماڻهو اهو به چئي رهيا هئا ته هن ميڙي چونڊي پندرهن سو پائونڊ گڏ ڪري ورتا هئا. اهي ڪٺي روزي سان گڏ ڀڄي ويو هو. ڪن ٿي چيو ته ڪينيڊا ويو آهي ته ڪِن ٿي چيو آسٽريليا ويو آهي.

روزي ٻاران ڇڏي وڃڻ تي ڊرفيلڊ تي وڏو اثر پيو هو. هو هن جي ڪيترين ئي بيوفائين کان واقف هو پر هي واقعو ٿيڻ تائين هو انهن مان ڪنهن تي به اعتبار نه ڪندو هو. مسز ٽريفورڊ کيس انهي ڳالهه تي آماده ڪيو هو ته هو سندس گهر وڃي رهي ۽ تڏهن کان وٺي هُن هن کي هڪ ڏاهو ڪري پيش ڪرڻ شروع ڪيو هو. سندس شهرت ۾ آهستي آهستي اضافو ٿيندو ويو تان جو کيس پنهنجي دور جو هڪ نمايان ليکڪ ڪري مڃيو ويو.

انهي کان پوءِ آشينڊن جو ڊرفيلڊ سان ڪو تعلق نه رهيو. هن اخبارن ۾ اها ڳالهه پڙهي ته هُن روزي کي طلاق ڏئي ڇڏي هئي. جنهن بابت به وڏيڪ ڪا خبر نه

پئي. پوءِ اها خبر آئي تہ ڊرفيلڊ جيڪو بيمار ٿي پيو هو انهي پنهنجي نرس سان شادي ڪري ڇڏي هئي.

آشينڊن کي اهي سڀ ڳالهيون الراءِ ڪيئر سان گڏ بلئڪ اسٽيبل وچڻ ڪان اڳ ياد آيون. انهن جي گفتگو دوران مسز ڊرفيلڊ روزيءَ جي ڪردار تي ايترا تہ شديد حملا ڪيا جو آشينڊن کي سندس دفاع ڪرڻو پيو. انهي تي سندس ٻئي پڏندڙ پريشان ٿي ويا ۽ کين يقين نہ پئي آيو. "هوءَ فطري طور محبت ڪندڙ هئي. هوءَ جڏهن ڪنهن سان محبت ڪندي هئي تہ هن لاءِ اها بلڪل فطري ڳالهہ هئي تہ هوءَ هن سان هنڌ شريڪ ٿئي.... اهو ڪو ڏوهہ نہ هو. اها هوس پرستي نہ هئي. اها سندس فطرت هئي.

سمجهيو پئي ويو تہ روزي کي ڏهاڪو ورهيہ اڳ فوت ٿي وئي هئي. آشينڊن کي ڪجهہ وقت پوءِ خبر پئي تہ اها ڳالهہ صحيح نہ هئي ڇاڪاڻ جو هو جڏهن پنهنجي هڪ ڊرامي جي پيشڪش لاءِ نيوبارڪ ويو تہ کيس هن جو هڪ خط مليو تہ هو اچي هن سان ملي وڃي. تڏهن سندس عمر ستر ورهيہ ٿي وئي هئي پر سندس دل اڃا بہ جوان هئي ۽ هن کي اڃا بہ زندگي سان پيار هو. ڪيمپ نيوبارڪ ۾ نئين سر شروعات ڪئي هئي ۽ تمام سٺي نموني ڪم ڪيو هئائين. هو ڏهہ ورهيہ اڳ فوت ٿي ويو هو ۽ پٺيان هن لاءِ چڱو ڪجهہ ڇڏي ويو هو. هن جا اڃا بہ ڪيترائي مداح هئا ۽ هن کي شاديءَ جون بہ ڪيتريون ئي آڇون ٿيون هيون پر هوءَ پنهنجي حال ۾ ڏاڍي خوش هئي.

آشينڊن هن کان پڇيو تہ هو ڪيمپ سان ڇو ڀڄي وئي هئي. کيس خبر پئي تہ بلئڪ اسٽيبل ۾ جيڪا ڳالهہ مشهور هئي اها صحيح هئي. هو هن وٽ آيو هو ۽ کيس ٻڌايو هئائين تہ هو ڏيوالو ڪڍي بيٺو هو پر جيڪي ٿورا گهڻا پئسا بچائي رکيا هئائين اهي کڻي هو آمريڪا فرار ٿي رهيو هو. "آءٌ کيس ايترو پري پنهنجي منهن وڃڻ جي اجازت نہ ٿي ڏئي سگهيس.

"آءٌ ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان تہ هو ئي اهو واحد مرد هو جنهن جو توکي فڪر هوندو هو". آشينڊن رايو ڏنو.

"منهنجي خيال ۾ تہ انهي ۾ ڪجهہ صداقت آهي". هن چيو "آءٌ سوچيان ٿو تہ توکي هن ۾ ڇا نظر آيو هو".

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"آءُ توکي ٻڌايان ٿي. روزي چيو "هو هر وقت هڪ مڪمل جينٽلمين هوندو هو".

ڪيڪس ائنڊ ايل ماهم جي ٻين سمورن ڪتابن وانگر اعليٰ جذبات کان خالي آهي. هو دنيا ۾ موجود ڏکن ۽ تڪليفن کان اڻترو نہ گهٽو واقف هو جو ڪيس پنهنجن جذبن کي ڏاڍي ڪنٽرول هيٺ رکڻو پوندو هو. انهي احساس سان گڏوگڏ طبيعت جي باريڪ بينيءَ ڪيس شديد جذباتيت جي اظهار کان ڊيڄاري ڇڏيو.

هن هتي ڊرفيلڊ، ڪيٽر، مسز ڊرفيلڊ ٻئين ۽ چاچي ۽ چاچيءَ جا جيڪي پورٽريٽ پيش ڪيا آهن اهي ڪڏهن ڪڏهن ظالماڻا ٿا لڳن. پر ظلم ۾ ڪا بہ بدنيتي ۽ ڪينو نہ آهي ڇاڪاڻ تہ ماهام جڏهن بي رحم ٿي وڃي ٿو تہ انهي جو سبب اهو آهي تہ سندس سخت ايمانداري کيس مجبور ڪري ٿي تہ هو زندگي کي ائين پيش ڪري جيئن اها کيس نظر اچي ٿي.

ڪتاب جا مکيہ ڪردار روزي ۽ ڪيٽر آهن. اهي انسان ذات جي ٻن هڪ ٻئي جي مخالف رخن کي پيش ڪن ٿا. ڪيترن ئي نقادن جي نظر ۾ ماهام انساني ڪمزورين بابت پنهنجي گهري ادراڪ، سندس وڏي سهپ ۽ رواداري ۽ سندس همدردي جو پنهنجي ٻئي ڪنهن بہ ڪردار کان روزي جي ڪردار ۾ وڌيڪ اظهار ڪيو آهي.

پر فقط ڪردار نگاري ئي ڪيڪس ائنڊ ايل کي هڪ عظيم ڪتاب نہ ٿي بڻائي. آڪاڻي جو بنيادي مقصد ادب جي Grand Old Man هئڻ بابت ڊرفيلڊ جي غلط تصور جي جاءِ تي اصلي ٽيڊ ڊرفيلڊ کي بيهارڻ آهي. اهو ڪم جنهن نزاڪت سان ڪيو وڃي ٿو ڪڏهن سڌي بيان ذريعي، ڪڏهن يادگيري جي مدد سان تہ ڪڏهن ڪا ٻڌل ڳالهہ ٻڌائي انهي سان ماهام جي بيان تي مهارت ظاهر ٿئي ٿي.

سومر سيٽ ماهام ڊسمبر 1965ع ۾ ڪيپ فيرات ۾ پنهنجي محل ۾ فوت ٿيو. سندس خاڪ ڪينٽربري ۾ سندس پراڻي اسڪول جي ميدان ۾ دفن ڪئي وئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 91. دي نات آف وائيپرز

## —— فرانڪوئي ماريا ——

## (Francios Mauriac)

فرانڪوئي ماريا 11 ـ آڪٽوبر 1885ع تي بورڊو ۾ ڄائو. سندس ڪٽنب جون انهي ۾ گهريون پاڙون هيون ۽ انهيءَ مان ئي ڪيس سندس اڪثر ناولن جو پس منظر ۽ بنيادي ماحول مليو آهي. هن يونيورسٽي آف بورڊو ۾ تعليم حاصل ڪئي ۽ 1906ع ۾ پيرس جي Ecole de chartes ۾ داخل ٿيو. هو اتي ٿورو وقت رهيو.

هن پنهنجي ادبي سفر جي شروعات 1909ع ۾ نظمن جي هڪ ڪتاب Les Mains Jointes سان ڪئي. انهي جي ذريعي هو ماريس باري جي ڌيان تي اچي ويو. هو اناطول فرانس جو هڪ همعصر ۽ فرانسي ادبيات جو هڪ پيو Grand Old Man هو. هن پنهنجو پهريون ناول La Enfant charge de chaines سن 1919ع ۾ ڇپرايو ۽ وري ٻئي سال La Robe Pretexte ڇپرايائين. انهن ٻنهي ڪتابن مان اها ڳالهه ته ضرور ظاهر ٿئي ٿي ته هن اڃا پنهنجي ٽيڪنيڪ تي مهارت حاصل نه ڪئي آهي پر انهن مان دڪدائڪ انساني لاڳاپن بابت سندس ادراڪ جو چڱي طرح پتو پوي ٿو.

هن سن 1922ع ۾ La Baiser au Lepreaur سان هڪ وڏي ناول نگار طور پنهنجي شهرت قائم ڪئي. انهي ۾ هن هڪ زال ۽ مڙس جي دڪدائڪ عدم مطابقت بيان ڪئي آهي. هن پنهنجي پوءِ ايندڙ ڪتابن سان پنهنجي فن تي روز بروز وڌندڙ مهارت جو ثبوت ڏنو. ماريا انهي دوران سن 1923ع کان 1930ع تائين هڪ مذهبي ناخوشي واري حالت مان گذريو جنهن ۾ هن کي ٻه مسئلا درپيش آيا. هڪ ته هو پنهنجي انفرادي عقيدي کي نئين سر ترتيب ڏئي ۽ ٻيو ته هو هڪ ناول نگار طور پنهنجي ايمانداري ۽ هڪ ڪيٿولڪ طور پنهنجين ذميوارين ۾ ڪيئن مطابقت پيدا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري يا ٻين لفظن ۾ چئجي ته هو پنهنجن پڙهندڙن جي ذهنن ۾ هوس پيدا ڪرڻ کان سواءِ انساني فطرت جي برائي ڪيئن بيان ڪري.

هو انهي آخري مسئلي ۾ موجود ڏکيائين تي قابو پائڻ ۾ ڪيتري قدر ڪامياب ٿي سگهيو انهي جو The Knot of Le Noeude de Viperes) vipers) ۾ سڀ کان بهترين اظهار ٿيل آهي. سن 1932ع ۾ ڇپيل انهي ناول کي سندس شاهڪار مڃيو وڃي ٿو. هن پاران انساني جذبن، مايوسين ۽ ڪمزورين خاص طور فخر، ساڙ ۽ لالچ ۽ ڪنهن حد تائين شهوت پرستي جي بيان هيٺان (عيسائيت جي بنيادي متن) رحمت خداوندي ۽ نجات جا نظريا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. اهو موضوع سندس سيني ڪتابن ۾ بار بار اچي ٿو پر اهو انهي 68 ورهين جي پوڙهي وڪيل لوئيس جي ڪهاڻي کان وڌيڪ ڪٿي به اينتري شدت ۽ يڪسوئي سان بيان ٿيل نه آهي. اهو وڪيل ڪمزور دل سبب ڪنهن به وقت مري سگهيو ٿي ۽ پنهنجو وقت ٿورو ٿورو ڪري انهي نفرت کي اعترافي بيان ۾ اوتيندي گذاري رهيو هو جيڪا هن پنهنجي تقريباً سموري زندگي پنهنجي زال، اولاد ۽ اولاد جي اولاد لاءِ محسوس ڪئي هئي.

هن نقطي تي هو پنهنجي دل جو احوال هنن لفظن ۾ بيان ڪري ٿو: "مون کي پنهنجي دل جي خبر آهي، هيءَ دل، هيءَ نانگن جو مُچو! انهن منهنجي دل کي پوساتي ڇڏيو آهي، اهأ انهن جي زهر سان ٻرجي وئي آهي. اها پئي تي ڏڙڪي، نانگن جو اهو مچو جنهن کي کولي ڌار ڪرڻ ناممڪن آهي. انهي کي چاقو سان، تلوار جي هڪ ڌڪ سان وڍڻو پوندو. آءُ امن نه پر تلوار کڻي آيو آهيان".

بيان ڪندڙ هڪ اڪيلو ٻار آهي. هو اجا ننڍي عمر جو ئي هو ته سندس پيءُ فوت ٿي ويو هو. اهو بورڊو ضلعي ۾ هڪ وڏو عملدار هو. انهي ٻار جي ماءُ کي ڪاليس (Calese) ۾ هڪ ننڍڙي جاگير ورثي ۾ ملي هئي جنهن مان پنجاهه هزار فرانڪ ساليانې آمدني ايندي هئي. جيڪا 1880ع واري دور ۾ چڱي خاصي وڏي رقم هوندي هئي. البت چوڪري جي ذهن ۾ اها ڳالهه هوندي هئي ته اهي آسودا نه هئا. انهي جو هڪ سبب ته سندس ماءُ جي ڪڙمين واري سمجهداري ۽ پئسي کي تمام ڏيان سان ڪتب آڻڻ هو. ماءُ پٽ تي فدا هوندي هئي ۽ کيس خراب ڪري ڇڏيو هئائين. هو جيئن بلوغت کي پهچڻ لڳو ته پنهنجي ماءُ جي تمام گهڻي محبت تي

ڪاوڙ جو اظهار ڪندو هو ۽ وس پڄندي هر ڪا ڪوشش ڪري ڪيس پنهنجي انهي احساس کان واقف ڪندو هو. هن تہ انهي سبب جي ڪري ئي هڪ تمام غير مناسب ڇوڪري سان رستو رکيو.

هن اسڪول ۾ ڪي بہ دوست نہ ٺاهيا ۽ پنهنجو سمورو وقت پڙهائي کي ڏنو. هن پاران مسلسل ڪتابن تي جهڪيو رهڻ سبب سندس ڪُلها اڳتي جهڪيل رهندا هئا ۽ انهي جي ڪري سندس شڪل اجا وڌيڪ غير پُرڪشش ٿي پئي هئي. سندس شديد ڪمتري جي احساس جو سبب بہ اهو ئي هو.

ماءُ ۽ پٽ سن 1883ع جي آگسٽ مهيني ۾ لوچان (Luchon) ويا. فونڊا ڊيج (Fondaudage) ڪٽنب بہ انهي ساڳئي هوٽل ۾ ترسيل هو جنهن ۾ هو رهيا هئا. اهي چڱا وڏا واپاري هئا. انهن جي ٻيون نمبر ڌيءُ ايسا (Isa) جلدئي لوٿس ڏانهن ڇڪجڻ لڳي ۽ آخرڪار لوئيس کان اها ڳالهہ ئي وسري وئي تہ هو ڪو بدشڪل ۽ اڻ گهربل آهي. سماجي حيثيت ۾ اختلافن جي باوجود شادي طي ٿي وئي ۽ نوجوان جي هلت چلت مڪمل طور تبديل ٿي وئي.

ماءُ جي خواهش هئي تہ نوجوان جوڙو بوردو ۽ ڪاليس وارن گهرن ۾ هن سان گڏ رهي پر هن جڏهن ڏٺو تہ هنن جي اها مرضي نہ آهي تہ هن پنهنجي هڪ ٻي زمين تي پنهنجي لاءِ هڪ ننڍڙو گهر نهرايو. شادي ڏاڍي خوشگوار ثابت ٿي هئي. وڪالت جو ڌنڌو سٺو هلي رهيو هو ۽ هر ڳالهہ تيستائين صحيح هئي جيستائين ايسا اها ڳالهہ نہ ٻاسي وڌي تہ هن پاران پنهنجي مڙس سان ملڻ کان اڳ کيس رڊولف نالي هڪ نوجوان سان ڏاڍي محبت هوندي هئي. اهو هڪ صنعتڪار جو پٽ هو. پر سندس ماءُ پيءُ انهي ڪري مڱڻي کان انڪار ڪري ڇڏيو جو انهن کي اها ڳالهہ ٻڌڻ ۾ آئي هئي تہ ايسا جا ٻہ ڀائر بلوغت کي پهچندي ڦقڙن جي مرض سبب فوت ٿي ويا هئا ۽ انهن کي ڊپ هو تہ متان ايسا انهن جي پٽ کي بہ اهو مرض نہ ڏئي ڇڏي.

فونڊا ڊيج ڪٽنب ڏاڍو پريشان هو. هنن کي رڊولف جي ماءُ پيءُ جي عمل سبب ايتري پريشاني نہ هئي جيتري انهيءَ ڳالهہ تي هئي جو انهن کي ڊپ هو تہ انهي کان پوءِ ڪو بہ انهن جي ڌيئرن سان شادي تي راضي نہ ٿيندو. انهن کي هڪ پوڙهو ماڻهو بيرن فليپاٽ نالي مليو هو جيڪو انهن جي سڀ کان وڏي ڌيءُ ميرينيٽ سان

شادي ڪرڻ لاءِ راضي هوءِ ايسا جڏهن لوئيس کي ڦاسايو تہ اهي سماجي اڻ برابري جي باوجود شادي تي ڏاڍا خوش ٿيا.

انهي اعتراف جو لوئيس تي ڏاڍو گهرو اثر ٿيو ڇاڪاڻ تہ هن محسوس ڪيو تہ ايسا جي هن ڏانهن ڇڪجڻ جو سبب محبت نہ هو. هن جي دل ۾ ساڙ نہ پر نفرت وارو جذبو پيدا ٿيو. بهرحال هو پنهنجي دل جي ڳالهہ لڪائي ويو ءِ ايسا سان هنڌ شريڪ بہ ٿيندو رهيو ايستائين جو ڪيس تي ٻار بہ ٿيا. هڪ پٽ هُبارٽ ءِ ٻہ ڌيئر جينيوبوءِ ميري

لوئيس چوندو هو تہ هبارٽ جي پيدائش کان ايسا ڪيس رد ڪري ڇڏيو هو. هو ٻارڻ کي فقط ءِ فقط هڪ ماءُ ظاهر ڪندي هئي. جيستائين هن جو تعلق آهي تہ هن ۾ ڪا والديني (Parental) حِس هئي ئي نہ انهي جي تلافي طور هن ٻارڻ کي ڪم لاءِ وقف ڪري ڇڏيو ءِ عادت مطابق هلندڙ مخلوق ٿي ويو.

ٻار جيئن وڏا ٿيا تہ هن ٻن وڏن کي هن جي سنلن ماءُ لاءِ نفرت ۾ شامل ڪري ڇڏيو. اهي هن کان ڏنل رهڻ لڳا. انهي جي باوجود بہ هو پيريءَ ۾ مرڻ ڪنڌي تي چوي ٿو: "اها بہ ڪيتري نہ خوفناڪ ڳالهہ آهي جو پنهنجن ٻارن کي ٻارڻ کان ڏيڇاري ڇڏجي". فقط ننڍي ميري هن کان ڏنل نہ هئي ءِ هو هن کي ڏاڍو پيار ڪندو هو.

هن پنهنجي زال ءِ ڪٽنب سان اها نفرت ڇاڻي واڻي پيدا ڪئي هئي ءِ هو انهي ۾ خوش ٿيندو هو. هن اهو سمجهڻ شروع ڪيو تہ هر هڪ ماڻهو هن کان نفرت ڪري ٿو ءِ جڏهن ڪنهن ماڻهو مثال طور ٻارن کي پڙهائڻ لاءِ مقرر ٿيل نوجوان شاگرد پادري هڪ دفعو ڪيس چيو تہ هو سٺو ماڻهو آهي تہ ڪيس انهي ڳالهہ تي يقين نہ پئي آيو.

ساڳئي وقت هن پنهنجا پئسا گڏ ڪرڻ شروع ڪيا. هن جيتوڻيڪ پنهنجي ڪٽنب جي خرچ ۾ ڪا بہ ڪوٽ نہ ڪئي پر هر خرچ تي ڪرڙي اک رکڻ شروع ڪئي.

هو ڪيترائي معاشقا بہ پيو هلائيندو هو پر جيئن ئي هن سمجهيو تہ سندس محبوبائن هن کان حد کان وڌيڪ گهرڻ شروع ڪيو آهي تہ هن اهي سڀ معاشقا ڇڏي ڏنا. ڪيس انهن لاڳاپن مان 1909ع ۾ هڪ پٽ رابرٽ ڄائو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سموري بيان ۾ جنهن ۾ ماضي ۽ حال گڏوگڏ تا هلن. پوڙهي جي پنهنجي زال ۽ ٻارن سان نفرت ۽ سندس انهي وڏي خبط جو بيان هلندو رهي ٿو ته هو پنهنجو سمورو پئسو مرڻ کان اڳ ٻين کي ڏئي ڇڏيندو جيئن انهن کي ذري برابر به فائدو نه ملي. هڪ ته هن اها سوچ ڪئي آهي ٻيو هن هڪ اعترافي بيان لکيو آهي جيڪو سندس موت کان پوءِ پڙهيو ويندو. سندس خيال ۾ هو اهڙي طرح پنهنجي ڪٽنب ۽ دنيا سان پنهنجو وير پاڙيندو.

سندس ننڍي ڌيءُ ميري جي ڪجھ ڏينهن جي بيماري کان پوءِ وفات زال ۽ مڙس ۾ اختلافن کي اجا وسيع ٿي ڪري ڇڏي. ڇوڪري جي موت جو سبب اهو ٿيو جو شروعات ۾ ٿي مرض جي غلط تشخيص ٿي هئي. ايسا هن تي اهو الزام مڙهيندي هئي ته هو شروعات ۾ ئي ڪنهن ماهر ڊاڪٽر کي گهرائڻ کان انڪار ڪري ڇوڪريءَ جي موت جو سبب ٿيو هو. ايسا کي لوئيس جي ڇوڪري سان محبت جي گهرائي جو ڪو اندازو ئي نه هو ۽ هن جڏهن غسل ڪفن ۽ ٻين مذهبي رسمن کان پوءِ قبرستان وڃڻ کان انڪار ڪيو ته ايسا انهي کي هن جي ڪٽنب ۽ انسان ذات سان نفرت جو هڪ خطرناڪ اهڃاڻ سمجهيو جڏهن ته حقيقت ۾ هن کي جيٽري ٻار سان اپتري ته محبت هئي جو هو مئل ٻار جي تصور کي ئي قبول نه پئي ڪري سگهيو.

ميري جي وفات کان ڪجھ وقت اڳ ميربنيٽ جو پوڙهو مڙس بيرن فلپيات فوت ٿي ويو ۽ پنيان اها وصيت ڪري ويو ته سندس بيواھ جيڪڏهن ٻي شادي ڪري ته کيس سندس دولت کان محروم رکيو وڃي. هوءَ ڪجھ وقت ڪاليس ۾ رهڻ آئي هئي. هو جيتوڻيڪ ايسا کان وڏي هئي پر وڏيڪ زنده دل ۽ پرڪشش هئي ۽ جيڪي خوشيون ڪنهن نوجوان عورت جو حق هونديون آهن انهن تان شادي جي سبب ڪنهن پوڙهي مرد جي حق ۾ دستبردار ٿيڻ کان پوءِ ان تي هاڻي به اهڙي ڪا پابندي مڙهڻ ڏوهه هجي ها. ميربنيٽ جي ڪاليس ۾ ترسڻ دوران لوئيس هن کي ڪجھ عجيب نمونی آتت ڏني ۽ انهي ڳالهه جو هلڪو اشارو ملي ٿو ته اهي هڪ ٻئي جا عاشق ٿي ويا هئا.

پر هوءَ اوچتو ڪاليس مان اهو بهانو ڪري وئي هلي ته پيارتز ۾ هڪ دوست کي سندس مدد جي ضرورت هئي ۽ جلدئي پوءِ سندس ڪٽنب کي خبر پئي ته هن اتي هڪ صحافي سان شادي ڪري ڇڏي هئي. هوءَ ويم دوران مري وئي ۽ پٺيان هڪ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي تجويز تي رابرٽ ۽ سندس ماءُ جيڪو رد عمل ڏيکاريو انهي تي هو ڪاوڙجي پيو. هنن کي وري اهو شڪ هو تہ هن جو دماغ صحيح نہ هو ۽ هو جيڪو ڪجھ ڪري رهيو هو انهي تي سندس ڪٽنب جي اک هئي ۽ هن جيڪڏهن پنهنجي تجويز تي عمل ڪيو تہ هنن جو انهي ڪٽنب سان قانوني ڪيس ۾ گهلجڻ يقيني هو. تنهن ڪري هنن کيس ٻڌايو تہ هو پنهنجي حال ۾ ڏاڍا خوش هئا.

هنن کي پنهنجي صحيح هئڻ جي ايتري تہ پڪ هئي جو هو هن سان ملندا بہ تمام عجيب غريب جاين تي هئا. هو هڪ دفعو اهڙي ئي ڪنهن ملاقات لاءِ وڃي رهيو هو تہ کيس اتفاقي طور پنهنجو پٽ رابرٽ سان گڏ گرجا گهر وبندي نظر اچي ويو. اتي رابرٽ اها ڳالهہ تسليم ڪئي تہ سندس ڪٽنب وارن کيس چيو آهي تہ هو جيڪڏهن پوڙهي ماڻهو جي آڇ رد ڪندو تہ هو ڪا قانوني ڪاروائي نہ ڪندا ۽ موت ۾ جيئن ئي هو وراثت جا مالڪ ٿيا تہ کيس ساليانو 12,000 فرانڪ ڏيندا.

هن انهي بندوبست کي قبول ڪيو هو پر هاڻي پنهنجو ارادو تبديل ڪري ڇڏيو هئائين. پر وري رابرٽ جو اتي جيڪا هلت هليو انهي تي ڪاوڙجي پوڙهي ماڻهو بہ پنهنجو ارادو تبديل ڪري ڇڏيو. پر انهي جي باوجود بہ رابرٽ جيڪڏهن پنهنجن ماٽن کي اها ڳالهہ نہ ٻڌائي تہ هو جيڪو ڪجھ ڪري رهيا هئا هو انهي کان واقف هو تہ هو رابرٽ کي ٻهرئين آگسٽ کان هر مهيني تاحيات 15,000 فرانڪ ڏيندو. هن پاران سندس پٽ کي پيار ڪرڻ جون جيڪي بہ اميدون هيون اهي ختم ٿي ويون.

لوئس پاران رابرٽ کي وظيفي جي ادائيگي جا بندوبست ڪرڻ لاءِ کيس پيرس ۾ هڪ يا ٻہ ڏينهن رهڻ ضروري هو. هو هڪ ڏينهن پوسٽ آفيس ويو هليو تہ هن جو جيڪڏهن ڪو خط آيل هجي تہ اهو اتان کڻي. اتي هن جا ٻہ خط ۽ ٽي ٽيليگرام آيل هئا. جيئن تہ ٻاهر مينهن وسي رهيو هو تنهن ڪري هو هڪ ريسٽوران ۾ ويو هليو جيئن اهي خط ۽ ٽيليگرام بہ پڙهي ۽ ماني بہ کائي.

هن پهريون ٽيليگرام کولي پڙهيو: ”امان جو ڪفن دفن سياڻي 23 _ جولاءِ تي نائين وڳي سينٽ لوئس چرچ ۾“. انهي تي انهي صبح جي تاريخ پيل هئي. ٻيا ٽيليگرام هڪ ٻئي ٻنيان گڏريل ٽيپهري ۽ شام جو موڪليل هئا. هڪ ۾ هو ”امان ڏاڍي بيمار آهي واپس اچو“. ۽ ٻئي ۾ هو ”امان فوت ٿي وئي“.

هن ماني ڪائيندي ٽيليگرام مروڙي ڇڏيا. سندس ذهن انهي سوچ ۾ منجهيل هو ته هو ڪيئن به ڪري ايتري توانائي گڏ ڪري ۽ ساڳئي ڏينهن شام جو بورڊو واري ريل گاڏي ۾ سوار ٿئي. وري انهن خيالن جي جاءِ تي اهڙيون سوچون اچي ويون جن ڪيس سڪتي ۾ آڻي ڇڏيو. هو سوچڻ لڳو ته ايسا ته هن کان اڳ ۾ مري وئي جڏهن ته هو سدائين انهي اميد ۾ هوندو هو ته هو اڳ ۾ مرندو سندس زال هن کان پوءِ زنده رهندي سندس سمورين رٿائن ۽ سازشن جو بنياد اها اميد هئي ته هو اڳ ۾ مرندو. هن سدائين پنهنجي زال کي بيوهه تصور ڪيو هو. پوءِ هن جي اندر وارو ڪاروباري ماڻهو جاڳي پيو ۽ هن صورتحال جو نئين سر جائزو وٺڻ شروع ڪيو.

ڪيس اسٽيشن تي الفريڊ مليو جنهن ڪيس ٻڌايو ته ايسا کي عوامي باغ ۾ واڪ ڪندي دماغي دورو پيو هو. هوءَ رات جو ڪلاڪ حصو به هوش ۾ رهي هئي ۽ جينوٽيڪ ڳالهائي نه پئي سگهي ته به ڪيترا دفعا ٽڏا ساهه کنيا هئائين ته هوءَ هن کي ڏسڻ چاهي ٿي. پوءِ هو بيهوش ٿي وئي ۽ دم ڏنائين.

هو گهر ڀڄندي ڀڄندي بي حال ٿي پيو ۽ گهر جي دالان ۾ بيٺ رکندي ئي بيهوش ٿي ڪري پيو. هوش ۾ اچڻ تي هن پنهنجي چوڌاري پنهنجا ٻار بيٺل ڏٺا ۽ هڪ ڏاڍو دردناڪ منظر اچي ٿو جنهن ۾ هو انهن کي ٻڌائي ٿو ته ڪيس خبر آهي ته هو هن جي ٻنهي پيرس آيا هئا ۽ ڪين خبر هئي ته هو ڪتي ترسيل هو. هن هنن کي چينيو ته هنن ڀريون ٽيليگرام هن ڏانهن سنئون سڌو چو نه موڪليو هو جينوٽيڪ ڪيس احساس هو ته هو جيڪڏهن ائين ڪن ها ته اها ڳالهه نه ڳُلي پوي ها ته هنن ڇا ڪيو هو.

هو جيئن ته تمام گهڻو بيمار هو تنهن ڪري ڪفن دفن ۾ به شريڪ نه ٿي سگهيو ۽ تابوت ۾ رکيل ايسا کي ٿي پنهنجا آخري آداب پيش ڪيائين. ڪفن دفن کان پوءِ هو جڏهن ڪجهه وڌيڪ سامت ۾ هو ته هبارت ۽ جينيوي وري هن وٽ آيا. هبارت پنهنجي دفاع ۾ هڪ اڳواٽ تيار ڪيل تقرير ڪئي هن فقط اهو ٿي چاهيو ٿي ته هن جا وراثت جا حق محفوظ رهن. هن انهن ٻنهي کي ٿوري دير ڳالهائڻ ڏنو ۽ پوءِ انهن کي ٻڌايائين ته هن اهو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي ته هو پنهنجي دولت انهن ۾ فوراً ورهائي ڇڏيندو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 92. بريو نيو ورلڊ (Brave New World)

## — آلڊس هڪسلي —

آلڊس هڪسلي 1894ع ۾ ڄائو ۽ 1963ع ۾ فوت ٿيو. هو مشهور زولاجسٽ سرجولين هڪسلي جو ڀاءُ، دي ڪارن هل ميگزين جي ايڊيٽر ليونارڊ هڪسلي جو پٽ ۽ ٿامس هينري هڪسلي جو پوٽو هو جيڪو هڪ وڏو سائنسدان ۽ پنهنجي دور ۾ ڊارون جي ارتقا جي نظريي جو تمام وڏو حمايتي هو.

آلڊس ايٽن ۽ بيليول ڪاليج آڪسفورڊ مان تعليم پرائڻ کان پوءِ نوجواني ۾ ”دي ايٿينيوم“ جي ايڊيٽوريل اسٽاف تي ڪم ڪيو ۽ پوءِ دي ويسٽ منسٽر گزيٽ جو ڊراما بابت نقاد ٿيو. هن پنهنجو ڀهريون ڪتاب نظمن جو هڪ ننڍو مجموعو ٿيو، جنهن چوويهن ورهين جي ڄمار ۾ ڇپرايو. انهي کان پوءِ شاعري جا ٽي جلد ڇپيا آيا ۽ پوءِ 1920ع ۾ لمبو (Limbo) جي نالي سان افسانن جو مجموعو آيو. سندس پهريون ناول Crome Yellow سن 1921ع ۾ ڇپيو. انهي سان کيس فوراً هڪ اهم ليکڪ طور مڃتا ملي وئي. انهي کان پوءِ اينڊز سندس ٽن ناولن [اينٽڪ هي (1923ع)، دوزيٽرن ليوز (1925ع) ۽ پئائنٽ ڪائونٽر پئائنٽ (1928ع)] سندس شهرت کي مضبوط ڪري ڇڏيو.

سندس تحرير ڏاڍي مزاحيه، طنزيه ۽ چٽر پٽر هوندي هئي انهي تي جنگ کان پوءِ واري ٿهيءَ جي مخصوص ڇاپ هوندي هئي. خود هن جو تعلق به انهي ٿهيءَ سان هو ۽ سندس اڪثر همعصرن جي نظر ۾ هو پنهنجي دور جو تمام دلچسپ ليکڪ هو. هو جنهن انداز ۾ لکندو هو اهو خود هڪ عجوبو هو. هو اڪثر هڪ سين کان هٽي سين ڏانهن يا هڪ گفتگو کان ٻي گفتگو ڏانهن وڃڻ لاءِ ڪراس ڪٽنگ ٽيڪنيڪ ڪم آڻيندو هو جيڪا تڏهن فلم سازي ۾ متعارف ٿيل نئين ٽيڪنيڪ جي مشابهه هئي. هو انهي دور جي مڃيل وڏي عمر جي ليکڪن جان گالس ورديءَ آرنلڊ بينيٽ ۽ ايچ جي ويلز جي ڀيٽ ۾ نفاست پريو ۽ اصلي (Original) لڳندو هو. هو جنسي مسئلن کي نسبتاً کليل نموني بحث هيٺ آڻڻ جي ڪري پنهنجن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهندڙن کي ڪجھ وٺندڙ نموني چرڪائيندڙ لڳندو هو. ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڏيندڙ ڪجھ لائبريرين تہ هن جا ڪتاب رکڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. انهي عمل بہ سندس ڪتابن جي فحش هئڻ واري اجائي شهرت کي هٿي ڏني. انهي جي نتيجي طور ئي انهي کان وڌيڪ ماڻهن انهن کي پڙهڻ جي تڪليف ورتي جيترا هوڻ ئي صورت ۾ پڙهن ها.

هو جيتوڻيڪ شروعاتي ڪتابن کان وڌيڪ بيو ڪجھ بہ نہ لکي ها تہ بہ هڪ اهڙي ليکڪ طور انگريزي ادب جي تاريخ ۾ معمولي پر اهم حيثيت ضرور حاصل ڪري وڃي ها جنهن جو مکيہ مقصد پنهنجي ظرافت ۽ علميت جي اظهار سان پڙهندڙن کي وندرائڻ هو. پر فني طور تجرباتي Point Counter Point جي ڇپجڻ کان پوءِ سندس قد ڪاٺ ۾ اضافو ٿي ويو. هو هڪ اصلي دانشور ٿي ويو. هو انسانن تي طنز ڪرڻ بجاءِ انسان ذات جي مستقبل ۾ مشغول ٿي ويو. هن تيز مشاهدي کي ڇڏي اخلاقي طور پيچيده مسئلا پيش ڪرڻ شروع ڪيا. هو پنهنجي زندگي جي پڇاڙيءَ تائين ناولن، افسانن، مجموعن ۽ مضمونن جي اهڙن ڪتابن جا ڍير آڻيندو رهيو جن ۾ سائنس، مذهب، اخلاقيات، موسيقي مصوريءَ ٻين ڪيترن موضوعن تي عالماڻي انداز ۾ بحث ٿيل هوندو هو. هن پنهنجن پڙهندڙن کي جيتوڻيڪ فقط وندر وروندهہ مهيا ڪرڻ بجاءِ سيکارڻ چاهيو ٿي تہ بہ هن ذهني مشق کي تحرڪ ڏيڻ ۽ بحث ڇيڙڻ واري پنهنجي صلاحيت کي هٿان وڃڻ نہ ڏنو. هو حقيقت ۾ خالص عقليت پسندي کي مقبول ڪرائيندڙ ٿي ويو.

هن جي بلڪل نوجوانيءَ وارن نسبتاً غير پختن ڪتابن ۾ بہ سندس انهن خيالن جي شروعات ڏسي سگهجي ٿي جيڪي سندس پوءِ جي ڪتابن ۾ بار آور ٿيا. مثال طور سندس پهرئين ناول Crome Yellow جي هڪ ڪردار کي دنيا جو مستقبل هيئن ٿو نظر اچي:

”فطرت جي اڻ وڻندڙ نظام جي جاءِ تي هڪ غير شخصي نسل اچي ويندو. وسيع رياستي انڪيو بيٽرن ۾ رکيل حامل بوتلون دنيا کي گهربل آبادي مهيا ڪنديون. ڪٽنبي نظام ختم ٿي ويندو. سماج جو بنياد ڪمزور ٿي ويندو ۽ انهي کي نوان بنياد ڳولهڻا پوندا. شهوت جي ديوي ڏاڍي حسناڪي ۽ غير ذميداري سان آزاد ٿي آزاد پوپٽ وانگر هڪ گل تان اٿي ٻئي گل تي ٻئي ويهندي“. آلڊس هڪسلي ڪنهن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

امڪاني سائنسي يوٽوپيا جي انهي طنزيه بيان کي پنهنجي تمام مشهور ناول Brave New World جو موضوع بڻايو جيڪو 1932ع ۾ شايع ٿيو.

انهي جي منڍ ۾ هڪ آئيڊيلسٽ روسي فيلسوف نڪولس برڊائيف جي لکڻين مان هڪ اقتباس ڏنل آهي (اهو فرانسيسي ٻولي ۾ بغير ترجمي جي ڏنل آهي ڇاڪاڻ ته هڪسلي انهن ماڻهن کي ڪا به رعايت نه ڏيندو هو جن جي تعليم هن جهڙي بهتر نه هوندي هئي). اهو فيلسوف مارڪسزم مان مايوس ٿي ويو هو ۽ پيرس ۾ "اڪيڊمي آف فلاسافي آف رليجن جو بنياد وڌو هئائين". يوٽوپيائن جو حقيقت جو ويس ڌارڻ اينترو ممڪن بڻجي ويندو جيترو ڪنهن سوچيو به نه هوندو. برڊائيف لکيو: ۽ اسان جي سامهون اهو تڪليف ده سوال ڪر ڪٽي بيٺو آهي ته انهن جي منطقي نشوونما کي ڪيئن روڪي سگهجي ٿو؟ شايد ته هڪ نئين دور جي شروعات ٿي رهي آهي جنهن ۾ دانشور ۽ مهذب ماڻهو يوٽوپيائن جي وجود ۾ اچڻ کي روڪڻ جا خواب پيا ڏسندا ۽ هڪ اهڙي سماج جو رخ ڪندا جيڪو يوٽوپيائي نه هوندو. گهٽ مڪمل هوندو ۽ وڌيڪ کليل هوندو..."

سينٽرل لنڊن هيچري ائنڊ ڪنڊيشننگ سينٽر ۾ ڊائريڪٽر "تازن پهتل شاگردن جي هڪ ٽولي کي دورو ڪرائي رهيو آهي. هو انهي ڳالهه جو خاص اهتمام ڪندو هو ته سندس نون شاگردن کي مختلف ڊپارٽمينٽ پاڻ هلي ڏيکاريندو هو.

انهي طريقي سان هڪسلي کي پنهنجي نئين دنيا جو مڪمل پس منظر پوري تفصيل سان بيان ڪرڻ جو موقعو ملي وڃي ٿو ڇاڪاڻ ته انهي دوران ڊائريڪٽر جا رمارڪ ۽ شاگردن جا سوال به جاري رهن ٿا. سال به ڏاڍو مبهم 632 اي ايف (آفتر فورڊ) بيان ٿيل آهي. جيتوڻيڪ فورڊ ۽ فرائيڊ جا نالا ماڻهن جي حافظي ۾ تمام گڏ وچڙ ٿي ويا آهن.

سينٽر ۾ "وسيع اسٽيٽ انڪيوبيٽرن ۾ انسان تخليق ڪرڻ جي سائنس کي وڏي ڪماليت تي پهچايو ويو آهي. الفا، بيٽا، گاما، ڊيلٽا ۽ ايپسيلان نالن سان پنج معياري گريڊ پيدا ڪيا وڃن ٿا. انهن مان هر هڪ جي سماجي حيثيت جو تعين اڳ ۾ ڪيو وڃي ٿو ۽ انهن جا ڪم به اڳ ۾ طي ڪيا وڃن ٿا. الفا دانشور ۽ ذهني ڪم ڪندڙ آهن جڏهن ته پيماني تي سڀ کان آخر وارا ايپسيلان ذهني طور سب نارمل

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(Sub_ Normal) وجود آهن. جن کي گهٽ درجي وارا ڪم يا سخت جسماني محنت ڪرڻ لاءِ پيدا ڪيو ويو آهي.

مختلف ذهني گنجائش رکندڙ معياري وجود پيدا ڪرڻ جي نظام بابت ڊائريڪٽر هيئن ٿو چوي: "سماجي استحڪام جي اهم اوزارن مان هڪ ۽ سندس ڳالهه کي سينٽر جو هڪ فيڪٽري ورڪر وزناٽو ٻڌائيندي سوشل پري ڊيسٽينيشن روم ۾ مختلف ٽيسٽ ٽيوبن ۽ ڪنٽينرن ۾ آنن تي عمل بابت پنهنجي بيان جو واڌارو ڪري ٿو: اسين پنهنجن ٻارن کي آنرائي سماجي شڪل ڏئي انسانن جي شڪل ۾ آڻيندا آهيون: انهن مان ڪجهه کي الفا ڪندا آهيون ڪجهه کي ايپسيلان: ڪي ناليون صاف ڪندڙ ته ڪي ڊائريڪٽر هيچريز ٿيندا آهن". ڊائريڪٽر انهي تعريفي جملي کي پاڻ ڏانهن سمجهندي مرڪي انهيءَ جي موٽ ڏئي ٿو.

رحم ۾ ٻارن ٻاران پختي شڪل ۾ اچڻ کان پوءِ نيو پاولووين (Neo_ Pavlovian) ڪنڊيشننگ عمل ۾ اچي ٿي. جن کي ورڪر ٽيٽو هوندو آهي انهن کي جبلتي طور ڪتابن ۽ گلن جهڙين شين کان نفرت سيکاري ويندي آهي. جيئن اهي سونهن يا خوشي جي مجرد خيالن سبب محنت مشقت کان ڪڏهن به پري نه ٿي سگهن. اهي جڏهن ننڍ پيا هوندا ته انهن جي وهاڻن ۾ لڳل لائوڊ اسپيڪر انهن جي ڪنن ۾ مسلسل اهڙا خيال پيا وجهندا جيئن اهي پنهنجي سماجي حيثيت قبول ڪري وٺن.... "آءٌ جهڙو آهيان انهي تي ڏاڍو خوش آهيان. آءٌ خوش آهيان ته آءٌ الفا نه آهيان. الفا وارا ڏاڍا هوشيار هوندا آهن انهن کي اسان کان سخت ڪم ڪرڻو پوندو آهي...."

ڪٽنبي نظام به پنهنجو وجود وڃائي وينو آهي. فورڊ کان پوءِ واري دور ۾ ڪٽنبي زندگي جا خطرا ظاهر ٿي پيا جڏهن دنيا پيئرن سان ڀريل هئي. تنهن ڪري ڏک ۽ تڪليفن سان ڀريل هئي. اها دنيا مائرن سان ڀريل هئي تنهن ڪري هر قسم جي بي راهه روي سان ڀريل هئي. اها پائرن، پيئرن، چاچن، چاچين ۽ چرپائپ ۽ آپگهاتن سان ڀريل هئي. حقيقت اها آهي ته هاڻي "ماءُ پيءُ" جهڙا لفظ فحش سمجهيا وڃن ٿا ۽ "پيءُ" ۽ "ماءُ" به تمام پريشان ڪندڙ موضوع ٿي ويا آهن.

نئين سائنسي يوٽوپيا جي هڪ رهواسي مطابق "هاڻي دنيا ۾ استحڪام آهي، ماڻهو خوش آهن. انهن کي جيڪو گهرجي ٿو اهو ملين ٿو ۽ اهي مالي لحاظ کان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آسودا آهن. اهي محفوظ آهن. اهي بيمار نہ ٿا ٿين. اهي موت کان نہ ٿا ڊڄن. اهي پيرسني کان ناواقف آهن. انهن لاءِ مائرن ۽ پيئرن جو آزار ڪونهي. انهن کي ڪي زالون، ٻار يا محبتن جا مسئلا نہ آهن جن بابت اهي ڪي شديد احساس رکندا هجن. انهن جي ساخت ئي اهڙي آهي جو اهي انهي کان سواءِ ٻي ڪا روش اختيار ئي نہ ٿا ڪري سگهن جيڪا انهن کي اختيار ڪرڻ گهرجي. ۽ جيڪڏهن ڪا ڳالهہ غلط ٿي وڃي تہ انهي لاءِ سوما (Soma) موجود آهي..." سوما هر هنڌ ڪتب ايندڙ سور گهٽائيندڙ ۽ آرام ڏيندڙ دوا آهي جيڪا نشاءَ جي صورت ۾ ڪنهن بہ وقت ڪم آڻي سگهجي ٿي.

ماڻهو تفريح لاءِ نئين ڪليل ويسٽ منسٽر ايبي ڪيبري جهڙين جاين ڏانهن وڃن ٿا جتي ڪالون اسٽوپيس ۽ سندس سورنهن سيڪسوفون وڄائيندڙ موجود هوندا آهن. يا اهي فيليز (Feelies) تي وڃي سگهن ٿا. اهي اهڙيون سئنيمائون آهن جتي ناظرين پنهنجين سيٽن تي لڳل بوڻبن تي هٿ لائي فلم جي ڪردارن جي اصلي احساسن کي محسوس ڪري سگهن ٿا.

انهي ڳالهہ جو وڏو خيال رکيو وڃي ٿو تہ ڪو بہ ڪڏهن ناخوش يا غير مطمئن نہ ٿئي. انهي لاءِ سوما جي مستقل استعمال کي همٿايو وڃي ٿو ۽ هر قسم جي پڙهائي تي وڏي سينسرشپ ٿئي ٿي.

هڪسلي بريو نيو ورلڊ جي تقريباً سموري پهرئين اڌ ۾ سندس تصور واري مستقبل جا تفصيل ڏيندو رهي ٿو. اهڙن موضوعن تي لکندڙ بين اڪثر ليکڪن وانگر هن کي بہ ايندڙ دور بابت سندس پنهنجا خيال بہ اوترائي وڻندا هئا ۽ وري ڪيس انهن کان اينٽروٽي ڊپ بہ لڳندو هو. هو ناول جي پلاٽ کي اڳتي وڌائڻ لاءِ جيڪي ڪردار ڪم آڻي ٿو اهي بہ ڪي ايترا اهم نہ آهن ۽ خود ڪهاڻي بہ اينتري هوشياري سان نهيل نہ آهي.

اها شروع ۾ برنارڊ مارڪس نالي هڪ نوجوان بابت آهي جيڪو پنهنجي ساخت ۾ هڪ معمولي نقص سبب ليينا ڪرائون نالي هڪ ڇوڪريءَ جي شديد محبت ۾ گرفتار ٿي وڃي ٿو. هن کي هر هنڌ هلندڙ جنسي ڇڙواڳي پسند نہ آهي ۽ هو ليينا کي فقط پنهنجي لاءِ رکڻ جي خواهش ڪرڻ لڳي ٿو. اها خواهش نئين مستحڪم دنيا ۾ بلڪل نئين آهي ۽ انهي سبب ڇوڪريءَ ۽ خود ڪيس شديد پريشاني کي منهن ڏيڻو پوي ٿو "جڏهن فرد محسوس ڪري ٿو تہ سماج تڪليف ۾ ڦٿڪي ٿو". هوءَ ڪيس

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چئبيي ٿي. حقيقت ۾ اهو جملو انهن درجنين جملن مان هڪ آهي جيڪي انهن ٻنهي کي تخليق ڪان ئي هڪ مخصوص نظرياتي رخ تي هلائڻ لاءِ ڪنن ۾ وڌا ويندا هئا. انهي جي باوجود به برنارڊ پنهنجي مادي وجود جي روحاني ڪوتاهين جي آگاهي حاصل ڪرڻ کان بچي نه ٿو سگهي. "اسين فقط ڪم جي وقت دوران ئي ذهني طور بالغ هوندا آهيون"، هو چوي ٿو "پر جڏهن اسان جي احساس ۽ خواهش جي ڳالهه ايندي آهي ته اسين ٻارڙا ٿي پوندا آهيون".

اهي گڏجي موڪل ملهائڻ نيوميڪسيڪو ۾ ريزرويشن (قديم رهواسين لاءِ جدا ڪيل علائقو سنڌيڪار) ڏانهن وڃن ٿا جتي تاريخي دلچسپي جي لحاظ کان ڪجھ وحشين کي مهذب دور کان اڳ (Pre_Civilized) وارين حالتن ۾ رکيو ويو آهي. اهي اتي جان نالي هڪ نوجوان سان ملن ٿا. انهي کي Works of William Shakespeare نالي هڪ ڪتاب هٿ اچي ويو هو جيڪو هن پڙهيو هو. هو برنارڊ ۽ لينينا سان انهي بابت ڳالهيون ڪري ٿو ۽ انهي مان اقتباس ڏئي ٿو. اهي اقتباس انهن کي سمجهه ۾ نه ٿا اچن ڇاڪاڻ ته لفظن ۾ انفرادي لاڳاپن کي بيان ڪيو ويو آهي. جيڪي انهن جي تجربي ۽ سمجهه کان مٿاهان آهن. پر هنن کي انهي نوجوان وحشي ۾ دلچسپي پيدا ٿي پوي ٿي. اهي ڪيس سنڌن پنهنجي سماج بابت ٻڌائين ٿا ۽ ڪيس آڇ ڪن ٿا ته اهي جڏهن واپس وڃن ته هو به انهن سان گڏ هلي. هو پنهنجي سماج جون جهڙي نموني ڳالهيون ڪن ٿا اهي ٻڌي هو ڏاڍو پرجوش ٿي وڃي ٿو. "O Brave New World" هو شڪسپيئر جي ڊرامي دي ٽيمپسيٽ مان سٽ پڙهي ٿو. "جنهن ۾ اهڙا ماڻهو رهن ٿا". تنهنجي ڳالهائڻ جو انداز ڏاڍو انوکو آهي. برنارڊ تپرس وچان نوجوان جي منهن ۾ گهوريندي چوي ٿو. "تون نئين دنيا جيستائين واقعي ڏسين تيستائين بهتر آهي ته ڪجھ انتظار ڪر!"

نوجوان جڏهن "تهذيب" ۾ رهي ڏسي ٿو ته جلد ئي انهي مان بيزار ٿي پوي ٿو. اجا خراب ڳالهه اها ٿي پوي ٿي جو هو جيئن ته برنارڊ وانگر تخليق جي مخصوص عمل مان نه گذريو آهي تنهن ڪري ڪيس لينينا سان شديد محبت ٿي وڃي ٿي. اتي برنارڊ کي لينينا جي جنسي چڙواڳي ڏاڍو پريشان ڪري ٿي. هن کان اها ڳالهه برداشت نه ٿي ٿئي. هو حسد جي باهه ۾ پڙڪندي رڙيون ڪري ٿو ۽ ڪيس "رنڊي" ڪوٺي ٿو. لينينا ڪيس ٺڏو ڪرڻ جي ڪوشش ۾ پاڻ کي هن جي حوالي ڪري ٿي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر پوءِ ڪيس اها ڳالهه سمجهه ۾ نه ٿي اچي ته انهي تي هوا جا وڏيڪ ڪاوڙ ۾ چوا چي وبو آهي. هو ڪاوڙجي گناهن تي پشيمان ٽيندڙ شخص واري زندگي گذارڻ سري (Surrey) ۾ هڪ متروڪ ائير ـ لائيٽ هائوس ڏانهن وڃي ٿو هليو. پر ڪيس اتي به سڪون نه ٿو ملي جو اتي ماڻهن جون قطارون ڪيس ڏسڻ اچن ٿيون ۽ بيهي مٿس ڪِلن ٿيون. هنن جي نظر ۾ شام جي تفريح اها آهي ته هيليڪاپٽر ۾ اڏامي هيٺ ڏسجي ته مسخرو وحشي ڪهڙي هلت ٿو ڪري. آخرڪار هو پاڻ کي ڦاهو ڏئي ڇڏي ٿو.

آلڊوس هڪسلي چوڏهن ورهيه پوءِ ٻين جنگ عظيم کان پوءِ پنهنجي ڪتاب جي نئين ايڊيشن جو مهاڳ لکيو. "بريو نيو ورلڊ" هن لکيو "مستقبل بابت ڪتاب آهي ۽ مستقبل بابت ڪتاب ۾ اسان کي فقط تڏهن ئي دلچسپي ٿي سگهي ٿي جڏهن انهيءَ جون پيشنگوئيون ائين لڳن جڻ ته اهي سچيون ثابت ٿي سگهن ٿيون. انهي جون اڳڪٿيون ڪيتري قدر ممڪن ۽ وسهڻ جهڙيون لڳن ٿيون؟ ٻيش ٻيني جي هڪ وڏي ۽ چٽي ناڪامي فوراً ظاهر ٿي پوي ٿي. بريو نيو ورلڊ ۾ نيوڪليئر فشن بابت ڪو به اشارو ڪونهي...

"فرض ڪريو ته اسان ۾ هيروشيما مان سبق پرائڻ جي ايتري ئي صلاحيت آهي جيترو اسان جي ابن ڏاڏن Thirty years war مان سکيو هو ته اهو به فرض ڪري سگهجي ٿو ته نيوڪليئر توانائي کي صنعتي استعمالن ۾ آندو ويندو. صاف ظاهر آهي ته انهي جي نتيجي ۾ تمام تڪڙو ۽ تمام مڪمل سماجي ۽ اقتصادي تبديلين جو هڪ سلسلو ايندو. اهي تمام تڪليف ده عمل تمام مرڪزيت پسند مطلق العنان آمريتي حڪومتن جي ماتحتي ۾ سرانجام ڏنا ويندا ۽ هڪ واقعي مطلق العنان رياست اها هوندي جنهن تمام طاقتور سياسي حاڪمن تي ٻڌل انتظاميه (executive) ۽ انهن جي مئنيجرن جي فوج غلامن جي هڪ اهڙي آبادي کي ڪنٽرول ڪنديون جن تي ڪا به زور زبردستي نه ڪرڻي پوندي ڇاڪاڻ ته انهن کي پنهنجي غلامي سان پيار هوندو.

هو انهي قسم جي سماج جي هڪ ضرورت طور اچا به اڳڪٿي ڪندي چوي ٿو ته: "انساني پيداوار کي معياري صورت ۾ آڻڻ کان پوءِ هو ڳالهه ختم ڪري ٿو". ائين ٿو لڳي جڻ ته يوٽوپيا اسان جي اينترو ويجهو آهي جيترو پندرهن ورهيه اڳ ڪنهن تصور به نه ڪيو هوندو."

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اها ڳالهه بحث طلب آهي تہ هن ڪي جنهن قسم جي يوٽوپيا ڪان ڊپ هو اها ڪڏهن ايندي بہ يا نہ ۽ اها جيڪڏهن آئي تہ ڇا انهي ۾ ڪي فائدي جهڙيون ڳالهيون بہ هونديون. اها حقيقت آهي تہ بريو نيو ورلڊ هڪ سرد ۽ بعض جاين تي تہ انساني احساس ۽ گرمي ڪان ئي وانجهيل ڪتاب آهي پر انهي حقيقت ڪان بہ انڪار نہ ٿو ڪري سگهجي تہ اهو جڏهن پهريون دفعو لکيو ويو تہ اهو انهي دور جو هڪ عظيم ۽ دلچسپ ڪتاب هو. انهي خود اطميناني وارن همعصر لاڙن تي سوال اٿارڻ جي ضرورت کي عوامي شعور ۾ آندو. انهي ڪتاب جي عام ماڻهن جي طاقت ۽ تنوع ڪان مڪمل بي خبري جي باوجود بہ جن ماڻهن اهو پڙهيو ٿي انهن جي اڪثريت کي اهو سوچڻ تي مجبور ڪرايو ٿي تہ سماج ڪهڙو رخ اختيار ڪري سگهيو ٿي ۽ ڪهڙو رخ اختيار ڪرڻ گهرجيس. هڪسلي (جيڪو بنيادي طور غير دانشور طبقي ڪان نفرت ڪندو هو انهي) پنهنجي بلڪل غير جانبدار ۽ تمام واضح نموني ۾ انهي ڳالهه کي پنهنجي پڙهندڙ لاءِ تمام ضروري ۽ اهم بڻايو آهي تہ اهي انساني صورتحال تي نئين سر سوچ ويچار ڪن. دنيا جيڪڏهن ائين نہ ٿيندي جيئن هن بيان ڪئي آهي تہ پوءِ اها آخر ڪيئن ٿيندي؟ سندس تصور کي غلط ڪيئن ٿو قرار ڏئي سگهجي؟ اسان جي دور جي ٿورن ئي ڪتابن ناول جي ذريعي اهڙي پريشان ڪندڙ موضوع بابت سوچ ۽ فڪر کي تحرڪ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي هوندي

# 93. دي سيون پلرز آف وزڊم

## -- ٽي.اي لارينس --

پنجن پائرن ۾ ٻيون نمبر ٿامس ايڊورڊ لارينس، ڪيئر نارورن شائر، ٽريما ڊوڪ ۾ 1888ع ۾ ڄائو. هو جيستائين اٺن ورهين جو ٿيو تيستائين سندس ڪٽنب ڏاڍي لڏپلاڻ ڪندو رهيو. اهڙي طرح ننڍڙي ٽيڊ- جيڪو پوءِ لارينس آف عريبيا جي نالي سان مشهور ٿيو- اسڪاٽلينڊ، جرسي، فرانس ۽ هيمپشائير جا ڏاڍا سفر ڪيا. پوءِ سندس ماءُ پيءُ آخرڪار آڪسفورڊ ۾ جمي ويٺا. هن جي پرورش ۽ پالنا وڪٽوريائي نيڪوڪاري واري ماحول ۾ ٿي ۽ انهي ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ لارينس جي "شڪيلي (Formative) ورهين دوران سندس گهر وارو سخت نظم ضبط وارو ماحول انهي مضبوط ذاتي ضبط (Self Control) جو بنياد هو جنهن جو هن پوءِ عربستان جي بيابانن ۾ مظاهرو ڪيو.

هو ذهني طور پنهنجي عمر کان وڌيڪ هو ۽ سندس حافظو تمام تيز هو. هن کي ڪتابن سان ڏاڍو چاهہ هوندو هو. خاص طور اهي ڪتاب جن ۾ قديم ڪوٽن قلعن ۽ محاصرن جو بيان هجي. هن سٽي آف آڪسفورڊ اسڪول ۾ سٺي ڪارڪردگي ڏيکاري ۽ پوءِ جيسس ڪاليج ويو. اتي بہ سندس تعليمي دلچسپيون هڪ وسيع ميدان تي حاوي هيون. اها ڳالهہ اهم آهي تہ جن عجيب غريب موضوعن ۾ هن جي دلچسپي هوندي هئي انهن ۾ وچئين دور جا قلعا ۽ ٻيون دفاعي تعميرون شامل هيون. سندس غير نصابي سرگرمين ۾ زير زمين ندين جي دريافت ۽ ڇتين تي چڙهڻ شامل هو. هو جسماني طور مضبوط هو اهڙن مقابلن ۾ سنو هوندو هو جن ۾ همٿ ۽ سهپ گهربل هجي پر کيس نظم ضبط واربن رانديين ۾ ڪا دلچسپي نہ هوندي هئي. سندس هڪ سڀ کان نمايان خصلت سندس اها خواهش هوندي هئي تہ هو "مختلف" نظر اچي.

لارينس، فرانس ۽ ويلز جي پراڻن قلعن جو دورو ڪرڻ کان پوءِ ڪجهہ وقت عربي زبان پڙهي ۽ پوءِ صليبي جنگين واري دور جا قلعا ڏسڻ شام ويو هليو. هو جڏهن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وچ اوير جي موهه ۾ موهجي انگلينڊ واپس موٽيو ته شايد ڪيس اڻ لکي نموني انهي غير معمولي مِشن کان آگاهي هئي جيڪو هن جي اوسيئڙي ۾ هو. بهرحال هو ٿوري ئي وقت اندر اتي واپس پهچي ويو. هن دفعي هو انهن پن جاين جي دوري تي هو جن کي اڳتي هلي عربن جي ترڪن خلاف بغاوت ۾ اهم جاءِ وٺڻي هئي. اهي جايون ديرا ۽ دمشق هيون. هتي لارينس پاران فرات جي ڪنارن تي آثار قديمه بابت کوجنائن جو ذڪر به بي محل نه ٿيندو. چاڪاڻ جو هو تڏهن به اهڙي نفاست کان وانجهيل زندگي گذاريندو هو. جيتري هن کي ضرورت ئي نه هئي. هو پاڻ کي کاڌي پيئڻي ۾ به فقط تمام ضروري شين تي گذارو ڪرڻ جو عادي ٿيو ڪندو هو.

لارينس 1914ع جي شروعات ۾ پيلسٽين ايڪسپلوريشن فنڊ پاران معاوضي تي رکيل هڪ پارٽي ناهي جنهن جو ڪم غزا ۽ بن شيبا کان ڏکڻ ۽ اوير ۾ عقبه تائين علائقي جي سروي ۾ کوجنا هو. پوءِ جڏهن جنگ لڳي وئي ته هن سينا جو هڪ ڪارآمد نقشو ناهي وار آفيس ڊپارٽمينٽ وارن جي مدد ڪئي. هو ڪجھه مهينا پوءِ وچ اوير ۾ خدمتون سرانجام ڏئي رهيو هو جتي هو اڳتي هلي عربن جي بغاوت کي ڪا واضح شڪل ڏيڻ ۾ مصروف ٿي ويو. دي سيون پلرز آف وزڊم هن پاران عربن ۾ سرانجام ڏنل شاندار ڪارنامن جو هڪ شخصي بيان آهي.

فيصل جي فوج پاران دمشق ۾ سوڀاري نموني داخل ٿيڻ کان جلدئي پوءِ لارينس انگلينڊ موٽي ويو ۽ وار آفيس ۾ رپورٽ ڪيائين. هو ايندڙ ٽن ورهين تائين عربن جي آزاديءَ جي وڪالت ڪندو رهيو پر سياستدانن جا خيال مختلف هئا. هن تي عربن سان انهي غداري جو ڏاڍو اثر ٿيو ۽ عربن کي جهڙي نموني استعمال ڪري پوءِ انهن کي رد ڪيو ويو هو هن انهي جو الزام پاڻ تي پئي ڏنو. انهي اعصابي ڇڪتاڻ ۽ دٻاءَ واري دور ۾ ئي هن دي سيون پلرز آف وزڊم تحرير ڪيو.

سن 1921ع ۾ ونسٽن چرچل ڪالونيل آفيس ۾ هو جو لارينس کي عربن جي مفادن کي اڳتي وڌائڻ جو موقعو ڏنو ويو. سندس شخصيت ۾ جذبو جيئنوٽيڪ کيس اعليٰ منصب تي پهچائين ها پر هن ايندڙ سال استعفا ڏئي ڇڏي ۽ جان هيوم راس جي نالي سان رايل ائير فورس ۾ شامل ٿي ويو. سندس صحيح سڃاڻپ ظاهر ٿيڻ تي جڏهن کيس ائير فورس مان ڪڍيو ويو ته هو سوچيندو رهيو ته هو ڪنهن لائيٽ

هائوس جو رڪوالو ٿئي يا آئرش فري اسٽيٽ آرمي ۾ سپاهي ٿي وڃي. پر وري هن پنهنجو نالو مٽائي ٽي. اِي شا رکيو ۽ رايل ٽئنڪ ڪور ۾ شامل ٿي ويو.

هو جيتوڻيڪ بوونگٽن ڪئمپ ۾ سڀ کان مقبول ماڻهو هو پر کيس آرمي جي زندگي پسند نه هئي تنهن ڪري هو رائل ايئر فورس ۾ واپس ويو هليو. هو پنجن ورهين تائين ڏاڍو خوش رهيو. هو پنهنجن ڪيترن ئي دوستن ڏانهن ڏگها ڏگها خط لکندو هو ۽ پنهنجي موٽر سائيڪل تي ڳوٺن ۾ چڪر هڻندو هو. پر پوءِ هڪ حادثو ٿي پيو. هو مئي 1935ع ۾ موٽر سائيڪل تي ايگبن هيٿ ڏانهن پنهنجي گهر وڃي رهيو هو ته هڪ قاصد ڇوڪري کي بچائيندي هن اوچتو جو موٽر سائيڪل کي ڦيرايو ته هيٺ ڪري سخت زخمي ٿي پيو.

لارينس جو نالو وٺڻ سان هڪ وڏن وارن وارو انگريز نوجوان ذهن تي تري اچي ٿو جيڪو هڪ وڏي اٺ تي ويٺل آهي ۽ فيصل پاران ڏنل سفيد ۽ ريشمي ۽ سونهري پٽ پيل عربي پوشاڪ پهريل اٿس. هو هاڻي جيتوڻيڪ هڪ افسانوي شخصيت ٿي ويو آهي پر اسان مان اڪثر ماڻهن لاءِ هو هڪ معمو ئي آهي ڇاڪاڻ ته سندس شخصيت جا ڪيترائي اهڙا رخ آهن جن جي اطمينان بخش نموني وضاحت نه ٿي سگهي آهي. جيڪي ماڻهو سندس اسرار جي تهه تائين پهچڻ چاهين ٿا انهن کي لارينس جي پنهنجي شاهڪار The Seven Pillars of Wisdom ۾ سندس انڪشافن کي پڙهڻ گهرجي. هو پاڻ انهي جو اختصار شايد هنن لفظن ۾ ڏئي ها:

مون کي 18 ـ 1914ع واري جنگ ۾ عربن ڏانهن موڪليو ويو جيئن انهن کي عربن خلاف ڪنهن اقدام ۾ همٿ ڏياري سگهان. آءُ پنهنجي انگريز شخصيت کي ميسارڻ ۽ عرب ذهنيت ۽ انداز اپنائڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو. مون محسوس ڪيو ته جيتوڻيڪ مختلف قبيلن ۾ ڪيترائي سماجي ۽ اقتصادي اختلاف هئا پر بنيادي طور انهن جي ذهنن ساڳئي نموني ڪم ڪيو ٿي. هو ضدي، تنگ نظر ۽ تصوراتي آهن ۽ زندگي جي سوغات کي ڪنهن سوال جواب يا مصالحت کان سواءِ قبول ڪن ٿا. سڀ کان اهم ڳالهه اها ته اهي سدائين ڪنهن نظريي جي پيغمبر جي پيروي ڪرڻ لاءِ تيار هوندا آهن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون کي خبر آهي تہ عربن ترڪن جي غلامي ۾ رهندي خفيہ فريبم سوسائيٽيون ٺاهيون آهن. اهي سيئي ڪنهن مناسب موقعي جي انتظار ۾ آهن جيئن پنهنجن آقائن تي جُلهہ ڪري انهن جو تختو اونڌو ڪري ڇڏين. مون کي اها بہ خبر آهي تہ ترڪ جڏهن 1914ع واري جنگ ۾ شامل ٿيا تہ انهن امڪاني طور بغاوت ڪري وجهندڙ عرب آفيسرن ۽ سپاهين کي ڏورانهن جنگي محاذن تي موڪلي ڇڏيو هو.

سلطان جبنوٽيڪ شريف حسين بن علي کي قسطنطنيہ ۾ قيد ڪري ڇڏيو آهي پر شريف جي پٽن علي، عبدالله، فيصل ۽ زيد جديد تعليم حاصل ڪئي آهي ۽ ترڪي حڪومت جي خلاف بغاوت ۾ عرب فوجن جي اڳواڻي ڪرڻ لاءِ تيار آهن. ينگ ترڪس (Young Turks) پاران ڪنٽرول ڪرڻ کان پوءِ انهن حسين کي مڪي ڏانهن امير ڪري موڪليو. فيصل تڏهن دمشق ۾ هو ۽ کيس وڏو اعتماد هو تہ شام ۾ بغاوت فوراً ڪامياب ٿي ويندي اتحادي (Allics) جڏهن اسڪندريا بجاءِ دره دانيال ڏانهن وڌيا تہ فيصل جا شامي حمايتي يا تہ گرفتار ٿي ويا يا تري پکڙي ويا تنهن ڪري هن ٻاهريون پنو رکندي ترڪي سان وفاداري جو اظهار ڪيو ۽ پنهنجي پيءُ کي بہ صلاح ڏني تہ هو حالتون وڌيڪ سازگار ٿيڻ تائين جارحاڻي اقدام کي ملتوي ڪري

انهي دوران ترڪيءَ جيئن ئي جرمني سان اتحاد ڪيو تہ برطانوين کي احساس ٿي ويو تہ عرب وچ اوڀر ۾ تمام وڏي گڙٻڙ ڪري سگهن ٿا. تنهن ڪري برطانوي پاليسي اها ٿي وئي تہ عرب قبائلين کي ريهي ريبي انهن کي سندن مشترڪ دشمن خلاف متحد ڪجي ۽ انهن کي آزادي وٺرائي ڏجي.

مون انٽيليجنس سيڪشن جي اسٽاف ڪيپٽن طور پهريان پاڻ کي ترڪي فوج جي تقسيم ۽ نقشن جي تياري ۾ مصروف رکيو. آءُ عرب بليٽن بہ هلائيندو هوس. اهو وچ اوڀر ۾ سياست جو خفيہ هفتي وار رڪارڊ هو. پوءِ مون کي وڌيڪ ڪاراڻتو ڪم ڪرڻ لاءِ عرب بيورو ڏانهن بدلي ڪيو ويو. منهنجو ڪم ڪنهن امڪاني عرب ليڊر جي ڳولها ۽ ڪارگر فوجي طاقت طور قبيلن کي پاڻ ۾ جوڙڻ هو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاڻين يورائيلس جهاز ذريعي پهتس. اتان قاهره روانو ٿيس ۽ پنهنجي رپورٽ پيش ڪئي. مون جيڪا اميد افزا تصوير پيش ڪئي انهي تي منهنجا سربراهه خوش ٿي لڳا. مصر ۾ ملٽري انٽيليجنس جي سربراهه جنرل ڪليٽن منهنجي ڪوششن جي واکاڻ ڪئي ۽ مون کي فيصل جي نئين آرمي بيس ينبوع ڏانهن موڪلي ڇڏيو. اتي آءٌ گارلينڊ سان مليس جيڪو عربن کي ڊائنا مائيٽ ذريعي ريلوي لائينون تباهه ڪرڻ جي سکيا ڏئي رهيو هو. هن مون کي ٻه وڏي ڌماڪيدار مواد سان واقفيت سيکاري. خود سرنگون وڇائيندڙ فوجي جوان ٻه جيڪر اهڙين شين کي تمام احتياط سان ڪٺڻ پر هو انهن جا ڪجهه پيري پنهنجن ڪيسن ۾ وجهي اٺ تي چڙهي هفتي کن جي پنڌ تي حجاز ريلوي ڏانهن روانو ٿي ويندو هو.

مون کي فيصل ڏاڍو ڏيرج وارو پاڻ تي ضابطو رکندڙ خوش مزاج ۽ ڪنهن ٻه شڪايت ڪٺي ايندڙ کي ڏيان سان ٻڌڻ وارو نظر آيو. هن مون کي خبر ڏني ته ترڪن ينبوع تي هڪ اوچتي حملي جي رٿا ڪئي آهي. جيستائين ينبوع جو دفاع مضبوط ٿئي تيستائين دشمن جي توجه هٽائڻ لاءِ هن پنهنجي فوج کي ڏکڻ جي هڪ ڳوٺ ڏانهن موڪلي ڇڏيو. مون ٻه ڏينهن عرب ڪيمپ ۾ گذاريا اتي مون فيصل جي درخواست تي عرب پوشاڪ پهري. پوءِ اسين بندرگاهه جي دفاع ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ينبوع موٽياسين. ترڪ ويجها آيا پر بندر ۾ بيٺل برطانوي جهازن جي توپن جي گولي بازي کان گهبرائجي جلد ئي پٺتي هٽي ويا.

مون صورتحال جو جائزو وٺڻ کان پوءِ فيصل کي مشورو ڏنو ته هو ڪناري تي ٿورو مٿي وجهه تي قبضو ڪري وٺي. آءٌ ترڪن جي قبضي هيٺ آيل مديني تي ٻه حملي جو حامي هئس. اهڙي طرح فيصل عبدالله کي وادي عيس ڏانهن روانو ڪيو. اهو شهر کان هڪ سو ميل اتر ۾ آهي- ته جيئن هو ترڪن جي دمشق سان مواصلات کي نقصان پهچائي. مون انهي مسئلي تي غور ڪيو ته وجه آپريشن لاءِ نيوي جي ڪهڙي مدد جي ضرورت پوندي. اسان جي فوجن کي ينبوع کان اتر طرف منتقل ڪرڻ جو اهو مطلب ٿو نڪري ته احتياطي تدبير طور بندر تان سڀ ذخيرا (Stores) ڪٺا پوندا. هر شي اسان جي فائدي ۾ پئي لڳي. شروعاتي قدم (Initiative) اپترو ته مڪمل طور عربن جي هٿ ۾ پئي لڳو جو مون ٻارنهن مهينن جي اندر دمشق ۾ داخل ٿيڻ جي اڳڪٿي ڪري ڇڏي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وجه گيريسن کي جينوٽيڪ رت جي آخري ڦڙي تائين شهر جي دفاع جو حڪم ڏنو ويو هو پر اسان جي ويجهو پهچڻ تي اهي ٻاهر نڪري ويا. اسين بغير ڪنهن مزاحمت جي اندر ڪاهي ورياسين. فيصل سڀ کان پهريان اندر داخل ٿيو. هن کي سفيد پوشاڪ پهريل هئي. سندس ساڄي پاسي کان ڳاڙهي رومال سان شريف ۽ کابي پاسي کان آءٌ هوس. پٺيان ڌهلاري دهل وڄائيندا پئي آيا. انهن جي پٺيان محافظ دستي جا ٻارهن سوار هئا.

پوءِ آءٌ ريگستان جي سخت سفر تي نڪتس جيئن مديني جي اتر ۾ ريلوي لائين تباهه ڪرڻ ۾ عبدالله جي مدد ڪري سگهان. اسان ابوالنعمر اسٽيشن جي ويجهو پنڙي تباهه ڪئي. ٽيهه گرفتار ڪيا ۽ ترڪ گيريسن جي ستر ماڻهن کي ماريو يا زخمي ڪيو.

وجه پهچڻ تي مون کي اهو ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي ته ريگستان جو هڪ سڀ کان وڏو ويڙهاڪ عوده فيصل سان گڏجي ويو هو. هن منهنجي انهي راءِ جي حمايت ڪئي ته مديني کان عقبه وڌيڪ قيمتي ٿيندو. انهي تي قبضي سان نه صرف عرب محاذ اڳتي وڌندو پر اهو اسان کي برطانوين سان ڳنڍيندو. انهي ڪري اسان اتر ايرندي طرف کان ريگستان ٽپڻ شروع ڪيو ۽ رستي ۾ وڏ ۾ وڏ رضاڪار گڏ ڪندا وياسين اسان رستي ۾ وڪڙ ڪري بعر کي ڦيرو ڏئي آياسين. اتي ترڪن هڪ چڙهي باقي سڀ کوهه تباهه ڪري ڇڏيا هئا. سينا جي ويجهو پهچندي اسان کي دشمن جون ڪيتريون ئي خالي ڇڏيل پوستون نظر آيون. شهر ۾ ڪجهه باقي بچيل سپاهين هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا ۽ عقبه اسان جو ٿي ويو. هاڻي فيصل جي فوج جنرل الين باءِ جي ماتحتي ۾ اڻ ڪٽ وڳوڙن ۽ مسلسل بغاوت واري ملڪ شام کي فوجي نموني نجات ڏيارڻ ۾ حصو وٺي سگهي ٿي.

اسان اتر طرف پيش قدمي جاري رکي. انهي دوران ترڪي چانوٽين تي حملا ڪندا، پلين ۽ ريل گاڏين کي اڏائيندا، ٽيليفون جي تارن کي ڪٽيندا ۽ نوان ريڪروٽ ڪٽندا وياسين. ڪا به خرابي نه ٿي ايستائين جو آءٌ درا ۾ گرفتار ٿي ويس ۽ ماڻهو مون کي بي (Bey) جي بيڊروم ۾ گهلي ويا. مون جڏهن سندس جنسي پيش قدمي جي مزاحمت ڪئي ته هن مون کي مار ڏياري ۽ لڪڻ هٽايا. آءٌ فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس ۽ پنتي ازرق ۾ پنهنجي بيس ڏانهن موٽيس.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجو اڳيون سفر عقبہ ڏانهن هو جتي مون جنرل الين باءِ کي رپورٽ ڪيو. آءٌ اڃا هن وٽ ئي هئس جو يروشلم جي سقوط جون خبرون اچي ويون. آءٌ برطانوي ميجر جي وردي ۾ جنرل ڪليٽن جي اسٽاف آفيسر طور شهر ۾ داخل ٿيس. يروشلم ۾ داخل ٿيڻ منهنجي جنگ جو سڀ کان بهترين لمحو هو.

آءٌ جڏهن عرب فوج سان وري اچي مليس ته اسان عقبہ جي اتر ۾ ڳوٺن جي جهڳٽي خلاف ڪارروايون شروع ڪيون ۽ پنهنجي سڀ کان تازي مشن تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. اها مشن اها هئي ته اسان کي بحيره مردار ۾ ترڪن جي اچ وڃ کي روڪڻو هو. اسان جا جاسوسي گشت ايترا ته ڪارگر ثابت ٿي رهيا هئا جو ترڪن ڪنهن بہ برطانوي آفيسر جي زنده گرفتار ٿيڻ يا لاش تي هڪ سو پائونڊ انعام رکيو هو. مون کي اهو ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي تہ انهن مون تي خاص انعام رکيو هو. منهنجي زنده گرفتاري تي 20,000 پائونڊن ۽ لاش تي ڏهہ هزار پائونڊن جو انعام رکيل هو. مون انهن انگن کي جيتوڻيڪ ڪا اهميت نہ ڏني پر پنهنجي لاءِ هڪ طاقتور باڊي گارڊ رکي ڇڏيو.

جيرڪو الين باءِ جي هٿن ۾ هو ۽ برطانوي ڪمڪ بہ وڏي تعداد ۾ پهچي رهي هئي. تنهن ڪري دمشق ۽ شايد اليپو خلاف وڏي جارحاڻي ڪارروائي ڪنهن بہ وقت شروع ٿي سگهي پئي. الين باءِ جڏهن بہ هزارات اسان جي حوالي ڪيا تہ اسين سمجهي وياسين تہ فتح گهڻي پري نہ هئي. شيخن گڏ ٿيڻ شروع ڪيو ۽ اسان آخري دفعو انهن آڏو تقرير ڪئي.

اسان پهريان درا تي حملو ڪيو ۽ شهر جي ڏکڻ ۾ ريلوي جي پل کي تباهہ ڪيو. پوءِ دمشق ۽ فلسطين جي وچ ۾ ريلوي لائين جي ڏهن ڪلوميٽرن تي قبضو ڪري ورتو. مون کي جيئن تہ عربن جي عزت جي احساس جي تمام گهڻي ڄاڻ هئي تنهن ڪري مون انهي تجويز کي رد ڪري ڇڏيو تہ عرب پنهنجي هٿن وڃن ۽ برطانوين کي درا تي قبضي جي اجازت ڏين. بهرحال اسان شهر تي قبضو ڪري ورتو ۽ اتر طرف دمشق ڏانهن ڊوڙڻ لڳاسين جيڪو اسان جي پن ورهين جي غير يقيني واري صورتحال جو عروج هو.

اسين پهرئين نومبر 1918ع تي دمشق ۾ داخل ٿياسين. اڍائي لک آبادي واري هن شهر ۾ لڳي پيو تہ هر مرد عورت ۽ ٻار گهٽين ۾ بيٺو هو. اهي فقط اسان جي

ظاهر ٿيڻ جي انتظار ۾ هئا. دمشق خوشي ۾ چريو ٿي ويو. مردن خوشي ۾ پنهنجون ڳاڙهيون ٽوپيون هوا ۾ اڇلايون عورتن پنهنجا نقاب لاهي ڇڏيا. گهرن ۾ بيٺل ماڻهن اسان جي رستي ۾ گل اڇلايا ۽ غاليچا وڇايا.

پر دمشق جي آزادي منهنجي لاءِ هڪ دکدائڪ موقعو هو. مون پنهنجو مشن پورو ٿيڻ کان پوءِ الين باءِ کي چيو ته مون کي رليز ڪيو وڃي. شروع ۾ هو مون کي موڪل ڏيڻ کان هٻڪيو ٿي پر آخر ۾ راضي ٿي ويو. پوءِ اوچتو مون کي محسوس ٿيو ته مون کي ته ڏاڍو افسوس ٿيو هو.

لارينس جي سيون پلرز آف وزڊم کان وڌو جنگ ۽ مهم جوئي جو ڪو داستان نه ايندو. ليڪڪ جون ڪهڙيون به ڇڱايون يا برايون هجن (۽ هن ڪتاب ۾ هو روسو جهڙو کليل ٿي سگهي ٿو) پر هن جي هڪ خصوصيت کان انڪار نه ٿو ڪري سگهجي. هو هڪ پيدائشي داستان گو آهي. هو سادي ٻولي ۾ عربن جي بغاوت جون خاص ڳالهيون ائين بيان ڪري ٿو جيئن اهي هڪ خاص طور حساس انگريز کي نظر آيون آهن. پڙهندڙ هڪ واقعي کان ٻئي واقعي تي ايتري ته تيز رفتاري سان لڙهندو ٿو وڃي جو هو پوءِ جيڪڏهن پاڻ کان اهو سوال ڪري ته جديد جنگ جي انهن خوفناڪ ڳالهين جو بيان حقيقت هو يا افسانو ته ڪيس معاف ڪيو وڃي.

نقادن ايستائين به چيو آهي ته لارينس ڪوڙو هو. هنن پنهنجن دليلن جي حمايت ۾ متن مان متضاد ۽ اڻ نهڪندڙ ڳالهين ۽ ڪجهه اڻ ٽيٽين جا حوالا ڏنا آهن. انهن جي ڪا به ڳالهه ڪتاب جي بنيادي صداقت ۾ ڪا گهٽتائي نه ٿي آڻي. اها هڪ عام ڳالهه آهي ته آرٽسٽ اڪثر ڪري سچ کي پنهنجي تصور مطابق تخليق ڪندو آهي ۽ لارينس پنهنجي دي سيون پلرز آف وزڊم ۾ بلڪل ائين ئي ڪيو آهي. سندس ڪتاب مان هِتان هُتان ڪو ٽڪرو ڪڍي يا ڪنهن هلڪي مبالغي واري ڳالهه ڪڍي فقط انهي بنياد تي سندس تعريف ڪرڻ يا الزام هڻڻ هن سان ناانصافي ٿيندي.

لارينس اسان کي پاڻ ٻڌائي ٿو ته هن کي پنهنجي سموري زندگي "ڪنهن تصوراتي اسلوب ۾ اظهار ذات جي طاقت" جي تمنا رهي. هن جڏهن دي سيون پلرز آف وزڊم لکيو ته بلاشڪ اها طاقت ڪيس ملي وئي هئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 94. برائيٽن راڪ

## -- گراهم گرين --

ڏوهه بابت ۽ وڏي تجسس سان ڀريل ڪهاڻي جيڪا هڪ ماڊرن ڪلاسڪ ٿي وئي آهي انهي جو ليکڪ گراهم گرين 1904ع ۾ ڄائو. هن شروعاتي تعليم برخام سٽيڊ اسڪول ۾ ورتي جتي سندس پيءُ هيڊ ماستر هو. پوءِ هو بيليول ڪاليج آڪسفورڊ ويو اتي به هن ماڊرن هسٽري جي مضمون ۾ وظيفو حاصل ڪيو ۽ شاعري جو هڪ ڪتاب ڇپرايائين. هن 1927ع ۾ شادي ڪئي ۽ پنهنجو پهريون ناول The Man Within سن 1929ع ۾ ڇپرايائين.

هن جلدئي هڪ ناول نگار جي حيثيت ۾ اهميت حاصل ڪري ورتي ۽ صحافت کي ڇڏي ڏنائين جيئن پنهنجو سمورو وقت لکڻ لاءِ وقف ڪري سگهي. هن 1935ع کان 1939ع تائين لائيبيريا ۽ ميڪسيڪو جا سفر ڪيا ۽ دي اسپيڪٽيٽر جو فلمي نقاد ٿيو. هن ميڪسيڪو ۾ مذهبي ايذاء رساني جي موضوع تي تحقيق ڪئي ۽ انهي جي نتيجي ۾ The Lawless Roads ۽ پوءِ The Power and the Glory لکيائين. هو 1940ع ۾ دي اسپيڪٽيٽر جو ادبي ايڊيٽر ٿيو ۽ وزارت اطلاعات لاءِ پڻ ڪم ڪيائين. پوءِ هن فارين آفيس ۾ نوڪري ڪئي جتان کيس سيراليون موڪليو ويو. هن اتي 1941ع کان 1943ع تائين ڪم ڪيو. هن 1950ع ۾ The Third Man ڇپرايو جنهن کي ڪيرول ريڊ فلمي شڪل ڏني ۽ انهي تان ساڳئي نالي سان هڪ ٽي وي سيريز به ٺهي. هو 1941ع ۾ هڪ اشاعتي اداري آئير اينڊ اسپاٽس ووڊ جو ڊائريڪٽر ٿيو. برائيٽن راڪ پهريون دفعو 1938ع ۾ ڇپيو.

هو 1926ع ۾ رومن ڪيٿولڪ ٿيو ۽ سندس تحريرن جي وڏي حصي مان هن جي ڪيٿولڪ مت سان وابستگي جي جهلڪ پسي سگهجي ٿي. هن ٽيهن جي لڳ ڀڳ ناول، ڊراما، ٻارن لاءِ ڪتاب ۽ افسانن جا مجموعا ڇپرايا آهن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

برائيٽن راڪ ويهين صدي جي ٽئين ڏهاڪي جي اڌ ڌاران وٽ منڍي (ايسٽر ڪان پوءِ ستين آچر کان پوءِ وارو سومر. سنڌيڪار) تي شروع ٿئي ٿو. تڏهن سمورو ملڪ موڪل ملهائڻ برائيٽن آيل هو. ڪتاب جي پهرئين حصي جو مرڪزي ڪردار فريڊ هيل (Fred Hale) هڪ اڪيلو اعصابي مريض ماڻهو آهي. اهو ڊيلي ميسينجر جي مسٽر ڪولي ڪِبر جي روپ ۾ سمنڊ ڪناري تي تفريحي جاين تي وڃي مختلف هنڌن تي ڪارڊ رکي اچي ٿو جيڪي ڪٽي ايندڙن کي ننڍا انعام ڏنا ويندا. هڪ وڏو انعام انهي شخص لاءِ رکيل آهي جيڪو ميسينجر جو هڪ پرچو کڻي اچي سندس اصل سڃاڻپ ٻڌائيندو.

هيل کي دل ۾ ڊپ ويٺل آهي. هو برائيٽن ۾ پنهنجي اخبار لاءِ ڪم ڪرڻ آيو آهي. ڪيس خبر آهي ته ڪيس قتل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي. هن لاءِ لِڪڻ به ڏکيو آهي ڇاڪاڻ ته ڪيس انهي رستي تان به هٽڻو نه آهي جيڪو هن لاءِ طي ڪيو ويو آهي. اهو رستو برائيٽن جي سيني مشهور جاين وٽان گذري ٿو. هيل کي جلدئي خبر پئجي وڃي ٿي ته اهي سندس پنيان لڳل آهن. هو ٻي ڪا واٽ نه ڏسي انهن کي گوهي ڏيڻ لاءِ ماڻهن جي ميڙن ۾ ملي وڃي ٿو پر انهيءَ مان به ڪجھ نه ٿو وري

هو هڪ شراب خاني ۾ وڃي ٿو هليو. اتي هو هڪ ٿلهي متاري ۽ وڻندڙ عورت ادا آرنلڊ (Ida Arnold) سان ملي ٿو پر هيل اتي به بچي نه ٿو سگهي. اسين هتي به ڪتاب جي اينٽي هيرو [ڪهاڻي جو مرڪزي ڪردار جنهن ۾ هيرو سان منسوب روايتي خصوصيتون موجود نه هجن سنڌيڪار] پنڪي سان ملئون ٿا. هن جي عمر سترهن ورهيه آهي. سندس قد بت ننڍڙو آهي ۽ ڪيس ڍلا ڪپڙا پهريل آهن. پنڪي جي منهن مان بک ۽ هڪ قسم جي اڻ وڻندڙ غير فطرتي فخر جو اظهار ٿي رهيو آهي. هو نج برائي آهي.

پنڪي هيل کي نفرت جي نگاهه سان ڏسي ٿو ۽ هيل کي جيئن ته خبر آهي ته ڇوڪرو ڪيس قتل ڪرڻ آيو آهي تنهن ڪري ڪيس خريد ڪرڻ جي ڪمزور ڪوشش ڪندي ڪولي ڪبر کي سڃاڻڻ تي انعام جي آڇ ڪري ٿو. پنڪي وڏي نفرت سان آڇ ٺڪرائي ڇڏي ٿو ۽ هيل سمجھي وڃي ٿو ته هو ٻاهر هن جي انتظار ۾ هوندا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو ادا ڪي اٿارڻ جي بيسود ڪوشش ڪري ٿو. جيئن ڪيس اولڊ شپ هوٽل تي لنچ لاءِ وٺي وڃي پر هوءَ نشي ۾ آهي ۽ شراب خانو بند ٿيڻ کان اڳ اتان نڪرڻ کان انڪار ڪري ٿي.

اهڙي طرح هيل برائيٽن ۾ پنهنجو سفر جاري رکي ٿو ۽ پڪو پهه ڪري ڇڏيو اٿائين تہ هو پنهنجي زندگي خطري ۾ وجهي بہ پنهنجو ڪم ڪندو رهندو. پنڪي ۽ سندس ٽولو هن جي پنيان آهن. هيل آخري حربي طور ڇوڪرين کي پاڻ سان گڏ ڪٺڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ڇو تہ ڪيس خبر آهي تہ جيڪڏهن ڪا ڇوڪري هن سان گڏ هوندي تہ هو وار ڪرڻ جي همٿ نہ ڪندا. پر سڀ ڇوڪريون هن کان نفرت ڪن ٿيون.

آخرڪار هن جي اِدا سان وري ملاقات ٿي وڃي ٿي. هوءَ ڏاڍي پُرجوش ۽ همدرد آهي. جيئن تہ هن جو هئنڊبئگ گم ٿي ويو آهي. تنهن ڪري هوءَ ڏاڍي آرام سان هن سان گڏ هلي ٿي. هيل ڪيس وقت ٽپائڻ لاءِ ڏهہ شلنگ ڏئي ٿو ۽ چنچر تي ٿيندڙ برائيٽن ريسز ۾ ڪتيندڙ گهوڙن بابت بہ مفيد چاڻ ڏئي ٿو.

هو گڏجي هڪ ٽيڪسي ۾ پيليس پيئر ڏانهن روانا ٿين ٿا. پنڪي ۽ سندس ٽولو پنهنجي پراڻي مورس ڪار ۾ هنن جي پٺيان لڳن ٿا. هيل اِدا کي چُميون ڏيندي آئيني مان انهن کي ڏسي وٺي ٿو. پيليس پيئر تي اِدا کيس بہ ٽي منٽ ڇڏي واش روم ڏانهن وڃي ٿي. هوءَ جلدئي واپس آئي پر هيل اتي موجود نہ هو.

هاڻي منظر بدلجي وڃي ٿو. پنڪي پيليس پيئر تي هڪ ڪيفي ۾ پنهنجي ٽولي جي ماڻهن اسپائيسر، ڪيوبٽ ۽ ڊيلو سان گڏ ويٺو آهي. اهي سڀئي هن بي رحم ڇوڪري کان عمر ۾ وڏا آهن. جيڪو ڪين پنهنجي سامهون ٽيبل تي ويهاري ٻارن وانگر ڪارائي رهيو آهي.

اهي ڪيس ٻڌائين ٿا تہ هيل مارجي چڪو آحي. هو پاڻ کي الزام کان بچائڻ لاءِ بهانو اهو ٿا ناهين جو اهي ڪارڊ ورهائي ٿا ڇڏين جيڪي هيل کي پنهنجي رستي ۾ رکڻا هئا. اسپائيسر هڪ ڪارڊ سنوز (Snow's) ريسٽورينٽ ۾ ميز پوش جي هيٺان رکي ڇڏيو آهي. پنڪي انهي تي ڏاڍو ڪاوڙجي پوي ٿو تہ تي سگهي ٿو تہ ڪنهن ويٽرس ڏسي ورتو هجي تہ جنهن ماڻهو ڪارڊ رکيو هو اهو ڪولي ڪبر نہ هو. ڇاڪاڻ تہ سندس تصوير اخبار ۾ اچي وئي هئي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنڪي پاڻ اهو ڪارڊ ڪڻ وڃي ٿو. پر اتي وڃي ڏسي ٿو ته نئين وينٽرس روز اهو اڳيئي کڻي ورتو هو ۽ انعام وٺڻ جو ارادو ڪيو ويٺي هئي. روز هڪ تمام غريب گهراڻي جي هڪ سنهڙي، رحم جوڳي ۽ ذهني طور ناپختي ڇوڪري آهي. هن جو منهن هڏائون آهي. وات وڏو ۽ اکيون ڪليل هونديون اٿس. هوءَ جڏهن پنڪي کي ٻڌائي ٿي ته ڪيس انهي ماڻهو جو منهن چڱي طرح ياد آهي جيڪو ڪارڊ ڇڏي ويو هو ته هو "پنهنجيون خطرناڪ. بي احساس اکيون" مٿس ڄمائي ٿو ڇڏي "مون ۾ ۽ تو ۾ ڪجھ ڳالهيون مشترڪ آهن". هو چوي ٿو.

پنڪي اهو سوچي غلطي ڪري ٿو ته روز هن لاءِ خطرناڪ ٿيندي. اصلي خطرو ته اِدا آهي. انهي بابت ٽولي کي خبر آهي ته اها هيل جي مارجڻ کان ٿوري دير اڳ به هن سان گڏ هئي. پر پنڪي کيس ڪا رواجي رولو عورت سمجهي نظر انداز ڪري ٿو ڇڏي جنهن سان هيل اتفاقي طور مليو هوندو. اهڙي طرح هو انهن تباھ ڪار غلطين مان پهرئين غلطي ڪري ٿو جن بابت هو پاڻ کي دلبو ڏئي رهيو هو ته اهي کيس دائمي دشمن يعني پوليس کان بچائينديون.

هوڏانهن لنبن ۾ اِدا اخبار ۾ هيل جي موت بابت پڙهي ٿي ۽ ڏک ۾ ونجي وڃي ٿي. اخبارن مطابق هو دل بيهجي وڃڻ سبب مري ويو هو پر اِدا انهي مان مطمئن نه هئي ڇاڪاڻ ته کيس خبر هئي ته انهي معاملي ۾ بيون به ڪيتريون ڳالهيون هيون جيڪي ڪورٽ ۾ بيان نه ڪيون ويون هيون. هوءَ آخري رسمن ۾ شريڪ ٿيڻ مساڻ وئي ۽ هيل پاران کيس ٽيڪسي ۾ ڏنل مٽيون ياد ڪري ڏاڍي رُني. کيس سندس اهي به لفظ ياد آيا ته هو مرڻ تي هو ۽ کيس ڏاڍو ڊپ به هو.

هن کي اهو به ياد آيو ته پنڪي شراب خاني ۾ ڪيئن ڏمڪائيندڙ نموني ۾ هلت ڪئي هئي ۽ سمجهي وڃي ٿي ته هيل خلاف ڪنهن نه ڪنهن قسم جو ڏوھ ٿيو هو. اِدا کي زندگي ۾ ڏاڍو جذباتي انداز ۾ وبساھ هو پر هوءَ اک جي بدلي ۾ اک واري ڳالھ تي به ويساھ رکندي هئي.

وري برائيٽن ۾ پنڪي پيليس پيئر تي گجگوڙ ۽ طوفان هلندي روز سان مليو. سندس کيسي ۾ تيزاب جي هڪ بوتل هئي. هن فيصلو ڪري ڇڏيو ته هو اهو تيزاب ڪتب نه آڻيندو پر فقط انهي جا ڪجھ ڦڙا هڪ لوهي پٽي تي هاري انهي جا سانڍيندڙ اثر ڏيکاريائين.

لمنڊڙ ڊاڪٽر تان ڪيس هيٺ ڏڪو ڏئي ڇڏيائين. ڪورٽ جي فيصلي ۾ اهو ڏوهه اتفاقي موت ثابت ٿيو. اهڙي طرح پنڪي پنهنجي ٽئين خون مان به بچي ويو.

اِدا به ربس تي ويل هئي. اتي هن هيل پاران ڏنل ڄاڻ جي آڌار تي 250 پائونڊ ڪٽيا ۽ انهي رقم ڪي اڌائڻ لاءِ "ڪاسموپوليٽن" وٺي هلي هوءَ اتي پنهنجي هڪ وڏي عاشق فِل ڪورڪري سان گڏ ڪمري ۾ رهي.

اِدا به پڪو پهه ڪري ڇڏيو هو ته هو هيل کي انصاف ڏيارينديون هو مسلسل روز جي پٺيان لڳي رهي. ڪيس چڱي طرح خبر هئي ته انهي چوڪري کي اينٽري ڄاڻ آهي جنهن جي آڌار تي پوليس هيل جي موت جو ڪيس نئين سر کولي سگهي ٿي. پر روز پنڪي سان تمام گهڻي وفادار آهي ۽ اِدا جي ڏکين سوالن جا جواب ڏيڻ کان انڪار ڪري ٿي.

پنڪي روز سان فقط انهي ڪري شادي ڪئي ته زال مڙس خلاف شاهدي نه ٿي ڏئي سگهي. اها شادي رجسٽر آفيس ۾ ٿي ۽ جيئن ته هو ٻئي قانوني طور شادي واري عمر کان ننڍا هئا تنهن ڪري انهن جي شادي جو بندوبست هڪ ناڪام وڪيل ڊريوٽ ڪيو.

اهي شادي کان پوءِ برائيٽن ۾ چڪر هڻي رهيا هئا جو روز هڪ اهڙي مشين وٽ اچي بيٺي جتي پنهنجو آواز رڪارڊ ڪرائبو آهي. هن ڪيس شادي جي ڏينهن تي ڪا به شي خريد نه ڪري ڏني هئي. هو گهٽ ۾ گهٽ سندس آواز رڪارڊ ڪرائي ڪيس ڏئي سگهيو ٿي. انهن کي گراموفون نه هو پر اٿين ٿي سگهيو ٿي ته هو ڪنهن ڏينهن ٻاهر ويل هجي ۽ هو ڪٿان گراموفون اڌارو وٺي اهو هلائي.

هو ڏاڍي چڙ واري انداز ۾ انڪار ڪرڻ کان پوءِ آخرڪار راضي ٿي ويو ۽ آٽوميٽڪ بُوٿ ۾ وڃي دروازو بند ڪري هن لاءِ پنهنجو پيغام رڪارڊ ڪرايو: "خدا جي لعنت هجئي ننڍڙي ڪُتي. تون پنهنجي گهر ڇو نه ٿي وڃين هلي ۽ مون کي ڇڏي ڇو نه ٿي ڏين؟"

هن پوءِ رڪارڊ روز کي ڏيندي چيو: "اچي، وٺ پياري! مون هن ۾ تو لاءِ ڪا ڳالهه رکي آهي".

پوءِ روز هن سان سندس گندي نڪاٽي تي وٺي هلي. انهن پنهنجي شادي واري رات بغير ميلاپ جي گذاري ڇاڪاڻ ته اڪثر قاتلن وانگر پنڪي به جنسي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عمل ڪي ڏوهه سمجهندو هو ۽ انهي ڪان ڏاڍو ڊڄندو هو. ٻئي ڏينهن صبح جو ادا هن سان ملڻ آئي ۽ ڪيس ٻڌايائين تہ هيل ڪي پنڪي ۽ سندس ٽولي گهُٽو ڏنو هو پر جيئن ئي هو ڪيس مارڻ لاءِ هن جي ويجهو آيا تہ هن کي هارٽ اٽيڪ ٿي ويو. انهي ڪري ئي سندس خون کي طبعي موت سمجهيو ويو. ادا روز کي خبردار ڪيو تہ پنڪي ڪيس بہ شايد قتل ڪري ڇڏيندو. پر روز تي ڪو بہ اثر نہ ٿيو ۽ پنڪي سان پنهنجي بي سمجهي واري ۽ دکدائڪ محبت سبب انهي ڳالهہ تي اعتبار ئي نہ ڪيائين تہ هو ڪو ڪيس قتل ڪندو.

پنڪي هاڻي سمجهي ويو آهي تہ ادا هن لاءِ اينتري قدر ئي خطرناڪ آهي جيتري روز آهي. "ڇا مون کي ڪي وڏا قتل تہ نہ ڪرڻا پوندا؟" هن ڊيلو کان پڇيو. هو جيتوڻيڪ هڪ لُچ هو پر هن جو وويڪ پنڪي کان وڌيڪ جاڳيل هو ۽ هو روز کي قتل ڪرڻ جي سوچ تي ئي ڇرڪجي ويو. "انهي ويچاري ڇوڪري ۾ انهي ڪان سواءِ بي ڪا خامي نہ آهي تہ هوءَ تو سان پيار ڪري ٿي".

پنڪي روز کي پراڻي مورس ۾ Peace Haven وٺي ويو. هن انهي سان ڳالهہ ٻولهہ ڪري انهي ڳالهہ تي آماده ڪري ورتو تہ هو ٻئي گڏجي آپگهات ڪندا. جيتوڻيڪ اندروني طور سندس ارادو اهو ئي هو تہ فقط هوءَ ئي مرندي

انهي دوران هوشيار ادا ڊيلو جي ذهن ۾ اها ڳالهہ ويهاري وئي تہ ٻريوٽ انهن سان دغا ڪئي آهي ۽ هڪ پوليس واري کي ٻڌايو اٿائين تہ پنڪي هڪ چوري جي ڪار ۾ نڪري ويو آهي. هوءَ ڊيلو ۽ پوليس واري سان گڏ بلڪل صحيح وقت تي پيس هيون پهچي ٿي.

پنڪي اهو سمجهندي تہ ڊيلو هن سان دغا ڪئي آهي تيزاب جي بوتل هن کي هٽي ٿو پر پوليس وارو وڌيڪ ڦڙت هو. هن پنهنجي ڏنڊي سڌو پنڪي ڏانهن اڇلائي جنهن سان تيزاب جي بوتل ڀڄي اچي ڇوڪري جي منهن ۾ لڳي. پنڪي ڀُني ڏئي تڪليف وچان رڙيون ڪندو نڪري جي ڪناري ڏانهن وڃي ڀڳو ۽ غائب ٿي ويو. ائين پئي لڳو ڄڻ تہ ڪنهن هٿ اوچتو ڪيس وجود مان ڪڍي ورتو هو. ماضي يا حال رلجي سلجي ٻڙي (Zero) ٿي ويا.

روز ڏک ۾ بدحال ٿي پنڪي جي نڪاڻي تي وئي جيئن اتي رکيل پنهنجي واحد شي کڻي سگهي اهو پنڪي جو رڪارڊ ٿيل آواز هو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

برائيٽن راڪ ڪرائيم اسٽوري جي سونهري دور [اوڻيهين صدي جي ٽيهن ڏهاڪي] ۾ لکيل شايد سڀ کان بهترين ڪرائيم ناول آهي. اها پڪ نہ آهي تہ انهي کان پوءِ انهي کان بهتر ڪو ناول لکيو ويو آهي الائي نہ.

برائيٽن جي منظرنامي کي ڏاڍي سهڻي نموني حقيقت جو روپ ڏنو ويو آهي ۽ ڪهاڻي تي جيتوڻيڪ سوڙهين گهٽين جو ڏوهہ ۽ گندگيءَ وارو ماحول حاوي آهي پر اهو احساس بہ ضرور ٿئي ٿو تہ خود برائيٽن تي انهي جو ڪو اثر نہ ٿيو آهي. پنڪي ۽ سندس گنديءَ ننيڙي ٽولي جي حيثيت هڪ شاندار ڪمري جي دري تي مکين کان وڌيڪ ڪجھ نہ آهي.

پنڪي هڪ خطرناڪ ۽ يادگار ڪردار آهي. هن جي نظر ۾ سڀ کان بهترين جذبو ڪنهن کي ايذاءُ پهچائڻ آهي. ڪيس بي رحمي جنسي خواهش وانگر پڙڪائي وجهي ٿي. هن جاڻي ٻجهي برائي جي چونڊ ڪئي آهي ۽ هڪ ڪيٿولڪ جي حيثيت ۾ هو پاڻ تي جهنم جو عذاب ٿيڻ تي وڏو فخر محسوس ڪري ٿو. هن جو روز سان تعلق جنهن کان ڪيس ڏاڍي نفرت آهي ـ هڪ اهڙي تلخي جو ماحول پيدا ڪري ٿو جيڪو ناقابل فراموش آهي.

روز خود هڪ تمام دکدائڪ ۽ متاثر ڪندڙ هيروئين آهي. توهان جي دل ۾ هن لاءِ جيتوڻيڪ وڏو احساس آهي. پر توهان هن جي اڪيلائي ۽ بي شرمي ڏسي نااميد ٿي هن کان ٿهي وڃو ٿا. هن جي نوجواني جي انهي گندي تصوير سان شديد محبت ـ جنهن سان هن شادي ڪئي ـ سارا ھہ بجاءِ ترس پيدا ڪري ٿي.

برائيٽن راڪ هڪ اهڙو ڪتاب آهي جنهن کي توهان وساري نہ ٿا سگهو.

# 95. دي گريپس آف راٿ

## ـــ جان اسٽين بيڪ ـــ

هڪ ناول نگار جو نالو آمريڪا جي Great Depression واري دور سان هميشہ لاءِ جُڙيل رهندو. اهي ٻين جنگ عظيم کان اڳ وڏي پيماني تي پکڙيل بيروزگاري ۽ بک وارا سال هئا. ناول نگار جو نالو جان اسٽين بيڪ هو. جنهن The Grapes of wrath جي ذريعي قوم جون اکيون کولي ڇڏيون.

جان اسٽين بيڪ 27۔ فيبروري 1902ع تي ڪيليفورنيا ۾ سالينناس ۾ ڄائو. سندس گهر ڪتابن سان ڀريل هوندو هو. ڇاڪاڻ تہ سندس ماءُ ماستريائي هوندي هئي ۽ هن هاءِ اسڪول ۾ پهچڻ تائين ڪرائم اينڊ پنشمينٽ کان مادام بو وري تائين جهڙا ڪتاب پڙهي ڇڏيا هئا. نوجوان اسٽين بيڪ پنهنجون موڪلون وڏن ڪيٽل فارمن تي گذاريندو هو اهڙي طرح ڪيس انهي ملڪ بابت وڏ کان وڏ ڄاڻ حاصل ٿيندي وئي جنهن بابت اڳتي هلي ڪيس لکڻو هو. هن 1920ع ۾ اسٽينفورڊ ۾ انگريزي زبان پڙهڻ شروع ڪئي پر ڊگري وٺڻ کانسواءِ ئي 1925ع ۾ ڇڏي ڏنائين. انهي ۾ ڪا حيرت جهڙي ڳالهہ نہ هئي ڇاڪاڻ تہ هو اڪثر پڙهائي ڇڏي نوڪريون ڪرڻ هليو ويندو هو. اهڙي طرح هن هڪ ڪپڙي جي دڪان تي ڪم ڪيو هو وري هڪ روڊ تي مزدور ٿي بہ ڪم ڪيو هئائين. هن گوگڙن مان کنڊ ڪاڍڻ واري هڪ فيڪٽري ۾ اسسٽنٽ ڪيمسٽ طور بہ ڪم ڪيو هو.

هو اسٽين فورڊ کان نيويارڪ ويو هليو. ڪيس اميد هئي تہ اتي ڪيس هڪ ليکڪ طور روزگار ملي ويندو. پر سندس اميد اجائي ثابت ٿي سندس سمورا افسانا ايڊيٽرن افسوس جي اظهار سان واپس موٽائي ڇڏيا ۽ ڪيس پنا ما ڪينال ذريعي اينڊڙ هڪ جهاز تي مزدوري ڪري ٽڪيٽ جا پئسا ڏئي ڪيليفورنيا واپس اچڻو پيو.

اسٽين بيڪ انهي ذلت واري تجربي کان پوءِ ليک ٽاهو تي هڪ وڏي جاگير تي ڪيئر ٽيڪر طور نوڪري ورتي. اتي ئي هن پنهنجو پهريون ناول ڪپ آف گولڊ لکيو. اهو هڪ ساموندي ڦورو هينري مورگن جي زندگي تي ٻڌل هڪ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاريخي قصو آهي. ڪپ آف گولڊ سن 1929ع ۾ منظر تي آيو انهي ئي سال وال اسٽريٽ (آمريڪا جو مالياتي مرڪز) ويهجي ويئي. ۽ اهو لڳ ڀڳ نظرانداز ٿي ويو. پر اسٽين بيڪ انهي تي ئي خوش هو ته ناول ڇپجي ته ويو ۽ لکڻ سان ڇنڊڇاڻ بورهڻ جو فيصلو ڪيائين.

سندس پوءِ ايندڙ ٽن ڪتابن. تو اي گاڊ ان نون. دي پاسچرس آف هيون ۽ لانگ ويلي جيتوڻيڪ سندس هڪ علائقائي ناول نگار واري حيثيت کي مضبوط ڪيو پر انهن کي اهڙي مڃتا نہ ملي سگهي جيڪا پوءِ جي دور ۾ ملي ۽ انهن جون مجموعي طور فقط ٽي هزار ڪاپيون وڪرو ٿيون.

اسٽين بيڪ کي 1935ع ۾ تورٽيلا فليٽ (Totilla Flat) ڇپجڻ سان ڪاميابي ملي. انهي ڪتاب جي مزاح عام ماڻهن کي ڏاڍو پاڻ ڏانهن ڇڪيو ۽ اهو مهينن تائين بيسٽ سيلر جي لسٽ تي رهيو. اهو ڪتاب ناول گهٽ پر ساليناس وادي بابت پاڻ ۾ ڳنڍيل نموني جُڙيل ڪهاڻين جو هڪ سلسلو آهي. اها ڳالهه اسٽين بيڪ تي بہ واضح ٿي وئي هوندي تہ هو جيڪڏهن تورٽيلا فليٽ جهڙا ڪتاب لکندو رهيو تہ معاوضن جا ڍڪ ملندا رهندا پر هن سندس مزاج جي عين مطابق ائين نہ ڪيو. سندس ايندڙ بہ ناول "of Dubious Battle" ۽ "of Mice and Men" جيتوڻيڪ هڪ ٻئي کان مختلف آهن پر انهن جو انهي ڊپريشن (ڪساد بازاري) واري بدحالي ۽ وڳوڙ سان گهرو تعلق آهي. تورٽيلا فليٽ جيتوڻيڪ وڏي عوامي مقبوليت ماڻي هئي پر اسٽين بيڪ کي آمريڪا جي هڪ اهم ليکڪ طور انهن ٻن ڪتابن مشهور ڪرايو.

اسٽين بيڪ پاران "آف مائيس اينڊ مين" جي ڊرامائي تشڪيل جو افتتاح 23- نومبر 1937ع تي براڊوي ۾ ٿيو پر پردو ڪرڻ تي ساراهه ۾ جيڪي تاڙيون وڳيون ۽ هو ڪرا ٿيا اهي اسٽين بيڪ پاڻ نہ ٻڌا جو هو ڊراما لکي ختم ڪندي ئي هڪ ڪار خريد ڪري اوڪلاهوما ويو هليو. اتي هو ڏکڻ- اولهه طرف ويندڙ لاڏائن جي هڪ پارٽي ۾ شامل ٿي ويو. هو انهن سان گڏ پوائٽين ڪيمپن ۾ رهيو ۽ انهن سان گڏ زمينن تي ڪم ڪيائين. هن اتي جيڪو ڪجهه ڏٺو ۽ جن تجربن مان گذريو انهن کيس وڏي ڪروڌ سان پيري ڇڏيو. "ڪيليفورنيا جي اندروني وادين ۾ اهڙا پنج هزار ڪٽنب آهن جيڪي فقط بکيا نہ آهن پر بکن ۾ مري رهيا آهن". هن پنهنجي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پبلشنگ ايجنٽ ڏانهن خط ۾ لکيو "اسان جي وادين ۾ تمام وڏي انگ ۾ بار مري رهيا آهن مون کان جيڪو ڪجھ ٿي سگهيو آءُ ڪندس... اهڙين مصيبتن هوندي هي ڪتاب ڏاڍا ننڍڙا لڳن ٿا. اسٽين بيڪ جو اشارو پنهنجي تازي مڪمل ڪيل ڪتاب L' Affaire Lettuce berg ڏانهن هو. هن اهو ڇپرائڻ کان انهي ڪري انڪار ڪري ڇڏيو ته اهو بلڪل صاف سٿرو ۽ نفاست پريو هو. هاڻي ايل افيئر ليٽس برگ جو رستي تان هٽي ويو ته اسٽين بيڪ لڏپلاڻ ڪندڙن بابت هڪ ٻئي ڪتاب ۾ مشغول ٿي ويو. اهو ڪتاب نفاست پريو ته نه هو رهندو انهي قوم ۾ ڪاوڙ ۽ ڪهل جي لهر پيدا ڪري ڇڏي هو اجا انهي تي ڪم ڪري رهيو هو جو ٽائيم ميگزين کيس گذارش ڪئي ته هو انهن وادين ۾ هڪ فوٽو گرافر سان گڏجي وڃي ۽ ضروري مواد مهيا ڪري اسٽين بيڪ جينوٽيڪ اها ذميواري قبول ڪئي پر پنهنجن خرچن کان وڌيڪ رقم قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيائين. "آءُ انهن مان پئسو ڪمائي نه ٿو سگهان". هن پنهنجي پبلشنگ ايجنٽ ڏانهن لکي موڪليو ماڻهن جا اهنج اپترا آهن جن کي وڪرو ڪري ڏوڪڙ ڪمائڻ مون لاءِ ممڪن نه آهي". هو اهو ساڳيو ماڻهو آهي جنهن تي ڪجھ مهينا پوءِ بين الزامن سان گڏوگڏ "ادبي موقعي پرستي" جو الزام پڻ لڳو.

دي گريپس آف راٿ سن 1939ع ۾ ڇپيو ۽ فوراً تڪرار جو هڪ طوفان پيدا ڪري ڇڏيائين. انهي دور جي ڪيترن ئي ماڻهن انهي کي فحش ڪوٺي انهي جي نندا ڪئي. انهي تي نه فقط پابندي هنئي وئي پر آمريڪا جي مختلف رياستن ۾ انهي کي سرعام ساڙيو ويو. (پڇاڻي واري ڏاڍي پر اثر منظر تي خاص طور ڏاڍا اعتراض وارڊيا ويا). انهي تي ساڳئي شدت سان سياسي بنيادن تي به حملا ڪيا ويا. ڪتاب جي مرڪزي پيغام يعني هوندي سوندي وارن کي اپيل ته اڻ هوند وارن سان انسانيت سان پيش اچن کي طبقاتي جنگ جي دونهين دکائڻ ۽ مزدور طبقي کي سرمائيدارن خلاف اٿڻ تي اپارڻ جي شعوري ڪوشش سمجهيو ويو. حقيقت ۾ دي گريپس آف راٿ کي خالص طور هڪ ڊاڪيومينٽري سمجهي انهي بابت بحث مباحثا ڪيا ويا ۽ اهو گوڙ شور ختم ٿي وڃڻ کان پوءِ ئي انهي کي صحيح روشني ۾ تخليقي آرٽ جو هڪ اهڙو شاهڪار سمجهيو ويو جنهن ۾ جي. ايف. واٽ جي اسٽين بيڪ تي

روٽ 66 تي وڏي رش لڳي پيئي آهي. پراڻيون ڪاريون، لاريون سڀ اولهه طرف وڃي رهيون آهن. پراڻيون ڊنگهر گاڏيون اينترو ڏگهو سفر نه ٿي ڪري سگهيون ڪيتريون ته رستي تي خراب لڳيون پيون هيون. پر جوڊ وارن جي هڏسن هلندي هلي. ڏاڏو ڏاڏي رستي ۾ گذاري ويا. اهي جڏهن ڪولوريڊو ندي تي پهتا ته نوح به ڪٽنب کي ڇڏي ويو. اهڙي طرح ڪٽنب ڀڄڻ ڀرڻ شروع ٿيو ته امان کي ڏاڍو ڏک ٿيو.

انهن جڏهن ريگستان ڪراس ڪيو ته انهن کي هيٺ ڪيليفورنيا جون ساڻيون ۽ سرسبز واديون نظر آيون. انهن جڏهن بيڪرس فيلڊ ڇڏي ته دير ٿي وئي هئي ۽ اهي جڏهن لاڏائن جي ڪيمپ ۾ پهتا ته نما شام ٿي وئي هئي. انهن جڏهن ڇپرن ۽ ٽينن جو گندو جهڳٽو ڏٺو ته اهي اندر ۾ ڏڪي ويا ۽ انهي ڏينهن اڳتي نه وڌي سگهيا. ڪيمپ هوورس وائيل سلسلي جي هڪ ڪڙي هئي ۽ ڪيليفورنيا جي هر شهر جي ٻاهران هڪ هُوورسوائيل ڪيمپ ٺهيل هئي. فلائيڊ نالي هڪ ماڻهو ٽام کي ٻڌايو ته اها Promised Land (ارض موعود) نه آهي. ”اها هن پاسي آهي“. هن چيو ”جڏهن مالڪن کي لاهيارڻ جي ضرورت هوندي آهي ته اهي هزار کن ماڻهن لاءِ اشتهار ڏئي ڇڏيندا آهن. جڏهن ته انهن کي ضرورت فقط هڪ سو ماڻهن جي هوندي آهي. جڏهن اينترا گهڻا ماڻهو هجن ۽ ڪم ٿورن جو هجي ته انهن کي ٿوري اجرت تي به ڪم لاءِ راضي ڪيترائي ماڻهو ملي ويندا آهن ۽ فرض ڪريو ته ڪجهه ماڻهو ڪم ڇڏي ويندا به هليا ته به تيستائين ٻيا ڪيترائي ماڻهو هوندا جن کي مزدوري جي سخت ضرورت هوندي ۽ اهي پنهنجي ڪٽنب لاءِ ماني جي هڪ گڀي اجرت تي به ڪم تي بيهندا. اسان مان ڪيترن ماڻهن کي روزگار نه آهي ۽ لنگهڻ ٿا ڪيون“. فلائيڊ چيو ”تنهن ڪري اهي اسان کي گهمائيندا رهندا آهن جيئن اسان کي آرام نه ملي سگهي. جو ته هو ڊڄن ٿا ته اسين پاڻ کي منظم نه ڪري وجهون“. امان رات جو ڏوئي سان پيٽ ڪيڏي رهي هئي ته ٻکايل ٻارن جي هڪ قطار کيس ڏسي رهي هئي. هوءَ جيتوڻيڪ ڪجهه به بچائي نه ٿي سگهي ته به انهن سپني کي ذرو ذرو چکايائين. روز آف شيرون جي مڙس ڪوني ڪڏهن سوچيو به نه هو ته هُوورس وائيل جهڙي گندي ڪا جاءِ به ٿي سگهي ٿي. هو رات جو ڀڄي ويو. صبح ٿي ته هڪ ماڻهو آيو. انهي سان گڏ ڊپٽي شيرف به هو. ماڻهوءَ چيو. ”توهان کي تولار (Tulare) ڪائونٽي ۾ ڪم ملندو. پر فلائيڊ جڏهن انهن کان ڏهاڙي جي اجرت پڇي ته هن کيس هڪ سُرخو وگوڙي

ڪونيو ۽ ڊپٽي شيرف فلاٽيڊ تي فائر ڪيو پر هن کان گسي ويو ۽ گولي وڃي هڪ عورت جي هٿ تي لڳي. پوءِ جِم ڪيسي ڪيس دسي سندس پستول کسي ورتو. پر پهريدار ڪيمپ ۾ ڪاهي آيا ۽ جم ڪيسي ۽ فلاٽيڊ کي سوگهو ڪري روتائون. "اسين توهان ٻنهي کي جيل ڏانهن وٺي ٿا وڃون". انهن چيو ۽ توهان سيني لاءِ به چڱو آهي ته ٻاهر نڪري وڃو جو اسين اڄ رات هن ڪيمپ کي باهه ڏينداسين." روز آف شيرون دانهون ڪيون ته هوءَ ڪوني کان سواءِ نه نڪرندي پر امان چيو: "اسان کي هلڻو پوندو. اسين هن سان رستي ۾ ملي وينداسين". پر ڪوني هميشه لاءِ ويو هليو هو.

جوڊ ڪٽنب جو ٻيو پڳ پلو هو. انهن کي هڪ سرڪاري ڪيمپ ۾ جاءِ ملي وئي. اها ڏاڍي سٺي صاف ستري جاءِ هئي. اتي ٽائليٽ ۽ شاور به هئا. انهي ڪيمپ کي لاڏائن جي هڪ ڪميٽي هلائيندي هئي. پر اتي ڪو روزگار نه هو. امان چيو "اسان کي اڳتي هلڻو پوندو".

روڊ تي انهن کي هڪ ماڻهوءَ ٻيهاريو ۽ انهن کي ٻڌايائين ته آڙو پٽڻ لاءِ ماڻهو گهربل آهن. "فارم جي دروازن تي پوليس بيٺل هئي پر انهن کي اندر اچڻ ڏنو ويو ۽ ڪم تي رکيو ويو. اهي اندر داخل ٿي ويا ته پوءِ انهن کي ٻاهر نڪرڻ جي موڪل نه ٿي ملي ڇاڪاڻ ته اتي اسٽرائيڪ ٿي هئي ۽ اسٽرائيڪ ڪندڙ انهي جاءِ تي گهيرو ڪيو بيٺا هئا. پر ٽام ٽارن جي لوڙهي مان نڪري آيو ۽ ڏٺائين ته اسٽرائيڪ جي اڳواڻي ڪيسي ڪري رهيو هو". تون اتي ڪم ڪري اجرت گهٽ رکڻ ۾ مددگار ٿي رهيو آهين. ڪيسي چيو "جيڪڏهن اسين سڀ گڏجي وينداسين ته انهن کي اسان کي صحيح اجرت ڏيڻي پوندي گارڊن انهن کي ڳالهائيندي ٻڌي ورتو ۽ انهن مان هڪ ڪيسي وٽ آيو: "تون ٻارڙن کي بک پيو مارين توکي خبر نه آهي ته تون ڇا ڪري رهيو آهين". ڪيسي چيو ۽ اهي سندس آخري لفظ هئا ڇاڪاڻ ته گارڊ پنهنجي ڏنڊي سان سندس ڪوپڙي ڇٽي وڌي ٽام ماڻهوءَ کي ڪيرائي وڌو ۽ خبر پئجي ويس ته انهي کي ماري وڌو هئائين ۽ ٻئي گارڊ سندس ڳل ڇيري وڌو پر ٽام اونداهي ۾ کسڪي ويو ۽ امان کي اچي ٻڌايائين ته ڇا ٿي گذريو هو. "تون ڪيس مارڻ جو ارادو نه ڪيو هو". هن چيو "اسان کي روشني ٿيڻ کان اڳ هتان نڪرڻو پوندو". انهن ٽام کي هڏسن ۾ هڪ گدي هيٺان لڪائي ڇڏيو ۽ حفاظت سان اتان نڪري آيا.

تي پهچائي ڇڏيو آهي. ايڪشن ٽن مرحلن ۾ رونما ٿئي ٿو. زور زبردستي واري ملڪ ۾ زبردستي ڪندڙن وٽان روانگي (اوڪلاهوما، زمينن جا مالڪ، ڪمپنيون ۽ بينڪون) خروج، (سفر) ۽ ڪنعان جي دشمن قبيلن (ڪيليفورنيائين) جي وچ ۾ ارض موعود (Promised Land) ۾ ٿورو وقت رهڻ. ”دي بيٽل هيمن آف دي ريپبلڪ“ مان ورتل عنوان خود بائيبل جي ڪتاب Revelation ڏانهن اشارو آهي ۽ اسٽين بيڪ انگور جي تمام سگهاري علامت سان پنهي مرڪزي خيالن کي هڪ ڏاڍي دکدائڪ ۽ سهڻي پڇاڙي واري منظر ۾ هڪ ٻئي سان ملائي ڇڏي ٿو. پانڊي ۾ پوڙهي سخص کي حياتي ڏيندڙ روز آف شيرن سانگ آف سانگس واري محبوبا (Beloved) آهي. ”جنهن جون ڇاتيون“ انگورن جي هڪ ڇڳي وانگر آهن. اها محبوبا جيڪا چوي ٿي. ”وٺ کاءُ هي ۽ منهنجو جسم آهي...“

جان اسٽين بيڪ کي 1962ع ۾ نوبل انعام ڏنو ويو.

# 96. 1984

## --- جارج آرويل ---

جارج آرويل (اصلي نالو ايرڪ بليئر) انڊيا ۾ 1903ع ۾ ڄائو. هن جو تعليمي ۽ ملازمت وارو سفر به ڏاڍو متنوع رهيو. هو ايٽن ۾ پڙهيو برما جي پوليس فورس ۾ نوڪري ڪيائين، پيرس ۾ رهيو وري انگلينڊ ۾ پڙهائيندو رهيو. اسپين ۾ ريپبلڪ ڌر پاران لڙائي ۾ پڻ شريڪ رهيو. پوءِ هن صحافي ۽ ليکڪ طور مشهوري ماڻي ۽ 1950ع ۾ فوت ٿيو. ذاتي تجربن سندس ڪتابن کي سگهه ڏني. سندس ڪتابن جا نالا هي آهن: ڊائون اينڊ آئوٽ ان پيرس اينڊ لنڊن. برميزڊيز ڊي روڊ ٽو وائيگن پيئر، ڪمنگ اپ فار ائير ۽ هوميج ٽو ڪيٽالونيا. هن کي سن 1945ع ۾ اينيمل فارم تي تمام گهڻي ڪاميابي ملي. اهو جانورن جي قصي جي روپ ۾ سياسي طنز آهي. چار ورهيه پوءِ 1984ع آيو. انهي جي فلمي ۽ ڊرامائي تشڪيل به ٿي چڪي آهي. آرويل هڪ آزاد انقلابي هو جنهن کي فاشزم ۽ ڪميونزم کان نفرت هوندي هئي. هو سماجي ڪمن لاءِ پيدائشي ويڙهاڪ هو. پر هو انفراديت پسند هو جنهن کي خود انهن ڳالهين ۾ خاميون ڏسڻ جي همٿ ۽ جرئت هئي. سندس ذهن متشڪڪ قسم جو هو ۽ هو پنهنجن خيالن جو اظهار ڏاڍي تيز نموني ڪري سگهندو هو. آرويل جي 1950ع ۾ ٿي. بي وڳهي موت جو ڪجهه سبب ته ڪيس اسپيني گهرو لڙائي دوران آيل زخم هئا پر هڪ سبب هن پاران زندگي جي آخري حصي ۾ ڄاڻي واڻي اختيار ڪيل ڏکيون حالتون پڻ هيون.

لنڊن، ايئر اسٽرپ ون ۾ اپريل جي هڪ ٿڌي ڏينهن ۾ اوڻٽيهن ورهين جو ونسٽن سمٿ، وڪٽري مينشنز ۾ پنهنجي هڪ ننڍڙي اونداهين فليٽ مان نڪري منسٽري آف ٽُرٿ ۾ رڪارڊس ڊپارٽمينٽ ۾ ڪم تي وڃي ٿو. رستي جي هر ڪنڊ تي هڪ مقناطيسي چهري جا فوٽو لڳا پيا هئا. جن جي هيٺان لکيل هو: وڏو ڀاءُ توهان کي ڏسي رهيو آهي (Big Brother is Watching you). وزارت جي مکيه دروازي تي پارٽي جا ٽي نعرا نقش ٿيل هئا: جنگ امن آهي (War Is Peacc)، آزادي غلامي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي (Freedom is slavery) ۽ بي علمي طاقت آهي (Ignorance is Strength). ٻين وزارتن جا نالا هي هئا: امن (Peace) [انهي جو تعلق جنگ سان هو] محبت [اندروني امن امان بابت] ڪثرت (Plenty) [اقتصاديات بابت]. ڪجھ ڏهاڪا اڳ واري انقلاب جي نتيجي ۾ انگسوڪ (Ingsoc) منظر تي آئي هئي (معنيٰ انگلش سوشلزم) انهي ۾ انر ۽ آئوٽر پارٽي جي حڪمراني هوندي هئي ۽ پرولز (Proles) جي اڪثريت کي پنهنجي منهن ڇڏي ڏنو ويو هو.

دنيا اوسينيا، يوريشيا، ۽ ايسٽيشيا تي ورهائجي ويل هئي لڳاتار جنگ پئي هلي ۽ انهي جو ڪو فيصلو نہ پئي ٿي سگهيو. انهي وقت بہ اوشينيا ۽ يوريشيا ۾ جنگ لڳي پئي هئي. پر تنهي طاقتن جي وچ ۾ ڌڙا بندي تبديل ٿيندي رهندي هئي.

پر اهڙين تبديلين کي ظاهري طور تسليم نہ ڪيو ويندو هو ۽ ماضي کي ميسارڻ يا انهي کي غلط رخ ڏيڻ جون شديد ڪوششون ڪيون وينديون هيون. اهو ونسٽن جو ڪم هوندو هو. ٽيلي اسڪرينس هر شهري جو لڳ پڳ هر هڪ لفظ ۽ چرپر رڪارڊ ڪنديون هيون. ونسٽن جا ماءُ پيءُ گم ٿي ويا هئا. اڻين بہ ٿي سگهيو ٿي تہ انهن جي ٿاٽ پوليس (Thought Police) پاران گرفتاري ڪان پوءِ انهن جو صفايو ڪيو ويو هجي. جيئن ونسٽن جي ڪيبوبڪل جي پر واري ڪيوبڪل ۾ ڪم ڪندڙ عورت جي مڙس سان ٿيو هو. انهي جي باوجود بہ هوءَ آرام سان حقيقتن کي ڦيرائڻ ۽ گوڊ ٿنڪ (Good Think) جو ڪم ڪندي رهندي هئي. اتي هر روز بہ منٽ نفرت (Two Minutes Hate) جو وقفو ٿيندو هو جنهن ۾ ماڻهن جا ميڙ يوريشيائي قيدين جي تصويرن (يا جڏهن انهن کي عوامي جاين تي ڦاهي چاڙهيو ويندو هو تہ خود انهن جي سامهون بيهي) کي زور زور سان گاريون ڏيندا هئا. انهن جي سڀ کان گهڻي نفرت جو نشانو باغي ليڊر عمانيوئيل گولڊ اسٽين هوندو هو جنهن کي هر برائيءَ جو مرڪز سمجهيو ويندو هو. ٻارن کي اها ڳالهہ سيکاري ويندي هئي تہ انهن جا ماءُ پيءُ جيڪڏهن مجيل عقيدي کان ڦريل (Unorthodox) ڳالهيون يا ڪم ڪن تہ هو اها ڳالهہ حڪومت کي ٻڌائين. اهي ڇهن ورهين جي ڄمار ۾ جاسوسن ۾ شامل ٿي ويندا هئا. خود ونسٽن کي سندس هڪ ڇاڻ سڃاڻ واري پارسنز (Parsons) جي نون ورهين جي پٽ ڌمڪيون ڏنيون هيون. هو هڪ سٺي سڀاءُ وارو احمق هوندو هو جنهن کي "سماجي ڪم" ڪرڻ جو خبط هوندو هو. ماءُ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻيءَ ته پنهنجن ٻارن جي لکيل ڇپيل ٻين جون ڳالهيون ٻڌڻ واري ڪم ۾ مهارت تي فخر ڪندا هئا.

پر ونسٽن ماضي توڙي مستقبل بابت خواب ڏسندو رهي ٿو. ڪيس هڪ ڪباڙ جي دڪان ۾ ڏاڍي سهڻي نرم چمڙي جي ٽڪرن جي ڏستي نظر اچي وڃي ٿي (اها ٻچڙي ماضي جو هڪ يادگار آهي). هو اها خريد ڪري ٿو ڇاڪاڻ ته انهي تي سڌي عقيدي کان ڦريل ۽ ذاتي خيالن جي ڊائري لکي. هو لازمي ۽ ٽڪائيندڙ ٻيءَ تي دوران به سوچيندو رهي ٿو. ٻي تي ته سندس ڪنگهه جي دورن کي به جاڳائي ٿي ڇڏي. هو سوچيندو ٿو رهي ته برادرهڊ (Brotherhood) جي نالي سان باغين جي ڪا خفيه تنظيم آهي ڇا؟ اِنر پارٽي جي ٿلهي پر حساس عملدار اوبرائين بابت ڇا ڇئجي جنهن هڪ دفعو ونسٽن جي ڪنن ۾ پٽڪو ڪيو هو. "اسين هڪ اهڙي جاءِ تي ملنداسين جتي ڪا به اونداهي نه آهي" پلا اها نوجوان ڪارن وارن ۽ ڪسرتي جسم واري ڇوڪري ڪير آهي جيڪا ٻن منٽن واري نفرت جي وقفي ۾ هن جي پٺيان رڙيون ڪري رهي هئي. هن جيتوڻيڪ پنهنجي نفرت هن ڏانهن منتقل ڪري ڇڏي هئي ته به اوچتو محبت ۾ گرفتار ٿي ويو هو.

ونسٽن جو سائم (Syme) نالي هڪ ساٿي هوندو هو. هو ماهر لغات هو ۽ نيو اسپيڪ (New Speak) ڊڪشنري جي سترهين ايڊيشن تي ڪم ڪندو هو. (هو سمجهندو هو ته سائم جو به لازماً صفايو ٿي ويندو ڇاڪاڻ جو هو ڏاڍو ذهين هو). سن 2050ع تائين لازمي ٿي ويندڙ نيو اسپيڪ جو مقصد لفظن کي تباهه ڪرڻ ۽ سوچ جي دائري کي گهٽائڻ هو ۽ سن 2050ع تائين ماضي جو ادب اهڙي طرح ترجمو ٿي ويندو جو حقيقت ۾ اهو تباهه ٿي ويندو.

ٽيلي اسڪرين غير موجود ڪثرت بابت انگ اکر پيش ڪندي رهي. چاڪليٽ راشن بابت تاڙين جي گونج ۾ اعلان ڪيو پئي ويو ته وڌائي 20 گرام ڪيو ويو آهي. پر ونسٽن پنهنجن خانگي مسئلن سبب پريشان هو. هن کي پنهنجي ٽڏي ۽ پاڻ کي نيڪو ڪار سمجهندڙ زال ڪيٿرائين ياد آئي (اها گهڻو وقت اڳ گم ٿي وئي هئي. انهي جو به شايد سندس ماءُ پيءُ وانگر صفايو ٿي ويو هو. پرولس (Proles) سان رنڊي بازي سولو ڪم هو پر پڪڙيو وڃڻ تي پنج سال قيد سزا ملندي هئي. خواهش بذات خود هڪ سوچ جو ڏوهه (Thought Crime) هو ۽ نون بالغ ٽيلن جي به پنهنجي Junior Anti_ Sex League هوندي هئي. هائي اميد وڃي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرولس (Proles) ۾ ٿي بيٺي ٿي جيڪي آدمشماري جو 85 سيڪڙو هئا. ونسٽن پنهنجي بي آرامي ۾ هڪ پوڙهي پرول جي صحبت ۾ ويٺو ۽ هن کان ڪوٺي ڪوٺي انقلاب جي اڳ وارن ڏينهن جو يادگيريون پڇڻ لڳو. پر انهي پوڙهي جون ڳالهيون ڏاڍيون مبهم ۽ بي ربط هيون. ونسٽن هڪ ڏينهن انهي ڪباڙ جي دڪان جي ٻاهران اچي بيٺو جتان هن ڊائري خريد ڪئي هئي ۽ ٻاڻ کي ڏوهي سمجهندي اندر ويو هليو. اتي وبنل ڪراڙي مسٽر ڪيرنگٽن هن کي هڪ شيشي جو پيپر ويٽ ڏنو جنهن ۾ مرجان رکيل هو. ونسٽن جي نظر ۾ اها تمام سهڻي شي هئي. مٿي ماڙي وارو استعمال ۾ نہ ايندڙ پراڻي فيشن وارو ۽ پڳل پربل ڪمرو سندس خانگي ضرورتن لاءِ شايد صحيح هجي ها. هو جيئن اتان نڪتو تہ کيس فڪشن ڊپارٽمينٽ واري ڪارن وارن واري ڇوڪري نظر آئي. ڇا اها ڪا سرڪاري طور تعاقب ڪندڙ تہ نہ آهي؟ هن کي اها ماڻڻ جي ڏاڍي آس هئي پر کيس انهي کان ڊپ بہ ڏاڍو پئي ٿيو.

هن هڪ صبح اوچتو کيس ورانڊي ۾ ويجهو ايندي ڏٺو. سندس ٻانهن ڳچي ۾ ٻڌل هڪ پٽيءَ ۾ اٽڪي پئي هئي. هوءَ ترڪي پئي. هن کيس سهارو ڏئي مٿي اٿاريو تہ هوءَ هڪ چٺي سندس هٿ ۾ وجهي غائب ٿي وئي. هو ڏڪي ويو تہ متان اهو پيغام ٿاٽ پوليس پاران نہ هجي تنهن ڪري انهي کي کولڻ ۾ دير ڪيائين. آخرڪار هن انهي ۾ لکيل ٽي لفظ پڙهيا. I Love You. جذبن جي هڪ ميڙ هن تي ڪاهہ ڪري ڏني. خوشي، ڊپ، پوليس ۽ خود محبت جو ڇوڪري بابت جنسي هورا ڪورا ۽ اها آنڌ مانڌ تہ هو کيس وڃائي نہ ڇڏي پر هو رابطو ڪيئن ڪري؟ شايد تہ ڪينٽين ۾ جتي بہ ٿي اهم لفظ گوڙ ۾ گم ٿي ويندا. هڪ هفتي تائين هوءَ يا تہ نظر ئي نہ آئي يا هن تي ڪا توجهہ نہ ڏيندي گذري ويندي هئي. آخرڪار هو هن جي پرسان هڪ ٽيبل تي ويهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو پر هو تمام عام رواجي نموني ۾ ويٺو جيئن اختيارين کي ڪو بہ شڪ نہ ٿئي.

اتي اهي هلڪين ڦلڪين ڳالهين جي ڏي وٺ ڪري سگهيا ٿي. هو هن سان وڪٽري اسڪئائر واري يادگار وٽ ملڻ تي راضي ٿيو. هنن اهو بہ طي ڪيو تہ هو هن جي ويجهو تڏهن ئي ايندو جڏهن هوءَ ماڻهن جي ميڙ جي وچ ۾ هوندي اها ملاقات ڪامياب رهي جنهن ۾ هُن کيس تفصيلي هدايتون ڏنيون تہ هو ڪيئن هڪ ويران ميدان ۾ ڪنهن مخصوص وڻ وٽ اچي. لڳي پيو تہ هوءَ اهڙين ڳالهين جي عادي هئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ونسٽن آچر ڏينهن بيپهري جو تڪڙو تڪڙو پر احتياط سان انهي ويران ميدان ڏانهن هليو (اهو به چڱو ٿيو جو گشتي پوليس جا ڪي ماڻهو ٻاهر نه هئا!) اتي ڪيس ڇوڪري جو پيار ۽ فطرت جي سانت ملي وئي. ونسٽن ۽ جوليا ـ هن هاڻي پنهنجو نالو ظاهر ڪيو ـ هڪ ٻئي بابت ڄاڻ ۾ چڱي اڳڀرائي حاصل ڪئي. جوليا ڪيس ٻڌايو ته هن ڪيس ڪجهه وقت اڳ سچائي ورتو هو ته هو "واسطو نه ٿو رکي"، "مون کي خبر هئي ته تون انهن جي خلاف هئين. ونسٽن جنهن جي ذهن ۾ اجا اهڙيون غير واضح يادگيريون پريل هيون. جڏهن ته هن خواب ۾ ڪو منظر ڏٺو هجي. هو هن فطري رنگ ڍنگ رکندڙ ڇوڪري جي موهه ۾ موهجي ويو. هن پاران پارٽي کان نفرت ڪيتري نه وڌندڙ هئي! هن جي ٻٽي زندگي ڪيتري نه چالاڪي تي ٻڌل هئي: ٻاهران هر ڳالهه قاعدي قانون مطابق هفتي ۾ ٽي دفعا جوئينر اينٽي سيڪس ليگ سان گڏ ڪم ڪرڻ ميڙ ۾ گڏجي رڙيون ڪرڻ، وري ڏاڍي چڙواڳي سان زندگي جي موجود لمحي مان مزو ماڻڻ به.

انهي کان پوءِ به ڪجهيون ملاقاتون ٿيون پر ڪي به به لڳاتار ساڳئي جاءِ تي نه ٿيون. "ڪڏهن به انهي ساڳئي رستي تان گهر نه وڃ جنهن تان آئي هئين". هن مشورو ڏنو. اهي غريبن جي گهٽين مان عام رواجي نموني ڳالهائيندا ويندا هئا ۽ جيئن ئي پارٽي جو ڪو وردي پوش ماڻهو ايندي ڏسندا هئا ته ڳالهه اڌ ۾ ڇڏي جدا ٿي ويندا هئا. اهي ٻئي مصروف به هوندا هئا (ونسٽن کي هفتي ۾ سٺ ڪلاڪ ڪم ڪرڻو پوندو هو جڏهن ته جوليا کي انهي کان به وڌيڪ ڪم ڪرڻو پوندو هو) ۽ انهن جا واندڪائي وارا ڏينهن به ورلي ئي ڪو گڏ ايندا هئا. انهن مئي مهيني ۾ هڪ دفعو هڪ ڦٽل گرجا گهر جي گهنٽا گهر ۾ ميلاپ ڪيو. اتي جوليا ونسٽن کي پنهنجي باري ۾ وڌيڪ ڳالهيون ٻڌايون. هن جي عمر 26 ورهيه هئي ۽ هوءَ ٽيهن ٻين ڇوڪرين سان هڪ هاسٽل ۾ رهندي هئي. هوءَ فڪشن ڊپارٽمينٽ ۾ ناول رائيٽنگ مشين تي ڪم ڪندي هئي. پر هوءَ ريبر نه هئي نه ئي اپٽري ذهين هئي جو پلاننگ ڪميٽي يا ري رائيٽ اسڪواڊ (Re_ write Squad) کي ڪم اچي سگهي. هن کي سندس بهترين اخلاقي ۽ ورزشي (مثال طور هوءَ جاسوسي ۾ ٽُروپ ليڊر هئي) رڪارڊ سبب ئي پورنوسيڪ (Pornosec) ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ چونڊيو ويو هو جتي جنسي بکين پرولتاري نوجوانن لاءِ ردي فحش مواد تيار ٿيندو رهندو هو. ونسٽن اندروني طور هن

سوراخ بند ڪري ڇڏيو. ونسٽن اڪيلو جو ٽيو تہ پنهنجي شيشي جي پيپر ويٽ واري مرجان جي جوليا ۽ پنهنجي زندگي سان ڀيٽ ڪرڻ لڳو.

ڳالهہ هتي پهچڻ تائين سائم غائب ٿي ويو هو. هو ڪم تان بہ غير حاضر رهڻ لڳو هو. نفرت جي هفتي (Hate Week) جون تياريون زور شور سان جاري رهيون. جوليا جي يونٽ زيادتين بابت پمفليٽ ڪيڍڻ شروع ڪيا. ٽيلي اسڪرين تي هڪ نئون نفرت جو گيت (Hate song) هلڻ لڳو افواهہ گردش ڪرڻ لڳا. جعلي فوٽو نهڻ لڳا. جلوس، فلم شو ليڪچر ۽ بيون ڳالهيون زور شور سان ٿيڻ لڳيون. گهٽين کي لغڙين سان سجايو ويو. راڪيٽن سان بمباري ۾ واڌ اچي وئي ۽ هڪ پوڙهي جوڙي کي ٻاهرئين نسل جو سمجهندي سندس پنهنجي گهر ۾ ئي گهٽو ڏئي ماريو ويو. جوليا ۽ ونسٽن پنهنجي خانگي ڪمري ۾ مزا ماڻيندا رهيا پر اهڙي خوشي هميشہ جاري نہ ٿي رهي سگهي. ونسٽن جوليا کي اوبرائين سان پنهنجي عجيب تعلق بابت ٻڌايو. جوليا جو ذهن اڏ روايتن کي تسليم ڪندو هو ۽ اڏ سچ جو تجزيو ڪندو هو. هن انهي حقيقت کان ئي انڪار ٿي ڪيو تہ جنگ ٿي رهي هئي انهي تي ونسٽن تہ حيران ٿي ويو. هن چيو ٿي تہ خود اوشينيا جي حڪومت لنڊن تي بمباري ڪري رهي هئي. "جيئن ماڻهن کي خوف ۾ رکجي".

جلدئي اوبرائين وٽان متوقع نياپو اچي ويو ۽ آخرڪار اهو وقت بہ اچي ويو جو ونسٽن جوليا سان گڏ اوبرائين جي اِنر پارٽي فليٽ ۾ بيٺو هو. اهڙي منحوس ماحول ۾ اوبرائين انهن کان برادرهڊ ۾ شامل ٿيڻ جو حلف کڻايو. برادرهڊ جا قاعدا قانون ڏاڍا ظالماڻا هئا. ڪين انهي جي مفاد لاءِ ڪهڙو بہ بچڙو ڪم ڪرڻ لاءِ تيار رهڻو هو پر انهن کي برادرهڊ مان ڪنهن بہ مدد جي اميد نہ رکڻي هئي. اوبرائين ونسٽن کي گولڊ اسٽين وارو ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڏنو.

اوچتو اهو اعلان ٿي ويو تہ يوريشيا نہ پر ايسٽيشيا دشمن هو. يوريشيا جيئن سدائين رهيو هو تيئن هاڻي بہ اتحادي هو. عوام ۾ نعرا هڻندڙ ماڻهن جملي جي وچ ۾ نالا مٽائي ڇڏيا. پر جيئن تہ رڪارڊن ۾ تبديلي آڻڻي يا ڪاٽ ڪوٽ ڪرڻي هئي ۽ تاريخ کي نئون رخ ڏيڻو هو تنهن ڪري ونسٽن ۽ ٻيا ماڻهو روزانو ارڙهن ڪلاڪ ڪم ڪرڻ لڳا. پوءِ هن گولڊ اسٽين جو Theory and Practice of Oligarchical collectivism ڪوليو جيڪو "بي علمي طاقت آهي". جي لفظن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان شروع ٿيو. انهي ۾ طاقت (Power) جو خاڪو تفصيل سان بيان ٿيل آهي. سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي اهميت تڏهن ئي آهي جڏهن اهي آزادي کي گهٽ ڪن. جنگ جي حالت دائمي آهي. گولڊ اسٽين اوٽيهين ۽ ويهين صدي جي تاريخ جو انگ ساڪ (Ingsoc) دور ۾ انهي پاران شخصي آزادي ختم ڪرڻ تائين جي تاريخ ڏني هئي.

اوچتو ٿاٽ پوليس اچي وئي ۽ ونسٽن ۽ جوليا کي گرفتار ڪري ورتائين. انهن ۾ نئين توانائي سان پرپور ۽ ڦڙت ڏسڻ ۾ ايندڙ مسٽر ڪيرنگٽن به بيٺو هو. ونسٽن کي وزارت محبت ۾ هڪ اوچين پٽين واري ۽ بغير درين واري ڪوليءَ ۾ قيد رکيو ويو. هو جيڪڏهن پنهنجو هٿ پنهنجي ڪيسي ۾ وجهندو هو ته به ٽيلي اسڪرين ذريعي رڙ ڪري کيس منع ڪيو ويندو هو. ڏوهاري پيا ايندا ويندا هئا پر ونسٽن ۽ سندس شاعر دوست ايمپل فورٿ جهڙن سياسي قيدين کي گند سمجهيو ويندو هو. هر طرف بک ۽ ڏپ جو راڄ هوندو هو. پارسنس به قيد ۾ هو. هن تي سندس پنهنجي ڌيءَ چغلي هنئي هئي. هڪ احتجاج ڪندڙ قيدي کي خطرناڪ روم 101 ڏانهن منتقل ڪيو ويو.

پوءِ او برائين آيو ۽ ونسٽن جيڪو اڳيئي ڌمڪين ڪان هيسجي ويو هو انهي کي تفتيش ۽ تشدد واري ڪمري ۾ وٺي ويا. جتي کيس ايترو ڪُٽيو ويو ۽ تڏا هنيا ويا جو هو ساڻو ٿي اٿي جي ڳوڙ وانگر پٿر جي فرش تي ڪري پيو. هو آهستي آهستي وڏا ۽ هٿ نوڪيا ڏوهه باسي ويٺو. پوءِ کيس روم 101 ڏانهن وٺي ويا. جتي اوبرائين هن مٿان مختلف موڊ ناهيو بيٺو رهيو. ونسٽن کي تشدد کان پوءِ پهريان سچ جي شڪل منائڻ جي مشق ڪرائي وئي پوءِ هن کان پنهنجا ئي ڪوڙ باسرايا ويا. هن پنهنجين ئي يادگيري کي مسخ ڪرڻ سکي ورتو. هن کي سيکاريو ويو ته طاقت فقط تابعداري نه پر پيڙا جي طلب ڪري ٿي.

ونسٽن کي اگهاڙو ٿيڻ جو حڪم ڏنو ويو ۽ هو وات ڦاڙيو پنهنجي بدبودار ٿنيل جسم کي ڏسندو رهيو. آخري ٽيسٽ ۾ سندس سڀ کان وڏو خوف ڪوئا، حقيقت بڻجي ويو. ڪوئا جڏهن سندس منهن تي چڪ هڻڻ لڳا ته هو رڙيون ڪرڻ لڳو: "اهو ڪم مون سان نه جوليا سان ڪريو! توهان هن کي جيڪو ڪجهه ڪنداؤ انهي جي مون کي پرواهه نه آهي". هو آزاد ٿي چيسٽنٽ ٽري ڪيفي ۾ اچي ويٺو. جوليا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ظاهر ٿي ۽ پنهي تسليم ڪيو ته هنن هڪ ٻئي خلاف ڳالهايو هو. محبت ختم ٿي وئي هئي پر اهي وري ملڻ تي راضي ٿي ويا. اوچتو بگل فتح جي خبر وڄائڻ شروع ڪئي. هو هڪ سڪون واري خواب واري حالت ۾ ويٺو ڏاڍو خوش هو. ونسٽن آخرڪار "پنهنجي مٿان سوڀ حاصل ڪري ورتي هئي. هن کي Big Brother سان پيار ٿي ويو".

آرويل هن سخت طنز ۾ انگريزي زبان کي مالامال ڪندي ڪيترائي ياد رکڻ جهڙا لفظ ڏنا آهن. ناول جيتوڻيڪ سئفٽ، وولٽيئر ۽ آلڊس هڪسلي جهڙن جديد ليکڪن واري طنزيه روايت سان واسطو رکي ٿو پر انهي جو مرڪزي خيال بلڪل اصلي آهي. انهي ۾ اسان کي سائنس فڪشن جي ڪجھ رجحانن سان تعلق به نظر اچي سگهي ٿو. ڪهاڻي جي گهڙت جيتوڻيڪ سني ٿيل آهي. پر حقيقي اسلوب هر جاءِ تي ايترو موثر نظر نه ٿو اچي. آرويل اوشينيا جي ڏاڍ کي بي روڪ ٽوڪ ڪري پيش ڪري ٿو پر هو جبلتي طور انهن انسانن جي مزاحمت جا چٽ به چٽي ٿو جيڪي عزت ۽ تفريح کي اهميت ڏين ٿا. سندس سماج جي ساخت ڏاڍي چٽي ۽ هڪ خوفناڪ چتاءُ آهي. 1984ع ۾ ڪنهن اهم تخليقي شاهڪار واري ڪشش ۽ ڇڪ آهي.

# 97. دي ڪون- ٽڪي ايڪسپيڊيشن

## -- ٿور هائيرڊاهل (Thor Heyerdahl) --

اها ڏاڍي صاف سهڻي رات هئي. سونهري چنڊ پيسفڪ سمنڊ تي روشني ڪيو بيٺو هو. اهي ماٺ ۾ ويٺا ڏسي رهيا هئا.

پوءِ هن ڳالهايو: ڏاڍو عجيب ٿو لڳي. پر ٻيٽ جي ٻئي ڪناري تي اهڙيون وڏيون لهرون پيدا نہ ٿينديون آهن.

اها ڳالهہ صحيح هئي. ٻئي ڪناري تي ايتريون وڏيون لهرون پيدا نہ ٿينديون هيون. هتي اهي گهڙيال وانگر باقاعدگي سان چڙهنديون پئي آيون. اهي انهن جي سامهون اڇي هڪ سفيد ڦوهاري جي شڪل ۾ ٽُٽي ٿي ويون. اڌ ميل پري ٻئين پر تي ڪا لهر ئي نہ هئي. پر اها ڪا خاص ڳالهہ تہ نہ هئي. اتان جي علائقي مطابق اتي عام طور گهلندڙ هوا پئي گهلندي هئي ۽ سمورو سال لهرون پئي پيدا ڪندي هئي.

نوجوان ٿور هائيرڊاهل هڪ ٻيٽ جي رهواسي جا اهي لفظ ٻڌا هئا تہ "تِڪي خدا بہ آهي تہ سردار بہ آهي. تڪي ئي منهنجن ابن ڏاڏن کي هنن ٻيٽن تي آندو هو". وري هن جي ذهن ۾ اها ڳالهہ بہ هئي تہ انهي ٻيٽ تي تڪي ديوتا جون وڏيون پٿر جون مورتيون هوبهو انهن مورتين جهڙيون هيون جيڪي هن ڏکڻ آمريڪا ۾ ڏٺيون هيون. هاڻي انهن ٻنهي ڳالهين تي گڏي سوچ ويچار ڪرڻ سان هن جي ذهن ۾ هڪ نظريي شڪل وٺڻ شروع ڪئي.

هو پنهنجي زال سان گڏ مارڪيساس گروپ جي انهي ٻيٽ تي انهن ماڻهن جي ڪلچر جو اڀياس ڪرڻ آيو هو جيڪي اتي سوين ورهيہ اڳ رهيا هئا. اِتي عجيب پٿر جا يادگار ڇڏيا هئائون ۽ پوءِ غائب ٿي ويا هئا. هاڻي هڪ بلڪل مختلف شي تي غور ڪرڻو هو.

ڇا ائين ٿي سگهيو ٿي تہ پيسفڪ سمنڊ تي رهندڙ انهن پولي نيشائي ماڻهن جا ابا ڏاڏا ڏکڻ آمريڪا جي اُلهندي ڪناري تان آيا هوندا؟ ڇا اهو ممڪن هو؟ پٿرن جي مورتين کي ڇڏي ٻين بہ ڪيترن ئي اشارن مان لڳي پيو تہ ائين ئي ٿيو هوندو. اهي

بيٽن تي رهندڙ ماڻهو تمام مختلف قسم جا هئا. انهن جو ايشيا يا آسٽريليا ۾ رهندڙ ماڻهن سان ڪو ڳانڍاپو نه هو. انهن جو قسم ۽ انهن جي ٻولي سوين اهڙن ٻيٽن تي پکڙيل هئي جن جو عملي طور پاڻ ۾ ڪو ميل ميلاپ يا انهن وچ ۾ ڪو مواصلات جو ذريعو نه هو. ڪا ٻولي اهڙن ٻيٽن تي ٽڙيل پکڙيل هجي جن جي وچ ۾ مواصلات جو ڪو ذريعو ئي نه هجي ۽ انهي جي باوجود انهي ٻولي ۾ ايتري مشابهت به هجي ته انهي مان اهو پڪو اشارو ملي ٿو ته اها اتي هجرت ۽ لڏپلاڻ ذريعي پهتي هئي ۽ اهو دور ايترو مختلف ٻيٽن تي مختلف نموني پروان چڙهڻ لاءِ ڪافي هو.

هائيرڊاهل ۾ سندس زال پاران مارڪئيساس ۾ اپياس جو هڪ سال پورو ڪرڻ کان پوءِ اهو نظريو سندس ذهن ۾ واڌ ويجه وٺندو رهيو. پر انهي کان اڳ جو ڪيس انهي بابت ڪجه ڪرڻ جو موقعو ملي 1940ع اچي ويو ۽ سندس وطن ناروي تي جرمني ڪاهه ڪري ڇڏي.

هائيرڊاهل جنگ دوران ناروي جي ايئر فورس ۾ نوڪري ڪئي ۽ جنگ ختم ٿيڻ تي آمريڪا هليو آيو هن وٽ پئسا ختم ٿي ويا. تنهن ڪري ڪيس نيويارڪ ۾ ناروي جي سيلرز هوم (Sailors Home) ۾ رهڻو پيو. هن اهڙين مايوسيءَ وارين حالتن ۾ پنهنجي نظريي کي ثابت ڪري ڏيکارڻ جو ارادو ڪيو. ڪجه به ٿي پوي هو نئين دنيا (New World) ۾ ته هو جتان ئي هن ثابت ڪرڻ چاهيو ٿي ته لڏپلاڻ جي شروعات ٿي هئي (توڙي جو هو هڪ هزار يا انهي کان به وڌيڪ ميل پري اتر ۾ هو) ۽ اهو به امڪان هو ته هن کي متان آمريڪا ۾ مالي سهائتا ملي وڃي.

شروع ۾ ته هر ڪنهن سندس نظريي تي چٿرون ٿي ڪيون ته پولي نيشيائين وٽ ڇهڙي قسم جا جهاز هوندا هئا انهن ۾ ته هو هزارين ميل سمنڊ نٿي جهاڳي سگهيا. اهو ممڪن ئي نه هو. انهي ناروپائي خواب لهندڙ کي پنهنجي نيچرل هسٽري سان ئي چنبڙيل رهڻ گهرجي.

هن اهڙي قسم جو ڪو به ڪم نه ڪيو. هن انهن ٻيڙن جو اپياس ڪيو جيڪي ذڪرڻ آمريڪا جا انڪا (Inca) لوڪ ڪم آڻيندا هئا. اهي تمام هلڪي بالسا (Balsa) ڪاٺي جا ٺهيل هوندا هئا. هن پيسفڪ سمنڊ جا چارٽ گڏ ڪيا. ويرن ۾ سِيرن (Currents) جي اثرن جو اپياس ڪيوءِ انهن کي نقشن تي رکي ڏٺو ۽

مڪمل ٿيڻ لڳو. تہ سڀ ڪان ٿلھا ٻنڌ خود ٻيڙي لاءِ چونڊيا ويا. انهن مان سڀ ڪان ڊگھو 45 فوٽ هو. انهن کي پاڻي ۾ وڏو ويو جيئن ڏسجي تہ اهي گڏ ڪيئن ٿا ترن. پوءِ انهن کي رسي سان ٻڌو ويو (ڪوڪا يا تار دوکو ڏئي وجن ها تنهن ڪري ڪتب نہ اچي سگهن ٿا). ٻنجيتاليهن فوٽن وارو سڀ ڪان ڊگھو ٻنڌ وچ ۾ پيو۽ گھٽ ڊيگھ وارا پاسن کان وڌا ويا. سڀ کان ننڍو ڊيگھ ۾ ٽيھہ فوٽ هو. انهي جي مٿان چيريل بانسن جو عرشو (Deck) وڌو ويو۽ انهي جي مٿان بانسن جي هڪ ننڍڙي ڪيبن ٺاهي وئي. ڪيبن جا لڪڙا هڪبئي سان ڪيلي جي پنن سان ٻڌا ويا. انهي جي سامهون بہ کوھا هڪ ٻئي جي پرسان هنيا ويا. اهي تمر جي پڪي ڪاٺ جا ٺهيل هئا. انهن ٻنهي کي چوٽي تي هڪ ٻئي سان ٻڌو ويو۽ انهن سان هڪ وڏو چورس سڙهہ ٻڌو ويو.

هڪ پاسي عوام ۾ ڏاڍو جوش ۽ خروش هو تہ ٻئي پاسي اندروني طور هنن جي دل شڪني ڪئي تي وئي. هر هڪ نوجوان ملاح کي ڪڏهن ڪو سفير، ڪو سياستدان، ڪو ملاح تہ ڪڏهن ڪو دوست پاسي تي وٺي وڃي زور بار وجهي رهيو هو تہ هو انهي چرياڻپ واري سوچ تان هٽ ڪئي وڃي. پر هاڻي انهن مان ڪنهن کي بہ ڇڏي وڃڻ جو ڪو بہ ارادو نہ هو. ٻيڙو جيئن جيئن تڪميل جي ويجهو پهچندو ٿي ويو تيئن جوش خروش وڌندو پئي ويو.

آخرڪار 28ـ اپريل تي ڪون ٽڪي هاڪارجڻ لاءِ تيار هو. هنن پولي نيشيا جي سورج ديوتا پنيان هن تي اهو نالو رکيو هو. انهن رسد چاڙهي پوري ڪئي ۽ پاڻ بہ چڙهي ويٺا.

اهي جڏهن روانا ٿيڻ لڳا تہ ڪالائو خليج جي چوڌاري هڪ وڏو ميڙ بيٺو هو. انهي کي ڀهريان ڪجھ ميل هڪ اسٽيمر ڇڪيو. اهو اسٽيمر ڏاڍو تيز پئي هليو. انهي کي بہ شايد ڳڻتي هئي تہ انهي حماقت جهڙي شي کان جلدي جان ڇڏائي رواجي ڪم ڏانهن موٽي اچي. اهي جڏهن ڪناري کان نڪري ٻاهر ٿيا تہ ازخود لڙهڻ لڳا.

اهي هر ڳالھ ۾ ٻيڙي جي اڳوڻي ٻڙائين مطابق هليا هئا پر انهن کي ٻڙائين جي ڪيترين ئي ڳالهين بابت ڳڻتي هئي. هنن کي هڪ ڳالھ اها بہ پريشان ڪري رهي هئي تہ ڪٺي ٻنڌن کي ٻڌل رسيون ڳري ڪُسي نہ وڃن ۽ ڪون ٽڪي وچ پيسفڪ سمنڊ ۾ کُلي نہ وڃي ۽ هر ٻنڌ مختلف طرفن ۾ لڙهندو وڃي ۽ انهي جي عملي کي شارڪ مڇيون ڳڙڪائي وڃن؟

هن کي پولي نيشيائي زبان کان سواءِ فقط اهي به لفظ ايندا هئا. ڪون ٽڪي مهم جي ڪهاڻي تاريخ ۾ هميشه محفوظ رهندي اها به پنهنجي انداز ۾ هائير ڊاهل جي هم وطن امنڊسين جي ڪارنامي سان ڪلهو هڻڻ جي لائق آهي جيڪو اسڪاٽ جي دکنائڪ آمد کان ڪجه هفتا اڳ سڀ کان اڳ سائوٿ پول تي پهتو هو. اها اسان جي علم ۾ آيل ڪنهن به سچي آکاڻي کان گوءِ کٽي وئي آهي.

هن ڪارنامي بابت ڪتاب پهريون دفعو ناروي جي ٻولي ۾ 1948ع ۾ ڇپيو. انهي جو انگريزي ترجمو 1950ع ۾ Allen & Unwin پاران ڇپيو. مهم جوئي جي ڪنهن به عاشق لاءِ اهو هڪ لازمي ڪتاب آهي.

انهي جو ليکڪ ٿور هائير ڊاهل 1914ع ۾ لاروڪ، ناروي ۾ ڄائو. هن کي پنهنجي زندگي جي شروعات کان ئي نيچرل سائنس ۾ تمام گهڻي دلچسپي هئي. هو اوسلو يونيورسٽي ۾ اهو علم پڙهيو نوجواني ۾ شادي ڪيائين ۽ پاڻ جهڙي ئي خطرن کي پسند ڪندڙ زال سان گڏ مارڪوئي ساس ويو هليو.

اهي اتان موٽڻ کان پوءِ ڪجه اهم ڪوتايون ڪرڻ برٽش ڪولمبيا ويا هليا. هو اتي ڪيناڊا جي اولهه ۾ ڪم ۾ مصروف هو جو جنگ شروع ٿي وئي ۽ هو بنا دير وچي ناروي جي ائير فورس ۾ شامل ٿيو. پوءِ ڪيس پيراشوٽ يونٽ ۾ بدلي ڪيو ويو.

هو جنگ کان پوءِ جيترو جلد ٿي سگهيو تحقيق جي ڪم ڏانهن واپس هليو ويو ۽ خاص طور پيسفڪ سمنڊ پار ڪرڻ جي رٿائن تي سوچ ويچار ڪرڻ لڳو. ڄاڪاڻ ته هاڻي هن محسوس ڪري ورتو هو ته اهڙي ڪنهن نظريي کي ثابت ڪرڻ جو سڀ کان بهترين ۽ اڪيلو طريقو خود سفر ڪرڻ هو.

جيئن اسان ڏٺو هن پنهنجو مقصد حاصل ڪري ورتو. انهي جي باوجود به سيني ماهرن کي اها پڪ نه ٿي آهي ته پولي نيشيائين انهي دگ تان پيسفڪ سمنڊ پار ڪيو هو.

هائير ڊاهل جو نظريو صحيح هو يا نه پر اها ڳالهه آهي ته هو اسان کي تصور ۽ همت جو هڪ شاهڪار بيان ڏئي ويو آهي.

## 98. دي ماسٽرز

— سي. پي. سنو —

چارلس پرسي سنو ليسيسٽر ۾ 1905ع ۾ ڄائو. هن عملي زندگي جي شروعات هڪ سائنسدان جي حيثيت ۾ ڪئي. هن کي ڪيمبرج لاءِ هڪ ريسرچ اسڪالرشپ مليو ۽ اتي ماليڪيولر فزڪس تي ڪم ڪيائين ۽ 1930ع ۾ ڪرائيسٽ ڪاليج جو فيلو ٿيو. هو ٻين جنگ عظيم جي شروعات تائين اڪيڊمڪ زندگي ۾ رهيو ۽ پوءِ سول سروس ۾ گھڙيو. اتي به سندس مکيه ڪم سائنسي عملي جي چونڊ سان لاڳاپيل هو. هن کي 1964ع ۾ لارڊ سنو جي حيثيت ۾ ليبر حڪومت ۾ هڪ جونيئر عهدو ڏنو ويو.

سي. پي سنو ڪيمبرج ڇڏڻ کان ڪجھ وقت اڳ ناولن جو هڪ سلسلو شروع ڪيو جيڪو پورو ٿيڻ کان پوءِ ٻهرئين جلد جي عنوان Strangers and Brothers جي نالي سان مشهور ٿيو. دي نيو مين کي 1954ع جي بهترين ناول جو James Tait Black Memorial Prize مليو. ٻئي ناول The Conscience of the Rich کي به 1958ع ۾ وڏي مڃتا ملي ۽ دي افيئر سن 1960ع ۾ آمريڪا ۾ Book of the Month رهيو. انهي کان پوءِ 1964ع ۾ Corridors of power منظر تي آيو. سي. پي سنو تعليم بابت سندس خيالن جي ڪري به ڏاڍو مشهور آهي. سندس انهن خيالن جو ڪيمبرج ۾ سندس Rede Lecture ۾ سگهاري نموني اظهار ٿيل آهي. اهو ليڪچر The Two Cultures and the scientific Revolution جي نالي سان 1959ع ۾ ڇپيو.

سي. پي سنو جي دي ماسٽرز (1951ع) جي شروعات سياري جي هڪ شام جو ڪيمبرج ۾ ٿئي ٿي. بيان ڪندڙ ليوس ايليٽ (Lewis Eliot) کي ٿوري دير اڳ ورنون رائيس جي لاعلاج بيماري بابت خبر پئي آهي. هو هڪ بي نام ڪاليج جو معزز ماسٽر (Master) آهي. هن جي زندگي فقط چند مهينا بچي آهي پر سندس زال ليڊي ميورئيل سيني ماڻهن کي منٿون ڪيون آهن ته ڪير به سندس مڙس کي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس بيماري بابت سچي ڳالهه نه ٻڌائي سندس ڌيءُ جون (Joan) انهي ڳالهه جي مخالف آهي. جلدئي ڪاليج جا 13 فيلو سوچڻ لڳن ٿا ته نئون ماسٽر ڪير ٿيندو. آهستي آهستي ووٽن لاءِ حمايت وٺڻ ۽ سازشن جو ڪم شروع ٿي وڃي ٿو. علميت ۽ پارٽي پاليٽڪس سان گڏوگڏ شخصي لاڙا، بغض ۽ ساڙ ۽ وفاداريون به ڪم ڪرڻ لڳن ٿيون.

ليوس ايليٽ پرسڪون رهڻ جي ڪوشش ڪئي (اها ڳالهه هڪ قانوني ماهر کي شايد سيپاويڪ طور سمجهه ۾ آئي ٿي) جينوٽيڪ هن ڪجه ڏينهن ۾ ئي پنهنجي ووٽ بابت فيصلو ڪري ڇڏيو هو. سندس چونڊ پال جيگو (Paul Jago) سينئر ٽيوٽر هو. اهو اينگلو آئرش ڏاڍو گرم جوش ۽ مغرور هئڻ سان گڏوگڏ ڪجه غير مستقل مزاج به هو. هن جي اندروني زندگي ۾ به ڪو سڪون نه هو جو هڪ ته ڪافي مايوسيون ۽ نااميدون پلئه پيون هيس، پنهنجي ذات تي اعتماد گهٽ هوس ۽ زال ۾ به ڪو سليقو يا سمجهه نه هئس. جيئن ئي ماڻهن کي ماسٽر جي خطرناڪ حالت بابت خبر پئي ته جيگو به انهي ئي رات ڪيس ڏسڻ آيو هو ۽ پنهنجي ووٽ جي حمايت ۾ ڳالهيون ڪيون هئائين. متبادل اميدوار بائلاجسٽ ڪرافورڊ هو. هو گهٽ ڳالهائيندڙ گهمنڊي ۽ تنگ ذهن جو ماڻهو هو.

جيگو وارن جي ڌر جي اڳواڻي برائون جي هٿن ۾ هئي. هو اتان جو سينئر فيلو ۽ ڏاڍو سمجهدار ماڻهو هو. هن وٽ نظم ضبط جي گهٽ عادي ماڻهن لاءِ به سهپ هوندي هئي. سنو هن بابت چوي ٿو: هو دلي طور جيگو پاران بنا سوچ سمجهه جي ڳالهائڻ کي پسند ڪندو هو ۽ هو چاهيندو هو ته جيڪر هو به ائين ڪري سگهي. برائون جو دوست ڪرسٽل سندس حمايتي هو. هو ڏين هو ۽ تمام نظم ضبط وارو ماڻهو هو. زماني شناسي جي وصف کان بلڪل خالي برسر. ونسلو ۽ ماسٽر جو ڊپٽي ۽ پادري ڪرافورڊ جا حمايتي هئا. ونسلو پنهنجي غائب دماغ پٽ تي فدا هوندو هو جنهن کي برائون ڏاڍي محنت سان تياري ڪرائيندو هو جيئن هو فقط پاس ڊگري ئي وٺي سگهي.

ڪرافورڊ جي ڌر جو هڪ ٻيو ماڻهو ايليٽ جو دوست فرانس گيٽ ليف هڪ ماهر طبيعات هو. گيٽ ليف ۽ ايليٽ ٻئي کابي ڌر (Left Wing) سان واسطو رکندا هئا. پر گيٽ ليف کان جيگو جي انساني خوبين جي باوجود سخت پُراڻ پسندي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهي دوران ماسٽر جيتوٽيڪ موت ڏانهن قدم وڌائيندو رهيو ته بہ هو هن سان ائين ڳالهائيندا هئا جڻ ته هو جلدئي چاق تي ڪاليج ايندو. ڇڪتاڻ جي انهي دور دوران راءِ ڪالورٽ تي ليڊي ميوريل جو وڏو اعتبار رهيو. هر ڪو ماٺهو محسوس ڪري رهيو هو ته ماسٽر کي دوکي ۾ رکڻ سان خود هن تي دباءُ پئجي رهيو هو. اهي مختلف سببن جي ڪري اها اميد ڪري رهيا هئا ته ليڊي ميوريل پاڻ کي مضبوط ڪندي ماسٽر کي سچ ٻڌائيندي پر في الحال نہ مسٽر هوربس جي مان ۾ ٽيندڙ ضيافت کان اڳ ۾ نہ.

جڏهن ليوس ايليٽ جيڳو ڪتنب سان گڏ آچر جي چانھ پي رهيو هو تہ جون رائيس بہ مهمان طور موجود هئي ۽ اها ڳالھ بار بار زور ڏئي چئي رهي هئي تہ سندس پيءُ کي سچ ٻڌائي ڇڏڻ گهرجي. هڪ وڏيڪ پيچيدگي تڏهن پيدا ٿي جڏهن نائٽنگيل اهو اشارو ڏنو تہ هو جيڳو کي تڏهن ئي ووٽ ڏيندو جڏهن هن کي جونيئر ٽيوٽر جو منصب ڏيڻ جو واعدو ڪيو ويندو.

سر هوربس اڳاري جي ڏينهن گرجا گهر ۾ ٿيل تقريب ۾ شريڪ ٿيو. انهي کان پوءِ ٿيندڙ ضيافت ۾ ڏاڍي کل خوشي ٿي. سيني فيلوز مسٽر هوربس جي تقرير ٻڌي. مهمان ڪافي وقت پنهنجي پاڻتيي بابت ڳالهائيندو رهيو آخرڪار اصل موضوع يعني سائنسدانن لاءِ نين فيلو شپس عطا ڪرڻ ڏانهن آيو. هن ڏاڍي مهارت سان ڳالھ مبهم ڇڏي ۽ ڪنهن بہ نوس ڳالھ جو اعلان نہ ڪيائين. مسٽر هوربس ٻئي ڏينهن صبح جو راءِ ۾ وڏو چاھ ڏيکاريندي ڪيترائي ڪلاڪ سندس بهترين مخطوطن جي معائني ۾ گذاريا. هن جي وڃڻ کان پوءِ صورتحال ڇڪتاڻ واري ٿي پئي. جيڳو کي پاڻ سان نفرت ٿي رهي هئي تہ هن نائٽنگيل سان اتڪل ڪري ڪيس صحيح جواب نہ ڏنو هو. ڪالورٽ کي انهي ڪري ڏک هو جو ليڊي ميوريل آخرڪار پنهنجي مڙس کي سچ ٻڌائي ڇڏيو هو ۽ هوءَ وري انهن جي وچ ۾ پيدا ٿيل نفسياتي دُوري تي پريشان هئي. پوءِ فرانس جيٽ لائيف ايليٽ کي ٻڌايو تہ نائٽنگيل ڪرافورڊ وارن جي پاسي هليو ويو آهي انهي سان ووٽ 5_6 جي صورتحال ۾ اچي ويندا جنهن سان ڪنهن بہ ڌر کي واضح اڪثريت نہ ملندي.

نائٽنگيل پاسو مٽائڻ جو جواب ڏاڍي زهريلي انداز ۾ ڏنو. هن جي هر لفظ مان جيڳو خلاف ذاتي ناپسند ۽ ساڙ جو اظهار ٿي رهيو هو. براڻون ڪرسٽل ۽ ايليٽ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ونسلو جڏهن ليوس ايليٽ سان اڪيلائي ۾ ويٺو ته اهو به اشارو ڏنائين ته هو انهي دستاويز کي ڪالورٽ جي شهرت کي داغدار بنائڻ ۾ جيگو جي ڪاميابي جي امڪانن کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪم آڻي.

اونهاري جي موڪلن ۾ ڪالورٽ برلن ۾ ليڪچر ڏيڻ ويو هليو. پل برو بلقان ۾ چڪر ڏنا ۽ ايليٽ ماسٽر سان ڏاڍي آرام سان ڳالهيون ڪيون.

آڪٽوبر ۾ پل برو کان سواءِ اهو سمورو گروپ واپس موٽي آيو. انهي جي ووٽ بابت اجا ڪا ڳالهه طي نه ٿي هئي. انهي جي ووٽ سان جيگو جو اسڪور 6 ٿي ويندو. ڪرافورڊ جو اڳي ئي ڇهه هو پر انهي سان به ڪو فيصلو نه ٿي سگهندو. گي يا ڊسپارڊ سمٿ جي ڪنهن پاسي ٿيڻ سان ئي ڪا ڏر ڪٽي سگهندي نه ته قانون مطابق فيصلو ڪنهن وزيٽر (Visitor) تي ڇڏيل رهندو. اهو اترئين علائقي جو بشپ هو. انهي جي مداخلت ڪنهن به نه ٿي چاهي. ٿي سگهيو ٿي ته بشپ ڪو ٻاهريون ماڻهو مقرر ڪري.

تنهن ڪري ڪرسٽل اها تجويز ڏني ته ٻنهي اميدوارن تي زور ڀريو وڃي ته هو هڪ ٻئي کي ووٽ ڏين. برائون هميشه وانگر ٻي ڌر سان ڪنهن به نهراءَ جي مخالفت ڪئي. ڪرسٽل جي چالبازين ۾ مستقل مزاجي ڪم ڪيو ۽ ونسلو ۽ ڊسپارڊ سمٿ سان هڪ گڏجاڻي ۾ اهو طي ٿيو ته سيني فيلوز ڏانهن نوٽس ڪڍيا وڃن جنهن ۾ جيگو ۽ ڪرافورڊ تي زور ڀريو وڃي ته هو هڪ ٻئي کي ووٽ ڏين ٻي صورت ۾ انهن کي ڌمڪي ڏني وڃي ته ڪاليج مان ئي ڪوٽيون اميدوار چونڊيو ويندو. ٻئي اميدوار راضي نه ٿي وبا پر انهي عمل ۾ جيڪي ڳجها طريقا ڪم آندا ويا هئا انهي تي جيگو ڏاڍو ڪاوڙيل هو.

ماسٽر 4- ڊسمبر تي فوت ٿي ويو ۽ ڪفن دفن ۾ چڱا ماڻهو شريڪ ٿيا. گي ڏاڍي ڦڙتي ڏيکاري ۽ ڍڙ ملهايو ۽ نئين ماسٽر جي چونڊ لاءِ 20- ڊسمبر تي گڏجاڻي جو بندوبست ڪيو. انهي دوران جيگو شڪ شبهن جو شڪار رهيو. وري سر هوربس به هيستائين ڪاليج کي ملندڙ سڀ کان وڏو 120,000 پائونڊن جو چندو ڏنو. انهي مان ڇهه فيلو شپس ڏنيون وڃڻيون هيون. انهن مان هڪ "مسٽر راءِ ڪالورٽ جي شاندار ڪم جي همت افزائي لاءِ هئي". انهيءَ خبر تي سيني ماڻهن جدا جدا نمونن رد عمل ڏيکاريو. ونسلو جي شڪايت سڀ کان وڌيڪ ڏکوئيندڙ هئي جنهن چيو ته برائون ۽

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرسٽل کي برسر جي حيثيت ۾ هن سان صلاح مشورو ڪرڻ گهربو هو جن سندن رٿا کان کيس بي خبر رکيو هو. هاڻي ڪا به ڳالهه کيس استعفا بابت پنهنجي ارادي تان نه ٿي لاهي سگهي.

پل بروبالقان مان موٽي آيو هو ۽ دنيا جي وڌندڙ خطرناڪ صورتحال کي مد نظر رکندي ڪرافورڊ لاءِ ووٽنگ ڪرائڻ تي زور پريائين. ٻئي ڏينهن ڪالورٽ ۽ ايليٽ کي ڏاڍي ڏکي صورتحال کي منهن ڏيڻو پئجي ويو. اليس جيڪو ايليٽ جي ڪمري ۾ گهڙي آئي ۽ روئڻ ۾ ڇتڪي پئي. هن جي جذبن جو بند پچي پيو ۽ وئي ڳالهائيندي: هن چيو ته هن نائٽنگيل پاران هن بابت هُلايل بي عزتي جهڙيون ڳالهيون پڙهيون آهن. ٻنهي مردن کيس دم دلاسو ڏنو ۽ کيس سندس گهر وٺي ويا. اتي جيڪو پل برو پاران پارٽي متائڻ تي ڪاوڙيو ويٺو هو. انهي شام هو ڪرافورڊ سان مليو ۽ کيس نائٽنگيل جي ڪارگذارين کان آگاهه ڪيائين. هن ڏاڍي سمجهداري سان واعدو ڪيو ته هو اليس جيڪو ڏانهن خط لکندو ۽ پوءِ بي واجبي ڪندڙ سان به ملندو.

ٻئي شام جو راءِ ڪالورٽ ۽ ايليٽ پوڙهي گي کان هڪ دلچسپ انٽرويو وٺڻ نڪتا. هن پهريان ته پنهنجيون ڪجه اسڪنڊي نيوياٽي شيون ڏيکاريون ۽ ڪجه هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪيون پوءِ جيڪو کي ووٽ ڏيڻ لاءِ تقريباً راضي ٿي ويو. ٻنهي دوستن واپس اچي ڏنو ته ٻن ٻين دوستن ۾ ڇڪتاڻ وڌي وئي هئي. ڪرسٽل جو لاڙو انهي پاسي هو ته ٻي ڌر سان هڪ گڏجاڻي ڪجي ۽ ٿي سگهي ته ڪوئيون اميدوار ڳولهجي جڏهن ته برائون جيڪو جي حمايت ۾ اٽل بيٺو هو ۽ ڪرسٽل جي انهي دغا تي ڏاڍو افسوس ٿيو هوس.

ڪرسٽل رات جو ٻين وڳي تائين ڳالهائيندو رهيو ۽ هڪ ٻئي پٺيان ماڻهن جا نالا ڳڻندو ٽئين ٽئين اميدوار طور انهن جي حمايت ۾ دليل ڏيندو ويو. برائون ڏاڍي ڪاوڙ ۾ اميدوار طور بيهڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ ويو هليو پر آخرڪار اهو ٺي پئي نظر آيو ته هو ٺي ممڪن ٽيون اميدوار آهي. ٻئي ڏينهن ايليٽ ڊسپارڊ سمت جو دل جو حال وٺڻ جي ڪوشش ڪئي هن پاران ڪرافورڊ کي ووٽ ڏيڻ جا سبب به ڏاڍا عجيب هئا. هن اهي هنن لفظن ۾ بيان ڪيا: "مون هڪ مايوس ڪُن زندگي گذاري آهي". هن کي جيڪو به پاڻ جهڙو هڪ ناڪام قسم جو ماڻهو ٿي نظر آيو جڏهن ڪرافورڊ جي سائنسي ناموري سان ڪاليج جو مان مٿاهون ٿيندو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اليڪشن کان اڳ وارو ڏينهن ڏاڍي آهستگي سان گذريو. ڪرسٽل هاڻي اها ڳالهه ظاهر ڪري چڏي ته هو ڪرافورڊ کي ووٽ ڏيندو. هن اهو به چيو ته هن جيئن ته جيڪو پاران پروپيگنڊا ڪئي هئي تنهن ڪري ڪيس پاڻ تي ڪاوڙ هئي ۽ برائون سان وڙهڻ تي ڪيس ڏک ٿيو هو.

آخرڪار ڪرافورڊ چونڊجي ويو. جيڪو ڊنر کان پوءِ هيڊي منهن سان ڪرافورڊ جو جام صحت نوش ڪرڻ آيو. هن فقط هڪ اعزاز جي طلب ڪئي ته نئون ماسٽر سڀ کان پهريان هن ۽ سنڊس زال جي پارٽي ۾ شريڪ ٿئي. پوءِ هو تيز طوفاني هوا ۾ اڪيلو نڪتو ويو هليو.

سنو دي ماسٽرز ۾ انهن ماڻهن کي ذهن ۾ رکيو آهي جيڪي طاقت ۽ اختيار ملڻ تي ڏاڍا مطمئن لڳندا آهن. نئين ماسٽر جي چونڊ کان اڳ ٿيندڙ ڇڪتاڻ ۾ تمام شديد جذبا منظر تي اچن ٿا جن کي انگلينڊ ۾ عام طور ڪنٽرول ۾ رکيو ويندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته اهي جذبا ڦاٽي به پون ٿا.

هتي ڪيمبرج ۾ طاقت جي انهي ڇڪتاڻ ۾ سموري عملي سياست جي جهلڪ نظر اچي سگهي ٿي. اها هر روز هر سطح تي عمل پيرا ٿيندي نظر اچي ٿي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 99. دي اليگزينڊريا ڪئارٽيٽ

## ـــ لارينس ڊريل ـــ

لارينس ڊريل 6 ـ فيبروري 1912ع تي انڊيا ۾ ڄائو. هو هڪ سول انجنيئر جو پٽ هو. هو سينٽ جوزفس ڪاليج ڊارجلنگ ۽ سينٽ ايڊمنڊس اسڪول ڪينٽربري ۾ پڙهيو.

مسز ڊريل پنهنجي مڙس جي وفات کان پوءِ پنهنجن ٻارن جي پرورش ۽ پالنا يونان جي هڪ ٻيٽ تي ڪئي. سندس مڙس پنيان ڪو گهڻو پئسو ڇوڪر نه ڇڏيو هو. انهن ڏينهن جي ڪهاڻي ڏاڍي دلچسپ آهي جيڪا لارينس جي ننڍي ڀاءُ جيرالڊ پنهنجي ڪتاب My Family and other Animals ۾ بيان ڪئي آهي.

لارينس تعليم پوري ڪرڻ کان پوءِ پريس آفيسر طور فارين سروس ۾ گهڙيو ۽ ائٿينز ۽ قاهره ۾ نوڪري ڪيائين. پوءِ هن آزادي کان اڳ واري ڏکئي دور ۾ قبرص حڪومت لاءِ ڪم ڪيو. هن اتان جا تجربا Bitter Lemons نالي پنهنجي بهترين ڪتاب ۾ بيان ڪيا آهن.

لارينس سڀ کان اڳ هڪ غنائي صلاحيتن واري شاعر جي حيثيت ۾ توجه ڇڪرائي هئي ۽ سندس نثري تخليقون باذوق ماڻهن جي هڪ ننڍي بانهم حلقي جي ڌيان ۾ ئي آيون هيون.

هن کي 1957ع ۾ سندس چئن ناولن جي سلسلي مان پهريون ڇپجڻ تي تمام وڏي مڃتا ملي. انهن چئني ناولن کي گڏي The Alexandria Quartet جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. انهن ادبي دنيا کي جوش ۾ آڻي ڇڏيو ڇاڪاڻ ته اهي ناول جي هيئت ۾ هڪ بلڪل نئون تجربو هئا ۽ انهن جيتوڻيڪ نام نهاد ماهرن ۾ ڪجهه تڪرار کي به جنم ڏنو پر عام طور انهن کي جنگ کان پوءِ واري دور جي بهترين انگريزي ادبي حاصلات قرار ڏنو ويو.

انهن ۾ اسڪندريا جو شهر ڏيکاريل آهي. اهي ڪردارن جي هڪ ننڍڙي گروپ تي ٻڌل آهن جن تي پهرئين ڪتاب جي هيروئين جسٽين حاوي آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊارلي کي گهر وٺي وڃي ٿي ۽ انهي سان ڊارلي جي جسٽين ۽ وسيم سان دوستي جي شروعات ٿئي ٿي. آخرڪار هو ۽ جسٽين عاشق ٿي وڃن ٿا.

جسٽين اسڪندريا ۾ ڏاڍي چاتل سچاتل آهي ۽ ڪيترا ئي مرد پنهنجو گهڻو وقت سندس ڪردار کي سمجهڻ ۾ گذارين ٿا. فرانسي قونصل جنرل کي هن ۾ خاص طور دلچسپي آهي ۽ هن کي پنهنجين ڳولهائن دوران جيڪب ارنوتي جو لکيل هڪ ڪتاب هٿ اچي وڃي ٿو. انهي بہ ڪنهن وقت جسٽين سان شادي ڪئي هئي. انهي ڪتاب ۾ اسڪندريا شهر ۽ سندس واقفيت وارن ڪيترن ئي ماڻهن سان گڏ هن پنهنجي زال ۽ سندس شادي بابت احوال پڻ ڏنو آهي.

ارنوتي انهي ۾ اهو انڪشاف ڪيو آهي تہ جسٽين سان ننڍي لا هڪ مائٽ ڏاڍائي ڪئي هئي ۽ اهو اشارو ڏنو اٿائين تہ سندس هلت چلت جو بنياد اهو تجربو آهي. ڪلي (Clea) نالي هڪ آرٽسٽ جسٽين بابت ارنوتي جي انهي تجزيي سان متفق نہ آهي. هوءَ ڊارلي کي ٻڌائي ٿي: سچي رنڊي مرد جي حقيقي محبوبا هوندي آهي- جسٽين وانگر- فقط انهي کي ئي ڪنهن مرد کي پاڻ ڏانهن ڇڪڻ جي صلاحيت هوندي آهي.. بهرحال جسٽين کي بہ حق بجانب يا ڏوهہ کان آجو قرار نہ ٿو ڏئي سگهجي. سادي ۽ سهڻي ڳالهہ اها آهي، هو رنڊي آهي. اسان کي ڪيس اصلي گناهہ (Original sin) وانگر ڪيس قبول ڪرڻو پوندو. پر ڪيس جنس پرست ڪوئڻ يا مثس فرائيڊ وارا نطريا لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ سان هن جي سموري ديومالائي حيثيت ختم ٿي ويندي سيني اخلاق کان وانجهيل ماڻهن وانگر هوءَ بہ جڻ تہ ڪا ديوي ٿي وئي آهي.

ڊارلي جي دوستن مان هڪ بلتا زار بہ آهي. هو هڪ هم جنس پرست يهودي ڊاڪٽر آهي. انهي سان ڪيس جسٽين انهي وقت متعارف ڪرايو هو جڏهن هو ڪيس ڪبال (Cabal) نالي هڪ ننڍڙي استنڊي سرڪل ۾ وٺي وئي هئي. ڊارلي کي بلتازار کان خبر پئي تہ جسٽين کي ارنوتي سان شادي کان اڳ هڪ عاشق مان هڪ ٻار ٿيو هو جيڪو ڇهن ورهين جي ڄمار ۾ اغوا ٿي ويو هو.

ڪبال نالي انهي استڊي سرڪل- جنهن ۾ ڪبالہ يعني زباني طور منتقل ٿيندڙ ڳجهي يهودي فلسفي جو ابياس ٿيندو هو- جون گڏجاڻيون شهر جي ڪنهن حد تائين ويران حصي ۾ پومبال جي رهائش گاهہ جي ويجهو هڪ ڪيوريٽر جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خالي ٻيل ڪوٺڙيءَ ۾ تبديليون هيون. انهي ۾ تقريباً ويهه ماڻهو هوندا هئا. انهي ۾ نسيم ۽ ڪيپيو دستريا نالي هڪ وياج خور به شامل هئا. انهي گروپ جو نالي ماتر اڳواڻ بلتازار هوندو هو.

مليسا ڊارلي جي داشتہ ٿيڻ کان اڳ هڪ پوڙهي سمور فروش يهودي ڪوهن جي داشته هوندي هئي. ڊارلي وٽ اهي خبرون پهتيون ته ڪوهن اسپتال ۾ مرڻ ڪنڌي تي هو ۽ مليسا سان ملڻ جي خواهش هئس. ڊارلي جڏهن گهر پهتو ته مليسا ٺڪي ٺني سمهي پئي هئي. انهي تي هوا ڪيلو اسپتال ويو هليو. پوڙهي ماڻهو کيس چيو ته هو هاڻي مليسا سان شادي ڪري اڳين ڳالهين جي تلافي ڪرڻ چاهي ٿو. پوءِ کيس هن لاءِ ڪجھ مُنديون پڻ ڏنائين.

ڊارلي جي واقف ڪارن ۾ هڪ ستر ورهين جو پوڙهو اسڪوبي اڳوڻو ليفٽيننٽ ڪمانڊر ۽ لونڊي باز به آهي. هن Alexandria Vice Squad ۾ سي آءِ ڊي ۾ نوڪري ڪئي هئي ۽ هاڻي ٿوري پينشن تي گذارو ڪري رهيو هو. ڪلي کيس تماڪ پهچائيندي هئي ۽ ڊارلي سندس ساراهہ ڪندو هو. کيس صحبت ۽ برانڊي ڏيندو هو. ڪِلي اسڪوبي جي گهاٽي سنگتياڻي آهي. هن سندس وردي ۾ هڪ بهترين پورٽريٽ ٺاهيو آهي ۽ "پنهنجو گهٽو وقت پوڙهي ساموندي ڦورو سان گڏ گذاري ٿي".

جيستائين ڪِلي جو تعلق آهي ته اها ڏاڍي سهڻي آهي. اينٽروپيئسو اٿس جو آزاد رهي ٿي سگهي ۽ هڪ آرٽسٽ به آهي. "هوءَ عاشقن يا ڪٽنبي لاڳاپن کان سواءِ زندگي گذاري ٿي. هن کي نه ڪنهن جي خلاف ڪو بغض يا ڪينو آهي نه ئي ڪنهن ڳالهہ کان چڙ اٿس. هو پڪسوئي سان پنهنجي مصوري تي ڌيان ڏئي ٿي ۽ انهي باري ۾ ڏاڍي سنجيده آهي پر اينٽري گهٽي سنجيده به نه آهي.

ڊارلي ڊيوٽي تي ويندي، دوستن سان ملندي ۽ لکندي پنهنجي زندگي پيو ٿو گذاري. هو رهي مليسا سان گڏ ٿو پر ميلاپ جسٽين سان ڪري ٿو پر هن جي ذهن تي سدائين جسٽين جو اسرار حاوي رهي ٿو.

اوچتو سندس ڪاڻو نوڪر حامد کيس هڪ پراسرار ملاقاتي بابت ٻڌائي ٿو جنهن کيس ٻڌايو هو ته سندس مالڪ کي هڪ وڏي حيثيت واري شخصيت کان وڏو خطرو هو. اهو ظاهر ظهور نسيم هو. نسيم جو هن سان رويو تبديل ٿي ويو آهي. هن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن پنهي کي اها خبر نہ هئي تہ نسيم کي انهي انتهائي قدم تي هر ڪائڻ واري مليسا هئي. ڊارلي جي هن سان بي وفائي تي هن کي جيڪو رنج پهتو هو انهي تي هن نسيم کي چٺي چڙهيو تہ: ”تنهنجي زال توسان وفادار نہ آهي“. هن جيڪو ڪجھ ڪيو آهي انهي تي ڪيس جيتوڻيڪ ڏاڍي دهشت وٺي وئي آهي پر هو نسيم سان گڏ هلڻ جي دعوت کي رد بہ نہ ٿي ڪري سگھي.

هو ڪيس سمنڊ جي پرسان واريءَ جي ڍڳن تي وٺي وڃي ٿو ۽ پنهنجو چيڪ بوڪ ڪڍندي هن کان پڇي ٿو: ”تنهنجي خاموشي جي قيمت ڪيتري آهي؟“ هن پنهنجو ڏڪندڙ هٿ سندس ٻانهن تي رکندي چيو: ”آءٌ ڏاڍي شرمسار آهيان. مهرباني ڪري مون کي معاف ڪر. مون کي خبر نہ هئي تہ مون ڇا پئي چيو.“

”هڪ منٽ لاءِ ائين لڳو تہ انهن کي هڪ ٻئي سان محبت ٿي وئي آهي“.

شڪار جو وقت بہ اچي ويو ۽ هڪ شام اڳ ڊارلي سميت سڀئي مهمان گاڏين ۾ چڙهي ڊنڊ تي پهتا. ڊارلي انڪار نہ ڪري سگھيو هو. پر هڪ ٿني وقت هر هڪ ماڻهو کي هڪ ننڍي ٻيڙي ۽ هڪ بندوق بردار ڏنو ويو. ڊارلي کي فراج نالي هڪ تمام تجربي ڪار ۽ پروسي جوڳو ماڻهو ڏنو ويو. هو ڏاڍو پرجوش ٿي واپس آيو پر اتي اچي خبر پيس تہ هڪ حادثو ٿي پيو هو. ڪيپوڊسٽريا قتل ٿي ويو هو.

گهر پهچڻ تي حامد ڪيس ٻڌايو تہ جسٽين پڇي وئي هئي. جسٽين جي غائب ٿيڻ کان پوءِ واري رات ڊارلي ڪِلي سان مليو ۽ ڪيس هن کان خبر پئي تہ جنهن ماڻهو جسٽين سان ننڍپڻ ۾ زيادتي ڪئي هئي اهو ڪيپوڊسٽريا هو. ڪجھ وقت پوءِ ڪلي ڪيس ٻڌايو تہ هن جو جسٽين سان رابطو ٿيو هو. هوءَ فلسطين ۾ هڪ زرعي فارم تي ڪم ڪري رهي هئي.

ڊارلي کي هاڻي جسٽين نہ پر مليسا جو مسئلو دربيش آهي. پرس وارڊن جنهن تازو ئي آپگهات ڪيو آهي انهي هن لاءِ 500 پائونڊ ڇڏيا آهن جيڪي اجا بينڪ ۾ آهن. هو انهن تي ٻن سالن تائين سُوتو ٻُوتو گذارو ڪري سگھن ٿا. پر هو ائين ڪرڻ بجاءِ بالائي مصر ۾ ماستري جي نوڪري ڪرڻ هليو وڃي ٿو.

بہ ورهيہ گذري وڃن ٿا. پوءِ هڪ ڏينهن ڪلي ڪيس ٽيليفون تي ٻڌايو تہ مليسا ڏاڍي بيمار هئي ۽ اسپتال ۾ هئي. هو جڏهن اسڪندريا پهتو تہ هوءَ مري چڪي هئي. هاڻي ڪيس خبر پئي تہ هن کي نسيم مان هڪ ننڍي ڇوڪري هئي. جنهن کي

نسيم پنهنجي پالنا ۾ ونڻ چاهي ٿو چاڪاڻ ته هو سمجهي ٿو ته جسٽين هن وٽ ڪڏهن به واپس نه ايندي

اونهاري جي شروعات ۾ ڊارلي کي ڪلي جو خط مليو جنهن ۾ ڪيس لکيو هئائين ته هوءَ ڪجه هفتا اڳ جسٽين سان ملي هئي جنهن کيس ٻڌايو هو ته کيس شڪ هو ته ڪيپوڊسٽريا کي نسيم قتل ڪرايو هو. جسٽين ڊارلي بابت چيو "مون کي ڪيس پنهنجي ذهن مان ڪڍي ڇڏيو آهي".

ڊارلي مليسا جو ٻار کڻي يونان جي سمنڊ ۾ هڪ ٻيٽ تي رهڻ هليو ويجي ٿو.

ٻئين ناول ۾

## بلٿازار

بيان ڪندڙ ساڳيو ئي ڊارلي آهي. هو بلٿازار پاران ڏنل نوٽس ڪم آڻي ٿو.

بلٿازار جسٽين جي سلسلي جو ناول نه آهي. پهرئين ناول وارا سڀئي ڪردار هتي به اچن ٿا پر اسان کي انهن بابت وڌيڪ ڳالهيون معلوم ٿين ٿيون ۽ پهرئين ڪتاب جي ڪيترن ئي واقعن جو هڪ نئين زاويي سان ورجاءُ ٿئي ٿو.

سڀ کان اڳ پوڙهي اسڪوبي جو ڪردار بيان ٿئي ٿو. جيڪو ڊارلي سان انهي ڳالهه جو اعتراف ڪري ٿو ته هو چوڏهين جي چنڊ رات عورتاڻا ڪپڙا پهرڻ کان رهي نه ٿو سگهي. هو ڪنهن مصيبت کان بچڻ لاءِ ڊارلي کي منٿ ڪري ٿو ته هو اهي ڪپڙا کڻي وڃي ۽ پاڻ وٽ رکي. ڊارلي هامي ڀري ٿو.

جسٽين ۾ اهو اشارو ڏنو ويو هو ته ڪليءَ کي جسٽين سان محبت هئي. هاڻي اها ڳالهه صحيح ثابت ٿئي ٿي. هوءَ جسٽين جون تصويرون ناهيندي رهي هئي جيڪا تنهن وقت ارنوتي کان طلاق کان پوءِ ڏاڍي غريب ٿي وئي هئي ۽ ماڊلنگ ڪري ڪجه پئسا ڪمائيندي هئي. تڏهن انهن کي هڪ ٻئي سان محبت ٿي وئي هئي.

گهڻو وقت نه گذريو جو نسيم جسٽين کي چيو ته هوءَ هن سان شادي ڪري هو کيس ٻڌائي ٿو ته کيس هن جي ضرورت هئي. هو انهي تي راضي ٿي وڃي ٿي چاڪاڻ ته کيس سندس پئسي جي ضرورت آهي جيئن هو پنهنجو اغوا ٿيل ٻار ڳولهي سگهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نسيم جيئن ئي هن کان رضامندي وٺي ٿو هن کي ڏاڍي لڄ محسوس ٿيڻ لڳي ٿي. ”هو پنهنجي ماءُ جي سامهون اچڻ کان ڏاڍو گهبرائي ٿو“. پر هو سمجهي ٿو ته ڪيس اهو ڪم ڪرڻو ئي پوندو. هو گاڏي ۾ چڙهي پراڻي ڳوٺ واري گهر ڏانهن هليو وڃي ٿو جتي سندس ماءُ ليليٰ ۽ سندس پياءُ نوروز رهندا آهن.

نسيم وارا ذات جا حسنيني آهن. انهن کي اتان جو قديم ۽ شاهوڪار ڪٽنب ليکيو وڃي ٿو. انهن جي دولت ٻن مختلف ذريعن ۾ ورهايل آهي. نسيم بينڪنگ هائوس سنڀالي ٿو جڏهن ته نوروز ڪنهن قبطي رئيس وانگر زندگي گذاربندي وڏي جاگير جي معاملن کي سنڀالي ٿو.

انهن جي ماءُ کي ڪڏهن ڪڏهن ذهني ناپختگي جا دورا پوندا آهن. البت گذريل ٻن مهينن کان اها چاق چڱي ڀلي رهي آهي ۽ هاڻي خاص طور ڏاڍي خوش آهي ڇاڪاڻ ته سندس پراڻو انگريز عاشق مائونٽنولو هاءِ ڪمشنر ٿي مصر آيو آهي. اهو اڳ ۾ مصر ۾ ڪيترائي سال هڪ سفارتي عهدي تي رهيو هو ۽ سندس مرحوم مڙس جي بيماري دوران مائونٽنولو ليليٰ تي عاشق ٿي پيو هو. هاڻي ڪيس سر ڊيوڊ سڏيو وڃي ٿو.

نسيم ليليٰ جو دلپسند پٽ آهي. هو هن کي جسٽين سان شادي بابت پنهنجي ارادي بابت ٻڌائڻ کان لنوائيندي سياست بابت ڳالهائي ٿو: ”هاڻي مائونٽنولو به واپس آيو آهي“. هو چوي ٿو ”اسين جيڪو ڪجهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون پهريون دفعو اها ڳالهه ڪنهن کي سمجهه ۾ ايندي“. هو گهر مان وڃڻ وقت به پنهنجي ڳالهه ماءُ کي نه ٿو ٻڌائي. هو اهو ڪم نوروز جي ذمي ڪيون وڃي ٿو.

هاڻي اها ڳالهه واضح ٿي وڃي ٿي ته نسيم ڪنهن اهڙي وڏي سياسي ڪارگذاري ۾ مصروف آهي جنهن لاءِ تمام گهڻي لڪ ڳجهه آهي.

پر هتي پرس وارڊن جو ڪردار سڀ کان وڌيڪ اُڀاريو ويو آهي. هو نه فقط هڪ ناول نگار آهي پر لڳي ٿو ته هو هڪ قسم جو ڳجهو ايجنٽ آهي. هو جسٽين کي پُرڪشش لڳو آهي ۽ هو هن سان گڏ سمهڻ لاءِ بلڪل تيار هئي پر هن جسٽين سان جنسي تعلق کان سختي سان انڪار ڪري ڇڏيو. هوءَ هن سان پنهنجين نجي مشڪلاتن جو ذڪر ڪري ٿي ۽ ڪيس ٻڌائي ٿي ته هن ڪيئن ڪيپوڊسٽريا جهڙي ڏائڻ مان جان ڇڏائڻ لاءِ وري ڪيس هن سان سمهڻ لاءِ چيو هو پر هن انهي کان انڪار ڪري ڇڏيو هو ۽ ڪيس اها ڳالهه بلڪل ياد نه پئي آئي ته ڪو هُن هِن سان زيادتي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪئي هئي. پرس واردن پاران آپگهات ڪرڻ کان پوءِ سندس لاش نسيم کي هٿ اچڻ جي ڳالهه به بيان ڪئي وئي آهي پر سندس موت جا سبب نه ڏنا ويا آهن.

اڳتي هلي اسان کي ڏيکاريو وڃي ٿو ته نوروز هڪ عجيب نوجوان آهي. هو دماغي طور ڪجهه ٽڙيل آهي. هو نجومين ۾ فال ڪيندڙن سان به ملندو رهي ٿو. کيس انهن کان خبر پئي آهي ته جسٽين جو پار مري ويو آهي. جيڪا ڳجهي نموني ڪلي جي شديد محبت دل ۾ سنڀاليون ويٺي آهي.

پوءِ اسڪوبي جي موت جو احوال ڏنو ويو آهي. هن کي زنانو ويس پهريل هو جو نيوي جي هڪ ملاح کيس لنون ۾ ٽُڏا هڻي ماري ڇڏيو.

نوروز سال ۾ فقط هڪ دفعو جشن جي موقعي تي اسڪندريا اچي ٿو. هن سال پومبل جو هڪ نوجوان رفيق ڪار ٽوتو ڊي برونل نقاب پوش ڊانس (Masked dance) جي موقعي تي قتل ٿي وڃي ٿو. پر ڪنهن کي به خبر نه ٿي پوي ته هو ڪيئن قتل ٿيو. هن جو لاش مليو ته انهي کي جسٽين جي منڊي پاتل هئي. جسٽين سمجهي ٿي ته کيس نسيم غلطي وچان جسٽين سمجهندي قتل ڪيو آهي. انهي واقعي تي اسڪندريا جي ڪيترن ئي حلقن ۾ ڪيترن ئي سببن جي ڪري وڏي ڳڻتي پکڙي وڃي ٿي.

آخر ۾ اسان کي اها خبر پوي ٿي ته لاش ملڻ کان پوءِ نوروز ڪلي وٽ وڃي ٿو ۽ کيس ٻڌائي ٿو ته هُن کي هن سان محبت آهي ۽ کيس اهو به ٻڌائي ٿو ته کيس پاڻ کي نسيم جي حوالي ڪرڻ گهرجي. ڪلي جڏهن هن کان انهي جو سبب پڇي ٿي ته هو انهي ڳالهه جو اعتراف ٿو ڪري ته هن جسٽين کي قتل ڪري ڇڏيو هو. چاڪاڻ ته هن سندس پاءُ سان بي وفائي ڪئي هئي ۽ اها ڳالهه ظاهر ٿي ته هن ئي ٽوتو کي جسٽين سمجهندي قتل ڪيو هو.

ٽئين ڪتاب

مائونٽولو ۾ بلٿازار ۾ بيان ٿيل واقعن کي اڳتي وڌايو ويو آهي. مائونٽولو ضمير غائب ۾ لکيل آهي ۽ انهي جي پهرئين ٽئين حصي ۾ ديوڊ مائونٽولو جي ڪيريئر ۽ ليليٰ حسنيني سان سندس تعلق کي بيان ڪيو ويو آهي.

پرس واردن جي آپگهات کي به واضح ڪيو ويو آهي. مليسا پنهنجي لاءِ نئون ڪوٽ خريد ڪرڻ لاءِ پئسو هٿ ڪرڻ لاءِ هن سان سمهڻ جي آڇ ڪئي پوءِ هن کيس ٻڌايو ته سندس پراڻو عاشق ڪوهن کيس کليو کلايو ٻڌايو هو ته هو حسنيني ڪٽنب

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پارن ڪم ڪري رهيو هوءِ فلسطين ۾ هٿيار پهچائيندو هو جيڪي برطانيا کي ڪيڻ لاءِ ڪم ايندا هئا. انهي جاڻ سندس پيشرو جي نظرين جي تائيد ڪئي تي. هن مائونٽولو کي خط لکي اها ڳالهه ٻڌائي ۽ مٿس اها ڳالهه به واضح ڪيائين ته جيئن ته نسيم سندس دوست هوءِ هو جيئن ته پنهنجي دوست سان دغابازي جي نتيجن کي منهن نه ڏئي سگهندو تنهن ڪري هن آپگهات جو ارادو ڪيو آهي.

مائونٽولو فوراً ڪجه به نه ڪيو. اڳتي هلي حسنيني سازش جا ڪيترائي تفصيل ڏنا ويا آهن. انهن مان هڪ اها حقيقت به آهي. جستين انهي بابت سڀ ڪجه ڄاڻي ٿي ۽ انهي سان گهاٽو تعلق اٿس. ڪتاب نوروز جي پراسرار موت تي ختم ٿئي ٿو.

چئن ڪتابن مان آخري آهي

## ڪلي

گذريل ٽن ڪتابن ۾ بيان ٿيل آڪاٽي هن ۾ آهستي آهستي ڪُلي اڳتي وڌي ٿي ۽ پڄاڻيءَ تي پهچي ٿي. هاڻي به بيان ڪندڙ ڊارلي آهي جيڪو مليسا جي ٻار سان گڏ بيٽ تان واپس آيو آهي. هاڻي جنگ جو دور لڳو پيو آهي. نسيم انهن سان مليل ٿو جيڪو جنگ کي سامهون ايندي ڏسي فلسطين ۾ پنهنجين رٿائن تان هٿ کڻي ويو آهي. جستين واپس اچي وئي آهي ۽ هن سان گڏ رهي ٿي. هوءَ هاڻي تمام گهڻي بدلجي وئي آهي.

ڊارلي بلتازار سان مليل ٿو ۽ کيس خبر پوي ٿي ته ڪيال ختم ٿي وئي آهي ۽ ڪيپوڊسٽريا مئو نه آهي پر نسيم سندس "موت" جو بندوبست ڪيو هو جيئن هو سندس انشورنس جي رقم وٺي سگهي ڇو ته هو ڏيواليو ڪيڻ تي هو. انهي ڪم لاءِ لاش بلتازار ڏنو هو.

پوءِ هو ڪلي سان مليل ٿو. هوءَ کيس ٻڌائي ٿي ته اسڪوبي کي ولايت جي درجي تي پهچايو ويو آهي ۽ کيس سندس اڳوڻي فليٽ تي وٺي وئي جنهن کي خانقاهه ۾ تبديل ڪيو ويو هو. هو ڪلي سان گڏ گهر ويو ۽ هڪ هوائي حملي دوران اهي گڏ سمهي پيا ۽ ميلاپ ڪيائون. پوءِ هن کيس پرس واردن بابت وڌيڪ ڳالهيون ٻڌايون ته هن کي سندس نابين پيءُ ليزا سان محبت هئي. ليزا سندس موت کان ڪجه وقت اڳ هن سان گڏ هئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ليزا جي مائونتولو سان شادي ٿيڻي آهي. ڪلي ڊارلي کي چوي ٿي تہ هو انهن ٻنهي ٻاران هڪ ٻئي کي لکيل خط پڙهي وٺي. انهن مان اهو ظاهر ٿيو تہ پرس وارڊن جو آپگهات ڪيو تہ انهي جو اصل سبب بہ سندن اهو تعلق هو. ڊارلي ڪلي کي صلاح ڏني تہ هوءَ اهي خط ساڙي ڇڏي هنن گڏجي اهو ڪم ڪيو.

ڪلي مصوري ڪرڻ فرانس وڃي هلي ٿي ڪتاب ڪلي ٻاران ڊارلي ڏانهن لکيل خط تي ختم ٿئي ٿو جنهن ۾ هو ڪيس ٻڌائي ٿي تہ هوءَ وبجھڙائي ۾ جسٽين ۽ نسيم سان ملي هئي. اهي سئٽزرلينڊ ۾ مستقل طور رهڻ جو سوچي رهيا هئا. جتان انهن جو ارادو هو تہ هو حسنيني سازش وانگر هڪ بين الاقوامي سازش هلائيندا. جسٽين چيو تہ هوءَ آخرڪار خوش هئي.

ڊريل پاڻ ٻڌايو آهي تہ هن انهن چئني ڪتابن ۾ ڇا حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

جديد ادب اسان کي ڪي وحدتون (Unitics) نہ ٿو ڏئي تنهن ڪري مون سائنس ڏانهن رخ ڪيو ۽ هڪ چار طبقو ناول مڪمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان جنهن جي هيئت اضافيت (Relativity) تي ٻڌل آهي

مڪان (Space) جا ٽي رخ ۽ زمان جو هڪ رخ گڏجي ڪنٽينيوم (Continuum) واري سوپ مڪس ترڪيب ناهين ٿا. چار ئي ناول انهي ترتيب تي هلن ٿا.

ڪتاب جو مرڪزي موضوع جديد محبت جو هڪ جائزو آهي. هو دعويٰ ڪري ٿو. هو پنهنجي دعويٰ ۾ ڪامياب ٿيو آهي يا نہ بهرحال اها هڪ حقيقت آهي تہ اهي چارئي ناول هڪ تمام وڏي ادبي حاصلات آهن. اهي نہ فقط ادبي تجربي جي ميدان ۾ پر اسلوب جي ميدان ۾ بہ هڪ حاصلات آهن.

ڊريل بنيادي طور هڪ شاعر آهي. هن انهن چئني ڪتابن ۾ هڪ شاعر واري حساسيت ۽ شاعر واري تصوراتي بصيرت سان لکيو آهي ۽ لفظ تشبيهون ۽ علامتون اهڙي نموني ڪتب آندا اٿائين جيئن ڪو خالص نثر لکندڙ ڪتب نہ آڻي سگهي ها. ڪيترن ماڻهن لاءِ فقط انهي ڪري ئي اهي چار ئي ناول پڙهڻ هڪ دلچسپ تجربو هوندو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 100. ڊاڪٽر زواگو

## ـــ بورس پيسترناڪ (1960ع ـ 1890ع) ـــ

ڪيترن پڙهندڙن کي ڊيوڊلين جي فلم ڊاڪٽر زواگو ياد هوندي ۽ جن اها نہ ڏٺي آهي انهن کي سمجهڻ گهرجي تہ انهن کان هڪ ڏاڍي اثر انگيز ۽ رومانوي ڪهاڻي ڏسڻ جو موقعو وڃائي ڇڏيو آهي. پر فلم بابت جيڪي بہ رايا هجن اظهار جي انهي ذريعي ۾ پيسترناڪ جي شاعراڻي بصيرت جي تازگي ۽ درستگي نہ ئي سندس فلسفو ۽ نہ ئي ناول جي اصليت ۽ طاقت پڙهندڙن تائين پهچي سگهي ٿي.

بورس پيسترناڪ 1890ع ۾ ماسڪو ۾ ڄائو. هو مهذب ماءُ پيءُ جي اولاد هو. هن ماسڪو يونيورسٽي مان قانون جي ڊگري وٺڻ کان پوءِ محسوس ڪري ورتو تہ شاعري ئي سندس صلاحيتن جي اظهار جو ميدان آهي ۽ پوءِ پنهنجي سموري زندگي لکڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏيائين. هو اندروني طور سدائين هڪ تارڪ ۽ سوويت راڄ جو مخالف ٿي رهيو. هن ڪيترن موقعن تي انهي حڪومت جي قدمن کان لاتعلقي ڏيکاريندي وڏي همٿ جو مظاهرو ڪيو ۽ 1945ع کان پوءِ سندس تحريرن تي پابندي وڌي وئي. انهي وقت هن ڊاڪٽر زواگو لکڻ شروع ڪيو ۽ اهو پهريون دفعو 1957ع ۾ اطالوي ترجمي جي صورت ۾ ۽ 1958ع ۾ انگريزي زبان ۾ ڇپيو. انهي ئي سال کيس ادب جو نوبل انعام ڏنو ويو. انهي تي سوويت اختيارين ننڊا جو هڪ طوفان کڙو ڪيو ۽ کيس پنهنجي وطن ۾ رهڻ جي صدقي انعام کان دستبردار ٿيڻو پيو. هو 1960ع ۾ فوت ٿيو.

ناول روس ۾ انقلاب، پرووزنل گورنمينٽ ۽ گهرو لڙائي دوران اتان جي زندگي جي هڪ چٽي ۽ مڪمل تصوير پيش ڪري ٿو. جنهن ۾ آبادي جي سيني حصن مان کنيل ڪردارن کي زندگي جي ڇڪتاڻ ۾ ڦاٿل ۽ پنهنجي وجود جي بقاء لاءِ هٿ پير هڻندي ڏيکاريو ويو آهي. پاسترناڪ انهن کي ميدان ڪار ۾ مصروف ڏيکاريو آهي. اهي پيڙائن مان گذري رهيا آهن ۽ هڪ اهڙي اٿل پٿل دوران پنهنجن لاڙن ۽ روين جي نئين تشريح ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. جيڪا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوفناڪ بہ آهي ۽ تخليقي سگهہ رڪنڊڙ بہ آهي. ناول ۾ ڏيکاريو ويو آهي تہ ماڻهو ڪيئن فقط وجود باقي رکيو وڃنا آهن ۽ ناول جو غير مربوط انداز خود زندگي جي سختيءَ جي عڪاسي ڪري ٿو جنهن کي پاسترناڪ مطابق پنهنجي فائدي ۾ نہ ٿو ڪري سگهجي پر اها فقط جيئڻ آهي تيئن گذاري سگهجي ٿي. زندگي پنهنجي نئين تشڪيل ۽ تجديد ڪندي رهي ٿي ۽ پنهنجي شڪل مٽائيندي رهي ٿي. انهي عمل ۾ فرد کي لازماً سهڪار ڪرڻو آهي.

ناول جي عوامي رخ ۾ زندگي طوفاني طاقت سان گهڙي اچي ٿي. پر يوري زواگو ۽ لاريشا (لارا) جي نجي دنيا ۾ بہ زندگي ساڳئي قوت سان داخل ٿئي ٿي. انهن جون زندگيون سياسي واقعن سان گڏوگڏ هلن ٿيون ۽ انهن تي سياسي واقعن جو اثر بہ پوي ٿو. ناول جي مک ڌارا بہ اها ئي آهي. جيئن روس جي قسمت ۾ انقلاب لکجي چڪو آهي تيئن اهي ٻئي بہ هڪ ٻئي جي ڀاڱ ۾ لکجي چڪا آهن.

اسين يوري سان پهريون دفعو 1901ع ۾ ملون ٿا. هو تڏهن هڪ ٻار آهي ۽ ماسڪو جي ٻاهران پنهنجي ماءُ جي آخري رسمن وقت روئي رهيو آهي. سندس پيءُ ڪنهن وقت هڪ لک پتي ماڻهو هو. پر گهٽي وقت کان پنهنجي ڪٽنب کي ڇڏي ڏنو هئائين ۽ عياشي واري زندگي گذاري رهيو هو پوءِ ڪو ماروسڪي نالي هڪ بي ضمير وڪيل جيڪو هن جي پئسن تي ٽڳندو رهيو هو. انهيءَ کيس آپگهات تي مجبور ڪيو. يتيم يوري ماسڪو ۾ گروميڪو ڪٽنب وٽ رهڻ ويو. اهو دانشورن جو هڪ مهذب ڪٽنب آهي. انهي ۾ يوري جي عمر جيتري ڇوڪري ٽونيا پڻ آهي.

اهي ڏاڍا امير ماڻهو آهن پر شهر جي هڪ غريب پاڙي ۾ هڪ ٻيو تمام غريب ڪٽنب بہ رهڻ آيو آهي. انهي ڪٽنب جي وڏي امالبا گشار بيلجيم جي هڪ انجنيئر جي بيواهہ آهي. سندس نوجوان ڌيءُ لارا بہ انهي سان گڏ رهي ٿي. ڪوماروسڪي سندس مڙس جو هڪ گهاٽو دوست هو. اهو اماليا جو عاشق ٿي وڃي ٿو پر سندس اکيون گرم جوش ۽ سهڻي لارا تي آهن.

انهي دوران ريلوي جا ڪارڪن ڏاڍي شديد اسٽرائيڪ ڪن ٿا. انهن ۾ اينٽي پوف، ٽرنڪ اوور سيئر بہ آهي. انهي کي پوءِ انهي اسٽرائيڪ ۾ حصو وٺڻ سبب ڏکي قيد جي سزا ڏني وڃي ٿي. سندس پٽ پاشا هڪ ذهين ۽ تمام صاف سٿرو ڇوڪرو آهي. اهو پوءِ هڪ ٻئي مزدور طبقي جي گهر ۾ وڃي رهي ٿو ۽ سموري

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماسڪو ۾ ٿيندڙ هل هنگامي دوران هو هڪ دفعو هڪ ميڙ ۾ ڦاسي پيو انهي ڪي چڙو چڙ ڪرڻ لاءِ ڪوسڪ فوجين لٺيون وسايون تہ خوش قسمتي سان سندس جان بچي وئي.

پر هاڻي هڪ ڏاڍي خوفناڪ ڳالھ ٿي پوي ٿي. اسان کي خبر پوي ٿي تہ ڪو مارو وسڪي وڏين خوشامدن سان ۾ پاڻ کي ڏاڍو هيٺ ڪري لارا کي ترڪائڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ٿو. اهو منظر جيتوڻيڪ ناول ۾ بيان ٿيل نہ آهي پر انهي جا اثر بيان ٿيل آهن. لارا جو ضمير جاڳي پيو آهي ڪيس پڇتاءَ ٿي رهيو آهي ۽ کيس احساس ٿي رهيو آهي تہ هن جي دامن تي هڪ اهڙو داغ لڳي ويو آهي جيڪو ڪڏهن بہ ڌوپجي نہ سگهندو.

ٿي ورهيہ گذري وڃن ٿا جن دوران لارا ڪو مارو وسڪي کان پري پڄڻ لاءِ هڪ امير ڪٽنب ۾ گورنيس طور نوڪري ڪري ٿي. پوءِ هوءَ اتان ڇڏي ٿي جيئن ڪٿي پنهنجي سر زندگي گذاري سگهي. هن جي ذهن ۾ شايد ماستري جو ارادو آهي. هوءَ ڪو مارو وسڪي کان ضروري رقم گهري ٿي جيڪا هوءَ سمجهي ٿي تہ کيس تلافي طور ڏيڻ گهرجي. هن ارادو ڪري ڇڏيو آهي تہ هو جيڪڏهن رقم نہ ڏئي يا کيس بي عزتو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري تہ هوءَ کيس قتل ڪري ڇڏيندي اهي 1911ع جا ڪرسمس جا ڏينهن آهن ۽ هوءَ سمجهي ٿي تہ ڪو مارو وسڪي ڪنهن دوست جي پارٽي ۾ هوندو تنهن ڪري هو هڪ پستول لڪايون برف سان ڍڪيل شهر ۾ کيس ڳوليندي ٿي وتي، هو رستي ۾ پاشا اينٽي پوف سان ملي ٿي. انهي سان سندس نڍپڻ جي دوستي آهي. پاشا هاڻي سياسي لحاظ کان آدرش پسند شاگرد آهي ۽ کيس پسند ڪري ٿو. هوءَ هن وٽ پهتي تہ هو ڪنهن پارٽي ۾ وڃڻ لاءِ ڪپڙا پهري رهيو هو. هن کي ڪوپور پئجي وڃي ٿو ۽ کيس چوي ٿي تہ هو بجلي بند ڪري ميڻ بتي ٻاري، "شعلو ڦڙ ڦڙ ڪرڻ لڳو.. پوءِ دري جي شيشي تي شعلي جي پرسان برف ڳري وئي ۽ هڪ ننڍڙو سوراخ ٿهي ويو". هن کيس ٻڌايو تہ هوءَ ڏاڍي مصيبت ۾ آهي ۽ کيس ڇپائين تہ هو جلد ازجلد هن سان شادي ڪري. انهي تي هو ڏاڍي خوشي سان راضي ٿي ويو.

انهي دوران يوري زواگو پنهنجي ڊاڪٽري جي تعليم مڪمل ڪري ورتي ۽ هن جو شاعرانو تصور بہ ڏاڍو پروان چڙهي ويو. هن ۽ ٽونيا جي جيئن تہ پرورش بہ گڏ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي هٿي تنهن ڪري انهن جو مڱڻو ٿي ويو. هاڻي اهي گرم ڪپڙن ۾ ويڙهيا سيڙهيا ساڳئي پارٽي ۾ وڃي رهيا هئا ۽ انهي سناڳئي گهر پرسان گذريا جتي لارا ۽ پاشا ڳالهيون ڪري رهيا هئا. يوري مٿي نهاريو ته ڪيس دري مان ميڻ بتي جو شعلو ٻرندي نظر اچي ويو. لڳي پيو ته اهو ڪنهن جي انتظار ۾ هو. "هڪ ميڻ بتي ٽيبل تي ٻرندي رهي، هڪ ميڻ بتي ٻرندي رهي". هن پاڻ سان پڙڪاٽ ڪيو. اها ڪنهن نظم جي منجهيل ۽ بي هيئت شروعات هئي. هن سمجهيو پئي ته اهو پاڻهي شڪل وٺي ويندو پر هو ڪجهه وڌيڪ نه چئي سگهيو.

لارا پارٽي ۾ ڪو مارو وسڪي سان هڪ لفظ به نه ڳالهايو پر هن تي هڪ فائر ڪيائين جيڪو گسي ويو ۽ هوءَ گرفتار ٿي وئي. ڪو مارو وسڪي ڪنهن اسڪينڊل کان ڊڄندي پنهنجو اثر رسوخ هلائي معاملو عدالت کان ٻاهر طي ڪرائي ورتو ۽ لارا پوءِ پاشا سان شادي ڪئي ۽ هن سان گڏ يورالز (Urals) ڏانهن وڃي هلي. انهن ٻنهي کي ارادو هو ته هو اتي ماستري ڪندا. انهي دوران ٽونيا يوري جي پٽ جي ماءُ بڻي ۽ هو ماسڪو جي اسپتال ۾ ڪم ڪندو رهيو. پوءِ جنگ شروع ٿيڻ کان هڪ ورهيه پوءِ کيس گيليشيائي محاذ تي ڊاڪٽر طور موڪليو ويو. پوءِ لارا کي به هڪ ڏيڍ جائي پر پوءِ ڪي گهرو دشواريون پيدا ٿي پيون ۽ پاشا وڃي فوج ۾ شامل ٿيو ۽ ننڍڙي ڪاٽنيا کي دوستن وٽ ڇڏي ويو. لارا به رضاڪار نرس ٿي محاذ تي وڃي هلي. آخرڪار هوءَ انهي اسپتال ۾ آئي جتي يوري ڪم ڪري رهيو هو ۽ کيس فوراً سڃاڻي ورتائين.

پاسترناڪ ڏاڍي مهارت سان ڏيکاري ٿو ته يوري ۽ لارا ۾ تعلق جي شروعات ڪيئن ٿي. اهي ٻئي سمجهي وڃن ٿا ته ڪا ڳالهه انهن جي انتظار ۾ آهي پر هو انهي کي تسليم ڪرڻ کان هٻڪن ٿا ڇو ته ٻئي پرڻيل ۽ اولادي آهن. پر هڪ دفعو تازو شروع ٿيندڙ روسي انقلاب بابت ڏاڍي جوش جذبي سان ڳالهائيندي يوري نجي ۽ انفرادي انقلابن ڏانهن ويو هليو ۽ اوچتو سندس آواز هن جي دل جي حالت پڌري ڪرڻ لڳو "مون کي انهي جو ئي ڊپ هو". لارا آهستگي سان چيو جڻ ته پاڻ سان ڳالهائيندي هجي ۽ پوءِ ڏاڍي شفقت سان هن کي سمجهايائين. توڻ ائين ٿي رهه جيئن آءٌ توکي هيستائين سمجهندي رهي آهيان ۽ ائين ئي رهه جيئن آءٌ چاهيان ٿي ته تون رهين".

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لارا هڪ هفتي کان پوءِ يورالزجي شهر يوري آتين پڙهائڻ وئي هلي ۽ يوري بہ جلدئي ماسڪو ۾ پنهنجي گهر وارن ڏانهن موٽي ويو. اهو ڪيرينسڪي جي پروونزنل حڪومت جو دور هو ۽ گهٽي گهٽي ۾ لڙائي هلي رهي هئي. ڪاڏو ۽ پاڻ ملڻ ڏاڍو مشڪل ٿي ويو هو ۽ سياري جي سخت موسم ۾ زواگو جي ڪٽنب ٽونيا جي پيءُ سميت ڏاڍو مشڪل سان گذارو ڪيو. انهن بهار ۾ يوري آتين جي ٻاهران ويري ڪينو جاگير تي لڏي وڃڻ جو فيصلو ڪيو جيڪا ڪنهن وقت ٽونيا جي ڏاڏي جي ملڪيت هئي. انهن کي اميد هئي تہ هو اتي گذارو ڪري ويندا شهرن کان ٻاهر بہ سمورو علائقو جنگ جي اثر هيٺ هو. اهڙين حالتن ۾ مال ڍوئڻ جي گاڏن ۾ ڏاڍي ڏکئي سفر کان پوءِ اهي هڪ خالي گهر جي هڪ حصي ۾ اچي ويهي رهيا. يوري آسپاس جي علائقي جو غير سرڪاري ڊاڪٽر ٿي ويو. اهي وڏيون محنتون ڪري پاڻ کي زندهہ رکيو ويٺا هئا. پر يوري گهڻي وقت کان محسوس ڪري ورتو آهي تہ سندس طبقي جي ماڻهن جو مقدر تباهي آهي ۽ انهن جا ڏينهن ڳڻجي چڪا آهن. هو ڪنهن وقت شاعري ڪندو هو پر هاڻي هن تي ڪنهن بہ شي جو نزول نہ ٿو ٿئي. زماني جو روح سندس خلاف آهي ۽ انقلاب جو ڦل بہ ڪوڙو ٿيندو پيو وڃي. ساڳئي وقت هو خوابن ۾ ڪنهن عورتاڻي آواز ياران پاڻ کي ٿيندڙ سڏ ٻڌي رهيو هو ۽ جڏهن بهار آيو تہ ائين پئي لڳو جڻ تہ بلبلون "جاڳو! جاڳو!" جون تنوارون ڪري رهيون هيون.

هڪ دفعو هو يوري آتين ۾ شهر جي لائبريري ڏسڻ ويو ۽ اتي لارا نظر اچي ويس. هُن هن سان اتي ئي نہ ڳالهايو پر ان جي فليٽ تي ويو. اهي جڏهن هڪ ٻئي سان مليا تہ مستقبل کي محسوس ڪندي ۽ هاڻي انهي کي قبول ڪندي ۽ هڪ ٻئي بابت خاطري محسوس ڪندي ڏاڍي سادي ۽ ڏيک ويک کان خالي ٻولي ۾ ڳالهائڻ لڳا. لارا کيس اها جاءِ ڏيکاري جتي هوءَ فليٽ جون چابيون لڪائي رکندي هئي ۽ چيو: "آءٌ جڏهن ٻاهر هجان تہ تون اچي سگهين ٿو. تون پلي در کولي آرام سان ويهجانءِ جيستائين آءٌ اچان".

ايندڙ هفتن ۾ هو ڪيترائي دفعا لارا سان ملڻ ويو ۽ سدائين شام جو ويري ڪينو موٽي ايندو هو. انهي دوران هڪ وقت اهڙو بہ آيو جو هو ٽونيا کي ٻئي ڏينهن صبح جو نظر آيو ۽ جڏهن هن کان پڇيائين تہ هن ٻڌايو تہ هو ڪنهن ضروري ڪم سبب ٻاهر رهجي ويو هو. يوري کي ٽونيا خلاف پنهنجي ڏوهہ جو شدت سان احساس

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي ۽ هو لارا لاءِ پنهنجي محبت آڏو بيوس آهي. پر هڪ ڏينهن هو يوري آتين مان موٽندي اهو پڪو ارادو ڪري ٿو ڇڏي تہ هو هن سان تعلق ختم ڪري ڇڏيندو ۽ پنهنجي زال ڪي سڀ ڪجھ ٻڌائيندو. پر بلڪل انهي مهل جڏهن هو گهوڙي تي چڙهي واپس گهر وڃي رهيو هو تہ گهوڙي سوارن اوچتو سندس رستي روڪ ڪئي ۽ کيس قيد ڪري سرخن (Reds) جي حمايتين جي هڪ گروپ ۾ ڊاڪٽر طور ڪم ڪرڻ وٺي ويا.

يوري ٻن ورهين تائين سائيبيريا جي جهنگن ۾ سفيد فامن (Whites) خلاف جنگ جون تڪليفون ڀوڳيندو رهيو ۽ پاسترناڪ ڪوڪلن سياسي نعرن جي بڪ بدحالي، دغا بازين ۽ ڪوس سان پيٽ ڏاڍي ڇيندڙ نموني ۾ ڪري ٿو. يوري لارا ۽ ٽونيا بابت سوچي ٿو: "ٽونيا تون منهنجي لاءِ هڪ دائمي پڇتاءُ جو سبب آهين. پوءِ هڪ ڏينهن فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ٿو."

هو سموري سائيبيريا پيرين پنڌ جهاڳي جهاڳي هڪ ڏاڍي خطرناڪ سفر ڪان پوءِ بکن ۾ پاهہ تي يوري آتين ۾ داخل ٿيو. اتي خبر پيس تہ ويري ڪينو وارا ماٺهو- سندس ڪٽنب- ڦورن جي حملي کان ڊڄندي ڪجھ هفتا اڳ ماسڪو هليا ويا هئا. هو ڏاڍي مايوسي ۾ جيئڻ تيئڻ ڪري لارا جي فليٽ تي پهچي ٿو ۽ هن سان ملي ساڻو تي سمهي پوي ٿو. هن کي خواب ۾ پنهنجو پٽ نظر اچي ٿو. پوءِ هن جي اک کلي تہ پنهنجي پٽ کي پنهنجي مٿان جهڪيل ڏٺائين. انهي تي هو خوشي ۾ جهڙ تہ بيهوش ٿيڻ تي هو. بهرحال هو جلدئي سامت ۾ آيو ۽ پاسترناڪ اسان کي ٻڌائي ٿو: "انهن کي هڪ ٻئي سان ڏاڍو پيار هو انهن جي نظر ۾ اهي گهڙيون جن ۾ جذبات ابديت جي هڪ ڦوڪ وانگر انهن جي انساني وجودن تي لهندا هئا اهي انڪشاف جون گهڙيون هونديون هيون جن ۾ انهن کي زندگي ۽ خود پاڻ بابت وڌو فهم حاصل ٿيندو هو."

لارا کيس سندس زندگي تي ڪو مارو وسڪي پاران هنيل داغ بابت ٻڌايو ۽ استريلنيڪوف نالي ڪنهن ماڻهو بابت بہ ڳالهايائين. هو بولشيوڪن جو هڪ بي رحم اتحادي هو. يوري هڪ دفعو هن سان ويري ڪينو ويندي ٽرين جي سفر ۾ مليو هو. استريلنيڪوف پيو ڪو نہ پر سندس مڙس پاشا اينٽي پوف آهي جيڪو جنگ کان پوءِ جرمنن جي هڪ قيدي ڪيمپ مان واپس آيو هو ۽ پاڻ کي سرخن لاءِ ڏاڍو

ڪار آمد بڻايو هٽائين. هوءَ سمجهي وجهي ٿي تہ هو بہ ڏاڍي ذڪيائي ۾ زندگي گذاري رهيو آهي ۽ سندس ڏينهن بہ ڳڻجي ويا آهن.

يوري جو انقلاب لاءِ شروعاتي جوش ختم ٿي ويو آهي. انهي جا ڪي شخصي سبب نہ آهن. پر ڪيس اختيار سان چنبڙي پوندڙ ماڻهن کان ڏاڍي نفرت آهي. جيڪي زندگي جا دشمن آهن. انهن جي آدرش پسندي جي جاءِ تي انتقام اچي ويو آهي ۽ هاڻي هو ۽ لارا خاص طور تي يوري آتين ۾ خطري ۾ آهن. چو جو انقلابي ٽربيبونل بہ اتي ڪم ڪري رهيو آهي. تنهن ڪري اهي ويري ڪينو واپس وڃڻ جو فيصلو ڪن ٿا. پر انهن پاران روانو ٿيڻ کان اڳ اوچتو ڪو مارو وسڪي اچي ڪڙڪي ٿو ۽ انهن تي زور پري ٿو تہ اهي هن سان گڏجي اوپر وارن ساموندي ڪناري وارن صوبن ڏانهن هلن جتي هڪ آزاد حڪومت قائم ٿي رهي هئي. پر انهن ٻنهي انڪار ڪري ڇڏيو.

اهڙي طرح يوري، لارا ۽ ڪاٽيا ويري ڪينو وڃن ٿا. اهي شديد سائبيريا ئي سياري ۾ پاڻ کي گهر ۾ ئي مصروف رکن ٿا. ايستائين جو ٿورو منظم گهريلو انداز پيدا ٿي وڃي ٿو ۽ اهي ٿوري وقت لاءِ زندگي جي سواد کي محسوس ڪن ٿا. يوري ۾ ڪجه لکڻ جي تڙپ پيدا ٿئي ٿي ۽ رات جو جڏهن لارا ۽ سندس ڌيءَ ننڊ پيون هيون تہ هو شاعري ڪرڻ ويهي ٿو. خاص طور اهي سٽون جيڪي گهڻو وقت اڳ سندس ذهن ۾ آيون هيون. اهي پاڻهي پاڻ مڪمل ٿي وڃن ٿيون. هڪ ميڻ بتي ٽيبل تي برندي رهي، هڪ ميڻ بتي برندي رهي.... ۽ هاڻي کيس احساس ٿي وڃي ٿو تہ اها هن لاءِ بري هئي ۽ انهن جي لاءِ منتظر محبت جي علامت هئي (" ونٽر نائيٽ" جي عنوان سان اهو ۽ ٻيا نظم ناول جي آخر ۾ ڏنل آهن).

پر ڪو مارو وسڪي پندرهن ڏينهن جي اندر ئي انهن کي ڳولهي وٺي ٿو ۽ هن دفعي هڪ لمحو بہ وڃائي نہ ٿو سگهجي. يوري آتين اسٽيشن تي هڪ گاڏي ڏور اوپر (Far East) لاءِ تيار بيٺي هئي ۽ هنن کان جيڪڏهن اها ڇٽي وئي تہ وري شايد موقعو ڪڏهن بہ نہ اچي. لارا ٻار جي ڪري ڪو مارو وسڪي سان گڏ وڃڻ قبول ڪري ٿي پر هو يوري کان سواءِ ڪڏهن بہ نہ هلندي پر يوري جيئن تہ اهو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي تہ هو ماسڪو وڃي پنهنجو ڪٽنب ڳولهيندو تنهنڪري هو بهانو ناهي ٿو تہ هو ڪجه منٽن ۾ پٺيءَ گهوڙي تي انهن جي سليج جي پٺيان ايندو. اهڙي

طرح هو لارا سان ڪا موڪلاڻي بہ نہ ٿو ڪري فقط هٿ لوڏين ٿا ۽ هو لارا جي آخري جهلڪ ڏسڻ لاءِ ايستائين بيٺو رهي ٿو جيستائين سليج هڪ ڏورانهين ٽڪري تي نہ ٿي چڙهي وڃي. جڏهن اها آخرڪار نظرن کان غائب ٿي وڃي ٿي تہ هو گهر موٽي اچي ٿو. هو دنيا کي پٺي ڏئي اچي ٿو ۽ سندس اندر مان اهو آواز اچي رهيو آهي: ”منهنجو روشن سج لهي ويو“.

يوري جي زندگي جي انڻ ورهين جو بيان هڪ باب ۾ ڏنو ويو آهي. هو ماسڪو هن دفعي بہ پيرين پنڌ وڃي ٿو ۽ اتي کيس خبر پوي ٿي تہ سندس ڪٽنب کي روس مان تڙي ڪڍيو ويو آهي ۽ اهي پيرس هليا ويا آهن. هو انهن ڏانهن وڃڻ جي ويزا وٺڻ جي ڪوشش ڪري ٿو پر انهي ۾ ناڪام ٿئي ٿو ۽ گروميڪو گهراڻي جي اڳوڻي اسٽيورڊ جي ڌيءُ سان ”شادي“ ڪري ٿو. اهو سمورو وقت زندگي ۾ خود پاڻ مٿان سندس گرفت ڪمزور ٿيندي وڃي ٿي. ايستائين جو آخر ۾ هو نہ لکي سگهي ٿو نہ ڊاڪٽر طور ڪم ڪري سگهي ٿو. هڪ ڏينهن هڪ ماڻهن سان ستيل هڪ ٽرام ۾ هن کي دل جو دورو پوي ٿو ۽ هو هٿ پير هٽي تازي هوا ۾ نڪري اچي ٿو ۽ گهٽي ۾ ڪري پوي ٿو ۽ مري وڃي ٿو. (فلم ۾ اهو منظر جنهن ۾ هو تصور ۾ لارا کي ڏسي ٿو اهو ناول ۾ نہ آهي).

پر اتفاقي طور لارا ماسڪو ۾ اچي ٿي ۽ انهي ئي گهر ۾ اچي ٿي جنهن ۾ يوري کي رکيو ويو آهي. جيئن هو کيس الوداع چوڻ. هوءَ سادڻ مانوس لفظن ۾ هن کان موڪلائي ٿي. هوءَ ائين ڳالهائي ٿي جيئن هو هميشہ هن سان ڳالهائيندي هئي: ”تون وڃين پيو اها منهنجي بہ پڄاڻي آهي..... زندگي جي ڳجهارت، موت جو معمو پيار جو حسن، هاڻو اسان اهڙين خسيس ڳالهين بابت ڇا سوچيو هيو سي جيڪي دنيا کي نئين شڪل ۾ آڻين ٿيون. نہ مهرباني، اهي شيون اسان جي لاءِ نہ آهن..... موڪلاڻي منهنجا پيارا، منهنجا پنهنجا، منهنجا غرور، موڪلاڻي منهنجا اونها تيز وهندڙ درياءَ...

هاڻي اسان کي هڪ مختصر پيراگراف ۾ ٻڌايو وڃي ٿو تہ انهي کان جلدئي پوءِ لارا کي گهٽي ۾ گرفتار ڪيو وڃي ٿو. جيئن انهن ڏينهن ۾ اڪثر ٿيندو هو ۽ هوءَ Concentration ڪيمپ ۾ غائب ٿي وڃي ٿي يا ڪٿي مري وڃي ٿي. ”هو ڪنهن لسٽ تي بي نام انگ وانگر وسري وڃي ٿي“. پر سندس نظم باقي رهن ٿا ۽ اسان کي خبر پوي ٿي تہ انهن جو پيار بہ زنده رهي ٿو. ناول جي آخر ۾ پڄاڻي وارو باب

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(Epilogue) بہ آهي. انهي ۾ پين جنگ عظيم دوران هڪ جنگ جي محاذ جو منظر آهي. فوجين سان هڪ ڏوہڻ طور ڪم ڪندڙ تانيا هڪ ميجر جنرل زواگو سان ملي ٿي ۽ کيس هڪ يتيم طور پنهنجي ڏکي زندگي جو داستان ٻڌائي ٿي. هو سمجهي وڃي ٿو تہ هوءَ ڪير آهي ۽ هن سان واعدو ڪري ٿو تہ هو کيس ڪاليج موڪليندو ۽ سدائين اچي يوريءَ جي ڪنهن مشڪل مسئلي ۾ مدد ڪري ٿو. پر هو حقيقت ۾ صوفياٽي اهميت وارو ڪردار آهي. هن جي حيثيت حقيقي بہ آهي تہ علامتي بہ هو يوري جي موت کان پوءِ هن جو روح بہ آهي ۽ هن جو نگهبان فرشتو بہ آهي ۽ انهي ڳالهہ کي سمجهندي يوري گهٽي وقت تائين سندس ڪردار (Role) بابت مونجهاري جو شڪار رهي ٿو. موت زندگي لاءِ مدد ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ پر آخر ۾ جيئن اسين لارا جي واتان ٻڌون ٿا. اهي ٻئي ڳجهارت پيچي ونن ٿا چاڪاڻ تہ انهن اها گذاري ۽ بسر ڪئي آهي. انهن ماءُ پيءُ، گهر، ڪٽنب نوڪريون، سامان، سک آرام ۽ تحفظ سڀ ڪجهہ وڃائي ڇڏيو آهي ۽ هتين خالي ۽ بي گهر ۽ اڪيلا ٿي پيا آهن. پر انهن مرڻ ڪنڊي تي پهچي پاڻ کان سواءِ سڀ ڪجهہ وڃائي گهري ۽ پائدار محبت حاصل ڪئي آهي.

اسان جي نظر ۾ اهو ئي هن عظيم ناول جو جوهر ۽ تت آهي ۽ اتان اها وڏي اميد ڦٽي نڪري ٿي تہ روسي ماڻهو ڪنهن ڏينهن پنهنجين پيڙائن ۽ ڏکن جي سبب ئي پنهنجين شاندار صلاحيتن کي اڳي کان وڌيڪ مڪمل نموني ڪتب آڻي سگهندا ۽ جيڪا ميڻ بتي انهن ۾ اجا بہ ٻري رهي آهي اها اجا وسيع ۽ طاقتور روشني ڏيندي.

ڊاڪٽر زواگو هڪ ٻئي خيال کي بہ تحرڪ ڏنو آهي. اهو ايترو اهم آهي جو اهو هتي بيان ڪري ڇڏڻ گهرجي. اسان مان ڪيترائي ماڻهو اهو سوال پڇي سگهن ٿا: ”مون کي زندگي مان ڇا ٿو گهرجي؟“ پر پاسترناڪ اسان کي ٻڌائي ٿو تہ سوال ابتو ڪري پڇڻ گهرجي. زندگي مون کان ڇا ٿي گهري

ختم شد

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



محمد احمد منصور عباسي لاڙڪاڻي جي رحمت پور محلي ۾ ڄائو. سندس پيءُ صفي الله عباسي اتي پائليٽ هاءِ اسڪول ۾ استاد هو. سرڪاري رڪارڊ موجب سندس پيدائش جي تاريخ 14- آڪٽوبر 1974ع آهي هو پرائمري ٽئين درجي تائين لاڙڪاڻي جي پي.سي.اسڪول ۾ پڙهيو پوءِ هو هالا جي پرسان هڪ ننڍڙي ڳوٺ منصوره لڏي ويا. اتي پنج سال ديني مدرسي ۾ پڙهي تعليمي بورڊ حيدرآباد مان مولوي (عربي) جي سَنَدَ ورتائين. مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول منصوره مان 1990ع ۾ پاس ڪيائين. انٽر پري انجنيئرنگ گورنمينٽ ڪاليج نوابشاهه مان 1992ع ۾ ڏنائين ۽ بي.اي ۽ ايم.اي جا امتحان خانگي اميدوار طور گورنمينٽ سروري اسلاميه ڊگري ڪاليج هالا مان 1996ع ۽ 1998ع ۾ ڏنائين وري گورنمينٽ ڪاليج آف ايجوڪيشن سکر مان 2001ع ۾ ايم.ايڊ جي ڊگري پڻ ورتائين

سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن طرفان ليڪچرار سنڌي چونڊجي 1- آگسٽ 2002ع تي سنڌ جي تعليم کاتي جي ڪاليجيئيٽ برانچ ۾ نوڪري ۾ گهڙيو.

سندس پاران انگريزيءَ مان سنڌي ۾ ترجمو ڪيل ڪتابن جو وچور هيٺ ڏجي ٿو:

| | | | |
|---|---|---|---|
| .1 | تهذيبن جي عالمي تاريخ | ايڊورڊ ميڪ نيل برنس ۽ فلپ رالف | سنڌيڪا |
| .2 | اسلام ۽ جديد مغرب | اي.ڪي بروهي | سنڌيڪا |
| .3 | ابتدائي تعليم جي سکيا | مائيڪل ايل هينيگر | سنڌيڪا |
| .4 | روحاني خوشيون ۽ ڪاميابي | بورس پوزي ۽ اسٽيفن وليمز | سنڌيڪا |
| .5 | تهذيب جو سفر | ايلسا قاضي | سنڌي ادبي بورڊ |
| .6 | منهنجي شروعاتي زندگي | ونسٽن چرچل | سنڌي ادبي بورڊ |
| .7 | عظيم سائنسدان | گرو ولسن | سنڌي ادبي بورڊ |
| .8 | مختصر عالمي تاريخ | ايف.جي.پئرس | روشني |
| .9 | اقبال | مستنصر مير | ڇپائي هيٺ |
| .10 | مختصر اسلامي تاريخ | پروفيسر برناردليوس | ترجمو مڪمل |

- ادارو

sindhsalamat.com Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro. books.sindhsalamat.com